ABC
CERTIFIED

سهراڻ

محمد ابراهيم جويو خاص نمبر 3-2014/4ع

سنڌي ادبي بورڊ

واسينگن جي واتَ، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٿيا ڪاتَ، هلندي حبيبين ڏي.

(شيخ ايار)



محمد ابراهيم جويو

نندي ڪنڊ جو ڏاهو، اديب ۽ مفڪر

ولادت: 13- آگسٽ 1915ع

ABC CERTIFIED

تماڻي

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 64 | محمد ابراهيم جويو خاص نمبر 2014ع | نمبر 3-4

سرپرست

مخدوم جميل الزمان

صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

الهڏتو وگهيو

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

ثمينہ ميمڻ

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو، سنڌ

تماڻي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، سنڌ.

The "**Mehran**", Quarterly
Vol: 64, No 4-3/2014
(Established in 1955)

* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.
* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.
* Published by *SINDHI ADABI BOARD*

محمد ابراهيم جويو جي
صد سالہ جشن تي خاص اشاعت

• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
سالياڻو چندو: چار سؤ رپيا فون نمبر: 022-2633679 هن خاص نمبر جي قيمت ڇهه سؤ رپيا

Printed and Published by Allah Ditto Wighio, Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro, from Sindhica Academy, Karachi.

پيغام



سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن شپ سنبالڻ کان پوءِ، مون اهو عزم ڪيو هو ته بورڊ کي نئين سر فعال ڪرڻ لاءِ سنڌ جي نامور سنڌي ليجنڈ ادیبن، شاعرن، دانشورن، سگهڙن، محققن، استادن، تاريخدانن ۽ فنونِ لطيفه سان لاڳاپيل سمورن فردن سان ميٽنگ ڪري، سندن مشورن ۽ رهنمائيءَ جي روشنيءَ ۾ ڪي وقتائتا قدم کنيا ويندا ۽ اهڙن ليجنڈ فردن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ خاص ڪتاب ۽ ٽماهي "مهراڻ" جا خصوصي شمارا پڌرا ڪيا ويندا. اها زندهه قومن جي سڃاڻپ هوندي آهي ته اها قوم پنهنجي ليجنڈ هيرن کي زندگيءَ ۾ ئي مڃتا ڏيندي آهي.

اسان پنهنجين اهڙين نيڪ خواهشن تي عمل ڪندي بورڊ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور دانشور، اديب، ۽ فڪري استاد، سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي ڪيل علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن کي ساراهيندي "مهراڻ خاص نمبر" پڌري ڪرڻ جا اهتمام ڪيا آهن. هونئن ته اسان اڳ ۾ لاڳاتو ڪري ويل ليجنڈ شخصيتن تي خاص نمبر پڌرا ڪيا آهن، پر هن پيري اسان جويي صاحب جي شخصيت کي زندگيءَ ۾ ئي مانُ ڏيڻ لاءِ هن سال 2014ع جي سالگرهه واري سال جي مناسبت سان هيءُ نمبر پڌرو ڪري، هڪ نئين روايت جو بنياد رکيو آهي. ان لاءِ بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر الهڏتي وگهيي صاحب سميت مهراڻ جي انچارج ايڊيٽر محترمه ثمينه ميمڻ کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن ٿوري وقت ۾ هيءُ ياري ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ ۾ سرانجام ڏنو آهي.

جويي صاحب جو بورڊ سان لاڳاپو هڪ "شفيق والدين" وارو رهيو آهي، هُو 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي قيام کان وٺي اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن لحاظ سان سلهاڙيل رهيا آهن، سندن نگراني ۾ بورڊ جا وڏا وڏا علمي ادبي پراجيڪٽ تيار ٿيا ۽ اُهي سندن ئي نگراني ۾ مڪمل ٿيا. سچي ڳالهه اها آهي ته جويو صاحب تمام وڏو ماڻهو آهي، هن سموري زندگي سنڌ، سنڌي ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن کي ڏني آهي. هُو سنڌ جي پراڻي ۽ نئين ٽهيءَ جي شعور جو فڪري استاد ۽ رهبر آهي. "مهراڻ" جو هيءُ خاص نمبر پڌرو ڪري اسان دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

مخدوم جميل الزمان 'جميل'

وزير ريونيو ڪاتو، حڪومت سنڌ

چيئرمن

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو



شڪريه ادائي

الله رب العزت جا لک لک احسان ۽ ڪرم آهن، جو بورڊ جي پهرئين سيڪريٽري ۽ اسان جي مربي ۽ مشفق سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي مڙني علمي، ادبي، تعليمي خدمتن کي سندن حياتيءَ ۾ ئي عزت بخشڻ لاءِ بورڊ طرفان "مهراڻ خاص نمبر" جو اهتمام ڪيو ويو آهي. هن سموري ڪم جو ڪريڈٽ بورڊ جي هردلعزيز چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن ڏانهن وڃي ٿو، جن جي خاص دلچسپيءَ سبب هن ڪم جو سعيو ٿي سگهيو آهي. مان سنڌ جي انهن معزز اديبن، اسڪالرن، عالمن، شاعرن ۽ ٻين دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن اسان جي گذارش کي مانُ ڏيندي جويي صاحب جي گهڻ پهلوئي شخصيت تي پنهنجون نڪور لکڻيون تيار ڪري ڏنيون. مان جويو صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن هن نمبر جي مواد فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڏوهٽي محترم محسن علي جويي کي بورڊ سان رابطي ۾ رهڻ جون هدايتون ڏنيون، جنهن پوري ذميواريءَ سان سهڪار ڪيو. هن سموري ٽيم ورڪ ۾ بورڊ جي انتظامي سربراهن کان وٺي ڪارڪنن تائين، چيئرمن کان وٺي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر صاحبان تائين سمورن ساٿين جو گڏيل سهڪار ۽ ساٿ شامل آهي، سيڪريٽري جي حيثيت ۾ آءٌ پوري ٽيم جو تهه دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن مشڪل وقت ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي. مهراڻ جي سرورق ناهڻ لاءِ سينئر آرٽسٽ محترم سعيد منگيءَ جو پڻ ادارو ٿورائتو آهي.

"مهراڻ محمد ابراهيم جويو خاص نمبر" اسان جي خاص دلچسپيءَ سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، ان لاءِ رسالي جي ايڊيٽر محترمه ثمينه ميمڻ ۽ معاونت ڪندڙ محترم دين محمد ڪلهوڙو مبارڪن جا بيشڪ مستحق آهن، جن جو هن نمبر کي سهڻي ۽ ديده زيب بنائڻ ۾ وڏو ڪردار آهي.

الهڈتو وگهيو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

سِتاءُ

پيغام - مخدوم جميل الزمان (چيئرمن)

- جناب الهڏتو وگهيو (سيڪريٽري)

گذارش - ثمينہ ميمڻ (ايڊيٽر انچارج)

- محمد ابراهيم جويو- تعارف علمي، ادبي ۽ قومي خدمتون 11

- تاج جويو

مقالا، مضمون، تاثر، ليک...

- محمد ابراهيم جويو ولد محمد ميان محمد خان جويو

- جي .ايم سيد 23

- محمد ابراهيم جويو: ويهين صديءَ جو وڏو ودوان

- ڊاڪٽر غلام علي الانا 26

- جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري!

- شيخ اياز 39

- محمد ابراهيم جويو

- سوپو گيانچنداڻي 43

- گهٽ- ڇاٽو ۽ گهٽ- ڳٽو استاد

- رسول بخش پليجو 45

- ڪو ڪو ماڻهو، موتيءَ داڻو

- سراج ميمڻ 48

- محمد ابراهيم جويو

- غلام رباني آگرو 54

- سنڌ جو محسن

- عبدالواحد آريسر 57

- محمد ابراهيم جويو: سنڌ جي تاريخ

- مظهرالحق صديقي 58

- محمد ابراهيم جويو- نئين سنڌ جو معمار

- مهتاب اڪبر راشدي 60

- ادبي جاڳرتا جو سرواڻ

- فقير محمد لاشاري 64

- سائين محمد ابراهيم جويو: ڪجهہ ڳالهيون

- غلام محمد لاکو 68

- اسان جو هردلعزيز رهنما: محمد ابراهيم جويو

- ماهتاب محبوب 74

- ترقي پسند ادب جو مينار

- تاجل بيوس 76

- جيئي جويو.....

- زيب سنڌي 78

- محمد ابراهيم جويي جي پارت ياترا

- گوبند مالهي 80

- اديب، استاد ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو

- ڊاڪٽر محمد لائق زرداري 81

- تاريخ ساز شخصيت، تاريخ جي آئيني ۾

- پروفيسر سليم ميمڻ 83

- ادب، هوليءَ ۽ تعليم جو فڪري محافظ

- جامي چانڊيو 86

- محمد ابراهيم جويو ۽ هڪ صديءَ جي ويڑهہ

- مدد علي سنڌي 94

- جويو- من موهيو!

- ولي رام ولپ 98

- محمد ابراهيم جويو ۽ سندس خوابن واري سنڌ

- پروفيسر اعجاز قريشي 103

- جويي جي ڏيکاريل نئين شعوري راهه

- بيدل مسرور 110

- محمد ابراهيم جويو- هڪ علمي شخصيت

- ڊاڪٽر نورافروز خواجه 112

- جل جل مشعل جل

- ڊاڪٽر تهمينه مفتي 117

- بهار جي جهوٽي جهڙو انسان

- اعجاز منگي 132

- محمد ابراهيم جويو: سنڌ جو تن، من ۽ ڌن

- عبدالغفور لستي 135

- نئين سنڌ ۾ روشن خيالي ۽ جو فڪري امام

- ادل سومرو 141

- هڪ صديءَ جو پڙاڏو: محمد ابراهيم جويو

- شرميلا فاروقي 147

- سنڌ جو محافظ- محمد ابراهيم جويو

- نظر محمد گاهو 149

- سوشلسٽ مفڪر

- سيّد مظهر جميل

سنڌيڪار: عبدالمجيد پنهور 150

- آ ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه مڙيا

- اشتياق انصاري 151

- هڪ انسان ساز شخصيت

- هدايت بلوچ 153

- پهاڙ جيڏو حوصلو رکندڙ

- نياز پنهور 155

- ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي ڪشش ۾ ويڙهيل محمد ابراهيم جويو

- شبنم گل 156

- هُو نقش پا- مان خاڪ پا

- نصير مرزا 160

- چگّا چند چئج، سنيها کي سڃٽين

- علي آڪاش 166

- سنڌ جي ڏاهپ جو هڪ صديءَ جو سفر

- سحر گل 171

- محمد ابراهيم جويو- جديد فڪر جو حقيقي پرچارڪ ۽ رکوالو

- پائو درمحمد هرڙو 175

- محمد ابراهيم جويو- علمي مرتبو، ادبي اثاثو

- ڊاڪٽر آزاد قاضي 179

- ادب جو آسمان

- گلبدن جاويد 231

- "فخرِ سنڌ" جو خطاب ماڻيندڙ هڪ آدرشي انسان

- دين محمد ڪلهوڙو 233

- کي ماڻهو تاريخ ٽين ٽا

- اڪبر سومرو 242

- سائين محمد ابراهيم جويو: پريم ۽ اڻپنا

- محسن جويو 245

- محمد ابراهيم جويو (ڪجهه ساروٽيون)

- يوسف سنڌي 249

- سنڌ کي شعور جي روشني ڏيندڙ سج- محمد ابراهيم جويو

- رکيل مورائي 256

- صديءَ سانديو ساهه

- مخدوم سليم الله صديقي 259

- رتيءَ جي رهاڻ

- محمد علي ڊيپلائي 263

- هڪ صديءَ جو تمام وڏو ماڻهو

- مهتاب اڪبر راشدي

سنڌيڪار: عبدالمجيد پنهور 269

- سنڌ بچايو- ڪنڌ بچايو- هڪ تحرڪ هڪ اڳڪٿي (تبصرو)
- پروفيسر سليم ميمڻ 272
- آسرو آهي ڪاهوڙين کي پنڌ جو
- گل ڪوندر 275
- بابا، آءٌ ۽ منهنجا احساس
- نيلوفر جويو 277
- ڪوهه همالیه- محمد ابراهيم جويو!
- فهيم نوناري 279
- محمد ابراهيم جويي جون صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خلمتن جو مختصر تحقيقي جائزو
- الطاف حسين جوڪيو 281
- محمد ابراهيم جويو
- ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي 304
- سنڌ جو ڏاهو ۽ ڏات ڏٽي محمد ابراهيم جويو
- موتي رام .ايس موراڻي 302
- نئين سنڌ جو اڏيندڙ- محمد ابراهيم جويو
- ڊاڪٽر مخمور بخاري 306
- محمد ابراهيم جويو- هڪڙو اَملهه موتيءَ داڻو
- ميرزا فياض علي بيگ 309
- محمد ابراهيم جويي سان ٽيل هڪ ملاقات
- ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 313
- ساهت ۽ ڏاهپ جو ڏيئو- محمد ابراهيم جويو
- رسول بخش گچيراڻي 315
- سنڌي پرائمري نصاب ۽ سيڪريٽري محمد ابراهيم جويو
- استاد لغاري 323
- ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا- محمد ابراهيم جويو ۽ پير حسام الدين راشدي
- امام راشدي 327
- محمد ابراهيم جويو صاحب
- سليم چنا 330
- سائين محمد ابراهيم جويو
- نورمحمد شاهه 335
- منهنجي زندگي ۽ بابا سائين
- محسن جويو 340
- محمد ابراهيم جويو- سنڌ جو فڪري استاد
- سنگرام 344
- پُروقار شخصيت- سائين محمد ابراهيم جويو
- پروفيسر سليم سهتو 350
- واءُ ۾ ڪا ڳالهڙي آڻ ڪهي
- شيخ مونس اياز 351
- ايڪ قصه در لڪ
- ريحانه نظير 354
- 'شاهه سچل ۽ سامي'- هڪ مطالعو
- ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ڪهڙو 357
- محمد ابراهيم جويو: منهنجو ماما
- مهرالنساء جويو 359
- ڪرانتڪار جويو
- حسين مسرت 364
- ون يونٽ تحريڪ ۾ ابراهيم جوئي جو ڪردار
- مولائي ملاح 368
- ترقي پسند ادب ۽ تحريڪ جو سرواڻ محمد ابراهيم جويو 371
- آزاد انور ڪانڊڙو
- محمد ابراهيم جويي جي انساني "روزي جي ماني" مان روشن خيال فڪر جو اپياس
- نواب ڪاڪا 374
- سنڌ جو عظيم مفڪر ۽ ڏاهو
- زمر محبوب 378

- سنڌ جي جديد ادب جو امام
- فقير محمد ديول 379
- سائين محمد ابراهيم جويو ماڻهو موتيءَ داڻو
- محمد کامل "امداد" جتوئي 382
- فکري رهبر
- اختر حفيظ 384

محمد ابراهيم جويي جون چونڊ تحريرون

- سيو سنڌ سيو دي کانتيننٽ (مهاڳ) 389
- ٽ ماهي "مهراڻ" 1955ع ۽ 1956ع ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جا لکيل ايڊيٽوريل 396
- ٻوليءَ جو بچاءُ (مضمون) 420
- کلچر جي بقا، ٻولي ۽ ڌرتي (مضمون) 428
- جويي صاحب جا چونڊ لکيل ايڊيٽوريل، مهاڳ ۽ مقدما 443
- سندم ساڻ ڏٺي، سائين جي.ايم.سيد 467
- سوپوگيانچنداڻي: سنڌ ۾ ترقي پسند فکر جو ساکي ۽ سرواڻ 470
- جويي صاحب جي "سيتا سنڌويون" ۾ تقرير جو اپياس 472
- جهولي لال سلور جوبلي انڊيا ۾ جويي صاحب جا وندڀل ويچار 473
- سائين دادا رام پنجواڻي 475
- 'سپُون' جي خاص شيخ اياز نمبر ظاهر ڪرڻ وقت ابراهيم جويي جي کيل تقرير 477

محمد ابراهيم جويي صاحب جا ڪجهه انٽرويو

- صديءَ جو سفر: سائڪو سٽ پاران کيل تفصيلي گفتگو 481
- ڪي.ٽي.اين نيوز چئنل "عوام آڏو، پروگرام ۾ رکارڊ کيل انٽرويو
انٽرويو ونندڙ: نياز پنهور 507
- هڪ دور سان ڪچهري
انٽرويو ونندڙ: نصير مرزا 513
- سنڌ جي ڏاهي اديب، دانشور ۽ مفڪر محمد ابراهيم جوئي سان کيل ڳالهه ٻولهه (پئنل انٽرويو) 517
- ڪراچيءَ ۾ محمد ابراهيم جوئي جي 99هين سالگره تي ٽيل مرڪزي تقريب (رپورٽ) 521
- قومي جذبي سان اڳيرو ڪردار (رپورٽ) 523
- نديم پنهور

خط

- محمد ابراهيم جويي جو ونيءَ ڏانهن لکيل خط 527
- محمد ابراهيم جوئي ۽ سائين جي.ايم.سيد جا هڪٻئي ڏانهن لکيل خط 529
- سنڌ ۽ هند جي اديبن جا سائين جوئي صاحب ڏانهن لکيل ڪجهه خطن جا عڪس 537
- محمد ابراهيم جوئي جو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سنڌي ۾ لکيل ڪُليل خط 565

محمد ابراهيم جوئي کي منظوم پيغام

- امداد حسيني 571
- زيب نظاماڻي- غلام محمد غازي 573
- علي آڪاش 575
- محمد يوسف جويو 576
- محمد ايوب جوٽيجو 578
- محبوب علي "محبوب" ڊيپر 579
- ڪامل "امداد" جتوئي 580

بسم الله الرحمن الرحيم

سوچ -لوچ

"فخرِ سنڌ" کي پيغام:

سنڌ ۾ ڪُنهنجي اهڙي جيجل، جهڙي جيجل آنءُ،
جي تون پنهنجي پُونءِ چُمندين، هُرندءِ مون لاءِ هانءُ.
(شيخ اياز)

شيخ اياز جو هيءُ دوهو 'فخرِ سنڌ' سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي شخصيت تي بنهه ٺهڪي اچي ٿو. جويي صاحب جي جيجل امڙ 'سنڌ' آهي ۽ جويو صاحب ساري حياتي سنڌ امڙ جي سڪ ۽ اُن جي خوشحاليءَ، آسودگيءَ ۽ خودمختياريءَ لاءِ جاکوڙيندو ۽ جهيڙيندو رهيو آهي، توڙي جو جويو صاحب، جسماني طرح هن وقت ڪافي ضعيف ٿي چڪو آهي، پر سندن جذبا ۽ همٿون، جوانن کان به جوان آهن، هُو ڪڏهن به هٿ تي هٿ ڏئي همٿ هاري، هڪ هنڌ ويٺو نه آهي، پر تقريرن ۽ تحريرن ذريعي عملي جدوجهد ۾ هر وقت جُنبيل رهيو آهي.

جويي صاحب کي سنڌ ۾ جديد سائنسي نظرين، تصورن ۽ خيالن کي پيش ڪرڻ جو باني ۽ پرچارڪ سڏيو وڃي ٿو. هن پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ، پنهنجن مؤقفن کي سائنسي بنيادن تي بنا ڪنهن، رک رکاءَ جي، چٽيءَ طرح مختلف پليٽفارمن تي پيش ڪندو ۽ ورجائيندو رهيو آهي. موٽ ۾ رياست ۽ اُن سان هر وقت سَن مُک رهندڙ مذهبي پيشوائن طرفان کين طرح طرح جا لقب القاب به ملندا رهيا آهن، پر پاڻ ڪڏهن به سنڌ جي غير مشروط ۽ والهانه محبت جي ڪري، انهن جي تردید يا وضاحت نه ڪئي، اڄ سنڌ ۾ جيڪا جديد علمن جي شعور جي باک ڦُٽي آهي ۽ مثبت تبديلي آئي آهي، تہ اُن ۾ به سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو وڏو هٿ آهي.

جويي صاحب جي فڪر جو محور فقط سنڌ آهي، چو تہ سنڌ، سندس جيجل ماءُ آهي، ۽ جيڪو سنڌ کي ورهائڻ يا اُن تي ميري اک رکي ٿو، اهو جويي صاحب جو پهريون ۽ وڏي ۾ وڏو خطرناڪ دشمن آهي. اڄ جڏهن سنڌ تمام نازڪ صورتحال مان گذري رهي آهي ۽ ڪي سنڌ دشمن سازشي ذريون، سنڌ جي سالميت خلاف پنهنجو هاڃيڪار ڪردار، نهايت تيزيءَ سان ادا ڪري رهيون آهن، تہ جويو صاحب جي تحريرن ۽ تقريرن ۾ به تيزي ۽ تلخي آئي آهي. هُو سنڌ دشمن قوتن خلاف سراپا مزاحمتي اهڃاڻ بڻجي اُڀري ٿيو آهي ۽ سنڌ جي حقيقي سپوتن کي ويچا وساري پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيئي رهيو آهي.

سائين محمد ابراهيم جويو، انهن مثالي شخصيتن مان هڪ آهي، جن جي پنهنجي وطن، قوم، ٻولي، ادب، تاريخ سميت پوري ثقافتي سفر کي هر وقت ضرورت هوندي آهي. سنڌ کي جويي صاحب جهڙن فڪري استادن ۽ حلالي فرزندن جي ضرورت آهي، جيڪي فقط ۽ فقط پنهنجي قوم ۽ وطن جي يلائيءَ ۽ سربلنديءَ لاءِ هر وقت پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندا رهن ۽ پنهنجي عملي جدوجهد ۽ فڪري تاثير ذريعي پنهنجي قوم جي ذهني ۽ شعوري آبياري ڪندا رهن. جويي صاحب پنهنجي قوم جي نئين

توڙي پراڻي ٿهيءَ تي تمام گهرا ۽ اٽمٽ اثر ڇڏيا آهن جن جي تاثير جو پڙلاءُ صدين تائين گونجندو رهندو.

ڏسون ٿا ته اسان کي جويي صاحب جو ڪر، مختلف شعبن ۾ پکڙيل نظر ايندو. سندن چاپ، ادب، سياست، سماج، صحافت، درس و تدريس ۽ تعليم جهڙن شعبن تي نهايت نمايان ۽ گهري رهي آهي. جويو صاحب هڪ سٺو منتظم ۽ سٺو ايڊيٽر آهي. جويي صاحب، سنڌ ۾ تمام سٺا ادارا ٺاهيا ۽ هلايا آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ٺاهڻ ۾ جويي صاحب جو بنيادي ۽ ڪليدي ڪردار رهيو ۽ پاڻ اتي سيڪريٽري ۽ چيئرمن طور به فرض سرانجام ڏنا. انهن سڀني يونٽن ۾ جويي صاحب جو ڪردار مثالي رهيو آهي.

جويو صاحب، سٺو نثرنگار ۽ سٺو مترجم آهي. جويي صاحب، انگريزي ادب مان چونڊ ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي ادب کي مالامال ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ترجمي جي فن ۽ معيار جي حوالي سان جويي صاحب جي ترجمن جي هاڪ سنڌ سميت هند ۾ به پکڙيل آهي. سندس ترجمو، سليس ۽ آسان فهم آهي. ڪامياب ترجمو اهو هوندو آهي، جيڪو ڌاري ٻوليءَ جو نه بلڪ اصلوڪو لڳي. جويي صاحب جا ڪيل ترجما، هوبهو سنڌي ٻوليءَ جا اصلوڪا فن پارا محسوس ٿين ٿا.

"مهراڻ محمد ابراهيم جويو خاص نمبر":

سنڌ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ عالمن، اديبن، ڏاهن، جويي صاحب جي فڪري شاگردن ۽ علم دوستن طرفان 13- آگسٽ 2014ع کان 13- آگسٽ 2015ع تائين واري عرصي کي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي حوالي سان "صد سالہ جشن سالگرہ" طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسيلر جناب مظهرالحق صديقيءَ کي انهيءَ ڪميٽيءَ جو چيئرمن ۽ شاهہ عبداللطيف يٽائي چيئر ڪراچيءَ جي ڊائريڪٽر پروفيسر سليم ميمڻ کي سيڪريٽري ۽ هيٺين ماڻهن کي ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي:

محترم مهتاب اڪبر راشدي، محترم سيّد مظهر جميل، ڊاڪٽر فهميده حسين، منظور احمد قناصرو، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، محترم جامي چانڊيو، ڊاڪٽر مشتاق ڏل، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، محترم محمد احمد شاهہ، محترم شوڪت حسين شورو، محترم شمس جعفراڻي، محترم ذوالفقار هاليپوٽو، محترم رفيق احمد جعفري، محترم نصير مرزا، محترم الهڏتو وگهيو، ڊاڪٽر سيد جعفر احمد، محترم تاج جويو، ڊاڪٽر عرفانہ ملاح، محترمہ امر سنڌو، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، محترم مدد علي سنڌي، محترم مسلم شميم، پروفيسر انيس زيدي، ڊاڪٽر ادل سومرو، محترم ايار گل، ڊاڪٽر ناهيد پروين، ڊاڪٽر امجد سراج، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ۽ محترم محسن جويو. هن ڪميٽيءَ جو جشن سالگره پروگرام ڪراچيءَ ۾ تاريخ 13- آگسٽ 2004ع تي ٿيو. سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ جام شوري ۾ انجنيئر غلام عباس لغاريءَ جي ميزبانيءَ هيٺ 14- آڪٽوبر 2014ع تي "سنڌو منزل" ۾ سائين محمد ابراهيم جويي سان شام ملهائي وئي. لاڙڪاڻي ۾ جويي صاحب جي ڪتاب 'سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو' جي مهورتي تقريب پڻ ڪوٺائي وئي ۽ هين شهرن ۾ به تقريبون ٿيون، قنبر ۾ به جويي صاحب جي فڪري شاگرد پائو درمحمد هرڙي پنهنجي دوستن ۽ جويي صاحب جي فڪري شاگردن کي گڏ ڪري سالگره ملهائي. 5- ڊسمبر 2014ع تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ پاران حيدرآباد ۾ رٽيل سيمينار ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جي ڪتاب 'سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو' جي مهورت پڻ ٿي.

ڪامريڊ سوپوگيانچنداڻي پرلوڪ پڌاري ويو:



8- ڊسمبر 2014ع تي نندي ڪنڊ جو ڏاهو ۽ سائين جويي صاحب جو نندپٽ جو گهرو ساڻي ۽ پڳ مٽ يار، ڪامريڊ سوپوگيانچنداڻي 95 ورهين جي ڄمار ۾ چانڊڪا اسپتال لاڑڪاڻي ۾ ديهانت ڪري ويو. سندن وارثن جي چوڻ مطابق، ڪامريڊ صبح جو چانهه پيئڻ کان پوءِ ڪرسيءَ تان اُڇندي ٽاپڙجي ڪِري پيو، مٿي ۾ ڪيس ڏڪ لڳو. ڪامريڊ کي هڪدم چانڊڪا اسپتال نيو ويو، جتي ڊاڪٽرن سندن ديهانت ڪري وڃڻ جي تصديق ڪئي. 14- ڊسمبر تي ڪامريڊ جون استيون ٻلهڙيجي پتڻ ۾ سنڌو درياءَ حوالي ڪيون ويون. ڪامريڊ سوپو پنهنجي پنڌيان هڪ پٽ نرملداس 2 نياڻيون، 2 نُنهون- ايبوڪيٽ ڪلپنا ديوي ۽ ريکا، سوهڳوار ڇڏيون. ڪامريڊ کي ڪلپنا ديويءَ جو پتي، ڊاڪٽر ڪنعيا لعل، نالي ۽ فرزند هو جيڪو جوانيءَ ۾ ئي پرلوڪ پڌاري ويو هو.

ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي 3- مئي 1920ع ۾ لاڑڪاڻي ضلعي جي تعلقي ڏوکري جي ڳوٺ ٻندبيءَ ۾ ڄائو. سندن وڏا اصل ڪنڊياري جا ويڙل هئا. گيانچند سندن وڏو ڏاڏو هو، جنهن جي نالي پٺيان "گيانچنداڻي" سڏيا ويا. ڪامريڊ سوپي ابتدائي تعليم پنهنجي پر واري ڳوٺ بگيءَ مان حاصل ڪئي، بمبئيءَ مان ميٽرڪ ڪري، اين.جي.وي ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽر سائنس ڪئي، هن پوءِ بي.اي جي ڊگري شانتي نيڪيتن ڪلڪتہ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. جواني ۾ ڪجهه عرصو قنبر ۾ رهيو ۽ اتي هندو ٻارڻن کي رامائڻ سميت ٻيا ڏرمي پستڪ پڙهائيندو هو. نندي ڪنڊ جي مشهور ليکڪ رائبندر ناٿ ٽئگور، ڪامريڊ سوپي کي "مين آف دي موهن جو دڙو" جي نالي سان سڏيو.

ڪامريڊ سوپي جي ديهانت ڪري وڃڻ کان پوءِ، سنڌ جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ حلقن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي. سنڌي ادبي سنگت 7 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو. ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ جو وڇوڙو سنڌ جو وڏو نقصان آهي، ڪامريڊ جو سياسي طرح تعلق ڪميونسٽ پارٽيءَ سان هو. هن سنڌ ۾ عوام دوست سياست جي لاڙن کي متعارف ڪرائڻ ۾ ڪوششون ورتيون.

ڪامريڊ سوپوگيانچنداڻي، سائين محمد ابراهيم جويي وانگر هميشہ سنڌ جي خوشحالي ۽ خودمختياريءَ جي ڳالهه ڪندو رهيو. ڪامريڊ سوپو پهريون سنڌي ماڻهو هو، جنهن جويي صاحب جي ڪتاب 'Save Sindh, Save the Continent' جي زبردست حمايت ڪئي ۽ هند- سنڌ جي ورهاڱي کي نہ رڳو هن خطي لاءِ هاڃيڪار قرار ڏنو، بلڪ پوري نندي ڪنڊ لاءِ وڏو خطرو پانيو، ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ ۽ جويي صاحب وانگر سنڌ امڙ کي پنهنجي جيجل ماءُ جو درجو ڏنو. اهوئي سبب آهي جو ورهاڱي کان پوءِ هن جا ٻيا ويجها رشتيدار ۽ ساڻي سنڌ ڇڏي، پارت هليا ويا، پر ڪامريڊ سوپو پنهنجي ماتر پومي "سنڌ امڙ" سان رشتو نہ ٽوڙيو ۽ لاڑڪاڻي ۾ ئي رهيو.

ڪامريڊ، ادب ۾ ۽ وڏو رول ادا ڪيو. هن لکڻ جي شروعات، 18 سالن جي ڄمار ۾ "28 رپيا" جي عنوان سان، ڪهاڻي لکڻ سان ڪئي. پنجن کان وڌيڪ سندن لکيل ڪتاب ڇپيا آهن. اردوءَ ۾ يادگيرين جو ڪتاب "ميري يادون کے چراغ" اڻڇپيل صورت ۾ پوئتان ڇڏيو.

شڪريه ادائي:

اسان کي نهايت دلي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جو "فخرِ سنڌ" سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي ڪيل مثالي ڪارنامن کي سندن ئي حياتيءَ ۾، مانُ بخشڻ لاءِ بورڊ طرفان "مهراڻ" جي خصوصي نمبر، پڌري ڪرڻ جو اهتمام ڪيو ويو آهي. جويي صاحب جي ڪيل پورهئي ۽ ڪر جي پڪيڙ وسيع آهي، انڪري اهڙي شخصيت لاءِ "پيڌا" جو ڪينواس بہ ايڏوئي وسيع ۽ ڪشادو هئڻ گهرجي. جويي صاحب ادارا ناهيا، فرد ناهيا ۽ سنڌ ۾ جديد سائنسي نظرين ۽ تصورن جي رجحان پيدا ڪرڻ سميت سنڌي سماج ۾ نوان رخ ۽ فڪري لاڙا متعارف ڪرائڻ ۾ وڏيون ڪوششون ورتيون، تنهنڪري هن شخصيت کي ميڙتا ڏيڻ لاءِ بہ اهڙا ئي وڏا اعزاز ۽ دادَ ملڻ گهرجن، پر بدقسمتيءَ سان اسان وٽ ايجان اهڙا قدر ۽ رويا جڙي نہ سگهيا آهن، فردن جي جهان ڇڏي وڃڻ کان پوءِ ئي انهن جو اصل مقام ۽ معيار متعين ڪيو ويندو آهي، پوءِ ئي انهن جا ڏاڙا، ورسيون، سالگراهون ۽ ڏينهن، وڏي اهتمام سان ملهايا ويندا آهن. پر اسان انهيءَ روايت کي ترڪ ڪري وڏي پئماني تي نہ سهي، ننڍي پئماني تي ئي سهي، هڪ نئين روايت جي ابتدا ڪري رهيا آهيون ۽ اها شروعات جويي صاحب جهڙي پُربهار ۽ وٽندڙ شخصيت کان ڪئي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان جن جويي صاحب جن کي نهايت مانائتي ۽ عزت پرئي نموني سان "پيڌا" ڏيڻ جا خصوصي احڪام جاري ڪيا هئا، جن تي عمل ڪندي بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر الهڏتي وگهئي صاحب جي نگرانيءَ ۾ "مهراڻ" جي خصوصي نمبر جو اجراء ٿي رهيو آهي. هن خصوصي نمبر جي تياريءَ ۾ سائين جويي صاحب جي ڏوهٽي محترمہ محسن جويي مواد ۽ تصويرن گڏ ڪري ڏيڻ ۾ هٿ وندايو آهي ۽ جويو صاحب جي قائم ڪيل صد سالگره جي جشن ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ جو مواد جي سلسلي ۾ پڻ سهڪار شامل رهيو ۽ گڏوگڏ جويي صاحب جي يارن، دوستن ۽ شاگردن بہ اداري سان سڻو سهڪار ڪيو آهي ۽ پنهنجون تحريرون لکي، اسان جي حوالي ڪيون آهن، جن کي اسان جيئن جو تيئن ساڀيءَ حالت ۾ ڇاپي رهيا آهيون. تحريرن ۾ لکندڙن جا پنهنجا ذاتي رايا ۽ نڪتہ نظر پيش ڪيل آهن، تنهنڪري اداري جو انهن جي راين سان متفق هجڻ ضروري نہ آهي. ادارو انهن سمورن مهربان دوستن جو شڪريو ڏيجي ٿو.

هن خصوصي نمبر جي تياريءَ جي ابتدائي مرحلن کان ڇپائيءَ جي آخرين مرحلن تائين "مهراڻ" جي اڳوڻي ايڊيٽر دين محمد ڪلهوڙي جي معاونت شامل رهي آهي. ادارو سندس بيحد ٿورائتو آهي.

ثمينہ ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج)

محمد ابراهيم جويو نمبر

صد سالہ جشن تي خاص اشاعت

سورج پرج ساکَ، آءٌ نہ اُجھاٹو کڈھن،
منھنجيءَ لوئيءَ لاکَ، سدا ڳاڙھيءَ باک جِئن.

شيخ ايا

تصويري البم











سائين محمد ابراهيم جويو، سائين جي. ايم. سيد سان گڏ

سائين محمد ابراهيم جويو پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ (1948ع)

سائين محمد ابراهيم جويو، سائين جي. ايم. سيد، پير علي محمد راشديءَ سان
"حيدر منزل" ڪراچيءَ ۾ (1948ع)

سنڌي ادبي بورڊ جي عملي سان نڪتل يادگار تصوير
ساڄي کان ويٺل: محمد رمضان، عبدالجبار عباسي، غلام رباني آگرو، سائين محمد ابراهيم جويو،
مولانا غلام محمد گرامي، ميان علي بخش احمد زئي، محمد امين بلوچ،
بيٺل: ولي محمد طاهرزادو، ڪريم بخش، انورالدين جمالي، ابن حيات پنهور،
شوڪت حسين شورو، الهه بچايو يوسف زئي، ناشاد، نبي بخش ۽ ظفر مرزا (19 - آگسٽ 1967ع)

سائين ميران محمد شاهہ، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ مولانا غلام محمد گرامي
(سنڌي ادبي بورڊ 1967ع)

پہ دوست، پہ مهان شخصيتون
شيخ اياز ۽ سائين محمد ابراهيم جويو

سائين محمد ابراهيم جويو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ سوپو گيانچنداڻي



سائين محمد ابراهيم جويي جي اردوءَ جي نامور شاعر فيض احمد فيض
۽ ٻين اديبن سان گڏ هڪ يادگار تصوير

محمد عثمان ڏيپلائي، نجم عباسي ۽ سائين محمد ابراهيم جويو

سائين محمد ابراهيم جويو، جمال صديقي، شيخ اياز ۽ تنوير عباسي جي موهن جي دڙي تي نڪتل يادگار تصوير



نند جويري، ناڪر چاولا، محمد ابراهيم جويو،
گوبند مالهي ۽ هري موتواڻي (بمبئي 1946ع)



1985ع: انٽرنيشنل سچل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ سائين محمد ابراهيم جويو
رسول بخش پليجو، اياز گل ۽ نارائڻ پارتي

شيخ اياز، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ مدد علي سنڌي

سائين محمد ابراهيم جويو ۽ سنڌ جو نامور تاريخدان ايم. ايڇ پنهور

ساڄي کان ويٺل: غلام رباني آگرو، پير حسام الدين راشدي، ماهتاب محبوب،
رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ سائين محمد ابراهيم جويو
بيٺل: محبوب علي شيخ ۽ ڊاڪٽر خان محمد پنهور

مظهرالحق صديقي، سائين محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر انصاري، پروفيسر سليم ميمڻ، راڻا پڳواڻاس، مهتاب اڪبر راشدي، سلطانہ صديقي، ڊاڪٽر اديب رضوي، فهميده حسين، سيّد مظهر جميل ۽ محسن جويو

ساڃي کان:وليد شيخ ، تاج جويو، ومي سدا رنگاڻي، شبنم موتي، انهرا شبنم، ادل سومرو، محسن جويو، سائين محمد ابراهيم جويو، هيرونڪر، ذوالفقار هاليپوٽو ۽ پروفيسر سليم ميمڻ

1985ع: سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ سائين محمد ابراهيم جويو، شمشيرالحيدري، تاج جويو ۽ اياز گل

پارت جو اڳوڻو وزيراعظم آءِ. ڪي گجرال سائين محمد ابراهيم جويي کي اوارڊ ڏئي رهيو آهي

سائين محمد ابراهيم جويو ۽ سڪندرالزمان ميمڻ
سنڌ جي صورتحال تي ويچار وندبيندي

ايڊووڪيٽ محمد يوسف لغاري، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ محسن جويو

سائين محمد ابراهيم جويو پنهنجي رهائشگاهه تي سؤ سالہ سالگره جي موقعي تي.
ساڄي کان: اشتياق انصاري، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، جامي چانڊيو، نظير قاسمي
محسن جويو، تاج جويو، ناز سهتو، محمد يوسف لغاري، نياز پنهور،
شوڪت شورو ۽ شبنم گل موجود آهن (13- آگسٽ 2014ع)



صد سالا جشن ڪميٽي جي ميمبرن سان سائين محمد ابراهيم جويو جو نڪتل گروپ فوٽو
ساڄي کان: محسن جويو، تاج جويو، جامي چانڊيو، سيّد مظهر جميل،
ذوالفقار هاليپوٽو، مظهرالحق صديقي، نصير مرزا، ڊاڪٽر عرفانہ ملاح ۽ شوڪت حسين شورو

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪتاب "هاري انقلاب" جي مهورت
اسٽيج تي ويٺل: جامي چانڊيو، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ اظهر جتوئي



هڪ روزه ڪانفرنس ۾ سائين محمد ابراهيم جويي
جي ڪتاب "سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو" جي مهورت ڪئي پئي وڃي (5-12-2014)

محمد ابراهيم جويو

تعارف، علمي، ادبي ۽ قومي خدمتون

تاج جويو

(الف) تعارف:

نالو: محمد ابراهيم جويو

والد جو نالو: محمد خان جويو

والد جي ڪِرت: هاري

والد جي وفات: 1918ع ۾، پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي نتيجي ۾ پکڙيل وڏيءَ بيماريءَ دوران.

جنم جو هنڌ: ڳوٺ 'آباد' (لڳ تيرٿ لکي، هاڻي لکي شاهه صدر) تعلقو ڪوٽڙي، ضلعو دادو (هاڻي جام شورو)

جنم جو سال: 13 آگسٽ 1915ع

(ب) تعليم ۽ ملازمت جو ڪارڊ:

- پرائمري چار درجا سنڌي: گورنمينٽ پرائمري اسڪول 'آباد' ۾ پڙهيو.
- پنجون ۽ ڇهون درجو سنڌي: پرائمري اسڪول تيرٿ لکي (هاڻي لکي شاهه صدر) ۾ پڙهيو.
- 17 اپريل 1927ع تي سَن جي اي.وي اسڪول ۾ داخل ٿيو.
- پنجين کان ستين درجي تائين سنڌي ٽي درجا انگريزي: اي.وي اسڪول سَن ۾ پڙهيو.
- سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين 1930ع؛ جتي چوٿون، پنجون، ڇهون ۽ ستون درجو انگريزي پڙهيو، ان زماني ۾ ستون درجو مئٽرڪ شمار ٿيندو هو.
- مئٽرڪ، سنڌ مدرسي مان 1934ع ۾ پاس ڪيائين ۽ سڄي دادو ضلعي (تڏهن ڪراچي به دادو ضلعي ۾ هئي) ۾ ٻيو نمبر اچي، ويهه رپيا ماهوار، اسڪالر شپ حاصل ڪيائين.
- 1934ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ پهرئين سال' ۾ داخلا ورتائين، جتان 1938ع ۾ بي.اي پاس ڪيائين.
- اپريل، 1938ع ۾ ئي سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ 'اسسٽنٽ ماسٽر' طور مقرر ٿيو. ٻه سال پڙهائڻ بعد، 1940ع ۾، سنڌ مدرسي طرفان گورنمينٽ اي.ٽي. ڪاليج بمبئيءَ بي. ٽي. (B.T) پڙهڻ ويو.
- 1941ع ۾ بي.ٽي پاس ڪري موٽڻ بعد، سنڌ مدرسي ۾ موٽي اچي 'اسسٽنٽ ماسٽر' طور، 1947ع تائين پڙهايائين.
- جون 1947ع ۾، سنڌ مدرسي ۾ ملازمت دوران ڪتاب Save Sindh Save the Continent from Feudal lords, capitalists and their Communalisms لکڻ ڪري، سنڌ مدرسي بورڊ جي صدر (۽ سنڌ جي تڏهوڪي وزير تعليم) پير الاهي بخش سندس ملازمت ختم ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو.
- سيپٽمبر 1947ع جي آخر ۾، نئين ميونسپالٽيءَ جي چيئرمئن موليڊني عباسيءَ جي آڇ تي ميونسپل هاءِ اسڪول نئين جو هيڊ ماسٽر ٿيو ۽ ٻه سال اُتي 200 روپين ماهوار پگهار تي پڙهايائين.
- نئين ميونسپل هاءِ اسڪول، سرڪاري تحويل ۾ اچڻ بعد، 1 جون، 1949ع ۾، ٽيچرس ٽريننگ

ڪاليج فار مين، حيدرآباد ۾ (ويهه روپيا گهٽ پگهار سان) 'اسسٽنٽ ماسٽر' طور بدلي ٿي آيو، ۽ ٻه سال هتي رهيو.

- جولاءِ 1951ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان بدلي ٿي، ڪلاس II، گزيٽيڊ آفيسر طور، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊ سان، 'هاءِ پاوَر ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي فار سنڌي لٽريچر'، گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچيءَ جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين.
- مارچ 1954ع ۾، اُن ڪاميٽيءَ جي 'سنڌي ادبي بورڊ' ۾ نالي بدل سان، بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو، جتي 1961ع تائين جانفشانيءَ سان ڪم ڪيائين.
- سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريشپ دوران، ٻه سال 56-1955ع بورڊ جي ٽماهي رسالي 'مهراڻ' جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين، جتي جديد ادب جي وڏي سرپرستي ڪيائين. 'مهراڻ' جو هيءُ دور، يادگار دور ليکيو وڃي ٿو.
- فيبروري، 1961ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ سنڌ ايڊيوڪيشن سروس ڪلاس II جي عهدي تي واپس ٿيو ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن سنڌ، حيدرآباد ۾ 'پبليڪيشن آفيسر' ٿي رهيو.
- نومبر 1962ع ۾ ساڳئي عهدي سان او. ايس. ڊي (O.S.D) ويسٽ پاڪستان، ٽيڪسٽ بڪبورڊ، لاهور، مقرر ٿيو ۽ ڪجهه وقت تائين اُتي ڪم ڪيائين.
- مارچ، 1963ع ۾ او. ايس. ڊي پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ (ائٽ حيدرآباد) طور حيدرآباد، ڪراچيءَ ۽ ڪوئٽا ريجٽن لاءِ ڪم ڪيائين. ساڳئي سال ڪيس اضافي طور سنڌي ادبي بورڊ جي اعزازي سيڪريٽريءَ جون جوابداريون ڏنيون ويون، جنهن اعزازي عهدي تي ٻه 1963ع کان جولاءِ 1967ع تائين پنج سال رهيو.
- جولاءِ 1967ع ۾، 'اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو' مضمون، انگريزيءَ ۾، سليم احمد جي نالي ۾ لکيائين، جنهن تي ناراض ٿي، سرڪار کيس بدلي ڪري، گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيڪب آباد ۾ هيڊ ماسٽر ڪري رکيو.
- مارچ، 1968ع ۾ سرڪار جي مزيد ناراضگيءَ تي، بدلي ٿي، گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول ڪوهاٽ جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو، جتي لڳ ڀڳ ٻه سال رهيو.
- نومبر 1969ع ۾، ون يونٽ جي خاتمي جي فيصلي سان، واپس سنڌ ۾ رجسٽرار ڊپارٽمينٽل اگزامينيشنز، ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن سنڌ، حيدرآباد، مقرر ٿيو.
- سيپٽمبر 1970ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن (اسڪولس)، سنڌ، حيدرآباد ٿي رهيو.
- فيبروري 1971ع ۾، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو.
- سيپٽمبر 1971ع ۾ ئي انسپيڪٽر آف اسڪولس خيرپور ڊويزن، مقرر ٿيو ۽ جولاءِ 1972ع تي ان عهدي تي رهيو.
- سيپٽمبر 1972ع ۾ او. ايس. ڊي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد ۾ مقرر ٿيو، جتان 12 آگسٽ 1973ع تي رٽائر ڪيائين.
- 13 آگسٽ 1973ع کان 30 جون 1974ع تائين ڏهن مهينن لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو.

(ب) مختلف ادارن سان وابستگي:

- سنڌي ادبي سنگت جي 'نئين جاڳرتا' (renaissance) واري دور (56-1954ع) جو اهم اڳواڻ رهيو آهي ۽ سنگت سان مستقل وابستگي رکندو اچي، ۽ حيدرآباد شاخ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو آهي.
- 1973ع ڌاري سنڌ جي ڪجهه سڃاڻ ادبين سان گڏ 'سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت' ٺاهيائين؛ جنهن جو پاڻ صدر ٿيو ۽ اُن طرفان هن وقت تائين چاليهارو ڪتاب ڇپائي چڪو آهي.
- 1978ع ۾ 'سنڌ فرينڊس سرڪل' قائم ڪري، ان طرفان ويهارو ڪتاب ۽ڪتابچا ڇپائي چڪو آهي.
- 'سروٽنس آف سنڌ سوسائٽيءَ' جو 1982ع کان وائيس پريزيڊنٽ ۽ بعد ۾ پريزيڊنٽ رهيو.
- 1995ع ۾ سندس دوست ۽ ساٿي، سراج الحق

ميمڻ جي تحرڪ ۽ سرپرستيءَ ۾ 'سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، حيدرآباد'، جو بنياد پيو، جنهن جو پاڻ وائيس چيئرمئن ۽ مئنيجنگ ٽرسٽي رهيو آهي.

- 1997ع کان 2002ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي چيئرمئن رهيو.
- 1998ع کان 2000ع تائين 'سنڌيلئنگئيج اٿارٽيءَ، جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين.
- 1998ع کان 2000ع تائين 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي مالي ڪاميٽيءَ، پبليڪيشن ڪاميٽيءَ ۽ ادبي تحقيقي ڪاميٽيءَ جي ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ اٿارٽيءَ جي اسڪيمن ۾ مددگار رهيو.
- 1998ع ۾ 'شيخ اياز فائونديشن' جو قيام عمل ۾ آيو، تہ کيس اُن جو چيئرمئن مقرر ڪيو ويو. فائونديشن طرفان هن وقت تائين ڇهہ ڪتاب ڇپائي چڪو آهي.
- 2001ع کان آگسٽ 2002ع تائين 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي بورڊ آف گورنرس ۽ ڪيترين ڪميٽين جو ميمبر رهيو آهي.
- 'شيخ اياز چيئر'، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور جي صلاحڪار بورڊ جو 2000ع کان ٽن سالن تائين ميمبر رهيو.
- 'ٽياسافيڪل سوسائٽي، حيدرآباد' جو هڪ وڏي عرصي کان وٽي وائيس پريزيڊنٽ رهندو اچي.
- 'سنڌ ڊيموڪرئٽڪ پارٽيءَ' جو نائب صدر رهي چڪو آهي.

(پ) محمد ابراهيم جويي جا استاد:

(1) اوائلي استاد:

- ٽيڪن مل آراضيءَ وارو، جنهن وٽ 'آباد' ۾ چار درجا سنڌي پڙهيو.
- محمد صالح ٻُگهيو، چني (تعلقو جوهيءَ) وارو، جنهن وٽ ڪوٽ لکي تيرٽ (هاڻي لکي شاهہ صدر) ۾ ٻہ درجا، پنجون ۽ ڇهون سنڌي، پڙهيو.
- ماستر فيض محمد ميمڻ، منياڻيءَ وارو، جنهن وٽ اي. وي. اسڪول سَنَ ۾ ٽي درجا انگريزيءَ جا، ماستر نيراج وٽ پنجون ۽ ڇهون درجا ۽ هيڊ ماستر مسٽر پرسرام ٺهراماڻيءَ وٽ ستون درجو پڙهي پوروڪيائين.
- اُتي سن ۾ ئي سائين جي. ايم. سيد جي قائم ڪيل مڪتب ۾ مولوي محمد صالح سيال، دادوءَ واري وٽ فارسيءَ جو درس ورتائين.

(2) سنڌ مدرسي جا استاد:

- ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديوٽو (پرنسپال)
- ايڇ. ايف. ايل. ٽي. هئريسن (پرنسپال)
- خانصاحب مريد علي
- مولوي ميان عبدالرحيم مگسي
- مولوي قاضي عبدالرزاق
- عبدالقيوم شيرواني
- مسٽر نهالچند
- محمد عبدالعزيز
- مسٽر آر. بي. ٽالڪر
- مسٽر پڱٽ سنگهہ
- آغا تاج محمد خان
- آغا سليم صفوي

(3) ڊي. جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جا استاد:

- پرنسپال، اين.بي (نارائڻداس بولچند) پُنواڻي
- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي
- پروفيسر ٽي.ايم. آڏواڻي
- پروفيسر لالسنگهہ اجواڻي
- پروفيسر اي. ايل. شيخ
- پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي
- پروفيسر اي.ايل. شيخ
- پيرومل مهرچند آڏواڻي

(4) گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج بمبئيءَ جا استاد:

- پروفيسر سيل (پرنسپال)
- پروفيسر عبدالرئوف سيد
- پروفيسر ٻُڌراڻي
- پروفيسر ڪار
- ڊاڪٽر مس پنديڪر

(پ) جويي صاحب جا ڪي اهم شاگرد:

- عبدالله جي. ميمڻ
- محسن عباسي
- علي احمد بروهي
- رسول بخش پليجو
- رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي
- ڊاڪٽر آفتاب قريشي
- تاج محمد قريشي
- جسٽس عبدالحفيظ ميمڻ
- سرجن علي محمد انصاري
- عبدالحفيظ لاکو، ائڊووڪيٽ
- غلام علي ميمڻ، وڪيل
- غلام محمد خليفو
- ساقي مرحوم
- شمشيرالحيدري
- عبدالغفور ميمڻ 'الستي'
- ابن حيات پنهور
- ۽ ٻيا ڪيئي لائق فائق شاگرد، جيڪي حال حيات آهن، جن کي پاڻ دعائون ڪن ٿا)

(ت) ڪي اهم ڳالهيون:

- پهريون سنڌي مضمون: 'پجري جا پکي' ستين ڪلاس ۾، 14 سالن جي عمر ۾ لکيائين.
- پهريون انگريزي مضمون: 'Democracy in School Administration' پنهنجي نالي سان لکي، سنڌ مدرسي جي 'ڪرانيڪل' ۾، 1946ع ۾ ڇپايائين.
- سندس پهريون تعليمي مددگار: سائين جي. ايم. سيد.
- ٻه مفڪر، جن کان متاثر ٿيو: سائين جي. ايم. سيد ۽ ايم.اين.راءِ.
- پهرين پارٽي، جنهن ۾ شامل ٿيو: Radical Democratic Party
- پهريون ڪتاب، جيڪو ترجمو ڪيائين: ايم. اين. راءِ جي ڪتاب 'Historicl Role of Islam' جو ترجمو: 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو' (1945ع).
- پهريون طبعزاد ڪتاب: Save Sindh, Save the Continent... 1946
- پهرين ملازمت: سنڌ مدرسي ۾ 'اسسٽنٽ ٽيچر' طور مقرري (1938ع)
- پهريون ايڊيٽر: سماهي مهراڻ، 1955ع

(ٽ) جويي صاحب جو اولاد چار پٽ، ٻه نياڻيون:

- منور علي جويو: اڳوڻو جنرل مئنيجر، پرنٽنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان، اسلام آباد.
- مظفر علي جويو: چيف ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايريگيشن
- محبوب علي جويو: اڳوڻو ڊائريڪٽر ٽيليفونز (PTCL)
- منصور علي جويو: ڊاڪٽر (MBBS)
- نيلوفر جويو: بي.اي، ايم.ايڊ، ڪهاڙيڪار، ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد (وفات: 1999-1-13)
- نرگس جويو: بي.اي. پڑهيل (گهرو عورت)

(ث) پتو:

گهر نمبر A-41،
صحافي ڪالوني،
جيل روڊ، حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر (گهر 022-2106819)

محمد ابراهيم جويي جو قلمي پورهيو

(الف) ڇپيل ڪتاب: طبعزاد، ترجما ۽ ترتيب:

(1) 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو': ايم. اين. راءِ جي ڪتاب Historical Role of Islam جو سنڌي ترجمو، 1945ع.

(2) 'Save Sindh Save the continent' 1st Edition, June, 1947; Sindh Renaissance Association, Karachi. 2nd Edition, Creative Communications, Sindh Democratic Party, Hyderabad, August 2002, 3rd Edition Roshni Publication Kandiaro, 2014.

(3) 'ايميلي عرف تعليم': جي. جي. روسو جي ڪتاب: 'Emile or Education' (جي انگريزي ترجمي جو اختصار پهريون ڇاپو، ايجوڪيشنل بڪ ڊپو، حيدرآباد، 1954ع؛ ڇوٽون ڇاپو، مهراڻ پبلشرز، ڪراچي، 1995ع.

(4) 'سماجي اپياس' (تاريخ) نائين ۽ ڏهين ڪلاس

لاءِ، مصنف: پروفيسر نور الكريم ۽ مسٽر كليم الدين؛ سيكنڊري بورڊ آف ايڊيوكيشن، حيدرآباد ريجن، آگسٽ 1961ع.

(5) 'تواريخ پاكستان' (اختياري)، نائين ۽ ڏهين كلاس لاءِ، مترجم: محمد ابراهيم جويو، شيخ غلام علي اينڊ سنز، حيدرآباد، مارچ 1962ع.

(6) The Sindhi Instructor: Munshi Anandram (1905), Revised by: Muhammad Ibrahim Joyo, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, 2nd Edition 1971, 3rd edition 1983, 4th Edition 2007.

(7) 'ٻارن جي تعليم': پليو ٽارچ جي كتاب 'Education of Child' جي انگريزي ترجمي جو سنڌي ترجمو، مهراڻ پبلشرز، ڪراچي، پهريون چاپو، 1972ع، ٻيو چاپو، 1995ع.

(8) 'وحشي جيوت جا نشان': هاوَرڊ موئر جي ڪاتب 'Savage Survivals' جو ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون چاپو، 1976ع، ٻيو چاپو، 1994ع.

(9) 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت': (بنيادي لغت، وڌايل بنيادي لغت ۽ ڪاروباري بنيادي لغت: ساڻين سان گڏجي تيار ڪيل)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع.

(10) 'فڪر جي آزادي': اسٽيفن زويگ جي ڪتاب 'The right to heresy' جو ترجمو، پهريون چاپو، جون 1977ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٻيو چاپو، 1997ع، ٽيون چاپو 2008ع.

(11) National Unity: G.M. Syed, (Translation and Foreword by: Muhammad Ibrahim Joyo, Introduction by: G.M. Mehkri); Syed and Syed, Karachi, 1978.

(12) 'گليلو': بر ٽالٽ بريخت جي ڊرامي جي ڪتاب 'life of Gallileo' جو ترجمو، سنڌي ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، سنڌ، سيپٽمبر 1977ع، ٻيو چاپو: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، 1997ع.

(13) 'ڪئنڊيڊ': والٽيئر (ترجمو: الهرڪيو پريو، شمشير الحيدري ۽ سومار علي سومرو)، تصحيح، تعارف ۽ نوٽ: محمد ابراهيم جويو؛ سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، پهريون چاپو، جون 1977ع، ٻيو چاپو، اپريل 1995ع.

(14) 'شاهه، سچل، سامي': (1689ع- 1850ع هڪ مطالعو): پهريون چاپو، 1978ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد؛ ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون چاپو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1990ع.

(15) 'ٻارن جو مسيح': اينڊ بلائٽن جي ڪتاب 'Children's Life of Christ' جو ترجمو، سنڌي ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1980ع، ٻيو چاپو: روشني پبليڪيشن، 2007ع.

(16) 'ماٺهوءَ جو پاڻ': (ناٽڪ، لوڪ ڪهاڻيون، شاعري وغيره)، سسئي پبليڪيشن، سلطان آباد، سيپٽمبر 1980ع، ٻيو چاپو مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، 2004ع.

(17) 'عورتازاد' (عورتن جي تحريڪ آزادي): ترتيب ۽ ترجمو، سنڌ فرينڊس سرڪل، حيدرآباد، 1983ع.

(18) 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس': مصنف: جارج پوليزر جي فرينچ پوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جي انگريزي ترجمي: An Elementary Course in Philosophy جو سنڌي ترجمو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، چاپو پهريون 1984ع، چاپو ٻيو 1990ع، چاپو ٽيون 2006ع، چاپو چوٿون: 2014ع.

(19) 'علم تدريس مظلومن لاءِ': پائلو فراري جي ڪتاب 'Pedagogy of the Oppressed' جو ترجمو، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ، پهريون چاپو، نومبر 1984ع. ٻيو، ٽيون، چوٿون چاپو، روشني پبليڪيشن، 2013ع.

(20) 'محڪريءَ جا مضمون': جي.ايم.محڪري (ترجمو، ترتيب ۽ پيش لفظ: محمد ابراهيم جويو)؛ عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ، پهريون چاپو 1983ع، ٻيو چاپو، 1985ع.

(21) 'اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم': (ترتيب: محمد ابراهيم جويو)، سنڌ فرينڊس، سرڪل، حيدرآباد، سنڌ، 1985ع.

(22) ' Sorrows of Sindh ' : Dr. G. M. Mehkri (Compilation and Introduction by: Muhammad Ibrahim Joyo), Sindh Friends Circle, Hyderabad, Sindh, 1987.

(23) 'فرينچ انقلاب': ايميل ايركمن ۽ اليگزانڊر چيتريان، (ترجمو)، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ 1990ع، ٻيو ڇاپو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع.

(24) 'مُٺ مُٺ موتين جي': (هفتيوار 'هدايت'، حيدرآباد ۾ آيل مواد مان چونڊ)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1992ع.

(25) 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي' (پهريون جلد: مضمون ۽ ترجما)؛ نئين سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، آگسٽ 1995ع.

(26) *سندھ کے صوفی شاعر* (شاهه، سچل سامي۽ جو اردو ترجمو): محمد ابراهيم جويو، فڪشن هائوس، لاهور 1997ع.

(27) 'ادب، پولي، تعليم': 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي'، (جلد ٻيو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ سيپٽمبر 1998ع.

(28) 'خط ۾ اديبن جا': (عبدالقادر جوٽيجو ۽ محمد ابراهيم جويو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1999ع.

(29) 'ڳالهيون ڪتابن جون'، ڀاگو پهريون (هوءَ جا ٽمڪي باهڙي، جلد ٽيون: 1992ع- 1947ع) پيش لفظن جي صورت ۾، ڪتاب شيخ ايار ۽ ابراهيم جويي جا)؛ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، جنوري، 2002ع.

(30) 'ڳالهيون ڪتابن جون' (ڀاگو ٻيو 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي'، جلد چوٽون، 34 ڪتابن جا پيش لفظ)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، 2003ع.

(31) 'خط ۾ اُستادن جا': (محمد ابراهيم جويو، غلام علي چنا)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، مارچ، 2003ع.

(32) Sindhu Desh, The Nation in Chains: G. M. Syed (Translation & Foreword), 2003.

(33) A Manual of Sindhi: by Dulamal Bulchand (1901), revised by M. I. Joyo, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2003.

(34) 'سڌ پڙاڏو' سائين جي.ايم.سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا خط)، مرتب: آزاد قاضي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، 2004ع.

(35) 'سنڌ جو املهه هيرو: تاج محمد ابڙو'، سهيڙيندڙ: محمد ابراهيم جويو، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، 2004ع.

(36) The betrayal Sindh Bides Day for Freedom, Vol: 1, Sindhi Adeeban Ji Sehkari Sangat, Hyderabad, Sindh, 2005.

(37) The Betrayal Sindh Bides Days for Freedom, Vol: II, Sindhi Adeeban Ji Sahkari Sangat, Hyderabad, Sindh, 2005.

(38) 'بقول زرتشت' (ڀاگو 1 ۽ 2): فريڊرڪ نٽشي، مترجم: عبدالعزيز قنڌاري، نظرثاني، محمد ابراهيم جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع.

(39) 'سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي': سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي، حيدرآباد، مارچ 2007ع.

(40) 'سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري' (آڳاٽو دَور): پروفيسر محرم خان وگهامل، مرتب ۽ تعارف: محمد ابراهيم جويو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع.

(41) 'پيار، نبار ۽ اٽاهه'، (خط استاد ۽ شاگرد عرف ۾ دوستن: ع. ق. شيخ ۽ م. ا. جويي جا)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2008ع.

(42) 'سنڌ منهنجي خوابن جي'، CPCS حيدرآباد، مئي 2008ع.

(43) 'آپ بيتي، جڳ بيتي': ايم.ايڇ.پنهور، مترجم: سيد حاڪم علي شاهه بخاري، نظرثاني: محمد ابراهيم جويو، فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايڇ. پنهور ٽرسٽ، حيدرآباد، 2008ع.

(44) ' Shah, Sachal, Sami ' , Muhammad Ibrahim Joyo, English Translation by: Saleem Noorhusain,

Department of Culture and Tourism, Govt of Sindh, Karachi, 2009.

(45) Sindhu Desh, The Case Yet to Settle, by: G. M. Syed, Translated by: Muhammad Ibrahim Joyo, Indus Academy Karachi, 2010.

(46) 'مارئي، مارو ۽ مليرَ' کهاڻي سنڌ جائيءَ سنڌ راڻيءَ جي، سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 2010ع.

(47) 'ڇا ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي رهندي يا نه؟'، حيدربخش جتوئيءَ جي ڪتابچي 'Shall Sindhi Language stay in Karachi or not' (1957ع) جو سنڌي ترجمو، سنڌ هاري ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ، 2011ع.

(48) 'سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي' (م.ا.جويو)، سهيڙ: محسن جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع.

(49) On Sindh (Articles): Dr. G. M. Mehkri, Edited & compiled by : Muhammad Ibrahim Joyo, culture Department, Govt of Sindh, June 2012.

(50) My Dear Joyo Ji (Correspondence Between G M Mehkri & Mohammad Ibrahim Joyo), CPCS, Hyderabad, Sindh, July 2012.

(51) 'مون ذات انوکي آندي آ' (محمد ابراهيم جويي جا شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ ۽ مضمون)، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، آگسٽ 2012ع.

(52) 'سنڌ بچايو، ڪنڊ بچايو'' Save Sindh, Save Continent...' جو ترجمو)، محمد ابراهيم جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2014ع.

- 'سنڌ بچايو، برصغير بچايو' (' Save Sindh, Save Continent...' جو ترجمو، امان الله شيخ، سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي، سنڌ، 2014ع.

ان ڇپيل ڪتاب:

(1) 'ننڍ نه هيريو نيٽ' (2009ع کان 2014ع تائين جا مهاڳ، انٽرويو ۽ ترجما)

(2) 'ڪلچر: قومي ٻڌيءَ جو بنياد'

(3) 'منهنجا بزرگ، دوست ۽ ساڻي'

(4) 'سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس'

ڇپيل ڪتاب:

- 'اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو': اصل انگريزيءَ ۾ Problem of Languages in West Pakistan جي عنوان سان، سليم احمد جي نالي سان لکيل، مئي 1969ع، حيدرآباد.
- 'سنڌ دائر رهي، سنڌ سالر رهي' (ون يونٽ جي خاتمي تي سنڌ ڪان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جي اڻيل سوال بابت 'يار محمد ابن حيات پنهور' جي نالي سان ڇپايل)، حيدرآباد 1969ع.
- 'ٻه لفظ صلاح جا- اُستاد لاءِ': پهريون ڇاپو، ڊسمبر 1971ع، ٻيو ڇاپو ڊسمبر 1983ع، ٽيون ڇاپو: سيپٽمبر 1984ع، چوٿون ڇاپو: ٽي. آر. ڊي حيدرآباد 2001ع، پنجون ڇاپو پندرنهن روزه عمرت مٽگزين، 1 مارچ 2013ع.
- 'معلومات جو سامراج 7 ٽن صلاحن واري هڪ راهه': هفتيوار 'هدايت'، حيدرآباد، 13 سيپٽمبر 1984ع.
- 'شلان جو باندي': لارڊ بائرن جي طويل نظم جو ترجمو، 1985ع.
- 'ڪريڪيوليم ڇا آهي؟'، 1978ع.
- 'سنڌ منهنجي خوابن جي'، 1987ع.
- 'ادب ۽ سياست عوام لاءِ'، 1989ع.
- 'سنڌ ۽ سنڌي عوام'، 1999ع.
- 'چونڊن جو ڏار سرشتو، جمهوريت جي روح جي نفي آهي' 2001ع.

(ب) ڪي خاص ڇپيل مضمون:

- منهنجا مٽ مائٽ، هڏ رت، ماءُ پيءُ (آتم ڪٿا)
- سائين ٽيڪن مل: منهنجو پهريون استاد
- ڪامريڊ ايم. اين راءِ ۽ منهنجو فڪري سفر
- سنڌو، اسان جو قومي درياهه
- خودمختياري ۽ آزادي قومن جو بنيادي حق آهي: 2006ع.
- سنڌ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ۽ سرڪار جي غير سنجيدگي (5 سالائين تعيلمي رٿا): 2008ع
- اڪٽ ڪهاڻي- ڪبير: مهاڳ (2008ع)

- تعليم کاتي سنڌ پاران اعلانيل ٻولي سکيا جو ٽ ٻوليائي سرشتو
- وفاق ۽ قومي ٻولين وارو سوال: 2009ع
- قومي اتحاد: پهرين ترجيح سنڌ جي خودارادیت: 2010ع
- سنڌي ٻولي قومي ٻولي: لئنگئيج کميٽيءَ جو تيار ڪيل ڪيس: 2010ع
- سنڌ آڇپي لاءِ واجهائي رهي آهي: 2011ع
- قومي ٻڌيءَ جو سڏ (آدمشماريءَ جي حوالي سان): 2011ع

(پ) تيار ڪيل پڌرناما:

- سنڌي ادبي انجمن، حيدرآباد، سنڌ، 1950ع.
- سنڌي ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد (انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾)، 1973ع.
- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد (انگريزيءَ ۾)، 1986ع،
- تعليمي پترنامو، 2011ع

گذارشون

- 'گذارش': سماهي مهراڻ، 1955/1ع
- 'گذارش': سماهي مهراڻ، 1955/2ع
  - 'مهراڻ'
  - 'اديب، ناشر ۽ پڙهندڙ'
  - 'ون يونٽ'
  - 'آزادي'
  - 'معذرت'
- 'گذارش': سماهي مهراڻ، 1955/3ع
  - 'ٻولي'
  - 'سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا ۽ سماهي مهراڻ'
  - 'سنڌي ٻولي ۽ ان جا ڳالهائيندڙ'
  - 'سنڌي ريڊيو اسٽيشن'
  - 'شڪر گذاري'
- 'اسان جو اميدون ۽ ارادا': سماهي مهراڻ، 1955/4ع
  - 'ٻولين جي ڏي وٺ'
  - 'لفظن جي چونڊ'
  - 'نج سنڌي لفظ'
  - 'فنڪار جا ڳوڙها'
- گنريل ٽي مهينا: سماهي مهراڻ، 1956/1ع
- 'اسان جو نئون نسل'
- 'ٻہ پُور'
- 'لوڪ ادب'
- 'ترجما'
- 'ڪجهہ پنهنجي متعلق': سماهي مهراڻ: 1956/2ع
  - 'مهراڻ جا پڙهندڙ'
  - 'ادب جي درگاهہ'
  - 'تنقيد'
  - 'مضمونن جو معاوضو'
  - 'ناولن، نانڪن ۽ افسانن جي چٽا پيٽي'
- 'گذارش': سماهي مهراڻ، 1956/3ع ۔
  - 'سنڌي ادبي بورڊ'
  - 'انسانيت'
  - 'انعام'
- 'گذارش': سماهي مهراڻ، 1956/4ع
  - 'نئون سال ۽ مهراڻ'
  - 'مهراڻ ۽ ان جا پڙهندڙ'
  - 'مهراڻ ۽ سندس ادب'
  - 'ادب جا نقاد'
  - 'ايشيائي اديبن جي ڪانفرنس'
  - 'مهراڻ جا نوان ايڊيٽر'
  - 'ٻہ پور': سماهي مهراڻ، 3-1965/4ع

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد پاران محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ ايڊيٽنگ هيٺ ڇپايل ڪتاب

- 'ڪنول پاڙون پاتار ۾' (شاعري): فتاح ملڪ، 1976ع
- 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' (شاعري): شيخ اياز، 1976ع
- 'اڄ پڻ ڇڪير ڇاڪ': مرتب: تاج جويو (ستر اديبن، عالمن ۽ سماجي خدمتگارن جي جي ايم سيد ڏانهن لکيل 360 خطن جو مجموعو)، جون 1977ع
- 'وکر سو وهاءِ' (ديوان عليءَ مان اقتباسات): مترجم: محبوب علي جوکيو، جنوري 1978ع
- 'سچ جا سنيها' (حضرت علي عليہ السلام جي حڪمت پرين نصيحتن جو مجموعو): مترجم: محبوب علي جوکيو، 1978ع.

- 'ڳالهيون من اندر جون': صوفي لعل محمد شفيع محمد چانڊيو، 1978ع.
- 'جديد عالمي سياست: تعارف': جي. ايم. سيد، مئي 1978ع
- 'شاهه جو رسالو' (شاگرد ايڊيشن) 1978ع
- 'رسالو سچل سرمست' (شاگرد ايڊيشن) 1978ع
- 'ساميءَ جا سلوڪ' (شاگرد ايڊيشن) 1978ع
- 'ٻاويهه سؤ ٻاويهه' (ناول): قاضي فيض محمد، 1979ع
- 'الوحيد' سنڌ آزاد نمبر 1936ع، پي اشاعت، 10 جولاءِ 1976ع
- 'جاڙا چنڊ' (شاعري)، الطاف عباسي، 10 اپريل 1979ع
- 'جنسار' (ناول): قاضي فيض محمد، 1980ع
- 'لڙيو سج لکن ۾' (شاعري)، شيخ ايار، فيبووري 1980ع
- 'گيت گلابي ٻارن جا' استاد بخاري، ڊسمبر 1980ع
- 'پيلا گل پلاند ۾' (شاعري) ايار گل: ڊسمبر 1980ع
- 'ٽم ٽم تانداٽا' (ٻاراڻا گيت): مختيار ملڪ، ڊسمبر 1980ع
- 'مونجهارو' (ناٽڪ): توفيق الحڪم، مترجم: مراد علي اختر مرزا: 1981ع
- 'ادب جا فڪري محرڪ': ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو
- 'ڪجهه خط' (هند سنڌ جي سياستدانن جا خط): جي. ايم. سيد، مرتب: تاج جويو، 1985ع
- 'هيءَ ڌرتي' (شاعري)، تنوير عباسي، مارچ 1985ع
- 'واڃڻ ويراڳين جا' (سائين جي.ايم.سيد ڏانهن ميان محمد امين کوسي جي لکيل خطن جو مجموعو جلد پهريون سال 1938ع کان سال 1966ع تائين)، ترتيب ڏيندڙ: عبدالواحد آريسر ۽ تاج جويو، اپريل 1987ع
- 'بوند لهرون سمنڊ' (شاعري) نارائڻ شيام، 1987ع
- 'ساميءَ جا سلوڪ' (جلد ٻيو)، بي ايڇ ناگراڻي ۽ عبدالڪريم سنديلو، 1992ع.
- ان کان سواءِ: م.ا. جويي جا ترجمو ڪيل ڪتاب: 'گليلو، 'فڪر جي آزادي'، 'ٻارن جو مسيح'، 'محڪريءَ جا مضمون'، 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس' ۽ سندس طبعزاد ڪتاب 'شاهه سچل سامي'، 'ادب ٻولي ۽ تعليم'، 'خط ۽ خطن ادبين جا' ۽ 'ڳالهيون ڪتابن جون' (ٻه پاڳا) به هن اداري پاران ڇپايا ويا آهن.

سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد جا محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ ايڊيٽنگ ۾ ڇپايل ڪتاب ۽ ڪتابڇا:

- 'سنڌ جي تاريخ ڪيئن لکڻ ڪپي'، از ڊاڪٽر مبارڪ علي، مترجم: اعجاز احمد قريشي، 1984ع.
- 'انساني زندگيءَ جو مقصد' (هڪ علمي بحث): حاجي غلام حيدر جروار (مهاڳ: محمد ابراهيم جويو)، جنوري 2000ع
- 'تصوف جو پيغام': صوفي لعل محمد شفيع محمد چانڊيو (مهاڳ: محمد ابراهيم جويو)، 2002ع

نوٽ: ان کان سواءِ جي.ايم.محڪريءَ جو ڪتاب: 'Sorrows of Sindh' ۽ جويي صاحب جا ڪتابڇا: 'شلان جو باندي' (لارڊ بائرن جي طويل نظم جو ترجمو)، 'ڪريڪيولر ڇا آهي؟'، 'سنڌ منهنجي خوابن جي'، 'ادب ۽ سياست- عوام لاءِ' ۽ 'سنڌ ۽ سنڌي قوم' پڻ 'سنڌ فرينڊس سرڪل' پاران ڇپايا ويا.

شيخ ايار فائونڊيشن حيدرآباد، سنڌ جا محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ ايڊيٽنگ ۾ ڇپايل ڪتاب:

- 'جر ۾ ٿو جرڪان': مرتب تاج جويو (شيخ ايار جو شاهه لطيف کي نثري ۽ شعري خراج تحسين)، آگسٽ 1998ع
- 'ڪٽي نہ پيجبو ٽڪ' (آتم ڪهاڻي، حصو چوٿون)، شيخ ايار، آگسٽ 1988ع
- 'اڻي قلم' (آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر: 1947ع): شيخ ايار، نئين سر گڏيل اشاعت: مهاڳ: محمد ابراهيم جويو، 2001ع
- 'اڪ جون ڦلڙيون، پيج پني' (شاعري): شيخ ايار (مهاڳ: محمد ابراهيم جويو)، ڊسمبر 2002ع
- 'ساميءَ ويس سلوڪڙا'، ترتيب: تاج جويو (شيخ ايار جو ساميءَ بابت نثري خراج ۽ 'نوان

سلوک' (شاعري) سامي ۽ جي نالي)، ڊسمبر 2002ع
- 'شيخ اياز، آڪاش کان وڏو ڏرتيءَ جو شاعر': مرتب تاج جويو، مارچ 2003ع

سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، حيدرآباد پاران محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ ايڊيٽنگ ۽ ڇپايل ڪتاب ۽ ڪتابچا:

- 'شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، سندس جو قومي عالم ۽ اديب' (ليڪچر): از: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، 1996ع.
- 'پٽي لوڪ: رگ وید جي دور جا سنڌي وڻجارا، ناڪا' (ليڪچر): از: تاج صحرائي، آگسٽ 1996ع
- 'لطيف جي حيات بخش جماليات' (ليڪچر): از: حيدر علي لغاري، آڪٽوبر 1996ع
- 'سارنگ سار لهيج' (ليڪچر)، از: حافظ محمد بخش، 1997ع
- 'ماٽيلي جي مومل ۽ ڊٽ جو ڊوليو' (ليڪچر) از: حافظ محمد بخش، 1997ع
- 'دادو ضلعو- جاگرافيءَ ۽ تاريخ جي آئيني ۾' (کير ٿر جبل- گورک چوٽي)، (ليڪچر)، از: تاج صحرائي، 1997ع
- 'شاهه لطيف ۽ عورت' (ليڪچر)، از: ڊاڪٽر فهميده حسين، 1998ع
- 'سر سهڻي ميهار' (گهاٽ ۽ گهاڙيٽا- ليڪچر) از: حافظ محمد بخش، 1999ع
- 'وائي' (ليڪچر)، از: حافظ محمد بخش، 2000ع
- 'اچو ته نئين سنڌ جي تعمير ڪريون' (ڪتاب)، از: اعجاز قريشي، جنوري 2001ع
- 'نيٽين نندا ڪوڙ' شاهه لطيف ۽ انساني قدر (ڪتاب)، از: تاج صحرائي (تعارف: محمد ابراهيم جويو)، 2002ع
- Water Requirement of Riverain Area of Sindh by: M.H. Panhwar, 2002.
- 'اپيل' (قبيلائي جنگين جي موضوع تي لکيل شعر)، امداد حسيني، 2003ع

ڪريئيٽو ڪميونيڪيشنز، سنڌ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جا، محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ ايڊيٽنگ ۽ ڇپايل ڪتاب ۽ ڪتابچا:

- 'چونڊن جو ڏار- سرشتو جمهوريت جي روح جي نفي آهي': 2001ع
- 'Save Sindh, Save the Continent' 2nd Edition (2002)

جويي صاحب جا لکيل ۽ ترجمو ڪيل درسي ڪتاب:

محمد ابراهيم جويي صاحب ٽيهارو ڪن درسي ڪتاب لکيا، ترجمو ۽ نظرثاني ڪيا آهن، جن مان ڪي اهم هي آهن:

- سنڌي ريڊر، ڪلاس پهريون
- سنڌي ريڊر، ڪلاس ٻيو
- سنڌي ڪتاب، ڪلاس ڇوٽون
- سنڌي (مددي) ڪتاب، ڪلاس ڇهون
- سماجي اپياس (تاريخ)، ترجمو- ڪلاس نائون ۽ ڏهون
- سنڌ جي تواريخ (ترجمو)، ڪلاس نائون ۽ ڏهون
- اچو ته پڙهون- بالغن لاءِ پهريون ڪتاب
- اچو ته وڌيڪ پڙهون- بالغن لاءِ ٻيو ڪتاب
- 'اچو ته لکون' بالغن لاءِ لکڻ جو پهريون ڪتاب (محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ عبدالله عبد)، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، مارچ 1973ع
- آسان سنڌي قاعدو: 1973ع
- استادن لاءِ رهبر

ايڊٽ ڪيل ڪتاب:

- ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس، ڪلاس ٻيو ۽ ٽيون
- ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس، ڪلاس ڇوٽون ۽ پنجون

نوٽ ان کان سواءِ:

- سنڌي ادبي بورڊ جا سوين ڪتاب، جويي صاحب جي نگرانيءَ ۽ نظرثانيءَ بعد شايع ٿيا
- سائين جي.ايم.سيد ۽ شيخ اياز جا ڪيترائي ڪتاب، جويي صاحب جي نظرثانيءَ سان ۽ نگرانيءَ هيٺ ڇپيا

- سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا ڪيترائي ڪتاب، خاص ڪري مادري زبان سنڌيءَ جا ڪتاب، جويي صاحب جي نگراني ۽ نظرثانيءَ بعد ئي قابل اشاعت سمجهيا ويا

جويي صاحب جا قائم ڪيل/ ڪرايل ادارا:

- 'سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت'، حيدرآباد، 1973ع
- 'سنڌ فرينڊس سرڪل'، حيدرآباد، 1978ع
- 'سروٽس آف سنڌ سوسائٽي' ڪراچي، 1980ع
- 'سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ' حيدرآباد، 1995ع
- 'شيخ اياز فائونڊيشن' حيدرآباد، 1998ع

نوٽ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ (1991ع) جي قيام جي تحرڪ ۽ تحريڪ ۾ به محمد ابراهيم جويي جو، بين ڪيترن ادبين سان گڏ اهم ڪردار رهيو آهي.

Important English Essays, Articles, Addresses, Letters & Booklets by Muhammad Ibrahim Joyo:

- Give Land to Cultivator, published in the weekly 'Freedom Calling', Karachi, No. 6, Vol 1, 20, Nov 1942.
- A Back log of History: an unpublished essay written contemporaneously on two Agrarian ills before the Sindh Legislative Assembly in 1942-43, moved by the First Muslim League Ministry in Sindh.
- An open letter to the Members of the Sindh Legislative Assembly: This letter was distributed among the Assembly members of Sindh Legislative Assembly, during the Assembly session on 25 june 1947.
- A side with 'Subai Mahaz', Autonomy Demand for Karachi Criticized, 1950.
- Lalukhet renamed Liaquatabad: Letter to the Editor, published in Daily Dawn, Karachi, 20.7.1965.
- Problem of Languages in West Pakistan: (Published in the name of Saleem Ahmed), July 1967.
- A Memorandum on Proposals for a New Education Policy, July 1969.
- A word of advice to the teacher on his entry in the Department 1971
- Struggle for Social Justice and Workers Free Press in Pakistan, read at Progressive Writers Conference at Karachi, on 12.10.1976
- Barbarious Politics Exchange of Letters between G M Mehkri and M. Ibrahim Joyo: Sindh Quarterly, XV, No. 1, 1978.
- Condolatory speech, made by Muhammad Ibrahim Joyo at the condolence Meeting, date 26.4.1981, organized by Pakistan Soviet Friendship Society, at Friendship House, 189-A, S.M.C.H Society, Karachi for condoling the death of Pir Hussamuddin Rashidi.
- Sindhi Language, An Appeal for Justice: Sindh Friends Circle, Hyderabad, Sindh, 1983
- Sindh and the Message of Shah; Sindh Quarterly Vol: XII, No.2, 1984.
- Tragedy of Lower Indus River, Sindh Quarterly, vol XIV, No 2, 1986.
- 'Pride of Asia, standard bearer of Indias' Freedom, most courageous and steadfast guard of our Liberty', welcome address presented to Khan Abdul Ghaffar Khan, by: G M Sayed, Translated by: M. Ibrahim Joyo, 17 Jan 1986.
- Servatns of Sindh Society: Manifesto, M. I. Joyo, vice president, 1.3.1988.
- Role of the press in the decision making process for change in society: Paper read at the Seminar held on the occasion of 20th birth celebrations of 'Sindh Quarterly', on 24 Feb 1990.
- Pakistan a dream and the Unfolding reality: 1990
- Save Sindh, Save the Sindhi nation, Dec 1990
- An Address on the occasion of Launching ceremony of Shua Durani's poetry book 'Reza Reza Roshni' at Press Club, Hyderabad, on 24.1.1992
- Minorities Issue in Pakistan, Press Club Hyderabad, 4.9.1993
- Communalism The Single Psychopathic Problem of Pakistan: Remembering Sibte Hassan, at Karachi, 28.4.1994

Important Prefaces written by M. I. Joyo

- Foreword to Ahmed Saleem's book 'Papers on Jalian Wala Bagh Tragedy', 1977
- Foreword of the Book: 'National Unity': By G. M. Syed. 1987.
- Introduction to 'Sorrows of Sindh', by: G. M. Mehkri, published by Sindh Friends Circle, Hyderabad, 1987
- Foreword of 'Statement of Accused', by Hyder Bux Jatoi: Baba e Sindh Hyder Bux Jatoi Academy, Hyder Manzil, Hyder Chowk, Hyderabad, 1997
- Preface to 'The Substance of the Quran', by Hyder Bux Jatoi Nov 12, 1999

محمد ابراهيم جويي بابت ڇپيل ڪتاب/ مواد:

- 'ادبي گڏجاڻي' (31 ڊسمبر 1981ع تي س.ا.س ڪراچيءَ پاران جويي صاحب سان رهاڻ جي موقعي تي پڙهيل مقالا، مضمون، تاثر ۽ جويي صاحب جا ويچار): 1982ع
- 'سڀاجهو ساجهه وند- محمد ابراهيم جويو' (شخصيت، علمي، ادبي ۽ قومي خدمتون)، مرتب: تاج جويو، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، سنڌ، 2003ع.
- 'ماسٽر مائيند محمد ابراهيم جويو': غلام علي چنا، ڪنول پبليڪيشن قمبر، 2006ع.
- 'پلي آئين پلا پرين' (م. ا. جويي کي هڪ شاگرد پاران 92 جنم ڏينهن تي عقيدت جو نذرانو): عبدالغفور الستي، 13 آگسٽ 2007ع.
- "محمد ابراهيم جويو-ايڪ صدي کي آواز": سيد مظهر جميل، محڪمه ثقافت، حڪومت سندھ، ۲۰۱۲ء۔
- 'صديءَ جو سفر' (محمد ابراهيم جويي جو تفصيلي انٽرويو) سهيڙيندڙ: مهراڻ ملاح، سافڪو پبليڪيشن، 2014ع.

- The Question of Identity: Daily Dawn, Karachi, 6.6.1994
- Dealing with MQM, Daily Dawn, Karchi, 15 June 1994
- Democracy and Communal Split, Daily Dawn, Karachi, 11.7.1994
- Battle of Democracy in Pakistan
- Let Truth Prevail, July 1995
- 'Sindhi Adabi Board and Dr H. T. Lambrick' (1952-1977): 'Sindh Quarterly': Karachi, Vol: XXV, No 2, 1997.
- The Media and Critical Issues of Democracy in Pakistan: Presidential address at 2nd session of two days workshop on the topic held at Hotel Indus, Hyderabad, 7 August 1997.
- Note on 'English Sindhi Dictioanry of Science:, by: Dr. Shamsuddin Tunio', 21.3.1998.
- 'A word of insight about Basic Human Rights'
- Shaikh Ayaz: A Tribute, 27.12.1998
- 'Communalism and Sectarianism' The breeding ground of fundamentalism in Pakistan, 5.8.1999
- 'Chalenges of Energy in the 21 Century': 10.8.1998
- 'An Address on the occasion of the launch of M. S. Korejos book on G. M. Sayed, G. M. Sayed An Analysis of his political perspectives' organized by Oxford University Press, at British Council Hall, Hyderabad, 12.1.2012
- 'Genesis and Fall of One Unit': 1.6.2002
- 'On Founding a South Asia Commission for Human Rights': Nimran a Fort, Rajisthan, India, 21-22 July 2002
- 'Wither Pakistan', Daily Awami Awaz, Karachi, 13.8-2002
- 'Sindh Abides the day for Her Freedom': Hyderabad, 12.9.2003
- 'On Tri Lingual System of Languages Education': Daily Ibrat, Hyderabad
- 'Pakistan Resolution as discussed in Sindh Legislative Assembly', 3rd March 1943, Daily Ibrat, Hyderabad, 6.2.2003

ميان محمد ابراهيم ولد ميان محمد خان جويو (آباد: حيدرآباد)

جي.ايم.سيد

ميان محمد ابراهيم جويو اصل تيرٿ لکيءَ جي پر ۾ ننڍي ڳوٺ آباد، تعلقي ڪوٽڙيءَ، جو ويڙل آهي.

جويا قبيلي جا ماڻهو سنڌ ۾ جيتوڻيڪ ٿورا آهن، پر پنجاب، راجستان ۽ بهاولپور طرف انهن جو تعداد گهڻو آهي. هي راجپوتن جي ڪيچي شاخ جي شجري مطابق، راجپوتن جي 36 ڪلن مان هڪ قبيلو آهي، جي اصل ڏهين قبيلي جي ويجهو، ستلج وادي جي پر ۾ رهندا هئا، جتان لڏي مختلف طرفن ۾ ويا. هنن مان ڪيترا اڄا گهرن ۾ سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

محمد ابراهيم جو ڏاڏو آخوند محبوب ولد محمد اسماعيل نيڪ مرد، پرهيزگار، سادو ۽ عابد شخص هوندو هو. لکيءَ وارن سيدن جي زمين سنڀالينڊو هو. سيد مان ولي محمد شاهه جو مٽس پيار هوندو هو. ان کي ٻه فرزند ٿيا: (1) ميان محمد خان، ۽ (2) محمد اسماعيل. ميان محمد خان کي ٻه فرزند ٿيا: (1) محمد عيسيٰ جو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو ۽ (2) محمد ابراهيم.

هن جي جنم جي صحيح تاريخ جو پتو نٿو ملي سگهي. ڳوٺن ۾ داخلا جو پورو انتظام نه آهي. جيڪڏهن اسڪول جي داخلا کي صحيح سمجهيو وڃي ته ان موجب سندس جنم جي تاريخ 12- آگسٽ 1915ع ٿئي ٿي. هي اڃا ننڍو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو، ۽ ٿوري وقت بعد هن جي والده به گذاري ويئي. ان کان پوءِ هي ڏاڏيءَ جي سنيال هيٺ رهيو.

ابتدائي تعليم هن آباد جي سنڌي اسڪول ۾ ورتي، جتي فقط چار درجا پاڙهيا ويندا هئا. هن جو پهريون استاد ماستر ٽيڪن مل آراضيءَ (نزد سيوهڻ) وارو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته هڪ نهايت نيڪ نفس ۽ پَرَاُپڪاري شخص هو. ان ماستر صاحب وٽ چار درجا پڙهي. هو لکيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتي هو ماستر محمد صالح ڀگهيي، چنيءَ (نزد بويڪ) واري وٽ ٻه درجا وڌيڪ پڙهيو. اتلن ڇهون درجو پاس ڪري، هي 7- اپريل 1927ع تي اڇي، سن اسڪول ۾ داخل ٿيو. آخوند ميان محبوب جو سن جي ويڙل جمعدار محمد اسماعيل خاصخيليءَ سان دوستانو رستو هو، جنهن جي گهر ۾ هي رهندو هو، ۽ انگريزي اي. وي اسڪول سن ۾ پڙهندو هو. سن ۾ هن ماستر فيض محمد ميمڻ وٽ تعليم ورتي، جيڪو منهنجي پنهنجي انگريزيءَ جي استاد جو ننڍو پاءُ هو، ۽ هڪ بيحد هوشيار ۽ محنتي استاد ڪري ليکيو ويندو هو. اتان ٽي درجا پاس ڪري 1930ع ڌاري هي ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسه ۾ اڇي پڙهڻ ويئو. سنڌ مدرسه ۾ پڻ ڪيس نهايت لائق استاد نصيب ٿيا. ڪجهه وقت مدرسي جو پرنسيپال ڊاڪٽر دائودپوٽو هو. سندس نيڪ استادن مان خاص طرح مولوي ميان

عبدالرحيم منگسي، مولوي قاضي عبدالرزاق، مسٽر نهالچند، مسٽر ٽالڪر، مسٽر پگٽ سنگهه، آغا تاج محمد خان پٺاڻ، آغا سليم صفوي، خان صاحب مريد علي مشهور ۽ مثالي استاد ٿي گذريا آهن. سنڌ مدرسه مان 1934ع ڌاري مئٽرڪ پاس ڪري، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪاليج ۾ جن استادن وٽ هو پڙهيو، تن جا مبارڪ نالا هي آهن: پرنسيپال پٽائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي، پروفيسر ٽي.ايم. آڏواڻي، پروفيسر ايل.ايڇ. اجواڻي، پروفيسر اي.ايل شيخ، ڊاڪٽر ڊيو آرٽ ۽ ڪاڪو پيرومل مهرچند، جن مان هڪ هڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي علمي، ادبي ۽ تعليمي دنيا جو روشن ستارو ليکيو وڃي ٿو. اُتان 1938ع ڌاري هن بي. اي جو امتحان پاس ڪيو.

ڪاليجي تعليم کان پوءِ هو سنڌ مدرسه ۾ ماسٽريءَ جي نوڪري ڪرڻ لڳو. 1940ع ۾ بمبئيءَ بي. ٽي. پڙهڻ ويو، جتان 1941ع ۾ موٽي آيو. سنڌ مدرسه ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪرڻ بعد هن هڪ ڪتاب 'سيو سِنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ' انگريزيءَ ۾ لکيو، جنهن تي سنڌ مدرسه جي پريزيڊنٽ پير ميان الاهي بخش صاحب هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ، هن کي نئين ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ 1948ع ۾ نوڪري ملي. اهو اسڪول پوءِ سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ آندو ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ 1939ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ بدلي ٿي، حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ آيو.

1951ع ۾ جڏهن آغا غلام نبي خان پٺاڻ جي دور وزارت ۾ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي نئين سر تنظيم ڪئي ويئي، تہ هن کي گهرائي اُن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي هي فيبروري 1961ع تائين رهندو آيو. ان عرصي ۾ هن سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪيو. انتظامي ذميدارين کان علاوه بورڊ جي ڇپائڻ کي عملي جامو پهرائڻ، ڇپجندڙ ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ، ويندي پروفن تپاسڻ جي ڪم تائين هن نظرداري ڪئي. هن ڪجهه وقت رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽري به ڪئي. سنڌي ادب لاءِ هن اهو مِشنري جذبو ڏيکاريو آهي. جهڙو ڊاڪٽر عبدالحق اردو ادب لاءِ ڏيکاريو هو. پهرين ائن سالن ۾ بورڊ، جو ڪم ڏيکاريو، اهڙو شايد پاڪستان يا هندستان جي ڪنهن به اداري مشڪل ڪيو هوندو. پوءِ جيڪڏهن بورڊ جي ڪم جي رفتار اڳئين کان گهٽ رهي آهي، تہ ان لاءِ ڪيترين ڳالهيون جوابدار هيون، جن جي درستي هن جي طاقت کان ٻاهر هئي، جهڙوڪ (1) ون يونٽ ٿيڻ ڪري مغربي پاڪستان طرفان بورڊ جي آفين کي بدلائڻ ۽ گرانٽن جو گهٽجڻ، (2) مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي تشڪيل جو بدلجڻ ۽ (3) ڪيترن سنڌي اديبن جو انتقال ڪرڻ. بورڊ جي ڪم ۾ پوءِ جيڪا ڍلائي آئي ان ۾ هن جي صرف هيءَ خامي چئي سگهجي ٿي تہ حد کان وڌيڪ ڪم ڪري، هن پنهنجي صحت کي هڪ طرف نقصان پهچايو، ۽ پاڻ کي حسد جو نشانو ٻئي طرف بڻايو. 1961ع ۾ بورڊ جون حالتون سازگار نہ ڏسي، هي وري سرڪاري نوڪريءَ ڏي موٽي ويو. ڪانئس پوءِ بورڊ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ مختلف صاحبن ڪوشش ورتي، پر حالتون معمول تي اچي نہ سگهيون، ان ڪري وري بورڊ طرفان حڪومت کي هن جي خدمات ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ويو، ۽ 1963ع ۾ هن اعزازي طور وري اچي چارج ورتي، پر هن دفعي بورڊ جي ڪم کان سواءِ ٻيو سرڪاري ڪم به ڪيس ڪرڻو پيو، هن وقت اِن طرح هو بورڈ جي ڪم جي سنيال اعزازي طور ڪري رهيو آهي.

ادارن کي ترقي ونائڻ لاءِ چند شخصن جي مِشنري جذبي سان گڏ حالات جو سازگار هڻڻ به ضروري آهي. اهو سوال هن ۽ ٻين سنڌي ادب جي خيرخواهن جي طاقت کان حال مٿي پيو ڏسجي. اميد لاهٽي نہ آهي. ممڪن آهي تہ ڪڍهن واءُ سڌاوا لڳن ۽ حالتون درست ٿي وڃن.

منهنجي ساڻس واقفيت سندس سن ۾ پڙهڻ جي وقت کان ٿي. هي ننڍي هوندي کان ٿور- ڦاٿلهائو، نيڪ طبع، شريف النفس ۽ صالح پڻي رهيو آهي. اڪثر ٻارن وانگر هي رلڻ کان پاسي هوندو هو. پڙهڻ تي گهڻو شوق هوندو هوس. سندس ساري تعليم هن جي محنت، مزدوريءَ ۽ اڻ ٽڪ ڪوششن جو نتيجو آهي. مائٽن جي غربت ڪري هن کي پڙهڻ لاءِ ٿوري مدد ملندي هئي، ان ڪري سموريءَ تعليم جو مدار مقابلي جي امتحانن ۾ اسڪالرشپن ڪٽڻ ۽ خانگي پڙهائيءَ مان پيسي حاصل ڪرڻ تي رهيس. هن درسي تعليم سان گڏ وڌيڪ علمي مطالعو به جاري رکيو. ساڻس اڪثر پيو ملڻ ٿيندو هو، ليڪن سندس ذاتي صلاحيت جو خود مون کي به پتو تڏهين پيو جڏهن هن 'سيو سنڌ سيو دي ڪانيٽيننٽ' ڇپائي پڌرو ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ لاءِ جڏهن ڳولا ڪئي ويئي، تہ ڊاڪٽر بلوچ ۽ هن جا نالا بورڊ جي سامهون آيا. ڊاڪٽر بلوچ پگهار جي گهٽ هئڻ ڪري نہ آيو؛ آخر قرعہ فال وڃي هن تي پيئي. هن اميدن کان وڌيڪ ڪامياب ڏيکاري. بورڊ ۾ هن پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مِشنريءَ ۽ هڪ قوم پرست سنڌي خادم طور ڪم ڪيو آهي.

اڄڪلهہ جي ڪيترن نوجوانن وانگر، هن تي بہ حڪمران طبقي جي ملڪي معاملن سان بي توجهيءَ، مذهب جي نالي جي غلط استعمال ۽ غريب عوام سان ناانصافين رد عمل پيدا ڪري، اونهي غور ڪرڻ لاءِ موقعو ڏنو. اهڙيءَ حالت ۾ اڪثر نوجوان توازن وڃائي، انتها پسندي اختيار ڪندا آهن. ليڪن هِن، باوجود صفراوي طبيعت جي، اعتدال کي هٿان نہ ڇڏيو آهي، ۽ سياسي ۽ اقتصادي ڦاٿلهين ۾ متوازن نقطہ نگاهہ قائم رکيو اڄي.

بدقسمتيءَ سان برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ ملڪي معاملن ۾ انتها پسنديءَ جي زور وٺڻ ڪري، رجعت پسندي ۽ ڪٽر فرقہ پرست گروهن هن کي ڪميونسٽ پڻي سمجهيو آهي، تہ ٻئي طرف انتها پسند اشتراڪي هن کي "رويزنسٽ" سمجهي رهيا آهن.

مون کي ساڻس ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جنهن ڪري سندس خوبين سان گڏ خامين مان بہ واقف آهيان، خامين کان دنيا ۾ ڪوبہ خالي نہ آهي. هن ۾ بہ آهن، پر اُن لاءِ هن جي بنيادي طبيعت، ماحولِ جي ناسازگاري ۽ سندس مخالفن جي مخالفت جي شدت جوابدار ٺهرائي سگهجن ٿيون. طبيعت جو صفراوي هئڻ، حد کان وڌيڪ محنت ڪرڻ، هڪ ئي وقت گهڻن ڪمن کي هٿ ۾ کڻڻ، تفريح ۽ آرام لاءِ پورو وقت نہ بچائڻ، خانگي زندگيءَ جا مسئلا وغيره سندس طبيعت تي اثرانداز ٿيڻ کان رهي نہ سگهيا آهن، پر ان جي باوجود هن جون خوبيون سندس ڪوتاهين کي سج وانگر ڇپائي بيٺيون آهن.

هن هيٺيان ڪتاب لکيا آهن: (1) سيو سنڌ سيو دي ڪانٽيننٽ (انگريزي) (2) ايملي عرف تعليم (روسو جي مشهور ڪتاب جي چونڊ حصي جو ترجمو)، ليڪن سندس علمي معيار انهن ڪتابن تي ئي پرکڻ بي انصافي ٿيندي. "مهراڻ" جا ڪيترا ايڊيشن، سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب، بلڪ منهنجا ڪيترا لکيل ڪتاب سندس قلم جا ممنون منت آهن.

هن بہ شاديون ڪيون آهن- پهرينءَ جي گذر ڪري وڃڻ بعد ٻي ڪئي اٿس. ڪيس چار پٽ بہ نياڻيون آهن. سندس پٽن جا نالا هي آهن: (1) منور (2) مظفر (3) محبوب ۽ (4) منصور.

(ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين'، تان ورتل)

محمد ابراهيم جويو:
ويهين صديءَ جو وڏو ودوان

ڊاڪٽر غلام علي الانا

1. (الف) سنڌ جو هيءُ هڪ مهان ڏاهو، تاريخ 13، آگسٽ، 1915ع تي، ڳوٺ آباد، 'ڏارا تيرٽ' (هاڻي ٽکي شاهه صدر) وارن چشمن جي ويجهو، تعلقي مانجهند، ضلعي دادوءَ (موجوده ڄام شوري ضلعي) ۾، محمد خان جويي نالي هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ ۾، گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ 1927ع ۾، سن شهر جي ايءِ وي اسڪول ۾ داخل ٿيو جتي پنجين درجي تائين سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ جا ٻئي درجا پڙهيو. اُن کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، 1930ع ۾ سنڌ مدرسي، ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي ڇهون ۽ ستون درجو انگريزي پڙهيو، ۽ 1934ع ۾، سنڌ مدرسي مان، مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين، ۽ سڄي دادو ضلعي (اُن زماني ۾، ٻڌي ۽ ڪراچيءَ تائين سڄو علائقو، دادو ضلعي ۾ شامل هوندو هو) ۾، ٻيو نمبر ڪنيائين. پوءِ 1934ع ۾، ڊي جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين، جتان 1938ع ۾ بي اي پاس ڪيائين. پوءِ اُنهيءَ ئي سال، يعني 1938ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ماسٽر مقرر ٿيو، ٻن سالن کان پوءِ، يعني 1940ع ۾، سنڌ مدرسي طرفان ڪيس گورنمينٽ ايس ٽي ڪاليج، ممبئيءَ ۾، بي ٽي ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. سال 1941ع ۾، بي ٽي پاس ڪرڻ کان پوءِ اڀس سنڌ مدرسي ۾ موٽي، اڇي اسسٽنٽ ماسٽر طور داخل ٿيو، جتي 1947ع تائين پڙهايائين.

(ب)- محمد ابراهيم جويي پنهنجيءَ ملازمت دوران، زندگيءَ جا وڏا لاها ڇاڙها ڏٺا، اُنهن سڀني ڳالهين جو تفصيل، 'سنڌ ماڻڪ موتي تنظير' اداري طرفان ڇپايل 'سڀاجهو ساجهوند: محمد ابراهيم جويو' ۽ سيد مظهر جميل جي اردو واري تحقيقي ڪتاب- 'محمد ابراهيم جويو' ايڪ صدي کي آواز' ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

2. (الف) - محمد ابراهيم جويو، هڪ اعليٰ فڪر واري دانشور طور، پوري پاڪستان ۾ ڄاتو ۽ سڃاتو ويجي ٿو. سندس علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتون، ڪنهن به سڃاڻ شخص کان ڳجهيون نه آهن، پوءِ ڇاهي اُهو ماڻهو پاڪستان جي ڪهڙي به خطي جو رهاڪو يا پارٽ جو ڪوبه ترقي پسند سنڌي ودوان ڇو نه هجي.

(ب) جويي صاحب جو وڏو ڪارنامو، سنڌي ادبي بورڊ ۾، سندس سيڪريٽري هجڻ واري زماني ۾، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ڪتاب ۽ ٽماهي مهراڻ رسالي ۾، شايع 'ترقي پسند سنڌي ادب' آهي.

(ت) جويو صاحب هڪ مشهور ترقي پسند مفڪر ۽ جديد ادب جو تخليقڪار ۽ نقاد رهيو آهي. علم ادب جي ميدان ۾ پاڻ پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين. اُنهن سڀني اديبن، نقادن، شاعرن ۽ مفڪرن، هن بزرگ ودوان وٽان گهڻو ئي ڪجهه پرايو. اُنهن اديبن، نقادن ۽ شاعرن ۾، شيخ ايياز، رسول بخش پليجو، سراج الحق ميمڻ،

غلام رباني آگرو، محسن عباسي، عبدالله جي ميمڻ، ابن حيات پنهور، محمد عمر ميمڻ، ڊاڪٽر الهداد هوهيو، عبدالقادر جوٽيجو، تاج جويو ۽ حميد سنڌي صاحب سميت ٻيا ب ڪيترائي سنڌي اديب ۽ شاعر، ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان، هن بزرگ کي پنهنجو اُستاد يا سُونهون مڃيندا آهن.

(ٽ) محمد ابراهيم جويو هڪ 'پورهيت اديب' آهي. هن بزرگ، سنڌي ادب لاءِ، بنا ڪنهن لالچ جي، وڏو پورهيو ڪيو آهي. سنڌ مدرسي ڪان وٺي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد؛ يا ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج، ڪوهاٽ تائين، هن آدرشي انسان، انسان ذات جي وڏي خدمت ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح 'سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ' کان وٺي، سنڌي ادبي بورڊ تائين، هن نيڪ دل انسان جون وڏيون خدمتون ڪيل آهن، جيڪي هرهنڌ مڃيون ويندیون آهن.

3. (الف)- جڏهن سنڌي ادب جي تاريخ جا دفتر کولجن ٿا، ۽ اُنهن ۾ جويي صاحب جي ڪيل ادبي خدمتن جو ڪاٽو ڪجي ٿو ته ماٺهو دنگ رهجيو وڃي، ۽ اُن سوچ ۾ پئجيو وڃي ته سنڌ جي هن ڏاهي، سنڌي علم ادب، سنڌي زبان ۽ سنڌ جي حوالي سان اُهو ڪهڙو موضوع آهي، جنهن تي قلم نه کنيو آهي. سندس قلمي پورهيي جو هڪ وڏو ذخيرو آهي جنهن ۾ سندس طبعزاد ڪتابن کان سواءِ وڏو مواد ته ترجمي ٿيل مضمونن، مقالن ۽ ڪتابڙن جو آهي. هن سنڌ تي انگريزي ٻوليءَ ۾ ب بيشمار مقالا، مضمون ۽ ڪتاب لکيا آهن. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي انتخاب ڏيڻ کان اڳ آءٌ اهو ٻڌائيڻ چاهيندس ته اپريل، 1951ع ۾، جڏهن سنڌ جو هڪ عظيم فرزند ۽ بين الاقوامي دانشور، علامہ آءِ.آءِ.قاضي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿي آيو تڏهن علامہ صاحب جن پنهنجيءَ ڏيوٽيءَ تي دخلڪار ٿيندي ئي سنڌ يونيورسٽيءَ کي، درس و تدريس جو هڪ اهم ادارو بنائڻ لاءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي تعليمي ۽ تدرسي شعبا کوليا، جاڪاڻ ته اُن کان اڳ سنڌ يونيورسٽي فقط امتحان وٺندڙ هڪ اداري طور ڪم ڪندي هئي. جن جن شعبن جي قائم ڪرڻ جي علامہ صاحب جن شروعات ڪئي، اُنهن شعبن ۾ سڀ کان پهرين 'شعبہ تعليم ۽ اُستادن جي تربيت'۽ اُن سان گڏ، 'سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب' واري مضمون جي اعليٰ سکيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ، هڪ سيڪشن طور قائم ڪيو ۽ اُن جو سربراهہ ب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب کي مقرر ڪيائون.

علامہ صاحب ان، اُن زماني ۾ اهو ب فيصلو ڪيو ته 'عالمي ادب ۽ ادب عاليہ' کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ، سنڌي شعبي کي عملي قدم کڻڻ گهرجي. انهيءَ ڪري اهو فيصلو ڪيائون ته سنڌي مضمون ۾، ايم.اي (فائنل) جي چوٽين پيپر لاءِ مضمون جي بدران، شاگردن کي يا ته تحقيقي مونوگراف لکڻ گهرجي، يا وري اُنهن کي انگريزيءَ، فارسيءَ، عربيءَ يا ٻين ٻولين ۾ چپيل عالمي ادب ۽ ادب عاليہ جي ڪنهن ب ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ گهرجي. علامہ صاحب جن جي انهيءَ فيصلي تي ڪجهہ سالن تائين ته باقاعدي عمل ب ڪيو ويو، پر سندن وفات کان پوءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ، ادب عاليہ جي ترجمي واري، علامہ صاحب جن جي فيصلي تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو.

(ب) محمد ابراهيم جويي جهڙي مفڪر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سُڃاڻ 'سيڪريٽريءَ'، علامہ صاحب جن جي انهيءَ سوچ تي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو؛ ۽ عالمي ادب جا بيشمار ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. اهڙن عالمي ادبي شهپارن مان، جويي صاحب جيڪي ڪتاب پاڻ ترجمو ڪيا اُنهن مان ڪي هي آهن.

(1) ٻارن جي تعليم- هيءُ ڪتاب دراصل انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل هو، اُن جو عنوان 'Child education' هو. هيءُ ڪتاب جويي صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

(2) وحشي جيوت جا نشان- هارورڊ موئر جي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب 'Savage Survivals' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

(3) فڪر جي آزادي- اسٽيون زويگ جي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب 'The Rights to Heresy' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

(4) گيليلو- برٽالٽ بريخت جي انگريزي هوليءَ ۾ لکيل ڊرامي، 'Life of Gallileo' جو سنڌي هوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

(5) فلسفي جو ابتدائي ڪورس- جارج پوليزر جي فرينچ هوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جي انگريزي هوليءَ ۾ ترجمو ٽيل ڪتاب 'An Elementary Course In Philosophy' جو سنڌي هوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين جيڪو روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو طرفان، 1984ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(6) ڪنديد- والٽيئر جو انگريزي هوليءَ ۾ لکيل هيءُ ڪتاب، سومار علي سومري ۽ شمشيرالحيدريءَ کان ترجمو ڪرائي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايائين، پر هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي کي سڌارڻ ۾ پاڻ وڏي محنت ڪيائين.

(7) - ايميلي عرف تعليم- فرانس جي مشهور دانشور 'روسو' جي انگريزي هوليءَ ۾ لکيل ڪتاب 'Emile or Education' جو سنڌي هوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين .

اهڙيءَ طرح ترجمي کان سواءِ، هن بزرگ دانشور، سنڌي ۽ انگريزي ڪيترائي طبعزاد ڪتاب ب لکيا. اُنهن مان ڪن ڪتابن جا عنوان هي آهن:

1. Save Sindh Save the Continent

جويي صاحب جو هيءُ ڪتاب پهرين 1947ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب، اُن زماني ۾، سنڌ ۾ سنڌيت جي مطالعي لاءِ جاڳرتا آندي. هن ڪتاب تي پوءِ بندش وڌي وئي.

2. Sindh Betrayed: Her Right to Redemptions - Essays, Articles and Letters (1942- 2003)

3. Sindhi language-an appeal for Justice

4. Problems of Languages in West Pakistan

سنڌي ڪتاب:

1- شاهه، سچل، سامي (1689ع- 1850ع) هڪ تنقيدي مطالعو

2- اسان جي هولي، اسان جي تعليم (ترتيب ڏنل مضمون)

3- مُٺ مُٺ موتين جي (چونڊ مضمون)

4- هوءَ جا ٽمڪي باهڙي، پهريون جلد (مضمون ۽ ترجما)

5- ادب، هولي، تعليم (هوءَ جا ٽمڪي باهڙي- جلد ٻيو)

6- ڳالهيون ڪتابن جون، پاڳو پهريون (هوءَ جا ٽمڪي باهڙي، جلد ٽيون - 1947ع - 1992ع)

چپيل ڪتابا:

1- **سنڌ دائم رهي - سنڌ سالم رهي**- يار محمد ابن حيات پنهور جي نالي سان، 1969ع ۾ چپايل

2- **سنڌ منهنجي خوابن جي** - شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ڪراچيءَ ۾ 'سنڌي معاشرو ۽ سنڌ سياٽي' جي موضوع تي سڏايل سيمينار ۾ پڙهيل، سندس صدارتي تقرير.

اهڙيءَ طرح جويي صاحب، انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ بيشمار مضمون ترجمو ڪيا، اُنهن سيني جي فهرست ، 'سباجهو ساجهوند' ڪتاب ۾ پڙهي سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ڏار ڏار ڪتابن جي لکيل مهاڳن ۽ پيش لفظن جي فهرست کان سواءِ، مطالعا، تبصرا، تقريرون، ڪن شخصيتن جي باري ۾ سندس لکيل خاڪا جي عنوان کان سواءِ، سندس لکيل مضمونن، تقريرن ۽ سندس لکيل لوڪ ڪهاڻين وغيره جي ڏگهي فهرست آهي. اُن فهرست جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته هن بزرگ چا چا لکيو آهي ۽ ڪهڙين ڪهڙين صنفن جي باري ۾ لکيو آهي. سندس لکيل علمي ۽ ادبي ذخيري جي اپياس کان پوءِ سندس انداز بيان، سندس طرز تحرير، سندس سوچ ۽ فڪر توڙي سندس ڪم آندل هوليءَ جي باري ۾ هڪ نه، پر ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

4. (الف) - سنڌ جي هن ادبي پورهيت لاءِ، سنڌ جي سُجاڻ اديبن، شاعرن ۽ ساجهوند ماڻهن جيڪي رايا ڏنا آهن، اُهي جيڪڏهن گڏ ڪري ڇپائجن ته هڪ ڏار ڪتاب نهي ويندو. مثال طور سنڌ جي هڪ جوشيلي اديب، نبي بخش کوسي، هڪ هنڌ جويي صاحب جي باري ۾ لکيو ته:

"جويي صاحب جو سڀ کان اهم ڪارنامو سنڌي ادبي بورڊ کي سنڌ جي ماضيءَ جي ادب جي حفاظت جو پندار بنائڻ آهي، پر

مان پانيان ٿو ته جويي صاحب جو اُن کان به اُتر کارنامو، 'مهراڻ' جي ايڊيٽري آهي."

(ب) تاج جويي بلڪل درست لکيو آهي ته:

"جويو صاحب، هن صديءَ جو وڏو اديب، مفڪر ۽ تعليمي ماهر آهي. ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ جي هلچل دوران، آخري فيصلي ڪُن ڏينهن دوران، جويي صاحب جو علمي-ادبي محاذ وڏو ڪردار رهيو آهي. اُن وقت سنڌ جي سياسي ميدان جا شهسوار، سر حاجي عبدالله هارون، مولانا عبيدالله 'سنڌي'، شهيد الله بخش سومرو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سائين جي.ايم.سيد، محترم محمد هاشم گذدر، سر غلام حسين هدايت الله، رئيس غلام محمد پرڳڙي، ميرالله بخش تالپر ۽ ٻيا ڪيترائي بزرگ هئا، جڏهن ته علمي ۽ ادبي محاذ جي سجاڳ ذهنن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا خير محمد نظاماڻي، حاجي احمد ملاح ۽ ٻين کان سواءِ محمد ابراهيم جويو به سرگرم رهيو."

5. (الف) ورهاڱي کان پوءِ، ملڪ جي ٻين علائقن کان سواءِ سنڌ ۾ به علمي ۽ ادبي جمود طاري ٿي ويو. سنڌ جا سڀ برڪ وڏوان، اديب، عالم ۽ فاضل، نقاد، تاريخدان ۽ اُستاد، سنڌ ڇڏي پارت هليا ويا. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ چوڌاري ادبي ماڻار ڇانئجي ويو. اهڙي ماحول ۾، سنڌي ادبي سنگت کي جيارڻ ۽ سنڌ ۾ ادبي جاڳرتا آڻڻ ۾ جويي صاحب به اهم ڪردار ادا ڪيو. هن بزرگ، سنڌي ادبي سنگت جي پلئٽ فارم تي سنڌ جي ڪيترن ئي نوجوانن اديبن ۽ شاعرن کي گڏ ڪيو، ۽ پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي پلئٽ فارم تان، بورڊ جي ٽماهي رسالي 'مهراڻ' وسيلي، 'جديد سنڌي ادب' جي تحريڪ کي همٿايائين. اُن زماني ۾ سنڌ ۾ ٻيا اديب ۽ شاعر، جهڙوڪ: شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق 'راز'، اياز قادري، مولوي خير محمد نظاماڻي، مولانا عبدالواحد 'سنڌي'، مولانا غلام محمد گرامي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، محمد صديق 'مسافر'، سيد ميران محمد شاهه ثاني، محمد خان غني، ڊاڪٽر محمد عمر دائود پوٽو، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'، آغا تاج محمد ۽ ٻيا به ڪيترائي اديب ۽ شاعر، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب کي سنيالڻ ۽ اُن جي اشاعتي ڪر کي لڳي ويا ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، 1948ع کان سنڌ ۾ پاڪستان جي خلاف نفرت پيدا ٿيڻ لڳي ڇاڪاڻ ته هڪ ته ڪراچيءَ کي، سنڌ حڪومت جي فيصلي خلاف، سنڌ صوبي کان ڌار ڪيو ويو ۽ ٻيو ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي نالي سان نئين يونيورسٽي قائم ڪئي وئي. ڪراچيءَ لاءِ هن نئين يونيورسٽي، قائم ٿيندي ئي، ڪراچيءَ واري علائقي مان، 'سنڌي ذريعه تعليم' واري سنڌ سرڪار طرفان منظور ڪيل 'سنڌي ذريعه تعليم' واري اڳوٽي طريقي کي ختم ڪري، اُن جي جاءِ تي اردوءَ کي ڪراچيءَ واري علائقي ۾، ذريعه تعليم طور رائج ڪيو، انهن فيصلن جي ڪري سنڌ ۾ مزاحمتي سوچ جي شروعات ٿي ۽ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا جي تحريڪ شروع ٿي وئي.

(ب) انهيءَ سوچ جي حق ۾، جويي صاحب، سنڌي قوميت جي جاڳرتا جي سلسلي ۾، سنڌي عوام ۾ وڌيڪ جاڳرتا آڻڻ لاءِ مهراڻ رسالي ۾ زوردار ايڊيٽوريل لکيا، اُنهن ايڊيٽوريلن مان ڪن جا عنوان هي هئا:

'آزادي'، 'ون يونٽ'، 'اديب'، 'ناشر ۽ پڑهندڙ'، 'ٻولي'، 'سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا'، 'فنڪار جا ڪوڙها'، 'ٻولين جي ڏي وٺ'، 'نج سنڌي لفظ'، 'به اکر'، 'ادب جي درگاهه ۽ 'انسانيت' وغيره."

تاج جويي صاحب بلڪل درست لکيو آهي ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ سڌاري جو، جويي صاحب کي سدائين وڏو اونو رهيو آهي. هُو وقت بوقت اُن ڏس ۾ پنهنجن مضمونن ذريعي، صحيح، نج ۽ نبار سنڌي لکڻ، سنڌيءَ کي فارسيءَ ۽ عربيءَ جي بيجا ٽُنب ٽُنبان کان بچائڻ، صحيح جملن لکڻ ۽ گرامر جي غلطين کان پاسو ڪرڻ جون هدايتون ڪندو رهيو آهي. اُن سلسلي

ٻر، مهراڻ جي مختلف پرچن ٻر، سندس چپيل اداريا، مضمون ۽ 1972ع ٻر، ۽ 'ملير ڊائجسٽ' ٻر 'سنڌي ٻوليءَ جو ٻچاءُ' عنوان وارو مضمون پڙهڻ وٽان آهي."

(ت) نصابي ڪتابن جي ترتيب، تشڪيل ۽ تياريءَ ٻر هڪ وڏي عرصي ڪان وٺي، جويي صاحب جو خاص هٿ رهيو آهي. سنڌ جي مڃيل هن تعليمي ماهر جي صلاح، مشوري ۽ نظرثانيءَ ڪان سواءِ، اڪثر ڪتابن کي مستند ڪتاب سمجهيو ئي نه ويندو آهي. سنڌي ادبي بورڊ ٻر سيڪريٽري ۽ پوءِ چيئرمئن هئڻ واري زماني ٻر، جويي صاحب پنهنجي قلم سان تمام گهڻن اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن ۽ اُنهن جي طرفان ڪيل ترجمن وارن مسودن جي ٻوليءَ جي نوڪ پلڪ درست ڪئي، ۽ اُنهن جي لکيل ٻوليءَ کي سڌاريو ۽ سنواريو. ٻيو ته ڇڏيو، پر خود سائين جي ايم سيد ۽ شيخ اياز جي ڪيترن ئي ڪتابن جي. مسودن جي تصحيح، اُنهن جي وياکرڻي ناهه نوهه، اختصار، مقدمو، پُروف ريڊنگ ۽ ڇپائيءَ ٻر، جويي صاحب جي علمي نظر جو وڏو دخل رهيو آهي."

6. (الف) شروع ٻر اهو ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌ جي هن ڏاهي، ڪهڙن ڪهڙن بين الاقوامي معيار جي اديبن ۽ مفڪرن جي لکيل ادب عاليه کي سنڌي ٻوليءَ ٻر ترجمو ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. اُنهن ٻر مشهور عالمي نقاد، ٽي ايس ايليئٽ جو مضمون: 'شاعريءَ جو سماجي ڪارج'، يونان جي اديب ۽ تعليمدان، پليو ٽارچ جو مضمون : 'ٻارن جي تعليم'، فرانس جي انقلابي مفڪر، روسو جو ڪتاب 'ايميلي' وغيره جهڙن عالمي معيار جي ڪتابن ۽ مضمونن کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس ونايائين. آڻ اڳ ٻر اهو چئي آيو آهيان ته ادب عاليه کي سنڌي ٻوليءَ ٻر آڻڻ جو جيڪو خواب سنڌ جي وڏي مفڪر، علامه آءِ.آءِ.قاضيءَ ڏٺو هو، اُن جي تعبير، سنڌي ٻوليءَ جي هن عاشق، پنهنجي عملي قلم ذريعي پيش ڪئي.

(ب) تاج جويي بلڪل درست لکيو آهي ته:

"هن کي پاڻ ٻه ترجمي جو فن ايترو ته مٽاهين معيار تي ڪٽي ويو آهي جو هن جا ترجما، اصلوڪيون ۽ طبعزاد تحريرون ٽيون پائنجن. سنڌي ادبي بورڊ ٻر هن، ترجمن جي اسڪيم کي اڳتي وڌايو."

اها فخر جي ڳالهه آهي ته سنڌ جا چوٽيءَ جا اديب، نقاد، ڏاها ۽ دانشور، هن بزرگ ودوان کي پنهنجو اُستاد ۽ رهبر تسليم ڪندا آهن. اُنهن ڏاهن مان شيخ اياز، رسول بخش پليجو، سراج الحق ميمڻ، غلام رباني آگرو، تاج جويو ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي وڏا اديب ۽ شاعر آهن، جيئن اڳ ٻر چيو ويو آهي.

7. (الف) جويو صاحب، سنڌ ۽ سنڌي ادب جو هڪ وڏو نقاد تسليم ڪيو ويو آهي. اُن سلسلي ٻر ڪيترن ئي ڪتابن جا سندس لکيل مهاڳ ۽ سندس لکيل تنقيدي مضمون، سندس اعليٰ نقاد هجڻ جي گواهي ڏين ٿا. مثال طور رسول بخش پليجي جي افساني، 'پسي ڳاڙها گل' جو تنقيدي اپياس ڪندي جويي صاحب پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

"اوائل ٻر شاعر ئي هوندا آهن جيڪي ٻوليءَ کي ناهيندا آهن ۽ سينگاريندا آهن، پر جڏهن ٻولي وهيءَ چڙهندي آهي، تڏهن شاعرن کان وڌيڪ نثر نويس، اُن جي حسن، هُڪاءُ ۽ جوپن ٻر رس پريندا آهن."

افساني، 'پسي ڳاڙها گل' تي جويي صاحب جي تنقيد، پنهنجي وقت ٻر وڏو مقام ٽي رکيو، ۽ اُن ٻر ڪو شڪ نه آهي ته جويو صاحب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو وڏو نقاد آهي (تاج جويو، ص 70)

(ب) شيخ اياز، جويي صاحب جي هڪ وڏي نقاد هجڻ واريءَ حيثيت کي، هنن لفظن ٻر مڃتا ڏني آهي:

"ابراهيم، ايترو ته وڏو نانءُ آهي جو مون کي هن جي ادبي فتويٰ، قاضيءَ ازل جي فتويٰ وانگر لڳندي آهي."

شيخ اياز صاحب، جويي صاحب جي مهانتا کي هنن لفظن ٻر بيان ڪيو آهي:

"طالب علميءَ جي دور ٻر مون سان ٽي اهڙا ڪاپڙي مليا جن ٽنهي جي باري ٻر، مون کي ٻڌائيءَ جي هيءَ سٽ ياد ايندي آهي:

جوگيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري ۽ اُهي هئا، سويو گيانچنداڻي، ابراهيم جويو ۽ حشوڪيولراماڻي. جڏهن سنڌڙيءَ لاڻون لڏيون تڏهن ڪير چوندو ته اُن جو سارو لباس، هن (جويي) جي آڏاڻي جو اُٽيل هو! هو اُهو جڳادي، الوپ ماڻهو آهي، جيڪو نوورنيءَ جي سينڌ ۾، ستارا سجائي، گم ٿي ويندو آهي. هن ئي مون کي سيکاريو ته شاعري زمهرير جي برف نه آهي، جهنم جي آڳ آهي، ۽ جڏهن اُن جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کلي پون ٿا".

شيخ ايياز صاحب، محمد ابراهيم جويي لاءِ، 'سڀاجهو ساجهوند' ڪتاب ۾، جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، اُنهن مان کي هت نقل ڪري ڏجن ٿيون:

"ابراهيم سان منهنجي پهرئين ملاقات، حشوءَ کان به اڳ، سال 1944ع ۾، منهنجي دوست، جمال صديقيءَ ڪرائي هئي، جڏهن مان ڪراچيءَ ۾، بي.اي پڙهندو هوس. اُن وقت ابراهيم سنڌ مدرسي ۾ ماستر هو ۽ بندر روڊ تي، 'سعيد منزل' جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. ابراهيم مون کي پهريون پيرو، 'ٽنڪرس لائبريري' جا ڪتاب 'Martyrdom of Man' (انسان جي شهادت) وغيره پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا، جي مون نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيا هئا. اُنهن مان هڪ ڪتاب 'Illusion of National Charter' (قومي ڪردار جو خبط) جو مون تي ايترو ته گهڻو اثر پيو هو، جو 'جيئي سنڌ تحريڪ' ۾ ايتري دلچسپيءَ جي باوجود، مان ان جي Chauvinistic trend جي لپيٽ ۾ نه آيو آهيان. مان ابراهيم کي پنهنجا نظم ٻڌائيندو هوس، پر هن کي انهن ۾ حد کان زياده فارسي لفظ پسند نه ايندا هئا.

1945ع ۾، مان ۽ منهنجو دوست، عبدالرزاق 'راز' ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل 'سنڌي سرڪل' ۾ ويندا هئاسين جتي مون پنهنجو نظر: 'او باغي او راج دروهي، پارت ۾ بلوي جا باني' پڙهيو ته ٻڌندڙ حيران ٿي ويا هئا. اهو نظم پوءِ 'لهرون' جي نالي سان، سرڪل جي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ اُن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي منڙي آواز ۾، گهڙي تي ڳايو هو. اُنهيءَ سرڪل ۾، منهنجي نارائڻ شيام سان واقفيت ٿي هئي.

'او باغي، او راج در وهي' ۾ ڪر آندل ٻولي، ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي. ابراهيم سان جڏهن مان گهرو ٿيو هوس تڏهن هن مون کي ايم-اين-راءِ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا. جمال صديقيءَ به اُنهن مان به ٽي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ ابراهيم سان گڏ، ايم - اين- راءِ جي 'ريڊيڪل ڊيموڪرئٽڪ پارٽيءَ (Radical Democratic) جي ميٽنگن ۾ به ويندو هو.

ابراهيم مون کي پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار Independent India (آزاد هندستان) جا شمارا به پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا. هڪ ڀيري مان به پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويس. اهو سارو وقت منهنجو ابراهيم سان ميل جول رهيو. اهو دور منهنجي لاءِ نشي جو دور هو. جواني جو پرپور نشو، نون خيالن سان لهه وچڙ جو نشو، شاعريءَ جو نشو، دوستيءَ جو نشو، مون سوين ڪتاب پڙهي ڇڏيا.

ابراهيم جويي منهنجي لاءِ هڪ نئين دنيا جا طاق کولي ڇڏيا هئا. پراڻي دنيا جا سارا ٽوٽيون ۽ ٽنيا ڌهي ڌير ٿي پيا هئا ته مون لاءِ ماضيءَ جي هر زنجير کي چني اڇڻي وڌڻ لاءِ دڳ کلي پيو هو. منهنجي ۽ هن جي دوستيءَ روميءَ ۽ شمس تبريز واري هئي، جنهن روميءَ جي ڪتابن تي نظر وڌي هئي ته اُنهن ۾ باهه لڳي وئي هئي.

هڪ شام جو مون ابراهيم کي پنهنجا اردو نظم ٻڌايا، جي هن کي ڏاڍا پسند آيا. جڏهن مون هي سٽون پڙهيون:

یہ دنیا یہ آماجگاہ تمنا
کہاں جا رہے ہیں
یہ رقاصہ روز شب نوک خنجر پہ یوں ناچتی رہی ہے
کہ جیسے اُسے یہ یقین ہو گیا ہو
کہ اب پاؤں چھلنی نہ ہونگے۔

تڏهن ابراهيم چيو ت:

"اياز! توکي مان وري ب چوان ٿو ت تون پنهنجي ڏات اجائي وڃائي رهيو آهين. تون پنهنجيءَ ڏات کي منطقي نتيجي تي رڳو سنڌيءَ ۾ پهچائي سگهندين." مون ڏک سان ڏسي ابراهيم کي چيو ت هو:

"پر تو کان سواءِ مون کي سنڌيءَ ۾ ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟" اُن تي ابراهيم سختيءَ سان چيو هو ت:

"اسان ب ڪافي آهيون. اسان ب چاهيون ت سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا."

جي مصنف Save Sindh Save the Continent جو ضد ڪنهن وقت ڏاڍو سجايو ثابت ٿيو آهي.

ابراهيم سان پوئينءَ ملاقات کي ڪجهه سال گذري ويا. هڪ پيري منهنجي روح جي ڳنڍ اوچتو ڪُلي پيئي ۽ مون ڪيئي بيت لکيا جي ابراهيم کي پوسٽ ڪري موڪليم. ابراهيم اُن وقت ڪراچيءَ ۾، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. هن اُنهن مان ڪجهه بيت، ادبي بورڊ جي ٽ ماهي رسالي 'مهراڻ' جي پهرئين صفحي تي ڏنا. اُهي بيت، سنڌيءَ ۾ منهنجيءَ ادبي زندگيءَ جو نئون جنم هئا."

(ت) جويي صاحب جي هڪ ٻئي لائق شاگرد، سراج الحق ميمڻ، پنهنجي هن قداور اُستاد جي ادبي خوبين کي بيان ڪرڻ لاءِ، چڦنامي ۾ بيان ڪيل اُها حڪايت نقل ڪئي آهي جنهن ۾ سنڌ جي حاڪم چچ برهمڻ، برهمڻ آباد جي هڪ ٻوڌي پروهت جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن کي مارڻ لاءِ چچ برهمڻ، جلادن جو هڪ جٿو وٺي نڪتو هو؛ پر چچ برهمڻ، اُن کي مارائڻ جي بدران، اُن کان آشيرواد وٺي، ٻاهر نڪري آيو. ساٿس گڏ آيل هڪ وزير پڇيس ت:

"حضور! اوهان هن جي سسي لاهڻ جو اشارو ت ڏنو ئي ڪونہ!" چچ پنهنجيءَ پيشانيءَ تان پگهر اُگهندي چيو: "هن جي ڇاڻ جي ديو اڳيان مون کي پنهنجي سر جي اچي لڳي هئي؛ هن جي ڏيا ۽ حشمت منهنجا هوش ئي خطا ڪري ڇڏيا."

سراج صاحب انهن لفظن کان پوءِ لکي ٿو ت:

"ائين ٿو لڳي ت اُهي علم ۽ ڇاڻ جا پروهت، جوُڻ مٽائي، هر دور ۾، ابراهيم جويي جهڙا ماڻهو ٻڌجيو پون. اهو ب يانيان ٿو ت ابراهيم جويو ب ڪنهن اڳئين جنم ۾ پڪ ئي پڪ ڪو ٻوڌي پروهت يا شمن هو. هن ۾ ٻڌ ڏرم جا اُهجاڻ ڇٽا ۽ پڌرا اڄ ب محسوس ڪري سگهجن ٿا.

هنن جي زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد ۽ محور آهي، سو اهو ت پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ڇاڻ جي روشني ڦهلائڻ لاءِ جتن ڪندي پساهه پورا ٿين ت حياتي سجائي ڇڏبي. هيءَ مختصر حياتي، جيڪا انسان کي ملي آهي، اُن کي بامقصد بنائڻ ئي انسان کي ٻين ساهوارن کان اُتم ۽ اعليٰ بنائي ٿو، ۽ اُهو مقصد آهي پنهنجي وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ ڏاهپ جا موتي ميڙي، ڇاڻ جا خزانا وڌي ورهائي، ڪين ب قدم اڳتي وڌي ويجي. ٻڌ ڏرم جي حوالي سان، اهو ئي هنن جو نرواڻ آهي."

سراج صاحب اڳتي لکي ٿو ت:

"اڄ جو جويو، هونئن ت بنهه ضعيف، سنهڙو، سپٽڙو، ننڍي قد جوهڪ پرپوُر مڙس آهي، پر جيڪڏهن سندس ڇاڻ ۽ ڪر جي هم گير پهلوئن کي خيال ۾ آڻجي ت هو هڪ سگهارو، قداور ۽ جوان جماڻ ڏهن آهي. جڏهن سندس ڦوهه جواني هئي، تڏهن وري هن جي ذهن، تجربي ۽ مطالعي جي لحاظ کان پيرسن ۽ پريو مڙس هو، جيڪو

پنهنجي هڪ جيڊن ۽ پاڻان ننڍن جي رهبري ڪندو هو. ناظر حڪمت، ترڪيءَ جي ڪنهن ڏاهي لاءِ هڪ هنڌ ڇيو هو ته، 'جڏهن جوان هو ته اِشاري سان صحيح منزل ڏانهن رهنمائي ڪندو هو، جڏهن پيرسن ٿيو ته هٿ ڪان جهلي، صحيح منزل تي پهچائي ايندو هو.'

ابراهيم جويي سان به اهائي ڪار آهي. جڏهن ننڍو نيٽو هو ته لاتعداد اشارن سان، سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي صحيح منزلن جي نشاندهي ڪندو رهيو، جڏهن پيرسن ٿيو ته ڪيترن ئي واٽهڙن کي دڳ لائڻ ڪاڻ عملي طرح اُهو ڪجهه ڪري ڏيکاريائين جيڪو خود هڪ منزل جي حيثيت رکي ٿي. اُن کي هيئن سمجهو ته جڏهن اڄا جوانيءَ جو پوُر شروع ڪيو هئائين ته اُن زماني ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب Save Sindh Save the Continent لکي، اُهڃاڻ ۽ پار پتا ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين؛ جڏهن رٽائر ٿيو ته'شاهه، سچل، سامي' لکي ڏيکاريائين.

هن جي اُن ڏهني سفر کي سمجهڻ لاءِ ايشيا کان سنڌ جي جاگرافيءَ ۽ تاريخ کي هڪ 'وطن دوست' احساس جي حوالي سان سمجهڻو پوندو آهي. جڏهن 'وطن دوست' جو فقرو ڪتب ٿو آڻيان تڏهن محض هڪ خوبصورت اصطلاح استعمال ڪونه ٿو ڪريان، پر اُن جي اڪري معنيٰ ڏانهن اشارو ٿو ڪريان. ابراهيم لاءِ وطن پرستي، پرستش جي حد تائين، اوُنهو ۽ روحاني تجربو آهي. ساڳئي وقت اها حد درجي جي جانبداريءَ جي 'پوزيشن' پڻ آهي، جيڪا اقبال جي وطن کي 'ڪوڙو خدا' سڏڻ جي منفي روايت کي رد ڪري، شاهه جي 'واجهائي وطن کي، آڻ جي هت مياس' واري مثبت روايت اختيار ڪرڻ جي 'پوزيشن' آهي. وطن هن لاءِ پارس به آهي ته ڪسوٽي به، جماليات جو معيار به اهو ئي آهي ته روحانيت جو حوالو پڻ اهو ئي آهي.

مون کي ياد ٿو پوي ته سندري اُتمچنداڻي، سنڌ گهمڻ آئي هئي، ۽ هڪ شام، ابراهيم، اياز، رباني ۽ آڻ، سندريءَ ۽ اُتم سان گڏجي، ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ وياسون. روحانيت تي بحث چڙي پيو. اياز، تصوف ۽ ويدانت جي روايت سان، روحانيت جي تعلق تي ڳالهائي رهيو هو، ۽ چئي رهيو هو ته اُن معنيٰ ۾ هو پنهنجي روحانيت جو قائل آهي. ابراهيم به سندس حمايت ڪندي چيو ته روحانيت کي هرپرو ڪا تنگ معنيٰ ڏيڻ نه گهرجي. اُن وقت ڪونجن جي هڪ ڊگهي قطار، هڪ ڪَڪريءَ وٽان نڪري، شفق جي لالاڻ ۾ گم ٿيڻ لڳي. سندريءَ، اُن نظاري ڏانهن اسان جو ڌيان چڪايو، واقعي منظر اهڙو ته دل کي جهوپو ڏيندڙ هو، جو پانيان ٿو ته اسان سيني جون دليون گائون مائون ٿيڻ لڳيون. سڀ ماڻ ٿي وياسون. مون ڏٺو ته ابراهيم جويي جون اکيون لڙکن سان پرجي آيون، ۽ هن پڻ چيو: "الا، سنڌ جو آسمان ڪيڏو نه سهڻو آهي!" ۽ پوءِ پنهنجي لڙکن کان پريشان ٿيندي، ڳالهه لنوائڻ لاءِ ٽهڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين: "اسان جي روحانيت ته اِجهو اِها آهي."

سراج صاحب ايا بہ اڳتي لکي ٿو تہ: "ابراهيم جويي سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ، واقفيتون ۽ لاڳاپا، مختلف حيثيتن ۽ مختلف سطحن جا آهن. هڪڙي حيثيت ۽ سطح تہ اُها آهي جنهن تي هُو هر نئين لکندڙ کي لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ همٿائيندو آهي، رهبري ۽ رهنمائي ڪندو آهي.

1952ع جو زمانو هو، ۽ آءٌ مرحوم ڏيپلائيءَ وٽ ملازم هوس، ترجما ڪندو هوس ۽ ڪتاب ويهيون ڪندو هوس. اُن زماني ۾ 'ڏکڻ مان ٿو سج اُپري'، 'چين ۾ هارين کي زمين ڪيئن ملي،' ۽ 'انسان ۽ انسانيت جي تاريخ' ترجما ڪيا هئر، ۽ ڏيپلائي صاحب ڇپايا هئا. جويو صاحب، ڏيپلائي صاحب جو گهاٽو دوست هو، ۽ اڪثر قرآن پريس ۾ ويندو هو. منهنجي ساڻس واقفيت اُتي ٿي. ڏيپلائي صاحب، منهنجا ڪجهہ ترجما ڪيس ڏيکاريا. ڈاڍو خوش ٿيو، ۽ پوءِ جڏهن بہ ايندو هو تہ ور ور ڪري پڇندو هو تہ: سراج ڪا نئين شيءِ ترجمو ڪئي اٿئي؟ هي ڪلٽو جوان، جنهن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ هوندي هئي، مون کان پندرهن ويهہ سال وڏو هو، پر جڏهن مون سان گهالهائيندو هو تہ منهنجي سطح تي ۽ هڪ اهڙيءَ پنهنجائپ سان، جيڪا فقط خيالن جي هم آهنگيءَ مان پيدا ٿيندي آهي. اُن ٽي زماني ۾ هن مون کي پنهنجو انگريزي زبان ۾ لکيل ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو. اُن ڪتاب منهنجي ذهني ماحول ۾ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو، ۽ مون نکا ڪئي هم نکا تم، هفتي ڏينهن ۾ راتيون جاڳي، اهو ڪتاب ترجمو ڪري، اصل ڪتاب سان گڏ ڪيس ڏنم. هُو ڪا گهڙي تہ مون کي عجيب نظرن سان گهورينڊو رهيو، پوءِ هڪ مرڪ سان چيائين تہ: "چريا، هي ڪتاب تہ ضبط ٿيل آهي!" اهو ترجمو اجا وٽس، ڪن پراڻن ڪاغذن ۾ موجود هوندو.

ترجمن تان ڳالهہ ياد آئي تہ آزاديءَ کان اڳ، سنڌيءَ ۾ ترجمي جو فن ڏاڍي اوج تي هو. سنڌيءَ جي هر اهم اديب ۽ عالم، اهو پئي محسوس ڪيو تہ جيسين سنڌ ۾ اصلوڪو ادب پيدا ٿئي، تيسين ترجمن ذريعي سنڌيءَ ۾ ٻين زبانن جو هڪ بهترين ادب ۽ علم اٽلائڻ هڪ ضرورت هجڻ سان گڏ، سنڌيءَ جي مخلص ترين خدمت بہ آهي. اُن ڏس ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو سر فهرست آهي. هن سوين ڪتاب سنڌيءَ ۾ اُٽلائي وڌا. مرزا قليچ بيگ جي هم عصر اديبن مان هر ڪنهن هڪ قرض سمجهي، ڪو نہ ڪو ڪتاب ترجمو ڪري، سنڌيءَ جي جهول ۾ وڌو. انگريزي، هندي، بنگالي، اردو، مرهٹي ۽ گجراتيءَ جي بيشمار ڪتاب اُن دور ۾ ترجمو ٿيا.

آزاديءَ کان پوءِ ترجمي جي اهميت، جيڪڏهن ڪنهن محسوس ڪئي ۽ ڪرائي، سو ابراهيم جويو هو. هن ڪي پاڻ بہ ترجمي جو فن ايترو تہ مٿاهين معيار تي ڪٽي ويو آهي جو هن جا ترجما اصلوڪيون، طبعزاد تحريرون ٿيون پائڻجن، پوءِ اُهو تعليم تي 'ايميلي' هجي يا ٻيا تازا ترجما، جن ۾ 'ٻارن جو مسيح' ۽ ٻيا اهڙا اهم ڪتاب شامل آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، هن ڏينهن رات ڪوشش ڪري، ادبي بورڊ جي ترجمن جي اسڪيم کي اڳتي وڌايو. اُن اسڪيم ۾ دنيا جي علم ادب جا بهترين ڪتاب چونڊيل هئا. جن اديبن ۽ عالمن کي بورڊ طرفان کو ڪتاب

ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو ٿي ويو، اُنهن جي پويان ذاتي طرح ابراهيم جويو، جنسي پويان پئجي ٿي ويو. هن جا ذاتي لاڳاپا سيني عالمن ۽ اديبن سان هئا، اُن ڪري، هلي وٽن ويندو هو، ۽ ڪين منٽون ڪندو هو ته ٻيلي، ڏاها ٿيو. ڪتاب ترت ترجمو ڪري ڏيو ته ڇپايون. رڳو ايستائين محدود نہ رهندو هو، پر جڏهن ترجمو پهچندو هو ته اُن کي ادبي معيار ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيندو هو.

مون کي ذاتي طرح اُن جو تجربو ۽ مشاهدو آهي، ڇاڪاڻ ته 1955ع کان 1957ع تائين آءٌ بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ طور هن سان ڪراچيءَ واريءَ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندو رهيو آهيان. کي ڪي ترجما ته اهڙا معيار کان ڪريل هوندا هئا جو اُنهن کي سڌارينديءَ سنواريندي، هو بلڪل نئون ترجمو ڪري وڃي پار پوندو هو. ائين سوين ڪتاب ترجمو ٿيا، ۽ ابراهيم جي قلم اُنهن جي نوڪ پلڪ کي درست ڪيو يا ماڳهين نئين سر ترجمو ڪيو. اسان جي هڪ دوست (مرحوم تي الله جي مغفرت هجي) رسڪن جي هڪ ڪتاب جو ترجمو ڪيو. اُن جو مسودو اڄ به بورڊ جي رڪارڊ ۾ موجود هوندو. اُهو ترجمو اهڙو لفظي ترجمو هو، جو جيڪڏهن ائين ڇپجي ها ته رسڪن جو روح ريهون ڪري ها. ابراهيم جويي جي قلم، اُن ڪتاب کي شاهڪار بنائي ڇڏيو ۽ اهو مثال اڪيلو نہ آهي، پر سوين ترجمن سان لاڳو آهي.

ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ ابراهيم جويي صاحب جي فڪر کي وڏو دخل آهي، ۽ ڪيس اهو فڪر هو ته جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نہ رڳو سنڌي ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي، ڏهني سفر ۾، به قدم اڳتي نين. ادبي بورڊ جا ڪرايل ترجما، اُن جو وڏو ثبوت آهن. اُن ۾ اوهان کي ڪوبه اهڙو ڪتاب نہ ملندو، جنهن ۾ محض ادبي چاشني هجي. ڪتاب اهڙو چونڊيندو هو، جنهن ۾ ڪنهن ماڳ، ڪنهن منزل جا نشان ملندا هجن. اها مقصديت رڳو بورڊ جي ڪتابن تائين محدود ڪانہ هوندي هئي. پنهنجي سنگتي ساٿين کي، ڳالهين ڪندي ڪندي، اهڙن ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چوندو هو جيڪي هن پاڻ ۽ هنن گڏجي پڙهيا هئا، ۽ جن جي مقصديت لاءِ ڪنهن کي به شڪ شبهو نہ هوندو هو. سندس رغبت ڏيارڻ جو انداز به دل لياٿيندو هوندو آهي جو ماڻهو سوچيندو ته هن کي جواب ڏيڻ سان هن جي دل ٽٽي پوندي."

8- انهن تعارفي جملن کان پوءِ، جويي صاحب جي لکيل ڏار ڏار مضمونن ۽ سندس ڪتابن مان، سندس نثر نويسيءَ ۽ طرز تحرير جا نمونا پيش ڪجن ٿا ته جيئن پڙهندڙ سنڌ جي هن وڏي ڏاهي ادیب ۽ نقاد جي هوليءَ ۽ سندس طرز تحرير جو تجزيو ڪري سگهن.

اسان جي مادري زبان ۽ اُن جي تعليم ۾ اهميت:

"سنڌي معاشري جو پڻ، ٻين زندهہ انساني معاشرن وانگر، هڪڙو اهر ۽ بنيادي حق، پنهنجي زبان جي حفاظت ۽ فروغ آهي، ڇو ته اُن تي ئي سندس سڃيءَ بلڪ، پوري وجود ۽ اُن جي افاديت جو دارومدار آهي. اقوام متحده جي منشور ۾ ملڪن جي لساني اقليتن جو وجود تسليم ٿيل آهي، ۽ سندس بنيادي انساني حقن جي دستاويز ۾، لساني اقليتن جي هولين ۽ تهذيبن جي بچاءَ جو واعدو ٿيل آهي. هر مذهب انساني اجتماع، لساني اقليت جو وجود قائم رهي ٿو، ختم ڪونہ ٿو ٿئي. هر مذهب اڪثريت به هر مذهب اقليت مٽان ڏاڍ ۽ اُن جي حق تلفي ڪري سگهي ٿي.

آزادي ۽ کان پوءِ، کجھ جذباتي ترنگ ۾، ۽ کجھ گروهي مفاد جي ڇڪ سبب، اسلام سان گڏ، اردوءَ کي، پاکستاني نظرياتي اساس جي هڪ عنصر طور اڳيان آڻيندي، کافي ہولين کي ۽ خاص طرح سنڌ ۽ سنڌي ہوليءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي حيثيت کي نظرانداز ڪيو ويو، بلڪ، اُن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڪراچيءَ ۾، سنڌي پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن جو ڪافي تعداد ۾ بند ٿيڻ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان امتحاني ہوليءَ طور سنڌي ہوليءَ جي تسليميءَ جي يڪ طرفي ترديد، اُن سلسلي جا ڪافي ڳرا ۽ مهلڪ قدم هئا.

اُن کان پوءِ وقت بوقت، بلڪ مرڪزي حڪومت جي هر تبديليءَ سان تعليمي ڪميشن جا انعقاد شروع ٿيا، ۽ هر پيري 'مادري ہوليءَ' جي اصطلاح کي 'قومي ہوليءَ' جي پرڪشش ۽ رعبدار اصطلاح سان ڏيکيندي، اردوءَ کي سڄي ملڪ ۾ تعليم جي ذريعي طور رائج ڪرڻ جون ڪوششون ٿيندیون رهيون، جنهن جي نتيجي ۾ پڙ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي محڪم بيٹل اهميت ۽ تعليمي درجي کي ڇڪ لڳڻ جا امڪان اُڀندا ۽ نقصان پهچڻ جا انديشا سامهون ايندا رهيا.

1958ع ۾، پهرئين مارشل لا جي دوران، قومي يڪجهتيءَ جي مفاد ۾، سنڌ جي اسڪولن ۾ آندل مساوياڻ فارمولا کي ختم ڪري، اردوءَ کي يڪطرفي فوقيت ڏياري وئي، جنهن جي نتيجي ۾، سنڌي معاشري ۾ تهذيبي طور گروهي تفريق ۽ امتياز جي صورت پيدا ٿيڻ جا آثار اُپري اڳيان آيا، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اُن جا هاڃيڪار نتيجا نمودار ٿيا."

2_ تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي:

پهرين ہولي، جا ہار ہڏي ٿو، ۽ ڪر ٿو آڻي، سا هُن جي ماءُ جي ہولي آهي.

اوسيتائين ته تعليم لاءِ ماءُ جي ہولي ئي نه رڳو مؤثر، سڀ کان مؤثر، پر واحد ذريعو سمجهي وجي ٿي ۽ مڃي وجي ٿي.

اُن کان پوءِ به، دنيا جي آزادي ۽ مهذب معاشرن ۾ هرهنڌ ۽ سڄيءَ انساني تاريخ ۾ اڄ تائين، تعليم جي نه فقط موثر، پر سڀ کان سستي ۽ سڀ کان آسان ذريعي طور ماءُ جي ہولي ئي قبولي وئي آهي ۽ استعمال ٿيندي آئي آهي.

فقط ہاهران آيل مذهب ۽ ہاهر جا فاتح ۽ حاڪر ئي مڪاني طور رائج ماءُ جي ہوليءَ جي اها حيثيت ۽ اهو حق ۽ اُن جي اها لياقت قبول ڪرڻ کان انڪاري رهيا آهن، ۽ انڪار ڪن ٿا، ۽ اُن ۾ هر طرح اُنهن جا بالادستيءَ ۾ استحصالي مفاد موجود ٿين ٿا.

غير مادري زبان ذريعي تعليم ورتل قومون يا معاشرا، سڀائين متعلقه مادري زبان وارين 'تعليمي' قومن يا معاشرن جا غلام، تابع ۽ محتاج رهيا آهن، اقتصادي، سياسي ۽ سماجي طور - سڏا سنوان ۽ ظاهر ظهور يا اٽسڌي ۽ اڻ لکائتي نموني.

اهڙن زبردست ۽ تاريخ معاشرن ۾ جڏهن تعليم لاءِ مادري ہوليءَ جي ذريعي جي ڳالهه ٿي ڪجي ته تعليم جي سڄي سماجي ماندڻ يا سماجي سڃاڻ (mechanism) کي نه، پر فقط ان جي رسمي پهلوءَ کي خيال ۾ رکي، پوءِ اُها ڳالهه ٿي ڪجي، جو ته اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ڪتابن، اخبارن، ريڊين ۽ ٽيليويزن، ۽ ڏارينءَ ہوليءَ جي مذهبي واعظن ۽ مبلغن ۽ اُن جي اهڙن ہين حڪومتي يا بالادستي واسطن کان علاوه، ۽ اُنهن کان بلڪل دور

رهي ڪري، ماڻهن جو باقي سڄو پنهنجو وقت پنهنجي مادري جي سماجي فضا ۾ ئي رهڻ ٿئي ٿو، ۽ انهيءَ سڄي تعلق دوران، ڪيس پنهنجي مادري زبان ۾ ئي حسي تربيت ۽ ذهني تعليم ملندي رهي ٿي. بالادست ۽ استحصالي مفاد ڪي در اصل اِها عين فطري ۽ قدرتي صورتحال بہ ڏکي لڳندي آهي، جو تہ اُن ۾ هو زبردست معاشري يا قوم ڪي پنهنجي گرفت مان انيڪ نمونن ۾ آجو ٿيندي ڏسي ٿو، يا ڪم از ڪم، محڪوم قوم جي اُن غير رسمي تعليم جي دائري ۾ هو پاڻ ڪي ڪمزور ٿو محسوس ڪري، ۽ انهيءَ ڪري اُن محاذ تي هو پاڻ ڪي ڪٽي بہ موجود نٿو ڏسي، ۽ انهيءَ ڪري بي اطميناني، خاموشي ۽ ڪاوڙ جو پوءِ هو ايئن ظاهر ڪندو آهي، جو هوُ تابع معاشري يا قوم جي زبان جي استعمال ۽ اثر کي بلڪل ختم نہ، تہ بہ وڌ کان وڌ ۽ هر طرح گهٽائڻ ۽ محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُن ڪوشش ۾ پهريون نشان اُن جي اڻڄان اُهو هوندو آهي تہ ڪنهن طرح زبردست معاشري جي ٻوليءَ کي، رسمي تعليم جي ذريعي جي حيثيت ۽ عمل کان محروم رکيو وڃي. ريجهہ راز ۽ ماڻ ميڙ ۾، نہ تہ زوران زوريءَ ۽ حڪما حڪميءَ بہ، بلڪ ٻنهي طريقن جي گڏيل ڪاريگريءَ ۽ ڪارستانيءَ وسيلي.

سنڌي ساهت جو آئندو:

سنڌي ساهت جو آئيندو سنڌي ٻوليءَ سان ڳنڍيل آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سنڌي سماج سان، ۽ سنڌي سماج جو اُن جي ماڻهن، اُن جي اڳواڻن ۽ اُنهن جي مقصد ۽ اُن مقصد لاءِ سندن جدوجهد سان ڳنڍيل آهي.

سوال آهي تہ سنڌي سماج آهي بہ؟ ڪي حلقا اُن جو جواب انڪار ۾ ڏين ٿا ۽ چون ٿا:

"بحر آهي جنهن ۾ ڦڙن جي حيثيت ڪانهي. فرد، گروهہ ۽ سماج، انهن جا مفاد، ٻوليون، تهذيبون اُن ۾ گم ٿيون وڃن." پر عملاً اُهي ساڳيا حلقا ڦڙا تہ ڦڙا، سڄي بحر کي، لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ گدڙ وانگر ڏوڪ ڏوڪان ڪري، پي وڃڻ چاهين ٿا. لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ گدڙ بہ ڪچا ٻير کائڏا هئا، بہ پڪا ٻير کائڏا هئا، ڇيٽا چونڊيندڙ چوڪري کائڏي هئي، ۽ ٻڪريون چارينڊڙ ٻڪرار، ڳٻن جو ڳنوار، مينهن جو ميهار، ۽ اُنن جو اونار کائي، اُڄ لڳڻ تي اچي ٻيٺو هو درياءَ تي - چي: "درياءَ بہ پيئندس."! سو ڏوڪ ڏوڪان کندي پيٽ ڦوڪجي پيو هوس ۽ نيٺ ڦاٽي پيو هوس، ۽ پوءِ اُن مان بہ ڪچا ٻير نڪري آيا هئا، ڇيٽا چونڊيندڙ چوڪري، ٻڪرين سوڏو ٻڪرار، ڳٻن سوڏو ڳنوار، ميهنن سوڏو ميهار ۽ اُنن سوڏو اونار سڀ نڪري آيا هئا، ۽ وڏي ڳالهہ تہ درياءَ جو پاڻي بہ گڙ گڙ ڪندو موڻي درياءَ ۾ وڃي پيو هو..... سو 'فردن ۽ درياءَ' جي ڳالهہ تہ آهي، پر فرد فرد آهن، گروهہ گروهہ آهن، ۽ ٻوليون، تهذيبون ۽ سماج بہ آهن، ۽ ائين، حقيقتون نيٺ حقيقتون آهن. ڪنهن جي انڪار ڪرڻ سان، يا ڪنهن جي ڪائي وڃڻ سان، اُهي هرگز گم نٿيون ٿين.

سو، سنڌي سماج جي وجود جي حقيقت بہ آهي، پر پڇي سگهجي ٿو تہ اُهو اڄ ڪهڙي حال ۾ آهي ۽ ڪهڙيءَ منزل تي موجود آهي، جو تہ هن سوال جي جواب تي ئي مدار آهي، مقصد جي مقرر ٿيڻ جو، جيڪو سنڌي سماج جا ماڻهو ۽ اُن جا اڳواڻ پنهنجي جدوجهد لاءِ آڏو رکي سگهن ٿا، جنهن لاءِ، جنهن جي روشنيءَ ۾، هنن کي پنهنجي ساهت جو آئيندو سوچڻو ۽ ناهڻو آهي. سنڌي سماج هڪ پوئتي پيل ۽ غلام سماج آهي. جنهن منزل تي اُهو اڄ بيٺل آهي، اُن کي 'ڪرندڙ وڏيرپ، يڪطرفي پيري، شاهوڪار شاهي، بينڪي ۽ نيم بينڪي منزل' چئي سگهجي ٿو. ڪرندڙ وڏيرپ انهيءَ ڪري جو سنڌي سماج جي انهيءَ ڏاڪي کي ٻُڌاپي جو سُرو ڪائي چڪو آهي؛ يڪ طرفي پيري، شاهوڪار شاهي، انهيءَ ڪري جو اُن جو ڏاڪو، هڪ پير تي بيٺل

آهي، يعني 'شهر' جي پيرن تي جنهن جو سنڌي سماج جي باقي جنم سان، سماجياتي يا حياتياتي سنگ خيرڪو آهي؛ اُن جي بينڪي ۽ نيم بينڪي ڍاکن جي ڳالهه ڪرڻ معنيٰ ملڪي سياست ۾ اُلجهڻ، انهيءَ ڪري اُها اِتي ڊڪي پلي، ۽ هونئن به واٽڪي هوليءَ ۾، اُها 'جاهر جَهور ۽ پڌڙي' پيئي آهي.

بهرحال، سنڌي سماج هڪ پوئتي پيل ۽ غلام سماج آهي. علمي ۽ ذهني طور خصوصاً ۽ ادب جي آئيندي تي ويچار ڪرڻ لاءِ اسان لاءِ اها ڳالهه ڪافي آهي.

'سندي ذات هنجن' ڪتاب جو مهاڳ:

"هولي، آواز - دانهن ۽ دانهن جو جواب" - هوليءَ جا لفظ، هوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وٽ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آٿت آهن، بلڪ انهن لاءِ ماٺهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن.

روسي اديب، ترگنيف (1815ع- 1883ع)، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو اڌ حصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو، تنهن پنهنجي روسي هوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو ته:

"جڏهن آءٌ شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو؛ جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي وڃي ٿو، تڏهن او منهنجي سگهاري، عظيم، سچار ۽ آزاد روسي هولي! تون ئي مون کي ڏي ڏين ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي. جي تون نه هجين ها ته پڪ ئي پڪ، جو ڪجهه منهنجي وطن تي ٿي رهيو آهي، اُن کي ڏسي آءٌ هوند ڏهي، بنهه پٽ اچي پوان ها؛ پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو مجي سگهي ته هڻڙي عظيم هولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي ملي هوندي."

انهيءَ حوالي کان پوءِ، پنهنجيءَ هوليءَ کي عظيم هولي سڏيندي، جويو صاحب لکي ٿو ته:

"اسين به پنهنجيءَ هوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا ته اها اسان جو ڏاڏُ آهي، آٿت آهي. اها اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي.... پر جيڪا هولي اسان کي 'سندي ذات هنجن' جهڙو نئر ڏيئي سگهي ٿي، اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اُها ڪيئن نه عظيم هوندي، ۽ نيٺ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڻڙي عظيم هولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي ملي هجي!"

جويو صاحب، هولي جي باري ۾، پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

"جيستائين سنڌي مائرون پنهنجن معصوم منڙن هارن کي، پنهنجين محبت پريل هنجن ۾، سڀاجهڙي سنڌي هوليءَ جون مٺيون لوليون ڏيندیون رهنديون، تيستائين اسان جي سهٽي، سلوٽي هوليءَ اُن جي ادب جا پر بهار گل، ٻوٽا ۽ ڦلدار وڻ، جيئن پوءِ تيئن زياده اُپرندا ۽ اُسرندا، وڌندا ۽ ويجهندا ئي رهندا."

جويو صاحب، صبر، تحمل، انڪساري، عجز ۽ نوڙت سان پريل هڪ آدرشي انسان آهي. سنڌ جي هن ڏاهي جو سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي هوليءَ ۽ سنڌ جي ثقافت سان بي انتها عشق آهي. هن کي سنڌ جي پلائيءَ، سنڌ جي آئيندي، سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌ جي ترقيءَ لاءِ اونو رهندو آهي. تاج جويي، سائين محمد ابراهيم جويي لاءِ بلڪل درست لکيو آهي ته:

"هن جي نالي وٺڻ سان، سڄي سنڌ جي ويهين صديءَ (۽ اڪيهين صديءَ جي ابتدا) جي سنڌي ادب جي ڪارڪردگي، معنيٰ ۽ مقصد سامهون اچي وجن ٿا."

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري!

شيخ ايياز

طالب العلميءَ جي دور ۾ مون سان ٿي اهڙا ڪاپڙي مليا، جن ٽنهي جي باري ۾، مون کي پٽائيءَ جي هينئين سِٽ ياد ايندي آهي:

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري!

ءِ اُهي هئا- سوپو گيانچنداڻي، ابراهيم جويو ءِ حشو ڪيولراماڻي[1]

(اِهي) ٽي شخص آهن، جن منهنجي نندياڻيءَ عمر ۾ تربيت ڪئي آهي ءِ جي مان اُنهن سان نہ مِلان ها تہ مان، مان نہ هُجان ها، ءِ اُهي آهن- حشو، سوپو ءِ ابراهيم. اِنهن سان منهنجي عقيدت ءِ محبت اِئين رهي آهي، جيئن رُوميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي. اُهي ئي ٽي ماڻهو آهن، جي مُون کان جيون جي ليکي چوکي وٺڻ جا حقدار آهن.[2]

جويو، ڪرست ءِ ڪرانتڪاريءَ جو ڳوڙهو ڳانڌاپو آهي. تو[3] تہ هُن جي اُڻت ڏٺي آهي، پر جڏهن سنڌڙيءَ لائون لڏيون، تڏهن ڪير چوندو تہ اُن جو سارو لباس، هُن جي آڏاڻي ۾ اُڻيل آهي! هُو اُهو آدي جڳادي الوپ ماڻهو آهي، جو نؤ ورنيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجائي، ڪُر ٽي ويندو آهي. هن ٽي مون کي سيکاريو تہ شاعري زمهرير جي برف نہ آهي، جهنر جي آگِ آهي، ءِ جڏهن اُن جا شعلا تيز ٿي وجن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کُلي پون ٿا.[4]

ابراهيم جويي جي طبعيت..... حشوءَ جي بلڪل برعڪس آهي. هُو سُئيءَ سڳي تائين هر شيءِ جائيتي رکندو آهي. هن وٽ ڪوبہ اڻجايو پَنو نہ پيو هوندو آهي ءِ جيستائين هُو بيڪار ڪاغذ ڦاڙي مزي سان ٽُڪريون ٽُڪريون ڪري نہ اُڇليندو آهي ءِ ڪارآمد ڪاغذ ڪنهن ڪتاب جي وچ ۾ يا پنهنجي وهاڻي هيڻان ناهي ٽُڪي نہ رکندو آهي، تيستائين هن ڪي چئن نہ ايندو آهي. حشوءَ ۾ ضِد بلڪل ڪونہ هو ءِ ابراهيم ۾ ضِد گهٽو آهي. (مان پانيان ٿو تہ اِبراهيم تي سائين جي.ايم.سيد جي صحبت جو اثر ٿيو آهي، جنهن جو ضِد بہ پنهنجو مثال پاڻ آهي.) حشوءَ ۾ تذبذب هو، ابراهيم ۾ ڪوئي تذبذب نہ آهي. هن جا سياسي نظريا ءِ زندگيءَ جا اُصول طئي شده آهن، جن ۾ ڦيرگهير جي ڪائي گنجائش نہ آهي. ترتيب ءِ تسلسل، هن جي زندگيءَ جون نمايان خوبيون آهن. حشو بين الاقوامي ڪميونزم جون ڪمزوريون پاڻ ٻُڌائيندو هو، ابراهيم اجا تائين اُهي ٻُڌڻ بہ نہ چاهيندو آهي. (توڙي جو ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ۾ رهيو آهي). حشو تہ

---

[1] خط، ڪتاب، انترويو، تحريرون: پاڳو 2، ص 37

[2] 'ڪراچيءَ جا ڏينهن ءِ راتيون'، ص 47- 148

[3] هتي ايياز، 'روح رهاڻ' جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ سان مخاطب آهي، جنهن کي ليکيل خط مان هي ٽڪرو ڪنيو ويو آهي.

[4] 1- آڪٽوبر 1966ع تي حميد سنڌيءَ کي لکيل خط، ڪتاب: 'خط، انترويو تقريرون' پاڳو 2، ص 37.

1948ع جي شروع ۾ هندستان هليو ويو هو، پر ابراهيم جون مهربانيون اڃ تائين مُون تي مينهن وانگر وسنديون رهيون آهن. پس پرده رهي، هن نئين سنڌ جي ذهني تربيت ڪئي آهي. حشوءَ ته رڳو سائين جي. ايم. سيد جو هڪ ڪتابُ (Struggle for New Sindh) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، پر ابراهيم، سائينءَ جي ڪيترن ئي ڪتابن تي ڏينهن جا ڏينهن ٻُور نِچويو آهي. هن لاءِ هر ترقي پسند ڪتابُ، هر اُهو ڪتاب، جنهن سان هوليءَ ۽ ادب جو واڌارو ٿئي، هن جو پنهنجو ڪتاب آهي ۽ هن جو جيترو وسُ پڳو آهي، هن ليڪڪ کي اُنهيءَ ڪتاب سَنوارڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

ابراهيم سان مُنهنجي پهرين ملاقات، حشوءَ کان به اڳ، سال 1944ع ۾ منهنجي دوست جمال صديقيءَ ڪرائي هُئي، جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ بي. اي ۾ پڙهندو هوس. اُن وقت ابراهيم سنڌ مدرسي ۾ ماسٽر هو ۽ بندر روڊ تي 'سعيد منزل' جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. ابراهيم مون کي پهريون ڀيرو 'ٿنڪرس لائبريري' (Thinkers' Library) جا ڪتاب- 'Martyrdom of Man' 'انسان جي شهادت' وغيره پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا، جي مون نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيا هئا. اُنهن مان هڪ ڪتابَ 'Illusion of National Character' 'قومي ڪردار جو خبط' جو مون تي ايترو گهرو اثر ٿيو هو، جو 'جيئي سنڌ تحريڪ' ۾ ايتري دلچسپيءَ جي باوجود مان اُن جي Chauvinistic Trends جي لپيٽ ۾ نه آيو آهيان.

مان ابراهيم کي پنهنجا نظم ٻُڌائيندو هوس، پر هِن کي اُنهن ۾ حد کان زياده فارسي لفظ پسند نه ايندا هئا.

1945ع ۾ مان ۽ مُنهنجو دوست عبدالرزاق راز، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل 'سنڌي سرڪل' ۾ ويندا هئاسين، جتي مون پنهنجو نظم 'او باغي، او راج دروهي، پارت ۾ بلوي جا باني' پڙهيو هو ته ٻُڌندڙ حيران ٿي ويا هئا. اُهو نظم پوءِ 'لهرون' جي نالي سان سرڪل جي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ اُن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي منڌي آواز ۾ گهڙي تي ڳايو هو. اُنهيءَ سرڪل ۾ منهنجي نارائڻ شيام سان واقفيت ٿي هئي.

'او باغي، او راج دروهي' ۾ ڪم آندل ٻولي، ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي. ابراهيم سان جڏهن مان گهرو ٽيو هوس، تڏهن هن مون کي ايم.اين.راءِ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا. جمال صديقيءَ به اُنهن مان به ٿي ڪتاب اڳ ئي پڙهيا هئا ۽ ابراهيم سان گڏ ايم.اين.راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪرٽڪ پارٽيءَ (Radical Democratic Party) جي ميٽنگن ۾ به ويندو هو. ابراهيم مون کي پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار 'Independent India' 'آزاد هندستان' جا شمارا به پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا. هڪ ڀيري مان به پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويس.[1]

اِهو سارو وقت منهنجو ابراهيم جويي سان ميل جول رهيو، اهو دور مون لاءِ نشي جو دور هو- جُواني جو پرپور نشو، نون خيالن سان لهه وچڙ جو نشو، مطالعي جو نشو، شاعريءَ جو نشو، دوستيءَ جو نشو، مون سوين ڪتاب پڙهي ڇڏيا.[2]

ابراهيم جويي مُون لاءِ هڪ نئين دنيا جا تاڪَ کولي ڇڏيا هئا. پراڻيءَ دُنيا جا سارا ٽوٽيون ٽنيا ڊهي ڊير ٿي پيا هئا ۽ مون لاءِ ماضيءَ جي هر زنجير کي ڇني، اڇتي وڌڻ لاءِ دڳ ڪُلي پيو هو. منهنجي ۽ هن جي دوستي، روميءَ ۽ شمس تبريز واري هئي، جنهن روميءَ جي ڪتابن تي نِگاهه وڌي هئي ته اُنهن ۾ باهه لڳي وئي هئي.[3]

جڏهن مون سکر ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي ته ڪراچيءَ وارا ايم. اين راءِ جا ٻيا پوئلڳ منهنجي زندگيءَ مان نڪري چڪا هئا، پر ابراهيم سان منهنجا تعلقات برقرار رهيا هئا. مان جڏهن به سکر مان ڪراچيءَ ويندو هُيس ته هن سان ضرور ملندو هيس. هڪ ڀيري مان پنهنجي دوست عبدالرزاق راز سان گڏجي ڪراچيءَ نئين ڪار خريد ڪرڻ ويو هيس. ڪراچيءَ ۾ راز جو پنهنجو فليٽ

---

[1] 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، ص 69- 70- 171

[2] 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، ص 173

[3] ايضاً، ص 174

هو، جتي هن جو سالو رهندو هو. مان ابراهيم جي فلٽ ۾ وڃي رهيو هيس. اُنهن ڏينهن ۾ ابراهيم اڃا ب شادي ڪانه ڪئي هئي. ابراهيم جي پهرين زال ٽي. بي ۽ مري وئي هئي. ابراهيم ڪافي دير تائين رات جو خانگي ٽيوشن ڏيندو هو ته جيئن هُو زال جي علاج لاءِ پيسو بچائي سگهي، پر هوءَ بچي نه سگهي هئي، جو هن کي ابراهيم کٹ تان ٽي اُتاريو ته هُن کيس چيو هو، "آهستي ته اُتار، منهنجون ڪنڍڙائيون ٽو پيجين." اهو 'ڪنڍڙائيون' لفظ پنهنجي واتان ٻُڌي ابراهيم جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي ويون هيون. هن جي موت کان سال ڪن پوءِ ابراهيم هن جي پيٽ سان شادي ڪئي هئي.

هڪ شام جو مُون ابراهيم کي پنهنجا اردو نظم ٻُڌايا، جي هن کي ڏاڍا پسند آيا، جڏهن مون هي سٽون پڙهيون:

یہ دنیا، یہ آماجگاہِ تمنا،
کہاں جا رہی ہے
یہ رقاصۂ روز شب نوکِ خنجر پہ یوں ناچتی جا رہی ہے۔
کہ جیسے اُسے یہ یقین ہو گیا ہو،
کہ اب پاؤں چھلنی نہ ہوں گے۔

تڏهن ابراهيم چيو هو "اياز، توکي مان وري به چوان ٿو ته ٿُون پنهنجي ذات اجائي وڃائي رهيو آهين. ٿُون پنهنجيءَ ذات کي منطقي نتيجي تي رڳو سنڌيءَ ۾ پهچائي سگهين ٿو!"

مُون ڏک سان ڏسي ابراهيم کي چيو هو، "پر تو کان سواءِ مون کي سنڌيءَ ۾ ٻُڌڻ وارو ڪير آهي؟"

اُن تي ابراهيم سختيءَ سان چيو هو، "اسان ۾ ڪافي آهيون، اسان ۾ چاهيون ته سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا."

جي مصنف 'Save Sindh Save the Continent' جو ضد ڪنهن وقت ڏاڍو سجايو ثابت ٿيو آهي.[1]

ابراهيم سان پوئينءَ ملاقات کي ڪجهه سال گذري ويا. هڪ پيري منهنجي روح جي ڳنڍ اوچتو ڪُلي پئي ۽ مون ڪيئي بيت لکيا، جي ابراهيم کي پوسٽ ڪري موڪليم. ابراهيم اُن وقت ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. هن اُنهن مان ڪجهه بيت ادبي بورڊ جي ٽه ماهي رسالي "مهراڻ" جي پهرئين صفحي تي ڏنا. اُهي بيت، سنڌيءَ ۾ منهنجي ادبي زندگيءَ جو نئون جنم هئا.

..... مان پانيان ٿو ته مُون اردو شاعري، 1954- 1955ع ۾ چڏي ڏني ۽ وري سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽي آيس. ابراهيم صحيح چيو هو ته مان اردوءَ ۾ پنهنجيءَ ذات کي منطقي نتيجي تي پهچائي نه ٿو سگهان. اڄ منهنجن سنڌي شعرن تي هزارن ماڻهن جون دليون ڌڙڪن ٿيون ۽ ايوب خان جي حڪومت بانورجي پئي آهي. اها ڳالهه منهنجي اردو شاعري پيدا نه ڪري سگهي ها.[2]

'نيل ڪنڪ اور نيم کي پتي' 1947ع کان وٺي 1951ع تائين منهنجي اردو شاعريءَ جو مجموعو هو، جو مون "بُوئي گل نالهء دل" جي نالي سان 1952ع ۾ چپايو هو، پر اُهو مارڪيٽ ۾ نه ڏنو هو ۽ دوستن ۾ ورهائي چڏيو هو، چو ته اُن جي چپائي ۽ جلد سازي شايان شان نه هئي. اردوءَ ۾ اُها شاعري مون تڏهن ڪئي هئي، جڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۽ شاعر تتر بتر ٿي ويا هئا ۽ سنڌ ۾ مون لاءِ سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ ابراهيم جويي کان سواءِ ڪوئي اهڙو ادیب نه رهيو هو، جنهن سان مان ڳالهائڻ چاهيان ها.[3]

هن سال مئي جي مهيني ۾ مان 4 بجي صبح کان 6 بجي صبح تائين سانده هڪ مهينو شعر لکندو رهيس ۽ پنهنجا نثر جا ٻه ڪتاب 'آتم ڪهاڻيءَ' جو حصو ۽ 'روس جو سفرنامو' وچ ۾ رد ڪري چڏيم، چو ته شاعري سمنڊ جي ويرانگر ڪڏهن ڪڏهن چڙهندي آهي ۽ جڏهن لهي ويندي آهي ته مون کي منهوڙي جي نوٽ پهاڙين وانگر چڏي ويندي آهي. مون نه رڳو ڪيترائي نظم لکيا، پر ٿر جي پسمنظر سان پنج ڇهه سؤ بيت لکيا، جن ۾ مون

---

[1] 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، ص 179

[2] ساهيوال جيل جي ڊائري'، ص181

[3] 'ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون'، ص. 5

انسان جي گوناگون جذبات کي سمايو. اُنهن بيتن ۾ ٻٽائيءَ جي لوڪ کهاڻين جو کوئي پس منظر نہ آهي ۽ انهن ۾ ورلي کوئي اهڙو لفظ ڪم آندل آهي، جو ٻٽائيءَ يا ٻئي ڪنهن شاعر اڳ ڪم آندو آهي. مون سوچيو آهي تہ ائين سنڌ جي سمنڊ، ڪوهستان، لاڙ، وچولي، اُتر جي پس منظر سان ٻيا بيت لکان، جن ۾ هن ڏرتيءَ سان 'من ٿو شُدم تُو من شُدي' واري ڪيفيت پيدا ڪريان. مون ڪتاب جو نالو 'اَڪن نيرا ڦُليا' رکيو ۽ اُن جي هڪ ڪاپي ياسمين کي ڏني هئي تہ حيدرآباد پهچڻ سان جويي صاحب کي ڏئي.

ابراهيم جويو، سنڌي شاعريءَ جو وڏو پارکو آهي. مان جڏهن بہ نئون شعر لکندو آهيان تہ چاهيندو آهيان تہ اُن تي پهرين نظر سنڌ جي هن عظيم دانشور جي پوي، ۽ اُهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي تہ مون کي اُن جي امرتا جي پڪ ٿي ويندي آهي. منهنجي اڳئين ڪتاب 'بُڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي' ۾ شامل هڪ نظم 'چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان- ٿُون هُئينءَ' جي شرح جنهن خوبصورتيءَ سان هُن ڪئي آهي، اهڙي ورلي کوئي ڪري سگهندو[1]

اُن ۾ کوئي شڪ نہ آهي تہ (سنڌي) ادبي بورڊ جي اها اهميت نہ هجي ها، جي ابراهيم اُن ۾ سيڪريٽري نہ هُجي ها. هر انسان ۾ ڪي ڪميون بيشيون آهن..... تڏهن بہ جي خدا لڳ ڳالهہ ڪبي تہ ابراهيم جو نئين سنڌ جي شعور ۾ ڪافي هٿ رهيو آهي.[2]

[جي.ايم محڪريءَ جي ڪتاب 'محڪريءَ جا مضمون' جو مترجم جويو صاحب اسي ورهين کان مٿي ٿي چڪو آهي. منهنجي دعا آهي تہ قدرت ڪيس ڪنهن اتفاقي موت کان محفوظ رکي ۽ هو پنهنجو نتيجہ خيز ڪم ڪندو، بستري تي وفات پائي[3]]

(ڪتاب: "سڀاجهو سايهونڊ" تان ورتل)

محمد ابراهيم جويي جا بورڊ پاران ڇپيل ڪتاب



[1] 'ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون'، ص. 60
[2] 'ڪٿي نہ پڇبو ٽڪ مسافر' (پاڳو پهريون)، ص 72
[3] 'ڪٿي نہ پڇبو ٽڪ مسافر' (پاڳو ٻيو)، ص 283



محمد ابراهيم جويو

سوپو گيانچنداڻي

محمد ابراهيم جويو هڪ اهڙو اديب، محقق، عالم، دانشور ۽ اڻ ڄاتل سياسي گرو آهي، جنهن تي تمام گهڻو لکجڻ کپندو هو، پر هن يار نه ڪجهه پاڻ تي لکيو ۽ نه ڪنهن ٻئي کيس خاص ڪريدڻ ڏنو. اڄ دل ٿي چئيم ته هن اديب ۽ عالم کي ٿورڙو روشناس ڪرايان، چو ته جي.ايم.سيد، شيخ اياز، رسول بخش پليجو ۽ مان پاڻ سڀ ۽ سنڌ جو سمورو اديب لڏو محمد ابراهيم جويي جا قرضي آهيون. هن احسان کي صرف ڏنو آهي ۽ ورتو ڪجهه به نه آهي.

اياز، منهنجو شاگردي۽ جي زماني کان (1944ع کان) واقف ٿيو ۽ تڏهن کان وٺي آخر تائين دوست رهياسين. جويي بابت مون کي جاڻ تڏهن پئي جڏهن پاڪستان ٺهڻ وقت ڪنهن سبب کيس شايد نوڪري۽ کان سسپينڊ ڪيو ويو هو. جنهن ڪري سنڌ مدرسي جي شاگردن ۽ سندس پنيرائي ڪرڻ لاءِ تمام وڏي اسٽرائيڪ ڪئي ويئي هئي. اخبارن ۾ ان واقعي جي باري ۾ وڏي وڏي وٽ هلندي رهي. مان پنهنجي ٽريڊ يونين جي مصروفيتن سبب جاڻي نه سگهيس ته مامرو ڇا هو. گهڻو پوءِ معلوم ٿيو ته اهو وڏو بغاوتي سنڌي ڪتاب 'سيو سنڌ، سيو دي ڪانٽينينٽ' (سنڌ بچايو، نديي کنڊ کي بچايو) تي ٿيو هو. جنهن تي حاڪمن کي ناراضگي ٿي هئي. ان ڪتاب جي سرورق تي سنڌ جو نقشو هو، جنهن مٿان هڪڙي پلڙ گاڻ۽ جي تصوير هئي. تصور ۾ پڳڙيون پاتل واڻيا گاڻ۽ کي ڏُهي بالڻيون پاسيريون ڪندا اوپر ڏکڻ هندستان طرف پڳا ٽئي ويا، ته وري هڪ قطار پنجاب جي طريبازن جي، ڳئون۽ کي ڏُهڻ لاءِ پهچي رهي هئي. اها خبر ان وقت کو نه هئي ته سنڌ جي "ڪام ڏينو گاڻ۽" (اها ڳئون جنهن جو کير ڏهندي ڪڏهن به نه ڪٽندو آهي) کي ڏُهڻ لاءِ اوپر، اولهه، اتر ۽ ڏکڻ کان ڪٽيون اچي لهنديون.

1952ع ۾ جيل مان نڪرڻ کان پوءِ پتو پيو ته محمد ابراهيم جويو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي ويو هو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ محمد ايوب کهڙو، علامه آءِ.آءِ قاضي، جي.ايم.سيد، ميران محمد شاهه ۽ ٻيا عالم اڪابر ۽ صلاحڪار بورڊ جا ميمبر هئا ۽ سندن مشوري هيٺ دنيا ۾ جي اڀائي سؤ شاهڪارن کي ترجمو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو ۽ ادبي بورڊ کي اهو ڪم پاڪستان گورنمينٽ طرفان سونپيو ويو هو ته سنڌ بابت لکيل عربي ۽ فارسي ڪتابن کي اصل ٻولين ۽ ترجمي جي صورت ۾ چپيو وجي. ان لاءِ بجيٽ پاڪستان گورنمينٽ ڏني هئي. مون کي ياد آهي ته هڪڙي مائڪرو 1954ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي جاءِ تي ڪوڪن ۾ بند رهي، جو ته ان جي آپريٽر جو خرچ نه پاڪستان گورنمينٽ ڏنو هو، ته نه وري سنڌ گورنمينٽ کي توفيق ٿي هئي، (ان وقت سنڌي ادبي بورڈ جي آفيس اڳوٽي

پرائمري ٽريننگ ڪاليج، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۽ موجوده اين.جي.وي هاءِ اسڪول، جيڪو سعيد منزل لڳ آهي، ۾ هئي) ۽ جويو پٽيوالن ۽ چوڪيدارن لاءِ ٿيل ٻن ڪمرن واري جاءِ ۾ رهندو هو. 1953ع کان 1954ع تائين سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون به س. ا. ب جي هڪ آفيس ۾ ٽيندیون هيون، جي پوءِ ايياز قادريءَ جي ڏنيرام بلڊنگ ۾ ٽيڻ لڳيون ۽ جويو هميشہ انهن گڏجاڻين ۾ موجود هوندو هو. سنڌ جا نامياريا اديب: حفيظ شيخ، سراج ميمڻ، رشيد آخوند، خواجہ سليم، ايياز قادري ۽ ٻيا ڪيترا انهن گڏجاڻين مان ٿيجي وڃا عالم ۽ اديب ٿي نڪتا ۽ ڪيترن جي ڪچين ڪٿين لکڻين کي درست ڪري، سنواري، مهراڻ ۾ شايع ڪرڻ جو سهرو به ابراهيم جويي جي سر تي آهي.

1955ع کان وٺي جويي ٿماهي "مهراڻ" رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن خوبصورت، غلطين کان بلڪل پاڪ ۽ معياري، رسالو، هن وقت تائين ڪڏهن بہ نہ ڇپيو آهي ۽ نہ اڳتي ڇپجي سگهندو، ڇو تہ جيڪا پروف ريڊنگ ۽ مٽي ماري جويي سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ڪئي، اهڙي ڪوبہ ڪري نہ سگهندو.

جويي صاحب کي ڪجهہ وقت لاءِ سندس پاڙ پٽائڻ لاءِ لاهور ۽ پشاور بدلي ڪيو ويو هو، پر اهو اتي بہ سنڌي ڪتابن کي مشرف بہ اسلام ڪرڻ مهر آڏو وڏي ڍال جو ڪم ڏيندو رهيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ واپس اچڻ سان وري بہ هن سنڌي ادب جي خدمت جاري رکي. جويي صاحب پنهنجي نالي هيٺ تمام گهٽ لکيو آهي، پر ترجما تمام سٺا ۽ تمام سٺن ڪتابن جا ڪيا ۽ ڪرايا اٿس ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي واڌاري ۽ توسيع ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو اٿس.

نون لکندڙن ۽ اديبن کي همٿائڻ ۽ مٽي آڻڻ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو آهي. سائين جي.ايم.سيد جي سمورين لکڻين کي بنا غلطيءَ جي ڇپائي ۽ ترتيب جي ڪم ۾ بہ جويي وڏو هٿ وندايو آهي ۽ شيخ ايازکي همٿائڻ ۽ ان تي جاکوڙ ڪري، ايياز کي پنهنجو صحيح مان مرتبو ڏيارڻ ۾ بہ جويي صاحب جو ڪردار تمام اهم رهيو آهي.

جويي صاحب جي سياسي ڪردار کان تمام ٿورا واقف آهن، هو تمام پڙهيل، مارڪسسٽ ۽ سياسي ڄاڻ جو مالڪ آهي ۽ سنڌ جي وجود لاءِ جدوجهد لاءِ گمنام سپاهيءَ جو ڪم سرانجام ڏيندو رهيو آهي.

1953ع واري چونڊيل اسيمبلي جي اندر جيڪي سنڌ جي وجود، حقن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي برقرار رکڻ لاءِ شاندار ٿهراءَ انگريزي زبان ۾ پيش ڪيا ويا، انهن جو محرڪ ۽ نظرثاني ڪندڙ جي.ايم.سيد، علي محمد راشدي، عبدالستار پيرزادي سان گڏ محمد ابراهيم جويو هو، ۽ ان کان پوءِ هر ادبي ۽ سياسي ڪانفرنس لاءِ گرائونڊ ورڪ ۽ تجويزون ترتيب ڏيڻ جو ڪم بہ هي گمنام سپاهي ڪندو رهيو آهي. ڪيترن ليڊر صاحبان کي جيڪي طرح طراق سان اسٽيجن تي تقريرون ڪندا آهن، انهن کي اها خبر ڪانہ هوندي آهي تہ انهن تقريرن جو ڪچو مال ۽ وقتي تيار ڪيل پڪو مال جويي صاحب جي دماغ جي پيداوار آهي.

جويو انتهائي محنتي، پاڻ کي فنا ڪرڻ جي حد تائين مانيٽو ۽ نهٽو ماڻهو آهي. اصولن تي سخت ضدي ۽ هٺيلو، پر جنهن ۾ وڏائي پاڻ پڏائڻ جو ذرو بہ نہ آهي، 87 جي پيٽي ۾ هوندي بہ هو سنڌي ادب ۽ سياست ۾ هڪ ڊائينيمو جو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي. جويي جهڙا ماڻهو اسان جي سماج اندر تمام ٿورا آهن، جن پاڻ ماري ۽ ٻاري سنڌيت کي قائم رکيو آهي.

("نئين زندگي" حيدرآباد جنوري 2002ع تان ورتل - ادارو)



گھٽ- ڇاٽو ۽ گھٽ- گُٽو استاد

رسول بخش پليجو

انگريزيءَ جا چار شيدائي گڏيم، پهريون هو نٽي جو موليڏني عباسي لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول جي پهرئين درجي انگريزيءَ جو ماستر سائين ٺاڪر داس..... 20- 21 سالن جو سهٽو، ڏگهو، سنهو، خوش پوش جوان هو..... ننهن کان چوٽيءَ تائين ماستر هو ۽ سو به انگريزي ٽائيپ..... سائين ٺاڪر داس جو خيال اهو ٿي ڏنو ته هي سمورو جهان خدا تعاليٰ اُن لاءِ خلقيو آهي ته سڀ کان پهرين انگريزي اسپيلون پڪيون ڪيون وڃن، پوءِ ٻيا ڏنڊا ٿين....

..... ٻيو هو سنڌ مدرسي جو سائين ناظر حسين پنجابي. منهن تي سدائين سختيءَ جو تهه چڙهيل. هن جي ڪائنات جو مرڪز هو انگريزي گرامر.....

..... انگريزيءَ جو ٽيون شيدائي نه پر خفتي هو ماستر سوڀا..... هيءُ گرامر جو اُستاد هو. گجراتي هندو هو..... اٽئي ويٺي ته انگريزي گرامر، پر سُتي بستري تي به انگريزي گرامر. گهر ويس ته ڪٻڙ گرامرن سان پريا پيا هئا. شل نه ٻُڌي ته ڪو نئون گرامر جو ڪتاب ڪراچيءَ ۾ آيو آهي! هفتي ٻئي، ٽيچرس روم ۾ مرڪندو ايندو: "This is the new book".....

..... مون لاءِ انگريزيءَ جي اسپيلنگ ۽ گرامر واري پجري ۾ ماهُ ۽ ساهُ وجهي انگريزي ادب ۽ شاعريءَ کي لال ڪنوار بنائڻ وارو ماڻهو اڃا به هڪڙو ٻيو هو. [سنڌ] مدرسي ۾ آءٌ هاسٽل ۾ رهندو هوس. حسن علي هاسٽل ۾ منهنجي پاسي واري ڪمري ۾ عبدالرئوف رهندو هو. آءٌ پنجين ۾ ته هي ڇهين ۾..... ڇهين ۾ اچي انگريزيءَ جو شوق لڳس. مون کي نٽي هاءِ اسڪول کان وٺي ئي هروپرو غلط سلط انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪري ٽوڪ طور 'پروفيسر' ڪوٺيندا هئا. هي مونسان به اڇيو انگريزيون ڪري مون تي رعب ويهاري. خبر پئي ته همراهه جو انگريزي ماستر کي 'انگريز ٽائيپ' آهي. ماستر جون تعريفون ڪريو مٽان ٽيو ڪريو پوي..... ماستر صاحب انگريزيپڙهائيندو هوس، سو بيت به ٻڌائي ته نثر جا چوندا ٽڪرا به.....

آءٌ ٽي درجا انگريزي نٽي ۾ پڙهي، چوٽين ۾ سنڌ مدرسي ۾ آيو هوس. اڇڻ شرط بيمار ٿي پيو هوس. سال جي پڇاڙيءَ ۾ موٽي آيو هوس. وڏن پاڙن پٽڻ کان پوءِ اسڪالرشپ وري بحال ٿي ۽ وري داخلا ملي..... اسڪالرشپ جي امتحان ۾ ناپاس ٽيو هوس. ڊاڪٽر دائودپوٽي مهرباني ڪري اسڪالرشپ ڏني هئي. بيماريءَ جي ڪري سڄو سال غير حاضر رهيو هوس ۽ سال جي آخر ۾ مدرسي ڏانهن موٽيو هوس..... چوٽين درجي جو نتيجو نڪتو..... آءٌ پنجاهه جي ڪلاس ۾ چوئيتاليهون نمبر آيس..... سال کان پوءِ وري پنجين جو رزلٽ نڪتو. مون سنڌي ۽ عربي فقه ڇڏي ٻيا سيئي پيپر انگريزيءَ ۾ لکيا هئا..... نتيجو هر ڪلاس ۾ روبرو اچي ٻڌايائون، هر

سبجيڪٽ جو الڳ.... حسابن ۾ آءٌ شروع ۾ چٽ هوس... حسابن جو رزلٽ نڪتو. ماستر اعلان ڪيو، "فلاٽا پاس، فلاٽا فيل، رسول بخش علي محمد ڪير آهي؟" اُٿي بيٺس. "تون پهريون نمبر آيو آهين، انگريزي جنرل ۾." هڪڙي چوڪري کان رهيو نہ ٿيو، اُٿي چيائين، "سائين! هي ٽن جدا جدا رسول بخشن جا رزلٽ آهن. هڪڙو منگراٿي، ٻيو علي محمد جو پُٽ ۽ ٽيون پليجو." ماستر پُڇيو، "ڇا ڳالهه آهي؟" مون چيو، "علي محمد منهنجو والد آهي، منگر خان منهنجو ڏاڏو آهي، پليجو منهنجي ذات آهي."

معلوم ٿيو ته مون سنڌ مدرسي ۾ هڪڙو نئون رڪارڊ قائم ڪيو هو.... سڄي مدرسي جي پنجين درجي جي چئني ڪلاسن [A,B,C,D] ۾ پهريون نمبر آيو هوس....

پوئين پيرڊ ۾ پٽيوالي اچي چيو، "رسول بخش پليجي چوڪري کي ٽيچرس ڪامن روم ۾ سڏين ٿا."

"توکي مون سڏايو آهي." هڪڙو سنهو، پوري قد جو، سدا ملوڪ ڳورو نوجوان ماستر وڏي آيو. مون کي هٿ کان وٺي هڪڙي خالي ڪرسيءَ جي پرسان ٻيهاريائين. پوءِ ٻين ماسترن ڏانهن مُنهن ڪري سنجيدگيءَ سان چيائين، "هن چوڪري جي انگريزي ٽيڪسٽ جو پيپر مون ڏٺو هو. هڪڙي سوال جو جيڪو جواب هن لکيو آهي، سو اوهان کي پڙهي ٿو ٻڌايان." پوءِ هن پڙهي ٻڌايو. اهو سوال هو ته "هڪڙي انگريزي گهر جي اڏاوت ڪهڙي نموني ٿيندي آهي؟" مون سٽنگ روم، ڊرائنگ روم، مطالعي جي ڪمري ۽ بورچيخاني بابت ڪتاب ۾ ڏنل احوال ڏيئي، پوءِ لکيو هو ته "انگريزن جا گهر اهڙا ڪشادا، مضبوط، سهٽا ۽ صاف ستڙا ان ڪري آهن، جو انگريز آزاد قوم آهن. اسان جا گهر سوڙها، ڪمزور، ايرا سيرا ۽ گندا اُن ڪري آهن، جو اسين هندستاني قوم غلام آهيون.جيسين غلاميءَ مان چوٽڪارو نہ مليو آهي، تيسين اسان جا گهر اهڙا ئي رهندا. غلاميءَ مان چوٽڪارو قربانين بنا نہ ملندو." ماستر صاحب جڏهن منهنجي جواب جي هيءَ سٽ پڙهي:

"The tree of liberty is watered by the blood of tyrants."

پهرئين استاد پوءِ نهايت رسمي نموني مون کي مخاطب ٿي چيو، "رسول بخش! پنهنجي ڪلاس ۾، درجي ۾ ههڙي شاندار ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ خاص ڪري ههڙي عاليشان مضمون لکڻ جي ڪري اسين سنڌ مدرسي جا هي سمورا استاد، توکي اهو اعزاز ٿا ڏيون ته تو شاگرد کي، اسين استادن جي هن ڪمري ۾ پاڻ سان گڏ ڪرسيءَ تي ويهاريون ٿا!" مون کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو، چانهه گهرايائون، گڏجي پيتيسون. ٻين سيني استادن ٻه مون کي شاباس ڏني، مون کان کوبه لفظ کوڻ اُکليو. مون لاءِ خوشيءَ ۾ شڪر گذاريءَ جي اٽاهه جذبن کي روڪڻ ئي وڏو مسئلو هو. آءٌ بُٽ ٻنيو وينو رهيس. هاسٽل واپس اچي ڪمرو بند ڪري اندران ڪڙو ڏيئي ويهي رهيس. جنهن ڳالهه جو ڊپ هوم سا ٿي، منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهي اٿي هليا!

معلوم ٿيو ته اهو ماستر صاحب، جنهن کي منهنجو مضمون وٺيو هو، سوئي ڇهين درجي کي انگريزي پڙهائيندڙ سائين محمد ابراهيم جويو هو، جنهن جون عبدالرئوف نيڪيون ٿي ڪيون. هاڻ آءٌ ڇهين ۾ آيس ۽ عبدالرئوف وارو انگريزي ٽيڪسٽ جو استاد وري منهنجو استاد ٿيو. انگريزي ٽيڪسٽ ۾ رڪيل نظمن مان ٻه هئا. 'The Solitary Reaper' (اڪيلي لاهياري) ۽ 'And Home they brought her Warrior Dead' ۽ سندس مئل جوڌي کي گهر ڪٽي آيا." اهي نظر جڏهن جويي صاحب کي پڙهنو، پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو ٻڌم ۽ ڏٺم، تڏهن مون کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو معلوم ٿيو ته سچي شاعريءَ ۾ ڪيڏو نہ اثر، ڪيڏي نہ قوت، ڪيڏو نہ جادو ٿيندو آهي! پوءِ مون کي سمجهه ۾ اچي ويو ته جڏهن اسين

ٻيا شاگرد موڪل مهل اسڪول مان ٽڪي ٽُني ۽ بيزار ٿي موٽندا هئاسين، تڏهن عبدالرئوف ڪڏهن ڪڏهن وڏي واڪي انگريزي شعر پڙهندو، ڪلندو، ڪُڏندو ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندو ڇو ايندو هو. ڇهين درجي جي اسان واري ڪلاس جو آخري پيريڊ اڪثر انگريزي ٽيڪسٽ جو پيريڊ هوندو هو! هن جهڙو استاد مون اڳ ڪونہ ڏٺو هو. ٻيا انگريزي ڄاڻندا هئا، گرامر ڄاڻندا هئا، پر اهي ڳالهيون هن جي حالت ۾ هن جي شخصيت جو نچوڙ نہ هيون. هو ٻين کان وڌيڪ گهڻ طرفو، گهڻ ڄاڻو ۽ گهڻ گڻو هو. استاد هجڻ لاءِ جيڪي خوبيون ڪپن، سي منجهس حد درجي جون هيون، پر لڳو ٿي تہ هن لاءِ رڳو بهترين استاد ٿيڻ ڪافي نہ هو. هن جي سوچ جي دنيا اُن کان وڌيڪ ڪشادي، وڌيڪ پراسرار، وڌيڪ دلڪش ۽ نرالي ٿي لڳي. هن جيڪي ڳالهيون ٿي ڪيون، سي اسان مان ڪنهن جي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ هيون:

ڪا جا آندي ڪيڇئين وڻڪاران وائي،
سُٽي مون سائي، نيڻين ننڊ وهہ ٿي.
(شاهہ)

مختلف ٻولين جي گهڻن ناول پڙهڻ کان پوءِ، ننڍيءَ عمر ۾ ئي مون کي ڪتابن سان گڏ، ماڻهن کي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿي ڇيو هو. آهستي آهستي ماڻهن جي اندر بابت اول ڏُکا ۽ پوءِ ڪِي قدر صحيح اندازا لڳائڻ سکي ويو هوس. مون کي لڳو تہ اسان جي ڇهين درجي جي انگريزي ٽيڪسٽ جو ماستر، ماستر کان سواءِ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. خوبصورت جسم ۽ خوبصورت پوشاڪ سان گڏ خوبصورت ڳالهين ۽ سوچن وارو هي ماڻهو، رڳو نفيس ۽ نرم دل نہ آهي. مون کي لڳو تہ سندس اندر ۾ ڪي آهي، جيڪو سندس نرم نفيس علمي ۽ ادبي ڳالهي مان ڪڏهن ڪڏهن باهہ وانگر ٻرندو نظر اچي وڃي. لطيف جون هي سٽون مون گهڻو پوءِ پڙهيون:

"اندر جنين باهہ، سُڌ سي ڪا تن کي!"
"اديون عبداللطيف چئي، اندر آگ اٽئون!"

ائين ٿي لڳو تہ هي ڪنهن ٻئي پار جو مسافر آهي. اسان کي، سڄي ملڪ کي، دنيا جي سمورن ماڻهن کي اوڏانهن وڻي وڃڻ ٿو چاهي. هندو مسلم جهيڙن کان اڳتي؛ وڏيرن پيرن، سيدن جي راڄ کان اڳتي؛ ان وقت جي سياستدانن سر غلام حسين، جي.ايم.سيد، کهڙي ۽ سر عبدالله هارون، نواب بهادر يار جنگ، جناح، نهروءَ ۽ گانڌيءَ جي دنيا کان اڳتي. مون شعوري طور ڪائنس وڌ ۾ وڌ سکڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻين ڳالهين سان گڏ ڪائنس خوبصورت انگريزي نثر ۽ نظر پڙهڻ ۽ سمجهڻ سکيس. هن کان ئي مون کي اِهو شوق حاصل ٿيو تہ ماڻهوءَ کي نہ رڳو انگريزي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي، پر ان کي هڪڙي ڪارائتي ذهني، فڪري ۽ روحاني اظهار جي وسيلي ۽ پنهنجي اندر ۽ شخصيت ۾ واڌ، بلنديءَ ۽ انقلاب آڻڻ جي قوت جي سرچشمي طور ڪتب آڻي، ان مان خوشي ۽ مزو وٺڻ ۽ ان کي ماڻڻ جو ڏانءُ بہ اچڻ گهرجي. آءٌ سمجهان ٿو تہ دنيا جا جيڪي غير معمولي ماڻهو ٿي گذريا آهن، انهن کي پنهنجي مادري ۽ ملڪي ٻوليءَ کان سواءِ ڪانہ ڪا عالمي ٻولي جهڙوڪ: لاطيني، سنسڪرت، چيني، عربي، فارسي، انگريزي يا فرينچ وغيره ايندي هئي. اڄ بہ دنيا جي ماڻهن کان انگريزي، فرينچ، روسي وغيره عالمي ٻوليون ڪسي وٺجن تہ باقي وڃي ٿورا اهڙا ماڻهو بچندا، جيڪي ذهني، فڪري ۽ روحاني جيتامڑا نہ هجن. دنيا جي جديد سائنسي ۽ انقلابي سماجي سوچ سان منهنجي واقفيت بہ جويي صاحب ڪرائي، جنهن جي هدايت هيٺ مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اُن ئين سماجي سوچ مطابق لکيل سياسي لکڻيون انگريزيءَ ۾ پڙهيون. هو مون کي ايم.اين.راءِ جي هفتيوار انگريزي اخبار 'Radical' پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. اتان ئي اهو سوچ ۽ عمل جو سفر شروع ٿيو، جنهن آڻي في الحال هتي رسايو آهي.

(رسول بخش پليجي صاحب جي ڪتاب 'ڪوٽ لکپت جو قيدي' مان ڪوريل)



ڪوڪو ماڻهو، موتيءَ داڻو

سراج ميمڻ

چڪامي ۾ هڪڙي حڪايت پڙهي هير ته چڇ جڏهن راڄ جون سرحدون مضبوط ڪرڻ لاءِ نڪتو، تڏهن برهمڻ آباد جي هڪ ٻوڌي پروهت پنهنجي قلم ذريعي سندس مخالفت شروع ڪري ڏني. چڇ کي سخت ڪاوڙ لڳي، ۽ پڪو پهه ڪيائين ته ان پروهت کي جوڳي سيکت ڏيندو. جڏهن پنهنجن سمورن مخالفن کي ماري مڄائڻ کان واندو ٿيو، تڏهن جلادن جو هڪ جٿو ساڻ ڪري، پروهت جي مَٿِ ڏانهن روانو ٿيو. جلادن کي سمجهائي، چڏيائين ته "آءٌ هن کي ڳالهين ۾ مصروف رکندي، جڏهن اشارو ڏيان، تڏهن سندس سِسي لاهي چڏجو!" پوءِ مَٿِ ۾ داخل ٿيو، تڏهن ڏنائين ته پروهت چيڪي مٽي ڳوهي ٻندا ناهي ڳوهيندو ٿي ويو، ۽ پهڻ جو هڪڙو ٽڪر، هر ٻندي تي هڻندو ٿي ويو. ان پهڻ لڳڻ سان مٽيءَ جي هر ڇاٽي تي مهاتما ٻڌ جي تشبيهه اُپري ٿي آئي. جڏهن چڇ پنهنجي جٽي سان ڏوڪيندي اندر آيو، تڏهن پروهت، پنهنجي ڪِرت مان ڪنڌ مٽي ڪٽي مٽي ڪين نهاريو. ڪا گهڙي چڇ شِشدر ٿي، هن کي ڏسندو رهيو. سنڌ جي بادشاهه کي پنهنجو رعب ۽ دٻدٻو وسري ويو. هن جي بدن ۾ ڪنبڻي پئجي ويئي، ۽ هن هيڪندي پروهت کي عرض ڪيو ته حڪومت کي پنهنجي صلاح مشوري سان نوازي. پروهت ڪنڌ مٽي ڪٽڻ بنا ئي جواب ڏنو: "اي سيلائچ جا پٽ، اسان کي دنيا جي ڪاروبار سان ڪو واسطو نه آهي. جيڪڏهن پنهنجي عاقبت سنوارڻ چاهين ٿو ته پنهنجي وطن جي ماڻهن جي حياتيءَ ۾ ڪو سُک، ڪو سَهنج آڻڻ جو جتن ڪر!" ۽ چڇ سندس آشيرواد وٺي ٻاهر نڪري آيو. ساڻس گڏ هڪ وزير پڇيس ته "حضور، اوهان هن جي سِسي لاهڻ جو ته اشارو ڏنو ئي ڪونه؟" چڇ پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر اُگهندي چيو: "هن ڄاڻ جي ديوَ اڳيان مون کي پنهنجي سِر جي اڇي لڳي هئي: هن جي ڏيا ۽ حشمت منهنجا هوش ئي خطا ڪري چڏيا!"

ائين ٿو لڳي ته اُهي علم ۽ ڄاڻ جا پروهتَ جُوڻ مٽائي، هر دور ۾ ابراهيم جويي جهڙا ماڻهو ٻڌجيو پون. (اهو به پَڻيان ٿو ته ابراهيم جويو ڪنهن اڳئين جنر ۾ پڪ ئي پڪ کو ٻوڌي پروهت يا شِمن هو، هن ۾ ٻڌڙم جا اهجاڻ ڇڻا ۽ پٽرا اڄ به محسوس ڪري سگهجن ٿا).

هنن جي زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد ۽ محور آهي، سو اهو ته پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ڄاڻ جي روشني ڦهلائڻ لاءِ جتن ڪندي پساهه

پورا ٹين ته حياتي سجائي چئبي. هيءَ مختصر حياتي، جيڪا انسان کي ملي آهي، ان کي بامقصد بنائڻ ئي انسان کي ٻين ساهوارن کان اُتم ۽ اعليٰ بنائي ٿو، ۽ اهو مقصد آهي پنهنجي وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ ڏاهپ جا موتي ميڙي، ڄاڻ جا خزانا وندي ورهائي، کين ۽ قدر اڳتي وڌي وڃجي. ٻڌڻرم جي حوالي سان، اهوئي هنن جو نرواڻ آهي.

اڄ جويو هونئن ته بنهه ضعيف، سنهڙو، سپٽڙو، ننڍي قد جو هڪ پَريو مڙس آهي، پر جيڪڏهن سندس ڄاڻ ۽ ڪر جي هم گير پهلوئن کي خيال ۾ آڻجي ته هو هڪ سگهارو، قداور ۽ جواڻ جماڻ ڏهن آهي، جنهن جي گهڻ- ڏسي شخصيت جو احاطو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪر آهي. جڏهن سندس ڦُوهه جواني هئي، تڏهن وري هن جو ڏهن، تجربي ۽ مطالعي جي لحاظ کان پيرسن ۽ پريو مڙس هو، جيڪو پنهنجي هڪ جيڏن ۽ پاڻان ننڍين جي رهبري ڪندو هو. ناظر حڪمت، ترڪيءَ جي ڪنهن ڏاهي لاءِ هڪ هنڌ چيو هو ته 'جڏهن جوانُ هو ته اشاري سان صحيح منزل ڏانهن رهنمائي ڪندو هو، جڏهن پيرسن ٿيو ته هٿ کان جهلي صحيح منزل تي پهچائي ايندو هو.' ابراهيم جويي سان به اِها ئي ڪار آهي. جڏهن ننڍو نيٽو هو ته لاتعداد اشارن سان سنڌ سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي صحيح منزلن جي نشاندهي ڪندو رهيو. جڏهن پيرسن ٿيو ته ڪيترن ئي واٽهڙن کي دڳ لائڻ کان عملي طرح اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريائين، جيڪو خود هڪ منزل جي حيثيت رکي ٿو. ان کي هيئن سمجهو ته جڏهن اڄا جوانيءَ جو پُور شروع ڪيو هٿائين ته 'Save Sindh, save the Continent' لکي، اهڃاڻ ۽ پار پتا ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين. جڏهن رٽائر ٿيو ته 'شاهه سچل ۽ سامي' لکي ڏيکاريائين. هن جي ان ذهني سفر کي سمجهڻ لاءِ ايشيا کان سنڌ جي جاگرافيءَ ۽ تاريخ کي هڪ 'وطن پرست' احساس جي حوالي سان سمجهڻو پوندو. آڻ جڏهن 'وطن پرست' جو فقرو ڪتب ٿو آڻيان، تڏهن محض هڪ خوبصورت اصطلاح استعمال ڪونہ ٿو ڪريان، پر ان جي اڪري معني ڏانهن اشارو ٿو ڪريان. ابراهيم لاءِ وطن پرستي، پرستش جي حد تائين اونهو ۽ روحاني تجربو آهي. ساڳئي وقت اها حد درجي جي جانبداريءَ جي 'پوزيشن' پڻ آهي، جيڪا اقبال جي وطن کي 'ڪوڙو خدا' سڏڻ جي منفي روايت کي رد ڪري، ساهه جي 'واجهائي وطن کي..... ڪج پنوهارن پاس' واري مثبت روايت اختيار ڪرڻ جي 'پوزيشن' آهي. وطن هن لاءِ پارس به آهي ته ڪسوٽي به. جماليات جو معيار به اهوئي آهي ته روحانيت جو حوالو پڻ اهوئي آهي. مون کي ياد ٿو پوي ته سندري اتمچنداڻي سنڌ گهمڻ آئي هئي، ۽ هڪ شام، ابراهيمُ، اياڙُ، رباني ۽ آڻ، سندريءَ ۽ اتر سان گڏجي، ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري گهمڻ آياسون. روحانيت تي بحث چڙي پيو هو. اياز، تصوف ۽ ويدانت جي روايت سان روحانيت جي تعلق تي ڳالهائي رهيو هو، ۽ چئي رهيو هو ته ان معنيٰ ۾ هو ۾نهنجي روحانيت جو قائل آهي. ابراهيم به سندس ۾ايت ڪندي چيو هو ته روحانيت کي هروپرو ڪا تنگ معنيٰ ڏيڻ نہ گهرجي. ان وقت ڪونجن جي هڪ ڊگهي قطار هڪ ڪڙيءَ وٽان نڪري شفق جي لالاڻ ۾ گم ٿيڻ لڳي. سندريءَ ان نظاري ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو. واقعي منظر اهڙو ته دل کي جهوٻو ڏيندڙ هو، جو پانيان ٿو ته اسان سيني جون دليون گائون مائون ٿيڻ لڳيون. سڀ ماڻ ئي وياسيون. مون ڏٺو ته ابراهيم جويي جون اکيون لُڙڪن سان ڀرجي آيون، ۽ هن پڻ پڻ ڪندي چيو، 'الا، سنڌ جو آسمان ڪيڏو نہ سهڻو آهي!' ۽ پوءِ پنهنجي لڙڪن کان پريشان ٿيندي، ڳالهه لنوائڻ لاءِ ٿهڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين: 'اسان جي روحانيت ته اِهو اِها آهي!"

ابراهيم جويي سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ، واقفيتون ۽ لاڳاپا، مختلف حيثيتن ۽ مختلف سطحن

جا آهن. هڪڙي حيثيت ۾ سطح تہ اها آهي، جنهن تي هُو هر نئين لکندڙ کي لکڻ ۾ پڙهڻ لاءِ همٿائيندو آهي، رهبري ۽ رهنمائي ڪندو آهي. 1952ع جو زمانو هو، ۽ آءٌ مرحوم ڏيپلائيءَ صاحب وٽ ملازم هوس، ترجما ڪندو هوس، پروف پڙهندو هوس ۽ ڪتاب ويپيون ڪندو هوس. اُن ئي زماني ۾ 'ڏکڻ مان ڏو سج اُپري'، 'چين ۽ هارين کي زمين کيئن ملي' ۽ 'انسان ۽ انسانيت جي تاريخ' ترجما کيا هئم، ۽ ڏيپلائي صاحب ڇپايا هئا. جويو صاحب ڏيپلائي صاحب جو گهاٽو دوست هو، ۽ اڪثر قرآن پريس ۾ ايندو هو. منهنجي واقفيت سائس اتي ٿي. ڏيپلائي صاحب مرحوم منهنجا ڪجهہ ترجما ڪيس ڏيکاريا. ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پوءِ جڏهن بہ ايندو هو تہ ور ور ڪري پڇندو هو تہ 'سراج، ڪا نئين شيءِ ترجمو ڪئي اٿئي؟' هي ڪلٽو جوان، جنهن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ هوندي هئي، مون کان پندرهن ويهہ سال وڏو هو، پر جڏهن مون سان ڳالهائيندو هو تہ منهنجي سطح تي، ۽ هڪ اهڙيءَ پنهنجائپ سان، جيڪا فقط خيالن جي هم آهنگيءَ مان پيدا ٿيندي آهي. ان ئي زماني ۾ هن مون کي پنهنجو ڪتاب 'Save Sindh, Save the Continent' پڙهڻ لاءِ ڏنو. ان ڪتاب منهنجي ذهني ماحول ۾ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو، ۽ مون نڪا ڪئي هر نڪا تر، هفتي ڏينهن ۾ راتيون جاڳي، اهو ڪتاب ترجمو ڪري، اصل ڪتاب سان گڏ ڪيس ڏنم. هُو ڪا گهڙي تہ مون کي عجيب نظرن سان گهورينڊو رهيو، پوءِ هڪ مرڪ سان چيائين: 'چريا، هي ڪتاب تہ ضبط ٿيل آهي!' اهو ترجمو اڄا وٽس، ڪن پراڻن ڪاغذن ۾ موجود هوندو. ترجمن تان ڳالهہ ياد آئي تہ آزاديءَ کان اڳ سنڌيءَ ۾ ترجمي جو فن ڏاڍي اوج تي هو. سنڌيءَ جي هر اهر اديب ۽ عالم اهو پئي محسوس ڪيو آهي تہ جيسين سنڌ ۾ اصلوڪو ادب پيدا ٿئي، تيسين ترجمن ذريعي سنڌيءَ ۾ ٻين زبانن جو بهترين ادب ۽ علم اُتلائڻ هڪ ضرورت هجڻ سان گڏ سنڌيءَ جي مخلص ترين خدمت بہ آهي.

ان ڏس ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناڙو سرفهرست آهي. هن سوين ڪتاب سنڌيءَ ۾ اٿلائي وڌا.

مرزا قليچ بيگ جي هر عمر اديبن مان هر ڪنهن، هڪ قرض سمجهي، ڪوبہ ڪو ڪتاب ترجمو ڪري سنڌيءَ جي جهول ۾ وڌو. انگريزي، هندي، بينگالي، اردو، مرهٽي ۽ گجراتيءَ جا بيشمار ڪتاب ان دور ۾ ترجمو ٿيا. آزاديءَ کان پوءِ ترجمي جي اهميت، جيڪڏهن ڪنهن محسوس ڪئي ۽ ڪرائي، سو ابراهيم جويو هو. هن کي پاڻ بہ ترجمي جو فن ايترو تہ مٿاهين معيار تي ڪٽي ويو آهي، جو هن جا ترجما اصلوڪيون ۽ طبعزاد تحريرون ٿيون پائنجن، پوءِ اهر تعليم تي 'ايميلي' هجي يا ٻيا تازا ترجما، جن ۾ 'ٻارن جو مسيح' ۽ ٻيا اهر ڪتاب شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هن ڏينهن رات ڪوشش ڪري، ادبي بورڊ جي ترجمن جي اسڪيم کي اڳتي وڌايو. ان اسڪيم ۾ دنيا جي علم ۽ ادب جا بهترين ڪتاب چونڊيل هئا. جن اديبن ۽ عالمن کي بورڊ طرفان ڪو ڪتاب ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو ٿي ويو، انهن جي پويان ذاتي طرح ابراهيم جويو جنسي پويان پئجي ٿي ويو. هن جا ذاتي لاڳاپا سيني عالمن ۽ اديبن سان هئا، ان ڪري هلي وٽن ويندو هو، ۽ ڪين منٽون ڪندو هو تہ ٻيلي، ڏاها ٿيو، ڪتاب ترت ترجمو ڪري ڏيو تہ ڇپايون. رڳو ايستائين محدود نہ رهندو هو، پر جڏهن ترجمو پهچندو هو تہ ان کي ادبي معيار ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندو هو. مون کي ذاتي طرح سان اُن جو تجربو ۽ مشاهدو آهي، ڇاڪاڻ تہ 1955ع کان 1957ع تائين آءٌ بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ طور هن سان ڪراچيءَ واري آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندورهيو آهيان. کي ڪي ترجما تہ اهڙا معيار کان ڪِريل هوندا هئا، جو انهن کي

سڌارينديِ سڌارينديِ، هو بلڪل نئون ترجمو ڪري وڃي پار پوندو هو. ان سڀني ترجمي جو 'ڪريڊٽ' به ترجمي ڪندڙ کي ملندو هو. ائين سوين ڪتاب ترجمو ٿيا، ۽ ابراهيم جي قلم انهن جي نوڪ پلڪ کي درست ڪيو يا ماڃهين نئين سر ترجمو ڪيو.

اسان جي هڪ دوست (مرحوم تي الله جي مغفرت هجي) رسڪن جي هڪ ڪتاب جو ترجمو ڪيو. ان جو مسودو اڄ به بورڊ جي رڪارڊ ۾ هوندو. اهو ترجمو اهڙو لفظي ترجمو هو، جو جيڪڏهن ائين چپجي ها ته رسڪن جو روح ريهون ڪري ها. ابراهيم جويي جي قلم ان ڪتاب کي شاهڪار بنائي ڇڏيو. ۽ اهو مثال اڪيلو نه آهي، پر سوين ترجمن سان لاڳو آهي. ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل آهي، ۽ اهو فڪر هو ته جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نه رڳو سنڌي ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ڏهني سفر ۾، به قدم اڳتي نين. ادبي بورڊ جا ڪرايل ترجما ان جو وڏو ثبوت آهن. ان ۾ اوهان کي ڪو به اهڙو ڪتاب نه ملندو، جنهن ۾ محض ۽ صرف ادب جي ڇاشني هجي. ڪتاب اهڙو چونڊيندو، جنهن ۾ ڪنهن ماڳ، ڪنهن منزل جا نشان ڇڻا ملندا هجن. اها مقصديت (Motivation) رڳو بورڊ جي ڪتابن تائين محدود نه هئي. پنهنجي سنگتين ساڻين کي، ڳالهين ڪندي ڪندي، اهڙن ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چوندو، جيڪي پاڻ ۽ هنن گڏجي پڙهيا هجن، ۽ جن جي مقصديت لاءِ ڪنهن کي به شڪ شبهو نه هوندو. سندس رغبت ڏيارڻ جو انداز به اهڙو دل ڀائيندڙ هوندو آهي، جو ماڻهو سوچيندو ته هن کي جواب ڏيڻ سان هن جي دل ٽٽي پوندي. ڪن حالتن ۾ وري ڪيس اِهو احساس ٿيندو هو ته سندس ڪن دوستن ۾ لکڻ جي صلاحيت آهي ۽ محض سُستيءَ ڪري نه ٿا لکن ته انهن سان حجت ڪري ڪائنڊو لکائيندو يا ڪتاب ترجما ڪرائيندو. ڳالهين ڳالهين ۾ اهڙي حجت ڪري ويهندو، جنهن کي ٽارڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو. اسان جي دوست سرڪيءَ کان لکائڻ ۽ ترجما ڪرائڻ لاءِ هن اِها ئي ڪيڏ استعمال ڪئي. 'نيٺ ڇا ڪجي؟' ائين ترجمو ٿيو. ساڳي ڪيڏ سرڪيءَ جي گهر واريءَ پيڙ شمس تي آزمايائين ۽ ڪامياب ٿيو.

ڪن حالتن ۾ وري ضرورتمند اديبن کان ترجما ڪرائي، سندن مالي مدد ڪرڻ جي اهڙي روايت قائم ڪيائين، جو آڄ اڄ به ان ڳالهه جو قائل آهيان ته سنڌي ادب ۾ صحيح اُجوري جي روايت به ابراهيم جويي شروع ڪئي، جيڪا اڳتي هلي اُن منزل تي پهتي، جو ڪو اهڙو به وقت آيو، جڏهن سنڌي اديبن اهو فيصلو ڪيو ته اجورو (پوءِ ٿورو يا گهٽو) نه ملندو ته ڪنهن جي لاءِ به نه لکندا. جڳ مشهور ڪتاب 'Golden Bough' جو ترجمو 'جادو ۽ سائنس' ائين ٿيو هتي وري به هڪ ذاتي واقعو ياد ٿو پويم. 1957ع ۾ سي. ايس. ايس جو امتحان (جنهن کي عام طرح سي. ايس. پي آفيسرن جو امتحان سڏيو ويندو آهي(پاس ڪيم ۽ بورڊ جي نوڪري ڇڏي، ٽريننگ لاءِ لاهور ويس. ان زماني ۾ منهنجي پاءُ کي ٽي. بي ٿي پئي. ان ئي زماني ۾ ٽي. بيءَ جي علاج لاءِ نيون دوائون ميدان تي آيون هيون، جن مان هن موذي مرض جو مڪمل علاج ٿي ٿي سگهيو، پر دوائون ڏاڍيون مهانگيون هيون ۽ گهٽي مقدار ۾ ڪاڻيون هيون. ابراهيم کي منهنجي مالي حالتن جي خبر هئي، سو بورڊ طرفان ڪجهه ڪتابن جي ترت ترجمي لاءِ ليٽر ڏياري موڪليائين. ڏينهن رات هڪ ڪري ٽي ڪتاب ترجمو ڪري ڏنامانس. انهن مان هڪڙو ڪتاب شايد آمريڪي آڪاڻين جو هو، ۽ ٻيو، "She Stoops to Conquer" ۽ ٿيون شايد "School Scandal" هو. انهن ڪتابن جي پئسن، مون کي پاءُ جي علاج ڪرائڻ ۾ وڏي مدد ڏني. ان واقعي منهنجي ذهن تي ڪي پائدار اثر ڇڏيا، ۽ اُهي ئي اثر هئا، جن تحت مون 'هلال پاڪستان' ۾ لکندڙن کي معاوضي ڏيڻ جي روايت

قائم ڪئي. سندڙ جو اديب گهٽو تڻو ڏتڙيل طبقي سان تعلق رکي ٿو، ۽ جيڪڏهن ادبي ڪم جي عيوض ڪيس مناسب اجورو ملي ته ڪهڙي اربعا خطا ٿيندي؟

جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته 1955ع کان 1957ع تائين بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ مون هن سان گڏجي، ۽ هن جي زيردست ٿي، ڪم ڪيو آهي. ان کان اڳ به ٻه سال بورڊ جي بُڪ اسٽال تي مئنيجر طور رهي، سندس زيردستي ڪئي اٿم. انهن چئن سالن ۾ مون هن شخص جي بنهه ويجهو رهي، سندس شخصيت جي مختلف پهلوئن کي ڏٺو ۽ جاچيو آهي. سندس محنتون، سندس پورهيا، ۽ سندس مقصد سان ڇُهٽي رهڻ جا ڪرشما ڏٺا اٿم، ۽ نتيجي طور هڪ اهڙو انسان سامهون ڏٺو اٿم، جيڪو حد درجي جو وطن پرست آهي، پر جنهن جي وطن پرستي هڪ عجيب ۽ نئين وطن پرستي آهي. ان کي هيئن سمجهو ته ان وطن پرستيءَ کي پنهنجو هڪ جسم آهي، هڪ روح آهي، هڪ اخلاق آهي، ۽ جيڪا ساهواري آهي، جنهن کي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي هٿ لائي محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيڪا هٿ ڏگهيري اوهان کي ڇهي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڇهاءُ نه به ٿئي، تڏهن به پنهنجي موجودگي محسوس ڪرائي ٿي. هڪ انگريز وطن پرست جي 'پئٽريائزم' لاءِ چيو ويندو آهي ته 'انگلنڊ، منهنجو انگلنڊ، برو يا پلو، منهنجو انگلنڊ' پر ابراهيم جويي جي وطن پرستي پنهنجي وطن لاءِ 'برِي' يا 'پلي' جي چوندِ نه ٿي ڪري. هن کي يقين آهي ته منهنجو وطن، منهنجي سندڙ 'برِي' ته ٿي ئي نه ٿي سگهي. برائيءَ جي امڪان جو به تصور نه ٿي ڪري. ٻيءَ دنيا کي سندڙ ۾ ڪا برائي نظر اچي ته اهو هنن جي اکين جو قُصور آهي، پنهنجي Prejudice آهي. نه ته سندڙ ۾ ڪا برائي نه آهي، ڪا منفي شيءِ نه آهي. ان کي ائين به چئي سگهجي ٿو ته جيئن محبوب کي چندِ سان مشابهت ڏجي، پوءِ پلي سائنسدانن جي نگاهه ۾ چندِ تي غارن ۽ جبلن جي ڪري داغ چو نه هجن. سندڙ اُن وطن پرستيءَ جو محبوب آهي، جنهن محبوب جي مڪمل حسن هجڻ ۾ به رايا ٿي نه ٿا سگهن. ان ڪري اڻندي ويهندي، سُمهندي جاڳندي ان محبوب جو خيال دل ۾ وسندو رهي. اها وطن پرستي ابراهيم جويي جو مذهب آهي، ۽ مذهبن ۾ 'شرڪ' ڪبيرو گناهه آهي.

پوءِ ان مذهب جا ڪي ضروري فرض آهي، ڪي سنتون آهن، ڪي ارڪان آهن، جن جو محور اهو آهي ته ماڻهو پاڻ کي ان محبوب جو اهل ثابت ڪري؛ ۽ اها اهليت تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن ان محبوب جي ذات ۽ صفات لاءِ وحدت الوجود جي فلسفي ۽ فڪر تي عمل ڪندو رهجي، ۽ 'فنا في الوطن' جي معراج ماڻجي. ان جي عملي شڪل اها آهي ته وطن جون روايتون پنهنجيون روايتون بڻجن، وطن جا خدوخال پنهنجا خدوخال بڻجن، وطن جو اخلاق پنهنجو اخلاق بڻجي. ان معنيٰ ۾ سوچيو ته سندڙ چا آهي؟ سندڙ جي روايت آهي ماڻهپو، ڪنهن کي نه رنجائڻ، پنهنجن کي پيار ڏيڻ، ڪنهن سان به نفرت نه ڪرڻ، نهنائي ۽ خودسپردگي. اهي سموريون خصلتون ۽ وصفون اوهان کي ابراهيم جويي ۾ ملنديون. انساني سطح تي هُو پنهنجي اولاد جو نهايت محبت ڪندڙ پيءُ آهي (۽ هاڻي ڏاڏو ۽ نانو پڻ)، دوستن جو نهايت پيارو ۽ پيار ڪندڙ دوست آهي. آڏ نٽو سمجهان ته هن ڪنهن کي، ارادي سان، رنجايو هوندو. نهٽو ايترو جو جبل هوندي به ترائيءَ جي ڏيکائي ڏي. سندس هڪ آمريڪي دوست، باربيءَ هن لاءِ چيو ته 'Mr Joyo's humility is out of this world' اها Humility يا نهنائي، عظمتن جو استعارو آهي. ميوي سان جهنجهيل وڻ ئي جهڪيل هوندو آهي.

مقصد ڏانهن خود سپردگي، ابراهيم جويي جي اهڙي خصلت آهي، جنهن ۾ مون کي سندس ٻاني ٻيو ڪوبه سُجهي. ڪو مقصد مقرر ڪندو ته پوءِ اهو ئي هن جو محور بڻجي ويندو، ۽ مجال آهي جو هيڏانهن هوڏانهن جون فروعي ڳالهيون، ڪيس لحظي لاءِ به ان کان بي پرواهه ٿيڻ ڏين. ٻيا جي بي پرواهه ٿين ته شڪايت جو اهڙو رخ ڪندو، جو ماڻهو پيو ڪِکو وِکو ٿيندو. جڏهن بورڊ جو سيڪريٽري هو، ۽ 'مهراڻ' جو مواد سهيڙيندو، صاف ڪندو هو،تڏهن جو هڪڙو واقعو ياد ٿو اچيم. هڪڙو ناٽڪ پڙهايائين 'A Day in Akbar's Life' ناٽڪ اهڙو سنو هو، جو مون کي چيائين ته ترجمو ڪر ته 'مهراڻ' ۾ هلايون. مون به 'هائو' ڪئي، پر پوءِ ڳالهه وسري ويم. مواد پريس ۾ ڏيڻ وقت ڏٺم ته ڏاڍو رنجيدو هو. پڇيومانس ته چيائين: 'تو ناٽڪ ترجمو نه ڪيو، اجايو پرچي جي مواد کي ترسايرا!' ۽ پوءِ سندس اکين ۾ جيڪو ڏوراپو ڏٺم، تنهن کان ڪِکو وِکو ٿي ويس، ۽ رات جاڳي ٻئي ڏينهن کيس ترجمو آڻي ڏنم ته کٽي پاکر پاتائين.

سنڌ پنهنجي حيثيت ۾ هڪ مڪمل ترين وطن آهي. ان ۾ هر اها ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن وطن لاءِ تصور ۾ آڻي سگهجي ٿي. سمنڊ به آهن، ته دريا به آهن، ڪارونجهر ۽ هالار جهڙا جبل آهن ته ٿر جهڙو ريگستان به منجهس موجود آهي. وادیون آهن، چپر آهن، چانورا آهن، حسين صبح آهن ته سحرانگيز شامون به آهن. سنڌ جي اها هم گير شخصيت، سنڌ واسين کان 'هم گيريت ۽ مڪمليت' (Perfectionism) ٿي گهري. ابراهيم جويي جهڙو Perfectionist اوهان کي گهٽ ملندو. پوءِ سندس لکڻ هجي يا ڪنهن ڪتاب چپائڻ جو فن. سنڌي ادب کي بيهڪ جي نشانين سان سينگارڻ ۽ سيبتو بنائڻ ۾ به هن جي Perfectionism کي دخل آهي. جيڪي ڪتاب سندس دور ۾ ادبي بورڊ طرفان چپيا، انهن جي چپائي، مواد جي بيهڪ، گيٽ- اپ ۾ اوهان کي ابراهيم جويو صاف نظر ايندو. 'مهراڻ' لاءِ ايندڙ مضمونن ۾ اسان جا اديب دوست بيهڪ جي نشانين جو خيال ڪونه رکندا هئا. هڪ ڏينهن مون کي چيائين ته بيهڪ جي نشانين جي اهميت تي مضمون لک. اهو مضمون مهراڻ ۾ ڇپيو ته اديب دوستن پنهنجين تحريرن ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏيڻ شروع ڪيون. جيڪڏهن بيهڪ جي نشانين جي ڏاڻ، صحت ۽ ضرورت کي ڏسڻو هجيوَ ته ادبي بورڊ پاران ڇپايل لغت جو پهريون جلد ڏسو ته سندس محنت ۽ Perfectionism جو اندازو ٿي سگهندو. هي تمام ننڍا مثال آهن، پر هن جي شخصيت ڏانهن واضح اشارو ڪن ٿا.

ابراهيم جويو منهنجو ادبي استاد، منهنجو مربي ۽ منهنجو دوست آهي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجي هن مضمون مان هن جي شخصيت مڪمل طرح اپري نه سگهي هجي، ڇاڪاڻ ته ابراهيم جويو هڪ دور آهي، هڪ تاريخ آهي، هڪ وهندڙ درياهُ آهي، جنهن کي مڪمل طرح بيان ڪرڻ لاءِ ڪي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هن سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، ان کي گهيري ۾ آڻڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. ان ڪري فقط ايترو چوندس ته ابراهيم جويي پنهنجي وطن جي سرپرستيءَ جو اهو حق ادا ڪيو آهي، جيڪو منفرد آهي ۽ لازوال پڻ.

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي!

("ادبي گڏجاڻي"- سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي، 31- ڊسمبر 1981ع تي پڙهيل.)



محمد ابراهيم جويو

غلام رباني آگرو

دنيا ۾ کوبہ کامل مکمل کونہ آهي، هر انسان ۾ خوبيون خاميون ٿين ٿيون. کن ۾ گهٽيون، ته کن ۾ ٿوريون، محمد ابراهيم جويو بہ انهيءَ عام اصول کان مستثنيٰ کو نہ آهي.

مون کيس پهريون پيرو حيدرآباد ۾، رسالا روڊ تي سرائي اميد عليءَ جي دکان تي ڏٺو. بت ۾ سنهڙو، ڊگهڙو، ڦوٽ، ڳالهائڻ ۾ پڙ اکين تي عينڪ، خاڪي سلوار قميض ۾ ڪرسيءَ تي وينو هو. سندس عام شهرت اها هئي ته دين کان بيگانو آهي، جيڪا مون جهڙي تڏهوڪي ڪاليجي نوجوان لاءِ تجسس جو باعث هئي. سو کيس توجهہ سان ڏسڻ ۽ سندس ڳالهہ غور سان ٻڌندو رهيس. ڪجهہ دير کان پوءِ سرائي صاحب کان موڪلائي هليو ويو.

1954ع ۾، سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ سنڌي افسانن جي ڇپا پيڻي ڪرائي. منهنجي افساني "اُتر ڍاهي ان جا..." کي پهريون نمبر مليو. سو، "نئين زندگي" جو ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي صاحب، روزانو مينارام هاسٽل ۾ اچي ديدار ڪرائيندو هو. رسالي ۾ منهنجا بہ ٽي افسانا چاپيائين ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن نوڪريءَ جو آربر آڻي هٿ ۾ ڏنائين. کيس ڪا ڪڙڪ پئجي ويئي هئي ته مون سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪرڻ کان نابري واري هئي. اهڙيءَ ريت، بہ، پوٽا بہ ورهيہ ماهنامي 'نئين زندگي' ۾ سائينءَ مولانا صاحب سان گڏ گذاريم.

1955ع ۾ "مهراڻ" شايع ٿيو، ته جويي صاحب ايڈيٽر جي حيثيت ۾ منجهس منهنجا بہ ٽي افسانا چاپيا، پر ساڻس گهٽي گهري ملاقات سنڌي ادبي سنگت، ڪراچيءَ، جي ميٽنگن ۾ ٿيندي هئي، جنهن ۾ مان پهريان سرگرم ڪارڪن هئس ۽ پوءِ سيڪريٽري ٿيس.

سنڌي ادبي سنگت ۾ جويي صاحب جو وڏو احترام ڪيو ويندو هو. جڏهن هو ڪنهن مسئلي تي راءِ ڏيندو هو ته، پوءِ ٻيو ڪير بہ ان مسئلي تي لب ڪشائي ڪونہ ڪندو هو.

سنڌ ۾ ادبي سنگت، ترقي پسند تحريڪ جي علم بردار هئي ۽ محمد ابراهيم جويي، رسمي طرح نہ سهي، عملي طرح، ان جو پيش امام هو. سو، اسان جهڙا نوجوان ڪاليجي اديب، صف بندیءَ مهل، نيت ڪرڻ واسطي دل ۾ ائين ئي چوندا هئا ته 'پُنيءَ هن امام جي'.

آڪٽوبر 1957ع ۾ جويي صاحب مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي سنت کي زندهہ ڪيو. بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري، سراج، مرڪزي ملازمت جو اعليٰ امتحان پاس ڪري، انڪم ٽيڪس ڪاتي ۾

چونڊجي ويو هو. سو بورڊ ۾ اها جاءِ خالي ٿي پئي. ٽي ماڻهو جويي صاحب جي خيال ۾ هئا: عبدالقادر صديقي (جو پوءِ سنڌ سرڪار جو لا سيڪريٽري ٿيو)، بشير موريائي، جو تڏهن ڪنهن ڪاليج ۾ ليڪچرر هو، ۽ ٽيون مان. انهيءَ پينل تي ويچار ڪرڻ کان پوءِ جويي صاحب جي نظر انتخاب مون تي ئي پئي. پنجين آڪٽوبر تي بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽري، جو آرڊر جاري ڪرائي، منهنجي حوالي ڪيائين.

مان 'نئين زندگيءَ' جي آفيس مان مولانا عبدالواحد سنڌيءَ کان رخصت وٺي، سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت ۾ داخل ٿيس. پر، سنڌي صاحب سان قرب ۽ محبت ۾ رتيءَ برابر به ڦيرو ڪونہ آيو. ساڳيءَ ريت، بورڊ ۾ ملازمت ڪندي ورهيه وري ويا، پر جويي صاحب ڪڏهن به زبردستيءَ ۽ بالادستيءَ جو رتيءَ برابر به احساس نہ ڏنو. هر دور ۾ هلڪڙن ماڻهن سان گڏ اعليٰ انسان پيدا ٿين ٿا. مولانا قاسمي صاحب سان منهنجو ورهين جو رستو هو. قاسمي صاحب بورڊ جو چيئرمن ٿيو، مون کي چيائين ته "ادا، سيڪريٽري به تون ته چيئرمن به تون". پنهنجي قول تي حرف بحرف عمل ڪيائين، کوبہ ڪم منهنجي مرضيءَ کان سواءِ ڪو نہ ڪيائين.

پنجين آڪٽوبر اٽويهہ سو ستونجاهہ تي، جڏهن مون سنڌي ادبي بورڊ ۾، اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج ورتي، تڏهن جويو صاحب آمريڪا 'Leadership Exchange' پروگرام هيٺ، ٽن مهينن جي ثقافتي دوري لاءِ آمريڪا ويل هو. سراج مون کي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج ڏئي، ائين چئي، موڪلائي ويو ۽ "روزانہ نواءِ سنڌ" ۽ ڪراچيءَ جي ٻين پريسن ۾، بورڊ جا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، تن جي پروفن جو خيال رکجانءِ، باقي اهم لکپڑهہ جا ڪاغذ جويي صاحب جي واپسيءَ تائين التوا ۾ رکجانءِ". جويي صاحب وري آمريڪا مان، خط لکي موڪليو، جنهن جو مطلب سراج کي الوداع، چوڻ ۽ مون کي "مرحبا چوڻ هو" ٻيو خط پير حسام الدين راشديءَ کي موڪليائين، جنهن ۾ آمريڪا بابت پنهنجي دوري جا تاثرات بيان ڪندي کيس لکيائين ته:

"اڻان ميهان دا ڪيها ميلا
هو چرن جهنگ، هي چرن ٻيلا!"

ٻَئي ڇٽا پاڻ ۾ ڏاڍا حجائتا هئا، سو، پير صاحب، جوابي خط ۾ لکيس ته:

خير عيسيٰ گربہ مکہ رود،
چون بہ آيد، هنوز حرباشد!

پير صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان زماني ۾ بورڊ جا سڀني کان سرگرم ميمبر هوندا هئا. ٽيون ميمبر، جنهن جو بورڊ ۾ وڏو رتبو هو، سو هو شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽو، هونئن ته سڀ ميمبر وڏي نالي وارا هئا: پير علي محمد راشدي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ميران محمد شاهہ، آغا بدر الدين دراني، عثمان علي انصاري، غلام مصطفيٰ شاهہ، آپا خورشيد، پر بورڊ جو صحيح معنيٰ ۾ "روح روان" سائين جي.ايم.سيد هو، جو عهدي جي لحاظ کان نائب صدر هو. صدر خانبهادر کهڙو هو. سائين جي.ايم.سيد صحيح معنيٰ ۾ جويي صاحب جو سرپرست هو. سو، جويو صاحب بورڊ کي جيئن وٽندو هئس، تيئن هلائيندو هو. سائين ميران محمد شاهہ چوندو هو ته "جويو ته اسان ميمبرن کي ليکي به کونہ ٿو." خبر ناهي ته اها ڳالهہ سائين جي.ايم.سيد تائين ڪيئن پهتي، پاڻ جواب ۾ چيائين ته "جويو معنيٰ بورڊ".

آڪٽوبر اٽويهہ سو ستونجاهہ کان سن اٽويهہ سو ايڪهٺ تائين، رات ڏينهن، مون سندس هڪ ماتحت نہ، پر، عقيدتمند جي حيثيت ۾ ساٺس گڏ ڪم ڪيو. پوريءَ پوريءَ ذميواريءَ سان چوان ٿو ته مون ڪائنس وڌيڪ پورهيت انسان ڪٽي به کونہ ڏٺو.

بورڊ اٽويهه سؤ ايڪونجاهه ۾ قائم ٿيو هو. جويو صاحب شروعاتي ڏهه سال لاڳيتو ان جو سيڪريٽري هو. ڏهن سالن جي عرصي ۾ بورڊ جو بنياد پڪو پختو ڪرڻ ۾ ڪانئس وڌيڪ ڪنهن به ڪم نه ڪيو. هو بورڊ جي عمارت جو پيڙهه جو پٿر هو. رڳو سرڪاري لکپڙهه جو ڪم نيڪال ڪونه ڪندو هو پر ان جا علمي ڪم، ايڈيٽ ته اورچائيءَ سان ڪندو هو، جو حيرت لڳندي هئي، ته هن شخص ۾ محنت جو ايڏو مادو ڪيئن آهي؟

جان رسڪن جي ڪتاب 'Unto this Last' جو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ ويو، ته جويي صاحب ترجمي جي اصلاح ضروري سمجهي. سڄي ڪتاب جي هڪ هڪ سٽ درست ڪيائين. ان طرح، ڪيترن ئي ٻين ڪتابن جا نالا، مان ٻڌائي سگهان ٿو، جن تي هن رات ڏينهن نور نچوئي ڪين هيري وانگر چمڪايو، رڳو ايترو پر "نيڪي ڪري، درياءَ ۾ وجهه"، واري اصول تي عمل ڪيائين. بورڊ کان ان جو ڪوبه اجورو ڪونه ورتائين. پر، انهن ڪتابن جي مترجمن ۽ لکندڙن کي به احسان جو احساس ڪونه ڏنائين.

ڪنهن تي احسان ڪري ان جي مشهوري نه ڪرڻ (بلڪ ان کي لکائڻ) وڏي ۾ وڏو احسان جو ڪم آهي. قرآن ڪريم جي تعليم آهي ته احسان جو بدلو احسان آهي.

سنڌ ۾، جويو صاحب اهڙن ٿورڙن بزرگن ۾ باقي بچيو آهي جن کي سنڌ جي مٽيءَ سان عشق آهي. عشق عجب نعمت آهي، پر جنهن کي نصيب ٿئي! عشق جي عظمت اها آهي ته الله ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وچ ۾ به عشق آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي حفاظت ۽ ترقي، سنڌ جي تاريخ جو حب الوطنيءَ جي ڏهني لاڙي سان مطالبو ۽ سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ ٻيا ته نهيو، پر سياسي پلئٽفارم تان جدوجهد ڪرڻ ۾ به جويو صاحب ٻين سان گڏ هوندو، بلڪ بعضي ڪجهه اڳيرو.

اسلام آباد ۾، هڪ پنڻ ليڊر، اجمل خٽڪ، مون وٽ اڪيڊمي آف ليٽرس ۾ پنڻ اديبن ۽ شاعرن جون درخواستون ڪڍي ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي مختصر ڪچهري به ٿي ويندي هئي. مون کان پڇندو هو ته:

"وہ کہاں ہیں"؟

مان پڇندو هو مانس ته "اوهان ڪنهن جو ٿا پڇو؟"

چوندو هو ته: "اسکا نام یاد نہیں، لیکن وہ ہیڈ ماسٹر تھا۔۔۔ وہ ہیڈ ماسٹر!"

هڪ ڀيري مون کي اوچتو خيال آيو، ته ڪنهن زماني ۾ جويو صاحب جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو. سرحد صوبي جي ڪوهاٽ ۾ ماسترن جي ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال به هو.

سو، چيومانس ته "محمد ابراهيم جويو صاحب."

ٽڏو ساهه پري چيائين ته "ہاں! جویوصاحب."

هيءَ به دلچسپ ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ڪيترائي ڪتابي سلسلا ۽ رسالا نڪرن ٿا، پر اهو اعزاز محترمه ثمينه وقار جي قسمت ۾ لکيل هو ته هن ماهنامي "نئين زندگي" جو "ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ" نمبر ڪڍڻ کان پوءِ "جويو صاحب نمبر" شايع ڪيو.

("نئين زندگي" حيدرآباد جنوري 2002ع تان ورتل - ادارو)

سنڌ جو محسن

عبدالواحد آريسر

محمد ابراهيم جويو سرزمين جو سنڌ جو اهو چٽيڪ لکڻو پٽ آهي، جنهن کتابن سان گڏ ادارن کي ب جنم ڏنو، پاليو، وڏو ڪيو ۽ تندرست ۽ توانو بنايو آهي. آڪ جڏهن 1958ع ۾ اسڪول ۾ داخل ٿيو هئس، اُن وقت جيڪو ڪتاب سڀ کان پهرئين منهنجي سامهون آيو، ان جي لکندڙ ۽ ايڊيٽر ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جو نالو شامل هو ۽ جڏهن مون سنڌ جي آزاديءَ جي واٽ ورتي، ان وقت ب منهنجي سامهون محمد ابراهيم جويي جو ڪتاب "سنڌ بچايو، ڪنڊ بچايو" (Save Sindh, Save the Continent) موجود هو.

اهوئي سبب آهي ته هڪ ادبي ميڙاڪي ۾ ڳالهائيندي مون چيو هو ته: هن وقت ڪوب اديب ۽ شاعر اسان لاءِ پوپ پال ٽيڊ جي ڪوشش نه ڪري، جو ته اسين پاڻ مان بيزار ٿي چڪا آهيون، ۾ هڪ ماڻهو، جنهن لاءِ اسان جون عقيدتون، محبتون، احترام ۽ چمپاڪليون ۽ خوابن جون خوبصورتيون وقف ٿيل آهن، اهو آهي-محمد ابراهيم جويو!

چوته هيءُ اهو شخص آهي، جنهن جي هٿ ۾ ورهاڱي کان اڳ هڪ بٽڻ هو- 'سنڌ بچايو، ڪنڊ بچايو'، ۽ اڄ ب هن هي هٿ ۾ اهوئي بٽڻ، آب ۽ تاب سان جهولي رهيو آهي. هن جون سموريون تقريرون، هن جا سڀ مقالا، هن جون سڀ تحريرون، هن جا سڀ مهاڳ، هنڙ جا سڀ خواب اڄ ڏينهن تائين، انهيءَ بٽڻ جي تشريح ۽ تعبير لاءِ وقف ٿيل آهن:

۽ اهو ابراهيم جويي صاحب جو ئي ڪمال آهي جو هن شعري سطح تي جيڪو قلم پهرئين ڏينهن رکيو، ان تي اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. ان سلسلي ۾ هن کي چا چا نه سَهڻو پيو آهي، ڪيترائي ڏهني ۽ جسماني عذابن جا درياءَ ڪيس پار ڪرڻا پيا آهن، ۽ ڪيترين ئي راتيون، هن اُنهن عذابن کي سهندي، ۽ ڪنهن روشن صبح جي انتظار ۾ اوجاڳا ڪندي ڪاڍيون آهن.

اصلي مسئلو اهو ناهي ته ڪو ماڻهو، ڪهڙي وقت، ڪهڙي چڱي ڳالهه ڪري ٿو. پر مسئلو، اهميت ان وقت اختيار ڪري ٿو، جڏهن ڪو ماڻهو سوچيل سمجهيل راءِ قائم ڪري ٿو ۽ ان کي پنهنجو نصب العين قرار ڏئي ٿو. ان لاءِ وٽس موجود وسيلن آهر استقامت سان جدوجهد ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي، جو ننڍي کنڊي جي آزاديءَ جي تحريڪ جي روح روان مولانا محمود الحسن ديوبنديءَ اِهو چيو هو ته "استقامت ڪرامت کان مٿي آهي." ميدان جدوجهد ۾ بيئل گناهگار بندو روز ڪرا ٿون بدلائيندڙ وليءَ کان مٿي آهي، ۽ محمد ابراهيم جويو ۽ اڄ ڏينهن تائين جنهن مسلڪ تي بيٺو آهي، اها سندس استقامت، يقيناً وقتي طرح خوش نما جلوا ڏيکاريندڙ تصويرن وارن اوليائن کان هزار پيرا بلند آهي.

جويي صاحب پنهنجي انهيءَ مسلڪ جي روشنيءَ ۾ سنڌ اندر وڏيون تبديليون آنديون آهن، اهي تبديليون ڪچهرين کان وٺي علم، ادب ۽ فلسفي تائين پکڙيل آهن. خاص ڪري هن سنڌي ادب جي رفتار ۽ رخ ۾ جيڪا تبديلي آندي آهي، تنهن کي اڄ ڪٽي ڪوئي 'ڪوتاهه قدر' نه ڪيو، پر سنڌ جي وسيع ميدانن ۽ وسيع ريگستانن ۾ منعقد ٿيندڙ هزارين محفلون ۽ مجلسون، جن پوءِ جو پاڻ ئي قيري چڙيو آهي، سي هن ڳالهه جون شاهد آهن، ته انهن مجلسن ذريعي ماضيءَ جي مڪروهه ۽ غلاظت پرئي رويي جي خلاف جيڪا سهڻي ۽ مهڪار پريل هوا گهُلي رهي آهي، سا ان پيريءَ ۾ نوجوانن کان وڌيڪ جذبو رکندڙ شخص محمد ابراهيم جويي صاحب جي انٽڪ پورهئي جونتيجو ۽ ثمر آهي.

محمد ابراهيم جويو_ سنڌ جي تاريخ

مظهرالحق صديقي

سائين محمد ابراهيم جويو سان منهنجو تعلق نهايت ئي پراڻو آهي، ۽ سندس لکڻين سان ان کان ب وڌيڪ پراڻو. هو سنڌ جو اهو ڏاهو آهي، جنهن پنهنجي وس ۽ وت کان وڌيڪ سنڌ ڏرتي ۽ ڏنڊيل سنڌي قوم ۾ سماجي ۽ سياسي سجاڳي آڻڻ جي پرپور کوشش ڪئي آهي، ان لاءِ هن پنهنجي ذاتي توڙي گهريلو زندگيءَ جي قرباني ب ڏني.

ڏرتي ماءُ جي اهنجن، تڪليفن جو جيڪو احساس وٽس آهي، تنهن جو اندازو سندس لکڻين مان لڳائي سگهجي ٿو. آئون کو اديب نه آهيان جو سندس بابت کو ادبي ليک لکان، پر مون جيئن کيس ڏٺو ۽ ڄاتو آهي، ان ئي حوالي سان هيءُ مختصر ليک لکيو اٿر.

محمد ابراهيم جوئي، نندپڻ کان پوءِ لاوارثي ۽ ننڍڪي ماحول ۾ زندگي گذاري. محرومين ۽ يتيميءَ جي احساس کيس اڃا ب پڃائي پختو ۽ پڪو کيو، ۽ اها پختگي جسماني ت نه ٿي سگهي، جو اسان کيس هميشه سنهڙو سيپڪڙو ئي ڏٺو، پر سندس ذهني پختگيءَ جو مثال ملڻ محال آهي، سندس ذهن هميشه ولوڙجندو رهيو ۽ ان ولوڙ جي نتيجي ۾ جيڪي ڪجهه پڇي راس ٿيو، تنهن کي هن ڏنڊيل سنڌي قوم جي ذهنن ۾ اوتڻ جي پرپور ۽ اثرائتي کوشش ڪئي آهي.

سنڌي علم ۽ ادب جي آبياري ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهندي هن کيترن ئي قدآور اديبن ۽ ليکڪن جي نه فقط علمي ۽ ادبي آبياري ڪئي، پر انهن جي ذهني اوسر ۾ پڻ نمايان ڪردار ادا کيو. مختلف اديبن، عالمن ۽ ليکڪن جي ڪتابن جا لکيل مهاڳ ان جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن، بلڪ مون کي اهو لکندي کا هڪ محسوس نه ٿي ٿئي، ته کيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب جويو صاحب جي لکيل مهاڳن جي ڪري ئي ڪتاب سڏجن ٿا ۽ جيڪڏهن جويو صاحب جي مهاڳن کي انهن ڪتابن مان ڪڍي ڇڏجي ته، اهي بي جان ۽ بي مقصد ٿي پون.

شيخ ايار جي شاعريءَ جي مجموعن جي لکيل مهاڳن کي جيڪڏهن پڙهجي ته اهي جديد سنڌ جو تصور پيش ڪن ٿا، بلڪ اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته، انهن مهاڳن جديد سنڌ جي ذهني جوڙجڪ ۾ پنهنجو پرپور ڪردار نڀايو آهي ۽ شيخ ايار کي 'نئين سنڌ جو نئون آواز' يا 'شيخ ايار سنڌ جو آواز' ڪري ڪوٺيو آهي. حقيقت ۾

محمد ابراهيم جويي جهڙا دانشمند ڏاها قومن لاءِ وڏي وٽ هوندا آهن.

محمد ابراهيم جويو بنيادي طور تي هڪ استاد هو، پاڻ اها ڳالهه کيترائي ڀيرا ورجائي اٿس ته، جڏهين نوڪري ڪرڻ جو مرحلو آيو، ته کيترن ئي دوستن ۽ سڄڻن کيس صلاحون ڏنيون ته، هو پوليس کاتي ۾ وڃي، ڪن کيس مختيارڪار ٿيڻ جي صلاح ڏني، ڪن ٻين کاتن ۾ وڃي نوڪري ڪرڻ لاءِ همٿايو، پر پاڻ استاد ٿيڻ کي ترجيح ڏنائون، ۽ پنهنجي ئي اسڪول سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيا. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ هڪ اهڙي پيشي سان پاڻ کي وابسته ڪيائون، جيڪو پيغمبري جي پوئلڳي هو. پاڻ جيتوڻيڪ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان ٽورو ئي عرصو واڳيل رهيا، پر ڏهني طور تي هميشه استاد ئي رهيا، ڪڏهين شاگردن جي ڪڏهين، اديبن ۽ شاعرن جي، ڪڏهين سياسي اڳواڻن جي، ته وري ڪڏهن سياسي ڪارڪنن جي تربيت ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. سندس رويو سيني سان هميشه هڪ شفيق استاد وارو ئي رهيو، ۽ هر طبقي هر فڪر ۽ سوچ ۽ هر عمر ۽ هر جنس جي شخص کائنئ لاءِ پرايو، سڪيو ۽ سمجهيو آهي. سندن لکڻين مان ان دور جي سنڌ، ان جي معاشي، اقتصادي، سماجي، علمي ۽ ادبي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ٿيندي رهي آهي، ۽ اهي عڪس ۽ اولڙا سنڌ جي تاريخ جي ورقن جي صورت اختيار ڪندا رهيا آهن، جن کي جيڪڏهين يڪجا ڪجي ته گذريل هڪ صديءَ جي تاريخ مرتب ڪري سگهجي ٿي.

سائين محمد ابراهيم جويو جي زندگيءَ جو داستان، هڪ اهڙي شخصيت جو داستان آهي، جيڪو پنهنجي جيئري ئي هڪ داستاني ڪردار Legendary Character بڻجي چڪو آهي. سندس حياتي لڳاتار جاکوڙ جي هڪ قابل تقليد آکاڻي آهي، هو قلم قبيلي ۾ هڪ گهٽي رُخي، گهڻ صفتي، هڪ باعمل عالم، ڏاهو ۽ آدرش وادي آهي، جنهن پنهنجي فڪر ۽ نظرئي جي اظهار ۾ ڪڏهن ڪنهن مصلحتن ۾ هٿ نوڪين ناهن کان ڪم نه ورتو آهي، ۽ پنهنجي قلم وسيلي پنهنجي مقصد ۽ مشن لاءِ هر وقت اٽڪ محنت ڪئي آهي، ۽ پنهنجن همعصرن ۾ هڪ رول ماڊل رهيو آهي. پاڻ سنڌ بلڪ ننڍي کنڈ جي جيئري جاڳندي، چرندڙ پرندڙ تاريخ آهي، جنهن کي ٽورو ڏوٽيو ته تاريخ جا کيترائي وٽندڙ ۽ تلخ دؤر چٽي، اوهان جي آڏو پکڙجي پوندا.

سائين محمد ابراهيم جويو پنهنجي زندگيءَ جا 99 سال مڪمل ڪيا آهن، ۽ سوين سال ۾ داخل ٿيو آهي.

ڪجهه سڃاڻ دوستن، سندس سوين سال کي مانائتي ۽ شانائتي نموني ملهائڻ ۽ سندس علمي، ادبي، تاريخ، ثقافتي ۽ هوليءَ جي حوالي سان کيل خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي آهي، جيڪا سڄو سال پروگرام ڪندي ۽ سائينءَ جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن کي مختلف ادارن جي سهڪار سان شايع ڪرائيندي. خوشقسمتيءَ سان مان ان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين آهيان، ڪوشش هوندي ته، سائينءَ کي سندن خدمتن جي شايانِ شان ڀيٽا پيش ڪيون.

محمد ابراهيم جويو: نئين سنڌ جو معمار

مهتاب اڪبر راشدي

ڪيڏي نہ خوش نصيبي اٿم، جو اڄ اُن باجهاري روح جي سامهون بيٺي آهيان، جيڪو پنهنجي زندگيءَ جو سفر، شانت من ۽ ايڪانت سان طئي ڪندو، هڪ صديءَ جي چانئٹ تي پير پائي رهيو آهي. سونهاري سنڌ جو هيءُ پڪو عاشق عشق جا هڙئي مرحلا ايئن ٽپي ۽ اهڙي نموني ئي نيائي آيو آهي، جيئن عشق جي ڪتاب ۾ لکيل هوندا آهن. جنهن جو پهريون اصول ئي هوندو آهي. پاڻ اربڻ، خود سپردگي بس، پنهنجي محبوب کي ڏسندو وڃ، هو جيڪو چوي اُهو ڪندو وڃ، موٽ ۾ اُن کان ڪجهہ گهر نہ، چو تہ ان محبوب وٽ اڳ ۾ ئي ڏيڻ لاءِ ايترو ڪجهہ آهي، جو جهولن جا جهول پري بہ ميڙيندا وڃون تہ سندس ڏنل خزانا کٹڻ جا ناهن.

محمد ابراهيم جوئي جو اهو محبوب آهي، امڙ وانگر منڙي، سڀاجهي، باجهاري"سنڌ" ۽ هيءُ اُن جو ٻڌو ٻانهو. اسان مان جنهن بہ جوئي صاحب کي ويجهي کان ڏٺو، هنن جي تحريرن کي پڙهيو آهي، تہ اهو يقيناً ان نتيجي تي پهتو هوندو تہ ، هن جي سوچ جو محُرڪ ۽ مرڪز هن جو وطن ۽ اُن جا ماڻهو رهيا آهن. اها ڳالهہ مان ڏاڍي پختي يقين سان چوان ٿي تہ نوانوي سالن ۾ گهاريل، سندس زندگيءَ جي هر گهڙي، سندس وات مان نڪتل هر گفتو ۽ قلم مان سرجيل ڏاهپ ۽ سوچ جا هڙئي ٽڪتا، هن جي ديس ۽ ديس واسين لاءِ ئي چيل ۽ لکيل آهن. پنهنجي محبتن ۾ تہ ماڻهو خود غرض ٿي ويندا آهن پر هُو جيڪو انتها درجي جو وطن دوست آهي، هن جو تہ عشق ئي عجيب آهي. هٿ وٺي سيني کي پنهنجي اکين سان اُن محبوب ڌرتيءَ جي حسناکي ٿو ڏيکارڻ چاهي، جيڪا سندن اکين ۾ صديءَ کان سمايل آهي. ڌرتيءَ سان سندس محبت جي فلسفي ۾، سندس اهو پختو يقين آهي تہ وطن جي محبت ماڻڻ لاءِ، توهان پاڻ بہ اهڙائي ٿي وجو. جهڙو توهان پنهنجي ڌرتيءَ کي ڏسو ٿا، ڌرتي جا نقش ونگار، اُن جون روايتون ۽ اُن جو اخلاق.

محمد ابراهيم جوئي، جنهن سنڌ کي سچائيءَ، ان جي روايتن ۾ انسانيت کي زندهہ ڏٺو آهي. اهڙي انسانيت، جنهن جو مقصد ئي اهو هجي تہ ڪنهن کي ڪو هاجو نہ رسي، ڪنهن کي ڪو نقصان نہ پهچي. اها ئي تہ سنڌ جي روايت آهي ۽ جڏهن سراج الحق ميمڻ، سائين ابراهيم جوئي جو ويجهو دوست اسان کي اهو ٻڌائي تہ،

محمد ابراهيم جوئي جو عقيدو آهي تہ سنڌ پنهنجي حيثيت ۾ مڪمل ترين وطن آهي، ملڪ آهي، جنهن ۾ هر اُها شئي آهي جيڪا هڪ ملڪ، هڪ وطن ۾ هئڻ گهرجي. هن وٽ هڪ سمنڊ آهي، هڪ درياء آهي. هن وٽ ڪارونجهر ۽ هالار جهڙا جبل آهن. هن وٽ ٿر جهڙو ريگستان آهي، ماڙيون آهن، چپر ۽ چانورا آهن. هن جا صبح حسين ۽ شامون سحر انگيز آهن، تہ انهن سيني شين کي آڏو رکندي سنڌ جي هيءَ شخصيت، سنڌ واسين کان "هم گيريت" کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿي سگهي.

اڄ سنڌ جي سڀاجهڙي سپوت، نئين سنڌ جي معمار نوانوي سالن جي جوان همت شخص جي سنڌ واسين مٿان ڪيل ٿورن لاهڻ جو موقعو آيو آهي. سنڌ واسين ۾ پاڻ ملهايو آهي. هن جي شان ۽ مان مطابق ڪيس پيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي اخبارن سهڻي نموني پنهنجي فرض ادائگي ڪئي آهي. سئو سالا جشن جي رٽ جوڙيندڙ ڪميٽيءَ پوري طرح فعال آهي. اڄ ان سلسلي جي هيءَ پهرين ڪڙي آهي ۽ هيءُ سنڌ جائو، هن صديءَ جو هيءُ مهان ڏاهو، اسان جي وچ ۾ ويٺو آهي، دل ۾ هو ۽ مطمئن هوندو تہ دل جي جنهن ويساه سان هن سنڌ ۽ سنڌ واسين جي روايتن تي يقين ڪيو، اُهي سڀ سچيون آهن. سنڌ واسي محبت ڪري ۽ جاڻن ۽ اوتري ئي محبت مُور سوڏي موڙائي ۽ جاڻن، اڄوڪي هن تقريب ۾، ۽ اڳتي رٽيل مختلف رهاڻين ۾ محمد ابراهيم جوئي جي هڪ صديءَ جي پورهئي تي ڪيترائي مقالا لکيا ويندا. هن جي ڪيل ڪمن جي اپڙ ٿيندي، سندس تحريرن تي تجزيا ۽ تبصرا ٿيندا. اهو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو ٿيندو، جيڪو اسان جي اُسرندڙ نسل کي هن جي سوچ جي هم گيريت، سنڌ جي ترقيءَ لاءِ سندس اڪين ۾ سرجيل سپنن ۽ سندس قلم مان نڪتل مقصد جي حصول لاءِ جدوجهد جي رهبريءَ کان آگاهہ ڪندو رهندو، پر مان سندس زندگيءَ جي انهن گوشن ۾ جهاتي پائڻ ٿي چاهيان، جيڪي اڄ ۽ سندس يادگيرين ۾ چڻا آهن، اُهي هنڌ جن هن کي ڪائنات جي آفاقيت کان روشناس ڪرايو، اُهي سيبتيون مايون، جن رت جي مختلف رشتن ۾ ٻڌجي ڪيس انهن لاڳاپن جي عزت ۽ محبت ڪرڻ سيکاري ۽ اُهو اُستاد، جنهن آگر پڪڙي ڪيس سندس ننڍڙي ڳوٺ آباد جي پرسکون دنيا مان ڪڍي، هڪ پرهجوم ۽ مسئلن سان ٽمٽار دنيا ۾ همت ۽ اعتماد سان پنهنجي سجاڻ ۽ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري روانو ڪيو.

عورت هئڻ جي ناتي، ان ڳالهہ ۾ پڪو ويساه اٿم تہ هر ماڻهوءَ جي شخصيت تي انهن عورتن جو ضرور ڪوبہ ڪو اثر پوي ٿو، جن سان هنن پنهنجو ٻاروتڻ گذاريو هجي. جوئي صاحب جي ساروڻين ۾ ب، پنهنجي اُن ڏاڏيءَ جي ياد، ڏيئي جي روشنيءَ مثل جرڪي ٿي، جنهن ۾ پريات مهل مصلي تي نماز پڙهڻ کان پوءِ مداحون ڪيس منڍي ننڍ مان جاڳائيندیون هيون، هو ستي ستي، اهي مداحون ٻڌي، هن جي منڍي سُر ۾ گر ٿي ويندو هو. ڪانئس اُهو صبح ٻہ نہ ٿو وسري، جڏهن سندس ڏاڏيءَ ڪيس پهرين ڏينهن اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ڪيو، هن کي ياد آهن سڀ کان پهرين بسم الله پڙهي، الحمد پڙهيو ۽ ٻُڪ ڪٽي دعا گهريائين. سندس ڏاڏو، هن لاءِ احمد موچيءَ کان خاص جُتي جوڙائي آيو هو، سندس امڙ، اسڪول وڃڻ لاءِ ڪپڙن جو نئون وڳو سبيو هو، ٽونئر سان ٽڪن واري ٽوپي ٻہ ٺاهي، قلم ۽ سليٽ رکڻ لاءِ هڪ بجڪي تيار ڪئي هئي، جنهن کي ٽِڪون جڙي، سهڻي پرت سان سينگاري پوءِ ننڍڙو محمد ابراهيم، نئون جوڙو اوڍي، نئين

جتي پائي، متي ۾ ٽونئرن واري ٽوپي ۽ ڪُلهي ۾ بُجڪي وجهي ڏاڏيءَ جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي، پهرين ڏينهن اسڪول ويو.

مان سوچيان ٿي ته اها ڪيڏي نه خوشبختي هئي، ننڍڙي محمد ابراهيم جي، جنهن لاءِ علم جو دروازو، هڪ عورت کوليو. هڪ سڃاڻ، بااعتماد ۽ باجهاري مائي، جيڪا جڏهن اسڪول جي اڳڻ ۾ داخل ٿي ته، اُستاد به اُٿي بينو ۽ ساٿس گڏ سندس ساجاهه وند شاگرد به اُٿي بيٺا. اهو ڇڻ ته سڄڻ جي انهن سهڻين روايتن جو مظهر هو، جنهن ۾ عورت جي عزت ڪرڻ ۽ مان ڏيڻ، سڀ کان مٿانهون گڻ ليکيو ويندو هو. اُها سيبتي ڏاڏي، پنهنجي پوٽي کي اسڪول داخل ڪرائڻ جي خوشيءَ ۾ پتاشن سان پريل ٽٻڻي به ڪٽي وئي جيڪي هن ٻارن ۾ ورهايا.

جوئي صاحب جي دل ۽ دماغ تي، پنهنجي منڙي امڙ جي زندگيءَ جا هڙئي ڏک ڏاکڙا اڄ به ايئن ئي نقش آهن، جيئن اُن ڪڇي وهيءَ ۾ هن کي سهندي ڏٺا ۽ محسوس ڪيا هئا. سندس امڙ جڏهن گذاري ويئي تڏهن، جويو صاحب ڪراچيءَ ۾ ڇهون درجو انگريزي پڙهندو هو، هن جو موت حادثاتي ٿيو، درياء جي ڪپ تي ٽِينُ ڪپڙن جو ڏوئڻ وئي هئي ته پير ترڪي ويس، بلڪل ايئن جيئن سندس پهروٽي ڏيءَ پاڻپري به ڪجهه سال اڳ اهڙي ئي نموني لهرن جي حوالي ٿي هئي، ۽ ڪناري ته بينل هٿ مهٽيندا رهجي ويا، ڪيس بچائي نه سگهيا، پنهنجي منڙيءَ ماءُ جي وچوڙي تي، پنهنجن يادگيرين کي جيئندي، جويو صاحب لکي ٿو:

"اڄ امڙ جو مان هڪڙوئي پٽ اوٽانوي ورهين جي عمر ۾ اڃا جيان پيو، سڄ ته مائون ويڇاريون نورَ نوازيل، نيڪ دل نماٽيون، جيءَ جياريندڙ،پاڻ گهوريندڙ ۽ ڇا ڇا نه جڳ کي دان ڏيئي ويندڙ پر عيوض ۾ ڪجهه نه ڪنهن کان گهرندڙ ٽين ٽيون. هن گهڙيءَ به سڀ کان وڏيڪ چاهنا منهنجي پاٽيءَ ۾ پاٽيءَ جي دنيا سان ملڻ جي آهي، جت منهنجي يتيم پيٽ پاڻپري ۽ منهنجي دکياري امڙ ڪامل ٻائي کي پوئين دم ڪٽڻ جي مهلت ملي سگهي هئي."

محمد ابراهيم جوئي صاحب تي، اولين تاثر ڇڏڻ وارن ۾ سندس پهريون استاد سائين ٽيڪڻ مل هو جيڪو هنن جو استاد به هو، ته ڳوٺ ۾ بيماري سيماريءَ ۾ شاگردن کي ڪنگهه مهل چاٽا به چٽائيندو هو، ته بخار ويل ڪوئنين جون ڪوڙيون ٽڪيون به ڪارائيندو هو جيڪو سڄڻ ڪتابن مان ڪهاڻيون ڪڍي، انهن مان زندگيءَ جو فلسفو به سمجهائيندو هو. اهڙي ئي هڪڙي ڪتي ۽ سندس پاڇي واري ڪهاڻي به هئي ۽ ان ڪهاڻيءَ مان پنج لفظ ڪامُ (سڄ) ڪروڌ (ڪاوڙ) لوپ (هٻڪ)، موهه (انڌو چاهه)، اهنڪار (وڏائي) ڪڍي انهن جي معنيٰ ٻڌائي، شاگردن کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو ڪتو جيئن ته ڪامي، ڪروڌي، لوپي، موهي ۽ اهنڪاري هو، اهي پنج ئي خرابيون ان ۾ هيون ۽ اهي ئي پنج خراب عادتون يا ڪُلڇڻ ماڻهوءَ جا به وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. جيڪو ماڻهو انهن کان بچي ٿو، سوئي ماڻهو، ماڻهو سڏجڻ جي لائق ٿو ٻڌجي.

جڏهن محمد ابراهيم کي چوٿون درجو پهرين نمبر سان پاس ڪرڻ تي امتحانن واري وڏي صاحب کيس ٻه ڪتاب، هڪ "گلدستو" سڄڻ ادب جا چونڊ مضمون، جيڪي ديوان ڏيارام وسڻ مل ۽ ديوان ليلارام پريم چند جي گڏيل ڪاوش هئي، ٻيو مرزا قليچ بيگ جو "گلن جي ٽوڪري" جيڪو هڪ مشهور جرمن ناول جي

انگريزي ترجمي جو بهترين سنڌي ترجمو هو، ڪيس مليا، ته سائين ٽيڪن مل ڪيس مبارڪباد ڏيندي چيو ته "پٽ ابراهيم تون ڏاڍو پاڻ وارو آهين جو اهڙا ٻه ڪتاب، هن ئي عمر ۾، توکي مليا آهن، اهي ڪتاب تون وري وري پڙهج، تون انهن جي پڙهڻ مان ڪڏهن به ڪو نه ٽڪبين، انهن جون ڳالهيون توکي سڄي عمر ڪم ايندیون،" ۽ پوءِ جويو صاحب لکي ٿو:

"آءٌ انهيءَ هدايت لاءِ پنهنجي پياري سائين ٽيڪن مل جو شڪرگذار آهيان. جو سندن اها هدايت مون سورنهن آنا سچي ۽ صحيح ڏني ۽ ان تي پورو عمل ڪيم. هن وقت آءٌ ذهني طرح ۽ عملي دنيا ۾ جيئن به آهيان ۽ جو ڪجهه به آهي، ان لاءِ اهي ٻه ڪتاب آءٌ پنهنجا محترم ۽ مشفق استاد سمجهان ٿو."

اهڙي طرح ئي جوئي صاحب جي ان مهل اُسرندڙ شخصيت تي ڪامريڊ ايم.اين.راءِ جي فڪر ۽ فلسفي جا گهاٽا اثر نظر اچن ٿا. جيڪي هنن پاڻ تمام تفصيل سان هڪ مضمون، "ڪامريڊ ايم.اين.راءِ ۽ منهنجو فڪري سفر" ۾ بيان ڪيا آهن، پر اڄ اسان جنهن شخصيت کي هن جي سامهون سندس سوچ ۽ فڪر جي مجتا لاءِ گڏ ٿيا آهيون، تڏهن معاشري ۾ ادا ڪيل سندس هاڪاري ڪردار ۽ تحرير مان جيڪا ڳالهه اُپري ۽ نکرجي سامهون آئي آهي، اها هيءَ ته هن سندس سڄي زندگي نيڪي جي پرچار ڪندي گذاري. هن علم کي ئي ترقيءَ ۽ سڃاڻيءَ جو اهجاڻ ڄاتو آهي. هو سماجي مت پيد ۽ چوت ڄات ۾ يقين نه رکندڙ ۽ انسانيت ۾ ويساهه رکندڙ روح آهي. هو پنهنجي ڏرتيءَ جو عاشق ۽ هن ۾ ويساهه رکندڙ آهي. هن جي سوچ ۾ عقليت پسندي آهي، هو هر وقت هر معاملي ۾ متحرڪ نظر اچي ٿو. هو پنهنجي سماج کي، انڌن اونڌن وهمن ۽ عقيدن کان ٻاهر ڏسڻ ٿو چاهي. شڪست خوردگيءَ جي هن جي لغت ۾ ڪا جاءِ ڪانهي. وڏيراشاهي ڪامورا شاهي ۽ پيرپرستيءَ کي هو سنڌ واسين لاءِ زهر قاتل ٿو سمجهي. هن جي قلم جي جنگ هميشه رجعت پسند سوچ جي خلاف رهي آهي. هو حقيقت شناسيءَ جو پرچار رهيو آهي ۽ سندس سوچ هميشه انسان جي اعليٰ قدرن جي گرد ڦرندي رهي آهي.

محمد ابراهيم جوئي کي جڏهن اسان نئين سنڌ جو معمار چئون ٿا ته، يقين رکو هن ان سوچ جو بنياد ئي، بنيادي انساني لڳ لاڳاپن، ۽ بهترين انساني قدرن تي رکيو آهي. جيڪو هُو پنهنجي ديس واسين ۾ ڏسڻ چاهي ٿو ۽ ڪيس يقين آهي ته جي هو چاهي ته انهن لاءِ هن سماج کي بدلائڻ ۾ دير نه لڳندي.

...ته دوستو! اچو ته اسان جوئي صاحب جي انهن اکين ۾ جهاتي پايون، جنهن سنڌ لاءِ سندر سپنا جوڙيا آهن، ايڪتا، محبت ۽ ترقيءَ جا خواب ڏٺا آهن، اهو جيئرو جاڳندو شخص جنهن پنهنجو نور نچوئي، راتيون جاڳي پنهنجي سُتل قوم کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها قوم، اڄ هن کي پيٽا ڏيڻ مهل اهو به وچن ڪري ته، هن جي ڏٽل، سپنن کي هوءَ ساڀيان ڪندي، جيڪا سنڌ، جوئي صاحب پنهنجي سپنن ۾ سوچي، تنهن جي تعمير ڪندي اهو ئي هن لاءِ سالگره جو وڏي ۾ وڏو تحفو هوندو.

[محمد ابراهيم جوئي جي سئو سالا جشن جي تقريب ۾ پڙهيل]

ادبي جاڳرتا جو سرواڻ

فقير محمد لاشاري

تاريخ، جنهن ۾ گذريل زمانو سمايل آهي، تنهن انسان ذات کي اڻ ڳڻين ڏکن ۽ اهنجن ڏيڻ سان گڏ ڪجهه سوکڙيون به ڏنيون آهن- ڪن سچيت شخصيتن، آدرشن ۽ اصولن جي روپ ۾ اهي شخصيتون جيڪي تاريخ جي گهرجن کي سڏ ڏيندي، رواجي ۽ روايتي جيوت ترڪ ڪري، پاڻ کي ڏهڪاءَ جي قائم ڪيل ماحول کان آزاد ڪري ٽيون چڏين، تہ پوءِ سندن اڳيان رڳو سچ جو سچ آهي؛ جنهن تائين پهچڻ جو رستو ايڏو اٽانگو آهي، جو هر ڪنهن لاءِ اُن کي ٽڏي تي قبول ڪري وٺڻ سولي ڳالهه ڪانهي.

پر سچ کي سَڏ ۾ سَڏُ ڏيندڙ شخصيتن جي نيسر نہ پاڻ مرادي آهي، ۽ نہ مشيني. وقت جي ہن قوتن- ناڪاري ۽ هاڪاريءَ- جي وچ ۾ هلندڙ جهيڙو، مختلف ڍِسن ۾ هلندي، مقدار ۾ گهٽو وڌي، معيار جي شڪل ونندو آهي. بنهه ان ئي هنڌ هڪ وک به اڳتي نہ، هڪڙي ئي گهر منجهان آذر ۽ ابراهيم جا رستا ڌار ٿي پوندا آهن، پر اِهو ڪو معجزو ناهي هوندو. ميڪسم گورڪيءَ چواٿي: "جيڪي معجزا انسان جي هٿان ٿيندا آهن، هو پاڻ انهن کان وڌيڪ معجزاتي آهي." (لفظ "معجزاتي" هتي مادي بنيادن تي استعمال ڪيو ويو آهي، تصوراتي يا خيالي لحاظ کان نہ.) گورڪيءَ جي چوڻ جو مقصد سندس ئي لفظن ۾ آهي تہ "انسان کان بهتر، وڌيڪ ڳٽيل ۽ وڌيڪ دلچسپ ڪو سُجهيرِ ئي ڪونہ. هو سڀ ڪجهه آهي'

پر ان کان وڌيڪ ڳٽيل، دلچسپ ۽ سڀ ڪجهه ٿيڻ لاءِ جيڪي جبل جهاڳڻا پون ٿا، تن جو ڪاٿو فقط تاريخ ئي ڪري ٿي سگهي. پنهنجيءَ قوم جي حوالي سان سڃيءَ انسانيت جو حصو بنجڻ وارو عمل، رواجي هلت چلت تان مڪمل طرح سان هٿ ڪٽائي ٿو چڏي- ۽ جيڪڏهن ان ڏس ۾ اُڪري وڃڻ جهڙي سوپ پلئه پوي تہ پوءِ نہ عمر جو فرق ٿو رهي، نہ انائيت جي نلهي عمارت ٿي اڏجي.

انسانيت سان پاڻ کي ملائي هڪ ڪندڙ وڏي شخصيت جي سجاڻپ انهن ڳُڻن منجهان ڪري سگهجي ٿي، جيڪي ڏنل ٻُڌل ۽ پرڪيل آهن. پنهنجي جوهر ۾. ان قسم جي شخصيت لاڳيتو، بنا ٽڪجڻ ۽ دم ٽوڙ جي عمل ۾ رڌل رهي ٿي. ان وڏيءَ ڏميواريءَ کي نيائڻ لاءِ، جيڪا هن کي سونپيل آهي. پر هن جي وڏائي وري به سڌي سادي هئڻ ۾ آهي. ان ڪري سائين محمد ابراهيم جويو چوي ٿو: "ڪا هستي، ڪا شيءِ، يا ڪو ماڻهو چا آهي، اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي- ڪنهن لاءِ به: وڏي ڳالهه هيءَ آهي تہ ڪا هستي، ڪا شيءِ، ڪو ماڻهو چا ٿو ڪري. ڪمَ ۽ ڪم ڪندڙ جو، پورهئي ۽ پورهيت جو قدر ائين ٿئي ۽ انهن جي اهميت جو تعين ائين ٿئي- انساني وٽ جو هي مسئلو معاشري ۾ جيتريءَ حد تائين انهيءَ طرح حل ٿيندو ۽ عمل ۾ ايندو، انساني تهذيب جي ارتقا جي اُهائي حد اُن معاشري جي طيءِ ٽيل شمار ٿيندي."

هينئر جڏهن اسين سنڌي ادبي سنگت طرفان سائين محمد ابراهيم جويي سان هي نندڙو پروگرام ڪري رهيا آهيون، اسان جي ذهنن ۾ گذريل گهڻ ۾

گهٽ پنجن ڇهن ڏهاڪن جي تاريخ ۾ آهي، جيڪا محترم سائينءَ جي عمل جو ميدان رهي ۽ جنهن حوالي سان اسان جو سائينءَ سان رشتو ڳنڍجي ٿو. ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته هن صديءَ ۾ سنڌ لاءِ گذريل ڪيترين صدين وانگر ڏاڪڙا آندا، ۽ انهن صدين وانگر ڏاڪڻ سان گڏ مخدوم بلاول، دولهه دريا خان، لطيف، سچل ۽ هن صديءَ ۾ محمد ابراهيم جويو به اسان کي پلئه پيو- ۽ مان وري به چوان ٿو ته هن ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي. هن راءِ قائم ڪرڻ جو مون وٽ منطق آهي، تفصيلي دليلن سميت. جاڳرتا جي مڙني ڪيترن ۾، بنا نمود ۽ ڏيکاءَ جي، جويي صاحب جو وندايل هٿ، ۽ ڪم ۾ رڌل هئڻ جو هينئر تائين لاڳيتو اتساهه، ڏسڻي ساهي ۽ جذبو، ان ڳالهه جا دليل آهن. اوندهه ۽ جهالت جي راکاس تي راتاهي هٿ وارن جي ڏسڻي قطار آهي، پر روشنيءَ جي آسائتن انهن ساٿين منجهان گهٽن کي جُهرندي، ٽڪجندي، ۽ راکاس سان ڏند ٽيڙي هٿ ملائي ناهه ڪندڙن کي به ڏٺو اٿئون؛ جن ماٺهن ذريعي تاريخ جي جدلياتي قانون جي اوسر ۾ ويساهه پختو ٿئي ٿو، انهن ۾ سائين محمد ابراهيم جويو به شامل آهي. هينئر سجاڳيءَ جي اميد ڏيارينڊڙ نوس شڪل موجود آهي، اها ان صورتحال ۽ ان عمل منجهان سرجيل آهي، جنهن ۾ جويو صاحب جُنبيل آهي.

رواداريءَ، سهپ، سماجي قُرب ۽ ايڪي جي بين پيغامن وانگر محترم جويي صاحب جي ڪيل ڪم جي چندچاڻ ۽ ان جي صدين تائين هلندڙ اثر تي هڪڙي مضمون يا مقالي ۾ انصاف ڪري نه ٿو سگهجي- اهو يونيورسٽين جي ڪوجنا وارن شعبن جو ڪم آهي، چاڪاڻ ته جيڪي ماٺهو وک وک تي، وقت ۽ تاريخ کي سمجهندا، حق ۽ ناحق جي پرک ڪندا، نهايت ڇنڪائيءَ سان وڌيا يا وڌن پيا، اهي تاريخ ۽ حالتن کان ڪنهن حالت ۾ ڌار ڪونهن. پنهنجي هن مضمون ۾ آءٌ سائينءَ جي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ وندبيل هٿ تي مختصر طرح سان ٻه ٽي ڳالهيون چوندس. سائينءَ جي ڪم جو ڪئنواس فقط انهن ٻن ميدانن تي محدود ڪونهي، پر هت آءٌ 'سياٽپ' کان ڪم ٿو وٺان.

ٻوليءَ ۽ ادب تي اچڻ کان اڳ ڪيل ڳالهه جي ذهني رسائيءَ يا ورتاءَ کي پرکڻو پوي ٿو، چاڪاڻ ته جيڪڏهن خيال ۾ رڇاءُ ۽ پختگي نه هوندي يا جيڪا ڳالهه ڪجي ٿي، ان جي قدر ۽ اهميت جي پرک نه هوندي، ته ٻوليءَ ۾ به اوترو رس نه هوندو. پٽائي اُن ڪري ئي عظيم آهي ته هن اعليٰ ٻوليءَ ۾ اعليٰ فڪر پيش ڪيو، جيڪو سنڌ جي مستقبل جي سموري ڏاهپ ۽ زبان جي ڏاڻءَ تي ڇانيل رهندو. اهو ڪنهن به قوم جي ڏاهي ۽ استاد جو اُتر گڻ آهي.

محترم سائين محمد ابراهيم جويو، جن تاريخي حالتن ۾ رهي ٿو، تن جي ئي پس منظر ۾ سندس ڳالهه ڪرڻ جي ڏاڻءَ، سٽاءَ ۽ ٻوليءَ جي ترتيب کي ڏسڻو پوندو. هونئن گوڙ گهمسان ۽ طوفاني زماني ۾ مڪالمي باز ۽ نعري باز ٻوليءَ ڏانهن هجوم جو ڏيان تڪڙو ڇڪجي ويندو آهي، پر ان جو اثر بنهه ٿورين گهڙين تائين رهي ٿو. خليل جبران جي ٻوليءَ جو زور، پڙهندڙ جا پهرينءَ سَٽ ترا ڪيي ڇڏيندو؛ مولويءَ جي زوردار تقرير يا خطبو، سياست دان جي لفاظيءَ جي جادوگري هجوم کي ٻن گهڙين لاءِ پنڌ پاهڻ بنائي ڇڏيندا؛ پر جيئن ئي خُمار لٿا ۽ نشو ڪٽيو، ته وري ساڳي ماني ساڳ سان. انهن ڳالهين ۽ انداز کي نميت ڪانهي، ۽ اهي ڳالهيون هوندیون به بنهه عارضي مقصدن ڪاڻ آهن.

دائمي قدر ۽ آدرشن سان لاڳاپيل ماٺهو ڪا ڳالهه ٻڌائڻ چاهيندا آهن، جن ۾ هنن جو پنهنجو ڪو مفاد ناهي؛ پر جنهن کي ڳالهه ٻڌائي پئي وڃي، ان لاءِ لاڀ آهي؛ تنهنڪري ڳالهه ٻڌائڻ واري جو سڄو زور ڳالهه جي جوهر ۽ روح کي سمجهائڻ تي هوندو آهي. تاريخ جي ڏگهين نندڪاڻين گهڙين مان سجاڳ ٿيڻ واريءَ اويل کان هو آگاهه آهن، تنهنڪري کين هرويرو تڪڙ به ڪانهي. سنڌن مقصد آهي ته سوير يا دير ڳالهه کي سمجهيو وڃي. اهي ساڳيا گڻ آهن سائين جويي صاحب جي ٻوليءَ ۾، جنهن جي رڳو ڏاڻءَ کي ڏسي محسوس ٿو ٿئي ته ليڪڪ حالتن جي چتائيءَ کان ڪيڏو باخبر ۽ اُن چتائيءَ خلاف دائمي موٽ کي سنبرائڻ لاءِ ڪيترو سنجيدگيءَ سان سوچي ٿو. سائينءَ جو مضمون "ٻوليون ۽ سنڌن سٽاءَ ۽ ڦهلاءُ" ان ڳالهه جو شاهد آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي ترتيب، جوڙجڪ ۽

سڌاريل ڏاڻءَ تي گهٽو زور آهي، ۽ جنهن ذريعي ان ٻالهه کي وڌيڪ سنجيدو، عقل واري پنڌ ڏانهن وڻي ويندڙ، اثرائتو بنائڻو هوندو اهي. محترم سراج ميمڻ جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ' جي ان مهاڳ واري مضمون ۾ هڪ هنڌ سائينءَ لکيو آهي: "ساڳي ٻولي ٻالهائڻ وارا ماڻهو، خاص طرح اُن جي لکيل صورت ۾ اڇڻ کان اڳ، جڏهن ٽولن ٽولن ۾ ورهائجي، جاگرافيائي طور هڪٻئي کان علحده ٿي وڃن ٿا، ۽ منجهن ڪو جماعتي سُٻنڌ نه ٿو رهي، تڏهن پنهنجي پنهنجي خاص ماحول ۽ الڳ الڳ روزمرهه جي ضرورتن پٽاندر سندن ٻوليءَ ۾، آوازن ۽ اچارن، لفظن جي ذخيري، ساڳين لفظن جي الڳ معنائن ۽ پڙ اهڙين ڪيترين ئي ٻالهين ۾ علحدگي ۽ اختلاف اُپري ٿو. جيترا جيترا اهي ٽولا پنهنجي پنهنجي نئين ماحول ۾، پنهنجو پنهنجو اندروني ۽ باهمي سٻنڌ قائم ڪري، پنهنجي پنهنجي تاريخ جا ڪي دور گذارين ٿا، ايتريون ئي صورتون سندن اصلوڪي ٻولي اختيار ڪري وڃي ٿي. انهيءَ ڪري ماڻهن جي ڪنهن خاص تعداد جو هڪڙي ڪا خاص ٻولي ٻالهائڻ هڪ اهڙي ته عظيم ۽ انتهائي گنڀير حقيقت آهي، جنهن جي اهميت جو اندازو ثقافتي توڙي سياسي ميدان ۾ پوريءَ ريت لڳائي نه ٿو سگهجي. ٻولي ئي آهي، جنهن بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ علحده وجود نهي ٿو، ۽ قائم رهي ٿو."

هتي ٻوليءَ جي سماجي ۽ قومي ارتقا ۾ هڪ ۽ ان جي ذريعي علميت جي ڦهلاءَ ۽ جماعتي سٻنڌ تي زور ڏنو ويو آهي، ۽ ٻوليءَ سان سڃاڻپ پيش ڪرڻ جي ڏاڻءَ، ان جي قومي ٻڌيءَ لاءِ محرڪ هڻڻ، ۽ ثقافتي حيثيت مجرائڻ لاءِ ٻوليءَ جو مان مٽاڻهون ڪرڻ لاءِ وس ڪرڻ جي اهميت ٻڌائي وئي آهي. اها ٻالهه سائنسي سماجيات جو بنيادي اصول آهي.

ٻوليءَ جي فني ترتيب- اڏ، منو، پورو دم ۽ ٻين نشانين جي سچيتائپ سان ناهه ٽوهه ذريعي، مون ذاتي طرح سان جويي صاحب جي ٻوليءَ جو هڪ نهايت اهم ڪارج محسوس ڪيو آهي، ۽ اهو اهي گهٽي ڏيان ڏيڻ جي هير يا عادت جو نهڻ. ڏهني طرح پنڌتي پيل ماڻهن، اهڙن ماڻهن، جن جي ڪنن ۽ ڏهنن ۾ صدين کان شيهو پگهاريو ۽ اوتبو پيو اچي، تن ۾ ڏيان ڏيڻ جي عادت پيدا ڪرڻ سچ پچ ڏاڍو ڪارائتو ڪم آهي. جيستائين ڏيان نه ڏبو، گهٽي ۾ گهٽو پڙهبو، ٻُڌبو ۽ سِکيو ڪونه، تيسين گڏيل مقصد تي اُسهڻ ۾ رندڪون پونديون ايندیون. هتي مون کي جرمنيءَ جي اديب، هرمن هيس، جي ناول 'سڌارٿ' جو هڪڙو ساڳئي نالي وارو ڪردار ياد پوي ٿو، جنهن درياهه اُڪرندي مهاڻي سان واقفيت ڪئي، ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي جيون جو سربستو احوال ٻڌايو. ان مهاڻي سڌارٿ جي جيون ڪٿا جنهن ڏيان ۽ يڪسوئيءَ سان ٻڌي، تنهن سڌارٿ کي تپرس ۾ وجهي ڇڏيو. مهاڻي هن کي پڇڻ تي ٻڌايو هو ته اها عادت هن درياهه وٽان سکي. تڏهن سڌارٿ، جيڪو فلسفي قسم جو ڪردار آهي، پاڻ ۾ اها ٻُڌڻ واري هير وڏائڻ لاءِ تپسيا واسطي درياهه تي ئي رهي پيو. چوڻ جو مقصد اهو آهي ته جيسين ڏيان ڏيڻ جي عادت راس نه ٿي ٿئي، تيسين ڏهني بلوغت تائين نه ٿو پهچي سگهجي، ۽ جيسين ڏيان ڏيڻ ۾ عار سمجهجي ٿو، تيسين آڪڙ، ٽرڙائپ ۽ انائيت جي ماحول مان پلئه پيل اڻ وٽندڙ اثر ختم نه ٿا ٿين. ان ڪري ٻوليءَ ذريعي جيڪڏهن ڏيان ڇڪائڻ واري خصلت پيدا ٿئي، ته اها به وڏي ڳالهه آهي. سائين محترم جي ٻوليءَ جو ٻاجهارو ۽ پيار پريل ڏاڻءَ، ان سلسلي ۾ هيڪاري ڪارائتو آهي. سائينءَ جي لکت ۾ جتي به اڏ، منو يا پورو دم اڇي ٿو، تڏهن اهي نشانيون ڇڻ پلاند کان وڃي سڌين ٿيون ته جيتري ڳالهه ٿي آئي آهي، اها سمجهيو ۽ پوءِ اڳتي وڌو. ٻوليءَ جو سماجي ڪارج ائين ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ساڳئي وقت اتي پڙهندڙ کي گرامر جي مدي خارج ۽ رٽايل قانونن کان به نجات مليل آهي.

ڳالهه رڳو اتي دنگ نه ٿي ٿئي. سائين سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت مجرائڻ، جنهن جي معنيٰ قومي وجود مجرائڻ آهي، تنهن لاءِ عملي طرح سان ڪنهن به محاذ تي پنڌتي نه رهيو آهي.

جيستائين ادب جو سوال آهي، ته ان ۾ شروع کان هينئر تائين ادب جي دنيا جا هڪ کان گهٽا ٽڪراءَ رهيا آهن. ورهاڳي کان پوءِ اُهي تضاد وڌيڪ تيز ٿيا ۽ ان کي ٻن مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون تضاد اوندهه جي ساٿارين ۽ ترقي پسندن جي

وچ ۾ دوبدو هئو. ان جهيڙي ۾ ترقي پسند اديبن جي ڪردار کي سگهاري ۽ هاڪاري شڪل ڏيئي، ڪُن مان ثابت ڪيندڙن ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ محمد ابراهيم جويي جو رهيو ۽ نتيجي ۾ اوندهه جا ساڌاري ڳولڻيا نڌا لين، جڏهن ته ترقي پسند سائين محب وطنيءَ جي مختلف محاذن تي لاڀائتو ڪردار نڀايو. ان کان پوءِ وري ادب ۽ اديب ۾ سماج جي خفقانن ٽپي پوڻ سبب ۽ اديبن جي مدل ڪلاس ۾ شامل ٿيڻ سبب، ان عمل جا ادب جي تخليق تي به اثر ٿيا ۽ اهي به به طرفا.

هڪڙو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي ڪيل قولن تان ڦري ويا؛ ۽ شخصيت جي ڀڄ ڊاهه جي ان کان وڌيڪ پوائتي صورت نه هوندي آهي. سماجي تضادن کي انقلابي صورتحال تائين اُپري اڇڻ کان روڪڻ لاءِ، عالمي سامراج جي حڪمت عمليءَ تحت، سڌاري بازيءَ ۽ رعايت يافته ماڻهن جي نفريءَ ۾ واڌارو ڪرڻ واري چالاکي ڪئي وئي ۽ ان چالاکيءَ کي نه سمجهندي، ذاتي فائدن ۽ سلامتيءَ کي ترجيح ڏئي اديبن جو ڳچل حصو ويو.

ٻيو ته، وري به انهن ئي سماجي حالتن جي رُخ جي هڪ بيءَ لڻ، اسان جي ڪجهه اديبن کان ذهني سگهه ۽ اتساهه کسي ورتو، جنهنڪري ادبي تخليقن ۾ داخليت وارو لاڙو وڌڻ لڳو ۽ ادب جي سماجي مقصديت کي ڏڪ رسڻ لڳو.

ان سڄي عرصي ۾ اڄ تائين محمد ابراهيم جويو، جيئن ابتدا کان دائميت پريل قدرن جو گونجارو بنيو رهيو هو، تيئن سلسلي کي جاري رکيائين. لکت ۾ توڙي ذاتي مصلحتن تي انهن تضادن ۽ مونجهارن جي ڪڪرن کي هٽائڻ لاءِ سر سيتائيءَ سان مصروف رهيو، ۽ اديبن جي سموري برادريءَ کي ڪٽنب جي پاتين وانگر هڪ ڪرڻ لاءِ ٻاجهه ڀرئي انداز سان مسئلي جي سنجيدگيءَ کي محسوس ڪندي، اڪيلي سر ئي مصروف رهيو آهي ۽ وک وک تي اديب کي هن جي سگهاري ڪردار کان آگاهه ڪندو آيو آهي.

ٻوليءَ ۽ ادب جي حوالي سان پرڏيهي ادب ۽ فلسفي کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ، مٿين سيني ڳالهين کي نيائيندي، مشغول رهيو آهي. ٽي ايس ايليٽ جي مضمون 'شاعريءَ جي سماجي ڪارج' کان وٺي 'ٻارن جي مسيح' تائين هڪ ڏگهو سلسلو آهي، جنهن لازمي طرح سان سجاگيءَ جهڙا اثر ڇڏيا آهن.

هن سلسلي ۾ جويي صاحب تي اعتراض به ٿيو آهي. وڏو اعتراض آهي ته سائين يورپ جي وچين زماني جي جاڳائيندڙ ادب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ اهو جيئن جو تيئن هتان جي سماجي صورتحال تي لاڳو نه ٿو ٿئي. ان ساڳئي قسم جو اعتراض ڪتاب 'ٻارن جو مسيح' تي 'هلال پاڪستان' ۾ تبصرو ڪندي، مون پاڻ به ڪيو هو، ۽ هتي ان ئي بنياد تي ٽوريءَ ڦيرگهير سان، وري اهو چوندس ته سنڌ جي هاڻوڪي سماجي ۽ معاشي صورتحال، وچئين زماني جي حالتن کان گهڻي مختلف ۽ منجهيل آهي. پر هتان جي حالتن ۾ هڪڙي ڳالهه ضرور آهي ۽ اها هيءَ ته جن ڪتابن جو سائينءَ ترجمو ڪيو، اهي 'فڪر جي آزادي' ۾ جيهان ڪالون جي پيدا ڪيل حالتن جهڙيءَ صورتحال سان ٽڪراءُ ڪائين ٿا، ۽ اهو ڏاهپ جي ويڑهه جو گهڻو اثرائتو ۽ لاڀائتو عمل آهي. اها ساڳي ڳالهه هن ريت به ڪري سگهجي ٿي ته اسان جو نوجوان سڌي سنئين ٽڪراءُ واري ڪيفيت چاهي ٿو ۽ سائين جويو صاحب ان ٽڪراءُ واري نوبت ۾ نفري وڌائي، ان کي سُڃيت ڪري، اهڙي هنڌ آڻي بيهاري ٿو، جتي وقت جي حقيقي گهرج آهي.

ان ۾ شڪ ناهي ته روسو ۽ والٽيئر جاڳرتا جي ڪيتر ۾ فرانس جي انقلاب جا ٽنيا مجيا وجن ٿا، ۽ گوئٽي جو 'فائوسٽ' عقليت کي وڏي هٿي ڏيندڙ آهي، پر فڪري ۽ نظرياتي طرح ڏربنديءَ وارو عمل انهن کان گهڻو اڳيرو ٿي ويو. اڳرائپ واري ان پنڌ ۾ ضرور سماج جي پيداواري لاڳاپن سان نظرياتي طرح به گڏو گڏ هلڻو آهي، پر ذهني طرح پٽيري صورتحال کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سائين محمد ابراهيم جويي جي پاڻ کي جاڳرتا (Renaissance) واري عرصي تي مرڪوز ڪرڻ جيڏ اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. باقي اها پڪ اٽڪون ته سائين وک وک تي اسان سان گڏ آهي.

[سنڌي ادبي سنگت، ڪراچيءَ جي گڏجاڻيءَ، 31 ڊسمبر 1981ع تي پڙهيل]

سائين محمد ابراهيم جويو: ڪجهه ڳالهيون

غلام محمد لاکو

محمد ابراهيم جويو اسان جي دور جو هڪ وڏو نالو آهي. خاطري ڪانه اٿر ته پهريون پيرو هن کي ڪٽي ڏنم، پر هيءَ پڪ اٿر ته آءٌ سائينءَ جن کي پرائمري پڙهڻ واري زماني کان سڃاڻان. ان جو وڏو سبب هيءَ آهي ته جويي صاحب اڪثر سنڌي نصابي ڪتاب لکيا، جي اسان ابتدائي تعليم دوران پڙهيا هئا.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ آءٌ جويي صاحب سان صحيح معنيٰ ۾ آشنا ٿيس. ان دور ۾ مون نصابي ڪتابن سان گڏ ادبي ڪتاب به پڙهڻ شروع ڪيا هئا. منهنجي مطالعي ۾ ايندڙ ڪتابن جو اڪثر تعلق سنڌي ادبي بورڊ سان هو. بورڊ جا ڪتاب گهٽو ڪري جويي صاحب پاران لکيل مهاڳن ۽ تمهيدن سان ڇپيل هوندا هئا جو ته محمد ابراهيم جويو سنڌي ادبي بورڊ جو گڻ عرصو سيڪريٽري رهيو هو. اهي تمهيدي نوٽ ناشر پاران لکيل هئا، ليڪن اهي مهاڳ بامقصد ۽ وسيع تر قومي مفاد ۾ لکيل نوشتا هئا. صاف ستري ٻولي، مقصد جي هم گيريت ۽ وطنيت جي حب سان ٻريل هي مضمون پڙهڻ کان پوءِ، منهنجي دل ۾ محمد ابراهيم جويي لاءِ عزت توڙي احترام جا ڪوٽ اڏجي ويا.

1973 واري دور ۾ جويي صاحب سرڪاري ملازمت کان فارغ ٿي، هڪ ادبي انجمن ٺاهي، ان پاران ڪتاب ڇاپڻ شروع ڪيا هئا. ان انجمن جو نالو 'سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت' رکيو ويو. هن انجمن جي پليٽ فارم تان گڻ سارا ڪتاب ڇپيا هئا، جي مون وڏي اتساهه سان پڙهيا هئا. اهو ضياء جي مارشل لا جو دور هو. سنڌ جي لحاظ کان هيءُ نهايت دردناڪ زمانو هو. گهُٽ ۽ ٻُوسٽ جو وقت هو. محرومين ۽ مايوسين جو عرصو هو. اهڙي پرآشوب دور ۾ جن سنڌي اديبن، محروم ۽ پيڙيل طبقي کي زندهه رهڻ جو حوصلو ڏياريو، محمد ابراهيم جويو اُن سُرت واريءَ هلچل ۾ پيش پيش هو. اسان وٽ لکندڙن جو هڪ گروپ اهڙو به هو، جن ان مشڪل وقت ۾ ضياء الحق جو ساٿاري بنجي، سنڌي عوام کي اوندهه ڏانهن پي ڌڪيو ۽ جويي صاحب جي ادبي ڪم کي پي لويو. ليڪن حقيقت هيءَ آهي ته ان دور ۾ جويي صاحب جا لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب، مون وڏي اتساهه سان پڙهيا، ۽ سندس قلمي پورهيو، ڪجهه ڳالهين ۾، منهنجي مستقبل جي ادبي پورهيي ۾ نهايت مددگار ثابت ٿيو.

مون سال 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي ڪئي. ورندڙ سال ملازمت جي ڳولا ۾

گذريو. ان دور ۾ ڪجھ مهينا اخبار 'سنڌ نيوز' ۾ نوڪري ڪيم. تڏهن مدد علي سنڌي هن اخبار جو ايڊيٽر هو، جنهن مون کي پاڻ وٽ ڪجھ سَون روپين جي اجرت تي رکيو هو. هڪ ڏينهن مدد علي‌ءَ مون کي چيو ته: "اڄ، تڪڙ ڪري نه وڃجانءِ، ٻن پهرن جو قربان علي بگٽي هت ايندو، گڏجي ماني به کائبي ۽ ڪچهري به ڪبي، پر بگٽي صاحب سان گفتگو ڪندي، احتياط ڪرڻ لازمي آهي، چو ته هو نه رڳو ذاتي طرح ڏُکيو ماڻهو آهي، پر ساڄي ڏر جي اديبن جو هڪ مکيہ نقاد پڻ آهي. هن جو فڪر ۽ سوچ ترقي پسند لڏي جي خلاف آهي". اهوئي دور هو، جڏهن بگٽي مرحوم جا ڪي ڪتاب ڇپيا هئا، جن ۾ هن ترقي پسند اديبن ۽ ادب خلاف ڇڳا ڪات کهاڙا ڪنيا هئا. قربان علي بگٽي آيو ته مدد علي‌ءَ هن سان منهنجو تعارف، سنڌ جي نوجوان محقق ۽ تاريخدان طور ڪرايو. گفتگو هلندي، مون بگٽي صاحب کان سوال ڪيو ته 'ڇا هي‌ءُ سچ آهي ته جديد سنڌي ادب جو باني محمد ابراهيم جويو آهي؟'

منهنجي سوال تي بگٽي مرحوم نهايت صاف سٿرو جواب ڏنو. سندس چوڻ هو ته:

"محمد ابراهيم جويو تمام وڏو ماڻهو آهي. پاڻ رڳو جديد سنڌي ادب جو ابو ڪونهي، پر هن ڪيترين ئي تحريڪن کي جنم ڏنو آهي. هندو اديبن جي لڏ پلاڻ ڪري پيدا ٿيل خال کي جويي صاحب ان طرح پريو، جو هن نِت نون لکندڙن جي همت افزائي ڪئي. ون يونٽ ناهي، سنڌ جو نالو گم ڪيو ويو، ان حوالي سان جويي صاحب، نهايت بصيرت افروز رڃا سان، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تحريڪن کي وجود ۾ آندو. ان طرح ون يونٽ مخالف آواز اٿيا، ۽ اڄ سنڌ جو صوبو بحال ڏسجي ٿو. اڄ اسان جو نوجوان 'سنڌ، سنڌ' ڪري ٿو، ان هلچل جو اولين روح روان محمد ابراهيم جويو آهي، ۽ پوءِ کو ٻيو ليڊر ٿي سگهي ٿو."

بگٽي صاحب وڌيڪ چيو ته: "هو اسان جي لڏي جو نظرياتي مخالف پلي هجي، پر موجوده سنڌ ۾ سياسي سجاڳيءَ ۽ قومي جاڳرتا جو سڃو ڪريڊٽ جويي صاحب ڏانهن وڃي ٿو. ان حقيقت کان هن جو ڪٽر مخالف به انڪار نه ڪري سگهندو".

بگٽي صاحب جون هي ڳالهيون ٻڌي، مون پهريون ڀيرو جويي صاحب سان ملاقات جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏينهن آءٌ سندن رهائشگاهه تي ويس. دعا سلام کان پوءِ مون کي چيائين ته 'ادا، چگيءَ طرح پنهنجو تعارف ڪراءِ'. جڏهن مون پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي، تڏهن پاڻ مون کي علم ۽ ادب جي اهميت جي باري ۾ پرپور ليڪچر ڏنائون. سندن چوڻ هو ته 'علم ۽ تعليم جو پنهنجي قوم کي فائدو ڏي، اهو توتي حق آهي. پر توکي رڳو خدمت ڪرڻي آهي، لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪر ڪنهن لالچ يا طمع کان سواءِ ڪرڻ کپي، ادبي ڪر ڪندي، نه اسان ڪروڙ ڪمايا آهن، ۽ نه توکي هيءَ قوم پگ ٻڌائيندي. اُجوري جي طلب هُجئي ته پوءِ سوير ئي وڃي ڪو ٻيو ڏنڊو ڪر، لکڻ پڙهڻ کي هينئر ئي ڇڏي ڏي'.

جويي صاحب سان منهنجي پهرينءَ ملاقات کان ٻه مهينا پوءِ، سنڌ جي معتبر ۽ مستند تاريخدان پير حسام الدين راشدي صاحب جي علالت جون خبرون اخبارن ۾ اچڻ لڳيون. مون پير صاحب جي اجازت سان، سندن اردو ڪتاب 'سنڌي ادب' ترجمو ڪري 'گرامي پبليڪيشن' دولت پور پاران شايع پي ڪرايو. جڏهن ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو، تڏهن ارادو ڪيم ته پير صاحب جي عيادت ۾ ڪريان ۽ ڇپيل ڪتاب جون ڪجھ ڪاپيون به کين پيش ڪريان، پر راشدي صاحب جي بيماريءَ سبب، ملاقات جا امڪان

گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي آيا.

ان معاملي تي مشوري لاءِ مان هڪ ڏينهن جويي صاحب وٽ هليو ويس. مون کي ڏسڻ سان ئي پاڻ چيائون ته "اڙي يار، تون کهڙي جهان ۾ آهين؟ راشدي صاحب توکي ياد ڪري رهيو آهي، تازو سندن هڪ ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ڇپيو آهي. اهو ڪتاب حميد آخوند کان وٺ ۽ ان تي هڪ تعارفي تبصرو لکي، ڪٽي ڇپراءِ. اها پير صاحب جي خواهش آهي." جواب ۾ وضاحت ڪيم ته 'خبر پئي آهي ته، پير صاحب سان بيماريءَ سبب ملاقات ممڪن ڪانهي. ان صورت ۾ آءٌ چا ڪريان؟' پاڻ چيائين ته "ادا تون ڪراچي وڃ، پير صاحب سان تنهنجي ملاقات بلڪل ٿي سگهندي." جويي صاحب جي صلاح تي نيٺ مان ڪراچيءَ هليو ويس. مختصر ڪوشش سان واقعي راشدي صاحب سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. مون کين سندن اردو ڪتاب 'سنڌي ادب' جو سنڌي ترجمو پيش ڪيو. پاڻ نہ رڳو خوش ٿيا، پر پنهنجي دستخط سان، پنهنجو تازو ڇپيل ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" به مون کي تحفو ڪري ڏنائون. هن ڪتاب ۾ راشدي مرحوم جا ننڍا وڏا 43 مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن. سنڌ جي مطالعي ۾ هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي. ان جو مقصد پريو مهاڳ، محمد ابراهيم جويي صاحب جو لکيل آهي. 28 ڊسمبر 1981ع تي ٿيل راشدي صاحب سان مُنهنجي هيءَ ملاقات، آخري ثابت ٿي. ان ملاقات جو سجو ڪريڊٽ بهرحال سائين جويي صاحب ڏانهن وڃي ٿو.

سنڌ جي مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي سان، پهرينءَ ملاقات کان پوءِ منهنجي نيازمندي ۽ دُعا سلام جو سلسلو قائم رهندو اچي.

فيبروري 1982ع ۾ مون کي تعليم کاتي ۾ ملازمت ملي. مان اٽڪل پنج سال، سنڌ جي مختلف کاليجن ۾ رهيس. سال 1987ع ۾ ان وقت جي علم دوست وائيس چانسيلر جناب مظهرالحق صديقي صاحب مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت ڏني. جڏهن جويي صاحب کي اها خبر پئي، تڏهن تمام گهڻو خوش ٿيا. مان ساڻن ملڻ ويس ته مون کي مبارڪباد ڏيندي، وقت کي سڀل ڪرڻ لاءِ کي هدايتون ۽ ڏنائون. ان وقت کان وٺي باقاعدي جويي صاحب سان ميل ملاقات ۽ علمي ادبي معاملن تي صلاح مصلحت جو سلسلو هلندو اچي. ان طرح مون کي سندن ويجهو رهڻ، ۽ کين سمجهڻ توڙي پرکڻ جو چگو موقعو مليو آهي. گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾ ڪجهہ ڏکين گهڙين ۾، جويو صاحب اڳيرو ٿي منهنجي ڪم ۾ آيو آهي.

علمي ۽ عملي زندگيءَ ۾، مون کي ڪي تلخ تجربا ٿيل آهن. سنڌي ماڻهوءَ جو وڏو دشمن خود سنڌي ماڻهو آهي. سنڌي سماج کي ڪاپاري نقصان خود پنهنجو پاڻ کان پهتو آهي. اسين پنهنجا دشمن وڏيءَ حد تائين پاڻ آهيون. هڪ ٻئي کي نہ سهڻ ۽ برداشت نہ ڪرڻ سبب، اڄ اسين وڏيءَ مشڪلات جو شڪار ٿي چڪا آهيون. مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سروس ملي، ته ڪجهہ ماڻهن کي هيءَ ڳالهہ بنهہ نہ وٽي. ان دور ۾ جنرل هسٽري شعبي جي موجوده چيئرمين محمد قاسم سومري کي به پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ مُقرري ملي. سومري صاحب ان کان اڳ پاڪستان جي تاريخ ۽ ثقافت واري قومي اداري ۾ ملازمت ڪئي هئي. اسلام آباد ۾ رهندي، پاڻ قائداعظم يونيورسٽيءَ مان، سنڌ جي مسلم سياست تي مقالو لکي، ايم. فل جي ڊگري ورتي هئائين. پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ان وقت جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل صاحب، محمد قاسم جي مذڪوره مقالي کي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هيءُ مقالو، انگريزي زبان ۾ لکيل هو؛ ان ڪري فيصلو ٿيو ته پهريائين محمد

ابراهيم جويو ان کي ايڊٽ ڪندو، بعد ۾ ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو ويندو. ان ڪم جي تڪميل لاءِ مون تي ذميداري رکي وئي. جويي صاحب منهنجي گذارش کي مانُ ڏيندي، ٿوري عرصي ۾ مقالو ايڊٽ ڪري ڏنو. آءٌ مواد ڪٽڻ لاءِ سندن خدمت ۾ پهتس. تڏهن پاڻ ٻڌايائين ته اوهان جي سينئر جو هڪ استاد لال جسڪاڻي مون وٽ آيو هو، جنهن مون کي هن مقالي ايڊٽ نه ڪرڻ لاءِ زور پريو، پر مون کيس چيو ته جيتوڻيڪ مقالي جو موضوع، منهنجي دل وٽان ڪونهي، پر جيئن ته مون کي غلام محمد لاکي ڪم ڪري ڏيڻ لاءِ گذارش ڪئي آهي، ان ڪري مون پنهنجي هڪ دوست جي ڳالهه کي مانُ ڏيندي، سومري صاحب جو مقالو ايڊٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو مقالو پوءِ 'Muslim Politics in Sindh' جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو.

هونئن ته سائين محمد ابراهيم جويو ڳچ موقعن تي منهنجي ڪم آيو آهي، پر هتي مان صرف هڪ خاص واقعي جو ذڪر ڪندس. ڪجهه سال اڳ منهنجي پروموشن جو مسئلو هو، ليڪن وقت جو وائيس چانسيلر پروموشن بجاءِ اصل منهنجي کي پئجي ويو. حالانڪ ان صاحب سان منهنجي ڪافي وقت کان نيازمندي رهندي ٿي آئي. ڪرسي ملڻ سان ڇڳن پلن ماٺهن جا رويا مٺجي ويندا آهن. سو صاحب موصوف ڇڻ ته سڃاڻندو به نه هجي! رڳو مون سان اها جُٽِ نه ٿي، پر هر واقفڪار ۽ يار دوست کي اصل ڳڙي ۾ وجهي ڇڏيائين. مون جڏهن جويي صاحب سان پنهنجي ماجرا بيان ڪئي، تڏهن نه رڳو مون کي آٽت ڏنائين، پر سيد پناهه علي شاهه جي معرفت منهنجي مسئلي حل ڪرائڻ ۾ منهنجي مدد ڪيائين. ان مامري ۾ سينيئر حسين شاهه راشدي ۽ ايم.ايڇ.پنهور پڻ منهنجي واهر لاءِ اڳتي آيا.

سال 1951ع ۾ سنڌ حڪومت سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو. شروع جي ڳچ سالن ۾ محمد ابراهيم جويو هن اداري جو سيڪريٽري رهيو. هڪ پيري بورڊ جي مختلف علمي رٿائن (Projects) جو ذڪر نڪتو، تڏهن پاڻ ٻڌايائون ته سنڌ جي جامع تاريخ لکڻ جو خاڪو ڊاڪٽر دائودپوٽي پيش ڪيو هو. پير حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ جي ماخذن ڇپرائڻ واريءَ رٽ جو خالق هو. لوڪ ادب سهيڙڻ جي اسڪيم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تيار ڪري بورڊ کي ڏني. جڏهن ته مون پاڻ برٽش دور کان اڳ لکيل سنڌي ڪتابن جي اشاعت جو پروگرام جوڙي، مفصل خاڪو بورڊ آڏو پيش ڪيو هو، پر منهنجي رٿا تي عمل نه ٿي سگهيو. اڄ به بورڊ جي فائيلن ۾ اهو رڪارڊ موجود هوندو. جيڪڏهن ان رٿا تي عمل ٿئي ها ته ان جا ڪيئي فائدا ٿين ها. انهن ڪتابن جو گهٽو ٽٽو تعلق مذهبيات سان هو، ان ڪري سنڌي زبان جي اسلامي ادب ۾ وسعت اچي ها. ان کان پوءِ انهن ڪتابن جي اشاعت سان، صديون اڳ جا لکيل اهي مسودا ناپيد ٿيڻ کان بچي پون ها. ان طرح سنڌي ادبي تاريخ جي اڀياس ۾ پڻ وسعت پيدا ٿئي ها ۽ وڌيڪ ڳالهه ته جويي صاحب تي مذهبي ڏرين جي ڪاوڙ ۾ به شايد ڪجهه گهٽتائي اچي ها!

قديم سنڌي تصنيف ۽ تاليف سان، جويي صاحب جي دلچسپيءَ جو هتي هڪ مثال ڏيڻ مناسب ٿيندو. سال 1990ع ۾ مون کي ڪلهوڙن جي دور جي لکيل هڪ مختصر ڪتاب جي ڦوٽو ڪاپي، برٽش لائبريريءَ مان هٿ آئي. هيءُ ڪتاب، اڻ ڇپيل هو ۽ اسان جي ادبي تاريخ ۾ ان جو ڪو به ذڪر ٿيل نه هو. مون ان کي ايڊٽ ڪري شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن معاملي تي مون محمد ابراهيم جويي سان صلاح مصلحت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن مذڪوره مسودو سندن آڏو

رکيم تہ پاڻ ان ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاريائين. نہ رڳو همت افزائي ڪندي، مشورا ڏنائين، ليڪن ان جي اشاعت جي معاملي ۾ بہ اڳتي وڌي منهنجي مدد ڪيائون. اهو ڪتاب، پوءِ پاڪستان اسٽڈي سينٽر "تفسير آية الڪرسي" جي نالي سان ڇاپي پڌرو ڪيو. اهو ئي موقعو هو جو جويي صاحب قدير سنڌي لکت جي اهميت تي زور ڏيندي، مٿي ذکر ڪيل پنهنجي منصوبي جي مون سان ڳالهہ ڪئي هئي.

محمد ابراهيم جويو، جيتوڻيڪ اسان وٽ باضابطہ طور تي مؤرخ ۽ محقق طور نہ ٿو سڃاتو وڃي. پوءِ بہ هيءَ هڪ اٽل سچائي آهي تہ پاڻ سنڌ جي تاريخ جو وڏو ڄاڻو، پارکو ۽ نقاد آهي. هن جو ڪتاب 'شاهہ، سچل، سامي' منهنجي هن راءِ جي تائيد ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي تاريخ کي ڪيترن مِهٽن سان منهن ڏيڻو پيو آهي. ڏارين لکندڙن ان کي مقامي، علائقائي ۽ صوبائي تاريخ سڏيو. جڏهن تہ خود پنهنجن تاريخدانن ان کي مذهبي ۽ قبائلي تناظر ۾ ڏسڻ ۽ نندڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن جويي صاحب جو موقف ڇڻو آهي، تہ سنڌ جي تاريخ هڪ قوم ۽ وطن جي تاريخ آهي ۽ اها هڪ مڪمل (Compact) تاريخ آهي. هونئن تہ سندن لکڻين توڙي ڪچهرين دوران، اسان کي سنڌ جي تاريخ جي باري ۾، سندن خيالن جي گهڻي پروڙ هئي، پر هن ڏس ۾ وڌيڪ ڄاڻ تڏهن ملي، جڏهن ڪجهہ سال اڳ، پاڪستان جي قومي تاريخ ۽ ثقافت واري اداري، ملڪ جي هڪ جامع تاريخ تيار ڪري ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيو. هن مقصد لاءِ اسلام آباد ۾ ٽيل هڪ ميٽنگ ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب کي بہ مدعو ڪيو ويو هو. اسلام آباد کان موٽڻ کان پوءِ پاڻ مون کي ۽ محمد قاسم سومري کي سڏي، هن رٿا بابت صلاح مصلحت ڪيائين، ۽ سنڌ جي تاريخ جي اهميت کي اجاگر ڪندي، پنهنجي سوچ ويچار کي اسان جي آڏو رکيائين. ان ريت پاڪستان جي تاريخ لکرائڻ واري محرڪ اداري کي، پاڻ پنهنجي ليکي خاص ڪري سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان، هڪ الڳ رٿا جوڙي موڪلي ڏنائون. اها جدا ڳالهہ آهي تہ پاڪستان جي تاريخ جو اهو منصوبو عمل ۾ نہ اچي سگهيو ۽ نہ وري سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ جويي صاحب واري ڳالهہ اڳتي وڌي سگهي.

جڏهن ڳالهہ سنڌ جي تاريخ جي نڪتي آهي، تڏهن هن ڏس ۾ جويي صاحب جي دلچسپيءَ توڙي عمل جو ڪجهہ وڌيڪ ذڪر ڪرڻ اجايو نہ ٿيندو. ڪلهوڑا خاندان پنهنجي سياسي جدوجهد ۽ پوءِ حڪومتي دور ۾، سابق صوبي ملتان مان ڪيترن قبيلن کي آڻي، سنڌ ۾ آباد ڪيو. هن ڏس ۾ "جويو" قبيلو ذکر جوڳو آهي. منهنجي ڳوٺ ۾ هن ذات سان تعلق رکندڙ ڪجهہ گهر آهن، جيڪي اڄ بہ سرائڪي ٻولي ڳالهائين ٿا. سکر ۾ ميان آدم شاهہ جي مقبري جي ٻاهران ڏکڻ ۾، پوري رنگ جي پٽ جي هڪ قبر آهي. هينري ڪزنس لکيو آهي تہ هيءَ قبر مستي بن زنده [جندو] جويي جي آهي، جنهن 1658ع (1069ھ) ۾ وفات ڪئي هئي ['سنڌ جا قديم آثار' ص 153]. جڏهن تہ هن ڪتاب جي سنڌي ڇاپي ۾ 'زندا فقير جويو' لکيل آهي. (مترجم عطامحمد پنيرو، ص 269). منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ قبر تي: مستي بن زنده فقير، قوم جويہ لکيل آهي جويو قبيلو، ڪلهوڙن کي پنهنجو مرشد تسليم ڪندو هو. ان کان سواءِ ڪلهوڙن صدين بعد متحده سنڌ جو خواب پورو ڪيو ۽ ملڪ جي گهڻي خدمت ڪيائون. اهو ئي پس منظر آهي جو اڄ سوڌو جويا، ڪلهوڙن جي تاريخ سان گڏ، سنڌ سان وفاداريءَ ۽ محبت جي جذبي سان سرشار آهن.

محمد ابراهيم جويو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو، تڏهن پاڻ "تاريخ کلهوڑا" کي وڌي آب تاب سان ڇاپي پٽرو ڪيائون. کلهوڑن بابت منعقد ٽيل ڪجهه سيمينارن ۾ ب، جويي صاحب جي صلاح ۽ تائيد، هڪ ذڪر جوڳي ڳالهه آهي. کلهوڑن، پرڳڻي ملتان مان ڪجهه ٻين قبيلن کي ب سنڌ ۾ آندو، ليڪن انهن نه رڳو کلهوڑن کي اقتدار کان محروم ڪيو، پر بنهه تازي دور ۾ ب انهن قبيلن جي ڪجهه لکندڙن، پنهنجين لکتن ذريعي سنڌ جي هن سابق حڪمران خاندان جي غيبت جاري رکي آهي.

منهنجي پنجويهه سالہ ادبي زندگيءَ ۾، جتي ڪجهه ٻين اديبن ۽ عالمن جو ڪردار آهي، اتي جويي صاحب جو ب ڪجهه حصو پتي آهي. منهنجي ڪتاب 'سمن جي سلطنت' ۾ دريا خان جي حسب نسب تي جيڪو بحث آهي، ان ۾ هن بزرگ دانشور جو گهڻو ڪردار آهي. منهنجا ڪجهه تاريخي مقالا جهڙوڪ: 'سنڌ سيا- سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم'، 'مخدوم بلال جي شهادت جو مسئلو'، 'ڪراچي شهر جي اوائلي تاريخ' ۽ 'سنڌ- قلات لاڳاپا' جويي صاحب نهايت دلجمعيءَ سان پڙهيا ۽ دوران گفتگو انهن جي واکاڻ ڪئي. مون سنڌ جي هن مهان ڌاهي جي ادبي مجتا ۾، پنهنجو ڪتاب 'مطالعو سنڌ جو' سندن نالي منسوب ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب ناز سنائي 1992ع ۾ ڇپايو هو. هيءُ ڪتاب هيو پيرو "مطالعو سنڌ جو- جلد 1" طور سن 2005ع ۾ ساڳئي ناشر ڇپرائي پٽرو ڪيو آهي.

محمد ابراهيم جويي صاحب جي باري ۾، هن مضمون جي شروعات سنڌي ادبي بورڊ جي ذڪر سان ڪيل آهي. جيئن مٿي ذڪر ٿيو، بورڊ جي جنر کان وٺي، جويو صاحب ڪافي ورهيه ان جو سيڪريٽري رهيو هو. تمام گهڻ اسٽاف توڙي بجيٽ جي باوجود ب، جويي صاحب رات ڏينهن جي محنت سان، ٿوري وقت اندر ان کي وڏي مجتا ڏياري ۽ دنيا ۾ بورڊ جي ساک قائم ٿي. 22- ڊسمبر 1996ع تي کين بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ هن عهدي تي پنج سال فائز رهيو ۽ کين 12- جولاءِ 2002ع تي بورڊ جي سربراهيءَ تان فارغ ڪيو ويو. ليڪن ويچار جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته، چيئرمين محمد ابراهيم جويو، پنهنجن هٿن سان ناهيل، نپايل ۽ بالغ ڪيل، هن اداري لاءِ هن پيري مفيد ثابت نه ٿيو. حالت هيءَ وجي ٿي ته اخبارن ۽ رسالن ۾ سندن خلاف بيان، تبصرا ۽ رايا اڇڻ شروع ٿيا. کن ماڻهن مخالفت ۾ مظاهرو ب ڪيو. مون سميت ڪافي دوستن کين اهڙي بيسود عهدي ڇڏڻ جي ب صلاح ڏني. هن پيري جويي صاحب جي سڪل نه ٿيڻ جا ڪيئي سبب هئا. حضرت علي رضہ کان هڪ پيري دوستن پڇيو ته ڇا سبب آهي، جو اڳين خليفن جي دور ۾ خلافت جو انتظام ٺيڪ ٿي هليو ۽ اوهان جي دور ۾ حالتون روز بروز بگڙنديون پيون وڃن. حضرت علیؓ فرمايو ته اڳين دورن ۾ خليفن جا صلاحڪا، مون جهڙا اصحاب هئا، جڏهن ته منهنجا صلاحڪار اوهين آهيو!

جويي صاحب جي بورڊ جي چيئرميني‌ءَ واري دور تي ضرور ڪو دوست تفصيل سان لکندو، مان ته رڳو ايترو لکندس ته شڪر آهي ته سنڌ جو هيءُ مانائتو دانشور، هڪ اهڙي عهدي کان فارغ ٿي چڪو آهي، جتي هر ايندڙ ڏينهن تي سندن بيداغ ڪردار تي آگر ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وئي.

محمد ابراهيم جويو ويهين صديءَ جي سنڌ جو هڪ وڏو ڪردار آهي ۽ پنهنجي ادبي، سياسي ۽ اداراتي پورهئي سبب، هو هڪ داستان (Legend) بنجي چڪو آهي.

اسان جو هردل عزيز رهنما: محمد ابراهيم جويو

ماهتاب محبوب

ڪافي عرصي بعد، اسان جي محترم ۽ معزز شخصيت، محمد ابراهيم جويي صاحب کي، سندن سڀاجهي سدوري ڏوهٽي محسن جويو سان گڏ پنهنجي گهر ۾ ڏسي، امداد حسينيءَ جو خوبصورت گيت. "عيد جو چند ته ناهيان جو نهارين مون ڏي." کي، مون اُن مهل "عيد جو چند ئي ته آهين جو نهاريان تو ڏي..." جيان سوچيو.

واقعي به عيد جي سڳوري ڏينهن تي، جويي صاحب جي دلنواز ديد، مون لاءِ عيد جو بيمثل تحفو ئي ته هئي! مون کي اِن عزت افزائي تي سچ پچ ته تمام گهڻي خوشي ٿي... هُن جن دِلي دعائن سان مون کي نوازيو تِن جي شڪرگذاريءَ جا مون وٽ لفظ ئي نه هئا... ڪيس تندرست ۽ توانو ڏسي، روح کي راحت ۽ دل کي آٿت مِلي پيئي... همدرد، پُراُميد ۽ مسلسل جدوجهد ڪندڙ انسان، لاشڪ ته جويو صاحب جهڙا ئي هوندا آهن، جن تي صديون سال نه، پنهنجا اثر وجهي سگهن نه پاڇا. سندس سمورو وجود پنهنجي قوم جي ماڻهن، پنهنجي پيارن ۽ وطن جي بچن لاءِ بڙ جي گهاٽي ڇانوَ جيان، پيو محسوس ٿيندو آهي. اَڄي شانائتي ويس ۽ گاڙهسري سنڌي ٽوپيءَ ۾ جويي صاحب جي شخصيت ويتر نِکري پئي. مون هن جي لازوال مُرڪ واري معصوم ۽ مٺياڙار چهري ڏي نهاريو، ته اُن ۾ نوراني چمڪ جو اضافو محسوس ٿيو، جنهن تي اڄ به ساڳي ريت اُميدن جا ڏيئا روشن هئا. هڪ پيري هُن جي سڀني صحت جو راز پڇيم ته مُرڪي، پنهنجي مٿي ۽ نهڻي لهجي ۾ وراڻيو هئائين، "مان زندگيءَ ۾ سدائين پُراُميد رهيو آهيان، ڪڏهن به مايوس ناهيان ٿيو، نه ئي ڪڏهن همت هاري آهي."

تڏهن ته هُو ٻين کي به پاڻ جيان اُميد جو ساٿ نه ڇڏڻ جي تاڪيد ڪندو رهي ٿو.

"انساني عمر، چاهي ڪيتري به هجي، پر ڪارائتي هجي." هن پنهنجي عمر خِضري لاءِ سڀاجهائي مان چيو، "منهنجي عمر مون کي دنيا ۾ گهڻو ڪجهه سِکڻ ۽ ڏسڻ جو وجهه ڏنو."

جويو صاحب، جنهن ننڍپڻ ۾ ڪيئي جيءُ جهوريندڙ صدما ۽ ڏُک سٺا ۽ محروميون ڏٺيون، سو وڏپڻ ۾ سڄي سنڌي قوم لاءِ اَملهه علمي ادبي خزانو ٻڌجي پيو. اسان ته چاهيندا سين ته خدا شال ڪيس سوين ڄمارون عطا ڪري.

هونءَ به زندگي اڇڻ ۽ وڇڻ واري شئي ئي ته آهي، جيڪا نه روئڻ سان رُڪندي، نه جهلڻ سان جهلبي. قدرت پاران جنهن جي جيتري چارجنگ يا بئٽري مقرر هوندي، اوترا ئي ساهه پَساهه، اِن طويل يا مختصر مُدت کي سجايو ڪرڻ، انسان جي پنهنجي وس ۾ آهي. ڪڏهن مختصر زندگي ۾ اُهي ڪارناما سرانجام ٿي ويندا آهن، جو بنا مقصد جي گهاريل ٻڪر ٻُوساٽ واري طويل زندگي گذارڻ، اُن مختصر زندگي آڏو ڪا معنيٰ نه رکندي آهي، پر بامقصد طويل زندگي هزار سال جي هجي ته به گهٽ پئي لڳندي ۽ هر دل چاهيندي ته اهڙو انسان شال سدائين جُڙيو هجي جهان ۾...

اِن اعتبار کان ڏسجي ته جويو صاحب پنهنجي حياتيءَ جو پل پل نه رڳو سجايو ڪيو آهي پر هر دؤر ۾ سنڌي قوم کي جهالت ۽ اڻ ڄاڻائي

وارين حالتن مان نڪرڻ جون سُرت پريون صلاحون ڏيندي سياسي، سماجي، فڪري ۽ ٻولي توڙي تعليم جي موضوعن تي لازوال تحريرون ۽ ڪتاب ڏنا آهن ۽ اڄ بہ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ اُتساهيندو رهي ٿو. ڪيس ڪتابن سان ايڏو تہ عشق آهي جو .....

تنهن ڏينهن پڻ هن جوشيلي جذبن سان پنهنجي هٿ کي مضبوطيءَ سان پيڪوڙي فيصلي ڪن انداز مان ورجائيندي چيو:

"ڪتاب ۽ انسان جو ساٿ اٽوٽ هئڻ گهرجي! People and Books~ People and Books! People and Books! انهن کي هڪ ٻئي کان ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿيڻ گهرجي."

ساڳي مهل هُن انساني صحت قائم رهڻ جو گهڻو اونو ڏيکاريندي چيو، "انسان کي پنهنجي صحت جي چگي ريت سنيال ڪرڻ گهرجي، گهٽ ۽ سادو کائڻ صحت جو بهترين اصول آهي."

جويو صاحب پاڻ بہ ساري زندگي ان تي عمل ڪندو رهيو آهي، ست رَڄي طعامن جي ڪيس ڪڏهن بہ طلب نہ رهي آهي. ننڍپڻ کان ئي چانهہ بسڪوٽ، ڏونرو پت، مانيءَ تي مکڻ ڦُٽي ۽ مٽان وري گهاٽي لسي جهڙي صحت بخش ڊرنڪ، هن جي من پسند خوراڪ رهي آهي ۽ جنهن ۾ ئي هن جي سُڻي صحت ۽ زندگيءَ جو راز بہ سمايل آهي. هو اڄ بہ دلچسپيءَ مان پنهنجي پسند جا ڪتاب پڙهي ٿو، پر ان ڳالهہ تي لاشڪ تہ خوش ناهي جو مهاڳن ۽ رايا لکرائڻ لاءِ ڊگ ڳرا ڪتاب سندس سيراندي‌ءَ کان هڪيا تکيا ڳاهڻ ٽيو پيا آهن. اهڙي صورتحال کان لاشڪ تہ هُو پريشان آهي، ان زوراوري تي بي اختياريءَ مان چوڻ لڳو: "جڏهن ماڻهوءَ جي دل چوندي تہ ڪتاب پڙهندو، بنا مرضيءَ جي زور زبردستي تہ ڪجهہ بہ پڙهيو ناهي ٽيندو، پڙهڻ جهڙي شئي هوندي تہ ضرور پڙهبي، چو نہ پڙهبي پر ڪتابن تي لکڻ بہ ڪو ايڏو سولو ڪم تہ ڪونهي جو جهٽ ۾ ڊير ڪتاب پڙهي مهاڳن لکڻ ۾ جُنبي وڃان! دراصل سؤ سالہ جنم ڏينهن ۽ مٽان وري اُن جي جشن جو ٻُڌي هر ڪو تڙ تڙ ۾ مهاڳن لِکرائڻ لاءِ ماندو ٿي پيو آهي، تہ ڪٿي ڪا دير نہ ٿي وڃي....

هيڪاندا ڪتاب پڙهائڻ ۽ پوڳائڻ ۽ اُن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکرائڻ جي تمنا، جويو صاحب جي زندگيءَ سان ڪيڏو برابر آهي. اُهي اسٽيريو ٽائپ لکندڙ ٻيا ٿين، جن لاءِ ڪتاب پڙهڻ بنا ئي اُن تي مهاڳن توڙي مقالا رهڙڻ، ڪابہ هٽ جو کيل آهي، پر جويو صاحب کي زوري لکرائڻ وارو ٽينشن هرگز نہ ڏيڻ ڄُڳائي ۽ نہ ئي هروپرو اهو لکرائڻ لاءِ جور جبان چنبڙي پئجي. هونءَ بہ ڪيس جورن جو مشاهدو ننڍپڻ کان ئي ماڻيل آهي تہ اهي رت پياڪ ڪيڏيون نہ تڪليف ده ٽيندیون آهن، جن جي چڪن جا چڏيل نشان، اڄ سوڌو هُن جي ڪُک تي موجود آهن! تنهن ڪري "ادبي جورن" کان ڪيس هر ممڪن تحفظ ڏيارڻ ساجهہ وندن ۽ جويي صاحب جي گهڻ گهرن جو فرض آهي. هونءَ بہ هن سنڌي قوم کي وس آهر تمام گهڻو ڏنو آهي. بلڪ ورسايو آهي، تنهن ڪري سڄڻ پائي اِن ۾ آهي تہ هاڻي ڪيس گهڻو exert نہ ڪرائجي... تہ پوءِ نيٽ چا ڪجي، جنهن سان هن جي دل کي قرار ۽ روح کي راحت اچي... مان پانيان ٿي تہ ڪيس دل چهيندڙ سنا سهٽا گيت يا ڪلام ٻترائجن، جن کي سمجهڻ جو، جويو صاحب وٽ گڻ بہ آهي تہ ذوق بہ... هُو خود بہ سُنو ڳائي ڄاڻي. سندس اهڙو هڪ آڊيو ڪيسٽ، ڪنهن کي نہ ٻڌائڻ واري وچن سان اڄ بہ مون وٽ سانڊيل آهي...! هُن جي دل وندرائڻ لاءِ ساٺس سُڻيون سڻيون وٽندڙ ڪچهريون ڪجن، قدرتي نظارن ۽ جاين جڳهن جي آرام آرام سان تفريح ڪرائجي. مطلب تہ ڪيس هرممڪن طور خوش رکڻ جي ڪوشش ڪجي، پوءِ جويو صاحب لاءِ هوند ڊبل سينچري ڪرڻ بہ هن نئين ٽيڪنالاجيڪل دور ۾ ناممڪن ناهي، چو جو لڳي پيو تہ اُهو دور وري نيٽ موٽي اچڻو آهي، جنهن ۾ ماڻهن جون ۽ اصحابي سڳورن جون عُمرون سوين سال ٽيندیون هيون، عين ممڪن آهي تہ اهڙا تجربا بہ ٽيڙ شروع ٿي وڃن، جنهن ۾ سؤ سالن جو ٿي وڃڻ کان پوءِ وري ڏينهون ڏينهن Reverse ۾ ويندي ماڻهو Ten ager مان ڦِري Teen ager ۾ اچي وڃي! دنيا تہ بهرحال قائم رهڻي آهي، پوءِ چاهي کهڙو بہ وڃي روپ اختيار ڪري.

ترقي پسند ادب جو مينار

تاجل بيوس

ڏيهه، وطن، ملڪ، ديس، ساڻيهه ۽ ٻيا به اهڙا نالا آهن، جي جنم پومي۽ يا اباڻن پدن ۽ ماڳن مڪانن لاءِ ڪتب اچن ٿا. انساني رشتي ۾، ماءُ ۽ پيءُ جو هڪ اهڙو رشتو آهي، جو پيدائشي يا انساني نسل کي هڪ صدي۽ مان ٻي صدي۽ ڏي وٺي وڃڻ ۾ پاڻي۽ ۽ زمين جي زرخيزي۽ وارو ڪردار ادا ڪندا آيا آهن. پيءُ ته پيءُ آهي، پر ماءُ يا عورت جي اعليٰ مقام جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. چيو ويندو آهي ته "تنهنجي مادري زبان ڪهڙي آهي"؟ "بهشت، ماءُ جي پيرن جي هيٺان آهي". ديس يا ساڻيهه "ماءُ جو ملڪ" ڪوٺبو آهي، ۽ قيامت واري ڏينهن هر ڪنهن کي "ماءُ جي رشتي" سان ئي سڏيو ويندو.

ڏرتي۽ جي سندرتا بابت آسڪر وائلڈ لکيو آهي ته "فطرت منهنجي نگاهه کي تازو ۽ تيز ڪندي آهي."

عيسوي ستين صدي۽ جي مهان ڪوي پرتري هري۽ چيو آهي: "زندگي جي ٻن وٽن کان سواءِ، سڄو سنسار بي معنيٰ آهي، اهي وٽون آهن: عورت جو جوبن ۽ جهنگلن جا نظارا".

ڏرتي۽ يا ساڻيهه جي سونهن ۽ اهميت جي سبقن ڏيندڙن مان مانوارو ابراهيم جويو به هڪ وڏو نالو آهي، جنهن کي سنڌ جي ادب ۽ ڏاهپ ۾ "استاد" واري حيثيت حاصل آهي. هي سائين جي.ايم.سيد، برڪت علي آزاد، شيخ اياز، غلام محمد گرامي۽، عبدالڪريم گدائي۽، محمد عثمان ڏيپلائي۽ ۽ نياز همايوني۽ جي نسلي دور (Generation era) سان تعلق رکندڙ آهي، جن مان نياز همايوني۽ کي ڇڏي، باقي ڇهه اسان کان جدا ٿي چڪا آهن. ڏٺي، جويي صاحب کي منهنجي باقي ڄمار به بخشي!

مان جڏهن ننڍو هوندو هئس، خاص ڪري پنجاهه واري ڏهاڪي ۾، تڏهن ادبي محفلن ۾ شريڪ ٿي، سعادت حاصل ڪرڻ جا شروعاتي موقعا مليا هئم. ان وقت سڀ کان پهريائين متي ذڪر ڪيل سرجڻهارن جي تلاش ۾ اڪيون گهر ٿي ويندیون هيون، جن مان به چار وڏڙا ضرور ڏسي ونبا هئا. اڳتي هلي "روح رهاڻ" جي سڪاٽي حميد سنڌي۽ جي "روح رهاڻ- جشن"، "بزم صوفياءِ سنڌ" جي محفلن ۽ لطيف سرڪار ۽ سچل سرمست جي عرس ملهائڻ وارين ادبي ڪانفرنسن ۾ به ذڪر ڪيل وڏن نالن جا چڱا خاصا دم ديدار ٽيڙ لڳا هئا.

جي. ايم. سيد، عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، ابراهيم جويي، تنوير عباسي۽ ۽ ٻين ادب جي حوالي سان سنڌ کي "سنڌ امان" سڏڻ جا سبق ڏيڻ سان گڏ، سنڌ جي تاريخ ۽ آزادي۽ لاءِ قومن جي جدوجهد ۽ آزاد ۽ سڪلي زندگي گذارڻ جا طور طريقا سمجهايا آهن. اهوئي سبب آهي، جو اسان جو اڃوڪو ادب، وطن دوستي۽ سان گڏ ادب جي آفاقي ۽ معروضي قدرن سان به مالامال نظر ٿو اچي.

محمد ابراهيم جويو، ويهين صدي۽ جي اوڙاهه کي اُکري، ايڪهين صدي۽ ۾ پهتو آهي. ويهين

صدي، دنيا جي تاريخ ۾ اهم صدي آهي. هن ئي صديءَ ۾ مهاپاري لڙايون، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي آزادي، سرمائيدار نظام جي پيٽ ۾ سوشلزم جون اُتلون ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ آواز ۽ تصوير جي ڪرشمن کي ونيِ، ماڻهوءَ کي خلا ۾ اُڏامندي ۽ چند تي لهندي ڏٺو.

دنيا جي هن انقلابي صديءَ ۾، محمد ابراهيم جويي صاحب 'Save Sindh, Save the Continent' جهڙو ڪتاب لکيو، جيڪا رهنمائي، 1998ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب 'ادب، ٻولي، تعليم' تائين هلندي پئي اچي.

ڇيئمل پرسرام ۽ ڏيارام گدومل جي معتبر نالن سان، اسان جي سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ اٿ هستيون ادب جي بنيادي ٽنين سان ڄاتيون سڃاتيون وڃن ٿيون. جويو صاحب تہ ترقي پسند ادب جو مکيہ ٽنيو نہ پر هڪ مينار آهي.

آخر ۾ نذراني طور جويي صاحب جي خدمت ۾ هڪ بيت عرض رکان ٿو:

جويو ۽ جهانُ، بهشت برابر پانئيان،
سرجيو 'جويو' سنڌ مان، مٽيءَ لٽو مان،
جهين آدجگاد ۾، عشق ٽيو عنوان،
ڏنو جنهن ڏاتار آ، صورت جو سامان،
جنهن جو ديرو دل ۾، عشقَ ڪيو آسان،
جنهن سمايو ساهہ ۾، رام ۽ رحمان،
جنهن وٽ عشق 'اياز' جو، ڪعبو ڪوهستان،
'شاهہ، سچل، ساميءَ' ۾، گاروڙي غلطان،
سوئي جادم جکرو، جام سپڙ سلطان،
سما، جوکيا، سومرا، 'فيکوني' فرمان،
ڪعبي، ڪاچي ۾ ڏٺم، آهي هڪ عنوان،
توڙي سُرَ نہ تند ُسان، بيوس جهڙو پان،
توڙي سِرَ ساجاهہ سان، ماڻهو چئي مهان،
جنهن جو اَن ايمان، جنهن جو ڪعبو 'ڪل' ۾!

("سڀاجهو ساجهوند" تان ورتل)

محمد ابراهيم جويي جا بورڊ پاران ڇپيل ڪتاب





جيئي جويو.....

زيب سنڌي

غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب 'جهڙا گل گلاب جا' ۾ لکيو آهي تہ: "سنڌ ويهين صديءَ ۾ ٻہ وڏا اديب ۽ دانشور پيدا ڪيا. ٻئي غريب گهرن ۾ پيدا ٿيا ۽ پنهنجي غربت تي ناز ڪيائون. سڄي عمر غريبن جا حمايتي ٿي رهيا ۽ ڪڏهن ٻہ اميرن سان سور نہ سليائون. نہ وري ڪڏهن ڪنهن خان خانان جي پٽ جي پرواهہ ڪيائون. محنت ۽ اورچائيءَ سان اهڙو تہ نالو پيدا ڪيائون، جو تاريخ جي صفحن تي مهر هٽي ڇڏيائون. پهريون ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ سنڌ جي آسمان تي اپريو ۽ ٻيو پوئين اڌ ۾. پهرين جو نالو هو مرزا قليچ بيگ ۽ ٻئي جو هو محمد ابراهيم جويو."

رباني صاحب جي راءِ سان تہ اختلاف ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪو ٽيون، چوٿون ۽ پنجون نالو شامل ڪرڻ جهڙو بحث ٿي سگهي ٿو ، پر انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ مرزا قليچ بيگ جديد سنڌي نثر جا بنياد رکيا تہ محمد ابراهيم جويي جو نہ فقط سنڌي نثر، پر سنڌي شاعريءَ کي بہ جديد فڪر سان هم آهنگ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار آهي. بيشڪ تہ جويي صاحب قليچ بيگ جيان سوين ڪتاب تہ نہ لکيا يا ترجمو ڪيا، پر هن تحرير سان گڏو گڏ مختلف فورمن تي پنهنجي فڪري گفتگوءَ سان سنڌ جي سوچ ۽ ڏاهپ ۾ لڳاتار واڌارو ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ طرح ڪنهن وڏي ڪارنامي کان گهٽ ناهي.

منهنجي خوشقسمتي آهي جو، جويي صاحب جي نئين سوچ جي ساڻي ۽ ويهين صديءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز سان مون کي ڪيترين ئي اڪيلائيءَ واريون ڏکيون ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو. اهڙي ئي هڪ ذاتي ڪچهريءَ ۾ شيخ اياز چيو هو،"ابراهيم جويي جهڙا دانشور ڪڏهن ڪڏهن ئي جنم وٺندا آهن، پر سنڌ جويي صاحب جو قدر ناهي ڪيو." پر خود جويي صاحب پنهنجي هڪ صديءَ جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙي شڪايت ناهي ڪئي، جو مجتا جي خواهش کان وڌيڪ مقصد جي حاصلات کي ئي جويي صاحب سدائين اهميت ڏني آهي. جيڪڏهن شيخ اياز زندهہ هجي ها تہ اڄ ڏسي سگهي ها تہ سنڌ سان عشق ڪندڙ جويي صاحب سان سنڌ بہ پيار ڪري ٿي.

سنڌ سان غير مشروط محبت ڪندڙ ڏاهي، محمد ابراهيم جويي صاحب جون سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون ادبي منظر کان وڌيڪ ادبي پس منظر ۾ بہ موجود آهن. شيخ اياز جي خطن جو مجموعو "جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي"، جنهن کي جديد سنڌي ادب جو ڪلاسڪ ورثو تسليم ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪلاسڪ ورثي جو ڪريڊٽ بہ امر شاعر اياز سان گڏو گڏ جويي صاحب ڏانهن بہ وڃي ٿو، جو اهي سمورا خط شيخ اياز جويي صاحب جي چوڻ ۽ اتساهڻ تي لکيا هئا، جيڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپجڻ کان اڳ جويي صاحب ئي پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ٽماهي "مهراڻ" ۾ ڇپيا هئا. انهيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ جويي صاحب مشهور فرانسيسي مصور پال گاگن جا لفظ ورجايا آهن تہ، "ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ان ماڻهوءَ جي تشريح آهن."

جويي صاحب جا ورجايل اهي لفظ ته خود جويي صاحب تي منڊيءَ مٽان ٽڪ جيان نهڪي ٿا اچن، جنهن جي هٿن جي حاصلات، سندس سمورين لکڻين سان گڏو گڏ، هن جي سوچ ۽ هن جو فڪر، جنهن جي هڪ ڏگهي عرصي کان گفتگوءَ جي صورت ۾ هن سڄڻ واسين سان وڊ ڪئي آهي، اها خود جويي صاحب جي شخصيت جي تشريح آهي. سڄڻ لاءِ سوچڻ ۽ سڄڻ لاءِ نيون راهون تلاش ڪرڻ ئي، جويي صاحب جي زندگيءَ جي سفر جو مقصد ۽ محور رهيو آهي. سندس هڪ صديءَ جي راتين جو فقط هڪڙو ئي خواب آهي، خوشحال ۽ پاڻ پري سڄڻ جو خواب.

اسان جي ڪيترن ئي ليکڪن ۽ دانشورن انعامن اڪرامن، "ڪمائو ڪرسين" توڙي وڏين مراعتن سبب آسائشن واري زندگي گذاري آهي، پر جويي صاحب انعامن اڪرامن، ڪمائو ڪرسين توڙي مراعتن کان منهن موڙي، پاسيري زندگي گذاري آهي. مون جيان ڪيترن حيدرآباد واسين، جويي صاحب کي سندس اسي سالن واري عمر کان پوءِ ۾ پنهنجي صحافي ڪالونيءَ واري گهر کان گاڏي ڪاتي تائين روز ڏڪهو پنڌ ڪندي ۾ ڏٺو هوندو ته، ڪڏهن وري گاڏي ڪاتي کان پنهنجي گهر تائين ماٺهن سان ستيل فورسيٽر ۾ سفر ڪندي ۾ ڏٺو هوندو. هن هڪڙو صدارتي اوارڊ قبول ۾ ڪيو ته انهيءَ انعام جي سموري رقم هن ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي اداري کي خلق جي خدمت خاطر ڏئي ڇڏي.

عوام سان گڏ رهندڙ ۽ سادگيءَ واري عوامي زندگي گذاريندڙ هن ڏاهي جي نظر فقط ماضي ۽ حال تي ئي ناهي رهي، پر هو مستقبل تي به گهري نظر رکي ٿو. جڏهن بينظير ٻٽو صاحبه جلاوطني کاتي وطن واپس آئي هئي ته جويي صاحب هڪ طويل نثري نظر "اي سڄڻ جائي" لکيو، انهيءَ نظر ۾ بي بي صاحبه لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪرڻ سان گڏوگڏ، ڪيس صلاحون به ڏنيون، تنبيهه به ڪئي ته ايندڙ وقت جي خدشن جو اظهار به ڪيو؛

او سڄڻ جائي!
تون جاڻين ٿي
هي دهشت ڦهلائڻ وارا ڪيرهئا،
هي ته اهي ئي غير هئا،
جن ويرِ اسان سان پئي پاڙيو آ
اجا ته ڪلهه جي ڳالهه لڳي ٿي،
انهن ئي تنهنجي بابا کي ڦاهي چاڙهيو
۽ تنهنجي مويي ۽ جوڏي پاءُ کي
رستي ۾ بيهاري ماريو
چا پوءِ به اياڻي رهندينءَ،
يا سپ ڪجهه سوچي
پاڻ تي هيئن ماڻ مڙهيندينءَ،
تون ته سپ جي ڳالهه ڪرين ٿي،
ايءُ پڻ ڇگو ڪم
پر،
هيءُ نه وسار
تنهنجي بابا پڻ اهو رستو ورتو هو،
هن به سين کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
هن جو چا انجام ٿيو_ تون ڄاڻين ٿي،
هاڻ اهي ئي تنهنجي رت جا پياسا آهن!

.... ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو، جنهن خطري جو اظهار جويي صاحب پنهنجي انهيءَ نثري نظر ۾ ڪيو هو. سڄڻ ڄائيءَ کي پنهنجي عظيم پيءُ ۽ پائرن جيان شهيد ڪيو ويو ۽ ڳڙهي خدا بخش سميت، سڄڻ جي رت سان ڳاڙهي ٽيل مٽي وڏيڪ ڳاڙهي ٿي ويئي!

زندگي ته هر انسان گهاري ٿو، پر"اسان جيئن به جيئي پلا ڪو جهان ۾" جهڙو مثال ڪو ڪو ماڻهو ئي ٻڌبو آهي. بنا ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿو ته محمد ابراهيم جويي صاحب مثالي زندگي گذاري آهي، جنهن سان ملي هر دفعي اهو احساس ٿئي ٿو ته، ڇڙ اسين سڄڻ جي فڪر ۽ شعور سان ملي رهيا هجون. زندگيءَ جي سالن جي سينچري هٽي، هڪ صديءَ جو رکاردِ قائم ڪندڙ جويو صاحب پنهنجي فڪر وسيلي، سمورين صدين تائين سڄڻ سان گڏ زندهه رهندو، چوته فڪر جو موت ڪڏهن به ناهي ٿيندو.

سائين محمد ابراهيم جويي جي صد سالہ جنم ڏينهن تي، دل جي ايوان ۾ اهوئي آواز گونجي ٿو ته: جيئي جويو، سدا جيئي!



محمد ابراهيم جوئي جي پارت ياترا

گوبند مالهي

"الله اچن اوء، جن آئي من سرهو ٿئي."

سنڌ جو اعليٰ اديب ۽ مقبول مفڪر ادي ابراهيم جوئي جي پارت ۾ دل سان مرحبا. جيئن سنڌ جي شاعر دوست ۽ سنڌي ادبي سنگت (جنهن جي پهرئين جنرل سيڪريٽري هجڻ جو شرف 1948ع ۾ منهنجو رهيو) جتي ڪنهن به وقت جي جنرل سيڪريٽريءَ جي راءِ پٽاندڙ، "جوئي صاحب آسان ڪي، اسان جي هوليءَ ۾ سڏائين پختو، سچو، صحتمند زندگيءَ جي قدرن جي نمائندگي ڪندڙ ۽ قوم لاءِ ڪارائتو ادب پئي ڏنو آهي؛ پوءِ اهو مضمونن جي صورت ۾ هجي، ترجمي جي شڪل ۾ هجي يا ڪتاب جي جلمي ۾." هڪ نقاد ۽ استاد طور محمد ابراهيم جوئي جو سنڌ ۾ ممتاز درجو مڃيل آهي.

اڄ جي سنڌي شاعر اعظم شيخ اياز مڃيو آهي، ته هن ئي ٽن شخصيتن جو ان وٽ اثر آهي: اهي ئي ٽي هستيون آهن: حشو ڪيولراماڻي، محمد ابراهيم جويو ۽ سوپو گيانچنداڻي، منهنجي نظر ۾ ادي جوئي جو اياز تي گهڻو اثر آهي. جيئن تازو 'سيتا سنڌو پون' ۾ محمد ابراهيم جي پهرئين پبلڪ آجياڻي جي ڏوران ۾ مون چيو: اياز، اياز ئي نه ٿئي ها جي اياز کي جوئي جهڙو سونهون، سائي ۽ قدردان نه ملي ها. جوئي اياز جي ڪيترن ڪتابن جا مهاڳ لکي نه صرف اياز جي شاعري قوتن کي اپاريو آهي، بلڪ اياز جي ادبي اهميت واضح، ايجا وڌيڪ واضح پئي ڪئي آهي.

شاهه سچل ۽ سامي آسان جا رهبر، شاعر رهيا آهن، سنڌي ادب جي ارتقا هنن کان شروع ٿئي ٿي، هڪ سلسلي طور ادي ابراهيم جوئي ان عظيم ترين شاعري ته مورتيءَ تي لاڀاني تحقيقي ڪتاب لکيو آهي، "شاهه سچل، سامي- هڪ مطالعو" ان ۾ جوئي انهن ٽن عاليٰ شاعرن کي، "سنڌ ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ جا شاعر" سڏيو آهي. جيئن مون 'سيتا سنڌي پون' ۾ چيو، "سنڌ هند جو ڪوبه سنڌي اديب جو انهن ٽن يا انهن مان ڪنهن هڪ تي ڪجهه به چوڻ يا لکڻ چاهيندو ته هُو ادي جوئي جي ڪتاب کي نظر انداز نه ڪندو، ان جو اڀياس ڪندو، کي نه کي ٽڪرا ضرور حوالي طور ڏيندو." ان ڪتاب جو پنجون ۽ وڌايل چاپو تازو شايع ٿيو آهي.

جوئي صاحب سيتا سنڌي پون ۾ پنهنجي پارت ياترا جو مقصد سمجهائيندي چيو: "ادو جينمل پرسرام منهنجو گرو هو. هن جي اثر هيٺ مان ٽياسافسٽ ٽيس ۽ مجيرو ته سچ ئي ڌرم آهي، سچ کان مٿي ٻيو ڪو ڌرم ڪونهي. مان هن جو اڻ ڇپيل سنڌي انگريزي ادب سهيڙڻ آيو آهيان ته اهو هند يا سنڌ ۾ ڇپجي ۽ عام پاڻڪن تائين پهچي."

جيئن جويو- اياز همعصر ۽ سيڙ رهيا آهن، تيئن هنن کان اڳ لالچند جڳتياڻي ۽ جينمل پرسرام به همعصر ۽ سيڙ رهيا.

ادي جوئي پوءِ جينمل جي فرزند ۽ لالچند جي نائي رام گلراج جي گهر ڀڃايو ته هُو اها ڪوشش ڪندو جيئن سنڌ هند ۾ الڳ الڳ ۽ هڪ ٻئي سان تعاون ڪندڙ جينمل لالچند فائونڊيشن قائم ڪيو وڃي، جنهن تي عاليٰ اديب/ ساهتيه پريمي هجن، اهي فائونڊيشن هنن اديبن جا اڻ ڇپيل ۽ خلاص ٿي ويل ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو جاري ڪندا.

ادي جوئي جي آمد مبارڪ آهي، جت ڪٿ هن ڪي ايترو مانُ، سمان ۽ سهڪار ملندو، جنهن جي هو طرح لائق لائق آهي، ۽ بس.

اديب، استاد ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي واڌ ويجھ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪندڙ ڪيترائي سنڌ دوست ۽ اھل علم پنھنجي سڄي عمر انھيءَ نيڪ ڪم ۾ مصروف رھندي گذاري آھي. سنڌ جي انھن گھٽ گھرن جي کيپ ۾ سائين محمد ابراھيم جويي صاحب جو نالو ٻ سرفھرست آھي. جنھن نہ رڳو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪئي، پر ان سان گڏ پنھنجي اعليٰ صلاحيتن کي استعمال ڪندي سنڌ جي تعليم ۽ واڌاري لاءِ پنھنجي سڄي جمار پاڻ پتوڙيندو رھيو آھي.

سائين محمد ابراھيم جويي صاحب پنھنجي پيشيورانہ ڪيريئر جي شروعات استادي پيشي سان ڪئي ۽ تعليم جي ميدان ۾ مختلف عھدن تي رھندي، ھن سنڌ جي تعليم، ادب، ٻولي ۽ سنڌ جي مختلف اعليٰ تعليمي ادارن ۾ رھندي پنھنجون خدمتون ڏنيون آھن. محمد ابراھيم جويو صاحب سنڌ جي انھن ھڏ ڏوکين ڪردارن مان ھڪ اھڙو ڪردار آھي جن ماڻھن پنھنجي سڄي عمر سنڌي ماڻھن جي فلاح ۽ بھبود سان گڏ انھن کي اعليٰ تعليم يافتہ ڏسڻ پڻي چاھيو. سائين محمد ابراھيم جويي صاحب جي خدمتن کي ۽ سنڌ دوستي جي جذبن کي سنڌي قوم نھايت اعليٰ قدر جي نگاھ سان ڏسي ٿي.

سائين محمد ابراھيم جويي صاحب جو ھن وقت بزرگ اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنھن جي سڄي زندگي ڪتاب ۽ قلم سان دوستي ھئڻ ڪري اڄ سندس سنڌ جي مايہ ناز شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اھڙي منزل ماڻڻ ۾ جويي صاحب کيترن ئي ڏکوئيندڙ مرحلن مان زندگيءَ کي گذاريو آھي، پر ھن مانجھي مرد ڪڏھن ب ھمت نہ ھاري ۽ سگھاري جدوجھد ۽ قلمي پورھئي سان گڏ سڄي عمر ھن پنھنجو ناتو ڪتاب ۽ قلم سان انتھائي ايمانداريءَ سان جوڙي رکيو. سائين محمد ابراھيم جويو صاحب سنڌ جو حلالي پٽ آھي، جنھن پنھنجي زندگيءَ ۾ ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين ڏاڍا ڏک ڏٺا آھن.

سائين محمد ابراھيم جويي صاحب جي قبيلي جو تعلق ميان والي ضلعي پنجاب جي سرائڪي پٽي سان آھي. ھيءُ قبيلو سنڌ ۾ مختلف علائقن ۾ اچي آباد ٿيو، ڇو تہ سرائڪي قبيلن جي انٽي ويھٽي ۽ ڪلچر سنڌي ڪلچر سان ملندڙ جلندڙ آھي، اڄ ب پنجاب جي علائقن ۾ ھيءُ قبيلو آباد آھي، جنھن کي نون سڏين ٿا ۽ سنڌ ۾ ھن قبيلي کي 'نوڏا' ۽ 'جويا' سڏيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ڪلھوڙا خاندان جي ڏاڏي ميان آدم شاھ ڪلھوڙي کي جڏھن ملتان ۾ قاسيءَ تي چاڙھيو ويو تہ ان جي جنازي کي وصول ڪرڻ وارا جويا قبيلي جا ماڻھو ھئا، ۽ سندس وصيت موجب کيس سکر ۾ جبلن جي ٽڪري تي دفن ڪيو ويو، جتي اڄ ب سندس مزار پرسان جويي قبيلي جي فرد جي قبر پڻ موجود آھي.

محمد ابراھيم جويي صاحب جو خاندان پنجاب

کان لڏي اچي ڳوٺ آباد لڳ لکي، سن پرسان اچي آباد ٿيو. سندس والد جو نالو محمد خان ولد محمد اسماعيل جويو آهي. جڏهن ته سندس امڙ ڪامل ٻائيءَ جو گهر وارو محمد خان جويو (محمد ابراهيم جويي جو پيءُ) وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ ڪامل ٻائي جي ٻئي هنڌ (محمد قاسم جويو) سان شادي ڪرائي ويئي ۽ محمد ابراهيم جويو پنهنجي ڏاڏي محبوب علي جويي ۽ ڏاڏي جادل ٻائيءَ سان گڏ رهڻ لڳو. ان وقت سندس عمر ست سال هئي.

هڪ پيري سائين جويي صاحب سان ڪچهريءَ دوران مون کانئس سوال ڪيو ته زندگيءَ جو ڪو اهڙو ڏک جيڪو اوهان کان اڄ تائين نه وسريو هجي، ته ٻاڌ فرمايائين: جڏهن منهنجو ويڳو پيءُ منهنجي امڙ کي مار ڏيندو هو ۽ امان روئندي هئي ته مان پنهنجي امڙ جا ڳوڙها ڏسي نه سگهندو هئس ۽ امڙ کي مار کائيندي ڏاڍو ڏکارو ٿيندو هئس. انهيءَ ڪري اتان پڄي اچي ڏاڏا سائين وٽ رهڻ لڳس.

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي والد صاحب کي به پٽ- محمد عيسيٰ ۽ محمد ابراهيم هئا. انهن مان محمد عيسيٰ ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويو. سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي نانيءَ جو نالو سعيدان هو، ۽ سندس پڦي حليمان ٻائي هئي، جنهن سڄي جمار شادي نه ڪئي. سائين محمد ابراهيم جويي صاحب پرائمري تعليم استاد ٽيڪن مل کان ورتي، جنهن کان پوءِ هن سن جي اسڪول ۾ داخلا ورتي ۽ اڳتي هلي سنڌ مدرسي ۾ پڙهيو ۽ استاد به ٿيو.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جا سوهو قبيلي جا مائٽ جيڪي ٽلٽيءَ ۾ رهندا هئا، پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان انهيءَ سوهو قبيلي مان شادي ڪيائين. انهيءَ نينگر جو نالو مائي 'سيائي' هو. جنهن مان ڪيس ٻن نيائين جو اولاد ٿيو جيڪي ننڍي هوندي ئي گذاري ويون، جنهن مان هڪ نياڻي جنهن جو نالو 'پانان' هو جيڪا درياهه ۾ ٻڏي ويئي هئي ۽ ان جو موت ڳوٺ آباد ۾ ٿيو.

جي.ايم.سيد سان ويجهڙائي ۽ قومپرست لڏي سان تعلق هئڻ ڪري هن کي ڪيترين ئي تڪليفون پڻ آيون. انهيءَ دور جي وزير تعليم پير الاهي بخش ڪيس نوڪري تان برطرف پڻ ڪيو هو. هيءُ پنهنجي زندگيءَ ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪيترن ئي عهدن تي رهيو، ماستريءَ کان سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيڻ تائين، ۽ بورڊ جو اعزازي چيئرمين کان علاوه ڊائريڪٽوريٽ ۾ اسڪالرشپ جو ڪنٽرولر پڻ رهيو. سائين ابراهيم جويو صاحب 1951ع کان 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو. 1962ع کان 1973ع تائين تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي، هن پنهنجون خدمتون ڏنيون آهن ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. ان کان علاوه ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيا آهن. ان کان علاوه سندس ڪتاب جن ۾ ماڻهو جو پاڻ، سنڌ بچايو ننيو ڪنڊ بچايو، عورتازاد، اسان جي هولي اسان جي تعليم، هوءَ جا ٽمڪي باهڙي، هولي ادب تعليم، سنڌ منهنجي خوابن جي، ڳالهيون ڪتابن جون، سيڪيولرزم ۽ عقليت پسنديءَ ۽ بيا ڪيترائي ڪتاب سندس قلم هيٺ سرجيا آهن.

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو پسنديده سياستدان سائين جي.ايم.سيد هو، جنهن هن جي تعليم ۽ تربيت سان گڏ سندس شخصيت ۾ نکار پيدا ڪيو ۽ هن کي سن کان مدرسة الاسلام تائين پهچائڻ ۾ رهبري ڪئي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ دنيا ۾ ٻن عظيم شخصيتن- اسٽالن ۽ لينن کان متاثر هو.

سنڌ جو هيءُ عظيم ڏاهو پنهنجي طبعيت ۾ هميشه پيار ۽ محبت رکي سنڌ واسين کي ڪيترائي ڪتاب ۽ شاگرد ڏنا. اڄ سندس نانءُ وڏي ادب ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو.

هيءُ پنهنجي تيز طبيعيت هوندي به اڄ تائين ڪنهن سان به ڪو جهيڙو، جهٽو، فتنو ۽ فساد نه پکيڙيو آهي. هيءُ امن، علم، ادب سان پيار ڪندڙ ۽ سنڌ جو عاشق رهيو آهي ۽ اڄ به سنڌ ۽ سنڌين جي عشق جي تسبيح سوري رهيو آهي. سندس 100 سال جنم ڏهاڙي تي اڄا به سندس صحت ۽ وڏي جمار جي دعا ڏيون ٿا ته الله تعاليٰ کيس خضري حياتي عطا فرمائي.

تاريخ ساز شخصيت، تاريخ جي آئيني ۾

پروفيسر سليم ميمڻ

سائين محمد ابراهيم جويو، 13- آگسٽ 2014ع تي پنهنجي زندگيءَ جا 99 سال مڪمل ڪري، 100 سال ۾ پير پائيندو. سنڌي ادب جي حوالي سان اها نئين تاريخ جڙي رهي آهي، جنهن جي ساڀيان ٿيٽي آهي. پنهنجي زندگيءَ جا اهي 99 سال، جويو صاحب، سنڌ، سنڌي ادب، علم، ٻولي، سياست ۽ سماج کي ارپي ڇڏيا، بنا کنهن شرطن شروطن ۽ معاوضي جي. پاڻ سنڌ ۽ سنڌي قوم کي هميشه ڏيندو رهيو آهي، ۽ حقيقت ۾ ڏيڻ ته ڪو ڪانئس سکي.

99 سالن واري زندگيءَ ۾ هن گهٽي ياگي ڏک ڏاکڙا سٺا، تڪليفون برداشت ڪيون ۽ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ بيمارين کي به منهن ڏنو. هن بيمارين کي به گهٽو ڪجهه ڏنو، پر ڪانئن ڪجهه ورتائين ڪونہ. دل جي بيماري به ڪيس ڪجهه نہ ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته جويو صاحب بظاهر ته سنهڙو سيپڪڙو آهي، پر دل مضبوط اٿس، جنهن کي نہ ڪو لهر نہ ڪو لوڏو.

جويو صاحب جي هڪ ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته اسپتال ۾ جڏهن هو جويو صاحب کي چڪاسڻ ويندو هو ته ان کان اڳ جو هُو جويو صاحب کان سندس طبعيت بابت پڇي، جويو صاحب کانئس سندس طبعيت بابت پڇندو هو. ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته اهڙو مريض مون ان کان اڳ ڪونہ ڏٺو هو.

جويو صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1938ع ڌاري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان ڪئي ۽ ان پيشي کي مقدس سمجهي، ان کي ڪُنڊِ ڏيئي ڇڏيائين. جيتوڻيڪ پاڻ اٽن سالن کان پوءِ انتظامي عملدار طور ٻئي ڪاتي ۾ مقرر ٿيو، پر سندس استاد واري حيثيت اجا به برقرار آهي. هن ڪڏهن شاگردن کي سبق پڙهايا ته ڪڏهن اديبن ۽ عالمن جي رهنمائي ڪئي. ڪڏهن سياسي ڪارڪنن ۽ سياستدانن جي تربيت ڪئي ته ڪڏهن ٻولي پڙهائيندڙن جي رهنمائي ڪئي ته ڪڏهن صحافين کي به سکيا ڏني. وٽس جيڪي ڪجهه به آهي، هُو اُن مان هميشه ٻين کي ڏيڻ واري روش تي عمل ڪندو نظر اچي ٿو. ساٺس گڏ 1938ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ جيڪي ماستر مقرر ٿيا، سي منزلون ماڻي وڃي وڏي حيثيت کي پهتا ۽ وڏا پيسي وارا ٿيا، پر ابراهيم جويو صاحب پنهنجي سوچ ۽ فڪر کي مشن طور ڪنيو ۽ ان تي سڄي ڄمار عمل ڪندو رهيو. اهو مشن اڄ به جاري آهي.

هزارين ۽ لکين ماڻهن سندس ان مشن مان لاپ پرايو آهي، ۽ اڄ به پرائيندا چن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي پسند ادب تي اکٽر ڇوهه چنڊيا ويا آهن، جڏهن ته ترقي پسند، باغي، تڙيل ۽ اڻ قبوليل اديب، ترقيءَ جي راهه کي نئين ۽ صاف ڪرڻ جي کوشش ڪندا رهيا آهن، جن ۾ جويو صاحب به شامل رهيو آهي، پر ان عمل ۾ ترقي پسندن کي انعام ۾ فقط ڏک ڏاکڙا ۽ سختيون مليون آهن.

جويي صاحب تي مختلف دورن ۾ الزامن جي پرمار رهي آهي، سندس سوچ کي ملحدانه ۽ کافراڻي سوچ ڪوٺيو ويو آهي، پر پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کي جواب ڏيڻ جي ڪانه ڪيائون. جي جوابن ڏيڻ جي عمل ۾ قاسن ها ته پنهنجا ٻيا ڪم نه ڪري سگهن ها، البت اڻ سڌي طرح ڏاڍ ڪندڙن کي جواب به ڏيندا رهيا آهن.

جويو صاحب جي ادبي خدمتن تي، جي نظر وجهبي ته اٿاهه سمنڊ نظر ايندو. هت فقط مختصر لفظن ۾ سندس علمي، ادبي ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان خدمتن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

بنيادي طور تي سندس زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد ۽ محور آهي ته پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ڄاڻ جي روشني پکيڙڻ لاءِ جتن ڪرڻ، اهو ئي سندس زندگيءَ جو بنيادي مقصد آهي. سندس علمي ڄاڻ، ڏاهپ ۽ فڪر جي بلندي جي جهلڪ سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل سوين مضمونن، مهاڳن، تنقيدي نوٽن ۽ تقريرن مان پسي سگهجن ٿا. خاص طور تي شيخ ايار ۽ ٻين ليکڪن جي ڪتابن جي مهاڳن تي نظر وجهبي ته سندن علميت جي پروڙ پوي ٿي.

جويو صاحب، مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جو زبردست حامي آهي. سندن چواڻي:

"پهرين ٻولي، جا ٻار ٻڌي ٿو، سمجهي ٿو، سکي ٿو ۽ ڪم آڻي ٿو، سا هن جي ماءُ جي ٻولي آهي، تنهن ڪري تعليم لاءِ ماءُ جي ٻولي ئي نه رڳو مؤثر، سڀ کان مؤثر پر واحد ذريعو سمجهي وجي ٿي ۽ مجي وجي ٿي."

اهو سبب آهي، جو جويو صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ تيار ٿيندڙ نصابي ڪتابن جي تياريءَ ۾ پنهنجو پرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. اها ڳالهه فقط نصابي ڪتابن تائين محدود ناهي، بلڪ سنڌي ادبي بورڊ جي مختلف ڪتابن جي اشاعت جي مرحلن تي پاڻ انهن ڪتابن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو. جويي صاحب جن ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن، انهن ۾ گهربل درستيون پڻ ڪندو رهيو آهي، نتيجي ۾ ڪتاب کوري مان پڪل پختي ڪتاب جي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهچي ٿو. اهو حال ادبي بورڊ کان سواءِ جي ڪتابن ۾ به رهيو آهي.

تعليم جي اهميت کي ذهن ۾ رکندي پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي مالا مال ڪيو اٿس.

سائين محمد ابراهيم جويو جي انهن عظيم ڪارنامن جي مڃتا ۾ سنڌ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ عالمن، اديبن، ڏاهن ۽ علم دوستن 13 آگسٽ 2014ع کان 13 آگسٽ 2015ع کي سائين محمد ابراهيم جويو جو سال ڪري ملهائڻ جو رٿيو آهي ۽ ان لاءِ سائين محمد ابراهيم جويو سو ساله جشن ڪاميٽي جوڙي آهي، جنهن جي سرواڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر جناب مظهرالحق صديقي ڪري رهيو آهي، اها ڪاميٽي مختلف ادارن، علمي ۽ ادبي تنظيمن سان گڏجي پروگرام ڪرائيندي ۽ اهڙيءَ ريت سائين محمد ابراهيم

جويو جي علمي ۽ ادبي، سياسي، سماجي ۽ ٻولي ۽ جي حوالي سان خدمتن جي مجتا ۾ کين ڀيٽا پيش ڪندي.

ڪاميٽيءَ جا ميمبر:

محترم مظهر الحق صديقي	چيئرمين
پروفيسر محمد سليم ميمڻ	سيڪريٽري
محترم مهتاب اڪبر راشدي	ميمبر
محترم سيد مظهر جميل	ميمبر
ڊاڪٽر فهميده حسين	ميمبر
منظور احمد قناصرو	ميمبر
ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ	ميمبر
محترم جامي چانڊيو	ميمبر
ڊاڪٽر مشتاق قل	ميمبر
ڊاڪٽر ذوالفقار سيال	ميمبر
محترم محمد احمد شاهه	ميمبر
محترم شوڪت حسين شورو	ميمبر
محترم شمس جعفراڻي	ميمبر
محترم ذوالفقار هاليپوٽو	ميمبر
محترم رفيق احمد جعفري	ميمبر
محترم محسن جويو	ميمبر
محترم نصير مرزا	ميمبر
محترم الله ڏتو وگهيو	ميمبر
ڊاڪٽر سيد جعفر احمد	ميمبر
محترم تاج جويو	ميمبر
ڊاڪٽر عرفانه ملاح	ميمبر
محترمه امر سنڌو	ميمبر
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو	ميمبر
محترم مدد علي سنڌي	ميمبر
محترم مسلم شميم	ميمبر
ڊاڪٽر امجد سراج	ميمبر
پروفيسر انيس زيدي	ميمبر
ڊاڪٽر ادل سومرو	ميمبر
محترم اياز گل	ميمبر
ڊاڪٽر ناهيد پروين	ميمبر
ڊاڪٽر آفتاب ابڙو	ميمبر

محمد ابراهيم جويو سؤ سالہ جشن کي ملهائڻ لاءِ پروگرامن ۽ ڪتابن جي اشاعت جي ڏس ۾ جن ادارن جو سهڪار شامل آهي، تن ۾ هيٺيان شامل آهن:

ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
سنڌي ادبي سنگت
سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن
انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان
پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس
آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچي
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور
سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي
بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي، لياري، ڪراچي
پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي
شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

ادب، پوليءَ ۽ تعليم جو فڪري محافظ

جامي چانڊيو

سائين محمد ابراهيم جويو هوندئن ته سڃيءَ سنڌ جو فڪري استاد آهي، پر سائينءَ جي سموري زندگيءَ جو محور 'ادب، پوليءَ ۽ تعليم' رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو سائين پنهنجي اهم ترين فڪري ڪتاب جو عنوان ئي 'ادب، پوليءَ ۽ تعليم' رکيو آهي. مان نه ٿو سمجهان ته ادب، پوليءَ ۽ تعليم جهڙن ٽن بنيادي شعبن بابت هڪ ڪنهن به دانشور انهيءَ فڪري گهرائيءَ ۽ وُسعت سان ايترو لکيو آهي. اڄ جڏهن سائينءَ پنهنجي زندگيءَ جا 99 سال پورا ڪري هڪ صديءَ جي آخري سال ۾ قدم رکيو آهي، تڏهن مان سنڌ جي نوجوان نسل کي سندس ان ڪتاب بابت ڄاڻ ڏيڻ چاهيان ٿو ته جيئن هُو ان فڪري استدلال کي پنهنجي هيئنين سان هنڌائي سگهن.

جويي صاحب جو هيءُ ڪتاب 'ادب، پوليءَ ۽ تعليم' سندس چونڊ لکڻين جي ڇڻن جلدن تي مشتمل ڪتاب 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي' جي سلسلي ۾ پيو ڪتاب آهي، جڏهن ته هن سلسلي جو پهريون جلد نئين سنڌ اڪيڈمي، ڪراچيءَ، هٿان شايع ڪري پٽرو ڪيو ويو هو ۽ سنڌ جي سنجيده پڙهندڙن وٽ تمام گهٽو پسند ڪيو ويو هو. هن سلسلي جو هيءُ پيو ڪتاب 'ادب، پوليءَ ۽ تعليم' به پنهنجي مواد جي علميت ۽ افاديت، چونڊ ۽ خاص رٿا ۽ ترتيب سبب وڏيءَ اهميت جو حامل آهي. ڪتاب جي سموري مواد ۽ موضوعن مان ظاهر آهي ته هيءُ ڪتاب، ادب، پولي ۽ تعليم جي ڪارج بابت جويي صاحب جي ويچارن، روين، نُڪتهء نظر جي ترجماني ۽ عڪاسي ڪري ٿو.

ڪتاب جو پهريون پاڳو "ادبي سنگت"، "مهراڻ" ۽ "سنڌو" بابت ڊاڪٽر دائودپوٽي، رحيمداد مولائي شيدائي ۽ احمد بشير جي لکيل مضمونن جي آزادانا (دعائيہ پيشبنديءَ) کان پوءِ 1955-1956ع کان وٺي 4-1956ع تائين "مهراڻ" جي اُنن اشاعتن ۾ غلام محمد گراميءَ ۽ جويي صاحب جي لکيل ايڊيٽوريلن، ٻارن جي ادبي پرچي "گل ڦل" ۾ غلام رباني ۽ جويي صاحب جي ادارين ۽ "مهراڻ" ۾ شيخ حفيظ، رسول بخش پليجي، جمال ابڙي، شيخ راز، محترم شمس صديقيءَ، بشير موريائيءَ، ثميره زرين ۽ ٻين ادب دوستن جي ادبي خطن ۽ پڙهندڙن جي پيغامن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي پهرين پاڳي ۾ "مهراڻ" ۽ "گل ڦل" جا اداريا ۽ انهن ۾ شايع ٿيل اديبن ۽ پڙهندڙن جا خط ۽ پيغام شامل ڪرڻ جو هڪ خاص مقصد آهي ۽ اهو هيءُ آهي ته جيئن اها ڳالهه ادبي اتهاس جي رڪارڊ تي رهي ۽ هن دؤر جي نوجوانن کي معلوم ٻه ٿي سگهي ته جويي صاحب اُن زماني ۾، جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ "مهراڻ" جو سرپرست ۽ ايڊيٽر هو، تڏهن هن ڪهڙيءَ سوچ ۽ ساڃاهه تحت، سنڌي ادب جي آبياري ڪرڻ ٿي گهري ۽ اها عملي طور ڪري ٻه ڏيکاري.

محمد ابراهيم جويي جو سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري ٿي اچڻ، سنڌي ادب، پوليءَ ۽ پس و

پيش سنڌي عوام لاءِ پاڻ ثابت ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ، دنيا جي جديد علمن ۽ فڪري سرچشمن جي ڦهلاءَ جي مرڪز ۽ ذريعي طور انيڪ ڪتابي رٽائن، دنيا جي شاهڪار ڪتابن جي سنڌيءَ ۾ ترجمن ۽ مهراڻ ۽ گل ڦل وسيلي دنيا جي جديد فڪري ادب ۽ روشن خياليءَ جي تحريڪ جو مُهندار بڻجي ويو. هن ڪتاب جو پهريون پاڳو، ان جو آئينه دار آهي. مهراڻ جي ادارين ۽ ان ۾ شايع ٿيل اديبن ۽ پڙهندڙن جي راين، تبصرن ۽ خطن جي مواد مان ئي پتو پوي ٿو ته جويو صاحب سنڌي ادب جي معيار کي کيڏين نه بلندين تي کڻي ويو هو. انهيءَ ئي زماني ۾ جمال ابڙو هڪ افسانه نگار ۽ کهاڙيڪار طور اُپريو، رسول بخش پليجو ادبي تنقيد ڈانهن مائل ٿيو ۽ شيخ ايياز جي شاعري پنهنجي بلوغت کي پهتي. مهراڻ جا هي اداريا ۽ پڙهندڙن توڙي اديبن جا تبصرا ۽ خط پڙهي محسوس ۽ معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ئي اهو دؤر هو جڏهن جديد سنڌي ادب ۽ شعور جا بنياد پئجي رهيا هئا ۽ ان سڄي سفر جي سرواٽي هين سان گڏ سائين محمد ابراهيم جويي پڻ ڪئي. اڄ جڏهن اسان جي ادبي ماحول ۾ سنجيدگي، علميت ۽ فضيلت جي ڪوٽ محسوس ٿي رهي آهي، تڏهن مهراڻ ۽ گل ڦل ۾ چپيل هيءُ مواد، تهائين وڌيڪ اهر ٿي وڃي ٿو، جو ان مان پروڙ پوي ٿي ته اُن دؤر ۾ جويي صاحب جهڙا ماڻهو ادب جي شعور ۽ تنقيدي روايت کي کيترو نه متاهين درجي ۽ سطح تي کڻي ويا هئا. ادب ۾ سنجيده رويا، روايتون ۽ رجحان ئي اعليٰ ۽ معياري ادب جي تخليقن جو سبب بڻيا آهن، ان لحاظ کان اُن زماني کي سنڌي ادب جي معيار ۽ افاديت جي حوالي سان سونهري دؤر چئي ۽ قرار ڏئي سگهجي ٿو.

ڪتاب جو هيو پاڳو، ادب بابت آهي، جنهن ۾ سنڌي ادبي انجمن حيدرآباد سنڌ، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽڈ جا ۽ پيا جويي صاحب جا لکيل ادبي پترناما، مختلف ادبي ڪانفرنسن ۽ اجتماعن جي موقعي تي سندس پڙهيل صدارتي خطبا ۽ ادب بابت متفرق مضمون ڏنا ويا آهن. جيتوڻيڪ جويو صاحب پاڻ هڪ دانشور اديب آهي پر ادب بابت هن جو نظريو توڙي رويو عام رواجي قسم جو ۽ سطحي ناهي. جويو صاحب، هڪ انسان دوست ۽ وطن دوست دانشور ۽ اديب آهي ۽ ساڳئي وقت هُو فلسفي ۽ تاريخ جو شاگرد به آهي، ان ڪري هن جو ادبي نڪتہ نگاهہ ڏاڍو گهرو، وسيع، بيحد ذميوارانہ آهي. ڪتاب جو هيو پاڳو، جيڪو ادب بابت آهي، دراصل جويي صاحب جي ادبي شعور ۽ ادراڪ جو آئينہ دار آهي. اچو ته ان لاءِ سندس ئي بيان کيل بنيادي گالهين تي هڪ نظر وجهون.

"ادب رڳو واندڪائيءَ جي وندر نه آهي، پر ان سان گڏ انسان جي ذهن کي اڇي اُجري ۽ صاف ڪرڻ جو هڪ آزمايل وسيلو پڻ آهي. ادب ئي آهي جو پڙهندڙن جي دلين ۾ جنبا ۽ اُمنگ اُپاري سندن ذهن کي صحيح سمجهہ ۽ شعور سان روشناس ٿو ڪري. ادب ئي آهي جو پنهنجي آسپاس جي سمورين ڪمزورين ۽ ڪُڙاين، اوڙاين ۽ اڻڳاين تان پردا لاهي، پڙهندڙن جي دلين ۾ انهن بچڙاين سان پريل سماج کي نئين سر ترتيب ڏيڻ جا اُمنگ ۽ ارادا پيدا ٿو ڪري ۽ سندن سامهون اُهي رستا ۽ طريقا پڌ روشن ٿو ڪري، جن جي مدد سان هو پنهنجيءَ زندگيءَ جي نظام ۾ دل گهري اصلاح ۽ درستي آڻي سگهن."

"ڪافي وقت کان ويندي هيل تائين سنڌي ادب جي دنيا ۾ جيڪا چرپر يا واڌ ڏسجي ٿي، اها گهڻي قدر هڪ خاص قسم جي ادبي پيداوار تائين محدود آهي، جنهن کي عام پسند، نيم سياسي ۽ داخلي سرچاءَ جو ادب چئي سگهجي ٿو. علمي، سائنسي ۽ فني ادب ته هونئن ئي ڪو خاص اسان وٽ نه اڳ پيدا ٿيو آهي ۽ نه هاڻي ئي ڪو گهڻو پيدا ٿو ٿئي، پر خالص ادب جي ڏمري ۾ پڻ جنهن ۾ شعر، افساني ۽ تنقيد جون صنفون شامل آهن، کي ڳاڻ ڳڻيا اضافا ٿي

نہ سگھيا آهن. سنڌي ادب ۾ ايندڙ ڏهن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ هزار چوندڙ ڪتاب مختلف علمي، سائنسي، فني ۽ ادبي نوع جا، دنيا جي ڪن ترقي ڪيل ٻولين، خاص طرح انگريزيءَ مان ترجما ٿي پٽرا ٿيڻ گهرجن....."

"ادب جي تخليق جو وڏي ۾ وڏو سرچشمو حُسن ۽ عشق آهي. سڃيءَ زندگيءَ جي جدوجهد جو تتُ آهي ئي زندگيءَ جي کوجهائيءَ کي گهٽ ڪرڻ ۽ ان جي سونهن کي وڌائڻ. اديب يا فنڪار جي دل ۾ تخليقي اُڌمو اُٿي ئي اِنهيءَ لاءِ ٿو، تہ جيئن زندگيءَ جي ڪنهن ڪُنڊ، ڪنهن پاسي ۾ حُسن پيدا ٿئي، شعر، شاعري، اسٽيج ۽ ناٽڪ، مصوري، راڳ ۽ رقص، مجسمي سازي- اها سڃي ڪاوش زندگيءَ ۾ حُسن کي جنم ڏيڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي. حُسن جي تلاش عشق آهي، عشق جي منزل حُسن آهي، جيڪڏهن اسان جي اديبن ۽ فنڪارن پنهنجي پنهنجي نموني ۽ پنهنجي پنهنجي ذات جي ڏيهه ۾ حُسن ۽ عشق جي ڳالهہ نہ ڪئي تہ جڏ زندگيءَ جي مقصد جي نہ سڃاڻپ ٿي، نہ ڳولا ٿي ۽ ان جي ڪا حاصلات ئي ٿي سگهي ٿي."

"اسان جي ادب ۾ جيڪڏهن رڳو سياست، رڳو قومي مسئلو ۽ رڳو وطني قصيدو پيو پيش ٿيندو، تہ اهو هڪ رنگو ۽ هڪ طرح، ٽلهو ۽ ڪُڄَسو ٿي پوندو ۽ ان جا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻئي ڪڪ ٿي پوندا. اڄا سنڌ هڪ وڏي آزار ۽ مهاڃار ۾ ڦاٿل آهي، ان ڪري ماڻهن تي اهي ڳالهيون "هڪ رنگيءَ جون" اثرانداز آهن، پر اڄتي هلي ادب ۽ فن جو اهو هڪ طرفو ڪردار ان جي آئنده کي اونداهو ڪري ڇڏيندو. انهيءَ ڪري اسان جي ادب کي گهڻ پاسائون ۽ هر گير ٿيڻ گهرجي. ان کي اسان جي جملي زندگيءَ جي عڪاسي ڪرڻ کپي."

"سنڌي سماج لاءِ، جو اسان مٿي چيو آهي تہ اهو پوئتي پيل ۽ غلام سماج آهي، سو انهيءَ معنيٰ ۾ تہ اهو هڪ ڪرندڙ وڏيرا شاهيءَ يڪ پيرو شاهوڪار شاهي، بينڪي سماج آهي. هاڻي، ان جا ماڻهو ۽ ان جا اڳواڻ پنهنجي سماجي جدوجهد جو ڪهڙو مقصد مقرر ڪري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن اهو ئي تہ هيءُ سندن پوئتي پيل ۽ غلام سماج اڄتي وڏي ۽ پاڻ پرو ٿئي تہ سندن ادب کي اهو ئي ڪردار يا رول ادا ڪرڻو پوندو، يعني هڪ نجات ڏيارينڊڙ ۽ اڄتي نيندڙ ادب جو رول- نجات ڏينڊڙ ڏهني ۽ سماجي پستيءَ مان، اڄتي نيندڙ هڪ خود اعتماد، پرُاُميد ۽ باوقار سماجي آئيندي ڏانهن ۽ ايئن خود ان جو پنهنجو آئيندو ٻہ انهيءَ ئي انداز ۽ انهيءَ ئي معيار جو ٿيڻو آهي، بلڪ اهو سنڌي سماج جي باشعور اديبن، عالمن ۽ سماجي اڳواڻن جو ئي فرض آهي تہ پنهنجي ادب جي انهيءَ علم دوست، فڪر آفرين، انسان شناس ۽ ترقي پسند رُخ کي مستحڪم ڪن ۽ ان کي انهيءَ ئي راهہ تي اڄتي وڌائين، چو تہ ان جي آئيندي جي راهہ اها ئي آهي ۽ ان جو آئيندو نجات، امن ۽ سلامتيءَ جي انهيءَ ئي منزل سان ڳنڍيل آهي، جيڏانهن اها راهہ وڃي ٿي."

هاڻي اندازو لڳائي ۽ تصور ڪري سگهجي ٿو تہ جويي صاحب وٽ ادب ۽ ان جي سماجي ڪارج جو تصور ڪيڏو نہ سنجيده، ذميوارانہ، گهڻ- پاسائون، لطيف ۽ بامقصد آهي. دراصل هيءُ ئي ادب جو اهو تصور آهي، جنهن ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ادب تخليق ٿي سگهي ٿو، جيڪو نہ رڳو اسان جي ماضيءَ ۽ حال جو ترجمان هجي، قومي زندگيءَ جي سمورن تاريخي، سماجي، ثقافتي، سياسي، تخيلاتي،

فطري ۽ آدرشي پاسن جي عڪاسي ڪري، پر آئيندي لاءِ به شعور، جاڳرتا، حُسناڪيءَ، لطافت ۽ اتساھ جو اھجاڻ ٻڌجي. يعني ٿورن لفظن ۾ اھڙو ادب جيڪو لطيفي روايت جو امين ھجي. جويي صاحب جي ادب بابت ھنن سمورين تحريرن ۽ تقريرن ۾ نہ رڳو اسان کي اھڙي ادب جو واضح ۽ وسيع تصور ملي ٿو، پر اھا رڃابندي به ملي ٿي، جنھن وسيلي سنڌي ادب کي ان گھربل معيار ۽ منزل تي رسائي سگھجي ٿو، خود جويي صاحب جو پنھنجو سمورو ادبي پورھيو ادب جي اھڙي سنجيده تصور ۽ روايت جو پاسبان آھي. اھو ئي سبب آھي جو سنڌ جي روشن خيال ۽ ساڃاھ وند ليکڪن تي جويي صاحب جي ادبي فڪر ۽ شعور جو وڏو اثر پيو ۽ پوندو رھيو آھي. جيستائين ادب ۽ ان جي ڪارج جو تصور واضح نٿو ٿئي، تيستائين ڪنھن به ٻوليءَ ۾ اھو ادب پيدا ٿيڻ محال آھي، جيڪو قومن جي شخصيت جي تعمير ڪندو آھي ۽ ڪتاب جي ھن ٻئي پاڳي ۾ اھو تصور بلڪل چٽو ٿي سامھون اچي ٿو.

ڪتاب جو ٽيون حصو "ٻوليءَ ۽ تعليم" بابت آھي، جنھن ۾ ٻوليءَ ۽ تعليم بابت جويي صاحب جا مختلف مضمون، ادبي محفلن ۾ پڙھيل خطبا، ڪجھ ڪتابن جا مھاڳ ۽ ٻيون لاڳاپيل موضوعن بابت متفرق لکڻيون شامل ڪيون ويون آھن.

ٻولي جيئن ته قومن جي سڃاڻپ ۽ سماج جي شعور توڙي تحت الشعور جي ترجمان ۽ زبان ھوندي آھي، ان ڪري جويو صاحب، ھڪ اديب ۽ اسڪالر جي حيثيت ۾، سنڌي ٻوليءَ بابت سدائين حساس رھيو آھي ۽ ٻوليءَ بابت ھن جي اھا حساسيت ئي آھي جنھن سبب ھن جي سڃي ڄمار سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ، واڌاري ۽ صحت لاءِ پاڻ پتوڙيندي گذري آھي. سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ، ان جي اصلوڪي حيثيت ۽ ھيئت جي احياءَ، ويا ڪرڻي ناھن-ٿوھ، نج ۽ نباڻ لفظن جي سنياڻ سان گڏ نون لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جي ناھڻ ۽ انھن جي سنڌي ٻوليءَ جي صوتي مزاج موجب گھڙ، سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو دائرو شاعريءَ، افسانن ۽ آکاڻين سان گڏ فلسفي، سائنس ۽ اھڙن ٻين شعبن تائين وڌائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ان قابل بنائڻ لاءِ جاکوڙ ته جيئن اھي شعبا پوريءَ طرح اسان جي ٻوليءَ ۾ پنھنجو اظھار ڪري سگھن.

ان سلسلي ۾ جويي صاحب جو پورھيو بنيادي حيثيت رکي ٿو. جويي صاحب پاڻ ھڪ ھنڌ لکيو آھي ته: "اوائل ۾ شاعر ئي ھوندا آھن، جيڪي ٻوليءَ کي ناھيندا ۽ سينگاريندا آھن، پر جڏھن ٻولي وھيءَ چڙھندي آھي، تڏھن شاعرن کان وڌيڪ نثر نويس ان جي حُسن ۾ ھڪاءَ ۽ جوپن جو رس پريندا آھن." ٻوليءَ جي پختگيءَ، لفظن جي ذميواراڻي استعمال ۽ سڻاءَ، ٻوليءَ جي ويڪرڻي ناھ ٿوھ ۽ صوتي اثرن جي نفاست پري نياءَ، ٻوليءَ جي حُسناڪيءَ، لطافت ۽ ھڪاءَ کي نہ رڳو برقرار رکڻ پر ان ۾ تخليقي واڌارن جي لحاظ کان جويي صاحب جي ٻولي اسان جي ادب جو اعليٰ علمي نثر آھي. ان ڳالھ جي ثابتيءَ لاءِ جويي صاحب جو لکيل طبعزاد مواد توڙي سندس نگرانيءَ ۽ نظر ھيٺ ايڈٽ ٿيل ۽ شايع ٿيل رسالا ۽ ڪتاب ڏسي ۽ پرکي سگھجن ٿا.

سائين جي.ايم.سيد کان وٺي شيخ اياز تائين ۽ حسام الدين راشديءَ کان وٺي الھداد ٻوھيي ۽ ايم.ايڇ.پنھور تائين، جويو صاحب ئي سندن ٻوليءَ جي تصحيح ۽ تاليف ڪندو رھيو آھي ۽ اھو ڪو معمولي اعزاز ناھي. ڪتاب جو ھن حصي ۾ جتي جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ان جي خاص مزاج، شاھوڪاريءَ ۽ زرخيزيءَ کي نروار ڪيو آھي، اتي ھن موجوده دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي امڪاني خطرن کان پڻ خبردار ڪيو آھي ۽ نيٺ اھي گس به ڏسيا آھن، جن رستي اسين پنھنجي سدا ملوڪ ۽ سدا حيات ٻوليءَ جو نہ رڳو بچاءُ ڪري سگھون ٿا پر ان کي جديد دؤر جي ضرورتن ۽ تقاضائن سان به ھم آھنگ ڪري سگھون ٿا.

ٻوليءَ سان گڏ ڪتاب جي ھن حصي ۾ جويي صاحب جا تعليم بابت به ليک شامل آھن، جيڪي تعليم بابت ھن جي سوچ، نگاھ ۽ ادراڪ جو احاطو ڪن ٿا. جويو صاحب پيشي ۽ ذھني رجحان سبب پاڻ

بہ سدائين هڪ استاد ۽ معلم رهيو آهي. هڪ اهڙو استاد ۽ معلم جيڪو ساڳئي وقت دانشور، مفڪر ۽ اديب بہ هجي، پنهنجيءَ قوم، عوام ۽ وطن جي سڌاري، واڌاري ۽ آڇپي لاءِ سوچيندو، لوچيندو ۽ ووڙيندو هجي، ان جو تعليم بابت تصور لازمي طور منفرد ۽ وسيع ئي هوندو. جيئن جويو صاحب ادب ۽ ٻوليءَ جي سمورين سرگرمين کي پنهنجي وطن، قوم، عوام ۽ پس و پيش سموريءَ انسان ذات لاءِ ذميوار ۽ انهن جي اجتماعي مفادن سان مشروط سمجهي ٿو، تيئن هو تعليم کي بہ محض روزگار حاصل ڪرڻ جو ذريعو نہ پر قومي اڏاوت جو بنياد تصور ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو جويي صاحب پائلو فراريءَ جو جڳ مشهور ڪتاب "Pedagogy for the Oppressed" (علر تدريس- مظلوم لاءِ) جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ جيئن سنڌي سماج ۾ تعليم جو روشن خيال ۽ عوام دوست تصور متعارف ٿي سگهي ۽ تعليم رياستي مشنريءَ لاءِ پرزن پيدا ڪرڻ بدران سماج جي قومي تعمير جو اثرائتو ذريعو بڻجي سگهي.

ڪتاب جو چوٿون حصو، جويي صاحب جي مختلف تنقيدي مضمونن، تبصرن ۽ اپياسي ليکڪن تي مشتمل آهي. جيتوڻيڪ جويي صاحب پاڻ جديد سنڌي ادب ۾ تنقيد کي وڌايو ۽ ادب ۾ ان بنيادي اهميت جي حامل شعبي ۽ لاڙي کي نہ رڳو پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ ۽ ذميواريءَ سان متعارف ڪرايو، پر اهي قدر، معيار ۽ محرڪ بہ واضح ڪيا، جن کي بنياد بڻائي سنڌي ادب ۾ رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر الهداد هوهيي جهڙا زبردست ۽ بي مثال ادبي نقاد پيدا ٿيا. هن نہ رڳو تنقيد لاءِ سنجيده معيار، قدر ۽ محرڪ واضح ڪيا، پر پاڻ بہ انيڪ تنقيدي ليک لکيا، جن مان ڪجهہ ڪتاب جي هن چوٿين حصي ۾ ڏنا ويا آهن. جويي صاحب جي پنهنجي شخصيت وانگر هن جي تنقيد جي انداز ۽ لهجي ۾ بہ شائستگي ۽ فضيلت جا عنصر نمايان آهن. جيئن جويو صاحب ذاتي زندگيءَ، ادب، سياست توڙي هر سماجي وهنوار ۾ اخلاقي قدرن جو قائل آهي، تيئن هُو ادب ۽ خاص طور ادبي تنقيد ۾ بہ اخلاقي قدرن جو بيحد قائل رهيو آهي. جويي صاحب جي تنقيد جو لهجو ۽ ڏاڻ رهنمائي ڪرڻ وارو هوندو آهي، يعني تنقيد ۾ بہ جويو صاحب هڪ جاٽو ۽ وضعدار استاد وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي ۽ ان جي ثابتي هن جون ڪتاب جي هن پاڳي ۾ شامل تنقيدي لکڻيون آهن. مثال طور هن حصي جو پهريون مضمون جيڪو 1954ع ۾ مولانا گرامي صاحب جي ادارت هيٺ شايع ٿيل ادبي مخزن "شاعر" تي تنقيد آهي، سو ئي جويي صاحب جي ان انداز ۽ ڏاڻ جو مظهر آهي. مضمون ۾ جويي صاحب مولانا گراميءَ سان مخزن جي مواد، ان جي سٽاءَ، ايڊيٽر جي ادارتي ذميوارين ۽ اهڙين ٻين ڳالهين بابت سنجيده اختلاف رکندي، ساڻس پنهنجن تحفظات ۽ اعتراضن جو اظهار ڪيو آهي، پر مضمون جي آخر ۾ جنهن دل جي ڪشادگيءَ ۽ مثبت رويي سان بحث ڪي سهيڙيو آهي، ان جو مثال اسان وٽ تنقيد ۾ گهٽ رهيو آهي، مثال طور هو لکي ٿو:

"گراميءَ صاحب وڏي مرتبي جو شاعر آهي ۽ اهل قلم آهي، سندس ادبي ۽ علمي صلاحيتن کان کنهن کي بہ انڪار ٿي نٿو سگهي. اسان کي انهيءَ ڳالهہ جو پورو پورو احساس آهي تہ رسالي جي ادارت هڪ نهايت ڪٺن ڪم آهي. ايڊيٽر جي حيثيت ۾ اديبن جون ناراضگيون، دوستن جون ڪاوڙيون، بارسوخ ماڻهن جا رعب تاب سِرَ تي سَهڻا پون ٿا. ان هوندي بہ هر کنهن ايڊيٽر کي هڪ محدود دائرو آزاديءَ جو نصيب هوندو آهي ۽ انهيءَ دائري ۾ جيڪڏهن هڪ محنتي ۽ باذوق ايڊيٽر پنهنجي صحيح ۽ پختہ اعتقادن ۽ پنهنجي تربيت يافتہ ادبي پرک کان همت ۽ سمجهداريءَ سان ڪم وٺندو، تہ هو پنهنجي رسالي ۾ نهايت چڱيون چڱيون چيزون پيش ڪري سگهي ٿو. اسان کي يقين آهي تہ گرامي صاحب بہ پنهنجي انيڪ تڪليفن

۽ مجبورين جي باوجود جيڪڏهن اورچائيءَ ۽ محنت سان پنهنجي حقيقي ويساهن ۽ عقيدن جي روشنيءَ ۾ "شاعر" جي تربيت ڪندو، تہ هو ان جي موجوده علمي، ادبي ۽ فني سطح کي گهڻو گهڻو بلند ۽ بهتر ڪري سگهي ٿو."

اهڙيءَ طرح هن پاڳي ۾ جويي صاحب جنهن انداز سان پليجي صاحب جي ڪهاڻي "پسي ڳاڙها گل" جي پرک ڪئي آهي، ڪهاڻيءَ جي موضوع، هوليءَ ۽ اهميت کي تنقيدي شعور سان سراهيو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪهاڻيءَ سان نياءَ جي سلسلي ۾ رهجي ويل ڪمزورين جي نشاندهي ڪئي آهي، ان ۾ به تنقيد جي حوالي سان جويي صاحب جو ساڳيو رويو نظر اچي ٿو. مثال طور هُو لکي ٿو:

"هڪ ٻن هنڌ، افسانہ نويس جي قلندري طبع سبب، يا مسودي جي نقل نويس جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ لاپرواهيءَ سبب افساني ۾ ڪي خسيس تضاد ۽ خسيس نقص به رهجي ويا آهن، مثلاً: افساني جي ثانوي مُک ڪردار، پاروءَ ڪي هڪ ڏگهي ديويءَ جي وڻ جي اوچين ٽارين تي چڙهي ويٺل ڏيکارڻ، حالانڪ ديويءَ جو وڻ عام طرح نہ ايڏو ڏگهو ٿيندو آهي ۽ نہ ان جون ٽاريون ايترين اوچيون ٿيندين آهن جن تي ايئن چڙهي ويهي سگهجي يا پهرئين مُکَ ڪردار، ملوڪان جي ماءُ ڪي آخر ۾ هڪ ئي وقت جيئرو ڏيکارڻ، جڏهن ملوڪان جهلجي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ آندي وڃي ٿي ۽ اتي ئي ان ڪي ملوڪان جي واتان مري ويل بيان ڪرڻ، جڏهن ملوڪان نيئرن ۾ قابو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رتوچاڻ ٿي ڪري پئي آهي ۽ پنهنجي ننڍي پاءُ جمعي جي ننڍپڻ جو پيار وارو زمانو ياد ڪري ٿي، جيڪو ساڳيو جمعو اڄ هن کي وڏي ڳيا ڳيا ڪري بنهہ سرڻين جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار هو.

"اهڙيءَ طرح شايد ڪجهہ قدر افساني جي چپائيءَ ۾ پڻ ڪي اوڻايون اتفاق سان رهجي ويل آهن. مثلاً: ان جي بنهہ پچاڙيءَ واري پٺرا جيڪا ان کان اڳ واري پٺرا جي ٻئي جملي کان پوءِ لاڳيتي مضمون جي صورت ۾ چپجڻ گهربي هئي ۽ افساني جو خاتمو اتي ئي ٽيڻ ڪپندو هو، جڏهن تڏي تي پيل ڦٽيل ۽ سڄيل، بدن چچريل ۽ زخمي روح واريءَ ملوڪان چوڪريءَ کي پنهنجي پاڻ تي ايڏو تہ قياس اچي ٿو جو پاڻ کي پاڻ کان الڳ ٻي ڪا چوڪري سمجهي ان سان همدردي ڪري ٿي ۽ افسوس وچان سوچي ٿي تہ هيتري سور سهڻ کان پوءِ هوءَ ويچاري ڏاڍي ٽڪي پئي هوندي ۽ پوءِ آئت ڏيندي چويس ٿي: "..... سمهي رهہ، ملوڪان ادي سمهي پئو!..."

"اهي ۽ اهڙا ٻہ چار نقص ان افساني ۾ ايڏا تہ ڏٺا وائٺا ۽ ساڳئي وقت ايڏا تہ بنهہ معمولي ۽ خسيس آهن جو انهن کي پڙهڻ سان ذهن کي ايئن ڪو لوڏو رسي ٿو جڏ ڪنهن مصور جي عظيم تصوير ۾ ڪٿي ڪنڊ تي ڪو ليڪو پئجي ويو هجي يا ڪنهن حَسين چهري تي ڪٿي ڪو هڪ اڏ ڪارڻ جو داغ اچي ويو هجي. انهيءَ خيال کان اهي معمولي نقص افساني جي تاثر کي پاڻ وڌائين ٿا، بلڪ ايئن جيئن ڪو ڪارو تر معشوق جي گلابي ڳل کي شاعرن کي شاعري ڪرڻ تي آماده ڪندو آهي. افساني جي مجموعي رٿا، ان جي موضوعي ۽ جذباتي پهچ ۽ ان جي پيشڪش ۽ اظهار جي شاعرانہ پرواز تي انهن هڪ اڏ بنهہ رواجي اوڻاين سبب ڪنهن به قسم جو ڪو اثر ڪونہ ٿو پيدا ٿئي."

مون مٿي اهي ٽڪرا ان ڪري ڏنا آهن، جيئن تنقيد ۽ جويي صاحب جو اسلوب، ڏاڻ ۽ رويو پوريءَ طرح واضح ٿي سگهي ۽ ايئن ڪتاب جي چوٽين پاڳي ۾ شامل سمورين تحريرن، تقريرن ۽ تبصرن ۾ جويي صاحب جو اهوئي انداز ۽ لهجو اسان کي نظر اچي ٿو. مان سمجهان ٿو ته هڪ ادبي استاد کي اهڙو ئي انداز ۽ رويو سونهين ٿو.

ڪتاب جو پنجون حصو- "پيغام ۽ شعر" جي نالي سان جويي صاحب جي مختلف علمي تنظيمن ۽ ادبي مجلسن ڏانهن موڪليل پيغامن ۽ ست فرئنسيس آسيسي، پي.بي.شيلي (1832-1792ع)، جي.ايم.محڪريءَ، سروجني ديوي ۽ ندي وِرما جي نظمن جي تخليقي سنڌي ترجمن ۽ سندس پنهنجي هڪ طبعزاد اصلوڪي نظم "او سنڌ!" ۽ ٻن مختصر انٽرويوز تي مشتمل آهي. ڏهني ۽ فڪري طور هڪ صاف، واضح ۽ ڪميٽيڊ دانشور جي زندگيءَ جي هر سوچ، لوچ، ان جو هر قلم ۽ قلمي پورهيو سندس زندگيءَ جي متعين ڪيل بنيادي محرڪ ۽ مقصد تي ئي مرڪوز هوندو آهي. جويو صاحب ۾ ايئن آهي. هن پاڳي ۾ شامل مواد پوءِ پيغام هجن يا دنيا جي مختلف شاعرن جا چونڊ نظر يا سندن انٽرويوز ۾ ڪيل ۽ چيل ڳالهيون هجن. انهن جي پويان محرڪ ۽ مقصد ۾ اهوئي ساڳيو آهي ۽ اهو آهي زندگيءَ سان ڪمٽمينٽ. سنڌ سان اٽاهه وابستگي، سنڌ جي آزاديءَ ۽ ان جي عوام جي دائمي سلامتي، خوشحالي ۽ شان لاءِ سوچڻ، لوچڻ ۽ ان عظيم مقصد ۽ آدرش جي حاصلات جي جدوجهد ۾ سدائين جنبيل رهڻ ۽ ڪڏهن ۾ ورچي نه ويهڻ. هن پاڳي ۾ شامل سندس اصلوڪو نظر "او سنڌ" سندن انهن ئي آدرشن جو آئينه دار آهي. هي چئي ٿو:

او سنڌ!
منهنجي پنهنجي سنڌ!
اڄ ٿو آئون توکان پڇان،
ٻڌاءِ،
تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟
تون مون کان ڇا ٿي طلبين؟
آئون ڪير آهيان؟
تون ٿي مون کان پڇين؟
.... ماءُ
آئون.... تنهنجو اولاد!
تنهنجي مامتا جي گهراين،
تنهنجي شادابين، سبزين،
تنهنجي مٽيءَ تنهنجي پاڻيءَ، تنهنجي هوا،
۽ تنهنجي وسعت مان اُٽيل هڪ ٻالڪ!
تنهنجو اولاد....!
تنهنجو آندو، تنهنجو هڏ، تنهنجو رت!
منهنجو جسم تون، منهنجو جياپو تون،
تو مون کي جڏيو،
تو مون کي پاليو، نپايو، وڏو ڪيو،
تنهنجي ئي هنج ۾، مون توکي ڏٺو:
تنهنجو سدا حيات سنڌو درياهه،
تنهنجيون ٻنيون، تنهنجا ٻيلا،
تنهنجون ماڙيون ۽ ميدان،
تو مون کي جڏيو،
تو مون کي پاليو، نپايو، وڏو ڪيو،
تنهنجي ئي هنج ۾، مون توکي ڏٺو:
تنهنجو سدا حيات سنڌو درياهه،
تنهنجون ٻنيون، تنهنجا ٻيلا،
تنهنجيون ماڙيون ۽ ميدان،
تنهنجا جبل ۽ پهاڙ،
تنهنجيون جهوپڙيون، تنهنجا واهڻ ۽ ڳوٺ
هي تنهنجا هاري، ڪمي، ڪاسبي ۽ پورهيت
منهنجا ڀائر،
هي تنهنجي آسمان جا قسمين قسمين پکي،
هي تنهنجي تلائن ۾ ڊڏ ۾،
ڀانت ڀانت جون مڇيون ۽ ننڍڙا جيت،
هي تنهنجي ٻيلن ۽ جبلن ۾،

گهمندڙ ڦرندر طرح طرح جا جانور ۽ حيوان:
هي اسان جا رنگ، اسان جا آواز، هي اسان جون نگاهون:
.... منهنجا ئي رنگ، تنهنجا ئي آواز، تنهنجون ئي نگاهون ته آهن!
هي سيئي!
هي ۽ آئون ..... اسين سيئي تنهنجو ئي ته اولاد آهيون!
اسان سيني جو ساهه، تنهنجي ساهه سان ئي ته ڳنڍيل آهي!
اسان سيني جو جسم، تنهنجي جسم سان ئي ته جڪڙيل آهي
اسان مان هر ڪوئي، پنهنجيءَ پر ۾ توسان ڳالهائي ٿو،
.... توکان ڪجهه گهري ٿو، توکان ڪجهه طلبي ٿو:
۽ تون،
جيڪي ڪجهه تو وٽ آهي،
سو سڀ ڪجهه اسان سيني کي،
اڻ گهريو ۽ اڻ ميو، پئي ٿي هميشه ڏين!
۽ آئون....
انهيءَ جي عيوض ڪجهه ڏيان،
ڪجهه ڏيڻ چاهيان ٿو،
۽ ڪجهه ڏيندس
اهو ڪجهه، جو توکان،
تنهنجي وسعتن مان،
تنهنجي شادابين مان،
چورائجي ويو....
ديده دانسته ۽ ڏنو وائنو!
۽ تون هڪ سوال بڻجي وئينءَ،
منهنجي لاءِ، منهنجي پائرن لاءِ،
ڪمين، ڪاسبين ۽ پورهيتن لاءِ
جيجل....!
..... تڏهن ٿو اڄ توکان آئون پڇان!
سنڌ! منهنجي پنهنجي سنڌ!
منهنجي مهربان مٽي ماءُ!
ٻُڌاءِ....
تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟
تون مون کان ڇا ٿي طلبين؟
...۽ ان کان اڳ، جو ڏرتيءَ ماءُ هن کان ڪجهه طلبي ها، هن ڏرتيءَ جي هڪ فرض شناس ڌاهي ٻُڌ جي ثابتي ڏيندي پنهنجي سموري حياتي ۽ سڀ سندس آڇپي، جياپي ۽ اؤسر کي ارپي ڇڏي.
لحاظ کان جويي صاحب جو هيءُ ڪتاب، سندس انهيءَ مقصد حيات جو احاطو ڪري ٿو.
مجموعي طور سائين محمد ابراهيم جويي جو هيءُ ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي سنجيده ادب جو اهم ورثو ۽ اسان جي پڙهندڙن لاءِ وڏي وٽ آهي، جنهن ۾ ادب، ٻوليءَ ۽ تعليم بابت عقليت پسند ۽ ترقي پسند فلسفيانه نڪتهء نگاهه کي نه رڳو واضح ڪيو ويو آهي، پر مستقبل لاءِ قومي زندگيءَ جي انهن ٽنهي شعبن جي حوالي سان رٽابندي به ڪئي وئي آهي، ۽ اها واٽ به ڏسي وئي آهي، جنهن تي هلي اسين سنڌي سماج کي پستين، جهالتن، اونداهين، غلامين ۽ محرومين جي کُن مان ڪڍي هر قسم جي آڇپي، ذهني توڙي سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي آسودگيءَ جي حاصلات لاءِ هڪ زندهه ۽ متحرڪ قوم طور اڳتي وڌي سگهون ٿا ۽ دراصل اهوئي ته قومن جي حقيقي سونهن ۽ سرجٹهارن جو ڪر ۽ ڪردار هوندو آهي، جيڪو اسان جي ڏاهي ۽ سڀاجهي ڪاتار اسان لاءِ ۽ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ سڄي جمار پئي ڪتيو آهي



هي جو پوڙهو جُهور، وڙهندي ٽيو ويڙهه ۾

محمد ابراهيم جويو ۽ هڪ صديءَ جي ويڙهه

مدد علي سنڌي

تازو سنڌ جي مشهور دانشور محترم محمد ابراهيم جوئي صاحب کي اڪيڊمي آف ليٽرس پاڪستان ڪمال فن ايوارڊ ڏنو، اهو ايوارڊ 5 لک رپين جو آهي، هن کان اڳ ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻي کي پڻ اِهو ايوارڊ ڏنو ويو هو، ته ان وقت ڪيترن ماڻهن جو خيال هو ته "ڪامريڊ کي ايوارڊ جي رقم پنهنجي سڪيلڏي پٽ آنجهاني ڊاڪٽر ڪنعيا لعل گيانچنداڻيءَ جي ياد ۾ ڊونيٽ ڪرڻ گهرجي ها"، پر اعتراض ڪندڙن کي اهو خيال نه آيو هو ته، "ڪامريڊ کي ارب پتي ڪونهي ۽ زندگي گذارڻ لاءِ پئسو هئڻ لازمي آهي." ائين ته سنڌ سرڪار جو ثقافت کاتو پڻ هر سال اديبن جي مالي سهائتا ڪندو رهي ٿو ۽ ڪيترن ئي نامور اديبن کي علاج لاءِ 5-5 لک رپيا ڏنا ويا آهن. سو ڪامريڊ سوپي کي ڪمال فن ايوارڊ مليو، يا هن اها رقم پنهنجي علاج معالجي لاءِ رکي، ته ان ۾ ڪا اربع خطا ڪونهي. سنڌ ۾ ڪامريڊ سوپو ۽ محترم محمد ابراهيم جويو، روشنيءَ جا مينار آهن، هنن جي زندگي، نئين نسل لاءِ روشنيءَ جو ڪم ڏيندي رهي ٿي.

سو هن سال جڏهن جويي صاحب کي ڪمال فن ايوارڊ ڏنو ويو ته هن ايوارڊ جي رقم 5 لک رپيا ايس.آءِ.يو.ٽي کي ڏيئي ڇڏي، اهو ادارو سرجن اديب الحسن رضويءَ جهڙو قابل احترام شخص هلائي رهيو آهي، جتي هزارين ماڻهن جو مفت علاج ٿئي ٿو، ڪراچيءَ کان پوءِ هاڻ هن سکر ۾ ايس.آءِ.يو.ٽي کوليو آهي.

جويي صاحب جي انهيءَ نيڪ جذبي کي معاشري جي هر سجاڳ ماڻهوءَ ساراهيو، اها هڪ تمام وڏي ڳالهه آهي، نه ته ڪجهه ڏينهن اڳ ملڪ جي ايم.اين.اي ۽ سنڌ جي ايم.پي.اي حضرات جي ذاتي اثاثن جي لسٽ اخبار ۾ شايع ٿي، خبر پئي ته ڪيترائي جاتل ۽ سجاتل ماڻهو ڪروڙن رپين جا مالڪ آهن، پر خدا ڪين اها توفيق نه ڏني آهي، ته هو پنهنجن پئسن مان ٻه چار هزار رپيا ڪنهن اداري کي ڏين يا ڪنهن غريب شاگرد جي تعليم جو خرچ برداشت ڪن. اسان جو پيارو دوست مرحوم نورالدين سرڪي اڄ هن جهان ۾ موجود ڪونهي، هن جو تعلق شڪارپور شهر سان هو، ان ڳالهه جي تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته سرڪي صاحب، شڪارپور جي غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏيندو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي غريب شاگرد لکي پڙهي وڃي نوڪرين سان لڳا، پر هن نيڪ مرد ڪڏهن به اهڙو لکاءُ نه پوڻ ڏنو، ڪاش! اسان جا ايم.پي.اي ۽ ايم.اين.اي پڻ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ هن قسم جي رسم شروع ڪن ته هوند گهٽو ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

اڄ سنڌ جي تعليم يعني سرڪاري اسڪولن جي حالت خراب آهي، سرڪاري هاءِ اسڪولن ۾ تعليم جو حال بهتر ڪونهي، سرنديءَ وارا پنهنجن

پڇن کي خانگي اسڪولن ۾ داخلائون ڏياري، انهن جي ماهوار هزارين رپين جي في پري سگهن ٿا، پر غريب ماڻهو ڪيڏانهن وڃي؟ هنن لاءِ ته باقي بچيا وڃي سرڪاري اسڪول، سو انهن جي حالت اها آهي جو اتي چار چار ڏينهن استاد نٿا اچن، پوءِ تعليم اڳتي ڪيئن وڌي؟ اسان جو ڪامورو نوڪريءَ ۾ آهي ته ڪيس ان مهل کا يادگيري نه ٿي رهي، پر نوڪريءَ تان لهڻ کان پوءِ ڪيس سندس بہ ياد اچيو وڃي ته سندس جا مسئلا بہ ڪيس ياد اچن ٿا، پر ڪو هنن کان پڇي ته منهنجا پاڻ اوهين جڏهن مختلف ڪاتن جا سيڪريٽري هئا ته ان مهل حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ اوهان چو نہ هٿ پير هلايو؟ تعليم کاتو، ايريگيشن، زراعت، اهي سڀ ڏاڍا اهر کاتا آهن، پر انهن جو جيڪو ٻيڙو ٻڏو آهي، انهن کاتن جو تنهن تي ڇا ڇڪجي؟ خدا جي پناهہ وري اچو سندس جي ننڍن شهرن تي، ترقياتي اسڪيمن جو الائي ڪيترن سالن کان وجود آهي ئي ڪونہ! اهو هڪ خوفناڪ سفر آهي، جنهن جو انجام ڇا ٿيندو؟ تنهن جي خدا کي خبر.

بهرحال، ڳالهہ هلي رهي هئي سائين محمد ابراهيم جويي جي نيڪ جذبي جي، اهو جذبو مثال آهي 98 سالن جي عمر جي هڪ پوڙهي جُهور جو. سندس جي قومي شاعر شيخ اياز، سائين جي.ايم.سيد لاءِ هي بيت لکيا هئا:

هيءُ جو پوڙهو جهور
وڙهندي ٽيو ويڙهہ ۾
اجا ڏمري ڏاڍ تي
آڻ نہ مڃي مور
سوچي ڏسي ڏور
آڏو آرڻ ڏينهڙا

زندگي، ڪنهن تيز رفتار ستاري وانگر تيزيءَ سان تاريڪيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿي. رگويد ۾ هڪ هنڌ صبح کي اشاس سڏيو ويو آهي. هڪ هنڌ آيل آهي ته: "سهڻي اشاس! تون جيڪڏهن ڪيترن ئي ورهين کان جيئري رهندي پئي اچين، ته هر ڪنهن صبح جو تون نئون جنم، ونئين اچين ٿي، تنهنڪري تون ٻڌي بہ نہ آهين ۽ جيڪي ماڻهو ننڍ ۾ ستل آهن، تن ۾ سجاڳي پيدا ٿي ڪرين!"

سو جويو صاحب بہ هڪ روشن صبح وانگر آهي، هن جي جمار جو هڪ وڏو وقت ويڙهہ ۾ گذريو آهي، سندس جي شاندار مستقبل جا خواب ڏسندي ۽ انهن جي ساڀيائن جا سُٹ اُٽيندي وقت گذريو اٿس، مون ڪڏهن بہ هن عظيم شخص کي مايوس نہ ڏٺو آهي. شيخ اياز تي بہ محمد ابراهيم جويي ۽ هن کان بہ وڌيڪ حشو ڪيولراماڻيءَ جو اثر رهيو هو. جويي صاحب ۽ حشو، شيخ اياز لاءِ زندگيءَ جي اونداهين ۾ ڪلندڙ روشندان هئا، سو هنن روشندانن يا روشنيءَ جي مينارن جي جيڪڏهن روشني نہ ملي ها ته گهٽا ماڻهو اونداهہ ۾ رهجي وڃن ها. حشو ڪيولراماڻيءَ لاءِ سائين جي.ايم.سيد لکيو آهي ته: "حشو، مون کي اونداهہ ۾ روشني ڏيکاري." اڄ، حشو ڪيولراماڻي موجود ڪونهي، هو بيرحم وقت جي اونداهيءَ ۾ هميشہ لاءِ گم ٿي ويو، پر محترم محمد ابراهيم جويو اڄ اسان وٽ موجود آهي.

وہ سامنے ہو منزل چراغ چلتے ہیں!

اُهي هرندڙ ڏيئا، سندس جي سجاٽپ آهن، مشهور فلسفي گوئٽي جا آخري لفظ هئا: "۽ روشني! سچ پچ ته روشني زندگي جي علامت آهي." بلڪ ائين ڪٽي چئجي ته ان ۾ ڪو هروپرو وڌيڪ وڌاءُ ڪونهي ته روشني زندگيءَ آهي، انسان جي زندگيءَ ۾، روشنيءَ سان ئي ترقي ٿي آهي، اها روشني علم جي آهي اها روشني ڄاڻ جي آهي، اها روشني سجاٽپ ۽ ايجاد جي آهي. پر اها گالهہ بہ ڏاڍي اهم آهي ته روشنيءَ جي راهہ ڏيکارينڊڙن کي پنهنجي وقت جي ڏاڍ ۽ جبر سان ضررو مقابلو ڪرڻو پئجي ويو آهي، ۽ اها روايت نئين نہ آهي، انهن روايتن جو سفر صدين کان هلندڙ آهي. سندس جي بہ ڪيترين صدين ۾ لکين ستارا چمڪيا ۽ اُلهي ويا، پر انهن مان جن جي اسان کي خبر پوي ٿي، اهي يا انهن جو قد ۽ قدر ڪٽڻ وقت جو آواز آهي.

محترم محمد ابراهيم جويي جي اعزاز ۾ ايس.آئي.يو.ٽي يعني سندس انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ڪراچي وارن 31- ڊسمبر 2013ع تي هڪ تقريب سڏائي، اها تقريب سال 2013ع جي

آخري ڏينهن تي ٽپهري جو اداري جي آغا حسن عابدي آڊيٽوريم ۾ سڏايل هئي. اهو ادارو ڪراچي سول اسپتال جي ويجهو واقع آهي، جويي صاحب لاءِ ڪراچيءَ جو شهر نئون ڪونهي، هن ئي شهر جي سنڌ مدرسي ۾ 80 ورهيه اڳ پڙهڻ آيو هو، اتي ئي هيءُ پڙهيو، ان ئي اداري بعد ۾ ڪيس ٽيچر ڪري رکيو ۽ سنڌ مدرسي مان ئي ڪيس 1946ع ۾ 'سيو سنڌ سيو دي ڪانٽينٽ' ڪتاب لکڻ جي ڏوهه ۾ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، بعد ۾ هن ئي شهر ۾ جويي صاحب نوڪري به ڪئي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي به ڪم ڪيائين، تڏهن يعني پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس بندر روڊ تي واقع اين.جي.وي هاءِ اسڪول ۾ هوندي هئي. هن ئي شهر ۾ سندس هڪ دوست احمد پائي هوندو هو، ان جي آڏي قدم پريس نيوچاليءَ ۾ هوندي هئي، جتي شيخ ايياز به اچي ويهندو هو ۽ هتان ئي ٻئي گڏجي 1946ع ۾ ٽيندڙ سنڌ اسيمبلي جي اليڪشن ۾ عمرڪوٽ مان هاري ڪميٽي جي ڪاميڊ عبدالغفور سرهندي جي اليڪشن ورڪ ڪرڻ ويا هئا.

عبدالغفور سرهندي هاري ليڊر هو، پر اهي سڀ متاثر ننڍي کنڊ جي مشهور ڪميونسٽ ليڊر ايم.اين.راءِ کان هوندا هئا ۽ 'انقلاب' سندن نعرو هوندو هو، عبدالغفور سرهندي 1946ع ۾ عمرڪوٽ مان پنهنجي وقت جي هڪ مشهور جاگيردار خانبهادر غلام محمد وساڻ جي خلاف چونڊ وڙهيو هو.

مقصد ته هن ئي شهر ڪراچيءَ ۾ جويي صاحب جو اڇڻ خود ڪراچيءَ لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو، مون سمجهيو ته 31- ڊسمبر 2013ع جي آخري ڏينهن تي ٽيندڙ هن تقريب ۾ ڪراچيءَ جا برڪ سنڌي اديب ضرور موجود هوندا، بهرحال هال ۾ پهتس ته اسٽيج تي محترم محمد ابراهيم جويي سان گڏ سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسيلر مظهرالحق صديقي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي محمد انصاري ويٺل هئا، پر تقريب جو ميزبان ۽ اداري جو سربراهه ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي سامعين ۾ پنجين قطار ۾ ويٺل نظر آيو.

جويي صاحب تي اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکندڙ مظهر جميل ان مهل تقرير ڪري رهيو هو. مظهر جميل جي تقرير کان پوءِ مهتاب اڪبر راشدي پنهنجي تقرير ڪندي چيو ته: "محمد ابراهيم جويو پاڻ هڪ صدي آهي ۽ اسان هڪ پوري صديءَ کي پورو ٽيندي ڏسي رهيا آهيون." هن چيو ته: "اسان کي خبر پوي ٿي ته صديءَ کي ڪيئن ويهي گذارجي ۽ اها هڪ صدي اسان جي آڏو آهي." اڳوٽي سيڪريٽري اطلاعات يوسف جمال پنهنجي تقرير ۾ فيض احمد فيض جا خوبصورت شعر ٻڌائيندي چيو ته: "محمد ابراهيم جويو ڏکويل انسانيت جي نه رڳو سجاڻپ آهي بلڪ هن ماڻهن جي مسئلن جي عڪاسي به ڪئي آهي." هن چيو ته: "جويو صاحب هڪ آدرش آهي، چاڪاڻ جو شهر ناقدران ۾ جيئڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي." هن چيو ته: "ظلم سان وڙهڻ ڪا نئين ڳالهه ڪونهي، جو اها وڙهه شروع کان پئي هلندي اچي، مون کي هڪ شعر ٿو ياد اچي، جنهن جو مفهوم آهي ته: "هڪڙو ته خواب ڪٽي هلو ٻا زماني جا ۽ پوءِ وري وڙهو ٻا خريدارن سان، مقصد ته ڊاڪٽر رضوي پاڻ ترقي پسند فڪر لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهي، ان ڪري سندس اداري لاءِ جويي صاحب جو ڏنل 5 لکن جو ڊونيشن 5 ڪروڙن رپين جي برابر آهي.

هن صلاح ڏني ته "سنڌ جي سرڪاري ادارن کي محمد ابراهيم جويي جي هڪ صدي شاندار نموني ۾ ملهائڻ گهرجي، ان ڏس ۾ موهاٽا پئلس وارن، حميد آخوند ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ اطلاعات کاتي کي اڳتي وڌڻ گهرجي، بلڪ جويي صاحب جي هڪ صديءَ جو جشن ڪراچيءَ جي موهاٽا پئلس ۾ ٽيڻ گهرجي." هن چيو ته: "جيئن مرزا غالب، امير خسرو ۽ فيض احمد فيض جا جشن ملهايا ويا آهن، اهڙيءَ ريت جويي صاحب جو جشن ٽيڻ گهرجي." اڳوٽي بيورو ڪريٽ شفيق الرحمان پراچا چيو ته: "جويي صاحب جهڙا ماڻهو الله جي بندن سان محبت ڪندا آهن"، هن چيو ته: "جويي صاحب يا اديب الحسن رضوي جهڙا شخص ماڻهن جون دليون ريجهائڻ ڄاڻن ٿا."

هن ٻڌايو تہ: "هڪ پيري مان پٽ شاهہ تي ويو هئس ۽ واپسيءَ مهل مان شيخ اياز جي قبر تي بہ ويو هئس، اتي مون پويان کان ڏٺو تہ جويو صاحب، شيخ اياز جي قبر آڏو وينو هو ۽ ڪجهہ ٻارڙا اتي راند ڪري رهيا هئا. پراچا چيو تہ: ان مهل مون کي خيال آيو تہ جويو صاحب ۽ اهي ٻارڙا سنڌ جو آسمان آهن ۽ سنڌ جو مستقبل آهن، هن چيو تہ: "جويي صاحب جهڙا انسان ڌرتيءَ تي پير رکي آسمان کي ڏسندا آهن، آءٌ بہ حيدرآباد شهر جو آهيان ۽ حيدرآباد جي ماڻهن جو مزاج پنهنجو آهي، جو اسان جا ماڻهو پنڌ هلندا آهن ۽ هڪٻئي جي اکين ۾ ڏسي هڪٻئي کي سڃاڻندا آهن، محمد ابراهيم جويي بہ سنڌ جي سفر ۾ سنڌ جي قافلي سان پيرين پنڌ هليو آهي."

اڳوڻي چيف جسٽس راڻا پگواناس چيو تہ: "اڄ اهو وڏو اعزاز آهي جو جويو صاحب اسان ۾ موجود آهي ۽ مون کي هن تقريب ۾ اچي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي."

ڊاڪٽر علي محمد انصاري ٻڌايو تہ: "هو جويي صاحب وٽ سنڌ مدرسي ۾ پڙهيو آهي، ان وقت جويي صاحب کي ماڻهن جي سڃاڻپ هوندي هئي." مظهرالحق صديقي چيو تہ: "محمد ابراهيم جويي جهڙا ماڻهو صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن." هن تقريب کي جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ خطاب ڪيو، پر هُو مشڪل سان کجهہ اکر ڳالهائي سگهيو، اهو ڏسي منهنجي اکين مان لُڙڪ وهي آيا، ڪو وقت هو جو محمد ابراهيم جويو ڪلاڪن جا ڪلاڪ تقرير ڪندو هو. شيخ اياز جي ورسيءَ جي تقريب هاڻ تہ حيدرآباد ۾ نٿي ڪئي وجي، پر ڪنهن وقت جڏهن اها تقريب 28- ڊسمبر تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ٿيندي هئي تہ جويو صاحب ڪلاڪ ڪن ڳالهائيندو هو، وقت سچ پچ تہ وڏو بيرحم آهي، انهي ئي وقت سان جويي صاحب مقابلو ڪيو آهي.

جويي صاحب سان کجهہ گهڙيون ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي جي آفيس ۾ چانهہ تي ملاقات ٿي، اتي زيبسٽ جي محترمہ غزالہ رحمان پڻ ڏاڍيءَ اُڪير سان اچي جويي صاحب ملاقات ڪئي. جڏهن جويي صاحب کي وهيل چيئر تي وٺي وڃڻ لڳا تہ هوءَ روئڻ لڳي، سندس روئڻ مان محسوس ٿي رهيو هو تہ، جويو صاحب سان سان ماڻهو ڪيڏي نہ عقيدت ۽ محبت ڪن ٿا، چا هڪ انسان جي اها وڏي عظمت ناهي تہ هو اڄ بہ پنهنجين اکين ۾ ايندڙ دور کي بدلائڻ ۽ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي عروج جا سپنا رکي ٿو، هن جو ارادو هن جو عزم اڃا بہ اهو ساڳيو آهي.

سچ پچ تہ جويي صاحب پاران ڪمال فن جي ايوارڊ جي رقم 5 لک رپيا هڪ اداري کي ڊونيٽ ڪرڻ، انهن ماڻهن جي لاءِ مشعلِ راهہ آهي، جيڪي بحث براءِ بحث ڪن ٿا ۽ جن نوڪرين مان ڪروڙين روپيا ڪمايا آهن، اهي بہ هن مثال مان سبق حاصل ڪري سگهن ٿا، پر چا ڪجي، بقول ڪنهن دوست جي تہ، "جن جا پيٽ اڳي ئي پريل آهن، تنهن لاءِ بک ڪا معنيٰ نٿي رکي." تڏهن تہ جويي صاحب انعام ۾ ملندڙ رقم پاڻ وٽ رکڻ يا پنهنجن ڏوهٽن ۽ پوٽن کي ڏيڻ بدران هڪ موچاري اداري کي ڏيئي هڪ روشن قدم کنيو.

جڏهن جويي صاحب کي لفٽ ۾ وٺي وڃي رهيا هئا تہ، هن هٿ کڻي مون کي آهستي چيو: "ادا، حيدرآباد ۾ ضرور ملنداسين، ۽ سندس هٿ جهليندي، مون کي شاهہ سائين جو هيءُ بيت ياد اچي ويو:

لڙ مَ لاڙائو ٽيو، ملي ڪر همٽ،
سج سامهون منهن ۾، متان ڪرئين ڪٽ،
سپريان جي سٽ، ڳاڙهي سج ڳالهہ مڙين!

جويو_ من موهيو!

ولي رام ولپ

(1)

پنهنجين يادگيرين کي ڏوکڻن وانگر ڳڻ

مون ماهوار 'گل قل' (ڊسمبر 1979ع) ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو لکيل خاکو 'سائين ٽيڪن مل' پڙهيو. هُو جويي صاحب جو پهريون اُستاد هو. سندس زندگيءَ ۾ جن شخصيتن جو ساڻس واسطو پيو ۽ متن اثرانداز ٿيون، ۽ کنهن طرح انهن جي بيان مان پڙهندڙن لاءِ اُن وقت جو وايو منڊل چٽو ٿي بيهي ٿو، انهن مان جويي صاحب جو لکيل اُهو خاکو پڻ هڪ آهي. هيءُ خاکو جويي صاحب پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين جي آڏار تي لکيو آهي ۽ اڄ جي دور جي هلندڙ منظر جو فلئش بئڪ آهي، جنهن جو تعلق ماضيءَ ۽ حال سان جُڙيل آهي.

جويو صاحب پنهنجيءَ ڄمار جي لحاظ کان مُني صديءَ جي لڳ ڀڳ هوندو. سندس علمي ۽ ادبي ڪاوشون ۽ تجربا بي مثال آهن. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند قوميت جي رجحانن ۽ ادبي لاڙن ۾ ترقي پسنديءَ جي ڇاپ سندس مؤثر محنت جو نتيجو آهي. هيل تائين پاڻ جيڪا هڙان وڙان سنڌي ادب جي آبياري ڪئي اٿن، انهيءَ جي پسمنظر کي جانچڻ لاءِ سندس اهي ۽ اهڙا ٻيا آتم ڪٿائي مضمون ۽ خاکا نهايت ڪارائتا ٿي سگهن ٿا.

سنڌي ادب جي حوالي سان انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو وهم ۽ گمان ۽ ناهي ته جويو صاحب هڪ دؤر يا عهد جو نالو آهي. پاڻ جن اٺانگن رستن تان هلي، جنهن هنڌ تي اڄ بيٺو آهي،ا هو سمورو سفر هڪ تاريخ آهي، سنڌ جي تاريخ آهي، سنڌي ادب جي تاريخ آهي، سنڌ جي مظلوم ۽ مظلوميت مان اُسري اُپرندڙ طبقي جي تاريخ آهي، جنهن جي تصوير سندس خاکن مان جهلڪي ٿي، جيڪو پنهنجي پاڻ ۾ وڏو سرمايو آهي.

'ريڊرس ڊائجسٽ' ۾، ڪارل سينڊ برگ جو قول پڙهيو هئم، "Count reminiscences like money" (پُنهنجين يادگيرين کي ڏوکڻن وانگر ڳڻ'). انهيءَ قول موجب، جويي صاحب پنهنجين قيمتي ۽ مِنين يادگيرين کي قلمبند ڪري نہ رڳو پاڻ انهيءَ زماني کي پنهنجي اکين آڏو وري محسوس ڪري آنند ماڻيو هوندو، پر پڙهندڙن کي پڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ليئو پائڻ جو موقعو ڏنو اٿس. هن خاکي ۾ هڪ شخصيت جي حوالي سان اُن دؤرجي تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي، جنهن جي پس منظر ۾ اسان کي جويي صاحب جو ڳوٺ 'آباد' پسڻ ۾ اچي ٿو. 'آباد' جيڪو اڄ شايد آباد ناهي، اکين آڏو ناهي، پر ائين ٿو لڳي، جڏ اها سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ جي وارتا هجي. اُن وقت ڳوناٽي زندگي ڪيئن هئي، ڳوناٽو سماج ڪيئن روان دوان هو، رشتا ڪيڏا گهرا هئا، چوڌاري ڦهليل مٺ مائٺ ۽ والدين کهڙين سماجي ۽ معاشي حالتن مان لنگهي رهيا هئا، سندن سادگي ۽ خلوص، پنهنجي اولاد جي پالنا ۽ اُن وقت جي اسکولي وايو منڊل ۾ ٻار جي سکيا لاءِ اُستاد

جي سلوڪ ۽ ڪردار جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو- اُن جو احوال نهايت وٽندڙ ۽ دلچسپ پيرائي ۾ ڪيو ويو آهي. جويي صاحب، جنهن داخليت ۽ خارجيت جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ اهو خاڪو لکيو آهي، اهو سندس اسٽائيل جو عمدو مثال آهي. ڳوناڻو زرعي سماج نندپڻ ۾ ذهني اوسر تي ڪهڙي ريت اثرانداز ٿئي ٿو، اسڪول ۾ اُستاد جو عملي ڪردار ڪهڙي ريت پؤ کي پڄائي ٿو ڪڍي، اهڙن نفسياتي نُڪتن جي اُپٽار هن خاڪي ۾ ملي ٿي. سندس انهيءَ خاڪي ۾ ڏکڻ هندستان جي وڏي ناول نگار آر. ڪي نارائڻ جي ڳوٺ ۾ اسڪول ۾ گهر تائين پکڙيل زندگيءَ بابت سندس لکيل آتم ڪٿا 'Swami and Friends' جي جهلڪ ملي ٿي، جيڪو انگريزي مشنري اسڪول جي مذهبي ڪٽرپڻي ۽ سختيءَ جي پسمنظر ۾ ٻارن جي نندڙين اڻپورين خواهشن جي باري ۾ لکيل آهي: جڏهن ته هيءُ خاڪو محبت ۽ پائيچاري جو مثال پيش ڪري ٿو، جيڪو اسان جي سنڌ جو خاصو آهي. ڪيڏو نه چگو ٿئي، جو جويو صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ لاءِ قلم کڻي ۽ سنڌ جي سموري صورت اسان کي ڏسڻ لاءِ ڏئي.

[15 جنوري 1980ع- اڄ ڇپيل]

(2)

محمد ابراهيم جويو- هڪ اعليٰ آدرشي مترجم

هونئن ته پائلو فريري (Paulo Freire) جو نالو اسان وٽ سنڌ جي تعليمي ميدان ۾ ايڏو عام، ڄاتل سڃاتل ۽ هرواسي نه هو، پر آمريڪي کنڊ ۾ جڏهن سندس فڪر ۽ نظرين کي اهميت ملڻ لڳي ۽ قومي ترقيءَ جي مجموعي جدوجهد لاءِ سندس پيغام جو پڙاڏو ڏورانهن ملڪن تائين پهتو، تڏهن جس هجي اسان جي عالم، دانشور ۽ علم تدريس سان زندگيءَ ۾ جو ساڻ نيائيندڙ، محمد ابراهيم جويي صاحب کي، جنهن وقت جي ضرورت کي پروڙيندي، پنهنجي علمي حاصلات کي 'ايميلي'، 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس'، 'ٻارن جو مسيح'، 'وحشي جيوت جا نشان' ۽ ٻين ڪتابن ۽ مضمونن جا ترجما ڪرڻ سان گڏ، 'پائلو فريري' جي اسپيني زبان ۾ لکيل سندس مشهور تصنيف 'Pedagogy of Oppressed' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو 'علم تدريس مظلومن لاءِ' عنوان سان، 1984 ۾ شايع ڪرائي، نه رڳو انهيءَ موضوع جي مواد ۾ واڌارو ڪيو، پر سنڌي سماج جي سوچ کي نئون سج پڻ ڏيکاريو.

'علم تدريس مظلومن لاءِ' عنوان مان ڇڻو آهي ته اهو ڪتاب سماجي طور تي ڏُڻڻيل، پوئتي پيل ۽ ڏاڍ ڏمر جو نشان بڻيل ماڻهن کي پڙهائڻ جي علم بابت آهي؛ تنهن ڪري پرماريت جي هٿ ٽوڪين هڻڻين جي شناخت ڪري، اُهي اُپاءَ ۽ عمل ڏسيا اٿس، جيڪي ڪين غربت ۽ مظلوميت جي 'موجود سدا موجود' (Status- quo) جي اوڙاهه مان ٻاهر ڪڍي، شعور جي روشن فضا جو روپ پسائيندا.

منهنجي خيال ۾، ڪڏهن ڪڏهن اهڙا اهم ڪتاب، عام پڙهندڙ جي نظر کان گُسي پڙهڻ کان رهجي ويندا آهن. منهنجي بدقسمتي آهي، جو 'پائلوفريري' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب 'علم تدريس، مظلومن لاءِ' مون کان ڪنهن طرح پڙهڻ کان رهجي ويو هو، پر هاڻي جڏهن سندس آتم ڪٿائي ڪتاب پڙهيم ۽ مٿس تبصرو لکڻو پيو ته 1984ع جو ڇپيل اهو ڪتاب هٿ ڪري پڙهيم ته دنگ رهجي ويس ۽ محمد ابراهيم جويي صاحب جي سنڌي سماج تي انهيءَ ترجمي جي احسان لاءِ سندس وڏائيءَ جو قدر ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيس.*

(3)

جويو- من موهيو!

سائين محمد ابراهيم جويي جو نالو سنڌي ٻولي، ادب ۽ سماج لاءِ هڪ سُڪاٽيءَ مثل آهي، جنهن جي تدبر ۽ ڏاهپ پرئي اشاري کان سواءِ ٻيڙي صحيح رُخ ۾ ڪارو ڪيڙي نه سگهندي آهي. سندس نالو 'Save Sindh, Save Continent (1947)ع' لکڻ ۽ روسو جي 'ايميلي عرف تعليم' جي سنڌي ترجمي (1949ع) جي صورت ۾ گذريل صديءَ جي چاليهن واري ڏهاڪي جي پوئين حصي دوران سنڌ جي سياست،

---

* 'پائلو فريري' بابت سوانحي ڪتابڙي تي ڪيل تبصري جو هڪ حصو، اهو تبصرو روزاني 'عبرت'، حيدرآباد ۾، 8 جون، 2001 تي شايع ٿيو هو.

تعليم ۽ ادب جي اُفق تي اُپريو، جنهن ڪري سنڌ جي پس منظر ۾ نون لاڙن جي پيڙهه پوڻ لاءِ ذهن هموار ٿيا، ترقي پسند سوچ ۽ شعور کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿي؛ سنڌ هڪ Entity طور مٿي اُپري آئي؛ تضادن مان پيدا ٿيل گس ۽ سيمائون ٽٽڻ ٿيون؛ ۽ حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ جي جذبي کي جِلا ملي. اهي سموريا پهلو سنڌ سان واڳيل آهن، جيڪي مجموعي طور تي سنڌ جي سجاڻپ جا پهلو آهن ۽ اهي سموريون جويي صاحب جون سجاڻپون آهن، انهيءَ ڪري آءٌ اهو چوندس ته جويو صاحب خود ۾ سنڌ آهي.

اڄ جڏهن جويي صاحب پنهنجي ڄمار جا ستاسي ورهيه پورا ڪري اناسيءَ ۾ قدم ڌريو آهي ته اچو ته هيءَ دعا ڪريون ته پاڻ گهٽ ۾ گهٽ صديءَ جا باقي سال پورا ڪري ۽ ڪيترائي رهيل ڪم ۽ اڌورا ڪتاب مُڪمل ڪري، اسان کي پنهنجو احسانمند ڪري. پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽماهي مهراڻ (1955ع کان وٺي) جا ايڊيٽوريل ۽ شيخ ايياز جي ڪتابن جا مهاڳ لکڻ کان سواءِ ڪيترائي ترقي پسند فڪر ۽ انساني قدرن تي ٻڌل ڪتاب ترجمو ڪري، علمي ۽ ادبي ڪارناما سرانجام ڏنا اٿس. هُن سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمئن جي حيثيت کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي ڇپائيءَ جي ادارن، تعليمي مرڪزن، سماجي ۽ سياسي تنظيمن جي فڪر ۽ شعور کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، جن جو ورٽن ڪرڻ لاءِ وقت ۽ دفتر درڪار ٿيندا. ڪاش، تاج جويي جهڙو ڪو اورچ ۽ اٽڪل جاکوڙي اديب ڪيس نصيب ٿئي، جو انهن سيني ڪمن ۽ ڪارنامن کي سهيڙي ۽ سيبتي انداز سان ڇپيل صورت ۾ عوام آڏو پيش ڪري، ۽ ماڻهو بي اختيار چون ته 'اجا ڪي آهين، ڪلجُگ ۾ ڪاپڙي'!

ڪجهه ڏينهن اڳ، جويي صاحب مون کي پنهنجن ۽ هڪ ٻئي اُستاد غلام علي چنا جي خطن جو مجموعو 'خط بن استادن جا' (2002ع) مهرباني ڪري سوڪڙي طور ڏنو. مون اهو ڪتاب هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو ۽ بروقت جيڪو تاثر ورتم، اُهو هيءُ هو ته جويي صاحب پنهنجي دوست جي 86 خطن جي جواب ۾ فقط 26 خط لکيا هئا؛ جن مان اُستاد غلام علي چنا جي شخصيت ۽ سماجي پس منظر جي ته خبر پوي ٿي، پر پاڻ پنهنجي شخصيت سميت هزارين پردن پويان لڪل محسوس ٿئي ٿو. هوندئن به جويو صاحب ذاتي طور پنهنجو شخصي انٽرويو ڏيڻ يا سوانحي خاڪي يا سوانح حيات لکڻ جي فائدي ۾ نه رهيو آهي ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ اصل ڪم ڪي اهميت ڏئي، پاڻ پوئتي رهڻ ۾ خوشي يا اطمينان محسوس ڪندو آهي. سندس ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب پنهنجي نالي ڏيڻ بدران ٻين جي، يا فرضي نالن سان شايع ٿيل آهن. اُن جو ڪارڻ شايد اهو هجي ته مُلڪ جي سياسي ۽ حڪومتي ڍانچي ۾ هڪ سرڪاري ملازم جي حيثيت ۾، نالي جي قرباني ڏئي، اصل ڪم کي اهميت ڏجي. نالي ۾ ڇا رکيو آهي! هتي مون کي سائينءَ جي هڪ مجيل مترجم جي حيثيت بابت پڌ ٻڌائڻو آهي ته مترجم پاڻ خود ڪيڏي به مرتبي جو هجي، هُو هميشه پس منظر ۾ رهڻ پسند ڪندو آهي. پاڻ مارڻ، پاڻ کي فنا ڪرڻ يا پنهنجي نفي ڪرڻ جو فلسفو انهيءَ ڳالهه مان سمجهي سگهجي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ هڪ عام مترجم جي حيثيت سان آءٌ ائين سمجهان ٿو.

ٿورا ڏينهن ٿيا ته جويي صاحب، سويي گيانچنداڻيءَ جي مائ ۾ ڪوٽايل هڪ ميڙاڪي ۾ چيو هو ته پاڻ زندگيءَ کي ڪنهن مقرر ٽائيم ٽيبل مطابق گذارڻ، نيم ۽ عادتن جا نڪي عادي ۽ نه ئي قائل آهن. اها ڳالهه هن الائي ڪهڙي Context (مفهوم) ۾ چئي هئي، پر آءٌ ته اهو چوندس ته سندس زندگيءَ جو ٽائيم ٽيبل، ڪم ۽ رڳو ڪم جي فريم ورڪ کان ٻاهر آهي ئي ڪونه. اهو ڪم، چاهي ادب جي آبياريءَ جو هجي، يا وري سياسي منظر کي سُڌاري بيهارڻ جو هجي- اُهي ۽ انهن سان لاڳاپيل ٻيا سموريا ڪم، سندس روزمرهه جي زندگيءَ جي ايجنڈا طور رٽيل هوندا آهن.

سنڌ جي سينڌ، سنوار سندس زندگيءَ جو حصو آهي. ڪيس رڳو انهيءَ فريم ورڪ ۾ پسي سگهجي ٿو. اُن کان ٻاهر يعني 'آئوٽ آف فوڪس' سندس شخصيت جو تصور ڪري ئي نٿو سگهجي. جيئن هُو ٻوليءَ جي گرامر ۽ ٻيهڪ جي نشانيءَ کان سواءِ هجڻ کي، ٻوليءَ جي ٻگاڙ سان جوڙي ٿو، تيئن

هُو پنهنجيءَ شخصي زندگيءَ کي پڻ هڪ آهنگ ۽ ردم تي هلائڻ جو عادي آهي. ستاسي ورهين جو هيءُ سنڌُ، طبعيت جو مالڪ، اڄ ٻه هميشه وانگر ڪِلين شيوَ ۽ اچا ۽ استري ٽيل ڪپڙا پائڻ ۾ فرحت محسوس ڪري ٿو. سندس ڪنن کان خط ورتل وارَ، ايڏا ته سِمٽريڪل ڪٽيل هوندا آهن، جو جيڪر ائين چئجي ته هُو پنهنجو پاڻ کي ائين ئي پٽرو ڪرڻ گهري ٿو، جيئن شروع کان ڪندو ٿو اچي. ايڏي مستقل مزاجي، هڪ عرصي کان ساڳي هلندي اچي، اُن مان سندس زندگيءَ کي ڏسڻ جي Vision (نڪتہء نظر) جو اندازو ٿئي ٿو. هُو اڄ ٻه پيرين پيدل هلڻ پسند ڪري ٿو. هُو چاهي سرڪاري منصب تي هجي يا پنهنجي ڪم ڪار ۽ سماجي اُٺ ويهه ۾ هجي، سندس رويو ڪنهن گهر جي وڏڙي وانگر ڏاهپ پريو ۽ نصيحت آميز رهيو آهي. عام زندگيءَ ۾ سادگي پسند هئڻ سان گڏ، هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ خوشيءَ پريل تسڪين واري احساس سان هيءُ شخص، ڪاڏي پيتي ۾ هلڪو ڪاڏو، خصوصي طور تي پاڇيون ڪائڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. مون کي ياد آهي ته ڏهه ٻارهن ورهيه اڳ، جڏهن آءٌ 'شمس چئمبرس' جي فليٽ ۾ رهندو هوس ته هڪ پيري سائين منهنجي گهر آيو. منجهند جو وقت هو، ماني کائڻ جو چيم ته انڪار ڪيائين. ائين ڪيس بنا کائڻ پيئڻ جي ڇڏڻ مون کي نه آڻيو، سو گهر ۾ پيل موسميون/ مالٽا کائڻ لاءِ پيش ڪيم. پاڻ چاقو کڻي، موسمين جي ٻاهرين کل اهڙي ته نفاست ۽ هنرمنديءَ سان ڪپيائين، جو آءٌ سمجهان ٿو ته اُها هر ڪنهن جي وَس ۽ ذوق جي ڳالهه ناهي.

آءٌ اهو ٻه ٻڌائيندو هلان ته ڪجهه ڏينهن ٿيا ته هڪ ڏينهن صبح جو آءٌ ساڻس ملڻ لاءِ سندس گهر ويس. وٽس ڪجهه مهمان ويٺل هئا. انهن کان موڪلائيندي، مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي اچي ويهڻ جو چيائين. سندس ڪُرسيءَ جي اڳيان پيل ٽيبل تي ڊبل روٽيءَ جا ٻه سلائيس ۽ چانهه جو ڪوپ رکيو هو، جيڪي شايد موڪلائي ويل مهمانن جي اچڻ وقت سندس نوڪر نيرن ڪرڻ لاءِ رکي ويو هو ۽ منهنجي اچڻ تائين ٽڏا ٿي ويا هئا. پاڻ ئي چيائين ته مهمان ڪنهن ذاتي ڪم سان آيا هئا. مون کيس پهرين نيرن کائڻ لاءِ چيو، پر پاڻ چيائين ته ٽڏا ٿي ويا آهن، پوءِ گهرائي کائيندس. مون سوچيو ته هُو کيتري قدر نه پنهنجن ملڻ وارن کي اهميت ڏئي ملي ٿو، جو نيرن ڪرڻ جو ٻه نٿو سوچي. هاڻي ته سائين منهنجي وڃڻ کان پوءِ ئي نيرن ڪندو. آءٌ سندس اخلاق، نهنائي ۽ حجاب جو هيءُ عالم ڏسي، پاڻ کي ڪُمهلو آيل ڄاڻي، من ئي من ۾ پشيمان ٽيڙ لڳس، پر مون کي پورو وقت ڏنائين، ڪچهري ڪيائين ۽ لحظي لاءِ اهو تاثر ٻه نه ڏنائين ته مون سڄ پڄ صبح جو سوير وٽس اچي، سندس ٽائيم ٽيبل کي ڊسٽرب ڪيو هو.

سندس ڪمرو، جيڪو هڪ ئي وقت لونگ روم، اسٽڈي روم ۽ بيڊروم آهي، منجهس هر طرف، هرهنڌ ۽ هر ڪنڊ ۾ ڪتاب پکڙيا پيا آهن. ڪٻٽن ۾ رکيل ڪتاب توڙي جو ترتيب ۾ رکيل آهن، پر هاڻي عرصي کان ٻيهر سنواري ۽ چنڊي رکيل نه هئڻ ڪري ڦاٽل ۽ پُراڻا هجڻ جي ڇُغلي هٽن ٿا. ڪُرسيون، صوفا ۽ ٽيبل، ايتري قدر جو فرش ٻه ڪتابن ۽ رسالن سان سٽيو پيو آهي، ۽ سندس سنگل بيڊ جو اڌ کان وڌيڪ حصو ٻه ته ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان والاريو پيو آهي. ڪاش، سندس ڪتاب ۽ ٻيو سامان سنواري سجائي رکڻ سان گڏ، سندس هر دم خيال رکڻ وارو ڪو هجي ته جيئن هو ٻئي هر مسئلي کان آجو ٿي، رڳو پنهنجي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪري سگهي.

هونئن ته سندس ڪمري جو اهو منظر هڪ عرصي کان هڪ هنڌ ٻيٺو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته سائين پنهنجي پاڻ کي انهيءَ ماحول ۾ ڪمفرٽيبل محسوس ڪندو هجي. مون کي لڳي ٿو ته پاڻ ڪتابن جي سنگت جو عادي ٿي ويو آهي، جو ڪتابن سان گڏ گهاري، پاڻ ٻه هڪ اهڙو ڪتاب ٿي ويو آهي، جنهن کي جڏهن ٻه ۽ جتي ٻه ڪولبو ته علم، دانش ۽ ڏاهپ جا نُڪتا هٿ ايندا، بشرطيڪ ڪيس ڪولجي. سندس فيض ۽ سخا هر ڪنهن لاءِ، هرهنڌ ۽ هر وقت، هيڪاندا ۽ هڪيا آهن.

منهنجي دعا آهي ته سائينءَ جو ساڻ اسان سڀني سان سدا سلامت رهي، جو گهڻ ۾ گهڻ اسين اهو چئي سگهون ته اسان جويي صاحب جي دور ۾ جيئرا هئاسين ۽ ساڻس ٻه چار گهڙيون گهاري ٻُڌڪارتيون ڪيون هيون سين.

آخر ۾ موقعي جي مناسبت ۽ حسبِ حال
پنهنجو هيءُ نظر، 'ڪتاب' سندس نذر ڪريان ٿو:

ڪتاب

نہ، هن ڪمري ۾
نہ هوڏانهن
هُن ڏاڪڻ هيٺ
هن گئريج جي ڪُنڊ ۾ ڪٽي وچ
ڪتابَ-
اُتي جتي نڙو رکي سگهجي فِرج،
جتي نڙو لڳي، سگهي آدم قد شيشو-
ڪٽي وچ اُهي
سنڌالاجي يا آرڪائيوز جي آفيس ۾
يا جتي چاهين،
اسان کي تہ بس
اُتي ٻڌائڻ لاءِ گهرجن،
ڪتابَ-

ڪو جَهپ هٽندو پاس ٻُڌ تي،
يا چيڪ ٻُڌ تي،
ڪو ڳولیندو لاڪر جي چابي،
ڪنهن جي اکين ۾ چمڪندا،
سرسبز ٻنيون ۽ کيت،
جتي آهي پُوريل سونا سِڪا پڙ شايد-
هاءِ هاءِ! وقت!
پوڙهي ڏاڏيءَ وانگر
اُداس ٿي ويندا
ڪتابَ-

ڳوٺ ۾ ٻڌي،
ڏُڃيءَ ۾ ڏَڪي،
ڪجهہ تختي جي هيٺان
ڪجهہ ٽنڊ ڪُوندين مٽان
رکي ڇڏ
ڪتابَ-

ڪتاب! جتي به رک
اُهي پيا هوندا انتظار ۾،
ايندو ڪو نہ ڪو،
پتڪڙا پير ڪٽندو
پٽڪيل ٻار ضرور
ڪنهن سال-

اونداهيءَ ۾ ڳولیندي پنهنجو رستو،
ڇهاءُ سان سجاڻي ونڇ ڪيس،
آهستي آهستي کولي ڇڏج پنهنجو اندر،
جنهن ۾ سُمهيو پيو آهي،
وقت ۽ ٽڪل سچُ،
دبيل غصو،
۽ گونگو پيار،
دشمنن جو مينٽل ڊِڪٽيٽر*
قابو نہ ڪري سگهندو جنهن کي-

[محترم برڪت چوهاڻ جي گهر تي، محمد ابراهيم جويي جي 88 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي رات جي وقت پڙهيل. اُتي اسان موجود هئاسون: محمد ابراهيم جويو، مراد علي مرزا، اعجاز قريشي، تاج جويو، ادريس جتوئي، نذير احمد ميمڻ، علي آڪاش، برڪت چوهاڻ ۽ آءٌ.]

* مينٽل ڊِڪٽيٽر = ڪمپيوٽر.

محمد ابراهيم جويو ۽ سندس خوابن واري سنڌ

پروفيسر اعجاز قريشي

اتهاس جو ڪوبہ يگ ڪُلي طرح انسان ذات جي اجتماعي چڱائيءَ وارو نہ رهيو آهي، نہ ئي اسين اتهاس جي ڪنهن دور کي عوامي معنائن ۾ سونهري دور چئي ٽا سگهون، چاڪاڻ تہ اتهاس ۾ عوام جي مڪمل حڪمرانيءَ جو واقعو ڪڏهن بہ ڪٿي بہ پيش نہ آيو آهي، ان ڪري ڪل بني نوع انسان جو ماضي ڪڏهن بہ شاندار نہ رهيو آهي. هيءَ تاريخ، دنيا جي مختلف قومن، سماجن ۽ ملڪن جي هڪ طرح سان، دردن جو داستان ئي آهي.

بي معنيٰ ۾، انساني اوسر جي سفر ۾، اسان کي انساني عظمتن جا هنڌين جڳهين اعليٰ ۽ معياري نشان بہ ملن ٽا. هيءَ دنيا، هيءَ مهذب ۽ سڌريل دنيا، سڄي جي سڄي انساني پورهئي جي پيداوار آهي. دنيا جا سپ وٽندڙ رنگ، سهٽا ۽ ملوڪ روپ ۽ روح پرور روشنيون انساني پورهئي جو نتيجو آهن، جيتوٽيڪ پورهيو ڪندڙ هٿ، پنهنجي پورهيي جو ڪنهن مطمئن ڪندڙ حد تائين بہ لاپ نہ ماڻي سگهيا آهن، پر ان هوندي بہ انساني عظمت ۽ وڏائيءَ کان ڪوبہ انڪار نہ آهي.

هيءُ اتهاس، اهنجن ۽ ڏکن پريو اتهاس هونءَ تہ اسان لاءِ ڪي بہ معنائون نہ بہ رکندو هجي، پر ائين بہ آهي، تہ ان جون اسان مٿان، ٿوريون ئي سهي پر ڪي مهربانيون، ڪي وڙ بہ آهن ۽ ان جون اسان کي ڏنل سوکڙيون بہ آهن.

اهي سوکڙيون اسان کي جاکوڙي، انقلابي، سچن ۽ وطن ۽ وطن واسين سان باوقار رهندڙ شخصيتن جي روپ ۾ مليون آهن. اتهاس جي وسيع ۽ اپار برپٽن ۽ صحرائن ۾ اهڙا قول ڏڻندا رهيا آهن ۽ صدين کان سِڪايل ۽ سڪيل روحن لاءِ خوشبوءِ پکيڙيندا آهن، اهي عظيم ماڻهو قومن، ملڪن ۽ سماجن واري وڻاڻ مٿان ڪنهن موسلا ڌار مينهن وانگي وسي، ان کي گل ۽ گلزار ڪندا رهيا آهن.

اهي مهان هستيون پنهنجن آدرشن وسيلي نوان امڪان آڇيندڙ رهيون آهن، ۽ تصورن، سوچن ۽ خيالن جا نوان نظام تخليق ڪندڙ رهيون آهن، ادراڪ جي اٽاهہ گهراين مان مثبت تبديلين جا املهہ موتي ميڙي، عاملن لاءِ آڇيندڙ رهيون آهن، اهي هستيون، غير معمولي ۽ غير رواجي هستيون، پنهنجي پنهنجي همعصر دور ۾، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، ڪوڙ ۽ باطل، وهمن ۽ وسوسن ۽ رات ظلمات جي قوتن جي جوڙيل سموري سڻاءَ سان، ذهن توڙي جسماني طرح ٽڪرائيندڙ آهن، اهي مهان ۽ يگانا ماڻهو، پنهنجي انفرادي ۽ ناسوتي مفادن جي بي معنيٰ اڪيلائيءَ مان اٿي، اجتماع جي امنگن، خواهشن ۽ خوابن جي با رونق وسعتن ۾ نروار ٿي بيهندا آهن ۽ هڪ نئين لاهوت سان لنئون لڳائيندا آهن، جيڪو سچ جو ساڪي هوندو آهي، اهي مهان ماڻهو، پنهنجي خارجي توڙي داخلي سفر ۾ وڏا ڪشالا ڪٽيندا آهن ۽ ڪڏهن تتل تہ ڪڏهن ڪنبن پريل رستن تان گذرندا آهن پر سندن وات تي اها ئي وائي هوندي آهي:

"ڪندا مون پيرن ۾، توٽي لک لڳن،
آگر آگوڻي نہ مڙي، ڇيون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، "جتي جات نہ پائيان".

اهو پرينءَ جو پيچرو، اها سڄ، خير ۽ خوبيءَ ڏانهن ويندڙ ڦلڙيون ڦلڙيون راهه ڪا ايڏي سولي به نہ آهي، ان لاءِ ذهني بيداري ۽ شعور جي پختائپ ۽ اوچائي، بهرحال، گهربل آهي. سچ جو سڌ ورنائڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏو تياڳ آهي. جڏهن به ڪنهن سچ جي صدا بلند ڪئي آهي يا ان تي لبيڪ چيو آهي تہ روءِ زمين جون سڀ باطل قوتون، پنهنجن سمورن انتظامن ۽ اهتمامن، پنهنجي پوري سگهه ۽ لشڪر خزاني سان ساڻس ٽڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ويندیون آهن.

هيءُ جهيڙو، سچ ۽ ڪوڙ، حق ۽ باطل جو جهيڙو ڪو نئون به نہ آهي، اتهاس جا سڀ دور مثبت ۽ منفي قوتن وچ ۾ جهيڙي جا دور رهيا آهن. ڪوڙ ڪنهن نہ ڪنهن طرح، مختلف حربن سان، چالاڪين سان، دوکن سان، دربار جي بنياد تي، سپاهه ۽ جاسوسن جي آڌار تي، سازشن جي سهاري، جبر ۽ ڏاڍ جي بل تي، اختيار جي بانور تي ڪنندو آهي، پر سندس اها فتح ۽ فتح جو احساس، عارضي هوندو آهي. سچ، ظاهري طرح هارائيندي به اتهاس جي ڊگهي سفر ۾ پنهنجي جيت مجائي ئي ونندو آهي. سچ جي جيت يا حسن ۽ خير لاءِ ڪيل ڪوشش جا نتيجا ڪو معجزو ناهن، هيءُ مقدار جي لڳاتار باڻ مان گهٽا گهنگهور بنجي، معيار جي مينهن بنجڻ جو عمل آهي.

مقداري تبديلين کي معياري تبديلين ۾ بدلائڻ جو جس هر طرح سان محڪوم ۽ مظلوم طبقن، قومن ۽ سماجن جي ساڻاري ۽ انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جاکوڙيندڙ اتهاس جي وڏن انقلابين، ڏاهن ۽ مؤجدن جي پاڳي ۾ وجي ٿو. هن دنيا کي عقل تي آڌاريندڙ دنيا بنائڻ ۾، ۽ شين، لقائن ۽ ڳالهين کي حقيقي طرح سان سمجهڻ جي سلسلي ۾ انهن ماڻهن جو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي.

اسان جي سنڌ به اتهاس جي هر دور ۾ اهڙا منهدار ۽ مٽيادار ماڻهو پيدا ڪيا آهن، پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي خوشحالي، آزادي ۽ سک لاءِ پنهنجي وجود جون سموريون توانايون خرچ ڪيون. جيتوٽيڪ اسان کي سنڌ جي اتهاس جا وڏا ڪردار سورمن ۽ جوڌن جي روپ ۾ ملن ٿا، پر ويجهي ماضيءَ ۾ جهاتي وجهڻ سان اسان کي اها به پروڙ پلئ پوي تہ سنڌ هاڻي رڳو گهوڙن ۽ گهوٽن جي ڌرتي ناهي، هيءُ رڳو آرڙ مان مولهيا رتا ڪري موٽڻ وارن جو ماڳ ناهي، هيءَ ڌرتي هاڻي "بهادر ڳڌيا بهادرين" واري لقاءَ مان نڪري آئي آهي. هاڻي اسان جي جديد دور جا سورما، پنهنجي قلم ۽ زبان وسيلي نون خيالن ۽ آدرشن سان ٽمڙار ڏهني سگهه جو اظهار ڪري، هڪ وڏيڪ لاپائتي، مائيدار ۽ بامعنا ويڑهه وڙهي رهيا آهن. لاريب! ايندڙ زمانن ۾ اسان تي ڪوبه اهڙي ميار نہ رکندو تہ اسان اتهاس جي هر زماني ۾ رڳو هارائڻ وارن جي قطار ۾ ئي بينل ڏنا ويا آهيون.

هيءُ احساس، هيءُ ويساهه ۽ عزم جي هيءَ بلندي، اسان جهڙن ماڻهن ۾ تڏهن جاڳندي آهي، جڏهن اسين جديد سنڌ جي انهن ڪردارن ڏانهن ڏسندا آهيون، جن پنهنجي وطن ۽ وطن واسين لاءِ، انهن جي جياپي ۾ جيئندان لاءِ، وڏي رٽابنديءَ سان، جذبي سان، محبت ۽ محنت سان پئي پتوڙيو ۽ جاکوڙيو آهي. اسان جي جديد سنڌ جي انهن اڏيندڙن ۾ محمد ابراهيم جويي جو ٻاجهارو وجود، سڀ کان وزندار ۽ اوچو نظر اچي ٿو.

سنڌ کي عقل تي آڌاريندڙ سماج بنائڻ لاءِ سائين محمد ابراهيم جويي جي فڪري ۽ علمي پورهئي جي وسعت کي پرکڻ جي بنهه گهٽي گهرج آهي. جويي صاحب جي فڪر جي روشنيءَ جو ظهور، اسان جي سماج جي پورب وٽان، آهستي آهستي ٿي رهيو آهي، ان جو جولان وقت گذرڻ سان وڌندو ئي رهڻو آهي. جيئن جيئن سنڌي قوم، پنهنجي قومي احساس سان نيون راهون تلاشيندي تہ جويي صاحب جو فڪر، مهربان مددگار جيئن ان سان گڏ هوندو جويي صاحب جو فڪر، هڪ ئي وقت ۾ ن ڌارائن جي روپ ۾ ڏسجي ٿو. هڪ پاسي اهي تلخ معروضي

مسئلا آهن، جن کي اسان جي اڄ جي سنڌ، منهن ڏئي رهي آهي، انهن سان سنڌ جا موجوده دور جا حق ۽ مفاد سلهاڙيل آهن، اهي مسئلا تڏهن کان وٺي اسٽيٽسڪو جي حالت ۾ رهيا آهن، جڏهن کان اسان جي سدا ملوڪ سنڌ هن مملڪت خداداد پاڪستان جو حصو بڻي آهي. اسين اهو ڏسون ٿا ۽ چاٽون ٿا، ته اسان جي ڳاڙ ڳٽين ڏاهن ۽ عالمن، اديبن ۽ استادن جون لکٹيون گهٽي پاڳي هاٽوڪي دور جي معاملن ۽ مسئلن جي چوڌاري ڦرن ٽيون ۽ سندن علمي جدوجهد ۾ ان ئي دائري ۾ ڦري ٿي.

اهو هڪ بهتر عمل آهي ته حال جي حقيقي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ حالتن کي پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي حق ۾ ڪرڻ لاءِ جو به ٿي سگهي، اهو ڪجي. انهيءَ ڏاڪار به جويي صاحب پاڻ ملهايو آهي. خاص طرح سنڌ ۽ پاڪستان جي تعلق ۾ پاڻ پيرائتي نموني پئي لکيو اٿائون، ۽ اڄ جي سنڌ جي سورن ۽ اهنجن جا ڪارڻ پئي ٻڌايا ۽ ڳٽايا اٿئون، پر جويي صاحب جو فڪري پورهيو، پنهنجي ڪمال بيهڪ سان، اسان کي سياڻي واري سنڌ سان به سلهاڙيل نظر اچي ٿو. اها اسان جي خوابن ۽ امڪانن واري سنڌ، جنهن لاءِ اسين حال جي مسئلن سان برسر پيڪار آهيون. اها سنڌ ڪيئن هجڻ گهرجي؟ جڏهن سنڌ پنهنجي مقداري تبديلين مان گذري ڪنهن معياري تبديليءَ سان وڃي همڪنار ٿيندي، ته انهيءَ معياري تبديليءَ کي لڳاتار ۽ برقرار رکڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟ جويي صاحب جي انهيءَ فڪري پاسي جو اپياس ڪرڻ بنهه لازمي آهي. هو رڳو سنڌ جي مادي مسئلن تي ئي نظر نٿو رکي، پر ان سان گڏ روحاني (سائنسي معنائن ۾) ۽ اخلاقي مسئلن تان به پنهنجو ڌاجهارو ڏهن هٿ نٿو ڏئي. هو سنڌ کي هڪ نئين، تبديلين کي پنهنجائيندڙ ۽ ڇڳائين جي پاڻ ۾ گنجائش رکندڙ سماج ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ، هڪ نئين ۽ نج نبار ماڻهوءَ جي تخليق لاءِ پنهنجي فڪر جي چڪ تي خيالن جا پنوڙا چاڙهيندو رهي ٿو. اسين اهو چئي سگهون ٿا، ته جڏهن اسان جي ماتر پومي سنڌ حال جي مامرن ۽ مسئلن مان اڀرندي، ڪنهن نئين، گذريل ڇهن ڏهاڪن کان وڌيڪ گذريل عرصي دوران هر هر ساريل ۽ سنياليل، خواهش ڪيل ۽ اسان جي تصورن ۾ ساهه ڪڍندڙ نصب العين کي ماڻي وٺندي ته اڳتي سفر ۾ جويي صاحب جو فڪر هڪ رهنما اصول جي روپ ۾ اسان سان گڏ هوندو. ان حساب ۾ اسين اهو به چئي سگهون ٿا، ته جويو صاحب، هڪ اهڙو ڏاهو آهي، جنهن جا اصول، قدر ۽ آدرش، دائمي نوعيت جا آهن.

جويي صاحب جي ذات، علم ۽ ڏاهپ جي ڪيترن ئي شعبن ۾ ورهائي پئي آهي. سندس ڏاهپ ۽ فڪر جي ڪٽ لاءِ ورهين تائين، رٽابنديءَ سان ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، پر هتي موقعي جي مناسبت سان هڪ ڳالهه ڪرڻ مناسب رهندي ته جويي صاحب جي علمي ۽ ڏاهپ جي مڙني شعبن جو محور ۽ مرڪز سنڌ ۽ سنڌي ماڻهوئي رهيا آهن، هو انهن بنهي جي ترقي ۽ بچاءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ بچاءَ سان ڳنڍيندو رهيو آهي:

"قوم ٿي زندهه رهي، پر جي زبان زندهه رهي"

سنڌي ٻوليءَ تي اسان جي ڪيترن ئي ٻوليدانن، محققن ۽ عالمن ڪم ڪيو آهي ۽ گهٽو ٻڌ به ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، گرامر ۽ ان جي بناوت ۽ لغتن تي، جيڪو به ڪم ٿيو آهي، اهو هر طرح ساراهه جوڳو آهي. ٻوليءَ جي انهن پاسن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جويو صاحب به پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي، ته ٻين ٻوليدانن، عالمن ۽ محققن کي اتساهيندو به رهيو آهي، ۽ سندن رهنمائي به ڪندو رهيو آهي.

پر سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ جويي صاحب پاڻ پنهنجي حصي تي بنهه الڳ نموني جو ڪم به ڪنيو آهي، اهو آهي: "سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس" ٻوليءَ جي سياسي پهلوءَ تي پاڻ گهٽي ڪان گهٽو لکيو اٿن. ان کان سواءِ جويي صاحب سان گڏ اسان جا ٻيا به ڪيترائي هردلعزيز ڏاها ۽ عالم بيٺا آهن ۽ ٻوليءَ تي پرپور نموني لکندا رهيا آهن پر حصي پتي جي لحاظ کان پاڻ ٻين کان نروار بيٺا آهن.

انهيءَ جو سبب شايد اهو ئي آهي ته ڳڙيل هندستان جي ورهاڱي ۾ ان جي نتيجي ۾ پاڪستان جي قيام ۾ سنڌ جي ان ۾ شموليت واري واقعي کان پوءِ واري زماني ۾، سنڌ تي هر پاسي کان يلغار پئي ٿي آهي، اسان کان اسان جا تاريخي، ثقافتي، سياسي، سماجي ۽ معاشي حق کسيا ويا آهن، اسان جي جيئڻ جي وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي، اسان کان اسان جا شهر کسي ڏارين جي حوالي ڪيا ويا آهن، اسان کان اسان جو ساهه پساهه سنڌو درياهه کسيو ويو آهي، اسان جي تعليم ۽ هيا سماجي نظام ۽ ڍانچا تباهه ڪيا ويا آهن، پر انهيءَ هوندي به، اسان جيڪڏهن ڪا شيءِ بچائي سگهيا آهيون، ته اها اسان جي ٻولي آهي، انهيءَ جو احساس اسان جي اديبن، عالمن، ڏاهن ۽ استادن کي به آهي، ته ان سان گڏ انهن کي به اهڙو احساس آهي، جيڪي اسان جي تباهه حاليءَ جا اصل ذميوار آهن، اهڙيءَ ريت، مختلف وقتن تي مختلف سازشي پروگرامن، رٿائن ۽ پاليسين وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿيندیون آهن، ته جيئن سنڌي ماڻهن کان سندن قومي تشخص مڪمل طرح کسي وڃي. انهيءَ رخ کان معاملن کي جاچيندا سين ته ان چوڻ جهڙا هوندا سين ته سنڌي ٻولي هن ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪن کي سندن ميرن ۽ ناپاڪ عزمن ۽ ارادن جي حاصلات جي راهه ۾ هڪ ديوار بڻيل رهي آهي. اسان کي اها پڪ رکڻ گهرجي ته جيستائين جويي صاحب جهڙا مضبوط ڪردار موجود آهن، تيستائين سنڌي ٻوليءَ خلاف ٿيندڙ رياستي سطح جي سازشن کي ناڪامي ۽ پسپائي ئي پلئه پوندي.

وقت جا وهڪرا به گهٽا تکا ۽ تيز ٿيندا آهن ۽ حالتن جا پنهنجا اثر ٿيندا آهن، اهي اثر مثبت به ٿين ٿا ته منفي به. اسين پنهنجي سنڌ جي ويجهي اتهاس کي ڏسون ٿا، ته ڄاڻون ٿا ته اسان جا ڪيترائي ڏاها اديب ۽ عالم وقت ۽ حالتن جي منفي اثرن جي گهيري ۾ اڇي ويا ۽ انهن سڄ جي علمبرداري ڇڏي ۽ سوديبازي ۽ مصلحتن راهه ورتي ۽ بنهه ماڻهو ئي ٻيا ٿي پيا. اسين اهو به ڏسون ٿا ته اسان جا ڪيترائي ڳاڻ ڳڻيا ۽ مهندار ماڻهو، وقت هلندي، مايوسين جي ور چڙهي ويا، انهن کي پنهنجو پورهيو اڪارج ۽ اجايو محسوس ٿيو. مسئلو هيءُ آهي ته وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ سان نياءَ وارا معاملا بنهه سخت پورهيي، مستقل مزاجي، ذهني پختائپ ۽ ارادي جي مضبوطيءَ سان مشروط آهن. اهي معاملا وڏين وابستگين ۽ قربانين جا گهرجائو آهن، جن کي اهي ڳالهيون سمجهه ۾ ايندیون آهن، جن کي انهن کي ويهڻ جو وڙاءُ نه وٽندو آهي، انهن کي ٽڪ جي احساس نه ٿيندو آهي، اهي مايوسين جي غارن ۾ لهي ڪونه ويندا آهن، اهي انهيءَ وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ جي ڊگهي مسافت ۾ وڏن منزلن جي حاصلات کان اڳ ننڍين ننڍين ڪامياب وکن کي پنهنجو اتساهه بنائيندا آهن، ۽ اهڙو اتساهه سندن منزل ۾ ويساهه کي تازو توانو ۽ نج نبار رکندو آهي، اهي حيات ستار نظريي جي پوئواريءَ ۾ انهن ڪنيل وکن جي ڳاڻيٽي مان مزو ۽ سرور ماڻي، عزم جي اوچائين کي برقرار رکندا آهن:

او مڌ ماتا هوريان هل!
منزل آهي هر هڪ پل.

جويو صاحب به اسان جي علمي ۽ فڪري دنيا جو اهڙو ڪردار آهي، جيڪو ڪڏهن به ٽڪو نه آهي، هن نه ته ڪڏهن پوئتي ڏنو آهي (ڇاڪاڻ ته هن جي سنڌ ديس ۾ موٽڻ، پوئتي ڏسڻ يا بيهي رهن کي مهڙو سمجهيو ويندو) نه ئي ڪڏهن مايوس ٿيو آهي. اڄ 100 ورهين جي ڄمار ۾ به پاڻ اسان کي "سنڌ منهنجي خوابن جي" جهڙا ڪتاب آڇي رهيو آهي. هن مهان ڏاهي نه ته ڪڏهن سنڌ ۽ سنڌ واسين ۽ ڪل بني نوع انسان جي ڇڳائيءَ لاءِ سوچڻ ڇڏيو آهي ۽ نه ئي ڪڏهن سوچن جي اظهار ۾ ڪا دير ڪئي آهي، پاڻ اجا تائين پنهنجن فڪر انگيز لکڻين سان اسان جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو. هُو پنهنجي فڪري سفر ۾، ڪڏهن به واٽ تان نه ٽڙيو آهي. اجا تائين هو ڪنهن ازلي حقيقت وانگي آهي ۽ استر ۽ اڏول بينل آهن هماليه وانگي، سندن سوچن ۽ خيالن ۾ اجا به اها ئي گرمي ۽ رواني آهي، سنڌوءَ وانگي، ۽ هُو اجا تائين

اسان جو اُتساهه آهن، سنڌ وانگي.

هن موقعي تي مون کي پنهنجي دوست ۽ شاعر علي آڪاش جي جويي صاحب کي پيش ڪيل شاعراڻي خراج تحسين جون هي سٽون ياد پون ٿيون:

تو لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي،
تون ڇاٽين ٿو:
ساهن جي هيءَ مالهه ڪڍهن پي،
ڦرندي رکجي ويندي آهي،
توکي ڪا پرواهه به ناهي.
نوَ ڏهاڪا هجر جي رستي
وصل جي لال اميد جو گهوڙو
بنجي ڪو طوفان ڊڪيو آ
ڪين رکيو آ
تر ۾ سنبران
تو جئن ڪوبه سوار نه سائين!
هن وهيءَ ۾ هيءُ ڪشالو
ڪنڊ چڙين ها،
تنهائيءَ ۾ جُهڪي اڏين ها
ڪير چوي ها:
سندءِ ڪمائي
وئي اجائي
پر ڪجهه آهي جنهن جي خاطر
ويهڻ جو نه وڙاءِ ونين ٿو
وهم وسوڙل هن ڌرتيءَ سان
پنهنجو پورو وس واڳين ٿو،
تون جاڳين ٿو
سارو لوڪ ستو پيو آهي
جند ۾ توکي ڪنهن خنجر جو
چا لئه پاند ڪتو پيو آهي!
وسري ويو آ
سپ ڪان ڳٽ غلاميءَ وارو
پر ڏئي ست چنڊ ٿو چاهين،
ڏاها تنهنجو ڏي غضب جو،
۽ هي تنهنجو وڍ به گهرو
هن پيريءَ ۾
سون سريکي زنجيريءَ ۾
آزاديءَ جو پتلو چاهين
چئه ٿو چاهين!

جويي صاحب جو اهو عظيم ۽ مستقل سفر علمي لحاظ کان ايم.اين.راءِ جي ڪتاب 'Historical Role of Islam' (1945) جي ترجمي کان باقاعدي شروع ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جي حقن جي بچاءَ جو پهريون باضابطا دستاويز 'Save Sindh, Save the continent' (جون 1947ع) ۾ منظر تي آيو، تنهن کان پوءِ ايملي عرف تعليم، وحشي جيوت جا نشان، فڪر جي آزادي، گيليلو، شاهه سچل سامي، ٻارن جو مسيح، ماٺهوءَ جو پاڻ، فلسفي جو ابتدائي ڪورس، علم تدريس مظلومن لاءِ، مٽ مٽ موتين جي، هوءَ جا ٽمڪي باهڙي (ٽي پاڳا)، چار خطن جا مجموعا، ان کان علاوه سندس ڪتاب سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي ۽ سنڌ منهنجي خوابن جي، ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. سندس انگريزيءَ ۾ لکڻيون ٻن جلدن ۾ The Betrayal, Sindh Bides of day for freedom جي عنوان سان ڇپجي پڌريون ٿيون آهن.

پاڻ ٻيا به لاتعداد مضمون ۽ مقالا لکيا اٿن، ڪيترن اهم ڪتابن جي نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ ڪئي اٿن. جيڪڏهن رڳو سنڌي ادبي بورڊ جي مهراڻ رسالي وسيلي هلايل علمي ۽ ادبي تحريڪ (1951ع کان 1963ع تائين) تي نظر وجهبي ته اسان کي ميڙو پوي ٿو، ته سنڌي ادب کي علائقيت کان ڪڍي عالمگيريت سان سلهاڙڻ، ان ۾ نواڻ، ترقي پسند لاڙا ۽ رويا اجاگر ڪرڻ ۽ انهن سمورن اپائن وسيلي هڪ نئين سنڌ جي تخليق ڪرڻ ۾ جويي صاحب جو بنيادي ڪردار رهيو آهي.

رڳو ايترو ئي نه، پر پوئين ڇهن ستن ڏهاڪن ۾ نثر توڙي نظر ۾، سنڌ ۾ جيڪي به شاهڪار تخليق ٿيا آهن، انهن جي پسمنظر ۾ گهڻي پاڳي جويي صاحب جي شفيق ۽ رهنما هستي هڪ محرڪ طورموجود رهي آهي، ائين اسين ڏسون ٿا، جيئن سنڌ جي مها ڪوي شيخ اياز به چيو هو ته جويي صاحب پنهنجي فڪر ۽ فڪري پورهيي سان محبت

وسيلي اسان تي هڪ دنيا جا تاڪ کولي ڇڏيا، ۽ اوچتو ئي سڄڻ جي شعور توڙي روح جون ڳنڍيون کلي ويون ۽ نظر ۽ نظارا منجي ويا. گذريل ڇهن ڏهاڪن کان سڄڻ جو علمي ۽ فڪري سفر ڪنهن نه ڪنهن طرح جويي صاحب جي ڏيکاريل رستن، سيکاريل ڳالهين جي پوئواريءَ ۾ طئ ٿيو آهي. هن پنهنجي ڪر ۽ عمل سان پنهنجي همعصر دور کي وڏيءَ حد تائين متاثر ڪيو آهي. هن جي سيرت جي سونهن ۽ بصيرت جي فيض جا سڀ ئي قائل آهن. هن گڻن سان ڀرپور انسان جي فڪر جي زمين گهڻي زرخيز آهي، جيڪا صدين تائين سڄڻ ۽ سڄڻ واسين کي گهڻو ڪجهه آڇيندي رهندي.

جويو صاحب جي خوابن واري سڄڻ جي تعلق ۾، آءٌ اهو چوڻ چاهيندس ته پاڻ سڀ جمار اعليٰ انساني قدرن، سوچن، تصورن ۽ آدرشن جو پرچارڪ ۽ سفير رهيو آهي. هن سڄڻ ماڻهن ۾ اهي سڀ گڻ، خاصيتون ۽ چڱايون ڏسڻ گهرڻ آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي ماڻهپي جي منزل تائين رسڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. هُو اسان جي همعصر دور جو اهڙو ڏاهو آهي، جنهن جي نظر ۾ صدين جي حقيقت تائين وڃي ٿي. پنهنجي انهيءَ اڀياس تجربي ۽ ذهن ۽ من جو سنواريل سوچن جي آڌار تي، اهي سڀ رويا، رجحان، سوچون تصور ۽ ڪر ۽ عمل جيڪي اسان سڄڻ وارن ۾ شڪست مڃڻ جو لاڙو پيدا ڪن ٿا، انهن کان هو انڪار ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو، هو سمجهي ٿو ۽ ڪيترن ئي موقعن تي اهڙو اظهار به ڪندو رهيو آهي، ته شڪست خوردگي انسانذات جي ترقيءَ جي راهه ۾ ديوار جئن بيهجي ويندي آهي، ان جي مقصدن ماڻڻ جي عزم ۽ ارادي کي زنگ لائي ڇڏيندي آهي. اها انسان کي آخري تنيجي طور مايوسيءَ جي ور چاڙهي، ان جي مادي ۽ روحاني زندگي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي، نه رڳو هڪ انسان، پر هڪ قوم ۽ هڪ سماج لاءِ به پاڻ شڪست خوردگيءَ جي احساس کي اُڌوهيءَ وانگي تصور ڪري ٿو، جيڪا قومن ۽ سماجن کي اندران کوکلو بنائي ڇڏيندي آهي، ۽ اهي تخريب جي عمل مان گذري، اڇي پٽ پوندا آهن، ان ريت اسين جاڻي سگهون ٿا، ته جويي صاحب جي خوابن واري سڄڻ، جيڪا اسان جي خوابن واري سڄڻ به آهي، ۾ شڪست مڃي وڃڻ واري احساس جي ڪابه گنجائش نه آهي.

انهيءَ خوابن واري سڄڻ ۾ جويو صاحب وهم پرستيءَ کي ڪابه جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. لاريب! انسانذات وهمن، وسوسن ۽ اجاين پورن جي پڄڻ ۾ پنهنجو گهڻو نقصان ڪيو آهي. هيءَ اها منفي ۽ غير مائيدار شيءِ آهي. جنهن انساني تهذيب جي اوسر ۾، هر زماني ۾ رڪاوٽون پئي پيدا ڪيون آهن، ۽ سماج اندر انسان کي پنهنجن مسئلن جي سمجهه ۽ انهن جي حل جي ڏس ۾، گمراهه پئي ڪيو آهي. جويي صاحب جي خيال ۾ وهم پرستي انسانذات کي عقل تي پروسي ڪرڻ کان روڪي ٿي، شعور جي حقيقي وسيلن تائين وڃڻ کان روڪي ٿي، اهڙيءَ ريت، انسان ذات وهم پرستيءَ جي انڌيرن ۾ پڌڪندي، غلامي بيوسي ۽ لاچاريءَ جي بي لاپ جهنگن ۾ رهجي وڃي ٿي، ۽ وهمن سان اهڙي پڪي پختي نسبت، ان جي استحصال ۽ قرلٽ کي نه رڳو سولو بنائي ٿي، پر انهيءَ جي قرلٽ ۽ استحصال کي هر طرح سان جائز به بنائي ڇڏي ٿي.

جويو صاحب پنهنجي خوابن واري سڄڻ ۾ سڄڻ ماڻهن کي هڪ قوم طور قرلٽ ۽ استحصال کان آجو ڏسڻ گهري ٿو. انهيءَ ڏس ۾ هو شاهه لطيفؒ جو هيءُ شعر مثال طور پيش ڪندو رهيو آهي:

نڪا جهلَ نه پلَ، نڪو راڙُ ڏيهه ۾
آڙيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گُل
مارو پاڻ امُلَ، مَليرونِ مَرڪڙو.

ان استحصال کان آجي سڄڻ جو قيام، وهم پرستيءَ جو موجودگيءَ ۾ ممڪن نه آهي. هن مادي دنيا جون حقيقتون، وهمن لاءِ ڪابه گنجائش نڪيون رکن، اهي عقل ۽ شعور جي ميلاپ سان وڌيڪ نکرنديون، سڌرنديون سنورنديون رهن ٿيون. وهم پرستي سينوارجڻ وارو لقاءُ آهي. جڏهن ته عقليت

پسندي، انسان ذات جي بهتري، سڌاري، چوٽڪاري ۽ پلائيءَ وارو رستو آهي. وهم پرستي، حيات سڌار روين، قدرن ۽ عملن جي نفي آهي ۽ عاقبت سنوار نظريي جي من گهڙت خيال جي بي فائدي حمايت آهي.

جويي صاحب جي خوابن واري سنڌ ۾ تقدير پرستيءَ لاءِ به ڪابه جڳهه نه آهي، هو مختلف لکڻين توڙي تقريرن ۾ اهو چوندو آيو آهي ته تقدير پرستي انسان کان پنهنجي پاڻ تان اعتماد کسي وڃندي آهي. انهيءَ اوگڻ ۽ ذهني بيماريءَ جي ور چڙهي انسان، پاڻ سان ٽيندڙ ظلمن کي لکئي جو ليک سمجهي، چپ ڪري ويهي رهندو آهي. جڳ جو عجب چرخو جيئن هلي چلي ٿو، هيءُ ان جو حصو بنجي، گسندو ۽ گهلجندو آهي، ۽ سمجهڻ لڳندو آهي، ته سندس زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهه واقع ٿي رهيو آهي، اهو اڳ ئي هن لاءِ طئ ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت، انسان چپ چاپ وقت ۽ حالتن جي جبر جي چڪيءَ ۾ پيسجندو رهندو آهي.

جويي صاحب جو اهو ويساهه آهي، ته انسان پنهنجي تقدير جو ناهيندڙ پاڻ هوندو آهي، اها ڳالهه انسان جي فائدي ۾ نه آهي ته هر ظلم سهندو رهي، ۽ ان تي صبر ۽ شڪر به ڪندو رهي. هن جو خيال آهي، ته انسان کي تدبير سان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻڻ کپي. اهي سڀ انتظام ۽ سڃاءَ جيڪي سندس غلامي ۽ مٽس ظلم ۽ جبر کي هٿي ڏين ٿا، انهن سان ڪيس ٽڪرائڻ گهرجي، اهي سڀ نظام جيڪي ڪيس اڳتي وڌڻ ۽ هن ئي دنيا ۾ زندگي کي ناهڻ ۽ سنوارڻ لاءِ رڪاوٽ بنجي ٿا، انهن کي جڙ کان اکاڙڻ لاءِ سڀ قوتون گڏ ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن پنهنجي حياتيءَ ۾ سڌاري لاءِ ڪيس ٻي ڪنهن هنڌان مدد ملڻ جو ڪو آسرو آهي، ته اها سندس وڌي ۾ وڌي ٻل آهي، هن دنيا کي، پائيچاري، سهپ، سماجي قرب ۽ ايڪي سان منظر ٿي، هڪبئي سان سهمت ٿي، پاڻ انسانن کي ناهڻ ۽ سنوارڻ آهي، انسان ذات جوا هڙو تدبر، اهڙو عزم ئي، ان جي عظمتن جو ساکي ٿي سگهي ٿو، ٻي ڪابه هن دنيا کان ٻاهرين قوت، هن لاءِ سک، سونهن ۽ چڱائيءَ جا سامان ميسر نٿي ڪري سگهي ۽ نه ئي هن جي دردن جي دوا ۽ آزارن ۽ اهنجن کان مُڪتي کي ممڪن بنائي سگهي ٿي.

هي آهن جويي صاحب جي خوابن واري سنڌ جي ٿورڙا خدو خال، جنهن کي پاڻ "سنڌ منهنجي خوابن جي" جو عنوان ڏيندو آيو آهي، ۽ هن انهيءَ تصورن ۾ موجود سنڌ تائين پهچڻ جا رستا به ڏيکاريا آهن. اهڙي سنڌ جي تصور کي سنڌ جي عظيم شاعر شيخ ايار به هٿي ڏيندي، هيئن چيو هو:

نيٺ ته ايندو،
نيٺ ته ايندو،
فصلِ بهارا نيٺ ته ايندو!
جيڪو ڪيئي قول قلاري
ڏرتي تي هيڪار ته ٿيندو،
اهڙو باران نيٺ ته ايندو!
رنگ و بو يلغار ڪندا جڏ
صحنِ چمن ۾ رقصان رقصان
مجمع ياران
نيٺ ته ايندو،
نيٺ ته ايندو،
فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو!
ڪنهن چهري تي ياس نه هوندي
هيئن نه ويندي عمر اجائي
اهڙو امڪان نيٺ ته ايندو،
فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو،
هي جيڪي ناسور ٽمن ٿا
تن کي ڪو نه چتائي ڏسندو
ڪوئي درمان نيٺ ته ايندو
توڙي پاڻ نه هونداسين پر،
پنهنجي ياد ته هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ ته ايندو
نيٺ ته ايندو،
نيٺ ته ايندو،
فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو.



جويي جي ڏيکاريل نئين شعوري راهه

بيدل مسرور

جيئن ڪنهن شهزادي گل اندام کي پنهنجي پيءُ جي خواب جي تعبير لاءِ ست سمنڊ پار وڃڻو هو، تيئن مان به پنهنجي درويش پيءُ جي سپني کي ساڀيا ڪرڻ لاءِ ننڍ ولايت جي سوڙهين ڳلين ۾ ڳائڻ نڪتو هوس. وهي به البيلي هئي، ان ڪري ساڀيا جي تلاش سان گڏ، حسن ۽ خوشبوءِ جي تصور جو غلبو به گهڻو هوندو هو. گهر ۾ بابا سائينءَ جي راڳ ويراڳ جي شوق جا سمورا ساز موجود هوندا هئا، ڳائبو هو ته به عشق ۽ حسن جي تعريف ۾. پر جيئن سفر جي ڏاڪڻ کي آسان بنائڻ لاءِ رستي ۾ ڪي راهبر ملندا آهن، تيئن جڏهن سائين محمد ابراهيم جويو، جيڪب آباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي آيو ته عشق ۽ حسن جو هڪ نئون تصور کڻي آيو. چيوسين: 'سائين، اسان کي ڪهڙي ڪل ته قوم چا ٿيندي آهي! قوم جا حق ۽ فرض چا ٿيندا آهن! اسان ته رڳو ايترو ٿا ڄاڻون ته ماڻهو مڻيءَ مان جڙيو آهي ۽ مڻي ٿي وڃڻو آهي. هيءُ سمورو سنسار هڪ سپنو آهي، جنهن ۾ هر ڪو پنهنجي پنهنجي حصي جي ننڍ ڪري ٿو، شاديون ڪري ٻار ڄڻي ٿو، ۽ هڪ ڏينهن خالي هٿين، هن خوابن جي شهر مان لڏي وڃي ٿو. اسان چا ڄاڻون ٿا مڻيءَ جي ٺاڪئين پُتلي سان عشق جي راند، اسان چا ڄاڻون ته ڏرتيءَ سان به ڪو عشق ڪبو آهي!'

منهنجون ڳالهيون ٻڌي، مُرڪي پيو. ڄاڻي پيو ته مان هڪ درويش فقير 'مسرور' جو فرزند آهيان. وڏيءَ عزت ۽ پاڻهه وچان پنهنجيءَ پر ۾ ويهاري، شيخ ايازَ ۽ نياز همايونيءَ جو اهو ڪلام پڙهائڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ وطن جي واکاڻ ۽ قومي ساجاهه جون ڳالهيون ڪجهه اهڙي انداز جو لکيل هيون، جو اڳ ۾ اسان ماهوار "نئين زندگيءَ" ٽماهي "مهراڻ" رسالن ۾ عبدالڪريم گدائيءَ، محمد ابراهيم سيال، سليم ڪاڙهوييءَ، لعل محمد لعل، رشيد احمد لاشاريءَ، سردار علي شاهه، مظفر حسين جوش، عبد عاقليءَ، عبدالله خواب جي شاعريءَ ۾ به پڙهيون هيونسين، پر هن نئين شاعريءَ ۾ شعور جي هڪ نئين راهه ڏيکاريل هئي.

اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن سپني مثل هن دنيا کي، مجاز جي اک سان ڏسڻ بدران، حقيقي صورت ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن ڄاتم ته انساني عظمت ۽ اُن جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نه صحيفا نازل ڪيا ويا آهن. اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن سمجهيم ته آخرت کي سنوارڻ لاءِ دنيا ۾ رهندڙ محبوب انسان سان پيار ڪرڻ ئي اهم آهي.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب انڪل 1967ع جي زماني ۾، جيڪب آباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي آيو هو، ساڻس روبرو ملاقات ۽ سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد، شاخ جي بينڪ ۾ ٿي هئي. تڏهن شاخ جو سيڪريٽري غلام رسول ڪلهوڙو هوندو هو، جيڪو پڻ گورنمينٽ جي اُن اسڪول ۾ ماستر هوندو هو، ۽ اهوئي سائينءَ کي ان ادبي بينڪ ۾ وٺي آيو هو. اُن ادبي بينڪ ۾ مرحوم عبدالڪريم گدائي صاحب به موجود هو. جيئن ته منهنجي ادبي دوستي، فتاح عابد، اڪبر

اديب، ۽ غلام رسول کلهوڙي سان هوندي هئي، انکري انهن ادبي بينڪن ۾ مان ٻه ويندو هوس.

سائين جويي صاحب سان ان ملاقات کان اڳ ۾ ادبي تعارف ٿيل هو، جو مان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪيترن ڪتابن ۾ سندس لکيل مهاڳ پڙهي چڪو هوس. پاڻ اُن محفل ۾ اکيون ٻوٽي هر ڪنهن جا ليک ٻڌا هئائين. جنهن کان پوءِ مناسب لفظن سان انهن تي ٽيڪا ٽپڻي ٻه ڪئي هئائين.

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب کي راڳ سان دلچسپي رهي آهي. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن استاد ارباب خان جي ديري تي ٻه هلندو هو، جتي استاد ارباب خان جي سمورن شاگردن کان ويهي ڪلام ٻڌندو هو، پر پوءِ گهٽو ڪري استاد ارباب کان فقير قادر بخش گولي جي ڪافي "اڪ ٽيا ٽي انار، سڄڻ تنهنجي سانگي" ضرور ٻڌندو هو.

مون کي شيخ ايياز جي شاعريءَ سان روشناس ٻه سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڪرايو، ۽ ڪوشش وٺي سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد شاخ جي پاران هڪ انتهائي نرالو "جشن لطيف" ٻه ڪرايو هئائين، جنهن ۾ ٻيڙو فقير ڪنيار ۽ ٻيا سگهڙ گهرايا هئائين، جن دودي سومري جي منظوم کهاڻي ڳائي ٻڌائي هئي، ۽ الله نه پلائي ته ان کان پوءِ ٽي شيخ ايياز، "دودي سومري" تي منظوم ڊرامو لکيو هو. اصل ۾ اهوئي پهريون جشن لطيف هو، جنهن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي شعوري ڪوششن سان، شاهه لطيفؒ جي ڪلام سان گڏ جديد ترقي پسند شاعرن مخالفت ٻه ڪئي هئي.

مان سمجهان ٿو ان جشن لطيف کان پوءِ ٽي سنڌ ۾ لطيف سرڪار جي نالي ۾ ملهايل هر پروگرام ۾ شاهه لطيف جي ڪلام سان گڏ شيخ ايياز جو قومي ڪلام ٻه ڳائجڻ لڳو. ان کان پوءِ خاص طور "سنڌي شامن" جو رواج پيو، ۽ گڏوگڏ ريڊيو تي ٻه شيخ ايياز، ۽ ٻين ترقي پسند ۽ قومي شاعرن جا نغما نشر ٿيڻ لڳا، جن جو سڄو ڪريڊٽ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڏانهن ٿو وڃي.

ان ۾ ٿورو ٻه شڪ نه آهي ته ماڻهن مون کي مجتا ڏني آهي ته مون شيخ ايياز کي ڳائي مشهور ڪيو آهي، پر سچ پچو ته شيخ ايياز کي مشهور ڪرائڻ ۾ وڏو هٿ جويي صاحب جو آهي، مان ته اهو ٻه چوندس ته شيخ ايياز کي ماڻهن ۾ مقبول ڪرائڻ لاءِ خود سائين محمد ابراهيم جويي صاحب شعوري طور منهنجو ئي انتخاب ڪيو هو. مون کي اهو ڏينهن اڄ ٻه ياد آهي، جڏهن سکر ۾ ملهائجندڙ "سنڌي شام" ۾ وڃي هليو هو، ۽ اُتي جي آرگنائيزرن وٽ منهنجو نالو ڳائڻ ۾ لکرايو هئائين، اتي مون پهريون پيرو شيخ ايياز جون ٻه قومي وايون: "سنڌ ديس جي ڏرتي توتي، پنهنجو سيس نوايان، مٿي ماڻي لايان"، ۽ "سهندو ڪير ميار او يار" ڳايون هيون، جيڪي مون پنهنجي ساڻين سان گڏ، جيڪب آباد واري "جشن لطيف" ۾ ٻه ڳايون هيون. انهيءَ شام سنڌي شام ۾، سنڌ جا سوين اديب ۽ شاعر موجود هئا، ۽ خود مرحوم حيدر بخش جتوئي ٻه موجود هو.

مان پنهنجي واکاڻ ڪرڻ نه ٿو چاهيان، پر اهو ٻڌائڻ ٻه ضروري ٿو سمجهان ته شيخ ايياز جون اهي ٻئي وايون پهرين مون ئي ڳاتيون آهن. انهن ڏينهن ۾ سکر جي ان "سنڌي شام" ۾ فقير عبدالغفور مرحوم (الله بخشيس) شيخ ايياز جي هڪ ٻي وائي، "نانگو آهيان، نانگو يار، پهتو آهيان ڪاڪ ڪنڊيءَ تي، لاهي سر جو سانگو يار" ڳائي هئي.

راڳ اصل ۾ آهي ٻه انهن لاءِ، جيڪي سر جو سانگو لاهي ٿو ڇڏين. راڳ توڙي قومي خيالن جي سلسلي ۾ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب منهنجي ذهني تربيت ٻه ڪندو هو. پاڻ موڪلن ۾ حيدرآباد ٻه هليو ويندو هو، ته ٻه همت افزائيءَ جا خط لکي منهنجا حوصلا وڌائيندو هو. مون وٽ سندس خط ته محفوظ آهن، پر انهن جو هڪ هڪ لفظ ٻه ياد اٿم. حالانڪ هن وقت قومي گيتن ڳائڻ جو رواج ذري گهٽ ختم ٿي ويو آهي، پر مان اڃا تائين سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي ان هڪ سِٽ تي گِٽ ڏيو بينو آهيان، جيڪا پاڻ ڪوهاٽ مان مارچ 1968ع ڌاري لکيل هڪ خط ۾ لکي موڪلي هئائين ته: "مون کي يقين آهي ته اوهان انهيءَ طرف ۽ انهيءَ ميدان ۾ جيئن پوءِ تيئن اڳتي قدم کڻندا هلندا، دل جي خوشيءَ ۽ پٽ قومي فرض ادائيءَ جو وڏو سامان، اسان لاءِ ان ۾ ئي موجود آهي."

(روزاني "عوامي آواز"، ڪراچي 13- آگسٽ 2002ع)

محمد ابراهيم جويو_ هڪ علمي شخصيت

ڈاڪٽر نور افروز خواجہ

سنڌ ڌرتيءَ تي هن وقت تائين ڪيتريون ئي نالي واريون، عظيم هستيون ۽ صوفي بزرگ پيدا ٿي چڪا آهن. هتي ڪيترن عالمن، اديبن، شاعرن، محققن ۽ تاريخدانن ۽ جنم ورتو آهي، جن پنهنجي پنهنجي دور ۾ گهٽائي اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، انهن ۾ ڪي سياسي، سماجي ڪارڪن هئا تہ ڪي مذهبي شخصيتون. ڪي قوم پرست ليڊر هئا، تہ ڪي هن ڌرتيءَ سنڌ جي نالي تي پاڻ ڪي قربان ڪندڙ ۽ هئا، انهن سڀني جون ڪيل خدمتون اڄ تائين ياد ڪيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي ڏسيل واٽ تي اڄ جو نوجوان عمل ڪندو، نيون راهون گهڙيندو رهي ٿو.

سنڌ ۾ هن وقت ۽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ اهڙيون شخصيتون موجود آهن. جن ۾ محمد ابراهيم جويو پڻ شامل آهي. جيڪو هڪ محقق، اديب، نقاد، مترجم، قومپرست ۽ سڻو انسان آهي.

محمد ابراهيم جويو ولد محمد خان جويو، 13- آگسٽ 1915ع ۾ ڳوٺ واهڻ آباد، تعلقو ڪوٽڙي، ضلعو دادو (جام شورو) ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم اتي ئي حاصل ڪري، پوءِ سن ۽ ڪراچيءَ مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. جويو صاحب ننڍي هوندي کان ئي ذهين هو، هن ميٽرڪ جي امتحان ۾، سڄي ضلعي مان ٻيو نمبر حاصل ڪيو، جنهن ڪري کين وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ تي اسڪالرشپ ۽ ملندي رهي.

جويو صاحب پنهنجي قابليت، ذهانت، ايمانداري، محنت ۽ جفاڪشيءَ جي ڪري، سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن ادارن ۾ اهم عهدن تي فائز رهيو آهي. مثال طور: گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري ۽ پوءِ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سيڪريٽري، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن اسڪولز، ڊپٽي ڊائريڪٽر، بيورو آف ڪريڪيوليم اينڊ ايڪسٽينشن سروسز، سنڌي ادبي سنگت، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، سنڌ فريندس سرڪل، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، شيخ اياز فائونڊيشن، شيخ اياز چيئر، خيرپور ۽ ٽياسافيڪل سوسائٽي وغيره جو اهم رڪن ٽي رهيو آهي. نہ صرف اهو پر هن سنڌ جي وڏن ليڊرن، سائين جي.ايم.سيد، پير حسام الدين راشدي ۽ ٻين سان گڏجي، سنڌ ۾ ڪيترن ئي ادارن جو بنياد وڌو آهي.

جويو صاحب ننڍي هوندي کان ئي هڪ ذهين ۽ قابل شخصيت جو مالڪ هو، هن 14 سالن جي عمر ۾ ستين ڪلاس ۾ پڙهندي، سنڌيءَ ۾ پهريون مضمون "پجري جا پکي" لکيو، سندس ٻيو انگريزيءَ ۾ لکيل مضمون (Democracy in School Administration) هو، جيڪو سنڌ مدرسي جي ڪرانيڪل ۾ 1946ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ کان علاوه پاڻ ٻين ٻ ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون ۽ مقالا لکندو رهيو، انهيءَ کان علاوه جويو صاحب

کيترائي ڪتاب لکيا آهن، ترجمو ڪيا آهن، ڪيترا ڪتاب ايڊٽ ڪيا آهن. ڪيترن ئي ڪتابن جا مقدمہ، پيش لفظ، گذارشون ۽ تبصرا لکيا آهن. پاڻ هڪ سنو نقاد پڻ آهي، انهيءَ ڪري ڪيترن ئي ڪتابن جو تنقيدي جائزو پڻ ڪيو اٿن.

جويي صاحب جو پهريون ترجمو ڪيل ڪتاب 'Historical Role of Islam'، 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو' جي نالي سان 1945ع ۾ شايع ڪرايو. اهڙيءَ طرح ٻيا ب ڪيترائي ڪتاب مثال طور: Emile or Education, Life of Gallileo, The Right to Heresy, Savages Survivals, Education of Child, An Elementary course in Philosophy، محڪريءَ جا مضمون وغيره ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. جيڪي معياري ۽ اعليٰ پايي جا ڪتاب ليکيا وڃن ٿا.

جويي صاحب جو پهريون طبعزاد ڪتاب (Save Sindh, Save the Continent) 1946ع ۾ شايع ٿيل آهي. انهيءَ ڪان پوءِ 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت'، 'شاهه، سچل ۽ سامي'، 'اسان جي بولي'، 'اسان جي تعليم' وغيره جهڙا بهترين ڪتاب لکيا آهن. سندس هن وقت تائين ب ڪيترائي ڪتاب اڻڇپيل موجود آهن. مثلاً: 'ننڍي نه هيريو نيٽ (مهاڳ، انٽرويو ۽ ترجما)'، 'ڪلچر، قومي ٻڌيءَ جو بنياد'، 'منهنجا بزرگ، دوست ۽ ساڻي'، 'سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس' وغيره لکيل آهن، جيڪي سنڌ جي وڏن ادارن کي ڇپرائڻ گهرجن.

جويي صاحب جي مضمونن بابت مون اڳ ۾ ب ذڪر ڪيو آهي ته پاڻ مختلف موضوعن تي مقالا لکيا آهن. مثال طور: سندس "آتر ڪٽا تي، منهنجا مٽ مائٽ، هڏ رت، ماءُ پيءُ"، "سائين ٽيڪن مل منهنجو پهريون استاد"، "سنڌو، اسان جو قومي درياهه"، "اڪٽ ڪهاڻي ڪبير جو مهاڳ"، "سنڌ آڇپي لاءِ واجهائي رهي آهي" وغيره شامل آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، سندس لکيل ڪتابن بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته:

"جويو صاحب نثر جو استاد ۽ لافاني سنڌي نثر جو خالق آهي، اسان وٽ اها مجيل حقيقت آهي ته نثر لکڻ ۾ فارم ۽ ٻوليءَ جي خيال کان جويو صاحب، انهن چند عالمن مان آهي، جن کي سَنَڊَ طور قبول ڪري ٿو سگهجي. هو نثر جو ماهر استاد آهي، هن اسان مان تمام گهڻن کي سنڌي نثر لکڻ ۾ مدد ڪئي آهي(1) (ص 40)."

جويو صاحب هڪ قومپرست ليڊر آهي، پاڻ سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عظمت کي برقرار رکڻ لاءِ هميشہ ڪوششون ڪندو رهيو آهي. جڏهن سنڌي ٻارن کي اسڪول ۾ پرائمري ڪلاس کان انگريزي پڙهائڻ يا سنڌي پڙهائڻ جو مسئلو پيش آيو، تڏهن ڪيترائي مذاڪرا ريڊيو، ٽي.وي ۽ اخبارن ذريعي پيش ڪيا ويا، انهن سيني ۾ جويو صاحب هميشہ اها هدايت ڪندو هو ته ٻارن کي پرائمري کان سنڌي پڙهايو پوءِ پنجين ڪلاس کان (جيئن اڳ ۾ پڙهايو ويندو هو)، انگريزي پڙهائي وجي، پاڻ ڪڏهن ب پرائمري کان انگريزي پڙهائڻ جي حمايت نہ ڪئي، سندس چوڻ هوندو هو ته ٻار کي ننڍپڻ کان سنڌي پڙهائي وجي، ته جيئن ان جو بنياد مضبوط ڪيو وجي.

انهيءَ کان علاوه جويي صاحب، سنڌ جي وڏن عالمن، اديبن، ۽ سرڪاري ماڻهن سان گڏجي، سنڌ ۽ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد ۾ سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد ۾، سروٽس آف سنڌ سوسائٽي ڪراچيءَ ۾، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد ۾، شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد ۾ ۽ ٻيا ب ادارا قائم ڪرايا. انهن ۾ پاڻ هڪ ايماندار رڪن جي حيثيت ۾ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان فرض انجام ڏنا. انهن ادارن طرفان هر وقت ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪرائيندا رهندا هئا ته جيئن سنڌي ٻوليءَ سنڌي ادب وڏندو ويجهندو رهي، ترقي ڪري ۽ گهٽي ڪان گهٽا ليکڪ پيدا ٿين. جويو صاحب ڪڏهن ب ڪنهن اداري ۾ معاوضي طور ڪم ڪونہ ڪيو، پر هڪ قومپرست خادم جي حيثيت ۾ اهي فرض انجام ڏيندو رهيو. ايستائين جو ڪيس وڏن وڏن ايوارڊن ۾ مليل رقم ب عطيي طور ڏيئي ڇڏيندو هو، تڏهن ته اهي ادارا وڌيا، ويجهيا ۽ اڄ تائين قائم دائم رهندا اچن، سندس باري ۾ سائين جي.ايم.سيد بلڪل بجا فرمايو آهي ته:

"جويو صاحب بورڊ ۾ پگهادار جي حيثيت ۾ ڪم نه ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مثنويءَ ۽ هڪ قومپرست سنڌيءَ طور ڪم ڪيو آهي (ص 23)."

جويو صاحب پاڻ سنڌي لٽنگئيج اٿارٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي اعليٰ مقام تائين پهچائڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو، سندس اهم ڪارنامو "مهراڻ" رسالو جاري ڪرڻ آهي، جنهن جي ڪري ورهاگي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ جيڪا کوٽ هئي، ان جو پورائو ٿيندو رهيو ۽ سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکندڙ اديبن ۾ هڪ نئين جان اچي ويئي، ڪيترائي نوان ليکڪ پيدا ٿيا، ڪيترن اهم ليکڪن جون لکڻيون رديءَ ۾ پيون هيون، اهو خزانو ٻاهر نڪتو، پڑهندڙن کي نيون نيون شيون، نيون راهون ۽ نوان گس مليا. اهو "مهراڻ" رسالو ان وقت هڪ مضبوط ۽ معياري رسالو هو جنهن جي ذريعي سنڌي نثري توڙي نظمي ادب، لوڪ ادب، معياري ادب، افسانا، ڪهاڻيون، شاعري، ايڊيٽوريل وغيره سابع ٿيندا رهيا ۽ اڄ به اهو "مهراڻ" رسالو باقاعدگيءَ سان جاري ٿيندو رهي ٿو. جنهن جي ذريعي مختلف وقتن تي سنڌي اديبن جا نمبر شايع ڪري شاعر نمبر، ايار نمبر، گرامي نمبر، ڊاڪٽر بلوچ نمبر، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ خاص نمبر، شمشيرالحيدري خاص نمبر، محمد عثمان ڊيپلائي خاص نمبر وغيره ۽ هاڻ جويو صاحب جي 100 هڪ سؤ سالہ جنم ڏينهن تي، ابراهيم جويو نمبر شايع ڪري، انهن سيني عالمن جي لکڻين کي شامل ڪري، سندن خدمتن بابت ليک لکرائي شايع ڪرايا ويندا آهن. "مهراڻ" رسالي بابت مختلف عالمن جي راءِ اها آهي تہ: "مهراڻ سرڪاري رسالو هوندي بہ ڪلئي نموني سنڌيات جو پرچار ڪندو رهيو آهي."

"جويي صاحب جو سڀ کان اهم ڪارنامو، سنڌي ادبي بورڊ کي سندس جي ماضيءَ جي ادب جي حفاظت جو پندار بنائڻ آهي، پر ان کان بہ اُتم ڪارنامو مهراڻ جي ايڊيٽري آهي(3)."

جويو صاحب سنڌي ٻوليءَ جو فدائي آهي، پاڻ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي هر مسئلي ۾ اڳواڻ نظر ايندو آهي، پوءِ چاهي اهو سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ جو مسئلو هجي، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جو مسئلو هجي، سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ، سکڻ، سيکارڻ کان وٺي سرڪاري حيثيت، قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ هجي يا ڪنهن اديب يا شاعر جي ڪتاب جي مهورت هجي، ورسي هجي يا پاڪستان يا هندستان مان آيل اديبن سان ملاقات هجي، ڪنهن مسئلي تي ريلي ڪيرائڻ يا ڪنهن قومي مسئلي تي ڏرٽي ۾ ويهڻ، نئين سال جي آمد ۽ گذريل سال جي موڪلائڻ لاءِ درياءِ تي سڄي رات 31- ڊسمبر تي برف جهڙي سيءَ ۾ ويهڻ يا پٽ شاهہ تي نئين سال جي نئين سج جي آمد جو انتظار ڪرڻ، درگاهن تي گل چاڙهڻ، دريائن ۾ ڏيئا ٻارڻ، پاڻيءَ جي ڪوٽ تي درياءَ تي ويهي گل وجهي گڏجاڻي ڪرڻ، دعائون گهرڻ يا ڪنهن صوفي بزرگ جي پيدائش يا ورسي واري ڏينهن تي اتي مزارن ۾ حاضري پرڻ، پوءِ چاهي گرمي هجي يا سردي، مينهن هجي يا طوفان، جويو صاحب ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪندي، سيني سان گڏجي ان ۾ شرڪت ڪري، مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جويي صاحب کي ڪهڙي بہ حڪومت هجي، سندس ڪيل خدمتن جي ڪري هرهڪ عزت ڪندو رهندو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. جويو صاحب ڪنهن بہ ادبي ڪانفرنس ۾ صدارتي تقرير ڪندي، وقت جي پرواهہ نہ ڪندو، پنهنجي صحت جي پرواهہ نہ ڪندو، حالانڪ ٻاءِ پاس ڪرائڻ کان پوءِ ڊاڪٽرن کيس گهٽو وقت ويهڻ ۽ گهٽو ڳالهائڻ جي منع ڪئي هئس، پر پاڻ پورو وقت انهيءَ ڪانفرنس چاهي هڪ ڪلاڪ هجي يا پنج ڪلاڪ، ويٺو هوندو آهي ۽ پنهنجي تقرير جيڪا پلي ڪيڏي بہ ڊگهي ٿي وڃي پرواهہ نہ ڪندو آهي. پر انهيءَ تقرير ۾ هميشہ قومي مسئلن، قومي اتحاد، سنڌي قوم ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻ واري موضوع کان علاوه هڪ قابل اسڪالر وانگر ڪيترين ئي اهم ڳالهيون بيان ڪندو آهي، جنهن سان نوجوان استفادو حاصل ڪندا رهندا آهن.

جويو صاحب هڪ قابل استاد ۽ رهيو آهي، درس و تدريس کان واقف هو، انهيءَ پاڻ سنڌيءَ ۾ درسي ڪتاب ۽ لکيا، مثلاً: سنڌي ريڊر، سنڌي ڪتاب، سماجي اپياس، سنڌ جي تاريخ، استادن لاءِ رهبر وغيره. اهڙيءَ طرح پاڻ سنڌ جي وڏن وڏن ادارن طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن کي ايڊٽ پڻ ڪيائون، پاڻ اڪثر ڪري انهن ادارن طرفان ڪتابن تي راءِ ڏيڻ يا انهن کي انعام و اڪرام ڏيڻ لاءِ جج ۽ ٿي رهيا آهن.

جويي صاحب جي لکيل ٻين ڪتابن سان گڏ 'شاهه، سچل ۽ سامي' هڪ اهم ڪتاب آهي، هن ڪتاب بابت سائين جي.ايم.سيد فرمايو آهي ته "سنڌ ۽ سنڌ جي ڏکويل ماڻهن لاءِ هيءُ (شاهه، سچل ۽ سامي جي تصنيف) ۽ هڪ اهم ۽ وقتائتي ڪوشش آهي؟"

هن ڪتاب ۾ جويي صاحب، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جي شاعريءَ جو تقابلي مطالعو پيش ڪيو آهي، هن ڪتاب بابت محمد عثمان ڏيپلائيءَ لکيو آهي ته: "هي ڪتاب (شاهه، سچل، سامي) ۾ اوهان سنڌي قوم جي سياسي، مذهبي ۽ ثقافتي تاريخ جو تت ڏنو آهي(5)."

شاهه، سچل ۽ سامي جنهن دؤر جا شاعر هئا، ان دؤر يعني ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر ۾ سنڌ جي عوام کي غلام بڻائي، جيڪي ظلم ۽ زيادتيون ڪيون ويون، انهن جي مال، ملڪيت، ڌن دولت کي لُٽي ڦري، سنڌين کي تباهه و برباد ڪيو ويو. ايستائين ڪمزور بنايو ويو جو عوام انهن ظالم حاڪمن خلاف آواز ۽ نٽي اُٽاري سگهيو. اهي ان دؤر ۾ ڪمزور ۽ بيوس بڻجي ويا هئا، پر هنن شاعرن، پنهنجي شاعريءَ پنهنجي پيغام ذريعي عوام ۾ انهيءَ جي خلاف بغاوت ڪرڻ جو شعور پيدا ڪيو. محترم رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

"جويي صاحب هن ڪتاب ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪل پاسائينءَ سماجي ارتقا ۾ معلوم ۽ نامعلوم بيشمار عظيم ماڻهن جو هٿ رهيو آهي، شاهه، سچل ۽ سامي ۽ ان جا اهڙائي عظيم معمار هئا. هنن اسان جي محبوب بزرگن، اسان کي پنهنجي سلامتي، آزاديءَ ۽ خوشحالي لاءِ ڪهڙي سکيا ڏني ۽ چا ٿي سيکارڻ گهريو." اوهان جي ڪتاب اسان کي اها ڳالهه سمجهائي آهي(6)."

سنڌ جي هنن ٻنهي شاعرن "شاهه، سچل ۽ سامي" سنڌ جي ماڻهن ۾ سنڌي سماج جي قومي اتحاد لاءِ جيڪي تاريخي دليل ڏنا آهن، سي هر باشعور ماڻهن لاءِ مشعلِ راهه وانگر آهن.

سنڌ جي اهڙي ڏکئي دور ۾ لطيف سائين پنهنجي فڪر ذريعي ماڻهن کي جيڪو ٻڌي، اتحاد، همت، جدوجهد، تتيءَ ٿڌيءَ کاهه، کانهي ويل ويهڻ جي، متان ٽئي اوندهه، پير نه لهين پرينءَ جو، جهڙو پيغام يا پسو پکيئڙن کي، پرت نه چنن پاڻ، جهڙي پيغام ذريعي ماڻهن کي متحد ڪيو، ۽ انهن کي پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هڻ پالا وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍال جو درس ڏيئي سجاڳي پيدا ڪئي، اهو اسان جي لاءِ هڪ وڏو سبق آهي.

اهڙيءَ ريت انهيءَ دؤر ۾ بغاوت ڪرڻ جي نتيجي ۾ شاهه عنايت کي شهيد ڪرڻ، چو ته هن چيو ته جيڪو کيڙي سو کائي، يا سنڌ جي ٻين صوفي بزرگن ۽ مذهبي اڳواڻن کي قتل ڪرائي، ماڻهن کي هيسايو ويو هو، اهڙي ئي دؤر ۾ سچل سائين ۽ ساميءَ جي مذهبي شاعري ۽ ويدن جي ذريعي جيڪو فڪر پيش ڪيو ويو، انهيءَ ذريعي سنڌي سماج متحد ٿيو محترم تاج جويو انهيءَ بابت لکي ٿو ته: جويو صاحب جو هي ڪتاب جنهن ۾ انهن ٻنهي شاعرن جو فڪر ڪهڙي ريت بيان کيل آهي.

هن ڪتاب جو مطالعو اسان کي پنهنجي عظيم شاعرن، شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي عظيم فڪر، سنيهي ۽ سندن دؤر جي سچي پچيءَ تاريخ جو نقشو پيش ڪري ٿو، هن ڪتاب ۾ فاضل ليکڪ 1689ع کان 1850ع تائين، ان سڄي دؤر جو سياسي، مذهبي ۽ تهذيبي پسمنظر بيان ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته هنن عظيم شاعرن جو ڪردار، پنهنجي دؤر ۾ ڪهڙو رهيو آهي ۽ انهن قوم جي اڳيان ڪهڙي قسم جو فڪري ادب ۽ ادبي فڪر پيش ڪيو آهي.

(ص 76)

سنڌ جا هي ٽيئي شاعر مذهبي قسم جا هئا، هنن مذهبي اصطلاحن ذريعي، سنڌ جي ماڻهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو اهو پيغام پهچايو، هنن سنڌ جي ماڻهن مان تعصب ختر ڪرڻ چاهيو، هنن هندو ۽ مسلمان اتحاد قائم ڪرڻ چاهيو، هنن ماڻهن مان لالچ، لوپ، غرور، تڪبر، مايا، موهه ختم ڪري، صرف اسلام خاطر، سنڌ خاطر ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ خاطر سيني کي متحد ڪيو. هنن پنهنجي سماج کي ڪيئن حفاظت ۾ رکيو، جويو صاحب انهيءَ بابت لکيو آهي تہ:

"شاهه، سچل ۽ سامي جي اعليٰ شاعري" پنهنجي سچ، نيڪي ۽ ڪمال حسن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ محفوظ آهي ۽ سنڌي ٻولي انهيءَ فڪر ۽ فن جي قوت سان اڄ سنڌي ماڻهن جي اجتماعي وجود ۽ ان جي اتحاد ۽ بقا جو نشان ۽ ان جي پيڙهه جي ضمانت آهي(8)."

هن ڪتاب ۾ جويي صاحب ٽنهي عظيم شاعرن شاهه، سچل ۽ سامي جي ڪلام جي فڪر، نظريي، انهن جي سوچ، مشاهدي، انسان شناسيءَ، پيار، محبت، ٻڌي، ايڪي، سچ، امن، سلامتي، عبادت، جدوجهد، منزل حاصل ڪرڻ، عالمي امن، سلامتي، انهن جي ترقي، ڪاميابي وغيره جو جيڪو پيغام ڏنو آهي، اها هڪ نئين راهه عملي، نئين سوچ، نئون تصور هو. جنهن ۾ سنڌ ۾ سڪار ڪرڻ سان گڏ، عالم سڀ آباد ڪرين جهڙيون دعائون، التجائون هيون، هنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جو شعور ڏنو، انهيءَ جي لاءِ کين نئين راهه عملي ڏيکاري. قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياسي جي راهه، مشترڪ مفادن ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت ۽ رواداريءَ ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قرباني، پاڻ فنا ڪري مقصد حاصل ڪرڻ واري راهه، سسئيءَ جو مثال ڏيئي ٻيهر ڇاپي ڇاڻ ڇڻي اهي اوصاف پيدا ڪرڻ واري راهه سيکاري، هنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو. غلاميءَ جي زندگيءَ جي خاتمي ڪرڻ ۽ شينهن جهڙي زندگي گذارڻ جو خواب هو.

هنن وٽ ان خواب جي تڪميل جي راهه ٻه هئي، رستو ٻه هو، ٻيائيءَ ۽ ويچي کي ختر ڪرڻ، پنهنجن کي تہ پنهنجو ڪرڻ، پر ٻين کي ٻه پنهنجي عمل ۽ اخلاق ذريعي پنهنجو ڪرڻ جو، ٻڌي ۽ ايڪتا جو، سچ ۽ نيڪيءَ جو، عزت ۽ احترام جو، سچي ماڻهپي ۽ ماڻهوءَ جي مريادا، مان ڏيڻ، ماڻهن جي خدمت ۽ شيوا ڪرڻ، پيار ۽ انساني تهذيب جي عروج ۽ پنهنجي حصي جي فرض ادا ڪرڻ جو سبق شامل آهي.

آخر ۾ آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي هن وڏي عالم کي سندس 100 سالہ جنم ڏينهن تي مبارڪون پيش ڪريان ٿي ۽ مالڪ کان دعا آهي تہ کيس صحت ۽ تندرستيءَ سان وڏي ڄمار ڏئي تہ جيئن سندس سايو سنڌي قوم تي ۽ پنهنجي قوم جي ترقي ۽ پلائي، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي سماج تي هميشہ قائم رهي.

جويو صاحب جي هنن علمي ادبي ۽ سماجي ڪاوشن جي عيوض سنڌ جو هر ادارو سندس 100 سالہ جنم کي ملهائيندي کيس خراج تحسين پيش ڪندو، اسان کي ۽ اڄ جي نوجوان نسل کي اهڙن قومي درد رکندڙ، ادارا جوڙيندڙ، ادارن ۾ پنهنجي تن من سان ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي ۽ انهن مان سبق پرائڻ گهرجي، گڏوگڏ "مهراڻ" رسالي کي ٻه مبارڪون پيش ٿي ڪريان، جنهن سندن خدمتن کي ساراهيندي نمبر شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو آهي.

حوالا

(1) محمد ابراهيم جويو: "شاهه، سچل ۽ سامي" 1990ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

(2) تاج جويو: محمد ابراهيم جويو، 2014ع ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد

جل جل مشعل جل

(محمد ابراهيم جويي جي چونڊ تحريرن جو ايياس)

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي

محمد ابراهيم جويو 13 آگسٽ 1915ع ۾ ڳوٺ آباد (لڳ تيرٿ لکي) هاڻي لکي شاه صدر) تعلقي ڪوٽڙي ضلعي ڄام شوري ۾ جنم ورتو، محمد ابراهيم جويي جي والد صاحب جو نالو محمد خان جويو هو سندن ڪرت هارپو هئو. سندن ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٿي؛ جتان پرائمري چاردرجا سندي پاس ڪيائون، پنجون ۽ ڇهون درجو سندي پرائمري اسڪول تيرٿ لکي هاڻي لکي شاه صدر ۾ پڙهيا. 17- اپريل 1927ع ۾ سن جي اي.وي اسڪول ۾ داخل ٿيا، پنجين کان ستين درجي سندي ۽ ٿي درجا انگريزي اي وي اسڪول ۾ پاس ڪيائون. 1930ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام مان چوٿون، پنجون، ڇهون ۽ اڳوٽو ستون درجو، انگريزي پڙهيا. ان وقت ۾ ستون درجو مئٽرڪ شمار ٿيندو هو. 1934ع ۾ سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ ۾ ٻين پوزيشن حاصل ڪري ويهه روپيه اسڪالر شپ جا حقدار ٿيا. 1934ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ پهرين سال ۾ داخلا ونڊي 1938ع ۾ بي.اي پاس ڪيائون. ساڳئي سال 1938ع ۾ ئي سنڌ مدرسي ۾ اسسٽنٽ ماستر طور مقرر ٿيا، وڏيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ 1940ع ۾ سنڌ مدرسي طرفان ايس.ٽي ڪاليج بمبئي مان بي.ٽي پڙهڻ ويا. بي.ٽي پاس ڪرڻ کان پوءِ 1947ع تائين درس و تدريس سان وابستہ رهيا. ملازمت دوران ڪتاب 'سنڌ بچايو، ڪنڊ بچايو' Save Sindh save the continent from Feudal lords and capitalists and their communism لکڻ ڪري سنڌ مدرسي بورڊ جي صدر ۽ تڏهوڪي تعليم جي وزير پيرالاهي بخش سندن ملازمت ختم ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو، جنهن بعد ڪيترائي سال بيروزگاريءَ کي منهن ڏنائون. ان کان پوءِ نئي ميونسپل ۾ هيڊماستر، 1949ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ اسسٽنٽ ماستر ۽ 1951ع ۾ ٽريننگ ڪاليج مان بدلي ٿي گريڊ آفيسر II طور سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان چونڊ جي هاءِ پاور ايگزيڪيٽو ڪميٽي سنڌي لٽريچر گورنمينٽ آف سنڌ ڪراچي ۾ سيڪريٽري طور ڪم ڪيائون. 1954ع ۾ ان ڪميٽي جي سنڌي ادبي بورڊ ۾ نالي بدل سان بورڊ جا سيڪريٽري مقرر ٿيا. جتي 1961ع تائين ڪم ڪيائون. 56-1955ع ۾ بورڊ جي ٽماهي رسالي مهراڻ جا ايڊيٽر پڻ رهيا. جتي جديد ادب جي اوسر ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڪم ڪيائون. مهراڻ جو هيءُ دور يادگار دور ليکيو وڃي ٿو. هي اهو دور هو جڏهن سنڌي ادب ۽ سماج تبديلي طرف لاڙو رکيو. هيءُ دور تبديليءَ جو دور چئجي ٿو. محمد ابراهيم جويو 1961ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن سروس ڪلاس II جي عهدي تي ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن سنڌ حيدرآباد ۾ پبليڪيشن آفيسر، 1962ع ۾ ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بورڊ لاهور ۾ رهيا.

1963ع ۾ او.ايس.ڊي پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ايٽ حيدرآباد، ڪراچي ۽ ڪوئٽيا ريجن لاءِ ڪم ڪيائون.

ساڳئي سال سنڌي ادبي بورڊ جا اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيا. ان عهدي تي پنج سال رهيا ۽ ادبي بورڊ جي عمارت جو ڇام شوري ۾ بنياد وڌائون.

جولاءِ 1967ع ۾ اولهه پاڪستان ۾ پوليس جو مسئلو مضمون لکڻ تان (انگريزي ۾ لکيل) سرڪار ناراض ٿي ۽ کين بدلي ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيڪب آباد ۾ هيڊماسٽر ڪري موڪليو ويو. سرڪار نامدار جي ڏمر کين ڪوهاٽ جو پرنسپال ڪري موڪليو جتي به سال رهيا. نومبر 1969ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ سنڌ ۾ رجسٽرار ڊپارٽمينٽل ايگزئمينيشنز ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن سنڌ مقرر ٿيا. 1970ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن (اسڪولس) حيدرآباد ۾ مقرر ٿيا. 1971ع ۾ پهريون دفعو سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جا پهريان سيڪريٽري مقرر ٿيا. 1971ع ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس خيرپور ڊويزن ۾ جولاءِ 1972ع تائين اتي رهيا. 1972ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم مقرر ٿيا. 1972ع ۾ او.ايس.ڊي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ تان 12 آگسٽ 1973ع تي رٽائر ڪيائون. ڏهن مهينن لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جا ميمبر ٿي رهيا، سندن سموري ريڪارڊ ۾ اعليٰ اختيارين پاران ناراضگي سندن، صبر ۽ استقلال کي لوڏيو نه، پر همت سندن مزاج جو حصو بڻجندي رهي. مختلف ادارن سان وابستہ رهيا، سنڌي ادبي سنگت جي نئين جاڳرتا Renaissance جا اڳواڻ رهيا آهن. اجا تائين سندن وابستگي سنگت سان آهي. سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت ناهيائون، جنهن جا پاڻ صدر ۽ ان سنگت پاران 47 ڪتاب شايع ٿيا. 1978ع ۾ سنڌ فرينڊس سرڪل قائم ڪري ويهارو ڪن ڪتاب چپائي چڪا آهن.

سروٽس آف سنڌ سوسائٽي جا صدر رهندا اچن. سندن دوست ۽ ساڻي مرحوم سراج الحق ميمڻ جي تحرڪ ۽ سرپرستيءَ ۾ سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ جو بنياد رکيائون، جنهن جا پاڻ Managing trust ۽ Vice chairmen وائيس چيئرمين آهن. (سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ جي بلڊنگ سراج الحق ۽ فهميده حسين جو اباڻو گهر هو) اهڙيءَ ريت سنڌي ادبي بورڊ جا اعزازي چيئرمين، سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي بورڊ آف گورنس جا ميمبر، مالي ڪميٽي، پبليڪيشن ڪاميٽي ۽ ادبي ڪميٽي جي ميمبر طور خدمتون انجام ڏيندا رهيا.

1998ع ۾ شيخ ايياز فائونڊيشن جو قيام عمل ۾ آيو ته ان جا چيئرمين به مقرر ٿيا. ٽياسافيڪل سوسائٽي حيدرآباد جا هڪ وڏي عرصي کان صدر رهندا اچن.

محمد ابراهيم جويي جي شخصيت، هڪ ڏاهي، اديب ۽ استاد جي حيثيت ۾ وڏي مقام تي فائز آهي، پنهنجي فڪر ۽ سوچ ۾ واضح ۽ ڪليل آهي. تنهن ڪري ئي جڏهن به سندس لکڻين ۽ ترجمن کي، پڙهجي ٿو، ته ان مان اهوئي معلوم ٿئي ٿو ته هو سنڌ واسين کي نئين سوچ ۽ نئين سمجهه ۽ شعور ڏيڻ لاءِ ئي لکيا ويا آهن. روشن خيال هجي يا عقل پسندي هجي، مارڪسزم هجي يا سماجواديت يعني طبقاتي تفرقي جي خلاف جدوجهد، انساني حيات جي ارتقا، 'جنگلي جيوت جا نشان' ۽ 'تعليمي تحريڪ'، سنڌ واسين جي رهڻي ڪهڻي ۾ تبديليءَ ۽ سائنسي سوچ ۾ تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ مثالي ڪتاب آهن، سندن خدمتون ساراهڻ جهڙيون ۽ نه وساريڻ جوڳيون آهن.

محمد ابراهيم جويو ان ورثي تي يقين رکندڙ ۽ پوئلڳ آهي جيڪو صدين کان سنڌ واسين جي مزاج ۾ شامل ٿي چڪو آهي. شاهه، سچل ۽ سامي سندن فڪري عقيدي جي ساک ڏئي ٿو. علم ۽ ڏاهپ سان سندن محبت ۽ لاڳاپو، سندن شخصيت کي اُملهه بڻائي ڇڏيو آهي. سندن صوفيانو روح هميشه مادي زندگي، هلچل، سادگي، نهنائي ۽ سهپ جي نظر سان ڏٺو آهي. ٻئي پاسي همت، جاڳرتا ۽ اڳتي وڌڻ جا جواز ۽ سببن کي سمجهائڻ جا درس ڏنا آهن. سندن مثالي ڪردار (Legend) علمي ۽ عقلي پهچ ۽ جدوجهد ڪري، ڪمائتي، انداز ۾ سنڌ واسين لاءِ ڏيڏ جو سبب بڻجندا رهيا آهن. سندن اعليٰ فڪر ۽ سوچ، سماجي، سياسي، معاشي ۽ تدريسي حوالن کان گهري ۽ اثرائتي آهي، ان جي ڪري، سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌ جي سماجي ڪردار جي اهميت اپرجي آئي آهي. شعورسازي ۽ نظرين،

مارڪسزم، تاريخ ۽ مادیت جي حوالي سان سندن ڪم اهميت جو حامل آهي.

سندس خيال ۾ جديد نظريا، سماج ۽ رياست کي ترقي جي رستي تي وٺي وڃن ٿا. اهي سماجي قوتن جي مفادن جا ترجمان آهن. بنيادي رياستي انساني حقن جي تشريح ڪن ٿا. انهن جو مذهبن سان ڪو واسطو ناهي. Status cue شين کي معاملن کي"جيئن جو تيئن" برقرار رکڻ جو نظام، جنهن کي جديد نظرين ئي جنجهوڑي رکيو ۽ تبديليون آيون، ان جو مثال پندرهين صديءَ جي آخر ۽ سورهين صديءَ ۾ يورپ جي اوائلي تاريخ ۾ اهو ٻڌائي ٿي ته اتي مذهبي سڌارن Reformation پادرين جي هڪ هٿي ۽ تسلط هيٺ آيل سماج کي جيئدان مليو. ايئن پنهنجي سماج کي ڪنهن حد تائين وهم پرستي کان آجو ڪرايو ۽ پوءِ عقل پسنديءَ وارو خيال اپريو، ان جي ڪري renaissance سڃاڪيءَ جي فڪري تحريڪن جو جنم ٿيو. 16 صدي کان 19 صديءَ تائين اهڙي فڪري نظرين ۽ تحريڪن جو سلسلو جاري رهيو.

18 صدي کي ته Age reason عقليت پسندي جي صدي مڃيو ويو. جمهوريت، سيڪيولرزم، تخليقي ۽ فڪري ادب، فلسفي جون ڏارائون، مصوري ۽ موسيقي، جماليات جا تصور اهي سڀ ان دور جون حاصلات آهن، ان ۾ حاصلات کي حاصل ڪرڻ ۾ عقليت پسندي جو هٿ هو. سڄ ۾ روشن خيالي ۽ عقليت پسنديءَ جي ابتدائي لاڙن جا اهجاڻ 1947ع کان 50 ۽ 60 وارن ڏهاڪن ۾ شروع ٿيا. اهڙن روشن خيال، لاڙن جي ابتدا ٿي، جنهن جو اڳواڻ محمد ابراهيم جويو آهي، سندن سڄي حياتي، پنهنجي قوم ۽ وطن کي، فرسوده نظام ۽ توهم پرستيءَ کان آجو ڪرائڻ لاءِ، جاکوڙ ڪندا رهيا آهن.

صوفياڻي فڪر ۽ مٿين سيني علمي، فڪري سلسلن، ابراهيم جويي جي فڪري اڏار کي روايت ۽ جدت سان جوڙي ڇڏيو آهي. انڪري ئي سندن سوچ، جياپو، ڪارج سان آهي. هو ان خيال ۾ يقين رکندڙ آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته سندن شخصيت تي شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي فڪر جو پڻ گهرو اثر آهي، نه صرف گهرو پر ان گهرائپ (Depth) مان سندن شخصيت اپري نئين انسان طور سامهون آئي آهي، نون نظرين جي افاديت ۽ مطالعي کين، رياستي ۽ سماجي جوڙجڪ، ڏٺڙيل ۽ مظلوم طبقن لاءِ همٿايو آهي. پنهنجي وطن جو اونو ڪندي، سک ۽ امن پري دنيا جو خواب هن عمر ۾ به سندن اکين ۾ سرجيل آهي. همت ۽ وقار سان پُر هي شخص اياز جي چيل سٺ جل جل مشعل جل جل وانگي آهي. پنهنجي فڪر ۽ عمل سان، قوم جي اهنجن، مصيبتن کي زير نظر رکندو پئي آيو آهي.

1. سڌ جا مون سپنن ۾ سوچي: هن ڪتاب جي شروعات 'وڊيل ٽي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري' شاهه جي بيت سان ڪيل آهي. هي چند صفحا، سچ پچ ته سنڌي سماج جو پوائيتو چٽ آهي جڏهن پڙهيو، منهنجون اکيون پرجي آيون. ٿوري دير لاءِ قلم ڇڏي ڏنم من تي مونجهارو چڙهي آيو، پريي راڄ ۾ اڪيلي، سنڌي عورت جو سراپا خيال اپري آيم. نندپٽ جي يادگيري ته هميشه، من ۾ گهر ڪري ويهندي آهي. پلي اُها، دل سوز يادگيري هجي يا جيءَ کي جيارينڊ هجي. سندن لفظن ۾:

"نندپٽ جي سپ کان پهرين يادگيري جيڪا منهنجي هانءَ ۾ سدا چيندڙ رهي آهي. اُها هيءَ آهي ته آءٌ پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ وينل آهيان ۽ سندس پيرن تي جمي ويل رت جون ڳڙيون، پنهنجن پتڪڙين اڳرين سان پئي لاٿم ۽ هن روئيندي روئيندي منهنجي ڏاڏي سان پنهنجي دکي حال جون ڳالهيون پئي ڪيون، جو ڪيس سندس ٻيو گهر وارو ٻيڏوهو ماريندو هو ۽ هن پيري هوءَ رتو رت ٿي پئي هئي(1)."

پنهنجي ماءُ ۽ پيٽ پاڻيري جي جا اونهي پاٽي ۾ ٻڏي وفات ڪرڻ ۽ پاءُ عيسيٰ جي وفات، سندن زندگيءَ کي، ڏکائتو ڪيو. پنهنجي امڙ جي هميشه جدائي واري، حادثي کي هن طرح بيان ڪيو آهي. "ڪراچي مان نڪري اسان جي ڳوٺ وٽان رات جو گذرڻ واريءَ ريل گاڏيءَ ۾ آمري اسٽيشن تي لهي، پنج ميل گدڙجيءَ جي گهگهه ٻيلي وچان، پنڌ ئي پنڌ هلندي، ڳرندي، ڳوڙها ڳاڙيندي، پاڻ سان ڳالهيون ڪندي، وڏي اُسر پنهنجي ڳوٺ پهتس

معلوم ٿيو تہ امڙ ٽينُ ڪپڙن جون ڪار ۾ ٺهڪائي، پرسان تار وهندڙ درياهہ جي ڪپ تي ڏوئڻ وئي هئي ۽ اتي داهڙي تي ڪپڙا سڪيندي چاڇوليندي، پنهنجي پهروٺي ڏيءَ پاڻيريءَ جيان ترڪي، ساوٽي جي تيز وهڪري جي اڇل جو بَکُ ٿي وئي هئي.

ائين منهنجي امڙ ساهہ گهڻيندڙ عقيدن ۽ بي ترس رسمن ۽ ذاتي رنجشن، ڪِروڌ ۽ ڪاوڙ جي روين جو بک جو بَک ٿي وئي(2)."

مٽين يادگيرين جي حوالن مان، محترم ابراهيم جويو جي حساسيت معلوم ٿئي ٿي. هيترا سالن جا سال، اُنهن يادگيرين ۽ حالتن، جڙ تہ سندس شخصيت کي، سنوارڻ ۽ اُجارڻ ۾ گهڻو ڪردار ادا ڪيو آهي. عورت جي حوالي سان اونداهي مان روشنيءَ جا ڪرٽا جهپيندا رهيا آهن. ساهہ گهڻيندڙ عقيدن، بي رحم، بي ترس رسمن ۽ ڪاوڙيل روين جي مشاهدي سندس دل جي گوشي ۾ عورت لاءِ، عزت ۽ پيار پيدا ڪيو آهي. مائرن بابت سندس اهو خيال تہ: "هو ڪيئن تہ هن سماج کي، هن جڳ کي بنا ڪنهن دان جي پنهنجو جيون ڏين ٿيون ۽ عيوض ۾ ڪجهہ نہ گهرندڙ هجن ٿيون." ماضيءَ جو سبق ئي زندگيءَ جو اپياس آهي ۽ اهو اپياس اڳتي وڌڻ لاءِ حال کي سنوارڻ لاءِ آهي. سندس ئي لفظن ۾: "اسان جي ابائي ڳوٺ 'آباد' جي نندڙي دنيا بلڪ اسان جي سڄي مادر وطن سنڌ جي نندڙي دنيا، منهنجي امڙ جي جيون سان لاڳاپيل دردناڪ واقعن ۽ اهڙن ٻين انيڪ المناڪ ڳالهين جي باوجود، ساڀيان واري دنيا پنهنجو هڪ جاندار ذهن رکندڙ ۽ خوبين پريل دنيا هئي ۽ آهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڏرتي تي رهندڙ ٻين سيني پاڻ جهڙين قومن وانگر سيئي اسين سنڌي پنهنجي مادروطن سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو، پنهنجي هڪ مخصوص قومي ڏاهپ جا مالڪ ٻہ آهيون. جا اسان جي مادري زبان سنڌي ۾ موجود ۽ محفوظ آهي(3)."

ٻين ڪردارن، سندن والده ڪامُلُ کان علاوه سندن ڏاڏي آخونديائي، پيٽ پاڻيري راڇل ٻائي سان ٿيندڙ دڪدائڪ واقعن ۽ حالتن جو گهرو اثر ٿيو. نانو الهڏنو، جنهن کي سڀ ملان الهڏنو چوندا هئا. مسجد ۾ نماز ۽ قرآن پاڪ پڙهائيندو هو. سندس گهرواري نانيَ عزت سڏبي تہ مليائي هئي پر ديني تعليم ڪانہ هئس. نانو احمد، جنهن جون پنهنجون ارڏايون مشهور هيون، پر هرڪوئي سندس هن طبعيت کي سهندو هو، پر هُو ڳالهين جو ڳهير ۽ هڪ طرح سان دلعزيز شخصيت هو، جو، ماڻهن جا ميڙا متل هوندا هيس. محترم جويي جي لفظن ۾ "آءٌ تہ پهرن جا پهر سندس دکڻ ۾ ويهندو هئس جو ڪم ٻہ ڪندو هو ۽ ڳالهيون ٻہ پيو ٻڌائيندو هو." نانيَ بادل مرهيات وٽ ويندا‌سين جيڪو واڍو هو ۽ سندس دلچسپ ڳالهيون ڪڏهن کٽڻ جون نہ هيون. ان وقت جي سماجي ۽ مذهبي حالتن ۽ وهنوار، وڏڻ وٽان ٻڌل گفتن، ميڙاکن ۽ گڏجاڻين، انيڪ المناڪ حادثن ۽ ڳالهين، جدا‌ين ۽ ميلاپن، نندڙي ابراهيم کي استاد جي اعليٰ عهدي تي فائز ڪيو. لڳي ٿو تہ سندس پهرين استاد ٽيڪن مل جو سندس تربيت ۽ سوچ تي گهرو اثر ڇڏيو.

سندن نندپڻ جا ڪي واقعا ۽ پهرين استاد جي تعليم ۽ تربيت جي سڪيا جي يادگيرين مان سندس شخصيت تي روشني وجهن ٿيون. سندن هڪ ياد سائين ٽيڪن مل جي حوالي سان آهي. "سائين جي اها ڏمر لڳي پئي هوندي هئي تہ دوا آهي ڪڙي، مٿي هجي ڪلي ٻہ ونبي روئي ٻہ ونبي! دک دوا ٻئي ڳالهہ ساڳي روئي سهڻ بدران ڪلي سهجن تہ سنا!"

هڪ استاد ڪيئن ٿو پنهنجي شاگرد کي سمجهي ۽ ان ۾ اميد رکي ٿو. تنهن جو اندازو هن واقعي مان ٻہ ڪري سگهجي ٿو پاڻ لکن ٿا.

"آءٌ يانيان ٿو تہ ٻئي درجي يا ٽئين درجي ۾ هوس جو هڪ پيري ڏاڏيءَ سان گڏجي دريا جي تڙ ٽئي ويس. منهنجي هٿ ۾ ٽي چار ماچيس جا خالي ڪوڪا هئا. جن کي ٻهراڙي ۾ باڪَسَ (واحد: باڪس) چوندا هئاسين، اُهي مون ٻاراڻي خيال کان گڏ ڪيا هئا. منهنجي ڪيسي ۾ ڪي ٻہ ٽامي وارا، تڏهوڪي دؤر جا ڳرا سڪا ٻہ هئا. ٻہ انهن جا اڌ يعني اڌيلا ٻہ، ۽ هڪڙو ٽامي جو ٽڪو جيڪو اڇوڪي رپئي کان ڏيڏوٽو وڏو هو. گهٽ ۾ گهٽ ٻيٽو ڳرو هوندو هو. ڏاڏيءَ کي ڪوندي ڪپڙن جي ڏوئڻي هئي ۽ مان ويهي ڪپ سان اتي راند ڪرڻ لڳس. ڇا ڪيم، جو

هڪڙو باڪس کولي ان ۾ هڪڙو پئسو وجهي، اوپاري هٿ کان ڪٽي پاڻي ۾ ڇڏير ته اهو ترندو جڏهن منهنجي لهواري هٿ تائين آيو ته ان کي وري ڪٽي ورتم. پوءِ ان ۾ ٻيو پئسو وڌم ۽ وري به، ان کي اڳي وانگر تاري ڪٽي ورتم. پوءِ ان ۾ ڪٽي ٽو ٽڪو به وجهان پر اهو مٿان ترندو منهنجي لهواري هٿ تائين پهتو ئي مس ته ڇڙڪ ڪري پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو، ان جو سبب شايد اهو به هو ته ٻه ٽي پيرا تري اڇڻ ڪري ان تي ڇنڊيل پنو پسي پت ٽي ويو هو ۽ مٿان جو پيس ڳري ٽڪي جو بار سو سٽ سهي نه سگهيو ۽ ٻڏي ويو. باڪس جو ٻڏڻ ۽ منهنجو ان کي جهلڻ جي لاءِ هيٺ ٽِڪ ۾ هٿ هڻڻ. بس ان ۾ منهنجو پير ترڪي ويو ۽ وڃي پاڻيءَ ۾ پيس ۽ اڌلي پيٽ پر پٽجي، ڪپ جي چيڪي منڊيءَ کي هٿ سان رهڙڻ لڳس. ڏاڏيءَ جو اهو حال ڏٺو سو رس رسول خدا جا! ڪري وئي پاڻيءَ ۾ مون ڏانهن اچل ڪاڏائين ۽ مون کي پڪڙي ڪٽي مٿي اچلبائين. بس پوءِ هلي پچا ڳاڇا، ۽ مون سچي ڳالهه ڪري ٻڌائين. چو ٽي ايئن ڪيئي! ٻيڙي کي ٽي تاريم. پئسا چو ٽي وڌئي ـ بار ٽي ڪٽايومانس!" بهرحال ڳالهه سڄي ويڑهي ۾ پکڙجي وئي ته آخونديائي جو پوٽو خدا ڪٽي بچايو آهي. ڏاڏو چوڪر آهوند ٽي پيو آهي! باڪس ۾ ٽا پيسا وجهجن سو ٽو درياءَ ۾ تري! درياءُ جو به ڪو ڊپ نه! پهريون پهريون ته ڏاڏي ڪنج ڪيي، پوءِ ڏاڏيءَ کن مهٽ ڪئي، امڙ گوڏي ويهاري ڳوڙها ڳاڙيا ۽ ٻئي ڏينهن هلي دانهڻ سائين ٽيڪڻ مل وٽ. سائين ٽيڪن مل سڄي ڳالهه ٻڌي، مون کان پڇيو: پُٽ ابراهيم! پاڻيءَ مان چا ٽي ڪڍيئي؟

سائين باڪس جي ٻيڙي ـ

ان ۾ پيسا چو وڌئي؟ـ

سائين بار ٽي ڪٽايومانس. اهو ٻڌي سائينءَ ڏاڏيءَ کي چيو ته آخونديائي، تنهنجو هيءَ پٽ ته پاتاري ٽيندو! هن ته ٻڌل ٻيڙي ٽي ٻاهر ڪيي! هيءُ پيسي جي پنيان نه پچ (چگو ڪر) جي پنيان هوندو. هيءُ سوار ٽي نه، پر سهڪاري ٽيندو." هن واقعي جو حوالو ان ڪري ڏنو ويو آهي ته ننڍڙي ابراهيم جويو جي راند ۽ هڪ استاد جي فهم ۽ فراست دانائيءَ جو سبق، ننڍڙي ابراهيم جويي لاءِ امتحان ۽ زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويو. هڪ استاد جي فڪري تعليم ۽ سمجهاڻي ڪيئن نه ٻار کي سڌاري ٽي ۽ ذهني شعور عطا ڪري ٽي.

ابراهيم جويي، پنهنجي ننڍپڻ جي مختصر يادگيرين کي، ائين ئي محض تحرير نه ڪيو آهي، پر ان ۾ هڪ وڏو مقصد سمايل آهي. بلڪ، سنڌي سماج کي آرسي ڏيکاري آهي. ڪامُ (سَڈ) ڪروڌ (ڪاوڙ) لوپ (هيچ) موهه (انڌو چاهه) اهنڪار وڏائي، اڇوڪي انسان جا ڪُلَچَڻَ نه پر بريون عادتون ۽ خصلتون آهن. ان پلي استاد جي سمجهاڻي موجب: "اهي ئي پنج خراب عادتون يا ڪُلَچَڻَ ماڻهو جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. جيڪو ماڻهو انهن کان بچي ٽو، سوئي ماڻهو، ماڻهو ٻڌجڻ جي لائق ٽو ٻڌجي، چو ته ان ۾ ماڻهپو پيدا ئي پوءِ ٽو ٿئي (4)."

اڳتي وڏي سمجهاڻي آهي. جيڪا سائينءَ 'ٽيڪن مل' ننڍڙي ابراهيم کي ڏني. جنهن ۾ اڇوڪي سماج ۽ وهنوار لاءِ پڻ وڏي اهميت واري آهي. ڪَتيءَ جا نارَ چڑهيل هئا ۽ هڪڙي نار ۾ پلو جوڙو ڏاند جو پئي وهيو. پاڻي ڪينگرين مان لار ڪندو وهندو پاڙچ ۾ پئي ويو. ائين به پئي ڏٺو ڇڻ هڪڙي نار جو نه پر ٻن نارن جيترو پاڻي هو. جو اڏ کي ٽپ ڪري پئي وهيو. سائين نار ڏانهن نهاري چيو! هي نار ڪيئن نه نِڪ ناڪ پيو ڪر ڪري! هي ان ڪري ٽيڪ ناڪ ڪر پيو ڪري، چاڪاڻ ته ان جو هرهڪ پرزو ۽ هرهڪ حصو ٽيڪ ناڪ آهي ۽ صحيح نموني سان ڪر پيو ڪري! جيڪڏهن ان جو ڪو هڪڙو پرزو به: ڳاڏي، چڪر، لٽ ۽ ٻنگو، مالهه، پاڙچ، ٽهڪڻ وغيره پنهنجو ڪر صحيح طريقي نه ڪري ته هوند نار بيهي رهي، ۽ ان جو سڄو ڪارج ئي ختم ٿي وڃي."

اڳتي ڪي اهڙيون حقيقتون آهن جيڪي سادگيءَ سان بيان ٿيل آهن جن کي اڇوڪي، منظرنامي ۾ ڏسجي ته ڪي پريشان ڪُن حقيقتون آهن. سائين ٽيڪن مل جي لفظن ۾: "اهو لکيءَ جو شهر آهي! ان کي به پاڻي ملڻو آهي. ڪيئن نه هي سڀ ٻار هڪ ٻئي سان ڳنڍيا پيا آهن.! سيني کي پاڻي گهرجي، سيني کي ملندو پر هڪ کان ٽيندو ٻئي کي ۽ ٻئي کان ٽيندو ٽئين کي ۽ ائين سڄي ڪيت کي

پاڻي ملندو ۽ سڄو ڪيت پڇندو ۽ اُن ڪندو. پهرئين ڪنهن کي ٿو ملي ان جي ڪا ڳالهه ڪانهي. جنهن ٻار کي پنهنجي واري جو پاڻي مليو، تڏهن ان کي ڄڻ اهو پهريون مليو. "ائين هڪ ٻئي جي معاشي ترقي، ملڪ جي ترقي بنجي ٿي." آخري سٽون " ائين هيءَ اسان جي آسپاس جي ننڍي دنيا هڪ ٻئي لاءِ ۽ هڪ ٻئي جي انهيءَ سهڪار تي هلي ٿي."

اهڙي تعليم ۽ تربيت ذهني نشونما ۾ هڪ ڪردار ادا ڪيو. مرد شخصيتن مان هڪ سندن استاد ٽيڪن مل ۽ ٻيو ڏاڏو مرهيات کين اڄ به ياد آهن ۽ ٻيون اُهي مظلوم عورتون جن زندگيءَ ۾ ڪا خوشي نه ڏٺي ۽ سندن زندگيءَ تي گهرا نقش ڇڏيا. سماجي مت پيد ۽ حالتون، مشاهدو ۽ اُهي مخصوص ڪردار سندن جدوجهد ۽ جاکوڙ جا ابتدائي محرڪ هئا. جن اڳتي هلي محمد ابراهيم جويو کي عقل پسند ۽ روشن خيال بنايو. نئين سنڌ جو خيال، سندن ذهن ۽ فڪر تي ڇانئجي ويو. جنهن جي بهتريءَ لاءِ هو پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن. سندن خيال مطابق ايترن ڏکن، تڪليفن ۽ ڏولاون واري دنيا پنهنجي جاءِ تي پر سوڀيا ۽ سونهن سان پريل هيءَ دنيا ۽ وطن سنڌ سان محبت ۾ هڪ وڏو محرڪ رهيو. اُن جي سوڀ ۽ سونهن لاءِ، خير ۽ نيڪيءَ وارا ڪم ڪندا رهيا آهن.

'سنڌ جا مون سپٽن ۾ سوچي' ۾ ورهاڱي ڪان اڳ ننڍي کنڊ جي سياسي صورتحال، ۽ سنڌ جي سياسي، معاشي، سماجي صورتحال ۽ سنڌ جي موجوده حالتن تي لکيل مواد شامل آهي. تاريخ جو ادراڪ رکندي ابراهيم جويي عوام جي آڏو حيرت انگيز مواد رکيو آهي. سنڌ وطن ۽ قوم لاءِ هي وڏو سرمايو آهي. هن مواد ۾ تاريخ جو مطالعو، سائنس ۽ سيڪيولرزم جي تحت، تجزيو ڪندي نتيجا ڪڍيا ويا آهن. جيئن باب ' تر جي گٽي سنڌ' ۾ انهن سياسي، سماجي حالتن کي بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري سنڌ هڪ آزاد ۽ خود مختيار وطن ٽيڊ بدران صوبو بڻجي وئي، ان کان علاوه سنڌ بابت سماجي سياسي ۽ فڪري مضمون بولي ۽ تعليم، پاڻي ڪيس جهڙا مقالا شامل آهن. جيڪي موجوده سنڌ جي تاريخي، سياسي ۽ سماجي حالتن جو گهرو ايياس آهن. هن ڪتاب جو عنوان 'تر جي گٽي سنڌ' انگريزي ڪتاب Save Sindh Save the Continent جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي. هن ئي ڪتاب ۾ سنڌ ۽ هند جي نوجوانن کي مخاطب ڪيو ويو آهي: "هن وقت هتي سنڌ ۾ ۽ پڙ جيئن باقي هندستان ۾ آهي، تيئن اسان جا نوجوان جن کي ننڍڙن صليبي مجاهد ٻارڙن وانگر متئين طبقي کي هشيون ڏينڊڙ ۽ غلط فائدا حاصل ڪندڙ ماڻهن جي موروثي ورهاست خاطر وڙهائي کين ڪُچيو پيو وجي. انهن مدي خارج دائمي مفاد پرستن جي توشه خاني ۾ هاڻي اهو ئي هڪڙو هٿيار باقي وجي رهيو آهي جنهن کي هو ڍال وانگر استعمال ڪري عام ماڻهن جي انهيءَ تلوار سان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ٿا چاهين جن کي ماضيءَ ۾ هنن وڏو عرصو پنهنجي لوهي شيخن جي پنيان قيد ۽ بند ۾ جڪڙي رکيو آهي." (5)

2. شاهه سچل ۽ ساميءَ هڪ مطالعو

(1700ع کان 1850ع) سندن تحقيقي ۽ اعليٰ تحرير آهي. جنهن ۾ سندن شخصيت ۽ اندر جي دنيا جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي، سنڌ جي ان اعليٰ ورثي کي سمجهايو ويو آهي جيڪو هن ديس جي نج ثمر ۽ سڃاڻندڙ آهي. ان ڪري سنڌ کي دنيا جي نقشي تي منفرد ۽ هڪ مرتبو عطا ڪيو آهي. هن علمي تحقيقي ڪم هڪ عام شاگرد کان وٺي، استاد ۽ پڙهندڙ تي اثر ڇڏيا آهن. هن ڪتاب ۾ هڪ قوم ان جي وطن ۽ سماج جو مطالعو شامل آهي، سنڌ جي سرواڻ شاعرن شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي فڪرانگيز شاعري جو تت سمجهايو آهي. لکن ٿا.

"شاعري مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو ڏسي ٿي. اُن جي خصوصيت بلڪ ان جي عظمت جو دليل ئي اهو آهي جو اها اندر جي اسرار جي ڳالهه جي اصل جي؛ اکرن جي نه، پر روح جي صورتگري ڪري ٿي (6)."

سچائي جو حصول تڏهن ممڪن آهي جڏهن سچائي جو ادراڪ، پنهنجي سر ٿئي. باري تعاليٰ جو تصور به دنيا جي شعور ۽ سمجهه ۾ تڏهن ئي آيو جڏهن تخليقي عمل تخليق ٿيو قرآن پاڪ جي آيت ۾ هن ريت آيل آهي.

"آءٌ هڪ لکل خزانو هيس، مون گهريو تہ منهنجو وجود ظاهر ٿئي. آءٌ سڃاتو وڃان، ان ڪري مون مخلوق کي پيدا ڪيو."

هڪ وڏي صوفي (مٿين آيت) حسين بن منصورحلاج اڪرن ذريعي خدا جي تصور کي بيان ڪيو. پاڻ ان جو تت هنن سٽن ۾ بيان ڪيو اٿن:

"هن جو مطلب اهو ٿيو تہ سچائي جو عمل سواءِ سچي خيال ۽ عمل جي ممڪن ٿي نٿو سگهي."

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف ۽ سچائيءَ جي سگهي ملڻ جو انسان ذات کي يقين ڏياري ٿو، اها سچائي قرآن جي آيت "وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ" جي مثل سندس اندر ۾ موجود آهي.

"جسماني ۽ مادي حاصلات کيتري ۽ اعليٰ ۽ کيتري ۽ نفع بخش هجي پر ان جهڙي بلڪ ان کان وڌيڪ اعليٰ ۽ وڌيڪ نفع بخش حاصلات، کا مبهم دريافت ۽ کا ايجاد اڃ نہ تہ سياڻي هڪ کان نہ تہ ٻئي ماڻهوءَ جي هٿان، سڀائين ممڪن هوندي آهي. انسان جي اندر (دل،روح،ذهن) ۾ جو ڪجهہ آهي ۽ اتي جو ڪجهہ اپري ۽ اسري رهيو آهي. ان کي اهڙي روپ ۾ پڌرو ڪرڻ جنهن کي ڏسي يا ٻڌي ائين محسوس ٿئي جڙ انهيءَ اڻڄاتل اندر جي اسرار جي هڪ جهلڪ ماڻهو جهڻي ورتي آهي. اها هڪ بنيادي ۽ بي بدل ذات آهي. جنهن جا رڳو فيلسوف، شاعر ۽ فنڪار ئي اهل چيا ويا آهن (7)."

مڪمل انسان ٿيڻ وارو فلسفو يا ٻُڌتو جيڪو لطيف، سچل ۽ سامي‌ءَ جي ڪلام جو ڳڙ آهي تنهن کي ابراهيم جويي نهايت ئي آسان لفظن ۾ تاريخ ۽ سماجي جوڙ جڪ جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي:

"ڪهڙي منجهہ حساب هڻڻ منهنجو هوت ري" هي سٽ ۾ ان سچائيءَ جي ڳولهڻ طرف اشارو آهي تہ 'هوت' سچو ۽ سچائي آهي. انسان ازلي سچائين کي پنهنجي اندر جي گهرائين ۾ ويهاري لازوال جدوجهد ڪري، مڪمل انسان ٿيڻ وارو خواب پورو ڪري سگهي ٿو.

3. سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي : صوفياڻي فڪر ۽ مٿين سيني علمي، فڪري سلسلن ابراهيم جويي جي فڪري اڏار کي روايت ۽ جدت سان جوڙي چڏيو آهي. انڪري ئي سندن سوچ، جياپو، ڪارج سان آهي. هو ان خيال ۾ يقين رکندڙ آهي.

مٿيون ڪتاب پهريون دفعو مارچ 2007ع ۾ Centre for peace and civil society (CPCS) پاران شايع ٿيو. هيءُ فڪر انگيز ڪتاب، ڪيترن ئي نام نهاد طور طريقن ۽ خيالن جو، استحصالي قوتن کي علمي ۽ سائنسي جواب آهي. جن مطابق سائنسي شعور سان معاشرو، زوال ڏانهن ويندو. ان کي ڪج بحثي ئي چئي سگهجي ٿو.

عوام جي ذهن ۽ مصيبتن کي، عقل، دانائي ۽ سيڪيولرزم جي مدد سان ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو. سيڪيولرزم جو فڪر تہ رياست ۽ ان جي ادارن سان ئي بحث ڪري ٿو. هي نظام ۽ فڪر مت پيد کان مٿانهون ٿي انسانذات جي پلائيءَ لاءِ سوچي ٿو.

محمد ابراهيم جويي جو هيءُ فڪر انگيز ڪتاب، سنڌي سماج ۽ سنڌ جي هر ان باشعور فرد کي عقليت پسندي ڏي ٻڌل سماج جي تشڪيل لاءِ اتساهي ٿو. ان لاءِ، بنياد فراهم ڪندي دليل ڏي ٿو. عقليت پسندي ۽ سيڪيولرزم جي روشنيءَ ۾ منطقي، علمي ۽ معروضي سچائين ۽ حقيقتن جو گهرائپ سان مطالعو ڪندي، ان جو ادراڪ ڪندي، هڪ نئين ۽ روشن خيال سنڌ جو تصور ڏنو آهي ۽ ان تصور ۽ خواب جي ساڀيان لاءِ علمي، ادبي، فڪري، سماجي ۽ سياسي سجاڳي کي اوليت ۽ اهميت ڏي ٿو. ان لاءِ پاڻ، اڳواڻي ڪندي، روشن خيال ۽ عقليت پسند سماج جي اڏاوت لاءِ سرواڻ ٿي جاکوڙ ڪندا رهيا آهن ۽ اهڙين ڪوششن ۽ جدوجهد لاءِ اڄ بہ پتوڙي رهيا آهن.

سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي ۾ پنج اهم فڪري مضمون شامل آهن جن مان پهريون "ارتقا جو نئون جنم" جي عنوان سان آهي جنهن ۾ 1987ع ۾ آمريڪي سپريم ڪورٽ پاران ڪائنات جي وجودجڙ Big Bang Theory جي سلسلي ۾ مذهب ۽ سائنس کي قطعي طور تي جدا جدا ڪيو ويو. اِهڙن مضمونن جو مقصد هي آهي تہ رياست مذهب کان ڌار هجي عقيدي جي ڪوڙين ۽ وهمي پاسن کي دور ڪري،

سائنسي، روشن خيالي ۽ عقلپسندي کي سماج ۽ زندگي لاءِ اهميت ڏجي، اِهڙن لاڙن کي متعارف ڪرائجي جنهن سان، انسان ۽ انسان ذات جي اوسر ڪرڻ ۾ سماج لاءِ دور رس، نتجا ڪڍي سگهي. آزادي، اُخوت ۽ مساوات عمل ۾ اچن.

ابراهيم جويو نون لاڙن جو تعارف ۽ انهن کي سنڌي ادب ذريعي ۽ ٻين تحريڪن ذريعي سماج تي لاڳو ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا رهيا آهن. 'سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندئ' جهڙو ڪتاب، جديد سنڌي ادب جي آبياري ۾ انهن لاڙن جي وڌڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندي هي ڪتاب، ٻنهين نظرين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏي ٿو ۽ ان جي اهميت کي نروار ڪري ٿو.

هن ڪتاب جو فڪرانگيز سمورو مواد سائنسي سوچ ۽ شعور جي ترجماني ۽ نمائندگي ڪندي آزادئ ۽ روشن خيالي، عقليت پسندي کي سمجهائيندي سنڌي سماج ۽ ادب جي اوسر ۽ ترقئ لاءِ روشن رستا ۽ راهون متعين ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ڇڻ ته نئين سنڌي سماج جي اڏاوت جا بنياد رکي ٿو. توهم پرستي ۽ جهالت جي خلاف سائنسي شعور ۽ سوچ جي سفر کي متعارف ڪرائي ٿو. انڊن ويساهن ۽ عقيدن جي جاءِ تي سائنسي ۽ شعوري، تبديلئ لاءِ نون نظرين ۽ خيالن جي ڳالهه ڪري ٿو. محترم جويو تڏهن سنڌي سماج جي ٻي ڏر جي نظر ۾ مجرم بڻجي ٿو. عوامي عدالت ۾ اڇي سماجي تاريخ جي پس منظر ۾ هٿ ٽوڪي بيداري ۽ انهن جي پاليسين ۽ پارسائي کي انهن پاران مڙهيل الزام جنهن ۾ ترقي پسند تحريڪ، ماده پرستي، سيڪيولرزم ۽ جديد نظرين کي مجڻ ۽ جديد قوم پرستئ کي ترقي ونڻائڻ وارن الزامن تي ۽ ٻين اٽاريل سطحي الزامن تي جيڪو جواب ڏنو آهي، اهو هئ آهي: "شرعي منصف پنهنجو فيصلو صادر فرمائي ڇڏيو آهي، مجرم کي نه ئي صفائي پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي ۽ نه وري فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ اپيل جو حق. چاڪاڻ ته ان قسم جا خيال ۽ ويچار، انساني حقن جي زمري ۾ اچن ٿا، تنهن ڪري اهي جديد نظريا آهن. انهن جو "دين" سان ڪو به واسطو ڪونهي (8)."

هن ڪتاب ۾ سلسليوار مضمون، هن ريت آهن. ارتقا جو نئون جنم (2) جڙ وار هڪ انساني سماج دوست نظريو (3) ماڻهو جديد نظريه چو ٿا قبول ڪن؟ (4) مذهب، تهذيبي، تمدني قدر (5) سيڪيولرزم ۽ عقليت.

هنن مضمونن ته هر قسم جي دهشتگردئ جي خلاف هڪ عقلي، سائنسي ۽ منطقي جوازن ۽ سببن جي روشنئ ۾ رجعت پسندئ کي للڪاريو ويو آهي. ڪل جي پلائي جو خيال ۽ هي دنيا سماجي لڳ لاڳاپو ۽ تعلقات جي بنياد تي قائم آهي، وارن جديد خيالن کي سمجهائن ٿا. آزادي ۽ انساني حقن جي لتاڙ جو سلسلو جاري آهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم تاريخ جي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيا آهن، وارو پيغام محترم ابراهيم جويو جي آڏو قومي وجود جي سالميت ۽ بقا وارو سوال آهي، پنهنجي وطن ۽ ديس واسين لاءِ اُتساهه جو بنياد پڻ آهي حياتياتي دنيا جي ارتقا ساڻ انسان جي ارتقا، بابت تصور گڏريل ٻن صدين کان دنيا لاءِ هڪ، انقلابي تصور رهيو آهي. دنيا، ڪائنات، ڌرتي، حيوانات، نباتات، انسان ۽ انساني سماج بابت ارتقا ۽ اوسر، دنيا جي دانشورن، سائنسدانن، عالمن مفڪرن جي عالمانه ڪوشش هئي. ڊارون جو ارتقائي نظريو ان سلسلي جي ڪڙي هئي. نه ڊارون کان پهرين جرمنئ جي J.E Leasing فرانس جي ڊاهي George Buffor هرڊر کان وٺي هيگل تائين فيئرباخ کان وٺي مارڪس تائين، انساني سماج، زندگي ۽ ڪائنات بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. جيئن اياز چيو:

مرنداسين ته مٽي مان پنهنجي
جڙندو هي ماندان،
ڪَتيون اسان جي ڪچ ۾ هوندیون،
چند اسان سان ساڻ.

مقصد ته نئين نسل کي جاڻ ڏيڻ ۽ فرسوده رد ٿيل تصورن جي جاءِ تي نئين تصورن تي سوچڻ ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ وارو عمل آهي. محمد ابراهيم جويي جون اهي تحريرون نظام کي للڪاريندي سنڌي سماج جي جوڙجڪ تي ۽ ناڪاره پاليسين تي علمي، سائنسي بنياد تي، هڪ اهڙو تنقيدي، تحقيقي ۽ تخليقي ايياس آهي جنهن جي سنڌي ادب ۽ سنڌ

واسين کي ضرورت هئي. ابراهيم جويو ان جدوجهد جو سرواڻ آهي. جنهن کي سنڌ جي قومي، جمهوري ۽ سيڪيولر جدوجهد چئجي ٿو.

4. سنڌي ادبي سنگت، ترقي پسند ادب ۽ جويي صاحب تي ٿيل تنقيد:

20 هين صدي دنيا ۾ هلندڙ تحريڪن جي منطقي نتيجن تحت نون لاڙن ۽ روايتن جو نہ صرف جنم ٿيو، پر ان جا گهرا اثر قبول ڪيا. ننڍو ڪنڊ، جنهن وٽ اڳ ۾ ئي روايتي شاعري ۽ نثر موجود هو. ان جي بنياد تي شعر جو اهو نمونو جنهن کي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو درجو حاصل آهي. اُهو پڻ موجود هو. سو ننڍو ڪنڊ به تمام گهڻين تبديلين، سماجي ۽ سياسي هلچل هيٺ آيو. ترقي پسند فڪر جنهن پوريءَ انسانذات بابت پاڻ کي ذميوار سمجهيو. جڏ ته ان فڪر لطيف جي سِٽ "عالم سي آباد ڪرين" جي ترجماني ٿي ڪئي. ورهاڱي کان پهرين نالي واري اديبن ترقي پسند ادب جي اوسر جو بنياد وڌو جنهن ۾ ديوان ڪوڙيمل، پيرومل مهرچند آڏواڻي، هوتچند مولچند گربخشاڻي، لالچند امرڏني مل جڳتياڻي، جينمل پرسرام، سوپي گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جوئي، غلام محمد گرامي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، شيخ ايار، نارائڻ شيام، جهڙن اديبن، شاعرن ترقي پسند ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ڪم ڪيو. سماج ۽ ادب کي ترقي پسند تحريڪ جي روشنيءَ ۾ پرکيو ۽ نئين آدرش ۽ نظريي کي متعارف ڪرايو. جنهن جي ڪري، ادب نئن منظرنامي سان تخليق ٿيو. ادبي سنگت جي تحريڪ جي شروعات 1947ع جي پهرئين اڌ ۾ ٿي.

سنڌي ادبي سنگت جو پهريون يونٽ، قائم ٿيو. سنگت جو بنياد وجهڻ وارن ۾ گوبند مالهي ۽ گوبند پنجابي اهم نالا آهن. جن مان گوبند مالهي، سنڌي ادبي سنگت جو پهريون سيڪريٽري چونڊيو ويو. سندس سرڪردگيءَ ۾ اجان پهريون ميڙاڪو ٿيو ئي مس هو جو ورهاڱو ٿيو، ۽ گوبند مالهي پڻ پنهنجو ديس چڏي هندستان هليو ويو. جنهن وقت ادبي سنگت جو قيام وجود ۾ آيو ان وقت سياسي ۽ سماجي حالتون، وڪوڙ ۽ هڪ اهڙي هلچل ۾ هيون، جنهن ۾ وچوڙو هو، سياسي طرح ڪيل فيصلي ۾ ڪيل ورهاڱي جي unsuitability ۽ غيرفطري هئي. سنڌ سڪ، شانتي ۽ امن جو گهوارو صدين کان مليل تهذيبي ورثو وڪوڙ جي ور چڙهي ويو.

سنڌي ادبي تحريڪ جي ابتدا سال 1947ع جي پهرين اڌ ۾ ٿي ۽ هيو باقاعده ميڙاڪو 1947ع ۾ سال جي آخري مهينن ۾ جناح ڪورٽس ۾ منعقد ٿيو. احسان بدوي، جمال ابڙي، مولا بخش ساغر، ڪيرت ٻاٻاڻي، سائينداد سولنگي، نورالدين سرڪي، شيخ ايار شرڪت ڪئي. ان کان پوءِ سنگت ماڻارجي وئي.

سنگت جو ٻيو دور 1953ع - 1957ع کان شروع ٿيو. جنهن ۾ هن تحريڪ جون گڏجاڻيون جناح ڪورٽس ۾ ڪوٺايون ويون. 1953ع کان پوءِ هيءَ تنظيم، ڪراچيءَ ۾ جنم وٺڻ کان پوءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به قائم ٿي. 1956ع وارو سال جيڪو سنڌ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اوکائين ۽ مشڪلات وارو سال هو. ادبي سنگت جو پهريون مرڪزي ڪنوينشن 7- آڪٽوبر سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن تحريڪ، جا مقصد نئين ٺهي ڪي اڳتي وڌائڻ، رهبري ڪرڻ، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي تحفظ ۽ واڌ ويجهه، ان کي جائز مقام تسليم ڪرڻ، تنقيد واري موضوع کي اهميت ڏيڻ، معياري مواد کي اشاعت هيٺ آڻڻ ۽ سنگت جي گڏجاڻين ۾ پيش مواد کي، معياري رسالن ۾ اخبارن ۾ چپرائڻ وغيره هو. پر هن تحريڪ پنهنجي دور ۾ سماجي ۽ سياسي، بحران ۽ وڪوڙ، ناانصافين خلاف ان تي ردعمل جو اظهار ماضيءَ ۾ ڪيو هو ۽ ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ۾ تسليم ڪرڻ جي تحفظ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن تي، حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. ون يونٽ خلاف، آواز اٺارڻ ۽ سرواڻيءَ لاءِ، سنڌي ادبي سنگت پاران هلايل تحريڪ، پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو. هن ساري، وايي مندل ۾ ابراهيم جويو به پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو.

ايل.ڊبليو.او هاسٽل جنهن تي پوءِ جناح ڪورٽس جو نالو پيو اتي اديبن جون گڏجاڻيون ٿيندڙون هيون جمال ابڙي هڪ انٽرويو ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي هن حقيقت جو اظهار ڪيو ته:

"سنڌي ادبي سنگت کي بعد ۾ قائم ڪيو ويو. اسان تہ اڳ ۾ لکڻ شروع ڪيو، سنڌي ادبي سنگت ۾ وجود ۾ آئي. ڪنهن ڪوشش ڪري نہ آندي. محمد ابراهيم جويي جو دماغ ۽ ڪردار هوندو هو. هيءَ ڳالهہ هيئن نہ هيئن هئڻ گهرجي، ابراهيم جويو تمام وڏو ماڻهو آهي. ان جو اهو نظريو هوندو هو. محمد ابراهيم جويو ۽ ابن حيات پنهور اهي ٻئي ماڻهو خاص هئا. هن سيني کي گڏ ڪيو، اهي ترقي پسند ادب جا حامي هئا (9)."

31- ڊسمبر 1981ع تي سنڌي ادبي سنگت جي ٽيل هڪ ويهڪ ۾ شاهہ، سامي ۽ سچل تي ۽ ٻين اعتراضن جو جواب ۽ انهن جو تفصيل سان جواب ڏنو اٿن، ظلم ۽ غربت، جهالت ۽ لاچاري خلاف علم، رسمي طرح نہ پر محترم جويو ان ماحول ۾ رهيو ۽ مشاهدو ڪيائين جنهن جو ذڪر ابتدا ۾ مون ڪيو آهي. 'آئون پڻي' سان ڳانڍاپي جو سلسلو، منصورحلاج جي عقيدي 'مان اعظم شاني' سان ئي جڙيل آهي، ۽ استاد جويو پڻ ان خيال ۽ عقيدي جو سلسلو آهي. پنهنجي آڻ پڻي سان ڳانڍاپو ۽ امنگ سندس لکڻين مان خاص طرح شاهہ، سچل ۽ سامي ۽ ٻين موضوعن بابت کي ٽڪتا ۾ اڻاريا ويا جن جو 31- ڊسمبر 1982ع ۾ سنگت پاران ملهايل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ جواب هن ريت ڏنائون:

"منهنجي لکڻين بابت، سندن مطالعو مون کي ڪافي ڪجهہ اڻ پورو، غيرمنطقي ۽ ٻي واجبي لڳو. مون کي وري ۾ جدلي مادیت جي مهارت جي دعويٰ ڪانهي، جيتوڻيڪ سمجهان ٿو تہ ان جو working knowledge، ڪيائو علم اثر ۽ نڪو پانيان تہ ان جي آڏار تي غلام مصطفيٰ لاکي صاحب جي پيش ڪيل ڪن Formulation فکري بيانن يا تعميمن سان اتفاق ڪري ٿو سگهجي. بهرحال آڻ ڪين في الحال رڳو اهو عرض ڪندس تہ ڳالهہ جي سچي رخ، سچي ڪيفيت کي خيال ۾ رکي، ان جي ڪٽ ڪن تہ جو ڪجهہ ان جو مقصد لکندڙ جي سامهون هو، اهو بنيادي انساني قدرن جي حوالي سان صحيح هو يا نہ، ڪيتري قدر ڪاميابيءَ سان ڳالهہ ۾ يا مضمون ۾ ان جو اظهار ٿي سگهيو (10)."

محترم جويو پنهنجي، فکري ۽ منطقي دليلن موجب ڪيڏو نہ واضح ۽ روشن سڄ جيان آهي: "اسين سنڌ وارا جنهن ڏرتي ۽ سماج ۾ رهون ٿا، انهيءَ ڏرتي ۽ سماج آڏو هڪڙو مقصد واضح ٿي ڇڪو آهي، وقت جو سڏ آهي ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي رڪاوٽون يا رندڪون آهن انهن جي سڃاڻپ ڪئي وڃي ۽ جيڪي سازگار يا مددگاري چيزون آهن انهن کي پنهنجي سامهون ڇڻي طرح ڏسي سگهون(11)."

سال 1977ع کان وٺي، سنڌ جون ۽ سڄي ملڪ جون سياسي ۽ سماجي حالتون ۽ ڪاروايون نهايت ئي، هيجان واريون هيون. مارشل لا ۽ آمريت، انساني حقن کي لتاڙي، پرتشدد، ڪاروايون، ڪوڙن ۽ ڦاسين ڪائڻ وارو اونداهون دور هو. جديد نظرين جو زوال هو ۽ زور زبردستي هئي. زبانن، ڪتابن ۽ اخبارن تي بندش هئي.

مٿي ڏنل حوالي ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آڏو هڪ مقصد هجي، هڪ آواز ۽ هڪ رستو هجي. جنهن تي هلي اسان اها منزل ماڻي سگهون جيڪا هر قوم جو پنهنجي مرضي ۽ حق خود ارادیت جي بنياد تي حاصل ڪري ٿي. اڄتي پنهنجي دل جي مراد جي اسرڻ جو پس منظر بيان ڪندي، جنهن کي پهرين بيان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ڀهراڙي جيڪو ظلم، جهالت، لاچاري جون شڪليون ۽ صورتون آهن. تن کي قائم نظام بي دردیءَ سان نظرانداز ڪيو آهي. مذهب جيڪو قائم نظام جو روحاني ٽنب آهي، تنهن پڻ اسان جو استحصال ڪيو آهي. سرڪار جيڪا قائم نظام جي طاقت آهي تن جي منصب دار، ڏاڍن ۽ ظالمن جو هٿيار رهي آهي. يعني مذهب ۽ سرڪار' هڪ ڳالهہ جي هڪ ئي نڪتي تي اتحاد ڪري، عوام کي بيوس ۽ لاچار رکيو آهي. ان کي اسان جي عقل کان ۽ پنهنجي ڪوشش کان آمريت جو اهو بار هن سان اونداهون طويل ڏکدائڪ دور، ابراهيم جويو، پنهنجي وطن واسين کي رستو ڏسي پيو، وڏيرا شاهي ۽ مذهب کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ تي تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ: "هن نئين مذهبيت يا مذهب پرستيءَ جي دور ۾ آڻ تہ مذهب جو عمل هن دنيا ۾ جيڪو ڏنو آهي ۽ اوهان ۾ ڏنو آهي

ان جي اها ڳالهه ٿو ڪريان. ان جي شريعت جو پڪ ۽ طريقت جو پڪ. ٻئي وڏيرا شاهيءَ جي پٽ پرائيءَ ۾ بينل آهن، هڪ طريقت يعني پيري، سجاده نشينن جو ڇار ۽ سنڌ جو خاص سيدپٽو، شريعت کان ٻه وڏيڪ ڇو ته پير ۽ مرشد پاڻ ئي اسان وٽ وڏين وڏين ڏميدارين جا مالڪ آهن ۽ وڏا وڏيرا آهن (12).

سندس نظر، ۽ تنقيدي خيال، روشن خيالي نئين جيوت (Renaissance) احتجاجيت (Protestantism) اصلاح مذهب (Reformation) طرف وڌي اچن ٿا، اسان ته ايڪيهين صديءَ ۾ جيون پيا پر انڌن ويساهن ۽ هڪڙي اهڙي Vicious circle ۾ پيا، ساهه ڪٽون ۽ ان دائري ۾ قائل آهيون جنهن کان بچڻ لاءِ نئن جيوت، احتجاجيت، اصلاح مذهب کان سواءِ، ان مان جند آزاد ڪرائي نٿي سگهجي. سندس شخصيت ۾ گهٽا گڻ آهن- سادگي ۽ نهنائي، سندن جيوت جو اهو گڻ آهي جيڪو اڄ جي زندگيءَ کان موڪلائي ويو آهي. هو ته فريد ۽ ايياز جي سڙن ۾:

روکهي سوکهي کهاکي، ٺهندا پاني پي
فريدا ديکهه پرائي چوپڙي ترسائي جي.

ايياز چوي ٿو:

تن جي اکين لائيان کهِ اکڙين آئون،
رُکي سکي مانڙي، ائين چيائون،
اوچو پنهنجي ڳاٽ کي، رکي ڳاتائون،
مون کي سلياڻون، ڪيڏيون ڳالهيون ڳجهه جون.

ترقي پسند تحريڪ جو مڪ ۽ اهر مقصد ته سڄي انسانيت جي ذميواري قبول ڪرڻ هو، انسان ذات ۽ متييد تي ٻڌل طبقاتي نظام کي ختر ڪري مساوات ۽ برابري واري منزل تي آڻجي. مذهبي تفرقي ۽ فرقيواريت کي سماج مان لوڏي ڪيجي. مٿي بيان ڪيل چند ٺڪتن جي روشنيءَ ۾ محمد ابراهيم جويي جي هيءَ ڪهاڻي "روزي جي ماني" سنڌ جي سماجي ورڇ، مذهبي ۽ نسلي پيد کي ظاهر ڪري ٿي، هن ڪهاڻيءَ جي منظر ڪشي نهايت ئي دلپذير انداز ۾ بيان ڪيل آهي: "ڏکن پري ڏينهن جي پڇاڻي جي هيءَ پوئين گهڙي به ڪيتري نه اثر آفرين ٿئي ٿي، ڪنهن الميه افساني جو پڙهندي پڙهندي جڏ ڪنهن پنو اُڀلايو هجي (13)."

هيءَ ڪهاڻي نسل ۽ مذهب جي بنياد تي نفرت ڪرڻ ۽ مذهب کي محدود ڪرڻ واري تنگ نظريي تي ٻڌل سماج کي رد ڪري ٿي. بک، بک هوندي آهي، ان جو ڪو مذهب يا نسل نه هوندو آهي. پوڙهي فقيرياڻيءَ جي ڪشتي مان، گودڙيءَ جو جمن هڪ ڏڪڙ، مٺ خشڪا، ڏوئي ٻوڙ جي، قيمي جي هڪ ٽڪي، لڏونءَ جي اڌ سان پرجي ٿو، ته مئل اميد وري جاڳي ٿي. انسان ۽ انسانيت ۾ ويساهه پختو ٿئي ٿو.

ابراهيم جوئي جا ايياز جي شاعريءَ تي لکيل مهاڳ سندس شاعرانه مزاج ۽ پهچ کي ظاهر ڪن ٿا. انهن مهاڳن جي ٻولي اسلوب، لفظن جي جوڙجڪ، سندي ٻوليءَ جي مڪمل هجڻ جو احساس ۽ سونهن کي اُياري ٿي. هڪ شاعر جي مقصد ۽ پيغام کي سمجهائي ٿي. سندس طويل نثراٿو نظر 'اي سنڌ جائي' ۾ سنڌ جي مسئلن آزادي ۽ استحقاق لاءِ سنڌ جائيءَ کي چوي ٿو ته:

آءٌ انهيءَ سچ جي ساک ڪٽي،
تون به چئي ڏي،
جيئي سنڌ،
جيئي سنڌ،
جامِ محبت پيئي سنڌ.

۽ جڏهن سنڌ جائي سنڌ راڻي ٿي ته هن احساسن کي اندلڪ جهڙا رنگ ڏنا. ڪهاڻي 'سنڌ جائي سنڌ راڻي' مان مثال ڏجن ٿا:

"وطن کان پري جيڪڏهن مون کي زندگيءَ جو آخري ساهه ڪٽڻو هجي ته جيڪر آءٌ چاهيان ته منهنجو جسم مون کي قيد ۾ نه رکي.

ڪونج پکي (Cranes) پنهنجن اباڻن ڏانهن اڏامن ٿا. منهنجو من به گهري ٿو ته جيڪر انهن سان گڏ اڏامي وڃان، ڏسڻ ۾ نه ايندڙ زنجيرن ۾ آءٌ قيدي آهيان پنهنجي ملڪ لاءِ منهنجا گهاءُ ٻيهر چڪڻ لڳن ٿا.

جڏهن آءٌ
پنهنجي قوم کي
حقن کان
موقعن کان

۽ نوجوانن کي اميد کان محروم ڏسان ٿي.
رتون منجن ٿيون
۽ منهنجو چهرو منجي رهيو آهي.
چا منهنجا مارو ماٺهو
هن منهنجي چهري کي سجاٽي سگهندا
جنهن تي تقدير جي موسمن پنهنجا نشان
ڇڏيا آهن.
رات لهي ٿي.
ڪُل لوڪ سمهن ٿا
اونداهي ماندراڻ کي ٻک ۾ ڪٽي ٿي،
۽ آءٌ پنهنجا
ٻئي هٿ دعا لاءِ کڻان ٿي،
۽ پڻ پنهنجي ٻچڙن کي دعا لاءِ هٿ کڻڻ
جو چوان ٿي
مارئي، مارو ۽ ملير
وقت جي ڏنڊ ۾ وجايل آهن،
جڏهن ڪل لوڪ ستا
مارئي پنهنجا هٿ دعا لاءِ کنيا
آسمانن ڏانهن پوريءَ - پوريءَ اميد سان
وطن ورڻ لاءِ
آءٌ ڄايس.

آخري بند

"ٽر جي هوا ۾ سمايل سڏ ٻڌو
اها سرگوشي پئي ڪري!
يقين رکو!
اسين ڪنڌاسين
اسين ضرور ڪنڌاسين.(14)

5. ايملي عرف تعليم: ايملي Emily or on Education جي روسو جو لکيل ڪتاب آهي. جنهن جو ترجمو، سنڌي ٻوليءَ ۾ محترم ابراهيم جويي ڪيو آهي. هيءُ ترجمو، جيڪو اصلوڪي ڪتاب جي چونڊ ۽ اختصار آهي روسو کي هن ڪتاب جي فڪري مواد جي تياريءَ ۾ ويهن سالن جو عرصو لڳو. سنڌيءَ ۾ هن ڪتاب جو ترجمو پهريون دفعو 50-1949ع ۾ منظرعام تي آيو. قومي ترقي ۽ نئن سجاڳي لاءِ، روسو جي هڪ ٻئي تحرير جو ترجمو فرانس جي عالم مفڪر جي مٿين ۽ هڪ (مضمون) جو 'انساني غيربرابريءَ جي ابتدا' جي نالي سان ڪيائون. جيڪو مهراڻ سال 1956/4ع ۾ ڇپيو.

سنڊن لاڙو نوجواني ۾ ئي انساني آزادي، برابري ۽ هڪجهڙائي جهڙن سماجي لاڙن ۽ فڪر طرف رهيو. مثال طور: سنڊن پهريون انگريزي مضمون (Democracy on Administration) جي عنوان سان تحرير ڪيو جيڪو سنڌ مدرسي جي 'ڪرانيڪل' ۾ سال 1946ع ۾ ڇپيو. ايملي ۾ تعليم، سماج، اخلاق، سياست، انسان ۽ طبقاتي نظام جهڙن اهم موضوعن تي بحث ٿيل آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"سماجي زندگي ۾ هڪ انسان کي ڪٿي ڪهڙو به مرتبو ۽ ڪهڙو به مقام حاصل هجي، بهرحال هُو هڪ انسان آهي، ۽ ان حيثيت ۾ هو ٻين سيني انسانن جي برابر آهي. انسان هرصورت ۽ هرحال ۾ ساڳيا آهن: جيڪڏهن ايئن آهي ته پوءِ ظاهر آهي ته جنهن مقام تي ۽ جنهن طبقي ۾ گهٽي کان گهٽا انسان بينل ۽ شامل هوندا، اهوئي مقام ۽ اهوئي طبقو سڀ کان زيادهه محبت ۽ عزت جي لائق آهي (15)."

ايملي جي مهاڳ ۾ روسو J.J.Rassou کنهن خاص ۽ اهم طريقه ڪار کي سمجهڻ لاءِ ٻن ڳالهين طرف ڏيان ڇڪائن ٿو. پهريون اختيار ڪيل طريقي جو درست هجڻ لازمي آهي. ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو يا نه. هن جي خيال ۾ اهڙو ڪو به طريقو جيڪو فطري هجي ۽ اهو فطرت جي ويجهو هجي. ٻيو اهو ته اهو ذريعو يا طريقه ڪار فرانس ۾ ڪامياب ٿيندو، پر سئزرلينڊ ۾ ان کي ڪاميابي حاصل نه به ٿئي. روسو مختلف حالتن ۽ ماحول کي خيال ۾ رکندي عام انساني فطرت جي قانون ۽ تقاضائن ۽ ضرورتن موجب هڪ طريقو جوڙيو جيڪو تقريباً سڄي دنيا ۾ رائج آهي. نرسري ۽ ڪي.جي ون ۽ ٽو ان فطري طريقي تي آڌاريل آهن. هن ڪتاب جو مواد ۽ موضوع اهم آهن. چاڪاڻ ته روسو Academy of Aijon پاران هڪ پڇيل سوال تي "علم ۽ فن جي ترقي ڪري انسان جا اخلاق سڌريا آهن يا بگڙيا آهن" جيڪو روسي لاءِ فڪري طرح، ٻاڻ ۾ لاڻ هئي جنهن کيس ذهني طرح، جنجهوڑي

وڏو جو اُهو دور بدلجي نئين دور ۾ تبديل ٿي ويو. سماج کي سمجهڻ لاءِ انسانن جي انفرادي زندگي کي سمجهڻو پوندو؛ انسانن جي انفرادي زندگي جو مطالعو ڪرڻ لاءِ سندن سماج جو مطالعو ڪرڻو پوندو، تنهنڪري جيڪي ماڻهو سياست ۽ اخلاقيات کي هڪ ٻئي کان الڳ تصور ڪن ٿا اهي نه اخلاقيات کي پوري طرح سمجهي سگهندا ۽ نه سياست کي. (16)

انسان هڪ فرد جي ناتي سماجي زندگيءَ سان جڙيل آهي، سندس زندگي جو دارومدار سندس سماجي زندگي تي آهي. انسان پنهنجي ترتيب ڏنل سماج جو هڪ جزو آهي ۽ سماج جي جسر وانگي آهي. هرهڪ انسان انفرادي طرح ان جي عضوي جيان حصو آهي جيڪڏهن پاڻ کي سماج يا سموري انسان ذات کان ڌار سمجهي ٿو اهي تمام ٿورائيءَ ۾ آهن. انهن کي سولائي سان نظرانداز ڪري سگهجي ٿو ڪين انسان سمجهڻ ئي عبث آهي. ايملي جي صفحي 89، 90 ۽ 91 تي دلچسپ بحث ٿيل آهي. پنهنجو پاڻ سان محبت واري ٻُڌي کي منطقي طرح سمجهايو ويو آهي. تخليق، پورهيو، هنر، استاد، عقل کي اهميت ڏني وئي آهي. حقيقت (Reality) جي ذريعي، مصروفيت حاصل ڪرڻ لاءِ فقط حقيقت کي ئي اهميت ڏني وڃي. هن ڪارائتي ڪتاب ۾ ڪجهه حاصلات هي آهن. نفسانفسي جي صورتحال جيڪڏهن پيدا ٿئي ته ان ۾ اخلاقيات جو يا تهذيب تمدن جو ڪو سوال ئي ڪونه اٿندو، پر انسان جي هزارها صدين جي حاصل ڪيل انفرادي توڙي سماج جو اخلاقيات، سياست، تعليم، نفسيات ۽ ادب جو هڪ نئون رخ اختيار ڪيو. ان ڊِسا يورپ کي نئون ادراڪ ڏنو ۽ پوءِ سڄي دنيا ان جا اثر قبول ڪيا. ابراهيم جويو هڪ اعليٰ مترجم آهي. جنهن جي ڪيل ترجمن مان فڪري تعليم ڏيڻ مقصد آهي شعور ۾ تبديليءَ جي منزل ڪيئن حاصل ڪجي لاڙن ۽ نظرين کي ڪيئن سمجهي پنهنجي سماج جي Status کي تبديليءَ لاءِ تيار ڪجي. پائلو فريري جي 'Pedagogy of oppressed' by: Paulo Freire جو سنڌي ترجمو (علم تدريس مظلومن لاءِ) جي عنوان سان ڪيو، ان جي مواد ۾ واڌارا ڪيائين. هيءُ ترجمو، 1984ع ۾ شايع ٿيو، هارن جو مسيح، وحشي جيوت جا نشان، فلسفي جو ابتدائي ڪورس، ٻيا ڪتاب ۽ مضمون ترجمو ڪيا. جيئن ته سندس، دور جي سماج جي ڏنڊيل طبقن ۽ ڏاڍ جو شڪار ٿيل قومن جي آزادي ترقي، تبديلي مقصد رهيو آهي، انڪري سندس خدمتون سنڌ وطن ۽ ان جي رهندڙ انسانن لاءِ اڻ ملهه ۽ مثالي خدمتون آهن جيئن ته سندن تي ننڍي کنڊ جي سماجي، سياسي لاهن چاڑهن، حقيقتن ۽ غير حقيقي معاملن جي گهري اپياس جو نتيجو آهي. تنهن ڪري سندس ترجما ۽ اصلوڪيون تحريرن جو اپياس پس منظر ۽ پيش منظر ڪي خيالن ۾ رکندي پرکڻ گهرجي.

ورهاڱي کان پهرين به ڪي ترجما ۽ طبعزاد ڪتاب جن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو. ايم.اين.راءِ جو لکيل ڪتاب Historical Roll of Islam 1945ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيائون ان کان پوءِ پهريون طبعزاد ڪتاب Save Sindh Save the Continent، 1946ع ڌاري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائون. ايم.اين.راءِ جي ڪتاب اسلام جو تاريخي ڪارنامو جنهن کان گهڻو متاثر ٿيا. هيءُ ڪتاب ڪين اسلام جي وڌيڪ مطالعي ۽ ڄاڻ ڏانهن وٺي آيو، انهيءَ وڌيڪ مطالعي ڪين اسلام ۽ بين مذهبن، فلسفن ۽ نظرين اقوامن ۽ عالمن جي تاريخ جو مطالعو علمي عقلي سماجي سياسي ۽ معاشي حالتن جو تنقيدي اپياس ڪرڻ ۽ نئين جاڳرتا Renaissance لاءِ تيار ڪيو.

6. سنڌي تعليمي تحريڪ يا ستَ تحريڪ:

سنڌي جي تعليم جو عملي طرح سڄيءَ سنڌ ۾ پرائمري بنيادي (Elementary) تعليم کان ويندي ثانوي تعليم تائين جيڪو حال آهي، ان بابت ۽ ان جو ڪاٿو سمجهه ۽ عقل واري ۽ ڏرتيءَ سان پيار ڪرڻ واري هر شخص کي هوندو. هن ميدان تي به محترم ابراهيم جويو، بنا ڪنهن تفريق جي تعليم کي سنڌ جي هرهڪ فرد لاءِ، دستياب ڪرڻ لاءِ، نئين هزاري (Millennium) ۾ پنجن ورهين ۾ سؤ سيڪڙو پرائمري ۽ پنجاهه سيڪڙو بالغن جي تعليم لاءِ جوڙيو. ايس.پي.او پاران سنڌ جي تعليم سڌارڻ لاءِ

پنج نڪاتي تحريڪ جو آغاز پڻ ٿيو. جنهن ۾ اهر ڳالهيون هي هيون ته سنڌ جي تعليمي نصاب ۾ سنڌ جي ثقافتي قدرن، انسان دوستي، ڌرتي سان پيار ڪرڻ، صوفي فڪر جي روشنيءَ ۾ هڪ سيڪيولر، ماحول کي هٿي وٺرائڻ جهڙا اهر نڪتا شامل ڪرڻ هو. پرامن ماحول، شاگردن جي يونين جي بحالي، نياٽين جي تعليم جو بندوبست ۽ سنڌ جي پٺ تي پيل طبقن، خاص طرح ڌرتي واسين Indigenous people، مذهبي اقليتن، بي زمين هارين ۽ غريب طبقي کي تعليم جي قومي ڌارا Mainstream ۾ شامل ڪرڻ ۽ خاص توجهه ڏيڻ هو. ٻيو حالتن کي سامهون رکندي فرقه پرستي ۽ انتهاپسنديءَ کي شڪست ڏيڻ لاءِ مدرسه تعليم جي فروغ کي روڪڻ اهر بنيادي نڪتا شامل ڪيا.

تحريڪ جا بنياد وجهندڙ محمد ابراهيم جويو ۽ غلام مصطفيٰ بلوچ، سنڌ جي برندڙ تعليم واري مسئلي تي، سنڌ جي باشعور فردن، دانشورن، اديبن، صحافين استادن جي تنظيمن، سياسي پارٽين ۽ سماجي تنظيمن کي پنهنجو ڪرار ادا ڪرڻ ۽ هڪ وندائڻ ۾ شامل ڪيو. سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ پنجن سالن جي رٽا جنهن کي سَتَ تحريڪ جي اڳواڻن محمد ابراهيم جويي ۽ غلام مصطفيٰ بلوچ ۽ ايس،پي، او S.P.O جي ميمبر جي مشوري ۽ صلاح سان رٽيو ويو، هن رٽا جا اصول پڙهائي، علم ڏانهن ويندڙ پيچرو ٽئي ٽي، اهو پيچرو انسانيت تان ئي وڃي رسي ٿو. سڀ سائنسون، فارمولائون ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل حقيقتون، معروضي سچ جي ڳولائو طالب seeker کي علم ۽ آگاهي آڻي ڏين ٿيون. اسان جي مردن ۽ توڙي زالن کي وينتي ۽ اپيل ايتري ئي آهي ته هڪ انسان جي حيثيت سان "پاڻ سڃاڻو" "علم جي وصف هن ڌرتي تي جيوڻ جوت، ميٺ محبت ۽ قرب ۽ قرار آهي"، تي آڌاريل هي منصوبو جڙ ته سنڌ جي ان قديم تهذيب تمدن جو ثمر آهي جيڪو سنڌ واسين ارتقا جي اوکي سفر جي ڏکن ڏولاون ۽ ترتيب کان پوءِ حاصل ڪيو آهي جيئن ته هن تحريڪ جو نالو 'سَتَ تحريڪ' نهايت ئي موزون ۽ ڏهڪندڙ آهي جيڪو سنڌ واسين، جي جذبن ۽ احساسن جي نمائندگي ڪري ٿو لفظ 'ست' جي مڪمل معنيٰ سچ ۽ سگهه آهن. هي لفظ ئِي هن تحريڪ جي اصولن کي واضح ڪندي پيغام پهچائين ٿا.

محمد ابراهيم جويو منهنجي نظر ۾

ابراهيم جويو ترقي پسند فڪر کي، عام ماڻهو تائين پهچائڻ لاءِ، عمل ڪرڻ ۽ جيئڻ جي ڪارج کي پنهنجي عملي زندگي سان جوڙي رکيو آهي. ڏميوارين جي حساب سان هرڪر لاءِ پاڻ کي، تيار رکندو آهي ۽ پنهنجي سر تي کڻندو آهي. سندس ٻين لاءِ محبت ۽ انهن جي ضرورتن جو خيال رکڻ، سندن شخصيت جو جز آهي. بوردِ ۾ سندس پگهار اڳ ۾ پهچندو هو ۽ ٻين ملازمن جو وقت سر نه آيو ته پاڻ پنهنجو پگهار، ملازمن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. اوهان هي پگهار کڻي وڃجو، اوهان کي ضرورت هوندي آءٌ پگهار سياڻي به کڻي سگهان ٿو (17).

سراج الحق جي وفات تي Reference meeting تي پاڻ صدارت ڪري رهيا هئا. مون کي به ڳالهائڻ جو موقعو مليو. هڪ علمي، جاکوڙي ۽ فڪري طرح ان Mature هستيءَ جي سامهون ڳالهائڻ لاءِ مون جيڪي ڪجهه ڳالهايو ان تي گهٽو پريشان به هيس ته متان کا غلطي نه ٿي هجي، پر آخر ۾ پاڻ نهايت ئي پيار سان مون کي سامهون ڏسندي، هلڪي مشڪ سان هڪ لفظ چيائون: "اڄوڪي نسبت گهٽيون ڳالهيون معلوم ٿيون".

ابراهيم جويي، ترقي پسند ۽ نئين سجاڳي واري ڪارج کي ادبي حلقن تائين پهچائڻ ۾ نون لاڙن جي بنياد وجهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هو جتي به رهيا پنهنجي تخليقي، تحقيقي توڙي ترجمي وسيلي ادب کي نوان رنگ ڏنا. رجعت پسند توڙي سماجي Status over کي تبديل ڪرڻ لاءِ اتساهيندا رهيا آهن. سندس تدبر ۽ ڏاهپ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ڌرتي ماءُ جي حقن لاءِ هميشه رهبري ڪئي آهي بنا خوف جي سچائيءَ سان ان جو اظهار ڪندا رهيا آهن. علم ۽ تدريس جو درس پاڻ جنهن ماڄ ۾ حاصل ڪيو. تنهن سندن ذهن ۽ شخصيت تي اڻ مٽ نقش ۽ اثر مرتب ڪيا. اسڪول گهر ۽ آسپاس جي ماحول ۾ ٽيندڙ سرگرمين ۽ مشغولين سندس فطري

ضرورتن ۽ تربيت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. محنت پائيچارو سادگي ۽ سچائي هئي. حقيقت ۾ اورچائي هئي. جنهن ابراهيم جويو کي Commitment سرسيتائي سان جوڙي ڇڏيو، اهو قدر ۽ ماڻ آهي جيڪو حياتيءَ ۾ وڏندو رهندو آهي پختو ۽ رسي پچندو آهي، ڳالهه انسان جي آهي ته اهو ڪيئن ان سرسيتائي کي زندهه رکي ٿو. سندس لفظن ۾، "هي زندگيءَ سان ڪمٽمينٽ يا سرسيتائي جو قدر پنهنجي اصل ۾ ڪور ۾، بنياد ۾ ڇا آهي؟ اِهو آهي انسان جو پنهنجي آڻ پٽي' سان ڳانڍاپو ۽ اُمنگ. انسان ئي هر شئي جو قدر آهي، ماڻ آهي (18)."

محمد ابراهيم جويو چاليهن واري ڏهاڪي ۾ تعليم ۽ ادب جي حوالي سان اپريو، تنهن وقت سنڌي ادب ۾ نون لاڙن جو بنياد پيو. ترقي پسند سوچ ۽ شعور کي اهميت ملي، سنڌ Entity طور سامهون آئي. جدوجهد ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ وارو خيال اپريو، ان تي عمل پڻ ٿيو. اهي سڀ معاملا ۽ پهلو سنڌ ڏرتي جي سجاڻپ ۽ شناخت آهن ۽ اهي پڻ سڀ محترم جويي صاحب جون سجاڻپون آهن. سندن زندگيءَ جو منشور، مقصد ۽ سماجي سڌارو هجي يا تعليمي معاملو هجي يا وري سياسي منظر کي صاف ستڙو ڪرڻو هجي، سندن اڳيان هميشه اهميت وارا رهيا آهن، جيئن سنڌ ڳالهائي ٿي ۾ سندن هي رايو "تاريخي وطن جي وحدانيت سان ڪير به هٿ چراند نٿو ڪري سگهي. اهي مرڻ ۽ جيئڻ جون ڳالهيون آهن(19)."

دعا آهي ته سندن هٿ هميشه سنڌ وطن ۽ قوم تي رهي.

حوالا

1. جويو، محمد ابراهيم: 'سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي': روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو: سال 2012ع: ص 18.
2. ساڳيو: ص 20.
3. ساڳيو: ص 21.
4. ساڳيو: ص 34.
5. ساڳيو: ص 264.
6. جويو، محمد ابراهيم: ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري' مُرتب: جامي چانڊيو: سنڌيڪا اڪيڊمي: سال 2007ع: ص 21.
7. ساڳيو.
8. جويو، محمد ابراهيم: 'سيڪيولرازم ۽ عقليت پسنديءَ': سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي، حيدرآباد: سال 2014ع: ص 12.
9. ابڙو، جمال: 'جديد سنڌي ڪهاڻي' ص 92.
10. لاشاري، ف.م (مرتب) 'ادبي گڏجاڻي ـ مهمان محمد ابراهيم جويو': سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي: 31 ڊسمبر سال 1981ع. ص 120 ۽ 121.
11. ساڳيو: ص 99
12. ساڳيو: ص 100
13. فيروز احمد (مُرتب): 'موتي مهراڻ جا': نيوفيلڊس پبليڪيشن: سال 1987ع: ص 21.
14. جويو، محمد ابراهيم: 'سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي': روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو: سال 2012ع: ص 294.
15. جويو، محمد ابراهيم: 'ايملي عرف تعليم ـ چوند ۽ اختصار': آزاد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد: سال 1950ع: ص 93.
16. ساڳيو.
17. جويو، تاج (مرتب): 'سپاجهو ساجاه وَند محمد ابراهيم جويو': سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم: سال 2003ع: ص 244.
18. لاشاري، ف.م (مرتب) 'ادبي گڏجاڻي ـ مهمان محمد ابراهيم جويو': سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي: 31 ڊسمبر سال 1981ع. ص 107
19. روزانه ڪاوش حيدرآباد: 19 آڪٽوبر 2014ع.

بهار جي جهوٽي جهڙو انسان!

اعجاز منگي

هن کي ته سائين جي.ايم.سيد وانگر تاريخ جي عدالت ۾ پيش ٿيڻو هو، پر زندگيءَ جي پوئين موڙ تي ميديا آڏو هُو کورٽ ۾ آيو به ته پنهنجي ان فيملي ميٽر سبب، جنهن تي سڄ جي روشن خيال صحافين کي ڪاوڙ ته تمام گهڻي آئي پر هُو اهو سوچي چپ رهيا آهن ته "اهو جوئي صاحب جو ذاتي معاملو آهي" پر هن جي ذات چا آهي؟

چا هن جي ذات صحافي ڪالونيءَ جو هڪ نندڙو گهر، پنج ڇهه ٻار ۽ هڪ پينشن بک آهي؟ هو پلي اهڙي سوال جو جواب، فقيري رمز سان ڏيندي، بلها شاهه جو اهو شعر پڙهي ته:

"ڪي پڇندا ئين ذات بلي دي
لپ مٽي، ٻڪ چائي.....!!"

پر اها لپ مٽي ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين ڦهليل سڄ آهي. هن جي ذات ۾ اهو ڪاڇو به آهي، جيڪو آرهڙ جي آڪاس هينان هيري وانگر چمڪندو آهي. هن جي وجود ۾ اهو اتر به آهي، جنهن ڪوسي واءُ ۾ صرف وڍ نه پر هڪ ڏڍ به هوندو آهي. هن جي شخصيت فقط 99 سالن جو مسلسل پورهيو نه، پر اها پيڙا به آهي، جنهن جو هر پور پگهر ۾ آلو هوندو آهي. جهڙالي جيءَ وارو اهو انسان، پنهنجي سوچ ۾ سهيڙي رکندو آهي، لاڙ جون اهي سانجهيون جن ۾ مانجهي پرديسي پکين جي پرن وانگر ونجهه هلائيندا، ڪينجهر جي ان وڃائجي ويل ڪناري کي تلاش ڪندا آهن، جتي نوري نورا پائي نچندي هئي!

هُو جنهن جي ڏٻري ڏيل پويان ڪارونجهر جهڙي ارڏي آتما آهي ۽ واريائسي وطن جا سمورا مور هن جي روح ۾ رڙيون ڪندا آهن. هو جيڪو پنهنجي مزاج ۾ مانيٽو آهي. ملنسار آهي. جنهن سموري زندگي سقراط وانگر صبر جي زهر جا ڍڪ پيتا آهن، سو ان وقت سڄ جو سرڪش روپ بڻجي ويندو آهي، جڏهن هن جي آڏو ڪو سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان وقت هن جي ڪاوڙ ۾ پريل اکين مان ليئا پائيندي آهي، درياءِ خان جي اها تلوار، جيڪا اڃان تائين دانهن جهڙي ديس ۾ هڪ مضبوط هٿ واري ٻانهن تلاش ڪري رهي آهي!

ان ڪري هن جي ذات صرف محدود حوالن جي حوالي نه ڪريو! هو پنهنجي ڏرتيءَ جو اهو دودو آهي، جنهن جي وقت جي ٻاگهي آلين اکين سان اهي ٻول ٻڌائيندي آهي ته:

"او دادا دادي
اڏ لوئي مون انگ تي
اڏ ۾ آزادي"

پر هن جي صرف تاريخ جي جاگرافيائي سرحدن ۾ سوڙهو نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇو ته هن جو وطن صرف مٽيءَ جو مانڊاڻ ناهي. هن جو ديس انهن هزارن ڪتابن مان حاصل ٿيندڙ اهو شعور به آهي، جنهن جا شعاءَ هن غلاميءَ جي تاريڪ راتين ۾ شهاب ثاقب وانگر سنڌ جي فڪري آسمان تي ڦهلايا!!

هن جي ذات، تاريخ جو اهو ضمير آهي، جيڪو اڄ به پنهنجي پوري قوت سان ظلم ۽ جبر کي للڪاري رهيو آهي. پر پوءِ به هن کي پيار آهي، پنهنجي ان ٻوليءَ سان جنهن جا سر هن جي روح تي آيل رهڻن مٽان محبت واري مرهم مهٽيندا آهن. جڏهن اونهاري جي اس ۾ ڪانوَ جي اک نڪرندي آهي ۽ سج سنسان گهٽين مٽان آگ اوتيندو آهي، تڏهن هن کي ٽڏي هير جهڙا جهونڪا محسوس ٿيندا آهن، محمد جمن جي انهن ٻولن مان ته:

"دريءَ منجهاران دوست ڏٺوسين
لالڻ ليئڙو پائي، جو هليو ويو!!
ڪنهن کي ٻڌايان؟"

هن اڄ تائين ڪنهن سان به راز نہ سليو آهي، پنهنجي روح جو اهو راز ته هن وٽ "سسئي جو سفر....پنهور جو پاڻ....ڪيچ طرف ڪاهه ....۽ پنهونءَ جي پيرن جا نشان" اهي انقلابي علامتون آهن، جن کي هن عالمي فڪر سان سلهاڙي سنڌ کي تنگ نظري ۽ تعصب کان بچائڻ جي لاءِ ترجمن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

هو جيڪو اسٽيجي اداڪارن وانگر گجگوڙي تقريرون نہ ڪندو آهي پر هن جي مائيٽي ٻوليءَ ۾ چين جي مها جنگجو استاد سن زوءَ جي لکل پر مستقل تياري هوندي آهي. وقت پلي ڪهڙو به رهزن روپ اختيار ڪري پر هن ڪڏهن به اهي وعدا فراموش نہ ڪيا آهن، جيڪي تاريخ جا اردا پٽ پنهنجي وطن جي ڌرتيءَ سان ڪندا آهن. جڏهن سنڌ مٽان آمريت تيزاب جي برسات وانگر پٽجي رهي هئي، تڏهن به هو "هدايت" جهڙي بظاهر سادي سودي لفظ سان پبلش ٿيندڙ رسالي جي پوئين صفحي تي امداد حسينيءَ جو اهو انقلابي نظر شايع ڪندو هو هو ته:

"حالتن کان فرار چاجي لاءِ؟
سڄ سورج مکيءَ جي آڏو جهل
هي انڌيرن سان پيار چاجي لاءِ؟"

هو جنهن کي سنڌ جي سور جو سڳو سورينديءَ ويني ويني اوچتو ۽ اچانڪ ڪوئي پور پوندو هو ۽ هو بائرن جي انقلابي نظر "شلان جو قيدي" کي لطيف جي ٻوليءَ ۾ لاهي سنڌ جي نوجوانن کي اهو اتساهه ڏيندو هو ته "زنجير ٽٽڻ لاءِ هوندا آهن" هُو جنهن تاريخ جي واڳ پنهنجن هٿن ۾ ورتي ۽ جهور ٽيڙ تائين هن جون اهي آگريون ٽڪ سبب چُور نہ ٿيون، جيڪي قلم کي ڪنهن علم وانگر پڪڙي "شاهه، سچل، سامي" جو ترشول رهزن سمئہ جي سيني ۾ لاهي، ڪيس احساس ڏيارينديو هو ته "تاريخ جي اها جنگ اڄ به جاري آهي" هو جنهن جهالت پسند ۽ انسان دشمن ملائيت جي مٽي ۾ پنهنجي پين کي پاڻي پياريل ڪهاڙيءَ وانگر اسٽيفن زويگ جي ڪتاب جي صورت "فڪر جي آزادي" جي نالي سان ڪڍڪايو. جيڪڏهن هن وقت به سنڌ انتهاپسنديءَ جي آڏو نہ جهڪي آهي ته ان ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي يوڪلپٽس جي وڻ جهڙي ماڻهوءَ جو سپ ڪان وڏو ڪردار آهي، جنهن صرف Save Sindh Save Sub continent جي عنوان سان "ننڍي ڪنڊ جو مقدمو" ئي نہ پر پنهنجي "امڙ ٻوليءَ" ۾ ائين شاعري ڪئي، جيئن دوستو وسڪي ٻارن لاءِ لوليون ڳائيندو هو.

ٿورو ڪائڻ ۽ گهٽو پڙهڻ وارو ان انسان پنهنجي جسم سان ڪڏهن به پيار نه ڪيو. ان ڪري هن جي جسماني اولاد جي حوالي سان هن جي ذات کي محدود نه سمجهڻ گهرجي پر هن پنهنجي فڪر مان جيڪا باشعور اديبن، شاعرن، محققن ۽ آرٽسٽن جي قوم پيدا ڪئي، انهن جا حملن جهڙا جملا اڄ به سندس جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

اڄ به ڪوئي "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" پڙهي ته ڏسي! هڪ شاعر ڪان رومانوي ۽ انقلابي خط لکرائي ۽ اهي پوري سندس کي پڙهائي ۽ ان جي محبت ۽ مائ پري موٽ مان لطيف جي لات کي ٻاري رکندڙ شيخ ايار جي تخليق ڪندڙ شخص محمد ابراهيم جويو هو، جنهن جي نالي ايار پنهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "پوئنر پري آڪاس" شايع ڪندي، پنهنجي دوست استاد جو تعارف لطيف جي انهن لفظن سان ڪرايو ته:

"ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اڇي بوءِ بهار جي."

هُو جنهن جي تنقيد ۽ جنهن جا تبصرا ۽ جنهن جون صلاحون شيخ ايار جي شاعريءَ لاءِ سراڻ جو ڪردار ادا ڪنديون رهيون، سو ان وقت به ايار جي روحاني تيمارداري ڪئي، جڏهن حالتن انسان جي شاعر کي ايترو رنجايو هو جو هن "ماضيءَ ۽ مستقبل" جي نالي وائين جي ڪتاب "لڙيو سڄ لکن" ۾ جو مهاڳ لکڻ لاءِ هن کي چيو ۽ هن ايار جي سور پيرين سرن کي "اميد طرف ڪاهه ڪندڙ مايوسي" قرار ڏنو ۽ پوءِ اسان ڏٺو ته سکر جي جلاوطنيءَ جهڙي ماحول ۾ ايار ڪيترن سالن کان پوءِ رسي ويل ذات کي ويجهو ڪندي لکيو هو ته:

"نيٺ ته ٽرندا
ڪيسين ٻرندا؟ ڏينهڙا!!
ٻور جهليندا
ميوو ڏيندا
نيٺ ته ڦرندا ڏينهڙا!
ساجن ڪيسين تو بن سرندا ڏينهڙا!!"

پوءِ وري اهي ڏينهن وريا ۽ ضيائي آمريت جي ظالم دور دوران ايار حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ان نظر سان پنهنجي واپسيءَ جو اعلان ڪيو ته:

"اڃا ڪتا
ڪارا ڪتا
آپيشاهيءَ وارا ڪتا
فوجي وردين وارا ڪتا
ها ها سپ هڪجهڙا آهن"

۽ صرف ايار نه، پر اهو محمد ابراهيم جويو ئي آهي، جنهن سندس جي مارڪسي دانشور ۽ دلير سياستدان رسول بخش پليجي سان پرپور ساٿ نيايو. جنهن سندس جي جدلياتي مادين جو ابجد به پڙهايو ۽ اهو به محمد ابراهيم جويو آهي، جنهن جهالت جي انتهائي سخت ۽ سنگين دور ۾ غلاميءَ جي مٽان قلم جي ڪاهه ڪندڙ سائين جي ايم سيد جي سمورن ڪتابن کي هر طرح سان سنياليو، سنواري ۽ نکاري نئين سندس جي فڪري ۽ سياسي جنم لاءِ پيش ڪيو!

ان ڪري هن جي ذات گهڻ پاسائين ۽ ايتري ڦهليل آهي، جيتري هن جي اها ڏرتي، جنهن کي هن هر دور جي امر ۽ حسين سرتي ٻڌائي، سندس جي نئين نسل کي وطن سان نينهن نيائڻ سيکاريو. ان ڪري هو صرف سندس جي علم ۽ ادب جو نه پر ان عشق جو به استاد آهي، جيڪو "سوريءَ کي سيج" سمجهندو آهي.

محمد ابراهيم جويو: سنڌ جو تن، من ۽ ڌن

عبدالغفور الستي

اُن روح پنهنجي خاڪي جسم ۾ 91 سال سنڌ جي سرزمين تي گذاريا آهن. هِن 13- آگسٽ تي سندس 92 هون سال شروع ٿيندو، جيڪو محمد ابراهيم جويي جو، 13- آگسٽ 1915ع تي ڳوٺ آباد ضلع دادوءَ ۾ ڄمڻ جو ڏينهن آهي. اڄو ته سڀ سنڌ دوست، انسان دوست، خدا دوست ڪيس ڳڻجي هن "ڄمڻ جي ڏينهن" تي مبارڪون ڏيون، هُو پنهنجي لاءِ ڪونہ جيئي، پر سڀني انسانن جي پلائيءَ لاءِ ٿو جيئي. ان جو ثبوت هيٺ ڏنل هڪ ڳوٺو آهي. ان ۾ مون گهڻن ڪي سڏ ڏنو پر هُو اڪيلي سر سنڌ ۽ پاڪستان جي سڀني سڃاڻ ماڻهن مان هيروشيما تي ڪيرايل ايٽم بم جي ڏهاڙي 6 آگسٽ تي، مون سان ۽ ٻين غريب سنڌي مردن عورتن ۽ ٻارن سان امن مارچ ۾ اڇي شريڪ ٿيو. هيءُ امن مارچ آءٌ گذريل 20 سالن کان، پٽ شاهه موري (هالا روڊ) کان وٺي پٽ شاهه شهر تائين پنهنجي (Society of World Peace) يا SOW PEACE طرفان هر سال ڪندو آهيان. سائين جويو صاحب اڳي به هڪ دفعو ان مارچ ۾ اڇي شريڪ ٿيو.

وري جڏهن پاڪستان ۽ هندوستان وٽ ايٽم بمن اچڻ ڪري دنيا ۾ ايٽمي جنگ جو خطرو وڌي ويو آهي تہ 2004ع وري اڇي شريڪ ٿيو. سندن عمر جو به هيءُ نوي سال پورو ٿيڻو هو، تنهنڪري پنهنجي شرڪت سان اسان سڀني سنڌين ۽ ٻين کان اهو پيغام ٿي پهچائڻ چاهيائين تہ انسان ذات جي هن اولين خير ۽ پلائيءَ جي ڪم ۾ تہ دنيا تان ايٽمي هٿيارن ۾ ٻيا خطرناڪ هٿيار ختم ٿين، پرپور حصو وٺي ۽ پوئتي نہ پئو. پاڻ اسان سان 3 ميل گڏ رهيو ۽ آخر ۾ لطيف سائينءَ جي درگاهہ تي امن محبت ۽ انساني برادريءَ لاءِ دعا ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ حيدرآباد واپس وريو.

هيءُ به اُن رهنما روح جو هڪ طريقو هو سڀني انسانن تائين سندس پيغام پهچائڻ جو، پر اسان سنڌين جي تہ رهنمائي هُو سڃي ۽ سموري شعوري

زندگي ڪندو آيو آهي. چاڪاڻ ته هو هتي پيدا ٿيو هو. رب تعاليٰ هُن کي سنڌي قوم جي رهنمائي لاءِ سنڌ ۾ پيدا ڪيو هو جيئن ٻين اڻ رهنما روحن کي ٻين هنڌن تي.

شيخ اياز هن رهنما روح لاءِ جويي صاحب جي انساني صورت ۾ هيئن لکيو آهي:

"..... جڏهين سنڌڙيءَ لاڳون لڏيون تڏهين ڪير چوندو ته اُن جو سارو لباس هُن جي آڏاڻي ۾ اُٽيل آهي. هُو اَڊي جڳادي الوپ ماڻهو آهي جو نؤورنيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجائي گم ٿي ويندو آهي..." (حميد سنڌيءَ کي اياز جي لکيل خط تان)

رسول بخش پليجي، جويي صاحب لاءِ هيئن لکيو آهي جنهن زماني ۾ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پاڻ هڪڙو شاگرد هو، ٻيو استاد هو:

"...استاد هجڻ لاءِ جيڪي خوبيون ڪپن سي منجهس حد درجي جون موجود هُيون، پر لڳو ٿي ته هُن لاءِ رڳو بهترين استاد ٿيڻ ڪافي نه هو. هُن جي سوچ جي دنيا اُن کان وڌيڪ پر اُسرار، وڌيڪ ڪشادي، وڌيڪ دلڪش ۽ نرالي ٿي لڳي. هن جيڪي ڳالهيون ٿي ڪيون، سي اسان مان (شاگردن مان) ڪنهن جي خواب خيال ۾ به ڪونه هُيون:

ڪا جا آندي ڪيچين وٽڪاران وائي
سُٽي مون سائي، نيٽين نند وِهه ٿي
(شاهه)

آءٌ به اهڙو خوش قسمت شاگرد هُئس جويي صاحب جو، پر مون تي ته سنڌن Extra- Curriculum (نصابي ڪتاب کان الڳ) تقريرن اهڙو اثر ڪيو جو، مون سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ رهندي، هاسٽل ۾ رهندڙ سڀني شاگردن لاءِ هڪ هٽ سان لکيل ماهوار اخبار ڪڍي، جنهن جو نالو رکيم "جمهور" ۽ اُها سڀني کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هوس.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪ ڏينهن جيئن اسڪول مان موڪل ملي ته مون ٻوڙي وڃي هاسٽل جي ڪمري مان پنهنجي اخبار جو پهريون پرچو ڪنيو ۽ جيئن جويو صاحب اسڪول جي ميدان تي آيو ٻاهر وڃڻ لاءِ، ته اڇي اُها اخبار ڪيس ڏيکاريم. پاڻ پوءِ ڪلاڪ ڪن اُتي بيهي رهيو. سڄي اخبار جا چار صفحا هٽ جي لڪت ۾ لفظ به لفظ ڪري پڙهيائين. ٻيا شاگرد به گڏ ٿي ويا هُئا، انهن کي به پڙهي ٻڌائيندو ويو ۽ پوءِ مون کي پاڪر وجهي، اهڙي وٺي منهنجي تعريف ڪيائين جو آءٌ پاڻ هڪ ٻڪو ٿي ويس. مون ته رڳو "جمهور" جو نالو اخبار کي ڏيئي اُن ۾ ڪي غير جمهوري ڳالهيون به لکي ڇڏيون هُيون. هڪڙو مئٽرڪ جو شاگرد پنهنجي سمجهه آهر ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهيو. پر هُن اسان کي ٻڌايو ته جمهور معنيٰ عوام، جمهوريت معنيٰ عام يا گهڻن ماڻهن جي راءِ مطابق، عام ماڻهن جي حڪومت، عام ماڻهن لاءِ حڪومت، عام ماڻهن جي پاران حڪومت. هيءُ ابراهيم لنڪن جو قول هو جيڪو ڪولي اسان کي سمجهايائين Government of the people, for the people by the people اُها ئي انصاف جي حڪومت ٿي سگهي ٿي. غريبن جي حڪومت، پورهيتن جي حڪومت جيڪي گهٽائيءَ ۾ آهن ۽ نه انهن جي جيڪي عام ماڻهن کي غريب ۽ جاهل رکي انهن جو پورهيو کائن ٿا ۽ انهن تي حڪومت ڪن ٿا.

جهالت ئي غربت ۽ غلاميءَ جو اصل سبب آهي، تنهنڪري پنهنجي قوم کي جهالت مان ڪيو ته پاڻهي پوءِ پنهنجا انساني ۽ ملڪي حق ونڊندي، پر اُن سان گڏ اهڙا اديب به پيدا ڪريو، جيڪي وري پڙهيل ماڻهن کي دنيا جي جديد ادب جي روشنيءَ ۾ جديد يا نئين سنڌ جو شعور ڏين جيڪا بنيادي طرح انساني آزادي، انساني پائپيءَ ۽ انساني برابريءَ جي راهه آهي.

اهي خيال جويي صاحب جا اُن وقت، 1947ع ڌاري هُئا جيڪي پوءِ پاڻ (Save Sindh Save the

continent). ۾ بہ لکيائين جيڪي ساڳيا خيال، پوءِ پڪا پختا ٿي سندس ڪتاب" هوءَ جا ٽمڪي باهڙي" (1985ع) ۾ شايع ڪيائين، جلد پهرينءَ جي لکيل سندس مهاڳ تان هتي هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو:

"علم ۽ ادب جي دائري ۾ منهنجي سڃي ڪم ۽ ڪردار جي وٽ يا ڪارج جي اوهان کي (اسان کي) جيڪڏهن ڪٽ ڪرڻي آهي تہ اُن سَبَ ۾ منهنجي آڏو جيڪو مقصد رهيو آهي اُن جي مان ۾ اوهان کي (اسان کي) اهڙي ڪٽ ڪرڻ گهرجي. اُن مقصد جو شعور پهريائين هلکو ۽ فطري طرح جو ۽ پوءِ تجربي ۽ ڄاڻ جي وڌڻ سان جيئن پوءِ تيئن رچندو پکو ۽ پختو ٿيندو ويو ۽ اڄ اهو راس ٽيل منهنجي ذهن ۾ موجود آهي. اهو آهي زندگيءَ سان Commitment سِر سِيتائِي - سنڌ جي حوالي سان اجتماعيت ۾ جيڪا زندگي آهي اُن سان Commitment تہ اُن ۾ پورهيت جو لوڪ راج قائم ٿئي، جنهن ۾ اُن جا لازمي توسيعي قدر- آزادي، اخوت (انساني پائپي) ۽ مساوات (انساني برابري)عمل ۾ هجن."

هن مهاڳ ۾ هاڻي پاڻ خود ئي واضح ڪري ڇڏيو اٿس، تہ اهو سندس زندگيءَ جو مقصد تہ سنڌ ۾ پورهيت جو راج قائم ٿئي ۽ اُن راج ۾ انساني آزادي، پائپي ۽ برابري جا بنيادي اصول عمل ۾ هجن، اهو سندن مقصد فطري هو يعني تہ قدرت جي طرفان يا خدا جي طرفان هو، جيڪو سندن زندگيءَ جي اوائلي دور ۾ هلکو شعوري هو ۽ پوءِ وڌيڪ تجربي ۽ (خدائي) ڄاڻ جي ڪري پکو ۽ پختو ٿي ويو. هن سندن ئي ڏنل معلومات کان پوءِ هاڻ ان ڳالهہ جي ڪابہ گنجائش کو نہ ٿي رهي تہ هو اُهو ناهي جيڪو آهي، پر اُهو آهي جيڪو آهي 'I am what I am' يعني خدا تعاليٰ جي طرفان آيل اهو رهنما روح، جيئن مون پهريان اوهان کي ٻڌايو تہ هن عظيم ۽ قديم قوم جي رهنمائي ڪري جيڪا اڄڪلهہ هلي دنيا ئي مسئلن ۾ ڄڪڙجي ويندي ۽ دنيا کي امن محبت ۽ انساني برادريءَ جو پيغام ڏيئي نہ سگهندي، جيڪو اصل هن قوم جو خدائي ڪارج آهي. خدا کي هر علم آهي، ماضيءَ جو مستقبل جو، تنهنڪري هُن هِن روح کي انساني صورت ۾ 91 سال اڳ ۾ موڪليو تہ ڳوٺ آباد، سنڌ ۾ وڃي جنم ورتي ۽ اُتان اُٿي پوءِ سنڌ جي سڃي اڄڙيل گلشن جي روحاني آبياري ڪري.

جويي صاحب جي اٽڪل 70 سالن جي بي لوث ۽ اٽٽڪ تعليمي، علمي، ادبي ۽ صوفياڻي جدوجهد، ڇا اسان جي هن اجڙيل گلشن جي آبياري ڪونہ هُئي؟ هن پنهنجي روح جو آب حيات پياري لکن سڪل وٽن کي سائو ڪيو ۽ هزارن ساون وٽن کي ميوي دار بنايو، جن جي سايي ۾ اڄ سنڌ جا ٽڪل مسافر اچيو ساهہ کڻن ۽ سندن ميوا کائن. ڇا انهن ۾ تمام وڏا سايہ دار ۽ ميوي دار اهڙا وڻ بہ ڪونهن جن کي جويي صاحب پنهنجين اکين جو نُور نچوئي ايڏو وڏ ۽ قلدائڪ بنايو جو اُهي هاڻي ڪنڌن بہ پنن، گلن، ميون کان خالي نہ رهندا ۽ هميشہ هميشہ لاءِ سنڌ جي سر زمين تي قائم دائم رهندا.

جتي سدائين سنڌ جا مسافر ٽڪ پيجي انهن جا ميوا کائي وري سنڌ جي سفر تي روانا ٿيندا. جن ۾ شيخ اياز، رسول بخش پليجو، سراج الحق، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا جيڪي سون جي تعداد ۾ سندن اکين جي امرت سان پليا وڏا ٿيا. مون کي هتي غلام رباني آگري جي اها ڳالهہ ياد آئي آهي، جنهن ۾ هُن ٻڌايو تہ پاڻ ۽ جويو صاحب هڪ دفعي گڏجي پٽ شاهہ تي ويا، اُتي جويي صاحب جي اکين مان ڳوڙها وهي اُٿي هليا جڏهن راڄڪي فقيرن شاهہ جي هيءَ ستّ پنهنجي راڳ دوران امالڪ وٽي ڳائي (اُها سانجهيءَ ويل بہ هُئي)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي تون ٿو لهين سڄ!

شايد لطيف سائينءَ گهرايو ئي ڪيس درگاهه تي، ان ڪري هو، ته ڪيس اها ست ٻترائي، انهيءَ ويل ٻترائي. هُن ڪي ياد ڏياري ته اهو روح انهيءَ بدن ۾ ڇا جي ڪري سنڌ ۾ موڪليو ويو آهي. متان بدن جواب ڏي ۽ روح سڪلو موتي وري پنهنجي مالڪ ڏانهن اچي.

جويي صاحب جا اُهي لڙڪ پوءِ سنڌ جي گلشن جي وڏيڪ آبياري ڪندا رهيا. اڄ سنڌ جي هزارن لکن پڑهيلن مان ڪوبه هڪڙو ڪونهي، جنهن جي جويي صاحب سڏي يا اڻ سڏي طرح تعليمي، ادبي، سياسي ۽ صوفيائي مَد ۾ رهنمائي نه ڪئي هجي. اٽڪل مُني صديءَ جي طويل ۽ سرگرم جدوجهد ۾ هُن شعوري طور به ائين ڪيو ۽ پنهنجو خدائي فرض سمجهي به ائين ڪيو، پنهنجو ڄمڻ جو مقصد به سمجهي ائين ڪيو. وري وڏي محبت سان ئي ڪيو، وڏي نهنائيءَ سان ائين ڪيو، جو ڪنهن کي احساس نه ٿئي ته هو هُن جي رهنمائي ڪري رهيو آهي يا هُن کان برتر آهي. سوين هزارين ذاتي ملاقاتون، اجتماعي ملاقاتون، جلسا، سيمينار، سندن اڪيچار تحريرون، تقريرون سڀ انهيءَ ڳالهه جون شاهد آهن ته هو هڪ اوتار آتما آهي، رهنما روح آهي، جنهن اونداهيءَ مان سنڌين کي ڪڍي روشنيءَ ۾ آندو آهي ۽ انهن کي نئين سنڌ جي راهه ڏيکاري آهي. "پورهيت جو راج جيڪو انساني آزادي، پائپي ۽ برابريءَ تي ٻڌل هجي."

مون کي هاڻي ڪا به هيڪ ڪانهي جو هيءُ بيت سندس لاءِ ئي چوان:

بُرو هو پنيور، جو آرياڻيءَ اُجاريو،
لاٿو سڀ لوڪ تان هاڙهي ڏڻيءَ هور،
چوريون هُرڻ سکيون، پُنهون ڪيائون پور،
آيو سو آتور، جنهن ڏکيون ڏِکَ وهاريون.
(شاهه)

نئين سنڌ لاءِ مستقبل جو نقشو جيڪو هُن آتور (اُملهه) ماڻهوءَ اسان کي ڏکن مان ڪڍڻ لاءِ ڏنو. فرق اهو آهي ته جويي صاحب ان نظريي کي چٽو ڪري بيان ڪيو آهي. پهريائين هڪڙي ست ٻڌائيءَ جي جنهن ۾ هُن رب تعاليٰ کان دعا گهري آهي.

پورهيو پورهيت جو والي ڪِيرَ وِجاءِ.

پوءِ هيءُ آسماني نظريو، سنڌ لاءِ دنيا جي سر زمين تي:

نڪو جهلَ نه پَلَ نه ڪو رائر ڏيهه ۾
اٽيو وجهن اهرين روڙيو رفتا گلَ
ماڻهو پاڻ اُمَلهه، مليرونِ مُرڪڻو.
(سُر مارئي)

يعني سنڌ جي خطي تي مثالي خدا جي بادشاهي جيڪا سوين صديون اڳ ۾ موهن جي دڙي ۾ هُئي. موهن معنيٰ سهڻو، يعني سهُڻي خدا جي بادشاهي هُئي. يعني سونهن، سچ ۽ سڻائيءَ جي بادشاهي. پاڪستاني آثار قديمه وارن سنڌ ۾ خدا کي به ماري ڇڏيو آهي. اُن کي "موئن جي دڙي" ۾ يعني "مُئلن جي دڙي" ۾ سمهاري ڇڏيو آهي!

هيستائين مون اوهان کي جويي صاحب جي انساني مشن متعلق ٻڌايو ته ڪيئن هو لکين سنڌين جي اندر ئي اندر نئين سنڌ لاءِ رهنمائي ڪندو رهيو، پر سندس، سنڌ مدرسي جي شاگردن تي گهڻي مهرباني هُئي. انهن مان رسول بخش پليجو، شمشيرالحيدري، آڪ ۽ ٻيا ڪيئن سوين هزارين سڄي سنڌ مان هُئا جيڪي مدرسي ۾ پڙهندا هُئا ته ان جي هاسٽلن ۾ رهندا به هُئا. ٻين وانگي مون ۾ به اهڙو سنڌ سان، سنڌين سان محبت جو سوداءِ وڏائين جو مدرسي مان نڪرڻ کان پوءِ (1947ع ۾) آڪ سڄي عمر پنهنجي وِت ۽ سمجهه آهر سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪندو رهيو آهيان، ڪڏهن به ان ڳالهه کان غافل نه رهيو آهيان. ساٽن به وقتن بوقتن ملندو ۽ سندن رهنمائي ونڊندو رهيو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن سندن رهنمائي جي خلاف به هلندو رهيو آهيان پر وڏائي کاڏا اثر. هاڻي گهڻن تجربن کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته جويو صاحب هڪ خدائي ماڻهو آهي، اُهو هن

کان پوءِ مون کي جيڪا بہ راھ ڏيندو، ان تي ئي ھلنڊو رھندس، اُن ۾ ئي منھنجي ۽ سيني سنڊين جي نجات آھي پلائي، اُھا ئي خدا راھ آھي.

تنھنڪري اچو تہ سڀ سنڊي ھاڻي سڀ ويچا وساري سندن رھنمائي حاصل ڪريون، ۽ ان تي ھلون. اسان کي ھاڻي ھڪ وڏو موقعو بہ آھي جو 13-آگسٽ تي سنڌن 91 ھون جنم ڏينھن آھي، اُن تي ھڪ قوم ٽي ڪيس مبارڪون ڏيون، پاڻ کي مبارڪون ڏيون تہ رب تعاليٰ پنھنجي مھر سان اھڙو رھنما روح خدائي انسان جي خاڪي جسم ۾ موڪليو، جنھن اسان کي نئون شعور ڏنو تہ نئين سنڌ لاءِ جدوجھد ڪريون، سنڌ ۾ وري خدا جي بادشاھي سونھن، سچ ۽ سڻائيءَ جي بادشاھي قائم ڪريون، اچو تہ سندس مانَ ۾ ھر شھر ڳوٺ واھڻ ۾ جلسا ڪريون، جلوس ڪيون، خوشيون ملھايون، جھمريون پايون، گيت ڳايون، اسان وٽ اچڻ تي

پلي آئين پلا پرين اسان جا ٿَئَ مَنَ ڏَنَ!
سموري سنڌ جا محسن، سموري سنڌ جا محسنَ!

۽ اھڙا جلسا ھاڻ روزانو سنڌ ۾ ھر ھنڌ ڪندا رھون، جيسين پاڻ اسان وٽ حياتي آھن دنيا ۾.

ويا جي وڃڪارَ تہ ڪومَ ملندءِ ڪاپڙي!

اِنھن جلسن ۾ ڪانئن ھن عظيم روح کان جيئن پارڙا پنھنجي ڪنھن محبوب ماڻھو کان Autograph (سندس ھٿ سانَ لکيل ۾ چار لفظ) ونندا آھن، تيئن سِندس اڳيان نوٽبڪ جھلي ڪانئن پنھنجي لاءِ سڃي قوم نصيحتون وصيتون ونو. اھي آٽوگراف، سندن ھٿ سان لکيل لفظ اڳيان ھلي اسان جي ذاتي ۽ اجتماعي زندگيءَ لاءِ مشعل راھ ثابت ٿيندا. لطيف سائينءَ جي چوڻ موجب:

لکين ڪيا لسان سين لاھوتين لوڙا
گھوڙا ڙي گھوڙا آءٌ، نہ جيئندي اُن ري.

جويي صاحب اسان جي زبان جا لفظ ھزارين صفحن ۾ اسان لاءِ لکي ڏيئي ڇڏيا آھن، اھي اسان جو جيئدان آھن، پر اھي ذاتي ورتل لکيتون بہ، آٽوگراف بہ اسان کي ذاتي طرح ۽ اجتماعي طرح جياريندا. اھي سنڌن آخري عمر جون اسان سيني لاءِ وصيتون ھونديون. اسان جو قومي سرمايون ھونديون.

پاڻ ڪيترا دفعا نئي ضلع جي پھراڙي ۾ ھلندڙ منھنجي تنظيم الست طرفان نياڻين جي اسڪولن تي بہ ويا آھن. پھراڙين جي نياڻين کي پوري سنڌي تاريخ ۾ پھريون پيرو پڙھندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا آھن. ھميشہ اتي وڃڻ بوڪ تي نوٽ بہ لکندا رھيا آھن ۽ زباني بہ چوندا رھيا آھن:

"الستي! پھراڙيءَ جي سنڌي ماءُ جيڪڏھين پڙھي پئي، تہ ھن قوم جي تقدير جلدي بدلائي ڇڏيندي. چاڪاڻ تہ ھين مائن کان وڌيڪ سياڻپ، سمجھ وند ۽ سگھاري آھي. ھين سڪ ڏنا آھن، ھن اڻ پڙھيل ۽ غريب عورت رڳو ڏک ڏنا آھن. ھين ٿوريون ناانصافيون سڻيون آھن، ھنن رڳو ظلم سَنا آھن. علم جڏھين انھن جي عقل کي روشن ڪندو تہ پوءِ ھُوءَ ظلم جا ڪوٽ سڀ ڌاھي پٽ ڪري ڇڏيندي، تنھنڪري پڙھاءِ پڙھاءِ سنڌي ماءُ کي شھرن ۾ پڙھاءِ، پھراڙين ۾ پڙھاءِ...."

۽ ايجان تائين پنھنجي وس آھر پڙھايان پيو. گھٽي ۾ گھٽي خدائي طاقت يا روحاني طاقت توھان کي ڏسٽي آھي تہ شاھ جو رسالو کڻي پڙھو يا محمد ابراھيم جويي صاحب جي ڪنھن مضمون يا ڪتاب کي. ھڪڙو توھان جو "من وجي پريان سندي پار ڏانھن لائيندو" جيڪو پار تمام پري آھي، ھيو اوھان جو من وجي اھڙيءَ پار سان ملائيندو جيڪو بنھ ويجھي ڪان ويجھو آھي، اوھان جو پنھنجو وطن، پنھنجي سر زمين سنڌ پر ٻنھي ۾ خدا جي پار ۾، ۽ سنڌ جي پار ۾ ڪھڙي ڳالھ ساڳي آھي جيڪا شاھ جي ھوليءَ ۽ جويي جي ھوليءَ ۾ ھڪ ازغيبي طاقت پيدا ڪريو ڇڏي "محبت، والھانہ محبت، ھڪڙي روح جي ازلي وطن لاءِ ٻي روح جا دنيا ئي وطن لاءِ ٻنھي

وطنن کي محبت جي روحاني ڏاڳي ۾ ڳنڍيڏو هو. مادر وطن مان ئي روحاني وطن جي راهه ٿي ويئي. تنهنڪري شاهه کي به خاڪي وطن سان بي انتها محبت هُئي ته جويي صاحب کي به سنڌ جي ڏرتيءَ سان بي پناهه محبت آهي. وري جيئن شاهه کي دنيا ئي وطن مان روحاني وطن جي ياد آئي. اُن جي ڇاڻ ملي. تڏهن اُلست بربکم جڏهن ڪن پيوم.... ته چئي اٿيو.

ڪِي ڏرتيءَ ماءِ، ڪي جَرَ سندي سڃڻين
هِلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي ڇيرن وچ ۾.

ڏرتيءَ سان به محبت ڪر، پر اُن اصلي روحاني دنيا جي مالڪ سان به محبت ڪر، جنهن توکي هتي پنهنجي بادشاهيءَ لاءِ موڪليو آهي. سچ، سونهن ۽ سڻائيءَ جي بادشاهي لاءِ، ۽ پنهنجي ڏرتيءَ تي اُها قائم ڪر، اُن لاءِ جدوجهد ڪر. تڏهن ته جويو صاحب پنهنجي هر لکت ۾ اها ئي نشاندهي ڪري ٿو ته سنڌ ۾ حق ۽ انصاف جي حڪومت قائم ٿئي. سنڌي پورهيت جي حڪومت قائم ٿئي، جيڪا انساني آزادي، پائڇي ۽ برابريءَ تي ٻڌل هجي. اُن ڪري ٻنهي جي ٻولي، شاهه ۽ جويي جي ٻوليءَ ۾، صداقت آهي سچائي آهي، جيڪا هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي پنهنجو ڪريو ڇڏي، اُن تي روحاني طرح اثرانداز ٿئي ٿي.

مون حقير پر تقصير جي نظر ۾ جيڪڏهن شاهه کان پوءِ سنڌ جي بقا، ترقي ۽ خوشحاليءَ جو ڪو ضامن هوندو ته اُهو محمد ابراهيم جويي ۽ اُن جون لکڻيون هونديون ۽ اُن جيڪي لکين شاگردن، اديبن، شاعرن، سياسي ۽ سماجي ورڪرن جون ڪيڏون پيدا ڪيون آهن ۽ ٿيندڙ رهنديون، انهن مان ئي ڪي هوندا ۽ ٻيا نه!

هاڻي آءٌ پچاڙيءَ ۾ سنڌن خدمت ۾ ڪي گل رکي سگهان ٿو ته اُهو جلسو آهي جيڪو مون ڪجهه سال اڳ ۾ عالمي عورتن جي ڏينهن تي مڪليءَ تي ڪوٺايو هو ۽ اُن ۾ سوين ٻهراڙين جون نندڙيون نياڻيون جيڪي منهنجن اسڪولن ۾ پڙهنديون هُيون، گهرايون هُيون. جويي صاحب جي استقبال لاءِ، جيڪو اُن جلسي جو مهمان خاص هو. انهن ڇوڪرين مان ڪيترين ڪين اسڪول ۾ وڃڻ ڪندي ڪين ڏٺو هو اُهي خوشيءَ مان سندس چوڌاري جهمريون پائڻ ۽ سنڌي گيتن جي ڏنن تي نچڻ لڳيون هيون، جيڪو منظر اڃان تائين مون کان وسري ڪونه ٿو ۽ نه وسرندو. ڇاڪاڻ ته مون جويي صاحب کي ڪڏهن به اهڙو خوش ٿيندي ڪونه ڏٺو هو. هو سنڌن پڙهڻ تي، خوشيون ڪرڻ تي، خوش ٿي رهيو هو. اُهو منظر اڄ وري سنڌن خدمت ۾ عقيدت جي گلن طور پيش ڪريان ٿو.

اهڙا سوين هزارين منظر سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ سنڌ جي هن عظيم محسن جي آمد تي هاڻي عام ٿيڻ گهرجن، جن ۾ سڀ مرد زالون ننڍا وڏا پوڙها ٻار هُن جي چوڌاري نچن جهمريون پائن، گهور وڃن، خوشيون ڪن، هُن کي اهو احساس ڏيارين ته هُن جو ستر سالن جو ڏينهن رات جو پورهيو پنهنجي قوم لاءِ اجايو نه ويو آهي، جنهن ۾ هُن پاڻ کي پوئتي رکي، سنڌي قوم کي اڳتي وڌايو آهي، اُها هاڻي جيئندي، جيئندي ۽ ضرور جيئندي....

اڄو ته سڀ ائين ڪريون جيسين هو جسر خاڪيءَ ۾ اسان وٽ آهي. ههڙو رهنما روح، لطيف سائينءَ کان پوءِ اسان وٽ ٻيو ڪوبه ڪونه آيو آهي. هي خاڪي جسر ڇڏڻ کان پوءِ به هُو اسان وٽ جيئرو رهندو، اسان کي سندس لکيل لفظن ذريعي روحاني طاقت بخشيندو رهندو. اسان کي زنده قومن ۾ نه فقط زنده رکندو، پر انهن ۾ عزت جو مقام به وٺي ڏيندو پر اسين به ته پنهنجي زندگيءَ جو ثبوت ڏيون.

وَڻن ويني آهيان، ڏسيو ڪينَ ڏِسانِ
جنهن جهوڻِي ناه ڪِي، سا ڪا سُونهن سنديانِ
پسيو ڪِينَ پسانِ، آءٌ نه جيئندي اُن ري.
(شاهه)



نئين سنڌ ۾ روشن خياليءَ جو فڪري امام

ادل سومرو

20- ڊسمبر 2013ع تي هيري ٽڪر، تاج جويي ۽ جگديش لچاڻيءَ جن سان جهوڪ شريف هلڻ جو پروگرام ٺهيو. مدد علي سنڌي ۽ شوڪت شورو ۽ منو کهيري به جام شوري ۾ اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. شاهه عنايت شهيد جي عُرس جون تقريبون به شروع ٿي چُڪيون هيون. مهمانن خيال ڏيکاريو ته جهوڪ شريف هلڻ کان پهرئين سائين جويي صاحب جي حاضري پرجي. تاج جويي فون ڪري تائيد ورتو ۽ اسان سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي جاءِ تي صحافي ڪالوني حيدرآباد پهچي ويا سين. جسماني ڪمزوريءَ جي باوجود جويي صاحب اسان سيني جو پُرجوش نموني ۾ آڌر پاءُ ڪيو. روايتي مسڪراهٽ سندس چهري تي نمايان هئي. جگديش لچاڻي حيرت ۾ پڌي ويو، جڏهن جويي صاحب سندس نالو ونيو، خير عافيت معلوم ڪئي. ڪافي سال اڳ ممبئي ۾ ٿيل ملاقات جويي صاحب کي ياد هئي. مهمانن تمام گهڻي دلي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هيءَ اسان لاءِ سعادت آهي جو هڪ عظيم شخص جو درشن نصيب ٿيو آهي. جويي صاحب سان ڪچهري ٿي ۽ ڦوٽو به ساڻس چڪرايا سين. تاج جويو، جويي صاحب جي لائبريريءَ جا ڪتاب اُٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. جويي صاحب جي هڪ ڪتاب جون ڪيس به ڪاپيون نظر آيون. ان مان هڪ هُن جگديش لچاڻيءَ کي ڏني. جويي صاحب جي ڪتابن تي نظر هجي، سو تاج کي هوشيار ڪيائين ته ائين نه ٿئي جو ڪتاب جي هڪڙي ڪاپي هجي ۽ اُها ڏئي ڇڏين. جيستائين تاج جويو ڪتابن جي مارين ڏانهن پئي ڦريو، تيسين جويي صاحب جو ڌيان اُن طرف ئي رهيو. اسان جويي صاحب کان موڪلائڻ لڳاسين ته پنهنجي روايت مطابق اسان کي دروازي تي ڇڏڻ آيو. اسان جام شوري روانا ٿي وياسين، جتي شوڪت شوري مهمانن جو مانجهاندو پنهنجي گهر ۾ ڪيو هو. جنهن ۾ مهمانن سميت مدد علي سنڌي، منو کهيري، تاج جويو، ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو، اسحاق سميجو ۽ مان شريڪ ٿياسين.

سائين محمد ابراهيم جويي جي شخصيت ۾ روپي، مزاج ۽ ملڻ جلڻ جي اهڙي ڪشش آهي، جو هر ڪنهن جي دل ساڻس ملڻ چاهيندي آهي. جنهن انداز سان سائينءَ پنهنجي ذات کي زماني جي گدلاڻ کان بچائيندي، عزت ۽ مان سان حياتيءَ جو سفر ڪيو آهي، اهو مثالي ۽ نهايت شاندار آهي. هر ماڻهوءَ سان نهايت پنهنجائپ سان پيش اچڻ ۽ انهن جي سمجهه ۽ ذهني پهچ مطابق گفتگو ڪرڻ ۽ اهڙا ڪيترائي اعليٰ ڪُڻ سندس ڪاتي ۾ اچي وڃن ٿا.

اسان جڏهن لکڻ شروع ڪيوسين ۽ ڪجهه لکڻيون شايع به ٿيون ته ايازگل، مختيار ملڪ ۽ مان وقت بوقت جويي صاحب وٽ حاضري پريندا رهندا هئاسين. سائين سدائين شفقت واري انداز ۾ اسان جي رهنمائي ڪندو هو. اسان کڏهن ڪُمهلا منجهند

جو سندس نند جي ٽائيم ۾ وٽس ويندا هئاسين تہ ڪڏهن ۾ چهري تي ناراضگيءَ وارو تاثر نہ ڏيندو هو. نئين ٿهيءَ جي رهنمائي ڪرڻ ۾ جويو صاحب اڄ ۾ سرهائي محسوس ڪندو آهي.

مون سنڌي ادبي بورڊ جام شوري جي هارن جي رسالي ماهوار "گل ڦل" رسالي ۾ "نئين دؤر جا نوان سبق" لکڻ شروع ڪيا. ڪجهہ سبق شايع ٿيا تہ رسالي جي ايڊيٽر انور هالائيءَ صاحب جو خط پهتو، جنهن ۾ لکيل هو تہ منهنجن اِنهن سبقن کي محمد ابراهيم جويي صاحب گهٽو پسند ڪيو آهي ۽ چيو اٽائين تہ ادل سومرو جڏهن ۾ حيدرآباد اچي تہ ساڻس ضرور ملي.

منهنجي لاءِ اِها خوشيءَ ۽ همت افزائيءَ جي ڳالهہ هئي جو جويي صاحب جن هڪ نئين ليکڪ جي تحرير کي پسند ڪيو هو. پوءِ جڏهن حيدرآباد وڃڻ ٿيو تہ جويي صاحب وٽ حاضر ٿيس. سائينءَ مون کي گهٽو همٿايو ۽ اِهي 52 ئي سبق لکي مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو. پوءِ وقت بوقت سائينءَ سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. 81-1980ع ۾ ڪراچي ۾ نوڪريءَ دوران، مون کي سِگا مرڪز پاران مرڪزي انفرميشن ۽ پبليڪيشن سيڪريٽريءَ جون ڏميواريون سونپيون ويون تہ حيدرآباد اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو، ۽ اهڙي طرح جويي صاحب وٽ حاضري پڻ جو موقعو ملندو هو.

پهرئين آڪٽوبر 1981ع تي مان، هالا جي پرسان، گورنمينٽ بوائز ڪاليج منصوره ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس. ڪجهہ مهينن بعد مون جام شوري/ حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان دوران جويي صاحب سان ڪيترا پيرا ڪچهريءَ جو موقعو مليو. سِگا مرڪز پاران اعجاز قريشيءَ ۽ مون کي چيو ويو تہ جويي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ سگا جي روشن تارا اسڪولن لاءِ ٻارڙن جا سنڌي گيت ۽ نظم ترتيب ڏنا وڃن. اعجاز صاحب ۽ مون جويي صاحب سان اهڙو ذڪر ڪيو. جويي صاحب ان قسم جي ڪتاب جي ترتيب تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

سنڌي بولي ۽ تعليم جي مامري ۾ جويي صاحب جو رويو هميشہ جذباتي ۽ عاشقيءَ وارو رهيو آهي، جنهن تي هن ڪڏهن بہ مصلحت کان ڪم نہ ورتو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن بہ رايا رکيا آهن. هارن لاءِ ڪتاب 'روشن تارا گيت' تيار ٿي ويو، جنهن ۾ جويي صاحب پيرومل، ڪشنچند بيوس کان وٺي جديد دؤر جي شاعرن جا گيت ۽ نظر شامل ڪيا هئا. ڪتاب جي مرتب واري جاءِ تي جويي صاحب اعجاز قريشي ۽ منهنجو نالو بہ شامل ڪري ڇڏيو هو. اسان چيو تہ سائين صرف اوهان جو نالو ئي ڪافي آهي، تہ جواب ڏنائين تہ اوهان منهنجا ٻانهن ٻيلي رهيا آهيو، انڪري اوهان جو نالو بہ ضروري آهي. ٻين کي اهميت ڏيڻ، جويي صاحب جي اعليٰ ڪٽن مان هڪ اهم ڪُڙ آهي.

ڪتاب 'روشن تارا گيت' نہ صرف سِگا جي روشن تارا اسڪولن ۾، پر عام طرح بہ مقبول ٿيو. بعد ۾ سنڌي ڪتابن جي هڪ مشهور پبلشر، ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيل پنهنجي اداري طرفان اُهو ساڳيو ئي ڪتاب ڇپرايو. ساڳيائي گيت ۽ نظم، ساڳئي ترتيب سان ڪتاب ۾ شامل هئا، پر مرتبن ۾ محمد ابراهيم جويي، اعجاز قريشي ۽ ادل سومري جي نالن جي جاءِ تي ٻيو نالو ڇپيل هو. ان قسم جي ادبي بي ايماني (Pirecy) اسان جي ملڪ ۾ عام جام آهي. ڪو ڇڪ وارو نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو قانون آهي. ڏکشنرين ۽ گرامر جي ڪتابن جا شروعاتي صفحا تبديل ڪري، ڪوڙن ليکڪن ۽ پبلشرن جي نالن تي ڇپيل ڪتاب مارڪيٽ ۾ عام جام موجود آهن. چوري پنجن روپين جي هجي يا پنجن هزارن جي، چوري تہ چوري ئي ليکبي!

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سنڌ پاران عابده پروين کي راڳ جي راڻيءَ جو خطاب ۽ گولڊ ميڈل ڏيڻ جو اعلان ٿيو هو. ان لاءِ هاليڊي اِن (هوٽل) ڪراچيءَ ۾ هڪ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو هو. منهنجي اِها خوش قسمتي هئي جو انهيءَ ميڙاڪي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سائين جويي صاحب سان گڏجي ڪراچيءَ وڃڻو پيو. 18- فيبروري 1982ع تي جويو صاحب ۽ مان چئين وڳي ڏاري حيدرآباد مان ڪراچيءَ لاءِ بس ۾ روانا ٿياسين. حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين ڪچهري جو هڪ بهترين موقعو مليو

هو. جويي صاحب جهڙي ڏاهي انسان جي هڪڙي ستّ بہ بي معنيٰ ۽ فڪر کان خالي نہ هئي. اِهو سفر منهنجي اُتساهہ ۽ سرشاريءَ جو سبب بڻيو. ڪراچيءَ ۾ سِگا جي سائين سان ملاقات ٿي، پوءِ "هاليبي اِن" پهتاسين. انهيءَ دؤر ۾ عابده پروين جهڙي ڪلاڪارا لاءِ اُهو پروگرام هڪ اعزاز هو. وڏو اعزاز عابده پروين لاءِ اِهو بہ هو تہ انهيءَ پروگرام ۾ سائين تنوير عباسيءَ هن بابت هڪ بهترين مقالو، انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو. پروگرام شروع ٿيڻ کان ٿورو پهريان، مان لابيءَ ۾ آيس تہ اُتي گل محمد جڪراڻي مليو، جيڪو ان وقت روپوشيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هو. هُن ٻڌايو تہ ڪارڊ نہ هئڻ ڪري ڪيس پروگرام واري هالَ ۾ نٿا ڇڏين. مون گل محمد کي پاڻ سان وٺي وڃي هالَ ۾ ويهاريو ۽ ولي محمد روشن سان پڻ ملايو. اِهو پروگرام جويي صاحب جي نسبت سان منهنجن يادگيرين جو اهم حصو آهي. اِن موقعي تي جويي صاحب ۽ عابده پروين سان گڏ نڪتل تصوير بہ يادگار تصوير هئي، جيڪا اخبار ۾ بہ چپي هئي.

1985ع تائين سڪرنڊ ۽ نوابشاهہ ۾ رهڻ دوران، حيدرآباد سان رابطو رهندو آيو، پر جڏهن ممتاز ڪاليج خيرپور بدلي ٿي ويئي، تہ پوءِ ڪم ڪار يا ڪنهن پروگرام جي نسبت سان حيدرآباد جو چڪر ٿيندو هو.

1986ع ڪان پوءِ شيخ ايازصاحب سان ويجهڙائپ قائم ٿي. هڪ معاون دوست جي حيثيت ۾ ڏاهڙي وٽس ويندو هئس. ڪچهرين ۾ وقت بوقت جويي صاحب جو ذڪر نڪرندو هو. هڪڙي شام ايازصاحب ٻڌايو تہ سُپاٽي جويو صاحب، بليو لائينز ڪوچ ذريعي سکر پهچندو، پوءِ مون کي چيائين تہ مان ڪيس ڪوچ اسٽينڊ تان وٺي اچان، متان جويي صاحب کي پُراڻي سکر پهچڻ تائين ڏکيائي ٿئي. ٻئي ڏينهن تي مون جويي صاحب جي ڪوچ اسٽينڊ تي آڇيان ڪئي. جويي صاحب چيو تہ پهريان رشيد پٽيءَ جي تربت تي حاضري پربي، پوءِ ٿا شيخ ايازڏي هلون. اسان ڪار ۾ گوليمار واري رستي کان قبرستان آياسين، جتي رشيد پٽيءَ کي سلام ڪري، اچي پراڻي سکر جنات بلڊنگ پهتاسي. مانجهاندي جي مهل ٿي وئي هئي، ايازصاحب، اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو. رسمي خير عافيت بعد گڏجي ماني کاڌيسين. مون ٻنهي ڏاهن جي ڪچهريءَ مان گهڻو ڪجهہ پرايو.

جويو صاحب پنهنجي رويّي ۾ ايترو باجهارو آهي، جو هر سطح جو ماڻهو، ساڻس گڏجڻ ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي جي احساس ۾ مبتلا نہ ٿيندو ۽ ائين محسوس ڪندو تہ هُو سندس دوست آهي. سوڪڙي طور ڏنل ڪتابن تي سندس لکيل سٽون، تمام گهڻي پنهنجائپ ۽ خلوص جو تاثر ڏيندیون آهن.

موبائيل فون، هڪبئي ڏانهن خط لکڻ ۽ ڪارڊ موڪلڻ واري سُٺي روايت جي گهڻي قدر خاتمو آڻي ڇڏيو آهي. هاڻي اسان جو رڪارڊ ۾ پُراڻا خط، عيد ڪارڊ ۽ نئين سال جا ڪارڊ وڃي بچيا آهن. مان سائين جويي صاحب کي نئين سال ۽ سندس جنم ڏينهن جو ڪارڊ ضرور موڪلينڊو هوس. سال 2000ع ۾ نئين سال جي ڪارڊ ۾ مون هڪ نظم لکيو هو، اُن نظم جي شروعات هن طرح هئي:

زندگيءَ جو ساز ساڻيو ٿو وڃي،
سالَ گذري ٿا وڃن
۽ اڪين ديس مان
خواب اُڏري ٿا وڃن.

اُهو نظم، جويي صاحب کي پسند آيو هو ۽ انهيءَ احساس تحت هُن بہ هڪ نظم لکيو هو ۽ اُهو چپرائي ورهايو هو. مون ڏانهن بہ سائينءَ اهو نظم اُماڻيو هو:

زندگيءَ جو ساز ٻُرندو ٿو رهي
زندگيءَ جو راز کُلندو ٿو رهي
ڏينهن، مهينا، سالَ، صديون
وقت آهي، جو گذرندو ٿو رهي
۽ دل جي اُميدن جا مختصر ۽ اَمُل سج
ائين ئي هُو اُپارينڊو، نينڊو ٿو رهي
۽ اوهان ۽ اسان کي ۽ سين کي
ڪر، ڪر ۽ ڪر جا سڏ ڏينڊو ٿو رهي.
هي نئون سالُ اُن جو ۽ اُن جي ايڪيهين صدي
جا آهِ صدين جي نقيب-
وقت جو لقاءِ ازل ۽ سيلِ ڪائنات
شال آڻي ۽ آڻيندي رهي

اسان لئہ، اوهان لئہ ۽ نوع انسان لئہ
آزادیون ۽ محبتون
روشنیون ۽ خوشیون
پنهنجي انهيءَ نظر جي آخر ۾ جويي صاحب هي هٿ اکر لکيا هئا:
مٹيون نظر
عزيز دوست ادل سومري لاءِ،
سندن ئي موکليل، نئين سال لاءِ نظر جي تضمين طور جوڙيل.

صحي
محمد ابراهيم جويو
21-2-2000ع

19- مارچ 2001ع تي شاهہ عبداللطيف يونيورسٹيءَ خيرپور ۾ شيخ اياز چيئر جي صلاحڪار ڪاميٹيءَ جي گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ جويو صاحب شريڪ ٿيو هو. گڏجاڻيءَ بعد سائينءَ سان ڪچهري ٿي، بعد ۾ شام ڏاري، اياز گل ۽ مان جويي صاحب ۽ تاج جويي کي روهڙي اسٹيشن تي ڇڏڻ وياسين، جتان هو ريل ذريعي حيدرآباد روانا ٿي ويا هئا.

جويو صاحب مختلف تاريخن تي شيخ اياز چيئر پاران ڪوٹايل بن ڪانفرنسن ۾ پڻ شريڪ ٿيو هو. چيئر پاران ڪيس شيخ اياز اواردِ به پيش ڪيو ويو هو. سندس شخصيت انهن اواردن ۽ صدارتن کان مٿانهين آهي، پر دوست جي نالي جو اواردِ وصول ڪندي کين سرهائي ٿي هئي. جويو صاحب انهن ڪانفرنسن ۾ پنهنجي وقار ۽ مانَ سان شريڪ ٿيو هو ۽ پنهنجي مقالي توڙي تقرير ۾ ڪٹي به پنهنجي خودداريءَ ۽ شخصي تقدس کي هيٹ جهُڪڻ نہ ڏنو هو. جڏهن ته ناليوارن عالمن جون ڪيسٹون رکاردِ تي موجود آهن، جن ڪانفرنسن جي موضوع تي گهٹ، پر وقتي وائيس چانسيلرن جي واکاڻ ۾ وڌيڪ لفظ وجائيا آهن. اهڙي قسم جا ماٹهو مکڙ جون پيڪ ٹيل ٹِڪيون کيسن ۾ ڪنيو گهمندا وتن. ان کان سواءِ جويي صاحب انهن پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ ڪڈهن به اڳواٹ کي فرمائشون نہ ڪيون. به سالَ اڳ هڪ پروفيسر ڊاڪٹر خاتون کي مون ڪانفرنس (جيڪا نہ ٹي سگهي) جو دعوت نامو اُماٹيو، ته هُن جواب ۾ لکي موڪليوته هوائي جهاز جي ٹڪيٹ اُماٹيندا ته پوءِ شريڪ ٹيندیس. جڏهن ته اُن خاتون جي ڪا ايتري ادبي حيثيت به ڪانہ آهي.

23- مارچ 2001ع، تي مان سائين جويي صاحب وٹ حاضر ٹيس ۽ ڪيس 24- مارچ تي ٹيندڙ پاٹيءَ ڪوٹ خلاف مظاهري جي اڳواٹي ڪرڻ جي گذارش ڪئي، جيڪا هنن قبول ڪئي. مظاهري جا ڪارڊ اسان اڳواٹ ورهائي چُڪا هئاسين. 24- مارچ 2001ع تي پريس ڪلب حيدرآباد آڏو، سندي ادبي سنگت سنڌ پاران، سنڌ ۾ پاٹيءَ جي ڪوٹ خلاف مظاهرو ٹيو، جنهن جي اڳواٹي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڪئي. حاضري رجسٹر تي مرڪزي عهديدارن- ادل سومري، گل ڪونٹر، آزاد انور ڪانڊڙي ۽ اسد سولنگيءَ سميت 133 اديبن، شاعرن ۽ سُجاڻ ماٹهن جون صحيون موجود آهن، جيڪي اُنهيءَ مظاهري ۾ شريڪ ٹيا هئا، جن مان ڪجهہ نالا هي آهن: محمد خان مجيدي، جام ساقي، اعجاز قريشي، تاج جويو، مرير مجيدي، اياز گل، نثار حسيني، انعام شيخ، نور الهدیٰ شاهہ، زيب سنڌي، احمد خان مدهوش، غلام نبي مغل، يوسف سنڌي، لياقت عزيز، رخسانہ پريت چنڙ، زيب نظاماٹي، بختاور جام، امداد قاضي، سردار شاهہ، ادريس جتوئي ۽ بيا.

سائين جويي صاحب سان گڏ ڪوهستان وڃڻ به منهنجي حياتيءَ جو هڪ يادگار سفر آهي. 12- جولاءِ 2011ع، تي سائين جويي صاحب سان تاج جويو، زاهد اونو ۽ مان، گڏجي ڪوهستان وياسين، جتي سائين جي.ايم.سيد ۽ جويي صاحب جو گڏيل سائٹي ملهہ خان پالاري انتقال ڪري ويو هو. ملهہ خان پالاري هڪ سخي مرد ۽ پنهنجي راڄ جو چگو مڙس هو. سندس ٹيجهي تي هزارين ماٹهو اچي گڏ ٹيا هئا. سندس فرزند در محمد خان پالاري به اسان کي هڪ مخلص ۽ مهمان نواز محسوس ٹيو. جنهن اسان کي تمام گهٹو مانُ ڏنو. خاص طور تي جويي صاحب جي اچڻ تي هن کي گهٹي سَرهائي ٹي هئي. اسان سندس والد جي ساٹس تعزيت ڪئي. علم ادب سان چاهہ رکندڙ ۽ اديبن شاعرن کي مان ڏيندڙ در محمد خان پالاريءَ جي

هڪ شاندار ذاتي لائبرري ٻه آهي. تڏي تي آيل پنهنجي راڄ جي ماڻهن سان هُو سندن نالا وٺي ٽي ملیو، جنهن مان پنهنجن ماڻهن سان سندس ويجهڙائپ ۽ تعلق جي خبر ٽي پئي. ڪوهستان ويندي ۽ اُتان واپس ورندي جويي صاحب ڪچهريءَ دوران پنهنجن ساروٽين جا ورق ورايا ۽ ادب ۽ تاريخ جي نسبت سان ڪيتري نئين ڄاڻ ڏني. ڪنهن ڏاهي سان سفر ڪرڻ ۾ مشاهدي سان گڏ علم ۾ ٻه واڌارو ٿئي ٿو. ٽاٽي بولا خان ۽ آسپاس جا خوبصورت منظر ۽ جويي صاحب جو ساڻ، سُونهن ۽ ساڃاهه جي گڏيل حاصلات ٿي.

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي آفيس لاءِ، قاسم آباد حيدرآباد ۾ ايار گل جي دؤر ۾ پلاٽ خريد ڪيو ويو هو. اسان ان پلاٽ تي آفيس تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪافي ڊُڪ ڊوڙ ڪئي. هڪ سِرَ جو چندو سؤ روپيا رکيوسين. ان حساب سان پنج سرون ورتيون. جيڪي پئسا گڏ ٿيا، انهن مان آفيس جو بنياد کٽايوسين ۽ ڊي پي سيءَ تائين، پٽ کي مٽيرو ڪرايوسين. سنگت جي فيصلي مطابق گوبند مالهي لائبرري ۽ آفيس جي پيڙهه جي پٽر رکڻ لاءِ جويي صاحب کي گذارش ڪئي ويئي، ان موقعي تي سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪوٽائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو. جنهن لاءِ 13 اپريل 2003ع تاريخ مقرر ڪئي ويئي.

مون جويي صاحب سان ملاقات ڪري ڪين گذارش ڪي. لائبرريءَ جو نالو گوبند مالهيءَ رکڻ تي هُنن خوشيءَ جو اظهار ڪيو. اسان پروگرام جا ڪارڊ ڇپرايا ۽ سهڪار لاءِ مختلف ماڻهن سان رابطا شروع ڪيا. علي احمد بروهيءَ صاحب 93-1992ع دوران، جڏهن مان سنگت جو سيڪريٽري جنرل هئس، اسان جي رهنمائي ۽ مدد ڪئي هئي. مان وقت بوقت وٽس ويندو رهندو هئس. مان دعوت نامو ڪٽي بروهي صاحب وٽ ڪراچيءَ ويس. چانهه پيئندي حال احوال ٿيا. پوءِ بروهي صاحب، حميد آخوند صاحب کي فون ڪئي، جيڪو اُن وقت ثقافت کاتي جو سيڪريٽري هو. بروهي صاحب، حميد آخوند کي هي لفظ چيا:

"ابا حميد! ادبي لڏو تو مان سڀائين ناخوش رهيو آهي. نوڪري آڃُ آهي، سياڻي ناهي. دوست سنگت جي آفيس ٺهرائڻ چاهن ٿا، انهن جي مدد ڪندين، تہ ٽي سگهي ٿو، اديبن، شاعرن وٽ تولاءِ نرم گوشو پيدا ٿئي. ان سلسلي ۾ ادل سومرو تو وٽ اچي رهيو آهي."

مان بروهي صاحب جي فليٽ پرنس ڪامپليڪس ڪلفٽن مان سڌو تغلق هائوس، سنڌ سيڪريٽريٽ پهتس. حميد آخوند صاحب سان ملاقات ٿي. جنهن منهنجا خيال ٻڌڻ کان پوءِ موٽ ۾ هي لفظ چيا:

"ادا، مون کي خبر آهي، اديب ۽ شاعر مسڪين ماڻهو آهن... هڪ سؤ روپئي سر مان آفيسون ڪونہ ٺهنديون آهن، مان توهان کي سنگت جي آفيس لاءِ ويهہ لک روپيا ڏيان ٿو. انهيءَ جو اعلان، سنڌ جو وڏو وزير علي محمد مهر صاحب توهان جي پروگرام ۾ اچي ڪندو. اِهو صرف اعلان نہ هوندو پر ويهہ لک روپيا توهان مون کان ونجو، اِهو واعدو آهي."

'پر اسان تہ ڪارڊ ڇپرائي ڇڏيا آهن، جنهن ۾ جويي صاحب جي صدارت لکيل آهي، ڪارڊ ورهائجي ويا آهن، پروگرام ۾ وڏي وزير کي آڻڻ ڏکيو ٿي پوندو.' مون کيس وراڻيو.

"توهان وري ٻه سوچيو ۽ سنگت سان صلاح ڪريو، پوءِ مون کي ٻڌائجو."

حميد آخوند مون سان هٽ ملائيندي چيو. مان سيڊ ريٽريٽ مان ٻاهر نڪري ٻڌتر ۾ پئجي ويس. اوچتو سائين تنوير عباسي جا لفظ ذهن تي تري آيا:

"صحين واري مهر هلائڻ دوران، اسان ڪراچي هوٽل حيدرآباد ۾ اوڏر تي ماني کائيندا هئاسين. ان وقت ڪلارڪ جي پگهار پنجاهه روپيا ماهوار هئي. سنڌ جو هڪ وڏو سياستدان پنجن هزارن جو چيڪ سنڌي ادبي سنگت کي ڏيڻ آيو هو. سنگت جي سيڪريٽري مقبول پٽيءَ ڪيس چيڪ واپس ڪندي چيو هو تہ اسان چيڪ وٺي توهان سياستدانن جي هٿان استعمال نہ ٿينداسين. سائين تنوير عباسيءَ جي لفظن منهنجي رهنمائي ڪري ڇڏي. مون سوچيو تہ هي سياستدان ۽ حڪمران اسان سان غير مشروط سهڪار چو نہ ٿا ڪن.

مون حيدرآباد اچي دوستن سان صلاح ڪئي، جن کي ڳالهہ نہ وٺي ۽ انهن چيو تہ جيڪڏهن غير مشروط مدد ڪن ٿا تہ ٺيڪ آهي، ٻيءَ صورت ۾

اسان ايئن ئي چگا آهيون. پنهنجي مدد سان آفيس نهرائيندا سين. مون جويي صاحب سان سان ملاقات ڪري، ڪيس سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو. سائينءَ چيو ته پلي وڏو وزير پروگرام ۾ اچي، گهٽ ۾ گهٽ ۾ سنگت جي مرڪزي آفيس تي نهي ويندي. اِها جويي صاحب جي فراخدلي هئي جو انهن اهڙي گنجائش ڪڍي، نه ته اسان کي ته پنهنجن ادبين ۽ شاعرن جي خبر هئي ته اُهي انهيءَ واقعي کي هڪ اهم قومي مسئلي طور اُتارين ها. بهرحال اسان سنگت جي قيام کان وٺي هيلتائين، اُن جي خودداري ۽ اسٽيبلشمينٽ جي چانوَ کان پري رهڻ واري روايت کي برقرار رکيو.

جويي صاحب گوبند مالهي لائبريري ۽ سنگت جي مرڪزي آفيس جي پيڙهه جو پٿر رکيو. ادبين، شاعرن ۽ سڃاڻ دوستن جي هڪ چگي تعداد پنهنجن هٿن سان سِرون رکيون. ان بعد جويي صاحب سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ ۾ سنگت جي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪئي. امداد حسيني، حميد سنڌي، انور پيرزادو، ڊاڪٽر شمس عرساڻي، ڊاڪٽر هدايت پريم، تاج جويو، غلام حسين رنگريز، شمس سومرو، ڊاڪٽر قاسم بگهيو، انعام شيخ، تاجل بيوس خاص مهمان هئا. ان موقعي تي جويي صاحب جو لکيل نهراءُ منظور ڪيو ويو، جنهن موجب پرائمري ۾ انگريزي نه شامل ڪرڻ جي گهُر ڪئي ويئي هئي، چو ته پرائمري تعليم مادري ٻوليءَ ۾ حاصل ڪرڻ هر ٻار جو حق آهي.

جويي صاحب جو سنڌي ٻوليءَ سان عاشقيءَ ۽ جُنون جي حد تائين پيار آهي. هو ان لاءِ سدائين فڪرمند رهيو آهي. ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جي غلط استعمال تي ۽ ڪيس گهٽو اُلڪو رهندو آهي. تعليمي ادارن جي صورتحال تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"اڄُ جي نئين دور ۾ ٻوليءَ ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو اُن ٻوليءَ جي پڙهائي آهي جيڪا اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. تمام گهٽي افسوس جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي پرائمي اسڪولن کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي پڙهائيءَ تي پُورو ۽ مناسب ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي."

(ماهوار نئين زندگي، جنوري 2002ع صفحو 17)

جويو صاحب هن صديءَ ۾ جديد سنڌ جي فڪري ۽ روشن خياليءَ واري تحريڪ جو سرواڻ آهي. 'گليلو'، 'فڪر جي آزادي'، 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس'، ۽ 'علم تدريس مظلومن لاءِ'، جهڙا فڪر انگيز ڪتاب ترجمو ڪري هُن نوجوانن جي ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. کين ڏاهپ واري گس تي آڻيندي، مظلوم قومن جي حقن جو شعور ڏنو آهي.

'شاهه، سچل، سامي'، 'ماڻهوءَ جو پاڻ' ۽ 'سنڌ بچايو ڪنڊُ بچايو'، جهڙا شاهڪار ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اَملهه سرمايو آهن.

سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ حقيقي علمي ادبي، تحقيقي ۽ عوام دوست روشن خياليءَ جو فڪري مرڪز بڻائڻ وارو محمد ابراهيم جويو صاحب آهي. جنهن پنهنجي وقت جي اڪابرن ۽ ڏاهن- سائين جي.ايم.سيد، مرزا قليچ بيگ، حيدر بخش جتوئي، پير حسام الدين راشدي، محمدعثمان ڏيپلائي، نارائڻداس بولچند ۽ ٻين ساٿين جي رهنمائي مان حاصل ڪيل علم کي اڳتي منتقل ڪيو. هُن غلام محمد گرامي ۽ غلام رباني آگري جي تربيت ڪئي ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ مضبوط بنياد تي بيهاريو. جيئن شاهه جي ڪلام کي گُربخشاڻي مليو، تيئن شيخ ايار جي شاعريءَ ۾ سمايل فڪري جوهر کي، جويي صاحب پنهنجي ڏاهپ وسيلي متعارف ڪرائي، شيخ ايار کي هڪ عظيم شاعر جي رُوپ ۾ سُجاڻپ ڏياريائي.

پنهنجي شخصي ڪردار کان وٺي، هڪ اُستاد، دانشور ۽ اديب جي روپ تائين، سائين جويو صاحب هڪ روشن خيال، انسان دوست، وطن پرست ۽ آدرشي رهنما آهي. زندگيءَ جي انهيءَ جدوجهد ۾ هُو اَڄُ به ٽڪو ناهي. زندگيءَ جا سؤ دروازا پار ڪندي اَڄُ به سندس چهري تي ساڳي مُرڪ آهي، جيڪا هر ايندڙ مهمان جي آجيان ڪري ٿي. سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ به پنهنجي هن آدرشي اڳواڻ ۽ فڪري امام لاءِ محبت، عقيدت ۽ احترام جا گُل سدائين ڀهڪندا ۽ ٽڙندا رهن ٿا، جيڪي ڪڏهن به مرجهائجي نٿا سگهن.

هڪ صديءَ جو پڙاڏو: محمد ابراهيم جويو

شرميلا فاروقي

13- آگسٽ 2014ع تي، سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن باب جيئرو جاڳندو داستاني ڪردار سائين محمد ابراهيم جويو، 100 سالن ۾ پير پائي رهيو آهي. اها هڪ تاريخ ساز گهڙي به آهي ته سنڌي ادب ۾ هڪ انقلاب به.

سائين ابراهيم جويو گذريل 80 سالن کان سنڌ جي ڏٽڙيل ۽ پيڙهيل عوام ۾ سياسي ۽ سماجي جاڳرتا آڻڻ لاءِ پنهنجي زبان ۽ قلم وسيلي، بنا کنهن ڊپ ۽ ڊاءَ جي، پنهنجي جاکوڙ جاري رکندو پيو اچي.

پاڻ 1938ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ اسسٽنٽ ماستر جي حيثيت ۾ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين ۽ اڄ تائين هو پنهنجي زندگيءَ مان ان استاد جي ڪردار کان آجپو حاصل ڪري نه سگهيو آهي. اسڪولي ٻارن کي تعليم ڏيندي ڏيندي، پاڻ عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته پاڻ ڪيترائي شاعر، عالم ۽ اديب پيدا ڪيا اٿس، جيڪڏهن سندس رهنمائي نه هجي ها ته جيڪا منزل هنن ماڻي آهي، ان منزل تي نه پهچي سگهن ها، يا وري هُو ان شعبي يا ادبي ميدان مان ئي نڪري وڃن ها. ٻئي پاسي جويو صاحب، صحافين، سياسي ڪارڪنن بلڪ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته سياستدانن جو پڻ رهبر رهيو آهي ۽ کين سياسي شعور ۽ فهم بابت ڄاڻ ۽ رهنمائي مهيا ڪندو رهيو آهي. سندس اها رهنمائي اڄ به هلندڙ ۽ جاري، ساري آهي.

جويي صاحب جي شخصيت جو جيڪڏهن اپياس ونجي ته اها گهڻ رُخي شخصيت آهي، جنهن جو هر رخ جاندار، اثرائتو ۽ جناندار آهي. پاڻ هر رخ ۾ لڳاتار جاکوڙيندو رهيو آهي ۽ سندس جاکوڙ جو انداز به پنهنجي همعصرن کان بلڪل منفرد ۽ بي ڊپو آهي.

محمد ابراهيم جويو صاحب جيئن ته پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪئي، تنهنڪري ڪيس تعليم جي شعبي کي هٿي وٺرائڻ جو سڀ کان وڌيڪ اونو رهندو اچي ٿو، پاڻ ان ڏس ۾ ڪيترن ئي اهم ڪتابن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پڌندڙن کي پيش ڪيائين، جن ۾ خاص طور روسو جي ڪتاب Emile or Education جو ايميلي عرف تعليم جي نالي سان ۽ پلو ٽارچ جي ڪتاب Education of Child جو ٻارن جي تعليم جي نالي سان ترجمو ڪري پيش ڪيائين. جڏهن ته پائلو فراريءَ جي ڪتاب Pedagogy of the Oppressed جو ترجمو "علم تدريس مظلومن لاءِ" جي نالي سان ڪيائين.

اهي ٽيئي ڪتاب سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ استادن ۽ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل عملي توڙي عملدارن کي تعليمي رمزن، اسرارن ۽ فن بابت ڄاڻ ڏين ٿا.

آزاديءَ کان اڳ سنڌيءَ ۾ ترجمي جو فن ڏاڍي اوج تي هو، پر آزاديءَ کان پوءِ ترجمي جي اهميت جيڪڏهن کنهن محسوس ڪئي ۽ ڪرائي

ته اهو محمد ابراهيم جويو هو. ڪيس پاڻ به ترجمي جي فن کي ايترو مٿانهين معيار تي کڻي ويو، جو سندس ترجما اصلوڪا ۽ طبع زاد محسوس ٿيندا آهن. ان جو بنيادي سبب اسلوب، ٻولي جي سلاست ۽ فصاحت هو.

جويو صاحب نہ فقط پاڻ ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جن ۾ نظرياتي، سياسي انقلابن بابت ڪتاب ۽ شامل هئا، پر پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ترجمن جي هڪ رٽا منظور ڪرائي ٻين ۽ عالمن ۽ اديبن کان ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪرايا. جن سان سنڌي ادب مالا مال ٿيو.

جويي صاحب جي هڪ اهم ادبي خدمت 'شاهه، سچل ۽ سامي' جي ڪلام کي ٽن ڏار ڏار جلدن ۾ هڪ Trilogy جي صورت ۾ آهي. هڪ خاص اشاعت جي مهاڳ طور لکيل تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب 'شاهه، سچل ۽ سامي' هڪ مطالعو ۽ هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکن ٿا، جنهن ۾ ٽنهي شاعرن جي شاعريءَ جي مختلف رخن تي عالماڻي انداز ۾ پيرائتو بحث ڪيو ويو آهي. ڪنهن عالم يا اديب انهن ٽنهي شاعرن جي ڪلام تي هڪ وقت چند چاڻ يا تحقيق نہ ڪئي آهي. پر سائين جويو صاحب اهو ڪارنامو ۽ سرانجام ڏنو آهي.

ان کان سواءِ مختلف اديبن ۽ عالمن جي لکيل ڪتابن جا مهاڳ، جنهن ۾ خاص طور تي شيخ ايياز جي شاعريءَ جي ڪتابن جا مهاڳ ذڪر جوڳا آهن، جيڪي سنڌي ادب جا بهترين ادب پارا آهن، جن انهن اديبن کي پڙ ادب ۾ مانائتي جاءِ والارڙ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙي ريت ڏسجي تہ محمد ابراهيم جويي صاحب جا ادبي ڪارنامہ هڪ الف ليلوي داستان واري حيثيت رکن ٿا.

احمد شاکر گانڌڻو

صديءَ جي سوچ....!

(منظوم پيڙا)

آزاد نظم

صديءَ جي سوچ
خوشحاليءَ جي خوشخبري
آ اسان جي لئہ
سنڌ جا سُورما
ويڑهہ وڑهندا رهيا
ويڑهہ وڑهن پيا
تو تہ سدائين سائين!
حوصلا وڌايا قلم ۽ ڪتاب سان
تنهنجي پيشانيءَ منجهان
نُور جون لاٽيون نظر آيون صدا!
فڪر جون، سوچ جون، اڳتي وڌڻ جون
تنهنجي تحريرن منجهان
علم جون نئيون
ڪيئي ڏهن سراب ڪن ٿيون
سنڌ جا، تو سپنن ۾ ڏٺي!
سا سُهاڻي سُڃي
علم ۽ ادب جي
سدا پرچارڪ ڪري
ڪيرٽر جون قطارون دائم رهن
ڪينجهر ڪنارا، سنڌوءَ نظارا
ڪارونجهر جي ڪورَ ۽ مور
سدا دائم رهن
هيءَ جنت جهڙي سنڌ دائم رهي
شفقتن جون نگاهون تنهنجون سدا
خوشحاليءَ ۾ ڪنديون رهن
عشق تنهنجو اي سائين
سدا سنڌ سان قائم رهي
عشق تنهنجو اي سائين
سدا سنڌ سان قائم رهي!

سنڌ جو محافظ محمد ابراهيم جويو

نظر محمد ڳاهو

جويي صاحب جي شخصيت پنهنجي دور ۾ ائين روشن ۽ منور آهي جيئن آسمان تي تارن ۾ چند! سندس جدوجهد جا بي مثال حوالا آهن. جويي صاحب جي زندگيءَ ۾ سنڌ هن جي "جند" رهي آهي. انڪري هن سنڌ جي مٽي، سنڌ جي ماڻهن، سنڌ جي معدنيات کان وڌي سنڌوءَ جي پاڻي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو تحفظ ڪيو آهي. انڪري ڪيس سنڌ جو محافظ چئجي، تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

جويي صاحب جي وطن پرستيءَ کي ڏسي سائين جي. ايم. سيد لکيو آهي تہ:

"سندس صلاحيت جو اندازو مون کي تڏهن پيو هو جڏهن هن نوجوانيءَ ۾ 'سيو سنڌ سيو دي ڪانفرنس' جوڙائي پٽرو ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ لاءِ جڏهن ڳولا ڪئي ويئي، تہ ڊاڪٽر بلوچ ۽ جويي جا نالا بورڊ جي سامهون آيا. ڊاڪٽر بلوچ، پگهار جي گهٽ هئڻ ڪري نہ آيو ۽ قرعو فال وڃي هن تي پيئي. هن اميدن کان وڌيڪ ڪاميابي ڏيکاري. بورڊ ۾ هِن پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مشنريءَ ۽ هڪ قوم پرست سنڌي خادم طور ڪم ڪيو آهي. سندس علمي معيار پنهنجي لکيل ئي ڪتابن تي پرکڻ، بي انصافي ٿيندي. سندس فڪري اوسر انهن کان مٿانهين آهي. هن سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪيو آهي. سندس خامي حد کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ آهي، جنهن جي ڪري سندس خانگي زندگي بہ متاثر رهي. پاڻ کي حسد جو نشانو بڻائيندي سڀائين مخالفن جي تنقيدي شدت هيٺ رهيو. رجعت پسند ۽ ڪٽر فرقہ پرست گروهہ سندس شديد مخالف رهيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب بلڪ منهنجا ڪيترائي لکيل ڪتاب سندس قلم جا ممنون منت آهن."

اها هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي تہ جويي صاحب پنهنجي سموري حياتي سنڌ کي اُڀي چڙي آهي. جويي صاحب سڀائين سنڌ کي ڏنو آهي. نوجوان نسل ۾ فڪري جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ محبت ۽ اتساهہ پيدا ڪرڻ جو ڪريڊٽ بہ جويي صاحب ڏانهن وڃي ٿو. هي جيڪا اڄ سنڌي ٻولي سُهڻي انداز ۽ اسلوب ۾ لکي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي، انهيءَ لاءِ سڄي سنڌ جويي صاحب جي احسانمند آهي. پاڻ ڏرتي ۽ ٻوليءَ جو ڳاڙهو اوچو رکڻ لاءِ اڄ تائين جهيڙيندو پيو اچي. سنڌ ۽ سنڌوءَ تي جڏهن بہ ڪا ميري اک کڄي ٿي، تہ جويو صاحب هميشہ ان جي بچاءَ ۾ سينو ساهي بيٺو آهي. جويي صاحب بابت شيخ اياز لکي ٿو تہ:

"ابراهيم جويي مون لاءِ هڪ نئين دنيا جا تاڪ کولي چڏيا هئا ۽ پراڻيءَ دنيا جا سارا ٽوٽيون، ٽنيا ڏهي ڏير ٿي پيا هئا ۽ مون لاءِ ماضيءَ جي هر زنجير کي چني اڇتي وڌڻ لاءِ دڳ کلي پيو هو. منهنجي ۽ هن جي دوستي رومي ۽ شمس تبريز واري هئي، شمس، روميءَ جي ڪتابن تي نگاهہ وڌي هئي تہ انهن ۾ باهہ لڳي وئي هئي."

ابراهيم جويي صاحب جي جدوجهد جي هڪ تاريخ آهي، سنڌ ۽ سنڌين کي سنوارڻ جي. ڏٺيءَ در دعا آهي تہ جويي صاحب جي شخصيت جو چانورو هميشہ سنڌ تي سلامت رهي!

سوشلسٽ مفڪر

سيّد مظهر جميل

سنڌيڪار: عبدالمجيد پنهور

سائين محمد ابراهيم جويي جي شخصيت مون لاءِ هميشہ ڪشش جو باعث رهي آهي. حالانڪ ماضيءَ ۾ مون کي سائين جويي صاحب سان نہ تہ ذاتي قرب جا کي خاص موقعا ميسر ٿيا هئا ۽ نہ سندس تحريرن کي وڏي چاهہ سان مطالعي جي توفيق ٿي هئي، پر گذريل ڪجهہ سالن دوران سنڌ جي معاشرتي تاريخ جي حوالي سان، سندس چونڊ تحريرن کي پڙهڻ جو موقعو مليو، تہ سڀ کان پهرين تاثر اهو ئي پيدا ٿيو تہ جويي صاحب جا تصور، فڪري رجحان ۽ عملي جدوجهد جي ڪجهہ اهم پهلوئن کي اردو زبان ۾ بہ آڻڻ گهرجي، تہ جيئن ان جي تفهيم جي باب ۾ جيڪي ڪجهہ غلط فهميون شعوري طور پيدا ڪريون آهن، ان جو خاتمو ٿي سگهي. سندس زندگي مسلسل جهدوجهد، غير مشروط لگن ۽ حوصلہ مندي جي هڪ ڀرپور ڪهاڻي آهي.

اصل اها ڳالهہ هئي، جنهن بعد مون جويو صاحب جي سوانح عمري مرتب ڪرڻ جو ارادو ڪيو، چوتہ انهي آئيني ۾ مون کي سنڌي معاشرت جا سياويڪ عنصر متحرڪ نظر اچي رهيا هئا. ظاهر آهي تہ اهو مشڪل مرحلو جويي صاحب جي تعاون ۽ حوصلي افزائيءَ بنا مڪمل ڪرڻ ممڪن نہ هو.

شروع شروع ۾ منهنجي گذارشن تي پاڻ ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو ۽ ٽارينڊو رهيو بلڪ هڪ دفعي تہ مون کان پڇيائين تہ: "مون تي ڪتاب لکڻ جو توکي ڇو خيال آيو آهي؟" مون مختصر طور وضاحت ڪندي چيو: "مان توهان کي سوشلسٽ مفڪر ۽ عوام دوست تبديلين جو هڪ وڏو ترجمان سمجهان ٿو. پاڪستان ۾ جمهوري قدرن، معاشي انصاف، ۽ غير استحصالي نُڪتہ نظر کي عملي طور ڪامياب ۽ مستحڪم ڏسڻ وارن ماڻهن ۾ توهان بہ سر فهرست شامل آهيو ۽ وفاقي پاڪستان کي جن خطرن کان توهان 1945ع/ 1946ع ۾ پنهنجي ڪتاب Save Sindh Save the Continent ۾ آگاهہ ڪيو آهي ۽ جن خطرن، وسوسن ۽ واقعن جي پيش گوئي توهان ڪئي هئي، انهن مان اڪثر لفظ بہ لفظ سچ ثابت ٿي آهي، توهان سنڌي ٻولي، ادب، تهذيب ۽ ثقافت جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ جن خيالن جو اظهار ڪريو ٿا، اهو پاڪستان ۾ موجود سمورين ٻولين، قوميتن لاءِ برابريءَ جي بنياد تي تحفظ فراهم ڪري ٿو، ۽ طبقاتي مقصد ۽ قومي مقصد رکڻ وارن مختلف طبقن کي اهڙيون صفايون ۽ تجويزون نہ تہ ڪالهہ پسند هيون ۽ نہ اڄ قبول آهن. تنهنڪري هنن، وفاق پسند ۽ قومپرستن خلاف سخت ڪلاميءَ جو سلسلو پهرين ڏينهن کان ئي جاري رکيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي زبان ۽ ادب سميت هر ترقي پسند، روشن خيال، انسان دوست، جمهوريت نواز ۽ سيڪيولر خيالن ۽ تصورن جي وڪالت ۾ توهان اڪيلي سر جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، اهي اڄ بہ اسان جي تاريخ جا چمڪندڙ نقش آهن.

منهنجي خيالن سان ڪجهہ قدر مطمئن ٿي، مون کي اڏ درجن کان وڌيڪ ملاقاتن جو شرف بخشيو، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ منعقد ٽيندڙ انهن ملاقاتن ۾ جويي صاحب پنهنجي زندگيءَ جي اڪثر لڪل گوشن کي واضح ڪيو.

(ڪتاب "محمد ابراهيم جويو- ايڪ صدي کي آواز" تان کنيل)

آکنهن کنهن ماڻهو منجهه مڻيا

اشتياق انصاري

مون جڏهن 'سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا' جو پيو حصو لکي پورو ڪيو تہ دوستن جي صلاح اها بيني تہ ان ڪتاب جا پيش لفظ سائين ابراهيم جويي کان لکرايا وڃن. ساڳئي وقت، ان تحقيق دوران ڪيل رولاکن کي مجتا ڊيارڻ لاءِ ان جي بيڪ ٽائيٽل لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي گذارش ڪجي.

ان کان اڳ جيڪي به منهنجون هيڏي قلم سان لکتون شايع ٿيون هيون، ان مان اڪثر لکڻين تي مهاڳ لکيل نہ آهي، مون اهي قلمي پورهيا به گهٽو ڪري پنهنجي گهر پاتين ڏي منسوب ڪيا آهن. جن جو به علم و ادب سان گهرو واسطو رهيو آهي، جيئن بابا انيس انصاري، امان عائشه انصاري، پائر، پينرون ۽ جيون سائي شبنم گل وغيره. ساڳئ طرح انهن جا بيڪ ٽائيٽل به والد، پائرن ۽ قريبي رفيقن تحرير ڪيا آهن

بهرحال 'سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا-2' جي پيش لفظن جي سلسلي ۾ سائين ابراهيم جويي سان ملڻ جي خواهش دل ۾ ڪئي، سنجها ڏاري اچي سائين جي در جو ڪڙو ڪڙڪايو، جويو صاحب پاڻ اچي در کوليو، مون جڏهن ڪيس پنهنجو تعارف ڪرايو تہ سائين يڪدم اتي بيني ئي منهنجو هٿ پڪڙي ان کي چُمي ڏني. سچ پچو تہ هڪ مهان هستيءَ جو مون جهڙي نندڙي ليکڪ کي ان انداز سان ماڻ ڏيڻ، ڪنهن نوبل پرائز کان گهٽ نہ هو، يقين ڪيو تہ ان وقت منهنجي اکين مان خوشي ۽ عقيدت منجهان ڳوڙها ڳڙي آيا، سوچان پيو تہ سنڌ جو هڪ مها ڏاهو پنهنجي ڏرتيءَ جي ماڻهن سان ڪيڏو نہ پيار ڪري ٿو.

جويو صاحب سان روُح رهاڻ دوران ڪيس پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو، هن جڏهن ڪمال مهرباني سان به اکر لکڻ جي جامي پري تڏهن مان پنهنجا ڇپيل ڪجهه پستڪ ۽ نئون قلمي نسخو سندن آڏو رکيو. جويي صاحب هڪ هفتي بعد ڪاغذ ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو. اتفاق سان اهو سارو عرصو نوڪريءَ جي هڻ وٽ ڪري حيدرآباد کان ٻاهر گشت تي رهيس، ان دوران مون کي محسن جويو ۽ موهن مدهوش جون ميارون ملڻ لڳيون تہ "جويو صاحب وٽان اچي پنهنجا ڪاغذ ڪٽي وڃو، سائين واعدي مطابق مهاڳ لکي، ان کي ڪمپوز ڪرائي رکيو آهي." اها ٽيندي آهي لفظن جي پاسخاطري ۽ واعدي وفائي.

مان ڪجهه ڏينهن بعد سائين وٽ حاضر ٿيس تہ محترم جويو صاحب لکيل پن اکرن سان گڏ نئين منهنجي مسودي جي باري ۾ ڪجهه هدايتون ڏنيون، سائين تقريباً هڪ باب جا پروف به پنهنجي هٿن اکرن سان سڌاريا ۽ سنواريا هئا.

اهڙي طرح ابراهيم جويي کان پيش لفظ ملڻ بعد مون وري سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڏي ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل لاءِ پنڌ ڪيا، پر بلوچ صاحب واعدو ڪري به الائي ڇو به سڏون لکي نہ ڏنيون. بهرحال ان بهاني بلوچ صاحب سان ڪچهريءَ جو خوب موقعو مليو. ان مان ثابت ٿيو تہ بلوچ صاحب وٽ پسند ناپسند جا پنهنجا پيمانا هئا، پر ان جي بنسبت هن سادي، سڀاجهڙي ۽ نرم مزاج جويو صاحب

وٽ "ڪونہ پُڇندو ذات، جي آيا سي اگهيا" هن جا در هر سنڌ واسيءَ لاءِ کليل آهن.

ابراهيم جويي جي نوازش ۽ همت افزائي جي حوالي سان ياد آهي ته مون جڏهن پنهنجي سفرنامي 'خيما ڪاهوڙين' جي مهورت لاءِ بخشڻ مهراڻوي ۽ بشير ساريو جهڙن قربدارن سان حال اوريو، ته هنن ان سفرنامي جي مڪ درشن جو بندوبست اڇڙي ٽر جي پٽن جي پاڪر ۾ ستل خوبصورت ڍنڊ ڪاکاهو ڪناري ڪيو. جامي چانڊيي جي ٽورن سان سائين ابراهيم جويي تائين پروگرام جو دعوت نامو پهچايو ويو.

چانڊوڪي رات ۾ جنهن مهل ڪاکاهو جون مستو مست لهرون ڪنهن ڪولهڻ جيان ڪاڪل چوڑي، مدهوش هوائن جو گهونگهٽ اوڑي رقص ڪري رهيون هيون، ته ان ويلي ائين پيو محسوس ٿي جڏ ٽر جون محنت ڪش ڪولهڻيون رَاسوڑي تي ڏيمان ڏيمان قدم کٽي جسر لوڏي رهيون آهن.

ان منفرد ميڙاڪي ۾ ساري سنڌ جا اهل علم و قلم موجود هئا. ان پرخمار محفل ۾ جاڻ جي ڪاڻ ابراهيم جويو، انعام شيخ، جامي چانڊيو، يوسف لغاري، مولابخش چانڊيو، نصير مرزا، سرفراز راجڙ، طارق عالم ابڙو، نواز ڪنير، صادق فقير، ڊاڪٽر نذير شيخ، ذوالفقار هاليپوٽو، معشوق بلوچ، علي محمد شاهه لکياري ۽ ٻين ڏات ڏٽين رت جڳي ڪئي هئي. ويتر محترم ابراهيم جويو ان اهل دانش جي گلدستي ڪي پنهنجي حڪمت آموز گفتار سان وڌيڪ معطر ڪري ڇڏيو هو.

هونئن به اسان جي گهر ۾ ننڍپڻ کان وٺي هڪ سٺو ڪتبخانو هئڻ ڪري هميشه لکائي پڑهائي وارو ماحول رهيو آهي، راند روند ۽ شيل شڪار جي جنون باوجود منهنجي به، قلم ڪاڳر سان رغبت رهندي آئي آهي. ڪنهن دور ۾ لاڙڪاڻي ۾ زيب سنڌي جو سڳنڌ ڪتاب گهر اتان جي نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. چانڊڪا جي علم جي اُجايلن ڪي ان هنڌان، اڪثر ڏهن جهنجهوڑيندڙ مواد ملي ويندو هو، اسان ڪي سڳنڌ ڪتاب گهر مان روسي ۽ چائنيز ادب سان گڏ سبط حسن 'جا ماضي ڪي مزار'، 'موسيٰ سي مارڪس تڪ'، 'نويد فڪر' ڪان سواءِ عبدالله ملڪ ۽ رسول بخش پليجي جا ڪتاب هٿ اچي ويا هئا. خاص ڪري ابراهيم جويو جا ڪيل ترجما 'وحشي جيوت جا نشان'، 'گليلو'، 'فڪر جي آزادي' ۽ 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس' جهڙن ڪتابن جي مطالعي سان اسان جهڙن الهڙ راندڻگرن جي پروگريسو سوچ ڪي ايڏا به وسعت ملي. اڄ به اهي نيري ڳاڙهي مس سان حاشيہ لکيل ڪتاب منهنجي لائبريري ۾ موجود آهن.

جويو صاحب ساري ڄمار سائنس ۽ ترقي پسند تحريڪن جو پرجهلو رهيو آهي. سندس جوانيءَ جي جولاني هجي يا پچاڙيءَ ۾ پيري جو پنڌ، هو پنهنجي سڪيولر ۽ لبرل موقف تي پهرين ڏينهن ڪان ڪيرٽر جيان ثابت ۽ اڏول بيٺو آهي. ڪڏهن به لڏيو ۽ لميو نہ آهي. هن ڪنهن زماني ۾ وڏي پروسي سان سيني تي هٿ هٽي شيخ ايياز کي آٽت ڏنو هو ته: "اسان به ماڻهو سنڌ لاءِ ڪافي آهيون، اسان به چاهيون ته سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا."

اهو سچ آهي ته ڪنهن قوم جا سڃاڻ قلمڪار ان دور جا جڏ مسيحا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ذات ۽ ڏاڻءَ سان قوم جي ڪمزورين، ڪوتاهين ۽ ڪاهلين جو درمان ٻڌيا آهن، هو پنهنجي قلم کي نشتر ٻڌائي، قوم جي ڦٽن ڦرڻن جي وڍ ڪٽ سان گڏ انهن تي آٽت جا پها پڻ رکندا آهن. جويو صاحب پنهنجي ديس واسين جي ڪيترين ڪمزورين جي نشاندهي ڪري نہ صرف قلم جي قوت سان ان جو علاج ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت سنڌ دشمن مورچن سان اڄ تائين منهن مقابل ٽيندو پيو اچي.

اها پڻ حقيقت آهي ته ڪي ڪردار پنهنجي قوم جي تاريخ جا جڏ باب هوندا آهن، انهن ماڻهن جي ذڪر سان تاريخ جي ان دور جو سارو عڪس سامهون ڦري ايندو آهي. ابراهيم جويي جي سؤ سالہ گهاريل زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا، ته اسان کي سنڌ جي تاريخ جي پوري هڪ صديءَ جا ڏک ڏولاوا، اهنج ايذاءَ، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون سامهون اچي وجن ٿيون.

مطلب ته جويو صاحب سنڌ جي تاريخ جو اهو اٽلي روح آهي، جنهن ورهاڱي بعد چڙوچڙ، ٽاهه ڪاڌل ۽ پَر ڪٽيل قوم جو ويڄ ٻڌجي، ان ۾ اڏڻ جي سگهه پيدا ڪئي.

هڪ انسان ساز شخصيت

هدايت بلوچ

محمد ابراهيم جويي تي لکي ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي، سراج ميمڻ لکي، شمشيرالحيدري لکي، ايراِيچ. پنهور لکي، حميد سنڌي لکي، غلام نبي آگرو يا انهيءَ حيثيت جا ليکڪ لکن، ته انصاف ۾ ٿئي، باقي هدايت بلوچ جي کڻي حيثيت!

جويو صاحب مون سان جڏهن ۾ ملندو آهي ته وڏي قرب ۽ وڏي پاڻپوهه سان ملندو آهي. سندس ڪِل ۽ مُرڪ مون کي ڏاڍي موهيندڙ ياسندي آهي، سڻي لڳندي آهي. ڪيس ڏسندو آهيان ته لڳندو اٿر هڪ وڏو آهي، جنهن جي ڄاڻ ايجا سنڌ واسين تي آهي. ڪنهن نه ڪنهن طرح سان جويي صاحب سان لڳ لاڳاپي ۾ رهيو آهيان.

ڪجهه ڏينهن اڳ ادي نور الهدیٰ شاهه جي سالگرهه تي جڏهن "عوامي آواز" اخبار، ايڊيشن ڪڍيو هو ته منهنجو به هڪ مضمون ڇپيو هو، جنهن ۾ مون "بوردِ بچايو تحريڪ" جو حوالو ڏنو آهي، جنهن جي اڳواڻي تہ ادي نورالهدیٰ وٽ هئي، پر ابراهيم جويي صاحب جو ڪردار پڻ انهيءَ ۾ اهم هو. انهيءَ تحريڪ ۾ گهڻو تڻو حيدرآباد جا اديب شامل هئا، پر ڪراچيءَ منجهان مان گهڻو سرگرم هوس. انهن ملاقاتن ۾ ۽ جويي صاحب سان ويجهڙائي رهي. وري جڏهن شايد 1993ع يا 1994ع ۾ نئون بوردِ ٺهيو ته ان ۾ عبدالجبار جوٽيجو صاحب به هو. اهڙيءَ طرح بوردِ وارا سال گڏ گذارڻ سبب مان نه فقط سندس علميت جو قائل ٿيس، پر سندس انتظامي لياقتن کان ۽ گهڻو ئي متاثر ٿيس. نحيف ۽ نبل، ليڪن جڏهن ۽ ڪنهن ڪوتاهي يا غلطيءَ تي ناراض ٿيندو هو ته هڪ الله جي پناهه. سنڌيءَ، کان سواءِ انگريزيءَ تي ۽ سندس عبور آهي ۽ اڪثر ڊان (Dawn) ۾ "ليٽرس ٽو ايڊيٽر" ۾ سنڌ سان واسطو رکندڙ اهم موضوعن تي سندس انگريزي خط چيڇندا رهيا آهن.

جويو صاحب، علم پرست ۽ آهي ته قوم پرست ۽ آهي. هو سيڪيولر ۽ آهي ته وحدت الوجودي صوفي ۽ آهي. هُو رمز شناس آهي، سچو آهي، ڪميٽيڊ آهي ۽ دل جو صاف آهي.

جويو صاحب تقريباً 1951ع کان ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌي ادبي بوردِ سان وابسته رهيو آهي. 1951ع ۾ هُو سنڌي ادبي بوردِ جو سيڪريٽري ٿيو ۽ اڄ 2002ع آهي. اڌ صديءَ کان مٿي هن "مهان" انسان جون خدمتون، بوردِ کي ارپيل آهن. عام طور چيو ويندو آهي ته پٽائيءَ کان پوءِ سنڌ جو سڀ کان عظيم شاعر شيخ اياز، جويي صاحب جي تربيت جو نتيجو آهي. ڪٽي پڇون، مهانتا ۽ ڪا مهانتا آهي!

تازو هن سنڌي ادبي بوردِ جي رسالي، مهراڻ، نمبر 1 ۽ 2002/2ع ۾ سندس سهڻي تحرير ۽ ڇپي آهي ۽ سندس استعيفا کان پوءِ سنڌي ادبي بوردِ جي ميمبرن جيڪو ٺهراءُ پيش ڪيو آهي، سو به "مهراڻ" جي هن پرچي ۾ ڇپيو آهي. پڙهندڙن جي

دلچسپيءَ لاءِ اهو نهراءُ، جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو:

مسٽر محمد ابراهيم جويي جي خدمتن جو اعتراف

سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن، ڪراچيءَ ۾، فيڊرل گورنمينٽ جي قصر ناز ريسٽ هائوس جي ڪاميٽي روم ۾، تاريخ 16 مارچ 2002ع تي مسٽر محمد ابراهيم جويي، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ طرفان وڏي عمر، ڪمزور صحت ۽ گهريلو مسئلن جي ڪري ڏنل استعيفا تي هيٺيون نهراءُ پيش ڪيو:

"سن 1951ع ۾، جويي صاحب، سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، سنڌي ادبي بورڊ جو بنياد رکيو هو، پر حقيقت اها آهي ته پاڻ سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح اُن جي پلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيندو رهيو. هينئر به پنهنجيءَ وڏي ڄمار، ڪمزور صحت ۽ ڪن ذاتي گهريلو مسئلن جي مجبوريءَ ڪري مستعفي ٿيڻ جو ارادو ظاهر ڪيو اٿن. البت پاڻ خاطري ڏني اٿن ته سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم ڪار ۾ صلاح مشوري لاءِ هميشه ۽ هر وقت مو جود هوندو. بورڊ سندن شڪريو ادا ڪري ٿو ۽ سندس خدمتن جي مڃتا ۽ تحسين طور هي نهراءُ پنهنجي رڪارڊ تي رکي ٿو. بورڊ جا سمورا ميمبر ۽ محترم محمد ابراهيم جويي کي وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسن ٿا. ائين سمجهن ٿا ته توٽي جو پاڻ بورڊ جو سرڪاري طور چيئرمئن نه به رهي، پر هڪ دوست ۽ هڪ ساٿيءَ جي حيثيت ۾ هن اداري سان زندگيءَ پر سندس ساٿ رهندو."

(روزاني عوامي آواز، ڪراچي، اڱارو 13- آگسٽ، 2002ع)

محمد ابراهيم جويي جا بورڊ پاران ڇپيل ڪتاب


THE
SINDHI INSTRUCTOR

[A useful book to acquire working knowledge of Sindhi Language]

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO/HYDERABAD SIND
PAKISTAN



پهاڙ جيڏو حوصلو ڏيندڙ

نياز پنهور

سائين محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي سماجي ۽ قومي شعور جو اهو سج آهي، جنهن جي روشنيءَ جا ڪرڻا، هن ڌرتي جي ڪنڊڪڙ ڪي منور ڪري ڇڏيا آهن، جديد سنڌ ۽ جديد سنڌي ادب جي تشڪيل ۽ تعمير جو تصور جويي صاحب کان سواءِ سوچي ئي نٿو سگهجي، جويي صاحب سنڌ جي جديد ادب جي صورتگري ڪئي آهي، جنهن جو اعتراف شيخ ايياز کان وٺي سراج، رسول بخش پليجي ۽ علي احمد بروهيءَ تائين هرهڪ ڪيو آهي. شيخ ايياز ته لکيو آهي ته سندس شعر تي جڏهن جويو صاحب نظر وجهندو آهي ته ڪيس پڪ ٿي ويندي آهي ته اُن کي امرتا ملي وئي آهي. هن بزرگ دانشور سنڌ کي پنجاهه کان مٿي طبعزاد، ترجمن ۽ ترتيب جي صورت ۾ فڪري ۽ سماجي شعور سان پرپور ڪتاب ڏنا آهن، جن جو سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تاريخ ۾ وڏو ملهه ۽ ماڻ آهي. جويو صاحب اُهو سڀاجهو شخص آهي، جنهن سنڌ جي پنجن ڇهن ادبي پيڑهين جي تربيت ڪئي آهي، هن شخص جي عظمت اِها آهي ته هن وٽ 16 سالن جي ڄمار جو اُسرندڙ نوجوان ادیب ٻه اُها عزت ۽ اُتساهه حاصل ڪري ٿو، جيڪا هو همعصرن ۽ همعمرن کي ڏيندو آهي، مون ته جڏهن ٻه جويي صاحب سان ملاقات ڪئي آهي ته نه رڳو مون کي ادبي اُتساهه مليو آهي، پر زندگيءَ ۾ نئون ويساهه ۽ سنڌ سان نئين وابستگيءَ (Commitment) جو حوصلو ٻه مليو آهي. جويي صاحب نه رڳو تعليمي ميدان ۾ هڪ عظيم استاد واري حيثيت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ پڻ مون جهڙن نون سيکڙائن جي رهنمائي ۽ سرواٽي ٻه ڪئي. "ڪاوش" اخبار سان ته جويي صاحب جي ويجهڙائي ۽ قربت ڪمال جي رهي آهي، هن اخبار کي هُو پنهنجي اخبار ۽ پنهنجي خوابن جي ساڃيان سمجهندو آهي. اسان کي جڏهن ٻه جويي صاحب جو ڪو مضمون چپڻ لاءِ ملندو آهي ته نه رڳو علي صاحب، نه رڳو آڻ پر، مضمون کي ڪمپوز ڪندڙ ۽ پيسٽ ڪندڙ نوجوان ٻه اعزاز سمجهندا آهن. جويو صاحب ادارا ساز شخصيت رهيو آهي، سنڌي ادبي بورڊ کان وٺي سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت تائين جويي صاحب جو ڪردار عالم آشڪار آهي. جويي صاحب جو رويو ۽ سياڻ نم جي گهاٽي وڻ جهڙو ڇانو ۾ پرساهيندڙ پکين جهڙن نرم مزاج نوجوانن کي زندگيءَ ۾ پهاڙن جهڙو حوصلو ڏنو آهي ۽ حوصلو حاصل ڪرڻ بعد کين زندگيءَ جي هر وک تي ڪاميابي ملي آهي، شال! جويي صاحب جي شفقت، محبت ۽ رهنمائيءَ جو سايو اسان تي وڏي عرصي لاءِ سلامت رهي!

هولي ۽ ڏرتيءَ جي ڪشش ۾ ويڑهيل

محمد ابراهيم جويو

شبنم گل

سنڌي هوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ بهتريءَ لاءِ مختلف وقتن ۾ ڪم ٿيندو رهيو آهي، جو ته هولي، قوم جي سڃاڻپ ۽ سگهه آهي، هوليءَ جي مڪمل جاڻ ۽ ويجهڑائي، انسان ۾ لچڪ ۽ گهرائي عطا ڪري ٿي، ورڻي جي به ويجهو رهي سگهجي ٿو، هولي کي زمين جي اثر کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي.

زمين تي رهڻ ۽ زمين کي سمجهڻ ۾ مختلف رويا آهن، هڪ طرف زميني حالتن ۽ تبديلين کي سمجهڻ بنا هوليءَ جي تت کي نه ٿو محسوس ڪري سگهجي، ساڳيءَ ريت فطرت ۽ زميني حالتن ۽ تبديلين جو انسان جي مزاج تي اثر پوي ٿو. سنڌ جو ماحول ۽ موسم معتدل آهن، هتي نه گهڻيون برساتيون پون ٿيون ۽ نه ئي گهڻا طوفان اچن ٿا، سموريون موسمون ترتيب جي دائري ۾ هلن ٿيون، هتي دريائن جي گهڻائي آهي، انهن دريائن جي ڪپن تي رنگا رنگ تهذيبون پروان چڙهن ٿيون، جنهن جي ڪري ساوڪ ۽ خوشحالي پڻ نظر اچي ٿي. سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ، معتدل موسم ۽ وسيلن جي ڪري، سدائين باهريان ماڻهو هن خطي ۾ ڪاهي پيا آهن، جنهن جي ڪري مقامي ماڻهن جي اندر احساس محرومي، مستقل ڪيفيت بڻجي وئي آهي.

سنڌ جي آب و هوا تخليقي صلاحيتن کي اُسرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سنڌ جا ڪيترا علائقا اهڙا آهن، جن کي اسان انرجي سينٽر پليس (فطري توانائيءَ سان پرپور علائقا) چئي سگهون ٿا، فينگ شوئي ۽ جيومينسي زميني حالتن جو جائزو وٺندڙ علم آهن، جيڪي چين ۽ جپان جي قديم تهذيبن جي کوجنا جو نچوڙ آهن، جنهن مطابق جيڪڏهن ماڻهوءَ جو ذهن پنهنجي زمين جي توانائيءَ سان هم آهنگ نه آهي، ته هو مثبت سوچ کان به پري هوندو، ماڻهوءَ کي ذهني ۽ روحاني طاقت زمين جي ويجهڑائي عطا ڪري ٿي.

سنڌ جي مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي جي شخصيت ۾ به هولي ۽ زمين جي محبت جي گهرائي محسوس ٿئي ٿي. ماءُ جنهن زبان ۾ هار کي لولي ڏئي ٿي، اها هولي پنهنجي اندر هڪ وڏي ڪشش رکي ٿي. انڪري اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته هار کي ابتدائي تعليم مادري زبان ۾ ڏيڻ گهرجي. هونئن ته چيو وڃي ٿو ته Bilingual يعني ٻن زبانن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ هارن ۾ وڌيڪ سياڻپ ۽ سمجهه جو ڏاڻ پيدا ٿئي ٿو، پر اهو هار پنهنجي ثقافتي ورثي کان پري ٿئي ٿو، جو ته هوليءَ جو ثقافت سان گهرو رابطو آهي.

چيو وڃي ٿو ته دنيا ۾ ستر کان وڌيڪ زبانون انگريزي جي اثر هيٺ ختم ٿي چڪيون آهن، ائين ٻن ثقافتن جي ٽڪراءَ سان هڪ ٽيون بناوٽي ڪلچر پيدا ٿئي ٿو، جيڪو کوکلو ۽ ناپائيدار آهي، پر دنياوي ڪاميابيءَ جي ضمانت بڻجي ٿو. دنيا جا ڪيترا ملڪ پنهنجي ثقافتي ورثي جي بي معنيٰ ٽيڙ تي پريشان آهن، ائين ٻيهر تعليمي نظام کي مادري زبان ۾ شروع ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا آهن، جيئن بناوٽي ۽ ڪاغذي گلن جهڙي نسل مان چوٽڪارو حاصل ٿي سگهي. محسن جويو لکي ٿو ته هڪ پيري بابا (جويي صاحب) امان کي چيو ته "پاڻ محسن کي سينٽ بوناونچر اسڪول مان ڪڍي مادل اسڪول ۾ داخل ڪريون ته جيئن هو سنڌي ۾ پڙهي سگهي، ائين ٻئي ڏينهن مون کي مادل اسڪول ۾ داخل ڪرايائون." ابراهيم جويي صاحب جي ڪتاب سان محبت گهٽي پراڻي آهي، گهر ۾ ٻه ٻارن کي 'ٽم ٽم ٽاندااٽا'، 'گل قل' ۽ لوڪ کاڻين جا ڪتاب ڏيندا هئا.

نندپڻ ۾ ٻارن کي کاڻيون ۽ قصا ٻڌايا وڃن ٿا، يا اُهي ٻار پاڻ اهي لوڪ کاڻيون پڙهن ٿا ته سندن تصوراتي سگهه ۾ اضافو ٿئي ٿو، ٻار جي ذهني اوسر ۾ لوڪ ادب جو وڏو حصو رهيو آهي، سنڌ جي اُها نسل ذهني طور تي سگهاري هئي، جن وڏڙن کان قصا ۽ کاڻيون ٻڌيون. گڏجي ويهڻ ۽ ويچار ونڊڻ سان ثقافتي ورثو ۽ ٻوليءَ جو نج پڻو نسل در نسل منتقل ٿيندو رهي ٿو. ٻي صورت ۾ اها اجتماعي طاقت جي منتقلي آهي، جديد دؤر جو ٻار، ان کي ذهني طور تي منتشر آهي، جو هن کي والدين جي قربت جا لمحا ميسر نه آهن.

ٻوليءَ جي اثر کي قائم رکڻ جو اهم ذريعو ڪتاب ٻه آهي، انگريزي زبان ۾ دنيا جي مختلف تهذيبن جي لوڪ ادب جو ترجمو ملي ٿو، پر اسان وٽ والدين جي لاپرواهيءَ جي ڪري سنڌي ٻار سان وڏي زيادتي ٿي رهي آهي. سنڌي ٻار لوڪ ادب کي پڙهڻ کان محروم آهي. اهوئي سبب آهي ته محمد ابراهيم جويي صاحب سدائين سنڌي ٻوليءَ کي هر زبان تي فوقيت ڏني، ان ڳالهه جو ذڪر شيخ ايار ٻه پنهنجي ڪتاب 'ساهيوال جي ڊائريءَ' ۾ ڪيو آهي. جڏهن سندس اردو نظر ٻڌي کيس جويي صاحب چيو ته "ايار، توکي مان وري ٻه چوان ٿو ته تون پنهنجي ذات اجائي وجائي رهيو آهين، تون پنهنجيءَ ذات کي منطقي نتيجي تي رڳو سنڌي زبان ۾ پهچائي سگهين ٿو." مون ابراهيم جويي کي ڏک مان ڏسي چيو هو "پر توکان سواءِ مون کي سنڌيءَ ۾ ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟" ان تي ابراهيم جويي سختيءَ سان چيو هو "اسان ٻه ڪافي آهيون، اسان ٻه چاهيون ته سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا."

جيئن ماضيءَ ۾ ڪيترن سنڌي شاعرن اردو، فارسي ۽ عربيءَ ۾ شعر چيا آهن. حضرت سچل سرمستؒ مختلف زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي، انڪري خيال مختلف زبانن ۾ ورهائجي ويو آهي. پر ساڳئي وقت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ فقط شاعري سنڌي زبان ۾ ڪئي. زبان جي وحدت سندس خيال کي لازوال سونهن بخشي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي وسعت آهي، لفظن جو اڻ کٽ خزانو فڪر کي خيال جي گهرائي ۽ معنيٰ جا مختلف رنگ عطا ڪري ٿو. خوبصورت ٻولي، لاشعور جي تسلسل جو اظهار ٿئي ٿي. خيال جي بلندي اظهار کي دائمي احساس عطا ڪري ٿي. جذبي جو اُتم هجڻ، اظهار جي اصلي سگهه آهي.

جويي صاحب پنهنجي زندگي سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ پاڻ پتوڙيندي گذاري. سندس راءِ مطابق "سنڌي، پشتو، بلوچي ۽ پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي پرائمري تعليم، سندن مادري ٻولين ۾ ڏيڻ گهرجي. اولهه پاڪستان ۾ خاص ڪري

سنڌي ٻولي اڳ ۾ سؤ سالن کان ٻه مٽي، پنهنجي ايراضيءَ ۾ سرڪاري ٻولي رهي آهي، ان کي ان کي سنڌ ۾ سرڪاري زبان جو رُتبو ڏيئي، ملڪ جي دستور ۾ تسليم ڪيو وڃي"، پر اڄ ڏينهن تائين اهو خواب تعبير نه ماڻي سگهيو آهي.

اردو قومي زبان آهي، جڏهن ته انگريزي سرڪاري طور تي لکپڑهه لاءِ استعمال ٿئي ٿي، انڪري سنڌيءَ کي ٻنهي زبانن کان خطرو آهي. شهر جو سنڌي ٻار، انگريزي ميڊيم ۾ تعليم حاصل ڪري ٿو. انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ انگريزي کان پوءِ، اردو زبان کي اهميت حاصل آهي، انڪري سنڌي ٻار ٻه اردو ۾ ڳالهائين ٿا. خانگي اسڪولن مان نڪرندڙ سنڌي آفيسر انگريزي ۽ اردو ڳالهائين ٿا. جڏهن ته سنڌ جا اڪثر ٻهراڙي توڙي شهرن جا غريب ۽ لوئر مڊل ڪلاس ٻار، سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم پرائين ٿا، جنهن جي ڪري سماج ۾ٽي روين ۽ طبقاتي اوچ نيچ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي ته معاشرتي معيار جو توازن برقرار رکڻ لاءِ جويو صاحب مادري زبان کي ٻين زبانن تي فوقيت ڏئي ٿو، جيئن سماج ۾ اجتماعي هڪجهڙائي قائم رهي. ائين عام ماڻهو ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي حوالي سان پنهنجي فرض کان غافل نه ٿي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ کي سدائين مسئلا درپيش رهيا آهن، هڪ ته ٻوليءَ جي بقا جو مسئلو آهي، ٻيو ٻوليءَ جو صحيح استعمال ڪرڻ آهي. ادبي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ ٻه محمد ابراهيم جويي صاحب وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا سيڪريٽري رهيا آهن. مهراڻ رسالي کي سنيالڻ دوران، هن سنڌ جا کيترا کهاڙيڪار ۽ اديب متعارف ڪرايا. مهراڻ،چيپل سندس ايڊيٽوريل ٻه ٻولي ۽ موضوع جي اعتبار سان بهترين هوندا هئا. جهڙي نموني جويي. صاحب مهراڻ ۾ چپجندڙ تحريرن جي ٻولي ايڊٽ ڪندا هئا، ان سان ٻولي جي بيهڪ، گهاڙيٽي ۽ نواڻ ۾ وڏي پيش رفت ٿي. ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي.

اڄڪلهه اديب ٻوليءَ تي محنت نه ٿا ڪن، لکت ۾ ايندڙ ٻوليءَ جو گرامر، جملي جي بيهڪ ۽ خيال جي گهرائي وڏي معنيٰ رکن ٿا، جيڪا ٻولي اسان ڳالهايون ٿا، اُها تحرير ۾ ڪتب ايندڙ ٻوليءَ کان مختلف ٿئي ٿي. گفتگو ۾ وڌاءُ ٻه ٿئي ٿو ۽ خيالن ۾ تسلسل پڻ مشڪل سان قائم رکي سگهي ٿو، پوءِ اها ساڳي ڪيفيت لکڻين ۾ ٻه ظاهر ٿئي ٿي. گفتگو ۾ اختصار ۽ ڪاملیت آهي، ته تحرير ۾ ٻه اهو اثر نمايان نظر ايندو. گفتگو يا تحرير ٻنهي کي مشق جي ضرورت ٿئي ٿي. جويي صاحب کي ٻنهي ۾ مهارت حاصل آهي. ڪابه مهارت جدوجهد ۽ جاکوڙ کان سواءِ حاصل نه ٿي ٿئي. انسان پنهنجي مقصد ۾ سچو ۽ واضح آهي ته هو مهانتا حاصل ڪري ٿو، اعليٰ رتبو تڏهن ملي ٿو، جڏهن انسان ذاتي مفاد کان بالاتر ٿي، پنهنجي قوم جي فلاح و بهبود لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي ٿو.

ٻولي، اظهار جو مؤثر ذريعو ٿئي ٿي، گفتگوءَ جو معيار ئي زندگيءَ جو معيار بلند ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت لکٽيءَ جو معيار، سماج ۾ وڏي تبديلي آڻي ٿو. جويو صاحب ٻولي ۽ سنڌ جي وجود جي بقا لاءِ مسلسل سالن کان لکندا رهيا آهن. اهي لکڻيون ذاتي مشاهدي جي بنياد تي منطقي دليلن سان پرپور آهن. حقيقت پسندي، ذاتي تجزيو ۽ منطقي سوچ، تحرير جي تاثر کي پرپور بڻائي ٿي، پاڻ انگريزي ادب جا ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري، سنڌي پڙهندڙن کي

ٻاهرين دنيا کان روشناس ڪرايو آهي. ان حوالي سان سندن مطالعو بيحد وسيع آهي، جنهن جو اثر سندن تحريرن ۾ جابجاءِ محسوس ٿئي ٿو. تخليقي سفر ۾ مطالعي جي تمام گهڻي اهميت ٿئي ٿي. مطالعي جي وسعت ليکڪ جي ٻوليءَ تي ۽ اثرانداز ٿئي ٿي. ائين ٻوليءَ ۾ سونهن ۽ نواڻ پيدا ٿئي ٿي.

شيخ ايار جي ٻولي منفرد ۽ ڏيان چڪائيندڙ انڪري آهي، جو هن تخليق کي وهندڙ پاڻيءَ جيان محسوس ڪيو آهي. تخليق جو اهو وهڪرو ڪٽي ۽ يڪسانيت جو شڪار نه ٿو ٿئي. ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب جي وسيع مطالعي پڻ شيخ ايار جي ٻوليءَ جي خيال کي نواڻ عطا ڪئي آهي. ان تسلسل ۾ پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ، علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ جو نمايان ڪم ٿيل آهي، 1938ع ۾ سنڌ مدرسي جو استاد مقرر ٿيڻ بعد جويي صاحب شاگردن جي فڪري، شعوري ۽ تخليقي اوسر ڪرڻ شروع ڪئي. هن شاگردن جي ٻوليءَ کي اجارڻ لاءِ کين تمام گهڻو اُتساهيو، جو نه ڪيس خبر هئي نه ٻولي سماج ۾ رهندڙ مختلف طبقن جي ترجمان آهي، جيڪا سماجي رابطي جو ذريعو پڻ آهي.

محمد ابراهيم جويي صاحب جي خاص ڳالهه اها آهي نه هو تعميري سوچ رکندڙ ماڻهوءَ کي تمام گهڻو ساراهي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي نه هو نون لکندڙن جي نالن ۽ ڪم کان بخوبي واقف آهي. سنڌي نثر، شاعريءَ جي ماضي ۽ حال تي سندس گهري نظر آهي. سندس عمر جي نوانوي سالن جي پڄاڻي جي موقعي تي، سنڌ جا مهان اديب سندس گهر تي گڏ ٿيا. مون ان وقت هڪ صديءَ جي طاقت ۽ مثبت ڌارا کي انهن لمحن ۾ محسوس ڪيو. ڇيو وجي ٿو نه وقت هڪ پُرفريب خيال آهي، وقت جي حقيقت تيزيءَ سان بدلجي ٿي. وقت ساڻئي ريت انساني زندگيءَ جو رقيب پڻ آهي، ڇو نه مستقل تبديل ٿيندو رهي ٿو. انسان جي زندگيءَ جون خوبصورت ساعتون ٻه پاڻ سان گڏ کڻي وڃي ٿو.

جويي صاحب جي سالگرهه جي موقعي تي ان وقت مون کي اهو احساس ٿيو نه وقت سان فقط اهو ماڻهو دوستي ڪري سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي زمين جي ڪشش کي دل جي گهرائيءَ سان محسوس ڪري ٿو. پوءِ وقت ٻه ڪيس مايوس نه ٿو ڪري. وقت سان ويجهڙائي ان ماڻهوءَ کي نصيب ٿئي ٿي، جنهن جو ذهن سائنٽيڪو، پُرسڪون ۽ وقت جي اهميت کي سمجهي ٿو. وقت جي بدلجندڙ تقاضا کي محسوس ڪري، ان مطابق هلڻ ڪامياب سوچ آهي. هونئن گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي نه وقت گهڻو اڳتي نڪري ويندو آهي، پر زندگي ۽ نظريا وقت سان ساڻ ڏيئي نه سگهندا آهن. جنهن جي ڪري ماحول ۾ تڪڙي تبديلي نه اچي سگهندي آهي. وقت سان گڏ نه هلڻ ڪري ٻڌا رويا جنم وٺن ٿا. جويي صاحب اهڙن روين جي خلاف لکيو آهي. حقيقت اها آهي نه اهڙن ماڻهن جي در تي وقت ٻه سلامي ٿئي ٿو، جيڪي پنهنجي مقصد ۽ ڏرتيءَ سان سدائين سچا آهن.

مان ۽ اشتياق انصاري پنهنجي هارن-عرصہ ۽ عرين کي جويي صاحب سان ملائڻ لاءِ سندن گهر وڃي ويندا آهيون. ڇو نه اسان کي پنهنجي نسلن کي انهن ذاتن ڏٺين جي باري ۾ ٻڌائڻ گهرجي، جن سنڌ جي نه ڄاڻ نه ڪيترن نسلن جي ذهنن کي اُجاريو آهي.

هُو نقش پا ـ مان خاڪِ پا

(1)

نصير مرزا

آءُ پانئيان تہ، محمد ابراهيم جويو صاحب، سنڌ جو هڪ رشي ۽ آدرشي انسان آهي.

۽ هيڏانهن آئون!؟

پنهنجيءَ ناهيل يُوٽوپيا ۾ رهندڙ، بي خيال ۽ بي ڏيان: 'شاعر' ۽ 'نثرنگار'!

يعني هُو مفڪر، آءُ بي فڪر. هُو منظر، آءُ چڑو چر. هُو استاد ، آءُ بي استاد. سوچَ ۽ عمل ۾ هُو بيباڪ، آءُ روماني ۽ غمناڪ. هُو صاحبِ حال ۽ آءُ مُنڊل ۽ بيحال. هُو قلم ڪار، غير معمولي، آءُ ليڪڪ معمولي. هُو عالم، آءُ بي علم؛ هُو باخبر، آءُ بي خبر؛ هُو نقشِ پا ، ۽ آءُ خاڪِ پا !

اِجهو اهڙي 'مهان انسان' سان، منهنجي مُحبت به رهي آهي ۽ صحبت به!

۽ ڪيترائي ادبي سفر به ، مون هُن سان گڏ جي ڪيا آهن، ۽ ڪيترين ئي مِيٽنگن ۾، مون کي هُن سان گڏ اُٺڻ ويهڻ جو موقعو به ميسر ٿيو آهي. (۽ اِهي منهنجا پاڻ.)

جويو صاحب ڏسڻ ۾ نفيس انسان ۽ سياوَ ۾ بظاهر نرم... گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽو ٻُڌڻ اورو.... پر ڪنهن اختلافي مسئلي تي ڳالهائڻ وقت خبر پوندي آهي، ساڻس اختلاف رکڻ ، سولو ڪم ڪونهي.

ڪيترين ئي ميٽنگن ۾، چاهيندو به آهيان تہ، ساڻس اختلاف ڪريان، پر همٿ ئي نہ ڪري سگهندو آهيان. هُن جي دهشت مون تي ايتري تہ آهي، جو هُن جي آڏو چَپَ ، گهٽ ئي چوري سگهندو آهيان.

ڪڏهن همٿ ڪري ڳالهائيندو به آهيان، تہ لڳندو اٿر: شايد غلط پيو ڳالهايان.

ننڍي وڏي ڪي، عاقلَ جاهل ڪي غور سان ٻُڌڻ جويي صاحب جي عادت آهي. هُن سان جيڪو به، ۽ جيترو به ڳالهائيندو آهي، اُن کي هُو ڏيان سان ٻُڌندو رهندو آهي. وچ وچ ۾، گفتگوءَ جي دوران، ڪنهن ڪنهن وقت، مُرڪ سان موٽ پي پيو ڏيندو آهي.

ڏِگهي گفتگوءَ ڪرڻ دوران، هُو جڏهن وچ وچ ۾ خاص ڪري منهنجي ڳالهه هولهه دوران مُرڪي موٽ ڏيندو اٿر، تڏهن لڳندو اٿر، هُو منهنجي 'بي عقليءَ' تي Smile پيو ڏئي.

حاضر دَور جي آءُ ڪيترن ئي هاڪارن ليڪڪن ۽ دانشورن کي ذاتي طرح سان سڃاڻان. اسٽيج تي بيهي ڳالهائيندا آهن، تہ لڳندو اٿر رڳو ڳالهائين پيا، سوچين ڪونہ پيا. اُن جي اُبتڙ.... باوجود اِن جي، جو جويو صاحب اُسي Cross ڪري چُڪو آهي، اسٽيج تي يا روبرو ڳالهه ڪرڻ وقت، هُن جوموقف واضح، لهجو چٽو ۽ مقصد to the point هوندو آهي.

غالباً جويو صاحب اناسي ورهين جو ٿي چُڪو آهي، پر اناسي ورهيہ تہ، هُن جي صرف جنر کي ٽيا آهن يا هن جي جسر تي ايترا سورج لٽا چڑهيا آهن. ۽ هُن جو روح، هُن جي همٿ، هن جا جذبا تہ.... اڄ بہ جوان آهن بلڪ نوجوان

هن سان گڏ يا هُن جي آسپاس پيدا ٿيل وڻ، برابر تہ ، پوڙها ٿي، جُهڪي جُهور ٿي چُڪا هوندا، پر جنهن ڏرتيءَ تي هُن جنر ورتو آهي، اُن جي Cause (مقصد) ۽ خوشحاليءَ پريي خواب جي ساڀيا جي حاصلات تائين، هي شخص: محمد ابراهيم جويو ، جنهن جو نالو آهي، 'نہ جُهڪڻو آهي ۽ نہ مَرڻو!'

جنهن جي لاءِ هي 'سنڌ' يعني ڏرتي.... سندس هي جنم پومي.... 'ڪاشِي' ۾ آهي، تہ 'مٿرا' ۾.. دين ۾ ، تہ ڏرم ۾ عشق ۾، تہ ايمان ۾...

اسان جو لطيفُ ، جي سنڌ آهي تہ شيخ اياز، وري اُن سنڌ جي 'جند' آهي، ۽ اُنهن ٻنهي سان محبت جو سبق ، جويي صاحب ئي اسان کي ڏنو آهي.

ڪو مڃي يا نہ...! اِهو هتي آءٌ ٿو چوان.... تہ قليچ جي 'نثر'، اياز جي 'شعر' ۽ جويي صاحب جي 'فڪر' کي، چند گهڙين جي لاءِ ، سنڌي ادب کان ڌار ڪري ڏسو....

'چؤ طرف رڳوڪاريءَ وارا ڪڪ اڏامندي نظر ايندا.'

نٽو ڄاڻان.... لطيف سرڪار ڪهڙيءَ عظيم شخصيت جي 'شبيهہ مبارڪ' ڏسڻ وقت هيءَ امر سِٽ چپن ۾ چئي هوندي.... آءٌ تہ بهرحال جويي صاحب لاءِ ئي هتي اُها لکندس:

'مون سي ڏٺا ماڻهو ، جنين ڏٺو پرينءَ کي!'

ڏگهي عبادت ۽ سجده ريزيءَ جو نشان، عبادت گذار جي پيشانيءَ تي چٽو نظر ايندو آهي. سنڌي هوليءَ جي، ادب- نراڙ تي، روشن خيالي ۽ جويي صاحب جو فِڪري رياضت جي 'ڇاپ' کنهن کي ڏسڻي هجي ، تہ ويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان پوءَ لکجندڙ سنڌي ادب کي هُو مُلاحظہ ڪري سگهي ٿو.

سنڌي مرثيي جو محترم شاعر مير حسن علي خان فرمائيندو هو:

آءٌ عبادت کندو آهيان: ڇهہ وقت!
پنج وقت، ڏاڍي تعاليٰ جي ۽ ڇهين وقت: 'اهلِ بيت اطهار جي'

'سنڌ دوست' محمد ابراهيم جويي صاحب جي عبادت جا ڇهہ ئي وقت، 'سنڌ پرستيءَ'... لاءِ وقف آهن. گويا، هن جي لاءِ

اِها سنڌ ڪعبو ۾، ڪاشِي ۾ آ،
چوي ڇا ۾ ڪو شيخ يا برهمن،
اِنهيءَ لاءِ بنواس پوڳيون پيا،
اِنهيءَ سان اسان جو انوکو وچن.
(اياز)

سنڌ کي ڪعبو ۽ ڪاشي ڄاڻندڙ جويو صاحب، هن ملڪ ۾ انقلابي سوچ رکندڙ ڪاڪي ڏر جو دانشور ليکبو آهي، ۽ اِن حوالي سان ، پنهنجي فڪري تحريرن ذريعي، هن سدائين لال ڳلال شعلن تي ئي پئي پير رکيا آهن.

ايوب آمريت خلاف احتجاج، ون يونٽ مخالفت، ايم.آر.ڊي جي حمايت.... ڪالا باغ ڊيم ۽ ٽل ڪئنال خلاف احتجاج ۽ اهڙن سيني زمانن ۾، جويي صاحب سدائين 'اناالحق' جو نعرو پئي بلند ڪيو آهي ۽ سدائين شعلن ۾ ئي پئي هٽ وڌا آهن. موٽ ۾ هن جي فڪري ۽ نظر ياتي مخالفن، سدائين هُن لاءِ... ڪيئي آڙاهہ ۾ پئي تيار ڪرايا هوندا، پر جويو صاحب اهڙن آڙاهن مان سدائين گل و گلزار ٿي پئي لنگهي ويو هوندو.

اِهو ٻيو ڪجهہ هجي يا نہ! حضرت ابراهيم جي نالي پويان، سندس نالي محمد ابراهيم هجڻ سبب ئي ٽيو آهي.

سوچيان ٿو تہ، حيران ٿو ٿيان.... 1978ع ۾ اڄا ڪو مون کي سڃاڻندو ۾ ڪونہ هو ۽ آءٌ هڪڙو نوجوان چوڪرو ۽ اُپرندڙ شاعر هئس، ۽ ڪاڪ ذاتي واقفيت نہ هجڻ جي باوجود ، جويي صاحب مون تي وڏا وڙ ڪري چڙيا، ۽ اهڙا ٽورا، جيڪي ڳائي تہ ٻڌان ٿو ، البت لاهي ڪڍهن نٽو سگهان.

۽ اِها ڳالهہ جيڪا هتي ڪرڻ چاهيان ٿو، 1978ع جي آهي، جنهن وقت شيخ اياز صاحبُ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'صحافت' جو شعبو نئون نئون کُليو هو. پنهنجي محترم سائين ۽ نثار حسينيءَ جي صلاح سان، مون ۾ اُن ۾ داخلا ونڊ ٽي چاهي، ۽ آءٌ! جيڪو سدا جو سُست، اڄ نہ سياڻي جو قائل.... جنهن ڏينهن، يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ اُتي پهتس، خبر پئي، ايڊميشنس فِنشد. هاڻي ڇاڪريان !؟

لامحالہ شيخ اياز جي بهترين دوستَ، محمد ابراهيم جويي صاحب جو در وجي کڙڪايم.

جويو صاحب، نہ فقط S.E.II گڏجي مون سان هليو ، پر بنا ليٽ فيءَ جي داخلا ۾ وٺي ڏنائين ، ۽ اڄ هي اِن ئي ايم.اي جو نتيجو آهي، جو مون کي 'صحافت' جي شعبي وارن، نہ فقط فرسٽ

پوزيشن ڏني، پر بعد ۾ اِن ئي ڊگريءَ آڏار، ريڊيو ۾ آءُ پروڊيوسر ٿيس ۽ هن وقت پروگرام مئنيجر بٹيو وينو آهيان:

محمد ابراهيم جويي صاحب، ۽ برٽرينڊ سل سان گڏ، اردو دنيا جو منفرد دانشور پروفيسر ڪرار حسين صاحب (جيڪو پنهنجيءَ ذات ۾ ڪنهن وقت خاڪسار، ڪنهن وقت ڪميونسٽ، ڪنهن وقت صُوفي ۽ شيعو رهيو) منهنجا آئيڊيل پئي رهيا آهن. جويي صاحب جو آئيڊيل وري ايرِ. اين راءِ آهي. پروفيسر ڪرار صاحب چوندو هيو: 'هڪ انتها ڪميونسٽ آهي ۽ بي انتها صوفي' ۽ آءُ اُنهن بنهي جي وچ ۾ آهيان.'

محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي مسلڪ ۾ Clear آهي، ۽ ڳالهه صاف آهي ته ، هُو صوفي منش دانشور ڪونهي. ها سندس جي ڪِن انقلابي صوفين لاءِ مون هُن جي دل ۽ تحريرن ۾ ، نرم گوشو البته ضرور ڏنو آهي. جويو صاحب ، سنڌ پرست ، قوم پرست ۽ ادب ۾ روشن خيال فڪر جو علمبردار آهي، جنهن وٽ فڪر ۽ قلم جي اهميت 'عَلم' واري آهي. جويو صاحب رڳو خواب ڏيکارينڊڙ رهبر ڪونهي، آڇي ۽ خواب جي تعبير لاءِ جدوجهد ، هن جو واضح مسلڪ آهي.

نٽو پانڌيان ته، هُن حڪمت عملي جوڙڻ بنا، ڪنهن کي ڪم ڪيو هوندو. ادبي بورڊ.... سائين جي. ايرِ. سيد جو خواب هو ۽ وقت گواهه آهي ته، اِن خواب کي ساڀيا ڏيندڙ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو اڏيندڙ، صرف ۽ صرف محمد ابراهيم جويو آهي.

اڄ پنهنجن پروان جا ڏنل ڏُک، هُن کي ضرور جهوريندا هوندا، پر پانيان ٿو ته، ڪيس ڪجهه نه هوندو ته: 'فقط کو داغ ندامت'!

سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، تعليم ۽ سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ، هڪ واضح ۽ جِٹو مؤقف رکڻ سبب جويو صاحب، خاص طرح سان، ڪن باغي نوجوان ڪالم نگارن جي تنقيد جو نشانو ٻه رهندو پيو اچي.

۽ پانيان ٿو ته اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي چنبي ۾ اچي، 'پاڻ کي' ناراض نسل سمجهندڙن ۾ ، شخصيت جي احترام، ڪمٽمينٽ جي اهميت ۽ رهبرن کي آئيڊيالائيز ڪرڻ جو ادراڪ رهيو ئي ڪونهي!

پراڻي ۽ 'ماسٽر مائنڈ' نسل وٽ، سنڌ جي مستقبل جي لاءِ ،ڪهڙا 'تحفظات' آهن، ڪهڙيون ڳٽتيون ۽ اونا آهن. نئون نسل ، نه اُن کان آگاهه ٿيڻ چاهي ٿو ۽ نه ان جو قائل بنجڻ چاهي ٿو.

پرنٽ ميڊيا، خاص ڪري سنڌي پريس اڃڪلهه 'اڪر وڪٹنڊڙ' انڊسٽري بنجندي پيئي وڃي. جڏهن ته محمد ابراهيم جويي ۽ سندس همعصر ٻهيءَ جاچار سڃڻ، اڪر جي حُرمت، اهميت ۽ پرنٽنگ پريس کي قوم، ٻوليءَ، ۽ ڪلچر جي محافظ طور، نه فقط هٿيار طور استعمال پئي ڪيو آهي، پر ايجا به ڪرڻ جي جدوجهد ۾ رڌل آهي.

جويي صاحب جو خيال آهي، ته سماج ۾ اديب جو هڪ رول لازمي آهي ۽ جي هي سماج جسم آهي، ته ادب کي اُن جو روح هجڻ گهرجي.

جويي صاحب جون تحريرون بلاشبه روح جي رڙ وانگر آهن. هُن جي سوچ انقلابي، پر اظهار مفڪرانه، ڪنهن استاد ۽ سُونهين وارو آهي. هلڪي هلڪي ٻارڻ کي جهڙو 'تاءُ' هوندو آهي، جويي صاحب جي نثري اسلوب کي، اهڙوئي تاثر آهي.

جويي صاحب کي ڏٺي تعالىٰ وڏي حياتي ڏئي. پر گوتر چيو هو: 'اِها کيڏي نه وڏي ترئجڊي آهي، ته آخرڪار اسان کي مرڻو به آهي.'

ڇا هن وقت محمد ابراهيم جويي صاحب جهڙو ڪو ٻيو مخلص سنڌي بزرگ، مفڪر ۽ دانشور سنڌ ۾ موجود آهي؟

جواب آهي ته: 'نه'

جويو صاحب پنهنجي انداز جو هن وقت سنڌ ۾ اڪيلو دانشور آهي ، ۽ برابر ته هن جا فڪري شاگرد هن جي آسپاس موجود آهن، پر جويي صاحب جهڙي خُوءَ ۽ خوشبوءِ انهن ۾ ڪٿي!؟ ڪو زمانو هو جو.... سائين جي.ايرِ.سيد، حيدر بخش جتوئي، غلام مصطفيٰ شاهه، پير حسام الدين شاهه راشدي، شيخ اياز.... ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب انهن سيني

جي 'سونهن سڻاؤ' ۾، پنهنجي هڪ ڏار روشنيءَ سان مَرڪيو پيو مرڪندو هو.

پر هاڻي؟ حاضر دور ۾، ڪڏهن ڪڏهن جويي صاحب کي ڏسي، لڳندو اٿر: هُو 'Isolate' آهي، اڪيلو بنجي ويو آهي، پر باوجود اِن جي ، مون هن عظيم انسان کي نااُميد ڪڏهن به ناهي ڏٺو.

شمشيرالحيدريءَ جي پهرئين شعري مجموعي 'لاٽ' تي تبصرو ڪندي، هُن 1961ع ۾ لکيو هو:

'اُهو وقت پري کونهي ، جڏهن اسان جي ادب جو سج! پنهنجي سموري آب ۽ تاب ، جاهه ۽ جلال سان اُپري مٿي ايندو.'

۽ شيخ ايازصاحب، هُن جي اهڙي ئي 'پُرااميد' آواز سان، آواز ملائيندي اجهو هينئين جيڪا امر سٽ لکي هئي؛

اهڙو ڏينهن به ايندو.....

جويو صاحب جي فڪري جدوجهد ۽ سنڌ جي آڇپي لاءِ ڪيل جاکوڙ جي پس منظر ۾، انهن ٻنهي مهان انسانن جي اهڙن پُراُميد آوازن سان، اسان جو آواز به اڄ هر حالت ۾ گڏ، شامل سمجهو وڃي ته:

اهڙو ڏينهن به ايندو سائين،
اهڙو ڏينهن به ايندو!

* * *

(2)

Save Sindh... Save Sindh

مقصد ۽ نظريو- جويي صاحب جي وجود جا به روشن مينار آهن، 'لائيٽ هائوسز'. نظريو رکڻ هر ماڻهو جو حق آهي (۽ ڪو جي بي نظريه آهي ته اهو به ڇڻ ان شخص جو نظريو ئي سمجهڻ گهرجي) پنهنجي مقصد ۽ نظريي آڏار، جويو صاحب، نئين سوچ جو نقيب آهي، هڪ سماج (سنڌ) سڌار... ۽ 'باغي' انسان. پر... هجومن ۾ بيهي تلوار کڻي نعرا هڻندڙ باغي نه پر علم، عقل، عمل، ڏاهپ ۽ قلم ذريعي صدا بلند ڪرڻ ئي هن جو شعار ۽ سدائين کان اسٽائيل رهيو آهي. لڳي ٿو تنوير عباسي صاحب پنهنجو هي شعر جويي صاحب جي ئي حسبِ حال لکيو هو:

اسان جو قلم هڪ علم آ
اسان جو قلم محترم آ
اسان کي قلم جو قسم آ

جويي صاحب کي مون پهريون پيرو سٽ يا ستر واري ڏهاڪي ۾، پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي نوڙهي اندر منعقد ٿيندڙ 'قليچ ڊي' تقريبات ۾ ڏٺو. پاڻ ان وقت به اهڙا ئي ساڳيا هئا، جهڙا اڄ تائين آهن، سباجها، مرڪندڙ، مهڪندڙ، اڇا اجرا ۽ خدا جي نيڪ و پاڪيزه ٻانهن ۽ فرشتن جهڙا (چون ٿا اوتار... اولياء... ۽ پُهتل بزرگ به اهڙا ئي ته هوندا هئا) هاڻي هي اجهو... ستر واري ڏهاڪي ۾ قدرت مون کي حاجي ماڻڪ پٽي هاءِ اسڪول ۾ سائين نثار حسينيءَ جو شاگرد بنائي ڇڏيو. خبر پئي، سندن آئيڊيل هستيءَ جو نالو آهي- 'محمد ابراهيم جويو'. (ته بس ان نسبت ۾ جويو صاحب وري نهايت جلد ايندڙ زمانن ۾ منهنجي سائينءَ وانگر منهنجو به بڻجي پيو "بابا سائين.. آئيڊيل.. ۽ استاد محترم"). هاڻي مون کي سائين نثار حسينيءَ جي ساڻ ۾ تلڪ چاڑهيءَ لڳ جبيس هوٽل جي مٽان لسَي پٽر جي ڏاڪڻ واري گهر ۾ سائين جويي صاحب کي روبرو ۽ ويجهو کان ڏسڻ ۽ ملڻ جو به وجهه ملڻ شروع ٿي ويو. تڏهن سندن منهِ گفتار ۽ ڳالهه ڳالهه تي سندن... 'ادا... ادا... پاءُ... پاءُ .. منا پاءُ ۽ سچ پچ'... جهڙن هيرن موتين نما لفظن مون کي ڏاڍو ئي ته هانڊ ڪيو... ۽ يااللهه! ڇا ته سڪ، محبت ۽ پنهنجائپ پئي محسوس ٿيندي هئي سندن ڳالهايل اهڙي گفتي گفتي ۾.

ياد پيو اچيم ته هي منهنجي ادب ۾ داخل ٿيڻ جا بلڪل ئي ابتدائي ڏينهن هئا ۽ قومپرست سياست ۽ وطن پرستيءَ جي مفهوم جي اڃان مون کي ڪا خبر ئي ڪانه هئي. تڏهن سائين نثار حسيني ۽ جويي صاحب جي سياسي ڳالهين مان اندازو ٿيڻ لڳر ته پاڻ صرف سنڌ جا ئي باغي مرد نه، پر هڪڙي پوري باغي نسل جا امام پڻ آهن". هونئن هتي هڪڙي وضاحت ٻي به ڪندو هلان، ۽ اها هيءَ ته مون سان هڪڙي وڏي خانداني ويڙن به آهي، ته اسين ٽنڊي نوڙهي وارا مرزا گهٽو تڻو غير سياسي ئي رهندا اچون، پر مذهبي ۽ 'ياحسين يا حسين' جا قائل،

پينگهن ۾ لڏڻ جا شائق... ۽ آرام پسند البت گهٽا ئي آهيون... Even خود ڏاڏو قليچ بيگ به... عملي سياست ۾ بهرو ونڊ بدران هميشه پس منظر ۾ رهي يا ڄمار اصلاح پسنديءَ جي تحريڪ جو بلاشڪ ته متحرڪ ترين قلمڪار رهيو... ۽ ڪڏهن به سياسي سرگرمين ۾ پلجي به حصو نه ورتائين.

خير ڳالهه هتي مون جويي صاحب جي پئي ڪئي ته هن جهڙي سياسي مدبر مفڪر سان منهنجي ان ئي دور کان وٺي نه صرف سڪ ٿي، پر بي انتها عقيدت ۽ محبت به شروع ٿي وئي. هاڻي تلڪ چاڙهيءَ واري انهيءَ رهائشگاهه کان پوءِ جويو صاحب 'صحافي ڪالوني' ۾ رهائش اختيار ڪئي، ته هڪ پيرو مون کي سڏائي شيخ ايياز صاحب سان نويڪلائيءَ ۾ ملاقات به ڪرائي آڻ ۽ اهو ڏينهن منهنجي ادبي زندگيءَ جو يادگار ڏينهن هو. جنهن جو تذڪرو مون بار بار پنهنجين تحريرن ۾ هنڌ هنڌ تي ڪيو آهي... (۽ جنهن لاءِ ڏسو مٿن منهنجو مضمون: "هُو نقش پا ۽ مان خاڪ پا").

بهرڪيف... جويي صاحب سان اٺ ويهه دوران سندن ٻين مداحن وانگر، مون به نهايت جلد ڄاتو ته پاڻ Clear Headed مفڪر آهن، "سندن سياسي نظريا ۽ زندگيءَ جا اصول طئي شده آهن. سندن سنڌ سنڌ آڇپو، آڇپو، آڇپو... سندن زندگيءَ جو مڪيه ميني فيسٽو آهي... ته بس ايئن سمجهو ته اهڙي ئي ميني فيسٽو رکندڙ جويي صاحب جو اڄ آڻ مداح ئي نه پر ڪين پنهنجي مٽان چپر چانو به تصور ڪندو آهيان.

هاڻي هي اجهو، سال 15-2014ع کي منهنجي هن چپر چانوَ جويي صاحب جي سالگرهه- نسبت سان ملهائڻ جو سلسلو جو شروع ٿيو ته آڻ وري تازو بڙ ۽ پير جا سؤ سؤ ڪن ٻج خريد ڪري جويي صاحب جي خدمت ۾ ڪٽي وڃي حاضر ٿيس. چيومانِ، انهن تي هٿ ڦيري ڏيو، جو اهي ٻج، آڻ سنڌ جي مختلف ادارن ۽ درسگاهن ۾ وڃي پنهنجي هٿ سان پوکرائيندس. اهو منهنجو عجب جهڙو ۽ انوکو شوق هو، جنهن کي آڻ پايه تڪميل تائين پهچائڻ وارو آهيان. ايڇا! هتي هي به ياد پيم ته مون پنج ڪن سال اڳ، ريڊيو حيدرآباد جي باغ ۾ به ڪانئن سندڙي انب جو هڪڙو ٻوٽو پوکرايو هو ۽ هن سال ان وڻ ۾ سندڙي انب جون انبڙيون جڏهن نمودار ٿيون ته انهن ڏانهن نينهن پري نهار وجهندي ۽ ايندي ويندي ته ڳائيندو به رهندو هوس ته:

سندڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو، سهندو ڪير ميار او يار
نيٺ وڃيندڙ وڃجي ويندا، ڪنبي نيٺ ڪنڌار اور يار

۽ ان ئي سندڙي انب جي وڻ کي هاڻي هوا ۾ جڏهن جڏهن به آڻ جهومندي ڏسندو آهيان ته لڳندو اٿر... شيخ ايياز جي وائيءَ جي اها پوئين سٽ آڻ يا اِهو انب جو وڻ نه، پر جڙ خود جويو صاحب پاڻ پيا جهونگارين... ۽ سچ پچو ته ان ڏس ۾ منهنجو هي به ويساهه آهي ته ٻيا ٻار ڄمڻ سان الائجي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز پيا الائيندا آهن، پر هتي پوري پڪ اٿر... ته جويي صاحب جن ڄمڻ سان جيڪي لفظ چيا يا اُچاريا هوندا، اُهي ضرور ته هي هوندا:

"سندڙي جندڙي... جندڙي سندڙي"

۽... انهن ئي مٺين لفظن جي خالق اسان جي محبوب شاعر شيخ ايياز صاحب... ڪنهن هنڌ لکيو هو ته:

"مان جڏهن به نئون شعر لکندو آهيان ته
چاهيندو آهيان ته ان تي پهرئين نظر، سنڌ
جي هن ئي عظيم دانشور جي پوي."

۽ ايئن جويي صاحب جي محبت ۽ صحبت ۾ اچڻ بعد 1944ع کان پوءِ ايياز صاحب هي جيڪو هرندڙ جبل جهڙو نظر لکيو هو 'او باغي او راج دروهي'...سندن بقول ته... اِن نظر ۾ ڪر آندل هولي 'ابراهيم جويي جي صحبت مان ئي حاصل ڪئي هئم'. وڌيڪ لکيو اٿن. "ابراهيم جويي مون کي سنڌي شاعريءَ ڏانهن آڻي مون تي هڪ نئين دنيا جا تاڪ کولي ڇڏيا".

جويي صاحب جي اهڙي صحبت ملڻ بعد شيخ صاحب جيڪا شاعريءَ ۾ شعلا افشاني ڪئي، ان بابت پاڻ هڪ ٻئي هنڌ تي وري هيئن به لکيو اٿن ته: "منهنجي ۽ هن جي دوستي رومي ۽ شمس تبريز واري هئي. جنهن روميءَ جي ڪتابن تي نگاهه وڌي هئي ته انهن ۾ باهه لڳي وئي هئي".

ڪنهن هنڌ ايياز صاحب هي به لکيو آهي ته: منهنجي اردو شاعري پڙهي هڪ ڀيري جويي صاحب مون کي چيو... "ايازا! سنڌيءَ ۾ شاعري ڪر". تڏهن چيومانس، 'تو کان سواءِ مون کي سنڌيءَ ۾ ٻڌڻ وارو

ڪير آهي؟' ان تي پاڻ سختيءَ سان چيو هو: "اياز... اسين ۾ ڪافي آهيون ۽ اسان چاهيون ته سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا."

نامياري شاعر شيخ عبدالرزاق راز ۾ ڪنهن هنڌ لکيو آهي ته "هڪ رات ڪراچيءَ ۾ جويي صاحب سان مون ۽ اياز، شاهه لطيفؒ تي بحث مباحثو ڪيو هو، بعد ۾ ٻئي صبح جو اياز سان ملاقات ٿي ته سندس چپن تي جويي صاحب جي صحبت سبب هيءَ وائي هئي:

جهول جهلي جنهن وقت پٽائي ڪرندا ڪنڌ هزار
سنڌڙي تي سر ڪير نه ڏيندو سهندو ڪير ميار

اڃا! جويي صاحب جي سلسلي ۾ اسين سڀ، هي ٻه ته ڄاڻون ٿا... ته ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي واري نوڪريءَ دوران ايشيا جي وڏي سڏجندڙ ادبي تنظيم 'سنڌي ادبي سنگت' جي آبياري ڪندڙ ن ۾ سنڌ جو هيءُ سڃيت سپوت محمد ابراهيم جويو صاحب ٻه ته پيش پيش هوندو هو، ۽ اسين ان ڳالهه کان ٻه پلي پت آگاهه آهيون ته اسان جي مهراڻ ماڙي جُڳن کان هڪ شاداب ماڙي هئي. پر اها ئي مهراڻ ماڙي 20هين صديءَ دوران... جڏهن جويي صاحب جهڙي وطن پرست جي حصي ۾ آئي، تڏهن اها ئي ماڙي ميهار واري سهڻيءَ جي مثال ڪچي گهڙي تي ٻُڏندي پئي نظر آئي ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ سبب ان جي ڇنڇهه جَرڪي جي وات ۾ ۽ سِسيءَ ڪي سيسار وکوڙي ويا هئا، مٽان سنڌ جا فيوڊل لارڊس، جاگيردار، ميرَ پيرَ، وڏيرا... غدار ٻڌجي سنڌ ڌرتيءَ جا دشمن ۽ مَٽ گهوريا ٻڌجي رهيا هئا، تڏهن وطن پرست ۽ باشعور جويو صاحب، ان لاءِ تحرڪ ئي نه، هڪ فڪري تحريڪ ٿي اپريو ۽ ان ڏس ۾ هُن ٻولي، ثقافت، تعليم، ادب، سياست، تاريخ ڪلاسيڪل ورثي جي وارثي، سنڌ دوستن سان محبت ۽ ڌارين کان بيزاريءَ جِي تحريڪ شروع ڪري، خاص طرح سان قلمڪار قبيلي ۾ روح ڦوڪڻ جو جيڪو عملي ڪم شروع ڪيو ۽ پوءِ بلآخر پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي اهڙن عملي ڪمن جي حاصلات يا ڦل به حاصل ڪري ورتو. سندن اهڙين صلاحيتن کي ڏسي سائين جي.ايم.سيد کين سنڌي زبان جي مِشنري ۽ هڪ قومپرست سنڌيءَ طور ڄاتو، ۽ هي اِجهو انهيءَ ڏس ۾ تاج جويي به ڪيڏو نه صحيح لکيو آهي ته:

"هن سنڌ جي چڙ وچڙ اديبن کي هوائن ۾ اڏامڻ بدران ڌرتيءَ تي گڏ هلڻ سيکاريو. خاص ڪري ادبي بورڊ جي آبياري... مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر شپ... شيخ اياز جي ادبي تربيت... کو آپريٽو سوسائٽيءَ جو قيام ... ۽ ٻيا به اڪيچار ڪرَ جيڪي جويي صاحب سرانجام ڏنا ۽ جن جي حوالي سان تاريخ ۾ سندن نالو هاڻي سدائين سونهري حرفن سان لکيل نظر ايندو."

ان ڏس ۾ سويي گيانچنداڻيءَ جا ويچار به زبردست ته: "جويي صاحب ابتدا کان ئي ونيِ يعني جڏهن اڃان جوان جماڻ ۽ ننيو نيٽو هو، سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي صحيح نموني منزلن جي نشاندهي ڪندو رهيو ۽ جڏهن پيرسن ٽيو ته (ٻه) ڪيترن ئي واٽهڙن کي دڳ لاڻڻ ڪاڻ عملي طرح اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريو اٽس جيڪو خود هڪ منزل جي حيثيت رکي ٿو. جويي صاحب جا ڪئي همعصر... آدرشي دوست... جن مان ڪيترا ئي وطن پرست پنهنجا محراب مٽائي چڪا آهن پر محمد ابراهيم جويو صاحب، اڄ به پنهنجي عزم، آئيڊيا ۽ آدرش تي مستحڪم آهي..."

۽ جنهن جي سؤسالا مرڪندڙ چپن منجهان اڄ به اها ئي وائي ۽ اها ئي صدا ٻئي ٻُڌبي آهي ته بابا:

Save Sindh... Save Sindh

Save Sindh... Save Sindh



چگا چَندِ چئيج، سنيها کي سڃٽين

علي آڪاش

تنهن ڏينهن 2008ع جي لهندڙ آخري سڃ کي الوداع ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ ڏاهن تي ٻڌل سڃاڻ ست، ڪوٽڙي ٻئراج کان هيٺ درياهه ۾ پهتو هو. هيءَ هڪ رسم هئي، جيڪا هر ڪنهن سال پوري ڪئي ويندي آهي ته ويندڙ ورهيه کان موڪلاڻي ڪجي ۽ ايندڙ سال جو آڌر پاءُ ڪجي. اها رسم سڄيءَ دنيا ۾ ملهائي ويندي آهي، سو سنڌي اديب ۽ ڏاها به اهڙي رسمي تقريب لاءِ گڏ ٿيا هئا، انهن سنڌو درياهه کي ڏيئا ۽ گل پيٽ ٿي کيا. مون کي سڌ ناهي ته انهن منجهان ڪيترا هئا، جن درياهه جي دانهن تي "ڪنسنٽريٽ" پئي ڪيو، اهو درياهه جنهن کي پنهنجي گجگوڙ ۽ دهشت جي ڪري شينهن درياهه سڏيو ويو آهي، پر هيننئر ڪنهن هارايل شهنشاهه وانگي، ويل ڏينهن جي ساروٽن ۾ الوپ ٿي ڏنو. هن ۾ تنهن مهل، دهشت ۽ دم نه هو، پر هڪڙي ننڍڙي ڏوري وانگي ٿي لڳو ۽ سُڪي ٻيلاٽيون ٿي ويل ٿي ڏنو، ۽ درياهه جي دم ۽ ڪرم تي پلجندڙ سنڌ جا ازلي ۽ اصلي والي ۽ وارث ملاح درياهه ڪنڌيءَ تي پکڙيل واريءَ تي ڪاپي ڪيو وينا هئا ۽ سندن اکيون ڏوري ۾ ڪٿي رهجي ويل مست الست درياهه جي چولين کي ڇولي رهيون هيون. ان گهڙيءَ درياهه جي ڪنڌيءَ تي هڪ ٻن ٻيڙين کي چڏي باقي ٻيڙيون اونڌيون ٿي ڏنيون، ائين جيئن ڪنهن پياري جي وڇوڙي مهل گهر جون ڪٽون اونڌيون ڪري چڏيون آهن. ملاحن جا ٻار اڃ اگهاڙا نبل ۽ نستا هر ايندڙ ماڻهوءَ اڳيان پنهنجو هٿ ڊگهيڙي بيک مگي رهيا هئا. درياهه ۽ درياهه جي سڌي، ويجهي ۽ لڳاتار رابطي ۾ رهندڙ هن خلق جي هيءَ حالت ڏسي مون گهڙيءَ لاءِ درياهه کي دانُ ڏيڻ جي رسم جي پورائيءَ لاءِ آيل پنهنجي سڃي سڃاڻ ست ڏي نهاريو ۽ هڪ هڪ جي منهن ۾ چتايو، ڇولڻ ۽ ڇاٽڻ گهريم ته ڇا انهن کي اهو احساس آهي. من جي اونهائين تائين، ته اهي هڪ اجڙيل راڄ، هڪ اداس ۽ مٽان ٻيندل ساڻين سان ڪن جي من ۾ به لوَا ۽ ليون ڦٽي آيون هجن، پر انهيءَ وقت منهنجي نظر وڃي سنڌ جي صدين جي ڏاهي، حسن، سڄ ۽ چگائيءَ جي ازلي پرچارڪ، سنڌ جي ماضيءَ ۽ حال جي رلمل، ڪجهه پور وڇوٽ ۽ ڪجهه هڪٻئي سان ٽڪرائجي الڳ ٿي ويل حالتن، سنڌ جي ملوڪ مستقبل لاءِ اونداهين ۾ ڏاهپ جا ڏيئا ٻاريندڙ، سنڌ جي آڇپي جي روشن صبح لاءِ اکين ۾ پيرائتا احوال ڪٽي هلندڙ سائين محمد ابراهيم جويي تي پئي:

جوڳيءَ ٽي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سج وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارين ڪڪوريو.

هڪ پيري هڪ نويڪلي ڪچهريءَ ۾ جامي چانڊيي صاحب چيو هو ته هن سڃي سنڌ گهمي گهتي ڏٺي آهي، هو پوري پاڪستان جي ڏاهن سان مليو آهي ۽ دنيا جي ڪيترن ئي اسڪالرن ۽ علم ۽ ڏاهپ جي اهر نالن سان مليو آهي، پر هن محمد ابراهيم جويي جهڙو روشن خيال، بصيرت پريو ۽ نج نبار ڏاهو ڪٽي ۾ نه ڏٺو آهي، هن جو الميو آهي ته هن سنڌ جهڙي دنيا کان ڪٽيل ۽ پُٺتي پيل پرڳڻي ۾ جنم ورتو. جامي صاحب جي اهڙي راءِ مون لاءِ وڏي احترام واري هئي ۽ سچ ۾ هئي، پر مون ڪڏهن ۾ سنڌ ۾ پنهنجي جنم تي سائين جويي صاحب کي ارهو نه ڏٺو آهي:

بيگاريءَ کي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا انگ اڙي، جئن ڇنا ڦٽ ڇڙي پيا.
(شاهه)

مون ڏٺو ته انهيءَ ميلي ۾ جويو صاحب اڪيلو هو، نه هُو اڪيلو نه هو، هن سون ورنيءَ سنڌوءَ جي ساڻي پيل سرير سان حال احوال ٽي ڪيا، من ئي من ۾، اڻ لکي طرح هنن ٻنهي ڳالهيون ٽي ڪيون، مون کي لڳو هن سڃي ويران پيل درياهه جي دڪ هو ٻنهه اُتر نموني محسوس ڪري رهيو آهي. جويي صاحب سان پويان ڏهه ورهيه آڻ پاڇي جيان، رهيو آهيان ۽ سندس آخري باقاعدي شاگردن منجهان آهيان. گذريل ورهيه ۾ ڪان جويو صاحب بار بار ۽ لڳاتار انهيءَ خواهش جو اظهار مون سان ڪندو آيو آهي ته آڻ "An Ode to Sindhu" (سنڌوءَ جو گيت) لکان. آڻ اها ڪٽ ڪري سگهان ٿو ته ان گهڙيءَ جڏهن جويي صاحب ۽ درياهه شاهه جي وچ تي ڳجهه ڳوهه واري ڳالهه ٻولهه ٽي هئي، تڏهن سنڌوءَ سڳوري جويي صاحب کي اهو به ضرور چيو هوندو ته: "جويا صاحب! مون کي تنهنجي گيت جو اوسيئڙو آهي."

ان ڏينهن 2008ع جي آخري لهندڙ سج کان موڪلاڻيءَ لاءِ آڻ ڪجهه دير سان پهتو هوس. انهيءَ کان اڳ هڪ اپاڳو ۽ اڌنگو عمل ورجائجي چڪو هو، جنهن جويي صاحب کي اڄ هن حال تائين رسايو آهي جو آغا خان اسپتال ۾ "اوپن هرٽ سرجري" (باءِ پاس) لاءِ پهتل آهي. هونءَ ته جويو صاحب 95 ورهين جي ڄمار جو آهي•، پر هُو سدائين جوانن کان جوان ڏٺو ويو آهي، ۽ اسان جو علمي ادبي لڏو توڙي ٻيا ماڻهو به ساڻس ان ئي نموني ورتاءُ ڪندا آيا آهن. 31- ڊسمبر 2008ع جي سنڌيا مهل جڏهن المنظر تي هيءُ قافلو پهتو ته جويي صاحب کي ڊاڪٽرين اسٽريم پاسي وڏي ڊگهي ۽ وڏن ڊگهن ڏاڪن واري ڏاڪڻ تان لاٿو ويو. جويي صاحب گهٽيئي انڪار ڪيو، پر پوءِ ڪيس کڻي لاٿو ويو، جيڪڏهن درياهه جي ڪن ڏيءَ تان ڦيرو ڏيئي ڪيس لاٿو وڃي ها ته شايد هو هن وڏيءَ ڄمار ۾ هارٽ اٽئڪ جهڙي عذاب مان نه گذري ها. ٻيلي ڪجهه ته احتياط ڪرڻ گهربو هو!! سنڌو درياهه کي گل ۽ ڏيئا پيڻ ڪرڻ کان پوءِ واپسي مهل منهنجو هٿ جويي صاحب جي هٿ ۾ هو. انهيءَ هٿ ۾ جنهن سنڌ جي سڪ ۽ ڪلياڻ جا سپنا هزارن ڪاڳرن تي چٽيا آهن. جويي صاحب، نظير ميمڻ صاحب کي چيو ته پٽ شاهه تائين نه هلي سگهنداسين، بهتر آهي ته گهر واپس هلجي، نظير ميمڻ صاحب هائوڪار ڪئي. انهيءَ کان پوءِ رات جي اونداهيءَ ۾ هر ڪو پنهنجي راهه جو راهي ٿيو، پر جويي صاحب لاءِ اها رات گذريل 95 ورهين ۾ سڀ کان ڳري ۽ اذيت پري رات هئي،

• هيءُ مضمون ڪجهه سال اڳ جو لکيل آهي. (ايڊيٽر)

ڪجھ دوستن سان ڪچھري ڪري ھُو گھر پھتو ۽ دل ۾ بيقراريءَ ڪاڙ هن اها پوري رات ڪجھ ننڊ ۽ ڪجھ جاڳ ۾ گذاري ۽ پھرين جنوريءَ جي اياڳي صبح جو ڇھين وڳي ڏاري ڪيس دل ۾ تڪليف ٿي، جنھن کان پوءِ ڪيس حيدرآباد سول اسپتال دل واري شعبي عام مشھور "ديوان مشتاق" ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي جويي صاحب جي پٽ مظفر جويي ۽ ڏوھٽي محسن جويي کان پوءِ اعجاز قريشي ۽ آءٌ پھرين پھچڻ وارن مان ھئاسين. سموري واٽ دل وسوسن جا انبوھ ھئا، پر جڏھن اسپتال پھچي جويي صاحب تي نظر پئي تہ ڪجھ اطمينان ٿيو، جيتوٽيڪ پاڻ ۾ ادائي ڪلاڪ ھڪ وڏي ڇڪتاڻ ۽ لوڙ ولوڙ مان گذريو ھو، پر بنھ نارمل ٿي ڏٺو، ھن جي چھري تي ڪنھن ب تڪليف جو ڪو ترورو نہ ھو. آءٌ ھن جي بيڊ جي پرواري ڪرسيءَ تي ويٺس تہ ھن بس ڳالھائڻ شروع ڪيو. ڳالھيون سنڌ ۽ سنڌ وارن جون اٽاھ محبت جون ۽ دل جي سموري سچائيءَ جون، ايئن معمول پٽاندر مون سان ڪچھري ڪندو ھو. سندس چوڻ ھو تہ جيئن "پيپلز ھسٽري آف انڊيا" جا ڪتاب ڇپيا آھن، تيئن "پيپلز ھسٽري آف سنڌ" ب سھيڑڻ گھرجي ۽ ان لاءِ ايم.ايڇ پنھور ۽ ٻيا موجود اتساھڪ پستڪ ڳڇ مدد ڏيئي سگھن ٿا. ھن اھو ب ڇيو تہ سندس تازن مضمونن تي ٻڌل ب ڪتاب اڇي رھيا آھن، جن جي سھيڑ پوري ڪري ڇڏي آھي، انھن مان پھرين جلد لاءِ مھاڳ آءٌ لکان. انھيءَ کان سواءِ ٻيون ڪيتريون ڳالھيون ٽيندين رھيون. آءٌ تڏھن گھٽي ٻڌتر ۾ ھوس. ڇاڪاڻ تہ ھڪ تہ مون سندس ويجھو رھڻ ٿي گھريو ۽ ٻيو تہ ڈاڪٽرن ڪيس ڇيو ھو تہ ھو ڳالھائي نہ، ۽ آرام ڪري. منھنجي اتي موجودگيءَ ۾ اھو ڏکيو ھو تہ جويو صاحب ڪجھ ب نہ چوي ۽ ڪجھ ب نہ ڳالھائي. انھيءَ ڪري جو اسان ٻنھي کي ھڪٻئي سان گذريل ڪيترن ئي ورھين کان ڊگھيون ڊگھيون ڪچھريون ڪرڻ جي عادت پيل آھي. نيٺ لاچار مون کي اتان نڪري، در ٻاھران ٻيھٽو پيو. اھو ڏينھن گذريو ۽ رات جو ھڪ ٻيو حادثو پيش آيو، اھو ھيئن تہ اسپتال جي عملي جي ڪوتاھيءَ سبب جويي صاحب کي ٻانھن ۾ لڳايل ڪينولا نڪري ويئي، ھن جو تمام گھٽو رت اُڙھو، لڳ پڳ ڏيڍ بوتل، پر ڈاڪٽرن ڇيو تہ خير جھڙي ڳالھ آھي. ايڪوگرافي ۽ ٻيون گھربل ٽيسٽون ٽيون، جن جي آڌار ڈاڪٽرن جو چوڻ آھي تہ ڪابہ ڳالھ ناھي، سڀ ڪجھ ٺيڪ آھي. اھو "سڀ ڪجھ ٺيڪ آھي." ٻڌي اسان کي اطمينان ٿي ٽيو. پر انھيءَ معاملي جي ڳنڍ تڏھن ڪلي جڏھن اسلام آباد منجھان نامياري فزڪس جي نامياري استاد عيسيٰ دائوديوٽي پنھنجي ھڪ واقفڪار ۽ ملڪ جي نامياري ڈاڪٽر خالده سومرو، ڊوو ميڊيڪل ڪاليج کي موڪليو. تنھن کان پوءِ "سڀ ڪجھ ٺيڪ آھي" وارو محاورو ختم ٽيو. ھن رپورٽن ڈسڻ کان پوءِ جويي صاحب جي دل کي پھتل نقصان جي نشاندھي ڪئي ۽ ڇيو تہ دل تائين رت پھچائيندڙ سڀ نليون بند ٿي ويون آھن، انھيءَ ڪري ڪيس جلد کان جلد ڪراچي منتقل ڪرڻ گھرجي، پر جويو صاحب کھن ب طور ڪراچي اسھڻ لاءِ تيار نہ ھو. تنھن گھڙي آءٌ اسپتال ۾ موجود نہ ھئس.

ان کان پوءِ آءٌ اسپتال پھتس تہ تڏھن ڈاڪٽر خالده سومرو اڳيئي جويي صاحب کي راضي ڪري ورتو ھو. اھڙيءَ ريت 4 جنوري، آڇر ڈينھن جويي صاحب کي ڪراچي ھڪ ايمبولينس ۾ نيو ويو. ھن سان ھڪ ڈاڪٽر ۽ سندس ڏوھٽو محسن جويو گڏ ھئا. محسن جويي پٽاندر جويي صاحب جام شوري ٽول پلازا وٽ اسٽريچر تي ليٽڻ کان انکار ڪري ڇڏيو ۽ ھن پاڻ کي لڳل سڀ نليون

لاهي ڏني ڪري ڇڏيون ۽ ڊاڪٽر کي چيائين ته آءٌ تيار ناهيان ۽ اسٽريچر تي بلڪل به نه ليٽندس، مجبور ٿي ڊاڪٽر ڪيس پنهنجي ڪرسي ڏني ۽ ڊاڪٽر اسٽريچر تي وينو. محسن پٽاندر انهيءَ مهل رات وڪڙي جويي صاحب گاڏي هلندي چند ڏنو ته هن جو رنج پل اپل پگهرجي ويو ۽ هن چيو:

"How Beautiful"

مون کي پڪ آهي ته انهيءَ مهل جويي صاحب کي لطيف سائينءَ جو سر ڪنيات ياد آيو هوندو.

"چگا چند چئجي، سنيها کي سڃٽين"

انهيءَ رات ڪيس ملڪ جي نامياري دل جي ماهر اظهر فاروقي کي چڪاسٽو هو، پر دير سان پهچڻ سبب ائين نه ٿي سگهيو. جويي صاحب کي ڊاڪٽر فاروقيءَ جي ٽيم، جن ۾ ڊاڪٽر منصور ۽ ڊاڪٽر رابعا شامل هئا، اٽينڊ ڪيو. جڏهن هنن کي حال احوال ڏنا ويا ته هنن کي سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي جويي صاحب جي رت اُڙهڻ تي ٿي. صبح جو ڊاڪٽر فاروقي سندس چيڪ اپ ڪيو، ڊاڪٽر کي سڀ حال احوال ڏنا ويا، جڏهن هن کي اهو ٻڌايو ويو ته حيدرآباد اسپتال ۾ جويي صاحب جو رت اُڙهو هو ته هن هڪدم رت جي ڳاڙهن جزن (هيموگلوبن) جي چڪاس جي هدايت ڪئي، جڏهن رپورٽ سامهون آئي ته رت جا جزا نارمل مقدار کان اڌ جيترا هئا، جنهن سبب جويي صاحب کي هٿرادو رت جون بوتلون چاڑهيون ويون. هيءَ ڪيتري نه وڏي ناداني هئي جنهن کي حيدرآباد جي ڊاڪٽرن لکايو ٿي ۽ بار بار چيو ٿي: "سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي." ڊاڪٽرن علاج جا به رستا چونڊيا. اينجيوپلاسٽي يا اوپن هرٽ سرجري، انهيءَ معاملي تي ڪيترائي ڏينهن ڊاڪٽرن ۾ صلاح مشورا ٿيندا رهيا. چاڪاڻ ته وڏي ۾ وڏو مسئلو جويي صاحب جي وڏي ڄمار وارو هو. هيءَ به هڪ خوشنصيبي آهي، اسان سنڌ وارن جي، جو سندس اندر جا ٻيا سمورا عضوا صحيح سلامت آهن، ۽ صحيح "فنڪشن" پيا ڪن. نيٽ ڊاڪٽر اهو طئ ڪيو ته سندس "باءِ پاس" ڪيو ويندو، جهن لاءِ هو آغا خان اسپتال ۾ موجود آهي ۽ سندس سرجري ملڪ جي مشهور دل جي روگن جي ماهر ڊاڪٽر شاهد سميع کي ڪرڻي آهي.

هوڏانهن جڏهن جويي صاحب جي آپريشن جون تياريون آهن ته هيڏانهن ڏکندڙ هٿن ۽ پنل اکين سان هي لفظ لکي رهيو آهيان. اڄ اسان جي سنڌ جو عظيم رهنما، پوتر ۽ بي عيب ڏاهو، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ۽ سنڌ جي هر ڪنهن شيءِ سان وجود جي سمورين توانائين سان محبت ڪندڙ املهه ۽ اورچ ڪردار زندگي ۽ موت جي به واڌي تي بينل آهي ته اهڙي موقعي تي سنڌ وارن کي پنهنجي هن عظيم محسن جي صحتيابيءَ لاءِ دعا لاءِ هٿ کڻڻ جي اپيل ٿي ڪجي. اچو ته دعا ڪريون ته هن جي اجا وڏي ڄمار لاءِ هُو جنهن وٽان اسان ڪي آڇ لاءِ اجا به گهٽا موتي آهن؟ جن سان اسان پنهنجي قومي زندگيءَ کي مالا مال ڪري سگهون ٿا، هُو جنهن وٽ آهن اجا به ڪئين رنگا رنگ سپنا، جن سان اسين سنڌ واسي صدين جي غلاميءَ سان ويڙهه ڪري سگهون ٿا، هو جيڪو اسان جو اُتساهه آهي، اڳتي وڌي ويندڙ راهه ۽ وسيلو آهي، هُو جيڪو اسان سيني جو محبوب آهي، هو جيڪو سنڌ جو سدورو پٽ ۽ سرويچ آهي، جنهن جو وجود سنڌو درياهه جئن وهندڙ حرارت پريو ۽ مقدس آهي، هُو جنهن اسان کي پنهنجن سپنن واري سنڌ ڏيکاري آهي، ۽ هو جنهن گذريل نون ڏهاڪن کان وڌيڪ گذاريل عرصي دوران سڀائين سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ بني نوع انسان لاءِ خير، خوبي ۽ حُسن جا خيال پاليا آهن ۽ پالي نپائي وڏا ڪيا آهن، سلام آهي هن جي عزم کي، حوصلي کي، اورچتا ۽ ارپڻ کي:

تو لئہ موت تہ کا شيءِ ناهي
تون ڇاڻين ٿو
ساهن جي هيءَ مالهہ ڪڍهن يي
قُرندي رکجي ويندي آهي،
ان کان اڳ پر
هئہ هئہ کافر
رُسي ويل هن "محبوبا" جي
آس اويڙي
توسان پل پل جهيڙيو آهي
توکي سبيو اُکيڙيو آهي،
تون چاهين ٿو
هُن جا هيکر اگوڻ اساري
پوڄا جهڙا پير ڏسين!
هوءَ ڪٽي آ اهو نہ ڇاڻين
ها پر جڏهن بہ جيءَ جهروکي
جهاتي پائين
ائن تون پانئين
بسنت رت جي برکا وانگي
تو ۾ ويرئون تار وسي ٽي
تون تہ سراپا سار انهيءَ جي
هوءَ چڙي جئن آهي ۽ تون
لار انهيءَ جي
ڏار انهيءَ کان
توکي کوبہ قرار نہ سائين
ڏهہ ڏهاڪا
هجر جي هن ڪاري رستي تي
وصل جي لال اميد جو گهوڙو
بنجي کو طوفان ڊُکيو آ

ڪونہ رُکيو آ
تر ۾ سنبران
تو جئن کوبہ سوار نہ جهونا!
هن وهيءَ ۾ هيءُ ڪشالو
ڪنڊ چڏين ها
تنهائيءَ ۾ جُهڪي اڏين ها
ڪير چوي ها
سندءِ ڪمائي
وئي اجائي
پر ڪجهہ آهي، جنهن جي خاطر
ويهڻ جو نہ وڙاءُ ونين ٿو
وهم وِسُورَ هن ڏرتيءَ سان
پنهنجو پورو وسُ واڳين ٿو
تون جاڳين ٿو
سارو لوڪ سُتو پيو آهي
جند ۾ توکي ڪنهن خنجر جو
ڇالئہ پاند ڪُتو پيو آهي
وسريل آهي
سڀ کان ڳٽُ غلاميءَ وارو
پر ڏئي سڪ چنڊ ٿو چاهين
ڏاها تنهنجو ڏيءِ غضب جو
۽ هيءُ تنهنجو ويڙُ بہ گهَرو
هن پيريءَ ۾
سونَ سريکي زنجيريءَ ۾
آزاديءَ جو پتلو چاهين
چئہ تون چاهين!

سنڌ جي ڏاهپ جو هڪ صديءَ جو سفر

سحر گل

پنهنجي عُمر جي هڪ صديءَ جي چيڙي تي پهتل هن ڏاهي مُسافر ۽ سچي دانشور جو سفر، دراصل سنڌ جي ڏاهپ جو سفر آهي. وقت جي مختلف دورن جي ان سفر دوران پاڻ ڏاڍي سهڻي انداز سان زندگي گذاري، مثالي جيئڻ جو هڪ نمونو پيش ڪيو اٿن. پنهنجيءَ صورت ۾ پاڻ سنڌ کي هڪ اهڙو مثالي انسان ۽ عظيم دانشور ارپيو اٿن، جيڪو وقت جي دولاب ۽ ڏاڏَ کي نندي، جابر خلاف مظلوم ڏانهن ڏرائتو ٿي بيهي، ۽ پنهنجي حاتيءَ جي هر پلَ ۾ علمي ۽ عقلي ڪم ڪري؛ بيحد ڪمائتي انداز ۾ پنهنجي زندگي گذاريندو رهيو آهي. ان کان وڌيڪ سهڻو ٻيو ڪير جيئندو آهي! سنڌن ڏاهپ پريي جيون تي منهنجون لکَ واڌايون. هيءَ ليک، لکڻ وقت مان اهو سوچيندي رهي هيس تہ ڏاهپَ ۽ عظمتَ جو هيڏو اوچو قد بت رکندڙ، سنڌ جي هيءَ اعليٰ هستي، جيڪا باعلم ۽ آهي، شخصيت ساڙ ۽ آهي، هر دور جي نوجوانن ۽ دانشورن جي رهبر ۽ آهي. ڏرتيءَ جي حقن جي علمبردار ۽ آهي. اعليٰ سائنسي ۽ فلسفيانہ قدرن، اصولن جي سچي پوئوار ۽ آهي- تہ سندس طبعيت ۾ هڪ سچي صوفيءَ جي روح جهڙي سادگي، نهٺائي ۽ سهپَ ۽ آهي. گڏوگڏ جنهن پنهنجي ذهني پورهئي سان علم، وجدان ۽ ڏاهپ جو اُهو وکر ۽ ماڻيو آهي، جيڪو ازل کان ڏاهپ جي مسافرن ذريعي روح در روح، دور در دور، پئي سفر ۾ رهيو آهي، تہ اهڙي شخصيت تي لکڻ، کيڏو نہ مقام هوندو مون لاءِ!

سنڌ کي سائين جويي صاحب جهڙو گهڻ رُخو ۽ حسناڪ انسان نصيب ٿيو، اهڙيون اڻ ڳڻيون خوبيون سڀ هڪ جاءِ تي گڏ، تمام تمام ٿورڙن ماڻهن ۾ اسان کي نظر آيون آهن. پاڻ واري سنڌ چا تہ انسان ماڻيو آهي! سچ اهو آهي تہ، هيءَ ليک لکندي مان سڄو وقت اِن آڏ ٿڏ ۾ رهيس تہ، سندن شخصيت تي مان ڪيئن لکان، جو هيءَ ليک سندن شانائتي هستيءَ جو شايان شانُ هجي، ۽ کين قبولَ ۾ پوي.

صوفياڻي روح جي صُحبتَ ۾ صوفياڻي:

هيڏين سارين عجب رازن جهڙين خصلتن سان گڏ وري صوفياڻو روح ۾ اٿن. پاڻ اُن سموند جا سيوَڪَ آهن، جنهن لاءِ پٺائيءَ چيو تہ، "منجهانئس ماسو ۾ پوڄارن کي پُر ڪنيو آهي،" انڪري علمَ ۽ ڏاهپ سان سندن صحبت، مادي زندگيءَ ڏانهن سندن طبعيت کي صوفياڻو ڪري کين اُملهہ بڻائي ڇڏيو، مٽان پاڻ وارا وري اهي ٿيا، جيڪي سندن صحبت ۾ رهيا، ۽ جن سندن خيالن ۽ مڪتبہ فڪر جي پوئواري ڪئي، تہ پاڻ انهن کي سُڄي سون ڪيائون، پاڻ هڪ تربيتگاهہ آهن، سندن ان عقل ۽ ڏاهپ جي درسگاهہ مان جيڪي تربيت ماڻي نڪتا، انهن جي فلسفيانہ، منطقي ۽ سائنسي سوچ واري نگاهہ تي سندن ڇاپَ آهي. حقيقت اها آهي تہ، اصل شخصيت سازي مڪمل ٿئي ٿي شعور سازيءَ سان ٿي.

سوچجي تہ سماج ۾ ڪيترا اهڙا فرد ۽ ادارا آهن، جيڪي سياسي، سماجي، معاشي ۽ تدريسي

حوالن کان سماج تي گهري نظر رکندڙ هئڻ ڪري، نوجوانن جي اهڙي گهڻ رُخي تربيت ڪري سندن صحيح معنيٰ ۾ شعور سازي ڪن ها؟ انهن کي سنڌ سنڌيت، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حقن ۽ حقيقتن سان گڏ عالمي فلسفي، مارڪسزم ۽ تاريخي ۽ جدليماديت جي حوالي کان به باخبر ڪن ها؟ اگرين تي ڳڻڻ جيترا اهڙا نالا سُجهن ٿا. اهڙن ڳڻائتن انسانن کي فرد بدران درسگاهه چوڻ گهرجي ته، هو پنهنجن شاگردن ۾ اهي سڀ يگانيون وصفون منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، جيڪي انهن کي به اهڙي ئي مڪمل معلم نهڻ جي راهه تي وٺي هلنديون رهيون آهن، جتي علم جاڻڻ جي اهميت، فقط ان جي سماجي ڪارج سان ٿئي ٿي.

جاڻ جا خزانا هٿ ڪري ونڊڻ واري هن انسانيت دوست انسان، اهو سمجهيو ۽ سيکاريو آهي ته، فلسفو معنيٰ فلسفو ڪرڻ، يعني ان کي سماج تي لاڳو ڪرڻ، چاڪاڻ ته جاڻ جيڪا فقط ذهنن ۾ رهي ٿي. سا خام مال جيان اڻ ڪارائت رهي ٿي. پاڻ، پٺائي سائينءَ جي هولي‌ءَ ۾: هي انهن عام مُعلمن مان نه آهن، جيڪي رڳو علم هٿ ڪري اچي ان جا داستان ٻڌائيندا آهن، پر ان جي خبر ناهن ڏيندا، جيڪو اٿاهه گهراين جي وچ ۾ رهي پيو:

اوريائين آٽين، ميڙيو مُعلمَ خُبرون؛
سا تان سُڌِ نہ ڏِين، جتي وَهُ ويڏ ڪري!

يعني سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي شخصيت ان گروءَ جهڙي آهي، جيڪو نہ رڳو علم ڏئي ٿو، پر هو اُنهن گسن جي سُڌ به ڏئي ٿو، جيڪي نئين شعورَ کي دنيا جي اڻ ڏٺل عظمتن جي مقامن ڏانهن نيئن ٿا.

منهنجو تجربو:

هونئن ته مختلف محفلن ۾ ساڻن منهنجون ملاقاتون ٿينديون رهيون آهن، پر ساڻن اڌ ڏزن کن منهنجون بيحد تفصيلي ملاقاتون رهيون آهن، جيڪي سندن ئي گهر ۾ ٿيون آهن. سڀ کان پهريون پيرو مون 2008ع ۾ کين فون ڪري ڪانئن ملاقات جو وقت ڏنهن گهريو هو، جڏهن مان انگلينڊ مان هڪ ٻي ايم.اي ڪري آئي هيس ۽ ان جي تحقيق (ٿيسز) کين ڏيکارڻ ٻئي چاهيم. ان ڏينهن وٽن غلام رباني آگرو صاحب جن به وينا هئا. مون کي اڄ به جويي صاحب جي گهر تي اها منجهند جي مانيءَ واري دعوت ياد آهي، جتي اسان ڏنهي گڏجي ماني به کاڌي هئي ته مختلف موضوعن سان گڏ منهنجي تحقيقي ڪم تي ڪچهري به ڪئي هئي.

آگري صاحب تفصيلي طور مون کان منهنجي تحقيق بابت پڇيو هو، جيئن ته منهنجي اها ٿيسز طالبان ۽ مذهبي انتها پسنديءَ جي موضوع تي هئي، ان ڪري مون کين ٻڌايو ته مان في الحال اها ڇپرائڻ کان لهرايان پئي، ته جويي صاحب اُن تي هڪدم مون کي جيڪا نصيحت ڪئي، سا اڄ به لفظ به لفظ ياد اٿم. چيو هئائون: "ادڙي! ڪنهن به موضوع تي هولي‌ءَ کي جي جهڪو ۽ ڏڪو ڪري لکبو ته اهو مسئلو نہ ڪندو، جي اوهين سمجهو ته، ان جي هولي‌ءَ تي ٽورو ڪر ڪيو، پوءِ ڇپائي سگهو ٿيون." ان کان پوءِ ان موضوع تي مون ڪافي لکيو، ۽ ان تحقيقي ٿيسز جي ڪجهه بابن مان ڪجهه مضمون به تيار ڪري ڇپرايم.

هڪ پيري مون فون ڪري ڪانئن ڳالهائجندڙ سنڌي هولي‌ءَ ۾ ايندڙ بگاڙ بابت ڪچهري‌ءَ لاءِ وقت ورتو، ان موضوع تي لکيل پنهنجا مضمون مون اڳ ئي کين موڪلي ڏنا هئا. ملاقات دوران پاڻ مضمونن ۾ منهنجن خيالن جي تائيدَ ڪئي هئائون ته، واقعي ڳالهائجندڙ سنڌي‌ءَ جي هر جملي ۾ انگريزي لفظن جو انبوهه آهي.هولي‌ءَ تي لکيل منهنجي مضمون ۾ آيل هڪ نُڪتي (لفظ "عورت" جو"ناري" يا "مائي" لاءِ استعمال تي، جيڪو عربي‌ءَ مان کنيل آهي، ۽ ان ۾ "عورت" معنيٰ اوگهڙ، يا بي لباس) تي هنن مون کي نہ رڳو ساراهيو هو، پر ان تي پنهنجي واضح راءِ به ڏني هئائون، پاڻ چيو هئائون ته، "اسان سنڌ جي ڀهراڙي‌ءَ واري سماج ۾ ته 'مائي' ۽ 'مرد' استعمال ڪندا آهيون. ڀهراڙي‌ءَ ۾ 'عورت' لفظ ڪير استعمال ڪندو آهي؟ ان جو استعمال شهري سماج ۾ ٿئي ٿو، جيڪو هاڻي پاڙون وٺي ۽ پکڙجي پيو، خود پٺائي به، جيئن ته عربي ۽ فارسي هولي‌ءَ جو جاڻو هو. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ مُڪ ڪردار مائي هوندي به هن اهو لفظ ڪتب نہ آندو آهي!"

سائين جويي صاحب اهو به چيو ته، "ان جي رڳو اعلان جي ضرورت آهي، ۽ اهو لفظ 'عورت'

ڪيي 'مائي' استعمال ڪجي." مون اِن تي ڪافي لکيو ۽ ڳالهايو آهي، پر اهو اڃان تائين ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي، پر سندن صلاح تي سنڌي هولي‌ءَ جي اداري ۾ مون ميبر فهميده حسين ۽ تاج جويي صاحب کي به اهو چيو، جيڪي انهن مجيو به، پر هاڻي اهو ميدياءِ ۽ ٻين سماجي ۽ تعليمي ادارن کي ڪيئن ٻڌائجي. ان تي سائينءَ جهڙي وسَ واري شخصيتَ ئي کو اعلان ڪري، ان کي عمل ۾ آڻائي سگهي ٿي.

هڪ پيري مان ساڻن ملڻ ويس تہ، پاڻ هڪ سنهڙو ڪتاب، جيڪو فوٽو اسٽيٽ جي صورت ۾ ڳاڙهي ٽائيٽل پيپر سان هو، مٿان پلاسٽڪ چڙهيل هئس، مون کي ڏيندي چيائون تہ،"هي ڪتاب ضرور پڙهجو." (ٿورو ترسي وري چيائون)، "۽ جي هي ڪتاب اوهان کي پسند اچي، ۽ اوهان وٽ وقت هجي تہ اوهين ضرور هن کي ترجمو ڪريو، سنڌيءَ ۾ سياسي ادب ۾ اضافو ٿيندو." اهو ڪتاب هو "تاريخي مادیت تي هڪ نظر،" جيڪو وي پوبوسيٽڪنڪ، اي اسپَرڪن جو گڏيل ڪر آهي، مون اهو ڪتاب ترجمو ڪيو. ان جا پروف رهيل آهن، جيڪي جلد ڏسي، چپائيءَ لاءِ موڪلينديس. فلسفي جي شاگرد هئڻ ڪري جدلي ۽ تاريخي مادیت، منهنجا پسنديده موضوع رهيا آهن، پر سائينءَ جي ڏسيل ڪتاب جي ترجمي دوران مون ان موضوع جو ويتر ڳوڙهو مطالعو ڪيو، جنهن منهنجي ان موضوع تي خيالن ۽ لکڻيءَ کي ويتر بهتر ڪيو.

هولي: هولي‌ءَ جي موضوع تي سندن گفتگو تمام گهڻي لاڀائتي هئي. ان تي منهنجي راءِ به لڳ ڀڳ ساڳي آهي. مان سندن هر خيال سان ان ڪري سهمتَ آهيان، جو مان به ان ئي مڪتبہء فڪر جي آهيان، جنهن جي رسمَ پاڻ وڏي اٽن، ڪين پڙهڻ کان پوءِ تہ سندن وڏي پيروڪار بڻي آهيان.

سندن اها ڳالهہ لکن جي مَٽ آهي تہ، "ٻين هولين مان فکر ڪڍي پنهنجي هولي‌ءَ ۾ آڻڻ سان، هولي‌ءَ کي نہ رڳو ترقي ڏجي ٿي، پر اهو عمل ان هولي‌ءَ ۾ موجود علمَ کي وسعتون به عطا ڪري ٿو، ان ڪري ٻي هولي‌ءَ جو فکر سنڌيءَ ۾ داخل ٿيڻ اسپاويڪ ناهي، پر اهو اسين ڪيئن ٿا داخل ڪيون، ان جو وڏو فرق پوي ٿو."

مون تازو ئي هولي‌ءَ جي حوالي سان پڙهيو آهي، اُهي خيال مختصر طور هتي پيش ڪرڻ چاهيندیس. هڪڙا ٻہ لفظ آهن، جيڪي هولي‌ءَ لاءِ فرانسيسي لسانيات جي ماهرن ڪتب آندا آهن: هڪ آهي "پارول" ٻيو آهي "لانگي" پارول ڪنهن به هولي‌ءَ جو ظاهري ڍانچو ٿئي ٿو، جيڪو اُن هولي‌ءَ جو ڳالهائيندڙ عوام روزانو استعمال ڪندو آهي، جڏهن تہ لفظ "لانگي" اُن مڪمل هولي‌ءَ لاءِ ڪتب اينڈو آهي، جيڪا اجتماعي هولي آهي، پنهنجي پوري تاريخ، جديد صورت، خيالن ۽ لفظن جي ذخيرن سميت!

جيڪڏهن پارول، يعني روزمره واري هولي بگڙندي تہ اها پس و پيش لانگي يعني اجتماعي هولي‌ءَ جي به صورت تبديل ڪندي ويندي. سنڌي لانگي جي ڍانچاتي صورت بيحد تڪڙي تبديل ٿيندي پئي وڃي، چاڪاڻ تہ اسان هر نئين داخل ٿيندڙ ٻاهرئين لفظ کي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ متبادل لفظ به موجود آهي، هولي‌ءَ ۾ آڻي، اُن کي هولي‌ءَ جو امير ٿيڻ سڏيون ٿا. متبادل لفظن هوندي ائين ڪرڻ بي واجبي آهي.مثال طور جڏهن انگريزي هولي هن خطي ۾ نہ آئي هئي تہ، چا تڏهن سنڌيءَ جي صورت موجود نہ هئي؟ پٽائيءَ جي هولي ڏسو، ان کان اڳ قاضي قادن جي هولي ڏسو، چا اُنهن دورن ۾ (سواءِ نين ايجادن جي) مختلف شين ۽ وَکرن جا لفظ موجود نہ هئا؟ مثال، تڏهن مائيءَ لاءِ ڪهڙو لفظ ڪتبُ اينڈو هو؟ يا ماريڪٽ يا بازار لاءِ ڪهڙا لفظ هئا؟ چا سنڌ ۾ جنسن جو وڪرو نہ ٿيندو هو؟ هاڻي جيڪڏهن لفظ "استعمال" يا "ڪتب" بدران "يُوز" ڪتب آڻيون ٿا تہ، چا وري به چونداسين تہ، "سنڌي هولي امير پئي ٿئي!" اهو اسان جو پنهنجو ڏاڍو آهي پنهنجي هولي‌ءَ سان. ان ڪري ڳالهائجندڙ هولي‌ءَ جي صورت خوفناڪ حد تائين بگڙي آهي. اسين هاڻي سنڌي هولي هيئن ٿا ڳالهايون:

"ورلڊ پالِٽڪس چينج ٿئي پئي،" يا "اڄ ويڪ اينڈ گهر ۾ ويهي ريليڪس ڪندو/ ڪندي آهيان." سو اها سنڌي آهي، يا انگريزي هولي‌ءَ جو هڪ ڏکڻ ايشيائي لهجو؟"

جيستائين سنڌي هوليءَ جي ڪلاسِڪس جو انگريزي هوليءَ ۾ ترجمي جو خيال آهي تہ منهنجو عرض اهو آهي تہ پٽائيءَ کي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ گهرجي ها. پلي ان جي شروعات کو سنڌي ئي ڪري ها، تہ جيئن ان کي سمجهڻ لاءِ ٻاهرين محققن جون راهون کلن ها. اسين اڄ ٻہ جرمن فلسفي ءِ ڪيترن ئي مابعد الطبعياتي سُوالن کي پنهنجي ڪلاس روم ۾ بحث ڪندي پٽائيءَ کي ڪٽي ايندا آهيون، هيگل جو فاني ءِ لافاني جو خيال تہ سنڌي ماڻهو جيترو حسين طريقي سان پٽائيءَ ذريعي سمجهي ٿو، اهو شايد ئي ڪنهن ٻئي مثال ذريعي سمجهي سگهي- تہ پٽائيءَ جي موضوعن ۾ عالمگيريت ٻہ آهي تہ ڪلاسيڪيت ٻہ. تنهنڪري اِهي بين الاقوامي محققن خاص ڪري اهي جيڪي تصوف تي ڪم ڪن ٿا، لاءِ بيحد دلچسپ هوندا.

سياست ۾ داخل ٿيڻ:

پاڻ مارڪسوادي آهن، ءِ ان ۾ هو ايم.اين.راءِ جي فڪر جي وڏيڪ ويجهو رهيا آهن. خبر نہ آهي ان باري ۾ هاڻي چا ٿا سوچين، پر مون کي سندن سياست جي دنيا ۾ عملي طور داخل ٿيڻ واري سوال تي، سندن جواب بيحد وٽيو: "جن کي پنڌ جو اوسيئڙو هوندو آهي، اُهي سڪ نہ سمهندا آهن، جن کي نظام جي خلاف دل ۾ بغاوت اچي، انهن کي کهڙي ضرورت آهي سياسي فڪر جي فقط هڪ ڏارا ۾ هلڻ جي." نون نون خيالن جي قبوليت کين ڪٿي ٿي دائرن ءِ سَنگهرن ۾ رهڻ ڏي؟ انهن مڙني خصلتن کي ورلي ئي سياسي پارٽيون قبولينديون آهن. اهي نہ تہ سوالن کي پسند ڪنديون آهن، نہ وري نون خيالن، تجويزن ءِ تبديلين کي جاءِ ڏينديون آهن. سخت گير پارٽين ۾ تہ منهنجو اهو خيال آهي تہ تخليقي ماڻهوءَ جو صلاحيتون يا تہ رد ڪيون ويندیون آهن، يا وري انهن کي هڪ ئي دائري ۾ محدود ڪبو آهي. ڪي پارٽيون وري احڪام ناما ٻہ جاري ڪنديون آهن، تہ اوهين کهڙي شيءَ کي پسند ڪيو، کهڙي کي ناپسند؟ چا تي لکو، چا تي نہ. ڪنهن سان ملو، ڪنهن سان نہ. فقط اهي سياسي پارٽيون، جيڪي سخت گير ناهن، سي شعوري اوسرَ کي قبول ڪن ٿيون، جتي ڪارڪن واقعي ٻہ تربيت يافتہ ٿئي ٿو.

طبقاتي سُوال ءِ جاگيرداريت:

مان جويي صاحب جي جنهن نڪتہء نظر کان وڌ ۾ وڌ متاثر آهيان، سو آهي سندن طبقاتي متييد جو خاتمو. منهنجو ٻہ خيال آهي تہ، سنڌ جي پلائي سماجواديت يعني طبقاتي تفرقي جي مڪمل خاتمي ۾ آهي. زميندار ءِ شاهوڪار طبقي کي پنهنجي هڪ هٿي ختم ڪري دنيا جي آدم کي برابري ڏيڻي پوندي. اها اُميد ڪرڻ ٺيڪ آهي تہ حڪمران ءِ مٿئين طبقي ۾ کو مائيءَ جو لال پيدا ٿي ڏرتيءَ جي ڏکن کي سمجهي واهرو ٻڌجي، غريب عوام جي برابريءَ جي حق لاءِ وڙهندو، پر دنيا ۾ ان جا مثال ورلي ئي آهن. جام ٻئسي جي چَمَڪَ ماڻهوءَ ۾ ماڻهپي کان وڌيڪ مادیت پسنديءَ جي اهميت کي مٿاهون ڪري محسوس ڪرائي. سندس شعور جي مزاجَ کي بدلايو چڏي. سندن جيان منهنجو پنهنجو خيال ٻہ اهو ئي آهي سنڌ مان جاگيرداري ءِ وڏيرکو راج ختم ٿيڻ گهرجي.

زندگيءَ ڏانهن رويو:

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جن ڏاڍو سهڻو چيو آهي تہ، "جي ڪين سنڌ جي مستقبل ۾ ايمان نہ هجي ها تہ پاڻ جيئندا ئي چو رهن ها! جياپو ڪارِجَ سان هجي، اُن کان سواءِ نہ هجڻ گهرجي." ان نظريي کي هڪ پيرو ٻيهر ثابت ڪيو اٽن.

پاڻ اهو چون ٿا تہ، "سنڌ جو مستقبل، سنڌ جي عوام ءِ محنت ڪندڙ طبقي، هاري ءِ مزدور طبقي تي مدار رکي ٿو." سندن اهو جواب ٻڌائي ٿو تہ پاڻ سچا مارڪسوادي هئا، ءِ اڄ ٻہ آهن. اهو بلڪل درست آهي تہ سنڌ جو بهتر مستقبل، طبقاتي سياست کان سواءِ ممڪن نہ آهي، پر سنڌ جو عوام اُن ڏڻ جيان آهي، جنهن کي لاڳيتو کو سچو ڏنار نہ ملي سگهيو آهي.

محمد ابراهيم جويو

جديد فڪر جو حقيقي پرچارڪ ۽ رکوالو

پائو درمحمد پرڙو

جويو صاحب، جديد علمن ۽ انقلابن کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارو پهريون اهر ماڻهو هو ۽ نون، انقلابي ۽ انسان دوست سوچن ۽ خيالن جو پهريون وڏي ۾ وڏو پرچارڪ هو. هن دنيا جي جديد ۽ نون خيالن کي پنهنجين مقامي حالتن جي پس منظر ۾ پيش ڪيو ۽ سندن جي حالتن توڙي مسئلن جو پهريون پيرو سائنسي ۽ عقلي تجزيو پيش ڪيو. اڳي ٻ سندن بابت لکيو پئي ويو، پر حالتن جو حقيقي تجزيو، جويي صاحب جي علم ۽ علمي تجربي جو ڪرشمو هو.

هن پنهنجا خيال ٻ پيش ڪيا ۽ ترجمن جي

(پائو درمحمد پرڙو پبلڪ لائبريري قنبر ۾ پائو در محمد پرڙو، سائين جويي صاحب جي 98 سالگره ملهائي رهيو آهي، سالگره ۾ قنبر جا اديب، شاعر ۽ سول سوسائٽيءَ جا فرد شريڪ آهن).

دنيا ۾ هر سطح تي انقلاب آيا، پراڻي جي جاءِ نئين ورتي، عقيدن ۽ وهم پرستيءَ جي جاءِ سائنس ۽ نون علمن ورتي. ادب نئون ٻٽيو ۽ اهو جديد خيالن، خوابن ۽ احساسن جو آئينو ٻٽيو. ادب بدلجندڙ دنيا مان اثر ورتا ۽ موٽ ۾ ان ٻ دنيا تي پنهنجا حسناڪ اثر ڇڏيا. سندن تي اٺويهين صديءَ تائين انهن انقلابن جا ڪي نالي ماتر اثر پيا هئا، پر اڻويهين صدي ڪيئي سدورا سنوڻ ڪٽي آئي. دنيا جي وڏن انقلابن جون خبرون چارون پهچڻ لڳيون ۽ ماڻهو هتي ٻ نئين انداز ۽ زاويي سان سوچڻ لڳا. سندي سماج ۾ نئين ۽ وٽندڙ تبديلي آئي، سندي ٻوليءَ ڪي هڪ لپي ملڻ کان پوءِ لکت جي اوسر ٻ ٿي. اڻويهين جي ٽئين ۽ چوٽين ڏهاڪي کان سندي ادب کي جديد بنائڻ ۽ ان مٿان صدين جي دز چنبڙ جو ڪم شروع ٿيو ۽ ان ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو ڪردار نمايان، متحرڪ ۽ بنيادي هو.

صورت ۾ دنيا جي عظيم فڪرن، انقلابن ۽ نظرين کي ٻه پيش ڪيو ۽ ايئن هن علم ۽ ادب کي مالامال ڪيو. جويي صاحب جي ترجمن نئين سنڌ جي اڏاوت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو ۽ انهن ترجمن جا پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين اثر پوندا رهيا آهن ۽ اڄا تائين انهن ترجمن جا اثر هلندڙ آهن. جويو صاحب سڄي ڄمار وڌيڪ پڙهيو ۽ پسند ڪيو ويندڙ اديب ۽ ڏاهو رهيو آهي. اها ڳالهه ڪيس ٻين اديبن ۽ دانشورن کان الڳ ڪري بيهاري ٿي ته ڪو اديب گڏيل ستن ڏهاڪن کان وٺي، علم ۽ ادب تي ڇانيل رهي. سندس ترجمن جي ڪتابن جهڙوڪ: 'علم تدريس مظلومن لاءِ'، 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس'، 'ايملي عرف تعليم'، 'وحشي جيوت جا نشان' ۽ 'فرينچ انقلاب' وغيره اهڙا ڪتاب آهن، جن جو اثر هر پيڙهيءَ تي رهندو پئي آيو آهي. انهن ڪتابن اسان جهڙن علمي ڪارڪنن جي زندگيءَ ۾ رهنمائيءَ وارو ڪم ڪيو، جي اهي ڪتاب سنڌي قوم کي نه ملن ها ته اها ذهني طرح گهٽو پوئتي هجي ها. هن وقت سنڌ اسيمبلي پڻ جويي صاحب جي ويزن جي مجتا ۾ ٽرانسليشن بيورو قائم ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي. ترجمن جي اسان کي گهٽي گهرج آهي، خاص طرح، علمي ۽ سائنسي ڪتابن جي گهٽي گهرج آهي. جيڪڏهن جويي صاحب جي ويزن کي اڳيان رکندي ٽرانسليشن بيورو قائم ڪيو ويو، ته ان مان اسان کي گهٽو فائدو ملندو. حقيقت هيءَ ۾ آهي ته جويي صاحب ترجمن جي ڏس ۾ ۽ ڪنهن اداري کان گهٽ ڪم نه ڪيو آهي، هن ترجما پاڻ ڪيا ۽ دوستن کان پڻ ڪرايا آهن ۽ ڪيترائي ترجمن جا ڪتاب سوڌيا سنواريا ۽ آهن، جن ۾ 'جادو ۽ سائنس' جهڙو اهم ڪتاب ۽ اچي وڃي ٿو.

جويي صاحب کي سنڌي قوم جي علمي ۽ ادبي گهرجن جي پليءَ پت جاڻ هئي ۽ هن ان ئي حساب سان سنڌ جو علمي ۽ ادبي ڪم ڪيو ۽ ڪوٽ جي پورائي جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جيڪي ڪم سندس وس جا هئا، اُهي هن پاڻ ڪيا ۽ جيڪي ڪم مختلف نوعيت جا هئا، انهن جو ڪم پنهنجن ٻين ساٿين کان ورتو. مثال طور سنڌ کي بهترين شاعريءَ جي گهرج هئي ۽ ان ڏس ۾ جويي صاحب شيخ اياز کي اُتساهيو ۽ اياز، سنڌي شاعريءَ کي اهي خزانا ڏنا، جيڪي صدين تائين کٽا نه آهن.

علم ۽ ادب ۾ ذميواري وڏي شيءِ هوندي آهي، جڏهن کو [illegible] يا لکندڙ پاڻ تي ذميواري کڻندو آهي، ته پوءِ اهو محنت به ڪندو آهي، ثابت قدم به رهندو آهي، صبر ۽ سهپ کان به ڪم وٺندو آهي، ساٿين ۽ سنگتين کي گڏي سڏي اڳتي وڌڻ جي عملي ڪوشش به ڪندو آهي، رهنمائي به ڪندو آهي، نوان ادارا گهرج آهر ناهيندو آهي ۽ وقت ۽ حالتن کي ڏسندي کي فيصلا نه ڪندو آهي ۽ اهي سڀ خصوصيتون جويي صاحب ۾ رهيون آهن. مون لاءِ هن جو ڪردار سدائين رهبر ۽ استاد وارو رهيو آهي.

ظاهر آهي ته سنڌ واسطي اهڙو ڪم ڪو اڪ جي ماڪي لاهڻ برابر نه هو، پر ٻاهري ڪنڌن تي هلڻ مثل هو ۽ جويي صاحب سڀ سختيون سهي به، پنهنجي ڪم ڪار کي جاري رکيو. هو ضلعي بدر ٿيو، پوءِ صوبي بدر به ٿيو، پنهنجن ٻارن ٻچن کان پري به رهيو، پر هن انهن سختين کي سدائين "مڙيوئي مٽائي" ڪري قبوليو ۽ انهن جو ڪڏهن به ذڪر نه ڪيو. جڏ ته هن وٽ اها ڳالهه طئه هئي ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن خاطر ڪم ڪرڻو آهي، ته سور ۽ سختيون به سَهڻيون آهن. ذات جي قرباني سڀ کان وڏي قرباني هوندي آهي. هن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، سنڌ ۾ سياست، سماج، ادب يا شاعري توڻي فڪر جي ميدان ۾ جيڪي به وڏا نالا پيدا ٿيا، پاڻ کنهن نه کنهن طرح انهن جو استاد ۽ فڪري رهبري ڪندڙ رهيو آهي. هو

سنڌ جي ٻاڻ اونداهي ماحول ۾ جديد علم ۽ فڪر جي روشنين پکيڙڻ لاءِ لفظن ۽ لکڻين جا ڏيئا ٻاريندو رهيو آهي. خطن ۽ روبرو وسيلي اٽڪ محبت ۽ رهنمائي ڪيائين. ڪتابن وسيلي، ليڪچر ڏنائين.

جيستائين مون کي ياد آهي ته ستر جي زماني ۾ هن لڳاتار سياسي، سماجي، ادبي، رجعت پسنديءَ جي خلاف حيدرآباد منظور چيمبرز ۽ سڄيءَ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ سوين ليڪچر ڪيا ۽ مختلف علمي ادبي تقريبن ۽ پروگرامن ۾ شرڪت ڪري، جديد فڪر ۽ نُڪتہ نظر پيش ڪيو، علمي ادبي ڇاڻ ڏني ۽ جديد علمي ادبي ماحول جي اڏاوت ڪئي.

اسان وٽ لطيف جي شاعري به علم جو هڪ محاذ رهي آهي. ان جي شاعريءَ جي هر ڏر پنهنجي پنهنجي حساب سان تشريح ڪندي آئي آهي. جويو صاحب پڻ نه رڳو اسان کي پنهنجن لکڻين وسيلي لطيف سمجهائيندو آيو آهي، پر پنهنجي سنڌ بابت خوابن کي پڻ لطيف جي بيتن ذريعي ڪولي بيان ڪندو آيو آهي، جيئن سندن مضمون آهي 'سنڌ منهنجي خوابن جي' يا ڪتاب 'شاهه، سچل، سامي'. رڳو ايترو ئي نه، پر جويي صاحب لطيف جي چونڊ بيتن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو آهي، جيڪي پڻ معيار ۽ پيشڪش جي لحاظ کان تمام گهڻو مٿي ٻيئل آهن. لطيف جي بيتن کي، ايتري گهرائيءَ ۾، ۽ وسعت سان، سنڌ ۾ شايد ڪنهن به پيش نه ڪيو آهي. جويي صاحب جي لطيف جي بيتن جي انهن انگريزيءَ واري ترجمي کي، جيڪڏهن گڏ ڪري ڇپائجي ته هوند لطيفيات جي سلسلي ۾ اهو هڪ حسين اضافو هوندو.

لطيف ئي نه، پر سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز کي متعارف ڪرائڻ توڙي ان جي شاعريءَ کي ڪولي سمجهائڻ ۾ جويي صاحب جو ڪردار آهي. ان ڏس ۾ گهڻيون ڳالهيون اڳي ئي لکي موجود ڪيون ويون آهن، آءٌ هتي رڳو اهو چوڻ ٿو چاهيان ته شيخ اياز جي شاعريءَ جي فڪري پهلوئن کي جنهن ريت جويي صاحب، پنهنجن مهاڳن وسيلي، روشن ڪيو، اهڙو ڪم شيخ اياز جي شاعريءَ تي ٻيو ڪنهن به نه ڪيو آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي حسن، قوم دوستي، انسان دوستي، ترقي پسندي، انقلابيت، عالمگيريت، فطري حسن، سچ ۽ زندگيءَ جي موجودگيءَ بابت جويي صاحب جا رايا اڄ به اياز شناسيءَ ۾ بنيادي ۽ پڻ مٿاهين جاءِ رکن ٿا. جويي صاحب جي مان ۾ شيخ اياز پاڻ اعتراف طور پڻ گهڻو لکي ڇڪو آهي.

جويي صاحب جي علم جي اثر ۽ پکيڙ جو علائقو بنهه گهڻو وڏو آهي. سڄي سنڌ سندس علم جو اثر ڪنهن نه ڪنهن طرح پهتل آهي، پر سندس علم جا ننڍي کنڊ تي به اثر هوندا، ان پاسي تي به پڻ تحقيق ڪرڻ ڪپي. جويي صاحب هڪ 'استاد ۽ رهبر جي حيثيت ۾ هر سنڌ جي هر علائقي جي ماڻهن سان سڌيءَ ريت يا لکپڙهه وسيلي رابطي ۾ رهندو پئي آيو آهي ۽ انهن جي رهنمائي ڪندو پئي آيو. سنڌ جي هر ڪنهن علائقي جي پروگرامن ۽ تقريبن ۾ شرڪت ڪري چڪو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي ماڻهن لاءِ جويي صاحب جي گهر جا در سدائين کليل پئي رهندا آيا آهن. حيدرآباد اچڻ وڃڻ وارا جويي صاحب وٽان پيرو پرڻ کي ضروري ڄاڻندا آهن ۽ پاڻ به سدائين آئي جو آڏرياءُ ڪندا رهيا آهن. ساٺن ملڻ جي ان سهولت پڻ ڪيترن ئي ماڻهن کي اوجهڙ مان ڪڍي روشنيءَ جي دڳ لڳايو آهي. اسان پڻ حيدرآباد جي چيمبرز ۾ 70ع ۽ 80ع جي ڏهاڪن ۾ ليڪچر ٻڌي، انهن مان علمي فائدو ۽ اتساهه ونندا رهيا آهيون.

رڳو عامي محاذن تان نہ، پر سياسي محاذن تي بہ جويو صاحب اسان جھڙي ڪارڪن لڏي جي رهنمائي ڪندو پئي آيو آهي ۽ اڄ سنڌ ۾ جيڪي بہ ترقي پسند، روشن خيال، جمهوريت پسند ۽ قومپرست پارٽيون ۽ ڪارڪن آهن، انهن سمورن جي اڄ تائين نظرياتي رهبري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جويو صاحب، سياسي تنظيم سازيءَ جي ڪم ۾ گهٽي دلچسپي رکندو پئي آيو آهي، ان ۾ بہ سندس ڏيان ۽ دلچسپي ايتري ئي رهندي پئي آهي، جيتري علمي ۽ ادبي ادارن جي تعمير ۾ رهندي پئي آئي آهي.

سڄي سنڌ ۾ ٻين علائقن جي ماڻهن وانگي، اسان قنبر وارا وڏا خوشنصيب رهيا آهيون جو اسان جي ڪيترن ئي اديبن، عالمن، دانشورن، شاعرن، سياسي ڪارڪنن کي جويي صاحب جي شفيق ويجهڙائي ۽ مهربان صحبت نصيب ٿي آهي، انهن ۾ ڊاڪٽر محبت ہرڙو، جامي چانڊيو ۽ علي آڪاش جويي صاحب جي باقاعدي ويجها رهيا آهن، انهن ساٺس ڪيترائي سال گڏ گذاريو ۽ گڏ ڪم ڪيو آهي، ان کان سواءِ، مضمون جو لکندڙ پڻ جويي صاحب سان هر زماني ۾ ملندو رهيو آهي ۽ ان کان رهنمائي وٺندو رهيو آهي. جڏهن تہ اسان جي قنبر جا دوست منظور ڇڇڙو، نثار ہرڙو، رياضت ہرڙو، دين محمد ڪلهوڙو ۽ ٻيا پڻ جويي صاحب جي ويجهو رهندا آيا آهن. ان لحاظ کان اسان قنبر وارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي تربيت ۾ جويي صاحب جو وڏو هٿ رهيو آهي. اسين سندس ان لحاظ کان بہ وڏا ٿورائتا آهيون، ڪيس پنهنجو وڏو چوندي گهٽو فخر محسوس ڪندا آهيون. پاڻ 1998ع ۾ ڊاڪٽر محبت ہرڙي جي پهرين ورسيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ قنبر پڻ آيا هئا ۽ اسان کي پنهنجائپ جو احساس ڏيارايو هو تہ اسان کان هو ڪڏهن بہ جدا نہ آهي.

جڏهن 2007ع ۾ قنبر ۾ قائم منهنجيءَ لائبريريءَ کي ڪن شرپسندن باهہ ڏيئي ساڙيو هو تہ مون ان جي اڏاوت جون ڪوششون ورتيون ۽ ان وچ ۾ منهنجي جويي صاحب سان ملاقات ٿيندي رهي ۽ پاڻ لائبريريءَ جي سڙڻ جي حوالي کان اخبارن ۾ ڪافي بيان بہ ڏنا هئائون. ڪيترين ئي ڪوششن ۽ ڏکيائين کان پوءِ جڏهن لائبريري جڙي راس ٿي هئي تہ آءٌ وٽن اهڙي خوشخبري کڻي ويو هوس. پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ واڌايون ڏنائون ۽ چيائون تہ اوهان کي لک شاباشون هجن، اوهان اسان جو بهادر انقلابي تسلسل آهيو. سنڌن اهي لفظ، مون لاءِ اڄ بہ هڪ وڏي اهميت جا آهن. ان کان سواءِ، ٻيهر جڙي راس ٿيل لائبريريءَ لاءِ پاڻ ڏهہ هزار رپين جو چيڪ پڻ ڏنائون، جن منجهان ڪتاب خريديا ويا.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي علمي هماليہ سان اسان جو ناتو ۽ رشتو قائم ۽ دائم رهيو آهي. پاڻ علم ۽ شعور جي خاموش نديءَ وانگي رهيا آهن، جنهن منجهان ڪيترائي علم جا اجيارا اڄ اجهائي، پرباش ٿي، اڳتي سفر ڪندا رهيا آهن. ايتري سخا کان پوءِ بہ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪا لکا نہ ڏني اٽائون، اها بہ سنڌي قوم جي هن محسن جي وڏي خوبي رهي آهي. سندس علم ادب، ٻوليءَ، ترجمن، جديد فڪرن جي پرچار، وطن جي ساجاهہ جي سلسلي ۾ ڪيل ڪم ۽ ڪارناما، سنڌن ڪامياب ۽ هر طرح لاپائتي زندگيءَ جا اهڙا مثال آهن، جيڪي اسان لاءِ تہ مشعلِ راهہ رهيا آهن، پر ايندڙ پيڙهين لاءِ پڻ انمول خزانو ثابت ٿيندا رهندا.

محمد ابراهيم جويو: علمي مرتبو، ادبي اثاثو

ڊاڪٽر آزاد قاضي

موجوده سنڌ جي روشن خيالي ۽ سجاڳيءَ واري فڪري تحريڪ ۾ جن به عالمن ۽ دانشورن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، تن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جو مڙني کان مٿانهون مرتبو نظر اچي ٿو. ان ڳالهه کان سندس فڪري مخالف به انڪار ڪري نٿا سگهن. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي کان روايت آهي ته 1981ع واري دور ۾ جڏهن پاڻ مدد علي سنڌي جي ادارت هيٺ نڪرندڙ اخبار "سنڌ نيوز" ۾ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪندو هئو، انهن ڏينهن ۾ محترم مدد علي صاحب جي آفيس ۾ جناب قربان علي بگٽيءَ سان سندس ملاقات ٿي. جويي صاحب جي ڪم ۽ ي بابت سوال ڪرڻ تي قربان بگٽيءَ ڪيس چيو، "جويي صاحب سان اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر اها هڪ حقيقت آهي ته محمد ابراهيم جويو نه رڳو جديد سنڌي ادب، پر سنڌ اندر هي جيڪا به سجاڳي آهي، جنهن ۾ نوجوان سنڌ سنڌ پيو ڪري، 'سنڌ جا مسئلا' ۽ 'سنڌ جا حق' جهڙا آواز پيا اچن، انهن سڀني خيالن جو بانيڪار محمد ابراهيم جويو ئي آهي."

نظرياتي طرح جويي صاحب جي سڀ کان وڏي مخالف قربان بگٽيءَ واري مٿي ذڪر ڪيل راءِ بابت جيڪڏهن ويچاريو وڃي ته جويو صاحب سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ مٽان ٽيندڙ ڏاڍاين بابت سوچڻ، لوچڻ ۽ انهن جي جوڳي حل لاءِ جدوجهد ڪرڻ واري حوالي سان نه رڳو سنڌ جي نئين نسل وارين ڪيترين ئي پيڙهين تي اثرانداز ٿيو آهي، پر هن بزرگ پنهنجي همعصر سائين ۽ پاڻ کان سينئر بزرگن تي پڻ اثر ڇڏيا آهن. ان سلسلي ۾ هتي آڻ هيٺيان به مثال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

(الف) ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، سائين حسام الدين راشدي جي علمي پورهئي جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو، "راشدي صاحب بنيادي طور تي هڪ صحافي هو، ادبي ڪم ڪار جي آغاز وقت، مٽن مولوي عبدالحق، سيد سليمان ندوي، مولانا ظفر علي خان ۽ غلام رسول مهر جو وڏو اثر هو. اهي صاحب اردو زبان جا مڃيل ادیب ۽ صحافي هئا. آهستي آهستي جويو صاحب فڪري، ادبي ۽ علمي ڪمن جي حوالي سان راشدي صاحب تي اثرانداز ٿيو. مرحوم سيد حسام الدين جي لکڻين، مقدمه نگاري ۽ تاليف ۾، جيڪو وطن پرستي، سنڌ پرستي ۽ فڪري پختگيءَ جو عنصر ڏسجي ٿو، ان ۾ جويي صاحب جي صحبت ۽ سنگت کي وڏو دخل حاصل آهي."(لاکو، 1997ع، ص 414)

(ب) سنڌ جي خدمت واري حوالي سان سائين جي.ايم.سيد جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. هونئن ته سندن علمي ڪمن جي ناهه نوهه، تراش خراش وارو ڪم، جويو صاحب ئي ڪندو رهندو هو، پر جويي صاحب جي مشهور ڪتاب 'شاهه- سچل- سامي' جي مطالعي کان پوءِ سيد صاحب ڪيس جيڪو خط لکيو، ان منجهان پڻ جويي صاحب جي پُراثر شخصيت جو اندازو ٿئي ٿو. سيد صاحب ڪيس لکي ٿو. "سنڌ ۽ سنڌ جي ڏکويل ماڻهن لاءِ اوهان جي ڪيل قلمي ڪوششن ۾ هيءَ (شاهه- سچل- سامي) به هڪ اهم وقتائتي ڪوشش آهي... پنهنجي زير تصنيف ڪم لاءِ مون ان جي ڪن ڳالهين کي نوٽ ڪيو آهي."(جويو، 1990ع، بيڪ ڪَور)

طبيعت واري لحاظ کان انتهائي سادو ۽ سڀاجهڙي طبيعت جو مالڪ اسان جو هي بزرگ 13- آگسٽ 1915ع تي ضلعي ڪراچي، تعلقي ڪوٽڙيءَ جي، "آباد" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾، هَرَ هاري محمد خان جويي جي گهر پيدا ٿيو. پاڻ جڏهن ٻن سالن جو ٿيو تہ 1914-1918ع واري پهرين مهاياري لڙائيءَ سبب پيدا ٿيل وڏي بيماريءَ ۾ سندن والد فوت ٿي ويو ۽ هن معصوم جي سارسنڀال جو ڪم سندن ڏاڏي ميان محبوب جي ڪلهن تي پيو، جنهن سندس مٽان شفقت جو هٿ رکيو ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو. تنهن بعد پرواري شهر لڪي شاهه صدر (لکي تيرٿ) جي سنڌي اسڪول ۾ داخلا ورتائين. ان دور ۾ عام ماڻهن وٽ نہ تہ ايترا وسيلا هئا ۽ نہ وري کين علم جي اهميت جي خبر هوندي هئي، پر جويي صاحب جا پلا پاڻ چٽيا جو، سائين جي.ايم.سيد جهڙي محب وطن، علم دوست، هيٺن جي هڏڏوکي ۽ همدرد جو ڳوٺ کين ويجهو هئو. جتي انگريزي اسڪول قائم ٿيل هيو ۽ ان ۾ پڙهندڙ غريب ٻارن جي بورڊنگ جو خرچ سيد صاحب پاڻ پريندو هو. اهڙي پس منظر ۾ جويو صاحب لکي ٿو: "هڪ ڏينهن ڏاڏو ڪنهن ڪم سان سن ويو ۽ موٽيو تہ هڪ اهڙي ڳالهه ڪٽي آيو، جيڪا منهنجي نئين جنم جو سبب بڻي." (آزاد، 2003ع، ص 102)

اهڙي ريت جويو صاحب اپريل 1927ع ۾ سن جي انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي پاڻ ٽي درجا انگريزي پڙهيائين. اتان 1931ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي پڙهڻ لاءِ ويو، جتي کيس ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديوٽي جي شفقت نصيب ٿي، جيڪو ان وقت اتي پرنسپال هيو ۽ ان کي سندس ٻانهن حوالي ڪرڻ وارو سائين جي.ايم.سيد هئو. جويي صاحب هونئن تہ ان ڳالهه جو ذڪر "سنڌ ساڻ ڏٺي سائين جي.ايم.سيد" عنوان سان لکيل هڪ مضمون ۾ تفصيل سان ڪيو آهي، پراها ڳالهه مختصر طور تي پاڻ هينئن لفظن ۾ وقت بہ وقت بيان ڪندو رهيو آهي، "انگريزي پڙهڻ جو وقت آيو تہ محترم سائين جي.ايم.سيد جي مهرباني ۽ هيٺ پهرين سنڌن شهر سن ۾، ۽ پوءِ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پڙهيس." (جويو، 1998ع، ص 532)

سنڌ مدرسي ۾ تعليم پرائڊ دوران جويي صاحب وڏي محنت ڪري مئٽرڪ جي امتحان ۾، جيڪو ان وقت بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٽينڈو هو، ان ۾ سڄي دادو ضلعي ۾ ٻيو نمبر حاصل ڪيائين. سندس اهڙي محنت جي سلي ۾ کيس، وڌيڪ تعليم پرائڊ خاطر ڪاليج پڙهڻ لاءِ ويهه رپيا ماهوار اسڪالرشپ منظور ٿي ملي تہ پاڻ 1934ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان ئي1938ع ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪري ساڳي سال سنڌ مدرسي ۾ پڙهائڊ جهڙي معزز پيشي سان لاڳاپجي ويو. سنڌ مدرسي جون يادگيريون بيان ڪندي، نوڪريءَ واري حوالي سان هڪ هنڌ جويو صاحب لکي ٿو "بي.اي پاس ڪرڻ کان پوءِ 1938ع ۾ هن (سنڌ) مدرسي ۾ ماستر ٿي آيس. بي کا نوڪري شروع ۾ ئي نہ مون ڳولي، نہ مون ڪئي."(لاشاري، 1982ع، ص 89)

ان ملازمت دوران 1940ع ۾ جويو صاحب بي.ٽي ڪرڻ لاءِ بمبئي ويو. 1947ع جي پهرئين اڌ تائين پاڻ سنڌ مدرسي ۾ پڙهائڊ وارو پيغمبرانہ صفت ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيندو رهيو. 1947ع ۾ جڏهن ورهاڱي وارو هل هنگامو هلي رهيو هو تہ ان وقت پاڻ سنڌ کي جائز مقام ڏيارڻ لاءِ ۽ عزت پربي درجي حاصل ڪرڻ واري مقصد سان انگريزيءَ ۾ هڪ بي بها ڪتاب (Save Sindh Save the Continent) نالي لکيائين. ان ڪتاب ۾ پاڻ سنڌ کي سرمائيدارن، زميندارن ۽ انهن جي فرقيوارانہ ذهنيت کان بچائڻ لاءِ هڪ اپيل، هڪ دانهن ڪئي هئائين. جيئن تہ اهو دور انهن ئي سرمائيدارن ۽ زميندارن جو هئو ۽ ان ۾ سنڌ جو وزير تعليم، پير الاهي بخش سنڌ مدرسي جو چيئرمن پڻ هئو، تنهن کي جويي صاحب جي اها دانهن نہ وٽي، ان ڪري کيس نوڪري کان فارغ ڪري ڇڏيائين. ان واقعي جو ذڪر ڪندي جويي صاحب لکيو آهي: "بس! حق جي ڳالهه ڪرڻ تي بيروزگار ٿيس تہ: "سنڌ کي پاڪستان ۾ آڻڻو اٿو تہ برابريءَ جي شرط تي ائين ڪيو."(جويو، 1998ع، ص 537)

نوڪريءَ منجهان خارج ٿيڻ ڪري بيروزگاري وارو دور شروع ٿيو، پر اهو گهڻو عرصو نہ رهيو

چاکاڻ ته چوٽي آهي ته، "پالٹھار ھڪڙو در پورينڊو آهي ته ٻيو کولينڊو آهي"، ملڪ جي ورھاڱي سبب سنڌ منجھان بھترين استاد ۽ انتظامي ماڻھو پرڊيھ هليا ويا، ان ڪري ڪيترين ئي نوڪرين جون جايون خالي ٿي پيون هيون. اھڙي ئي ھڪ آسامي ميونسپل هاءِ اسڪول نئين جي هيڊ ماسٽريءَ جي هئي. جويي صاحب مٹان پڇ اها تڪليف جي گھڙي هئي، جنھن ۾ نئين جي ھڪ محب وطن شخص حاجي مولیڈني عباسيءَ کيس سھارو ڏنو ۽ سندس مددگار ٿيو. ان دور جو ذڪر ڪندي پاڻ لکي ٿو، "انھن حالتن ۾ منھنجو وڏو پٽ منور علي جويو ڄائو. سورنھن مھينن جو ٿيو ته سندس والده بيماريءَ ۾ فوت ٿي ويئي. اھڙيءَ اوکي ويل ۾ نئين ميونسپالٹيءَ جو چيئرمن حاجي مولیڈنو عباسي، جيڪو وڏو قومپرست ۽ بھادر ماڻھو هو، هلي مون وٽ آيو، ۽ پنھنجي مونسپل هاءِ اسڪول جي هيڈماسٽر صاحب جي انديا وڃڻ ڪري، ۽ سؤ رپيا ماھوار پگھار تي مون کي نوڪريءَ ۾ رکيائين."(جويو، 1998ع، ص 537)

نئين جي ان اسڪول ۾ پاڻ هيڊ ماسٽر طور ٻن سالن تائين رهيو ته اھو اسڪول سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو ۽ ڪيس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد بدلي ڪيو ويو.

1951ع ۾ جڏھن 'سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ' جي 'سنڌي ادبي بورڊ' نالي سان نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويئي، ته جويي صاحب کي ان ۾ سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويو. ون يونٽ ٽھڻ سان نصابي ڪتابن لاءِ مغربي پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جوڙيو ويو ۽ هرھڪ صوبي (جنھن کي ان وقت ڊويزن سڏيو ويئي ويو) ۾ مقامي نصاب لاءِ ڌار شاخ کولي ويئي ته جويي صاحب کي هتان واري ڊويزن جي نصابي ڪم جو انچارج ڪري رکيو ويو، جنھن عهدي تي ڪم ڪندي، پاڻ اعزازي طور سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جا فرائض پڻ سرانجام ڏيندو رهيو. ان وقت اردوءَ کي زبردستي لاڳو ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌڪڻ واري سوال ڪُرُ ڪنيو، ته جويي صاحب نوڪريءَ ۾ هڻڻ واري ڳالھ جي مدِنظر سليم احمد جي فرضي نالي سان (Language Problem in West Pakistan) پمفليٽ لکيو، جنھن ۾ پاڪستان جي قومي زبانن جي اھميت ۽ تاريخي حيثيت جي روشنيءَ ۾ پاڪستان اندر پيدا ٿيل ٻوليءَ واري مسئلي جو بھترين حل پيش ڪيائين: پروفيسر جمال نقوي، جيڪو ان وقت حيدرآباد جي ڪنھن ڪاليج ۾ هوندو هو، تنھن جويي صاحب جي لکيل پمفليٽ جو رَدُ لکيو هو. جويي صاحب طرفان فرضي نالي سان، سنڌي ٻوليءَ جي دفاع لاءِ ڪيل اها ڪوشش به راز نہ رهي سگھي، ان ڪري سرڪار ڪيس سزا طور بدلي ڪري جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڪري اوڏانھن موڪلي ڇڏيو. پر اتي به هو خاموش ٿي ويھي نہ رهيو، جيڪب آباد ۾ رهائش دوران جويي صاحب شيخ ايياز جي معرفت پاڪستان ادبي انجمن نالي هڪ ترقي پسند خيال رکندڙ ماڻھن جو ادارو ٺھرايو، جنھن جو پٹرنامو اردو، انگريزي، بنگالي، سنڌي ۽ پشتو سيني زبانن ۾ ڇپايو ويو. جنھن تي شيخ ايياز، فيض احمد فيض، گل خان نصير، اجمل خٹڪ ۽ بنگال جي به ڪجھ شاعرن جون صحيحون هيون. ان انجمن جي ڪارڪردگيءَ ۾ جيتوڻيڪ بظاهر بين ماڻھن جا نالا اينداهئا، پر اندروني طور ان جو سرڪردو جويو صاحب هو. اها ڳالھ به ڪنھن طرح سرڪار تائين پھچي ويئي، جنھنڪري کيس فوري طور سنڌ بَدَر ڪري پشاور موڪليو ويو ۽ ايمرجنسي نوعيت واري آرڊر ۾ سندس لاءِ لکيو ويو (To day you must relinguish and report for duty in Peshawar). ان دور ۾ پشاور جو ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن خان هاشم خان هيو، جيڪو جويي صاحب جي مغربي پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ واري دور ۾ ويسٹ پاڪستان بوڪ بورڊ جو ڊائريڪٽر هئو. اھو جويي صاحب کي پراڻن تعلقات سبب سجاڻندو هو، تنھن کيس ٻڌايو ته "اسان کي حڪم آهي ته، توهان کي اھڙي هنڌ رکجي، جتي ماڻھن کان پري هجو"، سو آءٌ سوچيو ويٺو آهيان ته توکي ڪوهاٹ موڪليان، جتي استادن جي سکيا لاءِ نئون ٽريننگ ڪاليج کليو آهي." اھڙيءَ ريت جويي صاحب کي ڪاليج جي پرنسپال طور ڪوهاٹ کان چھ ميل پري سبيءَ جي وچ تي واقع ان ڪاليج ڏانھن موڪليو ويو.

جڏهن 1968ع ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جا سانباها پئي ٿيا تڏهن جيڪي ماڻهو جتان جا هئا انهن کي اوڏانهن موڪليو ويو. ان ئي وقت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ وجود ۾ آيو ته جويي صاحب کي ان جي سيڪريٽريءَ طور مقرر ڪيو ويو. ان وقت بورڊ تي ڇهن مهينن کان پوءِ کين سنڌ سرڪار ڏانهن موڪليو ويو، جتي جويي صاحب امتحانن واري رجسٽرار واريون جوابداريون سنياليون، ان کان ستت ئي پوءِ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن، بعد ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ٿيو. اهڙي طرح پويان ٻه چار سال مختلف عهدن تي فائز رهندي 1973ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر بيورو آف ڪيريڪيولم اينڈ ايڪسٽينشن سروس جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سرڪاري نوڪريءَ کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ مختلف ادارن جهڙوڪ: 'سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد'-'سروٽنس آف سنڌ سوسائٽي'-'سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد' ۽ 'چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ' جي پليٽ فارم تان علمي ادبي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

علمي مرتبو

جيتوڻيڪ ڪنهن ٻه عالم جي علمي مرتبي جو ڪاٽو سندس سرڪاري سَنَدُن سان نٿو ڪري سگهجي، پر پوءِ ٻه جيڪڏهن جويي صاحب جي اسڪول ۽ ڪاليج واري تعليم جي ڪٽ ڪجي ته پاڻ بي.اي پاس ڪري، جڏهن تدريس جي ميدان ۾ پير پاتائين ۽ کيس بمبئي يونيورسٽيءَ منجهان بي.ٽي ڪرڻ جو موقعو مليو، تڏهن پاڻ اتي پڻ خاص مضمون طور انگريزيءَ کي اهميت ڏنائين. فارسي ۾ دلچسپي هئڻ ڪري، انگريزيءَ کانسواءِ فارسيءَ تي ٻه کيس پوري دسترس آهي، سن ۾ پڑهائيءَ دوران سائين جي.ايم.سيد پاران قائم ڪرايل مدرسي ۾ مقرر ڪيل استادن مولوي محمد صالح وٽ پاڻ ٽي سال فارسي پڑهيو ۽ گلستان، بوستان کان سڪندرنامي تائين تعليم ورتائين. بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ چوٽين درجي ۾ پڑهڻ دوران، لازمي مضمون طور فارسي ڪنيائين، پوءِ اڳتي هلي ملازمت دوران جڏهن کيس بي.ٽي ڪرڻ لاءِ بمبئي موڪليو ويو. تڏهن اتي پڑهڻ خاطر ٻه مضمون کڻڻا هئا، جيڪي پاڻ انگريزي ۽ فارسي ڪنيائين. اهڙي ريت بمبئي ۾ (How to teach English and how to teach Persian) مضمونن ۾ سڪيا ورتائين.

ان سڪيا کانسواءِ ٻيو جيڪو ٻه سندن علمي ۽ ادبي مرتبو آهي، اهو سندن پنهنجي محنت Self Study جو ئي نتيجو آهي.

علمي ادبي اثاثو

محمد ابراهيم جويي صاحب، شيخ ايار جي ڪتاب "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" جي مهاڳ ۾ مشهور فرانسيسي مصور "پال گاگن" جي خط جي حوالي سان لکيو آهي ته، "ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ئي ان ماڻهوءَ جي تشريح آهي."(ايار، 1998ع، ص 9) جويو صاحب پڻ هڪ اهڙو پورهيت اديب آهي، جنهن وٽ جيڪي ڪجهه آهي، اهو سندس پنهنجي محنت جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل، هٿن جي حاصلات ئي آهي. مادرِ وطن سنڌ جي حقن واري حاصلات جي سلسلي ۾ هونئن ته جويي صاحب گهڻ رُخي جدوجهد ڪئي، جنهن تي جيڪڏهن تفصيل سان لکڻ ويهجي ته ان لاءِ هڪ مڪمل ڪتاب جو مواد ٿي سگهي ٿو، پر سندس ڪيل علمي محنت جو جيڪڏهن وچور تيار ڪجي ته اهو ڪجهه هن ريت ٿيندو:

(1) علمي ۽ ادبي ادارن سان لاڳاپو
(2) صحافتي زندگي
(3) تصنيف ۽ تاليف

جويي صاحب جي تصنيف ۽ تاليف واري ڪم کي وڌيڪ هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(الف) مختلف ڪتابن جي ايڊيٽنگ
(ب) نصابي ڪتابن ۾ حصو

(1) لکيل نصابي ڪتاب
(2) مختلف ڪتابن جي ترتيب ۽ تصحيح واري ڪم ۾ ساڻي ايڊيٽر جي روپ ۾
(ج) مترجم ۽ مرتب
(د) تخليقي ڪم

آءٌ هتي نصابي ڪتابن کي ڇڏي ڪري، باقي بين حوالن سان جويي صاحب پاران ڪيل پورهيي بابت تفصيل سان لکڻ گهران ٿو.

(الف) ترجماڻ ترتيب

(1) اسلام جو تاريخي ڪارنامو (ترجمو)

هي ڪتاب "اين.اين.راءِ" جو اسلام جي فلسفي بابت لکيل مشهور ڪتاب (Historical Role of Islam) جو ترجمو آهي، جنهن بابت ذڪر ڪندي جويو صاحب لکي ٿو ته: "ادب جي دائري ۾ پهريون ڪتاب جيڪو مون پنهنجي ماڻهن کي پنهنجي زبان ۾ ڏين گهريو ٿي، سو ترجمو هو... جيڪو مون 1946ع ۾ 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو' جي نالي هيٺ ڪيوهو." (لاشاري، 1982ع ص 118) ان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جي مدِنظر جويو صاحب ان ڳالهه جو برملا اظهار ڪندو رهيو آهي ته، "مون هن ڪتاب کان وڌيڪ معقول ڪتاب اسلام جي اهميت ۽ اُن جي تاريخي ڪارج متعلق ٻيو اڃا نه پڙهيو آهي." (لاشاري، 1982ع، ص 118)

جويو صاحب تي ايم.اين.راءِ جي فڪر جو وڏو اثر آهي ان ڳالهه جو پاڻ وقت بوقت اظهار پڻ ڪندا رهيو آهي، ايم.اين.راءِ جا ڪيترائي فڪر انگيز ڪتاب آهن پر جويي صاحب پاران ان سموري مواد مان ان ڪتاب جي چونڊ ڪرڻ هڪ سوال آهي جنهن کي ان دور واري پس منظر ۾ ڏسڻو پوندو. 1947ع وارو دور مذهبي منافرت وارو دور هو، مذهب جي نالي ۾ قتل غارت گيري ٿي رهي هئي، اهڙي افراتفريءَ واري دور ۾ جويي صاحب اسلامي فڪر وارو اهو ايم.اين.راءِ جو ڪتاب ان ڪري سنڌيءَ ۾ آڻڻ ضروري سمجهيو پئي، جو سندس خيال هو ته "اهو سنڌيءَ ۾ منهنجي وطن جا باشعور حضرات هندو - مسلمان پڙهن ۽ ذهني طور هڪ ٻئي جي ويجهو اچن." (لاشاري، 1982ع، ص 118) پر افسوس، جويي صاحب جي اها نيڪ خواهش پوري نه ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته سندن ڪيل ان پريت پريي پورهئي وارو اهو مسودو سندس دوست گم ڪري ڇڏيو. ان ڳالهه کي ياد ڪندي، پاڻ لکي ٿو: افسوس جو اُهو مسودو منهنجي هڪڙي ڪرم فرما دوست وجائي ڇڏيو، جنهن مون کان اهو ڇپائڻ ۽ شايع ڪرڻ لاءِ ورتو هو." (لاشاري، 1982ع، ص 118) جويي صاحب جو اهو دوست مسٽر اي. ڪي بروهي هو. (سپاجهو ساجاهه وند، ص 126)

ان ساڳئي ڪتاب جو 1990ع ۾ محمد موسيٰ پٺي جي ڪوشش سان، انجنيئر عبدالمالڪ جو اردوءَ تان، 'ڏاهپ جي وات' عنوان سان ڪيل ترجمو سنڌ نيشنل اڪيڈمي حيدرآباد پاران پڌرو ٿيو.

(2) ايميلي عرف تعليم: (ترجمو)

جويو صاحب بنيادي طور تعليم دان آهي، سندس سڄي زندگي تعليم پرائڻ ۽ تعليم ڏيڻ واري عمل ۾ پئي گذري آهي. انڪري تعليم ئي سندس اهم ۽ بنيادي موضوع پئي رهيو آهي. پاڻ سماج کي تعليم واري تحريڪ سان تبديل ڪرڻ جا داعي نظر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ پاڻ جيڪو پهريون ڪتاب پڌرو ڪيائين، اهو ارڙهين صديءَ جي جڳ مشهور اسڪالر "جين جئڪس روسو" جو تعليم بابت ڪلاسڪ نوعيت وارو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب آهي. اهو ڪتاب روسو جي 'ايميلي' نالي، 450 صفحن واري ضخيم ڪتاب مان ڪيل چونڊ ۽ اختصار تي مبني آهي، اهو ڪتاب جويي صاحب ان وقت ترجمو ڪيو هو، جڏهن پاڻ حيدرآباد ۾ استادن جي سڪيا واري ڪاليج ۾، سڪيا ڏينڊڙ استاد طور ڪم ڪري رهيو هو. جويي صاحب هن ڪتاب جي

غالباً انکري چوندِ ڪئي هوندي، جو سندس لفظن ۾ "جيڪي اصول رُوسي ويهي بيان ڪيا ۽ پڙهايا آهن، تن جو بنياد انسان جي فطرتي مساوات، اخوت ۽ حريت تي بيٺل آهي." جن لاءِ جويو صاحب پاڻ ٻ، سدائين جدوجهد ڪندو رهيو آهي. چاڪاڻ ته پاڻ ان کي فڪر و دانش جي اهڙي پونجي تصور ڪري ٿو، جنهن جي بنياد تي موجوده زماني جو هڪ تعليم يافته سماج تعمير ڪري سگهجي ٿو. روسو جيان جويو صاحب پڻ بنيادي طرح پڙهائڻ جهڙي معزز پيشي سان لاڳاپيل رهيو، انکري ان حيثيت ۾ جڏهن پاڻ حيدرآباد واري استادن کي سکيا ڏيندڙ ڪاليج ۾ معلم واري حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هو، تڏهن اتي ڪيس معزز استادن کي روسو جو تعليمي فلسفو پڙهائڻو ۽ سمجهائڻو هو. ان ڪم کي ٻين درسي علمن جيان محدود ڪرڻ بجاءِ، روسو وانگر ئي جويي صاحب جي خيال ۾، ان علم کي سماج جي سڌارڻ ۽ ان ۾ روسو واريون، اخوت، رواداري ۽ انساني برابريءَ جهڙيون صفتون پيدا ڪرائڻ جهڙي مقصد کي نظر ۾ رکي ڪم ڪرڻو هو، جنهن جا ڪاريگر اهي استاد صاحب هئا، جن جي سکيا لاءِ کين مقرر ڪيو ويو هو. جويو صاحب پنهنجي وس ۽ وت آهر سماج ۾ صحتمند سکيا رستي تبديلي آڻيندڙ، انهن معزز رهبرن (استادن) جي ٻنهه اهڙي تربيت ڪرڻ جو خواهشمند هو، جهڙي سکيا جو ذڪر ڪندي ايميليءَ لاءِ روسو چيو هو: "جڏهن آءٌ ايميليءَ کي هڪ اهڙي انسان بنجڻ جي تربيت ڏيڻ ٿو چاهيان جو عين فطرت جي منشا مطابق هجي، تڏهن منهنجي هرگز اها مرضي ڪانهي ته آءٌ کيس محض هڪ وحشي بنائي، موٽائي هڪ جهنگلي زندگي گذارڻ لاءِ آماده ڪريان، برعڪس ان جي منهنجو مقصد ته فقط هيءُ آهي ته هو سماج ۾ رهي ڪري، ۽ سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ضرورت آهر بهرو ونڊي ٻ، ٻين ماڻهن جي شخصي حرص هوس ۽ پاروٽن خيالن ۽ عقيدن جو شڪار بنجڻ کان پاڻ کي محفوظ ۽ سلامت رکي سگهي. پنهنجا ڪن ۽ اکيون کولي هلي، ۽ جيڪي ڪي ڏسي وائسي، تنهن کي ضروري غور فڪر ڪرڻ کان پوءِ ئي قبول ڪري، پنهنجي دل کي هڪ احساس رکندڙ دل بنائي، ۽ خالص عقل کان سواءِ بيءَ ڪنهن ٻ شيءِ جو قبضو ۽ غلبو پنهنجي دماغ مٿان قائم ۽ مسلط ٿيڻ نه ڏئي." (جويو، 1950ع، ص 45)

اهڙي ريت هي ڪم انهن استادن جي ئي سکيا لاءِ، انهن جي ئي خواهش تي پاڻ هٿ ۾ ڪنيائين. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "دنيا جي ههڙيءَ، عظيم المرتبت شخصيت جي هڪ بهترين ۽ تاريخي شاهڪار جي چوندِ ۽ ان جي اختصار جو هيءُ "نازڪ ۽ نفاست طلب ڪم، پنهنجي مڙني اوڻاين ۽ ڪمال ڪم مايگيءَ جي احساس رکڻ هوندي ٻ، جو مون هٿ ۾ ڪنيو سو فقط پنهنجي عزيز شاگردن جي بار بار تقاضا ۽ فرمائش تي، ۽ منجهن علم لاءِ جيڪو شوق ۽ دلي اشتياق ڏٺم تنهنجي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترا پيرا ڪلاس ۾ روسو جي فڪر ۽ تعليم تي تبصرو ڪندي مون جيڪا سندن نگاهن ۾ چمڪ ۽ مُنهن تي مسرت ۽ روشنيءَ جي جهلڪ ڏٺي تنهن ئي آخر مون کي آماده ڪيو ۽ پنهنجي انتهائي عدم صلاحيت جي باوجود سندن سڪ ۽ پياس کي پنهنجي وس آهر ڪجهه قدر زياده سيرآب ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان." (جويو، 1950ع، ص 46-47) جويو صاحب جنهن دور ۾ هي ڪتاب تيار ڪيو هو، ان دور ۾ اچانڪ کين هڪ دلي صدمو رسيو، جنهن جي هن ڪتاب جي انتساب ۾ نمايان جهلڪ نظر اچي ٿي، پاڻ تازو وفات ڪري ويل گهرڌياڻي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"پنهنجي حقير ذهن ۽ تصور جي هيءُ اڏاري ورتل پونجي وابسته ٿو ڪريان انهيءَ معصوم محبوبه جي پاڪيزه ۽ دلنواز ياد سان، جيڪا منهنجي رفيق حيات هئي، ۽ جنهن پنهنجو ٿمر حيات منهنجي حوالي ڪري، مون سان حياتيءَ جي رفاقت جا ڏاڳا چنا، ۽ مون سان هميشه هميشه جون موڪلاٽيون ڪيون!" پنهنجي ان محبوبه ڏانهن وڏي پيار ۽ پاڻهه مان هيءَ ڪتاب انتساب ڪندي لکيو اٿن:

"هڪڙي پيري جڏهن مون ڪيس 'ايميليءَ' جا پهريان ورق پڙهي پئي ٻڌايا ۽ سمجهايا، تڏهن پاڻ هڪ نفيس ۽ دلگدار آواز ۾ چيائين، "هي جو هاڻي منهنجي ساهه سان گڏ ٻيو ساهه مون وٽ آهي، سو

جڏهن منهنجي ساهه کان الڳ پنهنجي منهن ساهه کڻڻ جهڙو ٿيندو، تڏهن هن کي ڏسان ته تون کهڙو پختو ۽ قابل کار ٿو بنائين!... اڳي چوندي هيس ته شل منهنجي عمر به توکي ملي، پر هاڻي چوان ٿي ته شل تنهنجي حياتي به هن کي نصيب ٿئي: شل هيءُ اسان جو روشن تارو جو هاڻي اُپرڻ وارو آهي، دنيا جي آسمان تي هميشه هميشه چمڪندو رهي!... بس، اهي ئي سموريون آهن منهنجي دل جون باقي اُميدون!"

مٿي ذڪر ڪيل اميدن پريو تصور هر ماءُ جو اولاد لاءِ هوندو آهي، پر ڇا اها آس سنڌ جي هر ماءُ جي پوري ٿي سگهي آهي. سنڌ جي سماجي جوڙجڪ ۾ امڙين جي اهڙي آس سدائين نراس ٿيندي پئي رهي آهي. اهڙي انياءَ طرف جويي صاحب ان وقت ئي هنن لفظن ۾ اشارو ڪري ڇڏيو هو. انتساب جي پڄاڻي ڪندي لکيو اٿس:

"ڪٿي آهي اُهو سماج، ڪٿي آهي اُهو انصاف ۽ اها آزادي، جن ۾ ههڑيءَ ساهه صدقي ڪندڙ، مهربان، منڙي ماءُ جون اهي محبت پريون معصوم اُميدون پوريون ٿي سگهن؟"

جويي صاحب جو هي ڪتاب 1950ع ۾ پهريون پيرو پٽرو ٿيو، جيڪو آزاد بڪ ڊيپو حيدرآباد شايع ڪيو. هن وقت تائين ان جا ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

(3)The Sindhi Instructor (تصحيح)



منشي آنندرام جو لکيل سنڌي انسٽرڪٽر ڪتاب 1905ع ۾ پهريون پيرو شايع ٿيو، ۽ وري ٻيهر ان جي اشاعت جي ضرورت 1970ع کان پوءِ محسوس ٿيڻ لڳي، اهو انڪري جو اشاعت وارن ٻنهي دورن ۾ سماجي ماحول ساڳيو هو. اڳ يورپي ماڻهن جي سهوليت لاءِ هي ڪتاب جوڙيو ويو ته جيئن اُهي سنڌي ٻوليءَ کي آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهن، اهڙي ئي ساڳي صورتحال هڪ ڏڪهي عرصي تائين ۽ يونٽ واري غلاميءَ ۾ رهڻ کان پوءِ سنڌ کي مليل صوبائي خودمختياريءَ واري دو... ۾ نظر اچي ٿي، جنهن کان پوءِ ڏار صوبي جو ڪاروهنوار هليو. اهڙي ماحول ۾ هڪڙي ڪتاب جي ضرورت انڪري محسوس ٿي، جو ٻاهران هجرت ڪري آيل ماڻهن جو وڏو تعداد، سنڌ ۾ ملازمت جي مختلف عهدن تي فائز ٿي چڪو هو، جن کي آهستي آهستي ٿي سنڌ جي سوسائٽيءَ ۾ مرج ٿيڻو هو. انهن جي ڇاڪاڻ ته مادري زبان سنڌي ڪانه هئي، انڪري خودرو نموني مطالعي Self Studay واري حوالي سان ته مٿي ذڪر ڪيل مواد جي گهرج هئي ئي، پر جيڪڏهن اُنهن سنڌي ڄاڻڻ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ سرڪار پاران ڪو سيڪارڻ وارو انتظام ڪيو وجي، ته ان عمل ۾ پڻ هي مواد مددگار ثابت ٿي سگهي، ان ڳالهه جو ذمو جويي صاحب تي رکيو ويو، جنهن اهڙي مواد ۾ هٿ وجهڻ کان پهريان اهڙي نوعيت جي اڳ شايع ٿيل مواد جي جاچ ڪندي، هيٺ ذڪر ڪيل ٻه ڪتاب ڳولي لڌا، اهي ڪتاب هئا، ڪاڪي ڍالومل بولچند جو لکيل 'سنڌيءَ جو مينوئل' ۽ منشي آنندرام جو تيار ڪيل 'سنڌي انسٽرڪٽر' جويي صاحب ذڪر ڪيل موضوع تي نوان ڪتاب تيار ڪرڻ بجاءِ، انهن ٻنهي ڪتابن جا سنواريل سڌاريل ڇاپا تيار ڪرڻ مناسب ڄاتو، انڪري وڏي محنت سان ٻنهي ڪتابن جا نوان ڇاپا تيار ڪري ورتا، انهن مان ڍالومل بولچند وارو ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي شايع ڪرڻو هو، جيڪو ڪن سببن ڪري ان وقت شايع ٿي ڪوٺ سگهيو، البت منشي آنندرام وارو جويي صاحب طرفان نظرثاني ڪيل، هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1971ع ۾ شايع ڪيو.

(4) پارن جي تعليم:(ترجمو)

مشهور يوناني فلسفي پليو ٽارچ جي لکڻين واري کليات 'نصيحتون' تان ترجمو کيل هي مواد پارن جي تعليم و تربيت واري حوالي سان صحيفي وارو درجو رکي ٿو، پليو ٽارچ جون اُهي تصنيفون، جن لاءِ جويي صاحب جو خيال آهي تہ:

"پليوٽارچ جي سڀني تصنيفن ۾ ماڻهپي ۽ اخلاقيات کي انسانن لاءِ هڪ عظيم ۽ بنيادي پيغام طور پيش ڪيو ويو آهي، ۽ سندس فڪر جو سارو رخ ۽ سندس قلم جو سمورو زور، خاص طرح پنهنجي ديس پائين کي انهيءَ ئي پيغام ڏيڻ ۽ مجائڻ لاءِ استعمال ٿيل آهي." (جويو، 1995ع، ص 7)

ايميلي عرف تعليم کتاب ترجمو ڪرڻ واري ساڳي مقصد سان، جويي صاحب 'پليو ٽارچ' جو هي طويل مضمون ترجمو ڪري پهرين "نئين زندگي" رسالي ۾ قسطوار شايع ڪرايو. جنهن کي پڙهندڙن طرفان پسند ڪرڻ تي، اڳتي هلي 1972ع ۾ ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويو. هن مواد جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ منجهان لڳائي سگهجي ٿو تہ جويي صاحب جي بقول "تعليمي ترقيءَ جي هر تاريخ جو پهريون باب اڄ بہ هن مضمون جي حوالي سان ئي شروع ٿئي ٿو. تعليمي عمل لاءِ جيڪي خاص هدايتون ۽ اخلاقي نُڪتا هن مضمون ۾ موجود آهن، سي اڄ بہ تعليمي مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ هر شخص لاءِ مشعل راهہ جو ڪم ڏئي سگهن ٿا."(جويو، 1995ع، ص 7) جويي صاحب مٿي ذڪر ڪيل مقصد کي نظر ۾ رکندي اهڙو اهم ۽ بنيادي نوعيت پريو مواد ترجمو ڪيو تہ: "لائق پڙهندڙ، خاص طرح پارن جا مائٽ، استاد ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ، مثلاً تعليمي تربيت ونندڙ شاگرد ۽ ٻيا سمورا صاحب، ان مان جوڳو فائدو حاصل ڪندا."(جويو، 1995ع، ص 8) هن مقصد پريي مواد جو پهريون ڇاپو 1972ع ۾ شايع ڪيو. ان جا هن وقت تائين مختلف ادارن طرفان ڪيترائي ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن.

(5) سنڌي زبان جي بنيادي لغت:



ٻوليءَ جي حوالي سان محمد ابراهيم جويي جي سنڌ اندر مڃيل، منفرد حيثيت آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي واري حوالي سان جيڪي بہ ڪم ٿيا آهن، انهن ۾ سندس ڪيل پورهيو، بنيادي حيثيت وارو آهي. اهڙو ئي هڪڙو ڪم وزارت تعليم حڪومت پاڪستان پاران 1970ع واري ڏهاڪي ۾ بالغن جي تعليم لاءِ مختلف ٻولين جي بنيادي لغت ۽ ڪاروباري لغت ٺاهڻ واري حوالي سان بنيادي (بيسڪ) مواد جهڙوڪر، تور ماپ، ڳڻپ ۽ ڪئلينڈر جا لفظ ڳولڻ ۽ قومي لفظن جون لغتون تيار ڪرائڻ واري اسڪيم جي سلسلي ۾ 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت' تيار ڪرائڻ جي حوالي سان نظر اچي ٿو. ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ سنڌ جي چونڊ تعليمدانن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پاران گڏجاڻي ڪوٺائي ويئي، جنهن ۾ هيٺيان ماهر شامل ٿيا:

1. پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ڪنوينر
2. سيد حسام الدين راشدي صاحب
3. ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب
4. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب
5. محمد ابراهيم جويو صاحب
6. ڊاڪٽر نورمحمد ٽالپر صاحب
7. جمال رند صاحب
8. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب

9. سيد محمد صالح شاهه بخاري صاحب
10. احمد علي 'ظهور' انصاري صاحب
11. عبدالله شيخ صاحب
12. محمد اسماعيل عرساڻي صاحب
13. شيخ جميل احمد صاحب
14. غلام رباني صاحب (اداري، 1976ع ص 2)

مٿي ذڪر ڪيل مڙني ماهرن ۽ عالمن جي ڪميٽيءَ ۾ واحد شخص جويو صاحب هو، جنهن Basic واري لفظ جي اهميت کي سيني اڳيان واضح ڪيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لسانيات واري حوالي سان وڏو نالو آهي، پاڻ ان بنيادي ڪم جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

"جويي صاحب ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ اهو واضح ڪيو ته هتي 'بنيادي' لفظ مان مراد Basic آهي ۽ اهو لفظ هيٺين لفظن جو مخفف آهي:

B مان مراد آهي برٽش
A مان مراد آهي آمريڪن
S مان مراد آهي سائنٽيفڪ
I مان مراد آهي انٽرنيشنل
C مان مراد آهي ڪرسپانڈس

لهٰذا سنڌيءَ جو 'بنيادي' لفظ Basic لفظ جو اصلوڪو مفهوم واضح نٿو ڪري، انهيءَ ڪري اسان کي سنڌيءَ جي جيڪا بنيادي لغت ناهڻي آهي، سان انگريزي لفظ Basic کي سامهون رکي ناهڻ گهرجي." (جويو، 2003ع، ص 237)

اهڙي طرح محمد ابراهيم جويي صاحب پاران مٿي ذڪر ڪيل نشاندهيءَ جي روشنيءَ ۾ سنڌي لفظ 'بنيادي' جي بجاءِ انگريز لفظ 'Basic' کي بنياد بنائي، مٿي ذڪر ڪيل تصور هيٺ ڊيمي سائيز جي 58 صفحن تي مشتمل مٿي ذڪر ڪيل مواد تيار ڪيو ويو، اهو ڪتاب 1976ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

(6) وحشي جيوَت جا نشان: (ترجمو)



"هاورڊ موئر" جو اخلاقيات/انسانيت جي موضوع تي لکيل هيءُ ڪتاب، جنهن کي اصلوڪي اشاعت جو پيش لفظ لکندڙ "آدم گووانس وائيٽ"، "اخلاقيات جو انجيل" سڏي ٿو. اهڙو مقدس لقب هن ڪتاب کي ان ڪري ڏنو ويو آهي، جو "هن ڪتاب جو "اخلاقيات" متعلق مؤقف هي آهي ته چڱائيءَ ۽ برائيءَ جو خيال يا تميز انسان" جي سماجي وصف آهي سماج کان ٻاهر اڪيلي انسانَ ۽ هن جي اُن سماجي وصف يعني هن جي چڱي يا بُري هجڻ جو تصور ناممڪن آهي. انسان، جي چڱو آهي ته ٻين لاءِ چڱو آهي، هن جي "چڱائي"، جا فقط سندس پنهنجي ذات تائين محدود هجي، چڱائي نه آهي."(جويو، 1976ع، ص 7) اها سماجي وصف ئي آهي جنهن کي سمجهڻ ۽ ان جو چڱائيءَ وارو پاسو ٻين کي سمجهائڻ جي سلسلي ۾ سائين جويو صاحب پاڻ به اڄ تائين ڪوشش ڪندو رهيو آهي. ان ڳالهه جو اعتراف سندس مخالف پڻ ڪن ٿا. اهڙي ئي مقصد جي طلب ۾ 1938ع ۾ هاورڊ موئر جو هيءُ ڪتاب (Savage Survivals) (وحشي جيوَت جا نشان) سندن مطالعي هيٺ آيو، جنهن سندن ذهن تي ايترو ته اثر ڇڏيو، جو ان وقت ئي ان جا پهريان ٻه پاڳا ترجمو ڪري ورتائون. ان ڪتاب جي سمجهاڻي ڏيندي پاڻ لکي ٿو: "انسان جي انسان بنجڻ، يعني انسانُ حيوان مان انسانُ ڪيئن ٿيو ۽ جيئن پوءِ تيئن هو، حيوانيت کي ڇڏيندو، پنهنجي انساني حيثيت ۾ ڪيئن اُسرندو رهيو، ۽ اڄ

به هن ۾ حيوانيت جا باقي آثار کھڑا موجود هئا، ۽ انهن کي ضابطي ۾ رکڻ يا بنھ ختر ڪرڻ لاءِ اڄ به هو کھڑا جتن ڪندو ٿي رهيو، انهن سيني ڳالهين جي عقلي سمجھاڻي مون کي هن ڪتاب جي پڑھڻ سان ملي."(جويو، 1976ع، ص 7)

جويي صاحب کي ان ڪتاب جي مطالعي منجهان اها جا عقلي سمجھاڻي ملي، تنهن کان عوام کي واقف ڪرائڻ واري مقصد سان پاڻ هي ڪتاب ترجمو ڪيائين ڇاڪاڻ ته جويو صاحب پاڻ به اهڙن اعليٰ انساني قدرن لاءِ مختلف حوالن سان جدوجهد ڪندو پئي رهيو، جنهن جو بنياد اهو آهي ته، "سماج ۾ رهندڙ انسان جي چگھائي هيءَ آهي ته هو ٻين لاءِ جيئي ۽ پوءِ ئي ٻيا هن لاءِ جيئندا، انسان جي سماجي حيثيت جي تقاضا، بلڪ ان جو لازمي شرط ئي اهو آهي ته جيترو ڪو انسان ٻين جي ڀلائيءَ ۽ سک ۾ پنهنجي ڀلائي ۽ سک ڏسندو، اوترو هو وڌيڪ چگو ليکبو."(جويو، 1976ع، ص 8)

حيواني صفتن کي ڇڏي انسان ٿيڻ ۽ برابريءَ جي بنياد تي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو واري اصول تي، سوسائٽيءَ کي بهتر بنائڻ واري هن اعليٰ صحيفي واري مواد کان سنڌي پڑهندڙن کي واقف ڪرائڻ لاءِ جيتوڻيڪ جويي صاحب 1938ع ۾ ئي کجھ باب ترجمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ان کي مڪمل ڪري، ڇپائيءَ لائق بنائڻ وارو ڪم 1974ع ۾ ڪيو ويو، جنهن کي 1976ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو. هن مايدار مواد جا سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

(7) فڪر جي آزادي:(ترجمو)



جويي صاحب هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته "هيءُ ڪتاب 16 صدي عيسويءَ جي زماني ۾ مسيحي دين کي درپيش فرقيوار مسئلي (ڪئٿولڪ بمقابل پروٽسٽنٽ) متعلق هٿ ڏرميءَ ۽ تشدد جي واقعن جي هڪ دلدوز سلسلي سان ڳنڊيل ٻن ٻي خوف ۽ باضمير مردانِ حق ۽ عظيم شهيدن "مائيڪل سرويٽس" ۽ "سيباسٽيان ڪاسٽيلو" جي عظيم ۽ انتهائي قرباني جو قصو آهي. جيڪو ڏاڍي ٻاجهاري، دل ڇڄائيندڙ ۽ حڪيمانه انداز سان پيش ٿيل آهي." (جويو، 1977، ص 13) مٿي ذڪر ڪيل عظيم شهيدن جي اها سموري جدوجهد فڪر جي آزاديءَ خاطر هئي. فڪر جي آزادي، هر انسان جو بنيادي حق آهي اها فڪر جي آزادي ئي آهي، جنهن سان سماج ۾ رواداري ۽ سهپ جا بنياد پون ٿا ۽ اهڙي ريت سوسائٽيءَ کي بهتر کان بهتر ٿيڻ واري حيوانيت مان تبديل ٿيندڙ اوسر ۾ مدد ملي ٿي. مذهبي معاملا هجن يا سياسي مسئلا، فڪر جي آزادي کي بنيادي اهميت حاصل آهي. فڪر جي آزادي هئڻ واري عمل ئي سوويت يونين جهڙن رياستن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ افغانستان کي اونداهيءَ جي اوڙاھ ۾ اُڇلي ڇڏيو. 'فڪر جي آزاديءَ' نالي بنيادي اهميت وارو هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ 16 صدي عيسويءَ واري مسيحي دين جي هڪ هٿيءَ وارن ظلمن بابت آهي، پر هي هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن جي اڄ جي دنيا ۾ به اوتري ئي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جي مختلف ملڪن اندر اڄ به مذهبي توڙي سياسي طرح فڪر جي آزادي کي گھٽيو پيو وڃي.

سائين محمد ابراهيم، ترجمي ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جي چونڊ ان وقت ڪئي هئي، جڏهن ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اڃ رائج عمل کي ورجائڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ مذهبي نظام کي آمريت رستي نت نئين انداز سان لاڳو ڪرڻ لاءِ، شريعتن جو اجراءُ پئي ٿيو ۽ نظام جي نفاذ جا اهڙائي سانباها پئي ٿيا، جهڙا سورهين صديءَ جي پهرين اڌ واري حوالي سان "اسٽيفن زويگ" جي لکيل هن

ڪتاب ۾ ملن ٿا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌوماٿر Indus Villay جي هن بين الامذاهب واري پُرامن خطي ۾، جنهن طرح سان هٿ وٺي سرڪاري سطح تي مذهبي تفرقي بازيءَ کي زور وٺايو ويو، اها اڄ ڪهڙي پَد تي پهتي آهي، ان جا هن سماج تي ڪيترا منفي اثر ٿيا آهن ۽ عالمي دنيا ان معاملي کي ڪيئن ٿي ڏسي، انهن سوالن جا جواب ملڻ ڏکيا ڪونهن، سموري صورتحال عيان لڳي پيئي آهي. اها صورتحال جا هاڻ اتي وڃي بيٺي آهي، سا ڪا هڪ دور، هڪ حڪمران جي پيدا ڪرايل ڪونهي. مذهب جو ڦهلاءُ ۽ ان جو پنهنجي مفادن لاءِ استعمال، اهو سيني پنهنجي پنهنجي وس، وت ۽ ضرورتن آهر پئي ڪيو. اهو ان لاءِ ته جيئن ٻئي/مخالف خيال کي (اهو ڪيترو به صحيح چونہ هجي) اڳتي وڌڻ نہ ڏجي گويا ڪ اظهار جي آزادي/ فڪر جي آزاديءَ کي، هڪ مخصوص هٿيار سان وقت بوقت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي پئي رهي آهي، اهڙي ماحول طرف اشارو ڪندي جويو صاحب لکي ٿو: "اسان وٽ جيئن ئي آزادي آئي آهي، تيئن ٻئي سڀ خيال تي قلف لڳي ۽ پهرا بيهي ويا آهن، سواءِ هڪ خيال جي، جنهن ۾ ڪا جان رهي ڪانهي، رڳو ڏاندي وانگر پيو وڃي ۽ وڃندو رهي. جيڪو ٿو ڪجهہ لکي ۽ ڪجهہ چوي، سو ڦِري ڦِري محض انهيءَ ڏاندي کي پيو وڃائي- صحيح به اسين، سچا به اسين، ڏاها به اسين ۽ سڀا ۽ صالح به اسين. آهيون، يا، جي بنهہ نہ آهيون- جائي صحيح ڳالهہ آهي، ته ٿي سگهون ٿا، بشرطيڪ اُهو ڏاندو زور سان ۽ تيئن زور سان وڃائڻ بيهي رهون. دهشت ۽ دهمان وري ايترو، جو ٻئي ڪنهن خيال جي رڳو ڪا سُونگهہ يا سُٽس ئي ڪٽان پئجي ويئي، ته الائي ڇا ٿيندو، ڏرتي ڏري پوندي يا آسمان ڪري پوندو." (جويو، 1977ع، ص 10)

اهڙي جمود واري اونداهي طويل دور دوران روشن خياليءَ واري فڪري ڦهلاءَ لاءِ اسان جي چند بهادر انسانن شاندار جدوجهد ضرور ڪئي، پر بحيثيت مجموعي اسان جو عمل ڪو ساراهہ جوڳو ناهي رهيو. اهڙي اونداهي معاشرتي ماحول ۾ جويو صاحب جڏهن 'اسٽيفن زويگ' جي آپ بيتي "World Yesterday" ۾ سندس ڪيل جدوجهد، ڏنل قربانين کي پڙهي، ان کان متاثر ٿي، جيڪي ڪجهہ لکي ٿو، اهو اسان جي اڄوڪي معاشرتي ماحول جي عين بين عڪاسي ڪري ٿو. جيڪو سمجهو ماڻهن جي سکيا لاءِ وڏو بي بها سبق آهي، جويو صاحب 'اسٽيفن زويگ' جي حياتيءَ بابت تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"سچ پچ ته انسانذات ڪهڙا نہ عجيب ۽ عظيم ماڻهو ٿي پيدا ڪري، ۽ هو زندگيءَ ۾ ڇا ڇا نہ سهن ٿا ۽ ڇا ڇا نہ ڪن ٿا! هيڏانهن اسين آهيون، جو ٽورڙي کا ڳالهہ ٿا ڪريون ته ڦوندڙ ۾ پرجيو، ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهڻ ئي ڇڏي ٿا ڏيون." (جويو، 1977ع، ص 14)

شال اسان جي دور جو لکندڙ، پڙهندڙ ۽ سماج جي مختلف ميدانن ۾ عملي ڪم ڪندڙ ماڻهو اهڙن عظيم انسانن جي ڏنل قربانين جو قدر ڪندي، پاڻ به ڪو سبق سکي سگهي.

ان وقت واري انسان، اهڙي ماحول سان ڪيئن مُنهن ڏنو، اهڙو سبق آموز مواد پيش ڪندي جويي صاحب پنهنجي قوم وارن لاءِ، هن ريت پيغام ڇڏيو آهي ته: "هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهين، خيالن ۽ راين جي روشنيءَ ۾ پنهنجي خيالن ۽ راين جي تشڪيل ڪندا ۽ پنهنجي عمل ۽ ردعمل جي رخ جو تعين ڪندا." (جويو، 1977ع، ص 15)

هتان واري ماحول سان هڪ جهڙائي رکندڙ هيءُ ڪتاب جويي صاحب 1977ع ۾، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ حيدرآباد پاران شايع ڪيو.

(8) گليلو:(ترجمو)

جويي صاحب جو ترجمو ڪيل هيءُ ڪتاب 'گليلو' هڪ تاريخي ڊرامو آهي، "ان ۾ سترهين صديءَ جي جڳ مشهور سائنسدان، "گليلو گليليءَ" جي شاندار شخصيت ۽ علمي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جي خود پسندي ۽ علم ناشناسي، بيقدري، هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. ساڳئي وقت ان دؤر جي اٿليءَ جي عوامي زندگيءَ تي به پرپور روشني وڌي ويئي آهي."(جويو، 1977ع، ص 7)

جرمنيءَ جي ڊراما نگار برٽالٽ بريخت جي هن ڊرامي کي جويي صاحب طرفان سنڌيءَ ۾ آڻڻ ان ڪري به ضروري سمجهيو ويو، جو، جويي صاحب ان جي بنيادي موضوعن واري مواد جو پاڻ به ڳولائو پئي رهيو آهي ۽ هن بزرگ جي پنهنجي قلمي پورهئي وسيلي سڀائين اها ئي ڪوشش پئي رهي آهي تہ اهڙوئي مواد پنهنجي پڙهندڙن تائين پڻ پهچندو رهي. اهو اهم ۽ بنيادي موضوع آهي، "انسان جو شرف" انسان جي انسان سان روش ۽ "انسانذات جي گڏيل پلائي" ان سلسلي ۾ پاڻ سڀ کي ئي سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ اوليت ڏئي ٿو. ان حوالي سان هن ڊرامي اندر مختلف جاين تي ڪيترائي شاندار مڪالما گليلو جي واتان چورايل آهن، جن مڙني منجهان هينيون مڪالمو هر ذي فهم انسان جو ذهن جنجهوڑڻ لاءِ ڪافي آهي، چوي ٿو تہ "جنهن کي سڀ معلوم نہ آهي، رڳو هڪ احمق آهي. اهو جيڪو سڀ ڄاڻي ٿو ۽ ان کي ڪوڙ ٿو سڏي، سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي."

(جويو، 1977ع، ص 14)

اهڙن سڀ ۽ سچائيءَ ٻرين گفتن ٻريو هي ڪتاب 1977ع ۾ ان وقت سنڌيءَ ۾ آندو ويو، جڏهن هتي به زور زبردستيءَ وارو دور دوران هو. چؤطرف ڏاڍ جو ڏهڪاءُ پئي پيو. ان وقت ۾ هي ڊرامو سنڌيءَ ۾ آڻڻ جو انتخاب ان ئي مقصد سان ڪيو ويو هو، جنهن مقصد کي نظر ۾ رکندي، "برٽالٽ بريخت" پنهنجي هن لازوال ڊرامي ۾ ويهين صديءَ جي انهن هر قسم جي مفاد پرست طاقتن کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بنايو آهي، جن سترهين صديءَ جي ڪليسائن وانگر سائنسدانن کي، يعني انهن جي عقل ۽ علم کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ گهريو ٿي. جويو صاحب هن ڊرامي جي اهميت کي محسوس ڪندي، ان جي سنڌي ترجمي جي آخر ۾ لکيو آهي تہ، "ويهين صديءَ جو اهو عظيم الميو ئي آهي جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ برٽالٽ بريخت "گليلو" ڊرامي کي علامت طور استعمال ڪيو آهي. هن الميي جو شڪار اڄ به هر اُهو ملڪ ۽ هر اهو سماج آهي، جتي زور ۽ مفاد پرستي علم ۽ اقتدار تي قابض آهي. اسين پاڻ به اڄ هِن الميي جا اُهڙائي شڪار آهيون جهڙو استاد گليلو گليليءَ جو سترهين صديءَ وارو اطالوي يا سڄو يوروپي سماج هو. ويهين صديءَ جو اُهو خوف، ڏک ۽ غصو ئي آهي، جيڪو تحرڪ ۾ اچي، تنگ نظريءَ، تعصب ۽ اقتدار جي انڌ کان انساني روح کي نجات ڏياري سگهندو، ۽ انسان جي دل اميد، خوشيءَ ۽ ڪهل جي سوجهري سان روشن ٿيندي، ۽ هو پنهنجي لاءِ هِن دنيا ۾ علم انصاف ۽ محبت جي جنت تعمير ڪري سگهندو."(جويو، 1977ع، ص 16)

هي سڀ جا سبق ڏسيندڙ ۽ انساني ذهن جنجهوڑيندڙ ڪتاب 1977ع ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران پڌرو ڪيو ويو.

(9) مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي (تصحيح):

جديد دؤر جي ايڊيٽرن ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جي ايڊيٽنگ جو انداز ئي نرالو آهي. سندن ڪيل ايڊيٽنگ وارو عمل ترجمو ڪيل مواد جي حقيقي معنيٰ ۾ صحت سڌاريو ڇڏي. جويي صاحب جي ان اعليٰ معيار ۽ شاندار تصحيحي، انداز کي ڪو پرکڻ چاهي ته، سندس ايامڪاريءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل مرزا قليچ بيگ وارن اوائلي ڪتابن جي، نون چاپن واري شايع ٿيل مواد سان پيٽا ڪري ڏسي سگهي ٿو.

جويو صاحب جڏهن مواد جي تصحيح ڪري ٿو، تڏهن اهو ترجمي واري رنگ مان بدلجي اصليت واري ڍنگ ۾ نروار ٿي ٿو ٻيهي. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري هئڻ واري دور ۾، هونئن ته جويي صاحب، ڪيترن ئي ليکڪن جي ڪتابن کي سنواري ۽ سڌاري سهڻو ڪري پيش ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو، پر ڪي ڪي ڪتاب اهڙا به هئا جن تي جويي صاحب ترجمو ڪندڙن کان وڌيڪ محنت ڪئي. دراصل صرف اهڙن ئي ڪتابن تي پاڻ تصحيح يا نظرثاني ڪندڙ طور پنهنجو نالو به ڏنو اٿس. جويي صاحب پاران محنت ڪيل اهڙن ڪتابن ۾ جڳ مشهور روسي ليکڪ مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻيءَ جا محترم اياز قادري صاحب پاران ترجمو ڪيل ٽي جلد پڻ شامل آهن. هڪ پيري جويي صاحب ڪڇهري ڪندي ان ڪتاب تي ڪيل محنت واري حوالي سان ٻڌايو ته ڪيس ان ڪتاب جي ناهه ٿوهه ۾ وڏي محنت ڪرڻي پيئي هئي. جنهن جو دستاويزي ثبوت اهي سلپون ۽ پروفن وارا پنا هئا، جيڪي ڪيتري عرصي تائين رڪارڊ طور، سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽور ۾ رکيل هوندا هئا، پر خدا پلو ڪري محترم شمشيرالحيدري صاحب جو، جنهن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اهڙي مواد کي غير ضروري ۽ جڳهه جي سيڙپ تصور ڪندي، بورڊ جي اسٽور ۾ رکيل اهڙن مڙني ڪتابن جا ايڊٽ ٿيل ۽ پروف ريڊنگ وارا سمورا ڪاغذ ردي‌ءَ وارن کي وڪرو ڪرائي ڇڏيا. اهڙي ريت پير حسام الدين راشدي، علي محمد شاهه راشدي، ڊاڪٽر بلوچ کان وٺي سومار علي ۽ اياز قادريءَ تائين مڙني جو اهو دستاويزي مواد ضايع ٿي ويو. جويي صاحب هن ڪتاب تي ايتري محنت ڇو ڪئي، ان جو سڌو جواب آهي ته محمد ابراهيم جويو صاحب سوشلسٽ خيال رکندڙ محبِ سنڌ عالم آهي. انڪري گورڪي سندس پسنديده اديبن مان هڪ آهي، جنهن بابت مختصر لفظن ۾ بورڊ جو سيڪريٽري نامور اديب ظفر حسن شاهه هن ريت ڄاڻ ڏني ٿو:

"گورڪيءَ جي حياتيءَ ۽ لکڻين جو اپياس دراصل روس جي هڪ سياسي ۽ سماجي دؤر جو اپياس آهي، اُن دؤر ۾ جڏهين روس جي عوام زار بادشاهن کي ختم ڪري، ڪميونسٽ حڪومت قائم ڪئي: روس جون ان وقت جون حالتون اهڙيون ئي هيون، جهڙيون اڄڪلهه پوئتي پيل پيڙيل مظلوم عوام وارن ملڪن ۾ آهن." (اياز، 1977ع، ص 1)

اهائي گورڪي ۽ جويي صاحب وچ ۾، مظلوميت ۽ غلامانه ماحول واري هم آهنگي هئي، جنهن لاءِ جويو صاحب پاڻ به ويچاريندو ۽ جدوجهد ڪندو پئي رهيو آهي. ان هڪ جهڙائيءَ کي نظر ۾ رکندي، ڪيس گورڪيءَ جي هن ڪتاب تي وڌيڪ محنت ڪرڻي پيئي. هن ڪتاب جا پهريان به حصا يعني 'نندپڻ' ۽ 'تربيت'، ظفر حسن صاحب جي سيڪريٽري هئڻ واري دور ۾ شايع ٿيا، انڪري انهن جي سرورق تي جويي صاحب جو نالو آيل آهي، پر ان جو ٽيون حصو 2005ع ۾، مسٽر انعام الله شيخ صاحب جي سيڪريٽري هئڻ واري دور ۾ شايع ٿيو، ته ان تي جويي صاحب جي نئين سر محنت ڪرڻ جو "چپائيندڙ پاران" لکيل لکڻيءَ جو ذڪر ڪرڻ جي باوجود ٽائيٽل تان سندس نالو هٽايو ويو.

هن ڪتاب جو پهريون ۽ ٻيو حصو 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

(10) ڪئنڊيڊ (تصحيح):



Candide والٽيئر جو جڳ مشهور ڪتاب آهي، فرانس ۾ جنم وٺندڙ هي عظيم فلاسافر جنهن دنيا جي گهٽي حصي تي گهرا اثر ڇڏيا، ان جي خيالن سان جويي صاحب جي فڪري هم آهنگي ڪجهه هن ريت هئي ته سندس بقول:

"والٽيئر علم جي معاملي ۾ خالص عقل جي برتريءَ جو قائل هو، 'ايمان' تي هُن جو اعتبار نه هو. (پريو، 1977ع، ص 5)

سنڌ اندر جويو صاحب پڻ ساڳي ريت ايماني طريقي ۽ انداز ۾ لکڻ بجاءِ، عقلي بنيادن تي سوچڻ ويچارڻ ۽ اظهارڻ جو داعي ٿئي رهيو آهي، والٽيئر واري ان فڪري تصور سبب، سنڌيءَ ۾ والٽيئر جو ڪئنڊيڊ اڇڻ کان پهريان 1977ع ۾ جويي صاحب لکي ٿو:

"هيلتائين سنڌيءَ ۾ والٽيئر جو ڪوبه ڪتاب شايع ڪونه ٿيو آهي، (ڇاڪاڻ ته) سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي دنيا، پنهنجي تاريخي حالات سبب، مشرق جي اڪثر ٻولين وانگر، تقريباً سڄي جي سڄي 'ايماني' ماحول ۾ رڇيل يا ورتل رهي آهي... انهيءَ ڪري جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ والٽيئر جو هيءُ پهريون ڪتاب هاڻي پيش ٿي رهيو آهي، ته اُن ۾ ڪوبه عجب کائڻ نه گهرجي." (پريو، 1977ع، ص 5)

مٿي ذڪر ڪيل ماحول ۾ اهڙي نوعيت وارو هي ڪتاب ڪيئن ميدان ۾ اچي سگهيو ۽ ان جي آڇڻ ۾ جويي صاحب جو ڪهڙو ڪردار رهيو ان بابت به ٻه چار ڳالهيون ڪري ڇڏجن.

ڪئنڊيڊ سنڌي ادبي بورڊ جي ترجمي واري اسڪيم ۾ شامل ڪتابن مان هڪ ڪتاب هو، جنهن جي ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو ترجمي ڪاميٽي ڊسمبر 1952ع ۾ ۽ اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ 8- جولاءِ 1954ع تي ڪيو هو، ان فيصلي جي منظوري بورڊ پنهنجي 21- سيپٽمبر 1954ع واري ميٽنگ ۾ ڏني هئي، ان ئي ميٽنگ ۾ ڪتاب جي ترجمي جو ڪم تعليم ڪاتي جي برڪ آفيسر ۽ ادبي ذوق رکندڙ مرحوم فتح محمد قريشي صاحب جي حوالي ڪيو ويو، پر قريشي مرحوم پنهنجن مصروفيتن سبب، بهرحال، اُن جي سرانجامي ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ به نه ڪري سگهيو. هي ڪم پوءِ فيبروري 1960ع ۾ محترم الهه رکئي پَريي جي حوالي ڪيو ويو، جنهن ٽن مهينن ۾ پورو ڪري، ترجمي جو مسودو بورڊ جي حوالي ڪيو. ان کان پوءِ نومبر 1965ع ۾ مسودي جي ايڊيٽنگ جو ڪم شمشيرالحيدريءَ کي ڏنو ويو، جنهن جنوري 1967ع ۾ ڪتاب جو اڌ، صفحي 44 تائين ڪجهه ڏسي ۽ ڪجهه حصن جو نئين سر ترجمو ڪرڻ جي باوجود اڻپورو ڪتاب بورڊ کي واپس ڪري ڇڏيو، اهڙي ريت ٽيويهن سالن کان والٽيئر وانگر ٽيلهجندڙ، دربدر ٿيندڙ مواد بلآخر جويي صاحب جي هٿن تائين پهتو. ان ڳالهه جو ذڪر ڪندي جويو صاحب لکي ٿو:

"آگسٽ 1976ع ۾، هن مسودي کي نظر مان ڪيو، پنهنجي نظرداريءَ ۾ چيائين جو ڪم، بورڊ طرفان مون کي سونپيو ويو. ڪتاب جو رهيل اڌ حصو اختصاري صورت ۾ (ص 46 کان 85 تائين)، محترم سومار عليءَ کان ترجمو ڪرائي، سڄي سنڌي مسودي کي اصل سان پيٽي، ان جي تصحيح ڪري، مٿس مقدمو لکي، ڊسمبر 1976ع ۾ بورڊ جي پريس ۾ چپائيءَ لاءِ ڏنو ويو، ۽ ائين هيءُ جڳ مشهور ڪتاب تقريباً پنجويهن سالن جي ممڪن ۽ موقعي سارو ڪوششن کان پوءِ، پنهنجن لائق سنڌي پڑهندڙ پائرن، پينرن جي هٿن ۾ هاڻي (1977ع) پيش ڪري رهيا آهيون." (پريو، 1977ع، ص 36-37) 92 صفحن جي هن ڪتاب ۾ 33 صفحن جو جويو صاحب عالمانه تعارف لکيو آهي. اهڙي ريت هي فرينچ ٻوليءَ جو شاندار ۽ عالمي ادب جو لاجواب ڪتاب، جويي صاحب جي محنتن ۽ ڪوششن سان 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

(11) G.M.Sayed: National Unity: (ترجمو)

هي ڪتاب سائين جي.ايم.سيد جي انهن بزم صوفياءِ سنڌ پاران اپن شاهه ضلع خيرپور ۾ سڏايل ڪانفرنس ۾ پڙهيل خطبي جو انگريزي ترجمو آهي، جيڪو جويي صاحب سنڌ مان جلاوطن ٿي ڪوهاٽ ۾ گذارڻ واري وقت ترجمو ڪيو هو، جيڪو گهڻو پوءِ جي.ايم محڪريءَ جي تعارف سان شايع ٿيو.

سيد جو اپن شاهه ۾ ڏنل اهو خطبو جنهن لاءِ جويو صاحب جو چوڻ آهي ته:

"آءٌ سيد صاحب جي ان خطبي کي سنڌ جو ڪيس ۽ هڪ تاريخي دستاويز تصور ڪندو رهيو آهيان." (آزاد، 2004، ص 191) ان خطبي ۾ سيد صاحب "قومي شعور جي عدمِ موجودگيءَ" جو سيرِ حاصل جائزو پيش ڪرڻ بعد هن خطبي ۾ مروج مختلف فوم وارن تصور جهڙوڪ مسلم قوم، پاڪستاني قوم وغيره وغيره بابت سمجهاڻي ڏيندي، دنيا ۾ رائج قومي تصورن بابت لاجواب سمجهاڻي پيش ڪندي، طئ ٿيل عالمي معيارن موجب سنڌ ۽ سنڌي قوم جي سڃاڻپ ڪرائڻ واري ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. اپن شاهه وارو اهو خطبو ۽ ٻيا نَوَ خطبا مٿي ذڪر ڪيل مقصد جي حاصلات لاءِ صوفياڻي رنگ ۾ رنگي عوام تائين ڪتابڙن جي صورت ۾ پهچائڻ واري عمل ۾ جويي صاحب جو وڏو اهم ڪردار هو. هونئن ته سمورا خطبا شاندار آهن، پر انهن مڙني خطبن مان سيد صاحب جو هي خطبو، جهڙوڪ مندبيءَ تي ٽِڪَ جي برابر هو، جنهن لاءِ جويي صاحب لکي ٿو:

"سيد صاحب جي ان اپن شاهه تي ڏنل خطبي کي مان سيد صاحب جي ان صوفياڻي تحريڪ جو نچوڙ تصور ڪندو رهيو آهيان." (آزاد، 2004ع ص 190)

جويي صاحب قومي ايڪي جي ضرورت ۽ اهميت واري حوالي سان، هڪ انٽرويو ۾ سائين جي.ايم.سيد جي بزم صوفياءِ سنڌ جي اُن انهن اپن شاهه واري خطبي جو ذڪر ڪندي چيو ته:

"قومي ايڪي ڏانهن ايندڙ راهه، اسان جي عظيم رهبر سائين جي.ايم.سيد اسان کي پنهنجي انگريزي ڪتابچي National Unity a Plea for Sanity ["قومي ايڪو- هڪ ڏاڪ پ پري صلاح"] ۾ ڏسي آهي، جيڪو ميشرس سيد ائنڈ سيد ڪراچيءَ وارن شايع ڪيو آهي. هن مسئلي ۾ جيڪي دلچسپي رکن ٿا، اُنهن کي ضرور اهو ڪتابچو پڙهڻ کپي، سمجهڻ کپي، ۽ جو ڪجهه ان ۾ ڏسيو ويو آهي ان تي هلڻ کپي." (جويو، 2005ع، ص 106)

سيد صاحب جي اپن شاهه واري ان پروگرام ۾ جويو صاحب ڪوهاٽ کان ڪهي پاڻ به اچي شريڪ ٿيو هو. اپن شاهه واري سيد جي ان خطبي ڪيس ايترو ته متاثر ڪيو. پاڻ ان جو مسودو ڪوهاٽ کڻي ويو ۽ وڃڻ سان ان کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو گهڻو پوءِ 1978ع ۾، سيد ۽ سيد سنز ڪراچي پاران جي.ايم محڪريءَ جي تعارفي نوٽ ۽ جويي صاحب جي مختصر مهاڳ سان شايع ٿيو.

(12) پارن جو مسيح (ترجمو)

امن، پيار ۽ انساني عظمت جي عظيم پيغامبر، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي عجيب ۽ رمز پري، سبق آموز حياتيءَ بابت "ايندِ بلائٽن" جو لکيل هيءُ ڪتاب (The Children's life of christ) ان جي مواد کي نظر ۾ رکندي جويي صاحب پارن جي لاءِ، جيئن ان جي نالي منجهان محسوس ٿئي ٿو، پارن جي عالمي سال 1979ع جي موقعي تي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌس ٻي لفظن ۾ "اسين هڪ ته هيٺيءَ ۽ مسڪين قوم جا فرد آهيون، ۽ ٻيو ته ڏهري وهٽ جي ڏٽيءَ وانگر سوير پلاٽڻ ڪونه سڪيا آهيون- انهيءَ ڪري اسان لاءِ هر ڳالهه ۾ تاخير جو واقع ٿيڻ ڇڻ اٽل ڳالهه بڻجي پئي آهي."(جويو، 1980ع، ص 32 ج) سو هيءُ ڪتاب 1979ع واري

سال بجاءِ، 1980ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو پنهنجي اهميت ۽ افاديت واري حوالي سان رڳو ٻارن لاءِ نہ آهي، پر حقيقت اها آهي تہ ان ۾ جيڪي انسان جي عظمت ۽ اعليٰ آدرش وارا نُڪتا نظر اچن ٿا، انهن کي نظر ۾ رکندي، اها ڳالهہ وٹوق سان چئي سگهجي ٿي تہ حضرت عيسيٰؑ جي حياتيءَ تي هيءُ سبق آموز ڪتاب وڏن کي ئي پڙهڻ، پُرجهڻ ۽ پروڙڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ عالمِ انسان لاءِ سبق آموز حضرت عيسيٰ مسيح الله جي تعليم جو بنياد هيٺ ذڪر ڪيل، "ڪتاب مقدس، نئون عهدنامون ۾ بيان ٿيل بامعنيٰ نُڪتن تي رکيل آهي تہ "جيئن اوهين چاهيو ٿا تہ ماڻهو اوهان سان هلن، اوهين بہ اُنهن سان ائين هلو... پنهنجي پاڙيسرين کي ائين پانيو جيئن اوهين پنهنجي پاڻ کي ٿا پانيو... جيئن اوهان جو اپائٹهار رحم وارو آهي، اوهين بہ ائين رحم وارا ٿيو... مبارڪ آهن اُهي جيڪي صلح [يعني، انصاف ۽ امن] قائم ڪن ٿا، چاڪاڻ تہ اُهي ئي خدا جا ٻالڪ سڏبا." (جويو، 1980ع، ص 1)

حضرت عيسيٰؑ مسيح الله جي تعليم جو بنياد ۽ ان سبق سکڻ ۽ سمجهڻ جي معصوم ٻارن، (جن جي اندر واري قرهي، هر ميرَ، ڪدورت، ساڙ ۽ ڪيني کان پاڪ، صاف ۽ اڇي اُجري هوندي آهي). کان وڌيڪ وڏن کي ضرورت آهي. مٿيون ماڻهپي وارو اعليٰ آدرشي سبق جيڪڏهن اڄ جو انسان هينئين سان هنڌائي ۽ ان تي ايمانداريءَ سان عمل ڪري تہ اسان جي هيءَ دنيا جنگ، جدل ۽ قتل غارتگريءَ کان بچي سگهي ٿي. اهڙي ئي خيال کي نظر ۾ رکندي جويي صاحب هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي "ٻار پنهنجي مسيح کي سمجهن، تنهن کان اڳ انهن جي وڏن لاءِ ضروري آهي تہ اهي مسيح کي سمجهن، مسيح جي حياتي ۽ مسيح جي تعليم مان اسين زندگيءَ جون کي بنيادي ڳالهيون ۽ بنيادي حقيقتون سکون ٿا، ۽ انساني تهذيب جي سڀ کان وڌ بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ٻارن جي پرورش ۽ تربيت وڏن کي ڪرڻي آهي، ۽ ان لاءِ مسيح جو چوڻ آهي تہ "هي ننڍڙا ٻار جن جو مون ۾ ايمان آهي (چاڪاڻ تہ اهي معصوم آهن، ۽ شيدائي آهن نيڪيءَ جي جاڻڻ ۽ ماڻڻ جا) تن مان ڪنهن هڪڙي کي بہ جيڪو گمراهہ ڪندو، اُن لاءِ چگو ائين ٿيندو تہ هڪڙو وڏو جند جو پڙ سندس ڳچيءَ ۾ لٽڪائي، ڪيس اونهي سمند ۾ ٻوڙي ڇڏجي." (ڪتاب مقدس، متي، 6/18) انهيءَ ڪري هن ڪتاب کي اسان جا وڏا بہ ايتروئي پڙهن جيتري اسان کي اميد آهي تہ اسان جا ننڍا ان کي پڙهندا."(جويو، 1977ع، ص 12)

انساني سڌاري، واڌاري ۽ اصلاح ۾رين گفتن وارو هيءُ ڪتاب سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد سنڌ، 1980ع ۾ شايع ڪيو. ان جو ٻيو چاپو ڪرائون سائيز ۾، مسيحي ادبي انجمن شڪارپور 1986ع ۾ شايع ڪيو.

(13) عورت زاد (ترتيب ۽ ترجمو)

اسان جي سماج ۾ عورت جي آزادي بنيادي ۽ اهم نوعيت وارو موضوع پئي رهيو آهي، هتي سرڪاري، نيم سرڪاري توڙي خانگي ميدانن تي عورت جي آزاديءَ بابت پروگرام ۽ ڳالهيون تہ ٿيندي نظر اچن ٿيون، پر عورت برابريءَ جو درجو ماڻي، آزاد فضائن ۾ ساهہ کڻي سگهي، اهو اڃ تائين نہ ٿي سگهيو آهي. جيتوٹيڪ ذڪر جي حد تائين هر ڪنهن ان ڳالهہ کي بنيادي اهميت وارو موضوع پڻ قرار پئي ڏنو آهي، پر عملي طرح ان لاءِ ڪائي ڪارگر ڪوشش ٿيندي نظر ڪانہ ٿي اچي. اهڙين ئي ڪوششن جي سلسلي ۾ هتي 1982ع ۾ سنڌي عورت ڪانفرنس ملهائي وئي، جنهن ۾ مختلف ماڻهن پنهنجا پنهنجا ويچار وندبا، رٹون ۽ رايا پيش ڪيا.

جويو صاحب سنڌي عورت جي غلاميءَ کي پيچ در پيچ غلاميءَ جي

بدترين صورت تصور ڪندو رهيو آهي، سندس چوڻ آهي تہ "اڄ جو سنڌي سماج- جاگيردار سماج، تاريخ جو ڏکيل ۽ دسيون پوئتي ڇڏجي ويل سماج- پيڇ در پيڇ غلاميءَ ۾ ورتل آهي. ۽ ان جي سڀ کان اونهي پيڇ ۾ قاتل سنڌي عورت آهي ۽ اُتي هوءَ نہ ماءُ آهي، نہ پيڻ آهي ۽ نہ ڌيءُ، نہ هن جو ڪو جيون ساٿي آهي، نہ هوءَ ڪنهن جي جيون ساٿياڻي، هوءَ پنهنجي وجود جي اهميت ۽ تقدس کان ڪُلي اڃاڻ آهي."(جويو، 1983ع، ص 1) سنڌي عورت جيڪا پيڇ در پيڇ غلاميءَ ۾ ورتل هڪ اونهي پيڇ ۾ تہ قاتل آهي، پر ان کي انهيءَ غلاميءَ جي نوعيت ۽ اهميت جو اصل احساس ڪونهي. ان بابت هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ سمجهاڻي ڏيندي جويو صاحب لکي ٿو تہ "غلاميءَ کان وڌ، ماڻهوءَ جي بدبختي کا ٻي ئي نہ ٻي سگهجي، پر پيڇ در پيڇ غلامي هُن لاءِ جيئري موتُ آهي. سڌيءَ غلامي جي ماڻهوءَ کي جاڻ رهي ٿي، احساس رهي ٿو، ۽ ان کان نجات جا امڪان هُو پنهنجي جدوجهد ۽ قرباني ۾ ڏسي سگهي ٿو. پيڇ در پيڇ غلامي ماڻهن جا سَنڊ ڇَني ٿي، هانءُ ڪائي ٿي ۽ هُن کي هوش کان بيهوش ڪريو ٿي ڇڏي."(جويو، 1983ع، ص 1)

اهڙي غلامانہ ماحول ۾ سنڌي عورت جو، کو هڪڙو طبقو ۽ گروهہ گرفتار ڪونهي، پر ان ناسور ورتل ڪوڙهيي سماج جو ذرو پرزو ان موضي مرض ۾ مبتلا آهي اهڙي ماحول جي وسعت ۽ ان جي مجموعي سماج تي پوندڙ اثرن جي مختصر ۽ جامع سمجهاڻي ڏيندي جويو صاحب لکي ٿو:

"پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، شاهوڪار توڙي غريب، بهراڙيءَ توڙي شهري گهر ۾ اسان وٽ هوءَ بي قدرائين وِٽ آهي ۽ اُن پنهنجي هلڪائپ ۽ دڪ ۾ جيڪو نئون نسل هوءَ اُپائي ٿي ۽ نپائي ٿي، اڪثر اُهو پنهنجي ذهن توڙي ارادي ۾ غلام ئي هجي ٿو." ذهن توڙي ارادي ۾ غلامانہ مهاڃار ۾ پيدائشي طور جڪڙيل ۽ پرورش ٿيل فرد پوءِ ماحول ۾ ڪهڙا گل ٿو پوکي، اهڙن هر روز نظر ايندڙ واردات ۽ ماجرائن جي جڙ ان ڳالهہ کي تصور ڪندي هُو هن ريت بيان ڪري ٿو:

"نہ نہ، تہ بہ خود ڪيس، يعني پنهنجي ماءُ کي، پيڻ کي ۽ پنهنجي ئي ٻچن جي ماءُ کي، ساڻئي غلاميءَ جي پيڇ ۾ سوگهي رکڻ جي مهارت تہ هو ضرور ڄاڻي ٿو." (جويو، 1983ع، ص 1)

عورت جي آزاديءَ واري اهڙي اهميت جي مدِنظر عورت ڪانفرنس جي حوالي سان بنيادي نوعيت جو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب جويي صاحب ترتيب ۽ ترجمي واري صورت ۾ تيار ڪيو، جنهن ۾ عورت جي مسئلن بابت ذهن جنجهوڑيندڙ مواد پيش ڪيو ويو. اهڙي مواد جا ڪجهہ عنوان هن ريت آهن. "عورتون جنگ ۽ امن جي ميدان ۾" (طاهره مظهر)، "سنڌ جون نياڻيون" (ڊاڪٽر جي.ايم. محڪري)، "اسلام ۽ عورت" (آغا مرتضيٰ پُويا)، "معاشرو عورت ۽ بهشتي زيور (ڊاڪٽر مبارڪ علي)، "عورتن جا حق، (گڏيل قومن جو منشور).

عورت کي برابريءَ واري درجي ڏيارڻ خاطر شعور بيدار ڪرائڻ وارو هيءُ ڪتاب 1983ع ۾ سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو.

(14) فلسفي جو ابتدائي ڪورس: (ترجمو)



محمد ابراهيم جويو صاحب سدائين سچ جو ڳولائو پئي رهيو آهي، چاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ "سچ روشني آهي ۽ روشنيءَ جي اچڻ سان اوندهہ گم ٿي وڃي ٿي".(جويو، 1984ع، ص 7) سچ جي پاڻ مختلف ذريعن ۽ حوالن سان ڳولا ڪندو رهيو آهي. ان ڪوشش کي پاڻ ڏاهپ واري ڪم سان تعبير ڪندي چوي ٿو تہ "جيڪڏهن سچ جي تلاش ئي انساني ڏاهپ جو اصل ڪم آهي تہ هِي بہ واجب آهي تہ ڏسجي تہ انساني ڏاهپ ڇا آهي ۽ انساني زندگيءَ ۾ اُن جو اظهار ۽ اثر ڪيئن ٿو ٿئي ۽ ڪهڙو ٿو ٿئي."(جويو، 1988ع، ص 8) ان سلسلي ۾ ڏاهپ جي سولي ۽ تز سمجهاڻي پنهنجي مقامي ماحول موجب، آسان مثالن سان سمجهائيندي، ڏاهپ واري محدود تصور کي رد ڪندي، وسيع تصور جي پٽ پرائي ڪندي، اهڙي تہ شاندار سمجهاڻي ڏئي ٿو، جو ان

کي هوند عام ماڻهو ۾ آساني‌ءَ سان سمجهي سگهي، اهائي اڃوڪي سماجي ماحول جي بنيادي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ جويو صاحب لکي ٿو:

"ڏاهپ جي ڳالهه اٽڪ سان ائين ۽ عام چيو ويندو آهي ته ماڻهو هرڪو ڏاهو آهي- پاڻ انڪي جو سڀڪو ڪائي ٿو!، يعني پنهنجي پاڻ انڪي لاءِ، پنهنجي ذات لاءِ، هرڪو ڏاهو آهي. جي ڏاهپ اِها آهي، يعني پنهنجي پاڻ لاءِ هرڪو ڏاهو آهي، ته اِها حيواني ڏاهپ ٿي، انساني ڏاهپ نه ٿي- ايتري تائين ته حيوان ۽ ڏاها آهن. ڏاهپ جي اِنهيءَ عام قسم کي نندينديءَ فرئنسز بيڪن پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته "ڏاهپ، پنهنجي ذات لاءِ- اڪثر صورتن ۾، هڪ ذليل شيءِ آهي: اُها ڪوئن واري ڏاهپ آهي، جيڪي جڏهن گهُر ڪِرڻ وارو هوندو آهي، سڀ کان اڳ پڪ ئي پڪ اُتان پڄي ويندا آهن، اُها لومڙ واري ڏاهپ آهي، جيڪا پاڻان هيٺي جانور جي کوٽيل ڏر ۾ گهڙي، مالڪ کي باهر ڪڍي ڇڏيندو آهي، اُها واڳونءَ واري ڏاهپ آهي، جيڪو ڪنهن کي ڪُڙڪائيندو آهي ته ڪوڙها ۽ پيو ڳاڙيندو آهي." ڏاهپ اِها ناهي ان کان وڌيڪ ٻي ۽ ڏاهپ آهي، جيڪا انساني ڏاهپ آهي. صحيح فيصلو، اُن جو صحيح بيان ۽ اُن تي اهڙوئي صحيح عمل- پنهنجي ذات جي پاڻ انڪي لاءِ نه، انسانَ حيوان لاءِ نه، پر حيوان انسان لاءِ، اُن انسانَ لاءِ جيڪو سماج ۾ رهي ٿو، انساني زندگيءَ جي گڏيل پلائيءَ لاءِ سهڪار ڄاڻي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري انسان سڏجي ٿو، ۽ انسانُ آهي- انساني ڏاهپ اِها آهي." (جويو، 1984ع، ص 8)

فلسفو جنهن جي لفظي معنيٰ "ڏاهپ جو ذوق" چيو وڃي ٿو. جويي صاحب سچ کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي سلسلي ۾ ان ڏاهپ واري ذوق پيدا ڪرائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، ان سلسلي ۾ سندس هيءُ ڪتاب "فلسفي جو ابتدائي ڪورس" پڻ هڪ آهي. "جارج پوليزر" جو هيءُ ڪتاب 1984ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊياري طرفان شايع ڪيو ويو.

(15) علم تدريس مظلومن لاءِ:(ترجمو)



جويو صاحب جيتوڻيڪ استاد واري حيثيت ۾ پڙهڻ پڙهائڻ واري ميدان کان 1973ع ۾ رٽائر ٿي چڪو هو، پر پوءِ ۽ تعليم طرف سندس هر وقت توجهه پئي رهيو آهي. جڏهن ۽ ڪيس موقعو مليو آهي ته تقرير يا تحرير، پمفليٽ يا ڪتاب رستي ٻوليءَ ۽ تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندي نظر آيو آهي. پاڻ 1971ع ۾ هڪ بهتر استاد ٽيڻ ۽ ان اعليٰ معيار جي ڪارڪردگي ڏيکارڻ واري مقصد کي نظر ۾ رکندي، استادن جي رهبريءَ خاطر "۽ لفظ صلاح جا، استادن لاءِ" عنوان سان اٽن صفحن جو هڪ پمفليٽ پٽرو ڪيو، جيڪو پنهنجي اهميت ۽ افاديت سبب ڊسمبر 1983ع ۾ ٻيهر ۽ سيپٽمبر 1984ع ۾ ٽيون ڀيرو شايع ڪرايو ۽ ورهايو ويو. ان بنيادي نوعيت واري لکڻيءَ جو تت هينئين جملي ۾ سمايل آهي، جيڪو هر دور ۾ رهنمائي ڪرڻ لاءِ موزون آهي. لکي ٿو:

"هڪ استاد کي، جيڪڏهن هو استاد چوائڻ لائق آهي، هنن سيني ڳالهين کان بچڻو آهي- يعني حرص کان، غير ذميداريءَ کان ۽ ڪم جي نٽ نٽاءَ کان. استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي خود اظهاريت جي اهڙي مسلسل ۽ اعليٰ جهاد ۾ ڪامياب ٽيڻ لاءِ ٽن منزلن واري هڪ ئي راهه آهي، جنهن کي سجاڻڻو ۽ سمجهڻو آهي ۽ جنهن سان هلڻو آهي: خود تنقيد جي راهه، جيڪا خودشناسيءَ ڏانهن نئي ٿي، جنهن سان خود اصلاح جي نئين ۽ نت نئين منزل روشن ٿئي ٿي. عزيز پاڻ، تون اها راهه وٺ! انهي راهه سان، استاد جي حيثيت ۾، تنهنجي زندگيءَ ۽ پنهنجي ڪم جي ڪاميابيءَ لاءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي توکي گهرج ڪانه رهندي." (جويو، 1998ع، ص 353)

غور ڪري ڏسبو ته مٿي ذڪر ڪيل مختصر جملن ۾ جويو صاحب استاد جي حوالي سان سماج جي سڌاري ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ بظاهر معمولي پر ڪيڏي نه اهم ۽ بنيادي ڳالهه بيان ڪئي آهي. خود تنقيد، يعني "اندر ۾ ليئو پائڻ ۽ پنهنجو پاڻ جائزو ونڻ" ته منهنجي ذمي جيڪو ۽ جيترو ڪم ٽيل آهي، اهو مون

ڪيتريقدر نپايو آهي. اهوئي عمل آهي جنهن سان خودشناسي جنم وٺي ٿي ۽ ان سان پوءِ خود اصلاح وارو عمل شروع ٿئي ٿو. ان ڳالهه جو اظهار سندس ترجمو ڪيل هن ڪتاب 'علم تدريس مظلومن لاءِ' جي پيش لفظ منجهان پڻ ٿئي ٿو. عالمي شهرت يافته اديب پائلو فريري (Paulo Freire) جي ذهن ۾ جنجهوڙ پيدا ڪرائيندڙ ڪتاب (Pedagogy of the Oppressed) جو هيءُ ترجمو، جويي صاحب 1984ع ۾ ڪيو. هن ڪتاب جو بنياد پڻ تعليم ئي آهي. هن ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ جويو صاحب ڇو چونڊ ڪئي؟ ان سوال جو جواب سندس ئي هيٺين لفظن منجهان ملي ٿو. پاڻ ان ڪتاب تي سنڌيڪار جي حيثيت ۾ ٻه اکر لکندي ڄاڻائي ٿو، "هن ڪتاب ۾ سمجهايل 'تدريس جو علم' خاص بالغن جي تعليم لاءِ، پوئتي پيل قومن جي عام خلق جي ڪثير حصي، ان جي مظلوم ۽ محروم حصي، جي تعليم لاءِ، هڪڙ سبب، انهيءَ عوامي خدمت جي دائري ۾ ڪم ڪندڙ استادن، تعليم ڪارن ۽ سماجي، تهذيبي ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ، جيڪي ان ڏس ۾ "انقلابي اڳواڻ" جو رول ادا ڪن ٿا، بيحد هڪ مفيد ۽ ڪارائتو رهنما ڪتاب ثابت ٿي سگهي ٿو. ڇو ته "علم تدريس مظلومن لاءِ" انهن کي نه فقط ٻڌائي ٿو ته ڪثير مظلوم خلق کي ڪيئن پاڙهجي، پر اهو ٻه ٻڌائي ٿو ۽ سمجهائي ٿو ته انهن کي ڇا پاڙهجي! يعني ڪهڙي تعليم ڏجي ۽ ان تعليم لاءِ ڪين ڪيئن تيار ڪجي ۽ منظم ڪجي ته جيئن هو خود خرابيءَ جي موت مان اُڀي خود شناسيءَ جي زندگيءَ ڏانهن وڌن ۽ غلاميءَ جي پناهه گاهه کي ڇڏي آزاديءَ جي آماجگاهه ۾ اچن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن."(جويو، 1984ع، ص 17)

جويي صاحب جو هيءُ ڪتاب ان وقت شايع ٿيو هو، جڏهن سنڌ جي تعليمي ادارن اندر بي راهه رويءَ وارو ماحول هو، پڙهڻ پڙهائڻ جهڙي ڪائي ڳالهه ڪانه هئي. تعليمي ادارن ۾ غنداگردي ۽ داداگيريءَ جو دور دوران هو. اهڙي وقت ۾ هن ڪتاب ٽيڪنڊڻن کي دڳ لائڻ ۽ رستو ڏسڻ واري حوالي سان وڏو ڪم ڪيو. هي ڪتاب پيش ڪري جويي صاحب ته پنهنجو فرض پورو ڪيو، پر اسين پنهنجي بي سمجهائپ ۽ نااهليءَ سبب ان منجهان ڪو خاص فائدو حاصل نه ڪري سگهياسين. اها اسان جي بدقسمتي چئجي جو 1970ع ڪانپوءِ اسان جي شاگرد ۽ استاد منجهان مختلف سببن ڪري، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارو رجحان آهستي آهستي ٿي ختم ٿيندو رهيو آهي. تمام ڪي ٿورا استاد ۽ شاگرد آهن جيڪي ڪتابن سان حقيقي معنيٰ ۾ لهه وچڙ رکن ٿا. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ دلچسپي ونڻ ٿا. ڳڻيل ٽيهن سالن کان سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جيڪو افراتفريءَ وارو ماحول پيدا ٿي ويو هو، اهو اهڙي ئي عمل جو نتيجو هئو. ورنه جيڪڏهن صحيح طرح سان علم تدريس طرف ڌيان ڏنو وڃي ها ته سنڌ جي سماج ۾ ايترو بي راهه روي ۽ بيگانگيءَ وارو ماحول جنم نه وٺي ها. اها علم جي ئي سگهاري قوت آهي جنهن سان ڪنهن به سماج ۾ گهربل مثبت قسم جي سماجي تبديلي آڻي ٿي سگهجي. چاڪاڻ ته پائلو فريري جو خيال آهي ته: "تعليم، آزاديءَ ۽ سماجي تبديليءَ جو هڪ رستو آهي- ائين اُها رهي آهي ۽ ان کي ائين رهڻ گهرجي- اهو هڪ هٿيار، جنهن سان انسان پنهنجي چوڌير دنيا کي ڏسي سگهن ٿا، سمجهي سگهن ٿا، ۽ ان جي تورتڪ ڪري ۽ ان کي بدلائي سگهن ٿا."(جويو، 1984ع، ص 14) پائلو فريري جنهن تعليم کي آزادي ۽ سماجي تبديليءَ جو رستو تصور ڪندي ان کي تبديلي آڻڻ جو ذريعو تصور ڪري ٿو، سا عام رواجي تعليم کانهي، اها ڪهڙي تعليم هئڻ گهرجي، جيڪا سماج ۾ صحتمند تبديلي آڻي سگهي ٿي، ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي، هو واضح لفظن ۾ لکي ٿو: "اُها تعليم بئنڪاري نه، پر 'مسئلن کي ڪولي آڏو رکندڙ، 'تعليم، فرماني نه پر، آزاد ۽ جمهوري (يعني پاڻ پاتل ۽ آزاد مرضيءَ سان قبوليل) تعليم، ۽ ڳالهه ٻولهه وروڌي نه پر 'ڳالهه ٻولهه پسند، تعليم هجي." (جويو، 1984ع، ص 14)

جويو صاحب سماج کي سڌارڻ ۽ بدلائڻ جو ته اصل کان خواهشمند پئي رهيو آهي ۽ اهائي خيالن جي هڪجهڙائي هئي جنهن ڪيس پائلو فريريءَ جو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب سنڌي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪرڻ تي آماده ڪيو. تعليم ۽ تدريس جي افاديت ۽ اهميت بيان ڪندڙ ۽ آزاديءَ جي استعمال طور تعليم جو اصل روح بيدار ڪرائيندڙ هيءُ ڪتاب عظمت ادبي اڪيڈمي حيدرآباد پاران 1984ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(16) محڪريءَ جا مضمون:(ترجمو ۽ ترتيب)

ڊاڪٽر جي.ايم محڪري، سنڌ جو هڪ اهڙو درد دل رکندڙ انسان هو، جنهن انگريزيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان ڪيترائي بهترين مضمون لکيا ۽ اهي اهڙا ٿي لکيا جو پڙهندڙن کي سنڌ جو درد، ڏڙڪندڙن دلين ۾ نمايان محسوس ٿيندو هو. محڪري صاحب اصل ۾ بئنگلور جو هو، پر ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ڏانهن اچي اهڙو ٿي لوَن لڳايائين جو سندس اکر اکر، سٽ سٽ منجهان سنڌ جي سورن جو سرڀاٽ محسوس ٿيندو هئو. ان ئي جذبي هيٺ پاڻ سنڌ جي اڪيچار سياسي، سماجي ۽ تعليمي موضوعن تي انگريزيءَ ۾ ڪيترائي مضمون لکيائين. محڪري صاحب جي ان مواد، جويي صاحب کي ايترو ٿي متاثر ڪيو جو پاڻ انهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرائيندو رهيو. جن کي اڳتي هلي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو. سندس سنڌ لاءِ وقت ۽ وقت لکيل مضمونن جو جڏهن جويي صاحب ترجمو ڪري ڪتاب تيار ڪيو، ۽ ان جو محڪري صاحب کي اطلاع ڏنو. تڏهن ڪيس بيحد خوشي محسوس ٿي، جنهن جي اظهار طور جويي صاحب کي لکيائين "اوهين منهنجي چالبهارو ڪن 'ٽڪرن، ٽوٽن' جو پنهنجو ملهائتو ترجمو پريس ۾ ڪتابي اشاعت لاءِ موڪلي رهيا آهيو. ڇا، منهنجا لفظ اوهان جي ڏاڍي مهرباني! منهنجي احسانمنديءَ جي جذبي جو پورو اظهار ڪري سگهندا... پنهنجي فوٽي جي نيگيٽو هِن گڏ موڪليان ٿو، ۽ ڏاڍي خوشي ٿيندير ٿ ڪتاب ۾ هيءُ منهنجي تصوير به ڇپجي، ٿ سنڌي، منهنجا هر وطن ۽ هر قوم پائر پينرون، ڏسن ٿ ڏسڻ ۾ آءٌ ڪهڙو هوس!"(جويو، 1985ع، ص 8)

هونئن ٿ گهري فڪر ۽ خيال وارا محڪري صاحب جا لکيل هي ننڍا وڏا مضمون سڀ ڪارائتا ۽ لاڀائتا آهن، پر پوءِ به 1979ع-1980ع جي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ لکيل (سي به انگريزيءَ ۾) انهن مضمونن منجهان ڪجهه مضمونن جا سرا هتي ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان ٿ جيئن پڙهندڙن کي محڪري صاحب جي سوچ ۽ فڪر جو اندازو ٿي سگهي. "اخلاق کان خالي دانشور" (ڊيلي نيوز 11-4-1979ع)، "ڇا ڪٽولي جو موت نه ڪپي" (ڊيلي نيوز 18-4-1979ع)، "پريس جي آزادي" (ڊيلي نيوز 23-5-1979ع)، "برائي، جيڪا ماڻهو ڪن ٿا" (ڊيلي نيوز 20-6-1979ع)، "جمهوريت کي ڪيئن مارجي" (ڊيلي نيوز 10-17-9-1980ع)، "زنجير تي زنجير" ڊيلي نيوز 25-30-9-1980ع، "جمهوريت به هڪ ذهنيت آهي" (ڊيلي نيوز 9-15-10-1980ع)"جمهوريت جا ست جنم"(ڊيلي نيوز 12-15-10-1980ع)، "سلام انهن تي، جي آزاد آهن"(ڊيلي نيوز 30-12-1980ع)، ڇا اسان جو نوجوان اڳواڻي کان محروم آهي؟" (ڊان 30-4-1980ع)

مٿي ذڪر ڪيل بنيادي نوعيت ۽ اهميت وارا ننڍا ننڍا مضمون جي، محڪري صاحب انگريزي اخبارن ۾ لکندو رهندو هئو ۽ اسان جو لائق مترجم انهن جي اهميت، افاديت ۽ ضرورت جي مدِنظر چند ڏينهن جي وقفي سان (7 کان 15 ڏينهن) عام پڙهندڙ سنڌي عوام لاءِ ترجمو ڪري اخبارن رستي شايع ڪرائيندو رهيو. جنهن کي پوءِ 1985ع ۾ ترتيب ڏيئي، لاڀائتو پيش لفظ لکي، عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. هيءُ ڪتاب عظمت ادبي اڪيڊمي شايع ڪيو. جي.ايم.محڪري صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل لاڀائتي مواد کي جويي صاحب نه رڳو سنڌي پڙهندڙن لاءِ شايع ڪرايو، پر سنڌ جي سورن ڀريي پس منظر ۾ لکيل ان مواد مان چونڊ ڪري، تعارف لکي، "Sorrows of Sindh" عنوان سان سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد پاران 1987ع ۾ پڻ شايع ڪرايو.

(17) اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم: (ترتيب)

ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت واري حوالي سان جويي صاحب جو مؤقف بنهه واضح ۽ چٽو پئي رهيو آهي. سندس خيال آهي تہ "جيتريقدر ٻولين جو نٿر و نظر، فڪر ۽ معنيٰ جي خيال کان ڳڻيير ۽ مايدار هجي ٿو، اوتريقدر اهي ٻوليون ۽ انهن جون ڳالهينڊ لکندڙ ۽ پڙهندڙ قومون انساني دنيا ۾ مانُ ۽ مرتبو پائين ٿيون ۽ قبوليون وجن ٿيون ۽ امن ۽ خير ۾ رهن ٿيون ۽ اڳتي وڌن ٿيون ۽ انهن سيني مقصدن لاءِ انهن کي وڏي جاکوڙ ۽ جيءَ جنجهوڙيندڙ ڪم ڪرڻو پوي ٿو."

ٻوليءَ واري اهڙي اهميت جي مدِنظر جويو صاحب نہ رڳو پاڻ ڪتابن ۽ سندس ادارت هيٺ نڪرندڙ رسالن ۾ معنيٰ ۽ خيال واري لحاظ کان ڳڻيير ۽ مائيدار ٻولي، اهڙي تہ سهٽي ۽ سلوٽي انداز ۾ پيش ڪندو رهيو آهي پر پاڻ، ۽ سندن جهڙن ٻين بزرگن جي اهڙي محنت جوئي نتيجو آهي، جو سنڌي ٻولي، باوجود ڪيترين رندڪن ۽ رڪاوٽن جي، پنهنجو جائز ۽ جوگو مقام ماڻڻ ۽ پنهنجو وجود مجائڻ واريءَ حيثيت ڏانهن وڌندي رهي آهي، ٻوليءَ جي ان اهميت جي مدِنظر جويي صاحب وقت بہ وقت جيڪي ڪم ڪيا آهن، تن منجهان سندن پاران تيار ڪيل ڪتاب "اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم" پڻ هڪ اهم قدم آهي. بظاهر مختصر پر جامع ۽ مستند راءِ قائم ڪندڙ. هن ڪتابڙي شايع ڪرڻ جي ڪيس ان وقت ضرورت محسوس ٿي، جڏهن قومي ٻوليءَ جي نالي ۾ اردوءَ کي هر محاذ تي مسلط ڪرڻ ۽ باقي ٻين ٻولين کي ثانوي حيثيت ڏيارڻ واري خيال سان انهن جي ليکڪن ۽ اديبن کي لالچائڻ ۽ خريد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پئي ويون. جيئن ان ڪتاب جا بہ اکر عنوان هيٺ لکيو ويو آهي: "اڄ بہ ان (سنڌي قوم) جي انيڪ جائز قومي تمنائن سان گڏ، جيڪي اُن جي وجود جي بقا لاءِ لازمي آهن، اُن جي پنهنجي قومي ٻوليءَ جي جائز اُمنگن ۽ حقن کي، ڏٺن وائڙن ڳلٿي ۽ ڏوَنس جي اقدامن سان ڊپائڻ جي ساڳيءَ انهيءَ جارحانہ ۽ قابضانہ پاليسيءَ تي عمل ٿي رهيو آهي. سنڌي اديبن ۽ فنڪارن کي حراصائي، "علاقائي" بي آب و گياهہ پَٽَن مان ڪڍي، قومي سرسبز چراڳاهن ڏانهن نيو وجي ٿو، سگهارن ابلاغي ذريعن پريس، ريڊيو، ٽيليويزن کان "علاقائي" ٻوليءَ کي پريائي ۽ ڏتاري رکڻ ۽ 'قومي' ٻولي کي آئيي مکي وڏو ڪري، ملکن ۽ ماڻهن مٿان مڙهڻ جو ڪم ورتو وجي ٿو. مملڪتي سهوليتن ۽ موقعن کي ادارائي، تنظيمي، تعليمي ۽ پڻ تعليمي دائرن ۾ "قومي" ٻوليءَ جي سلطاني رتبي کي وڌائڻ ۽ مجائڻ لاءِ ڪم آندو وجي ٿو."(جويو، 1985ع، ص 4) قومي ٻوليءَ جي نالي ۾ ڪنهن خاص ٻوليءَ کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ سلطاني رتبي ڏيارڻ واري عمل پويان عمل ڪرائيندڙ قوتن جا ڪهڙا مقصد آهن ۽ ائين ڪرڻ مان ڪهڙا نتيجا ونڻ جي ڪوشش ڪئي وجي ٿي. ان ڳالهہ طرف اشارو ڪندي جويو صاحب ڄاڻائي ٿو تہ اهڙي عمل رستي، "علاقائي"

ٻوليءَ کي نظر مان ڪيرائي ڇڏيو وجي ٿو تہ پل تہ اُها پنهنجي مُنهن مِٺيءَ ۾ ليٽڻندي رهي، هٿراڏو نظرياتي تبرڪات ۽ تعقيدات جي آڙ ونڊي، هڪ ساهيءَ ۾ مذهب کي قوم جو واحد اِساس چئي، 'علاقائي' ٻوليءَ جي نظرداريءَ جو جواز، ۽ ٻيءَ ساهيءَ ۾ ٻوليءَ کي قوم جو ٻيو اِساس چئي، قومي ٻوليءَ جي تقدس جو جواز موجود ڪيو وجي ٿو، ۽ ائين اسين جيڪي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي قومي ٻولي مجون ٿا تن کي خلاف مذهب ۽ ملڪ دشمن، قوم دشمن چئي، تشڪيڪ ۽ ڏوَنس جي نشاني هيٺ رکيو وجي ٿو، تہ جيئن اسين خاموش رهون، پيش پئون ۽ پنهنجي انفراديت، پنهنجي قوميت، پنهنجي انسانيت تان هٽ ڪٽون ۽ معاشري ۾، قومن جي برابريءَ ۾، ڏاڍن جي شڪر- پُريءَ لاءِ نرم نرم ۽ سٽيو گراهہ ٻڌجون." (جويو، 1985ع، ص 5)

اهڙي غلامانہ ماحول پيدا ڪرائڻ واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي جويي صاحب نہ رڳو پنهنجي ڪيل پورهئي، پر سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، افاديت، بقا ۽ بچاءَ جي سلسلي ۾ سنڌ جي ٻين سڃڻن جهڙوڪ

علامہ داودپوٽو، علامہ آءِ.آءِ.قاضي، مولانا دين محمد وفائي، عثمان علي انصاري، مولانا غلام محمد گرامي، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت اجاگر ڪندڙ مضمون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سوال بابت سنڌ جي 57 نامياري اديبن ۽ عالمن پاران سنڌن صحيحن سان جاري ڪيل يادداشت نامو هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان سڄي ميڙي چونڊيءَ جو مقصد بيان ڪندي جويي صاحب لکيو آهي تہ "هن ڪتابچي ۾ 'اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم' جي عنوان هيٺ، پنهنجن خير طلب ۽ دانشمند بزرگن ۽ سڄڻن جي پختي راءِ ۽ نيڪ صلاح پيش ڪئي آهي، تہ اسان کي اها ٻين جي سٽيي گراهہ بڻجي وڃڻ جي قسمت قبول ڪانهي، ۽ ان انڪار ۾ اسين دين، سياست، تعليم، ۽ هر علمي ۽ صالح نظرياتي صداقت سان پوريءَ طرح سچا آهيون ۽ سچا رهنداسين."(34)

سنڌي ٻوليءَ بابت هي دستاويزي نوعيت وارو ڪتابچو سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد طرفان 1985ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(18) فرينچ انقلاب:(ترجمو)

هيءُ ڪتاب، جيئن ان جي نالي مان پڌرو آهي، فرينچ انقلاب جي ڪهاڻي آهي. جيڪا فرانس جي هڪ "هاريءَ" جي واتان ٻڌل آهي."

ارڙهين صديءَ جو فرينچ انقلاب انساني تاريخ جو هڪ تمام وڏو واقعو آهي، جنهن عالم انسان جي سوچ ۽ عمل تي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

جويي صاحب جي لفظن ۾ اهو "انساني قدرت جو هڪ عظيم ڪرشمو، اهڙو ڪرشمو جنهن ۾ بني نوع انسان جي سوچ، ارادي ۽ حوصلي جا جملي ڪرشما سمايل هئا. اهو فرينچ انقلاب جو واقع ٿيڻ سبب ئي هو، جو علم سياست جي تاريخ ۾ فرانس کي، سڄيءَ اوڻيهين صديءَ لاءِ "دنيا جي سياسي تحريڪن جو ملڪ" سڏيو ويو آهي." (جويو، 1990ع ص 8)

اهڙي بنيادي نوعيت واري انقلاب کان پنهنجي ڏيهہ واسين کي واقف ڪرائڻ لاءِ جويو صاحب جي هيءُ شاندار ڪوشش آهي.

فرينچ انقلاب (1789ع) کان لڳ ڀڳ 80 ورهيہ پوءِ ٻن استاد ۽ شاگرد ساٿين، ايمل ايرڪسن (استاد) ۽ ايلگزينڊر چيتريان (شاگرد)، جي گڏيل محنت جو نتيجو آهي، جيڪو سنڌن وطن جي جذبي هيٺ لکيل تاريخي نوعيت وارن ستن ڪتابن جي سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي.

اصل ڪتاب جو انگريزي ترجمو ان جي مترجم سي.جي.هوگارٿ "هڪ هاريءَ جي ڪهاڻي" (The Story of A Peasant) نالي سان ٻن جلدن ۾ ڪيو هو. ان جو پهريون حصو جيڪو چار سَؤ صفحن تي مشتمل آهي، تنهن ۾ ٻہ ياڳا آهن، ان جي پهرئين ياڳي (The States General) جو اسان جي هن بزرگ سنڌي ترجمو ڪيو ۽ ان کي ان جي بنيادي مقصد جي مدِنظر مڪيہ نالو "فرينچ انقلاب" ۽ ٻئي نالي طور (هڪ هاريءَ جي ٻڌايل ڪهاڻي) عنوان ڏنو اٿس. انگريزي چاپي واري پهرئين حصي جي ٻئي ياڳي لاءِ پڻ جويي صاحب پهرئين ياڳي جي اشاعت وقت، ان خواهش جو اظهار ڪيو هو تہ، "هن جلد جو 196 صفحن وارو رهيل ياڳو جنهن جو عنوان (The Country in Danger) "وطن خطري ۾ آهي" اميد تہ هن ئي سال 1990ع اندر پيش ڪيو ويندو، پر ان لاءِ اهو ٻہ امڪان ظاهر ڪيو ويو هو تہ جي صحت رهي ۽ ٻئي ڪنهن اٽڪل جنجهٽ کا رڪاوٽ پيدا نہ ڪئي."(جويو، 1990ع، ص 8) ممڪن آهي تہ ڪتاب جو اهو حصو ٻہ جويي صاحب ترجمو ڪري ڇڏيو هجي، پر هن وقت تائين اشاعت هيٺ ڪونہ آيو آهي. هيءُ ڪتاب نيو فيلڊس پبليڪيشن طرفان 1990ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(19) پاڪستان جو تعليمي نظام:(ترجمو)



سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي. پاڻ سالن جا سال تعليمي ميدان ۾ خدمت ڪندي گذريائون. مختلف ڪتابن لکڻ کانسواءِ ڏگهي عرصي تائين انگريزيءَ ۾ (Sindh Quarterly) نالي رسالو ڪڍي، سنڌ جي علمي، ادبي ميدان ۾ پنهنجي هڪ جداگانه حيثيت حاصل ڪيائون. سندن لکڻين ۾ تعليم کي ئي سڀ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. جڏهن پاڪستان سرڪار جي وزيرِتعليم واري مرتبي تي پهتا، تڏهن انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيائون.

"Education of Pakistan. Some principles And Practices That Should Govern Our Thinking. Action and Decision, An Appeal and a prayer."

ان ڪتاب جي ديباچي ۾، ڪتاب جي اهميت جو ذڪر ڪندي لکيو ويو آهي ته "هيءُ ننڍڙو ڪتاب، جو ڪجهه ممڪن آهي ۽ عمل ۾ اچڻ جهڙو آهي، ان کي نظر ۾ رکي لکيو ويو آهي. آءٌ هي مضمون انهن لاءِ لکي رهيو آهيان، جيڪي اثر وٺندڙ، بي ريا ۽ دردمند دل رکن ٿا ۽ جيڪي سچ پچ اسان جي معاشري ۽ اسان جي قابلِ احترام ديني قدرن جي مستقبل جو اونو رکن ٿا ۽ ان بابت خوفزده آهن." (شاهه، 1990ع، ص 3)

ان ڪتاب جي علمي اهميت کي نظر ۾ رکندي، "پاڪستان جو تعليمي نظام: چند اصول ۽ دستور جن تي اسان جي سوچ، عمل ۽ فيصلن جو انحصار هئڻ گهرجي: هڪ استدعا ۽ التجا" عنوان سان جويي صاحب، محترم حبيب الله صديقيءَ سان گڏجي، شراڪت سان هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1990ع ۾ شايع ڪيو.

(20) مُٺ مُٺ موتين جي:(چونڊ)

محترم محمد ابراهيم جويي صاحب مختلف دوستن جي تعاون سان 1984ع ۾ هفتيوار "هدايت" نالي هڪ نيم ادبي، نيم سياسي قسم جو پرچو، ان مقصد سان جاري ڪيو، ته سنڌ جي وايومنڊل مان، پروفيسر عمر ميمڻ جي لفظن ۾، "جيڪو "انو ۽ ٿُهه" جدا ڪري عوام تائين پهچائي."(جويو، 1992ع، ص 9) يعني ان دور جي حساب سان، سرڪار جي راءِ تي هلڻ ۽ رضامندي حاصل ڪرڻ بجاءِ، هڪ اهڙي ڪوشش ڪرڻ، جنهن ۾ سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ٿي سگهي. ان ڳالهه جي ضرورت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"هي دور ضيا شاهيءَ جو هو، جڏهن ايم.آر.ڊيءَ جي جڏيءَ ۽ قڏيءَ هلچل جي ردعمل ۾ سنڌ جي وسين ۽ واسين، مال ۽ مڏين تي فضا ۾ ڪجهن جا لامارا ۽ زمين تي مرن جا وَڇَ وارو وار لايو بينا هئا ۽ جڏهن زياده تر اخبارون ۽ رسالا ۽ ريڊيو ۽ ٽيليويزن مڪمل طور انسان دشمن ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. (اهڙي ماحول ۾) ڪجهه اهل دل سرند دوستن خيال ڪيو ته سنڌي عوام کي وڌيڪ پختو سياسي شعور ۽ سڪيا ڏيڻ لاءِ ڪو اشاعتي سلسلو شروع ڪجي." (جويو، 1992ع، ص 9)

هي ملڪ مٽان مارشل لا (جيڪا جهڙوڪر هئي صرف سنڌين لاءِ) جو بدترين دور هو، سنڌ جون وستيون واهڻ، جن ۾ ئي سنڌ جو حقيقي روح نظر اچي ٿو، انهن کي اُجاڙڻ ۽ ويران ڪرڻ لاءِ هر قسم جا هيلا هلايا پئي ويا ته جيئن سنڌين کي پنهنجي جداگانه سياسي سوچ (جيڪا به سندن سوچ هئي) رکڻ جي پاداش ۾ اهڙي ته سخت سزا ڏني وجي جو اُهي ڏگهي عرصي تائين اُسري ۽ نسري نه سگهن. قبضي گيريءَ وارن اهڙن ارادن ۽ عملن کي ڏسندي سنڌ جي دردمند شخصن مختلف حوالن سان ڪيئي تدبيرون ڪيون. اهڙن تدبيرن

منجهان هڪڙي تدبير، کو اهڙو پرچو جاري ڪرڻ هيون، جيڪو ان انڌ اونداهه واري دور ۾ ڪو روشنيءَ جو ڪرٽو ڏيکاري سگهي. اهڙي ماحول جي عڪاسي ڪندي جويو صاحب لکي ٿو:

"اسيءَ جي ڏهاڪي تائين ايندي ايندي، ڪن دوستن جي اندازي مطابق ائين پئي ڏٺو ويو، تہ اسان جي تاريخي قوم، اسان جو اشراف پُرامن معاشرو، اسان وٽ تنشي جي اُن "نئين بُت"- اُن بي حس راکاسن مان هڪ سپ کان زياده بي حس راکاس، جيڪو ڪوڙ ۽ بي حسيءَ سان ڳالهائي ٿو."- جي زهريلي نيشن جي پهچ تائين رَسي ويو هو يا رسڻ وارو هو، پوءِ انهن اِهو ارادو ڪيو تہ پنهنجي قومي وجود جي بچاءَ لاءِ اسان جي باخبر ۽ جاڳو حلقن، باشعور اديبن، استادن، صحافين، وڪيلن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين حساس ۽ دردمند طبقن جي هٿان جيڪي گهڻ طرفيون ڪوششون رهيون آهن، انهن ۾ وڌيڪ هڪ نندياڻي ۽ نمائڻيءَ ڪوشش جو به اضافو ڪيو وڃي." (جويو، 1992ع، ص 5)

اهڙي نيڪ ارادي ۽ اعليٰ مقصد جي مدِنظر ڪامريڊ لکاني سيال پاران شايع ٿيندڙ اخبار 'هدايت' جو ڊڪليريشن خريد ڪري 21- جون 1984ع کان ان کي نئين اهتمام (هفتيوار) سان اشاعت هيٺ آندو ويو، اهو سلسلو لهرون ۽ لوڏا کائيندو، ٽڙندو ٽاڙندو 29- نومبر 1984ع تائين وڏي مشڪل سان پنج مهينا هلي سگهيو.

جنهن ۾ وقت ۽ حالتن جي عڪاسي ڪندڙ ايڊيٽورين سان گڏ، عالمي صورتحال ۽ ملڪي صورتحال بابت لکيل ۽ ترجمو ٿيل مضمونن سان گڏوگڏ، ادبي مواد ۽ سوچن کي سگهاري ڪندڙ شاعري پڻ ڏني ويندي هئي. اهو پرچو ان وقت ۽ ماحول جي حوالي سان سماج ۾ سگهاري سوچ رکندڙ هو. اهڙي مواد جي افاديت ۽ اهميت جي مدِنظر، رسالي ۾ شايع ٿيل مواد منجهان چونڊ ڪري جويي صاحب "مُٺ موتين جي" نالي هڪ ڪتاب پيش ڪيو. هن چونڊ ۾ جويي صاحب جا پنهنجا لکيل ست ايڊيٽوريل، ملڪي ۽ عالمي صورتحال تي ٿوَ ترجمو ڪيل ۽ ٻيا ڪجهه لکيل مضمون ۽ ڪي اعليٰ معياري قسم جا شعري ترجما پڻ آيل آهن. باقي هنئين سان هنڌائڻ ۽ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو ٻين ليکڪن جو لکيل ۽ ترجمو ڪيل مواد پڻ هن ڪتاب ۾ جمع ڪري ڏنو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب 1992ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد شايع ڪيو.

(21) سامیءَ جا سلوڪ: (ترتيب)

سنڌ جي صوفياڻي شاعريءَ سان عام طور ۽ شاهه، سچل ۽ سامیءَ جي ڪلام سان خاص طور تي جويي صاحب جو دلي لڳاءُ پئي رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ سندن خيال ۾ برابر شاعر ۽ سچا شاعر تاريخ جا فرشتا سڏيا ويا آهن: تاريخ بني نوع انسان جي ۽ پڻ قومن جي، ۽ فرشتا انهيءَ ڪري، جو هو... ماڻهن کي، ۽ قومن کي خطرن کان آگاهه ڪن ٿا، انهن جي من جا مونجهارا لاهين ٿا ۽ سندن تتل هانءُ ٺارين ٿا، ۽ ان ڏس ۾ انهن لاءِ هو عمل جون راهون روشن ڪن ٿا... خير ۽ ماڻهپي جون، اُميد جون، محبت جون، ۽ قرباني جون- جن تي هلي، اُهي نجات پائين ٿا."(جويو، 1992ع، ص 14)

اهڙن نجات دهنده تاريخ جي فرشتن واري ڏسيل پيغام کي جويو صاحب پنهنجي وس ۽ وت آهر سنڌ جي عوام جي سمجهڻ لاءِ سولو ڪري وقت بوقت شايع ڪرائيندو رهيو آهي. پاڻ اهڙي پلاري ڪوشش پهريون پيرو 1978ع ۾ "شاهه- سچل-سامي" واري ٽ ڪتابائين ايڊيشن شايع ڪرائڻ سان ڪيائين. ان ڪانپوءِ شاهه سائين ۽ سچل سائين بابت مختلف ماڻهن پاران ڪيل ڪافي ڪم پڌرو ٿيندو رهيو، پر سامي صاحب جا محنت لهڻي، تنهن لاءِ کو جوڳو ڪم ڪوٺ ٿي سگهيو. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي، 1992ع ۾ "سامیءَ جا سلوڪ" هڪ ئي باکس اندر بن جلدن ۾ نهايت اعليٰ گيٽ اپ سان شايع ڪرايائين، جنهن جي پهرئين جلد ۾ مهاڳ جي لازمي اکرن ڪانسواءِ، فقط پروفيسر بي.ايچ.ناگراڻيءَ وارا

اڳ شايع ٿيل سلوڪ ڏنل آهن، جن جو ترتيب ڏيندڙ پروفيسر صاحب پاڻ هئو. البت هيو جلد جيڪو ساميءَ جي سلوڪن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو، اهو محمد ابراهيم جويي صاحب نئين انداز سان پاڻ ترتيب ڏنو آهي. اهو جلد ڪلاسيڪل شاعرن جي ٽمورتيءَ (شاهه، سچل، سامي) جي گڏيل اپياس (شاهه سچل ساميءَ هڪ مطالعو، عنوان سان جويي صاحب پاران لکيل) ۽ ساميءَ جي سلوڪن جو اپياس (ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي پاران لکيل) ۽ ساميءَ جي شعري لغات جي اشتقاقي معنيٰ ۽ سمجهاڻي تي مشتمل (ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي جوڙيل) آهي. ان مواد جي اهميت جو ذڪر ڪندي جويو صاحب لکي ٿو ت: "هيءُ پهريون پيرو آهي جو ساميءَ جي لغات کي ائين علمي انداز، اهڙي اهتمام سان پيش ڪيو ويو آهي. جنهن انداز ۽ اهتمام سان استاد محترم ڊاڪٽر ايڇ.ايم گربخشاڻي مرحوم، حضرت شاهه لطيف جي لغات کي (1923، 1924 ۽ 1931ع واريءَ) پنهنجي ٽن جلدائين ايڊيشن ۾ پيش ڪيو هو."(جويو، 1992ع، ص 15)

ساميءَ جي ڪلام جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪندي، جويو صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"دنيا جي ٻين قومن وانگر سنڌي قوم پڻ پاڻ واري آهي، جو هُن وٽ پنهنجا اهڙا (تاريخ جا فرشتا) شاعر موجود آهن، اسان جي ڪلاسيڪي دور جي اُنهن سداحيات شاعرن جي صف اول ۾ 'سامي' جو شمار ٿئي ٿو... ساميءَ جو دل جان سان مطالعو، اوتروئي جيترو شاهه جو ۽ سچل جو ۽ ٻين پنهنجن سڄن شاعرن جو، انهيءَ ڪري اسان لاءِ اول درجي جي قومي فرض ۾ داخل آهي." (جويو، 1992ع، ص 14)

اهڙي مائيدار مواد وارو ۽ جلدائون هيءُ ڪتاب سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران 1992ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(22) خط ۾ ادبين جا



هيءُ ڪتاب جيتوٽيڪ محترم جامي چانديي جو سهيڙيل آهي، جنهن ۾ ٻن ادبين، محمد ابراهيم جويي ۽ عبدالقادر جوٽيجي، پنهنجا ويچار وندايا آهن. جيڪي 1966ع کان 1992ع تائين ٻنهي جا هڪ ٻئي ڏانهن خطن رستي وندايل آهن. ظاهر ڳالهه آهي ته ان سموري مواد جي ميڙا چونڊ جويي صاحب جي ئي ڪيل هوندي، جنهن کي پاڻ سالن بعد منظرِعام تي آڻڻ ضروري سمجهندي، ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرايو. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ رڳو سندن ذاتي تعلقات وارا قصا ۽ ڪهاڻيون نه، پر سنڌ جي سماجي، ادبي ۽ نيم سياسي وايومنڊل جا واقعا پڻ زير بحث آيل آهن.

اهو دور جيڪو سنڌ جي سجاڳي ۽ روشن خياليءَ واري حوالي سان علمي ۽ عملي ڪوششن، جلسن جلوسن، احتجاجن تحريڪن ۾ روح ڦوڪيندڙ، ڏهن ٻيدار ڪندڙ نعرن جو دور هو، جنهن ۾ وٽون وٽون جي ڪائي قلمڪار يڪ آواز ٿي، سنڌ جي سڃاڻپ ۽ وجود واري بحاليءَ لاءِ سرگرم عمل رهيا. باوجود ڪن اختلافي ڳالهين جي، سنڌ جو سوال، انهن لاءِ ڪيڏو نه مقدم هو ۽ ان حوالي سان سندن وچ ۾ ڪيڏي نه هڪ جهڙائي ۽ هم آهنگي هئي. ان ڳالهه جو اندازو ٽرن جي پٽن ۾ واقع ڳوٺ فضل پنيري جي عبدالقادر جوٽيجي ۽ سنڌ جي مرڪز حيدرآباد ۾ وينل محمد ابراهيم جويي پاران هڪ ٻئي ڏانهن لکيل خطن مان بخوبي ٿئي ٿو. خاص طور تي جويي صاحب جي خطن ۾ ان دور واري صورتحال بابت ڏاڍا مٽيادار موتي وکريا پيا آهن. اهڙا موتي، جيڪي پئي پراڻو نه ٿئي وانگر هر دور لاءِ نت نوان سبق سيکارين ٿا. 1968ع جي هڪ خط ۾، هي ڏسو جويو صاحب ڪيڏي عاليشان منظرنگاري ڪري ٿو:

"حيدرآباد جا پنهنجا يار ڪي پنڌ ۾ ۽ ڪي اجا هنڌ ۾ آهن. معاملو ڪٽن آهي، جيڪي اُٽيا ۽ پنڌ پيا تن ڪي شاباس ڇڄي ۽ دعا ڪجي، ۽ جي اُٽڻ ۾ آهن- انهن مان به اُميد نه لاهجي ۽ جيڪي اجا هنڌ ۾ آهن انهن کي پڪاربو رهبو، انهن پوين مان ڪي ڪاوڙبا، ڪي خوش ٿيندا ۽ ڪي پاسو ورائي

مرڳوئي سمهي پوندا. اِهو هن فقيراٽيءَ سنگت جو دستور آهي، ان تي نہ گهٽو عجب کائبو، نہ ڏک کبو ۽ نہ غصو کري ڳالهہ کي مرڳوئي وڃائبو." (جامي، 1999ع، ص 116)

جويي صاحب جا مٿي ذکر کيل سبق آموز جملا اچوکي سنڌ واري صورتحال تي پڻ بنهہ صحيح صادر ٿين ٿا، گوناگون مسئلن وارو هڪ اهڙو سماج جنهن ۾ کي لاپرواهہ هجن، تہ کي مرڳوئي سُتا پيا هجن، سواءِ ان مٿي ذکر کيل "هٽڻ، هکلڻ، ٻيلي سارڻ" واري طريقيڪار اختيار کرڻ جي، ٻيو کري به ڇا پيو سگهجي. اهوئي تہ "مانجهيان مرڪ" آهي جيڪو روا رکڻ ضروري آهي، ان ۾ کو فرق ناهي رکڻو، کائي کوتاهي ناهي کرٽي، سڏن مٽان سڏڙا کندو رهڻ وارو ورد جاري ۽ ساري رکڻو آهي، نيٺ تہ ٽيندو سوجهرو نيٺ تہ ڪٽندي رات.

اهوئي جويي صاحب جو ڏسيل ڏس ۽ کيل کر آهي. اهڙيون ٻيون کيتريون ان دور واري سماجي ۽ ادبي تاريخ جون يادگار سرگرميون هن ڪتاب جي ورق ورق جي رونق آهن.

اهڙا اَمُلهہ واقعا جن بابت سنڌ جي ٻين پڙهندڙن کي پڻ معلومات ملڻ ضروري هئي. ان کري اهڙي مواد جي چونڊ کري هي ڪتاب تيار کرايو ويو، جيڪو 1999ع ۾ سنڌي اديبن جي سهکاري سنگت حيدرآباد طرفان شايع ٿيو ويو.

(23) خَطَ بن اُستادن جا (ترتيب)



هي ڪتاب جويو صاحب جي معتقد سنگرام جو سهيڑيل آهي. جنهن ۾ بن اُستادن (جيئن نالي مان ئي ظاهر آهي) محمد ابراهيم جويو ۽ غلام علي چنا هڪ ٻئي سان خطن رستي ويچار وندبا آهن. جيڪي 1968ع کان 2001ع تائين واري دور تي مشتمل آهن. جويو صاحب، تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو، روشن خياليءَ واري تحريڪ سان وابستہ رهڻ کري کيس سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر دربدريءَ واري حالت ۾ رهڻو پيو. ان دربدريءَ واري دور ۾ جيڪب آباد هاءِ اسکول جي هيڊماسٽر هئڻ وقت کيس هڪ استاد ميان غلام علي چنو ملي ٿو، جنهن سان سندس ايتري تہ پريت ٿي وڃي ٿي، جو پاڻ جڏي به هجي ٿو، اتان اُن سان اڌ ملاقات وارو ناتو بحال ٿو رکي، غلام علي چنو پاڻ به استاد هئڻ جي ناتي جيڪب آباد، سکر، شڪارپور جي مختلف اسکولن ۾ بدلي ٿيندي ٿيندي به وقت بوقت پنهنجي محسن سان خطن رستي رابطي ۾ رهي ٿو، جويي صاحب جو پڻ سندس سان اهڙو شفيقانہ انداز نظر اچي ٿو، جيئن پنهنجي ڪنهن قريبي عزيز سان روا رکبو آهي. اهو پنهنجائپ ۽ عزيزائپ وارو انداز ئي آهي، جنهن ۾ جويو صاحب، ان پنهنجي استاد/دوست کي غير محسوس ٽيندڙ طريقي سان مختلف موقعن تي ڏاهپ وارا ڏس ڏيندي، سندس ذهني تربيت کندو رهي ٿو. اهڙا کيترائي اهجاڻ ڪتاب ۾ جابجا پکڙيا پيا آهن. 1968ع ۾ کوهاٽ مان، چنہ صاحب کي لکيل هي نصيحت آموز جملا پڙهو:

"هيءَ سال سي.ٽي ڪورس پڙهڻ لاءِ جو توکي مليو آهي، تنهن کي زندگيءَ ۾ هڪڙي نعمت کري سمجهہ، هيءَ هڪ اهڙو مفيد موقعو، جو وري وري ماڻهہ ۽ کي حياتيءَ ۾ ڪونہ ملندو آهي، انهيءَ عرصي ۾ توکي رڳو پڙهڻو ئي پڙهڻو آهي ۽ پنهنجي مطالعي سان پنهنجي واقفيت ۽ علميت وڌائڻي آهي. سو مهرباني کري اهو سال نهايت گهٽي کوشش کري، فائديمند طريقي سان گذارج. انهيءَ هڪ سال ۾ جيڪي ڪجهہ تون پرائيندين، سو سڄي عمر توکي کر ايندو، ۽ سڄي عمر تون پنهنجي انهيءَ سال جي پڙهائيءَ کي ياد کندو رهندين، مون کي پڪ آهي تہ تون انهيءَ ڳالهہ جي اهميت سمجهي سگهين ٿو ۽ محسوس کري سگهين ٿو، وقت ۽ موقعي جو قدر کرڻ ۽ ان مان فائدو ونڻ لازم آهي." (سنگرام، 2002ع، ص 11)

جويي صاحب جا چيل اهي ڪيڏا نہ سھٹا ۽ سونهري جملا آهن جيڪي جاڻ حاصل ڪرڻ وارن شائقن جي هر دور ۾ رهنمائي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، دراصل اهوئي جويي صاحب جي محبت جو اثر هو. جنهن محترم غلام علي چني کي هڪ عام استاد منجهان بهترين استاد ۽ ليکڪ واري پد تي پهچائي ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو جويي صاحب جي بقول، "غلام علي چنو جيڪو هڪ استاد آهي ۽ ڪامياب استاد آهي، سو هنن خطن ۾ هڪ 'بردبار' باهمت، دوراندیش ۽ مٽيادار مانجهي مڙس نظر اچي ٿو. هو صاحب انتهائي ناموافق حالتن ۾ به همت، حوصلي، محنت، سچائيءَ، اورچائيءَ ۽ وڏي ولولي ۽ اُمنگ سان اڳتي وڌڻ، ترقي ڪرڻ ۽ سماج ۾ هڪ مانائتو مقام ماڻڻ لاءِ جاکوڙي ٿو. هو ڪٽي به پنهنجي ڪوششن مان نااُميد نہ ٿو ٿئي، بلڪ پوري جوش ۽ جذبي سان پنهنجي نيڪ مقصدن جي حاصلات لاءِ اُدم ڪري ٿو." (سنگرام، 2002ع، ص ط)

هر انسان مٿان سرديون گرميون پيون اچن، زندگيءَ ۾ وقت بوقت ڏک ڏاکڙا ڏسڻا ٿا پون، انهن کي منهن ڏيڻ ۽ اوجهڙ مان نڪري پار پوڻ جي حوالي سان جويو صاحب ڪيڏو نہ سونهري اصول سولن لفظن ۾ ڪيس سمجهائي ٿو.

"جڏهن ماڻهوءَ کي ڪو ڏک ڏسڻو پوي، تڏهن ڪيس ائين سوچڻ ۽ سمجهڻ گهرجي تہ اجا ڏک ڪو ٻيو، هيءُ اهو ڏک ڪونهي. مون اجا اُهو ڏک جيڪو واقعي ڏک آهي، سو تہ ڏٺوئي ڪونهي! ساڳئي وقت ڪيس پاڻ کان وڌيڪ دکي ماڻهن کي ڏسڻ گهرجي ۽ عبرت وٺڻ گهرجي. هر غريب کان غريب ماڻهوءَ، هر دکيءَ کان دکي ماڻهوءَ کي به زندگيءَ جون کي سهوليتون ۽ سک ميسر هوندا آهن، ڪيس کپي تہ پنهنجن اُنهن سهوليتن ۽ سُکن کي سُجاڻي ۽ انهن جو قدر ڪري ۽ ائين به ماڻهو کي سوچڻ ۽ چاهڻ گهرجي تہ شال آءٌ ٻين کي دلاسو ڏيندو رهان بجاءِ ان جي، جو ٻيا مون کي دلاسو ڏين." (سنگرام، 2002ع، ص 7)

اڄ جڏهن جويو صاحب زندگيءَ جا سَوَ سال پورا ڪري رهيو آهي سڏس سندس استاد ۽ عالم هئڻ واري ان وشال زندگيءَ تي جڏهن نظر وجهجي ٿي، تڏهن غلام علي چني جهڙن ڪيترن ئي تربيت يافتہ پڙهيل گڙهيل، باصلاحيت فردن جي وڏي قطار نظر آيندي، جن کي جويي صاحب سکيا ڏيئي، گهڙي گهتي، سماج لاءِ ڪارگر انسان بنائڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي. سندس هي خطن جي ميڙاڪونديءَ تي مشتمل ڪتاب ان جو نمايان مثال آهي، هي ڪتاب 2002ع ۾، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد شايع ڪيو.

(24) A Manual of Sindhi



هن ڪان اڳ (The Sindhi Instructor) واري بيان ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر ٿي آيو آهي تہ سنڌيءَ جي سکيا بابت منشي آنندرام ۽ ڊالومل وارا ڪتاب ڪهڙي پسمنظر هيٺ اڳ تيار ڪرايا ويا هئا ۽ پوءِ ان ئي ساڳي پسمنظر سبب 1970ع ڪان پوءِ، ان جي اشاعت لاءِ ماحول ڪيئن جڙيو، جويي صاحب تي انهن ۾ سڌارا ڪرڻ وارو ڪم رکيو ويو، جنهن محنت ڪري، انهن ۾ گهربل درستيون ڪري پنهي ڪتابن جون پريس ڪاپيون تيار ڪيون، جن مان منشي آنندرام وارو ڪتاب شايع ٿيو، پر ڊالومل وارو ڪتاب رهجي ويو. اهو ڪتاب گهٽو پوءِ، جڏهن اشاعت هيٺ آيو، تڏهن به ان جي نظرثانيءَ جويي صاحب کي ئي ڪرڻي پئي، پر اهو نظرثانيءَ وارو عمل اسان جي هن بزرگ جي ذهني تڪليف جو سبب بنيو. ٿيو ائين تہ ڪتاب شايع ٿيڻ سان نواب ولي محمد جي نوجوان منصور لاکي صاحب ڪاوش ۾ خط لکي، ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي تہ هن ڪتاب تي ڪائي به نظرثاني ٿيل ڪانهي، ايتريقدر جو ان دور واري صورتخطي کي به سڌاريو ڪونہ ويو آهي، ڪتاب ۾ ڪيترين ئي غلطيون موجود آهن، ايتريقدر جو ان دور جي لکيل ڳالهين کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي، يعني اهو جيڪو اڄ ماضي ٿي چڪو آهي، تنهن کي جيئن جو تيئن حال واري لهجي ۾ لکيو ويو آهي. (ڪاوش 3- سيپٽمبر 2003ع) ان جي جواب ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي ترجمان طور مسٽر خالد آزاد وگهيو جي وضاحت بعنوان "تڪراري

ڪتاب جويي صاحب جو نظرثاني" شايع ٿي، جنهن جو لب لباب هئو تہ:

"ڪتاب تي نظرثاني جويي صاحب ڪئي ۽ ان جا پروف پڻ جويي صاحب ئي ڏٺا. ترجمان جي ان ليک جا ٻن نڪتن تي بنياد رکيل هئا. هڪڙو اهو تہ انتظاميہ پاران "نئون ڪورس ترتيب ڏيڻ ۽ جديد دور جي ضرورتن مطابق ان ڪورس کي سي.ڊي تي آڻڻ لاءِ رٿا جوڙي، پر ٻن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ ڪيترن ئي عالمن، استادن ۽ دانشورن سان رابطو ڪرڻ باوجود اهڙي قسم جو نئون ڪورس تيار نہ ٿي سگهيو، انڪري اڳ منظور ٿيل هي ڪتاب آڻڻو پيو ۽ ٻيو نُڪتو خارج ڪيل مواد بابت آهي، جنهن مان ڪجهہ مواد ڪڍڻ جي ذميواري جويي صاحب تي لاڳو ڪئي ويئي، ۽ ڪجهہ مواد اداري پراڻو/ غير ضروري تصور ڪندي خارج ڪرڻ ضروري ڄاتو." (ڪاوش 4- سيپٽمبر 2003ع) ترجمان جو مقصد مجموعي طور تي اهو تاثر ڏيڻ هو تہ اهو ڪم جويي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ ٿيو آهي. ترجمان واري اهڙي وضاحت تي محترم آفتاب ابڙي (هاڻ ڊاڪٽر) "جويي صاحب جي نظرثاني ۽ ٻولي اڻاريءَ جي اڻپوري وضاحت" عنوان سان مضمون لکيو جنهن جا مکيہ نُڪتا هن ريت هئا: "اڻاريءَ پنهنجي تيار ڪيل ڪتابن تان هٿ ڇو ٿي کڻي"، "پروفن جي غلطين ڪري ڪتاب خارج ڪرڻ ڪهڙجي؟" "لفظن جي صحيح صورت لاءِ ڪاميٽي جو قيام"، "مينوئل جي ڇپائي لاءِ غير ضروري منطقي دليل" آفتاب ابڙي واري مٿي ذڪر ڪيل مضمون ۾ لکيل ڪيترين ئي ڳالهيون جائز آهن، پر ان مواد لکڻ جو مجموعي تاثر ان نموني انتظاميہ تي ڇوهہ چنڊڻ نظر اچي ٿو. (ڪاوش 11- سيپٽمبر 2003ع) ان صورتحال ۾ ماهر لسانيات ڊاڪٽر غلام علي الانا، آفتاب ابڙي واري ڪيل تنقيد جي تعريف ڪندي، پنهنجي لکيل ليک ۾ ان ڪتاب کي مُدي خارج ظاهر ڪيو ۽ اداري جي انتظاميہ مٿان اها چارج لاڳو ڪئي تہ سنڌي ٻولي سيکارڻ ۽ جديد گهرجن جو پورائو ڪرڻ لاءِ، سندس اڳ لکيل ڪتابن جي ظاهر نہ ڪرڻ واري مقصد کان اهو ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي. (ڪاوش 23- سيپٽمبر 2003ع) ان ايتري اخباري بحث کان پوءِ بلآخر جويي صاحب کي پڙهندڙن کي، اصل حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ قلم کڻڻو پيو، اهڙي ريت جويي صاحب "1901ع ۾ لکيل سنڌي مئنيوئل جي نئين ڇاپي بابت" عنوان سان ڪافي تفصيل سان وضاحتي مضمون لکيو، جنهن ۾ واضح ڪيائين تہ پاڻ جيڪي ٻوليءَ جا سڌارا ڪيا هئائين، يا مينوئل اندر ڪجهہ وضاحتي مواد لاءِ اڳ لکيل See index وارن لفظن کي حذف ڪرڻ لاءِ لکيو هئائين، ان جي واسطيدار اڻاريءَ وارن پيروي ئي ڪانہ ڪئي، نہ رڳو ايترو، پر ڪتاب جي آخر ۾ ڪجهہ خارج ڪيل (چپيل مان ڦاڙي چڏڻ) مواد واري حقيقت جي اصليت بابت پڻ وضاحت ڪيائين تہ، اهو مواد ڪيس اعتماد ۾ وٺڻ يا رڳو اطلاع ڪرڻ ڪانسواءِ محض ان ڪري چيئرمن صاحب خارج ڪرائي چڏيو هو، جو ڪيس اهو انديشو هو تہ انهيءَ مواد شايع ٿيڻ سان سنڌس نوڪري وڃي سگهي ٿي." انهن خارج ڪيل صفحن تي افسوس جو اظهار ڪندي، جويي صاحب اهو پڻ واضح ڪيو تہ "چپيل ڪتاب جون ٻہ ڪاپيون جيڪي راقم ڏانهن پهرين موڪليون ويون تن ۾ اهي ورق موجود هئا." هاڻ سوال اهو آهي تہ آخر اها ڪهڙي لکت هئي، جنهن سان چيئرمن جي نوڪري پئي ويئي، تنهنڪري ان کي خارج ڪرڻ ٻہ ضروري هو، پر جويي صاحب کي في الحال اهڙي خبر کان بي خبر رکڻو هو. اها ڳالهہ هئي اوائلي سنڌ بابت معلومات، جنهن کي ان دور ۾ سنڌ ملڪ سڏيو ويندو هو. ڪتاب ۾ سنڌ بابت اهو مضمون هن طرح لکيل آهي: "سنڌ ملڪ تي، جو اهو نالو پيو آهي سو هن ڪري تہ سنڌوندي هن مان وهي ٿي سنڌو لفظ جي معنيٰ آهي درياءُ، هي ملڪ هندستان جي اُتر اُلهندي واري ڪنڊ ۾ آهي.... جيڪڏهن هن ملڪ جو مقابلو ٻين ملڪن سان ڪبو تہ..." اهڙي ريت سنڌ کي ان وقت مليل ملڪ واري صورتحال کان ڪن لاتار ڪرڻ خاطر چپيل ڪتاب مان اهي پنا ڦاڙيا ويا. راقم جي خيال ۾ نہ رڳواهي پنا ڦاڙڻ نہ گهرجن ها، پر پراڻي مواد ۾ جيڪا ٻہ نئين صورتحال جي روشنيءَ ۾ تصحيح ڪرڻ ضروري هجي، سواءِ پروفن وارين غلطين درست ڪرڻ ۽ ٻولي ۽ جملن جي بيهڪ کي بهتر

بنائڻ جي، باقي ساڳي رهڻ گهرجي، جيڪڏهن وضاحت ضروري هجي تہ اها حاشيي يا ڪمائن ۾ ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

جويي صاحب جي محنت سان تيار ڪيل ڊالومل جو اهو بنيادي نوعيت وارو ڪتاب اجهو ايئن 2002ع ۾ سنڌي هوليءَ جي بااختيار اداري ڇپائي پڌرو ڪيو.

(25) سڌ پڙاڏو (ترتيب):



هي ڪتاب جويي صاحب ۽ سائين جي.ايم.سيد جي هڪ ٻئي ڏانهن لکيل خطن ۽ جويي صاحب پاران، سائين جي.ايم.سيد جي فڪر ۽ جدوجهد بابت لکيل ڪجهہ مضمونن جو مجموعو آهي. ان مواد کي جويي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ترتيب ڏيڻ جو راقم الحروف کي موقعو مليو. جڏهن 2004ع ۾ سائين جي.ايم.سيد جي سَوَ سالہ جشن ولادت جون تياريون ٿي رهيون هيون. منهنجي ذاتي طور تي اها ڪوشش پئي رهي آهي تہ سائين جي.ايم.سيد جي جن ماڻهن سان خط و ڪتابت رهي يا جن ہ، جيترو ہ، سيد صاحب جي شخصيت يا ڪمن ڪارين بابت مواد لکيو آهي، اهو سمورو مواد يڪجا ٿيڻ گهرجي. مون کي علم ۾ هئو تہ، جويي صاحب وٽ سائين جي.ايم.سيد جا خط ۽ سيد جي لائبريريءَ ۾ جويي صاحب جا خط موجود آهن، ان مواد کي يڪجا ڪري ڪتاب جوڙڻ واري مقصد سان جويي صاحب کي گذارش ڪري، سندن وٽ موجود مواد حاصل ڪيو ويو. ان حوالي سان پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي سائينءَ ڏانهن لکيل خطن ۽ سيد بابت لکيل مضمونن واري مواد تي مشتمل ڪتاب "خط ۽ مضمون" منهنجي سامهون هيون. جيڪو سائين جي.ايم.سيد پاڻ شايع ڪرايو هو. انڪري جويي صاحب واري مواد کي ہ ساڳي طريقي ڪار سان سهيڙڻ واري مقصد سان، مواد هٽ ڪيو ويو. اهڙي ريت هي ڪتاب ٻن حصن، يعني جويي صاحب ۽ سائين جي.ايم.سيد جا هڪ ٻئي ڏانهن خط، ترتيبوار ۽ ٻئي حصي طور جويي صاحب پاران سيد جي فن، فڪر، شخصيت بابت لکيل مواد کي جمع ڪري هي ڪتاب تيار ڪيو ويو. جنهن جي اڳيان سائين جي.ايم.سيد جو، جويي صاحب بابت لکيل ذاتي نوعيت وارو مضمون ۽ جويي صاحب جو سيد صاحب بابت لکيل ذاتي نوعيت وارو خاڪو "سندم ساٿ ڏٺي" شامل ڪيا ويا آهن.

راقم پاران پيش لفظ ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ:

"سيد صاحب سان، جويي صاحب جي خط و ڪتابت جو سلسلو 1941ع کان ملي ٿو، جيڪو ٻنهہ ذاتي نوعيت وارو نظر اچي ٿو. جويي صاحب جو چوڻ آهي تہ پاڻ شاگرديءَ واري دؤر ۾ ڳوٺ جي مسئلن ۽ پنهنجي ذاتي معاملن واري حوالي سان سيد صاحب کي هڪ خط لکيو هئائين، پر اهو خط ڪافي ڪوشش جي باوجود هٽ اچي نہ سگهيو آهي. انڪري سيد صاحب پاران نومبر 1941ع ۾ لکيل خط کي ئي اسين پهريون خط تصور ڪريون ٿا، جنهن منجهان ہ سيد صاحب جي جويي صاحب سان ذاتي نوعيت واريءَ ويجهڙائپ جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. سندن اها قربت ئي هئي، جنهنڪري ٻنهي بزرگن وچ ۾ ٽيل هن لکپڙهہ سان سندن وچ ۾ ڪجهہ ڳالهين واري حوالي سان خيالن ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي ۽ سائين جي.ايم.سيد جي علمي ۽ اشاعتي سرگرمين جو هڪ باب جيڪو جويي صاحب جي جدوجهد سان وابستہ آهي، هن ڪتاب جو ان ۾ نمايان اظهار نظر اچي ٿو." (آزاد، 2004ع، ص 18)

هي ڪتاب 2004ع ۾ سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد پاران پڌرو ڪيو ويو.

(26) املھ هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو (ترتيب):

قومون پنهنجي دانائ ۽ دانشمند شخصن جي ڪردارن سان سجاپجنديون آهن، ۽ شخص پنهنجي حلقہ احباب مان جاتا سجاتا ويندا آهن، تڏهن ئي انگريزيءَ ۾ چون "مئن از نون فرام دي ڪمپني هي ڪيپس". ماڻهو پنهنجي سنگت سان سجاپجي ٿو.

محترم تاج محمد ابڙو، جيڪو پيشي جي لحاظ کان وڪيل ۽ جج هو، اهو نہ رڳو تمام گهڻو پڙهيو لکيو۽ قابل شخص هو، پر ملازمت واري مجبوريءَ هوندي بہ سندس دوستن ۾، جيڪي ترقي پسند ۽ روشن خيال عالم، اديب، سماجي ورڪر ۽ سياستدان پڻ شامل هئا. انهن نامور نالن ۽ سندن شاندار ڪمن تي نظر وجهڻ سان ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي ڪيل اعليٰ دوستاڻي چوند جو اندازو ٿيو وجي. جتي عالمن ۽ اديبن مان ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر درمحمد پناڻ، تنوير عباسي، نورالدين سرڪي، جمال ابڙو، حميد سنڌي، شيخ اياز، سراج ميمڻ، محمد ابراهيم جويو، گوبند مالهي، رشيد پٽي، هري دلگير، پير حسام الدين راشدي ۽ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ شامل هئا. اتي سنڌ ۽ هندُ جي سياسي شخصيتن مان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سوبو گيانچنداڻي، قاضي فيض محمد، رسول بخش پليجو، ڪامريڊ جمال الدين بخاري، حفيظ قريشي، مولوي نظير حسين، ڪامريڊ برڪت علي آزاد، عبدالغفور پرڳڙي، ڪيرت باباڻي ۽ سائين جي.ايم.سيد جا پڻ نالا شمار ٿين ٿا.

جديد سنڌ ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ وارين سياسي، سماجي توڙي ادبي تحريڪن واري حوالي سان اهو مرد مجاهدن جو وڏو وسيع حلقو هو، جنهن جو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو پڻ هڪڙو گمنام سپاهي ٿي ڪر ڪندو پئي رهيو. اهو گمنام عمل ئي سندس حقيقي سجاڻپ هئي، هو پنهنجي ايامڪاري ۾ جيڪي ڪجهہ ڪري سگهيو، ان بابت سندس ساڻي، محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"منهنجي خيال ۾ تاج محمد ابڙو انساني معاشري جي هر پَلان پَل پلمانس وانگر، پنهنجي مثالي زندگيءَ ۾ سڄو شعوري عمر جو عرصو ٽن ڳالهين کان پرهيز ۾ رهيو، ذاتي ۽ گروهي حرص هوس کان، نفرت ۽ وڏائيءَ کان ۽ تاريڪ خياليءَ جي هر مونجهاري ۽ انتشار کان، ۽ خالص ان ٽنهين منفي فڪر ۽ عملي آزار کان آزاد هجڻ سبب ئي سڄو وقت هو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي نجات لاءِ عوام دوست قومي انقلاب جي مقصد سان پوري مهڪمتا سان واڳيل رهيو." (جويو، 2004ع ص 5)

سندس اها جيڪا مقصد تي مستحڪم ٿي رهڻ واري مستقل مزاجي هئي، ان ڪيس زندگيءَ جي آخري حصي تائين سنڌ اندر ترقي پسند ۽ روشن خيال تحريڪ سان سلهاڙي رکيو ۽ پوءِ ان ئي سفر ۾ هلندي جڏهن هو، آخري سفر تي اُسهيو تڏهن سندس حلقہ احباب مان اڪثر ساڻين ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ، اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکيا، جن کي سندس پياري ساڻي محمد ابراهيم جويي "املھ هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو" عنوان سان سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙ لاءِ محفوظ ڪيو. ان ڪتاب ۾ جويو صاحب ڪامريڊ تاج محمد جي سڄي زندگيءَ جو هيٺين شاندار لفظن ۾ تت بيان ڪندي لکي ٿو:

"تاج محمد ابڙو جيئن هو ۽ جيڪو هو، اسان سيني جو دلربا هو، هو سنڌ جو سجاڳ سڄڻ هو، جيئن هن ڪتاب ۾ آيل احوالن مان اوهين ڏسي سگهندا. هن ازل ۽ ابد جي ڪائناتي دنيا ۾ هن ڪي جو وارو مليو، سو پنهنجو وارو هو خوب وڃائي ويو." (جويو، 2004ع، ص 4)

هي ڪتاب 2004ع ۾، نيوفيلڊس پبليڪيشن ٽنڈو ولي محمد حيدرآباد شايع ڪيو.

(27) بقول زرتشت (نظرثاني/تربيت):



عبدالعزيز قنڌاري، حيدرآباد جي آڏواڻي خان جو چشمِ چراغ، مسلمان ٿي هجرت ڪري قنڌار جلاوطن ٿيو، واپس ورڻ کان پوءِ به ياد تازي رکڻ لاءِ قنڌاري سڏائيندو رهيو، ڪيس محمد ابراهيم جويي صاحب جي سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري هئڻ واري ايامڪاري (1954ع) دوران جرمن فيلسوف فريڊرڪ نٽشي جو لکيل هي ڪتاب ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنل هو. جيڪو جويي صاحب جي ڪوشش، محنت ۽ نظرثانيءَ سان 53 سالن کان پوءِ 2007ع ۾ شايع ٿيو. جويي صاحب هونئن ته ڪيترن ئي ليکڪن ۽ ترجمہ نگارن جي مسودن کي سنواري سڌاري اشاعت هيٺ آندو، پر هتي صرف اهڙن ڪتابن جو ذڪر جويي صاحب جي ڪاتي ۾، محض انڪري آني رهيو آهيان جو هن ڪتاب جو مترجم 54 سال اڳ وفات ڪري ويو. ايترو عرصو گذرڻ ۽ ايترا سال سندس مسودو پريس (لوهي پريس) ۾ رُلڻ جي باوجود جويي صاحب جي خاص توجهہ سان ئي، هي ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي سگهيو آهي، جڏهن ته هتي اهو فيشن ٿي ويو آهي، وڏا وڏا نالي وارا عالم، جن کي ڪن اسان جهڙن ليکڪن جا مسودا نظرثاني لاءِ مليا، ته معموليءَ تبديليءَ سان اهي پنهنجي نالي شايع ڪرائي ڇڏيائون، وڏو ڇيهہ ته اندر پنهنجي پيش لفظ ۾ ان لکندڙ جو مددگار طور ٽورائتو هئڻ وارو حوالو ڏيئي ڇڏبو. جويي صاحب هن ڪتاب کي ڪيئن بچايو ۽ محفوظ ڪري پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، اها به هڪ يادگار ڪهاڻي آهي، جيڪا سندس زباني اوهان به ٻڌو:

"ڪتاب جي هن سنڌي ترجمي جي آخرڪار شايع ٿيڻ جي به هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. 'ان جو ڪجهہ ذڪر مترجم [عبدالعزيز قنڌاري] جي ڏنل مهاڳ جي احوال ۾ موجود آهي، ٽورن لفظن ۾، هڪ مرحلي تي قنڌاري مرحوم جي سنڌي ترجمي ۽ مهاڳ وغيره جو مسودو (جيترو به ۽ جهڙو به هو) جهوني پراڻن ڪتابن واري هٽ گاڏي مان ئي دستياب ٿيل آهي. 1954ع ۾ ڪتاب جي ترجـ ي جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جو سونهيل، مسودي جي اڻپوري هجڻ سبب فوري طور چپجي نہ سگهيو، ترب ي اُتان راقم جي تبادلي ٿيڻ ۽ مترجم جي وصال کان پوءِ مسودو وارثن پنهنجي حوالي ڪيو. ڪافي ڪن سالن کان پوءِ اتفاق سان دستياب ٿيل اُهو مسودو دوست مڪرم ميان احمد مالڪ سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال پونگالين، حيدرآباد کان ڦري راقم وٽ پهتو. ڇپائيءَ لاءِ مسودي جي ايڊيٽنگ ۽ ٻئي اُن جي رهيل ڪم جي پورائي کان پوءِ وارثن جي مرضيءَ سان ان جي ڇپائي شروع ٿي ۽ ڪجهہ ئي مدت ۾ پوري ٻه ٿي. وڌيڪ افسوس جي صورت اُتان کان 2006ع تائين اِها رونما ٿي ته ڇپيل ڪتاب جا فارم بائينڊر وٽ پيا پُرندا ۽ سڙندا رهيا. ڪجهہ مهينا ٿيا ته بائينڊر جي منٽن ۽ راقم جي تحرڪ سان روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سان ڳالهين ۾ طئي ٿيو ته ڪتاب جا رهيل فارم هٽ ڪري، ڪتاب جي اشاعتي ڪم جو باقي بندوبست بنان نفعي ۽ نقصان جي بنياد تي عمل ۾ آندو وجي.... (اهڙي ريت) هڪ ٻہ سال گهٽ پوريءَ اڌ صديءَ کان پوءِ نٽشي جي هن انمول ڪتاب جي اڌ ترجمي جي ڇپيل ۽ جُلد بند ڪتابي صورت ۾ هيءَ پيشڪش ممڪن ٿي سگهي." (قنڌاري، 2007ع، ص 11 /16)

اهو آهي جويي صاحب واري ڪيل محنت جو داستان، هن بزرگ پاران ڪيل اهڙي ڪوشش جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ علامہ آءِ.آءِ.قاضي جهڙن جڳ مشهور عالمن پاران پسند ڪيل، هڪ ٻئي جڳ مشهور عالم جي هن بي بها ڪتاب کان سنڌ وارن کي واقف ڪرائڻ واري ان 53 سال اڳ شروع ڪرايل محنت جو بلآخر ڪتابي شڪل ۾ نتيجو نڪتو ۽ سنڌ واسين کي ان مان لاپ پرائڻ جو موقعو مليو.

اهو ڪتاب 2007ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو شايع ڪيو.

(28) سنڌ سنڌي بولي ۽ سنڌي شاعري [آڪاڏو دور] (ترتيب)



مون کي 2001ع ۾ سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرر طور مقرر ڪيو ويو. شعبي مان شايع ٿيندڙ سالياني جرنل "ڪينجهر" ڪيتري عرصي کان ڪونہ پئي نڪتو. ڊاڪٽر هدايت پريم شعبي جو سربراهہ هو، جنهن منهنجي دلچسپيءَ جي مدِنظر پرچي جو ڪر منهنجي حوالي ڪيو. مون ان ڪر کي پنهنجي لاءِ پرک تصور ڪندي جوش جذبي سان، محنت ڪري ڪر ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ سال اندر 406 صفحن تي مشتمل ڪينجهر آڻ وارو پرچو تيار ڪري ورتو. اردو شعبو سنڌ يونيورسٽي مان نڪرندڙ پرچو "تحقيق"، منهنجي اڳيان هو، جنهن جي تقريباً هر پرچي ۾ ڪنهن عالم اديب جي مواد جو گوشو (Section) ڏيئي پرچي کي وڌيڪ سگهارو بنايو ويندو آهي. مون ب ان خيال سان هن پرچي کان، ساڳيو طريقي کار اختيار ڪندي، سنڌي شعبي جي اڳوڻي استاد لوڪ ادب جي نامور عالم مرحوم محرم خان وگهامل جي مواد ڏيڻ سان شروعات ڪئي. سندس مواد کو گهڻو ڪونہ هو، پر سنڌ، سنڌي بولي ۽ سنڌي شاعريءَ جي آڳاڻي دَورُ واري حوالي سان ان جي وڏي اهميت هئي، مون چاهيو پئي تہ اهو سمورو ٽڙيل پکڙيل مواد يڪجا ٿي وڃي، جنهن جو آڌ گهڻو حصو گڏ ڪري، ڪمپوز ڪرائي ويو هئس. صرف چند مضمون هٿ ڪرٽا هئا، جو وڌيڪ ڳولا ڦولا ڪرڻ کان اهو چئي منع ڪئي ويئي تہ هڪڙي شخص جو ايترو مواد ڪونہ ڏيو آهي. بهرحال پوءِ ب آڌ پروفيسر محرم خان واري حصي لاءِ 222 صفحن جو مواد گڏ ڪري چڪو هوس. جنهن کي ٻئي مواد سان گڏ 2002ع ۾ 406 صفحن تي مشتمل ڪينجهراڻ طور سنڌي شعبي پاران پٽرو ڪيو ويو. آڌ جيئن تہ شعبي جي حوالي سان (علمي حوالي سان نہ) جونيئر هوس انڪري مون سان ان ڪر ۾ جيڪي مهربان مددگار هئا، انهن طرفان مدد ڏيڻ بجاءِ، صرف حڪمن جي بجا آوريءَ جي اميد رکي پئي ويئي، سا ب اها تہ منهنجو ڪر صرف پورهيو ڪرڻ هو. منهنجو نالو هجي يا نہ هجي؟ يا ڪائي هجي، ان تي مون کي خاموش رهڻو هو. چاڪاڻ تہ آڌ شعبي مان پگهاردار هوس، پر مان ائين ڪري ڪونہ سگهيس، مون کي جيڪا ڳالهہ صحيح سمجهہ ۾ آئي، (جن مان اڪثر ۾ سينئرن جون صلاحون ب شامل هيون) ان جي روشنيءَ ۾ پرچي کي آخري شڪل ڏيئي شايع ڪرائي ڇڏيو. شعبي جي تاريخ ۾ اهڙي نوعيت جو پهريون ۽ آخري پرچو هو، سيني واهہ واهہ ڪئي، پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ منهنجي ڪر ۽ طريقي کار بابت سُسُ پُسُ ٿيڻ لڳي، ايندڙ پرچي جي تياريءَ کان روڪيو ويو. بار بار پڇڻ جي، سبب ب ڪونہ ٻڌايو ويو، اها مهرباني ڪنهن ڪئي، ڪنهن ڪرائي، سا ڳالهہ اڄ تائين راز ئي پئي رهي آهي.

مون جيڪو پروفيسر محرم خان لاءِ ڪر ڪيو هو، ان سان ٻيو رهيل مواد ملائي، ڪتاب تيار ڪرڻ جي تياري شروع ڪري ڏنم تہ ڪجهہ عرصي بعد معلوم ٿيو، تہ پروفيسر محرم خان واري مواد تي مشتمل ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران اڇي رهيو آهي. ائين هڪ ڏينهن ساڳي (ڊيمي) سائيز ۾ 276 صفحن تي مشتمل ڪتاب پٽرو ٿي آيو. جنهن لاءِ جويي صاحب کان تعارف طور ب اکر لکرايا ويا. جيئن پاڻ آخري پيرايي ۾ لکي ٿو:

"ايڏي پريل ۽ پُرسڪون دل واري پنهنجي وڇڙيل دوست محرم خان ۽ سندس هيرن ۾ تورڻ جهڙي ڪتاب بابت هي تعارفي ب اکر لکي سگهيو آهيان." (وگهايل، 2007ع، ص 12)

اهڙي ريت ڪتاب تہ چپجي ويو، پر ڪنهن کي ڪينجهر وارو ٽيل ڪر ڪُنڊيو پئي، ان ڳالهہ جي مدِنظر ويچاريو ويو تہ ڪتاب تي مرتب طور ڪنهن اهڙي پاري پَرکر شخصيت جو نالو ڏنو وجي، تہ جيئن ڪنهن کي ڪيڙ جي ڪائي گنجائش نہ رهي. اهڙي طرح منهنجي پنهنجي مهربانن جي ڪوششن بلآخر رنگ لاتو ۽ ڪتاب جي ٽائيٽل ڪارڊ تي (اندرئين ٽائيٽل تي نہ) مرتب طور جويي صاحب جو نالو ڏيئي ڪتاب پٽرو ڪيو ويو. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جام شورو 2007ع ۾ شايع ڪيو.

(29) پيارُ نِبارُ ۽ آتاهُ (ترتيب)



جويي صاحب زندگيءَ جي طويل عرصي ۾ اڪيچار شاگردن کي سيکنبري اسکول کان ٽريننگ کاليج واري تعليم تائين تربيت ڏني. سندس انهن اڪيچار شاگردن منجهان کي چند اهڙا هونهار شاگرد آهن، جن کي سندن خوبين ۽ خاصيتن کري پنهنجي هن محسن استاد، دوست وارو درجو ڏنو. يارمحمد ابن حيات پنهور اهڙن سُلجهڻ شاگردن مان هڪ هو، جيڪو ٽريننگ کاليج حيدرآباد واري دور ۾ سندس ڪلاس جي سيني شاگردن ۾ هوشيارپ جي ڏاڪ جمائي چڪو هو. اهڙي شاگرد سان جويي صاحب جي لکپڙهه 1952ع کان شروع ٿي، جيڪا 1991ع تائين هلي. اها لکپڙهه مٿي ذکر ڪيل عنوان هيٺ، هڪ ٻئي ڏانهن 'خط استاد ۽ شاگرد عرف ٻن دوستن جا' جهڙي وضاحتي عنوان هيٺ جمع ڪئي ويئي آهي. لفظ دوست جنهن جي اهميت ۽ افاديت جي سمجهاڻي، جويي صاحب جي هڪ ٻئي دوست سنگرام هينئين جملن ۾ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو:

"پنهنجي پياري دل گهرئي دوست کي ڪنهن ماڻهوءَ چيو ته "يار آءٌ توکي پنهنجو پاءُ ٿو سمجهان!" دوست چيس: "پاڻ ته سڏ دوست آهيون، پوءِ هيءَ تبديلي چو؟" هُن وراٽيس: "دوست هڪ نه ته ٻيو ملي ويندو آهي، پر پاءُ جي نه هوندي پاءُ مشڪل ٿو ملي!" دوست چيس: "ائين ته پاءُ جو ملڻ مشڪل ئي نه، پر ممڪن به ڪونهي؟ ٻيو ته پائرن ۾ وڏ ننڍائي به ٿئي ٿي! دوستيءَ ۾ ائين نه هوندو آهي، مان پانيان ٿو ته دوستيءَ کي تو سمجهيو نه آهي. منهنجي هڪڙي استاد لفظ 'دوست' کي پيڄي ان جي معنيٰ مون کي سمجهائي هئي ته دو+ست- ستيه- سڄ، معنيٰ ٻن سچن جو ميلُ، ٻن سچائين جو سنگُ، يا ساٿ."(ص الف)

مٿي ذکر ڪيل مفهوم جي مدِنظر جويي صاحب جا ڪيترائي اهڙا معتقد ۽ پوئلڳ شاگرد آهن، جن کي پاڻ دوست وارو درجو ڏيئي، انهن کي سچائين وارا ڪيئي سبق سمجهايا آهن. ابن حيات پنهور جنهن جي اندر ۾ تڙپ ته اڳ ئي موجود هئي، ان کي جويي صاحب واري صحبت وڌيڪ جلابخشي ۽ پوءِ انهن ٻنهي سچائين هڪ ٻئي جي سهڪار سان ڪيئي شاندار ڪارنامه سرانجام ڏنا. جن جي يادين سان هن ڪتاب جا ورق پريا پيا آهن. ون يونٽ واري دور جون قلمبند ڪيل اُهي ياديون، ان دور جي ڪيترن تحريڪن ۽ تنظيمن بابت ايندڙ دور جي محققن لاءِ ڪارگر مواد مهيا ڪري سگهن ٿيون. ون يونٽ کان اڳ 1952ع ۾ جويي صاحب پاران ابن حيات کي لکيل هينئيان جملا پڙهو:

"اوهان جون موڪليل 15 ڪاپيون "پرهه ڦُٽيءَ" جون، هڪ ڪاپي زير طباعت "ڊان ويسٽ" جي ۽ هڪ ڪاپي زير طباعت "چار داڻا"، جي ۽ چار صفحا زير طباعت "ماڻهو ۽ ڌرتيءَ" جا ڪالهه مليا. هيءُ سمورو مواد ڪالهه ئي پڙهي پورو ڪيم. "چار داڻا" جو ترجمو ۽ ان جي هولي نهايت سهڻي ۽ مناسب آهي. اوهان کي ان لاءِ جيترين مبارڪون ڏجن اوترين ٿوريون." (جويو، 2008ع، ص 60)

مٿئين حوالي مان ان ڳالهه جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو ته جويو صاحب پنهنجي هن (ابن حيات پنهور) ۽ ٻين ڪن دوستن معرفت ڪِن علمي ڪمن جي سرانجاميءَ ۾ مصروف هو، انهن ڪمن جو جيترو به ڪر ٿيو پئي، اوتري مواد کي جويي صاحب ڏانهن موڪليو پئي ويو. جنهن تي پاڻ سندن ڪيل ڪر جي ساراهه ۾ اهڙا جملا لکيا اٿن. پر اهي جملا رڳو تعريف تائين محدود ڪونهن، پاڻ ڪيترن ئي جاين تي دوستن جي تربيت لاءِ تنقيد پڻ هن طرح ڪري ٿو:

"ڊان ويسٽ جي طباعت نهايت صڪمو ڏيندڙ آهي، انگريزي لفظن جي انگريزي صورتخطي ته هڪ حالت ۾ به صحيح نه ڏني ويئي آهي، ان کان ته ڏنگين ۾ انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ ڏجن ها ته وڌيڪ بهتر هو. پروف ريڊنگ تي جيترو توجهه ڏيڻ کپندو هو، اوترو نه ڏنو ويو آهي." (جويو، 2008ع، ص 60)

اشاعت ۾ طباعت واري حوالي سان، اهڙي نوعيت جون ڪيئي صلاحون ۽ هدايتون، نظر اچن ٿيون. جن ۾ ماڻهن ورهاڱي ٿيڻ وارن انهن ابتدائي ايامن ۾، جڏهن افراتفريءَ وارو ماحول هو، جويي صاحب جي رهبريءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان نِتُ نئين انداز سان پئي سوچيو ۽ حال سارو ڪم ۾ ڪيو پئي، انهن جس لهڻو. هن پنڌتي پيل معاشري ۾ هڪ استاد جي ڪيتري پگهار هوندي ۽ ان کي ڪيترن معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو هوندو، ان جا هن مواد ۾ ڪيئي مثال موجود آهن. پر جويي صاحب هڪ دوست جي حيثيت ۾ ابن حيات پنهور کي ڏکين معاملن ۾ ڪيئن دلداري ڏني ۽ سندس سهارو ٿيو، ان جا پڻ هن مواد ۾ ڪيئي آثار نظر اچن ٿا. ابن حيات پنهور جي شريڪ حيات ۽ ماسترياڻي هئي، ڪيس نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڪيئي تڪليفون ملن ٿيون، تہ ابن حيات ان حوالي سان ۽ جويي صاحب سان حال اوريندو ۽ صلاح مصلحت ڪندو رهي ٿو. اهڙين حالتن ۾ جويو صاحب ڪيس لکي ٿو:

"بهرحال اوهين کوبہ خيال نہ ڪريو، اهڙيون حالتون زندگيءَ ۾ ايندیون ئي رهنديون آهن، جيڪي اڄ مخالف آهن، سي ئي سياڻي موافق ۾ اچي ويندا. اوهان جي وڌيڪ احوال جو انتظار اٿم. پوءِ اوهان کي مفصل طرح لکندس... اوهان خاطري رکندا تہ اهي ناسازگار حالتون گهٽو وقت جٽاءُ نہ ڪنديون. ضرورت فقط آهي معاملن کي همت ۽ جوانمرديءَ سان مُنهن ڏيڻ جي." (جويو، 2008ع، ص 99)

جويو صاحب جن دوستن سان مخاطب ٿو ٿئي، خاص طور تي اُن حالت ۾ جڏهن پاڻ سزا طور سنڌ کان ٻاهر ڪوهاٽ ۽ لاهور جا چڪر ڪاڻيندو پئي رهيو، تڏهن بہ دوستن جي سار لهندي، کين پيون دلداريون ڏئي، همٿون پيو ٻڌرائي، هڪ اهڙي ڪوچوان وانگر جنهن جي سڄي ٽيم تي نظر هوندي آهي، رسول بخش پليجي جي ايڪسڊنٽ جي ڪيس ڪوهاٽ ۾ خبر ملي ٿي، تہ ان لاءِ ابن حيات پنهور کي لکي ٿو:

"وٽس وڃج ۽ ڪيس منهنجي پاران پڇج، ڪيس ڇڄ تہ جيڪي ٽيڻو آهي سو تہ ٽيندو، پر جيڪو ڪرڻو آهي سو تہ اڃا رهيو پيو آهي. ان لاءِ پاڻ کي جيئڻو آهي ۽ سيڪجهہ سهڻو آهي. پاڻ ايڏا سستا نہ آهيون جو ائين ضايع ٿي وڃون." (جويو، 2008ع، ص 234)

يا غلام رباني‌ءَ بابت ڪائي اٽوٽندڙ خبر ڪيس پهچي ٿي تہ ان لاءِ بہ لکي ٿو:

"ڪيس ڇڄ تہ دل هارڻ جي ڳالهہ ڪانهي، جيون ۾ مومل آهي تہ ان جو ڪاڪ محل جُڙي بہ سگهندو تہ ماڻي بہ سگهبو. مقامات آهہ و فغان اور پي هين." (جويو، 2008ع، ص 235)

اهڙي طرح نہ رڳو سنڌ جي سماجي ۽ ادبي پر سياسي معاملن تي پڻ سندس گهري نظر آهي، پر ان بابت وڏي هوشياري ۽ دانائيءَ سان خيالن جو اظهار ڪري ٿو. 1970ع واري اليڪشن جا سانباها پئي ٽيا، ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جمهوريت ۽ اسلامي سوشلزم واري نعري سان اڳتي وڌي رهيو هو، ماڻهن جي هشامن دمبها پئي هنيا، اهڙي ماحول ۾ ڪوهاٽ ۾ وينل فيبروري 1969ع ۾ جويو صاحب لکي ٿو:

"سيارو پورو ٿيو، بهار منهن ڪڍيو آهي، ڏسجي تہ اهو بهار اسان جي چمن ۾ بہ ڪا بهار آڻي ٿو يا نہ؟ جمهوريت جي دعويدارن وٽ سنڌ جو بہ ڪو وزن آهي يا نہ، پر بيڪ گهرڻ سان بہ ڪٽا ئي ملن ٿا، جيئڻ جو حق خصوصاً همت ۽ حوصلي سان ئي ملي ٿو." (جويو، 2008ع، ص 236)

اهڙن ڪيترن ئي سماجي، ادبي ۽ سياسي غور ويچار لائق گفتن جو هي مجموعو 2008ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊياري شايع ڪيو.

(31) آپ بيتي جڳ بيتي (نظرثاني):



محمد ابراهيم جويي صاحب، جڳ مشهور عالم پير حسام الدين راشدي کي، هڪ هنڌ پورهيت اديب ڪري رکيو آهي. يقيناً لکڻ ۾ هڪ پورهيو آهي ۽ پير حسام الدين راشدي جهڙي مدرسي ۾ ۽ چار سبق پڙهيل کي ته عالمي شهرت يافته عالم واري درجي تي پهچڻ لاءِ وڏو پورهيو ڪرڻو پيو هوندو، پر اسين جڏهن جويي صاحب جي ڪيل پورهيي تي نظر وجهون ٿا ته پاڻ ۾ پورهيت اديب ۽ عالم نظر اچي ٿو، جنهن نه رڳو لکيو، ترجما ڪيا، پر سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي مختلف علمن سان مالامال ڪرڻ واري مقصد سان ٻين آڏ ڳڻين ماڻهن جي مواد کي سنواري سُڌاري، سينگاري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي پريو، اهڙن ڪيترن ئي مثالن منجهان نامور عالم ايم.ايڇ پنهور جي لکيل سوانح عمري، جنهن کي پاڻ "آب بيتي- جڳ بيتي" جهڙو وسيع عنوان ڏنو هئائين، اهو ڪتاب پڻ شامل آهي. پنهور صاحب يقيناً وڏو عالم هو، پر هن سڄي زندگي لکيو پڙهيو انگريزيءَ ۾، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي چواڻي ته، "پنهور صاحب سوچيندو به انگريزي ۾ هو." ايڏي پايي جي عالم زندگيءَ جي آخري ايامن ۾ آپ بيتي لکڻ شروع ڪئي، سندس چوڻ هو ته، ماڻهو جنهن دنيا ۾ جمي وڏو ٿئي ٿو، ان جي زندگي دنوي ماحول کان ڏار ڪجهه به ڪونهي. انڪري کنهن جي زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ ان جي آسپاس واري ماحول جو مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ان ڳالهه جي مدِنظر پاڻ پنهنجي سوانح عمري، مٿي ذکر ڪيل عنوان سان لکڻ شروع ڪيائين. مواد ڏاڍو لاجواب، پر پنهور صاحب جنهن عمر جي حد ۾ اها لکڻ شروع ڪئي، ان ۾ صرف 412 صفحا لکي سگهيو، جيڪو سندس گهڻ رُخي علمي ۽ عملي زندگيءَ بابت اٿپوري معلومات مهيا ڪري ٿو. پنهور صاحب جو اهو انگريزيءَ ۾ لکيل مواد محترم حاڪم علي شاهه بخاري ترجمو ڪيو. بخاري صاحب وڏو آرڪيالاجسٽ آهي، ان ميدان ۾ سندس شاندار ڪم ٽيل آهي، پر پنهور صاحب جو هي مواد، سندن لاءِ نئون ڪم هو، پر پاڻ کين انڪار ڪري نه سگهيو، انڪري ڪم ته ڪري ورتائين، پر سندس خيال هيو ته "ان ڪتاب جي سڃاڻ ۽ جوڙجڪ، پيچيدگي ۽ فني هئڻ ڪري ترجمي واسطي مون لاءِ ڏاڍو اهنجو هو، ترجمو اوهان جي اڳيان آهي، گهٽ ڄاڻ ۽ ناتجربيڪاريءَ سبب ان کي ڪو خاص ادبي روپ ڏيئي نه سگهيو آهيان." (بخاري، 2008ع ص ix) بخاري صاحب وارن مٿي ذکر ڪيل خدشن جي مدِنظر، ڪتاب شايع ڪندڙ دوست ظفر جوٽيجي، ان مواد جي نظرثانيءَ وارو ڪم سائين جويي صاحب جي حوالي ڪيو، جنهن پنهنجي روايتي طريقي سان مواد کي چنڊي ڦوڪي سهڻو ۽ سيبتو بنائي، پڙهندڙ لاءِ لطف ڏيندڙ ٻوليءَ ۾ تبديل ڪري، قارئين جي هٿن تائين پهچايو. نه رڳو ايترو پر ان مواد لاءِ پاڻ پنهنجي مخصوص فڪر جي روشنيءَ ۾ عالمانه نوعيت جا پيش لفظ پڻ لکيائين، جنهن ۾ سنڌ جي غلام ٽي وجڻ ۽ ان مان نڪرڻ واري وارتا طرف اشارو ڪرڻ کان پوءِ لکيو اٿس.

"محمد حسين پنهور جي زندگيءَ جو سڄو ڪردار سندس هن آتم ڪهاڻيءَ سميت سرزمين سنڌ کي پنهنجيءَ تاريخ جي اُن رهيل پيشقدميءَ جي تياريءَ لاءِ مفيد ڪارج جو ڪم ڏيندو، اِها مون کي اميد آهي." (بخاري، 2008ع، ص xiii)

پنهور صاحب جي لکڻ واري مخصوص انداز ۽ مواد جي بيهڪ بابت خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو: "هن ڪتاب ۾ 105 ماجرائون بيان ڪيل آهن، جن کي مختصر ڪهاڻيون، افسانا يا مضمون به چئي ٿو سگهجي، ايڏي ادبيانه ۽ رومانوي رنگ ۾ اهي بيهاريل آهن! ليڪڪ طرفان هرهڪ ماجرا مان اعليٰ نتيجا ۽ سبق اخذ ڪيل آهن، اهڙا جيڪي سڀ سنڌ وطن ۽ سنڌي قوم جي نئين جاڳرتا جا زوردار سڏ ۽ معتبر وسيلا شمارجي سگهن ٿا ۽ ثابت ٿي سگهن ٿا." (بخاري، 2008ع، ص xiv)

هن ڪتاب جي مواد تي جويي صاحب پاران ڪيل پورهيي طرف اشارو ڪندي، پبلشر محترم ظفر جوٽيجو لکي ٿو:

"محمد ابراهيم جويي صاحب ۾ دفعا پروف پڙهيا ۽ سڄي مواد جي نظرثاني سان گڏ اصل ڪتاب سان ۾ پيٽيو." (بخاري، 2008 ص xix)

هي ڪتاب 2008ع ۾ فينڪس بوڪس ۽ ايم.ايڇ پنهور ٽرسٽ حيدرآباد شايع ڪيو.

(31)SINDHUDESH-TH CASE YET TO SETTLE :(ترجمو)

سائين جي.ايم.سيد جي علمي، ادبي ڪنهن حد تائين سياسي معاملن ۾ پڻ جويي صاحب جو سندن سان سهڪار پئي رهيو. اها ڳالهه ڪنهن ۾ ڍڪيل ڳڙهيل شخص کان ڳُجهي ڪانهي. جويي صاحب طرفان، سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل هي ڪتاب سائين جي.ايم.سيد جي ڪتاب 'سنڌوديش چو ۽ چا؟' جو ترجمو آهي. جنهن جي پهرين چاپي (1974ع) جو نالو "A NATION IN CHAINS- SINDHU DESH" رکيو ويو هو. ان وقت جي نامور آرٽسٽ گل محمد ڪتري عنوان جي روشنيءَ ۾ ان جو بهترين ٽائيٽل پڻ تيار ڪيو هو. ڪتاب پاڪستان کان ٻاهر (؟) شايع ٿيڻ ڪري اهو ٽائيٽل ۾ شايع ٿيڻ کان رهجي ويو ۽ ڪتاب جي ڇپائيءَ تي جوگو توجهه نه ڏيڻ ڪري، ان ۾ اڪيچار نوعيت جون غلطيون پڻ رهجي ويون. ڪتاب شايع ٿيڻ بعد ان جون ڪجهه ڪاپيون جويي صاحب کي پڙهي درست ڪرڻ لاءِ ڏنيون ويون، انهن مان هڪ ڪاپي جويي صاحب پنهنجي پياري شاگرد، مسٽر الطاف قادريءَ کي ڏني هئي. سالن گذرڻ بعد جڏهن جويي صاحب سان ڪن دوستن اهو ڪتاب ٻيهر شايع ڪرڻ واري خواهش جو اظهار ڪيو، تڏهن ان جي هڪڙي ۾ ڪاپي سندن وٽ موجود ڪانه هئي، هڪ پيري جويي صاحب، ڪتاب جي ٻيهر شايع ٿيڻ واري خواهش جو اظهار ڪيو، ڳولا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اتفاق سان جويي صاحب جي قلم سان اهڙيءَ درست ٿيل ڪاپي، سائين جي.ايم.سيد جي لائبريريءَ ۾ پڻ ڪانه آهي. ان دوران خبر پيئي ته محترم الطاف قادري وٽ جويي صاحب واري درست ڪيل ڪاپي موجود آهي، سندس ڪان معلوم ڪرڻ تي پاڻ ٻڌايائين ته اها ڪيس جويي صاحب وٽان ئي حاصل ٿي هئي. اها ڪاپي قادري صاحب ڪان حاصل ڪري جويي صاحب کي پهچائي ويئي، جنهن کي هڪ پيرو ٻيهر اصل سنڌي چاپي سان پيٽا ڪري، جويي صاحب نئين پريس ڪاپي تيار ڪري ورتي اهڙي طرح اهو ڪتاب سڌاريل سنواريل نت نئين نالي "Sindhudesh the case Yet to Settle" سان شايع ٿيو. هن چاپي تي ترجمانگار طور جويو صاحب جو نالو ۾ لکيل آهي ۽ پاڻ ان جو Forword پڻ لکيو اٿن، هي ڪتاب 2010ع ۾ انڊس اڪيڈمي ڪراچي شايع ڪيو.

(32) مارئي، مارُوءِ ملير(ترجموءِ ترتيب):



بينظير صاحبه جي بي دردانه قتل سبب، سندس نالو سنڌ جي سڃاڻپ طور مشهور ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته باوجود وفاق جي زنجير هئڻ جي، ڪيس محض انڪري قتل ڪيو ويو، جو هوءَ سنڌ جي سڃاڻپ بنجي چڪي هئي ۽ سنڌ جيڪا مظلوم ۽ محڪوم صوبي واري پَدَ تي پهچائي ويئي آهي، ان جو ڪو اهڙو ليڊر پيدا ٿئي، جيڪو عالمي شهريت يافته هجي، اها ڳالهه حاڪم قوتن کي قبول ڪانه هئي، انڪري بينظير صاحبه کي لکين ورڪرن جي سامهون ڏينهن ڏني جو قتل ڪيو ويو، جنهن جو اڄ تائين ڪو داد فرياد ۾ ڪونه ٿيو.

جويي صاحب جو هي ڪتاب "مارئي، مارو ۽ ملير" ان اندوهناڪ حادثي

کان پوءِ ميدان ۾ آيو، جيڪو ٻن نثري نظمن تي مشتمل آهي، ان جو پهريون نظم "کهاڙي سنڌ جائي، سنڌ راڻيءَ جي" بينظير پٽو صاحب جو انگريزيءَ ۾ لکيل آزاد نظم آهي، جيڪو جويي صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو، سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي سيڪريٽري سيد زوار نقوي جي بقول:

"شهيد محترمہ بينظير پٽو صاحبہ جي نظر جو سنڌي ترجمو جڏهن اخبار ۾ ڇپيو تہ وڏو ٽرٽلو مچي ويو، نظر جو پڙلاءُ محترمہ تائين بہ رسيو، هن نظر کي شهيد محترمہ ساراهيو ۽ داد ڏنو." (جويو، 2010ع، ص 4)

هاڻ ڏسڻو اهو آهي تہ هي مواد جويي صاحب ڇو ترجمو ڪيو؟ ۽ آخر بينظير صاحبہ پنهنجي نظر ۾ اهڙي کهڙي ڳالهہ ڪئي هئي جيڪا جويو صاحب ٻين کي هينئين سان هنڌائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ آڻڻ ضروري ڄاتي؟ بينظير صاحبہ جي مواد کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ، اها آهي جلاوطنيءَ واري نيم غلامانہ زندگي، ٻن مان نڪرڻ لاءِ محترمہ تڙپندي نظر اچي ٿي، جيئن هو ابتدا ۾ ئي لکي ٿي:

"اچرج ۾ آهيان، آءٌ ڪڏهن آ جڪائي ماڻيندس، لاڙڪاڻي اُسهڻ لاءِ!؟"
آءٌ ڪڏهن پنهنجي منڙي ملوڪ ماڳ موتنديس
هنن عرب سرزمينن کان!؟
ڪنهن سنيهي لاءِ آسائتي آهيان نند ۾ توڙي جاڳ ۾،
ڪنهن نياپي آڻيندڙن لاءِ آسائتي آهيان نند ۾ توڙي جاڳ ۾،"

ان دردمندانہ شعر جي هوءَ پڄاڻي هن ريت ڪري ٿي:

"منهنجا ٻچڙئو!
ٿر جي هوا ۾ سمائيل سڏ ٻڌو.
اها سرگوشي پئي ڪري!
"يقين رکو!
اسين ڪٿنداسين،
اسين ضرور ڪٿنداسين."

(جويو، 2010ع، ص 22)

جلاوطني واري انهي ڪرب ۾ري زندگيءَ ۾ محترمہ پاران لکيل ان نظر جويي صاحب کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو پاڻ "اي سنڌ جائي" نظر لکيو، جنهن ۾ هن سنڌ، سنڌي ٻوليءَ جي غلامانہ ڪيفيت ۽ ٽيل ٻين وارداتن جي سموري ماجرا، سندس اڳيان بيان ڪري ڇڏي. ابتدا ۾ ڪيس مخاطب ٿيندي لکيو اٿس:

"اي سنڌ جائي!
هجيئي سپ سڀائي،
ڪڏهن واءُ ڪوسو نہ توکي لڳي،
ڪڏهن وقت اوکو نہ توتي اچي
ٻين کي تون پڻ پياري هوندينءَ،
پر تنهنجيءَ اُڃ ۽ اُلکي کي
جيئن هيءَ ڏرتي ڄاڻي،
ٻيو ڪو ڪيئن ڄاڻي!؟"

(جويو، 2010ع ص 25)

ان نظر جي جويو صاحب، پڄاڻي ڏاڍي عاليشان ڪري ٿو، جنهن ۾ هو بينظير کي خود هڪڙي قسر جو اُتساهيندڙ پيغام ٿو پهچائي، پاڻ لکي ٿو:

"آءُ سنڌ جو سچ قبول
۽ هيءَ مچ قبول
جيڪو ازلان ٻري رهيو آ!
تاريخ ۾ ڪيئي آنڌيون آيون،
آنڌيون ويئون،
پر اهو ڪنڌن ڪونہ ٽريو آ.
آءُ، اُنهيءَ سچ جي ساک ڪٽي
تون ٻہ چئي ڏي
"جيئي سنڌ
جيئي سنڌ
جامِ محبت پيئي سنڌ."

(جويو، 2010ع، ص 40)

اها هئي جويي صاحب پاران هن نظم ترجمو ڪرڻ ۽ پنهنجي پرمغز نظم لکڻ جي مدُعا!

بينظير صاحبہ جيتوڻيڪ پاڻ سڏي طرح 'جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ' چيو ڪونہ، پر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هوءَ سنڌ جي سجاڻپ بنجي چڪي هئي ۽ حاڪم، محڪوم قوم واري هر سجاڻپ کي مسمار ڪندا آيا آهن، اهوئي فاتحن جو دستور پئي رهيو آهي.

پوءِ جڏهن بينظير کي قتل ڪيو ويو ۽ اهي ٻئي نظر ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، تڏهن جويي صاحب ان ڪتاب جي اڳياڑي ۾ "ڪهاڻي سنڌ جائي، سنڌ راڻي جي" عنوان هيٺ لکيو:

"[اي وطن! تنهنجي معصوم شهيد ڏيءَ
اسان سيني جي ماءُ
پنهنجي شهيد پيءُ
پنهنجي هڪ شهيد ياءُ
ٻئي شهيد ياءُ
پنهنجيءَ مهر پريءَ ماءُ جي نازڪ صحت جا بارَ
راڄ راڄوٽپ، سياست، تاريخ
جا بارَ تن کان سواءِ
بَرسِر ڪري، وطن ويڳاڻيل
تو وٽ واپس آئي،
۽ ڏُني وائِٽي سِرَ گهورَ ٽي وئي
هُن پنهنجي رتويل دل جي دانهن سان
انگريزيءَ ۾ تنهنجو هڪ بي مثل قصيدو لکيو
جو عالم آشڪار ٿيو، عام پڙهيو ويو،
اُن جي هيءُ سنڌي ترجمو جيڪو هتي في الحال
مختصر نموني ڏُنو پيو وڃي.
مون پنهنجن ساڻين، حال ياڻين، جي قلمي مدد ۽ اُتساهہ تي ڪيو آهي.
تہ سنڌ جا عوام ٻہ اُهو پڙهن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾

هنئين سان هنبائن-
اي اسان جي اَملهه سدا حيات سنڌ جي راڻي!
هُو تنهنجو کين سونهيل اعليٰ مقصدِ حيات-
آزاد فضا ۾ زندهه رهڻ جو
عالم حيات ۾ برابريءَ جي معزز درجي ماڻڻ جو-
۽ اُن لاءِ هو اُتي ٻيهن
اڳتي وڌن- سِرَ- گهورَ ٽين]" (جويو، 2010ع، ص 5)

اها آهي رقت انگيز درد پري کهاڻي، جنهن ۾ هي کتاب سرجيو ۽ اهو 2010ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد شايع کيو.

(33) سنڌي ٻولي کراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟ (ترجمو):



سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، افاديت ۽ وسعت واري حوالي سان جويي صاحب جو بنهه واضع ۽ چٽو موقف پئي رهيو آهي. پاڻ کنهن به سهڻي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ ۽ استعمال جي سلسلي ۾ پوندڙ رکاوٽن جو مخالف آهي. اهوئي سبب آهي جنهنکري جڏهن به سنڌي الفابيٽ جي کن لفظن کي مرج کرڻ يا رومن رسم الخط اختيار کرڻ يا ذريعه تعليم طور سنڌيءَ جي ناقص هئڻ وارا حوالا ڏيئي، سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌکڻ واريون کوششون ٽيون آهن، تہ جويي صاحب اهڙين کوششن جي واضح طور تي مخالفت پئي کئي آهي. چاکاڻ تہ سندس خيال آهي تہ: "اسان جو جيکو موجوده رسم الخط آهي، سو اسان لاءِ بلکل پورو ۽ کافي آهي ۽ ان ۾ ردوبدل جي ضرورت نہ آهي. بلک اسان جي ان رسم الخط ۾ ايڏيون تہ خوبيون آهن، جيکي تمام ٿورن رسم الخطن ۾ ٿي سگهن ٽيون، رسم الخط ۾ جيکي سهوليتن جا امکانات هجڻ کپن، اُهڙن کي ڏسي ۽ سمجهي کري، وڌيءَ ذميواريءَ سان، مان چوان ٿو تہ اسان جو جيکو رسم الخط آهي، جنهن کي سنڌي عربي رسم الخط چئجي ٿو، ان ۾ جيکي لکڻ جي آسانيءَ جون سهوليتون ۽ حسن آفرينيءَ جا ممکنات موجود آهن، سي شايد دنيا جي اکثر رسم الخطن ۾ به نہ هجن ۽ هاڻي تہ ان مسئلي تي بحث آهي ئي کونہ." (جويو، 2003ع ص 136)

سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌِکڻ، نااهل ناکاره ثابت کرڻ جي سلسلي ۾ 1947ع کان پوءِ هک خاص حکمت عمليءَ سان پرچارک مهر شروع کئي ويئي، جنهن جي دفاعي جنگ کيترن ئي سڃاڻ ماڻهن وڙهي.

مٿي ذکر کيل مقصد جي مدِنظر سنڌ جي مرکزي شهر کراچيءَ مان سنڌي ٻوليءَ کي نيکالي ڏيڻ وارو کم، کراچي يونيورسٽيءَ جي سينڊيکيٽ معرفت 1956ع ۾ کرايو ويو، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي اهميت افاديت ۽ وسعت واري حوالي سان ناکاره ڏيکاري، کراچي، جيکو پاکستان جو مرکزي شهر بنجي چکو هو، ان مان سنڌي ٻوليءَ کي نيکالي ڏيڻ جو فيصلو کيو ويو. ان عمل کي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم واري وسيع تناظر ۾ کامريڊ حيدر بخش جتوئي، 1957ع ۾ هک کتابڑو Shall Sindhi Language Stay in Karachi or not? لکي ورهايو. اهو مايدار، شاندار کتابڑو ڏکهي عرصي تائين انگريزيءَ ۾ ئي رهيو. ان کي پوءِ 2010ع ۾ جويي صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو کيو، جيکو پهريان اخبارن ۾ شايع ٿيو، بعد ۾ ساڳي سال باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڈمي حيدرآباد اهو کتابي صورت ۾ شايع کيو.

(34) On Sindh ترتيب



جويي صاحب ۽ جي.ايم محڪري صاحب جي تعلقات ۽ علمي ڪمن جو ڪجھ ذڪر اڳ ٿي آيو آهي، جي.ايم محڪري اهو سنڌ دوست انسان هو، جنهن جي سوچ سمجھ ۽ عمل جي سنڌ جي روشن مستقبل سان هڪجھڙي هر آهنگي هئي. ان سنڌ سان عشق واري جذبي هيٺ هن سنڌ ۽ سنڌين بابت انگريزيءَ ۾ ڪيتيريون ئي لکڻيون لکيون، جن مان ڪن کي پوءِ جويي صاحب سنڌيءَ ۾ به شايع ڪرايو، ان ڳالھ تي محڪري صاحب ڏاڍو خوش ٿيو هو، اهو انڪري جو هن اهو ڄاتو پئي ته سنڌ جون ڳالھيون، سنڌ بابت ڳالھيون، سنڌ جي اڪثريتي عوام لاءِ ئي آهن، انڪري انهن جو سنڌيءَ ۾ شايع ٿيڻ سنو سؤڻ آهي. جيئن ته پاڻ سنڌي ڪوڻ ڄاڻندو هو. انڪري اهو جيڪو سندس خيالن کي ٽورو ٽڪو سنڌيءَ ۾ آڻڻ وارو ڪم ٿيو، اهو به سندس دوست محمد ابراهيم جويي ئي سرانجام ڏنو، جيتوڻيڪ ان مواد جي علمي اهميت جي مدِنظر، جويي صاحب پهريان اهو انگريزيءَ ۾ پڻ شايع ڪرايو هو. ان ساڳي سلسلي جي ٻي ڪڙيءَ طور محڪري صاحب جي لکڻين جو هي مجموعو تيار ڪيو ويو. جنهن کي سڌي طرح On Sindh نالو ڏنو ويو آهي، البت ان جي وضاحت "Collection of Essays and articles" طور ڪئي ويئي آهي.

مواد جي اهميت ۽ افاديت هيٺين ذڪر ڪيل ڪجھ عنوانن مان ئي نمايان نظر اچي ٿي.

- Culture that is Sindh
- Conscious creation of Sindh Culture- A task for Sindhi youth and Warning to the Sindhi Intellectuals
- The Power of awakend Sindh
- The Roses of Sindh

هي ڪتاب 2012ع ۾ سنڌ ثقافت ڪاتي شايع ڪيو.

(35) My Dear Joyo ji:



هنديءَ ٻوليءَ مان ڪنيل لفظ 'جي' سنڌيءَ لاءِ ڪو اوپرو يا اٽوٽندڙ لفظ ڪونھي، ان جا بنيادي طور ٻه سبب آهن، سنڌي ۽ سنسڪرت جو پنهنجو پاڻ ۾ سنٻنڌ هئڻ ڪري، سنڌ جي شاعريءَ تي هنديءَ جو نمايان اثر آهي، ويجھڙائيءَ واري دور ۾ گجرات جي مهاتما گانڌي ان لفظ کي پنهنجي نالي جو اٽوٽ حصو بنائي ڇڏيو هو. اهڙي ريت 'گانڌي جي' واري حوالي سان به اهو لفظ اسان لاءِ غير مانوس ڪونھي ساڳي وقت هن ڪتاب جي مواد (خطن) جو لکندڙ، جي.ايم محڪري ٻه اسان جو پنهنجو هو، ان پنهنجائپ واري سڳي ئي ڪيس سائين محمد ابراهيم جويي کي اهڙي پياري لفظ سان مخاطب ڪرايو. هي ڪتاب جيڪو محڪري صاحب پاران جويي صاحب ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو آهي، ان ۾ جويي صاحب جا صرف چار خط آيل آهن جڏهن ته جي.ايم محڪري صاحب جي خطن ۽ خيالن جي گهٽائي آهي، انڪري ئي جنهن انداز ۾ محڪري صاحب مخاطب ٿيو آهي، اهوئي ڪتاب تي نالو رکيو ويو آهي، ٻنهي بزرگن جي وچ ۾ سنڌ سپ کان وڏي سجاڻپ ۽ پنهنجائپ وارو اهجاڻ هو، انڪري خط پڻ ذاتي کان وڌيڪ ان پسمنظر ۾ لکيل آهن، جويي صاحب، خطن جو هي مجموعو دوست سنگرام جي صلاح سان تيار ڪيو، جيڪو 2012ع ۾ سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي حيدرآباد شايع ڪيو.

(ب) تخليقي ڪم

محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جو ڪيل گهڻو ڪم ته ترجمي واريءَ صورت ۾ آهي، جنهن جو مٿي تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کانسواءِ پاڻ وقت بہ وقت مختلف موضوعن تي مضمون ۽ مقالا پڻ تخليق ڪندو رهيو آهي. جن منجهان ڪجهہ مواد ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي ۽ باقي ٻئي مواد کي ڪتابي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي، پر سندس پهريون تخليقي ڪم (Save Sindh Save the continent) نالي انگريزيءَ ۾ لکيل اهو ڪتاب آهي، جنهن کيس آزمائش هيٺ آندو. ڏک ڏولاوا ڏيکاريا، جنهنکري سندس قلم ۾ وڌيڪ قوت پيدا ٿي.

(36) Save Sindh Save the continent

محترم محمد ابراهيم جويي صاحب، هيءُ ڪتاب ورهاڱي ٽيڻ واري اُٿل پٿل جي دور ۾، جون 1947ع ۾ لکيو. هي اهو دور هئو جنهن دوران انگريز، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس واري ترائيڪا وچ ۾ برصغير جي قومن جي مستقبل بابت غور ويچار هلي رهيا هئا. مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي ڌرين کانسواءِ، مختلف گروپن ۽ فردن پاران برصغير جي مستقبل بابت پنهنجا پنهنجا فارمولا پيش ٿي رهيا هئا. هيءُ ڪتاب پڻ اهڙي ئي قسم جي هڪ فارمولي طور لکيو ويو هو، جنهن جو اظهار ڪتاب جي مهاڳ وارين پهرين سٽن ۾ هن ريت ڪيو ويو آهي ته "مون هنن صفحن ۾، پنهنجن سڀ واسي پائرن، مسلمان توڙي هندن، جي سوچ ۽ مناسب عمل لاءِ، ڪي نڪتا، پنهنجا ڪي خيال ۽ ويچار، پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اڄ اسين هڪ صديءَ جي طويل غلاميءَ جي ٻاٽ اوناهيءَ رات منجهان سجاڳ ٿي، آزاديءَ جي ڦُٽندڙ ٻاک کي ويجها ٽيندا سون، يا وري نئين سر پاڻ لاءِ نسلن تائين، پنهنجن پاڙيسرين جي سياسي بالادستي ۽ اقتصادي غلامي قبول ڪري ويهندا سون." (جويو، 2000ع، ص 15)

ان وقت واري ماحول ۾ جيئن نظر اچي ٿو ته وڏيرا، جاگيردار، نواب ۽ سيئيون پنهنجي پنهنجي مستقل مفادن کي نظر ۾ رکندي برصغير جي ورهاست بابت فارمولا ڏئي رهيا هئا ۽ ان ورهاست وارن لالچي تصورن سبب، قوم، قوميت ۽ بين الاقواميت، فيڊريشن ۽ ڪنفيڊريشن واري حوالي سان مخصوص گروهي مفادن واريون تاويلون پيش ڪري رهيا هئا. اهڙي وقت ۾ جويي صاحب وقت جي اهميت ۽ ضرورت کي پروڙيندي هي بنيادي نوعيت وارو ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هڪ هنڌ لکيائين: "اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي ته هر پائيچاري جي قيام لاءِ سڀ کان اڳ ان پائيچاري ۾ شامل اڪائين وچ ۾ آزادگيءَ ۽ برابريءَ جي درجي جي صورت جو هجڻ لازمي آهي. اهائي صورت فردن جي وچ ۾ قوم طور اندروني پائيچاري لاءِ بہ اوتري ضروري آهي جيتري قومن جي وچ ۾ بين الاقوامي پائيچاري يا پائيچارن لاءِ، اهڙا پائيچارا جيڪي پنهنجي عزت ۽ سلامتيءَ جا ۽ پڻ بين پاڻ جهڙن قومن، بين الاقوامي ۽ انساني پائيچارن جي عزت ۽ سلامتيءَ جا پاسدار آهن ۽ اندروني طور پاڻ وٽ برابريءَ ۽ آزادگيءَ جي فضا قائم رکن ٿا ۽ مروت ۽ پرامن بين الاقوامي ۽ انساني پائيچاري جي تعمير جا شيدائي ۽ ان لاءِ تيار آهن. اهي ئي هندستان جي وچ ۾ وسيع برصغير جي قومن جي نجات جا ۽ پڻ عمومي طور سڄيءَ دنيا جي قومن جي خير ۽ بهتريءَ جي ضمانت جا حامل ٿي سگهن ٿا." (جويو، 2000ع، ص 21)

قومي ۽ بين الاقوامي مقصد رکندڙ هي اعليٰ نوعيت وارو هي ڪتاب 1947ع ۾ (Sindh Renaissance Association Karachi) پاران شايع ڪيو ويو، جنهن جو 2000ع ۾ Sindh Democratic Party, Sindh طرفان ٻيو چاپو شايع ٿيو، ڪتاب جي سنڌيءَ ۾ ترجمي واري ضرورت محسوس ڪندي تازو پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي محترم امان الله شيخ جو ترجمو پترو ڪيو آهي. جڏهن ته روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان مصنف پاران تيار ڪيل سنڌي ترجمو آيو آهي، اهي ٻئي ڪتاب 2014ع ۾ شايع ٿيا آهن.

(37) شاهہ سچل سامي:



شاهہ سچل ۽ سامي سنڌي سماج جا اهڙا روشن ستارا، رهبر ۽ رهنما آهن، جن جي ڏسيل واٽ وٽي اسين کيترائي ڏکيا رستا پار ڪري سگهون ٿا. جويي صاحب جي لفظن ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي هيءُ ٽه مورتي ائين آهي، "جيئن زمين جي اندر ان جي تهہ بتهہ پيٽ ۾ املهہ ۽ جرڪندڙ هيرا." (جويو، 1990ع، ص 9) اهڙن املهہ هيرن کان عوام کي واقف ڪرائڻ واري خيال سان جويي صاحب سنڌي شاعرن جي هن ٽه مورتي، شاهہ، سچل، سامي‌ءَ جي ڪلام "شاهہ جو رسالو"، "رسالو سچل سرمست" ۽ "سامي‌ءَ جا سلوڪ" جي ٽن جلدن (Trilogy) جي باڪس ۾ بند هڪ گڏيل خصوصي اشاعت شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو. ان سلسلي ۾ جويي صاحب اهو ضروري سمجهيو هو ته هنن ٽنهي رسالن جي هن يڪجا اشاعت سان گڏ، سنڌ جي سماج تي گهرو ۽ ديرپا اثر ڇڏيندڙ هنن ٽنهي شاعرن جي شاعري‌ءَ واري پسمنظر جي حوالي سان، "انهن جي سدا روشن فڪر ۽ پيغامن جو ۽ سنڌي سماج لاءِ ان جي معنيٰ ۽ بنيادي اهميت جو جائزو" پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي پسمنظر جي روشني‌ءَ ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ تهذيبي اُتل پُتل جو جائزو پيش ڪيو وڃي، اهڙي مواد ڏيڻ سان پڙهندڙن کي هنن ٽنهي شاعرن جي شاعري‌ءَ واري مقصد کي پرکڻ ۽ پروڙڻ ۾ آساني ٿيندي. ان سلسلي ۾ جويو صاحب لکي ٿو: "مون هن مضمون ۾ شاهہ، سچل ۽ سامي‌ءَ جي دور جو هڪ مطالعو پيش ڪيو آهي. ان ۾ مون ان دور سان گڏ، اجمالي طرح، خود ان دور جي پسمنظر طور سنڌي سماج جي تقريباً سڄي تاريخي دور جي سياسي، مذهبي ۽ تهذيبي صورتحال جو جائزو ورتو آهي. سنڌ جي تاريخ جو اهو هڪ وسيع سماجي پسمنظر آهي جنهن جي روشني‌ءَ ۾ شاهہ سچل ۽ سامي جي شعر جي جامع مقصد ۽ ان جي اهميت کي سمجهي سگهجي ٿو."(جويو، 1990ع، ص 9)

شاهہ، سچل، سامي‌ءَ واري ان ٽمورتي‌ءَ جي اها خصوصي اشاعت جيئن ته 1978ع ۾ شايع ٿي رهي هئي. ان کان اڳ 1977ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لڳي چڪي هئي ۽ ان مارشل لا وارين محرڪ قوتن 1976ع ۾ سرڪار هٽان سنڌي‌ءَ جي لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڪتاب ۽ رسالن متان بندش وجهرائڻ وارو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. ان پسمنظر کي خيال ۾ رکندي جويي صاحب جي "دوستن جو اندیشو هو ته اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن هن مهاڳ سان اهو ٽن جلدن وارو ايڊيشن شايع ٿيو ته پڪ ئي پڪ اهو به ضبط ٿي ويندو. انهي‌ءَ خيال سان، پوءِ فيصلو ڪيو ويو ته ان خصوصي ايڊيشن لاءِ الڳ هڪ سڌو سادو ۽ ننڍو مهاڳ لکيو وڃي ۽ هي مضمون جدا "ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي." اهڙي‌ءَ ريت شاهہ، سچل، سامي نالي سان لکيل هن مضمون کي پوءِ الڳ ڪتابي صورت ڏيئي 1978ع ۾ ئي سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران شايع ڪيو ويو، جنهن کي ايتري عوامي موٽ ملي جو، هڪ ئي مهيني ۾ ان جون ٻئي چاپي طور ٽي هزار ڪاپيون شايع ڪرايون ويون ۽ هن وقت تائين ان جا ست چاپا نڪري چڪا آهن. ڪنهن به سنڌي ڪتاب جي هن وقت تائين اها رڪارڊ ٽوڙ اشاعت آهي، ان ڪانسواءِ 1997ع ۾ فڪشن هائوس لاهور وارن هن ڪتاب جو اردو چاپو "سندهہ ڪے شاعر" عنوان سان پڌرو ڪيو. 2009ع ۾ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ سنڌ هن ڪتاب جو انگريزي چاپو پڻ شايع ڪيو آهي.

(38) ماڻهوءَ جو پاڻ:

محترم محمد ابراهيم جويو صاحب، مختلف موضوعن ۽ مختلف مضمونن تي وقت بوقت لکندو رهيو آهي. مٿئين عنوان وارو ڪتاب سندس ڪن آڳاڻن تحريرن جو مجموعو آهي، جن ۾ ٻہ ننڍا ناٽڪ (آزاديءَ ڏانهن... ۽ هاري ۽ تعليم) پنج "هڪ ڏينهن جي ڳالهه" اٺ لوڪ ڪهاڻيون ۽ هڪ تاثر ڪانسواءِ ٻہ غزل پڻ شامل آهن.

لوڪ ڪهاڻيون سي ٻہ نئين انداز ۾ لکڻ، اهو خود هڪ فن آهي، جنهن ۾ لوڪ جون ڳالهيون، لوڪ جي ٻوليءَ ۽ انداز ۾ لوڪ جي لاءِ ئي لکيون ويندیون آهن، جن جي عام ٻولي ۽ انداز ۾ ڪي اهم ۽ خاص ڳالهيون تمثيلي انداز سان ڪيون ويندیون آهن. جويي صاحب پڻ ون يونٽ واري ڳهٽ ٻوسٽ جي ماحول ۾ پنهنجي قلم کان اهڙوئي ڪم ونندي، ڪجهه لوڪ ڪهاڻيون لکيون جيڪي ملڪ جي عام ماڻهوءَ ۽ ٿوري پڙهيل ماڻهوءَ لاءِ افسانن جي انداز ۾ لکيون ويون آهن."(جويو، 1980ع، ص 3)

اهڙي ئي قسم جون ڳالهيون سندس پاران لکيل "هڪ ڏينهن جي ڳالهه" (پنج عدد) واري مواد منجهان پڻ ملن ٿيون. هن ڪتاب ۾ شامل 1955ع ۾ "او سنڌ" نالي لکيل تاثر منجهان سندس سنڌ سان محبت ۽ اُڪير جو هڪ انمول تاثر ملي ٿو. جنهن ۾ پاڻ سنڌ کي ماءُ لفظ سان مخاطب ٿيندي، ان جي وٽن ٽٽن، پکي پکڙ، وستي واهڻ جو ذڪر ڪندي، آخر ۾ سوال ڪري ٿو ته:

"تڏهن ٿو آءٌ توکان پڇان!
سنڌ، منهنجي پنهنجي سنڌ!
منهنجي مهربان منڙي ماءُ!
ٻڌاءِ.....
تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟
تون مون کان ڇاڻي طلبين؟"

(جويو، 1980ع، ص 206)

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ لوڪ ڪهاڻيءَ "ماڻهوءَ ۽ ماڻهو جو پاڻ" تان ڪتاب جو نالو "ماڻهوءَ جو پاڻ" رکيو ويو آهي. جنهن جو مرڪزي ڪردار (ماڻهو) هڪ هاري آهي، جيڪو پنهنجي پاڻ جو ڳولائو ڏيکاريل آهي ۽ اهو ست سمنڊ پار وڃڻ کان پوءِ ٻہ ان نتيجي تي پهچي ٿو ته، "پاڻ مڙس جي هٿن ۾ آهي" پر اهو هٿن وارو پورهيو ٻہ ڪن مخصوص حالتن ۾، ڪنهن لاءِ ڪيترو لاڀائتو ٿئي ٿو. ان ڳالهه کان پڻ آڪاڻيءَ جو مصنف پوريءَ ريت واقف آهي ۽ خاص طور تي سنڌ وارين طبقاتي حالتن جي روشنيءَ ۾، ان جي هو پلي پت پروڙ رکي ٿو. انڪري هو سمجهي ٿو ته "سنڌ جي غريب جو پاڻ هن جي هٿ ۾ هوندي ٻہ هن جو ڪونهي."(جويو، 1980ع، ص 96)

هي ڪتاب سسئي پبليڪيشن سلطان آباد پاران 1980ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(39) هوءَ جا ٽمڪي باهڙي:

محترم محمد ابراهيم جويي صاحب پنهنجي ورهين واري ڪيل پورهئي کي ميڙي چونڊي، هڪ سلسلي هيٺ آڻي، پڙهندڙن لاءِ ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري پيش ڪرڻ وارو جيڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي. ان وقت ئي سندس خيال هئو ته ايترو مواد ٽڙيو پکڙيو پيو آهي، جو اهڙيءَ نوعيت وارا چار جلد جڙي سگهن ٿا.

هي ڪتاب مڪيه چئن حصن ۾ ورهايل آهي، جنهن جو پهريون حصو نيم سياسي نوعيت واري مواد تي مشتمل آهي، ٻئي حصي ۾ انساني برابري، امن ۽

مساوات واري حوالي سان مواد آيل آهي، ٽئين حصي ۾ ادب، خاص طور تي سنڌي ادب، سنڌي صحافت ۽ سماج بابت مواد ملي ٿو. چوٿين حصي ۾ انساني شعور کي بيدار ڪندڙ مشترڪ مواد ڏنل آهي، جيڪو سمورو ترجمي واريءَ شڪل ۾ مختلف جاين تان ترجمو ڪيو ويو هو. هن حصي جي شروعات ۾ جويي صاحب پاران هينيون ڏنل ڪئپشن، سندس ڪيل سڃي محنت جو مقصد ۽ نچوڙ معلوم ٿئي ٿو، "سياست، علم، عقل ۽ سڃو ادب (All Literature) انسان لاءِ آهن، انسان انهن لاءِ نہ آهي. انسان جو سمورو فڪر ۽ عمل انسان جي تربيت ۽ پلائيءَ لاءِ آهي. انسان جيڪو ٻئي جو ڏک پنهنجو سمجهي ۽ ان لاءِ پنهنجي سک جي قرباني ڏئي." (جويو، 1995ع، ص 354)

هيءُ ٽڙيل پکڙيل مواد جنهن جي سهيڙ، چونڊ ۽ ترتيب هادي بخش پٺ جي ڪيل آهي، اهو 1995ع ۾ نئين سنڌ اڪيڈمي ڪراچيءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي.

(40) ادب ۽ پولي تعليم

محترم محمد ابراهيم جويي طرفان سندس سالن جي ڪيل پورهئي کي يڪجا ڪري، پڙهندڙن تائين پهچائڻ واري ڪوشش، "هوءَ جا ٽمڪي باهڙي" سلسلي جي هيءَ ٻي ڪڙي آهي، جنهن ۾ جويي صاحب پاران ادب ۽ پولي ۽ تعليم واري حوالي سان ڪي لکيل ايڊيٽوريل، تبصرا، مضمون ۽ مختلف موقعن تي ڪيل تقريرون، جاري ڪيل پڌرناما، پيغام، مطالعا ۽ ڪجهه چيل شعر شامل ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب ڇهن پاڳن تي مشتمل آهي، ان جي پهرئين پاڳي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي "مهراڻ" ۽ هارن جي رسالي "گل ڦل" لاءِ لکيل ادارين ۽ ڪجهه ادبي خطن کي شامل ڪيو ويو آهي. ٻيو پاڳو ادب بابت آهي. "جنهن ۾ سنڌي ادبي انجمن حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي جا ۽ ڪي ٻيا جويي صاحب پاران لکيل ادبي پڌرناما، مختلف ادبي ڪانفرنسن ۽ اجتماعن جي موقعي تي پڙهيل صدارتي خطاب ۽ ادب بابت متفرق مضمون ڏنا ويا آهن."(جويو، 1998ع، ص 19) ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ "پولي ۽ تعليم" بابت مواد ڏنل آهي، جنهن ۾ پولي ۽ تعليم بابت جويي صاحب جا مختلف مضمون، ادبي محفلن ۾ پڙهيل خطبا، ڪجهه ڪتابن جا مهاڳ ۽ ٻيون لاڳاپيل موضوعن بابت متفرق لکڻيون شامل ڪيون ويون آهن."(جويو، 1998ع، ص 19) "مطالبا ۽ تبصرا" عنوان واري چوٿين حصي ۾ جويي صاحب پاران مختلف ڪتابن جا لکيل تنقيدي مضمون، مهاڳ ۽ ڪيل ڪي تبصرا شامل ڪيا ويا آهن. ڪتاب جو پنجون حصو "پيغام ۽ شعر" عنوان هيٺ آهي، جنهن ۾ جويي صاحب جا مختلف تعليمي، علمي تنظيمن ۽ ادبي انجمن ڏانهن موڪليل پيغام ۽ سنت فرئنسز، شيلي، جي.ايم محڪري، سروجني ديوي ۽ نري ورما جي نظمن جي تخليقي سنڌي ترجمن ۽ سنڌن پنهنجو هڪ طبعزاد اصلوڪو نظر "او سنڌا!" آيل آهي. ڪتاب جي ڇهين حصي ۾ جويي صاحب جا ٻہ انٽرويو ڏنا ويا آهن.

ڪتاب جي شاعريءَ واري حصي ۾ "او سنڌا!" عنوان سان پيش ڪيل شعر هن کان اڳ جويي صاحب جي ڪتاب "ماٺهوءَ جو پاڳ" ۾ پڻ آيل آهي، پر ان جي بنيادي اهميت ۽ افاديت جي مدِنظر هن ڪتاب ۾ اهو شعر ٻيهر ڏنو ويو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران 1998ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(41) گالهيون ڪتابن جون (جلد پهريون)



هيءُ ڪتاب 1947ع کان 1992ع تائين جويي صاحب پاران مختلف ليکڪن جي لکيل ڪتابن جي مهاڳن تي مشتمل آهي، جيڪي جويي صاحب وقت بوقت پنهنجي لکيل، ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتابن کانسواءِ، شيخ ايا. جي ڪتابن تي لکيا آهن.

ڪتاب جي پهرئين پاڳي ۾ شيخ اياز جي نون(9) ڪتابن جا مهاڳ آيل آهن ۽ هئي پاڳي ۾ جويي صاحب جي پندرهن ڪتابن جا مهاڳ ڏنا ويا آهن. سنڌي ادب ۾ هن نموني جو هي پهريون تجربو آهي جنهن لاءِ مختلف ماڻهن جا مختلف رايا آهن. هن مواد ۾ جتي جويي صاحب جي ڪتابي خيالن کي يڪجا ڪري هڪ سٿو ڪم ڪيو ويو آهي، اتي اهو پڻ محسوس ٿئي ٿو ته هئي پاڳي طور ليکڪ جي پنهنجي ئي ڪتابن ۾ (مهاڳ طور) آيل مواد جو ورجاءُ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اهو مواد ليکڪ جي شايع ٿيل (طبعزاد/ترجمو/ترتيب) ڪتابن جو اڳ ئي حصو آهي، ان راءِ جي به پنهنجي جاءِ تي ڪجهه اهميت آهي، پر ڪتاب جي هئي پاڳي ۾ پهرئين نمبر تي "دانهن" عنوان سان جيڪو مصنف جي ڪتاب 'سنڌ بچايو- ڪنڌ بچايو' جي مهاڳ ۾ ڏنو ويو آهي، اهو ته سندن ميڙي چونڊيل جي چار جلدي اسڪيم جي پهرئين جلد 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي' ۾ پڻ پهرئين مضمون طور ڏنو ويو آهي. اهو ورجاءُ ٿي سگهي ٿو ته، ان مهاڳ جي اهميت ۽ افاديت جي مدِنظر ڪيو ويو هجي. بهرحال اهو لڳي عجيب ٿو.

هيءُ ڪتاب سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران 2000ع ۾ شايع ڪيو ويو.

(42) گالهيون ڪتابن جون (جلد ٻيو)



'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي' سلسلي جو هي چوٿون ڪتاب آهي، هن جلد ۾ پڻ پهرين جلد وانگر جويي پاران مختلف اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن تي لکيل مهاڳن ۽ ڪجهه مضمونن (جيڪي ذڪر ڪيل ڪتابن جي مضمون بابت لکيل/ ترجمو ڪيل آهن). تي مشتمل آهن 358 صفحن تي مشتمل هن جلد 2003-1961ع ۾ جملي 38 ڪتابن بابت لکيل مواد شامل آهي، جنهن کي سنگرام سهيڙي "سرڳ روپي سنڌ جي سپني جي ساڃيان لاءِ جاکوڑيندڙ مانجهي مرد" عنوان سان جو عاليشان مهاڳ لکي تيار ڪيو آهي.

هن پاڳي ۾ شامل ڪتابن جو تعلق جيئن ته علم ادب کانسواءِ فلسفي، تاريخ ۽ انقلابي سرگرمين ۽ آزاديءَ وارين اُمنگن سان آهي، انڪري جويي صاحب پاران انهن جا لکيل هي مهاڳ، صرف رواجي تعارف ڪرائيندڙ ۽ مختصر معلومات ڏيندڙ ڪونه آهن، پر انهن ۾ جويي صاحب وڏي دانائيءَ سان پنهنجي پاران ڪيئي ڏاهپ جا ڏس ڏنا آهن، انڪري هي مواد تعارفيءَ کان وڌيڪ فڪري تخليق وارو درجو رکي ٿو، جيڪو اصل مواد کي وڌو مايدار بنائي ٿو ڇڏي، مثال طور محترم يوسف بلوچ پاران لکيل آپ بيتي "جنم قيدي" هڪ عام رواجي قيديءَ جي ڪهاڻي آهي، پر جڏهن جويو صاحب ان جو مهاڳ لکي ٿو، تڏهن قيد ۽ آزاديءَ واري فلسفي جي اهميت کي مختصر پر مايدار انداز ۾ شاندار سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

"زندگيءَ جي فطرت آهي ته جيستائين به ڪو جاندار ڪنهن بند کي بند سمجهي ٿو، تيستائين ان کي هو ڇڄڻ جي ۽ پاڻ کي اُتان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو، ان ڪوشش ۾ ڪو ڪامياب ٿئي ٿو يا نه ٿو ٿئي، ان جو زندگيءَ جي انهيءَ فطري عمل يا ردعمل سان واسطو ڪونهي، بند ۽ روڪ جهڙي به آهي، جتي به

آهي، ان جي خلاف جُهد زندگيءَ جي تقاضا بلڪ ان جو لازمي شرط آهي، بند پيجي آزاد ٿيڻ ۾ ئي زندگي، زندگيءَ جو مرتبو ماڻي ٿي ۽ پنهنجي ميوي ۽ معنيٰ تائين پهچي ٿي." (جويو، 2003ع، ص 64)

جويي صاحب پاران اهو بند (غلامي) کي بند سمجهڻ وارو اشارو وڏو وزندار آهي، ڇاڪاڻ ته نامور قوم پرست سياستدان ڇاچو حفيظ قريشي سنڌي قوم جي ناسمجهي ۽ سنڌ جي غلاميءَ واري صورتحال بابت وڏي ڏهني تڪليف وچان دانهن ڪري چوندو هو، "اسين وينا سنڌ جي آزادي جي ڳالهه ڪريون، پر ستر ظريفي ته اها آهي سنڌي ماڻهو اڄا پاڻ کي غلام ئي ڪونه سمجهيو آهي."

جويي صاحب جي هن مواد ۾ آزادي ۽ غلامي، سڃاڪي ۽ انقلاب واري حوالي سان اهڙا ڪيئي ٻُڪتا نمايان نظر اچن ٿا، جن کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ پاڻ سنگرام پنهنجي لکيل مهاڳ ۾ دنيا اندر سڃاڪي آٿينڊڻ ۽ انساني ذهن کي بيدار ڪندڙ ڪيترن ئي شاندار ڪتابن جو ذڪر ڪري، اسان کي ان حوالي سان وڏي معلومات ڏني آهي.

هي ڪتاب 2003ع ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت شايع ڪيو هو.

(43) The Betrayal, Sindh Bides, The day for Freedom, vol-I



هي ڪتاب جويي صاحب جي اهڙي پورهيي (ليک، خط، ترجما) تي مشتمل آهي، جيڪو پاڻ 1942ع کان وٺي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪندو پئي رهيو آهي، هي پهريون حصو 1942ع کان 2005ع تائين وارين لکڻين تي مشتمل آهي، جن جو تعلق سنڌ جي سياسي سماجي ۽ فڪري معاملن سان آهي، هن پاڳي جو مهاڳ سراج صاحب جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي سنڌي ادبي بورڊ ۾ آٺڻ ۽ سندس هر محاذ تي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ واري ڀاڻ ڏيڻ کان پوءِ جويي صاحب جي اعليٰ علمي معيار، سنڌ بابت محبت جي ورڪا، شيخ ايار کي جديد سنڌ جو اعليٰ ترين شاعر ظاهر ڪرڻ سان گڏوگڏ سائين جي.ايم.سيد سان سندس لاڳاپن ظاهر ڪرڻ ۽ انهن جي سهاري، سنڌي ادبي بورڊ جي ميدان تان سنڌي ادب ۽ تايخ جي ميدان ۾ شاندار ڪارناما سرانجام ڏيڻ جو بهترين انداز ۾ اظهار ڪيو آهي البت سراج صاحب جي لکيل مهاڳ ۾ جويي صاحب جي سائين جي.ايم.سيد سان تعلقات جي سلسلي ۾ استعمال ٿيل هيٺين سٽ غور طلب آهي لکي ٿو:

"He (Joyo) has been his (Sayeeds) Speech writer in his Political career".

سراج صاحب اها سٽ جيڪڏهن سيد جو مواد ترجمو ڪرڻ واري ڳالهه ذهن ۾ رکي لکي آهي ته ٻي ڳالهه آهي، وَرنه اهو سمجهڻ يا تاثر ڏيڻ ته سيد کي جويو صاحب سياسي تقريرون لکي ڏيندو هو، يا سيد کي سندس سياسي تقريرن لاءِ جويو صاحب مواد ڏيندو هو، ته اها ڳالهه صحيح ڪونهي، مون سوڌو، ان ڳالهه جا ڪيترائي ماڻهو گواهه آهن ۽ اهڙو رڪارڊ به سيد جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سيد صاحب جيڪو مواد تيار ڪندو هو، اهو پڙهڻ يا شايع ڪرائڻ کان اڳ ان جون ٻه ٽي پڙهيون ڪرائي ان ۾ درستيون ڪندو رهندو هو، البت اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سائين جي.ايم.سيد جي ڪتابن جو جويو صاحب ناهه ٿوهه ڪري، شايع ڪرائڻ وارو ڪٽن ڪم سرانجام ڏيندو پئي رهيو آهي.

جويي صاحب جو هي ڪتاب 2005ع ۾ سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد شايع ڪيو.

(44) The Betrayal Sindh Bides the day for freedom, vol-II



هي ڪتاب اڳ ذڪر ڪيل پاڳي وانگر مختلف مضمونن، رويُو، سرڪاري خط و ڪتابت ۽ ٻي خانگي لکپڑھ تي مشتمل ٻيو پاڳو آهي، جنهن ۾ 1948ع کان 2005ع تائين جويي صاحب جو انگريزيءَ ۾ لکيل مواد شامل آهي، گويا ڪ هن حصي ۾ جويي صاحب جو سنڌي ادبي بورڊ، تعليم ڪاتو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۾ ملازمت واري دور جو رڪارڊ پڻ آيل آهي، جيڪو سندس عملي زندگيءَ جو بنيادي حصو آهي، اهڙي مواد سان گڏ سندس پاران ڪن ڪتابن تي ڪيل رويو ۽ دوستن سان ڪيل لکپڑھ پڻ گڏ ٿيل آهي.

هن پاڳي جو مهاڳ جويي صاحب جي هڪ ٻئي ساٿي نورالدين سرڪيءَ لکيو آهي. هي ڪتاب 2005ع ۾ سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد شايع ڪيو.

(45) سنڌ منهنجي خوابن جي



هر غور فڪر ڪندڙ شخص وٽ، پنهنجو پاڻ، پنهنجي ڪٽنب ۽ قوم جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪا نہ ڪا سوچ ويچار ۽ تعميري تصور هوندا آهن، جن کي روشن مستقبل جا خواب چئجي ٿو. جويو صاحب جيڪو سڃي زندگي سنڌ جي علمي ادبي ۽ ڪنهن حد تائين سياسي تعمير لاءِ پنهنجو فرض پورو ڪندو رهيو آهي، ان وٽ پنهنجي مادرِ وطن سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ ڪي سونهري خواب آهن، جن جي هو پنهنجي لکڻين ۾ جابجا جهلڪ ظاهر ڪندو پئي رهيو آهي.

هي ڪتاب جويي صاحب پاران وقت بوقت لکيل اهڙن علمي، سياسي توڙي سماجي فڪري مضمونن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جي ماضيءَ وارن واقعن جي روشنيءَ ۾، ان جي روشن مستقبل جا سونهري خواب نمايان ڪيا ويا آهن، جيڪي ڪيترن ئي واقعن واري حوالي سان سنڌ جي ڪيس کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا، پر انهن ۾ اوٽائي اها آهي تہ اُهي جنهن دور ۾ لکيا ويا، انهن جي نشاندهي ڪانہ ڪئي ويئي آهي، تہ اهي ڪڏهن جا لکيل آهن، انکري اڄڪلهي هلي تحقيق ڪندڙن لاءِ تڪليف جو باعث بنجي سگهندا. ٻي ڳالهہ اها تہ هن ڪتاب ۾ شامل ٿي سياسي مضمون اهڙا آهن، جيڪي جويي صاحب جي ڪتاب 'سڌ پڑاڏو' ۾ اڳ ئي آيل آهن، [اتي انهن جي دورن جي نشاندهي ٿيل آهي]، انهن جو هتي ورجاءُ شايد سنڌ جي سياسي ڪيس کي مضبوط ڪرڻ واري حوالي سان ڪيو ويو هجي.

هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ مواد جي باري ۾ مصنف پاران ڪجهہ بہ لکيل ڪونہ آهي، نہ وري پبلشر کي ٻہ اکر لکڻ ضروري سمجهيا آهن، ڪتاب جو مواد سيڪجهہ پنهنجو پاڻ آهي، هي ڪتاب روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلي هيٺ اداري سي.پي.سي.ايس حيدرآباد 2008ع ۾ شايع ڪيو.

(46) سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي

والنيئر واري ڪتاب 'ڪنديد' شايع ڪرائڻ واري حوالي سان ان ڳالهہ جو ذڪر ٿي آيو آهي تہ والنيئر سان جويي صاحب جي فڪري هم آهنگي هئي، خيالن جي ان هڪجهڙائيءَ سبب جويي صاحب ان کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ ضروري سمجهيو. ان فڪري هڪ جهڙائيءَ جو بنياد، خيالي ۽ تصوراتي سوچن بجاءِ، عقليت پسنديءَ وارن ويچارن کي اهميت ڏيڻ هو. اهي ئي عقليت پسنديءَ وارا ويچار آهن، جن جي پکيڙ لاءِ جويو



صاحب مختلف حوالن سان كوششون كندو پئي رهيو آهي، 1984ع ۾ پائلو فريري جي شايع ٿيل كتاب ۾ سندس لكيل هيٺيان جملا ڏسو ته ان حوالي سان كيڏا ته جاندار ۽ ذهن كي جنجهوڑيندڙ آهي. لكي ٿو:

"هر انساني مسئلي، هر تاريخي ۽ هر كائناتي ڳالهه لاءِ رڳو ائين چوڻ ته قدرت جو اهو عمل آهي ۽ قدرت ئي پنهنجي مصلحت جاڻي ٿي، يا هِن يا هُن كنهن كتاب ۾ هر انهيءَ ڳالهه يا مسئلي جي سمجهاڻي يا ڏس موجود آهي، ۽ قدرت جي حوالي سان اُن جي اُها سمجهاڻي ۽ اهو ڏس حرف آخر سمجهي، خوش پسندي ۽ خوشدل ٿي ويهڻ، ان كان وڌيڪ غبار آلود، واڇوڙائي ۽ هولناك شيءِ انساني دنيا لاءِ ٻي ٿي نٿي سگهي." (جويو، 1984ع، ص 12)

روشن خياليءَ وارو مٿي ذكر كيل انداز سڄي دنيا ۾ مذهبي انتها پسندن ۽ بنياد پرستن جي ٽكراءَ ۾ پئي رهيو آهي. جويو صاحب جيكو سنڌ ۾ اهڙن رجحانن كي پكيڙڻ جو وڏو محرك آهي، ان سان پڻ هتان جي مذهب پرستن جو ٽكراءُ ٿيڻ لازمي هو، ڇاكاڻ ته اهڙي لاڙي جي مخالفت كرڻ جڏ هك قسم جو مذهبي فريضو تصور كيو ويندو آهي. خاص طور تي سنڌ اندر ته اهڙي لاڙي ۽ روشن خياليءَ واري ماركسي فلسفي خلاف كم كرڻ ضروري فريضو ظاهر كيو پئي ويو آهي، ۽ جويو صاحب جديد سنڌ ۾ ماركسي فكر جو ڏو شارح تصور كيو پيو وڃي، جنهن مختلف حوالن سان روشن خيالي، سيكيولرازم ۽ عقليت پسندي لاءِ ماركسي تصور هيٺ پئي جاكوڙيو آهي، ان حوالي سان پاڻ هك هنڌ لكي ٿو:

"ماركسي فلسفو تقدير پرستي تصوراتي، ڳالهين، مايوس كندڙ ويچارن، انسان كي غلام بڻائيندڙ انڪلن ۽ انسٽن كي بلكل رد كري ٿو، ماركسي فلسفو ماڻهوءَ جي خوشي، سندس انساني وجود ۾ آزاديءَ كي پنهنجي توجهه جو مركز بڻائي ٿو." (جويو، 2007ع، ص 44)

مٿي ذكر كيل تصور لاءِ جاكوڙڻ سبب ئي جويي صاحب اهڙي رجحان جي مخالف قوتن جي نشاني تي رهندو پئي آيو آهي، ڇاكاڻ ته هو تصوراتي خيالن خلاف آهي ۽ تصوراتي خيال ئي مذهبي ماڻهن جي پنيرائي كن ٿا، انهن كي سهارو ڏيئي، اڳتي وڌڻ ۾ مدد كن ٿا، انكري جويي صاحب جو خيال آهي ته:

"جيكڏهن اسين شاهوكاريءَ ۽ غربت جي حقيقتن لاءِ تصوراتي (مذهبي) سمجهاڻي قبوليون ٿا ته ان لاءِ اسين فقط اهوئي كري سگهون ٿا ته موجوده صورتحال كي تسليم كريون، خاص طرح پنهنجي بهتر حالت يا درجي تي خوش ٿيون ۽ ٿورو كجهه صدقي، خيرات ۽ زكوات جي صورت ۾ كڍي ٻين كن كي ڏيون ۽ وڌيڪ خوش ٿيون." (جويو، 2007ع ص 49)

جويي صاحب جون مٿي ذكر كيل ڳالهيون وقت جي ملا كي كٽي ٿيون پسند اچن اهڙي صورتحال ۾، جويي صاحب تي ٻه اهڙائي الزام لڳڻا هئا، جهڙا ٻين سڃارن تي لڳندا پئي رهيا آهن، اهڙن الزامن كي گڏائي سڏائي محمد موسيٰ پٽو هن ريت بيان كري ٿو:

"سنڌي سماج ۾ ڏڪيڙ، مارا ماري، ڦرلٽ اغوا ۽ ٻين اهڙن رجحانن جي پيدا ٿيڻ جو كارڻ، جويي صاحب واري فكر جي ڦهلاءَ سبب ٿيو آهي."

اهڙي نوعيت جي پرچار محمد موسيٰ پٽو ۽ ٻيا اهڙا ملا مولوي جويي صاحب خلاف وقت بوقت كندا پئي رهيا. آخركار جويي صاحب اهڙن مڙني الزامن كي نظر ۾ ركندي "سيكيولرزم ۽ عقليت پسندي" نالي كتاب لكي ورتو، جيكو سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي حيدرآباد پاران 2007ع ۾ شايع ٿيو.



(47) مون ذات انوکي آندي آ

محمد ابراهيم جويي صاحب ۽ شيخ ايار جا علمي فڪري حوالي سان تعلقات عالم آشڪار آهن. ايتريقدر جو اها ڳالهه پڻ نمايان آهي، ته شيخ ايار کي اردو شاعريءَ کان پري ڪري سنڌيءَ جو وڏو شاعر ظاهر ڪرڻ واري ڏڳهي سفر ۾، جنهن ۾ ايار مٿان ڪيئي علمي فڪري حملا پڻ ٿيندا رهيا، اهڙي ماحول ۾ جويو صاحب نه رڳو سندس هر سفر ساڻي رهيو، پر سندس مڙني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ وارين کوششن ۾ به جويو صاحب وارين قلمي کوششن جو وڏو ڪردار آهي.

جويي صاحب جي هن ڪتاب ۾ اهو سمورو مواد موجود آهي، جيڪو شيخ ايار جي مختلف ڪتابن ۾ مهاڳن ۽ سندس حوالي سان مختلف جاين تي ڪيل تقريرن وغيره جي شڪل ۾ شايع ٿيو آهي.

جويي صاحب شيخ ايار جي حوالي سان لکيل هن مواد ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جي مختلف رنگن بابت جنهن نموني اعليٰ پايي جو اظهار ڪيو آهي ان مان ذڪر ڪيل دور جي علمي توڙي سياسي ماحول جي نمايان طور عڪاسي ٿئي ٿي. ان ڳالهه جي اهميت طرف اشارو ڪندي، ڪتاب جو سهيڙيندڙ، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي هيٺ ذڪر ڪيل راءِ وزندار معلوم ٿئي ٿي، مانجهي صاحب لکي ٿو:

"هن ڪتاب ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جا شيخ ايار جي مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳ، مضمون ۽ تقريرون شامل آهن... سچ پچ اُهي سمورا شاهڪار مهاڳ آهن، اُهي مهاڳ شيخ ايار جي فڪري ۽ فني تشريح به آهن ته تاريخي رڪارڊ به، هنن مهاڳن پڙهڻ سان ايار جي شاعري وڌيڪ نکري ۽ واضح ٿي ٻيهي ٿي ۽ شاعريءَ جو پس منظر واضح ٿئي ٿو." (مانجهي، 2012ع، ص 12)

شيخ ايار جي باري ۾ لکيل جويي صاحب جي لکڻين تي مشتمل هي ڪتاب کيس 98هين سالگره جي موقعي تي تحفي طور پيش ڪيو ويو، جيڪو ثقافت کاتي جي، ان وقت واري ملازم ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي محنت جو نتيجو آهي، هڪ عالم جي جنم ڏينهن تي پيش ٿيندڙ اهڙي علمي تحفي طرف اشارو ڪندي ثقافت کاتي جي ان وقت وزير محترمه سسئي پليجو لکيو:

"اسان سوچيو ته سندس [جويي جي] 98 هين سالگره (13- آگسٽ 2012ع) تي هن پيري کيس سکڻيون جنم واڌايون ڏيڻ ۽ گلدستا پيش ڪرڻ بدران ڪا اهڙي پيٽا پيش ڪريون جيڪا مختلف هجي سو اسان بهتر سمجهيو ته هن پيري سائين ابراهيم جويي صاحب جو ڪتاب شايع ڪري کيس خراج تحسين پيش ڪريون." (مانجهي، 2011ع، ص 8)

شيخ ايار بابت جويي صاحب جو لکيل ۽ يڪجا ڪيل، هي ڪتاب ايار جي شاعراڻي اوسر، فڪري ارتقا ۽ انقلابي جاگرتا جي سلسلي ۾ ڪيل جدوجهد بابت هڪ شاهڪار آهي، هي ڪتاب 2012ع ۾ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ شايع ڪيو.

(48) سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي:

خواب باشعور، باذوق ۽ بيدار ذهن جي پيداوار آهي، هر انسان وٽ زندگيءَ جي حوالي پنهنجو پنهنجو آدرش هجي ٿو، اهو ان ئي آدرش بابت سوچي ويچاري ۽ حال سارو جاکوڙيندو رهي ٿو، سندس اها ذهني ولوڙ ئي آهي جيڪا ڪيس اُتساهي اڳتي وڌائڻ لاءِ همت پيدا ڪرائي ٿي، راتين جي خوابن جي تعبير ڪرڻ وارن جو به اهو خيال آهي ته، جڏهن جيڪو تصور ذهن تي وڌيڪ سوار ٿي وڃي ٿو ته اهو ننڊ ۾ خواب جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو، جيڪو هڪ قسم جو سراپ ئي آهي، تڏهن ته ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

جي خواب هجن آزاد ته ٻيو ڇا گهرجي.

سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي محبِ وطنن وانگر جويو صاحب سنڌ جي سنوار سڌار ۽ روشن مستقبل بابت سوچيندي ويچاريندي ڪيئي سُنڊر سپنا پئي ڏٺا آهن. هڪ سڃاڻ عالم واري حيثيت ۾ جويي صاحب پنهنجي انهن سپنن جي ساڀيان ٽيڙ واري واٽ جي سنوار واري مقصد جي مدِنظر، وقت بوقت تقريرن ۽ تحريرن وسيلي پڙهندڙن سان پئي ويچار وندبايا آهن، سندس هي ڪتاب "سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي" اهڙن ئي خيالن جو مجموعو آهي جنهن ۾ سنڌ جي سياست، سماجيات ۽ علم و ادب واري حوالي سان ويچار وندبيل آهن. سُنڊر سپنا، جيئن ته انسان زندگيءَ جي مختلف دورن ۾ ڏسندو رهندو آهي، انڪري هن مجموعي ۾ به جويي صاحب جو ڪيتروئي اهڙو مواد اهي جيڪو اڳ مختلف وقتن تي سندس ئي ٻين ڪتابن ۾ آيل آهي.

جيتوٽيڪ اها گالهه اسان کي عجيب لڳي ٿي، پر هن ڪتاب جي سهيڙ ڪندڙ محسن علي جويو (سندس ڏوهٽو) جيڪو هن آخري عمر ۾ سندس نہ رڳو علمي معاملي جو مددگار، پر نگهداشت واري حوالي سان پڻ ڪوشان رهندو آهي، جويي صاحب سان سندس اهڙي ويجهڑائپ ۽ قربت جي مدنظر ائين ٿو محسوس ٿئي ته مسٽر محسن هي مواد جويي جي اڳ لکيل مواد مان چونڊ ڪيو آهي، جيتوٽيڪ ان سان گڏ ڪجهه تازو اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل مواد پڻ شامل ڪيو ويو آهي، پر گهڻائي اڳ مختلف ڪتابن ۾ آيل مواد جي نظر اچي ٿي.

ڪتاب ۾ ورجاءُ ٿيل مواد جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- برطانوي راج هيٺ 1937ع کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل خودمختياريءَ تي هڪ نظر (۾) سڌ پڙاڏو سنڌ منهنجي خوابن

- پاڪستان جو نهراءُ، جيئن اُهو 3- مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو (۾) سڌ پڙاڏو - 1854 ۾ هڪ ريڊ انڊين قبيلي سيائل جي سردار جو آمريڪي صدر جي نالي هڪ خطاب (۾) سڌ پڙاڏو تِر جي ڳٽي سنڌ (۾) سڌ پڙاڏو.

هي ڪتاب 2012ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو شايع ڪيو.

محمد جويي صاحب جي ڪتاب "گالهيون ڪتابن جون" جي تعارف ۾ جويي صاحب جي زندگي ۾ ڪيل پورهئي جو ذڪر ڪندي جامي چانڊئي لکيو آهي: "سائين محمد ابراهيم جويو بنيادي طور تي هڪ آدرشي ۽ ترقي پسند اسڪالر ۽ ڪميٽيڊ اديب آهي. هو انهن قلم ڏٽين منجهان آهي، جن سدائين پنهنجي عوام، قوم ۽ مجموعي طور انسانذات لاءِ سوچيو ۽ لوچيو آهي." (جويو، 2000ع، ص 4) مون پنهنجي پاران جويي صاحب جن جي ان هم گير سوچ ۽ لوچ واريءَ شخصيت جي هڪ پهلوءَ تي، هيءَ مختصر ڪوشش ڪئي آهي.

ببليوگرافي

(1) آزاد قاضي، سمند سوجهيائون (مرتب) ڇاپو پهريون، 2004ع جي.ايم.سيد فائونديشن ڪراچي.

(2) آزاد قاضي، لامون تنهن وڻ سنديون، ڇاپو ٽيون، 2003ع، جي.ايم.سيد فائونديشن ڪراچي.

(3) آزاد قاضي، سڌ پڙاڏو، ڇاپو پهريون، 2004ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.

(4) ادارو، سنڌي زبان جي بنيادي لغت، 1976ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(5) بريخت برٽالٽ، گليلو، مترجم محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون، 1977ع، سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد.
(6) بلائٽن ايند، پارن جو مسيح، مترجم محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون 1980ع سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد.
(7) پليو ٽارچ، پارن جي تعليم، مترجم محمد ابراهيم جويو 1972ع، .....
(8) پنهور، ايم.ايڇ، آپ بيتي جڳ بيتي، نظرثاني، محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون، 2008ع، فينڪس بوڪس حيدرآباد.
(9) پوليزر جارج، فلسفي جو ابتدائي ڪورس، مترجم محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون، 1984ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
(10) جتوئي، حيدربخش، سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟ مترجم محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون 2010ع باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي حيدرآباد.
(11) جويو، تاج، سڀاجهو ساجانهوند، محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون 1900ع، ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد
(12) جويو، محمد ابراهيم، اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم، چاپو پهريون، 1985ع، سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد.
(13) جويو، محمد ابراهيم، املهه هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو، چاپو پهريون، 2004ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن ٽنڈو ولي محمد حيدرآباد.
(14) جويو، محمد ابراهيم، ٻولي ادب تعليم، چاپو پهريون، 1998ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(15) جويو، محمد ابراهيم، ۾ لفظ صلاح جا، استادن لاءِ، 1984ع.
(16) جويو، محمد ابراهيم، پيار، نِبارُ ۽ اُتاهه، چاپو پهريون، 2008ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
(17) جويو، محمد ابراهيم، سامي‌ءَ جا سلوڪ، چاپو پهريون، 1992ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(18) جويو، محمد ابراهيم، سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي، چاپو پهريون، 2012ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
(19) جويو، محمد ابراهيم، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري، پهريون چاپو، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
(20) جويو، محمد ابراهيم، سنڌ منهنجي خوابن جي، چاپو پهريون 2008ع، ادارو سينٽر فار پيس حيدرآباد.
(21) جويو، محمد ابراهيم، سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي، 2007ع، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد.
(22) جويو، محمد ابراهيم، ماڻهوءَ جو پاڻ، چاپو پهريون 1980ع سسئي پبليڪيشن سلطان آباد.
(23) جويو، محمد ابراهيم، شاهه سچل سامي، 1990ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد،
(24) جويو، محمد ابراهيم، عورتازاد، چاپو پهريون، 1983ع، سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد.
(25) جويو، محمد ابراهيم، ڳالهيون ڪتابن جون، جلد پهريون، چاپو پهريون 2000ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(26) جويو، محمد ابراهيم، ڳالهيون ڪتابن جون، جلد ٻيو، چاپو پهريون 2003ع، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(27) جويو، محمد ابراهيم، مارئي، مارُو ۽ ملير، چاپو پهريون، 2010ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(28) جويو، محمد ابراهيم، مُٺ مُٺ موتين جي، چاپو پهريون، 1992ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
(29) جويو، محمد ابراهيم، مون ڏات انوکي آندي آ، چاپو پهريون، 2012ع سنڌ ثقافت ڪاتو سنڌ.
(30) جويو، محمد ابراهيم، محڪريءَ جا مضمون، چاپو پهريون، 1985ع، عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.
(31) جويو، محمد ابراهيم، هوءَ جا ٽمڪي باهڙي، چاپو پهريون، 1995ع، نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي.

(32) چانڊيو، جامي، خط ۽ن ادبين جا، چاپو پهريون، 1999ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(33) سنگرام، خط ۽ن استادن جا، چاپو پهريون، 2002ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(34) شاهه، غلام مصطفيٰ سيد، پاڪستان جو تعليمي نظام، مترجم محمد ابراهيم جويو/ حبيب الله صديقي، چاپو پهريون، 1990ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(35) روسو، جي.جي.ايملي عرف تعليم، مترجم محمد ابراهيم جويو، 1950ع، آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد.
(36) زويگ، اسٽيفن، فڪر جي آزادي، مترجم محمد ابراهيم جويو، 1977ع، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد.
(37) فريري پائلو، علم تدريس مظلومن لاءِ، مترجم محمد ابراهيم جويو، 1984ع، عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.
(38) گوركي، آتم ڪهاڻي، مترجم اياز قادري، تصحيح محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون، 1977ع، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو.
(39) لاشاري، ف.م، ادبي گڏجاڻي، چاپو پهريون 1982ع سنڌي ادبي سنگت ڪراچي.
(40) لاکو، غلام محمد، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، 1997ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(41) موئر هاورڊ، وحشي جيوت جا نشان، مترجم محمد ابراهيم جويو، 1976ع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(42) والٽيئر، ڪنديد، مترجم الهرڪيو پريو، شمشيرالحيدري، نظرثاني چاپو پهريون 1977ع، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو.
(43) هوگارٿ، سي.جي، فرينچ انقلاب، مترجم محمد ابراهيم جويو، چاپو پهريون، 1990ع، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
(44) تنشي، بقول زرتشت، مترجم عبدالعزيز قنڌاري، چاپو پهريون، 2007ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
(45) Joyo, Mohammad Ibrahim, Save Sindh, Save the Continent Edition Second new Creative, Camunication, Hyderabad.
(46) Joyo, Mohammad Ibrahim, The Betrayal, Sindh, Bides, The day for Freedom, vol-I, 2005, Sindhi Adiban je co, Apretive Society Hyderabad.
(47) Joyo, Mohammad Ibrahimm, The Betrayal, Sindh, Bides, The day for Freedom, vol-II, 2005, Sindhi Adiban je co, Apretive Society Hyderabad.
(48) Mehkri, G.M, On Sindh, Compiled by: Mohammad Ibrahim joyo, 2012, Cultur Depratment Sindh.
(49) Mehkri, G.M, Sorrows of Sindh Compiled by: Mohammad Ibrahim joyo, 1987, Sindh Friends Circle Hyderabad.
(50) Mehkri, My Dear joyo ji, Compiled by: M. Ibrahim joyo.
(51) Sayed, G.M, Sindhu Desh the Case yet to Settle Translated by: Mohammad Ibrahim Joyo, 2010, Indus Acadamy Karachi.
(52) Sayed, G.M, National Unity, Translated by: Mohammad ibrahim joyo, 1978, Sayed and Sayed Sons, Karachi.

ادب جو آسمان

گلبدن جاويد

1970ع جي ڏهاڪي جي آخر جي ڳالهه آهي، جڏهن مان پرائمري ۾ هئس تہ هڪ ڏينهن منهنجي امان، پينرون ۽ پاڇايون گهر کي سينگارڻ ۾ مصروف ڏٺم، هوندئن تہ اسان جو گهر سدائين صاف ستڙو هوندو هو، پر اهڙي خاص تياري ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي هئي يعني جڏهن اسان جو نانو شهباز الٽي (ڊپٽي ڪليڪٽر) حيدرآباد مان ايندو هو تہ سڄو گهر سينگاربو هو، سو مون اهو سمجهيو شايد نانو ايندو هوندو. اهو سوچي اسڪول هلي ويس. رسيس ۾ وري موٽي آيس، ڏٺم تہ گهر جون عورتون ايڄا تائين تيارين ۾ هيون. شانِ آصف لئبريءَ کي سهڻي نموني سينگاريو ويو هو ۽ هڪ ڪٽ تي ٽڪ جي رلي وڇائي وئي هئي، ٽيبل ۽ ڪرسين تي ٽڪ سان پريل ڪور چاڙهيا ويا هئا، ۽ هي خاطر تواضع ۾ چينيءَ جا ڏانوَ ڪيڙيا ويا هئا. سندن تياريون ڏسي مون چا ڪيو جو گلابي ڪپڙي جا گل ناهي اڳڻ ۾ لڳل هيڙ جي وڻن تي ٽنگيا. منهنجي هڪ پيڙ پاڻيءَ جي بالٽي ۾ پرفيوم جا قطرہ وجهي ڪچي اڳڻ کي ڇڙڪار ڪيو، منهنجي هڪ سوٽ مون کي آن ڏنو تہ وڃي ابرق وڻي آ، جڏهن ابرق وڻي آيس تہ وري ٻيهر ان ڏيندي چيائين هي‌۽ ٽورو آهي ٻيو بہ وڻي اڇ.

هتي منهنجي حيرت وڌي وئي تہ آخر اهڙو ڪير ٿو اچي جو سڀ ابرق هارڻ ۽ عطر ڇٽائڻ ۾ پوريون آهن.

پنهنجي پڦيءَ کان پڇيم تہ: "پڦي ڪهڙا مهمان تا اچن؟"

پڦيءَ چيو: "هڪ عظيم انسان ٿو اچي."

وري مان پنهنجي اسڪول هلي ويس، موڪل کان پوءِ موٽي اچي ڏٺم تہ سڀ پاتي ڪنهن جي انتظار ۾ آهن، نيٺ امان کان پڇيم تہ: "امان ڪهڙا مهمان تا اچن تہ هڪدم چيائين تہ "محمد ابراهيم جويو جيڪو ادب جو آسمان آهي، اهو اڄ اوهان جي بابا جي لئبريري ڏسڻ ٿو اچي."

گهڙين کان پوءِ سڻڻ ۽ ڪجهہ پائڻ ٻڌايو تہ سائين محمد ابراهيم جويو ۽ بابو ڪائين جي اسڪول مان نڪري چڪا آهن.

ٿوريءَ دير ۾ اسان جي اوطاق ۾ گوٺ جا سڀ نوجوان گڏ ٿي ويا، جويي صاحب کي پليڪار چوڻ لاءِ، اسان ٻار پنهنجي گهر جي وڏي ٽلهي تان بيهي ڏسڻ لڳاسين.

محمد ابراهيم جويو اڳيان ان کان پوءِ بابا احمد خان آصف مصراڻي ۽ پوءِ ڪيترائي استاد قافلي جي صورت ۾ اسان جي اوطاق تي پهتا، جوئي صاحب کي بابا گهر وٺي آيو، پاڻ "شان آصف لئبريري" ڏٺائون. اُن ڏينهن کان منهنجي ڪچڙي ذهن ۾ جويي صاحب جي شخصيت جو خاڪو "ادب جي

آسمان" جي صورت ۾ ويهي ويو، ان ڏينهن کان "شانِ آصف لئبرري" سان وابستگي شروع ٿي وئي، پوءِ جويي صاحب جي ڇپيل ڪتابن مضمونن جو باقاعدي انتظار ڪبو هو. پوءِ هڪ وقت اهڙو پڌايو جو جويي صاحب ۽ شيخ ايياز جو ذڪر گڏگڏ هلندو هو. ايياز جي شاعري ۽ جويي صاحب جو نثر نوجوانن جو فڪري ۽ نظرياتي مقصد بڻجي ويو، گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي ته اڄ تائين جيڪا سنڌي انداز ۾ پڙهي ڳالهائي ۽ لکي وڃي ٿي اها جويي صاحب جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، هوليءَ جي سونڌ سنوار، بيهڪ جون نشانيون، جملن جو گهاڙيٽو جويي صاحب جي لکڻين ٿي سمجهايو ۽ سيکاريو. جويو صاحب گهڻ رخي هستي آهي، جنهن تي ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا، پر جيئن ته مون کي سندن ويجهڙائپ نصيب ٿي، انڪري چاهيندس ته اُهي ڳالهيون ۽ ڳڻ پڙهندڙن سان وندبيان.

منهنجي ساڻس روبرو ملاقات 1993ع ۾ ٿي. ان وقت شمشيرالحيدري موجود هو ۽ يونيورسٽي مان ڪي ساهيڙيون به هيون، جاويد کي چيائين: "هيءَ منهنجي دوست شهبازاٽيءَ جي ڌيءَ ۽ مصراٽي جي ڏيءَ آهي، هن جي پارت اٽئي، توکي سنڌي خاندان جي چوڪري ملي آهي."

سچ پچ ته ان وقت منهنجي دل وڏي ٿي وئي ۽ جويي صاحب لاءِ تهائين محبت ۽ احترام وڌي ويو. جويو صاحب انهن ڏينهن ۾ پهرين ميمبر هو پوءِ بورڊ جو چيئرمن ٿيو. پاڻ هميشہ اسان لاءِ چپر چانو رهيو، هڪ ڏينهن مون کي چيائين: "تو اڄ تائين جيڪو لکيو آهي اهو مواد سهيڙي مون کي ڏي"، ان کان پوءِ مون ڪافي لکڻيون، شعر، انٽرويوز ۽ ترجما کين ڏنا. پاڻ ڏاڍي باريڪ بينيءَ سان پڙهي هڪ هڪ شيءِ تي پنهنجي راءِ ڏنائون، ڪافي نظمن تي شاباس ڏنائين ۽ ترجمي بابت ڪجهہ ٽڪتا سمجهايائين، غلطين جي نشاندهي ڪيائين، منهنجي ساڻن گهرائپ رهي ۽ سندن رهنمائيءَ ۾ منهنجو نظر ڏانهن لاڙو وڌيو.

1996ع ۾ "سرتيون" پاران شاعري نمبر سهيڙيو ته پاڻ تمام گهڻي همت افزائي ڪندي، تکڙو چيرائي ڏنائين ۽ پوءِ "ڪُل سنڌ خواتين مشاعرو" ڪرائڻ ۾ پڻ سندن رهنمائي رهي. سندن نياڻي ادي نيلوفر ٻيڪ نہ هئي ته مان هن کان ٻہ ٽي دفعا پڇڻ ويس ته ڪيس اها ڳالهہ ڏاڍي وٺي هئي ته تون هلي وڃي هِن سان ڪچهري ڪري ٽي اچين. انهن ڏينهن ۾ مان سندن آفيس ويني هئس ته منهنجي چاچي عبدالله مصراٽيءَ جي انتقال جي خبر پئي ته منهنجي اکين مان ڳوڙها پئي ڳڙيا، پاڻ ڏاڍو پريشان ٿيو، مون کي دلداري ڏنائون پوءِ گاڏي گهرائي مون کي گهر پُجرايائين.

هڪ دفعي ڪاوڙجي آفيس مان نڪري آيس ته پٽيوالو موڪلي مون کي سڏرايائين. مون سمجهيو ته هاٿي دڙڪا ملندا، پوءِ جويي صاحب پنهنجي خاص انداز سان کل ۾ ٻڌو پيو هجي. مون کي چيائين "سنڌ کي اهڙي نسل جي ضرورت آهي جيڪي پنهنجي راءِ رکن ۽ پنهنجي ارادي ۾ اٽل هجن."

مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهان ٿي جو جويي صاحب سان ساڻن ميل ملاقات رهندو اچي. سندن سوين تقريرون ٻڌڻ جو موقعو مليو آهي، پاڻ واقعي ٻہ عظيم انسان آهي. جڏهن منهنجي سهري ممتاز مرزا جي وفات ٿي ته پاڻ لڳاتار ٽي ڏينهن تڏي تي ويٺا جنهن سبب اسان کي وڏو ڏاڍ محسوس ٿيو. ويجهڙائيءَ ۾ ساڻس مليس ته مون کي ٻڌايائين ته ڪنهن اسڪول جو افتتاح ڪيو اتي اخبار ڏنر جنهن ۾ تنهنجي تقرير چپيل هئي، سا پڙهيم، اهڙي نموني سندن ساڻ ۽ رهنمائيءَ کي پنهنجو پاڳ ٽي سمجهان؟ هيءَ واقعي ٻہ ادب جو آسمان آهي.



”فخرِ سنڌ“ جو خطاب ماڻيندڙ هڪ آدرشي انسان

دين محمد کلهوڑو

محمد ابراهيم جويو، سنڌ جو غيرتمند سپوت، سنڌ جو پروانو، پنهنجي فرض سان، ساري حياتي مخلص ۽ ڪميٽيڊ رهندڙ، سنڌ جي آزاد ۽ خود مختياريءَ ۾ ويساهه رکندڙ محب وطن اڳواڻ، سچو فڪري رهبر، سائي، دوست، مهربان، هڏ ڏوکي، سنڌ، سنڌي قوم جي مڙني دردن کي پنهنجي جان ۾ محسوس ڪندڙ ۽ انهن جي علاج ۽ چوٽڪاري لاءِ ساري حياتي، مستقل مزاجيءَ سان جاکوڙيندڙ، جهيڙيندڙ، مزاحمت ڪندڙ عملي ۽ قلمي محاذ جو سپهه سالار ۽ قومي اثاثو. سندن لاءِ ڪهڙا نانوَ ڳٽائي، ڪهڙا ڳٽائجن، هو ته سراپا هر انهيءَ قالب ۾ فٽ آهي، جيڪو سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي فن، سنڌ جي ثقافت جي مڙني ڇڳاين جي عملي پاسداري ڪري ٿو.

محسن جوئي، پنهنجي سهيڙيل ڪتاب: ’سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي ۾ جوئي صاحب جو تعارف، تمام سهڻي انداز ۽ پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي، ان مان مختصر ٽڪرو ملاحظه ڪريو:

”سائين محمد ابراهيم جوئي تي انگريزي اصطلاح پوري طرح ڏهڪي اچي ٿو.

'A living Legend a great thinker.'

يعني اهڙو ڪردار، جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مهانتا ماڻي، پنهنجي دور تي اٽمٽ اثر ڇڏي، جنهن جي فڪر ۾ نمايان سگهه هجي، جيڪا سگهه پاڻ مجائي ۽ اُتساهه جا سرچشما تخليق ڪندي رهي، هن جي سڄي زندگي اها شاهدي ڏيئي ٿي ته هن نيڪيءَ کي ئي حقيقي علم سمجهيو ۽ ڄاتو آهي، اهڙيون ئي ڳالهه صديون اڳي يونان جي مشهور مفڪر سُقراط ڪئي هئي، جنهن چيو ته: Knowledge is virtue، علم لاءِ اهڙو ذميواريءَ جو احساس جوئي صاحب جي سيني لڪڻين توڙي سندس ڏنل خطبن ۽ تقريرن ۾ ڏسجي ٿو.“ [جويو، محسن (2012ع)، مهاڳ، 1]

محسن جويو مهاڳ ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته:

”سائين محمد ابراهيم سنڌ جي جديد نظرين، تصورن ۽ خيالن کي پُراعتماد انداز ۾ پيش ڪيو آهي، پاڻ ٻڌايو اٿن ته انسان ذات پنهنجي طويل تهذيبي سفر ۾ هيل تائين ڪن اوچن ڏاکن تي پهتي آهي، يعني قومي شناس، وطن دوستي ۽ انسانيت، سندن فڪري ۽ علمي خدمتون خالص ادب، فلسفي، تاريخ ۽ تعليم جي ميدانن ۾ پهچي مادري ٻوليءَ ۾ خاص طور ۽ ڪجهه قدر انگريزيءَ ۾ پڌريون پئي رهيون آهن. سندن اصلي ڪتاب ۽ ترجما ان ڳالهه ۾، سواءِ ڪنهن شڪ ۽ سوال جي پنهنجا مثال پاڻ موجود رهيا آهن ۽ انهن جو اثر ۽ ڦهلاءُ ايڏا تائين

هلندڙ آهي. (حوالو ساڳيو، ص 9)"

جويو صاحب، هڪ صديءَ جي اها جيئري جاڳندي تاريخ آهي، جا پنهنجي ورقن مان، نہ رڳو ماضيءَ جي داستان جو جيئرو جاڳندو جلوو ۽ نظارو پسائي ٿي، پر گڏوگڏ اُن مان سبق سکڻ ۽ حال ۾ صحيح ۽ سوچي سمجهي قدم کڻڻ جا انيڪ گس ۽ اتساهن مٽان اتساهه، همٿن مٽان همٿون ۽ جرئتن مٽان جرئتون ارپي ٿي. سنڌ ۾ ڏارين جي آبادڪاريءَ جو مسئلو هجي، ون يونٽ جو سياسي اشو هجي، سنڌي ٻوليءَ جي قومي ٻوليءَ وارو ڪاز هجي، ادارن ناهڻ ۽ انهن جي هلائڻ جي ڳالهه هجي، سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر ۽ اعرابن سميت صورتخطيءَ جو معاملو هجي، جوئي صاحب جو انهن مڙني معاملن تي، نهايت وزندار، سچو ۽ چٽو موقف رهيو آهي.

'ڳالهيون ڪتابن جون' جي تعارف ۾ جوئي صاحب بابت ذڪر ڪندي نوجوان اديب ۽ دانشور جامي چانڊئي هن طرح لکيو آهي ته: "سائين محمد ابراهيم جويو بنيادي طور تي هڪ آدرشي ۽ ترقي پسند اسڪالر ۽ ڪميٽيڊ اديب آهي، هو انهن قلم ڏٽين منجهان آهي، جن سدائين پنهنجي عوام، قوم ۽ مجموعي طور انسانذات لاءِ سوچيو ۽ لوچيو آهي."

بورڊ ۾ نوڪريءَ ڪرڻ کان اڳ، جڏهن مان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ انسائيڪلوپيڊيا سيل ۾ ڪم ڪندو هئس، اها 2000ع جي ڳالهه آهي، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، اڳرثيءَ جو چيئرمين هو. جوئي صاحب جو اُتي اڪثر اچڻ ٽيندو هو. هڪ دفعي مون کين پنهنجو لکيل تحقيقي آرٽيڪل "پُنرو ٻڌاماڻي- اُتر ڪاچيءَ جو هڪ رزميه ڪردار" پيش ڪندي، اصلاح ۽ رهنمائيءَ لاءِ کين عرض ڪيم، پاڻ مُرڪي ڏنائون ۽ چيائون ته: "ادا، اوهان ڏنبر جهڙي باغ دماغ شهر مان آيا آهيو، جتي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر محبت هرڙو ٿي گذريو، جنهن ننڍي ڄمار ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ سياست کي نوان موڙ ڏنا، اوهان ته هتي ٻين دوستن جي رهنمائي ڪريو. ڏنبر جا دوست، هر چڱائيءَ واري محاذ تي سڀ کان اڳ، پهرينءَ صف ۾ رهيا آهن، سندن موقف ڪليل ۽ چٽو رهيو آهي." مون کين عرض ڪيو ته قبلا هتي حيدرآباد ۾ ته هاڻي اوهان اسان جا وڏا آهيو...

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جوئي صاحب، اڳرثيءَ واري PTCL نمبر تي فون ڪئي. مون کي فون تي مبارڪون ڏيندي چيائون ته: "ادي علي آڪاش به اوهان جو ساڳيو مضمون پڙهايو آهي، موڻ اوهان جو مضمون، ڏاڍي غور سان پڙهيو آهي، اوهان سچ ڀڻ

ڪاپي ڪان: سائين محمد ابراهيم جويو، پاڻو درمحمد هرڙو ۽ دين محمد ڪلهوڙو (محمد ابراهيم جوئي صاحب جو گهر، صحافي ڪالوني، حيدرآباد)

وڏي محنت، جاکوڙ ۽ ڪوج ڪري مضمون جو مواد گڏ ڪيو آهي، بيشڪ 'ڳاهن سان ڳالهيون' ڪتاب ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پُنري بڌاماڻيءَ سان نسبت رکندڙ رزميه بيت ڏنا آهن، پر اُهي مڪمل نہ آهن، ايا به هوندا، لطيف جي رسالي ۾ به ملن ٿا. اِها اسان جي خوش نصيبي آهي جو هاڻي تحقيق جا طريقا، آسان ٿي پيا آهن، اوهان ايا تحقيق جاري رکو." منهنجي وڌيڪ اصلاح ڪندي، چيائون ته: "پُنرو، اترڪاچي جو رهاڪو هو، اِها به اهم ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي، پر ان کان وڌيڪ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه هيءَ آهي، ته اهو ڪردار، خالص سنڌ جو ڪردار هو، خوشيءَ جي ڳالهه اِها به آهي، ته پُنرو، سنڌ جي روحاني رهبر ۽ فلسفي

شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو پسند جو ڪردار ھو، لطيف سرڪارؒ ھن ڪردار مان گھڻو خوش ھو ۽ پنھنجي ڪلام ۾ ھن جي سخاوت ۽ بھادريءَ کي خوب ساراھيو آھي، ان ڪري اوھان، تحقيق دوران، پنھنجي علائقي، شھر ۽ ڪميونٽيءَ جي اثر کان بالاتر رھو ۽ فقط سنڌ کي اُجاگر ڪريو، سنڌ ئي اسان جو سڀ ڪجھ آھي." جوئي صاحب جي انھيءَ مفڪرانہ رھنمائيءَ ۽ صلاح، منھنجو Vision ڪليئر ڪيو.

جوئي صاحب، ھڪ پيري مون کي ٻڌايو تہ: "توھان اھو تہ ضرور ٻڌو ھوندو تہ ماڻھوءَ لاءِ ڪم چئلنج ھوندا آھن، پر اھو شايد ٻڌو ھُجي، تہ ڪي ماڻھو ٻہ، ڪم لاءِ للڪار ھوندا آھن. اسان کي ٻہ سنڌ لاءِ اُھي ئي ماڻھو گھرجن، جيڪي ڪم لاءِ چئلنج ٻڌجن." مون کين عرض ڪيو تہ قبلا اڄوڪي دور ۾ اھڙا ماڻھو ڪٿي آھن، گرانٽ پيٽ، ماڻھن کي ايئن ڪرڻ ڪيئن ڏينداَ، ھا جي اھڙو ڪو اڄوڪي دور ۾ ھوندو، تہ پوءِ پڪ سان اُھو ڪو فرشتو ھوندو. مون کي چيائون تہ: "انسانُ، فرشتن کان ٻہ وڌيڪ عظيم آھي، فرشتن کان ٻہ وڌيڪ بھترُ ڪم ڪري ٿو، اِھائي تہ انسان جي خوبي ۽ عظمت آھي جو حضرت آدم عليہ السلام کي ٻہ فرشتن، رب پاڪ جي حڪم تي، سجدو ڪيو ۽ سندس اطاعت ڪئي. پاڻ ان لاءِ ڪيئن مثال ڏنائون، تہ ھِنن ھِنن ماڻھن ڇا ڇا ڪيو ۽ ڪيئن نہ ھنن وقت ۽ حالتن جا رخ موڙي ڇڏيا. سنڌ کي ٻہ اھڙا ئي مرد مجاھد ملن، تہ اسان جون ٻہ سَٽايون ٿي ويندیون، اسان ناميد نہ آھيون، ضرور ائين ٿيندو..."

اسان ڏسون ٿا، تہ جويو صاحب، اُن فلسفي تي ساري حياتي، ڪم ڪندي گذاريو آھي، بيماريءَ جي بستري تي ھجي، سفر ۾ ھجي يا حضر ۾ ھجي، سدائين ڪمن جون ڳالھيون، ڪتابن جون ڳالھيون، شاعري، ادب، فن ۽ ڪلا جون ڳالھيون ڪندا رھيا آھن ۽ نئين نسل جي عملي رھنمائي ڪندا رھيا آھن.

جوئي صاحب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عشق ۾ جناب جي.ايم.سيد جي سربراھيءَ ۾ 1940ع ۾ سنڌي ادب لاءِ صلاحڪاري بورڊ جو بنياد رکيو، جيڪو پوءِ 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ بدلجي ويو. جناب جي.ايم.سيد، جوئي صاحب لاءِ چوندو ھو تہ: "سنڌي ادبي بورڊ معنيٰ جويو صاحب، جويو صاحب معنيٰ سيڪجھ." يعني جيڪو جويو صاحب چوندو ھو، اھوئي بورڊ جو آخرين فيصلو سمجھبو ھو. سنڌي ادبي بورڊ مان نڪرندڙ نامور ادبي رسالو "مھراڻ" فقط ئي فقط سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي واڌ ويجھ لاءِ جاري ڪيو ويو، اھو ٻہ جوئي صاحب جو ڪارنامو ھو. ھن رسالي جي ٻئين دور جو پھريون ايڊيٽر ٻہ جويو صاحب ھو، "مھراڻ" تي اھو نالو شمس العلماء عمر بن محمد داؤدپوٽي صاحب جي تجويز تي رکيو ويو. "مھراڻ" جي تاريخ، بورڊ کان ڪجھ سال پراڻي آھي، "مھراڻ" جا ٻہ دؤر آھن، پھريون دور سنہ 1946ع کان 1947ع تائين، ھن عرصي دوران ڏھن جي لڳ ڀڳ پرچا پڌرا ٿيا جو سنڌ ۽ ھند جو ورھاڱو ٿيو ۽ ھن خطي ۾ پاڪستان ۽ پارت ٻہ نوان ملڪ وجود ۾ آيا ۽ حالتن جي ناسازگيءَ سبب "مھراڻ" ڪجھ عرصي لاءِ بند ٿي ويو، وري جڏھن 1951ع ۾ بورڊ جڙيو تہ جويو صاحب سيڪريٽري مقرر ٿي آيو، تہ وري 1955ع ۾ "مھراڻ" جو نئين سر اجراء ٿيو. ھن سڄي مرحلي ۾ جويو صاحب پنھنجي اسائنمينٽ تي ڪم ڪندو رھيو، ان دور جا اداريہ پڙھي ڏسو تہ جوئي صاحب، "مھراڻ" جي مورچي تي ويھي، قلم کان نشتر جو ڪم ونندي، سنڌ دشمن ۽ سازشي قوتن جي ڪيئن تہ لاڪ لاٽي آھي.

شيخ اياز کي اردو شاعريءَ کان سنڌي شاعريءَ ۾ وٺي اڻڻ ۽ اُن کي شيخ اياز بنائڻ، غلام محمد گراميءَ کي مدرسي مان وٺي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ "مھراڻ" جھڙي برڪ رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪرڻ ۽ گرامي صاحب کي سڃيءَ سنڌ ۾ روشناس ڪرائڻ ۽ ھن کان "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جھڙو بيمثال ڪتاب لکرائڻ وغيرہ، اھي سڀيئي ڪم، جوئي صاحب جي حصي ۾ اچن ٿا، بورڊ جي موجوده عمارت ٻہ سنڌن نگراني ۾ تيار ٿي.

جويو صاحب، پنھنجي مزاج ۽ طبعيت ۾ ھر وقت ھڪ متحرڪ ۽ سڏو سوچيندڙ ھڪ ادارو آھي، سنڌن عشق ۽ ايمانُ، سنڌن وطن "سنڌ" آھي. ھُو سنڌ خلاف ھڪ لفظ ٻہ ٻڌي نہ سگھندو آھي. تازو ھڪ

دهشتگرد پٺاخور ۽ سنڌ دشمن تنظيم، سنڌ کي ورهائڻ جو غير فطري ۽ غير آئيني مطالبو ڪيو، تہ جوئي صاحب، هڪدم اُن خلاف سخت مزاحمتي بيان جاري ڪندي چيو تہ: "سنڌ اسان جو ايمان آهي، اُن جي خلاف ڳالهائيندڙ، پاڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا." جويو صاحب، سنڌ خلاف ڪم ڪندڙ اهڙين نام نهاد ۽ سنڌ دشمن قوتن جي آڏو، سچي حياتي "مزاحمتي آواز" بڻجي، سنڌ جي سپوتن کي پاڻ ۾ ويڇا وساري، گڏ ٿيڻ جو سبب بڻجندو رهيو آهي، چو تہ سنڌ اسان جي سڃاڻپ ۽ اسان، سنڌ جي سڃاڻپ آهيون. اها سڃاڻپ، اسان کي ملڪ پاڪستان جي مُحابي نہ ملي آهي، پر اها تہ فطري طور اسان کي هزارن سالن کان اڳ مليل آهي، اهو رشتو، هِتان جي ڪابہ طاغوتي قوت، ختم ڪري ئي نہ ٿي سگهي.

جوئي صاحب، هميشہ جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي، اهو ذاتي مفاد کي نظر ۾ رکي نہ ڪيو آهي، اهو نہ سوچي ڪم ڪيائون تہ هن مان، مون کي ڪيترا چار ڏوڪڙ ملندا، پر اهو سوچي ڪيائون، تہ هن مان سنڌ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم کي ڪهڙو لاڀ ملندو. جوئي صاحب جي لغت ۾ "ذاتي مفاد" جو لفظ آهي ئي ڪونہ، چو تہ سندن ذاتي مفاد بہ دراصل قومي مفاد سان ملحوظ آهي.

2007ع جي ڳالهہ آهي، مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ پبليڪيشن آفيسر هوس، پبليڪيشن ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي قابلڪار پروفيسر ۽ نامور اسڪالر مرحوم محرم خان وگهامل جا سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ قديم شعر تي لکيل مضمون، جيڪي ٽماهي "مهراڻ" ۾ ڇپيا هئا، سي ڪتابي صورت ۾ ڇاپي پٽرا ڪجن، اهڙي گهر، سنڌ جي مڙني يونيورسٽين سميت اهلِ علم اديبن، شاعرن، شاگردن ۽ استادن طرفان بہ ٿي هئي. مون، ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر سان رابطو ڪيو ۽ ڪانئس ٽائيم ونڊي، ميٽنگ لاءِ وٽس آفيس ويس، اهو پروفيسر ڊين جي چيئر تي براجمان هو، لسانيات جي مضمون ۾ ٻاهران پي ايڇ.ڊي ڪيل هئس، ڪيس پنهنجي ڏگريءَ تي وڏو ناز رهيو آهي ۽ پاڻ لاءِ اڪثر چوندو آهي، تہ مان اڪيلو سنڌي ماڻهو آهيان، جنهن پرڏيهہ مان لسانيات جهڙي خشڪ مضمون ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي، ۽ ڪي اسڪالر تہ مون کان اڳ پرڏيهہ ويا ۽ سرڪار جو خرچ رائگان ڪري موٽي آيا، ڏگري بہ وٺي نہ سگهيا. بهرحال مان ڊاڪٽر صاحب سان مليس ۽ بورڊ جي اسائنمينٽ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ هڪدم چيائين تہ: "بورڊ مون کي هن ڪم لاءِ ڪيترو معاوضو ڏيندو؟" مون کين عرض ڪيو، تہ اوهان مقدمو لکي ڏينڈ، پروف ريڊنگ ۽ ايڊيٽنگ وغيره جو معاوضو جيڪو بورڊ جي مروج قاعدن مطابق ٿهندو، اهو اوهان کي ملندو ۽ ڪتاب جون ڪجهہ ڪاپيون بہ اوهان کي ملنديون. جنهن تي وراڻيائين تہ: "پروفيسر محرم خان جي ڪن ڳالهين تي مان علمي اختلاف رکان ٿو، تنهنڪري انهن تي حاشيہ ۾ فوٽ نوٽ بہ لکندس، پروفيسر محرم خان جو واڌو مواد، جيڪو مون وٽ رکيل آهي، اهو بہ ڏيندس ۽ مقدمو بہ لکي ڏيندس، اهو سمورو ڪم 80 هزار روپين جو ٿئي ٿو."

سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ گهرئي عالم ۽ ولايت مان لسانيات ۾ ڊاڪٽريٽ ڪيل، انهيءَ پروفيسر جون اُهي ولايتي ۽ ڪمرشل ڳالهيون ٻڌي، منهنجا تہ ٽپ ئي ٽري ويا! مون کين عرض ڪيو، تہ سائين، مان پنهنجي طرفان هن ميٽنگ جا منٽس ناهي، نوٽ سان، بورڊ انتظاميہ کي پيش ڪندس، جي بورڊ منظوري ڏئي ٿو، تہ اوهان کي اهو اجورو ملندو، اوهان مهرباني ڪري پروفيسر محرم خان جو واڌو مواد، اسان کي ڏيو، تہ اُن کي بہ پراسيس ڪريون. جنهن تي پاڻ فرمايائين تہ: "نہ، ان کان اڳ، بورڊ مون سان اِنهن شرطن تي ايگريمينٽ ڪري، پوءِ ئي مان ڪم ڪندس." مان پنهنجي آفيس اچي، سيڪريٽري صاحب کي لکت ۾ رپورٽ پيش ڪئي. نيٺ غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ، صلاح بيني تہ جوئي صاحب کان مدد وٺجي، ۽ ان ڪم لاءِ عبدالحفيظ قريشيءَ جو نالو تجويز ٿيو.

آخر حفيظ کي اها اسائنمينٽ حوالي ڪئي وئي، جنهن جوئي صاحب سان گڏجاڻيون ڪري، هن ڪم کي آسان بڻايو ۽ مختلف ماڻهن سان رابطا ڪري، محرم

خان جا لکيل ۽ وڏيڪ مضمون "جيريڪو، دنيا جو قديم ترين ڳوٺ" ۽ "ہوليءَ جي اوسر" هٽ ڪري آيو. جوئي صاحب، ڪتاب جي ايڊيٽنگ ڪئي، تعارف ۽ لکي ڏنو ۽ پروف ۽ پڙهي ڏنا، بورڊ اهو ڪتاب 2007ع ۾ "سنڌ سنڌي ہولي ۽ سنڌي شاعري (آڳاٽو دور)" جي نالي سان ڇاپي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب کي سهڻي ۽ وڏيڪ معنيٰ دار ڪرڻ ۾ حفيظ جو ۽ دخل آهي. هُو هِن ڪم ۾ جوئي صاحب جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. جوئي صاحب، تعارف ۾ حفيظ جا ٿورا مجيندي هن لاءِ "هم قلم دوست" جا لفظ لکيا آهن، اهو هن لاءِ وڏو اعزاز آهي. اِها آهي، پنهنجي ايمان ۽ ڪم سان ڪمٽمينٽ. جوئي صاحب هڪ روپيو ۽ نہ ورتو. انهيءَ پيٽ ۾ سرڪار لکين روپيا خرچ ڪري استادن کي ٻاهر موڪلي، ڪائنس اعليٰ تعليم حاصل ڪرائي ٿي، تہ جيئن هُو هتي اچي پنهنجيءَ پنهنجيءَ فيلڊ ۾ خدمت ڪن ۽ وڌ ۾ وڌ سنڌ ۽ سنڌي قوم کي فائدو رسائين. سرڪار، انهن استادن کي، انهيءَ ڪم لاءِ هتي لکين روپيا پگهار ۽ ٻيون سهوليتون پڻ ڏيئي ٿي، پر هتان جا اڪثر استاد، پرڏيهہ مان اعليٰ ڊگري حاصل ڪري، هتي اچي ڏنڊو ڪن ٿا، قوم جي ٻيڙي تارڻ بجاءِ ٻوڙين ٿا.

هتي هڪ ٻيو واقعو موضوع جي نسبت سان ياد اچي ويو آهي. سنڌ جي هڪ نامور مادر علميءَ جي هڪ ماهرِ لسان، سنڌيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر، پنهنجي اسڪالر جي آخري سيمينار ۾ ان ڪري شرڪت نہ ڪئي، تہ هو هاڻي سنڌ ڇڏي، اسلام آباد ۾ رهي ٿو. ان ڪري هُن صاحب، يونيورسٽيءَ کان اڇ وڇ جي ايئر لائن ٽڪيٽ، ٽن ڏينهن جي سنڌ ۾ ترسڻ لاءِ لگزري هوٽل جي ڪمري جو ڪرايو ۽ خرچ، لڳ سڳ 80 هزار روپيا گهريو، تہ جيئن هو سنڌ اچي، پنهنجي شاگرد جي فائنل سيمينار ۾ گائيڊ جي حيثيت ۾ شرڪت ڪري، پر يونيورسٽيءَ ايڏي ڳري ۽ ناجائز شرط مڃڻ کان مجبوري ڏيکاري ۽ پروفيسر صاحب جو مطالبو پورو نہ ٿيو، تہ هو نہ آيو. گائيڊ جي غير موجودگيءَ ۾ اهو طئہ ٿيل سيمينار نہ ٿي سگهيو. مون کي پوءِ مصدقہ ذريعن وٽان معلوم ٿيو، تہ انهيءَ اسڪالر جو اُهو ٽيون پيرو آخري سيمينار، ساڳئي سبب رد ٿيو آهي.

هڪ ٻيو اسڪالر هن واقعي کان اڳ 2005ع ۾، انهيءَ ساڳئي پروفيسر صاحب جي نگرانيءَ ۾ سنڌي لغت تي پي ايڇ.ڊي ٿي ڪئي. انهيءَ پروفيسر هِن شاگرد کي، پنهنجي اصل اسائنمينٽ تان ٽيڙڻ لاءِ، سبز باغ ڏيکاري، لاهور ۾ اردو لغت تي ڪم ڪرڻ لاءِ کيس اُڪساهيو، تہ جيئن اُهو اسڪالر، سنڌي لغت تي ڪم ڪرڻ بجاءِ، ڌاري ہوليءَ جي لغت تي ڪم ڪري. هڪ سنڌي پروفيسر، جنهن کي يونيورسٽي پگهار ۽ اُن ڪري ڏيئي، تہ تون پنهنجي سپروائيزنگ ۾ پنهنجي سبجيڪٽ ۾ وڏيڪ پي ايڇ.ڊي اسڪالر پيدا ڪر، تہ جيئن اُهي ۽ اڳتي هلي پنهنجي ہوليءَ جي خدمت ڪن، پر هتي تہ اهو سنڌيءَ جو پروفيسر، ماڳهين پنهنجي پروفيشن جي بنهہ ابتڙ ٿي ڪم ڪيو، پگهار سنڌي سبجيڪٽ جي ٿي ڪاڌائين، پر دلالي، غير سنڌي سبجيڪٽ جي ٿي ڪيائين. مون جڏهن اهو سمورو داستان، جوئي صاحب کي ٻڌايو، تہ اُن پروفيسر صاحب تي ڏاڍا جَڪ ڪاڌائين ۽ مون کي تنبيهہ ڪندي چيائين تہ آئنده اوهان اهڙن خطرناڪ ماڻهن کان هوشيار رهو.

ڳالهہ هلي پئي فرض شناسي ۽ ڪمٽمينٽ جي. جوئي صاحب جي آڏو فرض شناسي ۽ ڪمٽمينٽ هر وقت، هٿيار (Tools) طور رهيون آهن. سنڌ ۾ هڪ قسم جا اهڙا ماڻهو ۽ آهن، جن تي ڪم مقرر ٽيل آهن ۽ انهن تي رياست لکين روپيا خرچ ۽ ڪري ٿي، پر پوءِ ۽ ان مان اڪثريت اُهي سونهيل ڪم، هُو نہ ٿا ڪن. ٻيا اهي ماڻهو آهن جن تي رياست طرفان ڪابہ ڏيوتي رکيل نہ آهي، پر اُهي قوم جي خدمت، بي لوث ٿي ڪن ٿا، اُن جو معاوضو هُو قوم کان ڪڍهن ۽ نہ ٿا گهرن، قوم کي ڪڍهن طعنو نہ ٿا ڏين، ڪنهن وڏيري، جاگيردار ۽ وزير کي پي ايڇ.ڊي جي اعزازي ڊگري ڏياري، پنهنجا ذاتي مفاد حاصل نہ ٿا ڪن، پر هو اُهو سڀ ڪجهہ پنهنجي ضمير ۽ ايمان جي حڪم تي ڪن پيا. پئسو ڪنهن کي نہ ٿو گهُرجي؟ جوئي صاحب کي ۽ پئسو گهرجي، پر هو پئسي کي اهميت ڏيڻ بجاءِ قوم جي خدمت ڪرڻ کي اوليت ڏين ٿا، قوم جا فرد سُتري پيا، اها ئي وڏي دولت ۽ ڌن آهي. حقيقي خدمت ۽ قومي جذبو اُن کي

ئي تہ چئبو آهي، تہ فردُ پنهنجي ذاتي مفاد کي ختم ڪري، اجتماعي مفاد کي ترجيح ڏئي.

تازو جوئي صاحب کي سندن اهڙين بي مثال خدمتن عيوض سياسي، سماجي، ادبي ۽ سول سوسائٽيءَ جي سڃاڻ فردن ۽ نمائندن طرفان کين "فخرِ سنڌ" جو خطاب مليو آهي. هن خطاب جو اعلان، 24- آڪٽوبر 2014ع تي سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ ۾ "سنڌو منزل" تي 100 هين سالگرهه جي جشن ملهائڻ واري تقريب ۾ ٿيو، جنهن ۾ سائين جوئي صاحب جي موجودگيءَ ۾ جناب جي.ايم.سيد جو فرزند امير حيدر شاهه، انجنيئر غلام عباس لغاري، رسول بخش پليجو، سيد جلال محمود شاهه، صد سالہ جشن ڪرائيندڙ ڪميٽيءَ جو چيئرمين، مظهرالحق صديقي، سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ، ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۽ مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، امر سنڌو، سهيل اديب بچاڻي (ڊي.سي ڄام شورو) مير مولا بخش لغاري، ذوالفقار هاليپوٽو، تاج جويو، سميت حفيظ قريشي، علي آڪاش، محسن جويو ۽ ٻيا حاضر هئا.

13- آگسٽ 2014ع کان 13- آگسٽ 2015ع تائين سڄي سال کي سائين محمد ابراهيم جويو سؤ سالہ جشن ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن جو چيئرمن سنڌ يونيورسٽيءَ جو آڪٽو وائيس چانسيلر جناب مظهرالحق صديقي آهي ۽ سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ آهي، هن ڪميٽيءَ طرفان سائين جو يو صاحب جي سمورين لکڻي ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪري 'ڪليات ابراهيم' ڇپائڻ جو اهتمام ڪيو پيو وڃي.

۽ ساڳئي وقت ڪراچيءَ ۾ به سالگره جشن شريف منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان طرفان سائين جويو صاحب جن کي شيلڊ بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر الهڏني وگهيي پيش ڪئي.

اسان قنبر واسي وڏا خوشنصيب آهيون، جو ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، جامي چانڊيو، پائو درمحمد ٻرڙو، علي آڪاش، منظور ڇڇڙو، رياضت ٻرڙو ۽ ٻيا جوئي صاحب جي ويجهو رهيا آهيون، اسان کي هر وقت ۽ هرهنڌ ڪائنڊ رهنمائي ۽ پيار مليو آهي، اسان جيڪي به علم، ادب، شعور ۽ عمل ۾ آهيون، ان ۾ سائين جوئي صاحب سان گڏ اسان جي اڪثر دوستن کي سائين رسول بخش پليجي صاحب جي به فڪري رهبري ۽ رهنمائي نصيب ٿي آهي. جويو صاحب، سڄيءَ سنڌ جي روشن خيال دوستن جي رهنمائي ڪندڙ رهي آهي، ان سان گڏوگڏ خصوصاً اسان قنبر وارن جو پڻ فڪري رهبر ۽ محسن آهي، اِن ڳالهه تي اسان کي فخر آهي.

جوئي صاحب جي ڪتبخانن سان وڏي دل لڳي ٿي، گهر ۾ سندن ڪمرو، ڪمرو نہ، بلڪ لائبريري لڳندو آهي، بستري تي ڪتاب، ٽيبل تي ڪتاب، ڪرسين تي ڪتاب، هرهنڌ ڪتاب ئي ڪتاب ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ پيل هوندا آهن، پاڻ حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي لائبريري سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنيٽ ڪئي اٽن، اسان جي قنبر جي ڪاهوڙي دوست پائو درمحمد ٻرڙي به پنهنجي شهر قنبر ۾ هڪ مثالي پبلڪ لائبريري قائم ڪئي آهي، جا 2004ع کان ڪم ڪري ٿي، 2007ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ جي وڳوڙن ۾ اها متحرڪ پبلڪ لائبريري به شرپسندن ساڙي ڇڏي، جوئي صاحب کي هن دکدائڪ واقعي جو ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ اخبارن ۾ مذمتي بيان به ڏنائين، چو تہ لائبريرين شعور جي آبياري ڪندڙ هوندين آهن، انهن کي هر حال ۾ زنده رکڻ اسان جو قومي فرض آهي، پائو درمحمد ٻرڙو زنده دل ڪردار هجڻ ڪري جوئي صاحب جي دل جي ويجهو رهندو آهي. پائو درمحمد ٻرڙي وڏين ڪوششون ڪري نئين لائبريريءَ جي عمارت ٺهرائي، نئين سر هزارين ڪتاب جمع ڪري لائبريريءَ کي ٻيهر زنده ڪيو آهي. جوئي صاحب کي پائوءَ جي انهيءَ عمل ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ پائوءَ کي چيائين تہ: "واقعي تون قنبر جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي نئين شعور جو مالهي ۽ باغبان آهين، تنظيم ڪاريءَ ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال تنظيمن جو قنبر ۾ باني اڳواڻ آهين، ٻيهر بهترين لائبرري ٺاهڻ تي توهان کي مبارڪون هجن ۽ وڌيڪ چيائينس تہ: "توهان اسان جي علمي ڪڙم قبيلي ۽

ڪردار جا ڏهين ۾ بهادر تسلسل آهيو، اسان کي اوهان جهڙي ماڻهوءَ تي ناز آهي. جڏهن به ساڻس ملڻ ويندا رهيا آهيون ته پاڻوءَ سان بي انتها پيار سان ملي چوندا رهندا آهن ته: "ادا ڏاڍي دير سان ٿا ملو، اوهان جي مون کي ڏاڍي سِڪ لڳندي آهي، اوهان لطيف جي ٻوليءَ ۾ سنڌ ڏرتي ۽ سنڌي قوم جي لاءِ بيمثال ڪاوڙي ۽ انقلابي انسان آهيو، انڪري اوهان سان وري وري ملندي خوشي ٿيندي آهي." پاڻ نون ڪتابن جي فنڊ طور 10 هزار روپين جو چيڪ منهنجي ۽ محسن جوئي جي موجودگيءَ ۾ پائو درمحمد ہڑڙي جي حوالي ڪيائون ۽ چيائونس ته: "جيڪڏهن منهنجي ڪتبخاني ۾ ڪتاب جون هڪ کان وڌيڪ ڪاپيون هونديون ته انهن مان هڪ ڪاپي به اوهان کي ملندي." جويو صاحب، علم دوست ۽ ادب دوست ادارن ۽ فردن کي پائو درمحمد ہڑڙو پبلڪ لائبريري قنبر جي مالي سهائتا لاءِ وقتاً بوقتاً اخبارن ۾ اپيل ڪندا رهيو آهي. ڪتبخانن سان ايڏو عشق، ايڏي محبت، جوئي صاحب کان وڌيڪ بي ڪنهن عالم ۽ اسڪالر ۾ مون نه ڏٺي آهي.

محنت جو قدر ڪرڻ ۽ لکندڙ کي همٿ ڏيارڻ جوئي صاحب جي وڏين خوبين مان هڪ وڏي خوبي آهي. هڪ پيري مان ۽ پائو درمحمد ہڑڙو ساڻن ملڻ وياسين، پاڻ ڏاڍي گرمجوشيءَ سان ڳرائڙي پائي مليا، سندن ٽيبل تي منهنجو ايڊٽ ڪيل ٽماهي"مهراڻ" رسالو شمارو 2011/4ع رکيل هو، جو تازو پڙهيو هئائون، مون کي ڏسندي ئڙي پيا ۽ وڏو پاڪر پائي مبارڪ ڏيندي چيائون ته: "هيءُ پرچو ائين ٿو لڳي ته جڏ مون ايڊٽ ڪيو آهي، ڪهاڻين ۾ حفيظ قريشيءَ جي ڪهاڻي "پاڻڪي" ڪيس بيحد وڻي هئي، چيائين ته: حفيظ ڪهاڻيڪار به ناهوکو آهي، ڪهاڻيءَ جي فني لوازمات مان به پورو واقفڪار آهي. "مهراڻ" جي انهيءَ پرچي ۾ منهنجو لکيل مهاڳ، جيڪو شيخ ايياز تي لکيل هو، بيحد پسند آيس. ٻولي، ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ ڏسندي، چيائون: اها اوهان جي خوش نصيبي آهي جو اوهان "مهراڻ" جهڙي برڪ تاريخي رسالي جا ايڊيٽر آهيو، هاڻي اوهان دلجمعيءَ سان ڪم ڪريو." مون ڳالهين ڳالهين ۾ ڪين عرض ڪيو ته سائين اوهان وڏا وڏا ادارا ناهيا آهن، ۽ هلايا آهن، پر ٽرانسليشن بيورو وارو خواب اڃان ساڀيان نه ٿيو آهي. ٿلو ساهه کڻي چيائين ته: "اهو منهنجو خواب آهي، ضرور ساڀيان ماڻيندو، في الحال حالتون، حق ۾ نه آهن، منهنجي دلي خواهش آهي ته اهڙو ادارو خود مختيار حيثيت ۾ قائم ڪجي، ان کي پنهنجي ڏار گرانٽ هجي، ۽ اُتي آءٌ ادي علي آڪاش کي ڏسڻ چاهيان ٿو، هو ترجمي جي حوالي سان وڏو نالو آهي، پر اڇڪلهه هو ترجمي ۽ شاعريءَ کان ڪنارا ڪش ٿيندو پيو وڃي، اوهان جو دوست آهي، هڪ ئي شهر جا آهيو، اوهان اُن کي چئو ته هو شاعريءَ جي دنيا ۾ واپس اچي، هن مان مون کي شيخ ايياز جي شاعريءَ جي خوشبوءِ ايندي آهي. هيءُ يار، شيخ ايياز جو خال پورو ڪري سگهي ٿو، وڌين خوبين جو مالڪ آهي."

2007ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ هڪ ميٽنگ سڏائي هئي، جنهن ۾ جوئي صاحب به شرڪت ڪئي، ان ميٽنگ ۾ جوئي صاحب بورڊ ۾ ايڊيٽنگ ائنڊ ٽرانسليشن بيورو قائم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ علي آڪاش کان ان بيورو لاءِ خدمتون وٺڻ پئي گهريون، پر اهو سلسلو هلي نه سگهيو ڇو ته ان کان اڳ جامي چانڊئي کي به انهيءَ ڪم لاءِ بورڊ ۾ جويو صاحب وٽي آيو هو پر ڪن ماڻهن جي سخت احتجاج ڪرڻ تي جامي چانڊئي استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ ٽرانسليشن بيورو جو اهو ڪم هلي نه سگهيو.

جوئي صاحب ۾ وڏي ۾ وڏي خوبي سندس مستقل مزاجي ۽ پنهنجي ڏرتيءَ سان ڪمٽمينٽ آهي، اسان وٽ اهڙا مستقل مزاج ۽ ڪميٽيڊ ماڻهو تمام گهٽ پيدا ٿيا آهن، جن سموري حياتي ڏکين حالتن ۽ تڪليفن کي مڙس ٿي، منهن به ڏنو هُجي ۽ مستقل مزاجيءَ سان پنهنجي ڪمن ۾ عملي طرح جنبيل به رهيا هجن. جوئي صاحب لاءِ اسان بي ڏڙڪ اهو چئي سگهون ٿا، ته هن ماڻهوءَ تمام ڪٺِن حالتن ۾ به همٿ نه هاري ۽ پنهنجي فرضن کان غافل به نه رهيو، پر پوري ايمان سان پنهنجي حصي پتيءَ جو عمل، نهايت

مستقل مزاجيءَ ۽ تندهيءَ سان ڪندو رهيو آهي. 1946ع ۾ جڏهن هُو سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر هو، تڏهن سنڌ لاءِ خطرو ڏٺائين تہ هن انگريزيءَ ۾ 'Save Sindh Save the continent' ڪتاب لکيو، ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن طرح لکيائين تہ:

"... مون هنن، صفحن ۾، پنهنجن سنڌ واسي پائرن، مسلمانن توڻي هندن جي سوچ ۽ مناسب عمل لاءِ، ڪي نُڪتا، ڪي پنهنجا خيال ۽ ويچار، پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڄ اسين، سنڌ واسي، اتهاس جي هڪ اهڙي ٻ واڻي تي بيٺا آهيون، جتان اسين هڪ صديءَ جي ڏُکي غلاميءَ واري اونداهيءَ رات منجهان، جند آجي ڪري، آزاديءَ جي نئين باک ڪي ويجهو ٽيندا سين، يا هڪ پيرو ٻيهر، پنهنجي لاءِ، ڪيترين ئي پيڙهين تائين، پنهنجن پاڙيسرين جي سياسي بالادستي ۽ اقتصادي غلامي قبول ڪري ويهنداسين. اڄ جي رئيل پاڪستان توڻي هندستان ۾، اسين پنجيتاليهه (45) لکن کان وڌيڪ ماڻهو آهيون، رڳو اهو واعدو ڪيو ويو وڃي، تہ اسان مان هر ڪنهن فرد کي مڃيو ويندو، پر اسان جي گڏيل ۽ هڪ وحدت ۾ سموهيل وجود کي بحيثيت هڪ قوم قبولڻ جو واعدو نہ ٿو ڪيو وڃي...

هن معاملي جو تت هيءُ آهي تہ ٻنهين صورتن ۾، اسين عددي اڪثريت هيٺ پوريءَ طرح لُٽيا ۽ لتاڙيا ويناسين. حالتون اهو ئي اشارو ڪري رهيون آهن، تہ اسان جي مڙني اقتصادي وسيلن ۽ اسان جي حڪومتي نظام جي سيني جاين تي، ڏارين جي هڪ هٿي قائم ٿي ويندي... ڇا اسين پنهنجن ماڻهن جي فلاح بهبود ۽ پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي حق جي، هن طرح زور زبردستيءَ ۽ هڪ پاسائين نموني، ڦرجڻ کي ماڻ ميٺ ۾ قبولي ويهي رهون؟ يا اسان کي باخبر ٿي، اٿي بيهڻ کپي ۽ هڪ قوم طور پنهنجيءَ انفراديت کي مجائڻ کپي ۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي موٽائي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ کپي، جيڪا هڪ صدي اڳ، اسان انگريزن هٿان وڃائي هئي."

هن ڪتاب ۽ مهاڳ جي ڇپجڻ کان پوءِ، 1947ع ۾ تڏهوڪي سنڌ جي تعليم واري وزير پير الاهي بخش جيڪو سنڌ مدرسو بورڊ جو صدر ٻ هو، پنهنجي "وڏن" جي فرمانبرداري ڪندي جوئي صاحب جي نوڪري ختر ڪري چڏي، پر اُهو جوئي صاحب جو حوصلو ئي هو، جنهن نوڪري تہ قربان ڪئي، پر پنهنجي ضمير جو سودو نہ ڪيو ۽ نہ وري اندر جي آواز کي قيد ڪيو، پر مستقل مزاجيءَ ۽ پنهنجي ڏرتي ۽ ان جي ماڻهن سان ڪيل قول تي اٽل ۽ ڪميٽبد رهيو. جوئي صاحب جي جاءِ تي جيڪڏهن ٻيو ڪو هجي ها، تہ نوڪريءَ بچائڻ خاطر هڪدم معافي نامو لکي، وڃي وزير موصوف جي آڏو جُهڪي ها، پر اها جوئي صاحب جي دل، گُردو ۽ قومي غيرت هئي، جنهن سرڪاري نوڪريءَ کي لت هڻي، بکيو رهڻ کي قبوليو، پر اصولن جي خلاف ورزي نہ ڪئي.

اسان مٿئين مهاڳ جي تناظر ۾ سنڌ جي اڄوڪي مجموعي صورتحال تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ اڄ جيڪا صورتحال اسان جي سامهون اچي بيهي ٿي، اها 68 سال گذرڻ کان پوءِ سورنهن آنا سچ ثابت ٿي آهي، مان وڌيڪ بحث ۾ نہ ٿو وڃڻ چاهيان، چو تہ جوئي صاحب جي ان پيش گوئيءَ مان مان ڪُنندڙ سوالن جا جواب هر ڪنهن وٽ موجود آهن.

جوئي صاحب جي لفظن ۾:

"جيجل سنڌ اڄ رت روئي رهي آهي، سنڌ آزاد قوم جي حيثيت سان پاڪستان ۾ شامل

ٽي هئي، ڪيس اقليت جو درجو ڏيئي تابع بنايو ويو آهي، وقت گذرڻ سان سندس زخر گهرا ٿي رهيا آهن، جيڪي وقت سان اڻ پرجندڙ ناسور ثابت ٿي سگهن ٿا. صوفي درويش ۽ شاعرن جي هيءَ سرزمين، امن، شانتيءَ جو هيءُ ديس، تهذيب جو گهوارو، سندس تمام ڏگهيءَ ۽ روشن تاريخ ۾ اهڙو اذيتناڪ دور هن ڪڏهن به نه ڏٺو هوندو، جن خطرن کي هوءَ اڄ مُنهن ڏئي رهي آهي... هڪ منظر سازش ذريعي سنڌ کان ان جا قيمتي اثاثا، پيٽ، گوٺ، بندرگاهه، فطري ۽ قدرتي وسيلا ڦريا پيا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌين کي سختيءَ ۽ مشڪلاتن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي... استحصال بدانتظامي، رشوت خوري، اقربا پروري، ڌارين لوڏن جون ڪاهون، سياسي ناجائز سلوڪ، موقعي پرستي، لاقانونيت، قبيلائي جهيڙا، سياسي ۽ اقتصادي حقن کان انڪار، بيروزگاري، وسيلن ۽ ترقيءَ جي ڪوٽ، غربت، ڏرتيءَ جا اصل وارث پنهنجي سجاڻپ جي تصديق سندن ئي ڏرتيءَ تي آيل ڌارين هٿان مجائڻ تي مجبور آهن." (سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي، ص 23)

ڪراچيءَ ۾ پتا خورن ۽ دهشتگرن سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي وارثن سنڌين جو ڪراچيءَ ۾ جيئڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي، تازو 16- نومبر تي هڪ خانگي ٽي.وي چئنل تي هڪ پريس ڪانفرنس نشر ٿي، جنهن ۾ ڪراچي وائٽ ايند سيوريج بورڊ جي سنڌي ملازمن پريس ڪلب ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته: "اسان جو ڪراچيءَ جي پتاخورن ۽ دهشتگردن جيئڻ ئي حرام ڪري ڇڏيو آهي، دهشتگردَ اسان تي سخت جسماني ۽ نفسياتي تشدد ڪري چون ٿا ته: 'ڪراچي ۽ وائٽ بورڊ جي نوڪري ڇڏي هليا وڃو، ڪراچي اسان جي آهي ۽ ڪراچيءَ جي سمورن ادارن ۾ اسان ڪر ڪنداسين.' انهيءَ خانگي ٽي.وي چئنل انهن سنڌي ملازمن جا چهرا به ڏيکاريا، جن تي تشدد جا نشان واضح نظر اچي رهيا هئا. جوئي صاحب ان واقعي بعد فوري طور تي سخت مذمتي بيان جاري ڪندي سنڌ سرڪار کان انهن خلاف جلد نوٽيس ۽ ايڪشن وٺڻ جي گهر ڪئي.

سنڌ ۾ حڪومت ڏگهي عرصي کان هڪ پارٽيءَ جي آهي ۽ انهيءَ پارٽيءَ کي سنڌي ماڻهو ڏگهي عرصي کان ووٽ ڏيندا حڪومتي ايوانن ۾ ويهارييندا رهيا آهن، پر بدقسمتيءَ سان انهيءَ پارٽيءَ پنهنجي محسن سنڌين کي سواءِ مايوسيءَ جي ڪجهه به نه ڏنو آهي. سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي اصل وارثن کي طاقت ڏيڻ بجاءِ ڪراچيءَ جي پتاخورن ۽ ٻاهران آيل دهشتگردن کي طاقتون ڏيئي، مڃائي مواڙ ڪندي رهي آهي، ڪراچيءَ ۽ سنڌ تي ڌارين، غاصبن جي حق حاڪميت کي مضبوط ڪندي رهي آهي ۽ سنڌي ماڻهن سان اهڙن ظلمن، ناانصافين ۽ جُنين تي ڪو مؤثر ايڪشن وٺڻ لاءِ تيار ٿي نه آهي جڏ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن سان ڪ.. ٿي ئي نه پيو. حالت اِها وڃي بيٺي آهي جو سنڌ جون مشهور پيراٽيون گاديون به پنهنجو ماضي وساري، ڌارين پتاخور دهشتگردن آڏو ڪنڌ جُهڪائي، پنهنجي ڏرتيءَ تي انهن جي وارثيءَ جو اڻ سڌيءَ طرح حق مڃي رهيون آهن ۽ ڪراچيءَ مان سنڌي ماڻهن کي هڪالي سندن جيجل سنڌ ڪي ڇڪيا ڇڪا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويون آهن!

رب پاڪ شال، انهن سيني سنڌ دشمنن سازشي قوتن جا ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملائي ۽ جيجل سنڌ، پنهنجي غيرتمند ۽ حقيقي اولاد سميت خوشحال ۽ محفوظ رهي، آمين.

کي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا

اڪبر سومرو

مائو مجنون هر سبق، بوديم در ديوانِ عشق،
اوُ بہ صحرا رفت و ما در، کُوچہ ھَا رُسوا شدم!

(امان، مون کي کا خبر ڪانهي تہ منهنجو هر، ڪلاسي مَجنون، جيڪو عشق جي درياء ۾ غلطان هو: اسان ٻنهي مان ڪير ڪشادي رڍ پٽ ڏانهن نِڪري ويو ۽ وري ڪير سوڙهين ڳلين ۾ پٽڪندو رهيو!؟)

حقيقت هيءَ آهي تہ، مان نهايت ئي گهٽ علم ۽ فهم وارو ماڻهو آهيان، زمانن ۽ زمينن بابت تہ نهيو، پر مان پاڻيءَ جي قطري ۽ مِٽيءَ جي ذري (Particle) کي سمجهڻ جو علم بہ ڪونہ ٿو رکان، ان ڪري مون کي خبر ڪانهي تہ رڍ ۾ ٽريل رات مٽان چند چوپڑ ڪيي بيهندو آهي ۽ ان جو چهرو وٽندڙ لڳندو آهي يا پرسان سُتل ان چوڪريءَ جي پَاتل ڳَهَن جي ٽڪار ۽ گنڪ! رڍ جي وارياسي ۾ رُڄ جو جسم وٽندڙ آهي يا پاڻيءَ جو اهو ٻوڪو، جيڪو منزل هڻڻ بعد ڪنڌا پريل ۽ سُڪي ٽوٽ ٿي ويل ٻڙيءَ بعد ڪوهہ مان ڇڪي ڪيبو آهي! مون کي اها خبر ڪانهي تہ ڇال هٽندڙ هرٽي جي اکين جي سونهن وٽندڙ هُوندي آهي يا تاندن تي پَکل ان جي گوشت جي خوشبوءِ؟

مون کي اڄ تائين اها بہ خبر ڪانهي تہ امن ۽ انقلاب ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ هِنسا خوبصورت آهي يا اَهنسا!؟

اُبتڙن جي ميلاپ (جدلياتي ماديت) وارن قاعدن ۽ قانونن پٽاندر هلندڙ دنيا ۾ آخر سڄ ڪهڙو آهي ۽ ڪُوڙ ڪهڙو!؟

ڪجهہ سال پهريائين نينترا سهگل[1] جڏهن نيو گلوبلائيزيشن ۽ جديد ڪالونائيزيشن بابت ڳالهائي رهي هئي تہ وي. ايس نايپال[2] رڙيون ڪري ان کي چو چُپ ڪرائي ڇڏيو هو. (چا هو ڪيس انگريزن طرفان عَطا ڪيل "سر" جي خطاب جو بچاءُ ڪري رهيو هو؟... مون کي کا خبر ڪانهي!)

مون کي اهو بہ پتو نہ پئجي سگهيو آهي تہ ارن ڏتي راءِ G/8 جي ملڪن کي چو پئي نندي؟ جيڪي سڀ جمهوريت جا علمبردار آهن.

گذريل صديءَ ۾ طاقتور ملڪن هڪ ئي قوم کي بہ اڏ ڪندي بہ جرمنيون چو ناهيون؟ ديوار برلن جو بنياد چو رکيو؟ ماڻهو پوءِ لِکي لِکي اها

---

[1] نينترا سهگل: جواهر لال نهرو جي پاڻيجي ۽ انديين ليکڪا.

[2] وي. ايس. نايپال: 2001ع ۾ ادب جو نوبل انعام حاصل ڪندڙ ليکڪ.

پت چو ٽپندا هئا ۽ گولين جو بک ٽيندا هُئا، پوءِ ان ديوار جي پَورن ۾ گل چو رکيائون؟ ميڙ بتيون چو ٻاريائون، پت تي سلوگن چو لکيائون، شعر چو لکيائون، ۽ بعد ۾ ان ديوار کي چو ڊاهي پٽ ڪيائون، جڏهن ته ان کان ٻه وڏي ديوار چين ملڪ ۾ موجود هئي! ۽ ماڻهن جي، قومن جي، مذهبن جي ۽ نظرين جي دلين ۾ اڃ ڏنيون ديواريون چو موجود آهن!؟

ماڻهوءَ جي اندر ۾ اُڃ ڏِنئي جو رُومانسَ ۽ عشق وڌيڪ مقدم ۽ پختو ٿئي ٿو، بنسبت ڏنل ۽ واپرايل جي! خدا سان ماڻهوءَ جو ازلي، ابدي عشق ٻه ان کري لازوال آهي.

اڄوڪو موقعو مون پنهنجي دلبر دوست ۽ ٻاجهاري اُستاد، محترم محمد ابراهيم جويي تي لکڻ لاءِ ڪڍيو آهي، بلڪِ ان کي عقيدت ۽ احترام جا گل (Floral Tributes) پيش ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي. سچ ته اهو آهي ته جويو صاحب نه رڳو هڪڙو انسانُ پر تاريخ آهي، سڄي ساري هڪ صديءَ جي تاريخ، ۽ نه رڳو هُو اها تاريخ آهي، پر گڏوگڏ اسان سڀنين جو مائٽ، استاد رهبر، دوست ۽ هڪڙو شاهي ڪِتاب آهي، اهڙو ڪتاب ۽ اهڙي پوٿي، جنهن جي هر ورق کي هيئين سان هنڌائجي ته لک لهجن!

هن اڪيلي شخص جو اسان سمورن ادبين، ادب دوستن، سڀڙ جي تعليم تاريخ ۽ جاگرافيءَ لاءِ ايترو وڏو قد بُٽ آهي، ايترو ته گهٽو (Contribution) آهي، جنهن جو ڪو ڇيڙ ۽ اَرو- پروئي ڪونهي ۽ دراصل حقيقت هيءَ آهي ته جويي صاحب جي خدمتن جو ذڪر فڪر ڪرڻ لاءِ مون وٽ اُهي لفظ ۽ اها طاقت ئي ڪانهي، جنهن سان هن جي شخصيت ۽ عظمت جو ذڪر ڪري سگهجي.

جويو صاحب مون هيڊيگر [1] جيان جيل جي چوٽيءَ تي ٽهيل ڪُٽيا ۾ ويڙل علم ۽ ڏات سان پريل اهڙو شخص لڳندو آهي، جنهن جي ڪڪائين جهُوپڙيءَ جي پورن مَان هميشہ علم جي روشن لاٽ جَا ڏَوَا ۽ ڏُونهان نڪرندي نظر ايندا. هيءُ اهو آدرشي شخص آهي، جنهن جو نہ رڳو پيار ۽ پنهنجائپ پر منهنجي حياتيءَ جي پوٽليءَ ۾ ٻڌل ٿمر ۾ هن جون صلاحون، مَشورا، دڙڪا ۽ تنبيهون ٻه شامل آهن! ۽ هن جا دڙڪا ٻه منهنجي ان زادِ راهہ جي هَڙَ ۾ خوبصورت پوپٽن جيان سَاهہ ڪڍي رهيا آهن. هن جا ٽهڪ ٻه منهنجي بگريءَ ۾ خوشبودار گلن جيان تازا ڏَم موجود آهن. هن جون سمجهاڻيون منهنجي اڇتي وڌڻ لاءِ اڏُم ۽ اُتساهہ آهن.

'O' to be a butterfly, & fly near you!'

ڪئين سال اڳ جي زمانن جي ڳالهہ آهي: جڏهن مان صرف ڇهن سالن جو هئس ۽ پهرئين درجي ۾ پڙهندو هُئس ته مون کي خبر نہ هئي ته ان ڪلاس ۾ مان جيڪي نيرو ۽ ڳاڙهو پرائمر پڙهان ٿو، تنهن جي مَٽان جنهن محمد ابراهيم جويو جو نالو لکيل آهي، هڪ ڏينهن اهو ساڳيو شخص سندس صحافي ڪالونيءَ واري گهر ۾ هڪ ڪتابن سان ڏَنيل ڪمري ۾ مون کي پنهنجي هَٿ سان نارنگيون ڪٽي کارائيندو رهندو ۽ مون سان زمانن ۽ زمينن جي عشق ۽ انقلاب بابت ائين ڪچهري ڪندو، جيئن محبوب پنهنجي عاشق کي سندس چوٽيءَ ۾ لڳل گل ڪڍي پيش ڪري! انهن ڪچهرين ۾ هو پنهنجي علم ۽ ڏات جي ورهاست ائين ڪندو هو، جيئن چوڏهينءَ جو چند روشنيءَ جو سحر پيدا ڪندو آهي!

جويي صاحب جي ڪمري تي مون سَال اڳ، هڪڙو خاڪو لکيو هو، جنهن کي خان محمد پنهور صاحب پنهنجي رسالي پارس ۾ ڇاپيو هو: جويي صاحب ٻه ان کي گهڻو پسند ڪيو هو. انهن

---

[1] هيڊيگر: مارٽن هيڊيگر، جرمنيءَ جو فلاسافر.

ڏينهن ڪمري جي اولهه طرف ڪلندڙ درياءَ مان مون کي نظر ايندڙ انگلش روز ۽ رابيل جا گل ڪنواريءَ جي مُرڪ تهڪن جهڙا پاسندا هُئا!

زماني جي ڪافي مصروفيتن جي ڪري اسان جي وچ ۾ يُگن جيترا فاصلا اچي ويا. اسان جو اٺڻ، ويهڻ، مِلڻ جُلڻ محدود ٿي ويو، پر ته به جويو صاحب جڏ منهنجي سوچڻ ۽ عمل لاءِ سمنڊ جي وچ ۾ ڪو بيڪن هائوس، مان پنهنجي خيالن جون راهون، رَستا ۽ دڳ معلوم ڪرڻ لاءِ هن عظيم ۽ پلاري اُستاد جو قطب نما استعمال ڪندو هئس.

جڏهن به مون لکڻ گهٽايو، جويي صاحب خوابن ۾، خيالن ۾ ۽ پوءِ ذاتي طرح پاڻ اچي منهنجي هٿ ۾ قلم ڏنو ۽ لکڻ لاءِ آپاريو. اِيئن ٿي جيئن هن شيخ ايار، غلام رباني آگري صاحب، رسول بخش پليجي، جمال ابڙي، غلام محمد گرامي، جمال رند، نجم عباسي، تنوير عباسي، حفيظ شيخ ۽ ٻين گهڻن کي هٿن ۾ قلم ڏنا، رستو ڏيکاريو ۽ رهنمائي ڪئي. مان به انهن خوش قسمت ماڻهن مان هڪ هئس، جن کي جويي صاحب جهڙو اُستاد ڪامل مليو.

ٿي سگهي ٿو ته اسان جي نئين نسل جا يونيورسٽين کان فارغ ٿيندڙ جوان هن درويش صفت ماڻهوءَ جي ناليِ کان به ائين واقف نه هجن جيئن اڪثر جوانن کي شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي سچاڻ ڪانهي، پر اها حقيقت پڌري پَڌ آهي ته سنڌ جي ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ جي خدانخواسته محمد ابراهيم جويو نه هجي ها ته سنڌ جي صورت به اِيئن نه هجي ها! هيءَ اڪيلو ماڻهو سنڌ جي سياست، ادب، بلڪ ادبي ۽ سياسي تاريخ تي ڦهليل آهي، جيئن سنڌ جي لطيف کان سواءِ سنڌ جو ذڪر ممڪن ڪونهي، تيئن سنڌ جي جديد تاريخ ۽ ادب کي مضبوطي ۽ نظرياتي اوج جويي صاحب ئي ڏني آهي. چون ٿا ته جويي صاحب، ذوالفقار علي ڀٽي جي 1971ع ۾ هن ملڪ (جنهن جو هڪ ڪناري هماليه کان 'رگويد' ۾ ذڪر ڪيل سنڌو ماتا نڪري ٿو ۽ ٻئي ڪناري تي ختم ٿئي ٿو.) مٿان حاڪميت بعد پنهنجي خوشيءَ جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو هو ته: 'اڄ مان حقيقي طرح خوش آهيان جو راجا ڏاهر بعد هن ملڪ تي وري هڪڙو سنڌي حاڪر بڻيو آهي' جنهن جو بنياد ڇڄ بن سلائج رکيو هو.

هڪ لحاظ کان اهو واقعي به خوشيءَ جو مَقام هو، حقيقي خوشيءَ جو موقعو، جڏهن پنجاب جو سنڌ دشمن ۽ ڪاڦو راجا رنجيت سنگهه سنڌ جي سرحدن کي سمنڊ تائين هٽ ڪرڻ جي خواهش رکي سگهيو ٿي (جيڪا سندس مرڻ تائين پوري نه ٿي سگهي) ته پوءِ ڪو سنڌي ان موقعي تي چو نه خوش ٿئي جڏهن ڇڄ واريءَ سنڌ تي ڪو سنڌي حڪمران ٻڌجي؟ جنهن جون سرحدون ڪشمير کان ڪراچيءَ تائين هيون.

مون کي اها خبر ڪانهي ته ماڻهو خواب ڇو لهندا آهن ۽ مون کي اهو به پتو ڪونهي ته جويو صاحب سالن کان اهو سپ ڪجهه ڇو پيو ڪري؟

مون پنهنجي تجربي ۾ پهريون اهڙو پوڙهو ماڻهو ڏٺو آهي، جيڪو مُنهن ۾ گهنج وجهي نهاريِ بجاءِ ٻين ڏانهن ڪِلي نهاري ٿو: مون کي ياد آهي ته ڪجهه مَهينا اڳ جڏهن ساڏس مِلڻ ويو هُئس ته هن چيو: 'به منڊ ترسو'. هو واش روم ۾ ويو ۽ پنهنجو Artificial Crown هٽي آيو. سندس چوڻ هو: 'دوست سان ٺهڪ ته خوبصورت لڳن!'

سائين محمد ابراهيم جويو: پريم ۽ ارپنا

محسن جويو

سائين محمد ابراهيم جويي خالص ادب، بولي، تعليم تدريس، سياسي ادب، فلسفي، تاريخ سميت مختلف معاملن تي، اسان جي گذريل ڪيترن ئي ڏاهڪن کان پئي رهنمائي ڪئي آهي. سندس فڪري سرچشمن ۽ ڏارائن تي پڻ سندس جي ڪيترن ئي علم دوستن پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي، آءٌ پڻ ڪجھ ڳالهيون عرض ڪرڻ چاهيان ٿو.

سندس جي ماڻهن جي انيڪ المين مان هڪ المیو اهو به رهيو آهي ته ان وٽ رول ماڊلس جي ڪوٽ رهي آهي. دنيا جي هر ڪنهن قوم وٽ، زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ رول ماڊلس رهيا آهن، اهي قومون انهن جي عمل، ڪردار ۽ زندگيءَ جي نموني جي پوئواريءَ ۾ نه رڳو اڳتي وڌنديون آهن، پر جائز نموني، انهن تي فخر پڻ ڪنديون آهن. سندس ۾ ٿورڙا ئي سهي، پر رول ماڊل رهيا آهن. جويو صاحب، ڪنهن به شڪ کان سواءِ، انهن منجهان هڪ آهي. جيڪڏهن، سندس گذاريل زندگيءَ جي انداز ۽ طريقي کي اڳيان رکيو وڃي ته اسان مان هر هڪ پڙهندڙ پنهنجي وطن ۽ وطن واسين لاءِ گهٽو ڪجھ ڪري سگهي ٿو.

جويي صاحب اڄ جيڪي هيترا ۽ گوناگون ڪم ڪيا آهن، جن تي اسين فخر ڪريون ٿا، ان جو بنيادي سبب اهو آهي، هن ڪڏهن به ڪنهن مقصد کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ڪيو آهي، يعني هن پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي سماجي توٽي روحاني يا ڌهني گهرجن کي سامهون رکندي ڪم پئي ڪيو آهي. بين لفظن ۾ ايئن به چئي سگهجي ٿو ته هن سدائين، سندس ۽ سندس ماڻهن جي حالتن کي نظر ۾ رکندي، سندن گهرجن جي پورائي لاءِ پاڻ پئي پتوڙيو ۽ جيءَ منجهان پئي جاکوڙيو آهي. هن ڪڏهن به پنهنجيءَ ذات لاءِ پنهنجين صلاحيتن کي ڪتب نہ آندو آهي. اهو سبب آهي، جو پاڻ هيترا سارا وڏا ۽ اهم ڪم ڪري سگهيو آهي.

سندس ذات ۾ بنيادي لفظن منجهان جڙيل آهي، هڪ پريم ۽ ٻيو ارپنا. هن جو پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتي واسين سان آهي. انهيءَ پيار کي توڙ تائين رسائڻ لاءِ هن کي پنهنجي پوري زندگي ارپڻي پئي آهي. هن جي زندگي، هڪ ڪامياب ماڻهوءَ واري زندگي آهي.

جويي صاحب سنڌي سماج جو ڳوڙهو اپياس ڪيو آهي، جنهن کان پوءِ هُو ڪن نتيجن تي پهتو. هن انهيءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪجھ بنيادي شيون طئ ڪيون، انهن منجهان حسن، سچ ۽ چگائيءَ جو هن پرچار پئي ڪيو آهي. انهن ٽن لفظن جي

وضاحت ۾، اڄ ڏينهن تائين اڻ ڳڻيا بحث ٿي چڪا آهن. فلسفين، مذهبي اسڪالرن ۽ سماجي سائنسدانن انهن لفظن جي اهميت، افاديت ۽ روح کي چهٽ جي کوشش ڪئي آهي. ڪن انهن لفظن لاءِ لکيو آهي ته اصل سچ کي ڄاڻي نه ٿو سگهجي، ڪن جو خيال آهي ته هيءَ دنيا هڪ ڪوڙي دنيا آهي، اتي سچ جي ڳولا اجائي ۽ واڌو شيءِ آهي، سچ ڪنهن ٻي دنيا ۾ آهي، جنهن تائين رسائيءَ لاءِ وڏا روحاني چلا ڪاٽڻا پوندا ۽ ڪشالا ڪرڻا پوندا. سندن اهو به خيال آهي ته هن ڏرتيءَ تي حسن عارضي آهي، ان کي بقا ۽ دائميت نه آهي، اصل حسن جي ڳولا ڪرڻ کپي ۽ ساڳيي نموني ڇگائيءَ جي سلسلي ۾ خيال پيش کيا ويا آهن. جويي صاحب، انهن ٽن لفظن، خير، خوبي ۽ سچ جي حوالي سان لکندو ۽ ڄاڻائيندو پئي آيو آهي. سندس خيال آهي ته ڇگائي يا خير اهو آهي، جيڪو هڪ ماڻهو، ٻئي ماڻهوءَ لاءِ، سماج ۾ رهندي، ڪنهن به لالچ ۽ غرض کان سواءِ ڪري ٿو، جنهن مان هڪ ماڻهوءَ کي مونجهاري يا پريشاني مٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي ته ٻئي کي انسان جي حيثيت ۾ روحاني سڪون ملي ٿو ۽ اهو ئي سندس اجورو به آهي. هن اسان کي پئي ٻڌايو آهي ته سچ اهو آهي، جيڪو اسين پنهنجين اکين اڳيان ڏسون ٿا، هيءَ اسان جي سامهون يا چوڌاري دنيا ئي سچ آهي، ان ۾ موجود شيون سچ آهن، ان ۾ سماج ۽ سماجي زندگي سچ آهي ۽ ان جا ڏڪ ۽ سور، ان جا سک ۽ خوشيون ئي اصل ۾ سچ آهن. انسان جي چوڌاري هن پکڙيل ۽ ان جي نظر ۽ ذهن جي دائري ۾ ايندڙ دنيا ئي سچ آهي. اسين جڏهن هڪٻئي سان ملون ٿا، سهڪار ڪريون ٿا، هڪٻئي جا مسئلا حل ڪريون ٿا، محبت ۽ پائيچاري سان رهون ٿا، اسان جا سڀ سماجي عمل ڳنڍيل ۽ ڳڏيل نموني، جڏهن اسان جي زندگيءَ ۾ سهنجايون پيدا ڪن ٿا، اهو احساس، اها هر آهنگي، اها سنگت ۽ سهڪار ئي اصلي حسن آهي. جڏهن اسين، جتي به رهون ٿا، اتي امن، اتحاد ۽ باهمي بقا لاءِ رهون ۽ جيئون ٿا، اهو جياپو ئي حسن آهي. هن سلسلي ۾ گهٽو ڪجهه لکي سگهجي ٿو، پر جويي صاحب جي ڪن ٻين پهلوئن تي نظر وجهڻي آهي، انڪري ٿورو اڳتي هلون ٿا. مطلب اهو ٿيو ته سچ، سونهن ۽ ڇگائيءَ جي سلسلي ۾ جويي صاحب جا خيال واضح ۽ چٽا رهيا آهن ۽ هن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته انهن لفظن سان جڙيل تصورن کي اسين، پنهنجي سماج ۽ زندگيءَ جي پس منظر ۾ ڏسون ۽ انهن مان فائدو وٺندي، هڪ قوم جي حيثيت يا انسانن جي حيثيت ۾، پنهنجي پاڻ کي حقيقي نموني بهتر بنايون ۽ انهن کي انسانيت ۽ انساني ڇگائيءَ جي دائري کان ٻاهر نه ڏسون.

جويي صاحب جي مشاهدي ۾ اها ڳالهه پڻ آيل آهي ته سنڌ اهڙو سماج آهي، جتي ماڻهو صدين جي وهمن، وسوسن، اوڏن ابتن خيالن، مدو چوڑي ويل رسمن ۽ ٻين ڪيترين ئي ذهني ڏيوالپڻن جي ور چڙهيل آهن. انهيءَ مسئلي جي نشاندهي، هن پنهنجين ڪيترين ئي، لکڻين ۾ ڪئي آهي، هن ڄاڻايو آهي ته ڏي اهڙيون شيون آهن، جن ۾ سنڌي ماڻهو، روحاني طرح قيد آهي. اهي وهم پرستي (Obscurantism)، فنائيت (Fatalism)، شڪست خوردیت (Defeatism). انهن ٽن مسئلن جي پڻ جويي صاحب نشاندهي ڪئي آهي. وهم پرستيءَ جو مطلب اهو آهي، ته اجا تائين ماڻهو، ذهني طرح اوائلي زماني واري حالت ۾ رهي، جڏهن ماڻهو، فطرت کي ايترو سمجهي نه سگهندو هو ۽ نه ئي وٽس زندگيءَ جو ايترو ڳوڙهو اپياس هو، جو هو پاڻ سان لاڳو مسئلن کي سمجهي ۽ ڄاڻي سگهي. سمجهه جي محدود هئڻ سبب، هن اهو سمجهيو ته ڪنهن ٻئي هنڌان هن سان اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان لاءِ پنهجي بچاءَ ۽ تسڪين لاءِ کي اهڙا عمل ڪيا، جن جو حقيقت سان ڪوبه واسطو نه هو. پنهنجن مسئلن جهڙوڪ،

بيمارين کان تحفظ، ايندڙ مصيبتن کان بچاءَ ۽ ان اناج ۾ برڪت وغيره لاءِ هن ايترا ته وهم پاليا، جو انهن کي هتي بيان ڪرڻ ممڪن نه آهي. سنڌي سماج ۾ اڄ به صديون اڳ وارن وهمن، ريتن، رواجن ۽ جامد عقيدائي نظام کان ٻاهر اچي نه سگهيو آهي. ان کان سواءِ، فنائيت جو احساس پڻ اهڙو معاملو، جنهن سنڌي سماج جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي آهي، جنهن هيٺ، ماڻهو اهو سوچيندو آهي ته نيٺ ڪيس مري ئي وڃڻو آهي ته پوءِ هيتري هڙ هڻان ڇو ڪري، جيڪا ڪنهن به ڪم جي نه آهي، ان جي بدران اهو ڪم ڇونه ڪري، جيڪو، هتان کان ٻئي هنڌ ڪيس ڪم اچڻو آهي. هتان جا عمل ڪيس ڪم نه ايندا، پر هتي هو ٻئي دنيا لاءِ پونجي گڏ ڪري وجي. اهو فنائيت جو احساس، ماڻهوءَ ۾ ويڳاڻپ پيدا ڪري ٿو، اهو سماجي عمل مان ڪٽجي، اهي ڪم ڪرڻ ڇڏي ٿو ڏئي، جنهن مان، ٻين ماڻهن کي فائدو پهچڻو آهي، جويي صاحب کي اهڙي رويي کي خودغرضي قرار ڏيندي رد ڪيو آهي ۽ ان ڏميواريءَ جي احساس کي ايارڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي ته زندگي، جيتري به وقت لاءِ آهي، ماڻهوءَ کي پنهنجي ۽ پڻ ٻين جي خوشين ۽ آسانين لاءِ جاکوڙيندي گذارڻ ڪپي، جي، سي ماڻهو فنائيت جي خيال جي ور چڙهيل رهندا ته پوءِ جڳ جو چرخو ڪيئن هلندو.

ماڻهوءَ جي ذهني مونجهارن مان هڪ مونجهارو شڪست خوردگي پڻ رهيو آهي، جنهن هيٺ، ماڻهو اهو سوچيندو آهي ته جڏهن ڪجهه ورٽو ئي نه آهي ته پوءِ ڪجهه ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ دنيا ۾ قومن ۽ فردن سان اهو مسئلو پڻ لاڳو رهيو آهي. اڄوڪي سنڌ ۾ اها ڪيفيت عام آهي، هر پاسي، خرابيءَ جا آثار ڏسندي ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ ڪاب تبديلي نه ڏسڻ جي ڪري، اهو احساس پئدا ٿيو آهي. اصل ۾ اهڙو احساس، ماڻهوءَ جي تبديلي پسند مزاج جي نفي آهي ۽ ماڻهوءَ جي پوري تاريخ ۾ ڪيل ڪارنامن ۽ ان جي پورهئي جي انحرافي پڻ آهي. نتيجا، عمل وسيلي ئي ملندا آهن ۽ بي عمليءَ وسيلي، اڄ ڏينهن تائين، ماڻهوءَ ڪجهه به حاصل نه ڪيو آهي، ايجا به ويتر وڃايو ۽ پنهنجو نقصان ئي ڪيو آهي.

جويي صاحب کي سنڌي سماج جي معروضي بيهڪ جي جاڻ هئي ۽ ڪيس اندازو هو ته هتي جاگيرداري نظام بنهه گهٽو سگهارو آهي. ماڻهو وڏيرن، پوتارن، جاگيردارن جي قيد ۾ آهن، انهن جي پنهنجي ڪاب آزاد زندگي يا ارادو نه آهي، انهن جي پنهنجي ڪاب سوچ نه آهي. اهي هڪ ڦيري ۾ ئي صدين کان ڦري رهيا آهن. سندن اهڙي هنڌ بينل ۽ سينوارجي ويل سماجي جياپي ۾ چرپر آڻڻ لاءِ وڏي رڪاوٽ سان ڪم ڪرڻو پوندو ۽ اهڙي رڪاوٽءَ جي پهرئين مرحلي ۾، انهن جي ذهنن کي جهنجهوڑڻ جو ڪم ڪرڻ ڪپي ۽ انهن تي نئين روشنيءَ ۽ نئين شعور جا دڳ کولجن ته اهي 'پاڻ سجاڻ' جي مرحلي مان گذري، ماڻهوءَ جي حقيقي مرتبي تائين رسڻ ۾ ڪامياب وڪون ڪٽي سگهن.

جويي صاحب ان ڏس ۾ فرانس واري انقلاب هڪ نموني (Specimen) طور ڪنيو. يورپ ۾ پڻ جاگيرداري نظام مضبوط هو ۽ اتي جاگيردارن ۽ مذهبي رکوالن ملي، ماڻهن کي هڪ هزار ورهين تائين، ماڻهن کي انهن جي حيثيت کان پري رکيو. اتي آهستي آهستي، چرپر پيدا ٿي، مذهبي سڌارن جي تحريڪ اٿي، نئين جاڳرتا جي تحريڪ ايري ۽ ڏسندي ڏسندي، سڀ ڪجهه تبديل ٿي ويو. جاگيرداريءَ جي پاڙ پٽجي ويئي، نئين، تازي ۽ آزاد فضا ۾ ماڻهن ساهه کڻڻ شروع ڪيو. قومي رياستن جو تصور ايريو، جمهوريت کي نئين انداز ۾ پيش ڪيو ويو ۽ انساني برابري، پائيچاري ۽ آزاديءَ جي نعري هيٺ، يورپي قومن ۽ ماڻهن نئون سفر شروع

ڪيو. اهوئي سبب آهي، جو، جويي صاحب سنڌ ۾ پڙ مذهبي سڌارن ۽ نئين جاڳرتا جي اپار لاءِ ڪم ڪيو. ان سان انهيءَ ڪم ۾ سندس دوستن ۽ هم خيالن هٿ وندايو. ادب، پولي ۽ تعليم جي حوالي کان اهم ڪم ڪيا ويا، نئين شعور، نئين ڳالهه، نئين خيال کي اڳتي ڪيو ويو ۽ روايت سان بغاوت ڪئي ويئي. ايملي عرف تعليم، علم تدريس مظلومن لاءِ ۽ فرينچ انقلاب جهڙا ڪتاب ان ئي مقصد کي سامهون رکندي لکيا ويا.

جويي صاحب کي اهو احساس پڙ رهندو پئي آيو آهي ته فرينچ انقلاب منجهان نڪتل نعرو "آزادي، برابري ۽ پائيچارو" پوريءَ طرح حقيقي جمهوريت جو احاطو نه ٿو ڪري، پر هن پوءِ انهيءَ خيال کي، انڪري، هٿي ٿي ونرائي ته سنڌي سماج تبديلين جي مرحلن ۽ آزمائشن مان گذري، ڪنهن وڏي انساني ۽ سماجي حيثيت کي ماڻي. جويو صاحب اهو پڙ چوندو رهيو ته سنڌي سماج کي اجا وطن دوستيءَ، قوم دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جا مرحلا طئ ڪرڻا آهن، تنهن کان پوءِ ئي اهو، حقيقي انقلاب يا معياري تبديليءَ پيڙو ٿي سگهندو. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته فرانس جو انقلاب پڙ جويي صاحب جي ڏيان، خيال ۽ لکڻين جو محور رهيو آهي.

سائين جويو صاحب جديد سنڌ کي اڏيندڙ، ڳنڊيندڙ ۽ ڏيندڙ رهيو آهي. هن پنهنجي سموري حياتي بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي سنڌ وطن، سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام کي ارپي آهي. ان حوالي سان سائين جي.ايم.سيد پڙ اهڙو اظهار ڪيو آهي ته "ابراهيم جويي هڪ قومپرست مشين خادم طور ڪم ڪيو آهي. ان ڪري سندس صحت به متاثر رهي ۽ ساڳي وقت هو حسد جو نشانو به بڻيو. ڪيترائي رجعت پسند ٽولا سندس دشمن به رهيا، جيڪو سلسلو اڄ به جاري آهي". جويي صاحب جي سنڌ سان عشق جي ثابتي ان مان ئي ظاهر آهي ته هن پنهنجين لکڻين عيوض ڪو معاوضو نه ورتو. بلڪ پنهنجا توڙي ٻين اديبن ۽ ليڊرن جا ڪتاب پاڻ ادارن جي سهڪار سان ڇپائي پڌرا ڪيا. اهي ڪتاب مختلف ادارن پاران ڇاپيا ويا آهن. تنهن هوندي به هن ڪڏهن انهن ڪتابن جو ڪو به معاوضو نه گهريو آهي. ان کان سواءِ پنهنجي سموري حياتيءَ ۾ وڏي محنت سان گڏ ڪيل هزارن جي انگ ۾ ڪتاب بنا معاوضي سنڌي ادبي بورڊ کي عطئي طور ڏنا آهن. سنڌ ميوزيم ۾ ڪارنر قائم ڪرڻ واسطي پنهنجا قيمتي تحفا، تصويرون ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ عطئي طور ڏنو آهي. ڪراچي ۾ بيماري دوران ڪين اهو خيال آ يو ته سنڌ جي پنتي پيل علائقن ۾ به بهتر صحت جون سهولتون هجن ۽ اسپتالون قائم ٿين. ان حوالي سان ڊاڪٽر اديب رضوي کي سکر ۾ گڏن جي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ ڪمال فن ايوارڊ جا پنج لک رپيا عطئي طور ڏنا. ريٽائرمينٽ کان پوءِ هو جنهن به عهدي تي رهيو ان لاءِ هن ڪڏهن به ڪا مراعت نه ورتي. پنهنجي عمر جا سئو سال پورا ٿيڻ تي هُو مرڪندي چوي ٿو ته هن صدي جي سفر مان هڪ فائدو اهو ٿيو آهي ته سمورو علمي ۽ ادبي پورهيو ٻيهر چپجي پڌرو ٿي رهيو آهي جيڪا وڏي خوشي جي ڳالهه آهي.

بهرحال، جويي صاحب سنڌ کي هڪ عقل تي آڌاريندڙ، حيات سڌار سماج بنائڻ لاءِ لڳاتار ملهه مٽاهون پورهيو ڪيو آهي، جنهن جا اثر سنڌي سماج تي چڱا ۽ نمايان ڏسي سگهجن ٿا. مٿي پيش ڪيل ڳالهين مان ڪنهن قدر اهو ڄاڻي ۽ سمجهي سگهجي ٿو ته جويي صاحب جي فڪر ۽ عمل جا محرڪ ۽ انهن جو پسمنظر ڪهڙو آهي.

محمد ابراهيم جويو
(ڪجهه ساروٽيون)

يوسف سنڌي

اها 1982ع جي ڳالهه آهي. ان وقت آءٌ مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس ۽ اسان ڪجهه هم ڪلاسي چوڪرن، جن کي ڪتابن پڙهڻ جي چوس پئجي چڪي هئي، اسين سنڌي ادبي بورڊ جو ٻارن لاءِ نڪرندڙ رسالو "گل ڦل" باقاعده پڙهندا هئاسين ۽ اسڪول جا ڪجهه استاد، ان سلسلي ۾ اسان جي رهنمائي ٻه ڪندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ اسان ڪجهه هم ڪلاسي دوستن سوچيو ته ڇو نه ڪو سلسليوار مخزن شايع ڪجي، پاڻ ۾ صلاح مشوري کان پوءِ اسان "هوشو پبليڪيشن" جو بنياد رکيو. اسان هٿ پير هڻي ڪجهه مواد ۽ ڪجهه پئسا گڏ ڪيا، ۽ پوءِ اهو ڇپائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ٿيو ته هاڻ اهو تون ئي ڇپراءِ.

دوستن ذميداري رکي ته آءٌ ٻه الله توهار ڪري نڪري پيس حيدرآباد، مون کي پي ته ڪا خبر نه هئي، البت سردار پريس ڏٺل هئي. جو هڪ پيري آءٌ پنهنجي چاچي عبدالغفور الستي (جيڪو ستر واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد مان ملير ڊائجسٽ شايع ڪندو ۽ 'عين غين سنڌي' جي نالي سان مشهور هو. سان گڏجي سردار پريس تي آيو هوس. سو ائين حيدرآباد ۾ وڃي سردار پريس تي نڪتس. ان وقت سردار پريس جو مئنيجر عبدالڪريم چنه نالي هڪ همراهه هو، جيڪو ڏاڍو سٺو ماڻهو هو. هن منهنجي رهنمائي ڪئي، ۽ پوءِ سردار پريس مان ئي اسان جي "هوشو پبليڪيشن" جي ڪتابي سلسلي جي پهرئين ۽ آخري ڪڙي "هوشوءَ سندي هامَ" شايع ٿي. جنهن جو ٽائٽل ان وقت، مستقبل جي هڪ سڻي ۽ ايرندڙ آرٽسٽ ساجد قريشيءَ کان ٺهرايوسين. ساجد قريشي ڪجهه سال اڳ لاهور ۾ گذاري ويو.

آءٌ جڏهن مواد ۽ پئسا کٽي سردار پريس تي پهتس ۽ عبدالڪريم چنه سان گڏ وينو هوس، جو هڪ بزرگ کي پريس ۾ اندر ايندي ڏٺم، هن ايندي ئي عبدالڪريم چنه سان هٿ ملايو ۽ پوءِ ڪرسي سيري ان تي وينو ۽ عبدالڪريم چنه کان ڪنهن ڪتاب جي پروفن جو پڇيو، جيڪي عبدالڪريم چنه ڪيس ڏنا ۽ هُو اهي ڏسڻ لڳو.

ان دوران منهنجي اندر ۾ هورا ڪورا متل هئي ته هيءُ بزرگ ڪير آهي؟ ڇاڪاڻ ته ڪتابن پڙهڻ سبب ادبين کي ڏسڻ ۽ سائٽن ملڻ جو اشتياق هوندو هو.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن بزرگ پروف پڙهي ورتا ته عبدالڪريم چنه سان ڪچهري ڪرڻ لڳو ته عبدالڪريم چنه منهنجو سائٽس تعارف ڪرايو: "هيءُ نوجوان يوسف ميمڻ، دڙي جو آهي ۽ ڪتاب ڇپرائڻ آيو آهي."

تعارف تي، ان بزرگ مون ڏانهن ڏٺو ته عبدالڪريم چنه مون کي چيو: "هيءُ سائين محمد ابراهيم جويو آهي."

سائين محمد ابراهيم جويي، مون سان هٿ ملايو ۽ بيحد پنهنجائپ ۽ ٻاجهاڻپ سان مون کان خبرون چارون پڇڻ لڳو. جڏهن عبدالڪريم چنه،

بزرگ جو ٻالو محمد ابراهيم جويو ڪنيو ته منهنجي خوشي جي ڪا حد نه رهي. چاڪاڻ ته ڪجهه وقت اڳ مون سائين محمد ابراهيم جويي جو هڪ ننڍڙو ڪتاب 'پاڻ وهيٽي پري' جيڪا طويل لوڪ ڪهاڻي هئي، پڙهيو هو، اهو ڪتابڙو اداره گلشن ادب ٽنڈو محمد خان پاران محترم اياز پاٽولي ڇپرايو هو. اياز پاٽوليءَ جون سڌ جي ٻاراڻي ادب ۾ وڏيون خدمتون آهن. هن "اداره گلشن ادب" جي پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا ۽ منهنجي ساڻس خط و ڪتابت هوندي هئي ۽ ڪائنس ٻاراڻا ڪتاب وي.پي ذريعي گهرائيندو هوس. 'پاڻ وهيٽي پري' ته اياز پاٽوليءَ ئي ڇپرايو هو. سائين محمد ابراهيم جويي جي اها ڪهاڻي سندس ڪتاب 'ماڻهوءَ جو پاڻ' ۾ شامل آهي.

خبرون چارون پڇندي سائين جويي صاحب پڇيو: "ڏڙي جو آهين، عين غين سنڌي ڪي سڃاڻين... ڪهڙن حالن ۾ آهي."

"ها سائين! عين غين سنڌي ڪي سڃاڻان، هو ٺيڪ آهي؟ عين غين سنڌي منهنجو چاچو ٿئي." وراڻيم.

"واهه! اهو ته ڏاڍو سٺو... عين غين سنڌي منهنجو شاگرد آهي. پاڻ ۽ سندس وڏو ڀاءُ محمد ابراهيم وڪيل ٻئي مون وٽ سڌ مدرسي ۾ پڙهيا آهن." جويي صاحب ٻڌايو.

اهو سائين محمد ابراهيم جويي جو منهنجو پهريون درشن ۽ پهرين ملاقات هئي ۽ آءٌ ڪيترن ئي ڏينهن تائين دوستن کي ٻڌائيندو رهيس ته منهنجي سردار پريس تي سائين محمد ابراهيم جويي سان ملاقات ٿي هئي.

ان وقت سائين محمد ابراهيم جويو "سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت" پاران جڳ مشهور مصري ليکڪ توفيق الحڪيم جو ناٽڪ 'مونجهارو' ڇپرائي رهيو هو، جنهن جو ترجمو مراد علي مرزا ڪيو هو، ۽ جويو صاحب ان ئي ڪتاب جا پروف ڏسڻ جي لاءِ سردار پريس تي آيو هو.

(2)

'پاڻ وهيٽي پري' پڙهڻ کان اڳ ئي مون سائين محمد ابراهيم جويي جي باري ۾ محمد موسيٰ ڀٽي جي ڪتاب 'سنڌ ۾ بي چيني جا اسباب' ۾ (جيڪو ڪجهه مون کي اتفاق سان هٿ لڳو هو) گهڻو ڪجهه پڙهيو هو. جنهن ۾ محترم محمد موسيٰ ڀٽي جي لکڻ موجب سنڌ جي نوجوانن کي بگاڙڻ، کين دين کان بي گانو ڪرڻ، منجهن قوم پرستي، روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ سيڪيولر سوچ جو بيج ڇڻيندڙ ۽ ان جي آبياري ڪندڙ جو سرواڻ محترم محمد ابراهيم جويو آهي، ۽ هاڻ ويجهڙ ۾ پڻ جناب محمد موسيٰ ڀٽي، جويي صاحب جي ڪتاب 'سيڪيولر ازم ۽ عقليت پسندي' جي جواب ۾ جيڪو ڪتاب 'سيڪيولرازم ۽ عقليت پسندي مطالعاتي جائزو' لکيو آهي، ان ۾ پڻ لڳ ڀڳ ساڳين ڳالهين کي ورجايو اٿائين، سوچن ۽ نظرين جو اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر ڪفر ۽ الحاد هڪ ڌار معاملو آهي. ڪو جيڪڏهن پنهنجن ماڻهن ۾ انسان دوستي، روشن خيالي، قوم پرستي، پنهنجي ڌرتي، ٻولي، ڪلچر ۽ پنهنجن حقن جي حفاظت، پرماريت جي خلاف وڙهڻ ۽ پنهنجا حق وٺڻ جو شعور پکيڙي ٿو، منجهن سهپ ۽ رواداري ۽ مذهبي ڪٽر پڻي کان آجو رهڻ، جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جو شعور پيدا ڪري ٿو، ته اهو ڪيئن ڪفر ۽ الحاد ٿيو؟ ان تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو، هونئن به وقت جي ويجهن، طبيبن ۽ مسيحائن تي ان قسم جا الزام ته سدائين لڳندا رهندا آهن، سندن مخالفتون به ٿيندیون آهن ۽ کين تڪليفن کي به منهن ڏيڻو پوندو آهي.

آءٌ جڏهن به محترم محمد موسيٰ ڀٽي جا اهي خيال پڙهندو آهيان، ته مون کي خيال ايندو آهي ته جيڪڏهن جويو صاحب ۾ ايترو تعصب هجي ها ته

پاڻ ايم.اين.راءِ جي ڪتاب 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو' جو سنڌي ۾ ترجمو ڇو ڪري ها. اهڙن الزامن لڳڻ تي مون کي جديد ترڪي جو باني مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ ياد ايندو آهي، جنهن ترڪي مان پراڻ پسندي جي پاڙ پٽي ترڪيءَ کي جديد بنايو ۽ دنيا جي قومن ۾ ترڪيءَ جو مان مٿاهون ڪيو، سندس اهڙين خدمتن تي ڪيس غازي ۽ اتا ترڪ جا لقب ڏنا ويا.

ٻئي پاسي سندس اهڙن ستارن تي ڪجهه مذهبي حلقن پاران مذهب دشمني وغيره جا الزام به لڳايا ويا، پر اتاترڪ جي ڪارنامن ۾ هڪ اهو ڪارنامو به آهي ته هن سيڪيولرزم جي چانوَ هيٺ محمد حامد ايلما ليلي جي سرواٽيءَ ۾ عالمن جي هڪ گروپ کان قرآن پاڪ جو ترڪيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪرايو، جنهن جو مقصد اهو هو ته مختلف فرقن جا ماڻهو پنهنجا اختلاف ختم ڪري، غير فرقيواراڻي ترجمي تي سهمت ٿين، جنهن ۾ هو ڪامياب ويو.

اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته محمد ابراهيم جويو سنڌ ۾ روشن خيالي، انسان دوستي، ترقي پسندي، سيڪيولرزم، پنهنجي ڌرتي، پنهنجن ماڻهن ۽ انهن جي حقن جي حفاظت لاءِ شعور پيدا ڪرڻ واري جو سرواڻ رهيو آهي ۽ محمد ابراهيم جويي هڪ اهڙي سنڌ جي اڏڻ جي لاءِ فڪري خوراڪ مهيا ڪئي آهي، جيڪا باوقار، روشن خيال، انسان دوست، هر قسم جي پرماريت، ڪان آجي "جنت النظير" سنڌ هجي، جويي صاحب جو اهو خواب ڪو رڳو سندس اڪيلي جو خواب ڪونهي، پر اسين سڀ پنهنجي اکين جي ماڻڪين ۾ اهو خواب سجائي وينا آهيون. ان حوالي سان جديديت ۽ روشن خياليءَ جي سفر جي سرواٽي ڪنڊ جويي صاحب کي اسين ڪمال اتاترڪ سان پيٽي سگهون ٿا.

هونئن به سڄي دنيا جيان سنڌ ۾ به ٻه فڪري ڌارائون آهن. هڪ ڌارا پراڻ پسند، سنواريل ۽ بينل پاڻي جي تلاءَ وانگر آهي، جنهن ۾ نواڻ جي ڪابه گنجائش نه آهي. هڪ مخصوص راڳ آهي، جيڪو وڄندو ٿو رهي، جنهن ۾ زندگي، ان جي رعنائين ۽ حسناڪين تي پابندي مڙهيل آهي.

ٻيو فڪري سوچ يا ڌارا نواڻ پسندي، عقليت پسندي، روشن خيالي واري آهي، جنهن ۾ زندگي ۽ ان جي انيڪ حسناڪين جي لاءِ، ان کي سڏ ۽ ڪارائتو بنائڻ جي لاءِ، وڏي گنجائش آهي ۽ جويو صاحب ان نواڻ پسندي، عقليت پسندي ۽ روشن خيالي واري واڻ جو سونهون ۽ سرواڻ آهي ۽ جڏهن مون پنهنجي هڪ ترجمي ڪيل ڪتاب 'هڪ سئو تاريخ ساز شخصيتون' جي اڀرندا جويي صاحب جي نالي ڪئي ته مون ان جي اڀرندا ۾ لکيو:

"هن ڪتاب کي ترجمو ڪندي، منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه آئي ته جيڪڏهن هڪ اهڙو ڪتاب لکيو وڃي ته سنڌ ۾ روشن خيالي جي تحريڪ ڦهلائڻ ۾ ۽ انهي تي اثر انداز ٿيندڙ هڪ سئو سنڌي شخصيتن جي فهرست ترتيب ڏني وڃي يا هڪ سؤ اهڙا شخص چونڊيا وڃن، جن سنڌ جي قومي تحريڪ، سيڪيولر سوچ ۽ روشن خياليءَ جي تحريڪ ۾ فڪري سرواٽي وارو ڪردار ادا ڪيو، انهن مان سڀ کان مٿاهين ۽ نشانبر شخصيت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ هڪ ئي نالو ايري آيو، محترم محمد ابراهيم جويو... ان لاءِ منهنجا پنهنجا دليل آهن... هڪ دليل اهو به آهي ته هن ڪتاب ۾ چار اهڙيون شخصيتون آهن، جن جي تعليم بابت سڀ کان پهرين محترم محمد ابراهيم جويي ئي سنڌي پڙهندڙن کي واقف ڪيو ۽ سنڌي نوجوانن جي ذهنن تي فڪري حوالي سان دستڪ ڏني... اهو ئي سوچي مون هن

ڪتاب جي ارپنا سائين محمد ابراهيم جويي جي نالي ڪئي آهي."

(3)

منهنجو چاچو محترم عبدالغفور الستي، جيڪو جويي صاحب جو شاگرد ۽ سنڌ مدرسي ۾ وٺس پڙهيو هو، سو نہ رڳو جويي صاحب جو وڏو مداح آهي، پر هن جي نظر ۾ سنڌ جي حوالي سان جويي صاحب جي خوابن جي تعبير لاءِ ضروري آهي تہ سڄي سنڌ ۾ هر ہار توڙي ٻُڌي، مرد توڙي ضائفان کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪجي. الستي صاحب جڏهن ہ ڪو اسڪول ڪوليو تہ هو جويي صاحب کي ضرور گهرائي، يا هر سال 6 آگسٽ تي پٽ شاهہ تي "عالمي امن" جي لاءِ مارچ ڪري تہ جويي صاحب کي پاڻ سان گڏ ضرور ڪٽي. پاڻ جويي صاحب سان گڏجي "سنڌ تعليمي تحريڪ" شروع ڪرڻ جي لاءِ هڪ "پڌرنامو" پڻ لکيائين، جنهن جو پهرين مضمون جويي صاحب جو لکيل هو ۽ ٻيو مضمون عبدالغفور الستيءَ جو. اهو ٽيهارو صفحن جو ڪتابڙو ٻنهي بزرگن جو سنڌ جي آئيندي جي حوالي سان هڪ منشور هو، پوءِ اهو ڪتابڙو جويي صاحب کان اجازت وٺي هڪ اين.جي.او پاران 2010ع ۾ "سنڌ تعليمي تحريڪ" جي نالي سان ڇپرايو ويو تہ ڏاڍي حيرت ٿي، جو ڪتابڙي تي "محمد ابراهيم جويو ۽ عبدالغفور الستي" جي نالن بدران محمد ابراهيم جويو ۽ ان تنظيم جي مقامي آفيس جي هيڊ جو نالو ڇپيل هو، جنهن بهرحال هڪ لفظ ہ نہ لکيو هو، پر ڪريڊٽ ڪٽڻ جي لاءِ عبدالغفور الستي جو نالو اُڏائي پنهنجو نالو ڏيئي ڇڏيائين. جنهن جو بهرحال ٻنهي بزرگن کي گهٽو رنج پهتو.

ساڳئي نموني عبدالغفور الستيءَ جي جيستائين سندس صحت ٺيڪ هئي، تيستائين هر سال جويي صاحب سان سندس جنم ڏينهن تي حيدرآباد ۽ سندس گهر وڃي ملندو هو، هڪ سال 2004ع ۾ پاڻ روزاني هلال پاڪستان ۾ "محمد ابراهيم جويي کي جنم ڏينهن تي مبارڪون" جو اشتهار ڇپرايائين ۽ ٻي سال 2005ع ۾ پاڻ سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد ۾ جويي صاحب جي سالگرهہ ملهايائين. جنهن ۾ ڪافي دوستن يارن ۽ احبابن شرڪت ڪئي. ان موقعي جي لاءِ پاڻ جويي صاحب تي هڪ طويل مضمون لکيائين ۽ منهنجي حوالي ڪيائين تہ اهو ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپرائي اتي دوستن ۾ ورهايان. جيڪو "ٻلي آئين، ٻلا پرين" جي نالي سان سورهن صفحن جي ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپائي، اتي ورهايو ويو. اهو، الستي صاحب جو سائين جويي صاحب سان محبت جو هڪ انوکو مثال هو. ٻي ڏينهن صبح جو اسين، جويي صاحب سان سندس گهر وڃي گڏياسين ۽ ڪچهري ڪندي عبدالغفور الستي، جويي صاحب کي چيو: "سائين! مون کي ڪا نصيحت ڪريو."

جواب ۾ جويي صاحب ڪيس جيڪا نصيحت لکت ۾ ڪئي، اها پوءِ مون الستي صاحب جي آتر کاٹي "ٻنڊڻ ٻاروچن جا آخر ۾" "الستي کي آئيندي لاءِ نصيحت ۾ وصيت" جي عنوان سان ڇپي ڇڏي، جيڪا هن ريت آهي:

ارادا بلند رکجن، پر گهٽا نہ رکجن.

ارادن لاءِ ڪم حوصلي ۽ اورچائيءَ سان ڪجي.

ناڪامي جي صورت ۾ رنج ۽ مايوسيءَ کان بچجي.

ڪاميابيءَ جي صورت ۾ سوپ سمجهي اُيامجي يا اُياميجي هرگز نہ.

صحت کي سنيالڻ جي لاءِ سدائين چست ۽ باخبر هجڻ ضروري آهي.

محمد ابراهيم جويو حيدرآباد

منهنجي خيال ۾ جويي صاحب جي الستي صاحب کي ڪيل نصيحت ۽ وصيت جي انهن ٿورڙين سٽن ۾ هڪ لحاظ کان وڏ ۾ وڏ سبق سمايل آهي، ۽ خود اهي سٽون جويي صاحب جي زندگيءَ جو عڪس ب آهن.

(4)

سائين محمد ابراهيم جويي، جيكو كجهه لكيو ۽ جيكي كتاب ترجمو كيا، ان جي پويان هڪ مقصد ۽ هڪ نياپو ئي رهيو. جويي صاحب ترجمي کي جيڪا اهميت ڏني، اها سندس جي فڪري ادب ۾ واڌاري جو سبب بڻي ۽ هڪ هنڌ جويو صاحب ترجمي جي اهميت بيان ڪندي لکي ٿو:

"ترجمي جي افاديت جي سلسلي ۾ هيءُ پڌرو دليل ۽ پيش ڪري سگهجي ٿو ته انساني فڪر جي واڌ ۽ پکيڙ دنيا ۾ جيتري ترجمن وسيلي ٿي آهي ۽ ٿي رهي آهي، اهڙي ڪنهن ٻ ٻي ذريعي سان ٿي نه سگهي آهي. هندستان ۽ يونان جي ادب ۽ علم جو عربيءَ ۾ نقل ۽ يورپ جي ٻولين جي علمي ۽ ادبي ذخيري جو دنيا جي ٻين ٻولين ۾ مستقل ٽيڪ جديد مهذب دنيا جي جاڙ جون اهي زوردار ٻ ڏارائون اُن جي مهذب بنجڻ ۽ مهذب هجڻ جو مکيه سبب آهن. اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي ته عالمي ادب ۽ فڪر جي اُتاري جي جيڪڏهن سپ کان وڌ نه، ته ٻ لازمي طور وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي.

مون جڏهن ٻ ڪا لکڻي يا ڪو ڪتاب ترجمو ڪيو ته ترجمي جي اهميت جي حوالي سان جويي صاحب جي مٿين لفظن، منهنجي رهبري ڪئي ۽ منهنجي اڳيان جويي صاحب جا ترجمو ڪيل ڪتاب "سونهين" طور موجود رهيا ۽ مون سڀني کوشش ڪئي ته جويي صاحب جي رستي تي ئي هلان. ٻوليءَ جي استعمال جي حوالي سان ٻ جويي صاحب جا ترجما ايترا ته اثرائتا، اصلوڪا ۽ مائيدار آهن، جو جيڪڏهن انهن تان اصل ليکڪن جا نالا هٽايا وڃن ته ڪا خبر ئي نه پوي، ته اهي ڪتاب ڪي ٻي ٻوليءَ کان ترجمو ڪيا ويا آهن، ۽ جويي صاحب جي ڪتابن جو مون تي ڪيترو اثر رهيو آهي، ان سلسلي ۾ هڪ ننڍو مثال ڏيندس.

ڪجهه سال اڳ منهنجي هڪ دوست ڪڇهريءَ دوران مون کان پڇيو ته تون پنهنجي پسند جي ڪن ٻ ويهن ڪتابن جا نالا لکي مون کي ڏي. گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ مون جڏهن ويهن ڪتابن جي فهرست ترتيب ڏني ته ان ۾ ٻ ڪتاب جويي صاحب جا ترجمو ڪيل هئا. پهريون 'فڪر جي آزادي' ۽ ٻيو 'ٻارن جو مسيح'.

پوءِ مون ويهن ئي ڪتابن تي هڪ ڏگهو تعارفي مضمون "منهنجي پسند جا ڪتاب"، ان مضمون ۾ مٿين ٻنهي ڪتابن تي ٻ پنهنجا ويچار وندڀا هئر، جيڪي هت پيش ڪريان ٿو.

(1) فڪر جي آزادي:

جڏهن لفظ فڪر اچي ٿو ته ان جي معنيٰ اها ٿي ته سوچ جي آزادي، عمل جي آزادي، خيال جي آزادي، ۽ بدقسمتي سان پاڻ وٽ ائين ڪونهي. پاڻ وٽ آزاد فڪر ۽ عقل جي آڏار تي فڪر جي واڌ ويجهه تي جڙ ته پابندي وڌل آهي. محمد ابراهيم جويي چواڻي: "اسان وٽ جيئن ئي آزادي آئي، تيئن ٻئي سال خيال تي قلف ۽ پهرا بيهي ويا آهن، سواءِ هڪ خيال جي، جنهن ۾ ڪا جان رهي ڪانهي، رڳو ڍانڍي وانگر پيو وڃي ۽ وڃندو رهي ٿو."

محمد ابراهيم جويو، عظيم استاد ۽ ڏاهو، جنهن جو سنڌ ۾ ڪردار ۽ حيثيت هڪ فڪري استاد ۽ سونهين واري رهي آهي، هن سنڌي ٻوليءَ ۾ جن ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي، سراج چواڻي: "ترجمي جي لاءِ چونڊ ۾ محمد ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل رهيو آهي ۽ اهو فڪر آهي ته جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نه رڳو ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾ ٻ قدم اڳتي نين."

'فڪر جي آزادي' ٻ هڪ اهڙو ئي ڪتاب آهي، جيڪو جڳ مشهور جرمن ليکڪ اسٽيفن زويگ جو لکيل آهي.

هيءُ ڪتاب سورهين صدي عيسويءَ جي زماني

۾ مسيحي دين کي درپيش فرقي وار مسئلي (ڪئٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ) بابت هڪ ڏرمي ۽ تشدد جي واقعن جي هڪ دل ڏاريندڙ سلسلي سان ڳنڊيل ٻن بي خوف ۽ با خبر مرد ان حق ۽ عظيم شهيدن، مائيڪل سرويٽس ۽ سيبا سٽيان ڪاسٽيلو جي عظيم ۽ انتهائي قرباني جو قصو آهي، جيڪو ڏاڍي باجهاري، دل پچائيندڙ ۽ حڪيمانه انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

سيبا سٽيان ڪاسٽيلو ڪير هو؟

محترم محمد ابراهيم جويي سندس تعارف ڏاڍي خوبصورت نموني ڪرايو آهي:

"سيبا سٽيان ڪاسٽيلو هڪ اڪيلو آدرش پسند انسان هو. هن فڪر جي آزاديءَ خاطر ڪال وِن جي بيعت کان ۽ پڻ بي هر قسر جي روحاني غلامي ۽ ذهني تشدد کان بغاوت جو اعلان ڪيو هو. هو ڇا هو؟ ڪال وِن جي مذهب ۽ حڪومت ۽ انهن جي شمار کان وڌيڪ ديولين، ۽ پادرين جي طاقت ۽ انهن جي قانون ۽ ان جي زنجيرن، ڪال ڪونڙين، ڦاسي گهاٽن ۽ باهه جي آڙاهن جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه. ٿلهو هڪ نالو، هاڻي جي ڪچيل پير هيڻان هڪ ماکوڙي، طوفان جي آڏو هڪ ڪک، هُو هڪ مسڪين ماستر هو، جيڪو پنهنجي زال ۽ پنهنجن ٻچن جي پيٽ پرڻ ۽ بُت ڊِڪڻ لاءِ ڪتابن جا ترجما ڪندو هو ۽ خانگي ٽيوشنون ڏيندو هو. هُو پنهنجي ملڪ کان جلاوطن، ڏاڙيئن ملڪ ۾ هڪ پناهگير هو، جتي هن کي نه شهريت جو ڪو درجو هو ۽ نه رهائش جو ڪو حق مليل هو. دنيا ۾ اهڙا دور به ايندا آهن، جڏهن انسانن جي خير ۽ خوشيءَ جو ڪو طالب هڪ ڏرمي ۽ ڪروڙ ۾ ورتل ٻن ڏرين جي وچ ۾ ائين هيڪلو ۽ بيوس بنجي ويندو آهي، جيئن وڙهندڙ سانن جي تکن ڪُرن هيڻان کو ٻوڙو، سيبا سٽيان ڪاسٽيلو پنهنجي دور جو اهو ٻُوڙو هو."

اِهو اهو دور هو، جڏهن جنيوا ۾ پروٽيسٽنٽ شرعيت غالب هئي ۽ جيهان کال وِن هڪ اهڙي مذهبي آمر جي حيثيت سان جنيوا جو حاڪم اعليٰ ۽ مذهبي اڳواڻ هو، جنهن جي زبان مان نڪتل لفظ "حرف آخر" هوندو هو ۽ جنيوا تي هڪ مذهبي ۽ شخصيت حاڪميت حاوي هئي ۽ ڪاسٽيلو ان حاڪميت جي خلاف آواز اٺاريو. جيهان کال وِن اعلان ڪرايو ته "اهو جو اسين سيکاريون ٿا، سو سچ آهي ۽ جو اسين نٿا سيکاريون، سو ڪوڙ آهي."

سيبا سٽيان ڪاسٽيلو، ان مذهبي ۽ حڪمراني جي انڌ ۾ ورتل جيهان کال وِن جي خلاف، پنهنجي نظرياتي اظهارنامي جو مسودو تيار ڪيو هو، تڏهن ان جي پهرئين صفحي تي مٿان ئي مٿان لکيو هٿائين: "هيءَ منهنجي ڪوشش ائين آهي، جيئن هاڻيءَ تي مڪ جو حملو."

اسٽيفن زويگ جو هيءُ ڪتاب اصل جرمن ٻوليءَ ۾ ڇپيو ۽ محترم محمد ابراهيم جويي ان جي انگريزي ترجمي The right to heresy تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. سو هڪ اهڙي دور ۾ ڇپيو، جو جڏهن هن ملڪ جي مٿان جيهان کال ون جهڙو ئي هڪ جابر ۽ مذهب جي نالي ۾ حڪمراني ڪندڙ "مرد ملعون، مرد منافق، ضياءُ الحق" جي حڪومت هئي. "ان! اها ڪيڏي نه ننگي آمريت هئي، پٽن تي ڪوڙا وسائڻ، ڦاسيون ڏيڻ، قيد ۾ وجهي چڏڻ، ۽ پنهنجي فڪر جي ڳالهه ڪندڙن سان ڇا ته جنيون ڪيون ويندیون هيون. هن ڪتاب ان دور ۾ ان آمريت جي خلاف، پنهنجي فڪر جي، عمل جي، آزادي، انصاف ۽ جمهوريت جي لاءِ جهيڙيندڙن لاءِ مشعل راهه جي حيثيت اختيار ڪئي.

هن ڪتاب جو ليکڪ اسٽيفن زويگ، اصل جرمنيءَ جو هو، جيڪو پوءِ جرمنيءَ ۾ ايڊولف هٽلر جي فاشزم جي قبضي کان بيزار ٿي، پنهنجي زال ايلزبيٿ شارلوٽ زويگ سان گڏجي، برازيل ۾ جلاوطني اختيار ڪئي ۽ اتي ئي هنن ٻنهي "پيٽرو

پولسٽ شهر ۾ 23- فيبروري 1942ع تي پنهنجي هٿن سان پنهنجو انت آندو.

(2) ’بارن جو مسيح‘:

ڪجهه سال اڳ 13 آگسٽ تي سائين محمد ابراهيم جويي سان سندس جنم واري ڏينهن سندس گهر وڃي مليو هوس، تہ مون کيس ٻڌايو هو تہ مون تي جن ڪتابن وڏو اثر ڪيو، انهن ۾ اوهان جو ايندڙ بلائٽن جو ’بارن لاءِ حضرت مسيح عليه السلام جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب جو ترجمو ’بارن جو مسيح‘ به شامل آهي. جواب ۾ ڀاڙ چيائين تہ: ”تون اهو پهريون ماڻهو آهين، جيڪو ان ڪتاب جو حوالو پيو ڏين“ تہ ان مون تي اثر ڪيو، نہ تہ اڪثر دوست ايندا آهن ۽ اهي منهنجي مختلف ڪتابن جا حوالا ڏيندا آهن، تون ان تي لک تہ ”بارن جي مسيح“ توتي ڪيئن اثر ڪيو.“

اها ساڻئي ڳالهه مون 2005ع ۾ ”سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ“ حيدرآباد ۾ جويي صاحب جي ملهايل سالگرهه جي تقريب ۾ پڙ پنهنجي تقرير ۾ ڪئي.

جيتوڻيڪ آڳ جويي صاحب جي خواهش موجب ڪجهه لکي نہ سگهيس، پر اڄ جڏهن پنهنجي پسند جي ڪتابن تي لکڻ ويٺو آهيان، تہ اها ڳالهه لکڻ مناسب سمجهيم.

’بارن جو مسيح‘ ايندڙ بلائٽن جي بارن لاءِ لکيل ڪتاب Children life of Chirst جو ترجمو آهي. جيڪو لکيو ئي بارن جي لاءِ ويو آهي. حضرت مسيح جيڪو بارن سان بيحد محبت ڪندو هو: جنهن جا هن ڪتاب ۾ ڪيترائي مثال موجود آهن:

جيئن هڪڙي پيري، مسيح جي ساڻين ۾ بحث اچي نڪتو تہ منجهن وڏو ڪير آهي، هُنن پوءِ مسيح کان پڇيو: ”سائين آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ڪير آهي؟“ مسيح هڪ نندڙي بار کي پاڻ وٽ سڏي انهن جي وچ ۾ بيهاريو ۽ چيائين: ”آڳ اوهان کي سچ ٿو چوان (هي پياري مسيح جو تڪيو ڪلام هوندو هو) تہ جيسين اوهين ڦري نندڙن بارن جهڙا نہ ٿيندا، تيستائين ڪنهن به طرح آسمان جي بادشاهت ۾ داخل ڪين ٿيندا. تہ هن ڪري (اوهان مان) جيڪو پاڻ کي هن بار وانگر نندڙو ڪري سمجهندو، اهو ئي آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ليکيو ويندو.“

خود حضرت مسيح جو جنم به هڪ وهائي تاري مثل هو. جنهن اونداهيءَ دنيا ۾ اڇي سوجهرو ڪيو، هو هڪ اهڙي ٻالڪ مثل هو، جيڪو ”خدا جي بادشاهت جي ڪنجي هو“، جيئن ترجمي جي مهاڀ ۾ محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

”حضرت مسيح جو جنم هر انساني ٻار جي علامت آهي، خاص ڪري مظلوم ۽ محڪوم قوم جي ٻار جي جنم جي ۽ ان ۾ به هر پورهيت ۽ مسڪين گهر جي ٻار جي جنهن ۾ هُنَ جي مائٽن، هن جي طبقي جي سڀني ماڻهن ۽ هن جي سڄي قوم بلڪ سڄي انساني برادريءَ جون اميدون ٽين ٽيون. يا ٽي سگهن ٽيون تہ هو سندن چونڪاري ۽ خوشحاليءَ جو سبب بڻبو ۽ ان لاءِ گهٽو ڪجهه ڪري سگهندو.“

هتي مون کي هڪ انگريز شاعر جو شعر ٿو ياد اچي:

"Lives of great men all remind us
We can make our lives sublime,
And departing leave behind us
Foot prints of the sands of time".

(مها پرشست جا جيون اسان کي يادگيري ڏيارين ٿا، تہ اسين پنهنجي حياتي شاندار بنايون ۽ جڏهن هن دنيا مان لڏي وڃون، تڏهن وقت جي واريءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي وڃون).

مٿيون شعر حضرت مسيح جي زندگيءَ تي به ٺهڪي ٿو اچي تہ: ’بارن جي مسيح‘ جي مترجم سائين محمد ابراهيم جويي تي به!

سنڌ کي شعور جي روشني ڏيندڙ سج

محمد ابراهيم جويو

رکيل مورائي

هيءُ شخص جيڪو محمد ابراهيم جوئي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو سو:

هڪ شخص نہ آهي

هڪ ادارو نہ آهي

هڪ ڏيئو نہ آهي

ڏينهن ۽ رات ٻرندڙ، ڏرتيءَ کي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين روشنيءَ جو آڪاريندڙ سورج آهي.

سنڌ کي شعور جي روشني ڏيندڙ سورج،

هڪ صديءَ کي روشن ڪندڙ سورج.

لکي جي پهاڙن ۾ جتي ڏينهن جو روشني ڏيندڙ سورج، شام جو الهي ويندو آهي، انهن پهاڙن جي جهول ۾، هڪ رات ڄائو هو، هيءُ سورج، جنهن ڳوٺ ۾ هيءُ ڄائو هو، ان کي علي آباد چيو ويندو آهي، ۽ جنهن رات هن جنم ورتو، ان جو ٻيو صبح چوڏهين آگسٽ اوڻيهه سؤ چوڏنهن هو.

اڳتي هلي ان چوڏهين آگسٽ تي اهو ڪنڊ جنهن ۾ هن جنم ورتو هو، ٽٽڻو هو، اها سُڌ شايد هن کي جنم جي پهرين ڏينهن ئي پئجي وئي هئي، جنهن ڪري ئي پنهنجي شعور جي شروعاتي ڏاڻن ۾ هن هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن جو نالو آهي 'سيو سنڌ سيو سب ڪانٽيننٽ' (سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو). سچ پچ هن جي اندر جي سرشٽيءَ ۾ هڪ ڪنڊ جي ڀڃ ڊاهه جا عنصر جاڳي اٿيا هئا ۽ انهن کي هن لکي، عالم آڏو اها ڳالهه واضح ڪئي هئي ته ڪنڊ ٽٽي رهيو آهي. ٻيءَ طرح سنڌ جو سياسي شعور، ان وقت ڪٽي بينل هو. اهو هڪ وڏو سوال آهي، جنهن جي جواب لاءِ سنڌ اوسيئڙو ڪري رهي آهي، اها سنڌ، جنهن سنڌ ۾ هو پاڻ ۾ آهي ۽ جيڪا هن چواٽي "سندس خوابن جي سنڌ ۾ آهي".

اهي خواب جيڪي هن پنهنجي شعوري عمر کي رسڻ کان وٺي ڏسڻ شروع ڪيا هئا ۽ اڄ هڪ سئو سالن جي ڄمار کي رسڻ وقت پڻ ڏسي رهيو آهي، پر سندس خوابن واري سنڌ جيڪا اڃا اڏڄٽي آهي، جنهن جو اسان سڀ اوسيئڙو ڪري رهيا آهيون.

ها! اسان اوسيئڙو ڪري رهيا آهيون، پر اها خوابن واري سنڌ، ڏسڻ لاءِ اڏڻ لاءِ هن جيڪا علمي، ادبي ۽ عملي جدوجهد ڪئي آهي، اها سموري سنڌ جي آڏو آهي، ان لاءِ جن جن پيچرن تان هن سفر ڪيو آهي، ٻڌائي جي لفظن "سي سڀ سونهارا هنڌ" ٻڌجي پيا آهن.

لکيءَ جي جبلن جي ڇانوَ مان ايرندڙ ان روشنيءَ، سموري سنڌ جي شعور کي ڪيئن روشن ڪيو، اهو هڪ معجزو آهي. هن پنهنجي عمر جا پهريان سبق سن جي اسڪول مان حاصل ڪيا ۽ ان کان پوءِ هن سن جي سائينءَ کي سنڌ سان عشق ڪرڻ جا سبق پڙهيا. درسي تعليم لاءِ هن کي سنڌ جو شان پريو ادارو سنڌ مدرسة السلام مليو. استاد ٽيٺ لاءِ ۽ ڪيس اهوئي آبرودار ادارو نصيب ٿيو ۽ اتان ئي هن جي سفر جي شروعات ٿي. سفر جيڪو اڄ تائين هو جاري رکيون اڇي. توٽي جو ڪيترن ئي موقعن

تي هن جا پير پٽون بہ ٽيا آهن، پر هن حوصلي مند شخص پنهنجي حوصلن سان سدائين پهاڙن پيچرن تان سفر ڪيا ۽ آڏو ايندڙ هر مصيبت کي اهو چئي هٽائي ڇڏيو آهي تہ:

آڏو ٽکر ٿر، متان روهہ رتيون ٽئين.

ائين هن پنهنجو سفر جاري رکيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي. هن جي پيرن جا نشان هر ان رستي تي اڄ بہ چٽا آهن، جتي هن جا پير پڳا آهن. هن جو سفر فقط 'سنڌ بچايو، کنڊ بچايو' کان شروع ٿي 'منهنجي خوابن جي سنڌ' تائين ڪتابي صورت ۾ نظر نٿو اچي پر اهو سفر انهن ادارن جي صورت ۾ بہ ظاهر آهي، جن ۾ هن سنڌ جي اڻ مئي، خدمت ڪندڙ ڏاهي، ڪي گهڙيون گهاريون آهن، هڪڙو سفر سندس اهو بہ آهي. جيڪو ظاهر ڏسڻ ۾ نٿو اچي، فقط محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهو سفر انهن سوين هزارين ڪتابن جي صفحن تي ڦهليل آهي، جيڪي ڪتاب ٻين ليکڪن ۽ ايڊيٽرن جي نالي ۾ ڇپيل آهن. ساڳئي وقت سنڌي ادبي بوردِ جا اهي سڀ ڪتاب بہ ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي سندس نظرداريءَ هيٺ ڇپيا آهن. مهراڻ جا اهي پرچا پڻ ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي سندس هٿن ترتيب ڏنا آهن، سائين جي.ايم.سيد جا آڳاٽا ڪتاب بہ اهڙي شاهدي ڏيندا تہ شيخ ايياز جا شروعاتي شاعراٽا توڙي نثراٽا ڪتاب پڻ ان ڳالهہ جي گواهي ڏيندا ۽ ذڪر هيٺ آيل مٿيان ٽئي نالا اڄ جي نئين سنڌ جي شعور جي ضمانت آهن، شخصي طور مون کي اها ڳالهہ اڄ تائين محسوس ٿيندي رهي آهي تہ سنڌ جي ڪابہ لائبريري، ايستائين مڪمل نہ آهي، جيستائين سائين جي.ايم.سيد، سائين محمد ابراهيم جوئي ۽ شيخ ايياز صاحب جا سڀ ڪتاب، ان لائبريريءَ ۾ موجود نہ آهن، مون کي پڪ آهي تہ سنڌ جي وطن دوست شعور ۾، سيد جي سياسي ڪتابن ۽ جوئي صاحب جي فڪري ڪتابن ايياز جي شاعراٽن ڪتابن جو هڪ جيترو عمل دخل آهي.

سنڌ جي نوجوانن کي عالمي ادبي ۽ فڪري شعور جوئي صاحب جي ترجمو ڪيل ڪتابن ڏنو آهي، ان ۾ بہ ڳالهيون نہ آهن 'وحشي جيوت جا نشان'، 'فڪر جي آزادي'، 'علم تدريس مظلومن لاءِ' ۽ 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس' سندس ترجمو ڪيل اهڙا ڪتاب آهن، جن جو مٽ نہ آهي.

انساني ارتقا کان وٺي تهذيب جي ارتقا تائين جو علم جيڪو جوئي صاحب جي معرفت سنڌ کي نصيب ٿيو. ٻئي ڪنهن جي هٿان نہ ٿيو، ۽ جيڪڏهن ٿيو تہ ايتري معيار يا مقدار ۾ نہ ٿيو، ان ڪري اها ڳالهہ چوڻ ايمانداري ٿيندي تہ سنڌ ۾ روشن خيالي جوئي صاحب جي ڪتابن معرفت آئي، ۽ اها اهڙي شعوري روشني هئي، جنهن ۾ سنڌي نوجوان ڪنڌ ڪٽي مٽي ڏنو تہ هن محسوس ڪيو تہ: ستاروں کے آگے جہان اور بھی ہیں۔

هڪ وقت ڪن نندڙي دائري ۾ سوچيندڙن جو چوڻ اهو بہ هو تہ جوئي صاحب جو ترجمن کان سواءِ ڪهڙو ڪر آهي؟ سوال نندڙو آهي/ وڏو آهي، اهم ان وقت بہ نہ هو هن وقت بہ نہ آهي.

ان وقت جوئي صاحب جو اصلوڪو ڪر سهيڙيل نہ هو.

اڄ جي تاريخ تائين جڏهن ان جو ڪجهہ حصو گڏيل صورت ۾ ڪتابن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو آهي يا ظاهر ٿي رهيو آهي تہ انهن ڪتابن جو انگ سندس ترجمو ڪيل ڪتابن جي انگ ڪان گهٽو وڌي ويو آهي. هتي ڪتابن جي فهرست ڏيڻ مقصد نہ آهي. جوئي صاحب جيڏو ڪر ڪيو آهي اوترين فهرستون نہ جڙيون آهن، جيڪي سياڻي جي سنڌ ۾ ضرور ٺهٽيون آهن، پي صورت ۾ فهرستن ۾ رکيو ئي چا آهي. سنڌ جي روشن خيال شعور ۾ سياڻ جي علامت سمجهيو ويندڙ سائين محمد ابراهيم جوئي نئين سنڌي شاعريءَ جي امام شيخ ايياز جي شاعري ۽ نثر تي جيڪي فڪر انگيز مهاڳ/ ليک لکيا آهن. اهي ئي سنڌي ادب جو اهڙو حصو آهن، جن تي سنڌي ادب فخر ڪري سگهي ٿو پر جڏهن سنڌ شيخ ايياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪندي. اهو وقت اڃا اچڻو آهي، ساڳيءَ طرح اڄ جڏهن هر ايندڙ نوجوان جيڪو ادب ۾ ڪجهہ خاص ڏيڻ چاهي ٿو، اهو جوئي صاحب کي پڙهڻ کان سواءِ ڪجهہ خاص نہ ڏيئي

سگھندو ۽ مان پنھنجي سموري اعتماد سان ائين ٻه چوڻ چاھيان ٿو، تہ اسان جي نسل مان جيڪي جوئي صاحب کي کنھن ٻه سبب جي ڪري نہ پڑھي سگھيا اُھي پاڻ وارا نہ ھئا. ڇاڪاڻ تہ کنھن ٻه تخليقڪار کي ڪوبہ فکري سگھ بخشيندو آھي. ائين جوئي صاحب سنڌي ادب کي جيڪا روشن خيال فکري سگھ ڏني، ان جو مثال ايياز جي شاعريءَ، سنڌي ادبي بورڊ جي ترجمو ٿيل ڪتابن ۽ سنڌي ادبي سنگت ۾ ڳولي سگھجي ٿو. اڄ جڏھن نوجوانن فکري ڪتاب پڑھڻ ڇڏي ڏنا آھن، تڏھن منجھائن مضبوط لکڻ جي سگھ ڇڏائي ويئي آھي ۽ نون لکندڙن ۾ اھا سگھ اچي نہ سگھي آھي.

ياد ڏيارڻ ٿو گھران تہ مان فکري ڪتابن مان فقط (مارڪسي فکر) جي معنيٰ ونڊ/ ڏيڻ کان پرھيز ڪريان ٿو، تخليقي ادب جون سڀ ڏارائون ۽ نظريا فکري ڪتابن ۾ شامل ھجڻ کي، اھميت ڏيان ٿو، ان ڪري کنھن خاص نظرياتي/ سياسي فکر جي لاءِ لکڻ، کنھن ٻه تخليقڪار لاءِ، کنھن ٻه حالت ۾ مناسب نٿو سمجھان. ائين جوئي صاحب کي کنھن مخصوص دائري ۾ ڏسڻ ۽ پڑھڻ مناسب سمجھان. ھو گھڻ پاسائون سوچيندڙ ۽ لکندڙ عالم ۽ نقاد آھي. ھُو سنڌ کي عالم سان گڏيل ڏسي ٿو، ان ڪري ھُو ساري عالم جو ادب، سنڌي نوجوانن لاءِ اھم سمجھي ٿو، پر ھن جا خواب عالم سان گڏ/ جدا، سنڌ جي آجپي ۽ خوشحاليءَ لاءِ آھن. جيڪي ھر ڏرتيءَ جي حلالي پٽ لاءِ اھم ھوندا آھن، ائين اھي جوئي صاحب لاءِ ٻه اھم آھن.

جوئي صاحب سموري عالم جا انساني ارتقا، تھذيبي ارتقا ۽ شعوري ارتقا بابت جيڪي ٻه چوندا ڪتاب/ مضمون/ نظر ترجمو ڪيا آھن. انھن مان سندس مراد، سنڌ جي نوجوان کي اھڙي تعليم ڏيڻ ھئي، جيڪا سندن پير ڏرتي تي مضبوط ڪري ۽ عقل جي اک سان پنھنجي سماج جون سموريون ناڪاري رسمون رواج ۽ قدر ٻاھر ڪڍي ڦٽا ڪري ۽ انھن جي جڳھ تي ھڪ اھڙو معاشرو اڏي، جنھن ۾ سڀ انسان، کنھن ٻه اونچ نيچ، رنگ نسل، گروھ ۽ قوم جي وچوٽيءَ کان سواءِ، ھڪ برادريءَ جيان، ھن ڏرتيءَ تي رھي سگھن ۽ ھڪ ٻئي سان سنو ۽ نيڪ ورتاءُ ڪري سگھن. سڀ ھڪ ٻئي جي ڏک توڙي سک کي پنھنجو ڏک ۽ سک سمجھن! ائين رھڻ سان ھُو نہ رڳو پنھنجي آس پاس کي گھٽي چگائي ۽ سنائي ڏيئي سگھندا، پر سموري انسان ذات لاءِ ھو لاڀائتا ٿيندا.

جوئي صاحب پنھنجي لکڻين وسيلي، سنڌ جي نوجوانن کي آزاد ذھن سان سوچڻ جو علم ڏنو، ھن کنھن ٻه تقليد پسنديءَ کان پاسي رھڻ جي ھدايت ڪئي. ساڳئي وقت ھن سنڌي نوجوانن کي اھو پڻ سمجھايو، تہ ھُو پاڻ کي انھن ماڻھن جھڙو اعليٰ ۽ اُتر ٿيڻ جي لاءِ جدوجھد ڪن، جن ماڻھن دنيا جي وچ ۾ موھن جي دڙي جھڙي تھذيب جوڙي ورتي، جنھن تي اڄ ٻه دنيا حيران آھي ۽ جنھن کي دنيا 'سنڌو سيويتا' جي نالي سان سڃاڻي ٿي. ھن سنڌ جي نوجوانن کي دنيا جي علمن ۾ پڙ ٿيڻ جي تلقين ڪئي آھي. ڇاڪاڻ تہ ھن محسوس ٿئي ڪيو تہ جيستائين سنڌ جو نوجوان، تعليم ۾ پڙ نہ ٿيندو، تيستائين ھو عالمي طور، تيزيءَ سان اڳتي ٻوڙندڙ دنيا سان گڏوگڏ ھلي نہ سگھندو. ھُو پنھنجي تعليم ۾ جيترو ڪارائتو ٿيندو اوترو انسان ذات لاءِ فائديمند ٿيندو.

اھا ڳالھ ذھن ۾ رکندي، ھن دنيا جو ادب ترجمو ڪيو، جوئي صاحب جا ترجمو ڪيل ڪتاب تہ اھر آھن ئي آھن، پر انھن جو ترجمو جنھن تخليقي ٻوليءَ ۾ آھي، اھا اھڙو گمان ئي نٿي ڏياري تہ ڪتاب نھايت تخليقي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل آھن، جن جي ھڪ ھڪ سٽ بيمثال آھي، اسان جي ٻھيءَ لاءِ اھا فخر جي ڳالھ آھي تہ اسان، ان سنڌ ۾ جي رھيا آھيون، لکي رھيا آھيون ۽ پڑھي رھيا آھيون، جيڪا شعوري طور جوئي صاحب جي ٻڌڻين آگرين سان لکيل تحريرن مان مليل روشنيءَ واري سنڌ آھي. اڄ جي دور کي شعوري روشني ڏيندڙ سورج، سنڌ جي آڪاش مٿان فقط ھڪ آھي، جنھن جو نالو محمد ابراھيم جويو آھي ۽ بس!

صديءَ سانڊيو ساهه

مخدوم سليم الله صديقي

محمد ابراهيم جويي صاحب ڪوٽڙي تعلقي جي ڪيرٿر ڪوهستاني علائقي جي "آباد" واهڻ ۾ 13 آگسٽ 1915ع تي جنم ورتو. "آباد" ڳوٺ جيڪو انساني آبادي‌ءَ جي وسٽ ڪري ان نالي سان سڏجڻ لڳو هو. جويي صاحب جي جنم کان پوءِ جڻ علمي ۽ ادبي لحاظ کان ب آباد ٿي ويو.

جويو صاحب جا وڏا اصل پنجاب جي سرائڪي علائقي سان تعلق رکندڙ هئا. انهن مان ڪي آدم شاهه ڪلهوڙي جا عقيدتمند هئا. اهوئي ڪارڻ ڇڏجي جو ڪجهه جوين جون قبرون سکر ۾، آدم شاهه ڪلهوڙي جي مقبري آڏو احاطي ۾ موجود آهن. اهي اثر سندن ايندڙ پيڙهين تي ب نظر اچن ٿا. محمد ابراهيم صاحب جو ڏاڏو محبوب جويو پڻ صوم و صلواة جو پابند ۽ پرهيزگاري‌ءَ ڏي راغب طبعيت رکندڙ هو. هُو ظاهري علم جي فقط ابتدائي تعليم حاصل ڪري سگهيو، پر روحاني ۽ ديني تعليم ۾ عربي، فارسي ۽ قرآن و حديث جي ب پلي پت جاڻ رکندڙ هو، جنهن کان جويو صاحب گهڻو متاثر ب هو. سندس والد ميان محمد ب قرآن شريف سان گڏ ابتدائي عربي سندي پڙهيل هو. جويو صاحب اجا صغير ئي هو ت هُو وفات ڪري ويو. جنهن کان پوءِ سندس پرورش ڏاڏي ۽ ڏاڏي‌ءَ ڪئي. اهوئي ڪارڻ هو جو حياتي‌ءَ جو هڪ حصو تعليم ۽ نوڪري سانگي ڪراچي‌ءَ ۾ رهڻ جي باوجود هُو سندن پچاري‌ءَ تائين نہ رڳو ڪفالت ڪندو رهيو، پر وقفي وقفي سان پرگهور لهڻ خاطر پاڻ ب ايندو هو.

جويي صاحب کي ٻالڪپڻ کان ئي تعليم جو ذوق هو. چوٿين سنڌي‌ءَ ۾ جڏهن پهريون نمبر آيو ت ڪيس انعام طور ڪتاب"گلدستہ"جيڪو ديارام وسٹمل ۽ ديوان ليلارام پريم چند جي منتخب مضمونن جو مجموعو هو ۽ مرزا قليچ بيگ جي تحرير "گلن جي ٹوڪري" مليو. انهن جي مطالعي جڻ سندس حياتي‌ءَ ۾ علم ۽ ادب جي چاهه جي دري کولي ڇڏي.

چوٿين درجي کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ جويي صاحب کي لکي شاهه صدر جي اسڪول ۾ داخلا ونٹي پئي چو ت ڳوٺ آباد ۾ رڳو چوٿين درجي تائين تعليم ڏني ويندي هئي. لکي سندس ڳوٺ کان ٹي چار ميلن جي پنڌ تي آهي. لکي شاهه صدر جنهن کي 'تيرٿ لکي' ب سڏيو ويندو هو. تيرٿ گاهه ۽ شاهه صدر جي مزار سبب هي‌ءُ علائقو، مسلمانن ۽ هندن ۾ يڪسان مقبول رهيو آهي. هڪ روايت موجب 'لکي' اصل ۾ لک علوي جي بگڙيل صورت آهي. يعني لک علوي سيدن جي نسبت سان ان کي لکي سڏيو ويو. هن جي شهرت جو هڪ ٻيو ڪارڻ گرم پاڻي‌ءَ جو چشمو پڻ آهي جيڪو هتان کان اتر طرف ڪيرٿر جبلن ۾ واقع آهي. گندرف جي پاڻي‌ءَ جو اهو چشمو ڦٽ ڦرڙين لاءِ مفيد ثابت ٹيو آهي. ڪيترا ماڻهو ان ۾ وهنجي پنهنجو علاج ڪن ٿا.

جويي صاحب جو لکي‌ءَ جي اسڪول ۾ اجا ڪو ٹورو وقت مس گذريو ت سائين جي.ايم.سيد جي چوٹ تي سندس ڏاڏي ڪيس سن جي اسڪول ۾

داخل ڪرايو، جتي رهائش دوران سندس ويجهڙائي هڪ طرف سن جي سائينءَ سان ٿي تہ ٻئي طرف سيد صاحب وٽ ايندڙ وڏين شخصيتن جهڙوڪ: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ ميرزا قليچ بيگ وغيره سان ٿي، جن جو اثر ايندڙ سالن ۾ حياتيءَ جي جوڙجڪ تي مهر ثابت ٿيو.

سن ۾ اڻين جماعت ۽ انگريزيءَ جي فرسٽ سيڪنڊ ۽ ٿرڊ ڪرڻ ڪلن پوءِ جي.ايم.سيد جي ترغيب ۽ مدد سان ميٽرڪ پاس ڪرڻ لاءِ پاڻ سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتائين. ڪيڏو نہ ڏکيل ۽ محسوس ڪيل ڳالهيون آخر عمر تائين لاشعور ۾ دهرائجنديون ۽ پنهنجا اثر ڏيکارينديون آهن. تعليمي ميدان ۾ سيد صاحب جو ڪيس ڀرپور سهڪار رهيو، پر عملي زندگيءَ ۾ به پاڻ ڪائنس وک وک تي صلاح ۽ مدد ڪندو رهيو.

سنڌ مدرسي مان امتيازي نمبرن سان ميٽرڪ پاس ڪرڻ پوءِ سيد صاحب جي همٿائڻ تي ڊي.جي ڪالج ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخلا ورتائين جتي ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پروفيسر آڏواڻي جهڙا استاد موجود هئا. ڪالج ۾ تعليم دوران "اخبار الوحيد" ۽ هڪ پرائيويٽ فرم ۾ شام جو ڪم ڪرڻ سان مالي تڪليف ۾ دور ٿي وئي. جنهن ڪري پاڻ آساني سان ان ڪالج مان بي.اي جو امتحان ڏنو. جنهن جي بنياد تي ڪيس سنڌ مدرسي ۾ اسسٽنٽ ٽيچر ڪري رکيو ويو. سنڌ مدرسي هن لائق فائق استاد جنهن جي عمر 24-25 سال هئي (بي.ٽي بيچلر آف ٽيچنگ) جي ڊگريءَ لاءِ بمبئي ايس.ٽي ڪالج وڃڻ جي سهولت فراهم ڪئي.

بمبئيءَ ۾ رهائش دوران سندس علمي ۽ ادبي ذوق مطالعي کان قلم طرف وڌيو. 'هسٽاريڪل رول آف اسلام' جو ترجمو ۽ اتي رهائش دوران شروع ڪيائون. ٽيچرس ڪورس ڏيڍ سال ۾ پورو ڪري واپس ساڳي نوڪريءَ تي آيا.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي کان وٺي پاڪستان جي قيام تائين هتان جي ماڻهن سان جيڪو سياسي معاشي ۽ ثقافتي ظلم ٿيو سو تاريخ جو اهم باب آهي. 1843ع کان پوءِ سنڌ جي خود مختيار حيثيت کي ختم ڪري ان کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ان جو انتظام ڪمشنر ذريعي هلايو ويو. معمولي نوعيت جا معاملات به بمبئي پريزيڊنسي جي اجازت جا منتظر هئا. ايتري قدر جو ميٽرڪ جو امتحان به بمبئي بورڊ تحت ٿيو ٿي. ان صورتحال جي ڪري ماڻهن ۾ بي چيني وڌي ۽ سنڌ جي اصل حيثيت ۾ بحاليءَ لاءِ تحريڪ ڪر ڪنيو. ان تحريڪ جا ابتدائي سرواڻ غلام محمد پرڳڙي، ديارام گدومل، ديارام جيٺ مل، حسن علي آفندي وغيره هئا. سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪرڻ جي تحريڪ 1847ع کان 1935ع تائين جاري رهي، آخر گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت اپريل 1936ع کان Sir Lancelot Grahm سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. ڪيس 25 ڄڻن جي ايبوائزري ڪميٽي پڻ ڏني وئي، جنهن جو صدر سر غلام حسين هدايت الله هو. 1935ع ايڪٽ تحت پهرئين قانون ساز اسيمبلي سڌ ڄڻن تي مشتمل هئي. جن ۾ 33 نشستون مسلمانن لاءِ هيون. 18 مارچ 1940ع تي سنڌ جي مختلف سياسي گروپن کي ملائي نئين حڪومت تشڪيل ڏني وئي. جنهن ۾ جي.ايم.سيد کي وزير تعليم مقرر ڪيو ويو. وزارت تعليم، سنڌ جي حوالي سان جيڪي اهم فيصلا ڪيا، انهن مان ڪجهه هي آهن:

(1) جدا يونيورسٽي جو قيام جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي صورت اختيار ڪئي.

(2) ميٽرڪ تائين سنڌيءَ ۾ تعليم لازم هجڻ.

(3) سنڌي ادب جي ترقي لاءِ هاءِ پاورڊ ايڊوائزري ڪميٽي جو قيام، جنهن سان اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ لاءِ رستو هموار ٿيو، پر اهي سڀ منصوبا شروع ۾ تعطل جو شڪار ٿيندا ٿي ويا. صوبي ۾ سياسي ابتري ۽ مختلف سياسي ۽ سماجي گروپن جي چڪتاڻ، بي چيني ۽ غير يقيني فضا کي برپا ڪيو. ان صورتحال ۾ جويي صاحب جي ننڍن وڏن مضمونن کان علاوه سندس تحرير 'Save Sindh, Save the continent from feudal lords, Capitalists and their ammunalisms' ان جي اپياس کي پلي پت نپايو.

هن ڪتاب ۾ طبقاتي نظام جي منفي اثرن ۽ نالي چڙهيل سياستدانن جا ذاتي مفاد، بيباڪيءَ سان

پڌرا ڪيا ويا. هيءُ ڪتاب جون 1947ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ دور ۾ ئي جويي صاحب صوبائي اسيمبلي جي رڪنن لاءِ پمفليٽ جي صورت ۾ "ڪليل خط" تحرير ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي خود ارادیت جي تحفظ جو ذڪر هو، جنهن جي ياداشت ۾ ڪيس سنڌ مدرسة الاسلام جي نوڪريءَ تان فارغ ڪيو ويو: انهن ئي ايامن ۾ پهرئين گهرواريءَ جي اوچتي وفات پڻ صدمي جو سبب بڻي، پر جلد سيپٽمبر 1947ع ۾ ڪيس ٽٽي ميونسپل هاءِ اسڪول جو صدر مدرس مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ ٻه سال گذاريائين، جتان پوءِ ڪيس ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ اسسٽنٽ ٽيچر طور مقرر ڪيو ويو.

سائين جي.ايم.سيد جي قائم ڪيل مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو قيام، جنهن کي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻو هو. انهيءَ اصول تي ڪوشش جاري رهي. جولاءِ 1951ع ۾ جڏهن سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري ڏانهن منتقل ٿي ته ان جي ڪئمپس ۾ ئي بورڊ جي آفيس کولي وئي. ان جي پرنٽنگ پريس وغيره لاءِ پڻ زمين متعين ڪئي وئي. ان سڄي معاملي ۾ جويي صاحب جي ڪوششن کي نه ٿو وساري سگهجي. جويو صاحب کي ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي سندس خدمتون "سينٽرل بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر گورنمينٽ آف سنڌ" کي منتقل ڪيون ويون. جويي صاحب جلدي سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ٽن سالن کان پوءِ 1954ع ۾ سينٽرل بورڊ جو نالو تبديل ڪري سنڌي ادبي بورڊ رکيو ويو. اهڙي طرح مارچ 1955ع ۾ ون يونٽ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ کي تعليم کاتي سان ملائي "دي سوسائٽيز ايڪٽ 1860ع" تحت خود مختيار اداري جي حيثيت ڏني وئي. شروع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس N.J.V اسڪول جي احاطي ۾ قائم ڪئي وئي جيڪا ون يونٽ کان پوءِ حيدرآباد آندي وئي.

محمد ابراهيم جويي صاحب پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو. جولاءِ 1951ع کان نومبر 1961ع تائين پاڻ بورڊ جي سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏنا. کين هڪ دفعو ٻيهر جولاءِ 1963ع کان آڪٽوبر 1967ع تائين اعزازي سيڪريٽري بورڊ ڪري رکيو ويو. ٽيون دفعو 1997ع کان 2002ع تائين کين بورڊ جو اعزازي چيئرمن رهڻ جو شرف حاصل رهيو. سندس ابتدائي دور ۾ شايع ٿيل ڪتابن جو تعداد تقريباً چار سؤ آهي.

بورڊ جي ڪارڪردگي اسان کي ان وقت نظر اچي ٿي جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ سنڌي لوڪ ورثي ۽ فوڪ لور کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي حياتيءَ جا ٽيهه- پنجٽيهه سال سنڌ جي هر وسندي واهڻ ۽ ويرانن ۾ پهچي گيت، نظر، ڪهاڻيون، چوٽيون ڪُجهارتون وغيره جيڪي عوام جي سينن ۾ منتقل ٿيندیون پئي آيون، انهن کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ جو سعيو ڪيو.

ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ جو ٻيو اهم قدم ٿ ماهي ادبي رسالو "مهراڻ" هو. 1946ع ۾ چاليهن صفحن جو "مهراڻ" شايع ٿيو. ان جو سيڪريٽري عثمان علي انصاري ۽ چيف ايڊيٽر دين محمد وفائي مقرر ٿيا. ورهاڱي کان اڳ ان جا ٽي شماره جڏهن ته 1948ع ۾ فقط هڪ شمارو شايع ٿيو. اهڙي طرح 50-1949ع ۾ مهراڻ جو "لطيف سالگرهه" نمبر شايع ٿيو، جيڪو 32 صفحن تي هو. هڪ دفعو وري ان جي اشاعت تعطل جو شڪار ٿي. آخر جنوري 1955ع ۾ ابراهيم جويي صاحب جي ايڊيٽر شپ تحت ان جي باقاعده اشاعت شروع ٿي، ان جي قيمت ٻه روپيا، صفحا ٻه سؤ کان ٻه وڌيڪ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان ۾ تاريخ، تحقيقي مقالا، افسانا، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ کان علاوه معياري مضمون جيڪي ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيا ويا، انهن کي به شامل ڪيو ويو. 1961ع تائين جويي صاحب پوري توجهه ۽ جانفشاني سان رسالي جي معيار ۽ اعليٰ ادب جي ترويج تي ڏيان ڏنو. سچ ته اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي تي ڦهليل "مهراڻ" جي تاريخ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي تاريخ جو هڪ اهم باب بڻجي ويئي آهي. انهيءَ اهميت جي پٺاندر بنده بورڊ

کي شايع شده سمورن پرچن کي مختلف عنوانن تحت جيئن شاعري نمبر، سوانح عمر نمبر، تحقيقي مقالا نمبر، افسانہ نمبر، کهاڻي نمبر وغيره الڳ الڳ جلدن ۾ شايع ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي، جيئن سنڌي ادب جي مني صديءَ جي تاريخ کي محفوظ ڪري سگهجي. ان تجويز کي نہ صرف منظور ڪيو ويو، پر ان تي عمل سست ضرور، پر جاري آهي.

جويو صاحب سرڪاري نوڪريءَ لاءِ نہ رڳو سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾ رهيو، پر حيدرآباد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيڪب آباد ۾ به جولاءِ 1967ع کان مارچ 1968ع تائين رهيو. جتان ڪيس بدلي ڪري گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ڪوهاٽ ۾ مقرر ڪيو ويو.

1970ع جي آخر ۾ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ صوبن جي پهرئين حيثيت بحال ٿي. ابراهيم جويي صاحب جون خدمتون به سنڌ جي تعليم کاتي جي حوالي ڪيون ويون جتي هُو مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏيندي 12 آگسٽ 1976ع تي رٽائر ٿيو.

محمد ابراهيم جويو رٽائرمينٽ کان پوءِ به کيترين ئي سماجي ۽ ادبي تحريکن ۽ تنظيمن جو سرپرست ۽ روح روان رهيو آهي. جيئن، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، سنڌ فرينڊ سرڪل، سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، اعزازي چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگويج اٿارٽي جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، شيخ ايازِ فائونڈيشن، V.P ٽيوسفيڪل سوسائٽي حيدرآباد، سنڌ ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو وائس پريزيڊنٽ وغيره هجڻ کان علاوه مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجون تحريرون پڻ شايع ڪرائيندا رهيا آهن.

جويي صاحب جي علم ۽ ادب سان وابستگي ٻالڪپڻي ۾ ئي شروع ٿي ويئي هئي جڏهن 14 ورهين جي عمر ۾ پاڻ پهريون دفعو "پجري ۾ بند پکي" جي عنوان تحت مضمون لکي، احساس ۽ جذبن جي اپياس ۾ مشغول ٿيو، ان کان پوءِ سنڌ مدرسي ۾ نوڪريءَ دوران "اسڪول ايڊمنسٽريشن ۾ جمهوري طريقہ ڪار" لکيائون. انهيءَ زماني ۾ ئي پاڻ ايم.اين.راءِ جي ڪتاب 'Historical role of Islam' جو سنڌي ترجمو ڪيائون. سندس اُها تحرير جيڪا باقاعده ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي، اها هئي: 'Save Sindh, Save the continent from feudal lords, Capitalists and their Emunalism' (1945)

خاص ڪري ورهاڱي کان پوءِ جويي صاحب جي شخصيت مترجم جي طور تي به نالو ڪڍيو. حالانڪہ سندس اڪثر ترجمي نان فڪشنل آهن. سندس محور فلسفو ۽ انقلابي تحريرون پڻ رهيون. جيئن (1) پاڻ 1949ع ۾ جان جيڪ روسو جي تحرير 'ايميلي" جو ترجمو ڪيو، (2) پلو ٽارڪ جي 'پارن جي تعليم'، (3) هارورڊ مور جي 'وحشي جيوت جا نشان'، (4) ايميلي ايريڪمين ۽ اليگزينڊر چائيان جي 'فرانسيسي انقلاب'، (5) فلسفي جو ابتدائي ڪورس از فرانس بيڪن، (6) اسٽيفن زويگ جي 'فڪر جي آزادي'، (7) گليليو جي زندگي از برٽولٽ، (8) پائيلو فريري جي تحرير 'علم تدريس مظلومن لاءِ'.

اهڙيءَ طرح جويي صاحب جي.ايم.سيد جي به کيترين تحريرن کي سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيئن سنڌ جو مقدمو، قومي يڪجهتي، سنڌ جي سياست جو پس منظر، سنڌوديش وغيره.

انهن کان علاوه جويي صاحب کيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ يا پيش لفظ پڻ لکيا جن کي جيڪڏهن گڏ ڪيو وڃي تہ ضخيم ذخيره جي صورت ۾ سامهون ايندو. اهڙي طرح پاڻ نصابي ڪتاب ۽ کيترائي انگريزيءَ ۾ تحرير ڪيل مضمون سندس تحريرن جو اهم سرمايو آهن. ائين ڪٽي ڇنجي تہ جويي صاحب سجاڳيءَ کان اوجاڳي تائين ۽ اوجاڳي کان اونداهيءَ تائين پنهنجي سؤ سالہ زندگيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح قلم ۽ ڪتاب سان جڙيل رکيو آهي.

ويا ورهيہ لنگهي، جڙ لوٽي لمحي
صديءَ سمعي، ڪل نہ پئي ڪا.
(سليم)

محمد علي ڊيپلائي

رتيءَ جي رهاڻ

"چُهنڊڙيون" ۾ پنهنجي ردِعمل جو اظهار هن ريت ڪيو:

Regd. No. Sind/1

عبرت

جلد ۱۱ | حيدرآباد سنڌ ۱۱ جولاءِ ۱۹۴۷ع | نمبر ۳/۷

چهنڊڙيون

آنريبل ايم الاهي بخش صاحب فرمائي ٿو:-

"آهو اسين ٻ انسان آهيون"

ايم صاحب جن ڪاوڙ مان ٻاڪ ڪي انسان سڏڻ ڪا ڏ ڏ ٻاڪ جهڙا سنڌي ڏ انسان کان گهٽجي يعني "سرڪار" آهن.

ڪاش! جيڪڏهن هو انسان هجن ها، ته پوءِ جيڪر سنڌن صاحبي ۾ ڪيئن غريب انسان جون آهون حق مچائيندڙن ڏ هجن ها!

... ...

ڪانگريس واشٽو يعني يعني انسان جو سڏي والبر آچاريه ڪرپالاڻي صاحب ڪشمير وڃي سڌس ڏرمچنيءَ کي اڃي ۲۵ هزار روپيه ملها ۽ ديوان صاحب ايمان ڪيو ڏ "ڪشمير لي واجا جوڙي حق آهي ۽ هن الگرڻ کان ڪٽ لڪن لي خوبڊ ڪير هوا؟"

والبر ٻڌ والبر، هيڊي ساري عهدي لي پوءِ ڏ ڏ وڪاڻو وڃي سڌس پنجرهن هزارن ۾ اڙي ديسوان! جيڪڏهن وڪاڻ جو ارادو هوءِ ڏ ذرا دم ڏ جهلين ها ڏ ڪا ڇڪي قيمت ملڻي هئي، پر! سوف باءِ لکڻ لي ڇڏي وڪاڻي وڌين!

... ...

ونو سائمن ايم الاهي بخش صاحب جهڙن سالن جي حڪومت ۾ اسان اهڙي ڇڏي هلي جو محمد

ابراهيم جوڙ ڪالي هڪ ڪتاب لکيو "Save Sindh, Save The Continent" ڪيائين ڏ ڪيترن ڪمن ڏ ڪمن ڪير ويا ڏ اوڏن ڏ ڪاڪيد ڏ هدايت ٿي ڏ ڏڙڪن ايس پڪدم "ڪهل ڪاڙو!"

ڪهڙا ڏ عڪاسد آهن هي انسان سڏائيندڙ، جو سمجهن ٿا ٿي اهڙي ڏاروسب ڪيندڙ، جنهن جي ڪتاب سنڌن دلين ۾ ڏاسو وجهي ڇڏيا آهن، ڪهن ڪي ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ڪمس ساسٽريءَ جهڙو روزگار ڏ هٿ ڪرڻ ايندو!

محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ محمد عثمان ڊيپلائي (مرحوم) ٻئي دوست، نهايت غريباڻي ماحول ۾ پيدا ٿيا ۽ نپنا، پر هنن پنهنجي غير معمولي ذهانت ۽ اٽٽڪ محنت سان اسان جي سماج ۾ لافاني حيثيت حاصل ڪئي. سندن حياتي تي نظر ڊوڙائبي ته معلوم ٿيندو ته هو سندن بنيادي مقصد ۽ اصول يعني انسان ذات جي پلائي جي حصول لاءِ هر دور ۾ ڪوشان رهيا، توڙي جو انهيءَ ڏس ۾ مختلف دورن ۾ هنن مختلف رستا ۽ طريقا اختيار ٻئي ڪيا، پر پنهنجي بنيادي مقصد سان پُرخلوص ۽ بي غرض وابستگيءَ کين آخر تائين باهمي احترام ۽ محبت ۾ سوگهو رکيو.

جويي صاحب ۽ ڊيپلائي صاحب جي اڻ ڏني واقفيت جي شروعات جولاءِ 1947ع ۾ ٿي، جڏهن سنڌ مدرسي ۾ معلميءَ دوران جويي صاحب پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب 'Save Sindh, Save The Continent' ڇپائي پڌرو ڪيو، سنڌ مدرسي جي بورڊ آف گورنرس جي چيئرمن پير الاهي بخش (مرحوم) ڪنهن به نوٽيس يا وارننگ بنا جويي صاحب کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. انهيءَ واقعي تي ڊيپلائي صاحب ڪنهن وافقيت يا ڄاڻ سڃاڻ کان سواءِ هڪ ديانتدار صحافيءَ طور پنهنجي اخبار "عبرت، جي 11- جولاءِ 1947ع واري شماري ۾ پنهنجي ڪالم

جويي صاحب سان ڊيپلائي صاحب جي پهرئين روبرو ملاقات جو ذڪر به دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جلدئي ڊيپلائي صاحب جي ڊيڊ ويڊ حيدر بخش جتوئي (مرحوم) سان ٿي ۽ سندس ذهن ۾ جديد سياسي ۽ سماجي نظرين ديرو جمائڻ شروع ڪيو، هڪ موقعي تي جتوئي صاحب سندس تعارف جويي صاحب سان ڪرايو، ڊيپلائي صاحب مختلف حلقن مان جويي صاحب بابت گهڻو ڪجهه ٻڌي چڪو هو، ڪجهه دوستن جو خيال هو ته جويو صاحب "ڪميونسٽ ۽ دهريو آهي ۽ خدا کي ڪونه ٿو مڃي!" هن پهرئين ملاقات ۾ ڊيپلائي صاحب پنهنجي دستوري خوشطبعيءَ ۾ ڪانئس پڇيو:

"ٻڌجي پيو ته اوهان خدا کي ڪونه ٿا مڃيو؟"

"ادا، آءٌ خدا کي ڪيئن نه مڃيندس، آءٌ ته پاڻ ئي خدا آهيان!" جويي صاحب پڻ ساڳئي سڪي ۾ جواب ڏنو.

"اڃا- جي توهان خدا آهيو ته پلا ٿورو مينهن ته وسائي ڏيکاريو!" ڊيپلائي صاحب ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو.

"اوهان جي چوڻ تي مينهن چو وسايان؟ آءٌ خدا آهيان، پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ!" جويي صاحب چيو ۽ ڊيپلائي صاحب وڏو ٽهڪ ڏيئي ڪٽي ڪيس پاڪر ۾ جهليو، پوءِ ته "رتيءَ جي رهاڻ" وارو قصو ٿي پيو!

سنه 49-1948ع واري دور ۾ ڊيپلائي صاحب وڏي ذهني مانڌاڻ مان گذري رهيو هو، سندس ويهارو سالن وارا "مسلم اُمت" ۽ "حڪومت الهيه" وارا خواب درهم برهم ٿي چڪا هئا، پاڪستان ٺهڻ شرط سنڌ تي جيڪا پناهگيرن جي يلغار ٿي، جيئن ڪراچيءَ کي سنڌ کان چنيو ويو، جهڙي نموني هندو برادريءَ کي منظم طريقي حڪومتي سازشن سان سنڌ مان لڏايو ويو ۽ سندن ملڪيتن کي پناهگيرن جي حوالي ڪيو ويو، ڪين جائز ناجائز طريقن سان نوڪرين سان نوازيو ٿي ويو، انهن سمورين واردات سندس ذهن کي صدمن مٿان صدما ٿي ڏنا. پنهنجيون پراٽيون سوچون ڪيس هاڻ سنڌ واسطي نهايت هاجيڪار نظر ٿي آيون.

جويي صاحب ۽ جتوئي صاحب جي سنگت ۽ سندن خيالن جو ڊيپلائي صاحب تي گهرو رنگ چڙهڻ لڳو، جيئن پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"...ساڳئي وقت گورکي جي ڪتاب 'ماءُ' جو اُردو ترجمو به پڙهيم ۽ مسٽر محمد ابراهيم جويي ۽ مسٽر حيدر بخش جتوئيءَ جي سنگت پڻ حاصل ٿيم، اهي سڀ حملا يڪا ٽيڻ تي سوچ جو انداز به بلڪل بدلجي ويو، مگر اهو 16 جا 32 آنا تڏهن بدليو جڏهن ون يونٽ ٺهيو... انهيءَ وقت کان آءٌ پاڻ کي اول 'انسان' پوءِ 'سنڌي' ۽ آخر ۾ 'مسلمان' سمجهندو هئس، پر جولاءِ 1972ع جي (سنڌي هوليءَ جي) فسادن بعد پاڻ کي اول به سنڌي ته آخر به سنڌي سمجهندو آهيان!"

جويي صاحب جي سنگت ۾ اچي ڊيپلائي صاحب جو ذهن تيزيءَ سان جديد سوچ جو آماجگاهه ٽيڻ لڳو، سندس چوڻ مطابق "منهنجي ڪتابن جي لکڻي 1948ع تائين پي آهي ۽ 1949ع کان پي!" پنهنجي ديرينه عادت مطابق ڊيپلائي صاحب نئين چاڻ ۽ علم ٻين تائين پهچائڻ ۾ جنبي ويو، جلدئي "اداره انسانيت" قائم ڪري، جديد معلومات تي مشتمل ناول ۽ ڪتاب (پنهنجا توڙي ٻين جا لکيل) شايع ڪرڻ لڳو، اهڙن ڪتابن ۾ "امڙ"، "انسان جي تاريخ"، "هاري جي سجاڳي"، "سچ ڏکڻ مان ٿو اُپري"، "ڪنول ڪلي"، "چار داڻا"، "ماڻهو ۽ ڌرتي"، "سمرقند جو صوف"، "انور پاشا"، "جپاني گڏي"، "شيخ المشائخ" وغيره شامل آهن.

جويو صاحب جلدئي حيدرآباد مان بدلي ٿي، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ڪراچيءَ آسهيو، ۽ پنهي دوستن جي وچ ۾ خط و ڪتابت جو هڪ طويل سلسلو شروع ٿي ويو، افسوس جو ڊيپلائي صاحب، اهي خط محفوظ نه ڪيا، پر جويي صاحب ڊيپلائي صاحب جا 50 خط (1951ع کان 1968ع) هڪ جلد ۾ محفوظ رکيا ۽ عنايت فرمائي انهن جون ڦوٽو اسٽيٽ ڪاپيون مون کي ڏنائون، ڪن خط جا ڪي ٽڪرا پڙهندڙن واسطي دلچسپيءَ جو باعث ٿيندا. مثلاً:

"دل رکڻ لاءِ افسانہ کي پسند ڪرڻ جو شڪريو، پر افسانہ جي پچاڙي مون خود کي بہ پسند نہ آهي، انڪري ڦيرائي ڇڏي اٿر." (1952-04-19)

"خط پهتو، الحمدلله اڄ پئسن جو بندوبست ٿي ويو، اوهين ڊاڪٽر صاحب (هندستان آيل ڊاڪٽر صادق) کي وڌيڪ ۾ سؤ رپيا ڏيئي ڇڏيندا جو ويچاري کي تڪليف هوندي!"

(06-03-1953)

"روزانہ عبرت جو ڊڪليئريشن مليو آهي، پر اڃا ڪيڏي ڪانہ اٿر، جيڪڏهن جي.ايم.سيد وارا هن کي هلائيندا تہ ڪين ڏيئي سگهان ٿو، ليڪن هن شرط سان تہ انهيءَ جي پاليسي اوهان جي هٿ ۾ هوندي." (1953-04-15)

"مهرباني ڪري هن خط پهچڻ شرط پنجاهہ رپيا يا هڪ سؤ رپيا هن سرنامي تي پهچائيندا، "اداره طلوع اسلام رام باغ روڊ، ڪراچي." (1953-05-01)

"عرض تہ ڪراچيءَ ۾ رائيٽرس گلڊ جي قيام جو ٻڌي، نهايت خوشي ٿي، مهرباني ڪري مفصل طرح مشورو ڏيندا تہ اسين هتي اها کهڙي قائم ڪريون." (1953-07-29)

'اُمنگ' ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي، اهو اگرچہ اوهان جي اُتي (ڪوهاٽ) پهچڻ کان پوءِ چپيو آهي، پر هتي انهيءَ کي اوهان جو ئي تحفو سمجهيو وڃي ٿو، پرچو بيحد پسند آيو، اهو هڪ ئي پرچو آهي، جنهن جو هڪڙو لفظ بہ مون کي اعتراض جوڳو نظر ڪونہ آيو." (1965)

"رات خواب ۾ ڏٺم تہ اوهان ڏاڙهي رکائي آهي، ۽ ملاقات ۾ ڏاڍي مزي سان ڪيس ور ور ڦٽي پيا ڏيو، چوتہ وڏي ڏاڙهيءَ وارا عام طرح انهيءَ کي هٿ سان پيا سهلائيندا آهن، پر اوهان کي اڃا ننڍي هئي ۽ اهو بہ عجيب هو تہ انهيءَ جي پوري وچ ۾ سينڊ بہ هئي، اسان ۾ چوندا آهن تہ خواب ۾ ڦٽي ڏيڻ معنيٰ سپ منجهيل مسئلا سلجهي وڃڻ! انهي خواب اوهان جي سِڪ وڌائي." (1967-08-29)

"ٽيون ڏينهن سامان صفا ڪندي، ۽ ٽي شاهہ جا رسالا سفيد پني وارا ليپي پيا، دل ۾ چير تہ هيءَ الائجي کهڙي خوشقسمت جي نصيب ۾ بچي پيا آهن، ڪلهہ اوچتو شيخ صاحب (شيخ عبدالمجيد سنڌي) آيو ۽ چيائين تہ هڪ رسالو مون لاءِ ۽ هڪ جويي صاحب لاءِ ڏي، ڏاڍي مسرت ٿيم ۽ پنهي تي صحيحون وجهي سندس حوالي ڪيا اٿر، انهيءَ ايڊيشن جي سڀ پني جا اهي آخري ڇاڪا آهن، اُميد تہ سڀا نہ وڃائيندا."

(01-06-1967)

"جتوئي صاحب کي سڄي جاءِ (سواءِ هوٽل جي) مڪمل پت سميت 15 ڪ الائي 18 هزارن ۾ ملي ويئي آهي، جنهن جا پئسا بہ پياري آيو آهي، اها اوهان دوستن کي بہ مبارڪ هجي...

"...اوهين ويا يا وڃڻ وارا ٿيا تہ بہ ڏک ٿيا، هڪ تہ اوهان جي صحبت جو ڏک ٻيو پنهنجي غلطين کي ياد ڪري بہ ڏک پيو ٿيندو آهي، اُميد تہ اوهين بہ اهي دل سان معاف ڪندا ۽ وساري ڇڏيندا، نہ فقط اهي پر آئينده بہ پيون ٿيندیون، پر آخر ۾ مقصد تہ هڪ ئي اٿئون جو اُميد جو مولانا ملاح جي هن شعر وانگر رهندو:

قبر منهنجيءَ مٽي ڪانڊي، ڪج هي نقش ڪارڻ ربہ
تہ سهسين شڪر سائينءَ جا پُٽم در پرت وندن سان!

(01-10-1967)

"ويٺ نامي ڪتاب پڙهندي حافظ يا الائجي ڪنهن جو هي شعر بہ ڏاڍي لطف سان پڙهيو اٿر:

مادرِ پيالہ عڪس يار ديده ايم،
اے بے خبر زلزت شربِ دوام ما!

انهن ڪتابن ۾ وليم فاسٽر جي 'عالمي مزدور تحريڪ جي تاريخ' جو ذڪر پڙهيم، اها بہ وڃي ونجي آيس، اها پڙهڻ سان گهڻي معلومات حاصل ٿيم،

وري هڪ ڪتاب 'دوشهرون ڪي ڪهاني' هٿ آيو، ان بہ ڪپاڙ ڪولي چڏيا، بي انداز لٽريچر آهي جو سنڌيءَ ۾ آڻڻ گهرجي، پر آڻي ڪير ۽ چپائي ڪير؟

(06-10-1967)

"ٻتو اثر تہ شاهہ صاحب (جي.ايم.سيد) جي ڪتاب 'جديد سياحت جا نورتن' خلاف ايبوڪيٽ جنرل وڏو سارو نوٽ لکيو، پر اتفاق سان سيڪريٽري کو سمجهدار نڪري پيو، جنهن ضبط ڪرڻ کان انڪار ڪري وڌو." (1967ع)

"اوهان کي وطن کان دور دراز علائقي ڪوهاڙ ۾ اُڇلايو ويو آهي ۽ ائين ٻين ڪيترن کي اُڇلايو ويو، مگر ٻيا گهٽا هائيدوس مجائيندا ۽ بيچيني ڏيکارينداآهن، سا بہ مون کي معلوم آهي ۽ اوهان جنهن سنجيدگيءَ ۽ بي ساختگيءَ سان آسپاس جي حسين علائقن جو ذڪر ڪري مون کي انهيءَ نظاري مان لُطف اندوز ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي سا ڏيکاري ٿي تہ اوهان کي هيءُ مصرع خوب ياد آهي تہ:

"هر ملک، ملکِ ما است
ڪہ ملکِ خدائے ما است."

۽

مرغ زيرک گر بہ دام اند، تحمل يا يديش

"مون کي يقين آهي توهان اهي چند مهينا يا چند سال اهڙائي سجايا ڪندا جهڙا مون 'سانگهڙ' لکڻ وقت کيا هئا، اسان جنهن زندگيءَ جي دور مان هن وقت گذري رهيا آهيون، سا خود اسان جي ئي 99 سيڪڙو فردن جي ڪوتاهين سان آهي، ۽ آءٌ نہ ٿو سمجهان تہ سنڌ عرف سابق سنڌ جي پنجاهہ لکن مان پنجاهہ هزار بہ صحيح سنجيدگيءَ سان انهيءَ ڪوهہ مان ڪيڻ جا مخالف هوندا، ان ڪري بقول ايار:

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آ.

"هي ڪاريون ۽ هيبتناڪ راتيون ڏاڍيون ڏکيون ٿين ٿيون، ۽ ڏاڍيون ڏکيون گذرنديون آهن ۽ انهن ۾ روشنيءَ جا انتظام ڪرڻ بہ ڏاڍا ڏکيا آهن، پر پُرعزم ثابت قدم ۽ سنجيده انسان طوفان ۾ بہ پيا ڏيا جلائيندا رهندا آهن." (7-11-1967)

"هونئن تہ سدائين پئسي هٿ ڪرڻ جي پريشانين ۾ وقت گذري ٿو، پر ڪڏهن ڪو سٺو پئسو هٿ اچي وڃي، تہ وري انهيءَ کي کپائي ڇيهہ ڪرڻ جي پريشانين ۾ وقت ائين گذريو وڃي، جو نہ ڏينهن جو آرام، نہ رات جو سک. ايا بہ شڪر آهي جو ننڊ سڀ اچيو وڃي، نہ تہ جيڪر ولي داد ولي بنجي وڃان يا خواجہ شمس. (1967ع)"

"ويٺنامين جا ڪارناما هر هر پڙهڻ کان پوءِ سچ پچ دل جي حالت اها هوندي آهي جو:

"چوڌاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا!
وهڻ مون نہ وڙاءُ جهانءِ جهڄي هنيون!"

"ويٺنام تي ڪڏهن ڪڏهن 'نواءِ سنڌ' ۾ بہ لکندو آهيان، جي مولوي صاحب (عبدالغفور سيتائي) مهرباني ڪري بنا ڪاٽ ڪوٽ جي ڇپي ڇڏيندو آهي...

نون ڪتابن جي حسرت ۾ پنج ورهيہ گذري ويا نہ پئسو گڏ ٿيو، نہ ڇپجي سگهيو.

ويٺنام ناول صحيح طرح لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ خود سرزمين ويٺنام نظر مان ڪيجي، پر اها سهوليت ميسر نٿي سگهي. (1967ع)

منهنجيون جويي صاحب سان بيشمار ملاقاتون ٿيون، پاڻ ازراه نوازش مون تي شفقت اظهار ڪندا رهيا آهن، پر ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي مشڪلاتن جو ذڪر نہ ڪيائون، نہ ئي وري اولاد جي شڪايت، هوڏانهن وري ڏيپلائي صاحب هڪ سچي مجاهد جي حيثيت ۾ منهنجي طرفان مليل معاشي مدد ۽ تحفظ کي ڪڏهن بہ تحسين جي نگاهن سان نہ ڏٺو، شديد مجبوريءَ جي حالات ۾ مدد وٺندي بہ اها

وضاحت ضرور ڪندو هو تہ اها مٿس قرض آهي، جنهن جي ادائگي هو حالتن 'درست' ٿيڻ تي ضرور ڪندو! شديد مجبوري ۾ ڪهڙي؟ کو ڪتاب ڇپائڻ، پريس جي ورڪرن جون بقايائون ادا ڪرڻ، قرضين کي وقتي طور منهن ڏيڻ، اهي ئي هوندیون هيون سندس شديد مجبوريون.

جويو صاحب، تاج جويي مطابق، سائين جي.ايم.سيد ۽ ايم.اين.راءِ کان گهڻو متاثر هو، جي.ايم.سيد صاحب کي هند- سنڌ جو ننڍو وڏو سجاڻي، ايم.اين.راءِ بابت شيخ اياز جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ پاڻ (شيخ اياز) ۽ جويو صاحب رائيلسٽ (Royalist) آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ جويي صاحب جي شخصيت کي سمجهڻ لاءِ ايم.اين.راءِ بابت جاڻ بہ ڪارائتي ٿيندي. مون کي اهو شرف حاصل آهي راءِ جا ڪجهہ ڪتاب جيڪي جويي صاحب نهايت عزيز رکندو آهي، مون کي نهايت عنايت ڪري مطالعي واسطي ڏنائين. اهي ڪتاب هڪ غير معمولي فعال ۽ جاکوڙي انسان جي تجربن، مشاهدن ۽ مطالعي جا نهايت دلچسپ دستاويز چئي سگهجن ٿا، انهن مان مليل مواد جي بنياد تي سندس جاکوڙي حياتيءَ جو مختصر ذڪر پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو.

سڄي عمر سچ جي ڳولا ۽ پنهنجي سوچ مطابق سچ جي سڻ هٿندڙ ايم.اين.راءِ (اصل نالو نريندر پٽ آچاريہ) جو جنم سنہ 1887ع ۾ ڪلڪته جي پرپاسي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي نهايت غريب ماٺهوءَ جي گهر ۾ ٿيو، ٿوري وڏي ٿيڻ تي راءِ، بنگال کي وڏي بحران مان گذرندي ڏٺو، سنہ 1905ع ۾ ٿيل بنگال جي ورهاست اُتي جي هندوئن کي سخت ناپسند هئي ۽ منجهن انگريزن جي خلاف پُرتشدد قومي تحريڪن جنم ورتو، بنڪر چندر چٹرجي جي ناول 'آنندمٺ' ۽ انهي ۾ ڏنل گيت 'وندي ماترم' وڏو مچ مچايو. نوجوان راءِ بہ انهيءَ پُرتشدد قوم پرستي جي وهڪري ۾ وهي، دهشتگرد تنظيمن ۾ شامل ٿي، انهن جي مالي ضرورتن جي پورائي لاءِ ريلوي اسٽيشنن ۽ بئنڪن تي ڏاڙا هٹندو هو. سنہ 1915ع ۾ ڪنهن وڏي معرڪي لاءِ هٿيار هٿ ڪرڻ لاءِ جاوا جو سفر ڪيائين، پر جرمنيءَ ۽ جاپان جي سڪٽن دلاسن مان ڪجهہ بہ نہ وريس، گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ ويس ۽ نالو مٹائي وڃي آمريڪا پهتو، جتي سندس ملاقات لالہ لاجپت راءِ سان ٿي، جنهن کيس سمجهايو تہ ڏنڊيل عوام جي چوڪاري لاءِ محض قومي آزادي ناڪافي ٿيندي، انهي واسطي سوشلزم ضروري آهي، جلدئي راءِ کي آمريڪا ڇڏڻو پيو ۽ وڃي ميڪسيڪو پهتو.

ميڪسيڪو ۾ سندس ملاقات روسي ڪميونسٽ ميخائيل بوروڊن سان ٿي، جنهن کيس مارڪسزم/ڪميونزم ڈانهن راغب ڪيو، ٻنهي ڄڻن گڏجي ميڪسيڪو ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وڌو، جيڪا روس کان ٻاهر پهرئين ڪميونسٽ پارٽي هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ راءِ، ماسڪو ۾ ٿيندڙ پهرئين ڪميونسٽ انٽرنيشنل ۾ بطور ڊيليگيٽ گهرايو ويو، انهيءَ ڪانفرنس ۾ هڪ اهر موضوع هو پنتي پيل ملڪن، خاص ڪري هندستان ۾ اشتراڪي انقلاب آڻڻ لاءِ حڪمت عملي تجويز ڪرڻ، انهن ڏس ۾ راءِ جي سوچ، لينن کي ڏاڍي وڻي، هُن راءِ کي ڪميونسٽ انٽرنيشنل ۾ نهايت وڏو عهدو ڏنو، ۽ هندستان ۾ اشتراڪي انقلاب آڻڻ لاءِ تاشقند روانو ڪيو، باوجود گهڻي مٹا ماري جي ۽ خلافت تحريڪ جي پراڻن رضاڪارن جي ساڻ جي راءِ جي اها مهم ناڪام ٿي، جلدئي کيس ساڻئي مقصد لاءِ چين موڪليو ويو، پر اتان بہ ناڪام وريو. ساڻئي دور ۾ لينن جي وفات کان پوءِ راءِ مخالف اسٹالن جو ٽولو اقتدار ۾ آيو ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ راءِ ماسڪو مان فرار ٿي هندستان آيو جتي سندس خلاف پراڻا کيس اُتلائي کيس ڏکهي عرصي لاءِ جيل ۾ رکيو ويو.

قيد ۾ گذاريل طويل عرصي ۾ راءِ کي پنهنجي مطالعي کي وسعت ڏيڻ ۽ پنهنجي سموري زندگيءَ تي تنقيدي نظر نظر وجهڻ جو موقعو مليو، هن ڪيترائي قابلِ قدر فلسفيانہ ڪتاب ۽ مضمون لکيا، آزاديءَ کان پوءِ پنڊت نهروءَ ڪيس ڪانگريس ۾ آندو ۽ مقامي سطح تي عهدا ۽ ڏنا، پر گانڌيءَ جي سوچ سان سهمت نہ ٿيڻ ۽ سندس مخالفت ۾ مضمون لکڻ ڪري ڪانگريس مان خارج ڪيو ويو. هن پنهنجي سياسي پارٽي پڻ ٺاهي پر سخت ناڪامي ٿيس.

جيل ۾ گذاريل عرصي ۽ انهيءَ کان پوءِ وارن سالن ۾ راءِ پنهنجي تجربن، مشاهدن ۽ مطالعي جي بنياد تي بنيادي انسان دوستي (Radical Humanity) جي تحريڪ شروع ڪئي، سندس سوچ مطابق فڪر جي آزادي ۽ عقليت جي راهہ انساني فطرت ۾ شامل آهن. انهن جبلتن جي تعميري استعمال لاءِ اخلاقي قدر ۽ اخلاقي طور تي درست طرز عمل لازم آهن، هن دور جو عظيم بحران محض سياسي ۽ اقتصادي نوعيت جو نہ آهي، بلڪ ان جو بنيادي ڪارڻ فڪر جي آزاديءَ تي رڪاوٽون ۽ اخلاقي قدرن تي عمل پيرا نہ هجڻ آهي، سندس مطالعي مطابق اها سوچ ڪا نئين نہ آهي بلڪ تمام قديم آهي؛ مارڪسزم ۽ ڪميونزم منطقي توڙي عملي لحاظ کان ناڪام تحريڪون آهن، اهي انسان دوستيءَ بدران پارٽي جي اقتدار ۽ قوم پرستي ذريعي پنهنجي اقتدار جو جار ٻين ملڪن ۾ ڦهلائڻ ۾ مشغول ٿي پنهنجي ملڪ توڙي ٻين ملڪن جي سياسي ۽ فڪري آزادي لاءِ گهاتڪ ثابت ٿيون آهن. علم ۽ ڏاهپ کان سواءِ جمهوريت چالاڪ سياستدانن جي جاه پرستيءَ جي راند آهي، جنهن ۾ سادن ۽ ويساهہ وسوڙيل عوام کي پُرفريب نعرن ۾ اُلجهائي اقتدار تي قبضو ڪيو ٿو وڃي.

راءِ پنهنجي سموري عمر نهايت فعال رهيو، جتي ڪيس گهٽن کان مجتا ۽ محبت ملي، اُتي مٿس تنقيد بہ ٿي، مائوزي تنگ مطابق هو مسئلن جي ڪنهن عملي حل ڏيڻ کان سواءِ تمام گهٽو پيو ڳالهائيندو هو، هو ڪنهن قدر بيوقوف هو. سر اسٽئفورڊ ڪرپس جنهن سنہ 1942ع ۾ ساڻس هندستان جي سياسي مسئلن بابت خيال جي ڏي وٺ ڪئي تنهن پنهنجي ساروٽين ۾ ٻڌايو تہ راءِ جي خيال ۾ ڪيس وائيسراءِ سان گڏ اقتدار ۾ شريڪ ڪبو تہ سمورا مسئلا حل ٿي ويندا!

جويو صاحب، ڊيپلائي صاحب کي "سنڌ جو سچو خادم" سڏيندي لکي ٿو:

"انسان جي عظمت هيءَ آهي تہ هو پنهنجي وس آهر، پاڻ مان باهر نڪرڻ ۽ ڏرتيءَ مان مٿي اُٽڻ جي اُمنگ رکي ۽ اُدم ڪري، پاڻ مان باهر نڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي مفاد کان پهريائين ۽ اُن کان وڌيڪ ٻين جي مفاد کي اهميت ڏئي، ڏرتيءَ کان مٿي اُٽڻ جو مطلب آهي گهڙيءَ جي مفاد کي گهٽي وقت جي مفاد لاءِ قربان ڪري... محترم محمد عثمان ڊيپلائي، جيئن آڻ سڃاڻ، تيئن منهنجي نظر ۾ ٻين لاءِ جيئڻ جي اهڙي اُمنگ ۽ مستقبل جي بهتري لاءِ اهڙي اُدم جو مثال آهي."

جويي صاحب ۽ ڊيپلائي صاحب ڪنهن بہ فڪر ۽ سوچ جا غلام نہ ٿيا، پنهنجي فڪري ۽ شخصي آزادي برقرار رکيائون، کين دنياوي جاه ۽ مالي آسودگيءَ جا ڪيترائي موقعا مليا، پر هنن پنهنجي فڪري آزاديءَ تي ڪڏهن سودو نہ ڪيو.

"ماءُ وهاٽو وار، ڪڻ پٽراڻي پانهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ۾، سو سوئي سار،
وڃان ٿي وڻڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو!"

هڪ صديءَ جو تمام وڏو ماڻهو

مهتاب اڪبر راشدي

سنڌيڪار: عبدالمجيد پنهور

زندگي ڏگهي ٿي ڪري يا ڪيتري وڏي ٿي سگهي ٿي. سوچيان پئي، پر ڪوبه شخص پنهنجي هن (هڪ) زندگيءَ ۾ ڪيترو وڏو ٿي سگهي ٿو، ان جو اندازو ان وقت ٿيو، جڏهن محمد ابراهيم جويو صاحب جي آتم ڪهاڻي پڙهڻ ويٺيس. ڏگهي عمر جي سفر کي ڪاغذ جي چند صفحن ۾ ڦهلائڻ (يا چند صفحن ۾ سمهڻ) جو هنر به ته ڪو ڄاڻي ٿو، سيد مظهر جميل کي الله اهو هنر بهتر طور ڏنو آهي، پر ڪنهن جي زندگيءَ تي ڪير به ڇو لکڻ ويهي ۽ ڪائي ته اهڙيءَ ڳالهه هوندي جو هڪ اهل قلم پئي اهل قلم جي زندگيءَ جي واقعن کي لفظن جي گلن جي مالها ۾ پوئي ايندڙ نسل لاءِ هڪ دستاويز جي شڪل ۾ اهڙو تحفو ڏئي وڃي جيڪو ايندڙ نسلن تائين به موجود هجي ۽ هر پئي نسل تائين منتقل ٿيندو رهي.

مان پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿي ڇو ته هن خوبصورت ۽ بامقصد ڪتاب لاءِ مون کي ڪجهه لکڻ لاءِ چيو ويو آهي. آئون ڇا ۽ منهنجي پهچ ڇا. مون ته هوش سنڀالندي ئي ادب جي آسمان تي جن چمڪندڙ جرڪندڙ تارن وانگر جرڪندڙ جهڙين شخصيتن کي ڏٺو هو، محمد ابراهيم جويو انهن ۾ نمايان هئو. ان ننڍي عمر ۾ مون ۾ شعور ته نه هئو ته انهن جي ڪر جي اهميت ۽ گوڙهائي جو اندازو ڪري سگهان، ها اهو سمجهندي هئس ته انهن جو قلم سنڌ جي مٽيءَ جي هٻڪار سان رچيل هو. ڪالهه به ۽ اڄ به مون کي جويو صاحب جي سر زمين سنڌ سان محبت ۽ ان متعلق سوچ ۽ ان ۾ هن جي يقين ۾ ذري جيتري به گهٽتائي محسوس نه ٿي ٿئي. جنهن شخص جي سوچ جو محور مخصوص خطو ۽ ان جا رهواسي، اتان جو ادب ۽ ثقافت ۽ اتان جا ماڻهو هجن ته پوءِ ان لاءِ سوچڻ لاءِ ۽ پنهنجي قلم، پنهنجي سوچ ۽ وجدان کي ان لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ هڪ سستو سودو لڳي ٿو.

محمد ابراهيم جويو جي زندگي جا صفحا ورائيندي پڙهندڙ حيرت ۾ پئجي ٿو وڃي ته سڄي زندگي هن ٻين لاءِ ڪم ڪيو.... پنهنجي لاءِ نه ڪنهن وڏي گهر ۽ بنگلي جي خواهش رکي ۽ نه ئي موٽرڪار جي، نه ذاتي آسائشون ۽ نه ئي پئسا جمع ڪرڻ جي حوس، نه نمودو نمائش جو شوق نه خود ثنائي نه خود ستائش.

اهڙي عجيب مٽيءَ مان هن جو خمير ٺهيو آهي جو پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ دنيا کي سموئي ويٺو آهي. هُو ته صرف هڪ ساڌو سنت آهي جنهن صرف ڏيڻ سکيو آهي، وٺڻ نه. مون کي ياد نه ٿو پوي ته مون کڏهن ابراهيم جويو صاحب کي ڪنهن غير ضروري بحث ۾ اُلجهندي ڏٺو يا ٻڌو هجي. جڏهن به ڏٺو ۽ ٻڌو، اهو ڪنهن به موضوع تي انتهائي مدلل گفتگو ڪندي. مختلف ڪانفرنسن ۽ سمينارن ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي، تعليم، لسانيات، اخلاقيات ۽ ٻين کوڙ موضوعن تي پنهنجي يقين مطابق، انتهائي جاندار مقالا پيش ڪندو رهيو آهي جيڪي پوءِ شايع ٿي

سامهون ايندا رهيا آهن. گويا شاهه لطيف جي چواڻي هن جو قلم ڪنهن ڪاهوڙي (ڪڏهن نه ٽڪجندڙ) جو قلم آهي جو مسلسل هلندو رهي ٿو. ڪنهن رڪاوٽ تي رڪجي نٿو، پر پنهنجو رستو ٺاهيندو هلندو ٿو رهي. اڄ به جڏهن هن جي زندگيءَ جي سفر کي هڪ صدي ٽيڻ تي آهي (الله هن کي صحت سان اوستائين آڻيندو) تڏهن به پنهنجي قابل رشڪ ياداشت ۽ مطالعي ۽ تجربي جي مدد سان سندن قلم سرگرم آهي. هُو مون جهڙن نه ڄاڻ ڪيترن ماڻهن لاءِ حوصلو وڌائڻ جو سبب رهيا آهن، ڪيترائي ايندڙ ويندڙ نسل هن جي علم ۽ دانش سان فيضياب ٿيا آهن. سنڌ جو ڪهڙو دانشور آهي، جنهن سان گڏ هيءَ نه وينا هجن، جيڪي هن جي دوستيءَ جي هن هام نه هٽندا هجن، جيڪي سندس خيالن سان بهره ور نه ٿيا هجن. جي.ايم.سيد، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، شيخ اياز، جمال ابڙو، مولانا غلام محمد گرامي، غلام رباني آگرو ۽ ان قبيلي جا ڪيترائي نامور ماڻهو جن مان ڪجهه هن جا همعصر رهيا، ڪن کي جويو صاحب تمام گهٽو مجيندو هئو ۽ ڪجهه جويو صاحب جا معتقد هئا پر رشتو سيني جو اهوئي اٽوٽ ۽ ص جي مٽي ۾ گوهيل هئو.

جويو صاحب جي زندگيءَ جي جن پهلوئن کي ڏسي مان حيران آهيان، اها آهي سندن انڪساري، عجز ۽ سادگي، هتي مون کي حضرت علي رضه جو قول ياد اچي ٿو ته "نياز ۽ نوڙت انسان کي بلنديءَ تي پهچائي ٿي ۽ تڪبر انسان کي ننڍو بڻائي ٿو ڇڏي.

جويو صاحب جي زندگيءَ ۾ ته اها نياز ۽ نوڙت آهي جنهن کي ڏسي اهڙي قلدار وڻ جو تصور اپري ٿو جيڪو ميوات سان ٽمٽار هجي ۽ ان جون شاخون جهڪيل هجن ۽ ڏسڻ وارن کي دعوت ڏينديون هجن ته اچو ميوات ميڙيو ۽ منهنجي ڇانو مان آسيس وٺو.

سندن زندگي مسلسل جدوجهد جو نمونو آهي، بالڪپڻ ۾ ئي والد جي شفقت کان محروم ٻار "آباد" گوٺ جي "جنت گر گشته" ۾ ڪيئن پليو وڌو ٽيو. پنهنجي ڏاڏي محبوب ۽ ڏاڏيءَ جادل ڪيس محبت سان ائين پاليو ۽ وڏو ڪيو جو پنهنجي پلڻ ۾ انهن سادگي صفت انسانن جي محبتن کي ساڏيو، سنڌو درياء جي ڪناري تي وسيل هن ننڍڙي گوٺ "آباد" نه ڄاڻ "دريا شير" کي ڪيترائي دفعا گجندي ڏٺو، ان جي موجن "آباد" کي نه ڄاڻ ڪيترا دفعا اجاڑيو پر هتان جي رهواسين "آباد" کي آباد ئي رکيو.

آباد ته اتي ئي رهيو ۽ آباد رهندڙن ڪيس وسايو، پر محمد ابراهيم جويو هن ننڍڙي گوٺ مان نڪري، پري پري علائقن تائين ويو تيرٽ لکي جهڙي ننڍڙي گوٺ کان ٽيندو سن پهتو.

سائين جي.ايم.سيد جي چپر چانو ۾ رهيو، ان جي ڪوششن سان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ پهتو ۽ ان کان پوءِ هن پنڌيان مڙي ئي نه ڏٺو. ڊي.جي سائنس ڪاليج تائين پهچڻ ۽ گربخشائي، پروفيسر ٽي.ايم آڏواڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پيرومل آڏواڻي ۽ اهڙن ٻين معتبر ۽ جيد استادن جي علم ۽ سکيا مان پرايائون.

سندس زندگي فڪر ۽ فلسفي جي ميراث اهي ئي ماڻهو هئا جن جويو صاحب جي سوچ کي جلابخشي، ساڏو واسواڻي ۽ مهاتما گانڌي جي تقريرن هن کي علم تشدد ۽ اهنسا جي فلسفي کان واقف ڪيو. شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ ان جي معنويت کي به هتان ئي سمجهڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو ۽ هتان ئي حاصل ڪيل تعليم هن جي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي تبديلي جي نويد ثابت ٿي. جويو صاحب گذرمعاش جي حساب سان تدريس کي اپنايو. سنڌ مدرسة الاسلام ۾ وڏي محنت ۽ لگن سان شاگردن کي پڙهايو. بي.ٽي جي ڊگريءَ لاءِ بمبئي جو سفر، اتان جي مشاهدن سندس تجربي ۾ اضافو ڪيو ۽ هندستان ۾ رهندڙ مختلف قومن سان سندس ملاقاتون ٿيون. سنڌ جي ماحول کان بلڪل الڳ ماحول سان سندس سجاڻپ ٿي. ٻين عظيم جنگ جي خاتمي کان پوءِ دنيا بدلجندي پئي وئي، نوان نظريا ۽ نيون تحريڪون جنم وٺي رهيون هيون. اهڙين حالتن ۾ اهو ناممڪن هئو ته هڪ نوجوان ذهن تي انهن سڀني نظرين ۽ تحريڪن جو اثر نه ٿئي. اڳتي هلي انهن عنصرن جو

رنگ ۽ اثر اسان کي جويو صاحب جي لکڻين ۽ تقريرن، نظرين ۽ زندگي گذارڻ جي رنگ ڍنگ ۾ ڪئي دفعا نظر ايندو رهيو آهي. سندن لکيل ڪتاب Save Sindh, Save Continent form feudal lords, Capitalists and Communalism ان جو سڀ کان وڏو ثبوت آهي اها ۽ اهڙيون ڪئي لکڻيون، هڪ ڏگهي عرصي، ان ۾ ڪيل جدوجهد ۽ سياسي نشيب وفراز ۽ اٽل پٽل تي جويو صاحب هڪ بلڪل الڳ ٿلڪتي نظر سان سنڌ جي ماڻهن کي واقف ڪيو.

محمد ابراهيم جويو پوري ايمانداري سان ڪمال ديانت سان پنهنجي قلم کي قوم جي اصلاح ۽ ذهني پختگي لاءِ استعمال ڪيو. سندن بيپناهه صلاحيتون مختلف موقعن تي مختلف طريقن سان اجاگر ٿيندیون رهيون آهن. هو هڪ استاد جي حيثيت سان پنهنجي حيثيت مجرائي چڪو هئو. پوءِ بحيثيت آفيسر ۽ منتظم پنهنجي ڏاڪ ويهاري. سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري جي حيثيت سان لڳاتار هڪ ڏهاڪي تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ان دور جي قدآور شخصيتن سان ميل ميلاپ جي ڪري انتهائي معتبر قلم ڏٽين تي مشتمل هڪ اهڙو حلقو ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيو جن پنهنجي تخليق، تاليف ۽ تحقيق سان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪر کي جلابخشي ڇڏي. انهن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر عمربن محمد دائود پوٽو، پيرومل مهر چند آڏواڻي، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، آغا عبدالنبي خان، عثمان علي انصاري، سيد ميران محمد شاهه، آغا تاج محمد، پير حسام الدين راشدي، مخدوم محمدالزمان طالب المولیٰ، حڪيم محمد احسن، اياز قادري، محمد حنيف صديقي ۽ اهڙا ڪيترائي نالا.... گويا تارن جي هڪ ڪهڪشان هئي جنهن جي جهرمٽ ۾ جويو صاحب رهندو هئو. اهوئي نه پر جويو صاحب ڪهڙ مشق محققن سان گڏوگڏ سنڌ جي ادب شناس ۽ اپرندڙ نوجوانن جي حوصلہ مندي ڪئي ۽ ان ئي دور ۾ اسان کي غلام رباني آگرو، سراج الحق ميمڻ، شيخ اياز اپرندي نظر آيا. سندن ادارت ۾ "مهراڻ" ۽ "گل ڦل" رسالن هڪ عالیشان دور جي شروعات ڪئي جيڪو اڄ به جاري آهي (باوجود ان جي ته اڄ معيار اهو نه آهي)، طبع زاد لکڻيون هجن، ترجما هجن يا تحقيق، جويو صاحب جي دور رس رٽابندي تحت ادب جي هر صنف کي پنهنجو ادارتي صلاحيتن سان ماڻهن تائين پهچايو.

جويو صاحب جي زندگيءَ جو اپياس (احاطہ) ڪرڻ لاءِ به وڏي محنت جي ضرورت آهي جيڪا مظهر جميل صاحب ڪئي آهي. جيئن ته مون شروعات ۾ ئي چيو ته جيئن درياء کي کوزي ۾ سموهڻ مشڪل آهي ۽ سمنڊ مان سپون ميڙڻ به ڏاڍو مشڪل هوندو آهي، اهڙيءَ طرح محمد ابراهيم جويو جهڙين شخصيتن جي زندگي جي سمورن پهلوئن جو جائزو وٺڻ به ايترو سولو نه آهي. ليڪن هن ڪتاب ۾ جويو صاحب جي زندگيءَ جو شايد ئي ڪو معاملو هجي جيڪو بيان نه ڪيو ويو هجي. جنهن محنت سان هي حالات ۽ واقعات قلم بند ڪيا ويا آهن ان کي مان جويو صاحب سان محبت ۽ عقيدت جو مظهر سمجهان ٿي. محمد ابراهيم جويو به ڪمال ايمانداري ۽ دل جي سچائيءَ سان پنهنجي يادن کي تازو ڪيو آهي ۽ زندگي جي سمورن دورن کي دل جي ڪشادگيءَ سان پيش ڪيو آهي. سمجهڻ وارا ان مان جيڪي سمجهڻ چاهين اهو سمجهن ته طلسم هوش ربا مان اخذ ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪجهه آهي. ان لاءِ ته

یہ ایک صدی کا قصہ ہے
دو چار برس کی بات نہیں۔

(ڪتاب "محمد ابراهيم جويو ايک صدي کي آواز" تان کنيل)

سنڌ بچايو_ ڪنڊ بچايو_ هڪ تحرڪ_ هڪ اڳڪٿي

پروفيسر محمد سليم ميمڻ

سائين محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي اها مهان هستي آهي، جنهن پنهنجي سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ارپي ڇڏي. ننڍي عمر ۾ پيءُ جي لاڏاڻي ۽ ماءُ جي بي شادي ٿي وڃڻ کان پوءِ، اڪيلائپ ۽ يتيميءَ جي جنهن احساس ۾ پالڪ ابراهيم جويو پليو، تنهن سندس دل ۽ دماغ تي جيڪي گهرا اثر ۽ نقش ڇڏيا، سي سندس زندگي ۽ سنڌي قوم جو املهه سرمايو آهن. ڪجهه ئي عرصي کان پوءِ ماءُ جي وفات سندس جيءَ کي وڏيڪ جهوري ڇڏيو، خاص طور تي جڏهن هو ماءُ جو منهن به نه ڏسي سگهيو. ان ڏينهن هن سنڌ ڏرتيءَ کي پنهنجي ماءُ طور قبول ڪيو ۽ سڄي ڄمار ان ماءُ جي خدمت چاڪري ڪندي گذاريائين، ڪيس هميشه ماءُ بابت اونو رهيو، جنهن جو اظهار پاڻ گڏريل ائن ڏاهڪن کان پنهنجي لکڻين ۾ ڪندو رهيو آهي.

محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي پرپور جوانيءَ واري دور ۾ جڏهن برطانوي ولار کان آڇپو ماڻيندڙ ننڍي کنڊ جو مذهبي بنيادن تي بي اصوليءَ جي فلسفي تي ورهاڱو ٿيندي ڏٺو ته ڪيس اهي انومان ۽ خدشا ذهن ۾ اپريا، جيڪي حقيقت جي روپ ۾ اڄ اسين نه فقط پوڳي رهيا آهيون، بلڪ سنڌي قوم يا سنڌ جي عوام سان جيڪا پرماريت ٿي رهي آهي، تنهن جي جويي صاحب 68 سال اڳ اڳڪٿي ڪري ڇڏي هئي. مذهبي بنيادن تي گڏيل هندستان جي ورهاست بدران هن ان کي منطقي انداز ۾ ورهائڻ لاءِ سنڌ جي سياستدانن کي نهايت ئي مدلل انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انڌ جي گهوڙي تي سوار سياستدانن ۽ بين قوتن اهڙن رڻن کي ٻڌڻ يا قبولڻ بدران انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ جي وڏيرن ۽ سياستدانن پنهنجن مفادن ۽ فائدن کي ذهن ۾ رکندي، ان فيصلي کي قبول ڪيو ته پاڪستان مسلمانن لاءِ ۽ هندستان هندن لاءِ آزاد خودمختيار ملڪ ٻٽيا. ان آزمائش واري دور جو جويو صاحب Save Sindh Save Continent نالي هڪ مدلل دستاويز تيار ڪري، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪنهن به مسلمان يا هندو ميمبر ان جي ضرورت ئي

محسوس نہ ڪئي، تہ جويو صاحب سان ويهي انهن دليلن تي گفتگو ڪري ۽ انهن رٿن ڪي پنهنجي اسيمبليءَ ۾ يا اسيمبليءَ کان ٻاهر ويچار هيٺ آڻي.

جويو صاحب جو تيار ڪيل اهو دستاويز پهريون پيرو 1947ع ۾ ڪتابي صورت ۾ انگريزيءَ ۾ ۽ ٻيو پيرو 2001ع ۾ شايع ٿيو. ٻئي پيرا اهو تاريخي دستاويز انگريزي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيو ۽ سنڌ جي موجوده سياسي ۽ معاشي بدحاليءَ واري دور ۾، جتي لاقانونيت عروج تي آهي، انساني حقن جون پيڪڙيون ٿي رهيون آهن، هندو نياٽين ڪي زوريءَ مسلمان ڪيو پيو وڃي، انسانيت ناپيد ٿيندي پئي وڃي، ان دستاويز کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري آڻڻ جي تمام گهڻي ضرورت محسوس ڪئي وئي.

جويو صاحب ان بابت لکيو آهي تہ: "هن ڪتاب جو ترجمو مون پنهنجي ڪن نوجوان دوستن، هم خيالن ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي گهڻ گهرن جي مدد سان ڪيو آهي، جن ۾ سنگرام، علي آڪاش ۽ محسن جويو جا نالا اهم آهن. ان کان اڳ ڪن دوستن پنهنجي طور تي ترجما ڪيا، جيڪي پڻ چڱا هئا، پر معيار جي لحاظ کان انهن ۾ ايڏا ڪجهہ بهتريءَ جي گهرج هئي، تہ جيئن هي ترجمو اصل مسودي سان ٺهڪندڙ ٻڌجي سگهي. ڪتاب ۾ سموهيل پيغام صحيح نموني عام پڙهندڙن تائين پهچي. ائين ٻہ نہ آهي تہ هيءُ ڪم ڪو هڪ ٻن ڏينهن ۾ يا مهينو ٻن ۾ پورو ٿيو آهي، هن ترجمي کي ڪندي اسان سيني کي چهہ ست ورهيہ جو وقت لڳو آهي."

مٿين ڳالهين مان هڪ تہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ ان کان اڳ جيڪي ترجما ٿيا، تن مان ابراهيم جويو صاحب قطعي مطمئن نہ هو، ٻيو اهو تہ جويي صاحب ان ڪتاب جي متن کي سندس اصلوڪي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پڙهندڙن تائين پهچائڻ پئي گهريو، چاڪاڻ تہ جويو صاحب 1946ع ڌاري ان وقت جي سياسي اٿل پٿل، ڏڳيءَ جي ڏاهن خلاف هڪ تحرڪ ورتو ۽ انهن ڏاهن جي نتيجي ۾ ٺهندڙ ملڪن جي عوام جي ٿيندڙ پرماريت بابت جيڪي اڳڪٿيون ڪيون، سي اڄ صحيح ثابت ٿين پيون. ان تحرڪ، سياسي حوصلي ۽ همت جي نتيجي ۾ کين نہ فقط پنهنجي نوڪري وڃائڻي پئي، پر گهٽو ڪجهہ پوڳٽو ٻہ پيو.

اها بدقسمتي چئبي جو ان وقت اسان جي سياستدانن يا اسان جي قسمت جو فيصلو ڪندڙن ابراهيم جويو صاحب جي ان پڪار جو ساڻ نہ ڏنو ۽ نتيجي ۾ سنڌين جي قسمت ۾ جيڪا غلام آئي يا ڪين جن حالتن ۾ گذريل 68 سالن ۾ منهن ڏيڻو پيو پوي، تن اسان لاءِ ايڏا ٻہ وڏيڪ اذيتن ۽ عذابن کي جنم ڏنو، جنهن جو بيان ۽ ڪاڻو پڙ رڪارڊ تي موجود آهي. مطلب تہ جيڪڏهن وقت جي پڪار کي هاڪاري موٽ ڏني وڃي ها تہ سنڌ کي پنهنجي آزادي ۽ خودمختاريءَ جو درجو واپس ملي ٿي سگهيو ۽ اها ڪا اٽڪيٽي ڳالهہ نہ هئي، ۽ جيڪڏهن رٿيل هندستان يا پاڪستان جي حد بندين اندر ئي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ئي ڪرڻو هو تہ ان ۾ خبرداري ۽ دانشمنديءَ کان ڪم وٺڻ جي گهرج هئي. جويو صاحب پنهنجي ان تاريخي دستاويز ۾ اهڙين گهٽن ئي رٿن کي دليلن ۽ منطقن سان پيش ڪيو آهي. سندس اڳڪٿيون اڄ لفظ بہ لفظ صحيح ۽ درست ثابت ٿي رهيون آهن، اهوئي سبب آهي جو سائين جويو صاحب ان ڪتاب جو ڪجهہ دوستن سان گڏ ويهي پاڻ ترجمو ڪرڻ جي گهرج محسوس ڪئي تہ جيئن اهو تحرڪ ۽ اڳڪٿيون سنڌ جي اڀوجهہ ۽ مظلوم عوام تائين وڌ ۾ وڌ اثرائتي ۽ حقيقي انداز ۾ پهچي سگهن.

هي دستاويز سياسيات ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ اهم حقيقتن ۽ تجزياتي نوعيت جي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

سنڌ بچايو- ڪنڌ بچايو جي مهڙ ۾ جويو صاحب سنڌ جي تاريخ تي اوائلي دور کان وٺي 1947ع تائين جي مختلف دورن جو تجزيو پيش ڪندي، ان ڳالهہ کي ثابت ڪيو آهي تہ، سنڌ هر دور ۾ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي حيثيت ۾ آزاد رهي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ وچ جي ڪجهہ عرصي ۾ دهليءَ جي سلطنت کي ڏڻ پري ڏيندي رهي آهي، پر ڪڏهن بہ هندستان جو حصو نہ رهي آهي، جيتوڻيڪ هندستان تي ڏهن صدين تائين مسلمانن جي حڪومت رهي آهي، پر هنن بہ ڪڏهن سنڌ کي چيپاٽي ان کي پنهنجو حصو نہ

بڌايو آهي، تنهن ڪري فيصلي جي گهڙيءَ ۾ هنن اسان جي چونڊيل عيوضن، جن کي اهي اختيار حاصل هئا تہ اهي ان ڳالهہ جو فيصلو ڪن تہ سنڌ گڏيل هندستان يا پاڪستان مان ڪنهن هڪ اڪائي جو حصو بڻجڻ وقت ان ڳالهہ ۽ تاريخي حيثيت جو بہ خيال رکن تہ برطانوي سامراج ۾ شامل ٿيڻ وقت سنڌ هڪ آزاد ملڪ هو، جنهن جي جوڌن تمام گهڻي مزاحمتي ويڙهہ ۽ ان جنبي ۽ سوچ تہ "مرويسون مرويسون سنڌ نہ ڏيسون" جي نعري تحت وڙهندي پنهنجي وطن جو بچاءُ ڪيو هو.

سرچارلس نيپئر بہ پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ، هندستان جي ٻين ايراضين تي والار لاءِ ٽيندڙ ويڙهن ۾ ايتري مزاحمت نہ ٿي، جيتري سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪرڻي پئي.

سنڌ جي هندستان کان ڌار حيثيت بابت هڪ انڪشاف يا پٽرائي ڪندي، جويو صاحب حوالو ڏنو آهي تہ: "1839ع ۾ جڏهن سنڌ جي حڪمرانن ميرن ۽ انگريزن وچ ۾ انگريزن جي ئي درخواست تي تيار ڪيل هڪ صلح نامي تي صحيحون ڪيون هيون تہ ان ۾ هڪ شرط اهو بہ شامل ڪيو ويو هو تہ مير ڏن جي باقي بچيل رقم قندار جي معزول حاڪم شجاع شاهہ کي ڏيندا. انگريزن ياران رکيل اهو شرط اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿو تہ ان زماني ۾ سنڌ جو هندستان جي انتظام سان کو تعلق ڪونہ هو، ۽ اها قندار جي حاڪمن جي نالي ماتر ماتحتي هيٺ هئي ۽ سچ اهو آهي تہ انهيءَ ماتحتيءَ کان انڪاري هئي نہ تہ انگريزن، ميرن کي اهڙو ڏن پرڻ تي مجبور نہ ڪن ها."

ان حقيقت وسيلي جويو صاحب اهو ثابت ڪرڻ گهريو آهي تہ سنڌ پنهنجي ڊگهي ۽ ذڪر جوڳي اتهاس ۾ هن دنيا ۾ هڪ ڌار ۽ آزاد ۽ منفرد حيثيت رکندڙ هجي ۽ سنڌي قوم جا دنيا جي ٻين قومن ۽ ملڪن سان ڌار ڌار ۽ برابريءَ جي آڌار تي تعلق ۽ رستا هئا.

جويو صاحب اڳتي هلي دهلي ۽ بمبئيءَ سان سنڌ جي ٻڌي وابستگيءَ تي، جيڪا اٽڪل هڪ صديءَ تائين رهي، تنهن ۾ گجراتي ايراضين مان پارسين، بوهرين، مرهٽن، سکن ۽ ٻين جاتين جي سنڌ ۾ لڏپلاڻ، خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيڻ جي ڪري سنڌين سان ٽيندڙ زيادتين، تعليمي ادارن ۾ انهن کي سهولتون ملڻ، وڻج واپار تي قبضي، پڑهيل ڳڑهيل هئڻ ڪري نوڪرين ۾ ترجيح واري سلوڪ کي نظر ۾ رکندي، اها اڳڪٿي ڪئي تہ سنڌ جيڪڏهن تجويز ڪيل آزاديءَ واري واٽ ونندي ۽ پنهنجن شرطن کي نہ مڃرائيندي، جن جي ڪيبينٽ مشن ۾ بہ گنجائش رکيل آهي تہ پوءِ سنڌ پنجابي قوم جي ماتحتي ۽ غلاميءَ ۾ هلي ويندي.

جويو صاحب جي اها اڳڪٿي سو سيڪڙو درست ۽ صحيح ثابت ٿي ۽ اڄ سنڌ ۽ سنڌي عوام جن حالتن ۽ مصيبتن ۾ وکوڙيل آهي، ان جو احساس اسان جي عيوضن ۽ سياستدانن نہ ڪيو، نتيجي ۾ اڄ سڄي قوم ان کي پوڳي رهي آهي.

جويو صاحب جون ڪيل اهي اڳ ڪٿيون سندس ڏاهپ ۽ دانش جو هڪ اهڙو ثبوت آهن، جيڪو هن 31 ورهين جي مختصر عمر ۾ پيش ڪيون. سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو اڄ بہ سنڌي سماج، سياست معاشي ۽ اقتصادي حالتن ۽ پارٽ ۽ پاڪستان جي بگڙجندڙ ۽ ٽهندڙ حالتن ۽ ناتن تي ٽهڪي اچن ٿيون.

پارٽ جي ورهاڱي وقت سنڌ جي آدمشماري پنجيتاليهہ لک هئي، جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي. ان پنجيتاليهہ لکن کان مٿي ڪل آبادي مان بنهہ وڏي اڪثريت انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي سمورو اُن ڏن اپائيندا هئا، ۽ انهن مان بنهہ ٿورڙي، ٿورائي اهو ڏن ڦهائيندي هئي ۽ اهو سمورو ڏن اجايو زيان ڪندي هئي، ڳڏو ڳڏ ان دور ۾ بہ پنجاب واسين پنهنجا پنج درياهہ هوندي بہ سنڌوءَ ۾ اسان جي پاڻيءَ سان هٿ چراند ٿي ڪئي ۽ ان کي روڪڻ شروع ڪيو هو. جويو صاحب کي ان وقت ئي پنهنجي ماءُ سان ٽيندڙ سُور سُجهيا پئي، تہ اڳتي هلي نہ فقط سنڌ جو سياسي پر معاشي استحصال بہ ٿيندو، جنهن جي پاڻ ان دور ۾ ئي اڳڪٿي ڪيائون، پر افسوس جو جويو صاحب جي انهن اڳڪٿين ۽ رٽن تي ڌيان نہ ڏريو ويو.

نتيجو اڄ سڀ آڏو آهي. ان حوالي سان 'سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو' سائينءَ جي پهرين فڪري تحرير آهي، جنهن مان سندس ڏاهپ، دوراندیشي ۽ فڪر جي اُڏام جي پروڙ پوي ٿي.

آسرو آهي ڪاهوڙين کي پنڌ جو

گل ڪونڊر

منهنجي خوشنصيبي جو آءُ سنڌ جي مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي صاحب جو سڃي سنڌ جي اديبن ۽ گهٽگهرن ۾، سپ کان ويجهو رهندڙ (پاڙيسري) آهيان، بس منهنجي ۽ سائينءَ جي گهر وچ ۾ سنڌ بلڪ پاڪستان جي جَيَد عالم سائين علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب جن جو گهر آهي ۽ ان گهر ۾ قاسمي صاحب جن جا صالح فرزند مقيم آهن، جن ۾ منهنجو سائي ۽ منهنجو محسن سائين نذير قاسمي جيڪڏهن مون کي رعايت نہ ڏئي، تہ منهنجي ابراهيم صاحب جي ويجهي پاڙيسري اديب هجڻ واري دعويٰ کي رد ڪري سگهي ٿو. چوندا آهن تہ "مڙس ماڻهو ٿجي يا مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾ رهجي،" سو آءُ سائينءَ جي پاڙي ۾ رهان ٿو، ۽ سنڌن پاڙي ۾ رهڻ تي فخر محسوس ڪريان ٿو.

جڏهن محمد ابراهيم جويي صاحب جهڙا فرزند جنم ونڊندا آهن تہ قومن ۽ خِطن جون تقديرون، بدلجڻ جا سعيا ڪندیون آهن، جهالت جا راکاس ڪمزور ٿيڻ لڳندا آهن، انڌيرن جي جاءِ تي اُجالا نروار ٿيندا آهن، اهڙن امُلهہ ماڻڪن جو ٻاروتڻ ئي ٻڌائي ڇڏيندو آهي تہ سنڌن مستقبل قوم ۽ ديس لاءِ اميد افزا ۽ روشن آهي. اهڙين شخصيتن ۽ هستيُن جي دانش، جرئت ۽ حوصلو ڏسي غاصب قوتون شڪست تي مجبور ٿيندیون آهن.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي سڃي زندگيءَ کي جاچجي ٿو تہ هُو ڪڏهن بہ تعليم، تربيت ۽ قومي جاڳرتا پيدا ڪرڻ واري جُستجوءَ کان پاسيرو نہ ٿيو آهي، هُو اهڙي قسر جي جدوجهد ڪندي ڪڏهن بہ ٽڪو ناهي، سچ اهو آهي تہ جويو صاحب پنهنجي گهڻ پاسائين جدوجهد جي سلسلي ۾ نہ ڪڏهن آرسيو آهي ۽ نہ ڪڏهن آرس پگو آهي، سائين تہ پٽائي صاحب جي بيت "ڪرڪٽا لاهي سُک نہ سُتا ڪڏهين، آسرو آهي ڪاهوڙيُن کي پنڌ جو،" جِي پيروي ڪندي ڪڏهن سُڪائتو سمهيو ئي ناهي.

سائين محمد ابراهيم صاحب پيرسنيءَ ۾ بہ اڳ کان اڳرو آهي ۽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جي حقن ۽ پلائيءَ جي لاءِ ٿيندڙ احتجاجن، اجلاسن ۽ سيمينارن ۾ گرميءَ سرديءَ جي ڪا پرواهہ نہ ڪندي، موجود رهندو آهي. مون کي ياد آهي تہ ڪجهہ سال اڳ قومي مقصد لاءِ ٿيندڙ هڪ احتجاجي مظاهري ۾ پريس ڪلب حيدرآباد اڳيان، سائين محمد ابراهيم صاحب جن سخت گرميءَ ۾ موجود هئا، احتجاجي مظاهري ۾ موجود ڪافي دوست واري واري سان ساڻن مليا پئي، هُنن سيني سان حُسنِ اخلاق سان ملاقات بہ ڪئي پئي ۽ حال احوال بہ ڪيا پئي. مون سان سائين جن رسمي خير عافيت کان پوءِ منهنجي ادارت ۾ شايع ٿيندڙ رسالي "ماهوار ادب" بابت ڳالهہ

هولهه ڪئي. زيب سنڌي ۽ آڏ گڏ هئاسين، جڏهن زيب ساڻن مليو ته خير عافيت کان پوءِ، ان کي چيائون ته اوهان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروگرام "صبح مهراڻ" ڏاڍو ٻڌو ٿا ڪريو، آڏ اوهان جو پروگرام دلچسپيءَ سان ٻڌندو آهيان، پر اوهان جيڪو پروگرام جي دوران رڪوع پڙهندا آهيو، اهو نه پڙهو ته بهتر ٿيندو، ايئن چوڻ مان سائين جو مقصد هو ته اسلام آباد مان نشر ٿيل خبرن تي لکيل تبصري جا ۽ صفحا جيڪي پڙهو ٿا اهي نه پڙهو ته بهتر، زيب صاحب سندن ڳالهه ٻڌي ڪلي پيو ۽ واقعي ڪجهه وقت کان پوءِ 'صبح مهراڻ' دوران اهو تبصرو نشر ٿيڻ بند ٿي ويو.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن سڄي زندگي، تعليم ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي، سندن ڪيل اها جُستجو چوڻ، ٻڌائڻ ۽ مقالن ۾ لکڻ جي محتاج نه آهي. سندن شايع ٿيل طبع زاد، ترجمي ۽ تحقيق جا ڪتاب، رسالن ۽ اخبارن ۾ لکيل مضمون ۽ ڪالم سندن ڪيل محنتن ۽ خدمتن جا ساکي آهن. مختلف موقعن تي ڪيل سندن سوين تقريرون ۽ ليڪچر بظاهر ته هوا ۾ اڏامي ويل آهن، پر اخباري رپورٽن ۽ آڊيو وڊيو رڪارڊنگس جي صورت ۾، انهن جا پڙاڏا ڪنهن به وقت ڏيان ڏيڻ سان ٻڌي ۽ ڪنائي سگهجن ٿا.

اهو سچ آهي ته سنڌ جي تاريخ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سندس خدمتن جي بدلي ۾ جيڪي محبتون مليون آهن، شايد ئي ڪنهن ٻئي جي حصي ۾ آيون هجن. سائين محمد ابراهيم صاحب اهي محبتون لهٽي به ٿو، چو ته هن مُني صديءَ کان وڌ عرصو سنڌ، سنڌ جي تعليم، سنڌي قوم ۽ سنڌي ادب کي ارپيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جا ٿوڻ ڇپايل ڪتاب



سنڌي ادبي بورڊ جو ريپرنٽ ڇپايل ڪتاب



بابا، آءٌ ۽ منهنجا احساس

نيلوفر جويو

جڏهن کان مان هوش واري ٿيس، تڏهن کان مون پنهنجي بابا کي پڙهندي ۽ لکندي ڏٺو. جنهن ڳالهه مون کي لکڻ ڏانهن مائل ڪيو، اهو 1972ع جو هڪ واقعو آهي. هڪ رات اسر جو، منهنجي اک ڪُلي، تہ ڏٺم بابا جي ڪمري جي بتي ٻري رهي هئي، بابا پنهنجي لکڻ ۾ محوَ هو ايترو تہ لکڻ ۾ محو هو، جو ڪيس اها سڌ به نہ هئي تہ رات اڇي گذرڻ تي بيٺي آهي. انهيءَ مهل مون دل ۾ عزم ڪيو تہ مان به لکنديس. صبح ٿيو، ۽ مون پنهنجي ان عزم کي صحيح ڪري ڏيکاريو. منهنجي پهرين ڪهاڻي "۽ چند اجهامي ويو"، جيڪا مون پوءِ ٻن ڏينهن ۾ لکي پوري ڪئي هئي، ماهوار رسالي "نئين زندگي" 72_1971ع ۾ ڇپي.

ان کان پوءِ مون ترت ئي ٻي ڪهاڻي "ڪنديس آءٌ ڪجاڙو" لکي، جيڪا تہ ماهي "مهراڻ" 73_1972ع ۾ ڇپي. اهڙيءَ طرح همت وڌندي رهي ۽ آءٌ لکندي رهيس. مون مضمون پڻ لکيا آهن، جيڪي مختلف موضوعن تي آهن. منهنجو پهريون مضمون "فيشن ڇا آهي" انهيءَ سال جي روزنامہ "هلال پاڪستان" جي "سگهڑين ست" واري صفحي ۾ ڇپيو.

هڪ سٹي ليکڪ لاءِ يا هڪ سٹي استاد لاءِ، پڙهڻ ضروري آهي، انهيءَ سلسلي ۾ منهنجو مطالعو ڪو گهٽو ڪونهي- بنهہ نالي ماتر چئجي تہ صحيح ٿيندو، پر مان به چاهيندي آهيان تہ سڀا سڀا ڪتاب پڙهان ۽ انهن مان پرايان. ان لاءِ نيٽ به وقت گهرجي، ۽ موقعو به گهرجي- واندڪائيءَ جي خيال کان به، فڪرات کان آجائيءَ جي خيال کان به، ۽ هونءَ عمر جي خيال کان به. ۽ وقت ۽ موقعو ئي آهي، جو اسان کي ڪونہ ٿو ملي- خاص اسان زالن کي. اسان جو ڪوبہ وقت پنهنجو ڪونهي. اسين سدائين ڳهہ ڳهان ۾ آهيون، پوءِ نوڪريءَ واريون هجون يا خالص گهريتڻيون هجون. مان هيءَ ڳالهہ، اسان غريب ۽ پورهيت زالن جي ٿي ڪريان. پر وري به منهنجي پنهنجي اها عادت هوندي آهي تہ ڪو ڪتاب هيڪر هٿ ايندو اٿم، تہ ان کي چڄڻ ٿي لڳندي آهيان ۽ يڪساهيءَ، يعني لڳاتار، مطلب تہ ڏينهن رات (هڪ) ڪري، پڙهي پورو ڪندي آهيان، ۽ ان ڪتاب جو اثر ڪيترن ئي ڏينهن تائين دل تي رهندو اٿم.

مون جيڪي ڪجهہ پرايو آهي، سو پنهنجي بابا کان پرايو آهي. بابا اڪثر منهنجي لاءِ سڀا سڀا ڪتاب آڻيندو آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪتاب تي ڪو دل ۾ گهر ڪرڻ جهڙو جملو به لکي ڇڏيندو آهي_"پنهنجي پياري حساس ڏيءَ لاءِ"_"پنهنجي ڇريءَ ڏيءَ لاءِ، جيڪا گهٽ پڙهي ٿي، سوچي گهٽو

ٽي"...مان واقعي حساس آهيان، ۽ چري ٻه آهيان. جڏهن زندگيءَ جا ڏک، پنهنجا ۽ ٻين جا، سهڻ کان مٿي ٽي ويندا آهن، تڏهن انهن سان پنهنجي منهن ڳالهائيندي آهيان، ۽ انهن کان پڇندي آهيان ته: "اوهين چو آهيو ۽ چا آهيو؟" پوءِ کڏهن (کڏهن) انهن کي سمجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ اها ريجهه رهاڻ آءٌ کاغذ تي ٻه آڻيندي آهيان. زندگي، جا آهي، انهيءَ کري اهي ڏک درد سهبا رهبا ۽ ڏسبا رهبا ۽ انهن سان دل جا حال اوربا ٻه رهبا.

"سورن لتو سجهه، پاڻهي پيهي آئيا،
کنهن کي ڏيان منجهه، مر تان چٽکن چت ۾."
(شاهه)

مون کي زندگيءَ جي يڪسانيت جو احساس ڏاڍو گرو لڳندو آهي. چاکيءَ جي ڏاند ونگر ڳهبو رهجي، ڳهبو رهجي، ۽ کوبه ان جو نتيجو نه نڪري- جي کو نڪري ٻه ته، ان تي پنهنجو کو وس نه هجي- واقعي، هيءَ زندگي پنهنجي وس ته نه ٽي،۽ ڏاڍي ڏکي زندگي ٽي! ان چاکيءَ جي اکين ٻڌل ڏاند واري زندگيءَ جي احساس تي، منهنجي دل تي ڏاڍا چهڪ پوندا آهن ۽ چاهيندي آهيان من تي جنبش جهڙي ان ڳري احساس جي جاءِ تي زندگيءَ ۾ نواڻ جو احساس هجي، دم بدم تازگيءَ جو احساس هجي، خود خيالي هجي، منزل جو سڏ هجي، کا معنيٰ ۽ موڪ هجي.

هيءَ گهڙي، هيءَ گهڙي آهي، پر ٻيءَ گهڙيءَ جي مٽ ۾ چا آهي؟ سياڻي جي تقدير کهڙي؟ پنهنجي دنيا اسان جي سامهون آهي_ ان ۾ تڏا ساهه کٽڻ لاءِ پيو سکجي_ايتري هيڻائي، ايتري ڇيپاڻ! ۽ مستقبل ۾ چا ٽيندو؟ اها پيڙا اسان جي مائٽن ٻه سٽي آهي، انهن کان اڳين، انهن کان اڳين ۽ انهن کان اڳين ٻه سٽي هوندي، ۽ انهن مان سيني اسان وانگر، سياڻي جي نواڻ لاءِ تانگهيو ۽ تاٽيو ٻه هوندو. ۽ واقعي اڄ اها دنيا کانهي، جيکا کالهه هئي، ويهه سال اڳ هئي، هڪ صدي اڳ هئي، ڏهه صديون اڳ هئي. پوءِ هيءَ ايڏي ۽ ايتري نواڻ ايندي ايندي محسوس چو نٽي ٽئي؟ جي گهڙيءَ گهڙيءَ جي راس پنهنجي آهي، ته ان جو سهائو اسان کان اوجهل چو ٿو رهي؟ دراصل، گالهه اڄ جي لکل نواڻ جي ڳولڻ ڏسڻ ۽ پڙ آڻڻ جي آهي.

ائين جيکي اڄ ۾ سياڻي جا آثار ڏسن ٿا، پراڻي ۾ نئين کي لکل ڏسن ٿا، ان جو آدرياءُ کن ٿا، بلڪ ان کي قبول کن ٿا، بلڪ ان جي اڇڻ ۽ پٽري ٽيڻ جي عمل ۾ پنهنجن امنگن، پنهنجن خيالن ۽ پنهنجي سچي وجود سان شريڪ ٽين ٿا_اهي زندگيءَ جي گهاڙي ۾ وهندي ۽ گهندي ٻه پاڻ کي چاکيءَ جو اکين ٻڌل ڏاند تصور نٿا کن. بلڪ، هو زندگيءَ کي گهاڙو ئي نٿا سمجهن. هو وقت جي رٽ تي، جيکو اڳتي ۽ نت اڳتي ويندڙ آهي، زندگيءَ کي پنهنجي دم بدم تازگيءَ ۽ نواڻ سان ۽ پوري پنهنجي حسن ۽ ڪمال سان براجمان ڏسن ٿا ۽ خود پاڻ کي ٻه، ان رٽ تي پنهنجي پوري " فرد حقيت" سان وينل ڏسن ٿا، مان پاڻ کي ٻه، پوريءَ نماڻائيءَ سان، زندگيءَ جي هن سدا آباد ميلي ۾، انهن ماڻهن سان شامل سمجهان ٽي_ انهيءَ ئي ساڳئي اٽاهه ۽ بي انت وقت جي اجهل رٽ تي وينل. انهيءَ کري زندگيءَ ۾ يڪسانيت آهي ئي کانه.

۽ انهيءَ کري منهنجيءَ دل ۾ ناڪاميءَ يا نامرادي جي گهٽ يا مايوسي بلڪل آهي کانهي. بلڪ، مان، پنهنجي بابا وانگر پهرين نگاهه ٻين جي دکن ۽ گهاون تي رکندي آهيان ۽ ائين پنهنجن دکن ۽ گهاون جي ايذاءَ ۽ شدت کان گهٽي گهٽي بچيل رهندي آهيان. ۽ اهڙيءَ طرح، زندگيءَ جي ساهه گهٽيندڙ "يڪسانيت" جي احساس جو شعور رکندي ٻه، پاڻ جي شڪار نه ٽيندي آهيان. منهنجي من ۾ بهتر مستقبل جو ڏيئو سدائين ٻمکندو رهندو آهي.

فهيم نوناري

ڪوهه هماليه ـ محمد ابراهيم جويو!

هلڪڙا ماڻهو بادلن جيان گجگوڙون ڪن،
ڳورا ماڻهو ڪوهه هماليه وانگر سينو ساهي بينا آهن.

مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر مانواري پيڙ ٿمينه ميڙ لينڊ لائين فون تي ٻڌايو ته هن سال مهراڻ سائين محمد ابراهيم جويو نمبر شايع ڪري رهيا آهيون، اوهان به لکو، اِهو هو شاهي حڪم.

تاثر، خط ۽ مضمون مون گهٽي پاڳي هڪ ئي نشست ۾ ملکي ۽ عالمي شخصيت بابت لکيا آهن. ڪڏهن به ٻڌتر ۽ اگر مگر جو شڪار نه رهيو آهيان، ليڪن سائين محمد ابراهيم جويي لاءِ لکڻ وقت هڪ هزار سوال اخلاقي، علمي ۽ جذباتي نوعيت جا ڪر ڪٽي سامهون بيهي رهيا، هوند ڪوهه هماليه جيڏي شخصيت تي لکڻ وقت انصاف جون تقاضائون پوريون ڪري سگهندس. جواب مليو ته نا! ليڪن سوچ جي رنگ برنگي دائرن مان نا!! انڪار!! واري سوال منجهان جواب مليو ته اهو انڪار!! نا!! ۽ تضاد!! به انهن ڏاهن ۽ فلاسفرن اسان کي سمجهايو ته ها جي نسبت نه يعني تضاد اهر آهي ۽ زندگي جي علامت آهي، زندگيءَ جو بنياد تضاد آهي. ڪائنات جو سڄو ماڻاڻ تضاد جي بنياد تي بينل آهي، صبح آهي ته شام ٿئي ٿي، ڏينهن آهي ته رات آهي، گرمي آهي ته سردي آهي، اونداهه مندل آهي ته ست رنگي اڌ لڻ جا رنگ آهن، خوشي آهي ته غمي آهي، زندگي آهي موت آهي، ڳوڙها آهن ته ٽهڪ آهن، اهڙي ريت زندگي جا سيئي رنگين، حسين ۽ سنگين جلوا تضاد جي نِڪري تي بينل آهن. خيالن جو ٽڪراءُ خود هڪ نئين تازي خوبصورت خيال کي جنم ڏئي ٿو.

مون کي انهي خيالن جي ڪوري مان اهو تابناڪ تصور ڏسڻ ۾ آيو ته سنڌ جي ڏاهو (Genius) جنهن سنڌ جي نئين نسل کي جديد سائنٽيفڪ سوچ جا بنياد فراهم ڪيا، فڪري طور جويو صاحب سنڌ جي علم، ادب ۽ سماج لاءِ اهڙا سونهري خواب ۽ تصور اُڀيا جيڪي سنڌ جي سماج کي ترقيءَ جي معراج ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ عظيم شاهراهه ثابت ٿيا، هن جون فڪر انگيز لکڻيون، تقريرون، ڪتابن جا لکيل مهاڳ، عظيم (Noble) ترجما ۽ شاندار ڪتاب، مضمون، مقالا، شاعري ۽ زندگيءَ جو پورو علم و عمل سنڌ جي موجود ۽ ايندڙ نسلن لاءِ سنڌ ۽ جدوجهد تاريخ جا ايندڙ نقاد هن کي ايا ڊسڪور پڌرو (Discover) ڪندا.

نانگن پڌي نينهن جي ڪچين ڪاچوٽي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري.
(شاهه)

جامي چانديي چواٽي: "اهڙن ماڻهن جي عظمت جون بلنديون تڏهن ظاهر ٿينديون جڏهن جهالتن، غلامين ۽ اونداهين جا ڏند لهندا ۽ آزادي، شعور ۽ روشنين جا پورب پڌرا ٿيندا. (ص 7 ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا)

عظيم شاعر رسول حمزه توف چيو آهي ته: "اديب ۽ شاعر باهه جا رکوالا آهن" اهو سچ آهي ته جيڪڏهن سچ جو پرندڙ مچ ٽڙو ٽيو ته سوچ، سمجهه ۽ تخليق جو چنگاريون ۽ شعلا ڪٿان اٽندا؟ اديب ۽ شاعر قومن ۽ انسان ذات جا ترجمان ۽

سونهان هوندا آهن، تنهن لاءِ هو باهر جي مڃ کي سلامت رکندا آهن ۽ جيڪي ترقي، عزت، آزادي، آجپي، خوشحالي ۽ انساني وقار جي عظمت ۽ سربلندي جون واٽون گهڙيندا آهن. محمد ابراهيم جويو جيڪو ڪڏهن به ٽڪيو نه آهي، هُن هميشہ انساني فتح، نيڪي، ڪاميابي، ڪامراني، برابري، شادابيءَ لاءِ رنگ و نسل کان بالاتر ٿي سدا سهڻا ملوڪ خواب ۽ عمل جي واٽ ڏانهن ويندڙ رستا گهڙيا آهن، هو ڪڏهن ورچي ويٺو نه آهي، ٽڪو نه آهي، هُن جو پنڌ سدا بُلنديءَ ڏانهن آهي.

وڌيو آهين ته ويهہ، نه ته واٽ وڻن تون.

****

ڏکن پنيان سُک سگها ٿيندئي سيئي،
ڏورج پاسي ڏک ته باجهہ پوي برووج کي،
جي پهڻ پپ، ته لِڳ منهنجا لوهہ.
(شاهہ)

برازيل ۾ جنم وٺندڙ جڳ مشهور ڏاهي پائلو فراري جو ڪتاب 'علم تدريس مظلومن لاءِ' جوئي صاحب ترجمو ڪري، اسان جي پوري نسل کي روشن راهہ ڏسي آهي ته چوٽڪاري جي واٽ کهڙي آهي، ان کان سواءِ 'وحشي جيوت جا نشان' سنڌي ادب ۾ شامل ڪري هُن انساني تاريخ جو آئينو اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي. ائين سوچ ۽ فڪر جا ٽوس سائنسي بنياد رکي ڇڪ سنڌي سماج جي شعور جي سفر جو پنڌ سولو ٻڌايو آهي.

پاڳوند آهن اُهي قومون جن ۾ جوئي صاحب جهڙا هيرا جنم ورتن تا، تاريخ اهو پاڻ سنڌي قوم جي جهولي ۾ وڌو، جو هو جتان به گذريو اُتي مشڪ ۽ عنبر جو ڪٽوريون پکيڙي ڇڏيائين.

سنڌ جي خمير مان ڦٽي نڪتل جويو صاحب اهو ياقوت آهي جنهنجو ملهہ اڻ ڪٽيو آهي، سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ جاڳرتا واري تحريڪ ۾ هُن جا هيٺيان بي مثال ڪارنامہ (Land Mark Events) آهن.

(1) هند ۽ سنڌ جي ادبي، سياسي ۽ سماجي ميلاپ واري پُل (Bridge) طور ڪم ڪيو.

(2) ڏيهہ اندر ڏاتار ٻڌجي پرڏيهي ادب مرزا قليچ بيگ کان پوءِ جويي صاحبُ ئي واحد شخصيت آهي، جنهن انگريزي، فرينچ، روسي، جرمن ۽ ٻين روشن خيال قومن جو قيمتي سرمايو سنڌ کي ترجمو ڪري ڏنو.

(3) ادب کي سماج جي سڀني واهڙن ڏانهن ذميواري جو احساس ڏياريو ته ادب رڳو داد رنگ برنگي خواب ۽ دلبريءَ وارو آسرو نه آهي بلڪ خلق خدا جو رهبر سونهون ٿي، انسان ۽ انسانيت کي جرڪائي روشن راهہ تي گامزن ڪري ٿو.

(4) سنڌ جي سماج ۽ ادب ۾ اخلاقيات (Code of ethics) کي روشناس ڪرائڻ ۽ ان جو عملي مثال (Model) ٿيڻ.

(5) همعصر (Contemporary) ۽ اُسرندڙ نوجوان ادبي لڏي کي اُتساهہ ڏيارڻ، ساراهڻ ۽ سونهون ٿي سخاوت، اعليٰ ظرافت ۽ وضعداريءَ سان رهبري ڪرڻ.

(6) ادب ۽ سياست ۾ سهپ، بردباري، هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ، سنڌ ۽ انسان ذات جي پلائي واري جدوجهد ۾ دائمي جدوجهد ڪرڻ.

(7) بي شمار ترجما ۽ ڪتاب ڏيڻ.

(8) ماڻهن جي تربيت ۽ تعليم لاءِ جاکوڙ ڪرڻ.

(9) ماڻهوءَ کي ناهڻ نئين راهہ راست تي آڻڻ لاءِ جتن ڪرڻ.

(10) هيٺئين ۽ وچولي ڪلاس مان نوان ڪردار ڳولي لهڻ ۽ انهن کي سماج ڏانهن جوابدار بنائڻ لاءِ انهن جي علم، ادب ۽ ڪتاب وسيلي مسلسل رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ.

(11) سنڌ جي علمي ادبي ادارن توڙي سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي حصہ بندي، تربيت، تعليم لاءِ جاکوڙڻ ۽ انهن ادارن کي تنبيهہ سان پنهنجو فرض ياد ڏيارڻ، ۽ کي رهنما ڪُنجيون، مضمون ۽ ٻين حوالن سان انهن کي مهيا ڪرڻ.

(12) هن منتشر ادبي صنفن ۽ اديبن کي خوابن جي دنيا مان ورائي ڌرتي تي رهي، مسڪين مارن لاءِ لوچڻ ۽ سوچڻ جو سنيهو ڏنو.

جڪرو جس ڪرو.... ٻيا مڙيئي ميرَ...
(شاهہ)

محمد ابراهيم جويي جون صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن جو مختصر تحقيقي جائزو

الطاف حسين جوڪيو

سنڌ جي اهڙن شخصن جن اداري جي صورت ۾ ڪم ڪيو هجي، اهڙن ناالن جو تعداد ڪو گهٽو ڪونہ ٿو ٿئي. علم و ادب جي ڪيتر ۾، شاهہ لطيف ۽ سچل پنهنجي دؤر جا ادارا هئا، جن پنهنجي پوليءَ کي تحفظ ڏيڻ سان گڏوگڏ هڪ فڪري حلقو پيدا ڪيو ۽ مذهبي ڪٽرپڻيءَ جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو. انگريزن جي دور ۾ عربي- سنڌي رسم الخط جي اجراء بعد نئين رسم الخط موجب ڪتابن جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ مرزا قليچ بيگ اندازاً 450 ڪتاب لکي هڪ اداري جو ڪم ڪيو. سائين جي.ايم.سيد سماجي، سياسي ۽ اقتصادي طور سنڌ جي حيثيت کي مجائڻ خاطر هڪ اداري جو ڪم ڪيو ۽ بمبئيءَ کان آزاديءَ بعد نئين سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ هڪ اداري جي صورت ۾ ڪم ڪيو. شيخ ايازشاعريءَ ۾ هڪ اداري طور ڪم ڪيو؛ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مختلف موضوعن تي ڪم ڪري هڪ اداري جي حيثيت ۾ پاڻ مڃايو. اهڙي هڪ سلسلي جي ڪڙي محمد ابراهيم جويو پڻ آهي، جنهن سنڌ جي عشق ۾ 'Save Sindh, Save the Continent from Feudal Lords, Capitalists and their Communalists' ڪتاب کان وٺي سنڌي علم ۽ ادب جي هر رخ تي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي قيام کان وٺي سنڌي بولي، ادب ۽ تعليم لاءِ اهڙي ڏکئي وقت ۾ پاڻ پتوڙيو، جنهن دؤر ۾ سنڌي بولي جي حيثيت گهٽائڻ ۾ سرڪاري ڪوششون ٿي رهيون هيون. جويو صاحب نئينءَ سنڌ جي، قيادت لاءِ پيدا ٿيو هو. غلام رباني آگري صاحب لکيو آهي تہ: "پير حسام الدين راشديءَ، ڳالهين ڪندي، هڪ ڏينهن مون کي چيو هو تہ 'اسان کي سنڌ سان محبت جو سبق جويي صاحب ڏنو،" ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻي لکيو آهي تہ: "محمد ابراهيم جويو هڪ اهڙو عالم، اديب، محقق، دانشور ۽ سياسي ڳرو آهي، جنهن تي تمام گهٽو لکجڻ کپندو هو، پر هن يار نہ ڪجهہ پاڻ تي لکيو ۽ نہ ڪنهن ٻئي کيس خاص ڪريدت ڏنو. جي ايم سيد، شيخ اياز، رسول بخش پليجو، مان پاڻ ۽ سنڌ جو سمورو ادبي لڏو محمد ابراهيم جويي جا مقروض آهيون. هن اسان کي صرف ڏنو آهي، ورتو ڪجهہ بہ ناهي."ان کان وڌيڪ جويي صاحب جي سڃاڻپ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

جوئي صاحب جي زندگيءَ تي سنڌ جي ٻن مفڪرن سائين جي.ايم.سيد ۽ ايم.اين.راءِ جو وڏو اثر رهيو آهي. جنهن سبب ايم.اين.راءِ جي ڪتاب 'Historical Role of Islam' جو سنڌي ترجمو 'اسلام-جو تاريخي ڪارنامو' جي عنوان سان ڪيو. امڪان آهي تہ ترجمي جي لحاظ کان اها سندس پهرئين ڪاوش آهي، ان بعد ترجمي جي فن ۾ جيڪا حيثيت صاحب موصوف جي آهي، تنهن تي ڪوبہ رسي نہ سگهيو آهي؛ چوتہ اها ڳالهہ مسلم آهي تہ ترجمي جو ڪم طبعزاد ادب کان وڌيڪ ڏکيو آهي. هن دنيا جي ڪلاسيڪي ادب مان خاص ڪري فڪري، نظرياتي ۽ فلسفياڻي نوعيت جا ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري، سنڌي ماڻهن جي فڪري آبياري ڪئي آهي.

ڪتابن تي مهاڳ جو فن ۽ هڪ الڳ حيثيت جو حامل آهي، صاحب موصوف جا ڪافي علمي ڪتابن تي مقدمہ سندس هر علم تي مَلڪي جي ساک پرين ٿا. ٻولئ جي لحاظ کان سنڌي ٻولئ جي بڻ بنياد بابت نامياري اديب سراج الحق جي لکيل اهم ڪتاب "سنڌي ٻولي" (1964ع) جي مهاڳ لکڻ سان گڏ جويي صاحب سوين نوجوان اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن تي ۽ مهاڳ لکيا آهن ۽ سنڌ ۾ "مهاڳ نويسي" جي فن جو استاد ليکيو وڃي ٿو ۽ ان جي لکيل مهاڳ سبب ڪنهن ۽ ڪتاب جي حيثيت هڪ سندَ واري ٿيو پوي.

جديد ادب جي سرپرستي جي حوالي سان جويي صاحب، سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز- جي ڪافي ڪتابن جا مهاڳ لکيا.بيشڪ سائين محمد ابراهيم جويو، بمبئي جي آزاديءَ کان پوءِ نئين سنڌ جي نئين سري سان سنوار ۾ سائين جيئيم سيد ۽ علامہ آءِ.آءِ.قاضيءَ وانگر پيش پيش رهيو. منهنجي والد مرحوم محبوب علي جوڪئي جو روحاني استاد رهيو ۽ ان کي تعليمي ۽ ادبي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ جا گس ڏسيا. بابا سائين اڪثر ساڻس ملندو هو ۽ مان پڻ گڏ هوندو هيس، ان وقت هن فقير منش جي شفقت کي شدت سان محسوس ڪندو هيس.

سائين جوئي صاحب جي شخصيت ۽ خدمتن تي لکڻ منهنجي وس ۾ ناهي جو هن بزرگ جي حيثيت گهڻ پاسائين تسليم ٿيل آهي. ليڪن پوءِ ۽ يوسفءَ جي خريدارن ۾ پاڻ ڳڻائڻ خاطر ڪجهہ لکڻ تي دل گهري ٿي.

غلام رباني آگري صاحب لکيو آهي تہ:

"جويي صاحب جي شخصيت گهڻين ئي خوبين جي حامل آهي. ٿورڙن ماڻهن کي اها خبر هوندي تہ سنڌ ۾ صحيح سنڌي صورتخطيءَ جو جويي صاحب کان وڏو ماهر ٻيو ڪونهي. پنڪچوئيشن يعني بيهڪ جي نشانين، اکرن تي زير زبر ڏيڻ جو فن مٽس ختم ٿيو. ڪتابن جي ڇپائيءَ تي سندس قول سَنَدَ جي حيثيت رکي ٿو."

مقصد تہ محمد ابراهيم جويي جي شخصيت بيشڪ گهڻ پاسائين آهي ۽ هڪ اداري جي حيثيت سان سامهون اچي ٿي. هتي علمي حوالي سان سندس صورتخطيءَ سان سلهاڙيل جزن تي ڪيل خدمتن مان ڪن نڪتن جو انتهائي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. **بيهڪ جي نشانين جي صوتي**(Phonemic) **حيثيت ۽ اهميت**:

صورتخطيءَ ۾ بيهڪ جي نشانين جي وڏي اهميت آهي. ان لاءِ تہ بيهڪ جون نشانيون معنوي فرق پيدا ڪنديون آهن. پروفيسر علي نواز جتوئي جملي جي ڊار سببان بيهڪ جي نشانين کي صوتيو (Phoneme)جاڻائيندي لکي ٿو تہ:

"جملن کي جدا جدا ڊنگ سان ادا ڪبو آهي. عام طرح سان جملن جا ٽي قسم آهن: بياني، سوالي ۽ تعجبي. اهي ٽيئي الڳ الڳ ڊنگ سان ادا ڪبا آهن، اگرچ انهن جا لفظ ساڳيا هوندا آهن، مثلاً:

1) تون وڃين ٿو.
2) تون وڃين ٿو؟
3) تون وڃين ٿو!

هي ٽيئي مختلف جملا آهن، اگرچ سندن لفظ ساڳيا آهن. انهن ٽنهي جملن جي پڇاڙي مختلف ڊار سان ختم ٿئي ٿي. پهرئين جملي جي پڇاڙي هموار ڊار سان ٿئي ٿي ٻئي جي اپرندڙ ڊار سان ٿئي ٿي ۽ ٽئين جي لهندڙ ٿئي ٿي. ڊار جي بدلجڻ سان چاکاڻ تہ مطلب ڦري وڃي ٿو، تنهنڪري انهيءَ کي صوتيتي اهميت آهي. انهيءَ لحاظ کان لسانيات جي

عالمن دم / ۔/ ، اڌ دم / ؛/ ، ٽورو دم / ،/ سوال جي نشاني /؟ / ۽ عجب جي نشاني/ !/ کي صوتئي جو درجو ڏنو آهي." (جتوئي، 1996: 80- 81)

بيهڪ جي نشانين (رموز اوقاف) واري درست استعمال تي ڪافي عالمن/ استادن پنهنجا رايا رکيا آهن ۽ ان جي استعمال تي زور ڏيندا آهن؛ ليڪن پوءِ به ڪن حالتن ۾ هڪ منجهيل سُڌ محسوس ٿيندو آهي. حقيقت ۾ هيءُ عنوان ايترو نظر انداز ڪرڻ جهڙو ڪونهي، جيترو اسان ان کي پانيون ويندا آهيون.

ڪن عالمن جو رايو آهي ته انگريزيءَ ۾ ابتدائي بيهڪ جي نشانين جو بنياد، عربي اکرن مان ورتل آهي، جيئن، 'ڪاما' جي نشاني 'و' مان ورتل آهي؛ عجب جي نشاني 'الف' مان ورتل آهي؛ ليڪن ان جو استعمال انگريزي ٻوليءَ ۾ پنهنجي گرامر موجب ڪيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ اردو ٻوليءَ جي بيهڪ جي نشانين ۾ ڪافي فرق آهي. ان جو اهم سبب اهو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ بيهڪ جي نشانين جو استعمال هوبهو انگريزيءَ تان ورتل آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڏانوَ وٺان آهي. ان بابت سنڌ جو ڏاهو ۽ استاد محمد ابراهيم جويو صاحب هڪ انٽرويوءَ ۾ 'بيهڪ جي نشانين' متعلق ويچار وندبندي ڇاڻائي ٿو ته:

"توهان کي عجب لڳندو ته اِها پنڪچوئيشن (Punctuation) انگريزيءَ ۾ گرامر جي جن اصولن موجب ڪم اچي ٿي، انهن ساڳين ئي اصولن تي سنڌيءَ ۾ به ڪم اچي ٿي. سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ طرح مرڪب جملا ۽ مرتب جملا به ٿين ٿا، ته پنڪچوئيشن جا اهي ئي اصول ۽ قاعدا قانون آٽڻ ضروري هئا ۽ آندا ويا، جن لاءِ انگريزي ٻوليءَ کي ڏسي ڪري اسان کي خيال آيو ته ان جي پوئواري ڪجي." (ابراهيم، 2006: 11- 19)

جويو صاحب ڪافي ڪتابن جي تصحيح يا پروف ريڊنگ پاڻ ڪندو رهيو آهي، انهن ڪتابن ۾ سڀ کان پهريائين صاحب موصوف جو مرڪز بيهڪ جي نشانين تي هوندو آهي. شيخ ايياز جي ڪتابن تي مهاڳ لکڻ سان گڏ انهن جي پروف ريڊنگ پڻ پاڻ ڪيائين؛ جنهن ۾ بيهڪ جي نشانين جي درست استعمال مان سندس مزاج جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. اڄڪلهه، اهڙن ماهرن/ استادن جي ڪافي کوٽ آهي جيڪي 'بي . هڪ جي نشانين' تي توجهه ڏيندا هجن.

2. رسم الخط جي حوالي سان اکرن جي صورتن جو اپياس:

رسم الخط جو تعلق اکرن جي خطاطيءَ سان ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪي اکر متّصِل (ڳنڍيندڙ) ته ڪي وري منفصل (اڻ- ڳنڍيندڙ) ٿين ٿا. عربي- سنڌي رسم الخط ۾ عام طور اکرن جون چار صورتون سامهون اچن ٿيون؛ البته، ڪن اکرن جون صورتون چئن کان گهٽ به ٿين ٿيون.

محمد ابراهيم جويي صاحب اکرن جي صورتن تي علمي ڪم ڪيو آهي جيڪو منشي آنند رام جي The Sindhi Instructor جي مهاڳ جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي. صاحب موصوف جيڪو ڪم ڪيو آهي سو بين عالمن کان هٿي ڪري ڪيو آهي، جنهن مان سندس علمي لياقت ظاهر ٿئي ٿي. هتي چند عالمن جون ڇاڻايل اکري صورتون، تقابلي طور پيش ڪجن ٿيون:

ڪافي عالمن اکرن جي صورتون ڇاڻايون آهن، خاص طور مرزا قليچ بيگ(2006: 163)، محمد ابراهيم جوئي (Ibrahim, 2007: 9)، ڊاڪٽر غلام علي الانا(1993: 106)، واحد بخش شيخ (1986: 9) جا نالا سامهون اچن ٿا؛ البته، ابراهيم جوئي جون ڇاڻايل صورتون نرالي انداز سان آهن:

'The Sindhi Instructor' (1905) Sindhi Alphabet Chart:

Name	Detected Form	English	Combined Form		
			Final	Medial	Initial
Alif	ا	a	ـا	-	ا
Dal	د	d	ـد	-	-
Dhal	ڈ	dh	ـڈ	-	-
Day	ڈ	d	ـڈ	-	-
Dal	ډ	d	ـډ	-	-
Dhal	ډ	Dh	ـډ	-	-
Zal	ذ	z	ـذ	-	-
Ray	ر	r	ـر	-	-
Ray	ڑ	r	ـڑ	-	-
Zay	ز	z	ـز	-	-
Vav	و	v	ـو	-	-
Hay	ھ	h	ـھ	ـھـ	ھ
Hamzo	ء	a	-	ـئـ	ئ

(Ibrahim, 2007: 9-12)

عربي خط، بنيادي طور تي آرامي خط مان ورتل آهي، جيڪو عربن ۾ يمن جي سبا قوم رائج ڪيو، جن جي زبان حميري ڪوڻجي ٿي، هيءَ ٻولي، عربيءَ جي وڏي پيٽ تصور ڪئي ويندي آهي. انهن آرامي 22حرفي ابجد ۾ 6 حرفن جو اضافو ڪري موجوده 28حرفي ابجد بيهاري جهڙوڪر ابجد ۾ نوَن حرفن بيهارڻ جو هڪ رستو ڪولي وڏو. ٻيو اهم قدم نبطي قوم جي ليکي ۾ اچي ٿو، جن 'ء' جو اضافو ڪيو؛ پر اڄا به جيڪو قدم وڌيڪ اهميت جو حامل آهي، سو آهي اکرن کي گڏي مرڪب شڪل ۾ لکڻ! انهن ئي، اکرن جي ترڪيب جي ذريعي موصول (ڳنڍجندڙ) ۽ غير موصول اکرن جي ڄاڻ ڏني. جنهن سبب لکڻ هڪ اهر فن جي حيثيت وٺي چڪو. (سليم، 1981: 25- 26)

عام طور عربي رسم الخط جي اکرن توڙي ان مان اخذ ڪيل مختلف ٻولين لاءِ رسم الخط جي اکرن جون تقريباً چار چار صورتون ٿين ٿيون: ابتدائي (Initial)، وچين (medial)، آخري (final) ۽ سالم (independent)؛ جن جو مدار لفظ ۾ پر واري اکر سان ڳنڍجڻ يا نہ ڳنڍجڻ تي آهي. (الانا، 2003: 105)

ڊاڪٽر الانا صاحب، منفصِل (اڻ ڳنڍيندڙ) اکرن جي وچين صورت ۾ ٻين عالمن کان اختلاف رکي ٿو، جنهن جو جواز ڄاڻائي ٿو تہ: "ا، د، ڈ، ډ، ذ، ر، ڑ، ز ۽ و کنهن ٻ لفظ ۾ پوئين حرف سان ملايا نہ ويندا آهن، اهي حرف، اڳئين حرف سان ڳنڍيجي سگهجن ٿا، بشرطيڪ اڳيون حرف ٻ ڳنڍيندڙ هجي. مثال طور:

أب الف پوئين حرف سان مليل نہ آهي.

أس الف پوئين حرف سان مليل نہ آهي.

پاسو ايضاً

رات 'ر' ۽ 'ا' پهرئين يا پوئين حرف سان مليل نہ آهن.

رَسَڻ 'ر' پوئين حرف سان مليل نہ آهي.

ڪرڻ 'ر' ايضاً

دري 'د' ۽ 'ر' اڳئين ۽ پوئين حرف سان مليل نہ آهن.

رُڏل 'ر' ۽ 'ڏ' ايضاً
ٻُڌ 'ڏ' پهرئين حرف سان مليل آهي.
چوڻ 'و' پوئين حرف سان مليل نه آهي.

هيٺ ڏنل لفظن ۾ حرف، کنهن به روپ ۾، هڪجهي سان به ڳنڍجي نه ٿا سگهن، مثلاً:

وايو	ڊور
دوا	ريڊ
ڏار	آڏ
واڙ	زور." (الانا، 1993: 107- 108)

2.1. عالمن پاران ڇاڻايل اکرن جي صورتن جو مختصر جائزو:

ڊاڪٽر الانا منفصل اکر ڇاڻايا آهن: ا، د، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڑ، ز ۽ و، تن لاءِ صاحب موصوف ڇاڻائي ٿو ته اهي اهڙا اکر آهن جن جي پڇاڙيءَ ۾ ٻيا اکر نه ٿا ڳنڍي سگهجن. صاحب موصوف موجب اهڙي صورت ۾ انهن اکرن جون مڪمل صورتون ناهن. ايياس موجب ڇاڻايل اکرن ۾ 'ء' (همزي) جو به شمار ٿئي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته خطاطيءَ موجب همزي جون صورتون به مڪمل ڪونه ٿيون ٻيهن، ان صورت ۾ اکرن جي ٻيهڪ هن ريت ٻيهندي:

ا، د، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڑ، ز، و ۽ ء

مذڪوره اکرن ۾ خطاطيءَ جي لحاظ کان پنج بنيادي اکر: 'ا، د، ر، و ۽ ء' آهن، باقي ٻين تي ٽڪن جو استعمال ٿيل آهي؛ ان کان علاوه سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'ھ' جون ڇهن کان وڌيڪ صورتون سامهون اچن ٿيون، ان لاءِ مذڪوره اکرن آهر عالمن جي ڇاڻايل صورتن جو تقابلي ايياس ڏنو ويندو.

2.1.1. مرزا قليچ بيگ پاران ڇاڻايل صورتون:

مرزا قليچ بيگ صاحب الف- بي جي 51 حرفن جون صورتون ڏنيون آهن، همزي جو حرف يا ان جون صورتون نه ڏيڻ جي ڪا وضاحت ڪانه ڪئي اٿائين؛ سندس ڏنل اکرن جي صورتن مان اعتراض جوڳيون صورتون هن ريت ڏجن ٿيون:

نالو	اکر	منڊ	وچ	پڇاڙي
الف	ا	ا	ـا	ـا
دال	د	د	ـد	ـد
ري	ر	ر	ـر	ـر
واو	و	و	ـو	ـو
هي	ھ	ھ	ـھ	ـھ
مرزا مرحوم همزي جون صورتون ڪونه ڇاڻايون آهن.				

(قليچ، 2006: 163 ۽ 164)

مرزا صاحب جو دؤر ڪافي پراڻو هو، ان صورت ۾ هن بزرگ اڳيان ڪو چند ڇاڻ وارو مواد ڪونه هوندو يا ڪي مضبوط معيار نه هوندا، يا وري اصل مواد ۾ ڪي ٻيون صورتون ممڪن هجن ۽ ڇاپي صورت ۾ عملي وارن جي لاپرواهي هجي؛ بهرحال، انهن صورتن ۾ دؤر جديد موجب ڇُڪون محسوس ٿين ٿيون. مبادا مرزا صاحب جي نظر منفصل توڙي متّصل جي گڏيل حالت ۾، کنهن لفظ جي منڊ، وچ يا پڇاڙيءَ جي استعمال تي هجي! ان صورت ۾ ان کي غلط به نه چئي سگهبو. پر جيئن ته هي معاملو خطاطيءَ سان واسطو رکي ٿو، ان حالت ۾ کنهن اکر جي جدا جدا صورتن تي نظر ڊوڙ لاءِ هي صورتون جاچيون ويندیون آهن ته کنهن لفظ جي ڳنڍيل صورت ۾ ڪهڙو اکر ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿو.

2.1.2 محترم محمد ابراهيم جوئي جون ڇاڙايل صورتون:

واجب العزت جناب محمد ابراهيم جوئي صاحب 'منشي آنند رام' ۽ 'ڊولامل بولچند' ڄي اهم ڪتابن ڪي تصحيح ڪري ڇپرايا. 'منشي آنندرام' جي ڪتاب 'The Sindhi Instructor' جي ٽي دفعا تصحيح ڪيائين. هتي ڇاڙايل ڪتاب جو چوٿون ڇاپو (2007ع) سامهون آهي، جنهن جي 'پيش لفظ' ۾ اکرن جون تصحيح شده صورتون بيهاريون ويون آهن؛ جڏهن ته ڪتاب جي پيٽ ۾ 'منشي آنند رام' جي ڇاڙايل صورتن ۾ ڪافي ڪميون آهن. هيٺ جوئي صاحب جي ڇاڙايل صورتن مان مونجهاري هيٺ آيل بنيادي منفصِل اکرن 'ا، د، ر ۽ و' ۽ متصِل اکر 'ھ' جون صورتون خيال خاطر رکجن ٿيون:

Name	Detached Form	English	Combined Form		
			Final	Medial	Initial
Aliph	ا	a	ـا	...	ا
Dal	د	d	ـد	...	...
Ray	ر	r	ـر	...	...
Vav	و	v	ـو	...	...
Hay	ھ	h	ـھ	ـھـ	ھ
Hamzo	ء	a	...	ـئـ	ئ

'منشي آنند رام' جي تصحيح ڪيل چارٽ مان اهو پتو پوي ٿو ته محترم جوئي صاحب هن معاملي ڪي چگيان جاچيو آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ لکن ٿا ته:

"In this fourth edition (the third of the revised one), I have replaced the first two pages of the book regarding the Alphabet. These original two pages, reproducing herein below to save them for posterity, as may be seen, sought to present the 52 letters of Sindhi Alphabet with their variant forms as the same appeared holding their position in the calligraphic format of the word." (Ibrahim, 2007: 9)

محترم جوئي صاحب جي خيال ۽ صورتن مان پتو پوي ٿو ته صاحب موصوف اکرن جي صورتن ڪي خطاطيءَ جي اصولن پٽاندر ئي ڏنو آهي؛ ان اصول پٽاندر ڏسو وڃي ته صاحب موصوف جي ڇاڙايل 'الف' جي صورتن ۾ ڪمي آهي، جڏهن ته 'ھ' لاءِ مروّج صورتن تي ئي پاڙيو ويو آهي.

واضح رهي ته: 'الف' جي شروعاتي صورت ٽيندي ئي ناهي؛ ڪنهن لفظ يا لفظ جي جوڙ واري منڊ ۾، خطاطيءَ جي اصولن آهر، 'الف' سالم صورت ۾ ئي ايندو آهي؛ جيئن:

- شروعات ۾: اک، انب، اوير، اسرار، انوار، ابرار، الف؛ آخر، آسرو وغيره.
- وچ ۾: قرآن (ٻيو ڪو لفظ نه ٿو ملي جيڪو وچ ۾ سالم صورت ۾ آيو هجي.)

2.1.3 ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران ڇاڙايل صورتون:

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، عربي- سنڌي آئيويٽا جي 28 حرفن جون صورتون ڏنيون آهن، 52 مان 28 حرفن جي صورتن جي چونڊ ڪهڙي بنياد تي ڪئي وئي (حرف جي بنيادي گهر يا ٽيڪن وار)؟ ان جي ڪا وضاحت ڏنل ڪانهي ۽ نه وري اهڙي ڪا ورڇ ڪيل آهي؛ البته، صاحب موصوف ان نڪتي تي واضح آهي ته: "سڀني حرفن جا ڏار ڏار چار روپ آهن... جن جو مدار لفظ ۾ پر واري حرف سان ڳنڍجڻ يا نه ڳنڍجڻ تي آهي". (الانا، 1993: 105- 106)سندس ڇاڙايل صورتن مان مونجهاري هيٺ آيل صورتون رکجن ٿيون:

سالم	شروعاتي	وچين	آخري
ا	ا	ـــــ	ـا
د	د	ـــــ	ـد
ر	ر	ـــــ	ـر
ھ	ھ	ـھـ	ـھ
'و' جون صورتون ڏنل ناهن ليڪن ان کي 'د' ۽ 'ر' سان شامل ڪيو ويو آهي.			
'همزي' جون صورتون ڄاڻايل ناهن ۽ نه وري کا وضاحت ملي ٿي.			

(الانا، 1993: 106 ۽ 107)

ڈاڪٽر الانا صاحب جي ڄاڻايل 28 حرفن جي صورتن مان ڇٽن حرفن جون صورتون ته منفصل آهن، باقي 'ھ' وينجني توڙي وسرڳيءَ جون صورتون گڏائي ڏنيون ويون آهن؛ جن مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪتاب جي لکڻ يا نئين ڇاپي تائين ڈاڪٽر صاحب جي خيال ۾ اها گالھ نه اچي سگھي ته وينجن 'ھ' ۽ وسرڳي 'ھ' جي صورتخطي الڳ الڳ هجڻ کپي! 'ھ' حرف جي الڳ الڳ صورتخطيءَ بابت باضابطه طور تي 1999ع تي ڈاڪٽر جينٽلي صاحب لکيو(جينٽلي، 1999: 190)؛ حقيقت ۾ اهڙو سَنڌو پراڻا پرائمري استاد رکندا هئا. بهرحال، ڈاڪٽر الانا صاحب جي ڄاڻايل 'ا، د، ۽ ر' جي وچين صورتن نه ڏيڻ مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو ته صاحب موصوف ان مسئلي بابت ڪنهن حد تائين واضح ضرور آهي، ليڪن واضح هجڻ جي حالت 50% آهي.

2.1.4 واحد بخش شيخ پاران ڄاڻايل صورتون:

واحد بخش شيخ صاحب 'الف، ب جي حرفن جون جدا جدا صورتون' جي عنوان سان 52 حرفن جون صورتون ڏنيون آهن، سي به گهڻي قدر مرزا قليچ بيگ جي ڄاڻايل صورتن جي تتبع تي ٻڌل آهن، سواءِ هڪ-اڌ اضافي جي! تن مان اعتراض هيٺ آيل صورتون هت ڏجن ٿيون:

جدا ٿيل	ابتدائي صورت	متوسط صورت	انتهائي صورت	نالو
ا	ا	ـا	ـا	الف
د	د	ـد	ـد	دال
ر	ر	ـر	ـر	ري
و	و	ـو	ـو	واو
ھ-ه	ھ	ـھـ	ـھ - ه	هي
ء	ئ	ء	ء	الف همزه

(شيخ، 1986: 9، 10 ۽ 11)

شيخ صاحب جي ڈسيل صورتن ۾ پنج ته منفصل اکرن جون آهن، باقي وينجني 'ھ' ۽ وسرڳي 'ھ' جون صورتون گهڻي قدر رواج موجب ڏنيون آهن؛ تنهن ۾ به شيخ صاحب جي ڈنل آخري صورت ۾ 'مختفي ه' جو اضافو ڪيل آهي، جنهن لاءِ کا خاص وضاحت ڄاڻايل ڪانهي؛ ايترو ضرور آهي ته شيخ صاحب جي نظر ڪنهن لفظ جي آخري منفصل اکر سان ايندڙ 'مختفي ه' تي بيشڪ هئي، جنهن لاءِ اهو ڄاڻائڻ بهتر ڄاتائين.

2.2 چئني عالمن جي ڄاڻايل صورتن جي چنڊ ڇاڻ:

هيٺ تقابلي چئني عالمن جون ڈنل منفصِل اکرن جون صورتون چنڊ ڇاڻ لاءِ رکجن ٿيون:

←	مرزا قليچ بيگ				محمدابراهيم جويو				ڊاڪٽر الانا				واحد بخش شيخ			
سالم صورت	ا	د	ر	و	ا	د	ر	و	ا	د	ر		ا	د	ر	و
شروعاتي صورت	ا	د	ر	و	ا	--	--	--	ا	د	ر		ا	د	ر	و
وچين صورت	ا	مد	ر	و	--	--	--	--	--	--	--		ا	مد	ر	و
آخري صورت	ا	مد	ر	و	ا	مد	ر	و	ا	مد	ر		ا	مد	ر	و

مٿي ڄاڻايل گڏيل صورتن جي چندڇاڻ هيٺين ريت بيهي ٿي:

- سالم صورتن ۾ چئني عالمن جي راءِ ساڳي آهي.
- شروعاتي صورتن ۾ به جوئي صاحب جون ڄاڻايل صورتون مختلف آهن ۽ درست رخ ۾ آهن، باقي ٻين جو خيال ساڳيو آهي.
- وچيُن صورتن ۾ ٻن عالمن: مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش جي راءِ ساڳي آهي.البته، ٻن عالمن: جوئي صاحب ۽ الانا صاحب جو خيال مختلف آهي.
- آخري صورت ۾ چئني عالمن جي راءِ برابر آهي.

الانا صاحب جي راءِ مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش شيخ کان نرالي بجا آهي؛ سندس ڏنل مثالن مان ۽ نتيجا اخذ ٿين ٿا: هڪ ته، 'الف' يا 'ر' جي شروعاتي صورت کان ٿي ٿئي، جنهن لاءِ پاڻ لکيو اٿس ته 'اُپ ۾ الف پوئين حرف سان مليل نه آهي' يعني شروعاتي الف جي صورت اڻ- ڳنڍجندڙ آهي. جڏهن ته سندس ڄاڻايل مثالن آذار 'اپ' ۽ 'اس' جي جوڙجڪ تي بنا غور ڪرڻ جي مٿي 28 حرفن جي صورتن ۾ 'الف' جي شروعاتي صورت به ڄاڻائي اٿائين!

لفظ 'پاسو' ۽ 'رات' جي وضاحت ۾ لکيو اٿائين ته 'پاسو ۾ الف پوئين حرف سان مليل نه آهي ۽ رات ۾ الف پهرئين يا پوئين حرف سان مليل نه آهي'، جي بنياد تي درست راءِ رکي اٿائين ته 'الف' جي وچين صورت کان ٿيندي!

ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڏنل مثالن مان اهو خيال مضبوطيءَ سان اخذ ٿئي ٿو ته ڪنهن اکر جي صورت متّصِل (ڳنڍيندڙ) ۽ منفصل (اڻ- ڳنڍيندڙ) واري اصول تي رکڻ گهرجي. ڊاڪٽر الانا صاحب جو منفصل اکرن جي وچين صورت نه ڏيڻ مان مراد اها آهي ته ڊاڪٽر الانا صاحب هن مسئلي کي ڄاتو درست آهي، ليڪن پنهنجي ڏنل 28 اکرن جي صورتن ۾ منفصل اکرن جي صورتن ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪئي اٿس. سندس ئي ڏنل مثالن آذار ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته منفصل اکرن: 'الف، دال، ري ۽ واؤ' جون شروعاتي توڙي وچيون صورتون ڪونه ٿيندیون.

محترم ابراهيم جوئي صاحب جو اکرن جي صورتن بابت خيال، الانا صاحب کان ب وڌيڪ مضبوط آهي؛ صاحب موصوف منفصل اکرن 'دال، ري ۽ واؤ' جون شروعاتي توڙي وچيون صورتون نه ڏنيون آهن. البته، 'الف' جي شروعاتي صورت تي غور نه ڪيو ويو آهي، جنهن کي اخذ ڪيل اصولن پٽاندر مناسب نه ٿو قرار ڏئي سگهجي.

ٻئي پاسي مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش شيخ صاحب جون ڄاڻايل منفصل اکرن جون شروعاتي ۽ وچيون صورتون رڌ ٿيڻ جوڳيون آهن.

2.2.1 الف ۽ همزي جي صورتن جي چندڇاڻ:

'همزي' جي صورتن سان جناب محمد ابراهيم جوئي ۽ واحد بخش شيخ صاحب هڪ ڳڏيو آهي؛ باقي، مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب 'همزي' جون صورتون نه ڄاڻايون آهن. واضح رهي ته

هيءُ 'صوتيات' کان وڌيڪ 'صورتخطيءَ' جو معاملو آهي، ان صورت ۾ 'همزي' جون صورتون به ساڳي حيثيت رکن ٿيون. سائين ابراهيم جوئي صاحب 'همزي' جون جيڪي صورتون ڄاڻايون آهن، سي خطاطيءَ جي اصولن مطابق بلڪل درست آهن.

⬅	محمد ابراهيم جويو		واحد بخش شيخ	
سالم صورت	✓	ء	✓	ء
شروعاتي صورت	✓	ئـ	✓	ئـ
وچين صورت	✓	ـئـ	✗	ء
آخري صورت	✓	...	✗	ء

2.2.1.1. سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف ۽ همزي' جون خاصيتون:

- الف جون صرف به صورتون 'سالم ۽ آخري' کم آنديون ويندون آهن، شروعاتي ۽ وچولي صورت آهي ئي ڪونہ؛ جڏهن ته همزي جون ٽي صورتون کم آنديون ويندیون آهن، هن جي 'آخري صورت' آهي ئي ڪونہ!
- الف ۽ همزو هڪجهئي جا يَن پريندڙ آهن؛ جتي الف جي صورت ممڪن ناهي اتي همزي (ء) کان کم ورتو ويندو آهي. ان مان اهو ئي خيال جڙي ٿو ته الف ۽ همزو ساڳئي نوعيت جا اسر آهن جن جا اکر/ روپ الڳ الڳ آهن.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ پڻ، ٿورڙي فرق سان، عربيءَ جيان متحرڪ الف لاءِ همزو (لفظ جي وچ ۽ آخر ۾) ۽ ڊگهي سر لاءِ الف کم آندو ويندو آهي؛
- سنڌي ۽ عربي صورتخطيءَ ۾ ٿورڙو فرق اهو آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾، لفظ جي منڍ واري متحرڪ همزي جي جڳهہ تي الف کم آندو ويندو آهي.

مٿيون الف جون صورتون رکڻ سان اها ڳالهہ واضح ٿي ته الف جون صرف به صورتون 'سالم ۽ آخري' ممڪن ٿي سگهن ٿيون؛ ٻيون 'به صورتون' عربي توڙي عربيءَ مان جڙيل ڪنهن به صورتخطيءَ ۾ ڪونهن.

- شروعاتي صورت مان مراد ڪنهن لفظ ۾ متصل اکرن سان، ڳنڍيل جوڙ جو منڍ.
- آخري صورت مان مراد ڪنهن لفظ ۾ متصل اکرن سان، ڳنڍيل جوڙ جي پڇاڙي.

2.2.1.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف ۽ همزي' جون صورتون:

خاص طور الف ۽ همزي ۾ معاملو سامهون اچي ٿو، ان لاءِ مذڪوره اکرن جو اپياس ڏجي ٿو. سنڌي آئيوينا جي ٻنهي ڇيڙن کان هي اکر، الڳ الڳ پڙهايا ويندا آهن؛ جن جون هيٺيون صورتون کم آنديون ويندیون آهن:

- الف جون چار اکري صورتون:

سالم	شروعاتي	وچين	آخري
ا	ڪونهي	ڪونهي	ـا

خطاطيءَ جي اصول پٽاندر، الف جون اکري صورتون کل ٻہ: سالم ۽ آخري ٿين ٿيون، جڏهن ته الف جي شروعاتي توڙي وچين صورت ڪونہ ٿي ٿئي.

- همزي جون چار اکري صورتون:

سالم	شروعاتي	وچين	آخري
ء	ئ	ـئـ	ـئ

خطاطيءَ جي اصول پٽاندر، همزي جون ٽي صورتون ٿين ٿيون، جڏهن ته آخري صورت کوڻ ٿيندي آهي. همزي جي صورتن ۾ جويي صاحب جون ڄاڻايل صورتون خطاطيءَ جي اصولن موجب آهن، باقي واحد بخش شيخ صاحب جي ڄاڻايل صورتن ۾ صرف ٻه ئي درست آهن.

2.3 هيٺ تقابلي چٽي عالمن جون ڏنل 'ھ' اکر جون متصل صورتون چند ڇاڻ لاءِ رکجن ٿيون:

←	مرزا قليچ بيگ	محمد ابراهيم جويو	ڊاڪٽر غلام علي الانا	واحد بخش شيخ
سالم صورت	ھ	ھ	ھ	ھ، ہ
شروعاتي صورت	ھ	ھ	ھ	ھ
وچين صورت	ـھـ	ـھـ	ـھـ	ـھـ
آخري صورت	ـھ	ـھ	ـھ	ـھ-ہ

'ھ' اکر جي صورتن ۾ گهٽي قدر چٽي عالمن جو رايو ساڳيو آهي، البته واحد بخش شيخ صاحب 'مختفي ہ' جو اضافو ڪيو آهي، جنهن جون پڻ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪل ٽي صورتون ڪم آنديون ويندي ون آهن، جنهن لاءِ ڪيس الڳ وضاحت ڪرڻ ڪپندي هئي.

مٿين صورتن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته 'ھ' اکر جي صورتن ۾ عالمن بغير ڪنهن ويچار جي 'ھ' وينجن ۽ 'ـھـ' وسرڳي جون صورتون ملائي رکيون آهن؛ جيئن ته 'ـھـ' وسرڳيءَ جون صورتون صرف ٻه (وچين ۽ آخري) ٿين ٿيون، جنهن سبب اسان جي عالمن کي 'ھ' اکر جي صورتن ڏيڻ ۾ مغالطو ٿيو. واضح هجڻ گهرجي ته 'ھ' خود هڪ اکر آهي ۽ ان جون ٽي ٻيون صورتون ٻه ٽي سگهن ٿيون ان صورت ۾ 'اکين واري ـھـ' کي شامل ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور؟ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي ٻه 'ھ' وينجن ۽ 'ـھـ' وسرڳيءَ بابت وضاحت تز ۽ وقتائتي آهي، ليڪن ان ۾ ٻه منفصل اکرن سان 'وسرڳي ـھـ' جي ڪهڙي صورت هجڻ کپي، تنهن بابت وضاحت ڪانهي؛ ان کان سواءِ 'مختفي ہ' جي ڪنهن ٻه روپن ڏانهن سندس ڏيان ئي نه ويو آهي، جيڪي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ متصل ۽ منفصل صورتن ۾ ڏار ڏار حالتن پٽاندر استعمال ٿيندا آهن: جيئن:

'ہ' مختفي (آخري متصل اکرن سان): الله، هميشه، فاطمه وغيره.

'ہ' مختفي (آخري منفصل اکرن سان): موجوده، ماه، فهميده وغيره.

مٿي محترم محمد ابراهيم جوئي صاحب کان سواءِ، ٻنهي عالمن جي ڏسيل صورتن مان منفصل صورتن تي خيال اهو ٿو ٿئي ته عالمن جو ڏيان لفظن جي شروع، وچ يا آخر جي استعمال تي رهيو آهي؛ جڏهن ته هن جو تعلق خطاطيءَ موجب ڪنهن اکر جي مختلف صورتن سان آهي؛ جيڪي ٻئي اکر سان ڳنڍجڻ واري حالت ۾ صورت مٺائن ٿا.

3. صورتخطيءَ جي لحاظ کان چند صورتن جو اپياس:

4 نومبر 2008ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 'سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ۽ انهن جو حل' جي موضوع تي سنڌ جي استادن ۽ عالمن جو هڪ مذاڪرو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ڪافي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ عالمن آڏو رکيا ويا؛ ان لسٽ ۾ اهي لفظ ٻه شامل ڪيا ويا جيڪي 1913ع تي درست صورت ۾، مخزن 'اخبار تعليم' ۾ شايع ڪيا ويا هئا. شايد ان معاملي جي حتمي صورت ڪارڻ ڪا ڪميٽي ٻه مقرر ڪئي وئي، ليڪن اهو معاملو اڄ سوڌو سڏو نه ٿيو. ابراهيم جوئي صاحب پڻ لفظن جي مناسب ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکي؛ اصل ۾ هي معاملو هوليءَ جي علم سان گڏوگڏ سماجي رواج سان پڻ سلهاڙيل آهي، ان ڪارڻ هن معاملي ۾

هڪ لچڪ رهي ٿي رهي ٿي. ڪافي لفظن جي معاملي ۾، چند عالمن ۽ استادن کان علاوه ابراهيم جويي صاحب جي راءِ ۾ لچڪ سامهون اچي ٿي، جنهن مان مراد ته اهڙن لفظن جي صورتخطي سماج ۾ لکجي ٿي، ان لاءِ کا حتمي راءِ رکڻ پنهنجو خيال مسلط ڪرڻ آهي. ان ڪارڻ کو تحقيقي/ اپياسي ڪم ٿيڻ گهرجي. هيٺ چند لفظن جون صورتون خيال خاطر رکجن ٿيون:

ترجيحي صورت لاءِ رکيل لفظ	ابراهيم جوئي طرفان ڏنل ترجيحي صورت
ٻيون/ ٻيو/ ٻئو	ٻئو/ ٻيو
توٽي/ توڙي	توٽي/ توڙي
ٽل/ ٽلهه	ٽل/ ٽلهه
پليد/ پليت	پليد/ پليت
درياهه/ درياءُ	درياهه/ درياءُ
دنبورو/ طنبورا	دنبورو/ طنبورو
رنگ/ رنگ	رنگ/ رنگ (ٻئي)
ڪسر/ ڪثر	ڪسر/ ڪثر (معنوي فرق)
ماروي/ مارئي	ماروي/ مارئي
محل/ مهل	محل/ مهل (معنوي فرق)
مڪ/ مڪيه	مڪ/ مڪيه
وابستا/ وابسته	وابستا/ وابسته
وڃين/ وڃي	وڃين/ وڃي (فرق)
ڪٽين/ ڪٽي	ڪٽين/ ڪٽي (الگ استعمال)
ويهڻ/ وهڻ	ويهڻ/ وهڻ
ڪاليج/ ڪاليجز/ ڪاليجن	ڪاليج/ ڪاليجن
ڪميٽي/ ڪاميٽي	ڪميٽي/ ڪاميٽي (ٻئي)

مذڪوره ترجيحي صورتن جو تفصيل سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کان، فائيل جي صورت ۾، حاصل ٿيل آهي.

ان مذاڪري ۾ تقريباً 112 لفظ چونڊيا ويا هيا جن بابت مختلف عالمن پنهنجا رايا رکيا. ظاهر آهي ته ابراهيم جويي صاحب مڙني جي ترجيحي صورتن بابت راءِ رکي آهي. هتي صرف اهي لفظ ڇاڪايا ويا آهن جن ۾ حتمي راءِ ڏيڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي ۽ معنوي فرق هجڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. حقيقت ۾ علمي لحاظ کان حتمي راءِ نه رکڻ ۽ معنوي فرق ڇاڪائڻ جي سببن معلوم ڪرڻ تي تحقيقي ڪم ٿيڻ گهرجي. هتي صرف ٻن نڪتن جو تحقيقي اپياس پيش ڪجي ٿو:

3.1. توٽي/ توڙي جي ترجيحي صورت جو اپياس:

ابراهيم جويي صاحب جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ هڪ نرالو مقام آهي، مون کافي لفظن ۾ سندس نرالپڻ ۽ ٽُر صورتون ڏٺيون آهن. هڪ پيش لفظ ۾ اهو پڻ ڇاڪايو ويو آهي ته ڪتاب جا به دفعا پروف جوئي صاحب پاڻ پڙهيا آهن. هت سندس پيش لفظ مان هڪ جملو ڏجي ٿو:"بني نوع انسان، انفرادي ۽ پڻ اجتماعي طور زندگيءَ جي هر تبديل ۽ عدم تبديل لاءِ جيڪا به رٽا رٽي ٿو يا مصلحت سوچي ٿو ۽ عمل ۾ آڻي ٿو- نفعي جي توٽي نقصان جي- ائين هو پاڻ ٿو ڪري، ۽ ان لاءِ ذميوار به پاڻ آهي." (ابراهيم، xii- xi:2008)

حقيقت ۾ لفظ 'جيتوٽيڪ' جو بنياد 'توٽي' مان آهي، نہ ڪي 'توڙي' مان! جيڪڏهن ان لفظ جو بنياد 'توڙي' مان آهي تہ سندي صورتخطيءَ ۾ ڪاب اهڙي لکت ڪانهي جنهن ۾ لفظ 'جيتوڙيڪ' ڪم آيو هجي. جڏهن تہ 'توٽي' جو لفظ عام صورت ۾ نہ هجڻ باوجود پرنٽ ميڊيا ۾ بہ ڪم آندو وجي ٿو. ان کان علاوہ راقم جي هڪ پيپر ۾ اهڙي صورت ڪم اچي چڪي آهي، جيڪا جملي سوڙي سامهون رکجي ٿي:

"الڳ لکڻ جي سببن ۾: بن لفظن جي جوڙ جي وچ ۾ معروف توٽي مجهول 'ڊگهن سُرن، ڊگهن گهُٽن سُرن' ۽ 'مختفي ہ' سبب بہ الڳ لکيا ٿا وڃن، جيئن: ڈٽي ڈوکي..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

"متصل اکرن سبب بہ گڏي لکيا ٿا وڃن، توٽي جو هم معني، متضاد يا لاڳاپو رکندڙ هجن، جيئن: چگهيلائي، ڪٽمنڙو..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

"الف- بي جو شمار هڪ اصطلاح توٽي مخفف جي هڪ قسم ۾ ٿئي ٿو..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

3.1.1. گهُٽي وينجن 'ڻ' جو 'ڙ' ۾ تبادل:

ڈنو اهو ويو آهي تہ معياري بوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۾ گهُٽي وينجن 'ڻ' کي بين لهجن خاص ڪري لاڙي/ حيدرآبادي لهجي موجب 'ڙ' ۾ تبديل ڪندا آهن. ليڪن وچولي جي اثر ڪري ڪافي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ سڌارو آندو ويو ليڪن اصولي طور تي ان تي توجهہ ڪونہ ڈنو ويو. چند مثال سامهون رکجن ٿا:

وچولو	حيدرآبادي (وچولي جو اثر)	لاڙي
ماڻهو/ ماڻهون	ماڙهو	ماڙو
جيتوٽيڪ	جيتوڙيڪ	جيتوڙيڪ
توٽي	توڙي	توڙي

جاڻايل لفظن ۾ اها ڳالهہ ٻيهر جاچڻي آهي تہ صورتخطيءَ جي حوالي سان 'توڙي' جو لفظ بهتر آهي يا 'توٽي'! اصل ۾ اهڙن نندن مسئلن کي بہ بوليءَ جي ڪنهن اصول/ اُپياس آڌار جاچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. عبدالغفار صديقي ۽ پروفيسر قلندر شاهہ لکياري بہ هن معاملي ۾ ان خيال جا آهن تہ 'توٽي' جي صورتخطي مناسب آهي.

عام طور تي لاڙي لهجي ۾ 'ڻ' جو بدل آواز 'ڙ' عام آهي، خاص طور 'ماڻهو' لفظ جو لاڙي اچار 'ماڙو' ڪيو ويندو آهي. توٽي/ توڙي ٻنهي جو استعمال حيدرآبادي لهجي ۾ موجود آهي؛ ذاتي خيال موجب حيدرآبادي لهجي تي اهو اثر لاڙي نمايان آهي، هونئن بہ حيدرآبادي لهجي کي لاڙي لهجي کان الڳ نہ ٿو سمجهي سگهجي؛ ان کان علاوہ حيدرآبادي لهجي تي ٻاهرين برادرين جي اچ وچ، مٹي مائٹي، وٹج واپار يا ملازمت سبب وچولي جو اثر بہ يقيناً آهي.

3.2. وچين/ وچي (فرق) جو تحقيقي اُپياس:

ابراهيم جوئي صاحب ترجيحي صورت ۾ جاڻايو آهي تہ: وچين/ وچي ۽ ڪٽين/ ڪٹي وارن لفظن ۾ فرق آهي ۽ انهن جو استعمال الڳ آهي. اهڙي راءِ جي درستگي واري سطح معلوم ڪرڻ لاءِ اُپياس لازمي آهي:

'گهُٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ گهُٽائپ جي سطح معلوم ڪرڻ' وارو معاملو انتهائي پيچيده معاملو آهي. هن معاملي بابت علمي طور تي بن عالمن: ڈاڪٽر مرليڌر جيٹلي ۽ ڈاڪٽر غلام علي الانا جو ڪم سامهون اچي ٿو. اصل ۾ نون وينجن متحرڪ ۽ ساڪن ۽ نون گهُٽي سُر تي علمي طور تي ڪم ٿي نہ سگهيو آهي؛ جيڪڏهن ٿيو آهي تہ ان تي علمي نموني تنقيدي ڪم ٿي ڪونہ سگهيو آهي، ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ان خيال جو آهي تہ گُهٽن وينجن بعد پيدا ٿيندڙ گهُٽائپ، صاف سرَ جو گهُٽائپ ۾ تبديل ٿيڻ آهي، جنهن کي صورتخطيءَ ۾ ظاهر نہ ڪجي. ڊاڪٽر الانا اهڙن Nasalized vowels بابت ڄاڻائي ٿو تہ: "Nasal vowels کان سواءِ، سنڌي صوتيات ۾ ڪي صاف سرَ، جڏهن ڪن گُهٽن وينجن جي اثر کان متاثر ٿي، اچار ۾ گُهٽا سرَ ٿي ويندا آهن، تڏهن اهڙن گهٽن سرَن کي، انوسوار يعني گُهٽائڻ وارا سر (Nasalized vowels) چئبو آهي. مثال طور 'اجا'، 'اما' ۽ 'ماڻهو' وغيره لفظن جي آخر ۾ آيل سُر [آ ۽ اُ] جيڪي اصل ۾ صاف سرَ هئا، پر گُهٽن وينجن [ج، م ۽ ڻ] جي اثر ڪري [آ ۽ اُ] بدلجي 'گُهٽا سرَ' [آن ۽ اُن] اچاربا آهن. اهوئي سبب آهي جو اهڙن ڪيترن ئي لفظن جي صورتخطين ۾، گهُٽائڻ کان متاثر ٿيل سرَ جي پويان 'ن' حرف لکيو ويندو آهي اهڙن لفظن جون جدا جدا صورتون ڏيئي، انهن جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي: اجا، اما، آنو، ڀانهو ..." (الانا، 2005: 224)

گهُٽن وينجن سبب پيدا ٿيندڙ گهُٽائپ جو جيڪڏهن پورو ڳلو گهُٽيو ويندو تہ پوءِ لفظ 'امان > اما' ۽ لفظ 'مان (آءٌ/ منجهان) > ما' لکڻو پوندو ۽ ان جي صورتخطي هيٺين ريت ٻيهندي:

- ✗ ما اسکول وجا ٿو.
- ✗ هو ڪٻٽ ما ڪتاب ڪڍو.

ساڳئي نموني ڪافي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ گهُٽن وينجن بعد ايندڙ گهُٽائپ کي رد ڪرڻو پوندو؛ جيئن: ننگ، نانگ، ننڍن، وڻندو، منڊ، مانهن جي دال، منگل، مينهن، مونجهه وغيره. اهڙي عمل بعد لفظن ۾ معنوي فرق جا امڪان بہ رد ڪري نہ ٿا سگهجن:

لفظ	معنوي فرق
مان (آءٌ)	ما (سواءِ)
ننگ (اوگهڙ، عزت)	نگ (منڊيءَ جي ٽڪ)

ڊاڪٽر الانا جي پوري پورهئي ۾ ڪٿي بہ ڪو سَنڌو ڄاڻايل ڪونهي تہ ڪهڙن اصولن هيٺ گهُٽن وينجن بعد گهُٽائپ ڄاڻائبي ۽ گهُٽائپ کي گهٽبو!

ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي ان مسئلي جي چند چاڙ ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: " 'اجا' لفظ ۾ آخر ۾ 'ن' لکڻ جي ضرورت ناهي. اچارن جي عادت موجب 'ج' جي اڳيان ۽ پنيان ايندڙ سُر 'ا ۽ آ' ٻيئي پاڻمرادو گُهٽي اچار وارا ٿي ويندا آهن. پر 'وجان' ۽ 'مجان' ۾ آخر ۾ / ن/ لکڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو زمان مضارع، متڪلم، عدد واحد جي پيچاڙيءَ جو حصو آهي. ساڳيءَ طرح 'هو وڻي ٿو'، هتي 'وڻي' جي آخر ۾ / ن/ نہ لکبو، پر 'تون وڻين ٿو' جملي ۾ 'وڻين' فعل ۾ / ن/ لکڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو 'اين' پيچاڙي (Suffix) جو حصو آهي (وڻ + اين = وڻين). انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ اسان کي لفظن جي صورتخطي يا املا جا قاعدا ناهڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جي ويڪرڻي ٻيهڪ جو بہ گهڻو خيال رکڻ گهرجي." (جيٺلي، 1999: 195)

ڊاڪٽر جيٺلي جي راءِ ۾ لڇڪ آهي ۽ ساڳئي وقت اهو بہ اصول ڄاڻايو اٽائين تہ اهڙن معاملن کي جاچڻ لاءِ گالهائيندڙ ٻوليءَ جي گردانن جو ئي سهارو وٺڻ گهرجي!

ڊاڪٽر جيٺلي جي ڏسيل ڏس موجب، 'وجين' يا 'وجي' جي صورتن مان ڪا هڪ صورت مقرر ڪرڻ بہ پنهنجي جڳهہ تي مونجهارو پيدا ڪري سگهي ٿي؛ مثلاً: زمان حال مطلق جي گردان ۾ ضمير واحد غائب جي جملي موجب لکبو/ چئبو تہ 'هو وجي ٿو' پر جيڪڏهن ساڳئي فعل ۽ زمان سان ضمير واحد حاضر جو جملو لکبو/ چئبو: 'تون وجين ٿو'. فعل جي اهڙي گردان ۾ جتي 'وجي' سان 'نون گُهٽو' نہ لڳندو، تہ اتي ٻئي هنڌ 'وجين' ۾ لازماً نون گُهٽو ڪم آڻڻو پوندو.

ڊاڪٽر الانا جي مقرر ڪيل دائري ۾ گنجائش ڪانهي، جڏهن ته ڊاڪٽر جيٺلي جي دائري ۾ گنجائش سان گڏوگڏ وزن پڻ آهي. مثالن آڏار، ان ڳالهه کان ڪوبه لسانيات جو عالم انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته 'گهٽي وينجن' سبب گهٽائپ نه ٿي جڙي؛ ليڪن ايترو ضرور آهي ته ان جون به ڪي صورتون هجڻ گهرجن.

راقم جي سوچ مطابق 'گهٽن وينجنن' واري گهٽائپ جو گهڻو زور اڳيان هوندو آهي، پويان واري گهٽائپ اڻ لکي ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو موجوده سنڌي صورتخطيءَ موجب: ڪنهن به 'گهٽي وينجن' جي اڳيان 'نون گهڻو' نه ٿو لکيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهو ان ۾ ضم ٿي گهڻو وينجن بڻجي وڃي ٿو؛ جڏهن ته ڪن لفظن جي پويان، ڪن سببن آهر، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'گهٽائپ' وارو 'نون' لکڻ انتهائي ضروري ڄاتو ويو آهي. جنهن جا مثال مٿي اڳي ڇڪا آهن.

عام طور تي لفظ 'ننڍو' ۾ ٻيو نون، 'گهڻو' جاتو ويندو آهي، جڏهن ته اهو 'نون ساڪن' آهي؛ يا ٻئي لفظ 'نانگ/ ڏنگ' ۾ آواز توڙي سنڌي صورتخطيءَ مطابق 'گهٽي وينجن' بعد 'گهٽائپ جو تصور آهي. هن لفظن مان اهو واضح طور تي معلوم ٿئي ٿو ته 'گهٽي وينجن' بعد گهٽائپ يا ٻئي گهٽي وينجن جو اچڻ سنڌي بوليءَ ۾ ممڪن آهي.

جيڪڏهن 'گهٽن وينجنن' بعد گهٽائپ وارو دائرو محدود ڪري چڏبو ته پوءِ ٻي صورت ۾ 'ننڍو جي ڏيو'، 'نانگ جي ناگ' ۽ 'ڏنگ جي نگ' واريون صورتون رائج ٿي ويندیون.

ڊاڪٽر جيٺلي جي ڄاڻايل مثالن مان به اهو خيال اخذ ٿئي ٿو ته 'گهٽي وينجن' جي گهٽائپ جو زور ڪنهن 'گهٽي وينجن' جي اڳيان ٿئي ٿو. جنهن ڪري پنهنجي اڳيان ٻيو 'نون گهڻو' برداشت نه ٿو ڪري؛ پويان اڻ- لکو ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مخدوم ابوالحسن نٽويءَ ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جيڪي آئيوينائون ترتيب ڏنيون، تنهن ۾ 'گهٽن وينجنن' لاءِ هڪ اصول رکي ڪري، ڪنهن قريب آوازي اکر اڳيان 'ن' جو اضافو ڪيو؛ جيئن:

- مخدوم ابوالحسن موجب: نج، نگ، ---
- ڊاڪٽر ٽرمپ موجب: نج، نگ، ڻ(به اپا ٽيڪا)

(ٽرمپ، 1985: xxx)

مذڪوره حوالن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته گهٽن وينجنن بعدگهٽن سُرن جي گهٽائپ جو ماڳهين گلو گهُٽڻ کا عقلمندي ڪانهي. البته ضرورت آهر اهڙي گهٽائپ کي صورتخطيءَ مان ختم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، بلڪ ضروري آهي- سو به ان صورت ۾ جڏهن اصولي طور تي معنوي فرق يا مونجهارو ظاهر ٿئي، جيئن ڊاڪٽر مرليٽر جي ڄاڻايل بن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو: 'هو وٽي ٿو' ۽ 'تون وٽين ٿو'.ان ڏِس ۾ بولي جي گردان تي غور ڪري ڪي اصول جاچي سگهجن ٿا.

3.2.1. گهٽي وينجن سبب ظاهر ٽيندڙ گهٽائپ کي لکڻ يا نه لکڻ جوجائزو

سنڌي بوليءَ جي مزاج مطابق سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهُٽن وينجنن سبب بن قسمن جي گهُٽائپ اچي ٿي:

هڪ: اها جيڪا گهُٽن وينجنن سبب ظاهر ٿئي ٿي؛

ٻي: اها جيڪا جملي جي نحوي بناوت سبب بعد ۾ لازمي ڊيڪارٽي پوي ٿي.

بولي جي گردان پٽانڊر، جن فعلن ۾ گهٽي وينجن سبب 'نون گهٽي' جو جنسي اضافو ڪيو وڃي ٿو يا خارج ڪرڻو پوي ٿو،تن جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

3.2.1.1. گهُٽن وينجنن سبب ظاهر ٽيندڙ يا نه ٽيندڙ گهُٽائپ جو جائزو

مثال: مان مڃان ٿو.

ضميري گردان موجب	فعل جي نوعيت
مان مجان ٿو.	فعل متعدي مجهول
اسين مجُون/ مجئُون ٿا.	فعل متعدي مجهول
تون مجين ٿو.	فعل متعدي مجهول
توهان مجو ٿا.	فعل متعدي مجهول
هو مجي ٿو.	فعل متعدي مجهول
هوءَ مجي ٿي.	فعل متعدي مجهول
اهي مجن ٿا.	فعل متعدي مجهول

مٿئين گردان مان اهو واضح ٿئي ٿو ته 'مجڻ' فعل ۾ گھٽي وينجن سبب 'آن'، 'اُون' ۽ 'اِين' ڏگھن گھٽن سرن ۾ صاف سُرن جو امڪان نہ ٿو رهي.

وضاحت: لفظ 'مجون يا مجئون' هولي‌ءَ جي لهجاتي فرق سبب استعمال ٿيندو آهي.

مثال: مان وجان ٿو.

ضميري گردان موجب	فعل جي نوعيت
مان وجان ٿو.	فعل لازمي
اسين وجُون/ وجئون ٿا.	فعل لازمي
تون وجين ٿو.	فعل لازمي
توهان وجو ٿا.	فعل لازمي
هو وجي ٿو.	فعل لازمي
هوءَ وجي ٿي.	فعل لازمي
اهي وجن ٿا	فعل لازمي

مٿئين گردان مان اهو واضح ٿئي ٿو ته 'وڃڻ' فعل ۾ گھٽي وينجن سبب 'آن'، 'اُون' ۽ 'اِين' ڏگھن گھٽن سرن ۾ صاف سُرن جو امڪان نہ ٿو رهي.

وضاحت: لفظ 'وجون يا وجئون' هولي‌ءَ جي لهجاتي فرق سبب استعمال ٿيندو آهي.

3.2.1.2. **سنڌي هولي‌ءَ جي مزاج ۾ (نون ساکن جي صورت ۾) اضافي گھٽائپ:**

سنڌي هولي‌ءَ جي مزاج ۾ 'زمان مستقبل' ۽ 'اسم حاليہ' جي نحوي بناوت سبب (نون ساکن جي صورت ۾) اضافي گھٽائپ اچي ٿي، جتي 'گھٽن وينجن سبب گھٽائپ وارو اصول' ڏئي منجهي بيهي ٿو. هيءَ اضافي گھٽائپ گھٽي قدر 'ڏندوين آوازن' سبب نہ رڳو ظاهر ٿئي ٿي، ليڪن صورتخطيءَ ۾ باقاعده جاڻائڻي پوي ٿي؛ هيٺ اهڙا مثال جائزي طور پيش ڪجن ٿا:

هولي‌ءَ جي نحوي نزاڪت موجب صاف وينجن سان عام مثال:

مثال: 'ن لکان ٿو:

ضميري گردان موجب	فعل جي نوعيت
مان لکان ٿو.	فعل متعدي مجهول
اسين لکون ٿا.	فعل متعدي مجهول
تون لکين ٿو.	فعل متعدي مجهول
توهان لکو ٿا.	فعل متعدي مجهول
هو لکي ٿو.	فعل متعدي مجهول

هوءَ لکي ٿي.	فعل متعدي مجهول
اهي لکن ٿا.	فعل متعدي مجهول

لکجندڙ/ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ مطابق جيڪي گردان رکيا ويا تن جي چند چاڻ مان جيڪا اهر ڳالهه سامهون آئي آهي، سا آهي ’ڳُهٽن وينجن توٽي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن ڳُهٽن /آن/، /اِين/ ۽ /اُون/ واري ڳُهٽائپ، جيڪا ’ن‘ ڳُهٽي سان لکت ۾ آڻڻ لازمي ٿي پوي ٿي‘. متئين گردان جي بنياد تي ڳُهٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ ڳُهٽائپ کي صورتخطيءَ ۾ لکڻ يا خارج ڪرڻ وارا هيٺيان اصول سامهون رکجن ٿا:

- سنڌي ٻوليءَ جي نحوي نزاکت پٽاندر ڳُهٽن وينجنن توٽي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن ڳُهٽن /آن/، /اِين/ ۽ /اُون/ واري ڳُهٽائپ کي ’ن‘ ڳُهٽي سان لکڻ لازمي آهي.
- ڳُهٽن وينجنن توٽي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ /آن/، /اِن/، /اُن/، /اين/، /آين/، /اون/، /آون/ واري ڳُهٽائپ کي خارج ڪرڻ روا آهي.

هيٺين گهٽن وينجنن جي مثالن کي جملن جي نزاکت موجب جاچي سگهجي ٿو.

1. گهٽي وينجن ’ج‘ جو مثال: مان مجان/ مجيان ٿو.
2. گهٽي وينجن ’گ‘ جو مثال: مان رگان/ رگيان ٿو.
3. گهٽي وينجن ’ڻ‘ جو مثال: مان کٹان ٿو/ مان وٹان ٿو.
4. گهٽي وينجن ’م‘ جو مثال: مان گهمان ٿو.
5. گهٽي وينجن ’ن‘ جو مثال: مان چنان ٿو.

3.2.1.2.1. زمان مستقبل ۽ اسم حاليه جي مثالن ۾ (نون ساکن جي صورت ۾) اضافي ڳُهٽائپ:

- گهٽي وينجن [ج] سبب (نون ساکن جي صورت ۾) گهٽائپ :

فعلي مصدر	زمان مستقبل	اسم حاليه
پڇڻ	مان لٹ پڇندس.	مان لٹ پڇندو، ٻنيءَ تي ويس.
	اسان لٹ پڇنداسين.	اسان لٹ پڇندا ٻنيءَ تي ويا سين.
	تون لٹ پڇندين.	تون لٹ پڇندي، ٻنيءَ تي وئين.
	توهان لٹ پڇندؤ.	توهان لٹ پڇندي،ٻنيءَ تي ويئو.
	هو لٹ پڇندو.	هو لٹ پڇندو، ٻنيءَ تي ويو.
	هوءَ لٹ پڇندي.	هوءَ لٹ پڇندي، ٻنيءَ تي وئي.
	اهي لٹ پڇندا.	اهي لٹ پڇندي، ٻنيءَ تي ويا.

- گهٽي وينجن [گ] سبب گهٽائپ :

فعلي مصدر	زمان مستقبل	اسم حاليه
رگڻ	مان ڪپڑا رگيندس.	مان ڪپڑا رگيندو، بازار ويس.
	اسان ڪپڑا رگينداسين.	اسان ڪپڑا رگيندا، بازار ويا سين.
	تون ڪپڑا رگيندين.	تون ڪپڑا رگيندو، بازار وئين.
	توهان ڪپڑا رگيندؤ.	توهان ڪپڑا رگيندي، بازار ويئو.
	هو ڪپڑا رگيندو.	هو ڪپڑا رگيندو، بازار ويو.
	هوءَ ڪپڑا رگيندي.	هوءَ ڪپڑا رگيندي، بازار وئي.
	اهي ڪپڑا رگيندا.	اهي ڪپڑا رگيندي، بازار ويا.

- گھٽي وينجن [ڻ] سبب (نون ساکن جي صورت ۾) گھٽائپ :

فعلي مصدر	زمان مستقبل	اسم حاليه
ڪٽڻ	مان ڪتاب ڪٽندس.	مان ڪتاب ڪٽندو، اسڪول ويس.
	اسان ڪتاب ڪٽنداسين.	اسان ڪتابَ ڪٽندا، اسڪول وياسين.
	تون ڪتاب ڪٽندين.	تون ڪتاب ڪٽندو، اسڪول وئين.
	توهان ڪتاب ڪٽندؤ.	توهان ڪتاب ڪٽندي، اسڪول ويئو.
	هو ڪتاب ڪٽندو.	هو ڪتاب ڪٽندي، اسڪول ويو.
	هوءَ ڪتاب ڪٽندي.	هوءَ ڪتاب ڪٽندي، اسڪول وئي.
	اهي ڪتاب ڪٽندا.	اهي ڪتاب ڪٽندي، اسڪول ويا.

- گھٽي وينجن [ر] سبب (نون ساکن جي صورت ۾) گھٽائپ :

فعلي مصدر	زمان مستقبل	اسم حاليه
گھمڻ	مان گھمندس.	مان گھمندو، گھر ويس.
	اسان گھمنداسين.	اسان گھمندا، گھر وياسين.
	تون گھمندين.	تون گھمندو، گھر وئين.
	توهان گھمندؤ.	توهان گھمندا، گھر ويئو.
	هو گھمندو.	هو گھمندو، گھر ويو.
	هوءَ گھمندي.	هوءَ گھمندي، گھر وئي.
	اهي گھمندا.	اهي گھمندا، گھر ويا.

- گھٽي وينجن [ن] سبب (نون ساکن جي صورت ۾) گھٽائپ :

فعلي مصدر	زمان مستقبل	اسم حاليه
پنڻ	مان دعائون پنندس.	مان دعائون پنندو، گھر ويس.
	اسان دعائون پننداسين.	اسان دعائون پنندا، گھر وياسين.
	تون دعائون پنندين.	تون دعائون پنندو، گھر وئين.
	توهان دعائون پنندؤ.	توهان دعائون پنندا، گھر ويئو.
	هو دعائون پننو.	هو دعائون پنندو، گھر ويو.
	هوءَ دعائون پنندي.	هوءَ دعائون پنندي، گھر وئي.
	اهي دعائون پنندا.	اهي دعائون پنندا، گھر ويا.

جڙندڙ راءِ: واضح رهي ته ڏندوين (ڏندائين) آوازن جي اڳيان ايندڙ 'نون گھٽو' قريب مخرج سبب 'نون ساکن' جي صورت ۾ بدلجي ويندو آهي. 'پجندس' ۾ 'ج' گھٽي وينجن تي چوڻن سُرن سبب ايندڙ گھٽائپ 'نون ساکن' ۾ تبديل ٿئي ٿي جڏهن ته ڏگھن

سُرن سان اها گھٹائپ يا ساکن صورت کونہ ٿي بيهي؛ جيئن: 'پجائيندس'، جنهن سبب ڏنڊوين آواز 'د' کان اڳ ايندڙ گھٹائپ (نون ساکن جي صورت ۾) کي اضافي گھٹائپ کونجي ٿو، جيکا سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ شامل آهي.

3.2.1.2.2. ضمير واحد غائب جي جملن ۾ صاف وينجنن سان گھٹائپ:

فعلي مصدر	وياکرڻي اصطلاح	جملو
پڙھڻ	زمان مستقبل	هو ڪتاب پڙھندو.
	اسر حاليہ	هو ڪتاب پڙھندو، گھر آيو.
مارڻ	زمان مستقبل	هو نانگ ماريندو.
	اسر حاليہ	هو نانگ ماريندو، ٻڌيءَ تي ويو.
لکڻ	زمان مستقبل	هو سبق لکندو.
	اسر حاليہ	هو سبق لکندو، راند تي ويو.
کيڏڻ	زمان مستقبل	هو راند کيڏندو.
	اسر حاليہ	هو راند کيڏندو، گھر ويو.
کائڻ	زمان مستقبل	هو ماني کائيندو.
	اسر حاليہ	هو ماني کائيندو، کر تي ويو.

مٿين گھٹن وينجنن ۽ صاف وينجنن سان ڏنل جملن ۾ اهر ڳالھ اها نظر آئي تہ صاف وينجن توڙي گھٹي وينجن جي هوندي، زمان مستقبل توڙي اسر حاليہ ۾ فعلي صورت واري بيهندڙ لفظ ۾ 'نون گھٹي' جو اضافو ڪرڻو ٿو پوي، جيکو [اَندو] يا [اِيندو] آواز جي پچاڙي ڳنڍڻ سان بيهي ٿو.

ان صورت ۾ اها ڳالھ تہ طئ ٿي چکي تہ لازمي ناهي تہ هر جڳھ تي 'گھٹي وينجن' سبب ان جي گھٹائپ ختم ڪئي وڃي!

ٻي ڳالھ اها واضح ٿي بيٺي تہ اهڙن فعلي گردانن ۾ جتي [دو] يا [دا] جي پچاڙي اچي ٿي، تہ ڏنڊوين آواز [د] سبب ان کان اڳ 'نون گھٹي'- جيکو قريب آواز سبب 'نون ساکن' ۾ بدلجي وڃي ٿو- جو اچڻ يا لکڻ لازمي ٿي پوي ٿو: توڙي جو ان کان اڳ گھٹو وينجن هجي يا صاف وينجن!

ان بحث جو نچوڙ اهو نڪتو تہ فعلي گردان موجب [د] آواز جي اثر ڪري نون گھٹي يا نون ساکن جو اضافو ڪرڻو ٿو پوي.

ڪافي اهڙا لفظ آهن جن کي هڪ محدود اصول ۾ قاسائي انهن جي گھٹائپ کي صورتخطيءَ مان خارج ڪيو ويو آهي، جن جي وچولي لهجي موجب گھٹائپ يقيني ظاهر ٿئي ٿي. فرض ڪريو تہ 'ماڻهون' ۽ 'ڏاڙهون' ۾ آخري ڊگھو گھٹو سُر ساڳيو آهي، ليکن لکڻ ۾ صورت ساڳي نہ ٿي رکي وڃي. پراڻن ڪتابن ۾ 'ماڻهونءَ' لفظ جي آخر ۾ 'نون گھٹي' جو اضافو ڪيو ويندو هو، جيکو آوازن جي بنيادن تي درست هو. ان جو اهم سبب، جيکو مٿي اصولي طور تي اخذ ٿيو سو اهو آهي تہ گھٹن وينجنن جو آخري ڊگھو سُر [اُو] آواز، گھٹو ٿي سگھي ٿو. لفظ 'ماڻهو' (م + آ، ڻھ + اُو) جي درست آواز لاءِ آخري صاف ڊگھي سر لاءِ چپن کي گول ڪرڻو ٿو پوي، جيکو صاف سُر سان ڏکيو ٿو رهي، چوتہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڳالهائندڙ آساني

سان ڳالهائڻ چاهيندو آهي. ڊاڪٽر الانا لفظ 'ماڙهو' کي ذهن ۾ رکي 'ماڻهو' جي صورت کي درست پائڻي ٿو. ذاتي راءِ مطابق ٻوليءَ جي درست آوازن جي بنياد تي اهڙن گهٽن وينجنن سبب گهٽن ڏگهن سرن ۾ نون لکڻ کپي.

درست گهٽي ڏگهي سر نہ کڻڻ سان وات جي کوپي ۽ چپن جي ڏول جي حالت ڏکيائي پيدا ڪندي، اها ٻي ڳالهه آهي ته لکڻ جي سهوليت خاطر اهڙي سفارش سولائي ڏانهن سڏ عمل هجي. جو ته لفظ 'ڏاڙهونءَ' ۾ ته آخري ڏگهي گهٽي سر جو اضافو ڪيون ويٺا آهيون، باقي 'ماڻهونءَ' ۾ رڳو 'ڻ' جي گهٽائپ ڪري آخري ڏگهي گهٽي سر کي رد ڪيون، اها ڪا علمي راءِ ڪانهي، بلڪ سهل پسندي آهي.

ٻوليءَ جي گهرجن سبب اهڙن لفظن مان گهٽائپ خارج ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، فرض ڪريو ته ڪو عالم اها راءِ ڏئي ته انگريزيءَ وانگر واحد لاءِ 'ماڻهو' ڪر آڻجي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ جمع واري پڇاڙي (Suffix) 'اُون' ڳنڍڻ سان 'ماڻهون' ڪر آڻجي! ته پنهنجي جڳهه تي اهڙي گهرج کي مدِنظر رکي اهڙي گهٽائپ خارج ڪرڻ روا آهي.

مٿي ٻوليءَ جي نزاکت ۽ ضميري گردان موجب گهٽن وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن گهٽن سرن سان 'ڻون' جو اضافو ڪرڻ ضروري آهي، چاکاڻ ته اهو اصول ٻوليءَ جي نحوي بناوت سان به سلهاڙيل آهي. ان موجب لفظ 'ماڻهُون' ۾ 'ڻ' گهٽي وسرگي وينجن سبب پيدا ٿيندڙ ڏگهي گهٽي سر واري گهٽائپ صورتخطيءَ ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي.

جيڪڏهن ٻوليءَ جي گهرج آهر واحد جمع واري فرق رکڻ لاءِ 'ماڻهون' مان 'ن گهٽو' خارج ڪجي ته وڌيڪ بهتر!

322. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ترجيحي صورتن تي ٻيهر نظر:

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهُٽن وينجنن سبب ٻن قسمن جي گهُٽائپ اچي ٿي:

هڪ: اها جيڪا گهُٽن وينجنن سبب ظاهر ٿئي ٿي؛

ٻي: اها جيڪا هم جنس لفظن ۾ صورتخطي/ معنوي فرق جو مونجهارو رکي ٿي؛ جيئن: امان (ماءُ) ۽ مان (آءُ/ منجهان)

ٽي: اها جيڪا جملي جي نحوي بناوت سبب لازمي ڏيکارٽي پوي ٿي.

ڊاڪٽر الانا جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ واري سفارش جا لفظ بيهر جاچجن ٿا: 'اجا، اما، آنو، ٻانهو، ٻاگو، ٽاٽو، چگو، راڻو، مامو.'

ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل	ڏگهو گهُٽو سُر	ترجيحي صورت
اما، اجا	آنُ	امان، اجان
آنو، ٻانهو، ٻاگو، ٽاٽو، چگو، راڻو، مامو	اونُ	آنو، ٻانهو، ٻاگو، ٽاٽو، چگو، راڻو، مامو

ڊاڪٽر الانا جي سفارش ڪيل لفظن ۾ ٻه لفظ 'اجا ۽ اما' گهٽائپ جي اخذ ڪيل اصول موجب اڻ-ٺهڪندڙ آهن؛ چاکاڻ ته ٻي صورت ۾ لفظ 'مان' (آڻون) جي صورت تي به بيهر نظر ڏرڻي پوَندي. مذڪوره لفظ ڏگهن گهٽن سرن واري اصول [آنُ، اُونُ ۽ اِينُ] سان اچن ٿا، جنهن ڪري ان ۾ ٽورو احتياط ڪرڻو پوي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ 'درست ٻوليءَ جي استعمال' بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. ان ۾ گروپ ٻئين جي عالمن جي راءِ مطابق 'امان' جي صورتخطي متعين ڪئي وئي هئي:

"ڪجھ لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجھ لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن، انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

اما = امان (صحيح)". (جويو، 1999 الف: 71- 73)

بهرحال، 'اجا ۽ اما' جي درست صورتخطيءَ لاءِ 'اجان ۽ امان' جي سفارش ڪجي ٿي. ٻي صورت ۾ [اُونْ ۽ اِينْ] وارن ڊگهن گُهٽن سرن واري گُهٽائپ کي صورتخطيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ زوردار سفارش ڪجي ٿي. هيٺ اهڙا لفظ ڏجن ٿا:

اخذ ٿيل اصول موجب هيٺ اهڙن لفظن جي درست صورتخطيءَ لاءِ سفارش ڪجي ٿي:

'آنْ' ڊگهي سُر سبب:

موجوده صورتخطي	ڪر آندل ڊگهو گهٽو سُر	سفارش ڪيل
اما	آنْ ڊگهو سر	امانْ
اجا	آنْ ڊگهو سر	اجانْ
لگا	آنْ ڊگهو سر	لگانْ
چٽا	آنْ ڊگهو سر	چٽانْ

'اُون ڊگهي سُر سبب:

موجوده صورتخطي	ڪر آندل ڊگهو گهٽو سُر	سفارش ڪيل
ماٺُهو	اُونْ ڊگهو سر	ماٺُهونْ
ميُو	اُونْ ڊگهو سر	ميُونْ
ڏنُو	اُونْ ڊگهو سر	ڏنُونْ
رمُو	اُونْ ڊگهو سر	رمُونْ
رنُو/ رنُون	اُون ڊگهو سر	رنُون

'اِين' ڊگهي سُر سبب:

موجوده صورتخطي	ڪر آندل ڊگهو گهٽو سُر	سفارش ڪيل
سڱِين	اِينْ ڊگهو سر	سڱِين (ساڳي)
نِينهن	اِينْ ڊگهو سر	نِينهن (ساڳي)
مِينهن	اِينْ ڊگهو سر	مِينهن (ساڳي)
وڻِين ٿو	اِينْ ڊگهو سر	وڻين ٿو. (ساڳي)

مٿئين مختصر اپياس جو مدار محمد ابراهيم جوئي جي ڇاڻايل ترجيحي صورت: 'وڃين/ وڃي ۽ ڪٽين/ ڪٽي' بابت استعمالي فرق جي ڏنل راءِ تي آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ صاحب موصوف جو ڳالهائجندڙ ٻوليءَ تي گهري نظر آهي. ان بنياد تي علمي ادارن اڳيان نماٽو عرض رکجي ٿو تہ اهڙن باريڪ

مونجهارن ۽ گهُرجن کي حل ڪرڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ لاءِ، بجاءِ ڪنهن بند ڪمري ۾ چند عالمن کي مدعو ڪرڻ جي، هر لهجي جي ماهرن ۽ پڑهائيندڙ ماهر استادن کي شامل ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙن نڪتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اپياس ڪرايو وڃي.

حوالا/ ذريعا

- **الانا، غلام علي ڊاڪٽر** (2005) سنڌي هوليءَ جو اپياس _ ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **الانا،غلام علي، ڊاڪٽر** (1993ع) سنڌي صورتخطي- حيدرآباد: سنڌي هوليءَ جو با اختيار ادارو.
- **جويو، محمد ابراهيم**(2008ع) پيش لفظ. آپ بيتي- جگ بيتي *(ايم. ايڇ پنهور جي آتم ڪهاڻي)* مترجم: *حاڪم علي شاه بخاري*،ص:xi—xii. حيدرآباد: فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايڇ پنهور ٽرسٽ.
- **ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر** (1985ع) شاهه جو رسالو _ پٽ شاهه: پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
- **جتوئي، علي نواز، پروفيسر** (1996ع) علم لسان ۽ سنڌي زبان- ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **جوڪيو، الطاف حسين** (2011ع) سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڪب صورت جو معاملو. ايڊيٽر: تاج جويو. *سنڌي هوليءَ: تحقيقي جرنل*، 4 (4)، 48- 88. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **جويو، تاج** (1999ع) ايڊيٽر. درسي ڪتابن ۾ درست هوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن پاران پيش ٿيل سفارشون. *سنڌي هوليءَ: ڇماهي تحقيقي جرنل*، 1 (1)، 71- 73. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **جويو، محمد ابراهيم** (2006ع) اڄ وري مهراڻ آيو مؤج ۾ (سائين محمد ابراهيم جويي جو انٽرويو) ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماهي مهراڻ، گولڊن جوبلي نمبر. 56 (2 ۽ 3)، 11- 19. ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **جيٺلي، مرليڌر، ڊاڪٽر** (1999ع) هوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، دهلي: اڪل پارتيه سنڌي ساهتيه
- *سيد محمد سليم پروفيسر* (1981ع). اردو رسم الخط . مقتدره *قوی زبان کراچی* .
- **شيخ، واحد بخش** (1986ع)- سنڌي هوليءَ جو صرف ۽ نحو، پاگو پهريون _ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
- **مرزا، قليچ بيگ** (2006ع) سنڌي وياڪرڻ- ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

Joyo, Muhammad Ibrahim [1905] 2007, forward to the fourth edition, The Sindhi Instructor, compiled by: Munshi Anandram. 9- 12. Jamshoro: Sindhi Adabi Board.

سنڌ جو ڏاهو ۽ ڏات ڏٺي
محمد ابراهيم جويو

موتي رام ايس. راموائي

سنڌ جو بزرگ اديب ۽ عالم، ودوان ۽ سڃاڻ، هن وقت بمبئي ۾ آيل آهي، هيءُ سڄڻ ڏاهو ۽ دانشور آهي، هڪ انسان دوست آهي انسانيت جا انگ ۽ لنگ، منجهس ڪوٽان ڪوٽ پريل آهن، جي سڄڻ سندس ويجهو آيا ۽ جن سندس سڪ حاصل ڪيو، سي پاڻ کي سنڌن چڪيندڙ مقناطيسي اثر کان آجو نہ ڪري سگهندا.

پاءُ ابراهيم جويو 9- مارچ تي رات جو بمبئي ۾ پهچي ويو. هن صاحب 10- مارچ تي ڏينهن جو پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سينٽر 'سيتا سنڌو پون' ۾ پنهنجي تقرير ۾ ٻڌايو:

"مان 24 سالن کان پوءِ بمبئي ۾ آيو آهيان، ان جو هڪ خاص مقصد به آهي. منهنجو پنهنجو مرشد منهنجو استاد دادا ڄينمل پرسرام هتي 1947ع ۾ آيو ۽ هتي ئي در ڏنائين. آءٌ هتي دادا جن جي سپتورام گلراج جي دعوت تي آيو آهيان.

دادا ڄينمل سنڌيءَ جو وڏو عالم ۽ اديب، سنڌ جو وڏو صوفي بزرگ ۽ فقير تن انسان هو. هو شاهه عبداللطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ پرچارڪ هو سنڌ ۾ هن جا سنڌي ساهت ۽ سماج شيواڪاري جي ڪيترن ۾ ڪيئي تاريخي نقش ڇڏيل آهن. پاڻ ڪيئي اَملهه ڪتاب لکيائين جن مان ڪيترا اڃ ڇپيل رام گلراج وٽ هتي پيل آهن.

"پاءُ رام جو آءٌ نهايت شڪرگذار آهيان اعليٰ جنهن مون کي هتي سڏيو آهي تہ دادا صاحب جا اهي قلمي ڪتاب ڏسان ۽ پڙهان، سهيڙيان ۽ سموهيان ۽ پڻ کي هر خيال دوست گڏجي ويهي سوچين تہ انهن جي ڇپائي ۽ اشاعت جا هتي يا سنڌ ۾ ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪري سگهن ٿا، ان ڪر جي سلسلي ۾ مان هتي آيو آهيان."

شري ابراهيم جويو هڪ هاريءَ جو پٽ آهي، اصل تيرٿ لکيءَ جي پر ۾ ننڍي ڳوٺ آباد، تعلقي ڪوٽڙيءَ جو ويڙل آهي. سندس جنم 13- آگسٽ 1915ع تي ٿيو. جويا قوم جا ماڻهو سنڌ ۾ ٿورا آهن، پر پنجاب راجستان ۽ بهاولپور طرف انهن جو تعداد وڌو آهي، جويا راجپوت آهن.

ابراهيم جويي پنهنجي شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ آباد، سن ۽ پوءِ سنڌ مدرسي ۽ ڊي.جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي. آخر ۾ بمبئي ۾ به پڙهڻ ويو. بي.اي، بي.ٽي پاس ڪيائين. 1928ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ماستر بنيو. پوءِ تعليم ڪاتي تي وڏن عهدن تي رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري، چيئرمن ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو سيڪريٽري ۽ ميمبر به رهيو. 1963ع ۾ رٽائر ڪيائين. ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ ترجمان به آهي.

سنڌيءَ ۾ سندس آيل 19 ڪتاب آهن ۽ انگريزي ۾ ست. سنڌ مدرسي ۾ ڪجهه سال ماستري

ڪندي هن هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيو، جنهن جو نالو هو 'سير سنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ'. انهي ڪتاب لکڻ تي سنڌ مدرسي جي پريزيڊنٽ پير الاهي بخش هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو.

شري ابراهيم جويو 1951ع کان 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. ان دور ۾ هن صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ ۾ وڏيءَ محنت سان ڪم ڪيو. ڪجھ وقت "مهراڻ" ٽماهي رسالي جي ايڊيٽري به ڪيائين. اهو سڀ ڪم هن شيوا ڀاو ۽ مشينري جذبي سان ڪيو. انن سالن ۾ هن جو ڪم ڪري ڏيکاريو، اهڙو مثال ڳوليو نه لهندو، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت جو ڪم شري ابراهيم جويي هڪ قوم پرست سنڌي شيوڪ ٿي ڪيو.

ڀاءُ ابراهيم جويي جو هڪ ڪتاب 'شاهه-سچل- سامي هڪ مطالعو' نهايت لوڪپريه ثابت ٿيو آهي. هن ڪتاب جو پنجون ڇاپو آگسٽ 1990ع ۾ نڪتو آهي، پنجين ڇاپي لاءِ به اکر ۾ جويي صاحب هن ريت لکيو آهي: "زير نظر ڪتاب 'شاهه- سچل- سامي هڪ مطالعو' جنهن جو پهريون ڇاپو فيبروري 1978ع ۾ پٽرو ٿيو، اصل ۾ هڪ خاص مضمون طور لکيو ويو هو، ته جيئن ان کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتي، شاهه سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ("شاهه جي رسالي ۽ رسالي سچل سرمست" ۽ ساميءَ جي سلوڪن") جي ڏن جلدن جي هڪ ئي خصوصي اشاعت (ڊسمبر 1978ع) لاءِ مهاڳ طور پيش ڪيو وڃي.

5- جولاءِ 1977ع تي ضياءالحق وارو خوني مارشل لا لڳي ويو هو ۽ خاص طرح سنڌ جي سڄي فضا هڪ وڏي گھٹ ۽ ٻوسٽ ۾ وريل هئي. مارشل لا ڪان اڳ پيپلز پارٽي حڪومت جي پوئين سال (1976ع) ۾ سنڌ دشمن، رجعت پرست حلقن، خاص طور جماعت اسلاميءَ جي نظرياتي بلئڪ ميل جي ڏهاءُ ۾ ايندي حڪومت سنڌ شير شاهه جي شڪري جو ڪم ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڪتاب ۽ رسالا هڪ ئي قلم جي نوڪ سان ضبط ڪري ڇڏيا.

دوستن جو انديشو هو ته اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن هن مهاڳ سان اها ڏن جلدن وارو ايڊيشن شايع ٿيو ته پڪ ئي پڪ اهو به ضبط ٿي ويندو. انهيءَ خيال سان ٻوءِ فيصلو ڪيو ويو ته ان خصوصي ايڊيشن لاءِ الڳ هڪ ستو سادو ۽ ننڍو مهاڳ لکيو وڃي ۽ هي مضمون بدا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي. ائين هيءُ ڪتاب جڏهن پهريون پيرو پٽرو ٿيو ته هڪ ئي مهيني ۾ ان جو پهريون ڇاپو وڪامجي ويو. ترت ئي ان جو ٻيو ڇاپو ٽي هزار (3000) ڪاپين جو آنڊو ويو ۽ ان کان پوءِ هڪٻئي پٺيان هن جا وڌيڪ ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن. ان طرح ڪتاب جو هيءُ پنجون ڇاپو آهي جو سنڌي ادب جي باشعور ۽ باذوق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

ڪتاب جي هن نئين ڇاپي سان شامل آخر ۾ موضوع سان لاڳاپيل پنج سنڌي مضمون "آسين ۽ شاهه"، "نئون نياپو"، "سنڌ ۽ سنڌيت"، "سنڌ منهنجي خوابن جي" ۽ "ڇچ ۾ قطاران...." ۽ هڪ انگريزي مضمون "Sindh and the message of Shah" به شامل آهي.

ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ شري جويي لکيوآهي:

"ٻولي جيڪڏهن ڪنهن قوم يا سماج جي سڄي تجربي جي ياداشت آهي ۽ جيڪڏهن ڳالهه ان جي بهترين شاعريءَ جي هجي ته ان جي افاديتن به ان لاءِ اهڙي ٿي انوکي، سڄي ۽ اعليٰ ٿي سگهي ٿي. هن مطالعي ۾ مون شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر جي انهيءَ اهميت ۽ انهيءَ افاديت جي ڳالهه ڪئي آهي."

"..... پنهنجي تاريخ، پنهنجي ادب ۽ پنهنجي سڄي تهذيبي ورثي جي حاصلات مان شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ۾ سنڌي سماج لاءِ ان راهه جو هن وقت ڪهڙو ڏس موجود آهي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اسان هرهڪ تي اڄ پهريون فرض آهي، مون هن ڏس ۾، انهيءَ ڏس لهڻ جي پنهنجي پر ۾ هڪ ڪوشش ڪئي آهي."

(هند واسي، بمبئي، 7- اپريل 1991ع)



محمد ابراهيم جويو

ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي

آرزو ابراهيم جي، ڪئي پوري پالٿهار،
الله ڏني "اڪبر" چوي وڏي جام جمار،
خوشيون بيحد بيشمار، جويو ڪري ٿو جڳ سان.
(اسير قريشي)

سنڌ ڏرتيءَ تي ڪيترن ئي اعليٰ پايي جي عالمن، شاعرن، مفڪرن، مفسرن، مترجمن، محققن، اديبن، ليکڪن، سياستدانن، تعليمدانن ۽ تاريخدانن جنم ورتو پنهنجي پنهنجي حصي جي ڪم کي پنهنجي پنهنجي مقام تي علم و ادب وغيره جي خدمت ڪري نالو ڪمايو آهي. ڪِن ماضيءَ جي مقالن/ مضمونن جي ذريعي اپنڌار ڪئي آهي ته ڪِن وري حال تي نظر وجهي پاڻ ملهايو آهي ۽ ڪِن ماضي ۽ حال کي گڏي مستقبل کي پنهنجي ڏيان جو مرڪز ۽ محور بڻايو آهي. اهڙين شخصيتن مان محمد ابراهيم جويو به هڪ آهي، جيڪو خدا تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان سئو سالن جو ٿي ويو آهي.

"اسير" ابراهيم کي ٿيو پورو سؤ سال،
الله ڪيون ان تي ڪَئين پلايون پال،
خوب ٿيو خوشحال، ڏسي جشن جڳ سان.
(اسير قريشي)

جويو صاحب پنهنجي صد سالہ زندگيءَ جو اڻ ڳڻ پندار آهي. ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين پنهنجي سڄي ئي سؤ سالہ تاريخ سانڍيون پيو اڇي. ان تاريخ مان جويي صاحب اسان کي مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ ڪيترو ئي سرمايو ڏنو هوندو. سندس ڪارنامن ۽ خدمتن کي چند صفحن ۾ محفوظ ڪرڻ، جڏ ته "سمنڊ کي ڪُوزي ۾ بند ڪرڻ جي مترادف ٿيندو."

اڄ اسان جي اها خوش بختي ۽ خوش قسمتي آهي جو جويي صاحب جي سؤ سالہ سالگرهہ جي موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ مهراڻ رسالي جو خاص جويو نمبر ڪڍي رهيو آهي. هن کان اڳ سنڌي ادبي بورڊ ڪجهہ نمبر پڌرا ڪري چڪو آهي، تن ۾ هيءُ نمبر به پنهنجو مُلهہ پاڻ ٺهرائيندو ۽ اهڙن نمبرن ۾ اهم جاءِ والارينڊو. آڏ ڪافي ڏينهن کان وٺي اِن سوچ ويچار ۾ مبتلا آهيان ته سنڌ جي هن هيڏي وڏي شخصيت تي ڇا لکان! ڪيئن لکان! جي لکان ته ان کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح نيايان! منهنجي وس ۽ پهچ کان اِها ڳالهہ بنهہ ڏور آهي، نيٺ پهہ پچائيندي جويي صاحب تي لکڻ جي تمنا ڪندي، يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳڻائڻ جي ادنيٰ ڪوشش ڪئي اٿم.

مون جويي صاحب جا ليک مختلف اخبارن ۾ پڙهيا آهن جي هن وقت اکين کان اوجهل آهن، پر سندس تحريرن ۾ دلڪشي ۽ جاذبيت، رواني ۽ سلاست اڄ به اکين اڳيان ڦريو ٿي اچي. سندس تحرير جو انداز نرالو ۽ نيارو آهي جيڪو نہ چاهيندي به پڙهندو، سو سندس ساراهہ جا ڍُڪ پيو پرينڊو ۽ رڄ ئي نہ ڪندو، پر ائين پيو چوندو ته جيڪر هر هر پيو پڙهجي ۽ جويي صاحب کي پيو داد ڏجي، چو ته

هُو اِن ئي داد جو مستحق آهي.

دل سان سيئي داد، ڏيو ڏاهي ڏات ڏٽيءَ کي،
"اسير" مٽس امداد، مولا ڪئي مهر سان.
(اسير قريشي)

جويي صاحب ادب جي زمين ۾ خوب کيڙي آهي ۽ نوان نوان گس ۽ گوشا اسان کي پئي آڇيا آهن جيڪي اسان ۽ اسان جي نئين نسل لاءِ هڪ بهترين سرمايو آهن. ان سرمايي کي سائين ۽ ان جي تحقيق ڪرڻ محققن جي لاءِ هڪ برجُستو پيچرو آهي.

جويو صاحب ته ترقي پسند اديب ۽ عالم آهي، هن پنهنجي وقت ۾ سنڌ سان جيڪي هاڃا ڏٺا، سي سڀ ڪيس ياد هوندا. جيئن ون يونٽ جو قهري قيام، سنڌ ۾ ڏارين جي آباد ڪاري، سنڌ ۾ ايرآرڊي جو عرصو يا ضياءالحق جي مارشل لا جهڙا ڪوڙ سارا مسئلا ۽ مرحلا پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽ ڪنن سان ٻُڌا آهن جن تي جويي صاحب ڪافي ڪجهه لکيو آهي جيڪو اخبارن ۽ رسالن يا مختلف ڪتابن جي زينت بڻيل آهي. ليڪن اسان انهن مسئلن تي اڃا سنجيدگيءَ سان سوچيو ۽ نہ آهي. جيڪا هڪ وڏي خامي آهي.

محمد ابراهيم جويو هڪ صديءَ جو راز ۽ آواز آهي، آواز سان گڏوگڏ آغاز ۽ آهي. خدا تعاليٰ جي بارگاهه ۾ دعاگو آهيون ته اڃا ۽ ڪيس عمر دراز ملي ۽ سنڌي ادب جي ميدان ۾ ڪي نوان گل ٻوٽا، سنڌ سڀاجهيءَ کي ارپيندو ۽ آڇيندو رهي.

سنڌ جو هيءُ دور ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي ۽ گذري. ڇو ته اسان وٽ قحط الرجال سان گڏوگڏ قحط الاستاد ۽ آهي. جويو هڪ سچار، ايماندار، هڏ ڏوکي ۽ همدرد استاد ٿي رهيو آهي. جويي صاحب جهڙا ماڻهو اسان وٽ آگرين تي ڳڻڻ جيترا مس آهن. هيءُ سنڌ جو مهان ڏاهو، سچيت ۽ سرويچ پنهنجي صديءَ جو اڻ منجندڙ ڪتاب آهي. هيءُ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن سنڌ جي هر هلچل ۾ هُل هلاڇو مچائي ڇڏيو آهي. ون يونٽ جي قائم ٿيڻ تي جيڪا هلچل هلي ۽ مانڊاڻ متو، تنهن جو اثر ۽ جويي صاحب تي ڪافي پيل ٿو پائنجي. ون يونٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد جويي صاحب جي ٺهيءَ ڪئي، جن سان خود جويو صاحب ۽ هڪ موڙ تي شامل ۽ گڏ هو. تنهن جو (ون يونٽ) خاتمو آڻي پوءِ وڃي سڪ جو ساهه کنيائون. اهڙا قهري ڪارا قانون سنڌ تي اصل ڪان وڌي مڙهيا وڃن ٿا، جي هڪ وسامڻ تي مس ٿي پهچي ته وري ٻيو اڳيئي تيار آهي. ان جو اهو سبب آهي جو اسان جو همت ۽ حوصلو ڪنهن حد تائين پست ٿي ويو آهي.

جويي صاحب سنڌ جا لاها چاڙهڻ ۽ ڏڻا آهن ته سنڌءَ جون موجون ۽ مستيون ۽ ڏٺيون آهن. انهن ۾، ۽ اڃوڪي هن سائنسي دور ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. سنڌ هر دور ۾ خوشحال پئي رهي آهي. پر جڏهن ڪان واڳن وات ڦاڙيو آهي ته سنڌ جي شادابي ۽ سڪون تباهه ٿيندو رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهه محمد ابراهيم جويي جي اکين اڳيان اڄ ۽ تازو هوندو.

محمد ابراهيم جويو سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هلندڙ ڦرندڙ ڪتب خانو ۽ اٽڪڻ انسائيڪلوپيڊيا جو درجو رکي ٿو. اديبن ۽ شاعرن ۽ عالمن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سندن وفات ڪان پوءِ ڪو مجموعو سندن نالي ڪبو، يا ڪٿي ٻڌ ۾ اهڙو ڪارنامو ڏيکاربو، جو اهو سندن نالي پويان ڳنڊيو اچي. سنڌي ادبي بورڊ اهڙا ڳڃ نمبر ڪڍيا آهن، جي اديبن ۽ شاعرن ۽ عالمن جي وفات ڪان پوءِ پٽرا ٽيا آهن پر هيءَ ڳالهه اهر آهي ۽ ادب جي ميدان ۾ پڻ نئين ليکي ويندي. اها هيءَ ته جويي صاحب کي سندس زندگيءَ ۾ مجتا ڏني پئي وڃي. مضمون/ مقالا لکرائي مٽس هڪ بهترين شمارو ڪڍيو پيو وڃي. جيئن مرحوم طارق اشرف، شيخ ايار، امر جليل ۽ نسيم ڪرل سهٽي نمبر ڪڍي هميشہ لاءِ ڪين امر ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح جويي صاحب پڻ اهڙي حق جو مستحق آهي. جويي صاحب کي زندگيءَ ۾ مجتا يا خوش رکڻ لاءِ اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو پيو وڃي. اهڙيءَ ريت دنيا جهان کي خبر پوي ته جويي صاحب کي سندس زندگيءَ ۾ ادب ۽ احترام جي نگاهه سان ڏنو ۽ ياد ڪيو پيو وڃي.

نئين سنڌ جو اڏيندڙ
محمد ابراهيم جويو

ڊاڪٽر مخمور بخاري

جِت نہ پَکيءَ پير، تِتِ ٽِمکي باھڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪيرُ، ڪاھوڙڪيءَ ڪير ري؟
(شاھ)

سائين محمد ابراهيم جويي 'شاھ، سچل، سامي' ڪتاب ۾ هنن ٽنهي شاعرن بابت لکيو آهي تہ: "هي ٽئي شاعر، نئين سنڌ جا نقيب آهن!" آءٌ ان ڳالهہ کي جيڪڏهن اڳتي وڌائڻ جي همٿ ڪريان تہ چئي سگهجي ٿو تہ: شاھ، سچل، ساميءَ کان اڳتي هڪ جديد ۽ نئين سنڌ جا اڏيندڙ، سائين جي. ايم. سيد، شيخ اياز ۽ ابراهيم جويو آهن. هنن ٽنهي شخصيتن جدا جدا مورچن تي ويهي هڪ نئين سنڌ کي اڏيو آهي. سائين جي. ايم. سيد هزارن سالن کان خودمختيار رهندڙ سنڌ جي قومي حيثيت کي مجرائڻ لاءِ عملي ڪم ۾ ڪيو تہ ان سان گڏ قلمي پورهيو ۾ ڪيو. 'پيغام لطيف'، 'ديار دل، داستان محبت'، 'سنڌ ڳالهائي ٿي'، 'سنڌوءَ جي ساجاھ'، 'سنڌ جا سورما' ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب سن جي سيد، سنڌ جي سجاڳيءَ لاءِ تصنيف ڪري سنڌ آڏو پيش ڪيا. ان کان اڳتي ادب جي مورچي تي سائينءَ جي ڪم جي تسلسل ۾ شيخ اياز، سنڌ جي وجود ۾ پنهنجي پُر اثر شاعريءَ ذريعي هڪ نئون روح ڦوڪيو، اهڙو روح، جنهن ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي پيدا ڪندي، انهن کي اٽڪ ۽ جاڳڻ تي مجبور ڪيو:

منهنجي سنڌڙي، منهنجي جندڙي، سنڌڙي منهنجي ماءُ!
مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنهنجي ڦٽندا سُرخ گلاب!

ڪاتيءَ هيئان ڪنڌ، پوءِ ٻہ نعرا نينهن جا.
سنڌڙي جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مُرڪندي.

هي ماڻهو وِهہ جو ڏڪ ٽيا، جئن لُڪ لڳي، تئن رُڪ ٽيا. اهڙو ادب جي هن مورچي تي هڪ اهڙو شخص ٻہ ٻيئل/ جميل نظر اچي ٿو. جيڪو ڪڏهن ٻہ زماني جي لاهن چاڑهن، جهڪن جهولن، لڳ ساڙيندڙ گرمين ۽ جاتل سجاتل چهرن جي بي حسيءَ کان مايوس نہ ٿيو. دل نہ لاتائين، پر هميشہ اڳي کان اڳيرو نظر ايندو رهيو، ارادي جي پختگي، حوصلي ۽ همت سان ڏرتيءَ طرف ايندڙ هر طوفان کي منهن ڏيندو سهندو رهيو آهي. اهو اردو، اڻل، باهمت، بردبار، فهم فراست ۾ برجستو، مخلص، سچو، ساجاھ ۽ سُرت رکندڙ، ڏرتي جو ڪرو سپاهي، حفاظت ڪندڙ اسان جو سائين محمد ابراهيم جويو آهي، جنهن کي ڏسي، مون کي ڪنهن ڏاهي جا هيءُ لفظ ياد پوندا آهن:

"جسمن جو ٽڪ کا حيثيت نہ ٿو رکي، رڳو روح نہ ٽڪجڻ گهرجن." اها حقيقت آهي تہ جن ٻہ جسر جي ٽڪ کي ڪجهہ نہ سمجهيو، انهن جو روح هميشہ تازو توانو رهيو، اهڙن فردن جا حوصلا پهاڙن جيان اٽل ۽ مضبوط رهيا آهن، هو پنهنجي سائينءَ جي هنن سٽن جا جڙ تہ هوبهو عڪس ٽي پيا آهن:

سُڪا سَنڊَ ڪَڇُن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٽمندي نيٽين، آن کي ڪاهوڙي ڳڏٽا،
ماءُ ڪاهوڙي هليا، ڏکائي دونهان،
ڇپر جا سونهان، ڏوٽين ڏٽ چتائيو!
گنجو ڏونگر گام، پيهي جڙ پروڙئو،
ڪري تن تمام، لوچي لاهوتي ٽٽا!

سائين ابراهيم جويي لاءِ چئي سگهجي ٿو ته هُو سائين جي.ايم.سيد ۽ شيخ ايياز سان گڏ "نئين سنڌ جو اڏيندڙ" آهي. هن جديد سنڌي ادب جي سونهين، مرزا قليچ بيگ کان پوءِ نيون راهون گهڙيون، ٽماهي "مهراڻ" ڪڍڻ کان وٺي شيخ ايياز جي ڪتابن جي مهاڳن لکڻ تائين ئي فقط ڏسجي ته جويي صاحب جو ڪم موتين جيان جرکندي نظر ايندو. ايياز جي ڪتابن جا مهاڳ رڳو ڪي سطحي مهاڳ ناهن، بلڪ اهي سنڌي ادب جا اهي شاهڪار تنقيدي مهاڳ آهن، جن جي حيثيت سنڌي ادب ۾ انتهائي اهم آهي، اهو سچ آهي ته هر شاعر پنهنجي ماضيءَ سان ڳنڊيل هجڻ باوجود پنهنجي دور جو عڪس هوندو آهي. هو جنهن دور ۾ زندهه رهندو آهي. اهو دور مٽس وڌيون ڏميواريون عائد ڪندو آهي. ان صورت ۾ پنهنجي دور جي اهوئي شخص اڳواڻي ڪندو آهي ۽ پنهنجي پنيان ايندڙن لاءِ نم جي ٽڏيءَ چانوَ سمان ثابت ٿيندو آهي.

جويي صاحب، شيخ ايياز جي شاعريءَ جي جيڪا اوک ڏوک ۽ پرک پروڙ ڪئي آهي، اهو ڪم به شاعر جي ڪم کان گهٽ ناهي، چوٽي آهي ته: "هيري جو ملهه جوهري ئي ڪٽيندو آهي." ان صورت ۾ "هيرو" ۽ "جوهري" ٻئي برابر جي حيثيت جا مالڪ هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته "هيري" جي اهميت جو ڪاٽو ڪٽندڙ خود به خداداد صلاحيتن جو مالڪ هوندو آهي، اهو سچ آهي ته جڏهن شيخ ايياز معاشري جي بيقدري ڏسي لکيو ته:

ٽڙياسين دامن صحرا ۾، خوشبوءِ ئي اجائي وئي.

سنڌ جي هن سُرهي گل جي سُڳنڌ کي محسوس ڪرڻ ۽ گل جي نرم پتين کي ڇهڻ جو احساس ڪنهن گداز جسم کي اڳرين سان چيڑڻ ۽ مَڏ جي سرور جهڙو محسوس ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي. اهو رڳو محمد ابراهيم جويو هو، جنهن ايياز جي ڪتابن جا مهاڳ لکي ڪيس سجاڻپ ڏني.

سائين جويي صاحب، شيخ ايياز جي نون (9) ڪتابن جا مهاڳ لکيا. ڏسڻو آهي، ايياز پنهنجن انن ڪتابن جا مهاڳ فقط جويي صاحب کان ئي ڇو لکرايا؟ ان ڳالهه جي شاهدي جويي صاحب جي مهاڳن مان ملي ٿي، جنهن انداز سان هن جديد سنڌي شاعريءَ جي حسناڪي ۽ اهميت هنن مهاڳن ۾ بيان ڪئي وئي آهي، انهن ايياز جي شاعريءَ تي امرتا جي چاپ هڻي ڇڏي آهي. جويو صاحب، ايياز جي ڪتاب: 'هي گيت اجايل مورن جا' جي مهاڳ ۾ سنڌي شعر جي مزاج بابت ڪيڏي نه سهڻي ڳالهه ڪئي آهي: "شعر جي ترنمي سانچن ۾ ايياز اڪثر فارسي بحر وزنن ۽ هندي ڇندن جو ميلاپ ڪيو آهي. مثلاً: زير نظر سڀ گيت (ڪتاب 'هي گيت اجايل مورن جا' ۾ شامل گيت) ماترائن جي حساب سان ٻڌا ويا آهن، پر فارسي بحر وزن تي به انهن مان اڪثر شعر ٺهڪي بيهن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ماترائن جي حساب سان شعر چوڻ مان فائدو اهو ٿو ٿئي ته ان ۾ سنڌيءَ جي ڪنهن به متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرٽو ڪونه ٿو پوي. جيئن فارسي بحر وزن جي تقاضائن مطابق ڪرٽو پوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي بگاڙي جو امڪان نٽو رهي. ايياز جيتوڻيڪ شعر جي ماپن ۽ نمونن جا ڪيئي تجربا ڪيا آهن، پر انهن مان هر هڪ ۾ هن شعري هيئت جي خالص سنڌي روايتن کي بنيادي طور قائم رکيو آهي. بلڪ انهن کي اڳتي نيئي، انهن مان نوان شعري ماپا ۽ نمونا ايجاد ڪيا آهن. (شيخ ايياز جو سڄو شعر، جلد-1، ص 850)

اُن ئي مهاڳ ۾ هڪ ٻئي هنڌ لکيل

آهي: "ايياز جي بولي خالص سنڌ بولي آهي، سنڌي بوليءَ ۾ جيڪا پنهنجي خالص موڙي آهي، وس پجندي هو ان کي ئي ڪم آڻي ٿو (جلد-1، ص 846)." ۽ اهو به سچ آهي ته ايياز نئين دور ۾ ڪلاسيڪل صنفن کي وري لکيو، پر ڪيس ان جي ضرورت ڇو محسوس ٿي؟ ان جو جواب 'پوئنر پري آڪاس' ۾ خود ايياز پاران لکيل هنن سٽن مان اسان کي ملي ٿو:

"بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي، شايد ئي دنيا جي ڪنهن بوليءَ جي مقفيٰ شعر ۾، هم قافيه لفظ، ائين سٽ جي وچ ۾ ملندا. جيئن بيت ۾ آهن. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي ته ان جي پهرينءَ ۽ پوئينءَ سٽ جي آخر ۾ نه قافيو آهي، نه رديف، پر ان جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگي، بيءَ هر صنفِ سخن کان زياده آهي." (جلد-1، ص-13)

هتي جڏهن سائين ابراهيم جويي جي ذڪر ۾ شيخ ايياز جي بيت جو ذڪر نڪتو آهي ته پوءِ ڇو نه ٿورو ٿورو، سنڌي بوليءَ جي انهن خوبصورت جديد بيتن جو ساءُ به چکجي، جنهن جو ذائقو يقيناً روح ۾ نئين تازگي پريندو:

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، رنگ رليل آڪاس،
رُتين رتيون راتڙيون، اڏاڻا احساس،
چٽِ ۾ چوڏهينءَ چند جئن، اُپري ڪائي آس،
پَريان پريان پاس، آيون ڳالهيون ڳُجهه جون.

ايياز، سنڌي شاعريءَ ۾ فڪري تجربا ڪيا، هن ڪلاسيڪل صنفن، بيت ۽ وائيءَ ۾ جديد رنگ پريو ۽ انهن کي انتهائي خوبصورت بڻايو ۽ ان ئي ايياز جي شعر کي جڏهن تز ۽ تيز تنقيد مان گذرڻو پيو ته اها ڏاهپ سائين ابراهيم جويي جي ئي هئي. 'ڪي جو بيجل بوليو' جي مهاڳ ۾ سائين جويو صاحب لکن ٿا:

"فرانس جي اديب، ژان ڪاڪشو (Jean Cocteau) کان ڪنهن پڇيو ته "جيڪڏهن ڪنهن گهر کي باهه لڳل هجي ۽ اُن ۾ اندر هڪ ٻار هجي ۽ هڪ فن پارو هجي، ته تون اندر وڃي ان مان ڇا ٻاهر ڪڍي ايندين؟" جواب ڏنائين ته "آءٌ اتان باهه کڍي ايندس!" ايياز جي شاعريءَ ۾ اها باهه به آهي، پر اُن ٻار ۽ فن پاري ٻنهي جي بچاءَ لاءِ آهي، ايياز اها باهه ڏاڍي ۽ ڪُوڙ جِي ڪوٽ کي لڳائي. اُن ڪوٽ کي ڌاهڻ ۽ پسر ڪرڻ گهري ٿو، ڇو ته اتان ڪروڙن ٻارن ۽ ڪروڙن فن پارن جي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جا سبب ۽ سامان هر وقت گهڙيا، نهندا ۽ ٻاهر ايندا رهن ٿا."

("مون ڏات انوکي آندي آ"، ص 63-62)

هنن مختصر اقتباسن مان شيخ ايياز جي ڪلام جي هر دور ۾ اهميت جو ڪاٽو لڳائي سگهجي ٿو، هر شاهڪار تخليق پنهنجي دور کان گهڻو پوءِ به ايتري ئي معنيٰ دار هجڻ سبب عام مقبول هوندي آهي. جيتري ڪيس پنهنجي دور ۾ مقبوليت حاصل هوندي آهي.

سائين ابراهيم جويو جنهن کي "سڀاجهو ساجَهوَنڊُ" به سڏيو ويو آهي، ان جي شفقت، علميت، شخصيت ان ميوي دار گهاٽي وڻ جيان آهي، جنهن جي محبت ۾ رهندي ڪيترائي وڏا ذهن پيدا ٿيا. ائين ڪٽي چئجي ته سائين جويي صاحب اهڙن ذهنن کي سراڻ تي تکو ڪري، سنڌ، سنڌي بولي، ثقافت، تعليم ۽ تهذيب جي بچاءَ لاءِ ميدان ۾ لاهي، علمي ۽ عملي ڪم ڪرڻ لاءِ کو وڏو هَدف مقرر ڪري ڏنو آهي.

سائين ابراهيم جويي متعلق شيخ ايياز صاحب جا هي لفظ اسان حوالي طور آڻي سگهون ٿا، جيڪي مٿن هُوبهو نهڪي اچن ٿا:

"ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ئي ان ماڻهو جي تشريح آهي!!
ڪيرت ڪاڻياريون گهڻيون، ڪنهن ڪنهن منجهه ڪلان؛
جنهن ۾ جيءَ جلا، ڪانڪي تنهن جو ڪينرو.(ايياز)

محمد ابراهيم جويو:

هڪڙو اَملهه موتيءَ داڻو

ميرزا فياض علي بيگ

اڄ کان سال ڏيڍ اڳ جي ڳالهه آهي، جو آءٌ سب رجسٽرار حيدرآباد جي آفيس مان نڪري رهيو هئس ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب سامهون کان آفيس ڏي اچي رهيو هو. ڪيس اچي سٽڻ قميص پاتل هجي: قميص قدري ڊگهي ۽ ويڪري ۽ ڪجهه ڪجهه ميرانجهڙي هئي. پاڻ آهستي آهستي قدم کڻي آفيس ڏي اچي رهيو هو، ساڻس به همراهه به گڏ هئا. منهنجي نظر جيئن ئي جويي صاحب تي پئي، تيئن يڪدم وڏي ويس ۽ ڪيس ڪيڪاري اندر آفيس ۾ وڃي رجسٽرار واري ڪمري ۾ ويهاري، ڪانئس خير خيريت ۽ خبر چار پڇيم. پاڻ مون کي چيائون ته ڇا حال آهن ميرزا صاحب اوهان جا! اوهان سان گهٽن ڏينهن کان پوءِ ملاقات ٿي آهي؛ آهيو ته خوش! کين جواب ڏنم ته، رب جو شڪر آهي.

بس ائين ساڻن اتي رسمي گفتگو ڪري موٽيس ته ذهن تي ڪيئي يادون گردش ڪرڻ لڳيون... سال 1966ع کان ڪجهه وقت اڳ جويي صاحب کي ڏٺو هئم ۽ ان وقت سندن عمر 51/50 سالن جي قريب هئي ۽ وري جڏهن سال ڏيڍ اڳ ساڻن مليس، تڏهن سندن عمر 98/97 سالن جي لڳ ڀڳ هئي. مون کي اُن سڃي عرصي اندر سندن قد بت ۾ ڪوبه فرق محسوس ڪونه ٿيو. اڄ کان اٽڪل 50 سال کن اڳ مون کين ڏٺو هو؛ اُن وقت به اهوئي قد ڪاٺ، هلڪو جسم، ڪِلين شيو ۽ مٿي جا وار قدري ڇٽيل، باقي جيڪي بچيل سي به سياهه ۽ سفيد گاڏڙ هئا ۽ ان وقت فقط اهو فرق محسوس ڪيم ته اڳ جواني جو جوبن هئس ۽ هاڻي پيريءَ جا آثار نمايان نظر اچي رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس امين منزل گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ هئي ۽ راقم جي نانيءَ ميرزا علي محمد بيگ جي آفيس به گاڏي ڪاتي ۾ اورينٽ هوٽل ۽ سلطان هوٽل جي وچ ۾ هئي. اُن وقت گاڏي ڪاتي ۾ اخبارن ۽ رسالن جو اسٽال هو، جتي اديبن ۽ شاعرن جي بيٺڪ هوندي هئي. افضل هوٽل ۾، جيڪو نانا مرحوم جي آفيس جي بالڪل آمهون سامهون هو، اُتي به اديب ۽ شاعر پيا ايندا هئا. جن مان ڪي ته نانا مرحوم جا واقفڪار هوندا هئا، جيڪي وٽس اچي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا ڪچهريون ڪندا هئا. انهن ڪچهرين مون کي ايترو متاثر ڪيو، جو مون پنهنجو پورو لاڙو شعر و شاعري ۽ مطالعي ڏي رکيو.

مون شاعريءَ سان پنهنجي ادبي سفر جو آغاز ڪري نانا مرحوم جي رهنمائيءَ هيٺ ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ پنهنجي والد ميرزا حامد علي بيگ جي لائبريريءَ جي ڪتابن مان سنڌي ۽ اردو جي افسانن ۽ ناولن جي ڪليڪشن، منهنجي مطالعي جو مرڪز رهي. بس! ته پوءِ مطالعي جي شوق مون کي وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ تي اُتساهيو ۽ مون سال 1966ع کان باقاعده سنڌي ڪتاب خريد ڪرڻ شروع ڪيا ۽ خاص ڪري سنڌي ادبي بورڊ جا ته ڪيترائي ڪتاب بورڊ

جي آفيس مان خريد ڪيم.

تڏهن آءٌ اوير سوير بورڊ جي آفيس ۾ ٽماهي "مهراڻ" رسالي جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد 'گرامي' ۽ نفيس احمد 'ناشاد' وٽ ويندو رهندو هئس ۽ محمد رمضان ڪنبوهه ۽ محمد امين بلوچ سان ملندو هئس، جيڪي ٻئي اسان جي پاڙي ۾ رهندا هئا، تن سان سڻي نيازمندي هئي، جن وٽ به اڇي ڪڇهري ڪندو هئس. اُتي مون جويي صاحب کي سندن آفيس ۾ ڪم ۾ مصروف ڏٺو.

جويو صاحب مون کي انتهائي محنتي، اٽڪل، بهترين منتظم ۽ هڪ سٺو ۽ ڄاڻو ادیب نظر آيو ۽ دل چاهيو ٿي ته ههڙي هم گير شخصيت مان علمي ادبي طور گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو. مون کي جويي صاحب سان ملڻ جو شوق وڌڻ لڳو ۽ هڪ ڏينهن پاڻ ئي همت ڪري جويي صاحب وٽ سندن آفيس ۾ ويس.

پاڻ نهايت خوش اخلاقي ۽ پيار سان مليو ۽ پڇيائون ته اوهان جو نالو؟ ڪيس ٻڌايم، ميرزا فياض علي. جنهن تي مون کان پڇيئين ته اوهان ٽنڊي آغا جي ميرزائن مان آهيو يا ٽنڊي نوڙهي جي؟ جنهن تي کين چيم ته سائين آءٌ ٽنڊي آغا جي ميرزائن مان آهيان. تڏهن پاڻ منهنجي ڪن بزرگن جا نالا ونيِ ٻڌايا ته هنن سان منهنجي پراڻي واقفيت آهي، ۽ پوءِ پڇيائون ته ٽنڊي آغا جي ميرزائن مان اسان جو پراڻو يار ميرزا حامد علي آهي، جو بورڊ جي پريس ۾ ميان علي بخش وٽ ايندو آهي، ان سان اتي ڪافي ڪڇهري ٿيندي آهي؛ اُهو اوهان جو چا ٿئي؟ ڪيس ٻڌايم ته منهنجو والد گرامي آهي تڏهن پاڻ ٻڌايائين ته پاڪستان ڪان اڳ جي ميرزا حامد علي سان منهنجي واقفيت آهي، ڪيس ان وقت به ناولن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو ۽ جڏهن به مون سان ملندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن ناول ۽ ان ناول نگار جي باري ۾ گفتگو ڪندو هو. پوءِ موڪلائي اٽيس ۽ سندن خوش اخلاقي ۽ سهڻو سياڻ ڏسندي، ذهن تي هيءُ لفظ اپري آيا:

هڪڙو اَملهه موتيءَ داڻو
موج ڀري مهراڻ جو
محمد ابراهيم جويو

جويي صاحب جي ان پهرين ملاقات جو ذڪر جڏهن بابا سائينءَ سان ڪيم ته پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ مون کي نصيحت واري انداز ۾ چيائون ته جيترو اوهان سڻن ماڻهن سان ملندؤ اوترو اوهان لاءِ سٺو آهي، جو انهن مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهو ٿا.

جويي صاحب جي پُروقار شخصيت ڏسي آءٌ وٽن وقت به وقت وڃڻ لڳس ۽ جيستائين بورڊ جي آفيس امين منزل گاڏي کاتي ۾ هئي، تيستائين آءٌ وٽن ويندو رهندو هئس. پوءِ جڏهن بورڊ جي آفيس جام شوري منتقل ٿي، تڏهن کان گاهي به گاهي ساڻن ملاقات ڪندو رهندو هئس.

جويي صاحب پنهنجي جوانيءَ جي هڪ يادگار تصوير راقم جي والد ميرزا حامد علي بيگ کي ڏني.

جويو صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو هڪ مڃيل ۽ نالي وارو سيڪريٽري ٿي رهيو؛ جنهن هڪ سڻي منتظم جي حيثيت ۾، هر ڪم پنهنجي نگهداريءَ ۾ ٿي ڪرايو ۽ بورڊ جو پئسو جنهن کي پاڻ قومي امانت سمجهندو هو، اهو به ڪفايت شعاريءَ سان خرچ ڪندو هو. جويو صاحب ڪم جي سلسلي ۾

انتهائي سخت هوندو هو، خاص ڪري پريس جي عملي کي ته واندو ٻه ويهڻ ڪونه ڏيندو هو. جيڪڏهن پريس ۾ ان وقت ڪو ڪتاب ڇاپڻ لاءِ نه هوندو هو ته بورڊ جي لئبرري مان ڪو آڳاٽو ڇپيل سنڌي ڪتاب پريس وارن کي ڏيندو هو ته هيءُ ڪمپوز ڪري ونو، ته جيئن وقت سر ڇپائي سگهجي. ان سلسلي ۾ پريس مئنيجر ميان علي بخش جو ساٿس پورو سهڪار هوندو هو، جيڪو ڪمپازيٽرن تي نظر ٻه رکندو هو ۽ کين جلدي ڪتاب جي اڪلاءَ ڪرڻ جو تاڪيد ٻه ڪندو رهندو هو.

جويو صاحب پاڻ ته هو ئي محنتي ۽ جاکوڙي اديب، پر ڪيس عملو ٻه سنو ۽ محنتي مليو. جن پوري تندهي، محنت ۽ سچائيءَ سان سندن ساٿ ڏنو ۽ اِهوئي سبب آهي جو هن جي دور ۾ تمام گهٽي ۾ گهٽا نايابَ ۽ اَڻ لڀ سنڌي ڪتاب شايع ٿيا. خاص ڪري سنڌي ادب جي نامور ليکڪ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جا ڇاپي توڙي قلمي ڪيترائي ڪتاب جويي صاحب جي دور ۾ ئي بورڊ طرفان شايع ٿيا؛ جنهن سان سنڌي ادب ۾ پڻ سنڌن ڪتابن جو واڌارو ٿيو.

سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ مستحڪم سنڌي ادبي ادارو بنائڻ ۽ خاص ڪري ٽماهي "مهراڻ" رسالي جو سال 1955ع کان ٻيهر باقاعده جاري ٿيڻ، جويي صاحب جي ئي محنتن جو ثمر آهي. جنهن لاءِ سائين جي. ايم. سيد جهڙي عظيم شخصيت پڻ سندن خدمتن کي سراهيندي لکيو هو ته:

"جويي صاحب، بورڊ ۾ پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم ڪونه ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مشنريءَ ۽ هڪ قومپرست سنڌيءَ طور ڪم ڪيو آهي."

اِهوئي سبب هو، جو جويي صاحب کي سندس اعليٰ خدمتن کي مدنظر رکندي، بورڊ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. جنهن وقت هن کي بورڊ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو، اُن وقت پاڻ اسي سالن کان ٻه ٽپي چڪو هو، پر جنهن وقت چيئرمن واري چيئر تي ويهندو هو، ته ان وقت ٻه پاڻ بلڪل اُهائي ساڳي پنهنجي نوجوانيءَ واري ڏِک ڏيندو هو. جهڙي طرح هن ڪاميابي سان سيڪريٽري شپ هلائي تهڙي طرح چيئرمن شپ ٻه هلائي اداري کي ترقي ڏياري.

جويي صاحب سان منهنجون يادگار ڪچهريون تڏهن ٿيون، جڏهن هن منهنجي نهايت ئي پياري دوست ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جي ساٿ سان ڊڪشنري لکڻ وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو. ان وقت هيءُ ڪجهه عرصو اردو بورڊ واري آفيس منظور چيمبر ۾ نياز همايوني صاحب جي اجازت سان اچي ويهندا هئا ۽ پوءِ راحت سئنيما لڳ هڪ جاءِ ونڻي، اُتي هنن بينڪ ڪئي، جتي آءٌ ونڻ ويندو هئس. احمد پائي، جنهن کي اها ڊڪشنري چپڙي هئي، سو ٻه وقت ٻه وقت اتي ايندو هو ۽ اتي ڪيترن ئي علمي ادبي پهلوئن تي گفتگو ٿيندي هئي.

ڊاڪٽر يوسف ڳالهائڻ جو ڏکڙ هو ۽ وري اُن مقابلي ۾ جويو صاحب نهايت گنڀير، ٿور ڳالهائو ۽ خاموش طبع؛ مطلب جي ڳالهه ڪندو ۽ پوءِ وري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويندو ۽ قلم ڪاغذ تي روان ٿي ويندو هو.

ڊاڪٽر يوسف کي ڊڪشنري لاءِ ڪي ڪتاب گهربل هئا. جن مان مون وٽ هڪڙو ڪتاب انگريزيءَ ۾ هو، جنهن ۾ هر جاندار جي رنگين تصوير اُن جي نالن سميت ڏنل هئي. اِهو ڪتاب جڏهن ڊاڪٽر يوسف کي ڏيکاريم ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته ڊڪشنري لکڻ لاءِ هيءُ ڪتاب ڏاڍو ڪارائتو آهي. يوسف اِهو ذڪر جويي صاحب سان ڪندي کين اهو ڪتاب ڏيکاريو، جنهن چيو ته واقعي هيءُ ڪتاب معلومات ڏيندڙ آهي.

ڊاڪٽر يوسف ان ڪتاب مان پنهنجي مطلب جو مواد اتارينڊو رهيو. پوءِ هڪ دفعي مون کي چيائين ته: فياض جي اِهو ڪتاب زرعي يونيورسٽي وارن کي پئسن تي ڏئين ته توکي چگا خاصا پئسا ونائي ڏيان! اُتي احمد پائي ٻه ڪيس سُر ونايو، پر مون بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ يوسف مون کي ڪتاب واپس ڏنو، جو هن وقت منهنجي پُٽ ميرزا دبير حسين وٽ آهي.

جويو صاحب هڪ ڄاڻو اديب، محقق، مترجم، ڪالم نويس، صحافي ۽ هڪ بهترين منتظر آهي، پر انهن سيني خوبين سان ڳڻوگڏ هُو بهترين سياسي بصيرت رکندڙ پڻ آهي؛ توڙي جو پاڻ سياست کان هميشہ سؤ ڪوهہ پري رهيو آهي، تڏهن بہ سڀني سياسي سوچ رکندڙ ۽ گهٽن ئي وڏن وڏن سياستدانن سان سندس واسطا ۽ دوستاڻا تعلقات رهيا آهن.

اهڙي ريت جيئن مذهب جي معاملي ۾ هر ڪو آزاد آهي ۽ هر هڪ جا پنهنجا پنهنجا خيال ۽ پنهنجي پنهنجي راءِ آهي. جويي صاحب جو مغربي ۽ مشرقي علم و ادب جو چگو مطالعو ڪيل آهي ۽ مذهبن، ڏرمن ۽ فرقن جي بہ چگي ڄاڻ رکندڙ آهي، پر هن ڪڏهن بہ مذهب ۾ تنگ نظري جو اظهار نہ ڪيو. مون جڏهن بہ جويي صاحب سان ڪچهري ڪئي، تڏهن هن فقط علم و ادب تي گفتگو ڪئي ۽ علمي گفتگو کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن ڪا سياسي ڳالهہ چيڙي هوندي سا بہ اشارن ئي اشارن ۾ ڪئي هوندي.

ڪجهہ عرصو اڳ ۽ هاڻي بہ چيو وڃي ٿو تہ فلاڻو ادب ترقي پسند ۽ جديد دور جو آهي ۽ اڄ جو ادب جديد دور جو ادب آهي. جويي صاحب جي ٻي دور يعني 1960ع واري ڏهاڪي ۾ اهو چؤبول شروع ٿيو هو. اِن ڏس ۾ منهنجو چوڻ آهي، تہ ادب لاءِ هر دور جديد دور آهي ۽ هر اديب جديد دور جو اديب آهي، پوءِ جيئن جيئن ٻولي ترقي ڪندي رهي ٿي ۽ ملڪي ماحول ۽ حالات بدلبا رهن ٿا، تہ پوءِ لامحالہ ان جو اثر ادب ۽ اديب تي بہ پوي ٿو. جيئن جيئن ٻولي ترقي ڪندي، تيئن تيئن ادب بہ ترقي جون منزلون ماڻيندو ۽ نيون راهون نوان موڙ ادب ۽ اديب لاءِ پيدا ٿيندا رهندا. مثلاً: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو دور قديم ادبي دور ليکيو وڃي ٿو، پر اُن وقت جي لحاظ کان اُهو جديد ادبي دور هو ۽ خود ڀٽائي صاحب جديد دور جو شاعر هو ۽ سندس رسالو ان دور جي جديد ادب جو بي بها علمي ۽ ادبي خزانو آهي.

هاڻي اچو اسان جي محترم بزرگ جويي صاحب تي، جنهن جي نشو نما ۽ تربيت پڻ اڄ کان اسي سال اڳ جي آهي. جنهن جي دور کي پڻ قديم دور ۾ ئي شمار ڪبو؛ پر ائين نہ آهي. ان دور ۾ جديد ادب سنڌي ادب ۾ پوري آب و تاب سان چگي خاصي جاءِ والاري چڪو هو ۽ جديد دور جو ڪافي لٽريچر ٻاهران سنڌ ۾ آيو، جنهن جو سنڌي اديبن چگو خاصو مطالعو ڪري سنڌي ادب کي نوان موڙ ڏنا. جويي صاحب کي جديد دور جو اديب ۽ سندس ڏنل ادب کي جديد دور جو ادب تہ شمار ڪنداسين، پر ائين نہ چونداسين تہ هن تي قديم ادبي دور جو يا هن جي ادب تي قديم دور جو اثر نہ آهي!

جويي صاحب پنهنجي عمر جا لڳ ڀڳ 75 سال سنڌي علم و ادب کي ارپيا آهن. سنڌ ۽ سنڌي قوم سندس قدردان آهي. سندس لاءِ سنڌ جي سر زمين جو اهو آواز صدين تائين فضا ۾ گونجندو رهندو تہ، محمد ابراهيم جويا! تو واقعي سنڌ سان، سنڌي ادب سان ۽ سنڌي ادبي ادارن سان لنئون لڳائي پنهنجو پورو پورو حق ادا ڪيو آهي. تنهنجا سنڌ ۽ سنڌي قوم صدين تائين پئي ڳُڻ ڳائيندي. اي سنڌ جا عظيم رهبر! سنڌ ۽ سنڌي قوم جو توکي سلام آهي...

آخر ۾، هڪ ڳالهہ جيڪا دلچسپ بہ آهي، سا لکي پنهنجي ليک کي پڄاڻي تي پهچايان. ـــ سالن جي حساب کان قطع نظر:- باقي پيدائشي تاريخن جي حوالي سان جويو صاحب پاڪستان کان هڪ ڏينهن وڏو آهي ۽ آڳ وري پاڪستان کان هڪ ڏينهن ننڍو آهيان. يعني جويو صاحب 13 آگسٽ تي ڄائو ۽ پاڪستان 14 آگسٽ تي وجود ۾ آيو ۽ منهنجي جنم جي تاريخ 15 آگسٽ آهي. ان لحاظ کان جويو صاحب پاڪستان کان هڪ ڏينهن وڏو آهي ۽ آڳ وري هڪ ڏينهن ننڍو آهيان. جويي صاحب عمر جي 100هين سال ۾ پير پاتو آهي ۽ مون 64هين سال ۾...

محمد ابراهيم جويو سان ٽيل هڪ ملاقات

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

گهڻي عرصي کان دل ۾ سَڌ هئم ته سائين محمد ابراهيم جويو سان ملاقات ڪريان ۽ کين عرض ڪريان، ته منهنجي ڪتاب تي" ٻه اکر" لکي ڏين (هن کان اڳ منهنجي ڪتابن جا مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مظهرالحق صديقي صاحب، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين اهم شخصيتن لکيا آهن) پر جويو صاحب جي تحرير جي شدت سان ڪمي محسوس ٿئي ڪيم سو سائينءَ کان جڏهن ٽائيم ورتو ويو تڏهن پاڻ تمام خوشدليءَ سان اجازت ڏنائون ۽ گهر پهچڻ تي سهڻي نموني پليڪار ڪيائون. ۽ وڃڻ مهل دروازي تائين ڇڏڻ آيا ۽ مٿي تي هٿ رکي دعائن جي ڇانوَ ۾ مون کي روانو ڪيائون، انهيءَ ٻن ڪلاڪن جي ملاقات منهنجي دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو. جويو صاحب جي لهجي جي ٺاٺ، ميناج، توريل تڪيل جملا ۽ شاهه صاحب جا بيت چوڻ... مطلب ته ايئن پيو لڳي جڏ عِلم ۽ عرفان جو سمنڊ هجي. ڪنهن ڪنهن مهل سندن آواز طبع جي ناسازيءَ سبب جهيڻو پڻ پئي ٿيو، پر ته به تمام وزنائتا جملا جن ڪنن کي هردم متوجهه رکيو، مون سندن هِڪ هِڪ لفظ ۽ هِڪ هِڪ جملو هينيئن سان هنڌايو. وڏي ڳالهه ته مون کي ذاتي طور پڻ پنهنجي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن (ڇپيل ڪتاب ۽ مسودا به آڻ گڏ ڪٽي ويئي هئس) تي ڪارائتا مشورا ڏنائون.

ٿوري ئي وقت ۾ مون کي اندازو ٿيو ته سندن ڏرتيءَ جي آڇپي جي جدوجهد ڪندڙ، قومي تحريڪن جي روح روان هن عظيم مفڪر ۽ دانشور جو نه فقط لطيفي فن سان بي انتها شغف آهي، پر هيءُ شاهه جو عاشق سندس ئي پيغام کي هر دم ورجائيندڙ آهي. چوي پيو ته، "سنڌ واسيو علم سان، عمل سان، عقل سان، جدوجهد ۽ همٿ سان، اڳيان وڌو محبتون پکيڙيو، نفرتن کان پاسو ڪيو، ويچا وساريو، ولر ڪري ڏيو، فقط ۽ فقط امن جا پيامبر ٿي. سندن حياتيءَ جو هر رُخ نهنائي، انڪساري، نيڪ نيتي، محبت ۽ پيار تي مشتمل آهي. سندن ئي لفظن ۾ ته، "مون سنڌ وطن ۾ پنهنجي زندگيءَ جا 99 سال گذاريا آهن. ان ڪري مون کي پنهنجي ڏرتيءَ سان پيار آهي. مون سڄي ڄمار ڪنهن کي به نفرت جي نگاهه سان نه ڏٺو آهي. سنڌ ۽ وطن جي ماڻهن مون کي وڏو پيار ڏنو آهي، زندگيءَ جي ڪنهن به گهڙيءَ مايوس نه ٿيو آهيان."

"شاهه ۽ سچل، سامي" جهڙو ڪتاب سنڌي ادب کي ڏيندڙ شاهه لطيف جي هن شيدائيءَ کي منهنجي ڪتابن جا عنوان پسند آيا ۽ مون کي چيائون ته "بابا توهان کي "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾" "آٿي رائو ريل ۾"، "وکر سو وِهاءِ"، "سونَ ورنيون سوڍيون" نموني جا لطيفي عنوان رکڻ جو خيال ڪيئن آيو؟ وري "وکر سو وِهاءِ" جو مسودو ڪٽي پاڻ اهو سڄو

بيت پڑهيائون، سندن وڏي آواز سان اُچاريل بيت مان، مون کي اندازو ٿيو ته منهنجي مسودي تي لکيل عنوان ۾ لفظ "وِهاڻِ" جي "و" تي زبر ڏنل آهي. يعني "وَهاڻِ" ۽ سائين "وِهاڻِ" پيا اُچارين، مون پنهنجي غلطي محسوس ڪندي ڪانئن هڪدم پڇيو ته، "سائين ڇا اهو لفظ وِهاڻِ ٿيندو؟" تڏهن مُرڪي وراٽيائين، "ها بابا" مون جهڙي ادبي سيکڙات جي غلطي ڪڍي ان کي شرمندي ڪرڻ جي بدران اهو بيت چٽائيءَ سان پڙهي غلط لفظ تي زور ڏئي تصحيح ڪرڻ جو اهو انداز منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو.

ڪتاب "آديسين ادب آهي اکڙين ۾" جو مسودو ڏسي گهڻو پسند ڪيائون. خاص طور ڪتاب جو موضوع، ڪمپوزنگ، لطيفي بيتن تي لڳل اعرابن ۽ ترتيب تي اطمينان جو اظهار ڪندي جويو صاحب مون کي چيو: "ته هن کان اڳ هن قسم جو لطيفيات جو ڪم منهنجي نظر مان ڪو نه گذريو آهي. توهان ڪنهي اهو آئيڊيا ڪيئن آيو؟ ته سنڌي ادب جي انهن ڪتابن جا عنوان جمع ڪريو جيڪي لطيفيات مان ورتل آهن ۽ اهي بيت پڻ ڳولهيو ته ڪهڙي سُر ۽ داستان مان ورتل آهن. مون کي توهان جو هيءُ ڪم ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. Appreciation ڏيندي انگريزيءَ ۾ چيائون ته .

"Baba you are a creative writer, I am Proud of you, I am very pleased to meet you, One cannot imagine such a different and inventive ideas that you have."

جويو صاحب جا پنهنجي لاءِ اهي جملا مون کي وڏو اعزاز لڳا ۽ منهنجي همٽ پڻ وڌي، کين عرض ڪيم ته سائين! مون کي ڪتاب تي به "اکر" لکي ڏيو، ۾ طبعيت ٺيڪ نه هئڻ سبب اها ها نه ڪيائون پر انهيءَ جو سبب واضح ڪندي وراٽيائين ته: "بابا آءٌ ڪنهن به ڪتاب تي تبستائين لکي ڪونه سگهندو آهيان جيستائين اهو مڪمل طور پڙهي نه وڃان، ۽ آءٌ پڙهڻ کان سواءِ لکي ڪونه سگهندس، ڪُڇ جيترو ڪم پيو آهي جيڪو ڪرڻ چاهيان ٿو، ۾ طبعيت ناساز آهي، ان ڪري نه پيو ڪري سگهان، توهان جو ڪم خود ئي مجتا ماڻيندو. مون کي ته خوشي آهي ته سنڌ جون نياڻيون هاڻي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڇڪو اڇتي پيون اچن، توهان محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي قلمي سفر کي وڌائي پنهنجي قوم ۽ خاص ڏيپلي شهر جو مان مٿانهون ڪري رهيا آهيو. (جويو محمد ابراهيم/ميمڻ پروين: 2007ع)

منهنجي نظر ۾ جامي چانديي جا جملا سؤ سيڪڙو صحيح آهن ته: "محمد عثمان ڏيپلائي، غلام رباني آگرو، شيخ اياز، سراج الحق ميمڻ، رسول بخش پليجو، شمشير الحيدري ۽ ٻيا ڪيترا فڪري اڳواڻ اسان کي هن عظيم اسڪالر ۽ فڪري رهنما معرفت مليا آهن، ۽ ڪيترن ادبي نو واردن کي پاڻ اڇ تائين سَنئين ڏڃ لائي رهيا آهن."

سنڌ جي هن مهان ڌاهي، مهربان ۽ ادب پرور شخص سان منهنجي ٽيل اها ملاقات حياتيءَ جو وڏو سرمايو ٿي ويئي، اُنهيءَ وقت اتي ممتاز علي پٺو پڻ ساڻن ملڻ آيو هو، ساڻن گڏ ٻيا ٻه ڪي ماڻهو هئا جن کي ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو ويو هو. سائين اسان وٽان اُٿي ڪجهه دير لاءِ ڊرائينگ روم ۾ ويا. پوءِ پٺو صاحب سندن بيڊ روم ۾ موجود لائبريري ڏسڻ آيو جتي اسين ويٺل هئاسين، ڪمري ۾ موجود ڪتابن جي شيلفن ڏانهن اشارو ڪري، جويو صاحب کان پڇيا ته: "توهان هيڏا سارا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن." سائينءَ مُرڪي وراٽيو ته، هر ڪتاب پڙهيل ۽ پروڙيل آهي ۽ ڪيترن کي مارڪ ڪيو اٿر ۽ مٿن ريمارڪس به لکيل آهن ۽ ضرورت پوڻ تي اهو ڪڍي ونندو آهيان. مون کي ياد آهي ته ڪهڙي ڪتاب ۾ ڪٿي ڇا ڇا لکيل آهي؟" سائينءَ جي مهمانن ۽ ميڊيا وارن جي ڪري مون ڪانئن موڪلايو.

30 ڊسمبر 2007ع تي محمد براهيم جويو صاحب سان ٻن ڪلاڪن جي ٽيل انهيءَ ملاقات ۾ مون ڪانئن گهڻو ڪجهه پرايو ۽ وڏي رهنمائي ملي.

ساهت ۽ ڏاهپ جو ڏيئو ـ محمد ابراهيم جويو

رسول بخش گچيراڻي

سنڌ سپاجهڙي ڪئين اهڙا، املهه ماڻڪ انسان پيدا ڪيا جن سنڌي قوم کي جيئڻ سيکاريو. جيڪي پنهنجي ڏاهپ جي ڪري ڏيهه جا ڏاها سڏجڻ لڳا. جن جي علمي، ادبي ۽ تاريخي جدوجهد جي اها جوت جلائي، جنهن سنڌي قوم کي روشن راهه تي هلڻ سيکاريو، جي اها جوت نه هجي ها تہ قوم منجهي پئي ها ۽ اها زندهه نه رهي سگهي ها.

سنڌي ادب جي آسمان تي انهن چند ستارن مان هڪ چمڪندڙ ۽ روشن وڏو ستارو آهي جنهن سچ (يعني شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ) مان جوت جو ذرو حاصل ڪري، سنڌي قوم کي جيئڻ سيکاريو ۽ ٻڌايو تہ جي ٻولي زندهه آهي تہ توهان بہ زندهه آهيو، جي ٻوليءَ کي زندهه نہ رکندؤ تہ توهان منجهي پوندو ۽ زندهه نہ رهي سگهندو.

صد سالہ تقريب جي سؤ بار مبارڪ نالي واري دانشور، استاد، نقاد ۽ برڪ اديب محمد ابراهيم جويي صاحب جن کي ۽ ان سان گڏ پوري سنڌي قوم کي جا پنهنجي هن عظيم انسان جي سؤهين سالگرهه پورو سال ملهائڻ جو اهتمام ڪيو آهي. هونئن بہ ائين هئڻ کپي ڇاڪاڻ تہ اِها زندهه قوم جي نشاني آهي، تہ هوءَ پنهنجي مادري زبان جي محافظن کي هميشہ ياد ڪري ۽ وري وڏيڪ افضل ڳالهه هيءَ آهي تہ انهن کي جيئري ئي مانُ ۽ عزت ڏجي.

محمد ابراهيم جويي صاحب، 13- آگسٽ 1915ع تي سن جي پرسان هڪ نندڙي ڳوٺ "آباد" ۾ جنم ورتو، سنڌي اسڪول آباد ۾ ئي چار درجا سنڌي پڙهي، لکيءَ جي اسڪول مان بہ درجا وڏيڪ پڙهي ڇهون درجو سنڌي ۽ ٻيو درجو انگريزي پاس ڪري 7 اپريل 1927ع تي اچي سائين جي.ايم.سيد جي شهر سن جي اسڪول ۾ داخل ٿيو جتان ٽي درجا انگريزي پاس ڪيا. هتي ئي هن عظيم انسان بنجندڙ يتيم ٻار تي سائين جي.ايم.سيد جي نظر پئي ۽ هن جي ذهانت کان متاثر ٿي، سندس چپر چانوَ ٽي ٻيو ۽ 1930ع ڏاري هن يتيم دره کي پنهنجيءَ موٽر ۾ ڪٽي اچي، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پهچايو. داخلا لاءِ پرنسپال ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جن جي آفيس ۾ داخل ٿيو تہ علامہ صاحب جن سندس هٿن جا ننهن ڏٺا، ڏندن جي صفائيءَ جي تپاس ڪيائين ۽ ڪپڑا وغيره ڏٺا ۽ ڪيس شاباس ڏيندي چيائون تہ: "بابا بُت جي صفائي ۽ ڪپڑا صاف ستڑا پائڻ گهرجن ۽ وڏيڪ محمد ابراهيم کي "سوير سُمهجي، سوير اُٿجي، اول ڏٺيءَ جو نالو ڳنهجي." پڙهي ٻڌايائون ۽ ڪانئس پڇيو تہ توکي اهو بيت ياد آهي تہ پڙهي ٻڌاءِ، محمد ابراهيم جويي صاحب اهو بيت سارو پڙهي ٻڌايس، پوءِ ڪيس چيائين تہ پنهنجو نالو انگريزي ۽ سنڌي ۾ لکي ڏيکار، جنهن تي جويي صاحب لکي ڏيکاريو، ان بعد دائودپوٽي صاحب هن کي سڏن اکرن لکڻ جي هدايت ڪندي خود دائودپوٽي صاحب اهي ساڳيا اکر موتين جهڙا لکي ڏيکاريس ۽ چيائينس تہ "اکر سڻا لکبا تہ پاڻ کي بہ وٺندا ۽ ٻين

کي ب وٹندا." پوءِ هن کي انين انگريزيءَ ۾ داخل ڪيائين.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن لکن ٽا ته جڏهن آءٌ پنهنجي انين ڪلاس ۾ وڃي وينس ته استاد مولوي عبدالرحيم مگسي لڪڙ ميز تي رکي، پاڻ ڪرسيءَ تي ويهي هڪدم پڇيائين ته ڪتاب ڪنهن ڪنهن اڃان نه ورتو آهي، اُهي اُٺي بيهن ۽ آءٌ ب ٻين سان گڏ اُٺي بينس. مولوي صاحب جن ڪرسيءَ تان لٽا ۽ ب ۾ لڪڙ ڏاڍيان هٽندو وڃي پار پيو. آءٌ روئڻ لڳس، رسيس ملي ته وراندي ۾ پٽ سان منهن هٽي ٻيني رنم، ته اوچتو پرنسپال اچي ٻينو ۽ چيائين ته ڪلاس ۾ چو نٿو وڃين، گهنٽي ڪانه ٻڌي اٿئي. چو ٿو روئين! ڪيس ڳالهه ٻڌايم ته پاڻ چيائون ته ايتري ڳالهه تي روئين ٿو، ڍڇو ٿيندين! اڳهه اکيون منهنجي آفيس ۾ اچ، آءٌ آفيس ۾ ويس ته پاڻ آفيس جي ڪٻٽ مان گهربل ڪتاب ڪڍي ڏنائون ۽ چيائون ته خبر اٿئي مولوي صاحب جن منهنجا ب استاد ٿين، مون کي ب هڪ پيرو ائين ئي هڪ اوچتي سزا ڏني هئائون.

چوندا آهن ته محنت موتين جو مهراڻ، سون رُپي جي خاصي ڪاڻ. جويي صاحب دل لڳائي محنت ڪئي ۽ صرف هڪ مهيني گذرڻ بعد ششماهي امتحان ٿيو ته جويو صاحب پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو. ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي جو سائين جي. ايم. سيد پنهنجي موٽر تي اچي سنڌ مدرسي پهتو ۽ محمد ابراهيم جويي جي، جيئن ئي مٽس نظر پئي ته هلي وڃي ساڻن مليو ۽ ملڻ شرط جي. ايم. سيد، ڪيس مبارڪ باد ڏيندي چيو ته ابراهيم پهريون نمبر آيو آهين، پرنسپال صاحب مون کي ٽيليفون تي ٻڌايو، ان ڪري آءٌ توکي مبارڪ ڏيڻ آيو آهيان.

اِهي هئا اسان جا مخلص نيڪ مرد ۽ قوم جا رهبر، نه ته وڏو ماڻهو غريب جي ڪاميابيءَ تي خوش نه ٿيندو آهي، بلڪ ارهو ٿيندو آهي ۽ ان کان اڳتي وڌڻ کان رڪاوٽون پيدا ڪندو آهي. مٽان جڏهن، سالياني امتحان ٿيو ته ان ۾ ب جويو صاحب پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آهي ۽ ٽنهي ڪلاسن (سنڌي، گجراتي، اردو) ۾ ٻيو نمبر آيو ۽ امتحان بعد پاڻ پنجين درجي ۾ داخل ٿيو، ڪيس پنجين 'ب' ۾ موڪليو ويو، جتي هيءُ راضي نه هو ڇاڪاڻ ته اتي ڪجهه اميرن جا ٻارڪيس تنگ ڪندا هئا. هڪ ڏينهن دلي جهلي پرنسپال صاحب جي آفيس ۾ ويو ۽ ڪيس عرض ڪيائين ته سائين مون کي پنجين 'الف' ۾ موڪليو وڃي. صاحب پڇيس ته ڇو؟ ته جويي صاحب عرض ڪيو ته سائين پنجين 'ب' ۾ ڪي لوفر ڇوڪرا آهن جيڪي ڪيس چيڙيندا هئا. جويي صاحب جا اهي لفظ ٻڌي ڊاڪٽر صاحب جن ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويا ۽ گرجدار آواز ۾ چيائون: "تون اشراف آهين ٻيا لوفر آهن! خبردار جو ٻين کي ڏوهه ڏنو اٿئي، پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ سک، وڃ ڪلاس ۾ وڃي پڙهه".

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ ڪلاس ماستر کانئس پڇيو ته، ڪهڙا ڇوڪرا توکي تنگ ٿا ڪن، پرنسپال ڇيو آهي ته جاچ ڪر. ٻڌاءِ ڊپ نه ڪر مان هنن کي سمجهائي چڏيندس ليڪن هن ڪجهه به نه ڪيڇيو ڇو ته هن کي پرنسپال صاحب جا لفظ ياد ٻينا هئا ته: "خبردار جو ٻين کي ڏوهه ڏنو اٿئي، پهريان پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ سک ۽ هن ان پنهنجي پهرين جذباتي جواني ۽ واري دور ۾ ئي فيصلو ڪري ورتو هو ۽ پاڻ ۾ اها عادت وڌائين ته: ٻين کي ڏوهه ڏيڻ کان اڳ پهريان پاڻ کي ڏوهه ڏجي. هتي هيءُ ڳالهه سمجهڻ جوڳي آهي ته ان مان جويي صاحب جي دانائي، عقلمندي ۽ دوراندیشي نظر اچي ٿي ۽ هُو پنهنجن بزرگ عالمن ساڻين مان سکڻ جي صلاحيت رکي ٿي جو جويي صاحب ڇيو ته علامه صاحب جن جي نصيحت مان: ائين سونَ جهڙو سبق سکيس.

جويو صاحب اڃان پنجين ڪلاس ۾ ئي پڙهندو هو ته نئون ضلع دادو ٺهيو ۽ ڪوٽڙي تعلقو ڪراچيءَ کان ڇڄي دادو سان ملايو ويو، ۽ جويي صاحب جي اسڪالرشپ بند ٿي وئي ۽ سندس پڙهائيءَ جو مسئلو ٿي پيو ڇو ته جويي صاحب جا مٽ هاري هئا جيڪي پڙهائيءَ جو خرچ نه ٿي ڪري سگهيا. ذهانت ۽ هوشياريءَ جي ڪري استادن کي به ڳڻتي ٿي ۽ استاد ڪلاس ۾ اها ڳالهه ڪئي ته هاڻي جويي صاحب لاءِ چا ڪجي ته هڪ طرف ڪلاس ۾

پڑهندڙ ٻن شاگردن جيڪي امير هئا تن چيو ته في اسين پريندا سين ته ٻئي طرف وري پرنسپال صاحب جو آرڊر پهتو ته "سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن چوٽين ڪلاس ۾ پهرين پوزيشن ڪٽڻ جي ڪري جويي صاحب لاءِ 12 روپيا اسڪالر شپ هر مهيني ٽن سالن لاءِ منظور ڪئي آهي." جويي صاحب جو پاڻ ڪُلي پيو ۽ 1934ع ۾ ميٽرڪ سنڌ مدرسي مان پاس ڪيائين ۽ پوءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي پاس ڪيائين ۽ اپريل 1938ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ ماستر مقرر ٿيو. 1940ع ۾ بمبئي يونيورسٽي ۾ بي.ٽي پڙهڻ ويو، جتان 1941ع ۾ بي.ٽي ڪري واپس سنڌ مدرسي ۾ آيو ۽ هتي نوڪري ڪرڻ دوران جويي صاحب سَيو سنڌ سَيوڊَڪٽينينٽ (Save Sindh save the continent) انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو. انگريزن جي راج ۾ اهڙي ڪتاب لکڻ جي ڪري پير الاهي بخش هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ڪجهه وقت بعد جويي صاحب کي ٺٽي جي ميونسپل هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو.

سنڌ مدرسي ۾ جويي صاحب 8 سال نوڪري ڪئي، ان دوران هڪ پيرو ڊاڪٽر دائود پوٽو مدرسي ۾ آيو ۽ محمد ابراهيم جويي جي ڪلاس ۾ ويو، جتي جويو صاحب انگريزي پوئٽري پارن کي پڙهائي رهيو هو، ڊاڪٽر صاحب، جويي صاحب جي پڙهائي ڏسندو رهيو ۽ جڏهن پڙهائي بس ڪيائين ته ڊاڪٽر صاحب، جويي صاحب کي چيو ته توهان سرڪاري نوڪري ڪندو ته جويي صاحب کين چيو ته سائين هنن سنڌ جي اسڪولن کي هلائڻو آهي، ان ڪري آءٌ هتي ئي صحيح آهيان. اهو هو پنهنجي قوم کي تعليم يافتہ بنائڻ جو جذبو. جتان پوءِ اهو ادارو (هاءِ اسڪول) گورنمينٽ جي هٿ هيٺ اچڻ بعد جويو صاحب به جيئن ته گورنمينٽ سروس ۾ اچي ويو، ان ڪري ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ آيو جتي پڻ پنهنجون خدمتون هن ايمانداريءَ سان سرانجام ڏنيون. هتي نوڪري دوران 1949ع ۾ سندس ع.ق.شيخ (عبدالله قادر بخش) سان ڊيٽ ويٽ ٿي ۽ ان سان گڏجي "سنڌي ادبي انجمن" قائم ڪيائين، جنهن جون نشستون هفتيوار، ع.ق.شيخ جي سرڪاري گهر ۾ ٿيندیون هيون ۽ پوءِ بسنت هال ٻاهران اگڻ ۾ نهيل چبوتري ۾ ٿيندیون هيون.

ٽريننگ ڪاليج کان پوءِ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو ته ڊاڪٽر بلوچ جي جواب ڏيڻ جي ڪري محمد ابراهيم جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيڻ قبوليو. هيءُ 12 سال هن عهدي تي رهيو. ان عرصي ۾ هن سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي ونڊائڻ لاءِ تمام محنت، محبت ۽ همت سان ڪم ڪيو. انتظامي ڪمن کان علاوه بورڊ جي فيصلن کي عملي جامو پهرائڻ، ڇپجندڙ ڪتابن کي پنهنجي نظر مان ڪڍڻ ۽ پروفن جي نظرداري به پاڻ ڪندو هو.

پاڻ ڪجهه وقت سنڌي ادبي بورڊ طرفان نڪرندڙ ٽماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر پڻ رهيو. هن سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ نهايت سچائيءَ ۽ جذبي سان ڪم ڪيو آهي، هن بورڊ جو ڪم اهڙو ته دل وجان سان ڪيو جو برصغير جي تاريخ ۾ ڪنهن به اداري اهڙو ڪم نہ ڏيکاريو جهڙو هن جي وقت ۾ سنڌي ادبي بورڊ هن جي ايامڪاريءَ ۾ ڏيکاريو. هن جي وڃڻ کان پوءِ بورڊ جو ڪم نهايت گهٽ ٿيو ۽ ڪم باقاعدگي سان نہ هلي سگهيو ۽ بورڊ طرفان حڪومت کي جويي صاحب کي بورڊ ۾ آڻڻ لاءِ استدعا ڪئي وئي ۽ 1963ع ۾ هن وري اچي چارج ورتي. پر هن پيري کيس بورڊ جي ڪمن کارين کان سواءِ ٻيو سرڪاري ڪم به ڪائنس ورتو ويو ۽ هي بورڊ جو ڪم اعزازي طور سنياليندو رهيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهڻ کان سواءِ ڇهه سال ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ حيدرآباد ۾ او.ايس.ڊي ۽ ساڳئي وقت سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري رهيو. ان کان پوءِ جويو صاحب جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر، گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول ڪوهاٽ جو پرنسيپال، رجسٽرار اگزمنيشن، ڊپٽي ڊئڪريڪٽر ايڊيوڪيشن سنڌ، انسپيڪٽر آف اسڪولس خيرپور ڊويزن، پهريان سيڪريٽري پوءِ ميمبر سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ٿي رهيو، ۽ 1973ع ۾ رٽائر ڪيائين.

محمد ابراهيم جويو صاحب هڪ نهايت

ايماندار عالم، اديب ۽ دانشور آهي، جنهن جو هن وقت مون کي ڪو ثاني نظر نہ ٿو اچي. جويو صاحب اسان جي هر علمي، ادبي، قومي، تاريخي ۽ زندهه رهڻ جي ڏاڻ وغيره ۾ پرپور رهنمائي ڪري ٿو. ان ڏس ۾ آڻ سندس ڪجهه تحريرن ۽ تقديرن جا ٽڪرا هيٺ ڏيندس جن مان هڪ طرف اسان کي اِها ڄاڻ ملندي ته ٻئي طرف انهن تي عمل ڪرڻ سان اهڙي روشن راهه ملندي جا سنڌي قوم کي پنهنجي منزل تي پهچائيندي بلڪ هميشه زندهه رکندي.

آزاديءَ کان پوءِ ڪجهه جذباتي ترنگ ۽ ڪجهه گروهي مفاد جي ڇڪ سبب، اسلام سان گڏ اردوءَ کي به پاڪستان نظرياتي احساس جي هڪ عنصر اڳيان آڻيندي، مڪاني ٻولين کي ۽ خاص طرح سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي حيثيت کي نظر انداز ڪيو ويو. بلڪ ان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن جو ڪافي تعداد ۾ بند ٿيڻ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان امتحاني ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي يڪطرفي تردید، ان سلسلي جا ڪافي ڳرا قدم هئا.

اسان جي ٻار جي تعليم جي سموريءَ ڪاميابي جو دارو مدار پنهنجي ٻوليءَ تي آهي چو ته: "تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪاميابي آهي ۽ هر صاحب علم شخص لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي.

ڪنهن ٻوليءَ جو سرجڻ ئي ته معنيٰ ڪنهن سماج جو سرجڻ، ڪنهن حڪمران قوت جو، ڪنهن سياسي اقتدار جي مرڪز جو وجود ۾ اچڻ، ڪنهن قوم جو سرجڻ، ڪنهن تهذيب، سياسي ۽ معاشي ادارن جو سرجڻ ۽ خود خدا پاڪ به ته پوءِ ماڻهن سان ماڻهن جي انهن جي سنڊن ٻوليءَ ۾ ڪلام ٿي ڪيو ۽ سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو به انهيءَ لاءِ ته آخر آزاد ڪونہ ٿيا هئا ته پنهنجي ڳالهه (ٻولي ۽ تهذيبي ورثي) تان دستبردار ٿي، اردو سياهي اقتدار جا غلام بڻجي وڃن.

سنڌي معاشري جو پڻ، ٻين زندهه انساني معاشرن وانگر هڪڙو اهم بنيادي حق پنهنجي زبان جي حفاظت ۽ فروغ آهي چو ته انهيءَ تي ٿي سندس سڃاڻپ بلڪ پوري وجود ۽ ان جي افاديت جو دارو مدار آهي.

خيال جي اظهار جي آزادي هڪ بي مثل ۽ بي بها نعمت آهي. يورپ جي اديبن، قلمڪارن، مفڪرن، دانشورن سَوَنِ سالن جي قلمي جهاد سان ۽ قيد جي اوناهين ڪوٺين ۾ سڃين سڃين ڄمارن ڪاڻ ۽ عيسائي علمائن، مشائخن جي ٻارايل باهين جي مچن ۾ چپ چاپ جلي رک ٿي وڃڻ سان، مس مس اها آزادي هڪ حد تائين حاصل ڪئي. يورپ ۽ بي مغربي دنيا جي سڄي ترقي جيڪا پوءِ انهن ڪئي ۽ جيڪي اڄوڪي انسان جي سموري سک، سلامتي ۽ ثقافتي عظمت جو بنياد ۽ ضمانت آهي، سا هو خيال جي اظهار جي، ان آزادي جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٿي ڪري سگهيا.

سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ميمبرن صاحبن جي خدمت ۾ هڪ خط جو اصل انگريزيءَ ۾ هو، جيڪو جُونِ 1947ع تي سڌايل سيشن جي موقعي تي ڏنو ويو هو، ان جو ترجمو جويو صاحب ڪندي لکي ٿو ته:

"پاڪستان جي مرڪزي نظام ۾ سنڌ کي ڪهڙي جڳهه ملڻ گهرجي ۽ سنڌ جي آئنده حڪومت جو آئين ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙي قسم جو هئڻ گهرجي تن بن ڳالهين متعلق اوهان جي ووٽرن انهن چونڊن ۾ اوهان کي ڪا به هدايت ڪانہ ڏني هئي ۽ پنهنجي لاءِ ڪان اوهان کي. تنهن زماني ۾ 13 سيڪڙو ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق هو. ان هوندي به اوهان عام ماڻهن جا چونڊيل عيوضي سڏيا وڃون ٿا ۽ آهيو. تنهنڪري اوهان ۾ بلڪل صحيح طرح اڄ هيءَ اُميد رکي سگهجي ٿي، ته اوهان پنهنجي وس آهر نئين پاڪستاني نظام ۾ پنهنجي سنڌ ديس ۽ پنهنجي ماڻهن جي بنيادي حقن ۽ مفادن جي هر طرح حفاظت ڪندا، ۽ انهن کي هڪنهن به صورت ۾ قربان ٿيڻ ۽ لتاڙجڻ نہ

ڏيندا. توهان تي پهريون فرض آهي ته جيڪو به آئين مرتب ٿئي، ان ۾ هيءُ فقرو رکيو وڃي ته اهڙي آئين کي عمل ۾ آڻڻ کان اڳ ان عام ماڻهن جي سامهون پسند ڪرڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ رکيو وڃي. اوهان مهرباني ڪري هينئين ٽن بنيادي ڳالهين کي ڏيان ۾ رکڻ جي تڪليف گوارا ڪرڻ فرمائيندا.

(1) اسان بلڪل آزاد، خود مختيار الڳ حڪومت، جا فقط سؤ سال کن اڳ اسان کان انگريزن کسي ورتي هئي. وري پنهنجي ديس ۾ ناهيون.

ان ڪري اسان جي گهُرَ آهي ته پاڪستان جي فيڊريشن ۾ سياسي لحاظ کان اسان جو هڪ مستقل وجود تسليم ڪيو وڃي. اسان کي بنگالي، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان اچي جمع ٿيندا تن مان هرهڪ سان اسان کي برابريءَ وارو درجو ڏنو وڃي، ۽ هڪجهڙا اختيار ۽ عيوضي ڏنا وڃن.

(2) دولت جا قدرتي ذريعا جيڪي اسان جي ديس ۾ قدرت طرفان عطا ٿيل آهن، تن تي صرف اسان جو ئي مخصوص حق آهي ۽ پنهنجي ديس جي اندروني حڪومت جي چرخي کي ڦنهڻ کان وٺي چوٽيءَ تائين، هلائڻ يعني قانون سازيءَ ۽ قانون پردازيءَ جي سمورين شين کي سنياڻڻ جا اختيار ۽ جوابداريون صرف اسان جن جي ئي هٿن ۾ مخصوص هئڻ گهرجن.

(3) اسان جا عام ماڻهو آزاد زندگيءَ جا فائدا ۽ لذيذ ميوا چکن ۽ استعمال کن ۽ غلاميءَ کان نجات مليل هجين. پهريون به ڳالهيون ته مسلم ليگ جي پاڪستان ٺهراءَ ۾ پڻ موجود آهن. (ان کان سواءِ) سمورا شامل ٿيندڙ جزا (حصا) پنهنجي پوري وَسَ وارا Autonomous ۽ پورن اختيارين وارا Sovereign ٿيندا."

پهرين اپريل 1940ع تي قائداعظم محمد علي جناح پڻ اهڙو اظهار ڪيو هو، ته هر هڪ جزي (حصي) کي اختيار هوندو ته هو ڪنهن به وقت فيڊريشن کان جدا ٿي سگهي ٿو.

تعليم جي باري ۾ پاڻ لکن ٿا ته:

"پرائمري تعليم جو مقصد لکڻ پڑهڻ ۽ حساب سيکارڻ ته ضروري آهي، پر ان سان گڏ بلڪ ان کان وڌيڪ اهم ۽ بنيادي مقصد پرائمري تعليم جو آهي، ٻارن کي انسان ٿي رهڻ جا بنيادي سبق سيکارڻ.

تعليمي ماهرن جو خيال آهي ته گهٽ ۾ گهٽ چئن سالن جو عرصو جيڪڏهن ڪو ٻار لکڻ پڑهڻ جي پوري تعليم حاصل ڪري ٿو، ته اها وٽس هميشه لاءِ محفوظ رهي سگهي ٿي. انهن چئن پنجن سالن جي عرصي واري تعليم کي ابتدائي يا پرائمري تعليم چئجي ٿو."

استادن (تعليم ڏيندڙن) جي باري ۾ لکن ٿا ته:

"تعليم جو بنياد رکندڙ اوهان استاد آهيو، ان ڪري اوهان تي وڏيڪ جوابداريون عائد ٿين ٿيون. سڀ استاد ڪيترين ئي خوبين جو مجسمو هوندو آهي. (1) سڀ کان اول استاد جي شخصيت ۾ همدردي ۽ هردلعزيزيءَ جي صفت هئڻ لازمي آهي. اڪثر استاد جي رعب ۽ مار جي ڊپ کان ٻار اسڪول کان گسائيندا آهن يا ڪيبائيندا آهن. سڀن استادن کي سراپا خلوص ۽ محبت جو پتلو ٿيڻ گهرجي. خاص ڪري ننڍين داخل ٿيندڙ ٻار سان وڏيڪ شفقت سان پيش اچڻ گهرجي جڏهن آڻ (جويو صاحب) پهريون پيرو اسڪول ۾ داخل ٿيس ته اسڪول جي هيڊ ماستر مسٽر ٽيڪن مل مون (جويو صاحب) کي سڏ ڪري پرسان بيهاري شفقت سان پاڪر پاتو ۽ ميز جي خاني مان ڪٿمنڊا ڪڍي مون کي ڏنا ۽ پيار ڏنائين ته مون کي جيڪو اسڪول لاءِ خوف هو سو پهرئين ملاقات سان ختم ٿي ويو ۽ آڻ اسڪول کي پنهنجي گهرَ وانگر ۽ استاد کي پنهنجي هڪ وڏي عزيز وانگر سمجهڻ لڳس. هيءُ استاد ظاهر

لکڻ پڑهڻ جي تعليم سان گڏ پنهنجي عملي زندگيءَ وسيلي اسان کي اخلاقي قدرن جهڙوڪ: انساني همدردي، خلوص ۽ محنت سان سبق پڻ سيکاريندو هو ۽ انهن جا پيسا نه ونندو هو. پاڻ استاد ٿيڻ مل ۽ چار شاگرد ونڻ گونڻ ۾ مريضن سان وڃي ملندو هو ۽ سندن پير ۾ ويهي همدردي ڪندو هو ۽ کين ڪنهين جون ٽڪيون ڪارائيندو هو. ان کان سواءِ ڳوٺ جي گهڻين جا خاص ٽڪرا صاف ڪرائيندو ته انهن ۾ محنت جو جذبو پيدا ٿئي. استاد ٿيڻ مل خود به انهن ڀارن سان گڏ ڪم ڪندو هو. ان سان ڀارن ۾ انساني همدردي، قومي جذبي، جفاڪشي، ايمانداري ۽ اخلاق جي جذبات سان پڻ ڀارن کي روشناس ڪجي، اسان کي گهرجي ته درسي ڪتابن جي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ ڀارن کي انسانيت جي اصولن جي تعليم ڏيندا رهون. ڀارن ۾ قومي ۽ انساني جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ آسپاس جي تاريخي جاين ۽ قدرتي نظارن جو کين نظارو ڪرائجي.

مثال طور: ميائيءَ جي جنگ جو ميدان ڏيکاري، انهن کي پنهنجي بهادرن جون ڳالهيون ٻڌائجن.استاد کي انسانيت جي اعليٰ اخلاقي قدرن جو ضامن ۽ مبلغ ٿيڻ گهرجي، ته جيئن سندن هٿان تعليم جو صحيح مقصد، انسان بنجڻ حاصل ٿيندو. وڌيڪ لکن ٿا ته:

(1) ڀارن کي اهڙي تعليم ڏجي جنهن سان سندن شخصيت جي سيني اخلاقي، جسماني ۽ ذهني صلاحيتن جي اوسر ٿي سگهي.

(2) قابليت ۽ صلاحيت جي بنياد تي اهڙي بنيادي علم ۽ هنر سان آراسته ڪجي جنهن جي هن کي ضرورت ٿئي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ فائديمند ٿئي.

(3) ڀار جي شهريت جي شعور ۽ جوابداري جي احساس کي جاڳائي ۽ وطن لاءِ پيار ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ جدوجهد ۽ چاهه پيدا ٿئي.

(4) منجهس محنت، ذاتي سچائي ۽ تجسس جهڙيون پسنديده عادتون جنم وٺن.

(5) صحت لاءِ راند روند پڻ لازمي آهي."

محمد ابراهيم جويي صاحب جن هڪ هنڌ لکن ٿا ته:

"اسان جي اسکولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ سنڌي بوليءَ جي پڑهڻ پڑهائڻ جي ڳالهه افسوس جوڳي آهي. اڄ اسان جي ادارن ۾ پنهنجي مادري زبان جي تعليم بنهه ناقص، غير ذميدارانه ۽ سچ پچ ته رڳو نالي ماتر ملي رهي آهي. هڪ ته نصاب غير معياري آهي ۽ سنڌي پڑهائڻ وارا بي خبر ۽ ائين سمجهڻ واريا ته سنڌي ته پنهنجي بولي آهي تنهن تي ڪنهن خاص ڏيان ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ نه ان جي اڪرن تي ڏيان، نه صورتخطيءَ ته، نه ان جي صرف نحو جو خيال، نه ان جي ادبي حسن ۽ فضليت جو خيال افسوس! دنيا جي ڪاب آزاد، باوقار ۽ غيرتمند قوم پنهنجي آئنده نسل جي تربيت جي سلسلي ۾ پنهنجي مادري زبان جي تدريسي ذميداريءَ کان ايڏي بيحس! بي شعور ۽ غافل رهي نه ٿي سگهي. اسان کي آزاد ۽ سڀريل قومن جي ڪردار جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ۽ ان جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي. مادري بوليءَ جي تعليم ۽ تربيت، ترقي ۽ حفاظت ڏانهن پوري ڏيان سان ئي قومن، پنهنجي عزت ۽ آزادي قائم رکي سگهنديون آهن."

جويو صاحب، هڪ اهم ڳالهه، وقتائتي ۽ فائديمند لکندي ٻڌائي ٿو ته:

"1955ع ۾ حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم کان حسام الدين راشديءَ دل گهريي دوست، حڪومت پاڪستان جي تڏهوڪي سيڪريٽري ماليات ممتاز حسن ذريعي ۽ حسام الدين کي ئي تحرڪ سان، سنڌي ادبي بورڊ کي چئن سالن لاءِ "قومي تاريخ ۽ ادب جي فروغ" جي اسڪيم لاءِ گرانٽ ملي. "قومي تاريخ ۽ ادب جي فروغ" جي اسڪيم هيٺ فارسي عربي مخطوطات جي

ايڊيٽنگ جي ٻوليءَ متعلق هئي. ڪن دوستن جو خيال هو تہ اُهي ڪتاب اردوءَ ۾ ايڊٽ ڪيا وڃن ڇو تہ اردو مرڪزي ٻوليءَ جو درجو وٺي رهي هئي ۽ ان تحقيقي اشاعتي اسڪيم لاءِ گرانٽ ٻہ مرڪزي حڪومت کان ٻوردِ ڪي ملي هئي.

جڏهن تہ منهنجي (جويي صاحب جي) راءِ هئي تہ: هي ڪتاب اصل جنهن ٻوليءَ ۾ هجن، اصولي طور انهيءَ ٻوليءَ ۾ ايڊٽ ٿين. بشرطيڪ انهن جو سڌو واسطو انهن ٻولين جي قومن ۽ ملڪن سان هجي، پر سڀ کان بهتر تہ اهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ايڊٽ ٿين ڇو تہ انهن جو سڌو، اڻ سڌو هر طرح جو لاڳاپو سنڌي ادب ۽ تاريخ سان هو، ۽ ان طرح انهن سان وري اها بي انصافي ٻہ ڪانہ ٿيندي جو جيئن ايترا سَوَ سال اهي ڏارين ٻولين ۾ لکيل هجڻ سبب هتي اسان وٽ منّيءَ جي مٽن هيٺ لنبا رهيا. ڪو سنڌن خبر لهڻ وارو ڪونہ هو، ڪو سنڌن پڙهڻ وارو ڪونہ هو. تيئن هاڻي ٻہ جي اُهي فارسي ۽ عربيءَ ۾ ايڊٽ ٿيا تہ اُهي وري ٻہ انهيءَ گمنامي ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ اسان وٽ دفنايا پيا رهندا. تنهن کان سواءِ خود سنڌي ادبي ٻوردِ ٻہ سنڌي ٻوليءَ جي ئي فروغ لاءِ قائم ٿيل ادارو هو."

جويي صاحب جن معياري ادب لکڻ متعلق لکن ٿا تہ:

"معياري ادب اڄ جو اديب نہ ٿو لکي سگهي چاکاڻ تہ هو: فني ٻُڌڻ نگاهہ کان ٻہ، ٻوليءَ جي نحوي صحت،ان جي اظهار ممڪنات ۽ اسلوبي حسن آفرينيءَ ۾ پوريءَ طرح تربيت پاتل نہ آهن. ڪين جديد ادب خاص ڪري نثري ادب جو تمام ٿورو ۽ بنهہ ابتدائي قسم جو ذخيرو ورثي ۾ مليو آهي. سنڌن مطالعو يا تہ بنهہ ڪونهي يا اڪثر انگريزيءَ ۽ اردوءَ جي چند ڪتابن تائين محدود آهي. سنڌي مسئلن، سنڌي انداز بيان، سنڌي سوچ جي انداز ۽ سنڌي زبان بابت سنڌن جاڻ ڪهڙ آهي. اسان جا گهڻا لکندڙ شوقيہ لکندڙ آهن. منجهائن ڪوبہ پيشہ ور اديب ڪونهي جو سمورو وقت ادب لاءِ وقف ڪري، ۽ ان ۾ ڪمال حاصل ڪري سگهي. سنڌي اديب، اديب رهي پيٽ پالي نہ ٿو سگهي، ناقص فني تربيت ۽ اڻ پوري مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي ۽ نفعي جي اُميد نہ هڻڻ سبب عام سنڌي اديب جي تخليق جو معيار گهڻ رهجي ويو آهي."

جويو صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"اديب 'جدت پسنديٰ' کي هڪ مڪمل خوبي سمجهندي هو اهو اثر قبول ڪن ٿا جيڪو سنڌن خيال ۾ "جديد" آهي. سنڌن موضوعن جو انتخاب، انداز بيان ۽ نُڪتہ نظر تي مغرب جا اجوڪا زوال پذير، بي مقصد، ڪوکلا ۽ قنوطي لاڙا چانيل آهن جنهن ڪري سنڌن ادب، عام سنڌي پڙهندڙ لاءِ ڪا بہ گهري جاذبيت، پنهنجائي ۽ اثر نہ ٿ رکي ۽ "جديد" جي اُها انڌي پرستش اسان وٽ اڄان ابتدائي دور ۾ آهي. پر اڳتي هلي ان جا ڏاڍا اگرا نتيجا نڪري سگهن ٿا. خالص ادب جي دائري ۾ هن ايرندڙ خطري کي بروقت سڃاڻڻ ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ، اسان جي باخبر اديبن جي پنهنجي ذميداري آهي ۽ جيتري قدر هو ان کي پورو ڪندا اوتريقدر اهو سنڌن پنهنجي زبان ۽ ان جي اسرندڙ ادب تي احسان ٿيندو."

هڪ هنڌ جويو صاحب جن لکن ٿا تہ:

"سنڌي ادب جي هلچل جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ تيز ٿيندي وڃي ٿو پر هيءَ سموري هلچل سنڌ پسند ۽ سنڌي عوام دوست اديبن ۽ دانشورن پنهنجن پيرن تي پاڻ بيهي پيدا ڪئي ۽ هيستائين هو بنهہ خالي هٿن سان ان کي هلائيندا پئي آيا آهن. ڪين حڪومت توڙي سماج جي بيئل ۽ ورسيل طبقي طرفان هن ڳالهہ ۾ ڪا بہ خاص مدد

يا سرپرستي حاصل ٿي نہ سگھي آهي، بلڪ ان جي ابتڙ انهيءَ طرف کان کين کافي ملامت جو نشانو ۽ سختين ۽ سزائن جو شڪار ٿيڻو پيو آهي."

محمد ابراهيم جويي، سنڌي ادب، ان جي لکندڙ ۽ پڙهندڙن جي پلائيءَ ۽ بهتريءَ جي سلسلي ۾ هن طرح تجويزون ڏنيون آهن:

(1) سنڌي ٻوليءَ جا سمورا ضبط ٿيل ڪتاب آزاد ٿين.

(2) لکندڙن کي خيال جي اظهار جي پوري آزادي حاصل هجي.

(3) سنڌي ٻولي ۽ ان جي گهڻن پاسائين ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ ڏهه سالہ رٽا ناهي وڃي، ان رٽا جون خاص ڳالهيون:

(الف) ٻہ هزار چوندِ ڪتاب انگريزيءَ مان ترجمو ٿي شايع ٿين.

(ب) ٻہ هزار ٽوان ۽ اصلوڪا ڪتاب مخصوص پڙهندڙ گروهن لاءِ لکجن ۽ شايع ٿين.

(ج) هر طبعزاد ڪتاب، جو اشاعت لائق سمجهيو وڃي سو هر حالت ۾ شايع ڪيو وڃي.

(د) علمي، فني اصطلاحن جون لغتون ۽ ماخذي ادب جا گهربل ڪتاب ناهجن ۽ طبع ڪجن.

(هـ) سنڌي ٻوليءَ جي ڇپائي جا وسيلا سڌرڻ ۽ وڌڻ گهرجن.

(4) تجويز ڪيل ڏهه سال رٽا لاءِ ڏهه ڪروڙ (1973ع ۾) مخصوص ڪيا وڃن جڏهن تہ 1973ع تائين اردوءَ تي 30 ڪروڙ روپيا خرچ ٿي چڪا هئا.

(5) سنڌي پڙهيل ماڻهو، خاص طرح سرڪاري ملازم هر مهيني 25 پئسن کان هڪ روپيا ڪتابي نظر فنڊ طور ڏين ۽ ان جي وصوليءَ لاءِ سرڪاري طور بندوبست ٿيڻ ڪپي.

(6) پهراڙين جي معيار ۽ مذاق مطابق ادب پيدا ٿئي.

(7) "جديد" جي سطحي ڪشش ۾ ونجي، بيمار ۽ قنوطي لاڙن کي جديد سنڌي ادب ۾ جاءِ نہ ڏجي.

(8) لکندڙ پنهنجي فني صلاحيتن ۽ پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي کي وڌائين.

(9) لکندڙ کي معاوضو ملي.

(10) سنڌي ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ عوام ۽ خواص ۾ پرپور مهم هلائجي ۽ ان جي قوميت جو هڪ انگ ظاهر ڪري مقبول ڪرائجي "سنڌي ڪتاب خريد ڪريو" جو نعرو اخبارن ۾ چپرائجي. هن جدوجهد کي وڏي پئماني تي پوري قوت سان ۽ ڊگهي عرصي تائين هلائجي.

(11) پهراڙيءَ ۾ ڪتابن جي پهچ جو پورو انتظام هجي.

(12) تعليمي درسگاهن ۾ سنڌيءَ جي تعليم ۽ تدريس جو ڪم بامقصد نيائجي ۽ ان جو معيار بلند ڪجي.

سائين محمد ابراهيم جن سنڌي ادبي رسالي کان وٺي مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن لکڻ جي حد تائين، سنڌي ٻولي جي بچاءَ ۽ بقاء لاءِ سنڌ، سنڌ جي حقن ۽ ثقافتي حقن کان وٺي پرڏيهي ادب ۽ فلسفي کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، انهن کي شاهوڪار بنايو آهي. سندس آخري خواهش تہ پاڻ هڪ اهڙو ادارو قائم ڪري ۽ ڪيو وڃي، جنهن ۾ ڌارين ٻولين خاص ڪري انگريزي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي چاڪاڻ تہ سنڌن چوڻ آهي تہ انگريزي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو وڏو سبب اهو ٻہ آهي تہ ان ۾ سڄيءَ دنيا جا علمي، ادبي ڪتاب ترجمو ٿيل آهن ۽ اهو ادارو "بيورو آف ٽرانسليشن" جي نالي سان ئي قائم ٿيڻ گهرجي.

بهرحال سائين جويي صاحب جن جي زندگيءَ تي لکڻ لاءِ ڪتاب بلڪ انسائيڪلوپيڊيا جا ڪجهہ جلد لکجي وڃن. سندن لاءِ صد سال سالگره کي پورو سال ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. منهنجي ذاتي راءِ ٻہ اها هوندي آهي تہ جيڪي ٻہ انسان پنهنجي ديس، قوم ۽ ٻوليءَ لاءِ جيئن ٿا، انهن کي جيئري ئي جس ڏجي ۽ انهن تي سنا سنا ادبي پروگرام ڪرايا وڃن، تہ اهڙن مرد مجاهدن جا نظريا ۽ تجربا، اسان جي نئين نسل جي سامهون اڃان تہ جيئن هو پنهنجي رهنمائن کي سڃاڻي ٻہ سگهن ۽ سندن تعليمات جو مطالعو ڪري سنڌ ڏرتي، ٻولي، علم و ادب کي ٻہ ترقي وٺرائي سگهن.

استاد لغاري

سنڌي پرائمري نصاب ۽ سيڪريٽري
محمد ابراهيم جويو

1963ع ۾، منهنجي بابا مون کي، مليشي جي پانڌڪي (قميص) پارائي، پوتڙو ۽ پٽڪو پڌائي، اُنب جي ڪاڻي‌۽ مان ٺهيل ٽپي‌۽ کي ميٽ ملي، پرائمري اسڪول "گوٺ مولوي خير محمد لغاري‌۽" ۾، پڙهڻ لاءِ موڪليو.

هڪ سال کان پوءِ، پهريون درجو پاس ڪري، جڏهن ٻئي درجي ۾ آيو هوس، تہ مون کي، ٻيو درجو پاس ڪري ويندڙ شاگردن جا پراڻا ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليا. اِهو ان زماني ۾، شاگردن جو دستور هوندو هو تہ، مٿين ڪلاسن ۾ ويندڙ شاگرد، پنهنجا ڪتاب، هيٺين ڪلاسن جي شاگردن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. اسان اُنهن پراڻن ڪتابن تي، ٻُڌَ جي ڪئونر سان، پڪي پاڻي جو جلد چاڙهي، سال در سال، وري هيٺين شاگردن ڏانهن منتقل ڪندا رهندا هئاسين.

مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ اُنهن ڪتابن جي مٿان لکيل هوندو هو- "سيڪريٽري محمد ابراهيم جويو" واهه جا ڪتاب هوندا هئا! هر هڪ ڪتاب جي سائيز ڏمي هوندي هئي. ڪتابن جو ٽائيٽل وارو پڪو پنو، "نيلي ٽڪڙي" سان بائنڈنگ ٿيل هوندو هو. اُهي ڪتاب، جن جي قيمت فقط ٻہ آنا، چار آنا يا اٺ آنا هوندي هئي، سي ايترا تہ پڪا ۽ مضبوط هوندا هئا، جو هڪ دفعو خريد ڪيل ڪتاب، سالن جا سال پيا هلندا هئا. هڪڙا شاگرد پڙهي، ٻين کي ڏيئي ويندا هئا، ٻيا پڙهي ٽين کي ۽ اهڙي طرح، ساڳين ڪتابن جي منتقل ٿيڻ جو سلسلو گهڻو عرصو جاري رهندو هو.

مون 1968ع ۾، پنج درجا سنڌيءَ جا پاس ڪري، پرائمري اسڪول ڇڏيو. ليڪن اُن وقت جا پراڻا ۽ قابل ڪتاب، اڄ بہ منهنجي لائبريريءَ ۾ موجود آهن. اُن وقت جي ڪورس جي ڪتابن ۾، نصيحت پريل نڪتا ۽ اخلاق آموز آکاڻيون شامل هونديون هيون. جن جي پڙهڻ سان، انساني اقدار ۽ اخلاقن جي تربيت ۽ نشونما ٿيندي هئي.

محمد ابراهيم جويو صاحب جي زير نگراني شايع ٿيندڙ، سنڌي پرائمري نصاب جا ڪتاب، اسان لاءِ اڄ بہ مشعل راهہ آهن. اُن دور جي ڪتابن جي سائيز ۽ اڄوڪي دور جي ڪتابن جي سائيز، اُن دور جي ڪتابن جي بائنڈنگ ۽ اڄوڪي دور جي ڪتابن جي بائنڈنگ، اُن دور جي ڪتابن جو مواد ۽ اڄوڪي دور جي ڪتابن جو مواد. اسين جڏهن اِنهن ڳالهين کي، هڪٻئي سان ملائي جائزو ونڌاسين تہ صرف ٿڏو ساهہ پريندي رهجي ويناسين.

اڄڪلهہ پرائمري توڙي سيڪنڈري سطح تائين، ڪورس جا ڪتاب، شاگردن کي مفت ۾ ڏنا وڃن ٿا. ان ڪري بہ، ڪتابن جي قدرداني ۽ اهميت ۾ گهٽتائي اچي ويئي آهي. شاگرد مفت ۾ ڪتاب ونڊي، اُجلي ٿا ڇڏين. والدين جي ڪيسي مان

هڪ روپيو ۽ خرچ نٿو ٿئي، اِن کري والدين ۽ کتابن جي اهميت ۽ قدرداني طرف ڌيان نٿا ڏين. هڪڙا ڦاٽي ويا ته ٻيا ملي ويندا ۽ اُهي ۽ مفت ۾.

اسان جو اُستاد محمد سليم پٺاڻ صاحب چوندو آهي ته: "جيڪڏهن مفت ۾ ملندڙ هڪ هڪ کتاب، پنج پنج سؤ روپين ۾ خريد کري ٻارن کي ڏنو وڃي ته والدين کي يڪدم اِهو اِحساس ٿيندو ته هي کتاب پئسن سان ورتل آهن، اِهي ڦاٽي ويا ته وري ٻيا ۽ پئسن سان ونڊا پوندا. اِن کري والدين ۾ ۽، ذميواريءَ جو احساس پيدا ٿيندو ۽ کتابن جي حفاظت جو خيال ۽ کرڻو پوندو. کتاب ضايع ٿيڻ کان بچندا، کتابن ۽ علم جي اهميت جو احساس اُجاگر ٿيندو، ورنہ اسان جِي علم جِي ٻيڙي، "مُفت تعليم" جي ٻهاڻي سان، پوريِ جِي پُوريِ، وچ سير ۾ پنواٽيون کائِي رهي آهي، بلڪِ اکين جي سامهون ٻُڏي رهي آهي."

1960ع واري ڏهاڪي ۾، جڏهن محمد ابراهيم جويو صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو (شايد اُن وقت، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو قيام، اڃان عمل ۾ ڪونہ آيو هو)، اُن وقت جي پهرئين کان پنجين درجي تائين، سنڌي نصاب ۾ شامل مواد جو جائزو ونڊاسين ته اسان کي معلوم ٿيندو ته اُن وقت، ٻارڙن جي عمر ۽ نفسيات جي تقاضائن کي مدِنظر رکي، اُن بعد کورس جي کتابن کي تيار ڪيو ويندو هو.

درجو پهريون

اسکول ۾ داخل ٿيل نئين ٻار کي، ميٽ مليل کائيءَ جي، پٽيءَ تي، ڪانهن جي قلم سان، هٿرادو ناهيل کاريءَ مس سان، الف - ب جا 5 يا 10 اکر لکي ڏنا هئا ۽ اُهي ٻار ٻار پڙهائي ۽ پڪا ڪرايا ويندا هئا، اُن بعد زبر، زير، پيش، مد ۽ ڪڪ پڪي ڪرائي، پوءِ ٻاراڻو ڪتاب ڪڍائبو هو. سبق پهريون "هِيءَ پٽِ آهي". "هِيءَ چِٽِ آهي". ٻاراڻي کان پوءِ، ريڊر ڪتاب پڙهايو ويندو هو. جنهن جا دلچسپ ۽ پيارا پيارا بيت ڪجهہ هن ريت هوندا هئا

* گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون،
جو ٿو ٽڏڙا مينهن وسائي.
* ڏس هِي مُنهنجي بِلڙِي،
جنهن سان اٿر دِلڙِي.
* منڙا گهوڙا! اوري آ،
خُوب خُوشيءَ سان ڏاڙو ڪا.
* واهه ڙي تارا! گول تارا!
روشن تارا! چلڪي وارا!
* اڙي مِٺو! او مِٺڙا پيارا!
ساون سُهڻن کنين وارا.
* جو کير پيئي، سو ويرِ ٿئي،
ڏند زور ونن، سُٺا سُهڻا لڳن.
مون کي ڪنهن ٿي کير پياريو؟
* پيار منجهان ٿي گود وِهاريو،
خُوش ٿِي هر هر مون ڏي نهاريو،
مُنهنجي امڙ!

درجو ٻيو

هن سنڌي ڪتاب ۾، جيڪي اخلاق آموز ۽ نصيحت ڀريا نثري سبق ۽ نُڪتا شامل هوندا هئا، اُنهن جو ٿورڙو وِڇُور هيٺ ڏجي ٿو: سهي ۽ ڪِڇُوءَ جي ڳالهہ، اسان جو وطن، ڪُتي ۽ سندس پاڇي جي ڳالهہ، نور ۽ مائي جي ڳالهہ، عرب ۽ سندس عربي گهوڙو، مُندون، ٻُڌي جي دل وٽ، ڏاهو ٻار، وِٽ کان ٻاهر نہ هل، هاريءَ ۽ اُن جو هَڙ، ننڍر ٻاڙ ۽ ماڻ جو چيو مجڻ، وغيره. درجي ٻُڌي جي مثالي ۽ مشهور بيتن ۾، هينيان بيت گهڻو مشهور هئا:

* آئون نہ ڪڏهن ڪُوڙو ٿيندس،
ساهہ سدائين سچ تي ڏيندس.
* اچو تہ ننڍڙي ريل هلايون،
باهِ ٻنبوءَ ۾ ڏُونهون ڏکايون.
ڪري واهہ سان واهہ جُون وايُون،
ڇهہ ڇهہ پئسا، ٻہ ٻہ پايون.
* ٻارو! اچي مڙو هڪ ماڳ،
ڳايُون چئن مُندن جو راڳ.

* آءُ تہ لاٿونئڙو ڦيرايُون،
دوست! گھڙيءَ کن دل وِندرايُون.

* ڪُھَنبِي رتڑِي لال ڪُنوار،
ھَل تہ پنيُوري! پُڇُون بزار.

* ڦُوڪي ڦاڙ نہ ڦُوڪڻو،
مُنھنجو آہِ ملُوڪڻو.

* مک ماکيءَ لئي اُڏِي سويرو،
گُلن مٿان سا ڏئي ٽي ڦيرو.

درجو ٽيون:

ھن درجي ۾، ھيٺين ٻن ننڍن ڪلاسن جي بنسبت، وڌيڪ وڏي معنيٰ ۾ اصلاح وارا سبق شامل ھوندا ھئا جھڙوڪ: گدڙ ۽ اُٺ، لالچي دربان، ڪنھن کي ب گھٽ نہ ڄاڻجي، سچار چوڪر، خان بھادر حسن علي آفندي، گدڙ ۽ ٻگھہ پکي، سُڌريل ڳوٺ، خيراتي ڪُوھہ، ٻن ڪُوئن جي ڳالھہ، چوري نہ ڪجي، سَگھو چوڪر اگھو شاھوڪار، ب سُپتيا ماڻھو، لوڀي ۽ ٺوڳي، رحمدل نينگر ۽ ورائي ڪوشش ڪر، وغيرہ. ھن ڪتاب جي بيتن ۾، ھيٺيان بيت، نھايت گھٽو وٽندڙ ۽ مشھور ھئا:

* گُلن ۾ گُلابي مزيدار گُل،
چنبيلي ۽ موتئي جو مھندار گُل.

* دريا شاھ جو آندو مون تازو پلو،
ڪائيندڙ جو مَولیٰ ڪندو شل پلو!

* چمڪ چمڪ ٿُون چند مشعال!
چوڪي ٿُنھنجي چنچل چال.

* ٽا جيڪر خُوش گُذارڻ گُھرو،
جي دنيا ۾ ٽا شان گُھرو،
جي مانيءَ سان گڏ مان گُھرو.
اڄ پاڻ کي پُٽ ھوشيار ڪريو،
واپار ڪريو، واپار ڪريو.

* ٻُڌو ھيءَ ڳالھہ ھڪ ھرڻيءَ جي ٻارو!
ڪريان ھِت رحم جو ٿو ذڪر سارو.

* سنڌ اسان جي ساوڪ واري،
جنھن ۾ آھي دريا جاري.

* ڏِسي دُنيا ۾ عجب نظارا،
سائينءَ جي سگھہ سمجھہ پيارا!

* ڪُڪڑ اسان جي ڳاڙھي ڪاري،
"ڪُڪُ ڪُڪُ" جنھن جِي آھي پياري.

* آھي تندرستي نعمت ھڪ عجيب،
جھڙي شاھوڪار لئي، تھڙي ڪاڻ غريب.

درجو چوٿون:

درجي چوٿين جي، سنڌي ڪتاب جي سبقن ۾، ڪيترائي معنيٰ جا موتي سمايل ھوندا ھئا، جن کي پڑھڻ لاءِ، بار بار دل چوندي ھئي. ھي ڪتاب دلچسپ ۽ معلوماتي خزاني جي ڪاڻ لڳندو ھو. ھن ۾ شامل مشھور سنڌي سبق ھيٺئين ريت ھوندا ھئا: گامون سچار، قرباني، لڙائيءَ ۾ شرافت، آزادي ۽ غُلامي، محنت جو ڦل، ڪُنيُون، بنگالي ٻار، ساڌُو ھِيراننڊ، مُروَت ۽ فضيلت، خانبھادر الھندو شاھہ، عدل گناھن جي ڍال آھي، شاھہ عبدالڪريمؒ بُلڙيءَ وارو، پنيور جو قِلو شھر، توڪل، سُلطان ٽِيپُو ۽ تاج محل وغيرہ. ھن ڪتاب جي مشھور بيتن ۾، ھيٺيان بيت ۽ نظم، تمام گھٽو پڑھيا ۽ پسند ڪيا ويندا ھئا:

* اِلاھي! ڪرم ڪر اسان تي قراري،
آھيون اصل ڪان سَيُ ڏُکيا ۽ ڏُوھاري.

* وطن جي حُب جي دل ۾ نہ ٽي، ايمان کھڙو ٽيو؟
اسان ۾ جي عمل ناھي تہ پوءِ انسان کھڙو ٽيو؟

* ابا! رک ٿُون پاڻُون وڏن جو لحاظ،
رکن ٿُنھنجو تان پُٽ ننڍا کو لحاظ.

* مُروت ۽ اخلاق سان ڪر ھلايو،
زماني کي اِن ريت پنھنجو بنايو.

* صبا پيغام پھچايو، "بھار آيو، بھار آيو"،
ٽيو من خُوش ٻُڌي وايو "بھار آيو، بھار آيو".

* ڪڪائن گھرن کي ٿُون روشن ڪرين ٿو،
غريبن جي چئونرن کي گُلشن ڪرين ٿو.

* چيو ھڪڙي ننڍڙي ڪُئي، "اي امان!
ويس سَير خاطر جو باھر ھِتان."

درجو پنجون:

هِي پرائمري تعليم جي عُروج ۽ فائينل وارو درجو آهي، جنهن ۾ دينيات، اخلاقيات، انسانيت، قانون جو احترام ۽ ساڻيهه جي سِڪ جهڙن عنوانن سان، شاگردن کي تيار ڪري، پوءِ مٽئين ڪلاسن ۽ سماج ڏانهن اُماڻيو ويندو آهي. اسان جي زماني ۾، پنجين درجي واري ڪتاب ۾، جيڪي نثري سبق ٻُڌايان هوندا هئا، اُنهن ۾ خاص ڪري هيٺيان سبق گهڻو مشهور هئا: مخدوم نُوحؒ برهمڻ آباد، ميان غلام شاهه ڪلهوڙو، وڏ مان نصيحت، نڱڻت، انجام پاڙڻ، ٽالپرن جي حُڪومت، وطن جي حُب، چَڪرَ کي پُڇي لَٽِرُ، سخاوت، فُضُول خرچي، رُستم ۽ سُهراب، نيڪ چوڪر، رُڄ، نماز، سُقراط ۽ دلي جي آتم ڪهاڻي، وغيره.

هيءَ ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته پنجين درجي جو، سبق ايڪونجاهون "دلي جي آتم ڪهاڻي" مون کي ڪيترن ئي سالن تائين برزبان ياد هوندو هو، جيڪو اڄ اڃوڪ تائين به ڪجهه جملن کي ڇڏي باقي آءٌ برزبان ٻُڌائي سگهندو آهيان.

هن ڪتاب ۾ شامل هيٺيان بيت نهايت گهڻو وٽندڙ ، دلچسپ ۽ نصيحت آموز هوندا هئا، جن ۾ حفيظ تيوٽي جو "مومل راڻو" جي عنوان وارو نظم، مون کي اڄ به اِيئن ياد آهي، جڏ اِهو مون اڃان اڄ ۽ هينئر هينئر ياد ڪيو هجي. هِن درجي جا ڪجهه بيت هِن ريت هئا:

شاهه جي رسالي مان بيت (سُر سارنگ)

شاهه جي رسالي مان بيت (سُر يمن ڪلياڻ).

* سَکيءَ کي سسئي چيو، "ادي! اَللّٰه توهار! ڪنيم سُور سُکا ڪري، ڏنا جي ڏاتار"
* تڏهن سوڍو اُٺيو سنبري، ڪُوپو ساهي ڪر، سنپاليو سُبحان کي ، ٿو پاڪ مڱي پاڪر.
* آئي مُند ملار، پکين ڪئي للڪار، رُتيُون مڑيئي پَليُون، ڪانهي ٽُل بهار.
* اي صبا! ساري ڏجاڻ، ساڻيهه وارن کي سلام، مُنهنجي مارُن ، مُنهنجي مارُن، مُنهنجي پيارن کي سلام.

* ڏٽي مُنهنجا! ڪر مون سان پنهنجو ڪرم، تہ رهجي ٽُنهنجي لُطف سان، سپ پرم.

درجي ٽئين، چوٽين ۽ پنجين ۾، اسان کي، اختياري ڪتاب ۾ پڙهايا ويندا هئا، جن جو مُکيه مقصد، ٻارن ۾ ادب ڏانهن لاڙو ۽ تخليقي ڏُوت يا سگهه پيدا ڪرڻ هوندو هو. اِهڙن ڪتابن ۾، درجي ٽئين جو "مُکڙيون"، چوٽين جو "سنبريلا" ۽ پنجين جو "پنج داستان" گهڻو مشهور هئا. "مُکڙيون" جي ڪهاڻين جا مکيه عنوان هن ريت هئا: ڪم چور مور، انسانيت جو واسو، ٽي دوست، ٻار جي ڪهاڻي، ٻه سُٽيون چوڪريون، اورچ نوجوان ۽ سجائي مُوڙي، وغيره. "سنبريلا" جي ڪهاڻين جا عُنوان هن ريت هئا: سنبريلا، جادوءَ جي ڏکي، اَبُو صابر، ٻارن جُون سَڏُون ۽ تقدير ۽ تدبير. "پنج داستان" ۾، ڪهاڻيون ٻه پنج ٽي شامل هوندڙيون هيون. جن جا عُنوان هِن ريت هئا: سنڌ باد سيلاني، چنڊ جو سفر، مورڙيو ۽ مانگر مڇ ، رُستم ۽ سُهراب ۽ اُميد جِي پِري.

اهڙي ريت، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري، محمد ابراهيم جويو صاحب جي زير نگراني شايع ٿيندڙ، سنڌي پرائمري نصاب، پنجن سالن دوران، ٻارڙن جي مذهبي، قومي، سماجي، اخلاقي ۽ ادبي اقدار کي پاڙهِ تڪميل تي پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو هو.

اڄ سنڌ ڌرتيءَ جو خوش نصيب ۽ مهان انسان، محمد ابراهيم جويو صاحب، جڏهن پنهنجي حياتيءَ جون 99 بهارون، اکين سان ڏسي ۽ ماڻي چُڪو آهي، تڏهن سندس مانُ ۾، پٽائيءَ صاحب جو هيٺيون بيت منسوب ڪري، آءٌ پنهنجي عاجزيءَ، محبت ۽ مبارڪباد جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو، شال! قبول پوي.

جَڪرا! ٽُون جِيين ، ٽُنهِنجو ڪَنين مَندو مَر سُٽِيان، اَکِيين ۽ هِنيين، ٻنهِي تاريءَ ٽُنهِنجِي.

کي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا

محمد ابراهيم جويو ۽ پير حسام الدين راشدي

امام راشدي

سنڌ ۾ محمد ابراهيم جويو ويهين صديءَ جو وڏو ڏاهو ماڻهو آهي. سنڌ سان عشق ڪندڙ هيءَ عالم همیشہ سنڌي قوم جي خوشحاليءَ جو خواهان رهيو آهي. سنڌي ادب، محمد ابراهيم جويي جي فڪر کان گهڻو متاثر آهي.

جديد سنڌي ادب جا جيڪي محرڪ آهن، جويو صاحب انهن مان بنيادي ماڻهو آهي. هيءَ عالم، هڪ صديءَ جي مڪمل تاريخ آهي. سنڌ جي نئين تاريخ اڏيندڙن جو مُڪ ڪردار محمد ابراهيم جويو آهي. تاريخ جو هيءَ وڏو ماڻهو، سنڌ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.

جي.ايم.سيد جو فڪري تسلسل رکندڙ محمد ابراهيم جويو، دوستيءَ جو هڪ وسيع حلقو رکندڙ آهي. پاڻ جيئن ته عالم آهي، تنهنڪري دوستيءَ جو دائرو پڻ عالمن تائين رهيو آهي. سنڌ جو ننڍو وڏو عالم اديب ۽ شاعر جويي صاحب جي فڪر کان متاثر رهندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو محمد ابراهيم جويي جي فڪري مداحن ۾ "موزخ سنڌ" پير حسام الدين راشدي سر فهرست آهي. ان لاءِ خود پير صاحب چيو هو ته: "اسان کي سنڌ سان محبت جو سبق جويي صاحب ڏنو."

محمد ابراهيم جويو ۽ پير حسام الدين راشدي به عالم، به اديب، به سنڌ پرست ۽ به قوم پرست تاريخدان آهن، هڪ طرف جويو صاحب جي.ايم.سيد جي قريب ڏسجي ٿو ته ٻئي طرف پير حسام الدين راشدي جي ويجهڙو رهيو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو، جويو صاحب پير صاحب کي محبِ وطن، مخلص، محنت ڪش ۽ پورهيت اديب ۽ عالم سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"ڪجهه سال اڳي، مون پير صاحب کي ڪنهن موقعي تي "پورهيت اديب" سڏيو هو، بلڪ هڪ هنڌ مون ائين لکيو به هو، جنهن تي دوستن مون کان پڇيو هو ته، چا، پير صاحب جو گذارو ادب تي هو! مون کين جواب ڏنو هو ته، گذارو رڳو جسماني ئي ته نه هوندو آهي ۽ ٻيو ته پورهيو فقط پنهنجي لاءِ به ته ڪونه هوندو آهي."

پاڻهياري سيکا، جا سر گهڙو پري، ڪالهه سندي سڃڻين، کا پورهئي کاڻ پري.[1]

جويو ۽ راشدي به اهڙا فرد آهن جن سنڌ کي قومي تشخص ڏنو. سنڌ هنن عالمن جي فڪر کان گهڻو فيضياب ٿيندي رهي آهي. ٻنهي عالمن جي دوستي پڻ مثالي رهي. ٻئي 1949ع کان دوستيءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. اهڙو ذڪر جويو صاحب هن طرح ڪري ٿو:

---

(1) "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ص- 8 ۾

"... پير صاحب سان جيئن ئي منهنجي جاڻ 1949ع کان سنڌي ادبي بورڊ جي وجود ۾ اچڻ سان ٿي، تيئن ئي کين مون پنهنجي زندگيءَ جي دلي مقصد جو پختو ۽ مخلص ساٿي سمجهيو[1]."

هيءُ ٻن سنڌ پرست عالمن جي دوستي ثابت ٿي. راشدي صاحب تاريخ جا دفينا کولينڈو رهيو ۽ جويو صاحب تاريخ جا سبق پڙهائيندو رهيو. هنن عالمن جي دوستيءَ جو دائرو 33 سالن کان به زياده رهيو. ان باري ۾ جويو صاحب لکي ٿو ته:

"حسام الدين علم جو هڪ ذهين متلاشي ۽ مطالعي جو پر ذوق ۽ اوَرچ ماهر هوندو هو. سنڌ جي علم ۽ ادب جي دنيا ۾ اسين ٽيهن سالن کان به وڌيڪ عرصو ساٿي ۽ همڪار ٿي رهياسين[2]."

سنڌ جي هنن ٻنهي عالمن سدائين سنڌ جي پلي لاءِ ڪم ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ هنن جي دوستيءَ جو بنياد به بڻيو ته، سنڌ جي حفاظت جو بنياد پڻ پيو. سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ماڻهن جي ذهنن ۾ تاريخ جي اوت ڪندو رهيو آهي. ادبي بورڊ سنڌ کي علمي، ادبي، تاريخي ۽ تهذيبي ورثي کان روشناس ڪرايو ۽ علم و ادب جي هڪ تحريڪ هلائي، جنهن سان اهلِ سنڌ پنهنجي قومي ورثي جي جاڻ پرائي. جويي صاحب هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

"حسام الدين سچ پچ هڪ وڏو ماڻهو هو. هُو هڪ وڏو عالم هو. هُو هڪ وڏو ليکڪ هو. هو بنهه هڪ املهه ۽ اڻ لڀ دوست هو. زندگيءَ سان هن جا ڪي ٻول ٽيل هئا. انهن مان هن جو پهريون ۽ سڀ کان اڳرو سنڌ سان پيار جو ٻول هو، سنڌ جيڪا هن جي ماتر پومي هئي، هن جو سنڌ جي ماڻهن سان سندن سڪ ۽ پلائيءَ جو ٻُل هو. جمهوريت ۽ دنيويت ۽ پائيچاري جي پلائيءَ جو ٻول. هُو امن جو شيدائي هو ۽ ڪنهن به انساني سطح تي ڪنهن به پختي ۽ پائيدار حق يا قدر جي تخليق ۽ دفاع لاءِ ٻئي ڪنهن زور يا طاقت جي بدران فقط ۽ فقط قلم جي طاقت ۽ زور هن جو ايمان هو[3]."

سنڌ جو هيءُ عظيم ڏاهو، پير حسام الدين جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم مان مطمئن ٿيندي ٻڌائي ٿو ته:

"حسام الدين زندگي جي هن هلندڙ مهم ۾ اسان جو هڪ بيحد پيارو ۽ ڏاڍو هڪ لائق ساٿي هو ۽ هن پنهنجي حصي جو ڪم ڏاڍي شاندار طريقي سان پورو ڪيو[4]."

اهڙيءَ طرح پير صاحب جي حياتيءَ ۾ هڪڙي تقريب ۾ خطاب ڪندي جويي صاحب چيو هو ته:

"آءٌ کين سندن علمي حاصلات تي ۽ اڄ جنهن عزت ۽ اقبال جي پدَ تي پنهنجي محنتن ۽ لياقت سان پاڻ ٻيئل آهن، ان لاءِ کين دلي مبارڪون ڏيان ٿو. آءٌ سندن اڻيان محبت ۽ عقيدت سان پنهنجو ڪنڌ جهڪايان ٿو[5]."

راشدي صاحب کي محمد ابراهيم جويو ڏاڍو پيارو هو. سنڌ جو ناميارو اديب غلام رباني آگرو سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي سان هنن ٻنهي عالمن جي قريب رهيو آهي. رباني صاحب پنهنجي يادن بابت هڙني ڪتابن ۾ جويي صاحب ۽ راشدي صاحب جي علمي، ادبي ۽ دوستاڻا لاڳاپن تي گهڻو مواد ڇڏيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب "ماڻهو شهر پنيور جا" ۾ لکيو آهي ته:

"جيڪڏهن ڪو شخص مون کان سوال

---

(1) ايضاً، ص- 8 ت

(2) مهراڻ پير حسام الدين راشدي نمبر 1983/1ع ص-194

(3) ايضاً، ص 193

(4) ايضاً، ص- 195

(5) ايضاً، ص- 178

پچي ته پير صاحب سان تنهنجو ورهين جا ورهيه هيڏو ويجهو رستو هو، ٻڌاءِ ته سنڌ جي عالمن ۽ اديبن ۾ سڀ کان گهٽو مانُ کهڙي شخص جو کندو هو؟ ته مان بنا، هَڪ جي جويي صاحب جو نالو ڪٽندس. جويي صاحب سان سندس ڪچهريءَ جا موضوع مختلف هوندا هئا. سندس ڪچهرين جويي صاحب جي ذهن تي اهڙو اثر ڇڏيو، سو ته مون کانئس ڪڏهن ڪونہ پڇيو آهي پر پير صاحب هڪ پيري پنهنجا تاثرات بيان ڪندي مون کي چيو ته، اسان کي سنڌ دوستيءَ جا سبق جويي صاحب ڏنا[1]."

راشدي صاحب جي ڪتاب "هُو ڏوٽي هُو ڏينهن" جو نالو پڻ جويي صاحب جو تجويز ڪيل آهي. غلام رباني آگرو لکي ٿو ته:

"ڪتاب جو نالو جويي صاحب جو تجويز ڪيل آهي ۽ اهو پير صاحب جي وڏي پاءُ جي ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" جي مناسبت سان رکيل آهي. جويي صاحب ڪتاب جي ڇپائيءَ تي نگراني ۽ ڪئي هئي ۽ ان تي سڀي محنت ۽ ڪئي هئي[2]."

پر اهڙو اظهار خود راشدي صاحب هن طرح ڪيو آهي:

"هي ڪتاب تقريباً ارڙهن سال پيو رهيو، انهيءَ انتظار ۾ ته آءٌ رهيل خال پريان، ليڪن انهيءَ جي فلحال اميد نہ ڏسي، منهنجي دوست محمد ابراهيم جويي ۽ غلام رباني ۽ ڇپائيءَ لاءِ زور پريو. بلڪ محمد ابراهيم جويي ته پچاڙيءَ تائين هڪ هڪ اکر نظر مان ڪڍيو، ڪتاب جو نالو ۽ پاڻ رکيائين، پروف ڏنائين، سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو سڄو بار ۽ پاڻ کنيائين. جيڪڏهن پاءُ محمد ابراهيم همٿ نہ ڪري ها ته ڪتاب مرڻ بعد منهنجي اثاثي مان نڪري ها ۽ مُئي جي مال وانگر هن جو ۽ اهو ئي حَشر ٿئي ها جيڪو هزارن مسوَدن جو ٿيندو رهيو آهي[3]."

محمد ابراهيم جويو 13- آگسٽ 1915ع ۾ دادو ضلعي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "آباد" ۾ ڄائو. جڏهن ته پير حسام الدين راشدي 20 سيپٽمبر 1911ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ڳوٺ "بهمڻ" ۾ ڄائو. عمر جي لحاظ کان پير صاحب، جويي صاحب کان چار سال ڪن وڏو هو. ٻئي عالم ڦُپ ٻهراڙيءَ واري ماحول جي پيداوار آهن. ٻنهي ٻهراڙيءَ واري ماحوا ۾ پرورش ورتي، پر علم جو چاهه منجهن سمايل هو. اهو ئي سبب بڻيو جو هنن ٻنهي عالمن علم پرايو ۽ اهڙو ۽ ايترو علم حاصل ڪيائون جو دنيا رشڪ ڪري ٿي ۽ سنڌ هنن عالمن تي ناز ڪندي رهي ٿي.

محمد ابراهيم جويو ۽ پير حسام الدين راشديءَ جون سنڌي علم، ادب، تاريخ ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتون ۽ لکيل ڪتاب، سنڌ جو اثاثو آهن. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي هنن ٻنهي عالمن جي فڪر جا گهرا نقش ڇڏيل آهن. راشدي صاحب کي وڇڙئي برابر 32 سال گذريا آهن، پر جويو صاحب ايا حال حيات آهي جيڪو هڪ صديءَ جي مڪمل تاريخ آهي، خدا کيس سلامت رکي.

---

(1) "ماڻهو شهر پنيور جا" غلام رباني آگرو، ص- 154.

(2) ايضاً 365.

(3) "هو ڏوٽي هو ڏينهن"، ص- 6

محمد ابراهيم جويو صاحب

سليم چنا

مان جڊهن پرئڪٽسنگ اسڪول فار ٽريننگ ڪاليج ۾ پرائمريءَ ۾ پڙهندو هوس، تہ اسڪول ايندي يا موڪل مهل گهر ويندي، سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي گهر وٽان لنگهندو هئس. پاڻ تلڪ چاڑهي تي ڪيفي جبيس پرسان ئي مٿي وڏي ماڙيءَ (بلڊنگ) ۾ رهندو هو، ۽ جڊهن منهنجي مٿس نظر پوندي هئي تہ مان ڪيس ڏسي وڏو فخر محسوس ڪندو هوس ڇو تہ بابا سائين نجم الدين چنا بئراج سپروائيزر، علم، ادب، تاريخ، جاگرافي، سياست ۽ سماج جو گهرو مطالعو ڪندڙ هئا، ۽ اسان جي گهر ۾ اخبارون، رسالا ۽ نوان ڇپجندڙ ڪتاب ايندا رهندا هئا جيڪي بابا خريد ڪندو هو، تنهنڪري پرائمري ڪان وٺي ئي سائين جويو صاحب بابت سندس علمي، ادبي تعارف مون وٽ موجود هو. ٻيو تہ سندس پٽ منور علي جويو منهنجو اسڪولي دوست هو. ارشاد علي انصاري، فياض علي شاهہ، آفتاب احمد سومرو، عرفان احمد ميمڻ، فراز احمد ميمڻ، اطهر جمال ابڙو، غلام عباس خواجا پڻ محبوب جا ۽ منهنجا اسڪولي دوست هئا.

تن ڏينهن ۾ جويو صاحب اڪثر سفيد شلوار قميص ۾ نظر ايندا هئا، ۽ جورابن سان پير ۾ ڪارو بوٽ يا سليپر پاتل هوندو هئن. ايئن اڇن، اجرن ڪپڙن وارو هِيءُ صحتمند ڪڙو تڙو شخص پنهنجين روشن اکين ۽ مرڪندڙ ڇپن سان آهستگيءَ سان، شائستگيءَ سان، ڏيرج ۽ ميڙاج سان گفتگو ڪندي نظر ايندو هو.

پوءِ جيئن مان وڏو ٿيندو ويس تہ ڪيس ڏسندو، پڙهندو ۽ ساٿس هڪ ننڍي ليکڪ طور ملندو رهيس، خاص طور تي 1970ع جي ڏهاڪي ۾ مرڪزي اردو بورڊ جي آفيس ۾ نياز همايوني صاحب وٽ ٿيندڙ هفتيوار سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جي گڏجاڻين ۾، جتي مان به پنهنجون نڪور لکڻيون ڪٽي اچي پڙهندو هئس. پاڻ انتهائي شفيق ۽ باجهاري طبعيت جا مالڪ آهن. انهن ڏينهن ۾ به سندن ادبي راءِ، شاعري، ڪهاڻي، مضمون، سفرنامي يا شخصي خاڪي (پروفائيل) تي انتهائي اهميت جوڳي هوندي هئي. انهن گڏجاڻين ۾ محمد عثمان ڈيپلائي، غلام محمد گرامي، نياز همايوني، نجم عباسي، حميد سنڌي، امداد حسيني، پروانو پٽي، طارق اشرف، غلام نبي مغل، قاضي خادم، ظفر حسن، ولي رام ولپ، شوڪت حسين شورو، مشتاق احمد شورو، عبدالحق عالماڻي، نفيس احمد شيخ، نعيم دريشاڻي، ثريا سوز ڈيپلائي، ثريا مخدوم، سحر امداد، نذير ناز، مان (سليم چنا) ۽ ٻيا ليکڪ اڇي پنهنجون نڪور لکڻيون پڙهندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ جويو صاحب جي سنيال هيٺ منظور چيمبرز ۾ ئي مٿي هڪ ڪمرو سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ جي حوالي سان هو، جتي به پاڻ باقاعده علمي، ادبي ڪم ڪندا هئا ۽ آيل اديبن يا ادب دوستن سان گفتگو ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن 1977ع تي مان پنهنجي نئين نڪور لکيل وائي ڪٽي مٽي سنڌس ڪمري تي ويس. جتي ٻه ٽي ٻيا اديب ٻه موجود هئا. مون سلام ڪري کين عرض ڪيو ته سائين هيٺ نياز همايوني صاحب پنهنجي آفيس ۾ موجود نه آهي. هفتيوار ادبي گڏجاڻي ۾ اڄا ڪي ڏينهن پيا آهن. توهان مهرباني ڪري منهنجي هيءَ نئين لکيل وائي ٻڌو. پاڻ يڪدم خوش ٿي چيائين ها بابا ها ضرور ٻڌايو! پوءِ مون کين پنهنجي وائي پڙهي ٻڌائي هئي:

گيت ٻڌيا چاندڻ،
پرهه ڦٽي وئي هاڻ آ،
قهر نه قيدين ساڻ،
پرهه ڦٽي وئي هاڻ آ،
مجبي هاڻ نه آڻ
پرهه ڦٽي وئي هاڻ آ،
رات ڪٽي ڪاراڻ،
پرهه ڦٽي وئي هاڻ آ،
ڏرتي ڏٺين ساڻ،
پرهه ڦٽي وئي هاڻ آ.

*

جيڪا ٻڌي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ مون کي چيائون، توهان بلڪل سچ لکيو آهي. ڏاڍو سٺو لکيو آهي. توهان هڪ تاريڪ دؤر جي پڇاڻيءَ تي لکيو آهي، جنهن تي مان ڏاڍو خوش ٿيو هئس ۽ سنڌس ٿورا مڃيا هئم.

سائين جويو صاحب پوءِ اهو ڪمرو انهيءَ ڪري اسرار شام کي ڏنو ته هُن ٻاراڻي ادب تي پرپور ڪم ڪرڻ لاءِ رسالو ڪيڻ شروع ڪيو هو. اِهو ڪمرو وفات تائين اسرارَ شام وٽ ئي رهيو. جنهن ۾ هو آخر تائين ٻاراڻي ادب لاءِ جاکوڙيندو رهيو.

جيئن ته منهنجو گهر بلاول چاڙهي (هاڻي ريشم گليءَ جو ٻڌجي ويل حصو) تي هو. روڊ ڪراس ڪرڻ کان پوءِ کوکر پاڙو، فريد محلو شروع ٿئي ٿيو، جتي ننڍي لاکون منهنجي راند روند، دوستن سان دوستي، مسجد حاجي غلام محمد ۾ نمازون پڙهڻ ۽ منهنجي قرآن شريف جي تعليم ٻه مسجد سان گڏ گهر ۾ چاچا محمد اسحاق جي گهر واري چاچي آمنت وٽ ٿي هئي. اِن ئي گهر ۾ چاچا محمد عمر ٻه رهندو هو ۽ جمعي تي مسجد ۾ خطبو پڙهندو هو. هِن جو وڏو پاءُ مولوي محمد صديق ندوي نوحاڻي بلوچ هاڪاري حڪيم، نامياروعالم، خطيب ۽ صحافي هو.

منهنجي قرآن شريف پڙهڻ دؤران چاچا اسحاق، چاچا عمر ۽ پروفيسر سيف الله بلوچ، منهنجي ڪا هِجَي، زير زبر پيش يا تلفظ جي غلطي ٻڌي درستي ٻه ڪرائيندا هئا. اِهي ٽئين روز، پاڻ ۾ اِتي ئي گهر جي وڏي آڱڻ ۾ ڪچهري ڪندا هئا ۽ ريڊيو تان خبرون يا ٻيا پروگرام ٻڌندا هئا. سو ڳالهه پئي ڪيم ته جويو صاحب اُن ئي پاڙي ۾ سهڻي پريس تي طارق اشرف وٽ ايندا هئا ۽ پنيان ٻي وڏي گهٽيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ وٽ ٻه ويندا هئا. غلام نبي مغل ٻه بلڪل پرسان ئي رهندو هو. جويو صاحب اسان جي پاڙي ۾ اڳتي قدم رسالي جي ايڊيٽر، شاگرد ليبر، شاعر سانگي يعني مدد علي سنڌيءَ سان ٻه ملندا هئا. شمس چيمبرز ۾ رهندڙ ولي رام ولپ وٽ ويندا هئا. تنهنکري انهيءَ وقت ۾ ڪيس ڏسڻ جو ۽ سلام دعا ڪرڻ جو ڪيترائي پيرا موقعو مليو.

سال 1990ع کان پاڻ اڪثر گاڏي ڪاتي ۾ ڪڏهن عوامي هائوس تي ڪڏهن عوامي بڪ اسٽال تي ڪڏهن شاهه لطيف ڪتاب گهر تي، ڪڏهن پٽائي بڪ اسٽال تي، ان کان ڪجهه سال اڳ ادبيات تلڪ چاڙهي تي، سلطان هوٽل ٻاهران سليمان برادرس وارن جي بڪ اسٽال تي، ۽ هوٽل جي اوپر پاسي واري فٽ پاٿ واري اسٽال تي نون آيل ڪتابن کي ڏسندي يا خريد ڪندي نظر ايندا هئا. ڪڏهن ته سندن ڪچهريون ڪراچي هوٽل تي ادبين سان ملهايل هونديون هُيون، ته ڪڏهن اپني بسنت هال ۾ جشن روح رهاڻ جي سالياني فنڪشنس ۾، ڪڏهن رٽز هوٽل ۾ پير حسام الدين راشدي سان ته ڪڏهن شيخ اياز سان ته ڪڏهن هوٽل اورينٽ ۾ ٽيندڙ ادبي محفلن جا مور ٻڌيل ٿي نظر ايندا هئا.

سڄي عمر پرپور انداز سان زندگيءَ جي علمي ادبي، انقلابي، آدرشي، جديد لاڙن سان زندگي

گذاريندڙ هِن عظيم ڏاهي ايترا تہ ڪارائتا ڪم ڪيا آهن. جو اسان اهي مڪمل ڪٽائي ۾ نٽا سگهون. هڪ اسڪول، هڪ ڪاليج هڪ يونيورسٽي بٽيل، هڪ صديءَ جو هيءُ مدبر، مفڪر، سائين جويو صاحب جڏهن سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ کي سنڀاليو تہ ان ۾ شيخ ايازِ فائونڊيشن ۾ ڪولي، ۽ مختلف موضوعن تي ليڪچر پروگرام ڪرايا، اُتي ۾ ساٿس ملڻ جا ۽ ڪيس ٻڌڻ جا ڪيترائي موقعا مليا. اسان ادبين پوءِ سندس اجازت سان سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جون هفتيوار گڏجاڻيون اُتي ڪرڻ شروع ڪيون. جنهن جو نتيجو تمام سٺو نڪتو. پاڻ ۾ باقاعده اسان جي گڏجاڻين ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا ۽ پنهنجي ڏات، ڏاڻءَ ۽ ڏاهپ سان علمي، ادبي، اصلاحي ۽ تنقيدي ڄاڻ مان فيضياب ڪندا هئا. خوش قسمتيءَ سان انهن سالن ۾ ۾ دفعا مان شاخ جو سيڪريٽري ٿي رهيس ۽ ڪيترائي پيرا ٻين عهدن تي رهيس. مون هميشہ ڪين اڄ ڏينهن سوڌو انتهائي مهربان، همدرد ۽ انسان دوست جي روپ ۾ ڏٺو آهي.

پاڻ حيدرآباد ۾ 1990ع وارن وڳوڙن کان پوءِ سياسي ۽ سماجي تقريبات ۾ پنهنجي سوچ، لوچ ۽ پيغام سان حصو وٺندي نظر ايندا هئا تہ ايازِ لطيف پليجو ۽ سندس دوستن پاران ناهيل تنظيم "سرڪ" جي ميوزيڪل پروگرامن ۾ ۾ وڏي چاهہ ۽ شوق سان شريڪ ٿي راڳ ۽ موسيقي ۽ سُريلي آواز تي فنڪارن کي داد ڏيندا هئا. چو تہ پاڻ سُر راڳ، لئي ۽ رڌم جا سڃا ڄاڻو آهن.

جويو صاحب سنڌ جا ناميارا ايڊيٽر پنچوئيشن جا ماهر ۽ سڃا پروف ريڊر آهن تہ گرامر، لغت، بولي، لهجن، پهاڪن، چوٽين جا ۾ ماهر آهن. شاهہ لطيفؒ جي بيتن جا اعليٰ پارکو، بهترين ترجمہ نگار، نثرنگار، مضمون نويس، استاد مقرر ۽ منتظم رهيا آهن. ڪين سائين جي.ايم.سيد جي طويل قربت نصيب ٿي، رسول بخش پليجي سان تمام گهڻي ويجهڙائپ ۽ شيخ ايازِ سان ڊگهي دِلي ۽ دماغي قربت واري دوستي ۾ رهي، جيڪا پوءِ مِٺي مائٽي (رشتيداري) ۾ بدلجي وئي.

جويو صاحب انجمن ترقي پسند منصفين کان وٺي ترقي پسند، سوشلسٽ، ڪميونسٽ ۽ هاري تحريڪن جي سرواٽن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، سوبوگيانچنداڻي، جام ساقي، نظير عباسي، امداد قاضي، جامي چانديي کان وٺي عاصر آخوند تائين جو نظرياتي، مزاحمتي ۽ انقلابي سوچن وارو ساٿي ۽ دوست ٿي رهيو تہ فلم، موسيقي، راڳ ناچ ۽ سماجي ڪلچر جي ڄاڻو اديب رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ سان ۾ سندن ميل ملاقاتن وارو سلسلو جاري رهيو، جڏهن تہ علام غلام مصطفيٰ قاسمي، شيخ علي محمد صحافي، ظهور احمد انصاري (صحافي)، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ گل ڪونڊر سندن پاڙيسري آهن. سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، اڳوڻي وائيس چانسلر سان گڏ ڪيترائي سال پاڻ سروٽنس آف سنڌ سوسائٽيءَ ۾ ڪر ڪيائون. ڪ وقت هو حيدرآباد جي هير جهڙين هوائن ۾ اديبن جي هڪ ٽمورتي مشهور هئي ۽ اُها هئي محمد ابراهيم جويو، ع.ق.شيخ ۽ مراد علي مرزا جي.

سائين جويو صاحب ورهاڳي کان ۾ اڳ سنڌ-سنڌي بولي، ۽ سنڌي ماڻهن جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي حيثيت کي وڌائڻ ۽ سڌارڻ لاءِ محنت ۽ محبت سان ڪم ڪندا رهيا آهن، ون يونٽ خلاف هلندڙ زبردست هلچل ۾ ۾ سنڌي اديبن، دانشورن ۽ ساڃاهہ وندن سان جويو صاحب ڪلهوڪلهي سان ملائي هليو هو. الله تعاليٰ هِن صديءَ جي سونهين، رهبر راهيءَ ۽ رهنما کي اجا ۾ صحت ۽ سلامتي، عطا فرمائي، جيئن هو پنهنجو لمحو لمحو انسان ذات جي بهتري ۽ پلائيءَ لاءِ ارپي سگهي. آمين ثم آمين

اڄ 13-08-2014 تي سادي 3 وڳي مولا بخش محبتي کي وٺي، سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. مون ۽ محبتي ڪيس وڏيءَ سِڪ، اُڪير، عزت ۽ احترام سان پيرن تي هٿ رکي، جنر ڏينهن کان هڪ ڏينهن پهرئين ئي سالگرهہ جي مبارڪ ڏني ڇو تہ سياڻي تي سندن سالگرهہ جي وڏي اهر تقريب ڪراچيءَ ۾ ٿيٽي هئي ۽ سائين کي

اوڏانهن وڃڻو هئو. محسن جويو سان ملي، اجازت ونيي، جڏهن سائين جي ڪمري ۾ داخل ٿياسين تہ سائين هميشہ جيان اڇا ڪپڙا پايو هڪ سنڌي ڪتاب جو مطالعو ڪري رهيو هو ۽ ٿي چار ٻيا تازا ڇپيل سنڌي ڪتاب، سندس پرسان رکيل هئا. جن ۾ "اسين لوچيون لوهہ ۾" رشيد پٽيءَ جو ڪتاب بہ شامل هو. سنڌي ٽوپي ڳاڙهي رنگ سان بہ سندس پَرَ ۾ پيل هئي. اسان سائين سان مختصر ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. سائين اسان جي اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو. مون کين آڇر 14-8-10 واري ڪاوش دنيا جو مئگزين ڏيکاريو. جنهن جي ٽائيٽل تي سندس وڏي تصوير سان گڏ هي هيڊنگس بہ لڳل هيون.

"جُرَو وڃايو جوگين، ڪُلَ سين آهين ڪَمُ"،
سنڌ جي ڏاهپ جو هڪ صديءَ جو سفر.
99 هين سالگرهہ مبارڪ

پاڻ ٽائيٽل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. وري پنو اُٿلائي ڏنائون. سڀ ڪان پهرئين سحر گل جو مٿن لکيل مضمون ڏنائون تہ ويتر سندن خوشي چهري تي ڦهلجي وئي ۽ پوءِ سڄو مئگزين ڏسي، محسن کي چيائون: ابا، هِي تہ هٿ ڪري رکجانءِ. محسن وراٹيو ها بابا سائين. ان کان پوءِ مون کين ساڳي ئي ڏينهن تي آيل عوامي آواز جو سنڌي مئگزين ڏيکاريو، جنهن تي پڻ جويو صاحب جي تصوير هئي ۽ هي ڪيپشن لکيل هئا، خاص نمبر محمد ابراهيم جويو هڪ رهنما روح 99 سالن کان سنڌ جي سرزمين تي، نئين سنڌ جو اڏيندڙ محمد ابراهيم جويو، سائين هن مئگزين جو ٽائٽل ڏسي ڏڪي پيو ۽ پوءِ ورق ورايائين تہ پهريون مضمون پيٽا طور سندن پراڻي ساجاهہ وند ساڻي عبدالغفور الستيءَ جو هو. الستيءَ جي فوٽو ۽ عنوان کي ڏسي ڀهڪندي، خوس ٿيندي چيائون، عبدالغفور الستيءَ مون تي لکيو آهي. وري پنو ورائي ڏسي چيائون، تاج جويي، مخمور بخاري، رکيل مورائي بہ لکيو آهي. سندن ٿورا سندن وڙ جو مون کي ياد ڪيو اٽن ۽ پوءِ پنو ورائي ڏنائون تہ سرويچ ساريو جو مضمون ڏسي، اکيون چمڪائيندي، پنهنجي ڏوهٽي محسن کي چيائيون، ابا هي مئگزين بہ هٿ ڪجانءِ. محسن وراٹيو بابا توهان فڪر نہ ڪريو سوپ اخبار وارن بہ مئگزين ۾ سٽو لکيو آهي، اهو بہ هٿ ڪندس. پوءِ جويو صاحب مئگزين جا پنا ورائيندا ويا ۽ شمشيرالحيدريءَ جو ڦوٽو ۽ اُن سان گڏ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جي مضمون جي هيڊنگ شمشير الحيدريءَ جو نانڪي پهلو ڏسي چيائون- اسان جي دوست شمشير ڪي بہ ياد ڪيو اٽائون. پوءِ مون کين هِن مضمون جا پهريان سوا 5 صفحا ڏيکاريا. جيڪي مون يادگيريءَ جي بنياد تي لکيا هئا. اهي ڏسي بہ ڏاڍو سرها ٿيا. پڇيائون هي ڪنهن کي ڏيندؤ. مون وراٹيو تہ ارادو تہ مهراڻ نمبر وارن کي ڏيڻ جو آهي. ايا اوهان سان گهاريل گهٽيون ئي يادگيريون رهيل آهن جيڪي هن مضمون ۾ لکندس. انشاءَ الله تنهن تي پاڻ مرکندا مون کي ڏسندا رهيا. مون کين ڪجهہ پراٹيون يادگيريون بہ ياد ڏياريون تہ چيائيون تہ ڏاڍو سٽو، ڏاڍو سٽو، اوهان جي مهرباني جو مون وٽ هلي آيا آهيو. مان موٽ ۾ توهان کي دعائون ئي ڏئي سگهان ٿو. مون چيو سائين- اسان ۽ سڄي سنڌ بہ توهان کي سالگرهہ مبارڪ سان گڏ صحت ۽ سلامتيءَ ۽ لاءِ دعائون ڏئي رهي آهي. تنهن تي پاڻ چيائون. "دعائون ڏيڻ عبادت آهي، خدا جي امت جي خدمت بہ عبادت آهي، لکجي ٿو، پڙهجي ٿو، سوچجي ٿو، سا بہ عبادت آهي، ماڻهن سان تعلق وڏي خوشي ۽ نصيب جي ڳالهہ آهي."

"اوهان يا ٻيا جيڪي مون تي لکو پيا، آءٌ هِن عمر ۾ توهان کي دعائون ڏئي سگهان ٿو." "هڪٻئي لاءِ خير خواهي جو جذبو، دوستي، محبت، پيار جو جذبو قائم رکڻو آهي. اِهو نيڪيءَ جو درجو آهي. دعائون بہ عبادت جو جذبو آهي. هڪٻئي کي ياد ڪجي جيترو بہ ٿي سگهي."

جويو صاحب جي ڳالهائڻ مهل مان پني تي مٽين ڳالهيون لکندو پئي ويس. پاڻ ڳالهائي ماڻ ڪيائون تہ مون سندن ٿورا مجيندي هڪ پيرو ٻيهر کين سالگرهہ جي مبارڪ ڏئي، صحت ۽ سلامتيءَ لاءِ دعا ڪندي، سندن پيرن تي هٿ رکيا. پوءِ محسن کي چيم تہ اسان جو يادگار فوٽو ڪڍ. محسن موبائل ڪئمرا آن ڪئي تہ جويو صاحب مون کي چيو اچو

مون سان گڏ مٽي ٽي ويهو. اُن وقت پلنگ تي مان سندن پيرن کان ويٺو هئس. پوءِ مٽن کان اڳي ويٺس ته پاڻ سندن ٽيڪ لاءِ رکيل ٻن وهاٽن مان هڪ ڪڍي مون کي ڏيندي زور پري چيائون ته هاڻ سؤلا ٽي ٽيڪ ڏئي وِهو. مون سندن هَٿُ پنهنجي هَٿ ۾ پکڙيو ۽ محسن اسان جا ٻ ٽي فوٽا ڪڍي چڏيا. پوءِ محبتيءَ کي چيم ته هلي آءُ تون ٻ سائين سان فوٽو ڪيراءِ، محبتي ٻ پلنگ تي چڙهي سائين جي پرسان ويهي فوٽا ڪڍايا.

موڪلائڻ مهل مون سائينءَ جي نرڙ ۽ مٿي کي چهي، سندس هٿن کي پکڙي سندن ٿورا مڃيا. ڪائنڊ دعا گهري ۽ کين دعا ڏني. پوءِ سندن ٻنهي پيرن تي هٿ رکي، الله حافظ، خدا حافظ ۽ جيئي سنڌ چيو ته پاڻ ٻ يڪدم زور سان وراڻيائون، جيئي سنڌ. پوءِ محبتيءَ ٻ سائين کان موڪلايو. ان وقت مون هڪ صديءَ جي مهان ماڻهوءَ جي ڪمري جي پاسن کان ڪٻڙن ۾ پيل ڪتابن ڏانهن نهاريو. ٽيبل تي پيل ڪجهه ايڊوانس ۾ مليل جنر ڏاڻ تي تحفن ۽ ايڊوانس ۾ آيل سالگرهه مبارڪ جي ڪيڪ ۽ گلن جي گلدستي تي نظر وڌي ۽ پلنگ تي نهاريم ته سفيد ڪانچ قميص ۾ اڇن اجرن خيالن، مثبت سوچن ۽ علمي، فڪري، قومي ۽ انساني اعليٰ عملن واري ڏاهي شخص ڏانهن ڏٺم، ته هو 99 سالن جي مشڪندڙ، مرڪندڙ ۽ چمڪندڙ چهري سان اسان ٻنهي کي الوداعي نظرن سان ڏسي رهيو هو ۽ مان سوچي رهيو هوس، مان خوشنصيب آهيان جو اڄ سنڌ جي نقشي جي اهم نقش ۽ ڏرتيءَ جي اعليٰ اوصافن واري اشرف المخلوق بزرگ کان موڪلائي وڃي رهيو آهيان، جنهن کي مان سال 1965ع کان ونيِ ڏسندو، ٻڌندو، پڙهندو، سمجهندو ۽ ساڻن ملندو رهيو آهيان. مان ڪيڏو نه خوشنصيب آهيان.



سائين محمد ابراهيم جويو

نورمحمد شاهه

سائين محمد ابراهيم جويو، 13- آگسٽ 1915ع تي، سيوهڻ تعلقي جي شهر لکيءَ جي اوپر ۾ درياءَ جي ڪنڌيءَ سان ڳوٺ آباد ۾ پيدا ٿيو. گورنمينٽ پرائمري اسڪول 'آباد' ۾ چار درجا پڙهڻ کان پوءِ پنجون ۽ ڇهون درجو گورنمينٽ پرائمري اسڪول لکي شاهه صدر ۾ پڙهيائون. کين 17- اپريل 1927ع تي، سَن جي اي.وي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي ستون ڪلاس(سنڌي فائنل) پڙهڻ بعد، ٽي درجا انگريزي پڙهيا. 1930ع ۾، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ ويا، جتي چوٿون، پنجون، ڇهون ۽ ستون درجو انگريزي پڙهي 1934ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون. ساڳئي سال، ڊي ـ جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائون، جتان 1938ع ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيائون. تعليم کان پوءِ پاڻ عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مدرسي کان استاد جي حيثيت ۾ ڪيائون، ساڳئي وقت اديب جي حيثيت ۾ لکڻ جي ابتدا پڻ اُتان ئي ڪيائون. 1946ع ۾ 'Save Sindh, Save the Continent' جي نالي سان پنهنجون پهريون طبعزاد ڪتاب انگريزي زبان ۾ سنڌ مدرسي ۾ ئي لکيائون. ڪتاب شايع ٿيو ته سرڪار ناراض ٿي سنڌ مدرسي مان سندن نوڪري ختم ڪري ڇڏي، پر جويو صاحب سياست ۽ ادب جو محاذ عمر ۾ نه ڇڏيو آهي. پاڻ ذاتي سک، فائدي توڙي سرڪاري عتاب يا آفرين جي پرواهه ڪڏهن ڪونہ رکي اٿن. اڌ صديءَ کان وڌيڪ عمر سياست، ادب ۽ قومي ڪمن ۾ گذاري اٿن، ٽيهن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيا اٿن ۽ ڪيئي ڪتاب، رسالا ايڊٽ ڪيا اٿن. سنڌ جي استادن، اديبن ۽ سياستدانن جا هردم ساٿي ۽ مددگار رهيا آهن، نوجوانن لاءِ محبت، اتساهه ۽ رهنمائيءَ جو سرچشمو بڻيل آهن. ايڏي محنت واري زندگيءَ سبب سنڌ ۾ هن وقت پنهنجي بزرگيءَ ۽ ڏاهپ جو وڏو مان رکن ٿا. سنڌي ادبي بورڊ جام شورو ۾ ٻه پيرا سيڪريٽري جي عهدي تي ڪم ڪيائون ۽ بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت سان پڻ رهيا آهن. سنڌ جي تعليم ڪاتي ۾ مختلف عهدن تي انتظامي آفيسر طور ذميواريون سنياليون رٽائرڊ ٿيا. هميشہ سنڌي ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ لاءِ ۽ ماڻهن جي سياسي ۽ انساني حقن جي حاصلات خاطر ڪم ڪندا رهيا آهن.

سال 2004ع جي ڳالهه آهي، سيوهڻ ڪاليج جو سالياني مئگزين 'روشني' شايع ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هوس، جويو صاحب کي وڃي عرض ڪيم تہ ڪاليج مئگزين لاءِ پنهنجو پيغام لکي ڏيو. پاڻ پيغام لکڻ لاءِ تہ آماده ڪونہ ٿيا، پر منهنجي خواهش تي پنهنجو مضمون 'ٻہ لفظ صلاح جا استاد لاءِ' شايع ڪرڻ جي اجازت ڏنائو، ۽ چيائون تہ تون نوٽ لکي مضمون شايع ڪري ڇڏجان. مون ٻہ نوٽ لکيا؛ هڪ مضمون بابت جيڪو مضمون جي مُهڙ ۾

ڏنم ۽ ٻيو سائين جي زندگيءَ بابت جيڪو مضمون جي آخر ۾ ڏنم. چيڄڻ کان پهريان ڪمپوز صورت ۾ مضمون سائينءَ کي ڏيکارڻ لاءِ ڪٽي ويس، پر پاڻ اُن وقت گهر موجود ڪونہ هئا، مان سندن نوڪر کي لفافو ڏئي موٽي آيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وٽن حاضر ٿيس، چيائون تہ مضمون تہ الائي ڪٽي رکيو اٿم؟ مون چيو سائين مان توهان کي ٻي ڪاپي ڏئي ويندس. چيائون تہ نہ بس، تو ڏنو آهي ڪافي آهي، پر هن مضمون جون آفسٽ ڪاپيون ڪجهہ وڌيڪ چپرائجان. اِها ڳالهہ اُن وقت مون کي سمجهہ ۾ ڪانہ آئي تہ ڪو سائينءَ جو مقصد آهي تہ مضمون کي الڳ بڪليٽ جي صورت ۾ ٻہ شايع ڪرڻو آهي. خير مئگزين شايع ٿيو، پاڻ منهنجي همت افزائي ڪندي چيائون تہ ڪاليجن جا مئگزين ائين شايع ٿيڻ گهرجن. بعد ۾ ڪنهن موقعي تي پنهنجي شفقت جو اظهار ڪندي چيائون تہ، تو منهنجي مضمون تي نوٽ لکي اُن جي اهميت وڌائي ڇڏي آهي. هيٺ اُهو نوٽ ڏيان ٿو۽ ٻيو نوٽ اڳ ۾ ئي مٿي ڏئي چڪو آهيان.

"اجتماعي زندگيءَ جي خير ۽ خوشحاليءَ واري مقصد لاءِ سچائيءَ، محبت ۽ بي لوثيءَ واري خدمت زندگيءَ جو نصب العين بڻائي، اٽڪ محنت سان، عمر پر جستجو ۾ رهڻ، جنهن ڪنهن استاد، اديب يا سياستدان جي حاجت نہ آهي، پر اُها فطري توفيق ۽ شعوري سپردگي منجهائن ڪن ٿورن وٽ ٿئي ٿي، جنهن جو آڌار عقيدو، يا انساني اورانيو ٿئي ٿو. عقيدي وارو آئيندي جي پاند ۾ پاڇي ڇڏي، هتي جو سڀ ڪجهہ لٽائي ڇڏي ٿو، پر انساني اورانيي وارو پاڻ وٽ ڪائي پاڇي نٿو ڇڏي. هيءَ تہ اُها معصوم پارسائي آهي جيڪا ڪوئي وهانءُ نٿي ڪري.

ڏرتي ۽ اُن جي ماڻهن سان هي بنا ڪاڻ خاڪسار عشق، جنهن جو احاطو فرد کان قوم تائين ۽ قوم کان فرد تائين آهي، تنهن جي فڪر ۽ عمل جو ڪلاسيڪي نمونو، سنڌ ۾ جيئن سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي تحرير ۽ زندگيءَ ۾ ملي ٿو، سو پنهنجو مثال پاڻ آهي. جديد سنڌ جي هن ڏاهي پاران 'ٻہ لفظ صلاح جا، استاد لاءِ' استاد ۾ انساني اورانيي کي اپارين ٿا ۽ ڪيس سنڌ جي اجتماعي پلائيءَ واري مقصد لاءِ خود سپردگيءَ جي اپيل ڪن ٿا. مضمون ۾ زندگيءَ جي ٽن بنيادي قدرن کي تصوري لاڳاپي بجاءِ ماڻهوءَ جي پنهنجي عملي لاڳاپي ۽ ساڻس لاڳاپيل سماج جي تعلق تحت 1. سلامتي ۽ عافيت جو، 2.آزادي ۽ 3. عزت جو ڪارج، سمجهائي، استاد اڳيان سندس عمل ۽ قوم جي ٻارن جي تعليم لاءِ پيش ڪيو ويو آهي.

جويو صاحب جو پيغام آهي تہ: "سيني ڏنڏن ۽ خدمت کاريءَ جي ڪمن ۾ تعليم هڪ ئي ڏنڏو، هڪ ئي ڪم آهي، جيڪو هرگز ناڪام ٿيڻ نہ ڪپي. جيڪو استاد چوائڻ جي لائق آهي، تنهن کي حرص کان غير ذميداريءَ کان ۽ ڪم جي ٽٻاءَ کان بچڻو آهي. ڪيس خود تنقيد، خود شناسيءَ ۽ خود اصلاح جي راهہ وڃي حرص، غير ذميداريءَ ۽ ڪم جي ٽٻاءَ کان بچي، قناعت، خود ضابطگي ۽ ڪم جي چاهہ کي اپنائڻو آهي. استاد جنهن جي من ۾ مسرت، تجسس ۽ معصوميت آهي، استاد جيڪو ڪلاس ۾ پير رکڻ کان اڳ پوري جاڻ ۽ تياري رکي ٿو. هڪ نيڪ طبع، خير پسند ۽ خير خواهہ استاد جي حيثيت ۾ ان جي آڏو هڪ تمام سنو ۽ ڏاڍو کارائتو جيون مارگ موجود آهي."

سال 1971ع ۾ جويو صاحب انسپيڪٽر آف اسڪولس خيرپور ڊويزن مقرر ٿيا، تڏهن هيءُ مضمون انگريزيءَ ۾ لکي، ڏهہ هزار ڪاپيون چپرائي، اسڪولن ۾ موڪليون هئائون. تنهن کان پوءِ ان جو هيءُ سنڌي ترجمو ڊسمبر 1983ع، سيپٽمبر 1984ع جولاءِ 2001ع ۾ بار بار ڇپيو. سا ڳالهہ مضمون جي مقبوليت جي ثابتي آهي."

سائين محمد ابراهيم جويي، سنڌ جي سياست ۽ ادب لاءِ هڪ اداري جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو آهي، جتان نوجوان ليکڪ ۽ سياسي ڪارڪن نئين جاڳرتا جي جاڻ ۽ سکيا حاصل ڪندا رهيا آهن. جويي صاحب جو پنهنجي فڪر، ڪم ۽ ڪردار جي لحاظ کان هڪ منفرد مقام آهي، سندن سياسي ۽ ادبي خدمتن جو ڪاٽو ۽ قدر تاريخ کي ڪرڻو آهي. پاڻ پوري ڄمار پنهنجي سمورين صلاحيتن ساڻ ادب،

سياست ۽ صحافت جي ميدان تان پنهنجي ڪاز جي محبت ۽ وفا ۾ سرسيتائيءَ سان سرگرم رهيا آهن. سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي مقصد کي زندگيءَ جي شعور جي تبديليءَ ذريعي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ آزادي ۽ ترقيءَ جي عالمي توسيعي قدرن جا امين رهيا آهن. سنڌ جي صدين جي تهذيب ۽ ثقافت وارو گيڙو ويس ۾ سادو سونهارو انسان جيڪو آڪاش ۾ اکيون اٽڪايو وينو آهي، تنهن کي اُتان اُتاري ڌرتيءَ تي پيرن ۾ ڪڙو ڪرڻ، ڪيس عقل جي سوني مُندي چيچ ۾ پارائڻ ۽ سرسيتائيءَ واري اُمنگ سان عقل جي راهه تي هلڻ جو سعيو ڪرڻ وارو جويي صاحب جو ڪم، سنڌ ۾ پنهنجي منفرد نوعيت جو آهي. اهڙي نئين انسان جو سنڌ ۾ ايجا تائين جويو صاحب پاڻ ئي هڪ يگانو مثال آهي. انساني عقل جي باڪمال اعتماد سان هرڪ جهڙو ڇڻو جيئن جويو صاحب آهي، تيئن سندس جيس سنڌ ۾ ٻيو ڪوئي نظر نٿو اچي. جويو صاحب جا لکيل ۽ ترجمو ڪيل جيڪي ڪتاب آهن، جيئن: 'وحشي جيوت جا نشان'، 'فڪر جي آزادي'، 'فرانسيسي انقلاب'، 'ماڻهوءَ جو پاڻ'، 'علم تدريس مظلومن لاءِ'، 'فلسفي جو ابتدائي ڪورس' وغيره، تہ انهن ڪتابن جي رڳو نالن منجهان ئي سندن فڪر ۽ ڪم جو مقصد نمايان آهي. سندن نثر ڏاڍو خوبصورت آهي، هر لفظ، هر سٽ، هر پئراگراف خاص معني ۽ سٻاءَ ۾ مقصد سان لاڳاپيل هوندو آهي. گرامر جو بادشاهه، اکرن جو عارف ۽ ماڻڪ آهي، سندس ٻوليءَ ۾ ڪمال جي سلاست ۽ بلاغت آهي. ٻوليءَ جي اهڙي عرفان سبب ڪين هڪ عظيم تصحيح گار ۽ معلم جي حيثيت حاصل آهي. سندن املهه حياتيءَ جو وڏو وقت تصحيح جي اڻ لکي خدمت ۾ صرف ٿيو آهي. جي.ايم.سيد ۽ شيخ ايياز کان ويندي هر نئين لکندڙ جي تحرير تي وڏيءَ تڪليف پريءَ محنت سان چار چار پيرا نظر ڪري، اُنجي تصحيح، سينگار ۽ سنوار جو وڏي هيج وارو اڻ لکو، اڻ ڳٽيو ڪم سجي جهار پئي ڪيو اٿن. جويي صاحب جو پورهئي ۽ ڪم سان عشق خود عشق بٽيل آهي. اهڙيءَ محبت پريءَ محنت سان علم ۽ عقل جو هي موج پريو مهراڻ زندگيءَ جي حسن جي ديويءَ ڏانهن، بي خود چوليون اچلينڈو وڄي رهيو آهي، سنڌ جي تاريخ جي ڪهڪشان ۾ هي ستارو نظاري ۾ نروار ۽ منفرد آهي.

محمد ابراهيم جويي سنڌ جي بهراڙيءَ اندر زرعي سماج ۾ جنم ورتو، جتي وڏيري ۽ پير جي ظلم ۽ رهزنيءَ جي گهاٽي ۾ عوام پيڙجندو رهي ٿو. ظلم جي ان گهاٽي سماج جو سارو رت ست ڪيي، ان کي هڪ مرده يا سرد لاش جهڙي سماج طور پئي رکيو آهي. هڪ جيئري جاڳندي، متحرڪ، وڌندڙ، سڌرندڙ، سماج طور سنڌي سماج نہ رهيو آهي. طبقاتي گهمنڊ سان، وحشي جبلتن جي بي لغام گهوڙي تي سوار وڏيرا شاهي پنهنجي ظالم ۽ جابر فطرت جي تسڪين لاءِ ماڻهن تي پنهنجو راج قائم رکڻ خاطر، مجبور ۽ بيوس ماڻهن کي غلام ۽ تابعدار رکي، سماج جي ترقيءَ ۽ تعليم جون سڀ راهون روڪي پئي رکيون آهن. ٻئي پاسي نقلي پير آهن جن پنهنجي نالائق شخصيت جي پوڄا ڪارڻ ۽ مال پرست فطرت جي چسي هوس هيڇ خاطر ڊونگ ۽ ڊوهه ڪري، ماڻهن کي خوف، وهم ۽ وسوسن ۾ وکوڙي، کين علم، عقل ۽ سڌاري کان ڪوهين ڊور رکي، صرف 'حق مرشد' جي تنوار ۾ غش پئي رکيو آهي. وڏيرا شاهيءَ ۽ پير شاهيءَ وارو سڃو لقاءُ عوام دشمن، ارتقا مخالف ۽ جمود وارو رهيو آهي، فرسوده رسمون ۽ رواج سماج مٽان سينور ڪري ويا آهن. مقصد تہ سنڌ جو زرعي سماج معاشي لحاظ کان وڏيري ۽ ذهني طور نقلي پيرن جي استحصال جو شڪار رهيو آهي

جويو صاحب کي يورپ جي سياسي تحريڪن، آزادي پسند ادب، فرانس جي انقلاب ۽ سنڌ ۾ انگريزن جي آندل آزادي پسند روايتن گهٽو متاثر ڪيو، تنهڪري پاڻ اُن فڪر کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ لاءِ سڃي جهارڪر ڪيو اٿن تہ جيئن سنڌ جو سماج بدلائي سگهجي. انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي جوڙائي، سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم رائج ڪئي، انگريزي توڙي ٻين ٻولين مان ادبي ڪتاب ترجما ڪرايا، جنهن سان جديد سنڌي ادب جو ايوان تعميرٿيو. ناول، ناٽڪ ۽ افساني کان سواءِ شاعريءَ

جون ۽ ڪجھ صنفون اسان وٽ ترجمن ذريعي انگريزيءَ توڙي ٻين ٻولين مان آيون. اھڙيءَ طرح انھن ڪتابن ذريعي شعور، روايتون ۽ قدر جيڪي ترقي يافتہ قومن جي علم، عقل ۽ مشاھدي جي وڏي وٽ ھئا، سي سنڌي ادب ۾ داخل ٿيا. ھاڻ سنڌي ادب، سياست ۽ صحافت جديد روايتن سان پُرڪنار آھي. تنھن کان سواءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا شعور ۽ جاڳرتا جو ڪم ڪري رھي آھي ۽ سنڌي سماج پوري شوق سان سکيا حاصل ڪري رھيو آھي، پر مصيبت ھيءَ آھي جو سماجي نيڪي ۽ معاشرتي انصاف جو خواب پجري ۾ پوري رکيو ويو آھي. پوري دنيا جي سياست، جنھن صورت ۾ پجري اندر قيد ڪئي وئي آھي تنھن جي آزاديءَ متعلق سوچي ماٺھو مايوس ٿي وڃي ٿو. قيد جو اھو پجرو پوري دنيا تائين محيط آھي، تنھنڪري سياست جو پڪي بظاھر اڏرندي تہ ڏيکاريو وڃي ٿو، پر دراصل اھو قيد ۾ آھي. قيد نہ صرف سياست جو آھي، پر ملڪن جي جاگرافي معيشيت ۽ تھذيب پڻ غلبي ھيٺ ڪئي وئي آھي. فريب ۽ استحصال جو اھو سڄو شيطاني مانڊاڻ دراصل وڏو ھڪ سائنسي آرٽ آھي، جنھن ادب، سياست، تھذيب، ثقافت، تاريخ، جاگرافيءَ ۽ معيشيت کي اھڙيءَ طرح غلبي ۾ آندو آھي، جو پاڻ کان ٻاھر اُن اھڙي کا بہ ڪمزوري ڇڏي ناھي، جيڪا سندس خلاف ڪو پوڻ وجھي سگھي. مايوسي تڏھن ٿي ٿئي جو اُن عالمگير قيد مان آزاديءَ جي کا بہ صورت مشڪل نظر پئي اچي. تاريخ کي لغام پاتو ويو آھي ۽ اُن کي پنھنجي مطلب جي طرف ڏانھن ڪاھڻ جي قوت اختيار ڪئي وئي آھي. قومن، سماجن ۽ ماٺھن جي نفسيات ۾ ناڪيلي ھنئي وئي آھي، ھاڻي رچ وانگر جيڏانھن وٽين ونيو پيا ھلن. تاريخ ۾ بھرحال اميد اٽئون تہ اُھا پنھنجي ڪک مان نجات جي کا صورت ضرور پيدا ڪندي، چو تہ ان جو اھو دستور اٽل آھي. انھيءَ صورتحال ۾، اڄ سنڌي ادب جنھن بي وسي ۽ بي مقصديت جو شڪار آھي، اُن جو ھڪ معروضي سبب تہ سياست جو ادب تي حاوي ھجڻ آھي، پر اُن جو ٻيو بنيادي سبب ھيءُ آھي تہ سنڌي تھذيب جو اصل روح جيڪو لوڪ داستانن ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ اندر ھو، جنھن شاھ لطيف جي شاعري جي ڪردارن ۾ حسن ڪامل حاصل ڪيو، جديد سنڌي ادب شاھ جي اُنھن ڪردارن جي حسن کي مشعل ٻڌائي، نئين دؤرکي منور ڪري نہ سگھيو آھي. چو تہ جديد سنڌي ادب جا ڪردار مشرقي ۽ مغربي تھذيبن جي چڙوچڙ اثرن ۾ بي پاڙا اُسريا، تنھنڪري ئي وقت جي واڇوڙن جي سڪ نہ سھي سگھيا ۽ اڄ اُنھن جو ايوان گُل بہ اِنھيءَ سبب آھي.

جڏھن 1940ع ۾ وقت جو طوفان سنڌ جي جاگرافيءَ کي ھن اوڙاھ ۾ اڇلڻ لاءِ اُتاريو ٿي ويو، اُن وقت جويو صاحب سنڌ جو اڇوڪو ھي دردناڪ مستقبل اڳواڻ ڏسي ورتو ھو. پاڻ راتيون اوجاڳا ڪري، بروقت پنھنجو ڪتاب 'سيو سنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ' تصنيف ڪري، سنڌ اسيمبليءَ کي استدعا ڪيائو پر وقت جي آواره واڇوڙي جي گھومائي ۽ ڏوڙ ۾ ڦاٽل سنڌ اسيمبليءَ ھيءَ صداءِ حق ڪانہ ورنائي.

يورپ سائنس، صنعت ۽ تجارت ۾ ترقي تہ پنھنجي ماحول، صلاحيتن ۽ محنتن سان اڳئي حاصل ڪئي ھئي، سڃاڪي، اصلاح، صنعتي انقلاب، آمريڪا جي جنگ آزادي ۽ فرينچ انقلاب جا فلسفا گھڙي اُنھن کان تہ سياسي ڪوڙڪين جو ڪم ورتو ويو. پاڻ کي سرخاب جا پر لڳائي، دنيا سان دوکو ڪري، ملڪن تي قبضا ڪري، وسيلا قبضائي پاڻ کي وڏيڪ شاھوڪار ۽ ترقي يافتہ ٻڌايو ويو. يورپ پندرھين ۽ سورھينءَ صديءَ ۾ پنھنجي مخصوص مذھبي ۽ سياسي تاريخ سبب کي ضروري سڌارا ڪيا ھئا، پر نوآبادياتي نظريا کنھن بي صورت ۾ ۽ ٻئي مقصد سان گھڙيا ويا ھئا، جويو صاحب پنھنجي نيڪ نيتيءَ سان اُنھن نظرين جي اھميت ۽ افاديت کي سنڌي ادب آڏو آندو. پاڻ لکن ٿا:

'انگريزن سنڌ کي آزاديءَ کان محروم ڪري، ان کي پنھنجي آزادي پسند روايتن کان واقف ڪيو. يورپ تيسين پنھنجي جديد تاريخ جي راھ ۾ پنج بنھ اھم ۽ وڏا قدم کڻي چڪو ھو، جن اُن جي قومن کي سچ پچ بہ تہ سر خاب جا پر لڳائي چڏيا ھئا ۽ اُھي دنيا جي قومن ۾ سرخروئيءَ ۽ انھن جي سربراھيءَ لاءِ تيار ھيون. اُھي پنج قدم انساني ارتقا جا ڪي جھڙا تھڙا قدم بہ ڪونہ ھئا. پر واقعي اھي غير معمولي، بلڪ اثر آفرين قدم ھئا. چو تہ انھن سان يورپ کي، نئين سر، تاريخ جي، وقت جي، اُھا

قوت حاصل ٿي چڪي هئي، جنهن سان ان جا ماڻهو يا ان جون قومون حقيقتن کي بدلائي به ۽ قائم به ڪري ٿي سگهيون؛ ان جا اهي قدم هي هئا: سجاڳي (Renaissance 1400-1500)، اصلاح (Reformation, 1500-1600)، صنعتي انقلاب (Industrial Revolution 1600-1700)، آمريڪا جي جنگ آزادي 1776ع، فرينچ انقلاب 1789ع، سجاڳيءَ جي تحريڪ، جنهن کي ذهني انقلاب جي تحريڪ به سڏجي ٿو. تنهن يورپي معاشري جي آڏو انساني فڪر ۽ عمل جا به مسئلا حل ڪيا. پهريون مسئلو هيءُ هو ته علم، پنهنجي سرشتيءَ ۽ اوسر ۾، ارضي هو يا سماوي، ۽ ڇيو ويو ته علم ارضي هو، جو ڪجهه به علم سماويه ٿي ڇيو ويو، ان جو مڊ به انساني ذهن هو ۽ اندر جي بوجهه (Intuition) به انسان جي اندر جي بوجهه ئي هئي؛ ٻيو مسئلو هو ته انساني ارادي ۽ عمل ۾ مجبور هويا مختيار ۽ ڇيو ويو ته مختيار هو. اُنهن جي نوع يا دڻاري ۾ جا ڪجهه انسان جي مجبوري هئي، ان کان آزاد ٿيڻ جا امڪان به انساني قسم جا هئا ۽ انهن جي استعمال جو معاملو به انساني معاملو هو. سجاڳيءَ جي هن تحريڪ يورپ جي معاشري کي جا اخلاقي قوت عطا ڪئي، سا هٿي قوت هئي ۽ اُها هئي انسان شناسي (Humanism) ۽ فرد شناسيءَ (Individualism) جي قوت. ان کان پوءِ، يا ان سان گڏوگڏ، 'اصلاح'، جنهن کي 'مذهبي انقلاب' به سڏيو ويو آهي. تنهن وري يورپ جي معاشري جي آڏو صدين کان رائج انسانن جي مذهبي طرز فڪر جا به مڪمل مسئلا حل ڪيا. هڪڙو هو انسان ۽ خدا جي تعلق جو، ۽ ڇيو ويو ته اهو سڌو يا بلاواسطي هو ۽ نه ان سڌو يا بالواسطه؛ ۽ ٻيو هو نيابت الاهيه ۽ اقتدار الاهيه جي دعوائن جو، جن لاءِ ڇيو ويو ته اُهي الڳ الڳ ڳالهيون نه هيون، پر لازم ملزوم بلڪ هم معنيٰ ڳالهيون هيون. پهرئين مسئلي جي جل سان 'سلطاني ۽ جمهور' جي ڳالهه صاف ٿي. يعني هيءَ ڳالهه ته حڪومت، جا بهرحال، انساني ٿي رهندي هئي. ان جو اقتدار ڪنهن فرد ڪي يا ڪن فردن کي انسانن هٿان ئي منتقل ٿيو ٿي ۽ نه خدا کان- جو ته نيابت الاهيه 'انسان' لاءِ يعني 'انسانن' لاءِ هئي، نه ڪنهن خاص فرد يا فردن جي ٽولي لاءِ- مطلب ته بادشاهن يا آمرن جي 'خدائي سَنَد' (Divine right of kings and dictators) يا 'مور من الله' (Appointee of God) واري دعويٰ ختم ٿي. ٻين لفظن ۾، مذهبي اصلاح جي تحريڪ سان يورپ جون قومون ارضيت يا دنيويت (Secularism) ۽ جمهوريت (Democracy) سان روشناس ٿيون.

ارضيت وارن جو خيال آهي ته وقت ۽ حالتن جي جبر ۾ انسان پنهنجي مزاج جي گگ پاڻ مٽان ڳاڙي- تاريخ جي ڏوڙ ۾ ڀيوت ٿي، پاڻ کان پنهنجو پاڻ ئي وجائي ڇڏيو. جاڳرتا اهڙي سجاڳي کي ٿو چئجي، جنهن ۾ انسان ڪر موڙي اٿي ٿو ۽ پاڻ تي پيل صدين جي سودائن، وهمن، وسوسن، روايتن ۽ رسمن جي ڏوڙ زندگيءَ جي سدا روان نديءَ ۾ ڏوئي اڇو اجرو ٿي بيهي چوي ٿو: اجهو مان ئي آهيان _ مان آزاد آهيان، مون کي پنهنجي ارادي جو اختيار آهي. آءٌ پنهنجي عملن جو ذميوار پاڻ آهيان. چگائيءَ ۽ برائيءَ جو تيعن منهنجي پنهنجي سک ۽ اهنج ۾ آهي. انساني فڪر ۽ عمل سان ئي حياتيءَ ۽ هن جڳ کي سهڻو ۽ سندر بٽائي سگهجي ٿو. سماجي ۽ معاشرتي انصاف قائم ڪري، انساني اخوت پيدا ڪري سگهجي ٿي. سنڌ ۾ اهڙي فڪر وارو انسان محمد ابراهيم جويو آهي، جنهن 'هوءَ جا ٽمڪي باهڙي' نالي عقل جي اُهجاڻ واري عنوان سان ڪتاب لکيو، پر دراصل اِها 'باهڙي' جن باري آهي تن اسان غريبن کي بک ۾ تئو ڏيکاري سڀ ڪجهه رک ڪرڻ گهريو آهي. جويو صاحب 'ماڻهوءَ جو پاڳ'، نالي لوڪ آکاڻين جو هڪ ڪتاب به لکيو آهي، جنهن جي ڪردارن کي پاڻ عقل جا سونا زيور پارايا اٽن. جنهن ماڻهوءَ هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو سوخود اُهوئي سوال اُتاري بينو، جنهن جي جواب ۾ نئون انسان ڪيس سجاڻپ لاءِ ڏنو ويو هو. جويو صاحب جي قومي تصور موجب، سنڌ ڏرتيءَ جي جاگرافيائي ماحول ۾ رهندڙ هر زبان ماڻهو بطور هڪ قوم جي سيئي ذميداريون پنهنجي سر تي قبولي پنهنجي ڪمن ۽ ڪارنامن ذريعي پنهنجي صلاحيتن جي انفراديت اجاگر ڪن ٿا ۽ اُنهيءَ هڪ محويت ۾ مگن رهي پنهنجي زندگيءَ جي پاڻ تي ڪفايت ڪن ٿا.

منهنجي زندگي ۽ بابا سائين

محسن جويو

مون کي اڄ به اهو ڏينهن ڇڳيءَ طرح ياد آهي، جڏهن بابا سائين (جويو صاحب) معمول پٽاندر هڪ شام جو اسان جي گهر آيا ۽ اچي منهنجي امان سائنڊ، پنهنجي سپ کان وڏي ڏيءَ نيلوفر کي چيائون ته "نيلو (پاڻ امان کي پيار مان نيلو سڏيندا هئا) چا اهو بهتر نه ٿيندو ته پاڻ محسن کي سينٽ بوناوينچر اسکول مان کڏي، ماڊل اسکول ۾ داخل کريون ته جيئن هو سنڌيءَ ۾ پڙهي سگهي. منهنجي امان جويي صاحب جي بنهه گهٽي فرمانبردار هوندي هئي ۽ ان جي کابه ڳالهه نه تاريندي هئي. ان بابا سائينءَ کي چيو ته: " بابا اوهين صحيح پيا چئو، اسان جا ٻار پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ پڙهن ته چڱو آهي."

ٻئي ڏينهن امان مون کي اسکول لاءِ تيار کيو ئي پئي ته بابا سائين (جويو صاحب) به اچي پهتو، مون کي سنبرندي ڏسي، سندس مک تي، هڪ شفيق مرڪ پکڙجي ويئي. ان کان پوءِ، مون کي هٿ مان وٺي پيرين پنڌ وٺي، ستو ماڊل اسکول ڏانهن روانا ٿيا. آئون به ڏاڍو خوش هوس. مون کي اڄ ڏينهن تائين بابا سائينءَ جي هٿ جي اها نرماڻ به نه وسري آهي. اسين ماڊل اسکول پهتاسين ۽ ستو انصاري صاحب، جيڪو ان وقت پرنسيپال هو، جي آفيس ۾ ويا سين. پاڻ بابا سائينءَ کي ڏسندي، وڏيءَ گرمجوشيءَ ۽ محبت سان مليا. منهنجو انترويو ورتائون ۽ پهرئين ڪلاس ۾ داخل ڪيائون.

ان کان پوءِ، بابا سائين مون کي ڪلاس ۾ وٺي آيا. جيجي زرينا انهن ڏينهن ۾ ماڊل اسکول ۾ پڙهائيندي هئي. پاڻ منهنجو هٿ سندس هٿ ۾ ڏنائون. ان وقت ڪلاس ۾ ٻار وڏي آواز ۾ "جهو جهو ماڻي، لسي پنهنجي گهاڻي" نظم پڙهي رهيا هئا ۽ انهن جي گڏيل آواز ۾ پڻ مون کي مزو پئي آيو. جيجي زرينا مون کي پيار ڪيو، جيڪا مون کي اڳيئي سڃاڻندي هئي، منهنجي امان ۽ هوءَ پاڻ ۾ گهريون سهيليون هيون. بابا سائين، ڪيس منهنجي پارٽ ڪري وڃڻ لڳا ته مون ۾ اڪيلائپ جو احساس وڌيو ۽ آئون جيجيءَ کان پاڻ ڇڏائي، ڊوڙي وڃي، جويي صاحب کي پاڪر وجهي، چنبڙي پيس ۽ چوڻ لڳس ته "بابا، بابا، مون کي ڇڏي نه وجو." پاڻ مون کي سمجهائڻ لڳا ته آئون توکي ڇڏيو نه پيو وڃان. تون هتي ويهه پڙهه، جيئن اڳ ۾ اسکول پڙهندو هئين. پر مون کابه نه مڃي، مون چيو ته اوهان اتي ويهندا ته آئون پڙهندس، نه ته، نه پڙهندس. بابا سائينءَ چيو ته ٺيڪ آهي بابا، آئون ٻاهر ويهان ٿو، تون ويهي پڙهه. پاڻ ٻاهر ورانڊي ۾ ڪرسي وجهي ويهي رهيا ۽ موڪل تائين وينا رهيا. اهڙيءَ ريت پاڻ، ٽن ڏينهن تائين لڳاتار مون کي اسکول وٺي ٿي هليا ۽ اتي موڪل تائين وينا ٿي رهيا. تيستائين آئون به ڪلاس جي ٻارن سان رلي ملي ويس، ۽ ڪجهه جيجي زرينا جي پيار مون کي پنهنجو ڪري ورتو ۽ ان کان سواءِ، ميوزڪ واري استاد صادق علي، جيڪو پانت پانت جا گيت ٻڌائيندو هو، جي، مون کي گهڻا وٽندا هئا، سان ۽ مس ياسمين سان ريجهجي ويس.

مون کي اڄ ڏينهن تائين اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي آهي ته نيٽ جويي صاحب کي پنهنجن پوٽن ۽ ڏوهٽن ۽، پوٽين ۽ ڏوهٽين مان منهنجي باري ۾ ئي خاص خيال چو آيو. ان ۾ کا چڱائي هئي، کو قدرت کي مون کان ڪر ونڊو هو. اڄ مون کي اهو اندازو آهي ته جيڪڏهن آئون سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ نه پڙهان ته شايد بابا سائينءَ جي خدمت نه ڪري سگهان ها، چاڪاڻ ته اها خدمت سنڌي ٻولي اچڻ سان ئي ممڪن هئي. ان کان سواءِ، مون کي اهو به اعزاز به حاصل آهي ته منهنجو نالو محسن به پاڻ وڏي پيار مان رکيو هئائون.

تنهن زماني ۾ بابا سائين اسان جي گهر هڪ نه ٻئي ڏينهن ايندا رهندا هئا. سندن در مان داخل ٿيندي ئي امان سائنڊ جي مڪ تي مرڪ جا گل ٽڙي پوندا هئا ۽ سدائينءَ وانگي چوندي هئي ته: بابا اچي ويا. آئون ٻوڙي کين پاکر وجهندس هوس. سندن اها ڳالهه مون کان نه ٿي وسري ته پاڻ جڏهن به ايندا هئا ته کونه کو ڪتاب ضرور کڻي ايندا هئا، انهن ڪتابن مٿان گهٽي پاگي لکيل هوندو هو: "پنهنجي پياري ڏيءَ، نيلو لاءِ". منهنجيءَ امان کي گهر جي ڏميوارين کان پوءِ به لکڻ پڙهڻ جو جنون هوندو هو. مون کيس گهر جي ڪر کان سواءِ، هر وقت لکندي پڙهندي ئي ڏٺو. پاڻ کهاڙيڪار ۽ مضمون نگار هئي. سندس کهاڻين جو ڪتاب "سرجيس تان سور" جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن جي پيش لفظ جنهن به پڙهيو هوندو، اهو ڄاڻندو هوندو ته بابا سائين ۽ منهنجي امان جي رشتي جي ڊور ڪيتري مضبوط هئي، پاڻ ڪهڙيءَ ريت، هڪٻئي سان دل جا حال احوال ڪندا هئا.

تنهن زماني ۾ بابا سائين، منهنجي پڙهڻ لاءِ پڻ هارائا ڪتاب آڻيندا هئا. پاڻ جيڪو پهريون ڪتاب مون کي ڏنو هئائون، اهو "ٽر ٽر تانباڻو" هو، جيڪو اڄ به مون وٽ سانڍيل آهي. ان کان سواءِ، مون لاءِ گل ڦل، سنڌي لوڪ کهاڻين جا ڪتاب جا پڻ آڻيندا هئا، جيڪي آئون وڏي چاهه ۽ دلچسپيءَ سان پڙهندو هوس. بابا سائين سنڌي بيت ۽ هاراڻن ڪتابن جا نظم مون کي جهونگاري ٻڌائيندا هئا ۽ آئون پڻ ساڻن گڏ جهونگاڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. اهڙيءَ ريت منهنجي ڪل ڪائنات پنهنجي امان ۽ بابا سائينءَ تائين ئي پکڙيل هئي. انهن ٻن کان سواءِ، هن دنيا ۾ منهنجو ڄڻ ته ٻيو ڪوبه هو ئي نه.

انهن ئي ڏينهن ۾، منهجي امان به ماڊل اسڪول ۾ استاديائي ٿي آئي، تنهنڪري، مون لاءِ پڙهائيءَ ۾ وڌيڪ آساني پيدا ٿي. امان ۽ جيجي زرينا جي پاڻ ۾ سنگت ۽ مون سان پيار هڪجهڙو ۽ هڪجيترو هو. جيجي زرينا جو پنڊ ڪالونيءَ وارو گهر، ڄڻ ته منهنجو پنهنجو گهر هو. مون کي پاڻ سان گڏ اتي وڃي ويندي هئي، جتي ايياز سان آئون راندين رهندو هوس. ايياز مون کان عمر ۾ وڏو هو ۽ اڪثر ڪري، اسان ٻارن کي مختلف ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هو. سندس ڪتاب جو انداز ايترو وڻندڙ هوندو هو، جو وقت گذرڻ جي ڪا خبر ئي نه پوندي هئي.

بابا سائين پنڊ ڪرڻ پسند ڪندا هئا. سو، پاڻ صحافي ڪالونيءَ کان، اسان جي هيرآباد واري گهر تائين پنڊ ايندا هئا. پنهنجي هيرآباد واري گهر کي آئون ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهان. هيرآباد جا گهر گهٽي پاگي پراڻي طرز جا ٺهيل هئا، انهن مان اڪثريت انهن ئي گهرن جي هئي، جيڪي هندو خالي ڪري ويا هئا، انهن مان گهڻا. ساڳيءَ حالت ۾ اڄ به بينل آهن ۽ اڏاتي سونهن جا شهڪار آهن. انهن گهرن جون پٽيون مضبوط ۽ چٽيون مٽيريون ۽ هوادار هيون. ڪمرا وڏا ۽ ڪليل هوندا هئا يعني انهن ۾ در دريون هوندیون هيون. ان کان سواءِ، اڳڻ پڻ وڏا ۽ ويڪرا هوندا هئا، جتي گهر ڌاتي ۽ مٽ مائٽ ڪٺون وڄهي ويهندا هئاسين، انهن جون پاڻ ۾ ڳالهيون جيتوڻيڪ، عام ۽ سادیون هونديون هيون، پر انهن جو پوءِ به مزو ۽ ساڻ سواد اڄ ڏينهن تائين وسريو ناهي. گهر ڌاتين جي ڪچهري ٻڌندي ٻڌندي، نه ڄاڻ ڪهڙي وقت، ننڊ اچي ويندي هئي.

هيرآباد جون گهڻيون ويڪريون ۽ ترتيب سان ٺهيل هيون، هر گهٽي، ڪنهن عاشق جي دل وانگي توڙ تائين ويندي هئي. جيتوڻيڪ، اوڙي پاڙي ۾ سنڌي به هئا ۽ مهاجر به هئا، پر ڪا روڪ ٽوڪ يا جهل پل نه هئي، هر ڪنهن گهر ۾ هليو ويجهو هو، هر ڪو پيو پائيندو هو. سڀ گهٽي ميٽ محبت سان رهندا هئا.

مون پنهنجي ٻالجتيءَ جا گهڻا ڏينهن ناڻڻ ۾ گذاريا. بابا سائينءَ سان گڏ آئون پنهنجي نانيءَ جو پيار پڻ نه ٿو وساري سگهان. ان جو پيار به کهاڻين واري روايتي نانيءَ جهڙو ئي هو ۽ جيءَ ۾ جاءِ ڏيندي هئي، گهور گهور پئي ويندي هئي. بابا سائين ۽ منهنجي امڙ جي پاڻ ۾ گهٽي ويجهڙائي انکري به هئي ته سندن سيني ٻارن منجهان منهنجي امڙ ئي سندن نقش قدم تي هلي. ادب سان کيس وڏو چاهه هو. هڪ عورت لاءِ ان جا گهڻ ڳڻا ئي سڀ کجهه هوندا آهن، پر منهنجي امان سائنڊ ان معاملي ۾ درويش هوندي هئي، کيس سون جي زيورن کان وڌيڪ کتابن سان پيار هوندو هو. اسان جي گهر ۾ هڪ پيتي رکيل هوندي هئي. جنهن کي ٽلهو تالو لڳل هوندو هو. مون لاءِ اها وڏي اسرار پري پيتي هوندي هئي. آئون ڄاڻڻ چاهيندو هوس ته ان ۾ چا آهي، جو امان ان جي ايتري سنيال پئي کري. جڏهن مينهن وسندو هو ته ڇت ڪٽان ڪٽان ٽمندي هئي، امان گهر جي سامان مان سڀ اڳ ان پيتيءَ مٽان هڪ ٽلهي رلهي وجهندي هئي. امان جي اهڙي عمل منهنجي ان پيتيءَ ۾ دلچسپيءَ کي ويتر ٿي وڌايو. آئون اصرار کندو هوس ته مون کي اها پيتي کولي ڏيکار. نيٺ امان هڪ ڏينهن مون کي اها پيتي کولي ڏيکاري، جنهن ۾ کي به گهڻ ڳڻا نه هئا، رڳو ڪتاب ئي هڪ ٻئي مٿا ستيا پيا هئا.

هوءَ کهاڻيون لکندي هئي ۽ بابا کي ڏيکاريڻ کان اڳ ڪنهن کي به نه ڏيکاريندي هئي ۽ نه ئي ڇپائيندي هئي. جڏهن سندس لکڻيون بابا سائينءَ جي نظر مان گذرنديون هيون ۽ پاڻ انهن کي درست کري جون صلاحون ڏيندا هئا ته امان سائنڊ پوءِ ئي اهي ڪنهن رسالي ۾ ڇپائڻ لاءِ موڪليندي هئي.

امان سائنڊ پڳوند هئي، جنهن کي جويي صاحب جهڙو مهربان ۽ عظيم پيءُ مليو هو، جيڪو کيس سدائين هٿائيندو هو. جويي صاحب جا امان سائنڊ ڏانهن جيڪي خط لکيل آهن، اهي پيءُ ۽ ڌيءَ جي رشتي جي تقدس ۽ محبت جا شاهڪار آهن. جڏهن ون يونٽ دوران پاڻ سنڌ بدر رهيا ته لڳاتار خطن وسيلي امان سان رابطي ۾ رهندا هئا. ان کان حال احوال ونندا رهندا هئا. خاص طرح معلوم کندا هئا ته هن کهڙا کهڙا کتاب پڙهيا آهن ۽ هن چا چا لکيو آهي. پاڻ سدائين امان سائنڊ کي وڌ کان وڌ لکڻ ۽ پڙهڻ جي هدايت کندا رهندا هئا.

منهنجي جيجل کي جڏهن کينسر جهڙو مُوذي مرض لڳو ته اسان جي گهر جون رونقون ويڑهجي ويون ۽ فضا اداس ۽ سوڳوار ٿي ويئي. اهو مرض وڌندو ويو، امان منهنجين اکين اڳيان تڙپندي رهي، لڇندي هئي، دل چاهيندي هئي، آئون هن لاءِ کجهه کري سگهان، پر آئون مجبور هوس. آئون پنهنجي ٻاراڻي سوچ ۾ پيو سوچيندو هوس ته جادو هجي، جو امان کي هن تکليف کان چوٽڪارو ڏياريان. جڏهن سندس بيماري گهٽي وڌي ويئي ته مون کي ڏسي هوءَ سدائين روئي پوندي هئي ۽ هن کي پاکر وجهي، آئون به روئي پوندو هوس. هوءَ کينسر جي بيماريءَ جي کري گهٽي هيٺي ٿي ويئي هئي. ڊاڪٽرن جواب ڏيئي ڇڏيو هو، دوا درمل کوبه اثر نه ٿي ڏيکاريو، بيماري پنهجي آخري اسٽيج تي پهچي ويئي هئي.

مون کان اها اياڳي رات کڻهن به نه وسري سگهندي، جڏهن امان سائنڊ جي تکليف گهٽي وڌي ويئي هئي. آئون سندس مٿو پنهجيءَ جهوليءَ ۾ رکي، کيس زور ڏيڻ لڳس ته جيئن کيس ننڊ اچي وڃي، پر هن جي اجهامندڙ اکين مان وچوڑي جا لڙڪ لارون کري هلي رهيا هئا. کيس اهو احساس ٿي ويو هو ته هاڻي موڪلاڻيءَ جو وقت اچي ويو آهي. هوءَ مون کي ورائي ورائي اهو چئي رهي هئي ته محسن بابا سائينءَ کي نه ڇڏجانءِ، بابا سائين ئي تنهنجو سڀ کجهه آهي. آئون کنڊ ڏوٽي هائوکار کري رهيو هوس ۽ منهنجين اکين مان لڙڪ کري، امان سائنڊ جي چهري ۽ ڳچيءَ تي ڪِري رهيا هئا. تانجو، فجر مهل کيس منهنجيءَ ئي جهوليءَ ۾ ننڊ اچي ويئي ۽ هڪ ڏگهي ننڊ، جنهن مان اڄ ڏينهن تائين کير به کنهن کي نه جاڳائي سگهيو آهي. ان واقعي منهنجي زندگي تبديل کري ڇڏي. آئون هاڻي اڳي جيئن نه رهيس. منهنجي طبيعت نديي هوندي کان گهٽي حساس هوندي هئي. امان سائنڊ جي لاڏاڻي مون کي جهوري وڌو هو. ان واقعي مون ۾ سڀ کان پيارين شين کسجڻ جو الکو پيدا کيو. اهوئي سبب هو، جو آئون جويي صاحب کي چنبڙي پيس، چاکاڻ ته امان

سائنڊ کان پوءِ منهنجي کل کائنات جويو صاحب ئي هو. ان واقعي کان پوءِ منهنجي دلچسپي پنهنجن دوستن مان ۽ رولاکين مان دلچسپي ختر ٿي ويئي ۽ آئون پورو پورو وقت جويي صاحب سان گذارڻ لڳس.

بابا سائينءَ جي کل زندگي علمي ۽ ادبي قسر جي هئي. کتاب، گڏجاڻيون، علمي بحث، مختلف پورگرام ۽ مختلف پنڌ سنڌن دوست گهٽي پاڳي اديب، استاد، شاعر، عالم ۽ پڙهيا لکيا ماڻهو هئا، جيڪي ادب جي باري ۾ ۽ علم ادب مان سنڌ، سنڌي ٻولي۽ ۽ سنڌي ماڻهن جي پوندڙ فائدن جي باري ۾ سوچيندا ۽ ڳالهائيندا هئا. مون کجهه کتاب ضرور پڙهيا هئا، پنهنجي امان جون کهاڻيون توڙي امر جليل ۽ خليل جبران وغيره جا کتاب پڙهيا هئا، پر هي ڳالهيون منهنجي سمجهه کان مٿاهيون هيون، گوڙهيون ۽ هيون ته نيون ۽ هيون. بابا سائينءَ سان جڏهن ان جا دوست کچهريون کندا هئا ته آئون سنڌن ڳالهيون وڏي ڏيان سان ٻڌندو رهندو هوس. توڙي جو، انهن کي اهو خيال نه هوندو ته انهن جي پر ۾ وينل نوجوان کيتري ڏيان سان سنڌن ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي، پر منهنجي سکيا ايئن اڻ لکي نموني هلندي رهي.

مون کي بهرحال، اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته بابا سائينءَ جي لکڻ پڙهڻ جو محور سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم آهي. پاڻ مون کي مختلف کتاب ڏيڻ وٺڻ لاءِ موکليندا هئا ۽ مختلف مضمون ۽ کتابن کي ٽائيپ کرائڻ جو کم ڏيندا هئا. جويي صاحب سان ويجهي رهندي، مون کي اهو احساس ٿيو ته جيڪي ۽ ماڻهو ساڻس ملڻ اچن ٿا، اهي سڀ سنڌس هر خيال نه آهن ۽ نه وري سنڌس دوست آهن. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن ميڊيا تي جويي صاحب خلاف محاذ کڙا کيا ويا. آئون ان تي حيران هوس ته هي سڀ ته جويي جا دوست آهن، پوءِ هن جي خلاف چو ٿا لکن ۽ بابا سائين انهن کي چو نه ٿو جواب ڏئي. بهرحال، مون کي اهو اندازو ٿيو ته جويي صاحب خلاف اخبارن کي استعمال کيو پيو وڃي ۽ اتان ئي جويي صاحب جي حق ۾ راءِ جوڙي سگهجي ٿي. جڏهن کوڙ کي ايترو مان ملي رهيو آهي ته سچ کي چونه ملندو. انکري، مون شروع ۾ جويي صاحب کان چوري چوري سنڌس مضمون کمپوز کري، اخبارن ۾ چپايا، چاکاڻ ته جويو صاحب اهو پسند نه کندو هو ته سنڌس مضمون اخبارن ۾ چپجن. سنڌن گهٽو ٿڻو زور کتابن چپائڻ تي هوندو هو. مون محسوس کيو هو ته هڪ کتاب ايندي وڏو وقت لڳيو وڃي، تيستائين، جويي صاحب خلاف کيترائي مضمون اخبارن ۾ اچي ٿي ويا ۽ سنڌن سموري زندگيءَ جي بي عيب پورهيي کي لوئيو ٿي ويو ۽ سنڌن بي داغ کردار کي بگاڙڻ جي، شعوري کوشش کئي پئي ويئي.

شروع ۾ جڏهن آئون مضمون اخبار ۾ چپائي، بابا سائينءَ ڏانهن کڻي ويندو هوس ته پاڻ ان کي پسند نه کندا هئا، پر هوريان هوريان، جڏهن دوستن پاران کين موٽ ملڻ لڳي ته پاڻ مون کي نه روکيائون ۽ کمپوز ٿيل مواد ۾ غلطيون سڌاري مون کي ڏيڻ لڳا. ان طرح، جويي صاحب پنهجي پاڻ کي، پنهنجن پڙهندڙن ۽ مداحن لاءِ، نئين سري کان پرپور نموني اظهاريو ۽ پڙهيو ۽ پڙهايو. اهڙيءَ ريت، منهنجو رشتو جويي وسيلي سنڌ سان جڙيو، ان کي به مون پنهنجي سمجهه آهر سمجهيو آهي ۽ سنڌ سان جڙيل ان رشتي جي بلندين تان، جڏهن مون بابا سائينءَ کي ڏٺو ته پاڻ سنڌ جو وڏو Savior نظر آيو. ان کان پوءِ اسان جي رشتي ۾ اڃا به مضبوطي آئي ۽ هاڻي اهو رڳو ناني ۽ ڏوهٽي وارو جذباتي رشتو، نه پر، نئين سنڌ جي اڏيندڙ ۽ ان اڏيندڙ جي نندڙي خدمتگذار وارو شعوري رشتو به هو. اهوئي سبب هو، جو سنڌن حصي جون کجهه پوڳنائون ۽ درد منهنجي پلئه پيو آهي. ان هوندي به، آئون جيڪي کجهه به اڄ، اپرو سپرو ٿي سگهيو آهيان، اهو بابا سائينءَ جي پيار، رهنمائي ۽ همٿائڻ جو ئي کرشمو آهي.

ان نئين رشتي جي لڙهيءَ ۾ پوئجندي، اڄ کي چوڏنهن پندرنهن ورهيه گذري ويا آهن ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. هن سال 13 آگسٽ تي جويو صاحب 99 ورهيه پورا کري 100 ورهين ۾ داخل ٿيندو، ان نسبت سان، سڄي سال ۾ جويي صاحب جي سئو سالا جشن جي حوالي کان مختلف تقريبون رٿيل آهن، جن کي پڻ کامياب کرڻ جي کوشش کبي. آخر ۾ دعا آهي ته بابا سائين اڄا به وڏي ڄمار ماڻين ۽ اسان مٿان چپر چانوَ ٿي رهن.

محمد ابراهيم جويو ـ سنڌ جو فڪري اُستاد

سنگرام

اڄ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جن جو 100 سالہ جنم ڏينهن آهي. کين اِن سياڳي ڏينهن تي لک لک واڌايون هجن.

سائين جويو صاحب جن کنهن به تعارف جا محتاج نہ آهن. هڪ صديءَ تي پکڙيل سندن زندگي مسلسل جدوجهد جو عملي پيڪر آهي. همعصر عالمن، اديبن، دانشورن، ڏاهن، مفڪرن، نقادن، شارحن، دوستن، دشمنن، سڀني پنهنجي پنهنجي وَڙ آهر، سائين جويي صاحب جي زندگيءَ، فڪر، جدوجُهد، تصنيفن ۽ تحريرن تي تمام گهڻو لکيو آهي، جيڪو بذات خود سنڌي ادب جو ضخيم ذخيرو ۽ عظيم سرمايو آهي. تنهنڪري، اُنهن جو ورجاءُ، وقت جو زيان ٿيندو.

جنم ڏينهن جي نسبت سان، جيئن مون سائين جويي صاحب جن کي ڏٺو آهي ۽ سمجهيو آهي، سو پنهنجي فهم فراست موجب، لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ڪريان ٿو.

ماڻهو هِن سنسار ۾ جنمي ٿو، جيئڻ گهاري ٿو ۽ پنهنجو وارو وڃائي، هليو وڃي ٿو. دنيا جو اِهو دستور جُڳن کان هلندو آيو آهي، ۽ نہ معلوم تہ اِهو ايجا ڪيترن جڳن تائين ائين ئي جاري ۽ ساري رهندو ايندو.

سوال اِهو ناهي تہ ڪنهن ڪيتري جمار ماڻي، پر سوال هيءُ آهي تہ هُن جو اُهو جِيونُ ڪيترو سَڦلُ گذريو. اِن ڪَٺ ڪرڙ جا ڪيترائي معيار ۽ ماپا آهن. پر، دنيا جا سيئي ڏاها اِنهيءَ ڳالهہ تي سَهَمت آهن تہ:

"ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪم ۽ ڪردار جي وَڻ يا سندس ڪارج جي ڪَٺ ائين ڪري سگهبي آهي تہ هُن پنهنجي ديس ۽ پنهنجي ماڻهن جي ڪهڙي خدمت ڪئي، ۽ ڪهڙن آدرشن جي حاصلات لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ پنهنجو جِيونُ ارپيو."

سائين جويي صاحب جي زندگيءَ کي اهڙيءَ ڪسوٽي تي پرکي سگهجي ٿو.

ڪامريڊ لينن چيو هو:

"ماڻهوءَ جي پياريءَ کان پياري ملڪيت زندگي آهي، ۽ جيئن تہ اُها هُن کي ماڻڻ لاءِ رڳو هڪ ئي پيرو ملي ٿي، اُها هُن کي ائين گذارڻ کپي، جو بي مقصد سالن جي گذري وڃڻ جو ڪيس ڪو ايذاءُ ڏيندڙ ارمان محسوس ڪرڻو نہ پوي؛ ائين گذارڻ کپي، جو ڪنهن بزدل ۽ خسيس ماضيءَ جي شرمندگيءَ جا ڏنڀ ڪيس سَهڻا نہ پون؛ ائين گذارڻ کپي، جو مرڻ مهل هُو چئي سگهي تہ سڄي منهنجي زندگي، سموري منهنجي طاقت دنيا ۾ بهترين مقصد جي حاصلات لاءِ ڪم آئي. بني نوع انسان لاءِ آزاديءَ جي جنگ ۾ وڙهندي."

سائين جويي صاحب شايد لينن جي اِن قول سان جڙ تہ ڪو پرڻُ ڪيو هو ۽ پنهنجو پاڻ سان، پنهنجي زندگيءَ سان، ڪو وچن ڪيو هو، پنهنجي مادر وطن سنڌ سان ساکيات سچ تي بَڌلُ ڪو عَهَدُ ڪيو هو، تہ پاڻ پنهنجي سڄي جمار اُنهيءَ آدرش جي تڪميل لاءِ،

پنهنجي ديس ۾ ٻني نوع لاءِ آزاديءَ جي جنگ ۾ وڙهندي، ۽ اُن ۾ پورهيتن جي لوڪ راڄ جي قيام واسطي جاکوڙ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو.

اِن ئي ٻُڌتي کان سائين جويي صاحب جي زندگيءَ جي جدوجهد جي عملي شروعات ٿئي ٿي، جيڪا 1946ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جاري آهي، ۽ اِن ڳالهه کان ته سائينءَ جن جا سخت کان سخت نقاد به انڪار ڪري نه سگهندا ته سائين جويو صاحب جدوجُهد جي ميدان ۾ ڪڏهن به پٺتي نه رهيو آهي.

پرسٽرائيڪا ۽ گورباچوف لکي ٿو:

"بهترين ۽ اعليٰ انساني ذهن ۽ ايماندار ماڻهو، انساني سَڀيتا جي باري ۾ سوچين ٿا ۽ اُن جي حال ۽ آئيندي جي باري ۾ ڳڻتي محسوس ڪن ٿا. اُهي پنهنجي اهليت، علم، صلاحيت، حاصلات ۽ جذباتي سگهه سيڙائي، هِن دنيا کي وڌيڪ انصاف تي ٻڌل دنيا جوڙڻ گهُرن ٿا. پنهنجي حڪمت عمليءَ کي نئينءَ سوچ جي بنياد تي قائم رکندي، پاڻ کي رڳو اُنهن خيالن تائين محدود نه رکندا آهن، جن جا عام ماڻهو عادي ٻڌجي چڪا هوندا آهن..."

بهترين ۽ اعليٰ انساني ذهن ۽ ايماندار ماڻهوءَ واريون مٿي بيان ڪيل سيئي خوبيون سائين جويي صاحب ۾ بدرجه اُتر موجود آهن.

فرانس جي مهان ڏاهي، وِڪٽر هيوگو، هڪ هنڌ لکيو هو ته:

"والنٽيئر جي نالي وٺڻ سان سڃي جي سڃي ارڙهين صديءَ جي ڪارڪردگي، معنيٰ ۽ مقصد، سامهون اچي وڃن ٿا."

هيوگو جي اِنهيءَ ڳالهه کي سائين جويي صاحب لاءِ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته سائين جويي صاحب جو نالو وٺڻ سان ئي سنڌ جي سموري علمي، ادبي، فڪري ۽ ترقي پسند تحريڪن جي ڪارڪردگي، معنيٰ ۽ مقصد سامهون اچي وڃڻ ٿا. انهن سيني تحريڪن ۾ سائين جويي صاحب جو ڪردار نه فقط مهنداريءَ وارو رهيو آهي پر، اُنهن جو مُحرڪ به گهڻو ڪري سائين جن پاڻ ئي رهيا آهن.

جهڙيءَ طرح والنٽيئر لاءِ چيو ويندو آهي ته "سڄي يورپ تي هِن (والنٽيئر) جي قلم مان نڪتل ڪتابچن، رسالن ۽ پئمفليٽن جي برسات ٿيندي رهي ۽ ڪٿي به زوراوريءَ يا ڏاڍ جي ڪا ڳالهه ڏنائين يا ٻُڌائين ٿئي، ته اُن ۾ هُو هيٺي جو پاسو وٺي ميدان ۾ نڪري اچي ٿي ٻيٺو." بلڪل اهڙيءَ طرح، سنڌ ۾، سائين جويي صاحب جي سموري زندگي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ قلم ذريعي جدوجُهد ڪندي گذري آهي، ۽ اِها جدوجُهد پاڻ اڄ به جاري رکيو اچن. هن، سنڌ ۽ سنڌي قوم ۽ سنڌي هوليءَ خلاف ٿيندڙ هر سازش، ويساهه گهاتيءَ، بي انصافيءَ، ڏاڍ ۽ جبر خلاف احتجاج جو آواز بلند ڪيو ۽ موقعي جي مناسبت سان ڪتاب ڪتابچا، چوپڙيون، پئمفليٽ وغيره ڇپرائي، اخبارن ۾ مضمون لکي پنهنجي عوام کي اُنهن سازشن، ويساهه گهاتين خلاف بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪين جدوجهد لاءِ اُتساهيو.

سائينءَ جي لکڻ جو پنهنجو هڪ اسلوب ۽ انداز آهي. سندن لکڻين ۾ نرالپڻو آهي. سندن لکڻين ۾ للڪار آهي. والنٽيئر جي قلم جيئن، آزاديءَ لاءِ لوچ ۽ پُڪار آهي روسو جي قلم جيئن، مقصديت آهي ڪاموءَ جي ڪم جيان، احتجاجيت آهي. ٽام پين جي لکڻين جهڙي، بغاوت آهي. ٿوريو جي تحريرن جهڙي، اُمنگ آهي. خودشناسائيءَ جي اِنتهائن تي پهچندڙ تِتشي وانگر. سندن تحريرن ۾ ڪٿي به شو پنهاور واري قنوطيت پسنديءَ جي جهلڪ نظر نه ايندي. هُو باغي آهي پُرندڙ، ڪِرندڙ ۽ مُدي خارج وڌيڪي نظام جو، سندن لکڻيون پڙهندڙن جي مَنَ ۾ جدوجهد جي جُوالا مُکيءَ کي جوش بخشين ٿيون، نئون اُتساهه پيدا ڪن ٿيون ۽ انسان ۾ چڱائيءَ جي اميد جاڳائين ٿيون، ڏاهپ جا ڏَسَ ڏين ٿيون ۽ ماناريل دلين کي جهنجهوڙي، جاڳائي، جدوجهد لاءِ گرمائين ٿيون، ولولو ۽ ووڪ پيدا ڪن ٿيون، اُمنگ ۽ اُڌما پيدا ڪن ٿيون.

اديب هميشه نجات ڏيارينڊڙ، ماڻهوءَ جي روح جي زنجيرن کي ٽوڙيندڙ هوندو آهي، ته جيئن ماڻهو پاڻ کي سجاڻي ۽ پنهنجي وَٽ محسوس ڪري ۽ اُها ماڻي، ۽ رڳو هڪ استعمال ۾ اچڻ ۽ اُڇلائڻ جي شيءِ

ٽي نہ رهي، پر پاڻ پنهنجو وجود جو ڏٽي ٽي، زندهہ رهي ۽ مري تہ بہ هڪ آزاد هستيءَ جيان مري. اديب ائين فردن جو، ۽ پڻ قومن جو جيئارينڊ ۽ بچائينڊ هوندو آهي، اُنهن جي روحن جو مسيح هوندو آهي. جيڪو اديب کو بہ مقصد اِن کان گهٽ درجي جو پنهنجي اڳيان رکي ٿو، اُهو اديب نہ آهي، اديب ٽي ئي نٿو سگهي...

والٽيئر ۽ سائين جويي صاحب جي زندگيءَ ۾ ڪافي هڪجهڙايون ملن ٿيون. والٽيئر سڄي ڄمار ڳهندو رهيو، وڙهندو رهيو ۽ لکندو رهيو. غلام رباني آگري سائين جويي صاحب لاءِ لکيو آهي: "... هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍو ڏک ڏنو آهي. ميران ہائيءَ تہ زهر سان پريل هڪ ٽي پيالو پيتو هو. سنڌ جي هن لائق فرزند اهڙا ڪيئي پيالا پيتا هوندا..." سنڌن زندگي مسلسل جدوجهد جو هڪ اَڻ مِٽ، بي مثل ۽ لازوال داستان آهي.

والٽيئر کي اُن دور جي مذهب مهندارن ۽ فتويٰ فروش عالمن مُلحد ۽ دهريو قرار ڏنو هو. دنيا جي هر عظيم ۽ ڏاهي مفڪر وانگر جويو صاحب پڻ اهڙين "ڪرم نوازين" کان آزاد نہ رهيو آهي. هر آزاد منش، هر آزاد ۽ سوچيندڙ ذهن تي تاريخ جي هر دور ۾ اهڙا واجهہ وڌا ويا آهن. دنيا جي تاريخ اهڙن بيشمار مثالن سان پري پيئي آهي، پر پوءِ بہ تاريخ جي پنهنجي رمز آهي، اُن جا پنهنجا فيصلا آهن. اسان کي تاريخ ئي ٻڌائي ٿي تہ:

"انقلاب فرانس کان پوءِ 1791ع ۾ فتح سان سرشار انقلابين اُن شخص (والٽيئر) جي هڏن کي لکين ماڻهن جي سلاميءَ سان جلوس جي شڪل ۾ آڻي، پئرس ۾ دفن ڪيو، جنهن شخص جي لاش کي اُن وقت جي ديني اختيارين اِهو چئي مسيحي ڪفن ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو تہ "هُو مُلحد هو" جلوس ۾ ويندڙ اُن تابوت تي هي لفظ لکيل هئا: "هن شخص جو انساني ذهن تي عظيم احسان آهي، هِن ئي اسان کي آزاديءَ جو سبق سيکاريو."

سنڌ ۾ سائين جويو صاحب بيشڪ، اهڙي ئي پايي جو مفڪر آهي، وقت ثابت ڪندو تہ سنڌ جو آزاد منش کين پڻ اهڙن ئي سونهري لفظن ۾ ياد ڪندو.

سنڌ جو ساڃاهہ وند طبقو اِن ڳالهہ تي مُتفق آهي تہ: "هن (سائين جويي صاحب) اسان کي آزاديءَ جو سبق سيکاريو... هن اسان کي سنڌ شناسائيءَ ۽ اُن سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو، هِن اسان کي سنڌ ۽ سنڌيت جي ساڃاهہ ڏني..."

شخصي طور تي مون سائين جويي صاحب کي نهايت سهاڄهو، مٺيادار، مهربان، علم ۽ دانش جو پنڌارُ، صاف اُجرو مَنُ رکندڙ هر قسم جي بغض، ڪيني ۽ ڳِلا غيبت کان پنهہ آڌ واقف، مُنافقت، هڇاپڙائپ وغيرہ کان ڪوهين ڏُور، ڪرو، صاف ڳو، هميشہ سچ ڳالهائيندڙ ۽ ڪِلڪ ڏنو. سنڌن گهَر جا ۽ پڻ دل جا دروازا سيني علم دوست، ادب دوست ۽ سنڌ دوست سائين ۽ سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي هوليءَ سان پيار ڪندڙن لاءِ هر وقت ۽ هميشہ ڪُليل رهن ٿا. پاڻ تمام وسيع قلب، درگذر ڪندڙ ۽ علم ۽ ادب جي پياسين تي ائين مهربان هوندا آهن، جيئن سانوڻ رُت ۾ اولا ڪري وسندڙ مِينهُن.

پاڻ پهرين جنوري 2009ع کان وٽي مختلف ۽ خطرناڪ بيمارين جي وَر چڙهيل آهن، پر، سنڌن حوصلا، عزم ۽ سنڌن فڪر هميشہ وانگر اڄ بہ جوان ۽ اڌول بڻيل آهي. موت جو ڊپ وڌن وڏن سورمن کي بہ لوڏي ڇڏي ٿو. پر، موت سان هر ڪلام ٽيڙ ۽ اُن جي اڪين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ کان پوءِ، سائين جويي صاحب جي سوچ ۽ فڪر ۾ نئون نکار ۽ پختگي آئي آهي.

اِن سلسي ۾ آءٌ پنهنجو هڪ تجربو اوهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت گهُرندس.

5 اپريل 2010ع تي صبح جو سوير مون کي اطلاع مليو تہ سائين جويو صاحب جن آغا خان اسپتال، ڪراچيءَ جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ نازڪ حالت ۾ داخل آهي.

اُن کان اڌ ڪلاڪ کن اڳ مون کي فون تي اطلاع مليو هو تہ منهنجو دِل گهوريو درست، ڊاڪٽر پرتاب سنگهہ، ميمبر سنڌ اسيمبلي، دل جي دوري پوڻ سبب ديهانت ڪري ويو آهي ۽ سندس مڙهہ ميرپورخاص آندو پيو وڃي. منهنجي لاءِ فيصلو ڪرڻ

ڏکيو ٿي پيو تہ کڻي پاسي وڃجي. ڊاڪٽر پرتاب سنگهہ، منهنجو گهر ياتي ۽ ننڍي پاڻ مِثلُ هو ۽ منهنجو بيحد عزيز هو. بهرحال، آءٌ نيٺ ان نتيجي تي پهتس تہ حياتيءَ تي کڻڙو پروسو، هڪ تہ اڳي ئي هيءَ جهانُ ڇڏي چڪو آهي، سو منهنجي وڃڻ سان جيئرو ٿي، واپس ڪين ايندو. البت، جيڪو جيئرو آهي، تنهن جو حال احوال ونجي، سو، آءٌ ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿيس. سائين جويي صاحب سان منهنجي روح جي تار ڳنڍيل آهي.

آغا خان اسپتال پهچي، اِنفرميشن ڊيسڪ تان سائين جن جي واردِ جو ڈُسُ پڇيم، ۽ ڳولا ڪندو ڪندو اُتي پهچي ويس، ۽ اُتي موجود هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ کي چيم تہ مون کي C-113 تي وڃڻو آهي. هُن مون کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ الائي تہ کڻڙي مَنَ ۾ آيس، مون کي چيائين، "اچو!" ڊاڪٽرياڻيءَ I.C.U واردِ جي ڪوڊ ذريعي بند ڪيل دروازي کي گهُربل ڪوڊ ملائي، دروازو کوليو، ۽ چيائين، سامهون اتوَ توهان جو مريض.

آءٌ جيئن ئي واردِ اندر داخل ٿيس، منهنجي نظر هڪدم سائين جويي صاحب تي پيئي، ۽ آءٌ تکڙو تکڙو وڌي، وڃي سندن بيڊ جي پرسان ماڻ ڪري بيهي رهيس. هڪ ڊاڪٽر، سائينءَ وٽ ٻيٺل هو، ۽ طبعيت چڪاسي رهيو هو.

چند ساعتن ۾ سائينءَ جي، جيئن ئي مون تي نظر پيئي تہ پاڻ هڪدم بستري تان اُٺڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ مون کي ڳرانڊي پائي، شفقت وچان لڳاتار چُمڻ لڳا. مون سائينءَ جن کي سهارو ڏيئي، واپس ليٽائي بستري تي سمهاريو، پاڻ هڪدم چيائون: "هاڻي آءٌ جي پيس! يَر، چگو ٿيو جو تون آئين، هاڻي آءٌ جِي پيس!"

مون کي ٻڌايو ويو هو تہ سائينءَ تي فالج جو حملو ٿيو آهي، جنهن جو اثر دماغ تي ٻہ پيو آهي، ۽ سندن دماغي صحت متاثر ٿي آهي. پر مون ڏٺو تہ اُن وقت صورتحال بلڪل ئي مختلف هئي. سائين جن تي فالج جي حملي جا ڪجهہ اثر ضرور هئا، پر ائين بلڪل نہ هو تہ ڪو سائين جن جسماني يا ذهني طرح مفلوج ٿيل هئا. ها، البت، پاڻ ڪمزور ضرور هئا.

منهنجي اچڻ سان سائينءَ کي دلي سَرهائي ٿي هئي، جيڪا سندن چهري مان صاف بکي رهي هئي. پاڻ منهنجو ساڃو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ گرمجوشيءَ سان جهلي، مون کي پنهنجي گهر ياتين جي صحت ۽ سندن خير عافيت پڇڻ لڳا. پنهنجيءَ صحت جي ايتري چنتا نہ هئي. پاڻ چوڻ لڳا: "چگو ٿيو جو تون آئين. مون توکي ساريو پئي. منهنجي صحت هاڻي بهتر آهي، ڪجهہ ڪمزوري اٿم، سا بہ لهي ويندي، ڳڻتيءَ جي ڳالهہ ڪانهي..."

سائينءَ کي بهتر حالت ۾ ڏسي، مون کي خوشي بہ ٿي رهي هئي تہ دلي تسلي پڻ. سائينءَ جي اکين جي جوت ۽ چهري تي چانيل رونق مان زندگيءَ جي جهلڪ واضح هئي، ۽ منهنجا خدشا ۽ وِسوسا پڄي، ڪافور ٿي چڪا هئا.

پوءِ، پاڻ ٻري منهنجي هٿ کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان مضبوط جهلي، اُنهن کي مٿي ڪري چوڻ لڳا: "هي هَٿ ۽ اُنهن ۾ قلم، اسان جا هٿيار آهن، اُنهن کي Up hold رکڻو آهي." ڇڻ تہ سائين جن مون کان ڪو وچن وٺي رهيا هئا. پنهنجيءَ ڳالهہ کي جاري رکندي، وري پاڻ چيائون:

"آءٌ موت جي مُنهن مان نڪري آيو آهيان، مون موت کي اکين ۾ اکيون وجهي، قريب کان ڏٺو آهي. اکيون ٻُوٽڻ کان پوءِ رڳو اوندهہ ئي اوندهہ آهي، هيءَ دنيا سچ آهي. اڄ سچ آهي، اڄ جو ڏينهن سچ آهي. تون سچ آهين، آءٌ سچ آهيان، هيءَ زندگي سچ آهي، هيءُ سنسار سچ آهي، اڃوڪو هيءُ پَلُ سچ آهي، سُپاڻُ ڪنهن ڏٺو آهي؟ هُو جهانُ ڪنهن ڏٺو آهي؟"

سائين جن اَڃهَل ۽ روانيءَ سان ڳالهائي رهيا هئا. پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي، پاڻ وري چوڻ لڳا: "موت جي هِن بستري تي مون ڪائنات بابت سوچيو آهي. هيءَ ڪائنات پاڻ وَهِيٽي Omni potent آهي. اُها اِرتقا ذريعي وجود ۾ آئي آهي، ۽ منجهس Self evolution جي سگهہ موجود آهي... اِها اِئين ئي ۽ هميشہ ارتقائي عمل مان گذرندي رهي ٿي. ڪائنات جون سيئي شيون پڻ ارتقا جي عمل مان گذرن

ٿيون..." اِهي ڳالهيون ۽ ٻيون اهڙيون انيک فکر انگيز ڳالهيون، پڻ ڪيائون.

آءٌ حيران هئس ته موت جي بستري تي پيل جُهور جُهونو ماڻهو، پنهنجين سوچن ۽ فکر ۾ ڪيڏو نه واضح هو. ڪين موت جو خوف ته پري جي ڳالهه، پر اُن جو ذري برابر احساس به نه هئن. اِن دوران سمورو وقت ڊاڪٽر به موجود رهيو ۽ سيکجهه ٻڌندو رهيو، پر اسان مان ڪنهن کي به ڳالهائڻ کان منع نه ڪيائين. پاڻ مون کي گهڙي گهڙيءَ اِهو احساس ٿي رهيو هو ته ڪٿي، وارڊ ۾ موجود ٻين مريضن جي آرام ۾ خلل نه پوندو هجي.

پاڻ وري چوڻ لڳا: "اسان جا سپنا ضرور ساڀيان ٿيندا. پر، اُن لاءِ جدوجهد مسلسل جاري رکڻي پوندي. سنڌ هڪ ڏينهن ضرور آڇپو ماڻيندي، اِها سا مون کي پڪ آهي..."

ايتري ۾ هڪ ٻيو ڊاڪٽر به آيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين، "آءٌ توهان جو معائنو ڪندس، چا توهان اُن لاءِ تيار آهيو؟" اِن وچ ۾، اڳي ئي موجود ڊاڪٽر، نئين ڊاڪٽر کي سائينءَ جو تعارف ڪرائيندي چيو ته "سائين جن 95 ورهين جي جمار ۾ آهن، گذريل سال بائِ پاس آپريشن ٿي چڪو آهي، پاڻ سنڌ جا مشهور دانشور آهن."

سائين جويي صاحب جن ڊاڪٽر کي مخاطب ٿيندي چيو: "توهان اڄ پهريون ڀيرو آيا آهيو. چا مان صحيح ٿو چوان؟" ڊاڪٽر هائوڪار ۾ جواب ڏنو ۽ پوءِ مون کي مخاطب ٿي چيائين: "سائينءَ جي طبي معائني ۾ 10 کان 15 منٽ لڳندا، تيستائين توهان هُن ڪُرسيءَ تي ويهي انتظار ڪريو، ۽ پوءِ پلي گپ شپ ۽ ڪچهري ڪجو."

آءٌ ڪجهه منٽن لاءِ پرسان خالي پيل ڪُرسيءَ تي ويهي رهيس، پر پوءِ اِهو سوچي ٻاهر نڪري آيس ته 15-10 منٽن کان پوءِ ٻيهر واپس هليو ايندس ۽ پوءِ دل کولي ڪچهري ڪنداسون. مون کي اهڙي پڪ اِن لاءِ به هئي جو ڊاڪٽر به واعدو ڪيو هو ۽ اسان ٻنهي کي ڪچهريءَ کان نه جهليو هئائين. بلڪ منهنجو خيال آهي ته ڊاڪٽر جاڻي ٻُجهي اسان کي نه روڪي رهيو هو، جو هُو اُن دوران کا Observation ئي ڪري رهيو هو. شايد مون کان اڳ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو سائين جن جي تيمارداريءَ لاءِ وٽن نه پهتو هو، جنهن سان پاڻ ائين دل کولي ڳالهائي سگهن. سائين جي پُٽ محبوب ته مون کي چيو هو ته "سائينءَ جي ذهني صحت سالم نه آهي ۽ ڊاڪٽرن ڳالهائڻ کان جهليو آهي." پر ڪين ڏسي ۽ ملي منهنجو خيال هو ته سائينءَ کافي پاڻ کي recover ڪري ورتو هو ۽ منهنجي اچڻ سان جيڪا ڪين خوشي ٿي هئي، سنڌن برهه ڪُلي پيو هو، ڪوئي بند پڄي پيو هو ۽ پاڻ دل کولي مون سان دل جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، ڊاڪٽر اُنهيءَ جو مشاهدو ڪري رهيو هو، observation وٺي رهيو هو. سائين جي صحت جي خيال کان يقيناً اُها هڪ مثبت تبديلي هئي.

وارڊ کان ٻاهر اچي، ڪي گهڙيون محبوب سان حالي حوالي ٿيس ۽ سائينءَ جي صحت بابت احوال ورتم، پر سندس ڳڻتيءَ پرئي رَويي سبب، ٻيهر وارڊ ۾ سائينءَ سان ملڻ لاءِ وڃڻ بدران، پنهنجو گُسُ ورتم.

سائين جويي صاحب جا عزم ۽ حوصلا اڄ به جبل جيئن مضبوط ۽ بلند آهن. اِها هڪ بهادر ماڻهوءَ جي نشاني آهي. ناگزير ۽ ناموافق حالتن جو جوانمرديءَ ۽ حوصلي سان مقابلو ڪرڻ جو ڏاڻ ڪوئي سائين جويي صاحب کان سِکي! دوستيءَ ۽ اُن جي نباهه، جو سبق ڪوئي سائين جويي صاحب کان سِکي!!

اڄڪلهه سائين جويو صاحب جن بيماريءَ جي اذيت کان به وڌي ٻيڙا، وڌي جمار جو عذاب پوگي رهيا آهن. جيتوڻيڪ هر ڪوئي ماڻهو وڌي جمار ماڻڻ جون سَٽون ڪندو آهي، پر، ڪڏهن ڪڏهن اُها جيءَ جو روگُ بڻجي ويندي آهي. سائين جويو صاحب هِن وقت قحط الرجال جو شڪار آهي. سنڌن سيئي سَنگتي ساڻي، جن سان سنڌن روح جون تارون ڳنڊيل هيون، جڏ ته ڪو جنر جنر جو سڪ هُين، اُهي سيئي، هِڪُ، هِڪُ ڪري، پنهنجو وارو وڃائي ويا. ڪي طبعي طور جدا ٿي ويا ته ڪي وري فڪري موت مري ويا، ۽ ڪِن وري مُنافقيءَ کي عظيم دانشمندي سمجهيو آهي. پڪي وڳر ۾ ئي سُونهندا آهن.

مون کي ياد آهي ته 29 ڊسمبر 1997ع تي سنڌ جي مهان ڪويءَ، شيخ اياز جي مرتئي تي ممتاز مرزا

آڊيٽوريم ۾ ٽيل تعزيتي ميڙاڪي ۾ سائين جويي صاحب پنهنجي دلي ڪيفيت جي اظهار لاءِ شيخ ايياز جي هنن سٽن جو سهارو ورتو هو:

ڏور ٽيندا وڃن، روز جوڳيئڙا،
تون اڃا پيو جيئين، هاءِ ڙي جيئڙا!

اُن وقت سائينءَ جي ڪيفيت مان سٽن ڏُک جو اندازو لڳائڻ ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه هئي. دردَ هميشه دلي طور تي ئي محسوس ڪيا ويندا آهن. اُنهن جي گهرائيءَ جو اندازو، درد وَنڊي دل ئي لڳائي سگهي ٿي. سائينءَ اِن سلسلي ۾ ڪيترائي گهرا گهاوَ پنهنجي دل تي سَڻا آهن. ڪامريڊ ايم. اين. راءِ، ۽ ڪامريڊ لينن جو وڇوڙو، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد جو وڇوڙو، سائين جي. ايم. سيد ۽ شيخ ايياز جو وڇوڙو، حشو ڪيولراماڻي، ڪيرت ٻاباڻي، حسام الدين راشدي ۽ تازو ئي غلام رباني آگري جو وڇوڙو ۽ اهڙن ٻين بيشمار دل گهُرين سندن دوستن جا وڇوڙا ۽ سوويت يونين جو ٽٽڻ سڄ تہ انهن سندن جيءُ ئي جهوري وڏو آهي. پاڻ ائين ئي آهن ڇڻ وڳر ڪان وڇڙيل ڪائي ڪونج! پوءِ به، پاڻ هميشه زندهه دليءَ جو ثبوت ڏنو اٿن، سيئي دل جا گهاوَ سيني ۾ ساڏيي، هميشه ڪِلهُڪ ئي نظر اچن ٿا، ڪنهن کي محسوس نٿا ڪرائين. پر آءٌ سندن اِهو درد محسوس ڪريان ٿو، ۽ اِها ڳالهه سائين جويو صاحب جن سمجهن ٿا.

عُمر جي هِن آخري پَهَر ۾، منهنجي ذاتي راءِ موجب، سائين جويو صاحب جن ۾ڪمزورين ۾ قاسي پيا آهن، پاڻ هڪ تہ چاپلوس دوست نما دشمنن جي گهيري ۾ گهيرجي ويا آهن، جن ڪائنڪي اُن سونهندڙ فيصلا ڪرايا آهن، جن جي ڪري سندن سڄ جهڙي روشن شخصيت کي جزوي گرهڻ لڳي ويو آهي. جيتوڻيڪ مون کي پڪ آهي تہ سندن زماني شناس ۽ ماڻهو شناس نظر اهڙن ماڻهن کي پرکي ٿي، پر شايد جيئن زندهه رهڻ لاءِ ڪڙو ڪ پيئبو آهي، تيئن سائين به سمجهن ٿا تہ "جتي وڻ نہ هجي، اُتي ڪانڊيرو به وڻ". جيڪي جبروت لڏي ويا، سي واپس تہ ڪونہ ايندا ۽ پوءِ انسان، خلائن ۾ تہ نٿو رهي سگهي، هِن ڌرتيءَ تي زندهه رهڻ لاءِ، ڪِتي ڪِتي ڪَسُ به ڪائڻي پوي ٿي.

ٻيو تہ عمر جي هِن حصي ۾ ڪين اولاد جي موهه، موهي وڌو آهي. اِها منهنجي ذاتي راءِ آهي، ممڪن آهي تہ آءٌ غلط هجان. هر وڏي انسان جي ڪانه ڪا ڪمزوري هوندي ئي آهي، جيڪا نيٺ سندس جهوريءَ جو ڪاڙ ٻڌبي آهي. سائين جن پلين پت ڄاڻن ٿا تہ يوگي ۽ تپسوي هميشہ نِرموهي هوندا آهن. تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ڪيترن ئي مها ۽ پرم يوگين ۽ تپسوين موهه جي مايا جار ۾ ڦاسجي، پنهنجو يوگ ۽ تَپُ گنوايو آهي.

سائين جويو صاحب هڪ انسان آهي، فرشتو ڪونهي ۽ ڪوبہ انسان، انساني فطري ڪمزورين کان آجو ڪونهي. بحيثيت مجموعي، سائين جويو صاحب هڪ مها پُرش، سنڌ جو سچو يوگي، تپسوي ۽ ڪرانتڪاري آهي. اهڙا سدورا ۽ سداچار ۽ پاڻ موکيندڙ انسان، قومن جا بخت ٻڌجي ڌرتيءَ تي جنم ونندا آهن ۽ اُنهن جا صدين جا غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي، ڪين اعليٰ انسان پڻي جو شرف بخشيندا آهن. جنهن ڌرتيءَ تي اُهي جمندا آهن، سا ڌرتي اهڙن سدورن پٽن تي بجا طور تي فخر ڪندي آهي.

جنم ڏينهن جي هِن اَنسَوَ تي اسين سنڌ واسي، سائين جويي صاحب کي لکين ڪروڙين واڌايون ڏيندي کين دعا ٿا ڪريون تہ پاڻ ڏهني ۽ جسماني طرح صحيح سلامت رهن، وڏي ڄمار ماڻين ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هميشہ وانگر خدمت ڪندا رهن ۽ اُنهن جي آڇپي ۽ جياپي لاءِ جدوجهد سان گڏ اسان جي رهنمائي ڪندا رهن.

موقعي جي مناسبت سان آءٌ سائين جويي صاحب جي نهايت ئي دل گهُرئي دوست، رام امر لال پنجواڻيءَ جا هِي لفظ ورجائيندس، جيڪي هُن سائين لاءِ دُعا ڪندي چيا هئا:

"شل سدائين هِن جون اکيون، آڳريون ۽ قلم سلامت رهن، اُهي اکيون، جن سدائين سنڌ جي آزاديءَ، خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جا خواب ڏٺا. اِهي نم ۽ بَرّ جي گهاڻن وٽن جهڙيون ٻاجهاريون اکيون ۽ آڳريون ۽ قلم، سدائين سنڌ تي علم جي چانوَ ڪنديون رهن!"



پُر وقار شخصيت
سائين محمد ابراهيم جويو

پروفيسر سليم سهتو

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب کي مون پهريون پيرو اين.جي.وي گورنمينٽ هاءِ اسکول ايم.اي جناح روڊ ڪراچيءَ ۾ سٽ جي ڏهاڪي ۾ ڏٺو، ان وقت مان پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس. تنهن کان پوءِ مون کين پنهنجي هڪ اُستاد، حڪيم ارشد سان گڏ اسکول جي اسٽاف روم واري ڪمري ۾ اسکول جي اُستادن سان ڪچهري ڪندي ڏٺو.

ڪراچيءَ ۾ جيڪي به ادبي ڪچهريون ٿيندیون هيون، انهن ۾ اڪثر ڪري سائين محمد ابراهيم جويو صاحب حاضري پريندا هئا. سندن تقرير ڪرڻ جو مخصوص انداز ۽ آواز اڄ به ڪنن ۾ پڙاڏاو ٻڌجي گونجندو رهي ٿو. سندن ادبي ڪارناما ڪنهن به پڙهيل ماڻهوءَ کان لڪل ڪونہ آهن. اسان جي پرائمري نصاب تي رکيل ڪتاب سندن نالي کان سواءِ نہ هوندا هئا.

سٽ جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس، اسکول جي احاطي ۾ هوندي هئي، ان جو ذڪر مرحوم غلام رباني آگري پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ پڻ ڪيو آهي، ان کان سواءِ ٻين به ڪيترن مشهور اديبن پنهنجن مضمونن ۾ پڻ ڪيو آهي.

سائين محمد ابراهيم جويي جي ادبي ڪارنامن تي روشني وجهڻ ائين آهي جيئن سج کي ڏيئو ڏيکارجي. منهنجي دعا آهي تہ الله تعاليٰ سائين محمد ابراهيم جويي کي وڏي جمار عطا فرمائي تہ جيئن ٻيو سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن جي رهنمائي ڪندو رهي (آمين). مان پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان تہ مان سندس پوٽي جو اُستاد رهيو آهيان ۽ گهٽائي پيرا ساٺس ادبي ڪچهريون به ڪيون آهن. مان کين پلاٽينم جنم ڏينهن تي مبارڪون پيش ڪريان ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ کي لک لک مبارڪون هجن جو ان اداري سنڌي ادب جي مهان شخصيت کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سندن سؤ سال واري پيدائشي ڏينهن تي، ٽماهي "مهراڻ" جو خاص نمبر ڪڍڻ جو انتظام ڪيو آهي. خاص طور تي بورڊ جو سيڪريٽري سائين الهڏتو وگهيو صاحب مبارڪن جو حقدار آهي، جنهن اهو نمبر ڪڍڻ لاءِ سوچيو ۽ ان تي عمل به ڪيو.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن اسان خوشنصيب آهيون جو جويو صاحب جهڙو ڏاهو ماڻهو نہ رڳو اسان جي وچ ۾ آهي، پر ان سان گڏوگڏ ادبي سرگرمين ۾ پرپور ڪردار نيائي رهيو آهي، منهنجي دعا آهي رب پاڪ سائين جويو صاحب کي اجا به وڏي عمر عطا فرمائي آمين. سندس شفقت جو هٿ اسان جي مٿان قائم ۽ دائم رهي.

واءُ ۾ ڪا ڳالهڙي اَٽ ڪَهي

شيخ مونس اياز

درد جي شام آ، سج ويندو لهي،
واءُ ۾ آ ڪا ڳالهڙي اٽ ڪَهي.
(اياز)

...منهنجو بابا گهٽو ڪري سڃي عمر ڪين "ابراهيم" ڪري سڏيندو رهيو ۽ مان به ننڍپڻ کان ونی اڄ ڏينهن تائين کين چاچا ابراهيم، ڪري سڏيندو آهيان.

شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب جي اڌ صديءَ جي دوستي ۽ رفاقت فڪري به هئي ته ذاتي به هئي، ڇاڪاڻ جو شيخ اياز جي وڏي ڏيءُ چاچا ابراهيم جي ٻُنهن آهي، پر اهڙي سيٽيءَ واري رشتي کان ڪافي سال اڳ 1964ع ڌاري، شيخ اياز جي اولاد مان، مان واحد هار هئس، جيڪو تعليم جي لاءِ چاچا ابراهيم جي حيدرآباد واري گهر ۾ سال ڈيڍ اڇي رهيو هئس، پوءِ 1965ع واري جنگ ۾ بابا جي نظربنديءَ ڪري واپس گهر ويو هئس، اهڙو ڪجهه ذڪر اردوءَ جي مشهور ليکڪ مظهر جميل سيد به چاچا ابراهيم جي آتر ڪٽا "ايڪ صدي ڪي آواز" ۾ ڪيو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ۽ جيڪا سنڌ جي اڪثر دانشورن جي راءِ به آهي ته "محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز جي دوستيءَ جو محور ۽ محرڪ فقط ئي فقط سنڌ رهي آهي ۽ سنڌ جي حوالي سان سمورو سنڌي ادب ۽ شاعري ۽ ان جو شعور پڻ سندن دوستيءَ جو مرڪز رهيو آهي." سنڌ جي آڇپي، خوشحالي ۽ هڪ نئين سنڌ جي تعمير هنن جي سوچ جو محور آهي، اياز صاحب جن پاڻ جويو صاحب لاءِ لکن ٿا:

"ٽي شخص آهن، جن ننڍيءَ عمر ۾ منهنجي تربيت ڪئي آهي ۽ جي مان انهن سان نه ملان ها ته مان، مان نه هجان ها ۽ اُهي آهن- حشو، سويو ۽ ابراهيم جويو. انهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ائين رهي آهي، جيئن روميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي، اهي ئي ٽي ماڻهو آهن، جيڪي مون کان ليکي چوڪي ونڊ جا حقدار آهن، ۽ خاص ابراهيم جويو لاءِ، منهنجي ۽ هن جي دوستي رومي ۽ شمس تبريز واري هئي. جنهن رومي جي ڪتابن تي نگاهه وڌي هئي ته انهن ۾ آگ لڳي وئي هئي (ڪتاب: ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، ص 47-48،174).

وڌيڪ اياز صاحب جي لفظن جويو صاحب جي مڪمل تعريف هن طرح ڪئي آهي:

"جويو، ڪيرت ۽ ڪرانتڪاريءَ جو ڳوڙهو ڳانڍاپو آهي، تو ته هن جي اُٽت ڏني آهي، پر جڏهن سنڌڙيءَ لاڻون لڏيون، تڏهن ڪير چوندو ته اُن جو سارو لباس، هن جي آڏائي ۾ اُٽيل نه آهي، هي اُهو آدي جڳادي الوپ ماڻهو آهي، جو نو ورني جي سينڌ ۾ ستارا سجائي گر ٽي ويندو آهي.

شيخ اياز پنهنجن ڪجهه ڪتابن جو انتساب محمد ابراهيم جويي کي به ڪيو هو، فقط

هڪ شڪوه نظر 'جويا او جويا' جي عنوان سان لکيو هئائين. جيڪو شاعر، ليکڪ ۽ سياسي رهنما رشيد راجڙ جي ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهي ۽ جنهن جو ٻئي ڪنهن به هنڌ ذڪر ٿيل نه آهي، سچ ته شيخ ايار کان سواءِ ٻيو ڪنهن به محمد ابراهيم جويي جو ايترو ذڪر نه ڪيو آهي ۽ نه وري هنن ٻنهي جو ذڪر، هڪ ٻئي کان ڏار مڪمل آهي، ۽ نه وري ڏار ٿي سگهي ٿو، پر افسوس جو الائي ڇو محمد ابراهيم جويو صاحب جي جنم جو سؤ سالہ جشن ملهائيندڙ ڪميٽيءَ جيڪا نامياري ليکڪن ۽ دانشورن تي مشتمل آهي، ۾ شيخ ايار جي اولاد مان ڪنهن کي به ميمبر طور نه ڪنيو ويو آهي، جيڪو اهڙي رشتي جي پرپور نمائندگي ڪري سگهي.

جيڪي فراقون سو وصالون ٿئي،
اڇي اوطاقن مون پرين پري ڪيو.
(شاهہ)

"تنهنجي ماءُ به ڏاڍا ڏڪ ڏنا." اوچتو چاچا ابراهيم، آغا خان اسپتال ۾ 2010ع ۾ بيڊ تان چئي مون کي چرڪائي وڌو هو، ۽ مان اچرج ۾ پئجي ويو هئس، اهڙا لفظ هن هڪ وڌو ٿلو ساهہ پري، الائي ڪيئن منهنجي ماءُ کي سارينديِ چيا هئا، ممڪن آهي ته اها ڳالهہ ياد ايندي ڪين پنهنجي والده ياد آئي هجي، جنهن ڪافي ڏڪ ڏاکڙا ڏٺا هئا، جيڪا بيواهہ ٿي هئي ۽ جنهن بعد ۾ ٻيو گهر وسايو هو. چاچا ابراهيم جو ڏکويل آواز، سندس باءِ پاس سبب چيريل وڍيل سيني مان ٿي ڇڻ نڪتو، وڌيڪ چيو هئائين ته:

"مون ڪڏهن به ايار کي اهو نه چيو هو ته تون ٻه ٻه گهر ٿو هلائين، جنهنڪري تنهنجو تخليقي ڪم متاثر ٿو ٿئي، ۽ نه تنهنجي ماءُ جو به ڪو ڏوهہ هو."

هن ايار جي وفات تي ڏڪ وچان ائين چيو هوندو. چاڪاڻ جو ان وقت ڪجهہ اخبارن ۾ به اهڙيون ڳالهيون آيون هيون.

جويي صاحب وڌيڪ چيو هو ته: "مان ۽ رباني، ايار جا ويجها هئاسين." اهو چئي وري چاچا ابراهيم چيو هو: "اڙي، هاءِ هاءِ..." مان جنرل وارڊ ۾ سندن پرسان ويٺو هئس، مان ذاتي طور توڙي سنڌ ثقافت کاتي پاران، کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ سندن علاج تي ٿيندڙ خرچ جي حوالي سان سندن صحت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ به ايندو هئس، ان وقت سندن پٽ محبوب جويو، وارڊ کان ٻاهر ويٺل هو، محبوب جويو جي ماءُ، هڪ ٻي ڏکويل عورت هئي، ۽ بدقسمتيءَ سان جنهن جي شاديءَ جي 20 سالن کان پوءِ جويي صاحب کان علحدگي ٿي وئي هئي ۽ جنهن جا سيئي ٻار وڏا ٿي جويي صاحب ڏي هليا ويا هئا.

اها ابراهيم جويي صاحب جي پنهنجي ماءُ جي ذات ۽ هستيءَ کان محرومي، دوري يا سندس ڏڪ ڏاکڙو هو، جنهن جو پورائو هن ڪرڻ چاهيو ٿي، جو سڄي ڄمار سنڌ ڏرتيءَ جي هر شيءِ رنگ ۽ روپ ۾ وسيع تر ڏرتي ماءُ جو موروثي روپ ونڊي سندس زندگيءَ جو اٽمٽ حصو ۽ نقش ٿي وئي ۽ سنڌ سان سندس محبت جو اظهار ۽ ممتا جي اُکير، ٽڇ ۽ ڪچ جهڙي پناهہ ۽ ڳانڍاپي جي اُکير ٻڌجي وئي ۽ ڏکين حالتن ۾ به ڪيس هڪ لحظي لاءِ به ان کان پري ٽيڙ نہ ڏنو، جيئن پاڻ ماءُ کي ياد ڪندي اکثر پنڌائي سائينءَ جو هيءُ بيت چوندا رهندا آهن ته "پري ڏين هٽڙا، واريون دوست ڪريج، اڇي سار لهيج، ساجن سور تنهنجي آءٌ ماري" (انٽرويو، مئي 1997ع)

وري اڳتي هلي پاڻ سنڌ ڏرتيءَ تي "او سنڌ" جي عنوان سان هڪ طويل نظم لکيائون:

او سنڌ!
منهنجي پنهنجي سنڌ
اڇ ته آءٌ توکان پچان
ٻڌاءِ...
تون مون کان ڇا ٿي گهرين
آءٌ ڪير آهيان
تون ٿي مون کان پچين
ماءُ
آءٌ تنهنجو اولاد...

چاچا ابراهيم جي "سؤ سالہ جنر ڈينهن" جي حوالي سان اهو پهريون پروگرام هو، جيڪو 13- آگسٽ 2014ع تي هوٽل ريجنٽ پلازه ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي ۽ "محمد ابراهيم جويي سؤ سالہ جشن جنر ڈينهن کاميٽي" پاران منعقد ڪيو ويو هو. هال ۾ اندر گهڙندي ئي اڇيان وينل پراٽن اديب دوستن سان ملاقات مس ٿي ته، پوئين سيٽ تان تڪڙ ۾ خاڪي سفاري سوٽ ۾ اُتي اچي ٻه ماڻهو وڏي اُکير ۽ سِڪ سان مون سان مليا. انهن مان هڪ کي ته مون بنهہ نہ سڃاتو، جيڪو هو چاچا ابراهيم جو وڏو پٽ ادا منور جويو، ۽ ٻيو هو سندس ننڍو ڀاءُ محبوب جويو، جنهن جو مون سان منور تعارف ڪرايو، منور سان مان غالباً 30 سالن کان پوءِ ملي رهيو هئس، هُو ڪافي جهونو ٿي چڪو هو.

ساڻن ملي مون اڇتي وڏي وجي اردوءَ جي شاعر سحر انصاري ۽ جسٽس (ر) سيد ديدار حسين سان دعا سلام ڪئي. ان بعد مون کي خيال آيو ته: "چاچي ابراهيم جا ٻئي پٽ، مون سان اُتي اچي مليا هئا، سو اخلاقي طور مون کي ساڻن گڏ ڪجهہ گهڙيون ويهڻ کپي، ۽ ساڻن حالي احوال ٽيڻ کپي." پوءِ مان جويي صاحب جي انهن ناراض پٽن: منور ۽ محبوب سان وجي وينس، اُتي خيرپور جي مشهور ترقي پسند اڳواڻ علي مظاهر وڪيل (جنهن جو بابا پنهنجي آتر ڪتا ۾ ذڪر ڪيو آهي) جو فرزند جسٽس (ر) اسلم جعفري ۽ اچي وينو، مان ساڻن هر ڪلامي ٽيس.

اُتي مون کي ياد آيو ته 1964ع ۾ ادا منور جويو نئون نئون پرٽجي آيو هو، تڏهن بابا مون کي حيدرآباد ۾ چاچي ابراهيم وٽ، سندن گهر ۾ پڑهائڻ لاءِ رهايو هو، مارڪيٽ جي علائقي ۾ چاچا ابراهيم جا ٻہ نوان فليٽ هئا، جن ۾ مظفر، منور ۽ محبوب پنهنجين ٻن پينرن- نيلوفر ۽ نرگس سان گڏ رهندا هئا. مان سندن سؤٽ عبدالله جويي صاحب سان گڏ رهندو هئس.

پروگرام ۾ جيئن چاچا ابراهيم کي هال ۾ اندر وٺي آيا ته، مان اُتي وجي ساڻن مليس ۽ کين يادگيري ڈيارٽ لاءِ پنهنجو نالو ڪٽي چيم، "چاچا، مان مونس آهيان." ته وراٽيائون، "هان... ها... مونس، مونس". مان گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن گذريل سال جون جي مهيني ۾ حيدرآباد ويو هئس ته ساڻن جرنلسٽ ڪالونيءَ ۾ جيل روڊ واري سندن بنگلي/گهر تي وجي مليو هئس، جتي مان گذريل 30-40 سالن کان ڪڏهن ڪڏهن ساڻن ملڻ ويندو رهيو آهيان، ان گهر جي هينئين حصي ۾، چئني پاسن کان ڪتابن سان ڀريل ۽ سينگاريل ڪمري ۾ چاچا ابراهيم رهندو هو/آهي ۽ ان جي مٿئين حصي ۾ 70-80 واري ڏهاڪي ۾ ادا منور ۽ رهندو هو، جيڪو پوءِ گهر مظفر ورتو، اهو پلاٽ ادا منور کي بطور صحافي، مليو هو.

پروگرام ۾ اردوءَ جي ليکڪ ۽ وڪيل سيد مظهر جميل سپ کان سنو ڳالهايو، اهو جويو صاحب جي آتر ڪتا "صدي کي آواز- محمد ابراهيم جويو" لکي، اسان سنڌين کي پوئتي ڇڏي ويو. ان پروگرام ۾ ٻيو منهنجي استاد: پروفيسر ميڊم مهتاب راشديءَ، چاچا ابراهيم جي گذريل سال 'ڪاوش دنيا' ۾ قسطن ۾ شايع ٿيل آتر ڪهاڻي: ني آڏاريل مقالو ڏاڍي خوبصورت ۽ پُراثر انداز ۾ پڙهيو، ميڊم جي لفظن جي ادائگي نہ فقط وينل سؤ ڏيڍ ماڻهن کي بيحد متاثر ڪيو، پر خود چاچا ابراهيم جي اکين ۽ منهن تي ٻہ ٻاراڻي چمڪ، مُرڪ ۽ خوشي اچي ٿي وئي، ۽ هُو ٻہ پنهنجي لکيل لفظن کي ميڊم راشديءَ جي ڪنڌ ورجائي رهيو هو ۽ ٻاروتڻ واري وقت کي ياد ڪري رهيو هو، اهي تاثرات نيچرل انداز ۾ سندن چهري تي آيا ٿي. پراڻي چوٽي آهي ته، "ٻار ۽ ٻيو هڪ ڳالهہ آهن". اُن وقت هيءُ شخص سؤ ورهين جي جمار ۾، ڏهن سالن جي ٻار جو ڏيک ڏئي رهيو هو.

جويو صاحب سنڌ جو هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن پنهنجي سموري حياتي هڪ مقصد جي لاءِ گذاري آهي، ۽ اُهو مقصد آهي، سنڌ جو سڪ ۽ ان جي خوشحالي.

ايڪ قصر در لڪ

ريحانہ نظير

محمد ابراهيم جويو جي شخصيت ۾ هڪ سادو، سڀاجهو، قومپرست، وطن دوست، روشن خيال عالم، دانشور ۽ انسان دوست جون خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون. هو نہ صرف هڪ باشعور فرد، پر سنڌي قوم جي سياسي، سماجي، علمي ادبي ۽ فڪري رهنمائي ڪندڙ انسان پڻ آهي، ڪڏوڪڏ هُو سنڌ جي ثقافتي تاريخ جو آئيندار پڻ آهي. سندس علمي، ادبي ۽ تنقيدي شعور ڪنهن اداري کان گهٽ نہ آهي. هن پنهنجي سڄي زندگي علمي ۽ تحقيقي ڪمن ۾ وقف ڪري ڇڏي آهي.

سکيا جي ميدان ۾ سندس رتبو ڪنهن سپهہ سالار جيان نظر اچي ٿو. سندس ڏاهپ، دور انديشي وطن دوستي ۽ مشاهدي جي قوت جو اندازو سندس لکيل ڪتاب 'سيو سنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ' مان لڳائي سگهجي ٿو.

جنهن وقت ۾ سنڌ جا سياستدان، عالم ۽ ڏاها ڳڏجي پاڪستان جي قيام لاءِ پتوڙي رهيا هئا، ان وقت هن نوجوان (محمد ابراهيم جويو) خدشا ظاهر ڪيا هئا جيڪي پاڪستان جي قيام سان سنڌ کي پيش اچي سگهجن پيا ۽ جن کي سنڌ هينئر منهن ڏيئي رهي آهي. جنهن جي لکڻ جي نتيجي ۾ سزا طورڪيس نوڪريءَ مان پڻ ڪيو ويو هو پر علم و ادب جي هن ڪاهوڙيءَ همت نہ هاري، هو هميشہ سکڻ ۽ سيکارڻ جي ميدان ۾ اڳيرو نظر آيو. سندس شخصيت ۾ سنڌ جي پوري صدي جي تاريخ جا اولڙا پسي سگهجن ٿا. هو جڏهن شاگرد هو، تنهن وقت ۾ هندستان اندر مختلف سياسي، سماجي ۽ انقلابي تحريڪون جنم ورتي چڪيون هيون، نوان ثقافتي، تهذيبي قدر ۽ معاشي لاڙا هندستاني سماج جو حصو بنجي رهيا هئا ۽ جڏهن قوهہ جوانيءَ ۾ قدم رکيائين، تڏهن پاڪستان جو قيام، سنڌي هندن جي لڏپلاڻ، ۽ پناهگيرن جي سنڌ اندر آمد ۽ انهن سان گڏ نئين تهذيبي، تمدني ۽ لساني ٻوڏ سان سنڌ کي ٻڏندي ڏٺائين. هو سنڌ جي سورن سان گڏ لڇيو پچيو، پر خاموش نہ ويٺو ۽ جڏهن سنڌ کي سندس تاريخي شناخت کان محروم ڪري ون يونٽ جو حصو بنايو ويو، تڏهن جويي صاحب سنڌ جي پراڻي تاريخ تهذيب، تمدن ٻولي کي واپس پنهنجي منزل تي پهچائڻ لاءِ جيڪا علمي ۽ عملي خدمت سر انجام ڏني، ان کي تاريخ ۾ هميشہ سونهري لفظن ۾ بيان ڪيو ويندو.

سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندس الستي عشق رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڄي عمر، ان ٻوليءَ کي وڌائڻ ويجهائڻ جي ڪاوشن ۾ سرگرم رهيو آهي. سنڌي ٻولي، ان جي لغت، ان جو گرامر ۽ اچارڻ جو صحيح طريقو، سندس زندگيءَ جو منشور رهيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ جويو صاحب جو ڪارنر ۽ ان ۾ موجود جويي صاحب جي طرفان ڏنل ڪتاب، ان جو چٽو ثبوت مهيا ڪن ٿا، جتي توهان ڪنهن بہ ليکڪ

جو لکيل ڪتاب ڪٽي ڏسو، پوءِ اهو پلي چونڻ جو ليکڪ ڪئي چونہ هجي، هر ڪتاب کي پڙهڻ مهل جويو صاحب، ان ڪتاب جي فٽ نوٽ ۾ ضرور گرامر جون، زير، زبر، ۽ صورتخطيءَ جون درستگيون ڪيون هونديون. اهو ئي سبب آهي جو هر ننڍو توڙي وڏو ليکڪ پنهنجي ڇپيل ڪتاب جي ڪاپي جويي صاحب ڏانهن ضرور موڪلينڊو آهي.

جويو صاحب هڪ بهترين مترجم به آهي، سندن ڪيل ترجما، سنڌي ادب جو اهو گران قدر سرمايو آهن، جنهن کان ڪو علم دوست انڪار ڪري نٿو سگهي. تحقيق جي ميدان ۾، اهي ڪتاب، ڪنهن به محقق لاءِ مشعل راهه مثل آهن، پاڻ اڃا تائين لکن پيا، جنهن لاءِ سندن هي چوڻ آهي ته: "جن کي پنڌ جو اوسيئڙو هوندو آهي اهي سڪ نہ سمهندا آهن."

انهن خوبين سان گڏ پاڻ سڃا استاد پڻ رهيا آهن. سڀ کان پهرين پاڻ سنڌ مدرسته الاسلام جهڙي اداري ۾ استاد جي حيثيت ۾ رهيا . پوءِ پاڻ سکيا جي ميدان ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ڪم ڪيائون. 56- 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا سيڪريٽري ٿيا ۽ 1961ع تائين انهيءَ عهدي تي ڪم ڪيائون. سنڌي ادب جي معيار کي عالمي سطح تائين پهچائڻ لاءِ پاڻ رات ڏينهن خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. بقول سائين جي.ايم.سيد جي ته "جويو صاحب بورڊ ۾ پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مشينريءَ ۽ قوم پرست سنڌيءَ طور ڪم ڪيو آهي." مهراڻ ۾ لکيل سندن ايڊيٽوريل، مضمون ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي فڪر تي لکيل تحقيقي مقالا ان ڳالهه جو ڇڻو ثبوت ڏين ٿا. بورڊ لاءِ ورتل سندس خدمتن کي سيد مظهر جميل هنن لفظن سان پيٽا ڏني آهي ته:

"جويو صاحب کے پہلے دور میں سندھی ادب، تاریخ، ثقافت، کلاسیکل شعراء، سندھی لسانیات، سندھی تنقیدی ادب، لطیفیات، سچل سرمست، سامی مضمون نویسی اور دیگر موضوعات پر نایاب اور معیاری کتابیں شایع کی جن کی وجہ سے سندھی ادبی بورڈ ایک بین الاقوامی معیاری ادبی ادارے میں مشہور ہوگیا."

گڏوگڏ جويو صاحب ڪيترن ئي تحقيقي ڪتابن جا نہ صرف پاڻ ترجما ڪيا، پر ٻين به ڪيترن ئي ليکڪن کي همٿائي، عالمي ادب جي مشهور ۽ معروف تحقيقي توٽي تعليمي ڪتابن جا ترجما پڻ ڪرايا ۽ ترجمي جي فن کي اونچائي تي رسايو. جويو صاحب، بنيادي طرح سان وطن پرستيءَ جو قائل رهيو آهي، هڪ اهڙي وطن پرستي جيڪا عملي هجي. سراج جي لفظن ۾ ته: "هو اهڙي وطن پرستيءَ جو مظهر آهي، جنهن ۾ وجود آهي ، جنهن ۾ روح آهي، جنهن جو اخلاق آهي، جيڪو جيئرو آهي، جنهن کي اسان هٿ سان ڇُهي سگهون ٿا. سندس اهو پڪو عقيدو رهيو آهي ته سنڌ هڪ وطن آهي." پاڻ سنڌي ادبي سنگت جا پڻ روح روان رهيا آهن. ون يونٽ ٽوڙڻ واري جدوجهد ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪردار ڪنهن جنگ ۾ ميدان ۾ وڙهندڙ سپهه سالار جهڙو رهيو آهي، انهيءَ ميدان جا سپاهي- جويو، شمشيرالحيدري، شيخ اياز، رسول بخش پليجو، سوبو گيانچنداڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، اياز قادري، غلام رباني، سراج الحق ميمڻ، حميد سنڌي، امر جليل، نجم عباسي، وغيره جهڙا مجاهد رهيا آهن، جن سر جو سانگو لاهي، سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ کي ٻيهر پنهنجي تاريخي مقام تي واپس آندو. ان سموري جدوجهد جي روح روان ۽ آدرش ماٺهن ۾ محمد ابراهيم جويي جو مقام مسلم آهي.

جستجو، جدوجهد، سکڻ ۽ سيکارڻ سندن زندگيءَ جا خاص مقصد هئا. پاڻ شيخ اياز جا شارح رهيا آهن، سندس ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ لکي شيخ اياز کي هند توڙي سنڌ ۾ مقبوليت جي اعليٰ درجي تائين رسايو. پاڻ بهترين مترجم آهن، سندس ترجمو ڪيل ڪتابن ۾: 'ايملي عرف تعليم'، 'ٻارن جي تعليم'، 'وحشي جيوت جا نشان'، 'اسلام جو تاريخي ڪارنامو'، 'فڪر جي آزادي'، 'علم تدريس مظلومن لاءِ'، 'ٻارن جو مسيح'، 'گيليلو'، 'محڪري جا مضمون'، 'فرينچ انقلاب' ۽ ٻيا به ڪيترائي

تحقيقي ۽ معلوماتي ڪتاب شامل آهن. نہ صرف پاڻ انهيءَ فن سان وابسته رهيا. پر ڪيترن ئي ليکڪن کي همٿائي ٻين زبانن جي مشهور ڪتابن جا ترجما ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي مالا مال ڪيائون. جنهن لاءِ سندن هي چوڻ آهي تہ "انساني فڪر جي واڌ ۽ پکيڙ دنيا ۾ جيتري ترجمن وسيلي ٿي آهي، ۽ ٿي رهي آهي، اهڙي ڪنهن بہ ٻي ذريعي سان ٿي نہ سگهي آهي. هندستان ۽ يونان جي ادب ۽ علم جو عربيءَ ۾ نقل، يورپ جي ٻولين جي علمي ۽ ادبي ذخيري جو دنيا جي ٻولين ۾ منتقل ٿيڻ جديد مهذب دنيا جي جاڙ جون اهي زوردار ڏارائون ئي ان جي مهذب بڻجڻ ۽ مهذب هجڻ جو مکيہ سبب بنيون ۽ مکيہ سبب آهن. دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ اهو ڪهڙو اهم ڪتاب لکجي ٿو، جو دنيا جي ڪنهن بہ علمي ۽ ادبي ٻولي ۾ نٿو ترجمو ٿئي! اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي عالمي ادب ۽ فڪر جي اتاري جي جيڪڏهن سڀ کان وڏ، نہ تہ بہ لازمي طور وڏ ۾ وڏ ضرورت آهي.

جويو صاحب ترجمي سان گڏ ڪيترائي طبعزاد معلوماتي ۽ تحقيقي ڪتاب لکيا آهن جن ۾، 'شاهہ سچل سامي'، 'هوءَ جا ٺمکي ٻاهڙي'، 'ڳالهيون ڪتابن جون'، 'ٻولي، ادب، تعليم'، 'خط ۽ن استادن جا'، 'خط ۽ن اديبن جا'، 'ماڻهوءَ جو پاڻ' ۽ ڪيترائي سنڌي نصاب جا ڪتاب لکيا جن ۾ 'سنڌي پهريون ڪتاب'، 'سنڌي بالغن جي تعليم'، 'سنڌي ريڊر ڪلاس چوٿون'، 'سنڌي سپليمينٽري ريڊر'، 'ٽيچرس گائيڊ ٽريننگ آف سائنس'، 'پاڪستان جي تاريخ ڪلاس نائون ۽ ڏهون' ۽ ٻيا بہ ڪيترائي نصابي درسي ڪتاب لکي سنڌي شاگردن جي سهائتا ڪئي ۽ ڪري رهيا آهن.

جويو صاحب بنيادي طور تي هڪ استاد ۽ استاد هئڻ جي ناتي هن شاگردن واسطي تعليمي سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ صحيح رهنمائي ڪرڻ ۾ پنهنجي سموري عمر وقف ڪري ڇڏي، سندس رهنمائيءَ هيٺ ڪيترائي ليکڪ، شاعر، اديب، عالم سنڌي ادب جو روشن ستارو بڻيا. الانا صاحب جي لفظن ۾ تہ:

"پنهنجي دعويٰ ۾ آءٌ ڪو بہ وڏاءُ نٿو سمجهان تہ شيخ ايياز، ڪي ايياز بڻائڻ وارو سائين جويو صاحب آهي. اهڙي طرح رسول بخش پليجو، ع.ق شيخ، سراج ميمڻ، غلام رباني آگرو، ابن حيات پنهور، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، شمشيرالحيدري، مراد علي مرزا، حميد سنڌي، تاج جويي ۽ جمال رند جي ناهڻ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جو اهر حصو آهي.

جويو صاحب جي شخصيت ۾ سَوَ رخي شخصيت موجود آهي. سندس هر رخ تي پي ايچ.ڊي جي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي فڪري شعوري پرورش لاءِ جويو صاحب جون خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن، بقول حسام الدين راشدي جي تہ "اسان کي سنڌ سان محبت جو سبق جويي صاحب ڏنو." سنهڙي بت، ڪمزور جسر، ڳالهائڻ ۾ نرم ۽ سهاڻهو، سولو ۽ شائسته لهجو اختيار ڪندڙ هيءُ ماڻهو پنهنجي سياسي، سماجي علمي ادبي ۽ فڪري قد ڪاٺ ۾ هڪ تمام وڏي اداري مثل آهي جيڪو اڄ بہ درسگاهہ بڻجي سنڌي قوم جي شعوري رهنمائي ۾ رڌل آهي. ڏکي انسانيت جي خدمت جو جذبو تہ ايتري قدر سندن دل ۾ سمايل آهي جو عمر جي هن پيرسنيءَ ۾ بہ جڏهن رائيٽرس گلڊ پاران سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض پنج لک روپين ڈيڻ جو اعلان ڪيو ويو، تڏهن پاڻ چيائون تہ: "اهي پئسا، پرهاهرو ئي اديب رضوي جي خيراتي فنڊ ۾ جمع ڪرايا وڃن." اهڙي جامع صفات شخصيت ماڻيندڙ هن عظيم ڏاهي کي مان ڪهڙن لفظن جي مالا ۾ پوئي پيش ڪريان، لفظ ڳڻي ويندا، پر سنڌي قوم لاءِ ڪيل سندن خدمتون ختم نہ ٿي سگهنديون.

مدي ڪتاب

1 محمد ابراهيم جويو- ايڪ صدي کي آواز
2 فڪر جي آزادي
3 مٺ مٺ موتين جي
4 مهراڻ



'شاهه سچل سامي' - هڪ مطالعو

ڈاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڑو

جڳ سڄو شاعرن ۽ ڏاهن سان پريو پيو آهي. اسان جي سنڌ به اهڙن گوهرن سان مالا مال آهي. انهن ۾ شاهه، سچل ۽ سامي نمايان آهن، جن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾، شاعريءَ ذريعي محبت ۽ يگانگيءَ جو سبق ڏنئي، پوري انسانيت جي اخلاقي توٽي سماجي خدمت ڪئي آهي، هنن مهان شخصيتن تي انيڪ مقالا ۽ مضمون لکجي چڪا آهن، پر ٽنهي شاعرن تي گڏيل هڪ ڪتاب اسان جي نامور عالم ۽ اديب محمد ابراهيم جويي صاحب لکيو آهي، جنهن جي نرالي انداز پڙهندڙن تي گهڻو اثر ڇڏيو، جنهن ڪري ڪتاب بار بار چپجندو رهيو. ڪتاب ۾ هيئين سِرن تي لکيو ويو آهي:

شاعرن جي اهميت، شاعريءَ جي اهميت، مذهب، سماج، شاهه، سچل ۽ سامي جو ڪردار، سنڌ جي رياست، سنڌ جا حڪمران، مرزا يوسف جي ظلم جو داستان، ڄام چنوءَ جو سنڌ واسين سان سهڻو سلوڪ، سنڌ جون حالتون، سنڌ جي تاريخ جو مختصر جائزو، هندن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ ۽ ٽنهي شاعرن جو فهم ۽ فڪر وغيره.

ڪتاب سهڻو ۽ پيرائتو لکيل آهي، مختصر هجڻ ڪري هڪ ئي ويهڪ ۾ پورو ڪري سگهجي ٿو. منجهس سنڌ جي تاريخ ۽ ٽنهي شاعرن جي فهم ۽ فڪر بابت گهرائيءَ سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي تاريخ ۽ شاهه عبداللطيف جي حوالي سان 1938ع ۾ هڪ انگريزي ڪتاب ڈاڪٽر ايڇ.ٽي سورلي لکيو هو، پر سنڌ جي ٽن شاعرن- شاهه، سچل ۽ ساميءَ متعلق سنڌ جي تاريخ ۽ سماجي حالتن سان گڏوگڏ هيءُ انوکو ۽ پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد ڪتاب آهي، جنهن ۾ ليکڪ ملڪ، سماج ۽ قوم بابت به تمام گهڻيون ڪارائتيون ڳالهيون ڪيون آهن. ڪتاب کي غور سان پڙهڻ بعد سورلي جو انگريزي ڪتاب: 'Shah Abdul Latif of Bhit' ذهن ۾ اچي ٿو مگر هن ڪتاب ۾ پنهنجو نڪتهء نظر ڏنو ويو آهي.

مختلف تاريخن مان، مستند تاريخ جي چونڊ ۽ ٽن شاعرن جي اپياس لاءِ يقيناً ليکڪ کي رت ست ولوڙڻو پيو هوندو. هن ڪتاب مان پڙهندڙ ٽنهي شاعرن جي فڪر ۾ هڪجهڙائي، سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهندو.

هن ڪتاب ۾ هڪ ڪمي محسوس ٿئي ٿي ته ليکڪ جيئن شاهه لطيفؒ بابت وقت ۽ حالتن پٽاندڙ ذڪر ڪندي رسالي مان چونڊ بيت ص 82 ۽ 88 تي ڏنا آهن، اهڙي طرح سچل ۽ ساميءَ جي بيتن کي به سندن احوال دوران ڈيڊ گهرجي ها. شاعرن جي دؤر ۽ حالتن بابت جيتريقدر سندن شعر نمائندگي ڪن ٿا ايتريقدر ٻيو ڪوبه ڪري سگهندو. ان ڪري هن ڪتاب ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي سڀني بيتن کي يلي ڪٽي نه ڏجي ها پر وقت ۽ حالتن سان ٺهڪندڙ ڪجهه بيت ڏجن ها، ته بهتر ٿئي ها.

هر ليکڪ جي پنهنجي انداز جيان جويي صاحب جو به هڪ پنهنجو انداز آهي، هن ڪتاب ۾ ليکڪ کي پنهنجي سوچ مطابق ٽنهي شاعرن جا چونڊ بيت ڈيڊ سان گڏوگڏ هڪ ئي ڪتاب ۾ شاعرن جو علحده علحده بيان ڈيڊ گهرجي ها ۽ آخر ۾

نتيجن ۾ مختصر طور تي سندن بابت گڏيل ذڪر ڪجي ها.

بهرحال ليڪڪ ٽنهي شاعرن بابت گڏيل رايا ڏنا آهن. سندس مجموعي طرح شاعرن جي ذڪر جي جهلڪ هن طرح آهي:

"سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي سماج کي شاهه، سچل ۽ سامي‌۽ هن ڌرتيءَ جي انهيءَ اعليٰ مقصد سان روشناس ۽ ان لاءِ تيار ڪرڻ ٿي گهريو. هو سنڌ جا عظيم استاد، هادي ۽ رهبر هئا. هو تمام وڏا انسان ۽ تمام وڏا شاعر هئا. هنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هنن اسان کي جيڪا تعليم ڏني آهي سا ڪا معمولي تعليم ڪانهي. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ کين عملي راهه ڏيکاري. قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، صحت، رواداريءَ ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قرباني‌ءَ جي راهَ(1)."

ليڪڪ جي ايتري گهڻي محنت جي باوجود سندس ورتل تاريخي جائزي ۾ اڃا گنجائش باقي آهي. ان سلسلي ۾ تاج جويو لکي ٿو ته:

"ڪتاب ۾ جيئن شاهه جي دؤر ۾ ان کان اڳ جي دؤر جي مڪمل چند چاڻ پيش ڪري، تاريخ جو مڪمل رخ پيش ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سچل ۽ سامي‌۽ جي دؤر يعني ڪلهوڙن جي آخري دؤر (غلام شاهه جي دؤر) تالپرن جي سڄي دؤر ۽ انگريزن جي اوائلي دؤر (جيسين سامي زندهه هو يعني 1850ع) تائين جو تذڪرو به مفصل اچڻ گهربو هو(2)."

مجتاطور ڪيترن ئي ليڪڪن ۽ ڏاهن، هن ڪتاب 'شاهه سچل سامي‌۽' جي ليڪڪ محمد ابراهيم جويو صاحب کي خراج تحسين ڏيندي پنهنجين نيڪ خواهشن ۽ سرهائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. تاج جويو لکي ٿو ته:

"هن ڪتاب جو مطالعو اسان کي پنهنجي عظيم شاعرن شاهه، سچل ۽ سامي‌۽ جي عظيم فڪر، سنيهي ۽ سندن دؤر جي سچي‌۽ پچي‌۽ تاريخ جو نقشو پيش ڪري ٿو(3)."

اهڙي طرح رسول بخش پليجو، محمد ابراهيم جويو صاحب کي پيٽا ڏيندي لکي ٿو ته:

"هنن اسان جن محبوب بزرگن اسان کي پنهنجي سلامتيءَ، آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ کهڙي سکيا ڏني ۽ چا ٿي سيکارڻ گهريو اوهان جي هن ڪتاب اسان کي اها ڳالهه سمجهائي آهي(4)."

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن ۽ حوالن ڏيڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهچجي ٿو ته ڪتاب يقيناً وڏي ڪاوش ۽ سهڻي سوچ جو نتيجو آهي. سنڌ جي تاريخ سان گڏ ٽنهي شاعرن جو ڪنو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته شاهه عبداللطيف‌ؒ وانگر سچل سرمست‌ؒ ۽ سامي‌۽ جي دؤر بابت به ذڪر ڪري سگهجي پيو ۽ شاعرن جو چوندِ ڪلام ڏٺي، هڪ ئي ڪتاب ۾ سندن علحده علحده ذڪر ڪري سگهجي پيو ۽ شاعرن جو چوندِ ڪلام ڏٺي، هڪ ئي ڪتاب ۾ سندن علحده علحده ذڪر ڪري ۽ آخر ۾ سندن لاءِ گڏيل رايا به ڏٺي سگهجيا ٿي.

بهرحال شاعرن بابت سندن ماحول ۽ حالتن سان گڏوگڏ لکڻ تمام وڏي جاکوڙ جو ڪم آهي، انهيءَ جو اندازو انهن کي ٿئي ٿو جيڪي انهيءَ مرحلي مان گذرن ٿا. محترم محمد ابراهيم جويو صاحب جي سنڌ جي ٽن مهان شاعرن تي ڪيل هيءَ ڪاوش اڄ به مٿانهين آهي، ان ڪري جو ان جو اندازو ۽ نڪتہ نظر نرالو ۽ وٽندڙ آهي. سنڌ جي سڄڻن کي سندس پورهيو پاڻ پيو، سندس ڪتاب کي پسند ڪيائون ۽ وري وري پڙهيائون جنهنڪري هيءُ ڪتاب، ڪيترائي پيرا چيڄي چڪو آهي هينئر وقت جي ضرورت آهي ته هن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ به ترجمو ٿئي.

حوالا:

(1) جويو محمد ابراهيم، شاهه سچل سامي، 1990ع ص 90، ڪنڀيارو روشني پبليڪيشن.
(2) جويو تاج، ايضاً، ص 135.
(3) ايضاً، ص 128.
(4) پليجو رسول بخش، ايضاً ص (آخري).

محمد ابراهيم جويو: منهنجو ماما

مهرالنساء جويو

جيئن جوڳيڙا من کو پيرو ڪن
جيئن جوڳيڙا من کو پيرو ڪن
وينڙي آهيان وات تي ڙي سائين ڪهڙي وات اچن
جيءُ جياريو جن.

هيءُ چندر جو گيت ڪيڏو نہ سچ سان ٽمڪار آهي. بلڪل ائين جيئن ماما جو ۽ منهنجو پنهنجائپ وارو رت جو رشتو، جيڪو ازل کان ڳنڍيل ۽ صدين کان جڙيل هو ۽ آهي ۽ انشاءَ الله رهندو. هي جوڳيڙا جيئندا رهن. ماما جن ڪليل ڪتاب مثل آهن، جن کي پڙهي ته سگهجي ٿو، پر پروڙڻ نهايت ئي ڏکيو آهي، خاص ڪري منهنجي لاءِ واقعي اهڙن املهه ماڻڪ ماڻهن تي لکڻ وڏي دماغن جو ڪم آهي، مان ته سندن هٿن ۾ پلجي وڏي ٿي آهيان. ماما جن تي لکڻ منهنجي لاءِ ڏکيو ضرور، پر ناممڪن ناهي سو ارادو پکو ڪري قلم کڻي لکڻ لاءِ سوچيان ٿي ته لکان ته ڇا لکان، لکڻ جو پکو ارادو به رکان ٿي، سو ماما جن تي به اکر به سهي، پر لکان ضرور!!

پاڻ ته سراسر هڪ مڪمل ادارو آهن. مان ته ائين ٿي ڄاڻان جڏ ڪنهن اس ۾ ڪنهن پڪيل مسافر کي ڪو گهاٽو وڻ نظر اچي وڃي ۽ ان وڻ هيٺان ويهي ساهي پٽي ۽ پوء ان مسافر کي چيو وڃي ته هاڻي هن وڻ جون ڇاريون ۽ پن ڳڻ ته اهو مسافر لاءِ ڪم ڏکيو ٿي پوندو. سو اهو وڻ محمد ابراهيم جويو آهي، جنهن جون مهربانيون ۽ قربانيون ڳڻائڻ ۽ ساراهڻ منهنجي لاءِ ايڏو ئي مشڪل ڪم آهي جيڏو ان مسافر لاءِ پن ۽ ڇاريون ڳڻڻ، مان ته بس ڪوشش ٿي ڪريان ته من اهڙي گهاٽي وڻ ۽ اڏول انسان تي ڪجهه لکي سگهان، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏک سهي ماڻهن کي سک ڏنا ته ڪڏهن اها به ڳالهه ذهن تي تري ايندي اٿر جو اسان جي سڄي ڳوٺ وارن جون اميدون ۽ آسرا ان جويي صاحب ۾ هوندا هئا ۽ آهن. ڪير بيمار آهي ڪنهن کي نوڪري نہ ٿي ملي، ڪنهن کي داخلا نہ ٿي ملي يا ڪو ڪم رڪيل آهي. مطلب جويو صاحب انهن سيني ڪمن ٽيڙ جو وسيلو آهي، پر سوچڻ يا لوچڻ جهڙي ڳالهه آهي جو پاڻ ڪنهن هڪ ڪم جي به تڪليف ٻئي ڪنهن کي نہ ٿو ڏئي، اهو آ اٽل ارادو ۽ پختو عزم. الله جو فرمان آهي ته مٽيون هٽ هينئين هٽ کان بهتر آهي. مٽيون هٽ ڏينڊڙ آهي، هينيون گهرندڙ، محمد ابراهيم جويو کي خداوند ڪريم ان عقل ڏاهپ، ذات ۽ ڏاڻءَ سان نوازيو آهي جو اهي سڀ خوبيون محمد ابراهيم جويي ۾ ملن ٽيون.

مون کي هن ڳالهه ۾ ڪو خاص فرق نظر نہ آيو جو منهنجو بابا محمد صالح جويو، تمام سادو غريب فقراءَ طبعيت رکندڙ پورهيت ماڻهو هميشہ

صبر ۽ شڪر ڪندڙ، هر حال ۾ راضي رهندڙ، پر ارادي جو پڪو پنهنجي دين ۾ مضبوط ۽ تقويٰ رکندڙ. بابا ۽ ماما جن رشتي جي لحاظ کان پاڻ ۾ سڳا ماسات هوندا هئا، پر بابا هميشہ ماما جن جو پورو نالو ڪٽندو هو ۽ قدر واري ڳالھ ۾ چوندو هو ته محمد ابراهيم کي قدرتي ذات ۾ آهي ۽ دعائن کيس نوازي ڇڏيو آهي. هن جهڙي پنهنجي جو صاف دل رکندڙ سالم دماغ تهڙا منهن ۾ روشن هڪ هڪ نور جيان چمڪندڙ هلڻ ۾ جوانن کان پوئتي هٽڻ ته هُو سڪيا ئي نہ. پنهنجي سڄي ڄمار سنڌ کي ۽ سنڌ واسين کي ارپي ڇڏيائون تنهن، هن بزرگي واري حال ۾ به لٽ جو سهارو نہ قبوليو، ڇا صاف نيتن جا راز آهن يا ڪو ٻيو ڪجھ؟ جيتري مون کي الله پاڪ سمجھ ڏني آهي، ان حساب سان مان ايئن چوندیس ته:

سنڌ اسان جي سڀاجهڙي، وٽون ميڙي ولر ڪيا،
سي سڪيا ٽي نہ ستا، جن سميٽڻ سڪيو سنڌ کي.

*

وريا جي ڪانگل ڪارا، جن وڪيريا هي ويڙها،
ولر ولر ٽي وريا، ڪک نہ ڏنائون ڪانئرن کي.

وري لطيف سائين چيو ته:

ماڻهو سپ نہ سهڻا، پکي سپ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اڇي بوءِ بهار جي.

کي ماڻهو پيدائشي تاريخدان ٿيندا آهن يعني تاريخ انهن جي لاءِ منتظر هوندي آهي. انهن جا ڪر انهن جي جدوجهد انهن جي ڪارڪردگي، انهن جي سڃاڻپ ئي تاريخ جي سڃاڻپ ٿي پوندي آهي. منهنجو ماما به انهن ئي ماڻهن مان آهي، جن لاءِ سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ بيقرار هئي.

لباس ۽ گهريلو زندگي:

ماما جن جو لباس ۽ سندن کاڌ خوراڪ بابت ۽ سادگيءَ کي ڪيتري حد تائين پسند ڪن ٿا ۽ عمل ڪندا آهن. آمان جيڪا تصوير ڏيکاري هئي سا مون کي چڱي طرح ياد آهي. ان تصوير ۾ ماما جن قدبت جي لحاظ کان تمام سنهڙا ۽ قداور (ڊگها) رنگ ڪڪڪائو، متي تي وار پٺ هوندا هئا، سندن چهري تي نهندڙ ڪارين مڇون سنهيون ۽ ننڍيون هنيون سي ڇڻ ته رلئي تي سهڻي بڪل مثل سونهن ۾ اضافو ڪري رهيون هيون. چهرو نکريل ۽ لبيڪ پريو نظر اينڊو هو. ڪيس لباس اڇي رنگ جو پاتل هُين، امان اهو به چوندي هئي ته "مون کي ياد ڪونهي ادي ابراهيم راند ڪيڏي يا راند ۾ ڪپڙا ميرا ڪيا هئائين، سدائين صاف سٿرو، گهٽ ڳالهائڻو ۽ جو به ڳالهائيندو هو، سوچي سمجهي، جنهن ۾ انسان کي فائدو رسي، اهائي ئي ڳالھ ڪندو ۽ وڌيڪ اجايو نہ ڳالهائيندو." امان وڌيڪ ٻڌائيندي هئي ته "منهنجي لاءِ جهڙي وڏي پيٽ، جڏهن به ڳوٺ اينڊو هو ته مون کي ڏهہ روپيا خرچي ڏينڊو يا اتان (حيدرآباد) ڏهہ روپيا هر مهيني مون لاءِ موڪلينڊو هو، ۽ مان ننڍي هئر ته ادا ابراهيم اڃا پڙهندو هو يا ماسٽر ٿيو هو ته ان وقت هڪ دفعي جڏهن شهر مان ڳوٺ آيو ته مان نہ ملي مانس ته ادا ابراهيم پريشان ٿي پڇڻ لڳو: منهنجي پيٽ سمي ڪٽي آهي؟ ٻڌايائونس ته تنهنجي پيٽ جون اکيون اٿيون آهن ۽ اِتي گهر ۾ پئي آهي. هو هڪدم آيو ۽ مون کي پاکر پائي روئي ڏنائين، ۽ چيائين ته مون سمجهو تون به امان وانگر..... ته مون به ڏاڍو رنو، ادا ابراهيم کان جڏ پنهنجو روئڻ وسري ويو ۽ مٽ مان پاڻي ڪٽي منهنجي اکين جا پها لاهي پاڻي جا چنڊا هٽي منهنجون اکيون صاف ڪري، پوءِ مون کان پڇا ڪيائين ته "اکيون ڪيئن خراب ٿيون؟" منهنجي ٻڌائڻ تي مون کي اکين بابت سمجهائڻ لڳو ۽ امان اهو به ٻڌايو ته منهنجو پاءُ جڏهن ڳوٺ ۾ اينڊو هو ته گهٽيءَ ۾ سپ ٻار راند ڪيڏندا هئا، پر ادا ابراهيم سپ کان پهريان منهنجي ٻارن کي کٽي اندر گهر ۾ اينڊو هو. يعني (اسان کي امان چوندي هئي ته ادا تنهنجا ڪپڙا ميرا ٿي ويندا، ماما جن جو اهو ئي جواب هوندو هو ته

الائي چو سميءَ جا ٻار ٿو ڪٽان تہ مون کي سکون ٿو ملي. هونئن تہ ماما جن کي هر ٻار وٽندو آهي، پر چوندا آهن تہ ٻار تہ سڀ سهڻا، پر جيڪي سندِ ڇٽيا تن جو مٺ کي نہ کي پوءِ اهڙا جوکيڙا جيئندا رهن جن جا "بنياد ۽ نسل" سويارا ٿي جيئن. مان جڏهن ماما جن وٽ آيس يا مون جيئن کيس ڏٺو اجا ٻہ ائين ڪٽي چوان تہ کيس سدائين اڇي لباس ۾ ڏٺو ۽ منهنجي بابا کي پڙ اڇو رنگ ۽ لباس گهٽو پسند هو، منهنجي پڇڻ تي بابا ٻڌايو هو تہ "اڇو ڪپڙو پائڻ سان ماڻهو صاف ۽ سٿو نظر اچي ٿو" ۽ هونئن ٻہ اڇو رنگ نوراني آهي.

ماما جن گهٽو ڪاڏيءَ جي ڪپڙي کي پسند ڪندا آهن. جيتوڻيڪ مختلف رنگ ٻہ پائيندا آهن، پر سندن چوڻ آهي تہ اڇو ڪپڙو ۽ ڪشادو سبيل، انسان کي فرحت بخشي ٿو جو هر وقت ماڻهو چست يعني تازو توانو هوندو آهي. رات جي وقت خاص ڪري ويڪري لباس ۾ آرام سان ماڻهو سمهي سگهي ٿو. سندن لباس پلي شلوار قميص هجي يا پينٽ شرٽ، گهٽو ڪري اڇي رنگ ۾ ۽ ويڪرو لباس پاتل هوندن، ڪارو بوٽ ۽ جوراب پيرن ۾ پاتل، هٿ ۾ رومال، سندن ويهڻ سٽو نمي ويهڻ ۽ ڪُبو ٿي ويهڻ کي پسند نہ ڪندا آهن. سُستيءَ کان گهٽي ڇڙ ائٿن. ڪاڏي ۽ خوراڪ ۾ ٻہ ايتري ئي سادگي رکن ٿا. سايون پاڇيون گهٽيون وٽنديون ائٿن جن ۾ پالڪ، ٿماٿا، ڳاڙهيون گجرون، موري، مٽر، گوگڙو، ڪدو ۽ توريون وغيره ڏانهن پاڇين جو سوپ ڏاڍو گهٽو پسند ائٿن. صلاد منجهند واري ماني سان ضرور شامل هوندو ائٿن. ڏئونرو، ڏهي، کير، ٻبل روٽي، اڇا چانور نرم رڌل اجا ٻہ جيڪر کڇٽي تہ وڌيڪ سڻي لڳندي ائٿن ۽ شوق سان ئي کائيندا آهن. دال تہ هر قسم جي وٽندي ائٿن. انهن ڪاڏن جي باري ۾ ماما جن جو چوڻ آهي تہ هر وقت پيٽ صحيح رهي ٿو. هلڪي ڪاڏي ڪائڻ سان هاضمو سٿو رهندو آهي، ڳرا ڪاڏا ذائقيدار تہ آهن، پر پيٽ کي خراب ٽيڙ ۾ دير ئي نہ ڪندا آهن. فرونٽ ۾ ڪينو وڏيڪ وٽندو آهن، ڳرا ڪاڏا ٻہ ڪڏهن ڪڏهن کائيندا آهن. سڀ کان اهم ماما جن جي ڳالهہ اها آهي تہ هنن وڏائيءَ کي ڪڏهن ٻہ نہ اپنايو. هميشہ سادگيءَ کي پسند ڪندا آيا آهن. چانهہ ٻہ هلڪي ۽ کير واري يا نہ تہ سليماني هلڪي پيئندا آهن ۽ ايئن پڙ چوندا آهن تہ هلڪي سليماني چانهہ پيئڻ سان ٻہ هاضمو صحيح رهي ٿو ۽ سُسُتي ڪرڻ نہ ٿي ڏيئي. گهٽي کير واري چانهہ بدهضمي ڪرائي ٿي، منهنجو بابا وري ڪتل (کجور) کي گهٽو پسند ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي بيشمار سنتن مان ڪتل ڪائڻ ٻہ آهي تہ هاضمي لاءِ ٻہ سڻي آهي. ڏسو تہ سهي سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ اصول کيترا نہ قيمتي آهن ۽ ان مان خبر پوي ٿي تہ حقيقت ۽ اصليت کي نہ پلايو ائٿن.

جهڙي نموني سان سندن پسند اڇي رنگ جو لباس آهي، تهڙي طرح سندن اندر ٻہ الله سائين اهڙو اڇو اجرو پاڪ ۽ صاف رکيو آهي جڏ تہ حڪمت ٻہ ڄاڻن ٿا. هن وقت تقريباً سڄي دنيا ۾ پاڻ سجاتا وجن ٿا تہ پوءِ پلا هنن کي اهڙيءَ سادگي جي اپنائڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟ پر نہ! هيءَ ڄاڻن ٿا، تہ سادو ڪائڻ يا پيئڻ اصل زندگي آهي. هُو پاڻ هڪ اعليٰ دماغ رکن ٿا ۽ سڄي ڄمار انسان جي پلائي ۽ بقا لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجائون ۽ عمل ٻہ ڪري ڏيکارجائون تہ جيئڻ ڇا آهي ۽ اصل زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ اها آهي ذات جيڪا الله تعالىٰ جي طرف کان مليل هوندي آهي، پر ڏانهُ هُو پاڻ تلاش ڪندا آهن. ان تلاش ۾ انهن تي ڪٽي آزمائشون ٻہ ايندیون آهن تہ ڪٽي وري کين قربانيون پڻ ڏيڻيون پونديون آهن. انهن مان هيرو ٿي جرڪندڙ سدائين سلڇٽو سدورو پٽ سندِ جو محمد ابراهيم جويو پڻ شامل آهي. سو مشڪلاتن کان پار پوندڙ هي جوکيڙا هن وقت اسپتال ۾ بيمار آهن. مان جڏهن سندن وٽ آيس ۽ کيئن آيس، اها هڪ

الڳ ڪهاڻي آهي جيڪا ڪنهن ٻئي مضمون ۾ لکنديس.

آءٌ ننڍي هئس جو امان هڪ تصوير ڏيکاريندي هئي ۽ ٻڌائيندي هئي ته هيءُ منهنجو وڏو ٻاءُ محمد ابراهيم جويو آهي. جيڪو ڪڏهن ڪراچي ۽ ڪڏهن حيدرآباد ۾ رهندو آهي. وڏو ڪامورو آهي، وڏو آفيسر ماڻهو آهي. مان ڦوٽو ڏسي خوش ٿيندي هئس جيئن ته اڀي وڏيءَ جي شادي ٿيل هوندي هئي ٻائر گهٽا ننڍا هوندا هئا. مان ٻائرن کان وڏي هئس، ننڍڙي هوندي کان ڪڏهن لڄاڙو ته ڪٽي وري چالاڪ ٻه هوندي هئس. امان جا ڳالهه ٻڌائيندي هئي ته ان کان سوال ٻه ڪندي هئس ته ماما ڪٽي آهي، اسان هلون ماما جي گهر گهمڻ، شهر ڪهڙو هوندو آهي، ماما جي ٻارن سان ملون ۽ ساڻن کيڏون، امان جون اهي ڳالهيون ٻڌي گهڻي خوش ٻه ٿيندي هئس. ماما جي ڏسڻ جو شوق پڻ وڌندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن اهو ٻه آيو جو ماما جن کي خبر ناهي ته ڪنهن ٻڌايو هو توهان جي پيٽ جي ڏيءُ بيمار آهي. (مان مٽي چئي آئي آهيان ته ننڍي هوندي کان بيماريءَ جو منهن ڏسندي اچان) سو بهراڙيءَ ۾ ڪو خاص علاج نه هو، نه ئي وري ڪو ڊاڪٽر وغيره هو. ان حوالي سان ماما پنهنجي وڏي پٽ ادا منور علي جويو کي موڪلي، مون کي گهرايو. ادا منور امان بابا کان اجازت وٺي، مون کي شهر وٺي آيو، ماما جن جي گهر ۾ اچڻ سان ئي سڀني گهرياتين مون کي ايترو ته پيار محبت خلوص سان پنهنجو ڪيو جو واقعي ٻه آءٌ انهن سان ايڏي ته هري مِري ويس ڇڻ کي مان سندن گهر جو فرد ٿي ويس ۽ ماڻهو ته ايئن ٻه سمجهندا هئا ته آءٌ هنن جي ننڍي پيٽ ئي آهيان. سچ ته هيءُ آهي جو مون کان اصل ڳوٽ ڇڻ وسري ويو هو. منهنجي بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ ۾ سڀني گهر جي ياتين جو رويو مون سان تمام گهڻو سٺو رهيو جو ساراهڻ جوڳو آهي، پر هڪ رات جو ٽائيم جي مون کي خبر ناهي، پر سڀ سمهي پيا ۽ مون کي رات جو ٿورو پيٽ ۾ سور پيو. ماما جن کي کا خبر پئي يا مون رنو هو الائي ڇا، ماما جن مون کي وٽي پنهنجي بستري تي سمهاريائون ۽ ايئن مون کي الڳ ٿي جو ماما پاڻ مون کي وٽي دروازي کان ناليءَ وٽ الڳ ڪرائي وري ٻه پنهنجي هٿن سان مون کي پاڻي پياري ۽ پنهنجي بستري تي سمهاري، پاڻ سڄي رات هڪ ڪرسيءَ تي وينا لکندا رهيا ۽ منهنجي سار سنڀال پڻ ڪندا رهيا. مون سڄي رات ننڊ ڪئي ۽ صبح جو چاق ٿي اُٿيس، ڪنهن گهر جي ماڻهوءَ کي خبر ٻه نه پئي.

ٻيو واقعو ٻه ڪجهه اهڙي قسر جو آهي جو مون پنهنجي اڪين سان ڏٺو، ڪجهه رات جو وقت گذري چڪو هو يعني سڀ پنهنجي بسترن ۾ وڃي آرامي ٿيا ته ماما جن جي ڪمري ۾ هڪ ٻلي دانهون ڪندي داخل ٿي، ماما جن اڪثر هر روز رات جو گهڻي دير تائين لکندا هئا. پاڻ لکڻ ۾ مصروف هئا جو ٻليءَ جي پڻيان ٻيون ٻه ٻ ٽي ٻليون لڳيون ٿي آيون، سي ويڑهو ٻليون هيون يا پهرئين ٻلي هئي. بهرحال دانهون ڪندڙ ٻلي ڪمزور هئي ڇڻ ماما جن وٽ پنهنجي سر لاءِ پناهه ونڊ آئي هجي. ماما جن ٻه باقائدي ان ٻليءَ کي ويڑهو ٻلين کان بچايو ۽ ان ڪمزور ٻليءَ کي ڪير پياريو ۽ سڄي رات پنهنجي پيرن پرسان ويهاري پاڻ وري ٻه ساڳي ڪرسيءَ تي وينا لکندا رهيا ۽ ٻليءَ جو ٻه ڇڳي طرح سان خيال رکندا ٿئي آيا. ڳالهه جو مطلب ماما جن انسانن سان ته پلايون ڪيون، پر جانورن سان ٻه سندن پلايون ۽ پيار رهيو. وڏي ڳالهه آهي جو هين کي سڪ ڏيڻ ڪنهن سان پيار پاهوهه رکڻ، تن سان الله راضي ته ان جو حبيب ٻه راضي اهڙا انسان ته صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن.

ماما جن پنهنجي ٻارن سان پيار ۽ محبت بي انتها ڪندا آهن. هر ماڻهو ايئن ئي چاهيندو آهي ته مان پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت سڀني کان بهترين ڪريان، پر ماءُ اها هستي آهي، جا پنهنجي ٻارن کان

هر ڏک سک برداشت ڪرڻ ۽ هر حال ۾ پنهنجن ۾چن جو ساٿ ڏيڻ جي سگهه ۽ صلاحيت رکندي آهي. ماءُ پنهنجي ۾چن تي ڪک جيترو به ڏک يا تڪليف برداشت نه ڪري سگهندي آهي، پر جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو موڙ اچي وڃي ته پنهنجي جان فدا ڪرڻ ۾ به دير نه ڪندي آهي.

ماما جن کي پڻ ڏسي اهو احساس ٿو ايري ته هن پيءُ، پنهنجي ٻارن جي لاءِ ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جو ڪردار گڏ ادا ڪندي، پنهنجي طرفان پيار ۽ پرورش ڪرڻ ۾ ڪابه ڪمي نه ڇڏي. ان جو سبب ڇا آهي؟ ڇاڪاڻ ته جيڪو وڻ گهاٽو ۽ گهڻي ڇل وارو هوندو آهي، اهو هميشه ٺورو نميل هوندو آهي ۽ الله پاڪ به نماڻائي ۽ نهنائي کي پسند ڪندو آهي ۽ جيڪو وڻ ايو ۽ سيٺيل هوندو آهي، اهو ئي گهڻي ڇل ڏيڻ کان محروم هوندو آهي.

اسان جو ماما ۾هراڙيءَ جو ماڻهو رهيو آهي ۽ تمام سادن ماڻهن جو اولاد آهي، اسان سيني ان جي معرفت ئي ڪراچي ۽ حيدرآباد شهر ڏٺا، پر ماما جن پاڻ اڪيلي سر شهر ۾ آيا ۽ پنهنجي محنت، سچائي ۽ نماڻائيءَ سبب پنهنجو هڪ سهڻو ۽ اعليٰ درجي وارو مقام ٺاهي ڇڏيو. پنهنجي ڪٽنب کي پيار پاڻهه ۾ ٻڌي هڪ سهڻي تربيت ۽ تعليم اهڙي سڻي ڏني، جنهن جو مثال ڏيڻ ئي گهڻو مشڪل آهي. ماما جن پنهنجي ٻارن سان نرم رويو رکندا آهن جنهن ۾ ٻاجهه تمام گهڻي هوندي آهي. مون ڪيس کي ڪڏهن به ڪو ڏڪو ڏيندي نه ڏٺو، هميشه ٺڏي طبعيت جا مالڪ رهيا آهن. ڪڏهن به فارغ نه وينا، پاڻ اڪيلي سر هر مشڪل اڳيان پاڻ ئي منهن ڏيڻ ڇاڻيندا آهن نه ڪنهن ٻئي آمدني جو آسرو نه ڪنهن زمين جي آبادي جي اميد نه وري، ڳوٺ وارن مان ڪنهن مٽ مائٽ جو ڪو آسرو نه ڪا رشوت جي لالچ، سدائين گهر ڪرائي جو ته به دل وڏي آهي. ان دل جي ڪشادي اڳڻ ۾ ڪيترن جو سهارو ٿو ٻڌجي بينا آهن.

اهو محمد ابراهيم جويو ڪٽي بيمار جو علاج پيو ٿو ڪرائي، ته ڪٽي ڪنهن جي تعليم ۾ مدد ڪري، ان ماڻهوءَ کي هڪ سٺو انسان ڪرڻ ۾ ڪابه ڪٽر نه ٿو ڇڏي، پر ان سان گڏوگڏ ٻيا پڻ فرض سمجهي پورا ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندو رهي ٿو، جنهن ۾ لکڻ ته هن جي زندگي آهي. نوڪري ته پوري ايمانداري سان هلندي ٿي اچي، گهر جو خيال ۽ وري توجهه سان ٻارن جون ضرورتون، جن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي نظر نه ٿي اچي. نوڪري ۾ ته بدليون ٿيندیون ٿيون رهن جو شهرن کان ٻين شهرن تائين، صوبن کان ٻين صوبن تائين، پوءِ به همت با مراد آهي. ماما جن جي ساراهه ڇڻ ته اصحابن جي ڳالهه کي ورجائڻ برابر آهي.

مان سمجهان ٿي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاهي ته مون کي هِن دنيا جون ۽ هُن دنيا جون نعمتون نصيب ٿين ته مان سمجهان ٿي اهڙن ماڻهن جي زندگين کي پڙهڻ کپي، جنهن ۾ نصيحتون ۽ عمل آهن. هنن بزرگن جي زندگين مان اهو پتو ٿو پوي ته ايڏا ته مصروف ٽا رهن جو اجايو فتنو هنن جي ويجهو به نه ٿو اچي. منهنجو بابا چوندو هو ته: "سچ ته هميشه ماڻهو هر گهڙي پنهنجا پير جمائي رکي، دنيا وارن کي نه ڏسي ته هو ڇا ٽا چون. سچ ته انل ماڻهو هر وقت هر مشڪل جي اڳيان سرخرو هوندو." پوءِ هي جوگيڙا هميشه سچ جا پنڌ پچائيندا رهندا آهن ۽ سچ جا ڏس ڏسيندا رهندا آهن. شايد اهڙن بزرگن لاءِ لطيف سائين به چيو آهي ته:

هلڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ مانجهيا اِي مرڪ
وڃهن تان نه فرق، رڪ وهندي راهه ۾.

ڪرانتڪار جويو

حسين مسرت

اياز چيو هو تہ: "هر ديده ور دانشور آهي، هر دانشور ديده ور نہ آهي، هر ڪنهن جي نظر مستقبل ۾ دور دور تائين نٿي پهچي."

اياز اهو ب سوال ڇڏيو هو تہ: "هن دور جا دانشور محسوس ڪن ٿا، تہ ڇا هيءُ دور جيڪو پٿر کان ب سخت آهي، ان جي سيني مان بتان آرزيءَ جو رقص اُپري سگهندو؟"

هُو پنهنجي دور جو ديده ور ۽ دانشور، جيڪو پٿر کان سخت دور لفظن جي تيشي مان مسلسل گهڙيندو، نوان رخ ڏيندو رهيو، نوان رستا ناهڻ جي لڳن ۾ مصروف رهيو، اهو محمد ابراهيم جويو آهي. هُو نہ ٽڪيو، نہ ماڪ ڪيائين، نہ مايوس ٿيو، هو سدائين پنهنجي اُتساهيندڙ لفظن کي آواز ۽ آواز کي لفظن جو روپ ڏيئي، فضائن ۾ پکيڙيندو رهيو.

ابراهيم جويو صاحب ان ڳالهہ کان بي نياز رهيو، تہ سندس لفظن جي ورکا ڪنهن تي وسي، ڪنهن تي نہ، ڪو سيراب ٿيو يا نہ، هُو فطرت جي اصول جيان، اڻ ڏريو رهيو ۽ اڻ مئي ذات ورهائيندو رهيو آهي. ابراهيم جويو اهڙي سوچ جو نالو آهي جيڪا صديءَ تائين، سوچون تخليق ڪندي رهي آهي، ايا ب گهڻين صدين تائين سوال پچندڙ سوچون تخليق ڪندي رهندي.

چا ٿو لکي سگهجي، ان انسان لاءِ، جنهن جو هر ڪتاب صرف سکڻو ڪتاب نہ آهي پر، هر انسان لاءِ علم ۽ شعور جو محرڪ آهي، جنهن جا ترجما صرف ترجما نہ آهن، پر اهي اصل مواد کان ب وڌيڪ سنواريل ۽ سڌاريل ٿا لڳن. سندس ترجمن کي پڙهندي پس منظر ۾ اها خواهش ضرور پيدا ٿئي ٿي تہ، شل اهڙا ڪتاب اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ب لکي سگهجن. ڪو اهل قلم، قلم کڻي، ۽ مسلسل سماج کي جاڳائڻ جا نغما تخليق ڪري، ڪو اهلِ نظر، ڪو دانشور سماج جي پيچ ڍاهہ کي محسوس ڪري ان جي تعمير لاءِ ڪو نقش چٽي.

تعليم تي جويو صاحب جيڪو ب لکيو، اهو الڳ قصو آهي پر عملي طرح سان هڪ استاد جي حيثيت سان جيڪي شاگرد ڏٺا، اهي ب پنهنجي جاءِ تي سماج ۾ نمايان سجاڻپ رکن ٿا. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ پنهنجن پنهنجن سماجي ۽ سياسي دائرن ۾ هو چا ڪري رهيا آهن، پر جويو صاحب انهن کي سماج ۽ زندگيءَ کي پرکڻ جا نوان اصول ۽ رخ ضرور سمجهايا هوندا.

'ايملي عرف تعليم' جيڪو روسي جو نظامِ تعليم بابت لکيل ڪتاب آهي. جويو صاحب هن انقلابي ڪتاب کي ترجمو ڪري، پنهنجي هر زبان

ماڻهن کي نظامِ تعليم طرف ڏيان ڇڪائڻ جي کوشش ڪئي آهي. ڪجهه اهڙيون سماجي برايون ۽ اوڻايون هونديون آهن جيڪي مروج ٽيل ۽ ميجتا ماڻيل هونديون آهن، پوءِ انهن جي بنيادن کي ختم ڪرڻ لاءِ صدين تائين جهدوجهد جاري رکڻي پوندي آهي. جويو صاحب به اهڙي ئي جهدوجهد جي شروعات ڪئي آهي.

هُو عورتن جي جهدوجهد جي حمايت ڪندڙ آهي. عورت جهدوجهد کي "عورتازاد" جو نالو به ابراهيم جويي صاحب جو ڏنل آهي. سنڌ فريندس سرڪل حيدرآباد جي ڇپيل ڪتاب "عورتازاد" ۾ عورت جي، هر رستي هر روپ ۾، آزاديءَ جي حمايت ٿو ڪري. مائ، پيءُ، ڏيءَ، جيون ساٿي جي حقن جي برابريءَ لاءِ آواز اٽاري ٿو. سماجي امن، عورت جي جياپي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. سماجي برابري، تفريقي روين سان قائم نه ٿي سگهي. جويو صاحب، عورتازاد جي فڪر اپارڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي، سندس لفظن ۾ ڪيئي نظريا، ڪئي فڪر ۽ ڪيئي سوال لڪل آهن، جن کي صديءَ تائين سنڌ سمجهي نه سگهي آهي. جويو صاحب جو فڪر سمجهڻ لاءِ شايد سنڌ کي اڃا به ڪجهه انتظار ڪرڻو پوندو. ڪتابن تي تبصرا لکڻ کان وڌيڪ ضروري ڪم سندس فڪر جي اپٽار طرف ڏياڻ ڏيڻ جي ضرورت آهي. سندس فڪر، تعليم ۽ تعليمي نظام، عورتن جي سماج ۾ ٻيهڪ، ادب ۽ اديبن جي شعور تي بحث، سياست جي اهميت، ادبي تاريخن جي رچن بابت ويچار، سيڪولرزم جي وضاحت وغيره، جويي صاحب کوڙ موضوعن تي قلم کنيو آهي.

الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: "جويو صاحب انهن چند عالمن مان آهي، جن کي سَئڊَ طور قبول ڪري سگهجي ٿو. هو نثر جو ماهر استاد آهي." (ٻوهيو، 2003ع، ص 16)

جويو صاحب، انسان جي ذهني غلامي جي خاتمي لاءِ جنگ جوئي آهي. هن گهٽن ذهنن جي سوچ کي مثبت ڏارا ڏني ۽ نوان رخ ڏيکاريا. انقلابي سوچ رکڻ، الڳ شيءِ آهي، پر پنهنجي سوچ کي ٻين جي ذهنن ۾ منتقل ڪرڻ تمام اوکو آهي.

ايياز پنهنجي ڪتاب 'خط، انترويو ۽ تقريرون' ۾ لکي ٿو ته: "هن ئي مون کي سيکاريو ته شاعري زمهريز جي برف نه آهي، جهنر جي آگ آهي ۽ جڏهن ان جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا ڪُلي پون ٿا." هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

"ابراهيم جويو مون لاءِ هڪ نئين دنيا جا تاڪ کولي ڇڏيا هئا، پراڻي دنيا جا سارا ٽوٽيون ٽٽيا ڀهي ڊير ٿي پيا هئا ۽ مون لاءِ ماضي جي هر زنجير کي ٽوڙي اڇتي وڌڻ لاءِ دڳ کلي پيو هو."

ذهني غلاميءَ مان نجات ڏيئي شعور کي نوان رخ ڏيندڙ جويي صاحب جڏهن به قلم کنيو آهي، ته ان مان ذهني انقلاب ۽ تبديليءَ جا خواب تعبير ٿيا آهن. شيخ ايياز جي شاعري ۽ نثر ٻئي سنڌي ادب لاءِ اَملهه خزانو سمجهيا وڃن ٿا ۽ ايياز جي قلم کي مثبت سمت ڏيندڙ جويو صاحب آهي. جي جي روسوجي ڪتاب 'ايملي عرف تعليم' جو سنڌي ترجمو ڪندي، جويي صاحب جي ذهن ۾ پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ماڻهن لاءِ جيڪو پيغام آهي، اهو ان ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي سمجهي سگهجي ٿو. ايملي عرف تعليم ۾، روسو ٻارن کي تعليم ڏيڻ جا ٻنهه مختلف ۽ عام طريقن کان مٽيل طريقا بيان کيا آهن. ٻي خاص ڳالهه جيڪا هن ڪتاب ۾ بيان کيل آهي، ته روس ۾ تبديلي ڪيئن آئي. جڳ مشهور مفڪر، فلاسافر، سماج جو پارکو ليکڪ جي.جي روسو 37 ورهين جي ڄمار تائين بلڪل پنهنجي پيءُ وانگر، صرف هڪ محجوب، آسائش پسند، پورالو، ويسارو، ارادي قوت کان يکسر محروم، رواجي، نازڪ مزاج، زود رنج، لاپرواهه، حد کان زياده جذباتي ۽ پاٿهي پنهنجي لاءِ مشڪلاتن پيدا ڪرڻ وارو ٻي ميار سوڀو بنيو،

هيڏانهن هوڏانهن وتندو هو گهمندو ڦرندو ۽ سير کندو." (جويو، 1949ع، ص 14).

هڪ ڪتاب روسو جي زندگي ۾ تبديلي آندي، ڪتاب به نه پر ڪتاب ۾ لکيل هڪ اشتهار هو، جنهن ۾ مضمون جي چڻا پيٽيءَ لاءِ موضوع ڏنل هو- "علم ۽ فن جي ترقيءَ جي ڪري انسان جا اخلاق سڌريا آهن يا بگڙيا آهن؟" ان هڪ سوال روسو جي زندگيءَ ۾ انقلاب آندو ۽ هن قلم کنيو ۽ سماجي تبديليءَ تي، ۽ سماج تي لکڻ شروع ڪيائين.

لفظ ڪنهن به ضايع ناهن ٿيندا، شعور جي ارتقا ۾ لفظ آهن، لفظن جو جادو، لفظن جو اثر، انسانن جي دل و دماغ ۾ انقلاب آڻيندڙ ٿئي ٿو. دنيا جي تاريخ مٿائڻ ۾ لفظن جو اهم ڪردار رهيو آهي.

ون يونڊ يا آمريت جي دور ۾ اديبن ۽ شاعرن پنهنجن لفظن سان قومي شعور کي پيدا ڪيو، سختيون به برداشت ڪيون، پر سچ جا نغما فضائن ۾ زندهه ڇڏي ويا. محمد ابراهيم جويو به اهڙو جادو جهڙو اثر رکندڙ قلمڪار ۽ دانشور آهي جيڪو ديده ور به آهي، دانشور به آهي، هو پنهنجي قوم جي خامين کان به واقف آهي، اوڻاين جي ڄاڻ اٿس. هو ڄاڻي ٿو ته زخمي ۽ بيمار قوم جو علاج ڪيئن ممڪن آهي. محمد ابراهيم جويي تعليم جو بهترين تصور روسي جي ڪتاب جو ترجمو ڪري پيش ڪيو آهي. ان کان علاوه هيو ڪتاب پائلو فريري جو 'علم تدريس مظلومن لاءِ' به بهترين ڪاوش آهي. نظريا مختلف آهن، هوليون مختلف آهن، پر نيايو ساڳيو آهي، ته مايوس ناڪاميءَ جو هيو نالو آهي. تبديلي ڪنهن به، ڪيڏي مهل به اچي سگهي ٿي. تعليم جو مقصد شعور جي بيداري ۽ پنهنجي سماج کي سمجهڻ آهي.

پائلو فريري، انساني آزادي جو واضح تصور ڏنو آهي ۽ انهيءَ انساني آزاديءَ کي بنياد بڻائي ظلم ۽ جبر جي نندا ٿو ڪري. هو پنهنجي ڪتاب کي آزمائشي ڪتاب ٿو سمجهي. هن ڪتاب ۾ پائلو فريري انسان جي تربيت، انسان جي انسان بنجڻ واري عمل تي بحث ڪيو آهي. انساني جدوجهد، اتان جي ڪمال ۽ زوال بابت چڻو موقف پيش ڪندي چوي ٿو ته: "انساني زوال يا حيوان پڻو، انساني عروج يا بهتر انسان پڻي جو بدروپ آهي، انهيءَ ڪري جلد يا دير سان، مظلومن کي سندن ڪمتر انسان پڻي جو احساس پٽي ۽ اڌاري، انهن جي خلاف جدوجهد تي آماده ڪري ٿو، جن کين ائين حيوان بڻجڻ تي مجبور ڪيو ۽ هيءَ جهدوجهد پنهنجي منطقي نتيجي ۾، معنيٰ واري ۽ سڏل بڻائڻ پنهنجي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي انسان پڻي کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ (جيڪا ڪوشش ئي انسان پڻي جي تخليق جو هڪ رستو آهي) مظلوم پاڻ ڦري ظالمن جا ظالم نه بڻجن، پر پنهنجي ۽ انهن جي يعني ٻنهي جي انسان پڻي جا سنواريندڙ ٿين." (جويو 2006ع، ص 26)

پائلو فريري جي لفظن کي بهترين ۽ آسان زبان ۾ ترجمو ڪندڙ اسان جو سدا حيات دانشور جويو صاحب واضح ڪري ٿو، ته طاقت اصل ۾ پيڙهيل طبقن ۾ آهي، مظلومن ۾ آهي، ظالم ۽ ڏاڍو ته پنهنجي طاقت جي ٻل تي ماڻهن کي هيسائي ۽ پنهنجا نظريا مڙهي ٿو، پر اصل طاقت انڪار جي آهي، پنهنجي حالت بدلائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ئي اصل طاقت آهي.

قوم ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ جويو صاحب جون اڻ ٽڪ ڪوششون سندس تحريرن ۾ موجود آهن. جويو صاحب، هر زبان مان ڪاميابيءَ جا گر ڳولهي لڌا آهن املهه ماڻڪ، ڪنهن به قوم لاءِ محدود نه آهن. هن پنهنجي قوم جي شعور کي بين الاقواميت ۽ دوام بخشڻ لاءِ سؤ سال محنت ڪئي آهي. سوچيان ٿي ته، ان سؤ سالن جي پورهئي مان گهٽا ڏهن باشعور ٿيا هوندا.؟ سوچيان ٿي ته اهو سچ جيڪو پورا سؤ سال سنڌ مٽان پنهنجا ڪِرٽا نچاور ڪندو رهيو آهي،

انهن کرٹن کيترن ٻوٽن کي اُسرڻ ۾ مدد ڪئي هوندي، جهالت جي گهاٽي اونداهه جنهن ۾ قلمڪار پنهنجي قلم جي نب سان شعور جي لاٽ ٻاريندا ٿا اچن، اهي کيترا ڪامياب ٿيا آهن.

شعور جا رستا آزاديءَ طرف ٿا وڃن، ڏهني آزاديءَ جو تصور انسان کي جيڪا طاقت ۽ سگهه بخشي ٿو، اها طاقت ئي انقلاب آهي. اسان جو انقلاب، محمد ابراهيم جويو آهي. اهو سمجهائي ٿو، ڳالهائي ٿو. جويي صاحب جا لفظ، تبديليءَ جي علامت آهن. ڏهني غلامي، جسماني غلاميءَ کان وڌيڪ هاڃيڪار ٿئي ٿي. ڏهني طرح غلام قومون پنهنجي حالت بدلائڻ لاءِ جهدوجهد ناهن ڪنديون ۽ ڏهني غلاميءَ کان نجات، لفظن سان ئي ممڪن آهي ۽ ان لازوال ڪوشش ۾ محمد ابراهيم جويي جو ڪوبه مٽ ۽ ثاني نظر نٿو اچي. ڪتاب 'شاهه سچل، سامي' فريعي جويو صاحب اهو ٻڌائي ٿو ته، تاريخ ڪيئن پڙهجي؟ تاريخ ڪيئن سهيڙجي شاعريءَ جو اپياس ڪيئن ڪجي؟ سماج ۽ شاعريءَ جي ڳانڍاپي تي تحقيق ڪيئن ڪجي؟ جويي صاحب جي پنهنجن لفظن ۾ ته:

"قومن، ملڪن ۽ سماجن جا اهي مها پرش ۽ محسن شخص پنهنجي پنهنجي دور جا باني به هوندا آهن. هو پنهنجي دور جي مروج ۽ تسليم ٿيل تربيتي سرشتي جي پيداوار نه هوندا آهن، بلڪ پنهنجي ذات ۾ هو هڪ نئون ۽ انوکو ڪردار ٿي سامائبا آهن." (جويو 2006ع، ص 18).

'شاهه، سچل ۽ سامي'، سنڌ جي انتشاري ۽ سماجي هلچل واري دور جا شاعر هئا. انهن جا لفظ ان وقت جي سماج جي پيڙا، ان وقت جي مروج اصولن ۽ ريتن کان انڪار ٿا ڪن. جويو صاحب ان ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو ته انسان، رياست ڪيئن ٿا ٻڌائين ۽ وري قوم ٻڌجڻ جي عمل مان ڪيئن ٿا گذرن، مذهبن کي طاقت جو ذريعو ٻڌائيندڙ، حڪمران طبقا عام انسانن کي ڪهڙي طريقي سان هٿي غلاميءَ جي ڄار ۾ جڪڙڻ شروع ٿا ڪن، ۽ ان جي نتيجي ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا آهن جن جي هانوَ جون دريون پوريل ٿين ٿيون. هو بينل پاڻيءَ جيان سينوارجي ٿا وڃن، جنهن مان ڪو به لاڀ نه ٿو حاصل ڪري سگهي، اهڙا ڪانئر ۽ ڏهني طرح ڪنگال انسان، مذهب ۽ رياست جي ڳانڍاپي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندا آهن، جن ۾ آدرش ۽ امنگ ناهن هوندا.

اهڙن ئي انسانن لاءِ جويو صاحب لکي ٿو، ڳالهائي ٿو، اهڙن ڏهنن کي مٽائڻ لاءِ جويو صاحب شيخ اياز جهڙي مفڪر، دانشور ۽ شاعر جي سوچ کي صحيح رُخ ڏيئي سنڌ تي احسان ڪيو. شيخ اياز جي لفظن جو سهارو وٺي هن محنتي ۽ مشقت ڪندڙ قوم کي شعور بخشيندڙ انسان لاءِ اهوئي چئي سگهجي ٿو ته: هو "ڪرانتڪاري" آهي، شعور ۽ ڏهنن جي روشنيءَ کي وڌيڪ جلا بخشيندڙ ۽ شعاعن کي تيز ڪندڙ آهي.

حوالا

(1) 'خط، انترويو ۽ تقريرون'- شيخ، مئي 2010ع، ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي.

(2) 'ايملي آف تعليم جي روسو' ترجمو: محمد ابراهيم جويو 1950ع، آزاد بڪ ڊيپو حيدرآباد.

(3) 'علم تدريس مظلوعن لاءِ' پائلو فريري مترجم: محمد ابراهيم جويو 2006ع.

(4) جويو ابراهيم، 'شاهه سچل، سامي' روشني پبليڪيشنز 2006ع.

ون يونٽ تحريڪ ۾ ابراهيم جوئي جو ڪردار

مولائي ملاح

هڪ صديءَ جي آواز، محترم محمد ابراهيم جوئي صاحب جي شخصيت هونءَ ته گهڻ پاسائين آهي، جنهن تي هن مهل تائين، هن ٿورڙي عرصي ۾، ڏاڍو تيزيءَ سان جيڪو ڪم ٿي چڪو آهي، ايترو تيزيءَ سان اڳ ڪنهن شخصيت تي ناهي ٿيو. اسان جي اها روايت رهي آهي ته اسان ڪنهن سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيت جي فن، فڪر ۽ فلسفي ۽ شخصيت تي ايترو ڪم تڏهن ڪندا آهيون، جڏهن هو اسان کان وڇڙي ويندو آهي ۽ پوءِ ڪيس مانُ ڏيڻ لاءِ سندس ڪمن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پنهنجو فرض پورو ڪندا آهيون، پر سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن جي جيتري پاري شخصيت آهي اوترو ئي ڪيس حياتيءَ ۾ مانُ مليو آهي، جيڪا هڪ سٺي روايت آهي.

سائين جويي صاحب جن پنهنجي سڄي زندگي سنڌ جي ترقي ۽ سنڌي قوم جي حقن جي حاصلات لاءِ جهيڙيندي گذاري آهي. سنڌ جي وحدت خلاف جڙندڙ هر محاذ تي سڌي ۽ اڻ سڌي طرح فرنٽ لائين وارو ڪردار ادا ڪيو اٿن. ايوبي آمريت ۾ جڏهن سنڌ جا حق غصب ڪرڻ لاءِ صوبن جي حيثيت ختم ڪري 'ون يونٽ' قائم ڪيو ويو، ته ان جي مزاحمت خاطر جڙيل 'اينٽي ون يونٽ تحريڪ' دوران توڙي پاڻ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو، ان هوندي به ان جي پسمنظر ۾ ادبي ۽ فڪري ميدان ۾ سندس مهڙ وارو ڪردار رهيو، جنهن کان ڪڏهن به انڪار نٿو ڪري سگهجي. انهن ڏاڻن ۾ پاڻ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئڻ ڪري پردي پويان قومي ڪارڪنن جي رهنمائي ڪندو رهيو. ايوبي آمريت جي مڙهيل ون يونٽ سان سنڌ برطانوي دور ۾ 1847ع کان 1935ع تائين 88 سالن کانپوءِ هڪ آزاد وطن ته نه پر جيڪا صوبائي حيثيت حاصل ڪئي هئي، اها به ون يونٽ مڙهي ڪانئس کسي وئي. انگريز ڏڻڪ 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪيو ته تڏهن کان اڄ تائين جي عرصي مان 103 سال ته اهڙا هيا جن ۾ سنڌ کي ڪا جدا انتظامي حيثيت به حاصل نه ٿي سگهي. 18 نومبر 1954ع تي ون يونٽ لاڳو ٿيو جيڪو لڳ ڀڳ 16 سال هليو. محمد ابراهيم جويي جي تحريرن سنڌي قوم کي آمريتي نظام جي اهڙي عذاب مان نڪرڻ لاءِ مڙي مٽ ٿيڻ تي مجبور ڪيو. جن چيلهن سان سندرا ٻڌي، اهڙي تاريخي جنگ جوڙي، جو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفادن جو محاذ 16 ورهين کان پوءِ پهرين جولاءِ 1969ع تي فتح ڪري ڏيکا ريو.

ون يونٽ تحريڪ جي حوالي سان سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي ڪيل جدوجهد تاريخ جي ڪتاب ۾ پلي مختصر انداز ۾ ملي پر جيتري به رقم ٿيل آهي، اها جامع آهي ۽ ان مان سندس ڪردار چمڪندڙ ستارن ۾ ٻيندل چند جهڙو آهي. ون يونٽ خلاف ڪيل جدوجهد تي ون يونٽ جي تاريخ سهيڙيندڙ پروفيسر اعجاز قريشي پنهنجي ڪتاب 'ون يونٽ ۽ سنڌ' جي صفحه نمبر 329 تي محمد ابراهيم جويي لاءِ لکي ٿو ته:

"سنڌ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب لاءِ بي بها خدمتون سرانجام ڏيندڙ سائين محمد ابراهيم جويو ون يونٽ دور ۾ جبتوڙيڪ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو، پر پوءِ به ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جي سلسلي ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي رهنمائيءَ جو فرض دل جان سان سرانجام ڏينندو رهيو. سائين جويو صاحب مارچ 1954ع کان 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو؛ ان دور ۾ 1955/56ع دوران ٽماهي 'مهراڻ' پڻ ايڊٽ ڪيائين، 'مهراڻ' ۾ سائين ڪوشش ڪري اهڙو مواد شايع ڪيو، جنهن سان سنڌ ۾ اجتماعيت ۽ قومي تشخص جي ساڃاهه پيدا ٿي ۽ اديبن ۽ شاعرن پاران ون يونٽ خلاف هلايل هلچل ۾ سنڌن رهنمائي ۽ همت افزائي ٿي."

جويي صاحب ون يونٽ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ خلاف آواز اٺاريندي لکيو ته:

"سنڌي هتان جي ماڻهن جي مادري ٻولي آهي. 1961ع واري آدم شماري (اسان کي اهو به معلوم آهي ته اها آدم شماري ڪيئن ٿي هئي) موجب صوبي ۾ صرف 15 سيڪڙو ماڻهو سنڌي نه پر ٻيون ٻوليون ڳالهائين ٿا. اهو هاڻ هڪ مجيل اصول ٿي چڪو آهي ته ذريعه تعليم مادري زبان ۾ هئڻ گهرجي. چا 85 سيڪڙو صوبي جي آباديءَ کي علم ۽ ڄاڻ کان صرف ان ڪري پري رکجي جو هو ڪجهه ماڻهن جي جنباتي جنون کي سرد رکي سگهجي جيڪي چاهين ٿا ته هڪ ڌاري ٻوليءَ ۾ سيني کي تعليم ڏني وڃي ... ۽ هاڻ اهو وقت اچي چڪو آهي ته تعليم لاءِ زندگيءَ جي بنيادي اصول کي مڃيو وڃي. ٻي صورت ۾ وقت جلد يا دير ئي سهي، اهو اصول مڃڻ ٿي مجبور ٻ ڪري ڇڏيندو."

جويي صاحب ان دور ۾ ڪيترائي اهڙا پمفليٽ ۽ ڪتابچا پڻ لکيا (جن مان ڪجهه ٻين نالن سان پڻ شايع ٿيا) جن ۾ ون يونٽ جي مخالفت ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي حقن جي پرچار ڪئي وئي. جهڙوڪ اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو، اصل انگريزيءَ ۾ مئي 1969ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي وقت ڪراچيءَ جي سنڌ ۾ وري شامل ڪرڻ واري مسئلي بابت 1969ع ۾ ابن حيات پنهور جي نالي ۾ لکيائين.

جويو صاحب وک وک تي سنڌي شاگردن جي رهنمائي، حوصلا افزائي ۽ هر ممڪن مدد ڪندو رهيو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ٻوليءَ جي خاتمي بعد 1956ع ۾ جڏهن سنڌي شاگردن احتجاج ڪيو ته يونيورسٽيءَ جي سئنڊيڪيٽ آڏو شاگردن جيڪا ياداشت پيش ڪئي، اها جويي صاحب جي ئي لکيل هئي، پاڻ ايوبي مارشل لا واري ڪاري دور ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئڻ باوجود به بزم صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنس توڙي جشن روح رهاڻ جي سرگرمين ۾ شرڪت ڪندو رهيو.

جويي صاحب جي ون يونٽ مخالف خيالن کان سرڪار باخبر هئي، تنهنڪري ڪيس بدلي ڪري 1962ع ۾ لاهور موڪليو ويو ۽ بعد ۾ 1968ع ۾ ڪيس گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول ڪوهاٽ جو پرنسيپال بڻايو ويو. آخر 1969ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي بعد ڪيس سنڌ واپس بدلي ڪيو ويو. جويو صاحب جنهن به محاذ تي رهيو، اتي سنڌ جي حقن خاطر آواز بلند ڪيو جنهن سبب ڪيس ڪافي عرصي تائين تڪليفن کي پوڻڻو پيو. ملازمت واري عرصي ۾ ون يونٽ ۽ ڌاڙن ۾ ڪيس ڪنهن هڪ هنڌ رهي سڪ سان ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويو، بار بار بدليءَ جي سزا کي پوڳيندو رهيو، پر پنهنجي سنڌ دوستيءَ واري مقصد تان ڪڏهن به هٽ نه ڪنيائين. سنڌ 1955ع کان 1960ع ون يونٽ مڙهجڻ کان ٽنڊ تائين واري عرصي ۾ ان خلاف هن جيڪا به جدوجهد ڪئي، اها عيسوي ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جو اهم حصو، رهندي. جنهن جي سرواٽيءَ جو سهرو سندس سِرَ تي اچي ٿو.

سنڌ سان عشق جي جرم ۾ ون يونٽ جي ٽنڊ کان پوءِ به ڪيس سڪ سان نوڪري ڪرڻ نه ڏني وئي. ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪيس پريشان ڪندا رهيا. جن تڪليفن کي هي اڏول انسان، سنڌ جي عشق ۾ صبر سان سهندو پنهنجي مقصد کي جاري رکندو رهيو. غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب: 'جهڙا گل گلاب جا'، جي ٻئي حصي جي صفحي 455 تي لکيو آهي ته:

"جويو صاحب پيدائشي باغي هو. سڄي عمر هن اصول تي ڪاربند رهيو تہ:

جس کھیت سے دہکان کو میسر نہ ہو روزی،
اس کھیت کے ہر گوشئے گندم کو جلادو۔

جويو صاحب نئين سنڌ جي قيادت لاءِ پيدا ٿيو هو. پير حسام الدين راشديءَ: ڳالهيون ڪندي، هڪ ڏينهن مونکي چيو تہ: "اسان کي سنڌ سان محبت جو سبق جويي صاحب ڏنو."

سنڌ ۾ مڙهيل ون يونٽ وارن ڏهاڙن ۾ جويو صاحب سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو، پر ادبي ڪچهرين 'مهراڻ' ۽ اخبارن ۾ فهميده لهجي ۾ فرضي نالن سان ون يونٽ خلاف ڪالم لکي قوم ۾ سجاڳي پيدا ڪري کين اتساهيندي سندن جذبن کي گرمائيندو رهيو. جيڪا ڳالهہ سرڪار سگوريءَ کان لکل ڪانہ هئي، جنهن ڪري بار بار کيس نوڪريءَ تان بدلي ڪري ڪڏهن هڪ شهر تہ ڪڏهن ٻئي صوبي ۾ رکيو ويو، جنهن تي هن بہ سندن اڳيان ڪڏهن ڪائي هيٺي نہ هولي ۽ سنڌ دوستيءَ واري عمل ۾ آخر تائين مصروف رهيو. سرڪاري نوڪري پوري ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ديس جي خدمت هڪ خاموش خدمتگار جيان صحت جي سلامتيءَ تائين جاري رکي

هن سنڌ ڄائي کي سدائين پنهنجي ماتر پوميءَ جو اونو رهيو، هي جنهن بہ پليٽ فارم تي رهيو، اتي سنڌ جي حقن خاطر لوچيندو ۽ سوچيندو رهيو آهي. ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ بہ سندس ڪردار فرنٽ لائين وارو رهيو. هي انهن ڪارن ڏهاڙن ۾ بہ سنڌ جي ماڻهن جي ذهني تربيت ڪري کين ون يونٽ خلاف اُتساهيندو رهيو، نيٺ سنڌ مٽان آمريت مڙهيل ڪاري قانون کي توڙي ساهہ ڪنيائين. سنڌ جي اهڙي امر ڪردار جي ذات ۽ ذات شال هميشہ سلامت رهي، جُڳ جُڳ جيئي.

13 آگسٽ جويي صاحب جو جنم ڏينهن

ترقي پسند ادب ۽ تحريڪ جو سرواڻ

محمد ابراهيم جويو

آزاد انور ڪانڊڙو

ڏرتيءَ جيڏي شاعر شيخ ايياز پنهنجي ڪتاب 'خط، انٽرويو ۽ تحريرون' ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

"طالب العلمي جي دؤر ۾ مون سان ٿي اهڙا ڪاپڙي مليا، جن ٿنهي جي باري ۾، مون کي پٽائيءَ جي هيٺين ست ياد ايندي آهي.

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري!

۽ اهي هئا: سوپو گيانچنداڻي، ابراهيم جويو ۽ حشو ڪيولراماڻي."

مهان ڪوي شيخ ايياز 'ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون' ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ:

"اهي ٿي شخص آهن، جن منهنجي ننڍي عمر ۾ تربيت ڪئي آهي ۽ جي مان انهن سان نہ ملان ها تہ مان، مان نہ هجان ها ۽ اهي آهن، حشو، سوپو ۽ ابراهيم. انهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ائين رهي آهي، جيئن روميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي. اهي ئي ٿي ماڻهو آهن، جي مون کان جيون جي ليکي، چوڪي وڌڻ جا حقدار آهن."

14 سالن جي عمر ۾ لکڻ جي شروعات ڪندڙ سائين محمد ابراهيم جويي گذريل 8 ڏهاڪن کان ٻہ وڏيڪ عرصي کان سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تحريڪ ۾ سرواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس ادبي، علمي، تعليمي، قومي ۽ ثقافتي خدمتون سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون.

سائين جي.ايم سيد پنهنجي ڪتاب: 'جنب گذاريم جن سين' ۾ ڪيڏو نہ سچ لکيو آهي تہ:

"جويي صاحب، بورڊ ۾ پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مشينري ۽ هڪ قومپرست سنڌي طور ڪم ڪيو آهي."

جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري شپ دوران سنڌي ٻولي، لغت، ادب ۽ تاريخ تي جيترو شاندار ڪم ڪيو، اڄ ڏينهن تائين ان جو مثال ملي ناهي سگهيو. اڄ جيتوڻيڪ وسيلا وڌيڪ جديد ڪان جديد سهولتون، مشينري ۽ آسائشون حاصل آهن، پر ان باوجود بورڊ پاران ماضي ۾ ڪيل شاندار ڪارڪردگي جو رڪارڊ ڪوئي نئون سيڪريٽري وڏين دعوائن باوجود ٽوڙي نہ سگهيو آهي.

جديد سنڌي ادب جي ڦهلاءُ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي نہ ماهي "مهراڻ" جو وڏو ۽ مثالي ڪردار رهيو آهي ۽ اهو ٻہ صرف "مهراڻ" جي ايڊيٽرشپ دوران محمد ابراهيم جويي ۽ مولانا غلام محمد گرامي جي دؤر ۾ ترقي پسند ادب، جديد شاعري جي سلسلي ۾ شاندار ڪم ٿيو آهي. نہ ماهي "مهراڻ" ۾ جويي صاحب جا لکيل شاندار ايڊيٽوريل ادب جي درگاهہ، انسانيت، ٻہ پور، نج سنڌي لفظ، ٻولين جي ڏي وٺ، فنڪار جا ڳوڙها، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا، ٻولي، اديب، ناشر ۽ پڙهندڙ، ون يونٽ ۽ آزادي اڄ ٻہ پڙهڻ وٽان آهن. ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ جويي

صاحب "مهراڻ" وسيلي جديد سنڌي ادب ۽ جديد سنڌي شاعري جي آبياري ڪئي آهي.

جويي صاحب نہ رڳو پنهنجي شاهڪار تخليقن، تحريرن ۽ تقريرن ذريعي سنڌ ۾ ادبي تحريڪ جي سرواٽي ۽ قومي شعور ۽ جاڳرتا جي ڦهلاءَ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي، پر هن سنڌي ادب ۾ هين هولين مان تمام شاندار ڪتاب گليلو، اسلام جو تاريخي ڪارنامو، تاريخ پاڪستان، ايميلي عرف تعليم، هارن جي تعليم، وحشي جيوت جا نشان، فڪر جي آزادي، ڪئنديد، هارن جو مسيح، فلسفي جو ابتدائي ڪورس، علم تدريس مظلومن لاءِ، محڪري جا مضمون، فرينچ انقلاب ۽ هيا ترجمو ڪري سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو آهي. سندس ان مثالي ڪم بابت سراج هڪ هنڌ لکيو آهي:

"ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل آهي ۽ اهو فڪر هو نہ جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نہ رڳو سنڌي ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾ به قدم اڳتي نين".

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري شپ دوران جويي صاحب ادبي بورڊ جي ترجمن جي اسڪيم کي نہ رڳو اڳتي وڌايو، پر ان اسڪيم تحت دنيا جي علم ۽ ادب جا بهترين ۽ شاهڪار ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ پڙهڻ لاءِ اسان کي مليا.

جويو صاحب نہ رڳو ترقي پسند ادب جو باني ۽ ان جي آبياري ڪندڙ آهي، پر هو ترقي پسند شاعري جي فني ۽ فڪري خوبين کي هڪ وڏي پارکو جي اک سان ڏسي عام اڳيان نروار ڪندڙ مفڪر ۽ دانشور آهي. ڪلاسيڪي شاعرن بابت سندس شاهڪار ڪتاب شاهه، سچل، سامي ۽ شيخ اياز جي اٽڪل 10 کان وڌيڪ ڪتابن جا مهاڳ، اياز گل، مختيار ملڪ، نورالهدىٰ شاهه، خاڪي جويي، ابراهيم منشي، نرنجن دوداڻي، نوجوان ليکڪ آزاد انور ڪانڊڙو پاران استاد بخاريءَ جي نثري لکڻين تي مشتمل سهيڙيل ڪتاب "سمي صحرا سَمي دريا" ۽ هين جي شعري مجموعن تي جويي صاحب جا لکيل مهاڳ ان جو وڏو ثبوت آهن.

عظيم شاعر شيخ اياز ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون ڪتاب ۾ هڪ هنڌ اهڙي شاهدي ڏيندي لکيو آهي:

"ابراهيم جويو، سنڌي شاعري جو وڏو پارکو آهي، مان جڏهن به نئون شعر لکندو آهيان تہ چاهيندو آهيان تہ ان تي پهرئين نظر سنڌ جي هن عظيم دانشور جي پوي ۽ اهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي تہ مون کي ان جي امرتا جي پڪ ٿي ويندي آهي. منهنجي ڪتاب "بڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" ۾ شامل هڪ نظم "چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان- تون هُئينءَ" جي شرح، جنهن خوبصورتيءَ سان هن ڪئي آهي، اهڙي ورلي کو ڪري سگهندو."

پاڻ 1980ع ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي زندگي بابت پارڙن کي ڪامياب زندگي جا اصول سيکارڻ خاطر هڪ ڪتاب 'پارن جو مسيح' جو دلڌير ترجمو ڪيائين. پارن لاءِ جويي صاحب جو چوڻ آهي تہ پار اسان جي مستقبل جا معمار ۽ سرواڻ آهن، آئندي جو علم سندن هٿن ۾ هوندو انهيءَ لاءِ سندن ذهني تربيت لاءِ کين صحتمند ادب مهيا ڪري ڏنو وڃي. پاراٽي ادب جي ترقي لاءِ جويي صاحب پنهنجي قائم ڪيل اداري سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت جي پليٽ فارم تان ڪيترائي شاندار ڪتاب ڇپائي پاراٽي ادب جي ترقي ۽ ڦهلاءَ ۾ به مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي.

سائين جويو صاحب، سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن جي نمائنده تنظيم سنڌي ادبي سنگت سان به لاڳاپيل رهيو آهي.سنگت سان سندس لڳاءُ تمام گهڻو پراڻو آهي. سنگت جي بنياد کان وٺي اڄ تائين جويو صاحب سنگت جي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو 20 ۽ 21 صديءَ جي هن عظيم ڏاهي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ئي 13- اپريل 2003ع تي سنڌ جي نامياري شاعر سائين ادل سومري جي سنگت جي سيڪريٽري جنرل هئڻ واري دور ۾ حيدرآباد ۾ سنگت جي مرڪزي آفيس ۽ گوبند

مالهي لائبريري جي پيڙهه جو پٿر رکيو هو. اها ب ي گالهه آهي ته سنگت جي چونڊن ۾ هيرا قيريءَ سان آيل ٽولي بعد ۾ اهو پٿر به گم ڪري ڇڏيو ۽ سنگت جي پهرئين سيڪريٽري جنرل گوبند مالهي جي دور کي تسليم ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو.!!

جويو صاحب اسان کي هميشه سجاڳيءَ جو پيغام ڏيندو رهيو آهي. هو اڄ به 99 سالن جي عمر ۾ پنهنجي هٿ ۾ علم، ادب ۽ ڏاهپ جي روشن لاٽ ڪنيو، اسان کي علم جي روشن واٽ ڏسيندو اڳتي وڌي رهيو آهي. پاڻ نه صرف نئين نسل جو سونهون ۽ اڳواڻ رهيو آهي، پر نئين نسل کي هميشه همٿائيندو ۽ سندن رهنمائي ڪندو رهيو آهي.

سنڌ جا ڪيترائي مهان ڏاها ۽ اديب جويي صاحب کي پنهنجو ادبي استاد ۽ رهبر تسليم ڪن ٿا. انهن ۾ شيخ اياز، سراج، شمشيرالحيدري، رسول بخش پليجو ۽ ابن حيات پنهور جا نالا اهم آهن. رجعت پسنديءَ خلاف ۽ ادب ۾ ترقي پسند لاڙن جي ڦهلاءَ لاءِ جويي صاحب ڏينهن رات نه رڳو مثالي ۽ وڏو ڪم ڪيو آهي، پر عملي طور به ايوبي آمريت خلاف احتجاج، ون يونٽ مخالف تحريڪ، سنڌي ٻوليءَ جي بحالي واري تحريڪ، ايم.آر.ڊي جي حمايت، ڪالاباغ ڊيم ۽ ٽل ڪئنال خلاف احتجاج ۾ هميشه سرواڻي ڪندي ۽ حق جو نعرو بلند ڪندي اڳيان اڳيان رهيو آهي.

نامياري شاعر تاج بلوچ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

"اسان جو افلاطون اسان وٽ موجود آهي.
يونان جي افلاطون هڪ ارسطو پيدا ڪيو،
پر اسان جو افلاطون (جويو) هڪ پيڙهي
تيار ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل آهي، اهڙي
پيڙهي، جيڪا مظلوم، ڏٽڙيل ۽ ڏکي
انسانيت لاءِ چوٽڪاري جو ڪارڻ بڻجي."

محمد ابراهيم جويو هڪ دؤر، هڪ صديءَ تائين ڦهليل هڪ تاريخ، هڪ جدوجهد جو نالو آهي، جيڪو نه ڪڏهن جهڪيو، نه ڪڏهن وڪيو آهي.

محمد ابراهيم جويي جي افساني "روزي جي ماني" مان روشن خيال فڪر جو اپياس

نواب ڪاڪا

سماج ۾ آگاهي، سجاڳي، شعور، حقيقتن جي ڄاڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ ڏاهن، مفڪرن، دانشمندن، ڳهرو مشاهدو ۽ ڳهڙ رخو مطالعو ڪندڙ انسانن جي ڳهرج هوندي آهي. وقت ۽ حالتن مطابق پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ فسادن کي پنهنجي علم ۽ وسيع مشاهدي جي نظر سان ڏسندي، ڪا نہ ڪا وات ٻڌائين ٿا. دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ فڪري تحريڪون ۽ ايندڙ تبديليون انهن جي سوچ ۽ لوچ جو نتيجو آهن. دنيا جي تاريخ ۾ تهذيب ۽ ترقيءَ جا ڏاڪا طئ ڪرائڻ ۾ وقت جي ڏاهن، سائنسدانن، استادن، عالمن ۽ محققن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. وقت ۽ حالتن جي گهرج سامهون رکي، فڪر، اصول يا نظريا پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان تبديل ٻ ٿيندا رهيا آهن. زندگي ارتقا جي مرحلن مان گذرندي، تبديل ٿيندي پيئي اچي. اصول، نظريا، روايتون، زندگيءَ جي سُڪ، سهنج ۽ امن لاءِ آهن، نہ ڪي زندگي اصولن، نظرين ۽ روايتن جي پورائي لاءِ آهي.

سنڌ جي جديد تاريخ ۽ ادب ۾ سائنسي سوچ رکندڙ مسئلن ۽ مونجهارن جي حل لاءِ سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ ڪردارن ۾ محمد ابراهيم جويي جو نالو سرفهرست آهي. سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ سندن سجاڻپ ڳهڙ رخي آهي. جنهن مان سندن وسيع فڪر، جدوجهد، پنهنجي قوم کي تهذيبي ۽ تاريخي طور اڳتي وڌي هلڻ ۾ سندن اهميت ۽ حيثيت جي وضاحت ٿئي ٿي. فلسفو، تاريخ، تعليم، ادب، سماجيات ۽ دنيا جي شاهڪار علمن جو ترجمو سندن خاص موضوع آهن. سندن تحقيقي ۽ تخليقي پورهئي جا ڳهٽا رخ ۽ مقصد آهن. سماج کي مختلف علمن ۽ فڪرن کان واقف ڪرائي ٿو. سندس اهڙن فڪرن مان هڪ فڪر روشن خيالي ب اهم آهي. جويو صاحب روشن خيالي ۽ ٻين عالمي فڪري تحريڪن ۽ نظرين جي نہ صرف ڄاڻ رکي ٿو، پر انهن جي ڪارج ۽ مقصد کي سمجهي سماج تي لاڳو ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ جون پڻ ڪوششون وڌي ٿو. مقامي حالتون ب اهڙيون رهيون آهن جو مختلف فڪرن ۽ نظرين جو پرچار ڪرڻ ضروري ڄاتو ويو آهي. روشن خيالي پنهنجي جوهر ۾ مذهبي تعصباڻي روش، انتها پسندي، مصنوعي ۽ سطحي عملن جي خلاف هڪ سگهارو فڪر رهيو آهي. عام انسان ڪردار جي تڪميل جيڪا مختلف عقيدن جي ذريعي ڪنهن ٻئي جهان ۾ ڏسڻ تي ويساهه رکي ٿو، روشن خيال فڪر انسان جي ڪردار جي اها تعمير ۽ تڪميل فطري اصول مطابق سڀ ڪجهه هتي ئي ڏسڻ چاهي ٿو. جيئن مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ناول

نگار ليو ٽالسٽاءِ جا جملا آهن تہ: "جيڪو انسان پنهنجي سامهون نظر ايندڙ انسان سان محبت نٿو ڪري، اهو نظر نہ ايندڙ خدا سان محبت جي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگهي."

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو روشن خياليءَ جي بنياد بابت لکي ٿو:

"روشن خياليءَ جو بنياد انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ انسان سڀ هتي ۽ هن ئي دنيا ۾ هن ئي ڏرتيءَ تي تڪميل يا ڪمال جي هڪڙي صورت ڪي پهچي سگهن ٿا. توڙي جو يورپ ۾ عيسائيت، مشرق ۾ ٻين مذهبن جي تعليم اها آهي تہ تڪميل يا ڪمال رڳو مذهبي زندگيءَ جي رستي حاصل ٿئي ٿو ۽ اهو ٻہ مرڻ کان پوءِ ٿو حاصل ٿئي." (ٻوهيو، 174/ 2013ع)

روشن خيال عالم انسان کي پنهنجي بنيادي ۽ اصلي جوهر مطابق فطري ڏسڻ چاهي ٿو. جيئن قدرتي طور انسان ۾ هڪ ٻئي لاءِ انس وارو جوهر ٻہ رکيل آهي. انساني ڪردار جي تعمير ۽ ترقي ائين چاهي ٿو جيئن فطري طرح ٽيڙ گهرجي. ان ۾ هر سُڻائي، سُهڻائي ۽ نيڪي ۽ هڪ ٻئي کي نفعو ۽ امن ڏيڻ واريون خاصيتون ڏسڻ چاهي ٿو. ان ۾ ڪنهن ٻہ مذهبي عقيدي، فرقي يا طبقي طرفان پيدا ڪيل مصنوعي درجا بندي، جيڪا سندس قدرتي جوهر ۽ خاصيتن ۾ رڪاوٽ آهي، ان کان انڪار ڪري ٿو. فطري طور انسان کي ٻہ ٻين ساهوارن جيان سماجي حيوان مڃيو ويو آهي. سمورا ساهوارا فطرت جي اصول مطابق، سردي گرمي ۽ ٻيون تڪليفون برداشت ڪري ٻہ پنهنجي وجود جي سمورين خاصيتن کي اپارين ٿا ۽ انهن جو فائدو بغير ڪنهن متيد جي هن ڪائنات کي ڏين ٿا. تيئن انسان جي ٻہ بنيادي جوهر ۾ پنهنجي خاصيتن کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان جو هڪ ٻئي کي فائدو ڏيڻ، هڪ ٻئي لاءِ سڪ ۽ محبت رکڻ ۽ گڏجي رهڻ جهڙيون خاصيتون موجود آهن، پر انهن تي مدي خارج رسمن ۽ اجاين عقيدن جو سندس عقل تي ايترو ڀارو چڙهي وڃي ٿو جو هو باوجود ايترو سائنسي انقلاب اچڻ جي ڪيئي قدرتي راز پنهنجي سامهون آشڪار ٿيندي ڏسي ٿو ۽ نہ چاهڻ جي باوجود ٻہ پاڻ ۾ مختلف فرق قائم ڪندي هڪ ٻئي کان دور ٿيندو پيو وڃي، جنهنڪري "روشن خيال عالم وٽ فطري ۽ غير فطري جو بحث اهو آهي تہ جنهن جي وجود يا تصور کي سماج ۾ هٿرادو طريقن سان ڪڙو ڪيو ويو يا اڌاري ٻيهاريو ويو، سو غير فطري آهي. توڙي جو اهو موجود آهي. هن طرح طبقات جو وجود آداب جي وجود ۽ مراعات جي وجود توڙي معتبرائپ يا پاڪائيءَ جي قائم ٿيل وجودن کي غير فطري سمجهيو ويو. هن طرح غير فطري اها شيءِ سمجهي ويئي، جنهن کي برو سمجهيو ويو. فطري اها سمجهي ويئي، جنهن کي چڱو سمجهيو ويو." (ٻوهيو، 175/ 2013ع)

سماج ۾ مختلف هٿرادو طريقن سان جيڪي مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ڪري نفرتن جو جيڪو ٻج ڇڻيو ويو، ان خلاف سوچيندڙ ۽ غور ڪندڙ ۽ ان مان نجات جي راهہ تلاش ڪندڙ ڏاهن ۽ فيلسوفن پنهنجي پنهنجي ديس ۽ ڏرتيءَ تي پيدا ٿيل مسئلن جي مناسبت سان روشن خيال فڪر کي پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ذريعي پيش ڪيو.

سنڌ ۾ 1947ع واري لڏپلاڻ غير فطري هئي. جيڪي انسان قدرتي طرح جنهن زمين تي پيدا ٿيا هئا، ان جي سنوار ۽ سينگار ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا، انهن کي ٻنهي طرفان پنهنجا ڪر ڪارين بند ڪري، اهي گهر ۽ زمينون ڇڏي نڪرڻ لاءِ چيو ويو. غير فطري ٻج ڌاهہ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ نقصان ۽ مسئلا اڄا تائين جاري آهن. ڇئي نٿو سگهجي تہ ڪٿي دنگ ڪندا. محمد ابراهيم جويي ۽ سنڌ جي ٻين روشن خيال ليکڪن ورهاڱي بعد پيدا ٿيندڙ صورتحال کي پنهنجي روشن خيال فڪر ذريعي مختلف مسئلن جي نہ صرف نشاندهي ڪئي آهي، بلڪ انهن جو حل ٻہ پنهنجي فڪري تحريرن ذريعي ٻڌايو آهي. سندس ڪهاڻي "روزي جي ماني" ٻہ هڪ اهڙي فڪري تحرير آهي. ڪهاڻي جديد ادب جي اها صنف آهي، جيڪا

پنهنجي فني خاصيتن جي ڪري زندگيءَ جي مختلف مسئلن ۽ فڪرن کي پڙهندڙن جي ذهن تائين جلدي منتقل ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ماهر ۽ سجاڳ ليکڪ زندگيءَ سان وابستہ ڪنهن بہ پهلوءَ کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪري ٿو جو اها پڙهندڙ جي حواسن تي چانئجي وڃي ٿي. هن کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي. گهڻي دير تائين پڙهندڙ جي نفسيات ۽ خيالن تي قبضو رکي ٿي. اها تڏهن ٿئي ٿي جڏهن پلاٽ (رٿا بندي)، ٻولي، ماحول، منظرنگاري، ڪردارنگاري فطري، سماجي ۽ ادبي اصولن ۽ ڪارج کي نظر ۾ رکي ڪيو وڃي. محمد ابراهيم جويو مفڪر هئڻ سان گڏ، ماهر نقاد بہ آهي. ڪهاڻيءَ جي فن ۽ دائري بابت ڄاڻ رکندڙ آهي. افساني جي فني خصوصيتن جي حوالي سان لکي ٿو:

"مختصر افساني جي هڪ فني خصوصيت، آءٌ سمجهان ٿو تہ ان ۾ زندگيءَ جو ڪو بہ پهلو، ڪا بہ هڪ حيثيت پيش ڪئي وڃي. ان ۾ سماجي ڪيفيتن ۽ پس منظر کي اثرائتي انداز ۾ اپاري پڙهندڙ جو ڌيان ان جي اصلي حيثيت ڏانهن ڇڪايو وڃي ٿو." (جويو، 102/ 2007ع)

هن افساني ۾ جويي صاحب سماجي مسئلي کي روشن خيال مفڪر جي حيثيت ۾ اپاري پيش ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ئي فطري ماحول ۾ ساهوارن جي آزادي، خودمختياري، پنهنجي اصلي رنگ ۾ پُرسڪون زندگيءَ کي پيش ڪري ٿو. لکي ٿو:

"سارو ڏينهن چئن ڏاڻن لاءِ پرڙا سڻي سڻي ڏرتيءَ کان دور پڇندڙ پانت پانت جا پيارا پکي ولرن جا ولر ڪيو وڻ وڻ مٿان اچو ڳاهڻ ٿين. رات جا چار پهر هر ڪنهن کي ڪٽي نہ ڪٽي ڪنهن ڏار تي ڪنهن لام تہ ڪنهن پن جي اوٽ ۾ آرام لاءِ اجهو ملي ئي ويندو." (جويو، 21/ ....ع)

ٻئي طرف انسانن جو نظارو ڏيکاري ٿو، جيڪي ڪيترا نہ غير فطري ٿا لڳن:

"برنس گارڊن جي اترئين دروازي وٽان الهندي طرف ڏانهن ويندڙ انڪل چالیهارو قدم هڪ ڊگهي فٽ پائري وڃايل آهي، جنهن تي خانہ بدوش گيدڙين جا ڪي نہ ڪي بہ چار ڪتب پيا ئي رهندا آهن." (جويو، 21/ ....ع)

اتي فٽ پائري کان اڳتي پنج ماڙ بلڊنگن جون ٽي قطارون آهن، جن ۾ نوان آيل مسلمان اچي آباد ٿيا آهن. هنن بلڊنگن جي اصل ۽ نقل رهواسين لاءِ لکندي زبردستي ڪرايل ورهاڱي واري ڳالهہ بہ ڪري وڃي ٿو:

"هنن بلڊنگن ۾ اصل تہ ٻيا رهندا هئا، پر پاڪستان ٽيڻ کان پوءِ اهي هندستان هليا ويا ۽ هندستان مان ٻيا اهڙا ئي خدا جا بندا ڪجهہ لوڏجي ڪجهہ ڇاهہ پئي اچي هنن بلڊنگن ۾ آباد ٿيا." (جويو، 1987/22ع)

بلڊنگ جي رهواسين پنهنجي ويجهو هڪ مسجد کي بہ اچي آباد ڪيو هو. ان مسجد جي اڳيان رمضان جي پلاري مهيني جو هڪ منظر آهي، جيڪو سڄي ڪهاڻيءَ جو بنياد آهي. مسلمانن جي لاءِ رمضان هڪ سڳورو مهينو آهي. روزي ۾ ٻئي جي بک، اُڃ کي محسوس ڪرائيندڙ ۽ ايثار ۽ قرباني سيکاريندڙ تصور ڪيو ويندو آهي، پر هتي ان تصور ۾ مذهبي تعصب ۽ فرق واري سوچ، فڪر ۽ عمل انتها تي پهتل آهي." انن ڏهن سالن جو گيدڙي ٻار قاتل سٽڻ پهريل مر ۽ منيءَ ۾ پيوت پگل ٽنل ڪاٺ جي گاڏڙي تي پنهنجي پنگلي مائٽ کي ڏکيندو ٽي ويو. اهو پنگلو بکايل ۽ اجايل هئڻ جون پرسوز صدائون هٽندو مسجد جي طرف ٽي آيو. ٻئي طرف انهن بلڊنگن مان هڪ صاف ستڙو ٻار شانائتي روزي جي لاءِ تيار ٽيل ماني ڪٽي مسجد جي طرف آيو. جيئن تہ روزو ڪُلي چڪو هو، نمازي نماز مان فارغ ٿي مسجد مان نڪري رهيا هئا. چوڪرو اها

ماني کٹي ان الله جي نالي تي صدا هٹندڙ ٻاڏائيندڙ پنگلي جي مٹان اچي بينو. کيس پنهنجو ٿانو پيش ڪرڻ لاءِ چيائين، جنهن تي گاڏڙي کي ڏکيندڙ گدلو ٻالڪ پنگلي کي اتي ڇڏي ٿانوَ لاءِ خوشيءَ ۾ اهڙو وڻي پگو جو ڇڻ ڪڙيون ڪياڙيءَ سان ٽي لڳس. پنگلي بک جو پورائو ڏسي پنهنجي دانهن بند ڪئي، پر ان ئي گهڙي مذهبي تعصب ۽ ڪٽر پڻي وارو فڪر بکايل ۽ کاڏي جي وچ ۾ ديوار بڏجي اپريو:

"اوچتو سامهون ڪنڌ کان رڙ ٿي، 'طفيل او طفيل ماني ڪنهن مسلمان فقير کي ته ڏي بدبخت'. طفيل جو مسلمان پيءُ مسجد مان روزو کولي نماز پڙهي ٻاهر نڪتو هو ۽ گهر ڏانهن ويندي طفيل کي هن اجوڳ ڪم ڪندي پڪڙي ورتو هئائين." (جويو، 1987/22 ع)

ان روزيدار نمازي پاڻ تڪڙو جاءِ واردات تي پهچي هڪدم پٽ جي هٽن مان ماني ڦري، پرسان بينل پوڙهي مسلمان فقيرياڻيءَ جي ڪشتي ۾ لاهي ڇڏي. گيدڙي ٻالڪ جو جمن خالي رهيو. پنگلي جلد ئي معذوريءَ کي ظاهر ڪندي الله جي نالي ٻاڏايو، پر کين ذرو به نه مليو. پر نيڪ نمازيءَ جي وڇڻ بعد نظارو تبديل ٿيو:

"هنن جي پٽ ڏيڻ سان ئي پوڙهي فقيرياڻي ڪشتي ۾ هٿ وجهي جيڪي ڪجهه مليو هوس به ڏڪڙ، مٺ خشڪا، ڏوئي ٻوڙ جي، قيمي جي هڪ ٽڪي، منائيءَ جو هڪ لڏون، تنهن مان سي اڏاڻ ڪيي گيدڙي ٻالڪ جي جمن ۾ ڪٽي وڏو ۽ ٻار جي مٽي تي مهر جو هٿ ڦيري پنهنجي راهه وٽي ويندي رهي." (جويو، 23/ 1987 ع)

ائين انسانيت لاءِ هڪ انسان جو انسانيت ۾ ويساهه موٽي آيو. کهاڻي ورهاڱي بعد پيدا ٿيل حالتن، انسان جي انسان کان دولت، رتبي ۽ مذهبي فرق سبب دوري، ٻئي جي گهرج کي ڏسي وائسي نظرانداز ڪرڻ واري روش کي ظاهر ڪري ٿي. کهاڻيءَ ۾ پکين جي پُرسکون زندگي، بکين، ننگن ۽ معذور انسانن جو فٽ پاٽ تي پيو رهڻ، مذهبي ماڻهن کي نرم دل ۽ سخي سمجهي ليلائڻ، ٻار جو بغير متييد جي کاڏو ڏيڻ، مذهبي تنگ نظر جو روڪڻ ۽ وري فقيرياڻيءَ جو کاڏي کي اڏاڻ ڪري ساڳئي گيدڙي ٻالڪ کي ڏيڻ ۾ ليکڪ جو روشن خيال فڪر جهلڪي پيو. پکي، فقيرياڻي ۽ ٻار فطري رنگ ۾ آهن، پر جڏهن ته بظاهر شريف ۽ مذهبي انتها پسند ماڻهو مصنوعي طريقا اختيار ڪري قدرت جي اصولي طريقي تان هٽي صرف پنهنجي انا ۽ پاڻ کي پنهنجي طبقي، فرقي ۽ مذهب کي اعليٰ سمجهي ته اهڙا واقعا ٿيندا رهندا. ليکڪ وڏي خبرداريءَ سان کهاڻيءَ ۾ هن واقعي کي بلڪل غير جانبدار ٿي بيان ڪري ويو آهي ۽ فيصلو پڙهندڙ تي ئي ڇڏي ٿو ته ڇا بهتر آهي. روشن خياليءَ جو مظاهرو ڪٽي ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي، ان جي ضرورت ڇو آهي؟ اهڙين حقيقتن کي محمد ابراهيم جويي نهايت فنڪاريءَ سان پيش ڪيو آهي.

حوالا

1. پوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "ادب جا فڪري محرڪ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2013ع، ص 174.
2. ساڳيو، ص 175.
3. جويو، محمد ابراهيم، "فڪري ۽ افساني ادب"، مرتب: جامي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2007ع، ص 102.
4. جويو، محمد ابراهيم، "روزي جي ماني"، موتي جي مهراڻ جا، مرتب: فيروز ميمڻ، نيوفيلڊ پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع، ص 21.
5. ساڳيو.
6. ساڳيو، ص 22.

سنڌ جو عظيم مفڪر ۽ ڏاهو

زمر محبوب

سنڌ جي ڏاهي مفڪر ۽ نامور دانشور ۽ اديب محمد ابراهيم جويي صاحب جي 100 هين سالگره جي مناسبت سان لکڻ لاءِ اڄ مون کي جيڪو موقعو مليو آهي، اُهو مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. ايندڙ سال 13- آگسٽ 2015ع ۾ انشاءالله پاڻ 100 سال مڪمل ڪري، 101 سالن ۾ داخل ٿيندا.

اسان سيني سنڌ واسين کي فخر آهي، ان عظيم هستيءَ تي، جنهن بنا ڪنهن مطلب جي سدائين پنهنجي ملڪ، پنهنجي سڃي سنڌ جي سنڌين جي حقن جي حاصلات لاءِ بي انتها جاکوڑيو وڏي محنت ڪئي ۽ خاص طرح پنهنجي تحريرن ۽ لکڻين ذريعي سنڌ جي ڪيترن ئي نسلن جي ذهنن جي آبياري ڪئي آهي ۽ شعوري طرح انهن کي مالامال ڪيو، بيشڪ ان ۾ هنن کابه ڪسر نه ڇڏي آهي.

جوئي صاحب جي علمي خدمتن جو ڪينواس تمام وڏو آهي، هن سڃي حياتي 'رول ماڊل' طور گذاري، ايندڙ نون نسلن لاءِ هڪ زرين مثال قائم ڪيو آهي، اڄ جيڪا ترقي پسند شعور جي مثبت لهر ڏسجي ٿي، ان جي پيدا ڪرڻ ۾ جوئي صاحب جن جو وڏو هٿ ۽ ڪوشش سمايل آهي. پاڻ هر محاذ تي، هڪ فڪري استاد ۽ رهنما طور عاليشان ڪردار ادا ڪيو آهي، خاص طور تي پنهنجي هوليءَ ۽ امڙ سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ اٽڪ ۽ بي مثال خدمتون ارپيون آهن. سنڌي ادب ۾ ترجمن جي صورت ۾ پرڏيهي ادب جو واڌارو ڪري سنڌي ادب کي مالامال ڪرڻ ۾ به سندن ڪم وڏو آهي. پاڻ سنڌ ۾ جديد ادب ۽ فڪر جا محرڪ ۽ استاد رهيا آهن. پاڻ، سنڌ ۾ توهم پرستي، عقيده پرستي ۽ رجعت پسنديءَ جي منفي رجحانن کي رد ڪندي، هڪ صاف ۽ شفاف ترقي پسند ۽ سيڪيولر سوچ کي هٿي ونرائڻ لاءِ پنهنجي قوم جي نسلن جي عملي طرح رهنمائي ڪئي آهي.

اهڙي عظيم Genius انسان کي واقعي جَس آهي، سندن شخصيت تي جيترو به ڳالهائجي جيترو به لکجي، اُهو گهٽ آهي.

جوئي صاحب جو سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي طور تي مشاهدو ماشاءالله تمام گهڻو وسيع آهي. پاڻ سياست، ادب ۽ فلسفي مطلب ته هر شعبي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، پاڻ انهن مڙني شعبن ۾ بهتر کان بهتر ڄاڻ سان گڏوگڏ سڀ ۽ مقناطيسي شخصيت جا مالڪ آهن. ڪوڙ سارا علمي ادبي Informative ڪتاب ارپيندڙ سائين جويي صاحب کي واقعي تمام گهڻي شاباش آهي، جيڪي بغير ڪنهن وقفي ۽ ٽڪ جي لڳاتار لکندا پيا اچن. اسان جي دعا آهي ته شال سدائين مُرڪندا رهن ۽ لکندا رهن.

سنڌ جي جديد ادب جو امام

فقير محمد ڍول

منهنجيون اکيون ڏٺيون بلڪ سمورن سنڌ واسين جون اکيون ڏٺيون، جن پنهنجي ديد سان سندن دم ديدار ڪيو. اسانجا پاڻ پلا، جو اسان اهڙي دؤر ۾، مالڪ منڙي جل شانه جي مهر سان جيئڻ جو شرف ماڻيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي جديد ادب جو امام "محمد ابراهيم جويو صاحب" موجود آهي. جنهن سڄي ڄمار سنڌ جي علم و ادب جي آبياري ڪئي آهي ۽ سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۽ بقا لاءِ، علمي ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ عملي ڪردار ادا ڪندي، اسان جي رهبريءَ جو فرض به ادا ڪيو آهي. اهڙي مستقل جاکوڙ جي ڪري سندن جيون سڏلتا جي ٿمر سان جهنجهيل آهي ۽ اسان جا ايندڙ نسل، سندس ڪيل ڪم ۽ جدوجهد واري فصل جي ٿمر مان سدائين سيراب ٿيندا رهندا.

هي وقتُ جنهن جا ورقُ اسان جي اکين اڳيان ورائجندا پيا وڃن، سو ڏاڍو ڏکيو وقت آهي ۽ ائين چوڻ ۾ به ڪو وڏاءُ ڪونه ٿيندو ته هي وقتُ ڪوڙن جو ۽ ڪانڊرن جو آهي، جتي ڪٿي سندن ئي بول بالا آهي، جنهن ۾ سچن صوفين ۽ سَنتن جو جيئڻ جنجال ۽ ملڻ محال آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته هيءُ دجالي دؤر آهي، جنهن ۾ سُک، سُکون جو سورج ته اُلهي چڪو آهي، باقي فتني فساد جي ڪاري رات ڪيئي سالن کان روان دوان آهي... تنهن دؤر ۾ محمد ابراهيم جويي جهڙي فرشته صفت انسان ۽ پنهنجي ذات پات ۽ پاڪ و پاڪيزه ۽ آئيني جهڙي صاف شفاف اُجري ماڻهوءَ جي موجودگي، اسان جهڙن لاءِ باعثِ فخر ۽ ڪنهن درويش جي "جيئري زيارت" مثل ته آهي ئي، پر اسان لاءِ اتساهه جو سبب پڻ آهي ۽ سندس اختيار ڪيل راهه تي هلڻ، جڏ ته اسان لاءِ ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي.

اڄ جڏهن سنڌن عمر هڪ سؤ هين سال ۾ پير پاتو آهي، تڏهن اسين سڀ سنڌن سالم صحت ۽ وڏيءَ عمر لاءِ دعاگو آهيون... جويو صاحب هن اونداهي دؤر ۾ اسان جي لاءِ جرڪندڙ ستاري سمان آهي بلڪ هڪڙي قطب تاري مثل، جيڪو اسان جي مستقبل جي راهُن جو تعين ڪندڙ آهي ۽ اسان کي اسان جي قومي ڪاميابين جي راهه ڏسي رهيو آهي... عمر جي پوئين پهر جو هيءُ پانڌيئڙو، پنهنجي زندگيءَ جي تجربن ۽ خيالن آڏار سنڌي ٻوليءَ، علم ادب ۽ ڏرتيءَ جي بقاملاءِ اڄ به ڪر ڪان ڪَنَ تار ڪري ڪا ڪُنڊ ڇهيلي ڪونه. وينو آهي، بلڪ هُو اڄ به متحرڪ آهي ۽

جاکوڙي رهيو آهي پنهنجي خوابن واري سهٽيءَ سنڌ لاءِ... جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي تہ:

"مون وٽ اڄ بہ خوشحال سنڌ ڏسڻ جا خواب جيئرا آهن ۽ آءٌ اڄ بہ سنڌ لاءِ جاڳي رهيو آهيان، منهنجون اکيون جاڳ جي پنڌ ۾ ٽکيون کونهن ۽ ننڊ انهن کي ايجا تائين نهوڙي کونهي سگهي... آءٌ اڄ بہ کاهوڙين جيئن جاکوڙڻ واري جذبي هيٺ جوان آهيان ۽ پنهنجن فرضن کان بخوبي واقف آهيان ۽ انهن فرضن جي پورائي لاءِ پنڌ ۾ آهيان، منهنجا هڏ ضرور عمر سارو هيٺا ٽيا هوندا، پر سنڌ وطن ۽ سنڌ واسين لاءِ منهنجو ذهن، منهنجا خيال ۽ جذبا جوان آهن..."

۽ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي تقريرن جي وري هتي ويهي کڻي ڳالهہ کريان، هُو ان سلسلي ۾ بہ پنهنجو مٺ پاڻ آهي... مون تہ کيس جڏهن جڏهن بہ تقرير کندي ڏٺو ۽ ٻُڌو آهي، تہ جويو صاحب مون کي پنهنجي ڳالهاءِ، پنهنجي فکر ۽ پنهنجي جذبي ۾ جوانن کان وڌيڪ جوان نظر آيو آهي، ۽ پنهنجي حقن لاءِ ويڙهاند کندڙ ويڙهاکن کان وڌيڪ ويڙهاڪ، جنهن جي هانهُن ۾ بہ هل آهي تہ هولن ۾ بہ...

سندن چوڻ آهي تہ جيڪڏهن زندگيءَ مان جيئڻ جي مقصد کي کڏي ڇڏجي تہ پوءِ اهو جيئڻ کهڙو جيئڻ...! ۽ وڌيڪ چوندا آهن تہ جيڪڏهن حياتيءَ جا مقصد پورا ٿي ويا ۽ اڳتي حياتيءَ ۾ کوبہ مقصد اسان وٽ جيئڻ لاءِ نہ رهندو، تہ پوءِ سمجهو تہ اهڙي حالت ۾ موت بہ اچي مٿان پَرَ کولي بيهندو.

اجهو اِهو آهي اسان جو اڪابر انسان محمد ابراهيم جويو، جنهن جا خيال اسان جي لاءِ مشعلِ راهہ آهن، سو سنڌ جي خوشحاليءَ وارين گهڙين تائين جيئرو رهڻ جي جستجوءَ پيرَ پنڌ ۾ هجڻ جو تمنائي آهي، هڪڙي زماني ۾ دنيا "چنڊ جي تمنائي" هوندي هئي، ائين ئي سائين جويي صاحب جو چنڊ سنڌ ڏرتي آهي، سندس ساهہ پساهہ جي ڳڻڻ سنڌ جي پاند سان ڳنڍيل آهي ۽ اسان جون دعائون وري سندس حياتيءَ جي پاند سان ڳنڍيل آهن تہ سائين محمد ابراهيم جويو جُڳ جُڳ جيئندو رهي... ۽ اسان تہ سائينءَ مٽان گهڙيءَ گهڙيءَ گهور ۽ ٻلهار پيا ٽيندا آهيون.

جويي صاحب جي مزاج ۽ هر نندي توڙي وڏي سان محبت جو مذکور هت اوهان سان کهڙو کجي... سندن محبت تہ بي مثل محبت آهي، جنهن جي مثال ۾ مون وٽ نہ کا تشبيهہ آهي نہ کو استعارو... مون کي تہ سندن محبت ۽ ماڻهن سان پيش اچڻ وارو ورتاءُ ۽ نرم لهجو ڏسي، سندن سهڻو سياءُ منيءَ ماءُ مثل نظر ايندو آهي، جيکا پنهنجين ڏيئُن ۽ پُٽن کي کِلندي کُڏندي ڏسي پئي نرندي ۽ خوش ٽيندي آهي ۽ سندن لاءِ دم دم دعائون پئي کندي آهي، مٽائڻ "صدقي صدقي" پئي ٽيندي آهي. آءٌ تہ ائين چوان تہ محمد ابراهيم جويي جو روح کنهن ماءُ جو روح آهي، مرد جو نہ... هُن جي سيني اندر هڪڙي کُونڙي دل پئي ڏڙکي، جنهن جي ڏڙکي مان هڪڙو ئي آواز اچي ٿو: "سنڌ- سنڌ"...

منهنجي نظر ۾ سائين محمد ابراهيم جويو معصوم صفت ماڻهو آهي، جنهن جي سدا سُونهاري صورت تي سدائين محبتن جا موتيا مُکرا ڏيل نظر آيا اٿم، جن جي هُيکار هر جاءِ پئي ڦهلبي آهي، سندن چهري تي هر گهڙيءَ هڪڙي سدا بهار مُرڪ، هر ماڻهوءَ جي آڏر ياءُ لاءِ آتي نظر آئي اٿم... ۽ سندن آواز! بس ڇا ٻُڌائجي، ايڏو تہ مٺو ۽ ڏيمو آهي، جو راڳن جا سمورا کومل سُر مٺس ختم... ۽ ها! ساڳئي وقت سندن

چهرو، مون کي ته "مبارڪ چهرن" جهڙو به لڳندو آهي، سمجهو ٿا نه، اهي مبارڪ چهرن وارا ڪير آهن... ۽ سندن سياڻ صفا ٺڏو Cool cool... ۽ اهڙي مزاج وارا ماڻهو پلا سنڌ ۾ ڪيترا؟ بلڪِ دنيا اندر ڪيترا؟ سا ته خدا کي خبر، پر مون ته پنهنجي تر بر ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترا به ڪونهن ڏنا جن جي مُک تي محبت جو گل سدا سرهو هجي.

هاڻ هتي ٻين ڳالهين سان گڏ سندن نفاست ۽ نزاڪت جي به ڳالهه ضرور ڪرڻ گهرجي. اُن سلسلي ۾ مون وٽ ٻي ڪابه ڳالهه اوهان سان ڪرڻ لاءِ ناهي، جي آهي ته بس مولوي احمد ملاح جون اجهو هي سٽون... جيڪي جڏ ته سندن نفاست ۽ نزاڪت جي سؤ سيڪڙو نمائندگي پيون ڪن:

ڪئي لياقت پاڻ لالڻ، هٿ لڳن لائي ڏنر،
ناز پريو نازڪيءَ ۾، نرم ڪهڙو نه هو،
دوست جي ديدار جو ڏس، اڄ ته بُل ڪهڙو نه هو.

۽ هتي لفظ "ديدار" تي وري خود بخود مون کي بابا سائين ڊول فقير جي ڳايل سچل سائينءَ جي هڪڙي ڪافيءَ جو مُکڙو ياد اچي ويو آهي، جنهن جي لاءِ عزيزم عرفان انصاري اڪثر ٻُڌائيندو رهندو آهي ته اسلام آباد جي ريڊيو ٽريننگ دوران صبح صادق جو ننڍڙي رڪارڊر تي جڏهن سائڪي پروڊيوسر آصف سرور بلوچ، ڊول فقير سائينءَ جي اُها ڪافي play ڪندو هو ته پنجابي ۽ پناڻ ٽريننگ فيلوز پروڊيوسر به داد ڏيڻ کان رهي ڪونه سگهندا هئا ۽ چوندا هئا:

يه فقير سائين بول تو پته نهيں گيا رهيں هيں،
مگر ان کي آواز همارے روح ميں اتر جاتي هے۔۔۔

سو مون به سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو ديدار جڏهن جڏهن به ڪيو، ته انهن ڪافيءَ جو مُکڙو پاڻ مرادو ئي منهنجي دل- درياء اندران ترندو، چپن تائين پهچي جهونگارجي ويندو آهي:

او نينن خوب نظاري جِي،
وهوا سڄڻ سائين اڄ عيد ڪرايوَ.

۽ يقينن سائينءَ جي ديدار وارو ڏينهن، مون لاءِ ته عيد جي ڏينهن جهڙو هوندو ئي آهي، پر ساڳي ڪيفيت ٻين ملندڙن جي به ضرور هوندي، جو اسان موجوده دؤر جي دلبر، دلير ۽ مڙس مٽير انسان محمد ابراهيم جويي صاحب جو دم ديدار ڪيو. اهڙيون سموريون ساعتون جن ۾ سائينءَ جي آسي پاسي هجڻ، ٻيهڻ يا ويهڻ نصيب ٿيو، سي جڏ ته اسان لاءِ اعزاز... منهنجي پاڻ سپاڻ ۾ اهو اعزاز ڪيئي دفعا آيو آهي منهنجي پاءُ نصير مرزا جي ڪري، جنهن جي قرب- ڪڙي ۾ سلهاڙجي مان ساڻن گڏ خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي ٻهڳڻي شاعر شيخ ايياز جي سالگرهه يا ورسي جي سلسلي ۾ هميشه هڪيو حاضر رهيو آهيان...

...ته اهڙين تقريبن لاءِ شيخ ايياز جي تربت تي پٽ شاهه وڃڻ وارو سفر هجي يا ڪو ٻيو، سائين محمد ابراهيم جويو به اسان سان گڏ گڏ ۽ پوءِ اُن سفر دوران ٽيندڙ گفتگو، جنهن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جون نصير سان محبتون ۽ پاءُ نصير جون وري سائينءَ سان ڪُجتون ڏسڻ وٺان ته هوندیون ئي آهن، پر تمام گهڻو لطف ڏيندڙ به... ۽ جويي صاحب جي چهري مبارڪ تي اهڙين ساعتن ۾ مِڙي آيل مُرڪون ته مان ڪڏهن به وساري ڪونه سگهندس... ۽ جويي صاحب جي مرڪ تان ته خدا جو قسم مونالیزا جي مُرڪ به گهوري ڇڏجي.

سائين محمد ابراهيم جويو ماڻهو موتيءَ داڻو

محمد ڪامل "امداد" جتوئي

ماڻهو ته ماڻهو هوندا آهن، اُهي ماڻهو موتيءَ داڻا ته ٿي نه سگهندا آهن پر جيترو موتي اهميت رکي ٿو، انهيءَ جي اهميت کان هر هڪ ماڻهو بخوبي واقفڪار آهي. اهڙيءَ طرح ته دنيا جي عظيم شاعر، عالم، فلسفي ۽ ولي الله حضرت شاهه عبداللطيف پٽائيؒ فرمايو:

ماڻهو سيپ نه سهڻا، پکي سيپ نه هنجهه
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اڇي بوءِ بهار جي.

سُهڻا ٿُوهه ته پٽن تي به ٿيندا آهن، پر ڪائڻ ۾ ڪڙا ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح سهڻا ته ماڻهو به ٿيندا آهن پر ڪنهن جي سونهن گهوٽي ته ناهي پيئبي. اصل ۾ سونهن اخلاق جي ٿيندي آهي جنهن کي حُسن اخلاق چئبو آهي.

اسان وٽ ته عام اهو فيشن ٿي ويو آهي ته هر هڪ ماڻهوءَ کي "مَهانُ" سڏيو وڃي ٿو. اصل ۾ "مَهانُ" لفظ جي معنيٰ معلوم ئي ناهيون ڪندا ته "مَهانُ" چئبو ڪنهن کي آهي؟ انگريزيءَ ۾ چوٽي آهي ته .(Where there is a will, there is a way. Where there is no will there is a bling allay.)

هن ڏاهپ واري قول جو مفهوم اهو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ شوق ۽ ذوق آهي ته هو مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ راهه ڪڍي وٺندو آهي. پر جيڪڏهن کو ماڻهو جذبي کان خالي آهي ته ان لاءِ رستي روڪ نه هوندي آهي.

جذبو، تحرڪ ۽ انقلاب جو مُحرڪ آهي. دنيا جي ادارن ۽ تنظيمن جي ڪمال ۽ زوال جا ڪارڻ به انسان ئي هوندا آهن، انهن جو ادارن جي تاريخ ۾ زيبائتو ذڪر ٿيندو آهي، ۽ اهي انسان پنهنجي پٺيان ايندڙ فردن لاءِ اتساهه جو سبب پڻ بڻبا آهن. اهڙن ئي نيڪ نيت وارن "مَهانُ" ماڻهن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جو ڏاهو ماڻهو موتيءَ داڻو، "سائين محمد ابراهيم جويو" به اخلاقي آسمان جو نِشانبر ستارو آهي.

جڏهن (ببي مڪبمبر) هڪ اديب ٽيڊ جو فيصلو ڪيو ته هن هڪ ٽائيپ رائيٽر مسواڙ تي ورتو هو ۽ ان کي پنهنجي گهر جي رڌڻي ۾ ميز تي رکي چڏيو. پوءِ جڏهن ٻار اسڪول هليا ويندا هئس ته هوءَ هر صبح جو ان تي ٽائيپ ڪرڻ لڳي. پنجن سالن جي محنت کان پوءِ پنهنجو پهريون ڪتاب ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو. آخرڪار 100 سَو ڪتاب لکيائين. هرهڪ ڪتاب جون 6 هزار ڪاپيون ڇپيون ۽ دنيا ۾ مقبول ٿي وئي.

اهڙيءَ ريت سائين محمد ابراهيم جويو صاحب به پنهنجي عمر جي سينچري ناهڻ سان گڏ

اسان کي جيڪو علمي، ادبي ڪتابي صورتن ۾ مواد ڏنو آهي، اهو وقت جي تاريخ ناهڻ سان گڏ نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪيو آهي. جيڪو تعليمي ميدان ۾ پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. سندس ڏاهپ جون سوچون اسان سنڌ واسين لاءِ ڪارائتيون ۽ لاڀائتيون ثابت ٿيون آهن، اهي سنڌي قوم تي احسان ڪٽڻ کان زياده آهن. سائينءَ پنهنجي ڏرتيءَ پنهنجي هوليءَ سان پورو پورو پيار ڪندي پوري حق نيائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪاميابي ماڻي آهي. گڏو گڏ اسان سنڌ واسين تي مهربانين جي "مُهر" به هَنئي آهي. هن عظيم انسان هميشہ پنهنجي اکين ۾ ديس جي ڏرتيءَ تي خوشحالي ۽ مهراڻ جي موجَ ۾ هر ماڻهو جي مُک تي مُرڪ ڏسڻ جا خواب سجايا آهن، جن کي حقيقت جي روپ ۾ ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي. هُونئن به پنهنجي ڏرتي پنهنجي هوليءَ ۽ پنهنجي قوم سان وفادار رهڻ سائين محمد ابراهيم جو فطري عمل آهي جيڪو سائينءَ جو اعلي گڻ آهي.

سائين محمد ابراهيم جويو پنهنجيءَ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين، حقن ۽ وسيلن تي قبضو ڪرڻ خلاف پنهنجي موقف تي سندرو ٻڌي بيٺل نظر اچي ٿو. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي تہ

سارنگ ڳايان بيهي سُر تي،
مينهن وسي شل سنڌ جي ٽَر تي
ديس جي ڏرتيءَ جا او دشمن!
پير پوئي شل ڪاريهر تي.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جا جوان جذبا، اسان سيئي سنڌ واسين لاءِ مشعل راهہ آهن. شال سائينءَ جا نيڪ بامقصد ارادا اسان سيني لاءِ خوشيءَ جو باعث بڻجن ۽ سائين جويو صاحب پنهنجي صحتياب زندگيءَ جا ڪوڙ سارا ڏهاڙا خوشين جي رنگينيءَ سان سجايل پَسي ۽ پنهنجي زندگي ائين ئي ٻين لاءِ وقف ٿيل هجيس. آمين!

سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڇپايل ڪتاب



فڪري رهبر

اختر حفيظ

اها ڪجهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي جڏهن هن ڪي دل جو دورو پيو هو ۽ ڪيس ديوانِ مشتاق ۾ داخل ڪيو ويو هو. مون کي جڏهن سندس ناچاڪائيءَ جي خبر پئي تہ مان دوستن سان انهيءَ دل واري وارڊ ۾ پهتو هئس، جتي هُو آرام ڪري رهيو هو ۽ سڀ خير ٿي ويو هو. سائين ابراهيم جويو صاحب پنهنجي بيڊ تي مطمئن واريءَ حالت ۾ سُتل هو. هن کي ڏسي ائين لڳي رهيو هو تہ سندس دل کي جيڪا ڪجهہ وقت لاءِ تڪليف ٿي هئي، انهيءَ کي هن آئي وئي ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ وقت سندن دوست ۽ همدرد سندن بستري جي چوڌاري ويٺل هئا. هن اکيون کوليون ۽ ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ وقت به سندس ۽ ڪتابن جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. هو چئي رهيو هو تہ ڪجهہ ڪتاب اهڙا آهن جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجن ۽ انهن ڏينهن ۾ جيڪي ڪجهہ هو پڙهي رهيو هو، انهيءَ جو ذڪر به سندن زبان تي تري آيو هو.

سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ فڪري رهبر، هن سال 99 سالن جو ٿي ويو آهي، پر هن ڪڏهن به پنهنجي ڪم ۾ طبعيت جي خرابي يا پنهنجي وڌندڙ عمر کي ڪا رنڊڪ ٿيڻ نہ ڏني آهي. مون کي انهيءَ وقت تمام گهٽي حيرت ٿي تہ سائين جويو صاحب ذري گهٽ موت جي منهن مان وريو هو ۽ انهيءَ وقت به سندس حالت ڪا ايتري بهتر نہ هئي جو هو ماڻهن سان ائين ڪچهريون ڪري سگهي، پر تڏهن به هو انهيءَ وقت علم، دانش ۽ سنڌ جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. جهڙيءَ ريت هن سنڌ ۾ ڪم ڪيو آهي يا سنڌي ادارن کي پنهنجون خدمتون آڇيون آهن، اهو ماڻهو کٽي موت جي چوواڻي تي چو نہ ٻيٺل هجي، پر سندن واتان هميشہ اهي ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ ملندیون آهن، جيڪي اسان سنڌي ماڻهن جي پلي لاءِ آهن.

جويو صاحب اها شخصيت آهي، جنهن نہ صرف ادارن کي مضبوط ڪيو آهي، پر هو ماڻهن جو اڊيندڙ به رهيو آهي. هن جي صحبت ۾ جيڪي به رهيا آهن، انهن تي سندن ڪردار جو اثر ضرور ٿيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن کي سنڌ جون وڏيون وڏيون شخصيتون به پنهنجو استاد مڃيندیون آهن. هو اهو اعزاز لهڻي به سهي. چاڪاڻ تہ هن سڄي زندگي، سنڌ جي خدمت هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪئي آهي. هو ڪهڙين به ڏکين حالتن ۾ رهيو هجي، پر هن ڪڏهن به پنهنجي مقصد آڏو انهن حالتن هٿان مجبور ٿي ڪم نہ ڪرڻ جو ڪو بهانو نہ ڳوليو آهي بلڪ هن کي تہ مون سدائين ڪم ڪرڻ جا بهانا ڳوليندي ڏٺو آهي. هونئن به جويي صاحب جهڙا ماڻهو زندگيءَ ۾ وڏا مقصد کٽي پيدا ٿيندا آهن.

پنهنجي سموري عمر، ڪتابن ۽ لکڻ ۾ گذاريندڙ جويو صاحب اڄ ب سموري سنڌ لاءِ اتساهه جي علامت آهي. هن جي ڪچهرين ۾ ويهي اهو احساس ٿيندو رهيو آهي ته هو هميشه انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيو آهي ته جيڪو علم هن وٽ آهي، اهو ڪيئن ب ڪري سنڌي ماڻهن تائين پهچي، جنهن ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب پڻ ويو آهي ۽ سنڌن علم ماڻهن تائين منتقل نه ٿيڻ کي هو وڏي خيانت سمجهي ٿو. هو اڄ ب انهيءَ جدوجهد ۾ لڳل آهي ته جيڪو علم سنڌن دماغ ۾ سانڊيل آهي، اهو سنڌي ماڻهن تائين پهچي. هن کي جڏهن ب مون ڪنهن پيلٽ فارم تي ٻڌو آهي ته هن هر حوالي سان اها ئي ڪوشش ڪئي آهي ته وڌ کان وڌ علم جي روشني ماڻهن ۾ پکيڙجي ته جيئن اونداهي جي هن طويل سفر جي پڄاڻي ڪري سگهجي. هن سڄ پڄ ب سنڌ کي روشني ڏني آهي، اها روشني اسان کي ڪڏهن حيدر بخش جتوئي جي شڪل ۾ نظر آئي، ڪڏهن شيخ اياز جي صورت ۾، ته ڪڏهن وري اهو ئي سوجهرو اسان کي رسول بخش پليجي جي صورت ۾ نظر آيو آهي. جيڪي فڪري طور جويي صاحب کان متاثر رهيا آهن.

پنهنجي مزاج ۾ سيڪيولر سوچ رکندڙ جويي صاحب جو وڏي ۾ وڏو ڪم اسان تائين انهن فڪري ترجمن کي پهچائڻ آهي، جيڪي جيڪڏهن اسان تائين اسان جي ٻوليءَ ۾ نه پهچن ها ته شايد اسان اهي ڪتاب پڙهڻ کان محروم رهجي وجون ها. انهن ترجمن سنڌي ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو ته اصل معاملا آهن ڪهڙا؟ هي جيڪي دنيا جا معاملا ائين ئي هلي رهيا آهن، انهن جي حقيقت ڇا آهي؟ سڄ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي؟ انهيءَ ڪري انهن ترجمن ماڻهن کي فڪري طرح انهي قابل بڻايو ته اهي پنهنجي شعور آڏار ڪيترن ئي معاملن کي سمجهي سگهڻ جي قوت حاصل ڪري ويا. ڪجهه سال اڳ سندس آيل ڪتاب 'سڪيولرزم ۽ عقليت پسنديَ' ب سنڌن بهترين ڪتابن مان آهي، جنهن ۾ هن سيڪيولر سوچ جي پرچار ڪئي آهي. جنهن کي پڙهي نه صرف جويي صاحب جي سوچ جو عڪس ب چئي سگهجي ٿو، پر اهو فڪري حوالي سان هڪ تمام بهتر دستاويز آهي. پنهنجي گهاريل زندگيءَ مان سئو سيڪڙو مطمئن رهندڙ اسان جو سائين جويو صاحب اڄ ب پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهي.

سنڌ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ڪم کي ڳٽائيندي ڪونه ٽڪندا آهن، انهن جي واتان ڦهريون جملو ئي "آءٌ" کان شروع ٿي "آءٌ" تي ئي ختم ٿيندو آهي. جنهن ۾ اهي پنهنجي ڪيل ڪمن جي باري ۾ تمام گهڻو ڳالهائيندا آهن ۽ پوءِ اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته انهن جيڪي ڪجهه سنڌ لاءِ ڪيو آهي، اهو تمام هڪ وڏو ٿورو آهي جيڪو ڪڏهن ب سنڌ لاهي نٿي سگهي. پنهنجي ذاتي انائن ۾ قائل، اهي ماڻهو سنڌ کي واپار سمجهي پنهنجي ذاتي مقصدن لاءِ ئي استعمال ڪندا رهيا آهن. سنڌ جي درد کي انهن ڪڏهن پنهنجو نه سمجهيو آهي ۽ اهي پنهنجي درد کي سنڌ جو درد سمجهندا رهيا آهن. ۽ جويي صاحب نه ڪڏهن پنهنجي ڪيل ڪم کي ڳٽايو آهي نه وري ان جي عيوض ڪجهه حاصل ڪرڻ يا مراعتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو سنڌ جي سمورين ڏرين ۾ هڪ جيترو قابل قبول ۽ مقبول آهي. هن جي ٿورن کي اهي ئي سمجهي سگهن ٿا، جيڪي سنڌ جي ڏکن کي ب سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيڪي هن جي فڪري پورهئي کي مان ڏين ٿا.

جويي صاحب جي فڪر سنڌ ۾ جن ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي، انهن ۾ اڄ جو اهو نوجوان طبقو ب آهي، جنهن جو جويو صاحب فڪري استاد آهي، جيڪو جويي صاحب جي ڳالهين کان وٺي سنڌن لکڻين کان متاثر آهي، جيڪو سنڌن ڪيل خدمتن کي

سمجهي ٿو. هن جي شخصيت جي باري ۾ ڪوڙ سارن ماڻهن جي اها ئي راءِ آهي، ته هيءُ حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ جو سچڙ آهي، سياسي پيلٽ فارم هجي يا فڪري محاذ هجي، هن جي سوچ هر هنڌ رهنمائي ڪندي رهي آهي. انهي سوچ اسان جي ماڻهن کي انهي قابل بڻايو آهي، ته اهي سنڌ جي باري ۾ سوچين ۽ لوچين، اهي سنڌي ماڻهن جي بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ ڪوششون ڪندا رهن.

جويي صاحب سنڌ ۾ جيڪو فڪر جو بج ڇڻيو آهي، انهيءَ جو ميوو، اسين اڄ کائي رهيا آهيون. هُو هڪ روشن خيال، سيڪيولر، ۽ جديد فڪر جو تحفظ ۽ ڪندو رهيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ انهيءَ فڪري ڌارا ۾ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن کي شامل ۽ ڪندو رهيو آهي. جيڪڏهن اهو سلسلو ائين نہ هلندو هجي ته سنڌ ۾ جيڪا ٽوري ٽڪي فڪري يا شعوري سوچ جنم ورتو آهي، اهو ممڪن نہ هجي ها. هو انهيءَ سموري قافلي جو سرواڻ آهي، جنهن ۾ ڏاهپ ۽ علم جون ڳالهيون شامل آهن. اهو قافلو جنهن وٽ سنڌ سڀ کان پهرئين آهي، جنهن وٽ ڏرتيءَ جو اونو آهي ۽ پنهنجي ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو جذبو ۽ آهي. هن جي زندگيءَ جو سفر تقريباً هڪ صديءَ جو سفر آهي، جنهن ۾ هن چا چا ڪيو ۽ چا چا سَنو آهي؟ اهو هن کان وڌيڪ بهتر نموني ٻيو ڪو ۽ نٿو ڄاڻي سگهي.

هاڻ جڏهن هُو پنهنجي عمر جي ان حصي ۾ آهي جتي کين آرام ڪرڻ گهرجي، پر هو اڃا ۽ ڪر ڪرڻ چاهي ٿو. هن سال سندن جنم ڏينهن آهي، آءٌ کين هن موقعي تي تمام گهڻيون مبارڪون ڏيان ٿو، ته هُو جُڳن تائين جيئي. سائين جويو صاحب! توهان کي جنم ڏينهن مبارڪ هجي.

سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڇپايل ڪتاب



محمد ابراهيم جويو جون چوندڙ تحريرون

قِرندا قِرندا ڏينهڙا ساڳا نہ رهندا
اڄ ڏا ڳهندا ڪارا ڪکر ديس تي.
(شيخ اياز)

سيو سنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ

نوٽ: هيءَ لکڻي سائين محمد ابراهيم جويي جي اُن تاريخي دستاويز جو مهاڳ آهي، جنهن کي اسين 'سيو سنڌ سيو دي ڪانٽينينٽ 1946ع' جي نالي سان سڃاڻون ٿا. هيءَ لکڻي هڪ مهان ڏاهي جي گڏيل هندستان جي ورهاڱي تي پنهنجي وزندار راءِ آهي، ته انهيءَ سان سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت جي فيصلي محل، سندس من ۾ اُپرندڙ ڪيترن ئي خدشن ۽ انديشن جو آئينو ب آهي، اهي خدشا ۽ انديشا، عقلي اڳڪٿين جي صورت ۾ گهٽو وقت نه رهيا، پر، هوريان هوريان حقيقتن جي روپ ۾ سامهون آيا ۽ سنڌ جي حصي پتي ۾ اهي سوايا سور آيا، جن کان جويي صاحب سنڌ جي ڪرتن ڌرين ۽ عوام کي واقفيت ڏني هئي).

مون هنن، صفحن ۾، پنهنجن سنڌ واسي پائرن، مسلمانن توڙي هندن، جي سوچ ۽ مناسب عمل لاءِ، کي نُڪتا، کي پنهنجا خيال ۽ ويچار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڄ اسين سنڌ واسي اتهاس جي هڪ اهڙي ب واڻي تي بيٺا آهيون، جتان اسين هڪ صديءَ جي ڏُکهي غلاميءَ واري اونداهيءَ رات منجهان جند آجي ڪري، آزاديءَ جي نئين باک کي ويجهو ٽيندا سين، يا هڪ پيرو ٻيهر پنهنجي لاءِ، ڪيترن ئي پيڙهين تائين، پنهنجن پاڙيسرين جي سياسي بالادستي ۽ اقتصادي غلامي قبول ڪري ويهندا سين. اڄ جي رئيل پاڪستان توڙي هندستان ۾، اسين پنجيتاليهه (45) لکن کان وڌيڪ ماڻهو آهيون، رڳو اهو واعدو ڪيو پيو وڃي ته اسان مان هر ڪنهن فرد کي مجيو ويندو. پر اسان جي گڏيل ۽ هڪ وحدت ۾ سموهيل وجود کي بحيثيت هڪ قوم قبولڻ جو واعدو نٿو ڪيو وڃي.

هن معاملي جو تت هيءُ آهي ته ٻنهين صورتن ۾، اسين عددي اڪثريت هيٺ پوريءَ طرح لُٽيا ۽ لتاڙيا ويندا سين. حالتون اهو ئي اشارو ڪري رهيون آهن ته اسان جي مڙني اقتصادي وسيلن ۽ اسان جي حڪومتي نظام جي سڀني جاين تي ڌارين جي هڪ هٽي قائم ٿي ويندي.

چا اسين پنهنجن ماڻهن جي فلاح بهبود ۽ پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي حق جي، هن طرح زور زبردستيءَ ۽ هڪ پاسائين نموني، ڦرجڻ کي ماڻ ميڙ ۾ قبولي ويهي رهون؟ يا اسان کي باخبر ٿي، اٿي بيهڻ کپي ۽ هڪ قوم طور پنهنجيءَ انفراديت کي محاڻڻ کپي ۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي مونڻائي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ کپي، جيڪا هڪ صدي اڳ اسان انگريزن هٿان وڃائي هئي. اهي اسان لاءِ اهم ۽ بنيادي سوال آهن، جيڪي مون هن نندڙي ڪتاب ۾ اٿاريا آهن ۽ انهن جي حوالن ڏيڻ جي ب وس آهر ڪوشش ڪئي آهي.

انڊين نيشنل ڪانگريس جي سوچ ۽ پڻ آل انڊيا مسلم ليگ جي سوچ مان ائين لڳي ٿو، ته اسين سنڌي ماڻهو ڪي مال متاع جا اسر آهيون، جن کي رڳو هر گير هندستان يا هر گير پاڪستان ۾ واڙي ڇڏڻو آهي. پوئين اسيمبلي جي چونڊن وارن نتيجن کي بن تجويز ڪيل رياستن جي حق ۾ اسان جي هڪ فيصلي طور ظاهر ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ 70 ۽ 30 سيڪڙو تناسب رهيو. اسيمبليءَ لاءِ چونڊيل نمائندن وسيلي مليل 70 سيڪڙو لاءِ اِهو چيو پيو وڃي ته انهن پاڪستان جي چونڊ ڪئي آهي ۽ ساڳئي نموني 30 سيڪڙو لاءِ اهو چيو پيو

وڃي تہ اُهي هندستان ۾ وڃڻ جي گهر ڪري رهيا آهن. هتي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي تہ سنڌ ڪٽي آهي!؟ 70 سيڪڙو ۽ نہ ٿي 30 سيڪڙو انهيءَ سوال تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو آهي. وڏي هوشياريءَ سان انهيءَ معاملي کي هڪ پاسي ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو معاملو ماڻهن اڳيان رکيو ہ ويو تہ رڳو 15 سيڪڙو ماڻهن جي اڳيان رکيو ويو. انهيءَ 15 سيڪڙو منجهان بہ وڌ ۾ وڌ، اڌ چونڊن ۾ حصو ورتو.

ڪانگريس ۽ ليگ جي سياڻن ۽ سياسي ڊاڪٽرن پنهنجن واسطيدار مريضن کان سندن مرض جي پچا ڪرڻ کان سواءِ انهن کي اِهو مشورو ڏنو تہ اوهين بيمار آهيو چا اوهين نيڪ ٽيڙ چاهيو ٿا؟

اِها هئي مرض جي تشخيص ۽ اِها هئي انهن جي درد جي دوا!. مرض کي بلڪل بہ نہ ڄاتو ويو ۽ مرض جي تشخيص جيڪڏهن ڪئي وئي هئي تہ انهيءَ جي وضاحت بلڪل نہ ڪئي وئي ۽ جيڪا دوا لکي ڏني وئي اُها نہ تہ ڪڏهن نهي هئي ۽ نہ ئي مختلف مرڪب ملائي تيار ٿي هئي. ووٹرن کي هين بنهہ هاڃيڪار نسخن منجهان هڪ چونڊڻ جو اختيار ڏنو ويو. پاڪستان/ هندستان اِهي نسخا سندن اٻوجهہ ڏهين اڳيان اڪسير طور لهرايا ويا. اهڙي ريت چونڊ ڪئي وئي پر رڳو ئي رڳو ٻن لفظن منجهان. انهن لفظن کي نہ تہ ڪنهن ڄاتو ٿي نہ ئي انهن جي سمجهاڻي انهن کي ٻڌائي وئي هئي. اُهي ماڻهن لاءِ ڳجهارت بڻيل هئا پر حقيقت اها آهي تہ جن انهن ٻنهي لفظن جي چونڊ ڪئي، چونڊيندڙن لاءِ سياسي ۽ معاشي غلامي هئي.

زميندارن شاهوڪارن ۽ ڪامورن انهن اٻوجهہ ڪوبہ شڪ نہ ڪندڙ بي يارو مدد گار ووٹرن کي ڏوڪي ڏيڻ ۽ هيسائڻ جي هٿڪنڊن وسيلي، ٻنهين لفظن منجهان هڪ لفظ چونڊڻ لاءِ اڪسايو. فاشي انداز واري گڏاريل چونڊن جا چيمپيئن هاڻي پنهنجي پوک کي پرپور نموني لٽي رهيا آهن ۽ اُنهن کي پگهارن ۾ غير معمولي واڌاري جي روپ ۾ بي انداز مراعتون ملي رهيو آهن ۽ انهن کي ۽ سندن اقتدار ۾ آڻڻ واري ٽولي کي ڦرلٽ ڪرڻ منافي ڪمائڻ ۽ رشوتون وٺڻ جي پوري پوري آزادي ڏني وئي آهي.

انهيءَ سياسي جي اڌنگائپ جي بنياد تي اسان جا 45 لک ماڻهو جيڪي هندستان جي مختلف عددي اڪثريت رکندڙ قومن ۽ انهن جي حڪمران طبقي جي ملڪيت هئا اُهي هاڻي، پاڪستان ۾ پنجاب ۽ اتان جي ٽوانن، نونن، دولتانن، ممدوٽن جي ملڪيت ۾ ڏنا پيا وڃن.

پاڪستان ۽ هندستان ٻئي سهڻا لفظ هوندا ۽ جڏهن ٻنهين لفظن منجهان ڪنهن هڪ جي چونڊ جو سوال اپري تہ اهو ڪهڙو ماڻهو هوندو جيڪو ٻنهي مان هڪ جي چونڊ نہ ڪري توڙي جو هڪ لفظ جي چونڊ ئي ڇو نہ هجي پر هتي سوال ڪا شيءِ چونڊڻ جو نہ پر قوم جي حيثيت ۾ سڀ ڪجهہ وڃائڻ وارو آهي.

مون هن ڪتاب ۾ جيڪي نقطا، خاص طرح، شامل ڪيا آهن، اُهي هي ٿي آهن:

(1) تہ اسان سنڌي قوم کي پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو درجو واپس ملڻ کپي، ۽ جيڪڏهن رٽيل هندستان يا پاڪستان جي حدبندين اندر،اسان جي شموليت گهربل آهي تہ اسان کي حڪومتي نظام جي هر آئيني اداري- قانون ساز اداري توڙي ڪابينا وغيرهہ ۾، تاريخي، سماجي ۽ سياسي لحاظ کان،هر ڪنهن شامل ٿيندڙ اڪائيءَ جي برابر درجو ملڻ کپي، اهو اسان جو جنمي حق آهي،

(2) تہ اسان سنڌ واسين جو پنهنجن قدرتي اقتصادي وسيلن تي حق مڃيل هڻڻ کپي، ۽ اسان جو پنهنجي وطن، سنڌ اندر پنهنجي حڪومتي نظام

جي هر وڏي کان وڏي ۽ ننڍي کان ننڍي پُرزي تي پورو اختيار هڻڻ گهرجي: ۽

(3) ته هاڻي وقت آيو آهي، جڏهن آزاديءَ جي ميوي جي صورت ۾، اسان جي سموري قوم کي، هر قسم جي سوڙهه، جهالت ۽ ڊپ کان آجي زندگي ماڻڻ جا موقعا ملڻ گهرجن.

هن وقت، هڪ اهم ڳالهه،خاص طرح، منهنجي اڳيان آيل آهي، آءٌ جنهن کي واضح ڪرڻ گهران ٿو. تازو، پنهنجي موقف سان دلچسپي ۽ ساڳئي وقت ان بابت اٿپوري جاڻ رکندڙ ڪن بين الاقواميت پسندن مون کان هڪ سوال پڇيو: "چا، تون سنڌي قوم پرستيءَ جو پرچارڪ آهين؟" .ان جي جواب ۾، آءٌ اهو چوڻ ٿو چاهيان ته، قوم پرستي، جيئن اها حقيقت ۾ آهي، ننڍي کنڊ ۾ رائج مذهب توڙي انهن مخالف فرقيوار ڏڻن کان گهڻي پاڳي ڇڳي آهي، جن اسان سيني کي ماڻهوءَ مان ڦيرائي جانور بڻائي ڇڏيو آهي.

اهي سوال پڇندڙ ماڻهو اُهي آهن، جن هندستان ۽ پاڪستان جي نالن جي آڙ ۾ ۽ جادو ئي پيتيون تيار ڪري ورتيون آهن، اُهي، گهرج پوڻ تي، انهن مان هڪ نه ٻي پُلائيندڙ شيءِ ٻاهر آڻيندیون رهن ٿيون (۽ اڳتي ۽ آڻيندیون رهنديون) ۽ هڪڙن اُهوجهه ماڻهن هٿان ٻين اُهوجهه ماڻهن کي رتوڇاڻ ڪرائيندیون رهن ٿيون.جيڪڏهن سنڌن قومپرستي اها آهي ته هڪڙن ماڻهن هٿان ٻين کي مارائجي ته پوءِ آءٌ اهڙي قوم پرستيءَ جو پرچارڪ ناهيان.

قوم پرستيءَ جي اهڙي تصور جو، جديد ۽ ترقي پسند قوم پرستيءَ سان کوڙ واسطو نه آهي. ان سان گڏ، ان کي اعليٰ تهذيب رکندڙ، امن ۽ سلامتيءَ جي اصولڪي مذهب اسلام ۽ ڇڳي نظر سان نه ڏٺو آهي. ان جا ۽ سبب آهن. هڪ سبب هيءُ آهي ته ان قسم جي قوم پرستي قومن جي وچ ۾ جنگين پيدا ڪرڻ کي اٽنر بڻائيندي آهي؛ ٻيو سبب هيءُ آهي ته، اها قوم پنهنجي اندر ۾ ٽورن جي گهڻن مٽان تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي بالادستيءَ ۽ استحصال جي بنياد تي وڏي ويجهي ٿي. اهڙي قوم پرستيءَ جو وڌيڪ موزون ۽ علمي اصطلاح يا نالو، بهرحال

"فسطائيت" آهي.

فسطائيت کي تحرڪ ڏيندڙ ۾ مڪ يا بنيادي خيال آهن:

پهريون خيال هيءُ آهي ته جيڪي ڪجهه ۾ پنهنجي قوم جي مفاد ۽ سهولت ۾ آهي، اُهوئي صحيح آهي ۽ اهوئي عمل ۾ آڻجي، پوءِ ايئن ڪرڻ سان پلي ٻي ڪا قوم يا ٻيون کي قومون غلام بڻائڻيون پون يا مرگو ئي ختم ۾ ڪرڻيون پون، ۽

ٻيو: بنهه ماڻ ميڙ ۾ اهو مڃيو ويو آهي ته مراعت يافتا ۽ سُڪيا طبقا ئي قوم جو اڪيلو ۽خاص شان آهن، ۽ انهيءَ ڪري، انهن ٽورائيءَ واري طبقي جي دولت، سُک ۽ وڏائي، سڄيءَ قوم جي دولت، سُک ۽ وڏائي ڳڻي ۽ سمجهي وڃي.

پهرئين خيال جو پورو اظهار ٻن آمريڪي سياسي فلسفين- اسٽيفن ڊيڪارٽر (Stephen Decatur) ۽ جان جي ڪرٽينڊن (John J. Crittendon) ڪيو آهي، جيڪو لفظن جي صورت ۾، اسان وٽ موجود آهي. منجهائن پهرئين جو چوڻ آهي: "اسان جو مُلڪ! ڏارين قومن سان پنهنجن لاڳاپن ۾ شال سدائين صحيح هجي؛ پر اهو صحيح هجي يا غلط، وري ٻه آهي اسان جو ملڪ!". ٻئي جو چوڻ آهي: "منهنجي خواهش آهي ته منهنجو ملڪ سچ تي هجي، پر اهو سچ تي يا ڪوڙ تي، آءٌ پنهنجي ملڪ جي پاسي آهيان." ٻنهي خيالن جون پاڙون اونداهي دور جي جاگيرداراڻي سلطنت شاهيءَ ۾ ڪُتل آهن، جڏهن عام ماڻهو، هاريءَ يا نوڪر جي حيثيت ۾، پنهنجي جان توڙي پورهئي سميت، امن ۽ جنگ ٻنهي حالتن

ٻ، پنهنجن آقائن ۽ مالڪن جي ماٺهوءَ طور ئي ڳڻيو ويندو هو. ساڳيي خيال جي بنياد تي، هندستان جو، عام طرح، هر عام ماٺهو شهنشاهه شاهجهان جي محبت جي يادگار تاج محل تي فخر ڪري سگهي ٿو ۽ اُن بابت اهڙي نموني ڳالهائي سگهي ٿو،جهڙوڪ، اُهو سندس ذاتي ملڪيت هجي. اهڙيءَ ريت، ساڳي سوچ هيٺ، ڪنهن ملڪ جي ٽورڙن جاگيردارن، زميندارن ۽ صنعتڪارن جي ملڪيتن ٻ واڌاري ڪي، اُن سموري ملڪ جي قومي سرمايي ٻ واڌارو سمجهيو ٿو وڃي.

قوم پرستيءَ جو اهو ئي پاسو هو، جنهن جاپان جي ڏٽويل غلام هارين جي انبوهن کي، پنهنجي شهنشاهه ۽ سندس ٽورڙن ويجهن اميرن ڪبيرن واسطي، گذريل مهاياري ويڑهه ٻ دشمن توبن جي منهن ٻ وڃڻ ۽ خوشيءَ سان، انهن جو ڪاڄ ٽيڻ کي پاڻ لاءِ وڏي فخر جو عمل ٿي سمجهيو.

انهن ٻنهي بنيادي ڳالهين کان سواءِ، قوم پرستيءَ ٻ، بهرحال، ٻي ڪابه ڳالهه ناهي، جيڪا ان کي ڏڪار لائق يا اڻ وٽندڙ بنائي. انهن ٻن هٽ ٽوڪين ۽ ايڏنگن اضافن کان آجي قوم پرستيءَ ٻ فسطائيت نه هوندي آهي.

فسطائيت هونءَ ته هڪ عالمي مصيبت توڙي قومن اندر هڪ وڏي اذيت ئي ثابت ٿيندي رهي آهي. قوم پرستي قومي توڙي عالمي سطح تي، پائيچاري ۽ امن پري هوندي آهي. اُها ٻن اعليٰ ترين انساني ڇگاين جي بنياد تي بيئل هوندي آهي: هڪ، پنهنجي وطن ۽ پنهنجن ماٺهن سان محبت ۽ ٻيو، دنيا سان ۽ وسيع انسانذات سان محبت، يعني حب الوطني ۽ انسان دوستي. انهيءَ ڪري، جيڪي بين الاقواميت، پائيچاري يا لڳ لاڳاپن جي نالي ٻ، ڪن ٻين ماٺهن مٿان پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ ۽ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي، حقيقت ٻ، انسانذات جا بدترين دشمن آهن. ڏڪار جوڳي ۽ اٽوٽنڊڙ قوم پرستي يا ان ٻ فسطائي لاڙي جا الزام، پوريءَ طرح بلڪ جائز نموني، اُنهن تاڪ ٻ رهندڙ ۽ هيڇ رکندڙ قومن تي رکڻ ڪپن، ۽ نه اُن قوم يا انهن قومن تي، جيڪي پاڻ کي دغاباز قومن توڙي ماٺهن جي جارحيت توڙي بين الاقواميت جي دعويدارن ۽ پرستارن جي ارڏاين کان، پنهنجيءَ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو بچاءُ ڪري رهيون هجن.

جيڪڏهن ڪي ماٺهو، پنهنجي دائري ٻ، هڪ الڳ ۽ نياري سماجي، سياسي ۽ معاشي اڪائيءَ جا ڏٽي آهن، ته اُها سندن ڪا خطا ته نه ٿي پئي.

اِها هڪ فطري ڳالهه آهي ته اهي، ان ئي بنياد تي، ٻين ماٺهن سان پنهنجا لاڳاپا وڌائيندا رهن. سماج ٻ لاڳاپا جو هڪ سلسلي جي صورت ٻ هوندا آهن. ماٺهوءَ ڪي هڪ خاندان يا ڪٽنب، هڪ ذات، هڪ قبيلي، هڪ قوم ۽ پچاڙيءَ ٻ سيني قومن جي گڏيل پائيچاري يا انسان ذات جي صورت وٺڻ تائين سفر ڪرڻو هوندو آهي. انساني برادريءَ جي هن پکڙيل ۽ وڏي ميل ميلاپ يا پائيچاري مان، ان جي ڪنهن ٻ، هڪ ننڍي ميل ميلاپ يا پائيچاري سان، وفاداري کا اعتراض جوڳي ڳالهه ٿي نٿي سگهي، جيستائين اهو پائيچارو يا وفاداري ڪر ٻين کي نقصان پهچائي فائدي کٽڻ تائين محدود نه آهي، يا سڄيءَ انسانذات جي گڏيل وسيع مفادن جي مخالفت ٻ نه آهي. ايئن آهي ته پوءِ، ان کي ننڍي سگهجي ٿو.

بهرحال، اهڙي ڪا محدود وفاداري يا وابستگي ٻ ڪن ناڪاري سببن جي ڪري پيدا ٿي سگهي ٿي، جيئن، ڊپ ۽ هيڇ. انهن منجهان ٻ اهي هيڇ رکندڙ ئي سڄيءَ انسانذات لاءِ وڏو خطرو سمجهيا ويندا آهن، جيڪي اها نيت رکندا آهن ته

پنهنجن قومي مفادن ماڻڻ لاءِ، پنهنجي عددي گهٽائيءَ وسيلي، ڪنهن گهٽ تعداد واريءَ قوم کي، پنهنجو غلام ۽ ماتحت بنائي رکجي. ان طرح، اهڙي رويي وارا ماڻهو، سڄيءَ دنيا جي طرفان نندايا ۽ ڦٽڪاريا ويندا. طاقت جي انڌ ۾ ورتل، هيڇ ۽ غرق، اڳرائي ڪندڙ پنهنجن خود غرض ارادن کي لڪائڻ لاءِ بيحد چمڪندڙ ۽ سهڻن لفظن ۾ ڍڪيندا آهن ۽ گمراهيءَ ڏانهن وٺي ويندا آهن ۽ انهن سهڻن لفظن جي آڙ ۾، پنهنجي بالادستيءَ جي قائم ڪرڻ چاهيندا آهن. جيڪڏهن بين الاقواميت يا پائيچاري جو مطلب اهو آهي ته هر قوم کي هر هيءَ قوم جو الهه تلهه ميڙي ڪٽڻ جو حق آهي ته پوءِ سڀ کان چڱي ڳالهه اها ٿيندي ته ڪميونزم اختيار ڪيو وڃي! ۽ جيڪڏهن قومن يا ماڻهن جي سلسلي ۾، انهيءَ قسم جي ڪميونزم تي صلاح بيهي ٿي يا ان جي حق ۾ ڳالهه رکي وڃي ٿي، ته پوءِ ڇو نه اهڙي شروعات هر قوم جي اندران ٿيڻ ڪپي.

اڇو ته پوءِ اهو اصول قبول ڪريون ته هر فرد کي، جائز نموني، ٻئي فرد جي ملڪيت تي حق حاصل آهي! پر ان حالت ۾ ڏک جي ڳالهه وري به هيءَ ٿيندي ته اُهو نه ته سوشلزم هوندو ۽ نه ڪميونزم، ۽ اسلام ۾ ته اُهو هرگز قابل قبول نه هوندو. اها ته سياسي نراجيت، اقتصادي لٽ مار ۽ سماجي تباهي ئي هوندي ۽ جيڪڏهن نندي ڪنڊ هندستان ۾ اهائي فتني واري صورتحال برقرار رهي ٿي ته پوءِ اڇو ته پاڻ سڀ اُن جي نتيجن سهڻ لاءِ به تيار رهون!

انهيءَ ڪري اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هر پائيچاري جي قيام لاءِ، سڀ کان اڳ، اُن پائيچاري ۾ شامل اِڪاين جي وچ ۾ آزادي ۽ برابري ضروري آهي. اهائي صورت فردن جي وچ ۾ قوم طور اندروني پائيچاري لاءِ به اوتري ضروري آهي، جيتري قومن جي وچ ۾ بين الاقوامي پائيچاري يا پائيچارن لاءِ ۽ پڻ وسيع تر سڄي نوع انسانيءَ لاءِ هڪ انساني پائيچاري لاءِ. اهڙا پائيچارا، جيڪي پنهنجي عزت ۽ سلامتيءَ جا ۽ پڻ بين پاڻ جهڙن قومي، بين الاقوامي ۽ انساني پائيچارن جي عزت ۽ سلامتيءَ جا پاسدار آهن، ۽ اندروني طور پاڻ وٽ برابريءَ ۽ آزاديءَ جي فضا قائم رکن ٿا ۽ بامروت ۽ پرامن بين الاقوامي ۽ انساني پائيچاري جي تعمير جا شيدائي ۽ اُن لاءِ تيار آهن، اُهي ئي هندستان جي قومن جي نجات جا ۽ پڻ عمومي طور سڄيءَ دنيا جي قومن جي خير ۽ بهتريءَ جا ضامن ٿي سگهن ٿا.

ان جي ابتڙ ڪانگريس ۽ ليگ جا سرمائيدار، جاگيردار ۽ زميندار، انهيءَ پنهنجي سوچيل مفروضي تي عمل ڪري رهيا آهن ته "هندستان رڳو هندن لاءِ ۽ پاڪستان رڳو مسلمانن لاءِ فائديمند ٿيندو". اُتيئي ٻيءَ گهڙيءَ اهڙي ئي پاڻ هُرتڙي دعويٰ ڪن ٿا ته اهو ئي "نندي ڪنڊ جي هندو - مسلم مسئلي جو حل آهي!" جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته اهو سندن ذاتي مسئلن جو حل ٿي سگهي ٿو، جو اِن طرح انهن ٻنهين ڌرين مان هر هڪ کي، ڪنهن جهل پل کان سواءِ، پنهنجن پنهنجن ماڻهن جي ڦرلٽ ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو؛ پر اهو هندو مسلم مسئلي جو الڳ الڳ يا ڪڏيل مسئلن جو حل نه هوندو. البت ان سان هڪڙو هر گهڙيءَ تيار ۽ ڪامياب هٿيار انهن ٻن مخالف مٿين طبقن جي هٿن ۾ اچي ويندو؛ ۽ جڏهن به اهي ڏسندا ته ماڻهو سندن ظالماڻي ۽ پيڙهيندڙ ڏاڍ کان تنگ ٿي، بغاوت لاءِ تيار ٿي رهيا آهن ته آسانيءَ سان پنهنجو اهڙو هٿيار - انسان ۽ انسان جي نفرت جو - هٿ ۾ کڻي، پوريءَ انتقامي مهارت سان استعمال ڪري سگهندا؛ ته جيئن سندن خلاف گڏ ٿيل ڪاوڙ دٻجي وڃي ۽ عام ماڻهو اُها ڪاوڙ هڪٻئي خلاف استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏين ۽ هڪڙا معصوم

ماڻهو پاڻ جهڙن ٻين معصوم ماڻهن کي مارڻ ۾ لڳي وڃن، ۽ اُهو سيڪجهه رڳو هڪ خدا جي ٻن مقدس نالن ۾، ۽ هِن مذهب يا هُن مذهب خاطر!

اها دعوا ڪئي پئي وڃي ته ڪنهن خاص برادريءَ لاءِ خصوصي فائدن ۽ رعايتن جا نتيجا بهتر ۽ مڪمل طرح سمجهه ۾ پريا نڪرندا، پر اصل ۾ ان جو مطلب، سياسي لغت جي لحاظ کان، مٿئين طبقي جا پنهنجا فائدا ۽ رعايتون آهن. هي جيڪي صاحب لوڪ، هر ڪنهن کي، پنهنجي ڏاڍ کان سواءِ، باقي هر شيءِ کان، آزاد ڪرائڻ ٿا گهرن، لڳي ايئن رهيو آهي ته اهي ان اصول تي ڪم ڪري رهيا آهن ته سندن طريقا کڻڻ ۾ هجن، پر نتيجا سڀ هوندا. سندن اهڙيءَ سوچ جي ڪري ئي ڏسي سگهبو ته خاص نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ طريقي جي چونڊ يا ايستائين جو انهن نتيجن تان لڳاتار ڦرڻ جي ڏس ۾ پڇتاءُ يا ندامت جو احساس اٿلي هوندو.

اهي هيءَ ڳالهه وساري ٿا ڇڏين ته خراب طريقن وسيلي ڪنهن چڱي نتيجي تائين نه ٿو پهچي سگهجي، ۽ انسان ذات جي تاريخ ۾، خراب طريقن جا نتيجا خراب ئي نڪتا آهن.

سچ هيءَ آهي ته، نه ته نتيجي لاءِ طريقن جو عذر پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري طريقن کي نتيجي جي جواز طور پيش ڪري سگهجي ٿو. ٻنهي مان هر هڪ پنهنجو جواز پاڻ ٻڌجڻو آهي. چاڪاڻ ته ائين ڪير به چئي نه ٿو سگهي ته ڪٽان هڪ جو دائرو پورو ٿئي ٿو ۽ ڪٽان ٻئي جو شروع ٿو ٿئي. طريقا ۽ نتيجا ايترا ته هڪٻئي ۾ ڳٽيل هوندا آهن، جو اُهي سولائيءَ سان هڪٻئي کان الڳ نه ٿا سڃاپجي سگهجن. ان طرح، انساني عمل جو سڀ کان وڏ خطرناڪ نيم اهو آهي، جنهن انسانذات مٿان، بيان ڪرڻ کان مٿي، مصيبتون آندیون آهن. انهيءَ ڪري ئي اصلوڪي اسلام ۾، ڪنهن مصلحت کان سواءِ، انساني مشوري ۽ عمل جي دائري مان هيءَ نيم پوريءَ طرح خارج ٿيل شمارجي ٿو. مطلب ته نيڪ طريقا ئي رڳو نيڪ نتيجن ڏانهن نيئي سگهن ٿا. انڪري طريقا به اوترائي اهم آهن، جيترا نتيجا. انساني زندگيءَ جو سرچشمو نرمل ۽ پوتر رهي ئي نه ٿو سگهي، جيڪڏهن اُن جو منبع ٿوريءَ حد تائين به، بينل ۽ گندن تلائن مان نڪرندڙ ۽ انهن تي آڌاري هوندو.

انهيءَ حقيقت جي مدنظر، آءٌ مٿئين طبقن جي سياست بدران عوام جي سياست جي وڪالت ڪريان ٿو، جيڪا سياست مٿئين طبقن جي پارٽين هٿان نه، پر عوام جي پارٽيءَ هٿان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، ته جيئن مٿين طبقن جي اقتدار بدران عوام جو اقتدار قائم ٿي سگهي

جڏهن سماج صورت اها وڃي بيهي ته ڪوڙ انعام ڪٽندو هجي ۽ بدي فائدا ماڻيندي هجي، تڏهن سچ ۽ نيڪي لازمي طور اٿلپ ٿيندا ويندا ۽ ڪوڙ جي وڏڻ ويجهڙ ۽ بديءَ جي پکڙجڻ لاءِ ميدان صاف ٿي ويندو. اهڙي سماج وٽ ماڻهن کي ڏيڻ لاءِ بدخيالين ۽ ڏيکارڻ لاءِ بداعمالين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي. اهڙن وقتن ۾ نئينءَ سياست، مٿين طبقن جي سياست کان ٻنهه الڳ قسم جي سياست جي گهٽي گهرج هوندي آهي، ته جيئن بديءَ ۽ بي انصافيءَ جو ڇڪ سماج جي ڇڪيءَ ۾ لهي سگهي، ۽ اُن جي جاءِ تي نيڪيءَ ۽ انصاف جي پوري بالادستي قائم ٿي سگهي. اُن لاءِ آڻون اهڙي عوامي سياست جي وڪالت ڪريان ٿو، جيڪا عوام جي ئي هڪ پارٽيءَ جي هٿن ۾ هلندڙ هجي.

رڳو ۽ رڳو اهڙي ئي هڪ عوام دوست پارٽي سنڌ ۾ عوام جي آزاد ۽ خودمختيار رياست يا اقتدار قائم ڪري سگهي ٿي ۽ اُن جو بچاءُ ڪري سگهي ٿي.

اڄ، اسان جي هاڻوڪي سياسي ليڊرن، مسلمانن ۽ هندن، کي پنهنجن ماڻهن لاءِ قومي فرض پوري ڪرڻ جو، گهٽ ۾ گهٽ، جو موقعو مليو آهي، پر ڏسڻ ۾ ايئن اهو ٿو اچي ته هنن هن وقت پنهنجن عقل تي ڳرا تالا هٽي چڏيا آهن، ۽ سوچڻ بند ڪري چڏيو آهي؛ يا شايد، هو فقط پنهنجن خسيس فائدن لاءِ ئي سوچن ۾ ورتل آهن، ۽ ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جي سمجهڻ جي کين فرصت ڪانهي! ائين به ٿي سگهي ٿو ته اهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي فائدي کان سواءِ، ٻيءَ هر شيءِ بابت سوچڻ ۾ مصروف آهن. ۽ بنهه گهٽا مصروف آهن.

پر اسان جا اڃوڪا ليڊر ڇا به سوچيندا رهن يا ڪندا رهن، اسان کي پورهئي ۾ ڳهندڙ ۽ اونداهيءَ ۾ گهاريندڙ پنهنجي عوام جي چوٽڪاري لاءِ پڇاڙڪي پُڪار جو وقت آهي، جنهن جو ادراڪ اسان جي اڃوڪن ليڊرن کي نه آهي، پر ان جي ابتڙ، اهڙو ادراڪ انهن محب وطن، سچيت ۽ باشعور پُٽن ۽ ڌيئرن، شاگردن ۽ وڇئين طبقي جي دانشورن کي آهي. انهن اڳيان اڃوڪين حالتن ۾، چوند لاءِ به رستا ڪليل آهن، يعني، يا ته اهي مٽئين طبقي جي ظالمن جي خدمت، زرخريد خدمت گذارن وانگي ڪندا رهن، انهن جي وڪالت بچاءِ جي شاهدن طور ڪندا رهن، ۽ پاڻ لاءِ انهن کان رضا جي بيڪ پنندا رهن، ۽ جو ڪجهه ڦرلٽ جو مال سندن انهن آقائن وٽ ظلم ۽ استحصال سان جمع ٿئي ٿو، ان ۾، ۽ اُنهن جي رحم ۽ ڪرم تي، ٽڪريلن جيئن، پنهنجي ننڍي پائيواري جاري رکندا رهن؛ يا اهي پنهنجن ويڳاٽن ۽ وسيلن کان آجن عام ماڻهن جا دوست ۽ راهه ڏيکاريندڙ ٿي رهڻ قبول ڪن. انهن کي ئي، درحقيقت، اسين چئي سگهون ٿا:

"اوهان جي سڃي سمجهه اوهان جي کڻڙي ڪر جي، اوهان جا اوچا ۽ پاڪ خيال، اوهان جي نبار زندگي ۽ اُن جا آدرش اوهان جي کڻڙي فائدي جا، جيڪڏهن اوهين انهن جي ڪا واهر نه ٿا ڪريو، جيڪي سدائين ڏک ۾ رهن ٿا. جيڪي اوندهه ۾ آهن ۽ پُليل آهن ۽ مونجهاري ۾ ورتل آهن"!

ڪير آهي، جنهن کي اها خبر نه آهي ته اسان جا ماڻهو، ڪنهن ڏوهه ڪان سواءِ ۽ پنهنجن پائرن جي بهترين خدمت، وس آهر، بجا آڻڻ ڪان پوءِ به، پاڻ ڏاڍي ڏکي ۽ اهنجن پري زندگي گذارين ٿا، ۽ اخلاقي ۽ روحاني محرومين جا شڪار آهن. انهن جي اڳيان زندگي، ٻاٽ اونداهيءَ، عدم تحفظ، بيمارين ۽ خوارين ۽ دوزخ جي اَسَهه عذابن جو هڪ اڻ ڪٽندڙ سلسلو پيو ڏسجي. جڏهن هُنن جي انهن دل ڏارياڻندڙ حالتن تي ماڻهوءَ جي نگاهه پوي ٿي، ته قدرتي طور، ڪاوڙ ۽ بيوسيءَ ۾، ۽ اميدن ۾ پريل دل سان، آسمان تائين رسندڙ هڪ دانهن نڪريو ٿي وڃي:

"ڪڏهن، اهو ڪڏهن، تون ماڻهن جو بچاءُ ڪندين؟
اي ٻاجهارا ڏاڻي، ڪڏهن؟
ماڻهو، جڳ جا مالڪ، ماڻهو،
تخت، تاج نه، پر ماڻهو!
يا خدا، ماڻهن جو بچاءُ ڪر: اِهي تنهنجا آهن.
تنهنجا ٻالڪ، تنهنجن سهڻن ملائڪن جهڙا،
بديءَ کان، ظلم کان ۽ مايوسيءَ کان
يا خدا، ماڻهو بچاءِ"!

(ڪراچي، جون 1947ع)

ٽ ماهي "مهراڻ" 1955ع ۽ 1956ع ۾
سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جا لکيل ايڈيٽوريل

گذارش

ٻولي:

"ٻولي" جي مفهوم ۾ ان جو ڳالهائجڻ ۽ لکجڻ ٻيئي شامل آهن. ظاهر آهي ته ٻولي جي انهن ٻن حيثيتن ۾ وڏو فرق آهي. ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾، ٻولي ڦرندي ڦري رهي: سندس اواز، اُچار، لهجو، لفظ ۽ انهن جون معنائون کي قدر هميشه بدلجنديون ٿيون رهن. هي جو چوندا آهن ته "ٻارهين کوهين ٻولي ٻي" سو به ٻولي جي انهي ڳالهائجڻ واري حيثيت کي خيال ۾ رکي ائين چوندا آهن. هڪڙي ٻولي جا هڪ کان وڌيڪ مقامي روپ، انهن مقامي روپن مان اڳتي هلي جدا جدا ٻولين جو ٿهڻ، ۽ اهڙي طرح شروعات ۾ دنيا جي بنهه ٻن ڇڻ ٻولين مان وڌي، اڄ جي صدها ٻولين جو وجود ۾ اچڻ- اهي سڀيئي، "ٻولي" جي ڳالهائجڻ واري حيثيت جا ڪرشما آهن. برخلاف ان جي، ٻولي، جي لکجڻ واري حيثيت، ٻولي جي انهي ڦيرگهير کي ڪافي حد تائين روڪي ٿي، ۽ ان ۾ هڪ قسم جي هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ٿي ڪري. هڪ دفعو، ٻولي جي صورتخطي، سندس لفظن جي هجي ۽ معنيٰ، جملن جي ترتيب ۽ ان جا اصول، تحريري صورت ۾ قائم ٿي ويا، هڪ دفعو ڪنهن ٻولي پنهنجو ادبي سرمايو تحريري صورت ۾ محفوظ ڪري ورتو، هڪ دفعو ڪنهن ٻولي جي ڳالهائيندڙن ان جي آئينده علمي ۽ ادبي ترقي جا سامان، ۽ ان جي عام سکڻ ۽ سيکارڻ جا وسيلا پيدا ڪري ورتا- ته پوءِ ان ٻولي گويا پنهنجو مستقبل دائمي طور محفوظ ڪري ورتو، ۽ پڙ ڇٻو ته پوءِ ان ٻولي ۾ ڪنهن بنيادي تبديل يا بگاڙ اچڻ جا امڪان بنهه ختر ٿي چڪا.

سنڌي ٻولي، ۽ ان جا ڳالهائيندڙ:

اسان جي موجوده سنڌي پنهنجي سر هڪ قديم ٻولي هجي يا نه، پر هوءَ هڪ قديم النسل ٻولي آهي، تنهن کان ڪنهن کي به انڪار ڪونهي. عيسوي سن کان ٻه اڍائي هزار ورهيه اڳ سنسڪرت ٻولي سنڌ (۽ هند) ۾ داخل ٿي. تنهن کان اڳ موهن جي دڙي جي سپيتا جي ڪهڙي ٻولي هئي، ۽ ان سان اسان جي موجوده سنڌي، جو ڪهڙو ۽ ڪيترو لاڳاپو ثابت ٿي سگهي ٿو، ان متعلق فقط تڏهن ٿي ڪي ڪجهه چئي سگهبو جڏهن موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي جيڪي حرف لکيل آهن تن جي پڙهڻ ۾، ۽ اهي حرف ڪهڙي ٻولي، ۾ لکيل آهن ان ٻولي، جي سمجهڻ ۾ دنيا جا عالم ڪامياب ٿي سگهن. بهرحال، سنڌي، جو سڌو سنئون بنياد، سنسڪرت کي ٿي شمار ڪيو ٿو وڃي. اوائلي سنسڪرت بدلجي، وچولي درجي واري، سنسڪرت ۽ پوءِ آخرين قسم جي سنسڪرت جو روپ اختيار ڪيو: ان کان پوءِ پراڪرت جي مختلف قسمن مان هڪ قسم يعني اپڀرنش پراڪرت جي بگڙيل صورت، جنهن کي وراڇڊ اپڀرنش چيو ٿو

وڃي، وجود ۾ آئي: وراڇڻ اپير نش ۾ وڌيڪ جو بگاڙو ۽ ڦيرو آيو، تنهن، اٽڪل يارهين صدي عيسويءَ ۾، اسان جي موجوده سنڌيءَ کي جنم ڏنو. اڄ خود سنڌيءَ جا ڇهه ست (نهايت هلڪا) مقامي روپ آهن، جهڙوڪ: اتراڌي، (ڪنهن حد تائين) سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٺري ۽ ڪچي، ۽ سندس ڪل ڳالهائڻ وارن جو تعدا ست لک کن آهي، جيڪي پاڪستان ۾ سنڌ، خيرپور ۽ لس ٻيلي جي رياستن ۾، ۽ هوڏانهن هندستان ۾ بمبئي ۽ اجمير جي شهرن ۽ راجستان جي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ جهونا ڳڙهه وارن پاڻن ۾ پکڙيا پيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا:

"ملڪ" جي ورهاڱي کان پوءِ، اٽڪل اٺ لک سنڌي هندو، سنڌ کي ڇڏي، هندستان ويا، ۽ اتان اٽڪل ٽي لک ڪچي، ڪاٺياواڙي ۽ جهوناڳڙهي ميمڻ ۽ ٻيا جن جي مادري ٻولي (فقط ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾) ڪچي سنڌي آهي، سنڌ ۾ لڏي آيا آهن. انهيءَ دوطرفي لڏ پلاڻ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪي نهايت اهم ۽ مشڪل مسئلا پيدا ڪيا آهن، جن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. ڪڇ جي هڪ عوامي شاعر شري ڪاراڻيءَ، هتان کان اوڏانهن لڏي ويل سنڌين جي آجيان ۾، پنهنجي ڪچي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ گيت چيو آهي، جيڪو اسان "مهراڻ" جي هن پرچي (جلد 4، نمبر 3، اونهارو 1955ع) جي صفحي (177) تي شايع ڪري رهيا آهيون. ساڳيءَ ريت، جيڪڏهن ڪڇ کان هيڏانهن لڏي آيل پنهنجن سنڌي پائرن جي هتي اسين به اهڙي ئي قسم جي آجيان ڪيون، ۽ ان نموني سنڌ توڙي هند جا سڀ نوان ۽ پراڻا سنڌي گڏجي پنهنجي پنهنجي منهن، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي خدمت ۾ لڳي وڃون، ته هوند سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ساهتيه جو مستقبل نهايت شاندار ٿي سگهي ٿو. جيئن هتي پاڪستان جي لس ٻيلي رياست جي ماڻهن جي جيتوڻيڪ مادري ٻولي سنڌي آهي، تنهن هوندي به تعليم کين اردو ٻوليءَ ۾ ڏني ٿي وڃي، تيئن هتي هندستان ۾ جيڪي ڪچي ۽ ڪاٺياواڙي "سنڌي" آهن، تن کي تعليم گجراتيءَ ۾ ڏني وڃي ٿي. ڪهڙو نه ڇڪو ٿئي، جو هيڏانهن لس ٻيلي جي سنڌي پائرن کي ۽ هوڏانهن ڪچي ۽ ڪاٺياواڙي پائرن کي پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم ملي. ان مان نه رڳو هنن جي تعليم سهنجي ۽ سڪلي ٿي پوندي، پر سنڌي ٻوليءَ کي به ڪي لک ماڻهن جا وڌيڪ لکڻ پڙهڻ وارا ملي پوندا، ۽ ٻوليءَ جي ادب ۾ به اضافو ٿيندو. اهو اسان جوئي فرض آهي ته ان لاءِ ڪو اهڙو آواز اٺاريون، جو اهي لاسي، ڪچي، ڪاٺياواڙي ۽ جهوناڳڙهي پائر، هت ۽ هت، انهيءَ ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪري، اسان سان ساڻ ڏين ۽ پنهنجي منڌيءَ مادري زبان لاءِ ڪجهه ڪن!

"ورهاڱي" جي ڪري، جيڪي سنڌي سڄڻ پارت ۾ وڃي آسودا ٿيا آهن، سي به اسان وانگر سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪاڻ ادب ۽ ساهتيه کي ميدان ۾ آڻي رهيا آهن. هنن جو نئون ماحول، جو گهڻو ڪري گجراتي، مرهٽي ۽ هندي ٻولين جو ماحول آهي، ضرور هنن جي ٻوليءَ تي، ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾، پنهنجو اثر ڪندو. اسان وٽ به اردوءَ جو وايو منڊل اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب تي اثر ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي گهٽگهرن لاءِ اهو به هڪ مسئلو آهي ته اهو اثر متان ڪن سالن جي عرصي کان پوءِ اهڙو گهرو ۽ اونهو ٿي وڃي، جو هتي جي سنڌي ٻولي، اردو، فارسي ۽ عربي لفظن جي گهڻي ڏنبڻ ڪري، پارت جي سنڌي سڄڻن لاءِ ماڳهين اوپري ٿي پوي ۽ هتي جي سنڌي، هندي، مرهٽي ۽ ٻين ٻولين جي ڦير

مانوس لفظن جي ڪري هتي اسان سنڌين لاءِ سمجهڻ ڪان ڳري ٿي پوي. ٻنهي طرفن جي سنڌي اديبن ۽ ليکڪن تي اهو فرض آهي ته ٻولي اهڙي لکن، جنهن ۾ ڏارين ٻولين جو اڻ سهائيندو، غير ضروري ۽ اجايو استعمال نه هجي، ۽ منجهس سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي سوپيا ۽ سلوٽائي قائم رهندي اچي. نه رڳو اهو، پر هينئر پارت ۾ جو مسئلو اٽيو آهي ته ٻوليءَ جي لپي کهڙي رکجي- عربي يا ناگري؟ سو اسان سڀني لاءِ ڏيان جوڳو مسئلو آهي. اسين ته پنهنجن پائرن کي منت اهائي ڪنداسين ته هو پنهنجي ٻوليءَ جي صدقي ان جي لپي اهائي قائم رکن، جنهن ۾ اسان جو گڏيل علمي ۽ ادبي خزانو ۽ صدين جي سپيتا محفوظ ٿيل آهي. لپيءَ جي هاڻوڪي صورت، جئن به آهي، اسان جي ادبي ضرورتن سارو آهي ۽ لپي کي ڦيرائڻ مان هِتي ۽ هُتي جي سنڌين ۾ جو ويچو پئجي ويندو، تنهن جو مٽجڻ پوءِ محال ٿي پوندو.

انهن سمورين ڳالهين سان گڏ، ٻوليءَ جون ٻيون به ضرورتون ڏيان جوڳيون آهن- مثال طور، اسان جي لفظن جي صورتخطي يا هجي يا گرامر جي صورت سڀ کنهن هنڌ ساڳي هئڻ گهرجي. جيتوڻيڪ لکجڻ جي حيثيت ۾، اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ٿي چڪي آهي، تنهن هوندي به ڪيترائي لفظ آهن جيڪي مختلف هنڌن تي مختلف ماڻهو جدا جدا لکن ۽ ڪ ۾ آڻين ٿا. مثال طور: (1) "نون غني" وارا لفظ (چگو، چنگو، چگون چنگون، وغيره)، "ء، و ۽ ي" وارا لفظ جن ۾ اهي حرف علت، حرف صحيح طور ڪم ٿا اچن، ۽ هڪ ٻئي ۾ پيا مٽجن سٽجن (هئا، هوا، هيا، وغيره)، "اِي يا اُو" پچاڙيءَ وارن لفظن جون اهي صورتون جن ۾ "الف همزو" پنيان استعمال ڪرڻو آهي (چوڪريءَ رنو، چوڪري رنو، منوءَ کي، منو کي، وغيره)، "هاي ساکت" پچاڙيءَ وارا فارسي لفظ (زمانه، وغيره) جن کي سنڌي صورت ۾ آڻڻ گهرجي (زمانو، زمانا، زماني، وغيره)، الڳ الڳ معنيٰ ۽ وجود رکڻ وارا هڪ ٻئي سان لاڳاپيل لفظ جيڪي هڪ ٻئي ڪان الڳ ڪري لکجن (مون کي، مونکي، تنهن ڪان سواءِ، تنهنکانسواءِ، ٻيءَ طرح، ٻيئطرح، وغيره)، لفظ جيڪي گڏي لکڻ گهرجن (منهنجو، منهن جو، پنهنجو، پنهن جو، تنهنجو، تنهن جو)، وغيره. ٻوليءَ ۾ وزن، اثر ۽ سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ ٻيهڪ جي نشانين (، ; : ! ؟ " " ' ' - .) جو استعمال نهايت ضروري آهي. دنيا جي سڌريل ٻولين جي حالت ۾، صورتخطي يا هجي جي چڪن، ٻيهڪ جي نشانين جي غلط واپرائڻ، ۽ لفظن جي غير موزون، نامناسب يا غير ضروري استعمال ۽ اهڙين ٻين خالص فني خامين کي نهايت عيبدار ڳالهه سمجهيو ويندو آهي. انهن چيزن کي نظر انداز ڪرڻ سان اسان جا اديب ۽ ساهتيه ڪار، پنهنجي ٻوليءَ جي هڪجهڙائيءَ ۽ دائميت کي وڏو ڏڪ ٿا هڻن. انهيءَ طرح جي مسئلا ويهي ڳولبا، ته بيشمار اهڙيون ڳالهيون ملنديون، جي اسان جو ڏيان چڪائيندیون. هنن جزوي مثالن جو مقصد رڳو اهو آهي ته انهن سمورين ڳالهين تي سوچي، ويچاري اسين اهڙي ڪوشش ڪريون جو ٻوليءَ جا اهي مسئلا ڪاميابيءَ سان حل ٿيندا رهن، ۽ اسان جو ادبي ۽ علمي خزانو مفاصلي، ماحول ۽ زماني جي ڦيرين گهيرين هوندي به سدائين وڌندو ويجهندو رهي.

سنڌي ريڊيو اسٽيشن:

ٻوليءَ ۽ سپيتا کي قائم رکڻ لاءِ ٻوليءَ جي لکجڻ واريءَ صورت سان گڏ، ڳالهائجڻ وارو پهلو به مکيه آهي. ڳالهائجڻ ۾ اچڻ وقت، ٻولي جدا جد هنڌن تي جدا جدا صورتون ونندي آهي. مفاصلو ۽ ماحول جڏهن به مٽبو، تڏهن ڳالهائجڻ واري صورت به هري هري ٿي مٽجڻ شروع ڪندي. اسان جي سنڌي به ائين

ڪيترين صورتن ۾ منجندي رهي آهي. اتر ۾ هوليءَ جي، ڳالهائجڻ ۾، صورت هڪڙي آهي، لاڙ ۾ هي، ٽر ۾ ٽي- ته ڪچ ۾ وچئون چوٽين. اهو صرف انهيءَ ڪري ٿئي ٿو، جو ماڻهن جا ماحول جدا جدا آهن. جيئن جيئن ماڻهن جي پاڙ ۾ ملڻ جا ذريعا گهٽ هوندا، تيئن هوليءَ جون صورتون منبيون رهنديون آهن، لهجي ۽ اُچار ۾ فرق پوندو ويندو آهي. انهيءَ جو علاج لکڻ جي صورت ۾ ڪرڻ کان سواءِ، ڳالهائجڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ مرڪزيت پيدا ڪرڻ سان به ٽي سگهندو آهي. هاڻ ته ملڪ ۾ ماڻهن جي پاڙ ۾ ملڻ جلڻ جا ذريعا به عام جام آهن. پر ان هوندي به ماڻهن جي تعليمي طرح پوئتي پيل حالت انهيءَ جي اثر کي زائل ڪرڻ ڇڏي. انهيءَ ڪري ماڻهن جي تعليم عام ڪرڻ سان ئي هوليءَ جي دائمي مرڪزيت قائم رهي سگهندي. هوليءَ ۾ اها هڪجهڙائي ۽ مرڪزيت پيدا ڪرڻ ۾ ريڊيو به ڏاڍي ڪارائتي چيز آهي. ريڊيو ذريعي، هولي دنيا ۾ هرهنڌ پنهنجي صحيح ۽ مرڪزي صورت ۾ ماڻهن تائين پهچي سگهي ٿي. ان کان سواءِ، سپيتا جون مکيه ضرورتون ۽ ڪيفيتون ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ريڊيو جو وڏو هٿ آهي. اسان جي سنڌ، هيل تائين انهيءَ کان محروم هئي، پر تازو حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشن کولي ويئي آهي. اهو سنڌي هوليءَ ۽ سنڌي تهذيب لاءِ ڏاڍو سنو سوڻ آهي. سچ پچ ته ريڊيو، هوليءَ جي مختلف اُچارن ۽ صورتن، ۽ سپيتا جي مختلف پهلوئن ۾ هر آهنگي، هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ڪرڻ جو ڪارائتو وسيلو آهي. اسان کي اميد آهي ته حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن انهيءَ ڏس ۾ ڪارائتا قدم کڻندي.

"مهراڻ":

"مهراڻ" جو هيءُ پرچو اوهان جي هٿن ۾ ڪجهه ديرسان پهتو آهي. پنهنجي بچاءَ ۾ چا عرض ڪجي! ڪي ته سبب واقعي هئا، جن مهراڻ کي ميدان ۾ آڻڻ ۾ دير ڪرائي! پر اسين انهيءَ دير جي پورائي ڏيڍوٽي مواد پيش ڪرڻ سان ڪري رهيا آهيون. اميد ته انهيءَ نذراني کي اسان جا عزيز پرهندڙ ضرور قبول ڪندا.

"مهراڻ" جي اڳئين پرچي ۾ اسان اعلان ڪيو هو ته "مختصر افسانن"، "هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي..." واري عنوان جي مضمونن ۽ "سنڌي نثر جي مثالي تڪرن" جي چنا پيٽي ڪئي ويندي، پر هڪ ته هن پيري اسان جي لکندڙن کان افسانا يا اهي مضمون ايتري انداز ۾ مليائي ڪونه، جو انهن کي چنا پيٽيءَ ۾ آڻي سگهجي، ۽ ٻيو ته ڪن عالمن ۽ اديبن اهي صلاحون ڏنيون ته "مهراڻ" جهڙي رسالي لاءِ اهو مناسب کين ٿو لڳي ته انعام طور اديبن کي اهي "پيسڙا" آڇيا وڃن. انهيءَ مشوري تي عمل ڪري انعامي سلسلو واپس ورتي، بند ڪري رهيا آهيون. پر ان سان گڏ لکندڙ صاحبن کي عرض آهي ته هو مهرباني ڪري پنهنجا افسانا، مضمون يا مثالي نثر جا ٽڪرا دستور موجب ڏياري اماڻيندا رهن- جئن اهي عنوان قائم رهندا اچن. اسان کي اميد آهي ته اسان جا اديب اسان کي پنهنجون قلمي ڪاوشون موڪلي احسانمند ڪندا رهندا، ۽ پنهنجي "مهراڻ" کي ساڳيو آب تاب بخشيندا رهندا، جهڙو هن کان اڳ ان کي بخشيندا رهيا آهن.

(مهراڻ اونهارو 1955ع تان کنيل)

* * *

گذارش

آزادي:

چوٽي آهي ته "مينهن وسندا، ته ڇڪون به ضرور ٽيندیون." تنهن وانگر، آزاديءَ جي بارش، پنهنجي مڙني رحمتن سان، اسان جي متان ٽي، ته ظاهريءَ طرح حالتن اهڙو وڻي ڦيرو کاڌو، جو پانيوسين ته اسان جي علم ادب جون ڪچڙيون مکڙيون جيڪي مس ٽڙڻ تي هيون، سي، انهيءَ سيلاب ۾، ڪي لڏجي ۽ پڏجي، اسان جي هٿان هيکر ته بنهه ختم ٽي، لڙهي هليون ويندیون، ۽ سندن سهڻيون سڱڻڊ پريون پنکڙيون، چوندڙ چپوٽڙ سان به، ٻيهر شايد اسان جي پلئي ڪڏهن به پڄجي ڪين سگهن!

پر ڇڪن سان گڏ، نيئن زندگيءَ جو نئون پيغام به ته مينهوڳي موسم ٽي دنيا کي پهچائيندي آهي! سمنڊ ۾ سپون، بيابانن ۾ ڪاڦل تتل واريءَ جا ڏڙا، ۽ بستين ۾ ڏور ڏڳا، پکي پرندا ۽ هاري ناري به ته انهيءَ آب حيات مان پنهنجون اُجون لاهي، حياتيءَ جا ثمر حاصل ڪندا آهن! ساڳيءَ ريت، آزاديءَ ملڻ سان ٽي ڏنوسين ته چوڏاري، سنڌي ادب جا سوين سيڪڙائون، نون ارادن ۽ نون امنگن سان، پنهنجا پنهنجا ساز سامان سينگاري ۽ صاف ڪري، ميدان تي نڪري آيا، سنڌي ادب جي ويران ۽ لهسيل باغ کي ٻيهر سرسبز ۽ شاداب بنائڻ لاءِ ڪيترووين ٽي رس پريون ڪڇريون ۽ مدبرانه مجلسون ڪنيون ٽيون، ۽ هر ڪو، هند توڙي سنڌ ۾، پنهنجي پنهنجي منهن ۽ پنهنجي پنهنجي وت ۽ وس آهر، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي باغبانيءَ ۾ دل جان سان جنبي ويو، ايتري قدر جو ترت ٽي اسان جا ڏولاوا ڏور ٽي ويا، ۽ اسان کي فقط اهو خوف نه رهيو ته سنڌي ٻولي ۽ ان جو بيش بها ادبي خزانو ڪڏهين ڪو ناپيد ٽي ويندو، پر دلين ۾ اها اميد پڻ اسرڻ لڳيسون ته جيستائين سنڌي مائرون، پنهنجن معصوم منڙن ٻارن کي، پنهنجين محبت پرين هنجن ۾، سٻاجهڙي سنڌي ٻوليءَ جون مٺيون مٺيون لولیون ڏيندیون رهندیون، تيستائين اها اسان جي سهڻي سلوٽي ٻولي، ۽ ان جي ادب جا پر بهار گل ٻوٽا ۽ ڦلدار وڻ، جيئن پوءِ تيئن زياده اُپرندا ۽ اُسرندا، وڌندا ۽ ويجهندا ئي رهندا.

"ون يونٽ":

آزاديءَ جي وسڪاري کان پوءِ، اڄ وري اسان جي ملڪ ۾ ٻيهر آسمان اڳميو آهي، ڪنوٽيون ڪڙيون آهن، ۽ پريل بادل بنهه برسڻ وارائي آهن. مغربي پاڪستان يعني بلوچستان، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ جي، هڪ "وحدت" قائم ٽي رهي آهي. مينهوڳيءَ ۾، سنڌ جا ڏنار پنوهار ۽ هاري ناري، وسندڙ آسمان ڏانهن نهاري، "ٻيڙ، مولا! ٻيڙ" به پيا ڪندا آهن، ته وڃن جا چمڪاٽ ۽ گوڙين جا ٽڪاٽ ٻڌي، پنهنجن ٽمندڙ ٽوئن ۽ جهرندڙ جهوپڙين ۾، خوف وچان، پنل پکيڙن وانگر، مٽرا لڪايو، "الله صمد، الله صمد" به وينا پڙهندا آهن! سنڌ ۾ "ون يونٽ" جي مخالفن توڙي حمايتين جي به اڄ اها ساڳي حالت آهي. چوڏاري، دلين ۽ اهي اڀڪا ٽي ٻينا آهن ته هاٿي، اسان جي، ادب، اسان جي ثقافت، ۽ اسان جي ٻوليءَ جو ڇا ٽيندو!

1860ع ۾، جڏهن انليءَ جو ملڪ، فرانس، آسٽريا، سپين ۽ نيپلس جي گڏيل فوجن فتح ڪيو، تڏهن، انليءَ جي هڪ لاثاني محب وطن، گئري بالدي، کان پڇيو ويو ته "هاٿي، انليءَ جو ڇا ٽيندو؟" تڏهن جهٽ هن ورندي ڏني ته "ملڪ منهنجو ويو، ته نيٽ وري پوندو: منهنجي ٻولي شل مون کان نه وڃي!" اڄ، اسان جي حالت، گئري بالدي جي انليءَ جهڙي ته نه آهي: نه اسان جو ملڪ ٽو اسان جي هٿان وڃي، ۽ نه اسان

جي ٻولي ئي ٿي اسان کان کسجي. "ون يونٽ" اسان جي پنهنجي ئي ملڪ جي هڪ حصي جي "وحدت" آهي- ٻئي ڪندي، اها "وحدت" هڪ سياسي ۽ انتظامي وحدت آهي: ۽ انهيءَ نقطي نگاهه کان مغربي پاڪستان ته ڇا، پر سمورو پاڪستان، مغرب وارو توڙي مشرق وارو، هڪ ئي "سياسي وحدت" جو درجو رکي ٿو. ائين برابر آهي ته ملڪ جي هيءَ سياسي وحدت، جيئن ٻين يونٽن جي موجودگيءَ ۾ قائم رهي سگهي ٿي، تيئن ان جي هڪ يونٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ صوبن جي موجودگيءَ ۾ قائم رهي سگهي ٿي، تيئن ان جي هڪ يونٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ صوبن جي موجودگي ۾ ان کي ٽوڙي نٽي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اڄوڪن ويهارو ڪن جمهوريت نا آشنا صوبن ۽ رياستن کي ملائي، انهن جو هڪ ئي انتظامي مرڪز قائم ڪيو ٿو وڃي، ته ان مان آخر ڪنهن تهذيب، ڪنهن ثقافت، ڪنهن ٻوليءَ ۽ ان جي ادب کي، ڪنهن نقصان جو انديشو ڇو پيدا ٿئي؟ مغربي پاڪستان جي هن خالص "انتظامي وحدت" جي هيءَ معنيٰ ته هرگز نه آهي ته اتي بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ سنڌي ٻولين ۽ ثقافتن جو ڪو مستقل ۽ علحدو وجود ئي ڪونهي! ائين وسهڻ ۽ ائين چوڻ ٽيندو جڏ سڄ جي تڙکي کي ڪاريءَ هينان لکائي وڌڻ جي دعوا ڪرڻ. جيڪڏهن يونائيٽيڊ اسٽيٽس، روس، چين، برطانيه، ڪئناڊا، سئٽزرلنڊ وغيره جهڙا عظيم ملڪ، پنهنجي، پنهنجي جڳهه تي، هڪ قومي وحدت هڻڻ هوندي به، انتظامي لحاظ کان توڙي ثقافتي ۽ لساني حيثيت ۾، سڄ ٻچ هڪ کان وڌيڪ رياستن، ٻولين ۽ قوميتن جا مجموعا آهن، ته عين ممڪن آهي ته ڪجهه عرصي کان پوءِ، جڏهن اسان ۾ جمهوريت جي شناس ۽ ان جي صلاحيت پيدا ٿئي، تڏهن خود ان زماني جي ملڪي انتظام لاءِ لازمي ٿي پوي ته، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي خصوصيتين کي خيال ۾ رکندي، ٻيهر هتي بلوچستان، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ جون مڪاني خود حڪومت جمهوريتون ناهيون وڃن، ۽ اهڙيءَ طرح لفظ "پاڪستان" جي اصلي تصور مطابق، صالح ۽ صحتمند "ڪثرت" جي بنيادن تي، اسان جي وطن پاڪ جي به هڪ، واقعي حقيقي معنيٰ ۾، مضبوط، لافاني ۽ عظيم "وحدت" قائم ٿي وڃي. اسان هاڻي به پاڪستاني آهيون، ۽ پوءِ به پاڪستاني ئي رهنداسون. پر جيئن هندو، ڪرستان، پارسي ۽ مسلمان هڻڻ سان گڏ، اسان کي ڪو پاڪستاني ٽيڻ کان روڪي نٽو سگهي، تيئن پاڪستاني هڻڻ سان گڏ، نه هاڻي ئي اسان کي ڪو بلوچ، پٺاڻ، پنجابي، بنگالي ۽ سنڌي هڻڻ کان روڪي ٿو، ۽ نه آئنده ئي ڪو روڪي سگهندو.

سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي امر آهن. "مهراڻ" جي اڳئين اشاعت ۾ هڪ هنڌ اسان چيو هو ته "سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت ۾ کي اهڙيون امتيازي خوبيون موجود آهن، جيڪي جيڪڏهن گم ٿي وڃن، ته انهن جي پورائي يا تلافي ڪنهن به ٻئي ملڪ، ڪنهن به ٻيءَ قوم ۽ ڪنهن به ٻيءَ ثقافت هٿان ٿي نه سگهندي." ظاهر آهي ته جيسين اسان وٽ اهي امتيازي خصوصيتون موجود آهن، تيسين اسان جي سنڌ، اسان جي سنڌي ثقافت ۽ اسان جي سنڌي ٻولي پڻ قائم آهن- ون يونٽ ۾ توڙي ڪنهن ٻيءَ صورت حال ۾، انهن جو هڪ وار به ونگو ٿي نٽو سگهي. ائين برابر آهي ته جيئن سيڪا نئين ڍالهه کي نه ڪي مشڪلاتون پيدا ڪندي آهي، تيئن "ون يونٽ" ۾ پڻ اسان لاءِ، اسان جي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب لاءِ ڪي نه ڪي نوان مسئلا ضرور درپيش ايندا. پر سرائيءَ جي ڍالهه وانگر "اپٽي شئي اي، روسون به، ڪاسون به!" سو پنهنجي "ون يونٽ" ۾، به پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي، جيڪڏهن اسان پنهنجو ڪري سمجهيو، ۽ ان

جي قسمت سان پنهنجيون قسمتون ڳنڍيونسين، تہ نہ فقط ان ڳالهہ جو ڪو امڪان ڪونهي، پر اهو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿو اٿي تہ ان کي ڪنهن قسر جو ڪو گزند پهچي سگهندو.

اديب، ناشر ۽ پڙهندڙ:

"ون يونٽ" تہ پاڻ هڪ موقعو آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجي هوليءَ جي ڪامياب مستقبل جي هڪ بنيادي ۽ پايدار تعمير ڪري سگهون ٿا. ضرورت فقط هن ڳالهہ جي آهي تہ سڃاڻ هاريءَ وانگر، زمين آهر ۽ موسر پٽاندر هج چٽيون، پنهنجن فرضن جي ڄاڻ ۽ ذميوارين جو احساس ڏاريون، پنهنجي آس پاس کي ڏسون ۽ جاچيون، وقت جي تقاضا ۽ زماني جي اشاري کي بنهہ دل جي ڪنن سان ٻڌون ۽ هنئين سان هندايون: ائين ڪرڻ سان ئي اسان جا اديب ۽ ناشر، پنهنجي همعصر دور توڙي آئنده نسلن لاءِ، صحيح فخر جو باعث بنجي سگهن ٿا، ۽ سنڌي هوليءَ ۽ ادب جي مخلص ۽ لافاني خادمن جي زمري ۾ داخل ٿي سگهن ٿا.

ادب، واندڪائيءَ جي وندر، ناموريءَ جو ذريعو ۽ پيسي پيدا ڪرڻ جو وسيلو نہ برابر آهي، پر ان جو اصلي شان ڪنهن زياده اعليٰ ۽ پاڪيزه مقصد لاءِ مخصوص آهي، ادب ذريعي، انسانن جي ذهن کي اڇو اجرو ۽ صاف ڪري سگهجي ٿو، کين صحيح سمجهہ ۽ شعور سان روشناس ڪري سگهجي ٿو. سندن دلين ۾ هن عيبدار دنيا کي بدلائي، نيئن سر ناهڻ جا جذبا ۽ امنگ، همتون ۽ ارادا پيدا ڪري سگهجن ٿا، منجهن علم جو احترام، سچ لاءِ محبت ۽ حسن جي صحيح پرک پروڙ لاءِ گهربل جمالياتي حسن، ۽ انسان ۽ انسان جي عظمت جو قدر ۽ احساس پيدا ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن اسان اديب ۽ ناشر، ادب جي انهن اعليٰ مقصدن کي خيال ۾ رکنداسون، تہ يقيناً پنهنجي ادبي تخليقن ۽ مطبوعات کي سندن مڙني معنوي توڙي ظاهري وصفن سان پهرين سينگاري ناهي، مڪمل ڪري، پوءِ ئي پنهنجن محترم پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهنداسون. جڏهن پنهنجن پڙهندڙن لاءِ عزت ۽ محبت جو اظهار، انهيءَ صورت ۾، اسين ڪنداسون، تڏهن ئي هنن جي دلين ۾ اسان لاءِ محبت ۽ عزت جا جذبا پيدا ٿيندا، ۽ پوءِ اديب، ناشر، ۽ پڙهندڙ ٻيئي گڏجي، پنهنجون سموريون دلچسپيون ۽ ڪوششون هڪ ئي گڏيل مقصد، يعني هوليءَ ۽ ادب جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ، مخصوص ڪري سگهندا. ٻيءَ حالت ۾، جيڪڏهن لکڻ وارا صرف بي لغام قلم ڪارين ۾ تيز، ناشر صرف غلط ۽ بد زيب ڇپيل ڪتابن تي بيجا قيمتن هڻڻ ۾ پڙ، ۽ پڙهندڙ صرف مفت جي ڪتابن تي اتفاقي نظر ڦيرائڻ ۾ ئي خوش هوندا، تہ پوءِ اسان جو غريب ادب جتي آهي، بس اتي ئي پيو اسڙڪندو: انهن حالتن ۾، ۽ اهڙن اديبن، ناسرن ۽ پڙهندڙن هٿان، ان جو اسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ذرا مشڪل ٿو معلوم ٿئي.

"مهراڻ":

"مهراڻ" جي پهرئين پرچي کي جنهن پريم سان مرتب ڪري، سينگاري ناهي، پنهنجن عزيز پڙهندڙن جي هٿن ۾ اسان پيش ڪيو، ان لاءِ، اسان جي اميدن کان نہ سوائي شاباس، اسان کي ڪائنہ ملي چڪي آهي. ان لاءِ، اسان سندن نهايت شڪر گذار آهيون. اسان کي پنهنجن اوٽاين جو نہ پورو احساس آهي: تنهنڪري، هڪ گهڙيءَ لاءِ نہ اسان وسڪي ويهي نہ رهيا آهيون تہ اسان جي پهرين پيشڪش رڳو تعريف جي لائق هئي، ۽ ان ۾ ڪي نقص هئائي ڪونہ. ڪٽي، پنهنجي اعليٰ مقصد جي بلند معيار تي، پڪ آهي تہ پهچي نہ سگهيا آهيون. تنهن ڪري، پنهنجي محترم پڙهندڙن کي پهرين گذارش هيءَ آهي تہ جتي به هو

اسان جي کا پل چڪ ڏسن، اتي پلائي ڪري اسان جي رهبري ڪن. "مهراڻ" جي پهرئين توڙي هن پرچي ۾ جيڪي به خوبيون ۽ خاصيتون موجود آهن، تن لاءِ، گهٽي پاڳي، اسان جي شاعرن، افسانه نويسن ۽ مضمون نگار دوستن کي ئي جس ڇڏجي ته وڌيڪ مناسب آهي. "مهراڻ" جي اوٽاين لاءِ، اسان خالص پاڻ کي جوابدار سمجهون ٿا، ڇو ته، هڪ ته مواد جي چونڊ اسان پاڻ ڪئي آهي، ۽ ٻيو ته پنهنجن ڪن سنڌي اديبن ۽ عالمن کان سندن ادبي شاهڪار اڃان هٿ نه ڪري سگهيا آهيون، جو اهڙي جامع ذخيري مان کا اڃان ئي وڌيڪ بهتر چونڊ ممڪن ٿي سگهي ها. پنهنجين نيازمندانه منٿن ميڙين کي اڃان ايترو اثرائتو نه بنائي سگهيا آهيون، جو اسان جا اهي اديب ۽ عالم اسان کي پنهنجي قلم جي نظر فيض اثر سان نوازڻ تي آماده ٿين اسان اياڻن اپرن آڏو، جيڪڏهن معلوم "مڙيئي مون ڏانهن، هوتن ڏانهن نه هڪڙي" تي ئي ختر ٿئي ته به ڇٻو ته لک ڪٽياسون!

دعوت:

"مهراڻ" ۾ آئنده اشاعت کان وٺي، ٻن وڌيڪ عنوانن کي شامل ڪرڻ جو ارادو آهي. (1) "هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته..." ۽ (2) "سنڌي نثر جا مثالي فقرا". پهرئين عنوان ماتحت، زندگيءَ جا کي سچا واقعا جي لکندڙن جي شخصي تجربي يا مشاهدي هيٺ آيل هجن، اهي ڏنا ويندا. هن عنوان لاءِ، کوبه دوست، رسالي جي هر اشاعت لاءِ هڪڙو واقعو، گهٽي ۾ گهٽو 300 لفظن يا ان کان به مختصر لفظن ۾ لکي، اسان ڏانهن موڪلي سگهي ٿو. واري واري تي، بهترين واقعي لکي موڪلڻ واري دوست کي، "مهراڻ" جي اداري طرفان، ڏهه روپيا انعام طور ڏنا ويندا. هتي مثال طور، اسان پنهنجي شخصي مشاهدي هيٺ آيل هڪ سچو واقعو لکندڙن جي رهبريءَ لاءِ پيش ڪريون ٿا:

"ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ ماستر هوس، رسيس ۾، اکثر ٻاهر بندر روڊ تي هوٽل ۾ چانهه پيئڻ ويندو هوس. هڪ ڏينهن، جيئن چانهه ڪوپ پي، هوٽل مان ٻاهر نڪتس، ته ڏٺر ته هڪڙو چڱو موچارو ٽلهو ماڻهو، سوٽيل بوٽيل، ٽوپلو مٿي تي، ڪ۾ ۾ ٻه چار فائيل، هڪڙي هٿ ۾ ڪيلن جو ڇڪو ڪنيو، ٻئي هٿ سان ڪيلي جون ڪلون لاهيندو، بي پرواهيءَ سان اڳيان اچلائيندو ٻه وڃي، ۽ ڪيلو کائيندو ٻه وڃي! پنج ڏهه وڪون اڳيان پئي ويو، اوچتو ئي اوچتو، همراهه جو پير پنهنجي ئي اچلايل ڪيلي جي ڪل تي اچي پيو، ۽ وٺي ٿو مڙس ترڪي بس ڏو پٽ تي! ڪيڏانهن ويو ٽوپلو، ڪيڏانهن ويا فائيل! ٽڙي ٽڦڙي اٿيو، فائيل ميڙيائين، ٽوپلو هٿ ڪيائين، ڪيلا ته هٿ ۾ هئس ئي، ۽ اوچتو نظر ٽي پويس پاسي ۾ فٽ پاٽ تي ويٺل هڪ ويچاري گهورڙئي تي، جنهن خالي لفافا، ربڙ، پينسلون وغيره پئي وڪٽيون! بس سائين، پوءِ ته صاحب نه ڪئي هر نه تر، ويچاي گهورڙئي تي رڙ ڪري الرجي ويو چي، 'هڙا تهڙا، شرم نٿو اچيئي، فٽ پاٽ تي رستو روڪيو ويٺو آهين، ماڻهن کي هلڻ ٻه ڪين ڏيندين چا؟' ويچارو گهورڙيو اچي ڦاٽو. جي ٿو جواب ڏئي ته ٿو گوڙ وڌي، ۽ پوليس وارو، اجهوکي اجهو، اچي ٿو اٽاريس، مڙئي جيئين تيئن ڪري جند ڇڏايائين. هيڏانهن هيءَ سنئون سيبتو، سوٽيل بوٽيل همراهه، غريب تي ڪاوڙ چنڊ ڪان پوءِ اٿي اڳتي هليو. مون پنهنجي اکين سان اهو لقاءُ ڏٺو: صاحب بهادر کي اهوئي مٿي ۾ ٽوپلو، ڪ۾ ۾ اهي ئي فائيل، ۽ هٿ ۾ اهوئي ڪيلن جو ڇڪو، اٿي هيلو. خالي هٿ سان

ڪيلي جون ڪلون چلينڊو، بي پرواهيءَ سان اڳيان اڇلائيندو، ڪيلي کي چڪيندو، منهنجي اڳيان ئي اڳيان، سڏوئي سڏو، بندر روڊ جي فٽ پاٿ وٽيو، اڳتي ويندو رهيو. ڇڙ ته ڪجهه ٿيوئي ڪونه هوس!"

ٻئي عنوان ماتحت، ڪوبه دوست، ڪنهن به قديم توڙي جديد سنڌي نثر نويس جو ڪو لکيل هڪ فقرو يعني فقط هڪڙي پئراگراف جيڪا ڪيس مطلب، ٻوليءَ، لفظن جي اثرائتي استعمال وغيره سبب بهترين لڳي هجي، سا اسان کي لکي ڏياري موڪلي. اهڙن مڙني آيل فقرن مان، سڀ کان وڌيڪ جيڪو فقرو اداري کي پسند ايندو، تنهن لاءِ موڪلڻ واري کي 5 رپيا انعام ڏنا ويندا. هڪ دوست، هر اشاعت لاءِ هڪ ئي فقرو موڪلي سگهي ٿو. فقرو مڪمل حوالي سان هئڻ ضروري آهي يعني اهو ڪنهن جو لکيل، ڪهڙي ڪتاب جي ڪهڙي صفحي تي آيل آهي، اها ڳالهه صاف طرح ڄاڻائڻ گهرجي.

مهراڻ جي آئنده اشاعت کان وٺي، اداري طرفان، سنڌي مختصر افسانن جي پڻ چٽاپيٽيءَ رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هر اشاعت لاءِ جيڪي به افسانا وصول ٿيندا، تن مان جيڪو بهترين افسانو سمجهيو ويندو، ان جي لکندڙ کي، اداري طرفان، 20 روپيا انعام ڏنو ويندو.

جيڪي افسانا، سچا واقعا، ۽ مثالي جملا، "مهراڻ" جي ڪنهن به اشاعت جي چپائيءَ شروع ٿيڻ کان پوءِ پهچندا، انهن کي رسالي جي ٻيءَ اشاعت جي مقابلي لاءِ آيل سمجهيو ويندو.

معذرت:

اڳئين پرچي ۾، اسان کان هڪ نهايت دکدائڪ غلطي ٿي ويئي آهي. محترم سوپراج نرملداس "فانيءَ" کي، پل کان، "آنجهاني" سڏيو اٿئون. رسالي جي شايع ٿي وڃڻ کان پوءِ، اسان کي معلوم ٿيو ته هو صاحب زنده آهي. اسان جي دعا آهي ته اسان جي سنڌڙيءَ جو هيءَ غير فاني شاعر، هند ۾، سنڌي زبان جي خدمت لاءِ شال هزار عمريون زنده رهي، ۽ هر عمر هزار سالن جي ماڻي آمين!

گذارش:

آخر ۾، پنهنجن محترم اديبن ۽ پڙهندڙن، سنڌ توڙي هند وارن، جي خدمت ۾ وري به عرض ٿا ڪريون ته هو سنڌي زبان ۽ ان جي ڪارآمد ادب جي اشاعت لاءِ اسان جا سائي ٿين، اسان ڏانهن، وقت بوقت پنهنجا مشورا موڪلين، اسان سندن قلمي تعاون، سندن تجويزن، ۽ نڪته چينين کي عزت جي نگاهه سان ڏسون ٿا.

والسلام

(م.ا.ج)

(مهراڻ بهار 1955ع تان کنيل)

* * *

گذارش

"منجهانئن ڪيئي مون وٽ آيا، ۽ چيائون، 'اسان کي ڪا صلاح ڏي'! مون جواب ڏنو: اهڙي ته خاص صلاح مون وٽ ڪانهي، جيڪا اوهان کي ڏيئي سگهان. باهرين دنيا ڏانهن اوهان جا پنهنجا جيڪي رد عمل آهن، اوهان جي عملن جو انهن تي ئي دارومدار آهي.

۽ آڏ پاڻ ۾ اوهان جي اِن ٻاهرين۽ دنيا جو ئي هڪ جزو آهيان.
منهنجي ڳالهين مان، ۽ پڻ ٻين جي ڳالهين مان، اوهان اهو ئي ڪجهه جذب ڪندا، جنهن کي اوهان پاڻ لاءِ موزون ۽ مناسب سمجهندا.
پر جيڪڏهن اهو ڄاڻڻ ٿا گهرو ته جنهن ماحول ۾ اوهين رهو ٿا، تنهن ۾ اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي-
ته پوءِ هڪوار چپ ڪري، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو.' "

-فرئنڪ ٽائون شينڊ

انسانيت:

هزارها سالن جي تهذيبي ارتقا کان پوءِ، فضيلت ۽ پل مانسائيءَ جي جنهن بلنديءَ تي اڄ انسان بيٺل آهي، اتان هن جي سامهون انسان ۽ انسان جي وچ ۾ فرق صرف، حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جي بنياد تي ئي جائز ٿي سگهي ٿو. رنگ، نسل، مذهب، قوم ۽ اهڙيون ٻيون سڃاڻپ جون صفتون، قدرت طرفان حسن، سگهه ۽ صحت جون عنايتون، زندگيءَ ۾ پنهنجي مٺهن حاصل ڪيل علم، دولت ۽ عزت و اقبال جون نعمتون- انهن مان ڪا به چيز، بذات خود، هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ تي حقيقي فوقيت ڪانه ٿي بخشي. پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي، اهي سڀ چيزون چڱيون ئي آهن، پر انهن مان ڪنهن هڪ جي بنياد تي به پاڻ کي ٻين کان برتر ۽ اعليٰ سمجهڻ، ۽ ان ابليسي عادت جي اثر هيٺ ٻين کي نفرت ۽ ٻيائيءَ جي نگاهه سان ڏسڻ- فقط انڪري، جو هو ڪنهن ٻئي نسل، ڪنهن ٻئي مذهب يا ڪنهن ٻيءَ قوم سان واسطو ٿا رکن، يا هو شڪل جا ڪوجها، بيمار ۽ ڪمزور آهن، يا هو جاهل، غريب ۽ گمنام آهن- اِهو آهي ماڻهپي واري انهيءَ ليکي کي ڇاڪي ٻجهي لتاڙڻ، جنهن کي انسانيت پنهنجي سڃاڻپ ۽ امتياز لاءِ جڳن جي اڻ ڳڻين ڪشٽن ڪيڏ کان پوءِ مس مس وڃي هاڻي قائم ڪيو آهي. نظرياتي طور، اڄ ڪو به اهڙو مهذب انسان ڪونهي، جيڪو انسانيت جي انهيءَ ڪسوٽيءَ کان انڪاري هجي. ساڳئي وقت، حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جو مفهوم پڻ ذاتي، خانداني، قبائلي، فرقيوار يا قومي مفاد جي دائري کان نڪري، اڄ ساري بني نوع انسان جي مفاد سان اڇي همڪنار ٿيو آهي. خالص فلسفو جنهن جو بنياد عقل تي آهي، ۽ خالص مذهب جنهن جو بنياد ايمان تي آهي، سي ٻيئي، هڪ ٻئي سان انيڪ ڳالهين ۾ قطبين جي اختلاف هوندي به، انسانيت ۽ نيڪيءَ جي مٽين ٻن اصولن تي اڄ هر طرح متفق آهن. "ذات انسان جي پيدائش هڪ نفس واحد مان آهي"، "الله وٽ پلارو اهو آهي، جيڪو نيڪيءَ جو صاحب آهي"، "نيڪ انسان اهو آهي، جيڪو بني نوع انسان جي پلائي ٿو ڪري"- اِهي انهيءَ عظيم مذهب جا فرمودا آهن، جيڪو آخرين مذهب آهي، ۽ جنهن تي مذهبي فڪر جي ارتقا جو اختتام ٿيل آهي. جيڪڏهن انساني اخوت، مساوات ۽ حريت جي هن عالمي مذهب جا ڪا عالم سڳورا اڄا به ان مان ڪي ابتڙ معنائون ۽ مطلب ٿا اخذ ڪن، ته اُهي سندن خالص پنهنجي ذهن جا ڪرشما آهن، جي ڪين ئي مبارڪ هجن- مذهبي ڄاڻ ۽ ڏاهپ جي اِها ڇوڙي شال مٽن ئي ڏرندي رهي، ته بهتر. پنهنجو ته واقعي سڏو سنئون ايمان آهي ته "عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ"- پوءِ جيڪڏهن ڪي عقل جا اڪابر، ڪمن جا سچا ۽ هر طرح معتبر فتوا باز اسان تي ڪفر، الحاد يا ڪميونزم جا نالا رکن، ته انهن کي ائين ئي چونداسون ته

بدر گفتي و خرسندم عفاك الله نكو گفتي!- "حافظ"

سندن علمي تبحر اڳيان- جنهن جو واقعي کو اٿو مٿو کين به کونہ ٿو معلوم ٿئي- اسان کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو احساس آهي؛ پر کين جو ان ۾ گهوتا کائيندي سالن کان پيا ٿا ڏسون، سو چئون ٿا تہ ٽورڙو ئي علم، پر صحيح علم ۽ ذهن ۾ رڌائتو رکيل علم جيڪڏهن آهي تہ اهوانسان جي صحتمند ۽ سالم نگاهہ لاءِ ڪافي آهي. دل جو اطمينان ۽ قلب جو سکون اهو ئي بس آهي تہ پنهنجي آس پاس سان بي لوث ۽ مخلصانہ تعلقات هجن. پورهيت ماڻهوءَ جون پنهنجي پورهئي ۾ ئي اکيون سونهن. هين کي لقبن لائڻ بدران، جيڪڏهن پنهنجي پاڻ تي ئي اک رکجي، تہ هوند دلين جي ڪيني ۽ نفرت جا اوڙاهہ از خود ڏڏا ٿي وجن-

"کونہ آڳهہ اهڙو، جهڙي محبت من"-شاهہ

"مهراڻ" ۽ سندس ادب:

"مهراڻ" جي ٻئي سال جو ٽيون پرچو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هن ٽورڙي عرصي ۾، "مهراڻ" سنڌ جي تقريباً سيني ڪهنہ مشق توڙي نوآموز شاعرن، افسانہ نويسن ۽ مضمون نگارن ۽ هين اهل قلرءِ صاحب فڪر اديبن ۽ عالمن جو تعارف پڙهندڙن سان ڪرائي چڪو آهي. سنڌ جي نامور اديبن مان کو بہ اهڙو اسانجي خيال ۾ کو نہ رهيوآهي، جنهن "مهراڻ" کي سينگارڻ ۾ حصو نہ ورتو هجي. سنڌي شعر و ادب جي کا بہ اهڙي صنف اسان کي ڪانہ سڃهي، جيڪا اسان "مهراڻ" ۾ پيش نہ ڪئي هجي. مواد جي لحاظ کان مداحون، قصيدا، صوفيانہ ڪلام، عشقيہ شاعري ۽ لوڪ گيت وغيرہ، مختلف سماجي، تعليمي، نفسياتي، ۽ هين اهڙن اهم مسئلن تي ٽوٽڪا، افسانا ۽ ناٽڪ، سوانح، تاريخ، سائنس ۽ علم و ادب جي اڪثر موضوعن تي تحقيقي توڙي تنقيدي مقالا ۽ مضمون- مطلب تہ کا بہ اهڙي خاص ڳالهہ اسان جي سامهون نہ آئي آهي، جنهن کي اسان مهراڻ ۾ جاءِ نہ ڏني هجي. تنهن هوندي بہ اسان جا کي لکندڙ ۽ پڙهندڙ "مهراڻ" کي "هڪ ئي مڪتب خيال جو ترجمان"، ۽ "هڪ ئي وڙ جو دڪان" ٿا سمجهن ۽ سڏين! ممڪن آهي تہ هي حضرت پاڻ جنهن "وڙ" جا وٺجارا آهن، تنهن جي خريد فروخت "مهراڻ" ۾ ٿيندي نہ ڏسي ئي ان لاءِ اهو خيال قائم ڪيو هجين: ذاتيات، تعصب، نفرت، ڪم علمي ۽ ڪثيف جذبات ڪڏهن بہ سنو ۽ صالح ادب نہ پيدا ڪري ٿا سگهن، ۽ نہ ان کي ڪڏهن ڪٽي سڃاڻي ئي سگهن ٿا.

جهڙيءَ ريت اڄ انسان ۽ انسان جي وچ ۾ فرق صرف حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جي بنياد تي ئي جائز آهي- باقي ٻيا سمورا رنگ، نسل، مذهب، قوم وغيرہ جا نالا فقط سڃاڻپ جا نشان ئي وڃي رهيا آهن ۽ انهن مان کو هڪڙو نالو بہ بذات خود فضيلت ۽ فوقيت لاءِ سند جو ڪم نٿو ڏيئي سگهي، بلڪل تهڙيءَ طرح ادب ۽ فن پڻ- چاڪاڻ تہ اهي انسان جي خالص انسانيت جا مظهر آهن- رنگ، نسل، وطن، مذهب ۽ قوم وغيرہ جي ويڇن کان پاڪ آهن: ادب ۽ فن جي پرک صرف "انسانيت" آهي. ڏسٽو آهي تہ ادب معرفت انسانيت جا عالمگير قدر ۽ اصول زياده اوجر جي اڳيان ٿا اڇن، يا نتيجو مرڳوئي ان جي ابتڙ ٿو نڪري. پهرينءَ حالت ۾ جو ادب پيش ٿيندو، سو صالح، صحيح ۽ سچو ادب آهي، ۽ ان کان سواءِ ٻيو هر کو اديب بيمار، کوڙو ۽ کوٽو ادب آهي. انهيءَ هڪ بنيادي فرق کان سواءِ ادب ۾ ٻيو کو بہ تفرقو نہ آهي. "ادب براي ادب" جنهن جو زور جماليات تي آهي، ۽ "ادب براي زندگي" جنهن جو زور زندگيءَ جي تنقيدي عڪاسيءَ تي آهي- ٻئي صحيح ۽ سچي ادب جي محض ٻن صفتن جا نالا آهن. "ادب براي ادب" ۽ "فن براي فن" کي مڃڻ وارو اديب يا فنڪار خالص حسن جو گهوريو آهي- ۽ اها حسن لاءِ سندس

تلاش ئي حسن جي تخليق ۽ تبليغ لاءِ ڪيس مجبور ٿي ڪري: پنهنجي شخصي توڙي آسپاس جي زندگيءَ ۾ حسن کي دلپسند انداز ۾ موجود نہ ڏسندي، هو پوءِ زندگيءَ جي تنقيد ۽ حسنڪاريءَ کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٿو، ۽ اهو سندس عمل "ادب براي زندگيءَ" ۽ "فن براي زندگيءَ" کي مجڙ واري اديب يا فنڪار جي عمل کان ڪنهن به صورت ۾ مختلف نہ آهي.ادب متعلق هنن ٻن نظرين جو هيءُ "ضد" پهريائين يورپ ۾ ئي پيدا ٿيو هو- ۽ اتان جي اديبن ۽ فنڪارن مٿئين استدلال جي بنياد تي اڄ انهيءَ مسئلي کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي. عالمي ادب جي سامهون ادب جا اهي ۽ ٻيا اهڙا موهوم تفرقا اڄ آهن ئي ڪونہ. اسين به انهيءَ ئي عقيدي کي پنهنجي سامهون رکي، پنهنجي پڙهندڙن جي خدمت ۾ ادب جو نڙانو پيش ڪندا آهيون. اسان وٽ ادب ۾ اڄ ڪي به "اختلافي" نظريا نہ آهن. اسان وٽ ادب جو صرف هڪڙو ئي نظريو آهي- ۽ اهو هيءُ تہ پنهنجي عزيز وطن لاءِ، پنهنجي پاڪ ٻولي۽ ۾ صحيح ۽ صالح ادب پيدا ڪريون ۽ پيش ڪريون. انهيءَ کي جيڪڏهن اسان جا ڪي ڪرم فرما "مهراڻ" جو "هڪ ئي مڪتب خيال" سڏي اسان کي نندين ٿا، تہ هنن لاءِ تحقيق اسان وٽ وڌيڪ ٻيو ڪو به جواب ڪونهي-

"اکر چُتي هيڪڙي، ٻَهون جي نہ ٻجهن،
ڪوهہ ڪبو کي تن، سڄي سڌائي ڳالهڙي؟"
(شاهہ)

سنڌي ادبي بورڊ:

ڪراچيءَ جي هڪ اخبار سنڌي ادبي بورڊ جي ڪر تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ "سنڌ ادبي بورڊ جو قيام سنڌ جي باشندن جي اهر ضرورت هئي.... ليڪن ڇا (هن) سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي انهن ضرورتن کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو آهي، يا انهيءَ ڏسَ ۾ ڪو قدم به وڌايو آهي؟ اسان وٽ انهيءَ جو جواب نفيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن وٽ انهيءَ جو اثباتي جواب آهي، تہ انهيءَ جو ڪيس ثبوت ڏيڻ گهرجي....". اسان پنهنجي هن معزز معاصر جا شڪر گذار آهيون، جو هن اسان جو ايڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. جيتوڻيڪ سندس مدير محترم پاڻ بورڊ جو ميمبرآهي، ۽ ڪيس بورڊ جي ڪار گذارين جي مفصل خبر آهي، تنهن هوندي به پائنجي ٿو تہ جڏهن پاڻ مٿيون رايو بورڊ متعلق قلمبند ٿي ڪيائين، تڏهن سندس سامهون اهي چيزون موجود ڪين هيون. هي موقعو غنيمت ڄاڻي، هتي "مهراڻ" ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ، بورڊ جي ڪر جي مختصر ڪيفيت پيش ڪئي ويئي آهي. اميد تہ ان جي پڙهڻ سان بورڊ متعلق پيدا ٿيل غلط فهميون گهٽي قدر دور ٿي ويندیون. ايترو سو پنهنجي هن عزيز معاصر کي ضرورت گوش گذار ڪنداسون تہ "صفائي ايمان جي نشاني آهي"، ۽ جهڙيءَ طرح جسماني صفائي انسان جي بدن ۽ پوشاڪ مان ظاهر هوندي آهي، اهڙيءَ طرح ذهني پاڪيزگي وري سندس منهن مبارڪ مان جيڪا گوهر افشاني ٿيندي آهي، انهيءَ مان معلوم ٿيندي آهي: تنهنڪري آئنده جنهن کي به جيڪي ڪجهہ چوڻو هجيس، سو ڪجهہ مهذب لفظن ۾ ئي ادا ڪري- ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي مخاطب کي آسانيءَ سان پنهنجو هر خيال بنائي سگهندو.

انعام:

اسان اڳئين پرچي جي گذارش ۾ اديبن کي انعامن ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. پارکن جي ڪاميٽيءَ "مهراڻ" جي اڳئين پرچي جي شعرن، افسانن، مضمونن وغيره جو جائزو ونندي، يڪراءِ فيصلو ڏنو تہ

پنجاهه روپين جو پهريون انعام پير حسام الدين راشدي صاحب جي مضمون "مير علي شير 'قانع'" کي ڏنو ويجي، پر پير صاحب جن اهو انعام وٺڻ پسند نه ڪيو، ۽ ڪاميٽيءَ کي صلاح ڏنائين ته بورڊ جي ڪنهن به ميمبر يا ملازم کي، هن پيري توڙي آئنده، کو به انعام نه ڏنووجي. ڪاميٽيءَ پير صاحب جي انهيءَ صلاح کي خوشيءَ سان قبوليو، ۽ فيصلو ڪيو ته پهرئين نمبر انعام جا اهي پنجاهه روپيا هن پيري رهيل افسانن تي ڏنا وڃن. انعام جي آخرين صورت هيءَ آهي:

شعر:	محمود شاهه "سائل"	- ڪافي (ص)	10-0-0
	عبدالڪريم "گدائي"	- نظم (ص)	10-0-0
	شيخ "اياز"	- چيچ (ص)	10-0-0
ادب لطيف:	جهامنداس پاٽيا		10-0-0
افسانا:	بردو سنڌي	-"انڌير نگري"	25-0-0
	گوورڌن محبوباڻي	-"ڪاري"	15-0-0
	مس شمس صديقي	-"هڪ ڪردار سو افسانا"	10-0-0
	شيخ حفيظ	-"۽ مڪڙي مرجهائجي ويئي"	10-0-0
	ابن حيات پنهور	-"زن طلاق"	10-0-0
	بلرام وڪيل	- "حسرت"	10-0-0
	محمد يعقوب "نياز"	-"لڙڪ ۽ مرڪ"	10-0-0
ادبي خط:	مس شمس صديقي		25-0-0

* * *

گذارش

"مهراڻ" کي جنهن ڪوشش ۽ محنت سان ترتيب ڏني وڃي ٿي، ان کان پڙهندڙ ۽ اسان جا محترم اديب خود به واقف آهن. انهيءَ ترتيب ۾ هڪ مشڪلات اها به رهي ٿي ته اديب پنهنجون چيزون وقت اندر نٿا موڪلين، جنهنڪري هڪ ته رسالي جي اشاعت ۾ دير پئجي ٿي وڃي، ۽ ٻيو ته اديبن جي افسانن ۽ شعرن وغيره کي دنيا جي مشهور ۽ بلند پايه رسالن وانگر تصويرن ۽ خاڪن سان نه ٿو سينگاري سگهجي. انهيءَ ڪري، اسان جي اديبن کي گذارش آهي ته اسان کي مهرباني ڪري پنهنجي شاهڪار ڪافي اڳواٽ ڏين ته جيئن رسالي جي ترتيب ۽ آرائش ۾ اسان کي به آساني ٿئي، ۽ سندن چيزن کي پڻ زياده اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهون. اميد ته اسان جا محترم اديب هميشه وانگر هن گاله ۾ به اسان سان سهڪار ڪندا، ۽ آئنده، وقت اندر، اسان ڏانهن پنهنجن ادبي نوازشن موڪلڻ جي عنايت ڪندا.

(مهراڻ 3-1956ع تان ڪنيل)

* * *

گذارش

"مهراڻ" جي هن اشاعت سان، "مهراڻ" جي نئين دور جو ٻيو سال خير سان پورو ٿيو، نئين سال ۾ پير پائيندي، "مهراڻ" پنهنجن عزيز پڙهندڙن ۽ محترم اديبن جي خدمت ۾ سندن آئيندي جي مسرتن ۽ کاميابين لاءِ پنهنجون نيڪ تمنائون پيش ٿو ڪري، ۽ پنهنجيءَ ڳٺن_پريءَ سونهاريءَ سنڌڙيءَ جي سالميت ۽ سکار لاءِ ساڻن گڏجي دلي دعائون ٿو گهري، ۽ انهن دعائن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ کين مخلصانه جدوجهد جي دعوت ٿو ڏئي، خالص ادب جي ميدان ۾ "مهراڻ" جي معيار جو، جيئن اڳي تيئن هاڻي، وري به متن ئي ذاروملدار آهي؛ سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب جو بي پايان بحر سنڌي عوام جي سالر نگاهه، پاڪيزه جذبات ۽ صحتمند فڪر وسيلي ئي قائم آهي ۽ تاقيامت قائم رهندو؛ هن بي بها موتين جي اڪٺ پندار مان، "مهراڻ" پنهنجي وت ۽ وس آهر، سندن ئي ڪر مفر ماڻن وسيلي، هيلتائين به چار موتي ٻئي ميڙيا آهن، ۽ آئيندي ٻڌ "مهراڻ" کي متن ئي پروسو آهي ته، مهل ڪمهل، ٽڪيءَ ٽڪيءَ، هوئي ڪيس هٽ هٽ ۾ ڏئي هميشه پاڻ سان گڏ، اڳتي نيندا رهندا.

"مين متي سمرا، ڪهين سڏ ڪرين،
"ساڻ نباهيو نين، اي پر سندي سڄڻين!"

ادب ۽ ان جا "نقاد":

ادب معرفت ماڻهو زندگيءَ جي حقيقتن کي ڄاڻڻ چاهيندا آهن، ۽ انهن متعلق جيڪي شڪ شبها ۽ سوال سندن دلين ۾ پيدا ٿيندا آهن، تن کي ادب ۾ زياده صاف ۽ اثرائتي انداز سان بيان ڪيل ڏسي، هو خوش ٿيندا آهن: ساڳئي وقت زندگيءَ جي انهن حقيقتن کي بدلائي ڪنهن بهتر صورت ۾ آڻڻ لاءِ سندن دلين ۾ جيڪي خيال، ارادا ۽ امنگ اڀندا رهندا آهن، تن جي ترجماني ۽ اظهار ٻڌ ادب وسيلي ئي سندن سامهون ايندو آهي. ادب جون اهي به حيثيتون_هڪ تنقيدي ۽ ٻي اصلاحي_ اديبن توڙي باشعور پڙهندڙن وٽ مسلر آهن، افسوس فقط هن گالهه جو آهي ته جڏهن به ادب، پنهنجي تنقيد توڙي اصلاح ۾، سچ ۽ صاف_گوئيءَ جي بنهه ويجهو وڃي رسندو آهي، تڏهن ڪوڙ جي هيراکن جي ٻيئي هٽ يڪدم ڪنن تي اچي ويندا آهن، ۽ اوناهين جي رهواسين جون اکيون سسندي سسندي بنهه بند ٿي ويندیون آهن- ۽ پوءِ وٽن باقي جيڪا وڃي رهي ڪهي هڪڙي زبان بچندي آهي، تنهن کي ولي ڪٽي مرڳو ئي ٻاهر ڪيڏندا آهن، ڪير جو سندن ان ڇڙ واڳ ۽ ذهن جي ضابطي کان نڪتل نجس_پيما کي پوءِ روڪي سگهي!، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، ننڍي وڏي جي وات، ۾ هيءَ گالهه عام هوندي آهي ته هن يا هن خاص هنڌ تي ناڻي جي ديگ پوري پيئي آهي، پر واسينگ نانگ ان تي پنهنجي زهر پريل سسي رکيو ستو پيو آهي: جيڪو ان ديگ جي ويجهو ويندو، ان کي هو هڪ ئي ٽوڪ سان پسر ڪري ڇڏيندو. ٻهراڙيءَ جي هن کل جهڙيءَ عام روايت ۾ ممڪن آهي، ته سنڌ جو پورهيت عوام پنهنجي ئي روزمرهه جي مفلس زندگيءَ جو عڪس ڏسندو هجي، جنهن موجب سندس پنهنجي ڳهر جي پيدا ڪيل سموري دولت ميڙجي سيڙجي وڃيو ڳوٺ جي زميندار وٽ ڏڳ ٿئي ۽ هو پاڻ ان جو پيدا ڪندڙ اک ڪٽي رڳو ان ڏانهن پورو نهاري به نٿو سگهي، بهرحال، سچ جي دولت ته واقعي ان روايتي ناڻي جي ديگ وانگر زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ پوري پيئي آهي؛ پر افسوس، جو ان تي پڻ مالدارن ۽ مفاد پرستن جا زرخريد راکا ۽ پهريدار لٽ ڪنيو محڪر بنيا وينا آهن: مجال آهي، جو زندگيءَ جي تنقيد ۽ اصلاح ۾، ڪنهن اديب يا عالم جو قلم سچ جو پيرو ڪٽي

سندن پاڻارين تائين پهچي_ هڪدم هائيڊ وس مچي ويندو، وڻ_ وڻان پڻجي ويندي، پيرين تي ڏونڪا لڳي ويندا_ چي، "گهوڙا هاٿي ڳالهيون ٿيون ڪن، پت ٿي وڃي!" ادب جو واقعي اهو هڪ قديم ۽ بنيادي مسئلو آهي ته حقيقتن جي بيان ۾ صاف_گوئيءَ ۽ رک_رکان جي هن متضاد سماجي ضرورت کي ڪيتريءَ حد تائين تسليم ڪيو وڃي. "مهراڻ" جي گذريل ٻن سالن جي ادارتي فرض ادائيءَ ۾، ادب جي انهيءَ نازڪ مسئلي کي نباهڻ جي، پنهنجي طرفان هيٺئين اصول تي ئي اسان ڪوشش پئي ڪئي آهي:

"سڀ کان وڏي ڳالهه آهي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ سان سچو رهي:

"پوءِ جيئن رات ڪانپوءِ ڏينهن جي اچڻ جي پڪ آهي_

"تيئن ئي پڪ آهي ته ڪٽي هو ڪوڙو ٽي ئي نه سگهندو!"

مگرافسوس، جو هن سموري عرصي ۾، سنڌ جي ادب ۽ صحافت جي ڪن عاليجنابن کي "مهراڻ" مان محض ڪفر ۽ الحاد ئي پلئه پيو آهي. هي صاحب جيڪڏهن اسان کي معاف ڪرڻ فرمائين، ته ڪين عرض ڪري ڇڏيون ته هيتري ساري سندن ايمان سان گڏ ٿورڙو الحاد ۽ ٿورڙو ڪفر جيڪي سو ڪين فائدو ونڊي پهچائيندو_اهڙي اسان کي اميد آهي! وڌيڪ ڪين گذارش هيءَ آهي ته

" يا واقعي پاڻ کا بهتر ڳالهه پيش ڪريون، يا انصاف کان ڪم وٺو؛

" يا علم جي دريا دلي، نمرتا ۽ سهپ ڏاريو، يا نظر جي بلندي ۽ قلب جي وسعت پيدا ڪريو؛

"ياخاموش رهو، صلاح مجو، ۽ چپ چاپ اٿي وڃو،

بحث بند ڪريو، پنهنجو رستو وٺو، خدا حافظ!"

ايشيائي اديبن جي ڪانفرنس:

ڊسمبر 1956ع جي 23 کان 29 تاريخ تائين، دهليءَ ۾، ايشيا جي اديبن جي هڪ عظيم الشان ڪانفرنس ٿي گذري، ڪانفرنس ۾ پاڪستان سميت سترهن ملڪن کان آيل وفدن شرڪت ڪئي، (ڪانفرنس جي سموري ڪارروائي اداري طرفان هن ئي پرچي ۾ پيش ڪئي وئي آهي.) مختلف ٻولين جي اديبن پنهنجي پنهنجي ملڪ ۽ ٻوليءَ جي ادبي صورتحال ۽ رجحانن تي تقريرون ڪيون ۽ مقالا پڙهيا، هڪ ٻئي کي ادب جي نين راهن ۽ تقاضائن کان آگاهه ڪيو ۽ سڀني گڏجي ايشيائي ادب ۽ ثقافت جي ڦهلاءَ جو وسيع پروگرام ناهيو. اها ڪيتري نه ڏکوئيندڙ حقيقت آهي ته هڙيءَ بين القوامي ڪانفرنس ۾ اسان جي وطن سنڌ مان سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبه نمائندو شريڪ نه ٿيو_جنهن ڪري سنڌ اندر سنڌي زبان جي صورتحال ۽ ادب بنسبت ڪانفرنس ۾ ڪجهه به پيش ٿي نه سگهيو! اها به غنيمت آهي ته هندستان مان سنڌي ٻوليءَ جي نمائندگي اسان جي لائق بزرگ، پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ وڏي وفد ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ سنڌي زبان جي اهميت ۽ سنڌي ادب جي مجموعي صورتحال تي تقريرون ڪيون ۽ هندستان ۾ سنڌي زبان کي تسليم ڪرائڻ، ۽ ان کي ترقي ونائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون اٿن، تن کان ايشيا جي اديبن کي واقف ڪيائون. سنڌي زبان ۽ ان جي ادب جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ هندستان ۾ اسان جي ساٿين جي هيءَ بي مثل ڪوشش ۽ حوصلو اسان سنڌ جي اديبن ۽ سنڌ جي رهواسين لاءِ هڪ ڪلي للڪار آهي، شل هتي اسان کي به پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اهميت جو اهڙو ئي احساس ٿئي!

انعام:

"مهراڻ" جي اڳئين پرچي جي شعرن، افسانن ۽ مضمونن جو جائزو ونندي، پارکن جي ڪاميٽيءَ يڪراءِ فيصلو ڏنو تہ ان پرچي لاءِ پنجاهہ روپين جو پهريون انعام محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مضمون "پارس کاڻ" کي ڏنو وڃي. پر جيئن تہ ڪاميٽيءَ طرفان اڳ ئي اهو فيصلو ٿيل آهي تہ بورڊ جي ڪنهن بہ ميمبر يا ملازم کي "مهراڻ" ۾ ڇپيل سندس لکيتن تي انعام نہ ڏنو ويندو، ۽ جيئن تہ ڊاڪٽر صاحب بورڊ جو هڪ ميمبر آهي، تنهن ڪري فيصلو ڪيو ويو تہ اهو انعام افسانن ۾ ورهايو وڃي. ساڳيءَ طرح ڏهن روپين جو هڪ انعام سراج الحق لاءِ سندس نظر "ڪراچي" واسطي تجويز ڪيو ويو، پر جيئن تہ هو صاحب پڻ بورڊ جو ئي ملازم آهي، تنهن ڪري اهو انعام بہ ٻيءَ صورت ۾ ڪر آندو ويو، انعامن جي آخري صورت هيءَ آهي۔

شعر:

هري "دلگير"	_نظر	(ص 32) 0-0-25
رشيد احمد "رشيد"	_ ٻولي	(ص 49) 0-0-25
شيخ اياز	_بيت	(ص 11) 0-0-10
لطف الله بدوي	_بيت	(ص 11) 0-0-10
مخدوم غلام احمد "غلام"	_ڪافي	(ص15) 0-0-10
صالح محمد سمو	_نظر	(ص 43) 0-0-10

افسانا:

جمال ابڙو	_"بدمعاش"	(ص 67) 0-0-10
جڳديش لچاڻي	_لڙڪن جي لڙي	(ص 80) 0-0-10
بشير موريائي	_ٽڪري	(ص 85) 0-0-10
الهہ رکيو پريو	_اوور ڪوٽ (ترجمو)	(ص 195) 0-0-10

مضمون:

عبدالقيوم "صائب" انسان جي تخليق (ترجمو) (ص 120) 0-0-10

ڏهن روپين جو هڪ خاص انعام محترم شيخ عبدالله کي "مهراڻ" جي ٻاهرئين ڪور ڊزائين لاءِ ڏنو ويو.

"مهراڻ" جا نوان ايڊيٽر

"مهراڻ" جي پڙهندڙن ۽ اديبن صاحبن کي اهو ٻڌي نهايت خوشي ٿيندي تہ هن نئين سال کان محترم ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب ۽ محترم پير حسام الدين شاهہ راشدي صاحب جن "مهراڻ" جي ادارت جا فرض سنياڻ قبول ڪيا آهن. "مهراڻ" جو معيار بلند کان بلند تر ٿيندو ويندو، ۽ بورڊ جو هيءُ عملي ۽ ادبي رسالو سندِ جي ادبي ۽ علمي تقاضائن کي آئيندي پڻ بهتر کان بهتر نموني ۾ پورو ڪندو رهندو.

گذارش

"مهراڻ" جي ٻئي سال جو هيءُ چوٽون پرچو پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي، هن پرچي سان "مهراڻ" جي نئين دور جو ٻيو سال پورو ٿيو. "مهراڻ" جا محترم اديب ۽ پڙهندڙ هيتري تائين ان سان جيڪا وابستگي ۽ محبت ڏيکاريندا پئي آيا آهن، اميد اٿئون ته نئين سال ۾ پڻ ان ۾ پوئتي کين پوندا ۽ هميشہ وانگر ان کي پنهنجو رسالو سمجهي، اسان سان پنهنجو دلي تعاون کندا ايندا.

"مهراڻ" جي خريدارن کي گذارش آهي ته گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ هو پاڻ، پنهنجن عزيزن ۽ دوستن سميت، نئين سال جو چندو پري، "مهراڻ" کي سندن ادبي خدمت جو موقعو ڏيندا.

(مهراڻ 4-1956ع تان کنيل)

***

گذارش

فنڪار جا گوڙها

"مهراڻ" جي نئين دور جو پهريون سال پورو ٿيو. هي چوٽون سه — ماهي پرچو پڙهندڙن جي خدمت ۾ حاضر آهي. پهرين ٽن پرچن جي جيڪا عام قدرشناسي، ۽ ڪن خاص هنڌن تي عيب ڄُوئي ٿي آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته "مهراڻ" پنهنجي مقصد ۾ گهٽي قدر ڪامياب ٿيو آهي. ڪنهن چگيءَ شي جو نندجڻ پوءِ به اوترو نقصانڪار نه آهي جيترو ڪنهن بُريءَ شي جو ساراهجڻ- تنهنڪري جن "مهراڻ" ۾ رڳو اوڻايون ئي اوڻايون ڏٺيون آهن، تن جي پسند جو معيار اڃا ئي اوچو سمجهي، ان تائين رسڻ جي ڪوشش ڪرڻ به اسان جو ئي فرض آهي. پلان پليءَ جو چيهه ئي ڪونهي! ڊينمارڪ ملڪ جي هڪ عظيم بت تراش، برٽل ٽارلڊن، جي ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي ڏينهن ماڻهن ڏٺو ته هو پنهنجي هڪ تازي ناهيل بت جي سامهون ويٺو روئي! پڇيائونس، "ڪهڙي ڳالهه آهي جو روئين ٿو؟ هيءُ جيڪو بت تراشيو اٿيئي، سو نٿو وٺيئي ڪيئن؟" بت تراش وراڻيو، "مون کي هن ۾ ڪوبہ نقص ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي!" چيائونس، "پوءِ ڇا لاءِ ٿو روئين؟" جواب ڏنائين، "انهيءَ لاءِ، جو پانيان ٿو ته هاڻي منهنجي فن جي ترقي ختر ٿي ڇڪي- پنهنجي ڪم ۾ ڪو نقص، جو نٿو ڏسي سگهان!" پنهنجي تخليق جي سامهون ڪو فنڪار ائين ويهي گوڙها ڳاري، تڏهن ئي سندس فن لافاني ٿي سگهندو. اسين چاهيون ٿا ته اسين پاڻ، ۽ اسان جا سنڌي اديب، شاعر، سگهڙ ۽ پارکو سپيئي پنهنجي سونهاري سنڌي ساهتيہ جي چائنڊ تي پڻ هميشه اهڙي ئي قسر جا پوتر ۽ پريم پريا خود سپردگيءَ جا گوڙها نذراني طور پيش ڪندا رهون- پوءِ ئي اسين پنهنجي پياريءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي عظيم ادب جا پاڻ کي صحيح خدمتگذار سڏائي سگهنداسين.

لفظن جي چونڊ:

ٻولي، آواز جو هڪ مهاساگر آهي. ان ۾ لفظن جي موتين جا ٻندار پريا پيا آهن. اديب ۽ ليکڪ اهي سڃاڻ ۽ ساڃاهه وارا غواص آهن جيڪي هن بحر بي پايان مان رڳو املهه ۽ عين گهرج وارا موتي چونڊي ٻاهر ٿا آڻين، ۽ پوءِ انهن مان ويهي پنهنجي ادب جون مالهائون ٿا پُوئين. لفظن جي اها چونڊ ۽ جائيتي جڙت ئي آهي، جيڪا هڪ اديب جي عبارت کي امتيار ٿي بخشي. ياد رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ٻوليءَ جو هر لفظ

پس منظر ۾ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ وٺ رکي ٿو: ۽ جڏهن کو لفظ ڳالهائجي ٿو يا ٻڌجي ٿو، لکجي ٿو يا پڙهجي ٿو، تڏهن اهو پنهنجي انهيءَ سموريءَ دنيا سميت اچي ٿو اسان جي سامهون بيهي. لفظ جي انهيءَ دنيا کي جڏهن سمجهبو، تڏهن ئي اُن جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪري سگهبو. اهوئي سبب آهي جو دنيا جي مقبول عام اديبن هميشه ڏارين هولين جي غير ضروري لفظن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن، ۽ خود پنهنجن هولين جي ڳرن ۽ غير مانوس لفظن کي استعمال ڪرڻ کان انتهائي پرهيز ڪئي آهي: ۽ ان جي عوض هنن هميشه ڏنل وائنل، سنوان سڏا، عام فهم ۽ سادا سُودا لفظ ڀڻي ڪم آندا آهن. ڪنهن ڳالهه يا لکيت جو اثر بنيادي طرح ته هونئن به اُن جي فڪر ۽ معنيٰ تي مدار ٿو رکي: ڳالهه ۾ هوندو کي به ڪين، رڳو ٽلهيون هوندیون گهنٽريون ۽ لفظن جون ڦُلبنديون، ته اهڙين مداحن تي ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا آياڻا موهت ٿين ته ٿين، باقي گري کوٽي کي جاڻڻ پرکڻ وارا ته پڪ ئي پڪ ٻيهر انهن کي ٻڌي اُتي جو اُتي آڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندا! ڪم عملي ۽ ذهن جي اڻ — هوند، وڌن وڌن ۽ ڏکين ڏکين لفظن، فارسيءَ جي لاڳيتين ترڪيبن، ۽ عربيءَ جي ڇڪ ڇڪان وارن اُچارن ۽ ان جي صرف نحو جي پائبندين جي غلافن ۾ ڪڏهن به لکي کين سگهندي! تنهنڪري، هي جو سنڌي هوليءَ لاءِ تحرڪ اٿيو آهي ته نج سنڌي ڳالهائڻ ۽ لکڻ گهرجي، تنهن ڏانهن اسان جي محترم اديبن کي گهرجي ته جوڳو ڌيان ڏين، ان جي اصلي اهميت کي سجاڻن ۽ سندس بنيادي مقصد کي سمجهن: اڄ اسان جا پڙهندڙ محض لفظن جي گورک ڏنڊي ۾ قاسڻ لاءِ تيار نه آهن، ۽ نه وري رڳو انهن جي ظاهري ڏيک ويک ۽ رعب تاب تي پنيلجي يا دهلجي ويهي رهڻ وارا آهن. اڄ اسان جي پڙهندڙن کي اهو ادب گهرجي جيڪو سندن زندگيءَ جي حقيقتن جي ترجماني ڪري، جيڪو کين زندگيءَ جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جون راهون ڏسي ۽ جيڪو وٽن اهڙيءَ هوليءَ ۾ پهچي جنهن هوليءَ کي هو ٻڌي سگهن، سمجهي سگهن ۽ هنئين سان هنڌائي سگهن.

هولين جي ڏي — وٺ:

اسان جا لکندڙ هتي هي سوال اٺاري سگهن ٿا ته "ڇا، اسان جي سنڌي هوليءَ ۾ ايترو ذخيرو موجود آهي، جو اسان جي مڙني ادبي ۽ علمي ضرورتن جي پورائي ٿي سگهي؟" جواب ۾ عرض آهي ته ان ڳالهه جو دارمدار "ضرورت" جي مخصوص نوعيت تي آهي: خالص ادبي ضرورتن يعني شعر و شاعري، افسانه نويسي ۽ تنقيد وغيره لاءِ، ۽ پڻ هين انيڪ علمي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ اسان جي سنڌي هوليءَ ۾ به لفظن جو ايترو ئي ذخيرو موجود آهي، جيترو دنيا جي هين ستريل هولين ۾ - فرق رڳو هيءُ آهي ته 'هنن ۾ خالص علمي اصطلاحن جو انداز نسبتا زياده آهي. علمي اصطلاح اُنهن هولين ۾ ڪي اصل کان موجود ڪونه هئا: جيئن جيئن اُهي هوليون جدا جدا علمن جي جديد ترقي يافته صورتن سان روشناس ٿيندیون ويون، ۽ جيئن جيئن سندن سماجي پس منظر، جاگيرداري دور مان نڪري صنعتي دور ڏانهن وڌندو ويو، تيئن تيئن وايو منڊل جي نئين نين ضرورتن سارو انهن هولين ۾ نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح پڻ داخل ٿيندا ويا. هين هولين وانگر اسان جي هولي به آئنده اهي نوان علمي لفظ ۽ اصطلاح ڪجهه پنهنجو پاڻ مان پيدا ڪري، ڪجهه هين هولين کان گهُري، هٽ ڪري سگهي ٿي. سيئي هوليون اهڙي قسر جي ڏي — وٺ هميشه پيون ڪن: ان کان سواءِ سندس سامهون هيو ڪو چارو به کونهي تنهنڪري، جيڪڏهن اسان جي هوليءَ به وقت سِر هين هولين کان کي لفظ هٽ ڪيا، ته ان ۾ کوبه اهر کونهي- خود کانئس به ته هين هولين کيترا لفظ کنيا آهن! پر، هيءُ ته نيٺ به شانائتي ڳالهه نه چئبي جو پنهنجي هڙ ۾ موڙيءَ هوندي به

ڪشتو ڪٿي ٻين جي دران پڻ ڪبي وتجي! اسان کي يقين آهي ته جيڪڏهن اسان جا شاعر ۽ اديب پنهنجي ٻوليءَ جي اصلي خزانن کي جاچيندا، سندس اوائلي ادب جو پورو مطالعو ڪندا، پنهنجن اڳين شاعرن ۽ اديبن جي لافاني تخليقن کي پنهنجي لاءِ مشعل راهه بنائيندا، ۽ وڏي ڳالهه ته پنهنجي ٻوليءَ جي سدا حيات، عظيم ۽ اڪٽ سرچشمن يعني پنهنجي سنڌي عوام سان پنهنجا جيئرا جاڳندا ۽ قريبي ناتا قائم رکندا، ته پو هو ڏسندا ته نازڪ کان نازڪ جذبن، لطيف کان لطيف امنگن ۽ مشڪل کان مشڪل خيالن کي بيان ڪرڻ لاءِ به سندن ٻوليءَ ۾ لفظن جي ڪا اٽاٽ ڪانهي.

"نج" سنڌي لفظ:

نج سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ڪرڻ جي صلاح ٻڌي، ڪن دوستن کي چرچو سُجهي ايندو آهي، ۽ وينا تاڙيندا آهن ته صلاح ڏيندڙ حضرت ڪٿي کو ڏاريئن ٻوليءَ جو لفظ ڪر آڻي ته کو مزو لڳي! ظاهر آهي ته هيءُ طعنيبازي ۽ هڪ ٻئي کي شهه ڏيڻ واري هيءَ روش درست نٿي سَڏي سگهجي. مطلب هي هرگز نه آهي ته سمورا ڏاريا لفظ ٻوليءَ مان چونڊي چپوٽي، هڪ هڪ ڪري، ٻاهر ڦٽا ڪري ڇڏجن! دنيا جي ڪابه ٻولي جيڪڏهن اهڙيءَ ريت پنهنجي "اصل نسل"، ۽ "خالص خاندان" جي رُڄ پڻيان ڊوڙندي، ته آخر ۾ سواءِ، سيڃاڻپ کان ئي نڪري ويڃ، يا بنهه ختر ٿي ويڃ جي ان لاءِ ٻيو ڪو مستقبل ئي نه رهندو! تنهنڪري، سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا جيڪي لفظ داخل ٿي چڪا آهن، نه فقط اُهي جيئن جو تيئن ان ۾ هميشه موجود رهندا، پر آئنده پڻ اسان جي ٻولي اهڙيءَ ريت ڏارين ٻولين سان لفظن، اصطلاحن، ۽ بيان ۽ فڪر جي طريقن جي ڏي – وٺ ڪندي ئي رهندي. ٻولي جي "نج" استعمال مان، جيئن مٿي اڳي ئي عرض ڪري آيا آهيون، مراد فقط هيءَ آهي ته هڪڙو ته پنهنجي هوندي سونديءَ ٻين جي اڳيان هٽ نه تنگيو وڃي، ۽ ٻيو ته جڏهن ضرورت آهر ڏارين کان امداد حاصل ڪئي وڃي، تڏهن اُن امداد سان گڏ ڏارين جي غلاميءَ جا ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ نه وِڌا وڃن. ٻولين جو اصول آهي ته ڏارين ٻولين جا لفظ هو هميشه شرطن تي پاڻ وٽ قبول ڪنديون آهن، ۽ خاص پنهنجن طبيعتن پٽاندر ئي اهڙن ڏارين لفظن کي هو پاڻ وٽ کپائينديون آهن. هرڪا ٻولي جڏهن به ڪو ٻاهران لفظ هٽ ڪندي آهي، تڏهن ان لفظ جو استعمال هوءَ پنهنجي قاعدي قانون موجب ڪندي آهي- صورتخطيءَ ۾، اُچار ۾، لهجي ۾، گرامر جي صورتن ۾ ان لفظ تي حڪومت نئين ٻوليءَ جي هلندي آهي. لسانيات يا ٻاشا وگيان جو اهو هڪ بنيادي اصول آهي، جيڪو اسان جي سنڌيءَ سان به ايترو ئي لاڳو آهي جيترو دنيا جي ٻين سيني ٻولين سان: تنهنڪري جيڪڏهن ڪو فارسي، عربي، انگريزي يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جو فدائي اسان کي چوندو ته هِنَ يا هُن ٻوليءَ جا لفظ سنڌيءَ ٻولي فقط تڏهن حاصل ڪري ٿي سگهي جڏهن انهيءَ ٻوليءَ جا قاعدا ۽ دستور پڻ انهن لفظن مان گڏ پنهنجي مٽان عائد ڪري، ته اسين انهيءَ حضرت کي چونداسين ته "جيڪڏهن تنهنجي ٻوليءَ جا لفظ اسان کي فقط انهن ئي شرطن تي ملڻا آهن ته پوءِ 'اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني'- اسان کي انهن شرطن تي اُهي لفظ بنهه ڪپن ئي ڪونہ!"... ته، "نج" سنڌي لفظن ۾ اُهي لفظ، ويندي خالص علمي اصطلاحن تائين، پڻ اڇي ويڃ ٽا، جن کي سنڌي ٻولي پنهنجي مُهر هٽي پنهنجو بنائي ٿي ڇڏي- پوءِ اهي لفظ ۽ اصطلاح ڪٿي ڪهڙيءَ به ٻيءَ ٻوليءَ جا هجن! اسان کي يقين آهي ته اسان جي محترم شاعرن ۽ اديبن کي "نج" سنڌي لفظن جي انهيءَ دائري ۾ جنهن جي وصف مٿي عرض ڪري چڪا آهيون، پنهنجي هر ادبي ۽ علمي ضرورتن لاءِ، گهرج سارو لفظ هر وقت موجود ملندا.

سنڌي ڪافيءَ غزل:

اسان جي ادب ۾ هينئر هڪ ٻيو بہ تحرڪ زور وٺي رهيو آهي تہ "غزل" کي چڏي، ڪافين ۽ بيتن تي ڌيان ڏجي. اسان جي شعري ادب ۾ غزل جو هجڻ ڪا خراب ڳالهہ نہ آهي؛ پر غزل جنهن ماحول جي ترجماني ٿو ڪري، اهو ماحول اسان جي سنڌ ۾ بلڪل ڪينهي. غزل جاگيرداري دور جي پيداوار آهي- جڏهن وڏا وڏا نواب ۽ جاگيردار پنهنجي درٻارين ۾ غزلن کي اهميت ڏيندا هئا، محفلون مچنديون هيون، شمعون ٻرنديون هيون، ساقي جام پُر ڪري، ڏيندا هئا، ۽ شاعر مست ٿي، غزل چيڙيندا هئا! غزل، عشق و محبت جي هڪ خاص ماحول جي نشاني آهي. اهو ماحول ايران ۽ هندستان جي بادشاهن ۽ جاگيردارن جي درٻارين ۽ انهن سان لاڳاپيل دنيا ۾ ئي موجود هوندو هو. اسان جي سڳوري سنڌ ۾ نہ آهن اهي جام ۽ ساقيءَ جا خرافات، جن ۾ سهڻيون نينگريون ۽ ڳيرو نينگر شاعرن کي جام ڀري "ساقيءَ" جا فرض ادا ڪن، نہ اهي بلبليون آهن جي گلن جي چوگرد پنهنجا پَرَ چاٽيندیون وتن؛ نہ آهن اهي سرو ۽ صنوبر جا وڻ جن سان محبوب جي قد کي تشبيهہ ڏجي، نہ اهي "بت خانا" آهن، جتي سلامي ٻرڻ ۽ ڪُرنشون ڪرڻ لاءِ شاعر وڃي حاضريون ڀرين- ۽ حسن جي حضور ۾ رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ دربانن جي خوشامد ۽ دلجوئي ڪين ڪرٽي پوي!

انهن سيني ڳالهين هوندي بہ، هن ۾ تہ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ "غزل" جي صنف اڄ اسان جي سنڌي ادب ۾ نهايت پائدار جڳهہ والاري بيٺي آهي. ائين تہ "گيت" بہ تہ اسان جي زبان جو ڪونهي! اسان جي شعري ادب ۾ اصل تہ رڳو بيت، ڏوڑ، وائيون ۽ ڪافيون ئي آهن. انهيءَ ڪري هين صنفن کي ڏڪاري چڏڻ بہ ڪو صحيح قدم نہ آهي- پاڻ جيترو ٿي سگهي اوترو هين مشهور زبانن جي ادبي صنفن کي پنهنجي هوليءَ ۾ آڻجي تہ ڇڪو. پر اهو ضروري آهي تہ انهن کي پنهنجي ئي رنگ ۾ رنگي چڏجي. غزل، عشقيہ شاعريءَ جو هڪ جزو آهي. عشق تہ هڪ پوتر امنگ ۽ پاڪيزہ جذبو آهي، ۽ اسين بہ عشق جي رنگينين ۽ دلچسپين کي محسوس ڪريون ٿا، اسان ۾ بہ اهي پوتر امنگ ۽ پاڪيزہ جذبا موجود آهن: پر انهن جذبن جي ترجماني سنڌي ماحول اندر ئي نهي ٿي. اهو ماحول، ڪو ايراني يا لکنوي ماحول ڪان گهٽ ميناج وارو ۽ گهٽ سهڻو نہ آهي. انهيءَ ڪري غزل کي اسين سنڌي جامو پهرايون تہ پوءِ غزل بہ اسان جي ادب ۾ هڪ سهڻو اضافو ٿيندو- پر جيڪڏهن اسين پنهنجا امنگ ۽ جذبا ڏاڙئين ماحول ۾ بيان ڪنداسين، ساقي، جام، بلبل، نرگس ۽ لالہ، عنقا ۽ ڪوهہ قاف، خطن ۽ زلف پيچان جي پڇرن ۾ پنهنجي عشق ۽ محبت کي بند ڪنداسين، تہ اهو غزل تہ ڪونہ ٿيندو؛ البت "گونزل" ضرور ٿيندو. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ: "ادا، تون گَونزل پيو هڻين. "گَونزل!"- يعني "اجائي لٻاڙ ۽ ٻڪاڪ پيو هڻين!"- سو اسان جا غزل بہ شيراز ۽ لکنوءَ جي ماحول ۾ بيان ٿيندا تہ اهي بہ "گَونزل" ئي ثابت ٿيندا. انهيءَ ڪري، اسان جي شاعرن کي گهرجي تہ هو پنهنجي ئي نظارن ۽ پنهنجي ئي ماحول ۾ پنهنجي ئي هوليءَ ۾ غزل خواني ڪن. غزل جي صنف ۾ جيڪي نوان تجربا خود فارسيءَ ۽ اردو هولين ۾ ٿي رهيا آهن، انهن کي سامهون رکي پاڻ بہ اهي، ڏلها وصال ۽ فراق جا پراڻا قصا بند ڪري، نوان خيال ۽ نوان فڪر غزل جي معرفت پيش ڪن ٿا. هوليءَ جي لحاظ ڪان بہ غزل جي انهن ڏارين بندشن ڪان اسان جي شاعرن کي پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيڪي پنهنجي هوليءَکي سنوارڻ جي بجاءِ بگاڙين ٿيون- مثلاً: اضافت ۽ واو عطفيءَ جون بيجا ترڪيبون، نون غُني جو اجايو استعمال، ۽ خود پنهنجي هوليءَ جي ساڪن حرفن کي متحرڪ ۽

متحرڪ حرفن کي ساڪن ڪري لکڻ، ۽ لفظن جي نحوي صورتن کي بدلائي، خود سڌن سنون لفظن کي به چڪي تاڻي غزل جي وزنن ۾ پورو بيهارڻ- اهي ۽ ٻيون جيڪي به اهڙيون ڪوششون ٿيندیون، سي ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي صحت کي ڪاپاري ڏڪ هٽندیون. انهيءَ ڪري اسان جي غزل گو شاعرن کي التجا آهي ته هو سمورين ڳالهين کان سڌي ادب کي بچائين ۽ اهڙيءَ طرح خالص سڌي غزل جي نئين صنف سان پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي سينگارڻ جي ڪوشش ڪن.

سڌيءَ جي شعري ادب ۾ "ڪافيءَ" جو هڪ ٻئي سان جسر ۽ جان جو ڳانڍاپو آهي. اڇڪلهه ته خود شهري اديبن ۽ شهري پڙهندڙن وٽ به ڪافيءَ جي مقبوليت عام ٿيندي پيئي وڃي. ڪافيءَ ۾ اها عام دلچسپي اسان جي ادب لاءِ نيڪ فال ثابت ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته جڏهن به ڪنهن ٻوليءَ جي ادب ۾ هڪ نئين سڃاڪي ۽ نئون تحرڪ پيدا ٿيو آهي ته ان جي شروعات هميشه سندس اصل کي اجاگر ڪرڻ سان ئي ٿي آهي. ڪافي، انساني عشق ۽ محبت جي امنگن جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي. البت اسان وٽ اُن "مجازي" عشق جي موڙ وٽان ڪافيءَ کي هميشه تصوف ۽ "عشق حقيقيءَ" جي ناپيد ۽ غيبائتين منزلن ڏانهن نيو ويندو آهي. خود مجازي عشق جا داستان به اسان وٽ مخصوص بڌجي رهجي ويا آهن. انهن پنهنجن خالص سڌي رومانوي داستانن جي سورمين جي زباني، عشق محبت جون وارداتون بيان ڪرڻ ۽ تصوف جا مسئلا سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ ۾ مبارڪ ڪر آهي، ڀر ڪجهه ته ڪافي چوندڙ شاعرن کي به نئين زماني جو ساڻ ڏيڻ گهرجي! اڄ ٻين ٻولين جو ادب نين نين ڳالهين کي پنهنجي شعري ادب ۾ سموئي رهيو آهي. فارسي ۽ اردوءَ جو غزل به پراڻو رنگ ڇڏي، نئين ماحول ۾ نئون رنگ ڍنگ اختيار ڪري رهيو آهي، ۽ نون قدرن کي پنهنجو ڪري رهيو آهي. اسان جي ڪافي اڃا تائين انهيءَ ئي پراڻي ڍنگ ۾، "مجازي" ۽ "حقيقي" عشق جي تمثيل ۾ گر آهي- ساڳيا خيال، ساڳيا لفظ ڦريو گهريو پيا سامهون اچن- وقت جي تقاضا اها آهي ته اسان جا ڪافي گو شاعر به پراڻن پيچرن کي ڇڏي، نيون راهون سوجهين. پراڻن موضوعن سان گڏوگڏ ڪجهه نوان موضوع به قبول ڪري سگهجن ٿا. ڪافيءَ لاءِ نئين شاعراڻي ماحول تجويز ڪرڻ سان، اسان جا ڪافي گو شاعر، سڌي زبان جي ادب تي هڪ عظيم احسان ڪري سگهن ٿا.

اسان جون اميدون ۽ ارادا:

"مهراڻ" جو هي چوٿون پرچو پرهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هن پرچي سان "مهراڻ" جي نيئن دور جو پهريون سال پورو ٿيو. اميد ته پهرين ٽن پرچن وانگر، هي پرچو به اسان جي پيارن پڙهندڙن کي پسند ايندو. نئين سال ۾، گذريل سال جي اوٽاين ۽ آزمودن جي روشنيءَ ۾، ارادو آهي ته اڳي کان به وڌيڪ ڪجهه "مهراڻ" معرفت پنهنجي پڙهندڙن کي ڏيون. اسان کي يقين آهي ته سندن نيڪ تمنائون ۽ دلي دعائون اسان ساڻ آهن. وڌيڪ پروسو اٽڪون ته جيئن گذريل سال ۾ سڌ ۽ هند جي اديبن ۽ شاعرن پنهنجا لک لاڪ ۽ انيڪ احسان ڪري ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ ۾ اسان سان ساڻ ڏنو، تيئن نيئن سال ۾ به انهيءَ نيڪ ڪر ۾ اسان سان ساڻ ڏيندا!

ـ م.ا.ج

(مهراڻ سيارو 1955ع تان ڪنيل)

گذارش

"مهراڻ"، سنڌي ادب ۾، جنهن معياري مقام جو رسالو آهي، اهو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. سنڌي ادب ۾، "مهراڻ" جو پنهنجو خاص رنگ رهيو آهي. "مهراڻ" جي مسلسل مطالع ڪندڙ اهل علم دوست چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته رسالي ۾ علمي، ادبي، فني، لغوي، مضمون نهايت تحقيق ۽ محنت سان لکيل ئي شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس پهرئين دور ۾ علامہ دائودپوٽہ، جناب عثمان علي صاحب انصاري، پير حسام الدين راشدي، پير علي محمد راشدي، حڪيم مرحوم فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم احمد چاڱلا، مرحوم مولانا دين محمد وفائي، آنجهاني پيرومل مهرچند، آنجهاني ڇينمل پرسرام، آنجهاني لالچند امرڏنومل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد خان غني، مستر لطف الله بدوي، مرحوم مخدوم محمد صالح پٽي، شيخ مبارڪ "اياز"، حاجي محمود "خادم"، حافظ محمد احسن، عبدالڪريم سنديلو، گل حسن ڪربلائي، آنجهاني ڪشنچند "بيوس"، جهامنداس پاٽيا، مولانا عبدالڪريم، سائينداد سولنگي، مرحوم محمد بخش "واصف"، مرحوم قادر بخش "بشير"، مرحوم جمعہ خان "غريب"، مرحوم غلام احمد "نظامي"، مرحوم فقير غلام سرور "مسرور"، آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي، مستر ليکراج ڪشنچند "عزيز"، پروفيسر ايريو.ملڪاڻي، پروفيسر پميااڻي، آنجهاني سوپراج نرملداس، پرسرام "ضيا"، ڪيئلداس "فاني"، وغيره، مهراڻ جا خاص ليکڪ آهن، جن جا علمي، ادبي، اصلاحي، لغوي ۽ فني، افسانا، ۽ مضمون گذريل پرچن ۾ محفوظ آهن، ۽ اهو هڪ بهترين معياري علمي ذخيرو آهي.

اها به هڪ مسرت انگيز حقيقت آهي ته "مهراڻ" جي ان معياري ۽ بلند پايہ ادبي حيثيت کي، بمبئي يونيورسٽيءَ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ارباب بست و ڪشاد به تسليم ڪيو، ۽ بي.اي ۽ ايم.اي جي شاگردن لاءِ ان جي مطالع جي سفارش ڪئي.

'مهراڻ' جا جهونا پرچا اڄ تائين ڇڻ ته نوان آهن. ڪيئي اهل ذوق دوست هن نايابَ علمي خزاني کي هٿ ڪرڻ لاءِ طلب ڪندا رهن ٿا، ۽ اسان حتي المقدور سندن ان علمي جذبي جو احترام ڪندي، کين پرچا موڪليندا رهون ٿا.

"مهراڻ" مارچ 1946ع ۾ جاري ٿيو، ۽ 1946ع ۽ 1947ع وارا ٻہ سال، باقاعدي شايع ٿيندو رهيو، تان جو 1948ع ۾، جنوري کان جون تائين گڏيل پرچو نڪتو. اهو پرچو گويا "مهراڻ" جي پهرئين دور جي پڄاڻي ثابت ٿيو، ۽ اڄ تائين "مهراڻ" وري نہ نڪتو.

"مهراڻ" جي ان پهرئين دور ۾، ايڈيٽوريل بورڊ تي هي صاحب هئا. جناب عثمان علي انصاري صاحب چيئرمن، مولوي مرحوم دين محمد وفائي چيف ايڈيٽر، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ميمبر، ۽ آنجهاني لالچند امرڏنومل جڪتياڻي مئنيجنگ ايڈيٽر "مهراڻ"، هن وقت، ٻئي دور ۾ قلم رکيو آهي. اڄ دنيا ٻي آهي ۽ ماحول ٻيو آهي. مهرڻ جي پهرئين دور واري سنڌ، ۽ هن موجوده سنڌ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن. لساني، ۽ سياسي، معاشرتي ۽ معاشي طور، پنهنجو وطن نهايت اهر ۽ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. ادبي مقتضيات ۽ ماحول جي اثرات کان ڪنهن به چشم پوشي ڪري نہ ٿي سگهجي. سنڌي ادب ۽ ثقافت جي خدمت ۽ حفاظت لاءِ جوڳا اپاءَ سوچڻ گهرجن، ۽ سنڌي زبان کي زندهہ ۽ پاينده زبانن جي ڪڙيءَ تي رسائڻ لاءِ ڪر ڪجي. 'مهراڻ' جا اڳيان ليکڪ کي حال حيات آهن، ته کي خلد آشيان ۽ سرگواس ٿي چڪا آهن. مستر پيرومل مهرچند، لالچند

امرڏنومل، چيلمل پرسرام جهڙا اديب، تقسيم کان پوءِ، جئن سنڌ ڇڏي ويا، تيئن وري نه وريا، بلڪ هن فاني دنيا کان منهن موڙي، وڃي عالم جاوداني ۾ پهتا. ان طرح مسلمانن مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي، سيٺ احمد چاڪلا، مرحوم غلام محمد شاهواڻي، مرحوم محمد بخش واصف، مرحوم غلام احمد نظامي، مخدوم محمد صالح پٽي، فقير غلام علي مسرور، مرحوم قادربخش بشير، مرحوم علي خان ابڙو، مرحوم جمع خان غريب، مرحوم شيخ [illegible] حافظ عبدالله بسمل اسان کان موڪلائي ويا آهن، الله انهن کي مرهي، ۽ اسان کي انهن سيني جو نعم البدل عطا ڪري، ۽ اسان کي انهن وانگر، سنڌي ادب ۽ تهذيب جي خدمت جي قوت عطا فرمائي.

'مهراڻ' جي هن ٻئي دور لاءِ علمي ۽ ادبي ۽ معيار مضمونن، افسانن ۽ ڪلام کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏي وئي آهي، ان ۾ ڪيتري قدر ڪاميابي حاصل ٿي آهي، ان جو ناظرين ڪرام پاڻ اندازو فرمائين ته بهتر. اميد ته اها آهي ته 'مهراڻ' اهل ذوق حضرات کي پسند ايندو.

اڄ هر قوم پنهنجي ادب ۽ ثقافت جي حفاظت ۽ اشاعت لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. اهڙي دور ۾ سنڌي قوم تي فرض آهي ته هو پنهنجي ادب ۽ تهذيب، تاريخ ۽ ثقافت جي خدمت ۽ اشاعت لاءِ ڪمربسته ٿئي. هن وقت، سنڌ ۾، جمعيت الشعراءِ سنڌ، روح ادب سنڌ، بزم نظامي ڪراچي، محفل احباب ڪراچي، بزم بلبل ميهڙ، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي، سنڌ سيڪاڻ سوسائٽي ڪراچي، سنڌي ادبي انجمن حيدرآباد سنڌ، انجمن علم و ادب هالا، بزم بسمل ٽنبومحمد خان، مغل پبليڪيشنز شڪارپور، حبيب پبلشنگ هائوس سکر، دارالاشاعت اسلاميه حيدرآباد سنڌ، اداره انسانيت- حيدرآباد سنڌ، ۽ ٻيا ادارا علمي ۽ ادبي خدمت ۾ مشغول آهن، انهن ادارن جي پاران وقت بوقت سالياڻيون ادبي ڪانفرنسون ٿين ٿيون ۽ ماهيانه ميڙ، ۽ مشاعرا، منعقد ٿيندا رهن ٿا، ۽ انهن کان سواءِ منجهائن ڪن جا ماهنما ۽ معياري علمي ۽ ادبي ڪتاب به شايع ٿيندا رهن ٿا.

انهن سيني علمي ادارن ۽ سنڌن ڪارپردازن جي علم دوستيءَ ۽ ادب نوازيءَ ۾ اسان کي وڏيون اميدون آهن، ۽ يقين اٿئون، ته سنڌن قلمي تعاون ۽ ٻي هر ڪا مناسب سرپرستي، هميشه "مهراڻ" کي حاصل رهندي. جن صاحبن جا مضمون، ۽ ڪلام "مهراڻ" جي هن اشاعت ۾ شايع ڪري چڪا آهيون، اميد آهي، ته اهي صاحب آئينده به معياري، ۽ بلندپايه مضمونن، ۽ ڪلام موڪلڻ سان اسان جي همت افزائي ڪندا ايندا.

اسان هت خاص طور سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ ۽ سنڌن جوان همت ۽ زنده دل نوجوان شاگردن جا ممنون آهيون، جن "سنگت" جي انعامي مقابلي ۾ آيل افسانا، "مهراڻ" ۾ شايع ڪرڻ لاءِ موڪليا آهن. اها به خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو هي اسان جا نونهال، ۽ مستقبل جا اڏيندڙ، علمي ۽ ادبي، فني ۽ تهذيبي ضرورتن کان غافل نه آهن. سنڌي ادبي سنگت، سنڌي زبان جي قديم ادب، ۽ تهذيبي روايتن کي محفوظ رکڻ لاءِ، منظم ڪم ڪري رهي آهي؛ ۽ سنڌن مقصدن ۾ نهايت اهم چيزون آهن، ادبي ميڙ ڪرڻ، ادبي مقابلا ڪرڻ، ٻين زبانن جي معياري ڪتابن جا ترجما ڪرڻ، ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ادب کي عوام تائين پهچائڻ. سنڌي ادبي سنگت هن وقت تائين باقاعدي ڪئين ادبي ميڙ ۽ مشاعرا ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ ادبي مقالا، ڪهاڻيون، ۽ ڪلام پڙهيو ويو آهي. ان کان سواءِ مشهور

اديبن مان آنجهاني لالچند امرڈنومل جڳتياڻي، ۽ مرحوم مرزا قليچ بيگ جون ورسيون به ملهائي چڪا آهن، ۽ خاص طور "سچل سرمست" جي ورسي نهايت ڏوم ڏام سان ملهائي، هڪ معياري ننڍڙو ڪتاب "سچل سائين" ورهائي، هڪ عمدو ادبي مثال قائم ڪيو اٿن. "مهراڻ" جي هن اشاعت ۾ "سنگت" جي سنڌي مختصر ڪهاڻين جي مقابلي جون پهريون چار انعام ڪٽندڙ ڪهاڻيون- "شاهه جو ڦر"، "اُتر ڍاهي ان جا تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن"، " امان آءٌ اسڪول ڪونہ ويندس" ۽ "سيما" شايع ٿي رهيون آهن، ان لاءِ، اسان "سنگت" جي ڪارپردازن جو دلي شڪريو ادا ٿا ڪريون. ۽ انهن سڀني ادبي جماعتن ۽ اديبن جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن پنهنجا علمي ۽ ادبي مضمون ۽ شعر اسان ڏانهن موڪليا آهن.

انهن فنڪار ۽ اديب حضرات سان معذرت خواه آهيون، جن جا مضمون ۽ ڪلام صفحن جي تنگيءَ سبب يا "مهراڻ" جي معيار کي خيال ۾ رکندي هن شماري ۾ شايع ٿي نہ سگهيا آهن، ان لاءِ اسان کي سخت افسوس آهي. اميد آهي تہ منجهائن کي مضمون ايندڙ پرچي ۾ شايع ڪيا ويندا.

سنڌ جي سڀني علمي ۽ ادبي ادارن، ۽ مصنفن ۽ ڪتب فروش صاحبن کي ايتري گذارش ڪرڻ مناسب ٿا سمجهون، تہ هو مهرباني ڪري پنهنجي شايع ٿيندڙ ڪتابن جون ٻہ ٻہ ڪاپيون اسان کي موڪلين، جيئن سندن تعارف، سنڌيءَ جي علمي دنيا سان، "مهراڻ" جي وسيلي ڪرايو وڃي. اهو به خيال آهي، تہ هر پرچي ۾، ٽن ٽن مهينن ۾ شايع ٿيل سنڌي ڪتابن جي مڪمل لسٽ، تبصري سميت؛ شايع ڪندا رهون، جيئن سنڌي ادب جي ڇپيل ڪتابن جو معياري طور تعارف ٿي سگهي.

"مهراڻ" جو اصل نالو، جناب شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جن ٿي تجويز فرمايو هو "مهراڻ" جو هي نئون دور پڻ جناب ڊاڪٽر صاحب مدظلہ جن جي ٿي سنيهي ۽ دعا سان شروع ٿي رهيو آهي.

"الحمدلله، جو "مهراڻ" وري مس مس منهن ڏيڻ، دعا آهي تہ پنهنجي نئين جنر ۾ خوب وڌي ويجهي، ۽ سانوڻ جي سماءَ وانگر نڪون ڏيئي نوڙيين وهي، جيئن سڀ ڪوڇڙيون ڪسيون، واهہ ۽ نياڻ منجهس مدغر ٿي وڃن!

اندر رهي نہ گهٽ، سپيريان جي ڳالهڙي،
چا ڳر سهي نہ سٽ، جہ "مهراڻ، موج کي!

ڪهڙو نہ منو نالو! ڏريان ٿي ڏريل درويشن جو، شل سنڌي ساهت جي معياري خدمت ڪري، ۽ دائر ۽ قائم رهي. آمين!" - اداره

(مهراڻ سرءُ 1955ع تان ڪنيل)

ٻوليءَ جو بچاءُ

سڀريل ۽ سجاڳ قومون هميشہ پنهنجي ٻوليءَ کي صاف، سليس ۽ صحيح صورت ۾ قائم رکڻ جي کوشش ڪنديون آهن. ڪا بہ اهڙي قوم دنيا ۾ ڪا نہ ٿي رهي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ، گرامر يا محاوري جي ڪنهن غلط يا مناسب استعمال کي قبولي سگهي يا سهي سگهي. ڪابہ اهڙي قوم ڪٿي ڪا نہ لهندي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي ڪنهن سهڻي ۽ سولي لفظ کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظ کي ڪم آڻڻ ۾ خوش ٿئي يا فخر ڪري. علمي ۽ فني ضرورتن جي خيالن کان، ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪرڻا پون ٿا، پر اهڙا لفظ هر ڪا ٻولي پنهنجي گرامر جي اصولن موجب بنهہ پنهنجا بڻائي پوءِ پاڻ وٽ رکي ٿي.

سنڌي قوم پڻ گهڻي وقت کان پنهنجي وطن جي آزاديءَ، سالميت ۽ خوشحاليءَ جي جدوجهد سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ کي انهيءَ ريت صاف، سليس ۽ صحتمند رکڻ لاءِ پنهنجي وس آهر پرپور کوشش ۾ رڌل رهي آهي. سنڌي ٻولي گذريل ڪيترين صدين کان هڪ نہ ٻيءَ حڪمران ٻوليءَ جي تهذيبي دٻاءَ هيٺ رهندي پئي آئي آهي ۽ هن وقت پڻ ساڳيءَ طرح اهڙي ئي هڪ دٻاءَ هيٺ آيل آهي. عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جي تهذيبي آڪرائيءَ جا اثر، سنڌيءَ ۾ اڄ بہ گهڻيءَ حد تائين موجود ڏسي سگهجن ٿا. اڙدوءَ جو حڪمراني درجو پڻ ساڳيءَ ريت بلڪ وڌيڪ اگريءَ حد تائين، اڄ سنڌيءَ تي پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي. اڙدو پريس، ريڊيو، ٽيليويزن، سئنيما، اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم ۽ عام ڪتاب ۽ انهن سان گڏ اڙدوءَ جي قومي درجي جو تاب ۽ زور سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏو خطرو ثابت ٿي رهيا آهن. اهو سنڌيءَ جي اديبن، شاعرن، صحافين، استادن ۽ ٻين عام پڙهيل ماڻهن جو فرض آهي تہ هو پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪن ۽ ان جي ڍال بنجي، ان جي صحت، سادگيءَ، اصليت ۽ افاديت کي قائم رکن.

وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي، جو اڄ اسان جي ٻولي اسان جن پنهنجن ئي هٿن سان بگڙي ۽ ڪمزور ٿي رهي آهي. هن ڳالهہ ۾ اسان کي خود اڙدوءَ جي تاريخ مان سبق ونڊڻ گهرجي. اڙدو ٻولي اصل ۾ تہ هندي ٻولي ئي آهي، پر ان ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي لفظن جي ايتري تہ پرتي ڪئي وئي، جو هوءَ پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي، ٻولي ئي ٻي ٿي پيئي. ايتري تائين، جو اُها عام جي سمجهہ کان نڪري ۽ ڪائنہ بنهہ الڳ ٿي، رڳو ٿورن اميرن جي محلن ۽ حاڪمن جي درٻارين جي ٻولي بنجي ويئي. پنهنجي اصليت ۽ شانُ وڃائڻ کان پوءِ اها ساڳي ٻولي هاڻي منهن مٽي پٽڻ، جهيڙي ڪرڻ ۽ وات هٽڻ ۾ ئي پوري آهي. اها سڃي ويڙن هن ٻوليءَ سان ڪيئن ٿي؟ رڳو هن طرح، جو ان ۾ بنهہ ٿورا ڪي اصلوڪا لفظ (ضمير، فعل ۽ حرف جر) جيئن جا تيئن ڇڏي، اسر، صفتون، ظرف، حرف جملا وغيره عربيءَ ۽ فارسيءَ جا ايترا تہ گهڻا آندا ويا، جو هوءَ سچاڻپ کان ئي چڙهي ويئي ۽ بدلجي بنهہ هڪ نئين ٻولي ٿي پئي. اڄ ڪيترين سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ اڙدوءَ جي اثر ۾ ورتل لکيتن کي ڏسي، ۽ ريڊيو تان توڙي جلسن ۾ شهري ۽ عام پڙهيل ماڻهن جون اهڙي ئي نوع واريون تقريرون ٻڌندي، پنهنجي ٻوليءَ سان پڻ اهڙي ئي ڪنهن حشر ٿيڻ جو ڊپ وڻي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر داؤد پوٽي مرحوم هڪ پيري سنڌيءَ ۽ اڙدوءَ کي پيٽيندي، ڏاڍي پروسي سان چيو هو تہ "اڙدوءَ ۾ "دل" مذڪر ۽ "ڪتاب" مونث آهي، جنهن جو ڪو بہ منطق ڪونهي، ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي ابتو "دل" مونث ۽ "ڪتاب" مذڪر آهي، پر افسوس، جو تازو مون هڪ نامياريءَ روزانيءَ سنڌي اخبار ۾ اڙدوءَ وانگر

"کتاب" کي مونث ۽ "دل" کي مذکر جي صيغي ۾ ڪر آندل پڙهيو! اهڙيءَ ريت "توجُهُ"، "دليلُ"، "تاکيدُ"، "اُمنگُ"، "نظرُ"، "فريادُ"، "داد" ۽ ٻيا ڪيئي لفظ، جي پڙي پٽ اسان وٽ مذکر آهن، پر اڄ اسان جي ڪن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ مونث وانگر ٻيا لکجن، ۽ هوڏانهن، مثال طور، لفظ "ستيا" کي مذکر وانگر ڪر آندو ٻيو وڃي. "ستيا ناس ٿي ويو!" ۽ ائين، اڙدوءَ جي اثر هيٺ، ڪيترائي اسان جا لفظ مذکر بدران مونث ۽ مونث بدران مذکر ۾ ڪر ايندا رهن ٿا ۽ اسان جي ٻوليءَ کي بنيادي ڏک لڳندو رهي ٿو.

ڪيترائي فارسيءَ ۽ عربيءَ جا لفظ آهن، جيڪي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ بنهه ٻيءَ معنيٰ ۾ قبوليا آهن جيئن لفظ "تمام" آهي. هيءُ لفظ اڙدو ۾ "سڀ، سيئي يا سيني" جي معنيٰ ۾ صفت طور، ڪر اچي ٿو ۽ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ظرف طور، ان جي معنيٰ "ڏاڍو، ڏاڍا" جيئن "تمام چگو، تمام سٺا" وغيره آهي. پر اڄ اسان جا ڪيئي لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ صاحب پنهنجا سٺا ۽ سولا صفاتي لفظ "سڀ، سمورا، مڙيئي، هڙئي" ۽ انهن جو ستو سنواڻو استعمال ڇڏي، لکندا ۽ چوندا وتن: "تمام پئسا خرچ ٿي ويا! تمام ميڙ مري ويا! تمام هو هيئن ٿي ويو ۽ تمام هيءُ هونئن ٿي ويو! انهيءَ نموني جو هڪ لفظ "منصوبو" ٻه آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ "سازش" جي مطلب سان ڪر اچي ٿو. پر ان کي اسان جا اڙدوءَ جي وٽ ۾ آيل ڪيترائي ليکڪ "رٽ" يا "رٽا" جي معنيٰ ۾ ڪر آڻيندا رهن ٿا. ساڳئي حالت ٻين ڪيترن اهڙن لفظن، جيئن ته "هلاڪ يا هلاک" ۽ "اتفاق" جي آهي. "هلاڪ" سنڌيءَ ۾ "ڪک، تنگ يا بيزار" جي معنيٰ ۾، "اتفاق"، "حادثي يا واقعي" جي معنيٰ ۾، ڪر اچن ٿا. پر اردوءَ جي پيروي ڪندي، اڄ اسان جا ڪيترائي ليکڪ هنن لفظن کي "مرڻ" ۽ "ٻڌيءَ" جي معنيٰ ۾ پيا لکن جيئن: "هڪ ڏک سان ست مڪيون هلاڪ ٿي ويون! اتفاق سان سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿو!" هاڻي، جي انهن جملن ۾ "هلاڪ ٿي ويون" بدران لکجي "مري ويون" ۽ "اتفاق" بدران "ٻڌي" لکجي، ته اهي ڪيڏا نه سمجهه پريا ۽ وٺندڙ جملا ٿي پون!

سنڌيءَ ۾ حرف جملي يا ظرف جا لفظ اهڙا ته سهٽا ۽ سٺا موجود آهن، جو انهن کي ڇڏي فارسيءَ يا عربيءَ جا ساڳيءَ معنيٰ جا لفظ ڪر آڻڻ نه رڳو ضروري نه آهن، پر پاڻ سان ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان وڏي جُٺ ڪرڻي آهي: مثال

جي، جيڪڏهن بدران اگر ۽ جيتوڻيڪ بدران اگرچه

پر بدران ليڪن يا مگر
تنهن، ان، اُن- ڪري بدران لهذا
تنهن، اُن، اُن- ڪان سواءِ بدران ازان سواءِ
تنهن، اِن، اُن- وچ ۾ بدران درين
ان هوندي به بدران باوجود يڪ
چا به هجي، هر حال ۾ بدران بهر صورت، بهرحال سچ پچ يا سچي پچي بدران في الحقيقت، حقيقتاً، في الواقع
ابتڙ بدران برعڪس، خلاف
ڌار ڌار، الڳ الڳ، جدا جدا بدران مختلف
تان جو بدران حتيٰ ڪ
متان بدران مبادا
تنهن، اِن، اُن- هوندي به بدران به اين هر اُنهيءَ ڪري بدران بنا برين، چنانچه
چاڪاڻ ته بدران چونڪ
نه ته بدران ورنه
ٻيءَ صورت ۾ بدران به صورت ديگر
الڳ، ڌار بدران علحده
ڌار بدران علاوه
پوءِ بدران بعد
هيٺ بدران زير، تحت
ويٺ بدران مقابلو
رڳو بدران محض، صرف
گهمرو، ڦيرو بدران دفعو
ته به، تڏهن به بدران تاهم

حيدرآباد جي ريڊيو تان، هر روز "جمهوري جو آواز" ٻڌايو وڃي ٿو. اُن پروگرام ۾ ٽيٽ ٻهراڙيءَ جي هڪ چگي مڙس جي ڪردار طور، "عارف خان" پنهنجي اوطاق ۾ ڪچهريءَ جو سرواڻ ٿي ويهندو

آهي. هن پروگرام ۾ هڪڙي ڏينهن "عارف خان" جي واتان سندس ٽيٽ ٻهراڙيءَ جي ڊنگ ۾ ٻڌم "ادوڙي! اچو ته اتحاد ڪيون، اتحاد سان سڀ مسئلا حل ٿيندا." هاڻي، اسان جا عام ٻڌڻ وارا، جن لاءِ هيءُ پروگرام ٺڻي ٿو، سا چا سمجهندا "اتحاد" کي ۽ ڪيئن سمجهندا "مسئلن جو حل ٿيڻ!" ان جي بدران "عارف خان" هيئن ٻه چئي ٿي سگهيو ته "ادوڙي! اچو ته ٻڌي ڪيون، ٻڌيءَ سان سڀ ڳالهيون نبري ويندیون." 17 جولاءِ 1972ع تي ٻئي هڪ پروگرام ۾ ريڊيو تان هيٺيان لفظ ڪن ايندي ٻڌم، جيڪي سڀ جا سڀ ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي ٻوليءَ تي بار بنجڻ کان سواءِ ٻئي کهڙي ڪم جا ٿي ٺئي سگهيا! انهن جي جاءِ تي اسان جي ٻوليءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍا سٽا ۽ سلوٽا لفظ پيا آهن، جو نه اُهي اسين ڪم آڻيون، ته جيئن ٻڌڻ وارا ٻڌن ته سمجهي ٻه سگهن! هيٺ انهن لفظن جي لسٽ ڏجي ٿي:

باشندا= رهواسي، بخوبي آگاهه ٿيا= چڱيءَ ريت يا پوريءَ طرح واقف ٿيا، معيار زندگي= زندگيءَ جو معيار يا پڌ فلاحي مملڪت= عام پلي جي حڪومت، باهمي تعلقات= هڪٻئي جا لاڳاپا، احترام= عزت، تعمير= اڏاوت (تعمير ڪرڻ= اڏڻ)، ذي هوش، ذي فهم= هوش وارو فهم وارو، ڏاهو، خبردار، جيب خرچي= کيسي جي خرچي، تعاون= سهڪار، ترقي يافته= ترقي ڪيل، ايجاد ڪيون آهن= ناهيون آهن، خبرن تي مشتمل پروگرام= خبرن تي ٻڌل پروگرام. فرصت جا اوقات= واندڪائيءَ جون گهڙيون، تعليم جي فروغ= تعليم جو واڌارو، اعتماد= پروسو، ضروريات= گهرجون، تعلق رکن ٿا= لاڳاپو رکن ٿا، سرمايو= موڙي، دشواري= تڪليف، ڏکيائي، يڪجهتي= ٻڌي، جذبهٔ قرباني= قرباني جو جذبو، جذبهٔ خدمت= خدمت جو جذبو، خيالات= خيال، حاضر خدمت= خدمت ۾ حاضر، ترويج= واهپو، استحڪام= جڙاءُ، وقفو= ساهي، مهلت، وڇوٽي، نفاذ رهيو= لاڳو رهيو، نافذ= لاڳو، وغيره وغيره.

هڪڙي مشهور ادبي رسالي جي ايڊيٽر صاحب هڪ پيري پڙاڏي بدران "صد اي باز گشت" جي فارسي ترڪيب ڪم آندي! ڏاڍيءَ نوڙت سان چيومانس ته "ياءُ، جيڪڏهن لفظ "پڙاڏو" اسان جي ٻوليءَ مان ائين نڪري ويو ته "پڙاڏو سو سڏ، ورُ ورائيءَ جو جي لهين!" وارو شاهه صاحب جو املهه بيت ڪيئن ڪير سمجهي سگهندو!" ايڊيٽر ڳالهه کي سمجهيو ۽ مڃيو، پر عمل اڃا به هن نڪتي تي گهٽو گهٽ ٽيئس ٽو!

اسان جا ڪيترائي عربيءَ جي اثر ۾ ورتل ليڪڪ وڏي شوق سان عربي اسمن جا عربي جمع پنهنجن مضمونن ۽ لکڻين ۾ ڪم آڻين ٿا. سنڌيءَ ٻولي جو لاڳاپو عربيءَ سان گذريل 1300 ورهين کان به گهٽي عرصي جو آهي. ايتري ڊگهي لاڳاپي کان پوءِ به اسان جي ٻولي بنهه ڳاڙ ڳڻين عربي اسمن جا ئي عربي جمع قبوليا آهن. جيئن ته احوال، افعال، اخبار وغيره، پر اُهي به هوءَ پاڻ وٽ واحد جي صيغي ۾ ڪم آڻي ٿي. ان جي ابتڙ سنڌيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل نامياري ادبي رسالي جي هڪ مهتممي نوٽ ۾ ئي مون هيٺيان 12 عربي جمع ڪم آندل ڏٺا: جذبات، احساسات، خيالات، تصنيفات، تاليفات، ڪمالات، تعلقات، واقعات، معاملات، تخليقات، امڪانات، اختيارات! جيڪڏهن ڪنهن هڪڙيءَ ڳالهه، اڙدوءَ کي سندس اصل اکرن ۽ پٽ عام ماڻهن کان ڪٽي الڳ ڪري بيهاريو ۽ بنهه هڪ ڌاري صورت ڏئي ڇڏي، ته اُها اِها ئي عربي جمع جي صيغن جي اُن ۾ بيجا ۽ اڻ مَڃي پرمار هئي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان کي پنهنجي ٻوليءَ کي بنيادي طرح سندس اصل صورت ۾ قائم رکڻو آهي ته جيئن ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم فارسيءَ جي معاملي ۾ ان لاءِ چئي ويو ته ان کي فارسيءَ جي زير اضافت جي ترڪيب کان پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، تيئن عربيءَ جي معاملي ۾ وري ان کي هن عربي جمع جي صيغي جي استعمال کان بچائڻ گهرجي. اهي سمورا عربي اسر اسان کي پنهنجي سنڌي جمع جي صورت ۾ پاڻ وٽ ڪم آڻڻ کپن ۽ نه سندن اصلي عربي جمع جي صورت ۾.

ضمير مبهم جا لفظ ڪو، ڪا، ڪي ۽ ڪِي ۽ انهن سان گڏ ظرف جا انڪاري لفظ ڪو نه، ڪا نه، ڪين ۽ ڪِين، اسان جا ڪيترائي ليڪڪ اهڙيءَ طرح ڪم آڻين ٿا، جڏ سنڌي سندن مادري ٻولي ٿي ڪانهي.

هڪ تہ "ڪو" مذڪر لاءِ ۽ "ڪا" مونث لاءِ، "ڪي" مذڪر مونث ٻنهي لاءِ جمع ۾، ۽ "ڪي" ڪنهن بيجان شيءِ لاءِ "ڪجهہ" جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ لفظ آهن. ٻيو تہ انڪاري لفظ "ڪونہ" ساڳيءَ طرح مذڪر واحد لاءِ "ڪا نہ" مونث جي لاءِ، "ڪين" جمع جي صيغي ۾ مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ ۽ "ڪِين" رڳو "ڪِي" ضمير سان (بيجان شين لاءِ) ڪم اچي سگهن ٿا. جيئن تہ:

ڪو ڪونہ ايندو.
ڪا نہ ڪا ايندي
ڪي ڪين ايندا/ ايندیون
ڪي ڪين ٽيندو/ گهرجي.

اسان جا ڪيترائي ليکڪ اڄ لفظ "ڪونہ" مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ ڪم آڻيندا رهن ٿا. جيئن چون: (ڪو چوڪرو ڪونہ آهي/ ڪونهي ۽ وري هيئن ٻہ چون: (ڪا) چوڪري ڪونہ آهي/ ڪونهي! ظاهر آهي تہ "چوڪريءَ" لاءِ "ڪونہ آهي" يا "ڪونهي" چئي ڪين سگهبو، مونث، واحد جي ان صيغي ۾ لفظ "ڪا" "ڪانہ" ئي ڪم آڻڻ صحيح ٿي سگهن ٿا.

اسان جي پڙهيل پينرن ۾ وري هڪ عجيب خيال پيدا ٿيل ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ هو هڪٻئي سان يا سندن زيردست پينرون يا سندن مرد پائر ساٿن جيڪڏهن مونث جمع جي صيغي ۾ ڳالهائيندا جيئن تہ "اوهين چا پيون ڪريو: اوهين ڪڏهن آيون آهيو؟ اوهين هاڻي ڪيڏانهن ويندیون؟"، وغيره وغيره، تہ اها سندن بي عزتي آهي يا سندن شان ۾ گستاخي چئجي! تنهن ڪري هنن سان ڳالهائيو، تہ چئبو: اوهين چا پيا ڪريو؟ اوهين ڪڏهن آيا آهيو؟ اوهين هاڻي ڪيڏانهن ويندا" وغيره، وغيره. ڇڙ هو مرد آهن ۽ عورتون نہ آهن! هيءُ خيال اهڙو هڪ ڪل جهڙو، غلط ۽ هاڃيڪار خيال آهي ۽ هولي‌ءِ جو هيءُ هڪ اهڙو اڻ گهڙيو ۽ بد زيبو استعمال آهي، جنهن ڪي جيترو جلد ڇڏي سگهجي، اوترو سٺو آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ، اسر ۽ صفتون، فارسيءَ ۽ عربيءَ مان آيل آهن، جن جي پچاڙي ننڍيءَ هہ سان ٿئي ٿي، جيئن نقشہ، ضلعہ، ديوانہ، دروازہ وغيره. هاڻي، سنڌيءَ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي تہ ان جي ڪنهن بہ لفظ جو پويون پد ساڪن نٿو ٿئي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ايندي ئي اهي لفظ ڦري نقشو (واحد، حالت فاعلي)، ضلعو، ديوانو، دروازو وغيره ٿي پيا ۽ پوءِ عدد ۽ حالت پٽاندر انهن جو گردان لازمي بنجي پيو. جيئن نقشا (جمع، حالت فاعلي)، نقشي (واحد، حالت جري ۽ اضافت)، ضلعا، ضلعي، ديوانا، ديواني، دروازا، دروازي وغيره. بجاءِ ان جي، جو هڙن فارسي ۽ عربيءَ جي لفظن جي سانچي ۾ وجهي، انهن جي صيغن پٽاندر گردان ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي! جيئن! چنو، چنا، چني بدران چون ۽ لکن، چنہ. پٽو، پٽا، پٽي بدران رڳو پٽہ. ٽنبو، ٽنبا، ٽنبي بدران رڳو لکن ٽنبہ. ٽاٽو، ٽاٽا، ٽاٽي بدران رڳو ٽاٽہ! هيءُ سنڌي صورتخطيءَ جي توڙي سنڌي صرف جي هڪ اهڙي غلطي آهي، جو ان مان هوليءَ جو، ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾، ڏاڍو دکدائڪ بگاڙ ٿي رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ تمام ضروري آهي.

اڇڪلهہ دڪانن، آفيسن، بسن ۽ لارين، رستن جي پٽرن ۽ ريلوي اسٽيشن وغيره تي سنڌيءَ ۾ نالا ۽ پار پتا لکايا پيا وڃن، پر جتي جتي لکڻ وارا غير سنڌي آهن، اُتي هنن بورڊن تي اهي سنڌي لفظ ۽ عبارتون غلط هوليءَ ۽ غلط صورتخطيءَ ۾ لکيون پيون وڃن. جيئن تہ هڪ سرڪاري اسپتال ۾ ڏنل "شعبو ڪان، ناڪ، حلق"، "شعبو امراض زنانو"، "اوقات مريض سان ملاقات"، ٻئي هنڌ ڏنل "ديرپا قوت"، ٽئين هنڌ هڪ بس تي لکيل ڏنل: "اوهاوڙو جي لاءِ" اُن بدران هڪڙ گهرجي ها "اوهاوڙي لاءِ". جتي جتي، جنهن جنهن سنڌيءَ جي گهٽگهري، پوڙهي توڙي جوان، جو وس پُڄي تہ هن کي گهرجي تہ پٽري پٽ اهڙيون لکيل چُڪون، پيار ۽ سهڪاري اُمنگ هيٺ، درست ڪرائي ڇڏي. تہ جيئن "شعبو ڪان، ناڪ، حلق بدران "ڪن، نڪ، ڳلي جو شعبو" وغيره وغيره.

سنڌي هولي، گرامر جي خيال ڪان، گهٽيءَ حد تائين، هڪ پوري قاعدي واري هولي آهي. ان جا اسر، ضمير، صفتون، ظرف ۽ فعل هميشہ عدد، جنس ۽ حالت سان گڏ پنهنجي صورت بدلائين ٿا. لفظن جو هيءُ ڦيرو يا گردان سيني هولين ۾ سنڌن پنهنجي پنهنجي گرامر جي قانونن هيٺ ٿئي ٿو. سنڌي هوليءَ

ھر پڻ هيءَ گردان لازمي طرح ڪرڻو پوي ٿو. افسوس، جو اسان جا ڪي ليکڪ، ٻين ٻولين جي اثر هيٺ، پنهنجي ٻوليءَ جي ان بنيادي ڳالهه کان بيخبر يا لاپرواهه ٻڌجي ويل ڏسجن ٿا. هتي رڳو هڪ اخبار جي ٽن لاڳيتن پرچن منجهان هن قسر جي لاپرواهيءَ جا مثال ڏجن ٿا، جن مان سمجهي سگهبو ته اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيتريءَ حد تائين پنهنجن جي ئي هٿان بگاڙو اچي چڪو آهي ۽ اچي رهيو آهي:

تاريخ 7_3_1973ع جي پرچي مان

(1) سنئو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوٽائي شروع.

(2) رستو بند ٿيڻ سبب مل بند.

(3) گورنر کي ٽر جو دورو ڪرڻ جي اپيل.

(4) ريڊيو ٻڌڻ تان جهيڙو.

(5) پنجن ڏينهن جو دورو ڪرڻ بعد رپورٽ.

تاريخ 8_3_1973ع جي پرچي مان

(6) سنڌ ۾ ڪاغذ جا چار ڪارخانا قائم ڪرڻ جون رٽائون زير غور.

(7) سنڌي زبان ۽ ثقافت جو پيپر شامل ڪرڻ جو حڪر.

(8) سپاهي مسافرن جو قيمتي سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار.

(9) نوڪرين لاءِ درخواستون ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو.

تاريخ 9_3_1973ع جي پرچي مان

(10) حڪام طرفان مري ويلن جو تعداد ظاهر ڪرڻ کان انڪار.

(11) هارين کان قبضو ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.

(12) مولانا... بنا معاوضي زمينون حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.

(13) زرعي پيداوار جي وڪري جو بندوبست ڪرڻ لاءِ زرعي ادارا قائم.

(14) تعلقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ تي غور.

حالت جريءَ يا اضافت جي حالت ۾ سنڌيءَ جي اسمن ۽ صفتن جا لفظ هيٺينءَ ريت ڦرندا آهن:

(الف) واحد جي صيغي ۾، اَ، اِ ۽ آ پڇاڙين جي صورت ۾ ڪو ب پيرو ڪو نہ ٿيندو، جيئن: ڪٽ تي، پٽ تي، ادا کي، وغيره.

(ب) واحد جي صيغي ۾، اُ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ اُ ڦري آ جي صورت ونندو، جيئن: گلُ تي، پٽُ تي.

(ج) واحد جي صيغي ۾ او پڇاڙيءَ جي صورت او ڦري اي جي صورت ونندو، جيئن دلي تي، ڪٽولي تي.

(د) واحد جي صيغي ۾، اِي، اُو ۽ اُون پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لفظ جي آخر ۾ "ءَ" آواز وڌائبو، جيئن: ماکيءَ کي، منوءَ کي، مرونءَ کي، وغيره.

(ھ) جمع جي صيغي ۾ ٽون، يون، اون، اِي، اَ، آ، اُو جون پڇاڙيون ڦري ٽن، ين، ن جي صورت ونندين. جيئن ته بلاٽون، پتيون، ڪٽون، ڏوهي، بلائن کي، پتين تي، ڪٽن تي، ڏوهين کي، گُل، دلا، منُو گلن تي، دلن تي، منن کي... مٿي جيڪي 14 مثال ڏنا ويا آهن، انهن ۾ پاڻ، رستو، دورو، ريڊيو، ڪارخانا، پيپر، سامان، درخواستون، تعداد، قبضو، زمينون، بندوبست ۽ مسئلا سڀ اسر آهن، جيڪي حالت اضافت ۾ آهن ۽ انهن مان هر هڪ جي پٺيان حرف جر يا حرف اضافت "جي"، ڳجهو بيٺل آهي.

انهيءَ ڪري اُهي پنهنجي صفتن ۽ انهن جي اڳيان آيل حرف اضافت جي لفظن سميت پنهنجي صورت ڦيرائيندا جيئن:

(1) سنئي پاڻيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوٽائي.

(2) رستي بند ٿيڻ سبب مل بند

(3) گورنر کي ٽر جي دوري ڪرڻ جي اپيل.

(4) ريڊئي ٻڌڻ تان جهيڙو.

(5) پنجن ڏينهن جي دوري ڪرڻ بعد رپورٽ.

(6) سنڌ ۾ چئن ڪاغذ جي ڪارخانن قائم ڪرڻ جون رٽائون زير غور.

(7) سنڌي زبان ۽ ثقافت جي پيپر شامل ڪرڻ جو حڪر.

(8) نوڪريءَ لاءِ درخواستن ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو.

(9) حڪام طرفان مري ويلن جي تعداد ظاهر ڪرڻ کان انڪار.

(10) هارين کان قبضي ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.

(11) مولانا... بنا معاوضي زمينن حاصل ڪرڻ تي...

(12) زرعي پيداوار جي وڪري جي بندوبست ڪرڻ لاءِ...

(13) تعلقي جي بنيادي مسئلن جي حل ڪرڻ تي غور ٻولي قومن جي طبيعت جو آئينو ٿئي ٿي. مثال طور اڙدو هڪ واتراڻي ۽ گهڻ ڳالهائو ٻولي آهي ۽ سنڌي هڪ مائيٽي ۽ ٽورَ ڳالهائو ٻولي آهي.

هڪ جو خاص گڻ زبان درازي ۽ اپ ۾ تراريون هڻڻ آهي، ۽ ٻيءَ جو خاص گڻ نماڻائي ۽ نرم ٻولڻ آهي. تنهنڪري سنڌي جيڪڏهن اڙدوءَ جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، تہ نہ رڳو پنهنجو شان وڃائيندي، پر اڙدوءَ سان ان جي لفاظيءَ ۽ نقاليءَ ۾ مٺ ٻه پٺجي ڪا نہ سگهندي ۽ الٽو انهيءَ ڪوشش ۾ پاڻ کي ڏنو ڪندي. ڏاڍي گهٽي ڏڪ جي ڳالهه آهي، جو اسان جي ڪي هرڪ هارڻا دوست اڙدوءَ جي انهيءَ ڏيڪ ۽ ماڙيڇاٽي مَڪ چڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايترا تہ ونجي ٿا وڃن جو، مثال طور، حيدرآباد ريڊيئي جي اُنهيءَ ساڳئي مٽي جاٽايل "جمهور جي پروگرام" ۾ مون پنهنجن ڪنن سان اهڙن دوستن کي چوندي ٻڌو: "ادا عارب خان بجا ٿا فرمايو!" ("سچ ٿا چئو!" نہ)، "ادا، هاڻي ٻڌاءِ خَبَرون! (خَبرون نہ)، "تَيار" ٿيو ("تِيار" نہ) خَيال ڪريو" ("خِيال" نہ)؟ "اُميد آهي...") ("اُميد" نہ- "درميان" (نون غُني سان)، ("درميان" ٻہ نہ) ۽ "وچ ۾" ٻہ نہ) - - بنهہ ايتري تائين، جو "عارف خان" چوي تہ "ادوڙي، خوش آهين! چگو ڀلو، جوڙ، متارو! تہ هن کي جواب ڏين: "عارف خان، عنايتون، ڪرم فرمايون، ذره نوازيون!" سنڌيءَ ۾ خبرن پڙهندي، جيڪو سر ۽ آواز منجهانئن کي اختيار ڪن ٿا، سو سڃيءَ سنڌ جا ماڻهو ٻڌي پنهنجن ريڊين کي جيڪي سڌيون سڌائين ٿا، سي ريڊيئي وارا پاڻ تہ ڪونہ ٿا ٻڌن، پر هن مضمون جا پڙهندڙ چگيءَ ريت جاڻن ٿا. اسان جي هنن دوستن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ٻولي لکجڻ ۽ پڙهجڻ کان گهٽو وڌيڪ ڳالهائجي ٿي.

هر ٻولي پنهنجي خاص ڍنگ ۽ لهجي ۾ ڳالهائبي آهي. ڳالهائڻ ٻہ هڪ لطيف فن آهي. شاندار، وڏو تمام ڏکيو. ان جي ترنر ۽ لئي کي هڪڙو گهرو آواز، هڪڙو اڻ سهائيندڙ اُچار ٻہ ڏکوئي ۽ ختر ڪري سگهي ٿو. عربي ۽ فارسي لفظ ڪٿي، اسين انهن جي اصلوکن اُچارن کي پاڻ وٽ قائم رکڻ لاءِ ٻڌل نہ آهيون، جيئن اڙدو سمجهي ٿي تہ هوءَ ٻڌل آهي. مون، خاص طرح، اسکولن ۽ ڪاليجن جي جلسن ۾ پنهنجن ڪيترن ڏاهن ۽ اتساهي جوانن کي ڏٺو آهي تہ ميڙ ۾ ڳالهائيندي، هو عربي ۽ فارسي لفظن جي ڳولا ۾ ۽ اُنهن کي هرو پرو سندن "صحيح" اچارن سان ڪر آڻڻ جي ڪوشش ۾ ايترا تہ مُنجهي پون ٿا، جو بنهہ رواجي خيال ٻہ پنهنجا ظاهر ڪري نٿا سگهن. هيءَ ڪيتري نہ ارمان ۽ عجب جي ڳالهه آهي، جو ڏارين ٻولين جي ڏک ۽ اُنهن جو تاب اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جو پورو فائدو ٻہ ونڊ نہ ڏئي! جڏهن سنڌ جو امر شاعر لفظ "بغير" کي "بگر" ڪري ڪر آڻي سگهي ٿو. "ڪونهي ڪميٽيءَ کي بگرتو بلو"، تہ اسين خَبَر...، اُميد، تِيارُ، خِيالُ، سُوالُ، ختَرَ، وغيره، وغيرهہ ڇو نہ چئون؟ اسين سنڌي برابر مائيٽا ۽ ٽورَ ڳالهائو آهيون، پر ائين ٻہ ٽيڙ نہ ڪپي تہ پنهنجن ڇپن تي اڙدوءَ جي نقالي ڪندي، عربي ۽ فارسي لفظن ۽ انهن جي اُچارن جون مهرون هڻي، بنهہ گونگا ٻڌجي ويهي رهون. يا شهري يا علمي بنجڻ جي شوق ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي ايترو بگاڙي ڇڏيون، جو ٻولي تہ ٻولي ٻہ خود پنهنجي عوام کان ئي ڪٽجي الڳ ٿي وڃون!

اڄ جي نئين دور ۾ ٻوليءَ ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو، ان ٻوليءَ جي پڙهائي آهي، جيڪا اسکولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. تمام گهٽي افسوس جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي پرائمري اسکولن کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي پڙهائيءَ تي پورو ۽ مناسب ڌيان ڪو نہ ٿو ڏنو وڃي. اُن جا سبب ڪٿي ڪيترا ٻہ هجن ۽ ڪهڙا ٻہ هجن، انهيءَ حالت کي هڪدم بدلجڻ گهرجي ۽ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ايتري ئي اوليت ۽ اهميت ڏيڻ ۽ ڏيارڻ گهرجي، جيتري ڪنهن آزاد ۽ سٽريل ملڪ جي اسکولن ۽ ڪاليجن ۾ ان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ملي ٿي ۽ ان ۾ ڪو ٻہ ٻيو نصابي ڪم، جيئن حساب، انگريزي، سائنس وغيره. سنڌيءَ تي

آکرو ٹیڻ نہ گھرجي.

سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي هيئن اسان جي تعليم ۾ پهرين جڳهه ملي، ان لاءِ وڌي ۾ وڌو فرض اسان جي سنڌي استادن جو آهي، جيڪي اسکولن کاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي پاڙهڻ تي مقرر ٿيل آهن. هڪ ته هو پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي پوريءَ طرح پڙهن ۽ سمجهن ۽ ان جي ادبي ۽ علمي خزاني کان وڌ ۾ وڌ واقف ٿين، ٻيو ته پنهنجن شاگردن کي ان جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڪر آڻڻ لاءِ پنهنجي وس آهر وڌ ۾ وڌ تيار ڪن. اُن لاءِ نصاب ۾ به ڪجهه ڦيرو اچڻ گهرجي، پر سڀ کان وڌو دلي چاهُ ۽ پرپور پورهيو ئي کين توڙي سنڌن شاگردن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ڏانهن پنهنجن فرضن ۽ ذميدارين جي پوري ڪرڻ لاءِ تيار ڪري سگهندو.

سنڌي ٻولي جنهن خطري هيٺ آهي، اُهو ان مان ئي پٽرو آهي ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي صوبائي ٻولي بنجي، اُن لاءِ سنڌ اسيمبليءَ کي بل پاس ڪرڻو پيو! ۽ پوءِ اُن گناهه لاءِ اٻوجهه ۽ صلح پسند عوام کي کيترائي ڪونٽر کهائڻا پيا، ۽ ان جي "پنهنجي" سرڪار کي چا چا نه سهڻو پيو ۽ چا چا نه مڃڻو پيو! هاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ جيڪو بورڊ ۽ ائڪيڊميون ٺهيون آهن، جڏهن اهي نهن، ۽ ٻن سالن ۾ يا ٻارهن سالن ۾ جڏهن ٻوليءَ ۾ اُهو ڪجهه واڌارو ٿئي، جيڪو هڪ آبرومند قومي ٻوليءَ ۾ سچ پچ ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ کي پرپور تجويزون جوڙن ۽ انهن تي عمل ٿئي، سوين هزارين کي علمي ۽ ادبي ڪتاب لکجن، ترجما ٿين، چپجن ۽ پٽرا ٿين، سنڌ جا سڀ رهواسي سنڌي سکن، سنڌي پڙهن ۽ لکن. تڏهن چئي سگهبو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي پوري ۽ حقي درجي تي پهتي ۽ ان لاءِ اسان جي وڏن جون ۽ اسان جون سڀ قربانيون، جيڪي ڏنيون سين ۽ اڃتي ڏيندا سين. ۽ سڀ محنتون جيڪي ڪيون سين ۽ اڃتي ڪندا سين، سڀ سوليون ۽ سجايون ٿيون.

ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي قبولڻ ۽ قائم رکڻ جو سوال رڳو ايترو آهي ته ٻين ٻولين جا لفظ کڻڻ وڃن ۽ پنهنجي ٻوليءَ جا ساڻيءَ معنيٰ وارا لفظ بلڪ وڌيڪ سچيت ۽ سهڻا، چڏبا وڃن، ائين هرگز هرگز نه ٿيڻ کپي. ائين ڪرڻ سان ٻولي پنهنجو بنياد بچائي ته نه سگهندي، پر پنهنجي بنياد سان پنهنجو سپيتائي لاڳاپو به بحال رکي نه سگهندي. جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهه وڃي اهڙيءَ حد تي پهچي، تڏهن اُن ٻوليءَ کي عمل، جنهن ۾ ڌاريا ۽ فاسد لفظ ڪوشش ڪري ڪيڏا پون ۽ پنهنجا بيگناهه نڪتل لفظ واپس آڻڻا پون، دنيا جي سڀني سٽريل ۽ سجاڳ قومن کي، پنهنجي قوم، سجاڳيءَ جي پهرينءَ منزل تي، پنهنجي پنهنجي قومي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ لازمي طرح اختيار ڪرڻو ئي پيو آهي. ساڳيءَ ريت، سنڌي ٻوليءَ جي اها واڌ به ڪڏهن واڌ کا نه چئي سگهبي، جنهن مان، مثال طور، شاهه جي ٻوليءَ جا لفظ گم ٿيندا ٿيندا بنهه گم ٿي وڃن، ايتري تائين، جو کو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ شاهه جو رسالو پڙهي، ته پڙهي نه سگهي ۽ ٻڌي ته سمجهي نه سگهي. ايتريءَ قيمت تي ڪنهن ٻولي جي "ترقيءَ ۽ سڌاري" کي کهڙي حساب ۾ ترقي ۽ سڌارو چئي سگهبو! هر خيال کان، اڄ اسان تي واجب به آهي ۽ بنهه جائز پڻ، ته پنهنجي "اسکولي" ۽ "علمي" ٻوليءَ جي ڪجهه چانگ ڪريون، ته جيئن ان ۾ اوتري قدر، بلڪ ڪجهه وڌيڪ، تازو ڦوٽهڙو ٿئي. ٻوليءَ جي هيءَ ضروري چانگ هر کو اسان جي لائق اديب ۽ شاعر پنهنجي سچيتائيءَ ۽ فني پختائيءَ سان پنهنجي منهن به ڪري سگهي ٿو، ۽ پنهنجي پياريءَ ٻوليءَ لاءِ آب حيات مثل هيءُ بنهه ضروري عمل، ڪنهن رٽائتي ۽ سلسليوار طريقي سان، اسان جا سڃاڻ ۽ مقبول عام علمي ۽ ادبي ادارا پڙهه ۾ ڪڍي سگهن ٿا.

(ملير ڊائجسٽ ۾ شايع ٿيل ٻوليءَ بابت مضمونن جي مجموعي "سنڌي ٻوليءَ جي للڪار" هٿي چاپي (1987ع) تان کنيل).

ڪلچر جي بقا، بولي ۽ ڌرتي

ثقافت (Culture) ۽ 'قوم' (Nation) ظاهري طرح ٻه لفظ آهن، پر اهي لفظ پاڻ ۾ ننڍن وڏيون وسعتون رکن ٿا. انهن ٻنهي لفظن کي سمجهڻ ۽ وهجائڻ جي اسان کي گهرج ٻه آهي. هونءَ ته هر ڪنهن زماني ۾ انهن ٻنهي لفظن تي ويچاريو پئي ويو آهي، پر هاڻوڪي زماني ۾ انهن جي ٻيهر تشريح ۽ سمجهاڻيءَ جي گهرج ٻه وڌي آهي.

'قوم' اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ان لاءِ ڪو ٻه لفظ موجود نه آهي. هاڻ اهو گهٽو لفظ گهٽي حد تائين واهپي هيٺ ٻه اچي ويو آهي. انڪري پاڻ انهيءَ لفظ تي هري ويا آهيون. لفظ 'قوم' سان مسئلو اهو آهي ته اهو گهڻين معنائن ۾ ڪتب آندو ويو آهي. انهيءَ لفظ جي هڪڙي عام معنيٰ آهي ۽ ٻي خاص معنيٰ آهي. انگريزيءَ ۾ ان لاءِ ٻنهه ڇنو ۽ طئه ٽيل لفظ آهي "Nation". انهيءَ لفظ جي خاص معنيٰ مان ڪي نقصان نه پهتا آهن، پر انهيءَ جي عام معنيٰ ڪيترائي فساد ۽ جهيڙا بکيڙا پيدا پئي ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته عام معنيٰ سان، سماجي سطح تي، ڪيترائي غلط تصور موجود آهن، جيڪي پنهنجي حتمي نتيجي ۾، عام ماڻهن ۾ نفاق ۽ دوريون پيدا ڪن ٿا. ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جو دشمن بڻائين ٿا، نفرتن جا بج چٽين ٿا، پر انهيءَ لفظ جي خاص معنيٰ ماڻهن ۾ ايڪتا پيدا ڪري ٿي، انهن ۾ پيار ۽ محبت کي جنم ڏئي ٿي ۽ انهن کي هڪٻئي سان سلهاڙي ڇڏي ٿي.

يورپ ۾ انهيءَ لفظ يعني "Nation" بابت ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻنهه واضح راءِ قائم ڪئي ويئي ۽ ان ۾ هڪ خاص تصور کي جائتو ڪيو ويو. قوم جي تصور جا معيار ۽ ماپا مقرر ڪيا ويا.

اسان وٽ هتي 'قوم' جي استعمال تان وڏا وڏا اختلاف پيدا ٿيندا رهيا آهن. مثال طور پاڪستان ۾ هڪ مخصوص مفاد کي سامهون رکندي، انهيءَ لفظ جو استعمال ڪيو پئي ويو آهي. انهيءَ لفظ جي علمي ۽ طئه ٽيل معنيٰ کي ڇڏي، ان جون هٿ نوڪيون معنائون ظاهر ڪيون پئي ويون آهن ۽ عام خلق مٿان مڙهيون ويون آهن. انهيءَ هڪ لفظ جي غلط استعمال، هن ملڪ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو؛ ۽ انهيءَ هڪ لفظ جي غلط واهپي ڪرڻ وسيلي، هتي ڪيترن ئي قومن کي قيد ڪيو ويو آهي. اِتان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته انهيءَ رڳو هڪڙي لفظ جو غلط استعمال ڪيترا وڏا نقصان، اهنج ۽ آزار کڻي آيو آهي.

اڳ ئي اها گالهه اچي چڪي ته اهو لفظ— 'قوم' اصل ۾ عربيءَ سان تعلق رکي ٿو. پاڻ عربيءَ ۾ ان جون گهڻيون ۽ ڏار ڏار معنائون آهن، يعني هڪ کان وڌيڪ آهن. اسين جيئن ته علمي نوعيت جي گالهه پيا ڪريون، انڪري 'قوم' لفظ کي انگريزيءَ جي لفظ "Nation" واري خاص معنيٰ طور ڏسنداسين، جيڪا سمجهه ۾ ايندڙ آهي ۽ جديد علمي بنيادن تي بيهاريل آهي. اهو واقعو، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو، ارڙهين صديءَ عيسويءَ جي پڇاڙيءَ جو آهي. ان جو مطلب آهي ته يورپ ۾، اهو لفظ انهيءَ واقعي کان اڳ، پنهنجي خاص معنيٰ ۾ ڪتب نه ايندو هو، انڪري ان لفظ جي معنيٰ ۽ مطلب کي طئه ڪرڻو پيو، ته جيئن نفاق ۽ انتشار جي ڪا به گنجائش باقي نه رهي، پر اهو لفظ اسان وٽ رياستي سطح تي ۽ پڻ پنهنجي سنڌي اندر، پنهنجي خاص معنيٰ ۾ طئه ڪيو وڃڻو آهي، جنهن لاءِ پاڻ هيترا جتن پيا ڪريون.

انسان گڏجي ڪيئن ۽ ڪڏهن قوم ٿين ٿا، ان لاءِ اسان کي تاريخ کي ڏسڻو پوندو.عام طرح چيو پئي ويو آهي ته انسان هڪ سماجي جانور آهي، سا ڳالهه درست آهي. انسان جو حيوانن سان گهٽو واسطو رهيو آهي. اهو حيواني زندگيءَ مان ترقي ڪري انساني صورت ۾ آيو ۽ گڏجي گذارو ڪرڻ لڳو. هُو سماج ناهي، جانورن کان الڳ ٿيو. شروع ۾ گهرڙو يا اجهو اڏيائين. پوءِ ڪٽنب (family)، پوءِ خاندان گڏجي قبيلا ٿيا. انسان کي پنهنجي اوائلي زماني ۾ ايترو ساز و سامان ۽ سهولتون موجود نه هيون، جيتريون اڄ اسان کي ميسر آهن. شروع ۾ انسان گروهن ۾ ٽولن ۾ پيو ڦرندو هو، رلندو ۽ پٽڪندو ۽ شڪار ڪندو هو. ان کان پوءِ گڏجي رهڻ، طبعي ناسازگار حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل رڪابندي، پوکي ڪرڻ، ڪاڻي ۽ پٿر جي اوزارن جي استعمال ڪرڻ وسيلي نيم سڀريل سماج ۾ داخل ٿيو. شڪار کان پوءِ انهيءَ مڇي مارڻ ۽ مال ڏارڻ جي ڪرت به سکي ورتي. هتي هيءَ شيءِ به چڱي هجي، ته قبيلائي سرشتي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ انسان غير طبقاتي سماج ۾ زندگي گذاريندو هو. ان وقت تائين ڏاڍي ۽ هيٺي جا تصور اڃا نه اُسريا هئا. ڪنهن کي به ڦري يا چني کائڻ جي عادت اڃا نه پئي هئي. هر ڪنهن برادريءَ جا سڀ ماڻهو گڏجي پورهيو ڪندا هئا، پنهنجي گذاري ۽ جيئڻ جو سامان پيدا ڪندا هئا ۽ اهڙو سامان ۽ وسيلا سڄي برادريءَ جي ملڪيت هوندا هئا. اهو اوائلي اشتراڪي سماج هو. جڏهن ننڍيون ننڍيون برادريون يا ماڻهن جا گروهه، وڏن گروهن يعني قبيلن ۾ تبديل ٿيا ته ڏاڍين قبيلن هيٺن قبيلن کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ائين غلاميءَ جو وجود پيو. اهو غلاميءَ جو دؤر گهڻي وقت تائين جاري رهيو. سگهارا قبيلا هيٺن کي غلام بنائي ولندا هئا ۽ قبيلي جو سردار به ان کي چونڊيو ويندو هو، جيڪو جسماني طرح وڌيڪ سگهارو هجي، بهادر هجي. ائين اتان سورهيائيءَ جو تصور ايريو.

هيءَ جيڪا پاڻ حياتي آهي، انهن بابت به ڏاهن ماڻهن سوچيو آهي، ڳالهايو ۽ لکيو آهي. ڪ جون ڳالهيون ڪيون آهن، عالم چون ٿا ته شروع شروع ۾ ساهوارين شيون اٽڪل 100 ڪروڙ ورهيه اڳي ڌرتيءَ تي وجود ۾ آيون. اهي ساهواريون شيون ننڍڙيون ڪنئريون ۽ سادیون هيون. اها حيات هڪ جيوگهرڙي (Single Cell) جي ٺهيل هئي، ۽ اها پاڻيءَ ۾ پئي ترندي هئي. وقت گذريو انهيءَ حيات اوڙ ورتي، ٿورا وڏا ٿيڻ ۽ هيا ساهوارا اسريا ۽ اڳي کان بهتر ٿيا. انهن مان ڪن باهر ڌرتيءَ تي اڇڻ شروع ڪيو. تنهن کان پوءِ پانت پانت شڪلين ۽ صورتن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا جيت، مڇيون، جانور، وڻ ۽ ٻوٽا پيدا ٿيا. اهڙيءَ ريت ساهوارن جي ارتقا اڳتي وڌي ۽ ڪي ڏهه ڪروڙ ورهيه اڳي ڊائنوسار پيدا ٿيا، جيڪي غيرمعمولي وڏا جانور هئا. انهن مان ڪي ته سئو سئو فٽ ڊگها هئا، اهي هوريان هوريان گم ٿيا، سندن جاءِ گرم رت وارن جانورن ورتي، جن کي پاڻ "ڪير پيارينڊ ساهوارا" چئون ٿا. پوءِ اٽڪل ڏهه لک ورهيه اڳي پهريون سچو پچو انسان نمودار ٿيو. 70 لک ورهين کان 40 لک ورهين تائين پولڙي سان مشابهت رکندڙ جانور ترقي ڪري، پاڻ جهڙن ٻين جانورن کان اڳتي نڪري آيو. ان کي 'چپنزي' چيو وڃي ٿو، اهو ئي اڳتي هلي انسان ۾ تبديل ٿيو.

اهڙيءَ ريت، ارتقا جوجيڪو سلسلو شروع ٿيو هو — هڪ گهرڙي واري ساهواري کان، اهو ٻن گهرڙن، پوءِ گهڻن گهرڙن وارن جاندارن تائين وڌي هليو. نيٺ اهڙن جانورن منجهان چمپنزي (هڪ خاص قسم جو پولڙو) پيدا ٿيو. جنهن کي انساني شبيهه نما ٿيڻ ۾ 30 لک سال لڳا. ارتقا جون اهڙيون ڪڙيون گولين ويون آهن، مختلف علاقن ۾ کي ڄانچا هٿ ڪيا ويا آهن. ان ۾ هڪ ڄانچو چين مان لڌو ويو آهي، جنهن کي "پيڪنگ مئن" ڪري چون ٿا. ساڳئي نموني هڪ ڄانچو ڏکڻ آفريڪا مان لڌو ويو آهي. يورپ مان به اهڙو ڄانچو مليو آهي. چين جي گاديءَ

واري هنڌ پرسان هڪ غار مان اهڙو انساني ڍانچو هٿ آيو آهي، ان جي جمار جو عرصو ستن لکن ورهين کان ٻن لکن ورهين تائين ڄاڻايو ويو آهي. پر ٻه لک سال اڳ وارو اهو ڍانچو ٻه اهو ثبوت نٿو ڏئي ته ڪو اهو اسان جهڙو پورو انسان هو. اهو ٻه ايڄا حيوان هو، پر ماڻهوءَ جهڙو ٻه برابر هو. اهڙيءَ ريت پٿر جي زماني کان نئين پٿر جي زماني تائين ۽ ان جي مختلف دورن ۾ سماجي ارتقائي آهي، جنهن سان انساني ارتقا ٻه ڳنڍيل آهي. اهو عرصو 10 لک ورهين کان هڪ لک ورهيه قبل مسيح ۽ پوءِ هڪ لک ورهين کان 40 هزار ورهيه قبل مسيح، 40 هزار ورهين کان 10 هزار ورهين تائين پکڙيل آهي. انساني سڀيتا وارو زمانو 10 هزارن ورهين کان هيٺ لهندي 5 هزار ورهين تائين ڇيو وڃي ٿو. انهيءَ ڏس ۾ منهنجي سڄڻ، پياري دوست ۽ عالم محمد حسين پنهور هڪ گهٽو پيرائتو مضمون "Man in Sindh-Stoneage to neolithic" (ايم.ايڇ.پنهور) لکيو آهي،جيڪي پڙهڻ وٽان آهي. ان ڄاڻايو آهي ته 50 لک ورهين کان هڪ لک 20 هزار ورهيه ق.م تائين ڏاکڻو باندر نما انسان (Australopithecus) موجود هو، جيڪو اوائلي پٿر جا اوزار ڪم آڻيندو هو. جڏهن ته پيرن تي بيٺل اپو انسان نما باندر (Home Erectus) 12لک ق.م ورهين کان 10 لک ورهيه اڳ تائين موجود هو. انهيءَ ايپي انسان نما باندر جون مختلف ارتقا ئي شڪليون رهيون آهن. جن مان هڪ جو ذڪر مٿي ٿي چڪو، جنهن کي پيڪنگ وارو انسان (Paking man) چيو وڃي ٿو، اهو 4 لک 50 هزار ق.م ورهين کان 4 لک ق.م ورهين تائين موجود هو. ان کان اڳ جاوا ماڻهو (Java man) 5 لک 15 هزار ق.م ورهين کان 3 لک 50 هزار ق.م ورهين تائين موجود هو. ان کان پوءِ ماريطانيا جو ماڻهو (Mauritanicus man) ۽ هيندلبرگ ماڻهو (Hiendelburg man) وغيره موجود هئا. تنهن کان پوءِ اسان جو جديد ماڻهو هومو سيپيئنس (homo Sapiens) نمودار ٿيو ان قسم جو ماڻهو نيدر لئنڊ، روڊيشيا ۽ ڪروميگنن ۾ موجود هو.

انسان سماج کان اڳ توڙي پوءِ واري زماني ۾ قدرت سان لڳاتار رابطي ۾ رهيو. سماج کان اڳ وڌيڪ فطرت جي ويجهو هو؛ ۽ سماج کان پوءِ ڪجهه گهٽ، ڇاڪاڻ ته ان جي سماج اندر ڪمن ۽ ڏميوارين ۾ واڌارو اچي ويو هو، پر ان هوندي ٻه فطري نظارن، تبديلين ۽ ان جي آفتن توڙي رحمتن تي هن غور ويچار پئي ڪيو هو؛ ۽ اڄ ٻه ڪري پيو. اوائلي انسانن منجهان ڪن ۾ سمجهه جي قوت گهٽ هوندي هئي ۽ ڪي وري وڌيڪ ڏاها هوندا هئا؛ جيڪي پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي فطرت يا قدرت جي رمزن کي سمجهه جي سلسلي ۾ مدد ڪندا هئا. مثال طور ڌرتي ڇو ٽي ڏڏي، مينهن ڇو ٽا پون، اوچتو ئي باهه ڇو ٽي لڳي وڃي وغيره. وڌيڪ سمجهه رکندڙ انسان يا انسان پنهنجي طور تي ڏڪا هٽندو هو/هٽندا هئا، ۽ قدرتي لڦائن، آفتن ۽ تبديلين کي انسان کان وڌيڪ سگهاريون قوتون قرار ڏيندا هئا ۽ دعوا ڪندا هئا، ته انهن قوتن سان سندن ويجهڙائي آهي. اهڙيءَ ريت انسان ۾ وهم، وسواس يا وسوسن جي ور چڙهيو ۽ پاڻ کان پري، پنهنجي وس کان ٻاهر ۽ غالب قدرتي لڦائن، تبديلين ۽ آفتن کي پوڄڻ شروع ڪيو. انهيءَ مختلف ديوتا ٺاهيا، مثال طور ڌرتيءَ کي ڏوڏيندڙ ديوتا، مينهن وسائيندڙ ديوتا، باهه لڳائيندڙ ديوتا ۽ ائين ٻيا انيڪ ديوتا. مٿي سورهيائپ جو ذڪر ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڏاهپ جي اهميت کي ٻه انسان سمجهيو ۽ مڃيو، پوءِ اها انهيءَ زماني ۾ ڪهڙي ٻه روپ ۾ هئي، خام ئي سهي، ڪچي ئي سهي، اڄ جي مقابلي ۾ لکها پيرا گهٽ ئي سهي، پر وهمن، وسوسن يا وسواسن جي صورت ۾ ئي سهي، پر سورهيائيءَ سان گڏ ان اپري سيري ڏاهپ ٻه اوائلي انساني رهڻي ڪهڻيءَ ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي هئي، ڇاڪاڻ ته انسان سان، ان زماني ۾، رڳو ويڙهه جو مسئلو لاڳو نٿي ٿيو، جو رڳو جسماني طور سگهاري انسان جي گهرج ڪين پوي، پر ٻيا ٻه گهڻا روحاني، نفسياتي يا ذهني مسئلا ۽ سوال هئا، جن جو هن جواب ٿي

گهريو: ان لاءِ ان کي قبيلي جي سڀ کان سمجهو ۽ ڏاهي ماڻهوءَ جي گهرج ٿي پئي، اهڙا ماڻهو به هئا. هڪڙن پنهنجي جهڙي تهڙي سمجهه وسيلي مسئلن جو ٿي ٻڌايو، ته ٻين ماڻهن جي اڻوجهائپ جو فائدو پئي ورتو، انڪري انسانن کي وهمن ۽ وسوسن جي ور چاڙهي، کين استعمال ڪرڻ جو به رواج پيو. اسين ڏسون ٿا ته اڄ به انسان انهن وهمن ۽ وسوسن ۾ گذاري ٿو، اڄ به ٽوٽا ڦيٽا ٽين ٿا، اڄ به ماڻهن کي بيوقوف بڻايو وڃي ٿو. اڄ به غيب جا ڪرشما ڏيکارينڊڙ موجود آهن، جيڪي ڪجهه پڙهي شوڪاري مٿي جو سور لاهڻ کان وٺي مختلف بيمارين کي ختم ڪرڻ ۽ مختلف انساني مسئلن کي، اتي جو اتي حل ڪرڻ جي دعوا ڪن ٿا. اهڙي دعوا ڪري پاڻ کي ٻين مٿان مڙهي ڇڏين ٿا يا حاوي ٽيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پاڻ کي اڪابر ۽ ٻين کي جاهل سمجهن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل ڪتاب "جادو ۽ سائنس" ۾ ان قسم جو گهٽو پيرائتو احوال آيل آهي.

بهرحال سورهيائي ۽ ڏاهپ سان گڏ ڏرم به پيدا ٽيو. ڏرم معنيٰ غيب جي قوتن کي مڃڻ، انهن ۾ يقين رکڻ. اهڙو ڪو ڪن خاص پوپي قسم جي انسانن کيو، ته جيئن سندن رعب ۽ دٻدٻو ٻين مٿان ويهجي وڃي ۽ انسانن ۾ سندن وهوا قائم ٿئي. اهڙي وهوا کي ختم ڪرڻ ۾ يا ان جي اثر کي گهٽ ڪرڻ ۾ سؤ سال نه، هزار سال نه، لک سال نه، لکن جا لک سال لڳا آهن. بيماري ان زماني ۾ به هوندي هئي. انسان وحشي جانورن کان ڊڄندو هو، انهن کان بچڻ به چاهيندو هو. ڪئين ڊپ ڊاءَ، خوف خطرا هوندا هئا. ڊپ ڊاءَ سان گڏ بچاءَ جون اميدون به هونديون هيون. شڪاري دؤر ۾ جڏهن انسان ٽولن جي صورت ۾ شڪار ڪرڻ ويندا هئا ۽ طئه ڪندا هئا ته اڄ هِن پاسي ٿا هلون. شڪار گهٽو ملندو. تڏهن کو کين اچي چوندو هو ته اسين ٿا اوهان کي سمجهايون ته هن پاسي ويندؤ ته شڪار هٿ اچي ويندو، پر جي ان کي چڏي، هُن پاسي ويندؤ ته شڪار هٿ اچي نه سگهندو. اهو انهيءَ ماڻهوءَ جو، ان زماني جي عقل ۽ سمجهه پٽاندر هڪ اندازو هوندو هو. جڏهن اهڙو ڏکو يا اندازو صحيح نڪرندو هو ته ماڻهو دنگ رهجي ويندا هئا ته کيس اها پروڙ ڪيئن پئي ته کو شڪار هن پاسي نه، پر هُن پاسي آهي، پڪ سان انهيءَ وٽ غيب جو علر آهي. اهڙيءَ ريت، اهڙن ڪن ماڻهن انساني عقل تي ڏاڙي هڻڻ، ان تي قبضي ڪرڻ يا ان تي تسلط قائم ڪرڻ جو هڪ سلسلو شروع ڪيو. پنهنجيون دعوائون قائم ڪيون ته غيب جون قوتون اسان وٽ آهن، مينهن به اسين آڻيندا سون، باهه به اسين ٻاريندا سون ۽ وسائيندا سون، اوهان کي زمين کي ڏڏڻ کان به اسين بچائيندا سون وغيره. اهڙي سلسلي اڳتي هلي ڏرم جي صورت ورتي، ۽ انهيءَ جي بنياد تي دعوائون قائم ٿيون. پهريون پيرو ڏرم باقاعدي اداري جي شڪل ۾ اسرائيل جي ڏرتي تي قائم ٿيو، ان منجهان ٻيا به ڏرم نڪتا، عيسائي ڏرم به ان جو ئي تسلسل آهي. ان کان سواءِ قرآن شريف ۾ به اسرائيلي مذهبي ڪتاب ۾ بيان ٿيل پيغمبرن جو احوال آيل آهي. ان کان سواءِ ٻيو مذهبي ادارو آرين قائم ڪيو، ان مان به ٻيون مذهبي شاخون نڪتيون، جن مان برهميت يا هندو مت اهر آهي، هندو مت مان وري ٻيون چاڙهون نڪتيون، جين ڌڏ مت يا جيئن مت وغيره. جڏهن ته چين ۾ ڪنفيوشس جي نالي ۾ مذهبي ادارو جڙيو ۽ ايران ۾ زردشتي مذهبي ادارو ٺهيو. انهيءَ اداري ۾ ويساهه رکندڙ کي اسين مجوسي يا باهه پرست سڏيون ٿا. اهڙيءَ ريت جاپان ۾ تي چار مذهبي ادارا قائم ٽيا.

انهن ڏرمي ادارن وري مختلف ڏرمي برادرين (Religious brotherhoods) کي جنم ڏنو. اهڙين برادرين جي قيام کان پوءِ انسان ڏرمي سڳي ڏاڳي ۽ عقيدي جي فرمانبرداريءَ جي دائري ۾ اچي ويو. انهن ڏرمي برادرين کي مضبوط رکڻ ۽ انهن کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ طاقت جي گهرج هئي. چاڪاڻ ته هاڻي جادو ۽ منڊ،

ٽوٽي ۽ ڦيٽي کان ڳالهه گهٽي وڌي ويئي هئي. رڳو ڪرشمن ۽ معجزن جي بنياد تي، انهن برادرين کي هلائڻ ۽ انهن ۾ عقيدي ۽ ايمان جي پختگيءَ کي برقرار رکڻ هڪ ڏکيو مامرو هو. چوندا آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. انهيءَ مصداق اهڙين مذهبي برادرين کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ هڪ قوت اپري نروار ٿي، جنهن کي "حاڪم" چئجي ٿو يا جنهن کي "شهنشاهه" چئجي ٿو. انهيءَ حاڪم يا شهنشاهه اهڙين ڏرمي برادرين کي پنهنجي سگهه وسيلي پاڻ کي زمين تي "آسمان" يا غيبي قوتن جو نائب سڏرايو- ان اهڙي دعوا ڪئي به ۽ مجرائي ب. گهٽا ته انهيءَ دعوا کان به گهٽو اڳتي نڪري ويا.

انهن حاڪمن يا شهنشاهن، پنهنجيون شهنشاهتون (Empires) قائم ڪيون. مثال طور يونان منجهان سڪندر (ذوالقرنين) پيدا ٿيو. جنهن کي سڪندر اعظم جي نالي سان سڏين ٿا. عيسوي سن کان ٽي چار سئو ورهيه اڳي، جنهن پنهنجين فتحن جو سلسلو شروع ڪيو. هن سڄيءَ دنيا کي فتح ڪرڻ جو خواب ٽي ڏٺو ۽ اهڙو وڏو خيال ٽي پاليو. ان کان سواءِ يهودي مذهب ۽ ان جي ٻين شاخن مان به حاڪم ۽ شهنشاهه پيدا ٿيا. انهن حاڪمن ۽ شهنشاهن کي پنهنجي حاڪميت ۽ شهنشاهيت کي برقرار رکڻ لاءِ مذهب جي گهرج پئي، ٻئي پاسي مذهبي دعويدارن کي مذهبي برادرين کي پنهنجي فرمانبرداريءَ ۾ رکڻ لاءِ طاقت جي گهرج هئي، اها گهرج حاڪم يا شهنشاهه پوري پئي ڪئي. اهڙيءَ ريت شهنشاهيت ۽ /يا حاڪميت جو ڏرمي اداري سان سهڻ يا مستقل مفاد جڙيو. انهن ٻنهي ملي ماڻهن کي عقيدي يا فرمانبرداريءَ ۽ سگهه وسيلي قبضي ۾ رکيو. اڳتي هلي ڏرم ۽ شهنشاهيت ملي شهنشاهي گهراڻن (Dynastics) کي جنم ڏنو. مثال طور هندستان ۾ مغل شهنشاهي گهراڻو پيدا ٿيو، انهيءَ گهراڻي کي اٺ يا ساڍا اٺ سئو سال هندستان تي حڪومت ڪئي. يورپ ۾ رومن شهنشاهيت پيدا ٿي. مصر ۾ فرعون جي شهنشاهيت پيدا ٿي.ائين ٻيون به گهڻيون شهنشاهتون پيدا ٿيون، جن کي ڪنهن هڪ خاندان جي فردن لڳاتار —هڪٻئي پٺيان سنياليو. انهيءَ زماني کي، سماجي ارتقا جي خيال کان، شهنشاهي گهراڻن جو زمانو چيو وڃي ٿو. ان ۾ اسلام جا شهنشاهي گهراڻا به اچي ويا وڃن. اشوڪا شهنشاهي گهراڻو، رومن شهنشاهي گهراڻو، (جڏهن پوپ سڄي ملڪ جو والي وارث هوندو هو)، زردشتي ڏرم جي بنياد تي ايراني شهنشاهي گهراڻو وغيره، ان سلسلي جا ڪجهه مثال آهن.

هاڻي ڳالهه اتي اچي ٻيٺي ته شروع ۾ انسانن جا رولو ۽ شڪاري ٽولا ٻڌيا، اتان اهي ڪٽنب جي تنظيم ۾ آيا، پوءِ قبيلي جي تنظيم ۾، تنهن کان پوءِ انسانن جا اهي انبوهه غلامداري نظام هيٺ آيا، انهن جو هڪ آقا مقرر ٿيو. ڏرم اسريا، ڏرمي برادريون پيدا ٿيون. مذهبن پنهنجي بقا لاءِ شهنشاهتون يا حاڪميتون پيدا ڪيون. اُتان وري شهنشاهي گهراڻا پيدا ٿيا.

تيستائين ايندي ايندي انسان گهٽو ڪجهه سکيو ۽ پرايو. مثال طور انهن گهر ٺاهيو، اڳي کان بهتر ۽ سهوليتن پريا اڇا ٺاهيا، انهن کاڌي پيتي جي سلسلي ۾ به سڌارو آندو ۽ رڌ پچاءُ جو ڪر شروع ڪيو، ان پوشاڪ ٺاهي، پهرڻ شروع ڪئي. انڪري انسان هاڻي نه ته وحشي رهيو ۽ نه وحشي نما، پر سماج ۾ ان پنهنجي جاءِ جوڙي، فطري وايي منڊل هوندي، پنهنجي الڳ حيثيت، شعور ۽ ارادي جي بنياد تي، جوڙي ورتي. انهن مٽين مڙني شين کان مٽي هيءَ ڳالهه آهي ته انسان هولي به گهڙي ۽ ٺاهي ورتي، جتي جتي به، انسان رهيو پئي، انهي ايراضيءَ جي الڳ هولي. اها هولي به انساني پورهيي جي هڪ شڪل آهي، جيڪا هن پاڻ، پنهنجي گهرج پٽاندر، ٺاهي، گهڙي ۽ وقت هلندي، ان ۾ تبديليون ۽ واڌارا سڌارا آڻي، ان کي وڌيڪ بهتر بنايو. انهيءَ سڄي عرصي ۾، انسان هوليءَ وارو پورهيو ئي نه ڪيو، ان ٻيا به پورهيا ڪيا، ۽ پاڻ کي بهتر کان بهتر سماجي حالتن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هوليءَ کان سواءِ

انسان سماجي پورهيا هئا: ذهني پورهيو، جسماني پورهيو ۽ سماجي پورهيو. هوليءَ واري پورهيي مان هن پنهنجي زبان وسيلي، پنهنجي ذهن جي خيالن، راين، سهمت پٽي، اختلاف، خواهشن ۽ خوابن کي اظهارڻ سکيو. ڏک سک ونڊڻ سکيو. جسماني پورهيي مان هن شيون ناهيون - گهٽيون ۽ انيڪ، ذهني پورهيي وسيلي شعور ڳولي هٽ ڪيو ۽ شعور کي مختلف شڪلين ڏنيون ۽ سماجي پورهيي مان سماج تخليق ڪيو ۽ ان کي بهتر ۽ رهڻ جوڳو (Livable) بنايو، پر سماج کان پوءِ، ٻئي نمبر تي، هولي ئي سندس عظيم تخليق طور ڳڻي ويئي آهي.

هاڻ اچون ٿا وري انهيءَ ڳالهه تي. شهنشاهي گهراڻا مذهبي برادريءَ جي بنياد تي، پنهنجي پنهنجي ايراضيءَ تي دعويٰ قائم ڪرڻ لڳا. انهن پنهنجو پنهنجو الڳ جاگرافيائي دائرو ناهيو. دعوائون ٿيون ته هيءَ ايراضي مسلمانن جي آهي. هيءَ ايراضي آريا مذهب سان تعلق رکندڙن جي آهي. هيءَ عيسائي مذهب وارن جي ايراضي آهي. اهڙيءَ ريت سماج ۾ هڪ تنظيم، مذهبي برادرين جي بنياد تي پيدا ٿي. هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي زمين جي دعوا داخل ڪئي. ساڳئي وقت شهنشاهتن ۽ شهنشاهي گهراڻن جي حڪومتن اندر داخلي ڇڪ ڇاهه جو سلسلو به شروع ٿيو. نه رڳو ايترو پر بادشاهتن، حاڪميتن ۽ شهنشاهتن جو، پاڻ ۾ ٽڪر به ٿيو. چٽاپيٽي ۽ مقابلي واري صورتحال پيدا ٿي. ان ڏس ۾ مغل شهنشاهت جو مثال اسان وٽ موجود آهي. جڏهن ڪنهن بادشاهه جي جمار جا ڏينهن پورا ٿيندا هئا ۽ هو بادشاهي يا حڪمراني ڪرڻ لائق نه رهندو يا مرڳوئي مري ويندو هو ته پوئتان سندس اولاد پاڻ ۾، حڪمرانيءَ جي دعوا يا حڪمرانيءَ جي حصي تان وڙهي پوندو هو. پوءِ فيصلو ڪيو ويندو هو: بنگال وارو حصو تنهنجو، سنڌ وارو پرڳٽو تون ڪٽ، افغانستان ۾ وڃي تون راج ڪر. اهڙيءَ ريت شهنشاهي گهراڻن واريون ايراضيون ورهائجنديون ويون ۽ ننڍيون ننڍيون ايراضيون وجود ۾ آيون.

ايراضين جي اهڙي ورهاست جڏهن ڪڏهن جاري رهندي پئي آئي، جڏهن غلاميءَ وارو دور هو، تڏهن به انسان ڪنهن نه ڪنهن جوءِ ۾ رهندو هو، ڪنهن نه ڪنهن ايراضيءَ ۾ رهندو هو ۽ ايراضيءَ ۾ ورهاڳو به جاري رهندو هو. ڏرمي برادرين واري دؤر ۾ به اهو سلسلو جاري رهندو آيو.

بهرحال، سلطان شاهيءَ جي دؤر ۾ سلطان پنهنجي پاڻ ۾ وڙهڻ جهڳڑڻ لڳا، پنهنجيون سلطنتون ڌار قائم ڪرڻ لڳا. ٽيڪ انهيءَ موقعي تي يورپ ۾ هڪ نئين ڳالهه پيدا ٿي، جتي اڳي شهنشاهي راڄ هئا، غلام داريءَ هيٺ برادريون هيون يا جيڪا مضبوط جاگيرداري هئي يا جيڪي ڏرمي برادريون هيون، انهن هروپرو نه سنئين ليڪ تي سفر ڪيو. اهڙن سماجن ۾ داخلي تضاد موجود هئا، ڪي حق ڪان محروم هئا، ڪي امير ٿي پوندا هئا ته وري ڪي مفلس. مطلب سڪيا ۽ ڏکيا، ٻنهي قسمن جا ماڻهو انهن راڄن توڙي سماجن ۾ رهندا هئا. جيئن اڳڪلهه سماجي اٽبرابري آهي، سا تڏهن به هوندي هئي.

هيٺا ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بغاوتون برپا ڪندا هئا. غلاميءَ واري دؤر ۾ ته مذهبي برادرين واري دؤر ۾ به، ٻئي پاسي ڏاڍا ماڻهو انهيءَ ڪوشش ۾ هوندا هئا ته هيٺا بغاوتون نه ڪن، فرمانبردار رهن. اسان جيڪي ڳالهه ڪريون ٿا، اها هيٺا ماڻ ميٽ ۾ مڃين. اسان جي چئي آڪئي ۾ هجن، پر انسانن ۾ - هيٺن انسانن ۾ آزادي، حقن ۽ مفادن جي ٿوري يا گهڻي سمجهه هئي، جيڪا ڪين بغاوتن ۽ شورشن تي اُڪسائيندي هئي. اهڙيءَ ريت شهنشاهن ۽ بادشاهن خلاف بغاوتون ٿيون، سندن اميرن ۽ گماشتن خلاف بغاوتون ٿيون. جيئن اسان وٽ آهن، تيئن ڪي نواب، اميرزادا، سردار، ڪي زميندار ۽ جاگيردار يورپ ۾ پڻ هئا. پاڻ پنهنجي ملڪ — مملڪت خداداد پاڪستان ۾ ڏسون ته به هيٺي ڏاڍي وارو فرق موجود آهي. ڏاڍا ماڻهو يا حاڪم ماڻهو پنهنجا حواري ۽ گماشتا رکن ٿا، جيڪي سڄو وقت وتندا حاڪمن جا ڳڻ ڳائيندا عام ماڻهن کي

وتندا پلائيندا ۽ پٽکائيندا تہ جيئن اهي فرمانبردار رهن، کاٻہ بغاوت يا شورش برپا نہ ڪن.

هيٺن ماڻهن جي ڏاڍن ماڻهن سان مهاڏي اٽکائڻ جو هر دور ۾ امکان رهيو آهي، اڄ ٻہ آهي. پر هيٺا ماڻهو پاڻ اڪيلي سر وڙهي نہ سگهندا آهن. انهن کي هر زماني ۾ ڪنهن قيادت، ڪنهن تنظيم جي گهرج هوندي آهي. هيٺن ماڻهن جا مفاد پنهنجي ئي طبقي سان جڙيل هوندا آهن. انهن مفادن جي هڪجهڙائيءَ جي ڪري، اهي هڪبئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. مثال طور: غلام داري دور ۾ جهڙيءَ ريت هر ڪنهن آقا جي هلت چلت ۽ غلامن ڏانهن اختيار ڪيل رويي ۾ هڪجهڙائي هئي، ٻئي پاسي غلامن مٿان ٽيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ ان جي ٽيندڙ استحصال سبب، انهن جي مسئلي ۾ هڪجهڙائي هئي. انهيءَ مسئلي جي هڪجهڙائيءَ سبب اهي يڪ مشت هئا. مذهبي برادرين واري دؤر ۾ مذهب جي معاملي تي ماڻهو يڪ مشت هئا. بادشاهتن ۾ عام ماڻهو، رعيت جي حيثيت ۾، يڪ مشت هئا. اها هيٺن، ڪمزورن، محرومن، مظلوم ۽ غلام ماڻهن جي مفادن جي هڪجهڙائي ئي هئي، جنهن انهن ۾ يڪ مشتي (مڙي مٽ ٽيڙ واري حالت) پيدا ڪئي. انهيءَ بنياد تي اهي پنهنجن آقائن، جاگيردارن، بادشاهن، حاڪمن سان وڙهيا.بغاوتون ۽ شورشون برپا ڪيائون. اها يڪ مشتي ئي انهن جي سگهہ هئي/آهي. ان ۾ ئي سندن نجات ۽ چوٽڪارو هو/آهي.

ائين اهي معاملا وڌندا رهيا. دؤر اڳتي وڌندا آيا، هيٺي ۽ ڏاڍي ۾ مقابلو ٻہ رهندو آيو، هيٺن پنهنجيءَ تنظيم تي زور ڏنو، ڏاڍن ان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. دؤر مٽيا، عام خلق جو ذهن مٽيو. انهن جي سوچ مٽي، هڪ ايراضيءَ ۾ رهندي انهن پنهنجي پاڻ کي ٽانيڪو ڪيو ۽ اتيئي ئي رهندي، پنهنجي طبقاتي ۽ انساني حقن لاءِ ميدان ناهيائون، ڪٽڻ جا امکان ۽ سامان پيدا ڪيائون. تنهن هوندي ٻہ ان کي هڪ ڳڙيل بنيادي سڃاڻپ جي گهرج محسوس ٿي، تہ جيئن اهي پنهنجي انفراديت کي مجرائي سگهن. وٽن ايراضي تہ نہ هئي، پر ان کان نياري ڪا شيءِ اجا ٻہ ڪين گهربل هئي، جيڪا سندن سماجي تنظيم کي پورٽتا سان نوازي، اها ڪوٽ نيٽ انسان پوري ڪئي ۽ اهي هوليءَ جي بنياد تي سهمت ٿيا. هولي سندن انفراديت کي پورٽتا بخشي، ان بنياد تي ڪنهن ايراضيءَ ۾ رهندڙ انسانن- هيٺن توٽي ڏاڍن- ۾ اتفاق ٿيو. هوليءَ جي معاملي تي اهڙي اتفاق وسيلي سماج ۾ ماڻهن جي تنظيم جو هڪ وڏو مرحلو طئ ٿي ويو.

ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، يورپ ۾ بادشاهن خلاف بغاوت جو سلسلو شروع ٿيو. ان وقت تائين ملڪ نهي راس ٿي چڪا هئا، جاگرافيائي حدبندين جو پڪ تعين ٿي چڪو هو. اهڙيءَ ريت يورپ ۾ 1789ع ۾ فرينچ انقلاب جنم ورتو. انهيءَ کان اڳ انگريزن خلاف آمريڪا ۾ بغاوت ٿي چڪي هئي. انهيءَ بغاوت جو بنياد ٻہ شيون هيون- هولي ۽ ايراضي. انهيءَ بنياد تي آمريڪين پاڻ کي قوم تصور ٿي ڪيو ۽ اُهي انگريزن جي حڪمرانيءَ ۽ عملداريءَ خلاف اٿي کڙا ٿيا، جنهن ۾ سوپارا ٿيا. فرينچ انقلاب يورپ مان جاگيرداريءَ جي پاڙ اکوڙي چڏي، هيٺن پنهنجي سگهہ، همت ۽ حوصلي سان ظالمن سان، ڏاڍن سان وڙهہ ڪئي ۽ ڪامياب ٿيا. فرينچ انقلاب جا ٻہ بنيادي محرڪ هولي ۽ ايراضي رهيا. انهيءَ انقلاب وسيلي يورپ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيو، اتي جديد نمائندگي يا عيوضائپ واري جمهوريت جا بنياد پيا ۽ اها انساني ارتقا جي تاريخ ۾ ۽ پڻ انسان جي فڪر جي اوسر جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ۽ سوپ هئي. هيٺن پهريون پيرو پنهنجي حقيقي انساني ۽ سماجي حيثيت مجائي. انهيءَ انقلاب کان پوءِ قومي رياستن (Nation States) جو تصور پيدا ٿيو ۽ قوم جي ترڪيبي جزن ۾ هولي ۽ ايراضيءَ کي بنيادي ۽ لازمي حيثيت ڏني ويئي، ان کان سواءِ ڪي

ثانوي ترڪيبي جزا ۾ هئا. پر قومي رياستن ۽ قومن جي بناوت مان ڏرم جي عنصر کي ٻاهر رکيو ويو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ تفرقا پيدا پئي ڪيا، انهيءَ ڏس ۾ يورپي ماڻهن کي ڪليسا جي ڏاڍ ۽ جبر جو هڪ وسيع تجربو پڻ هو. بهرحال واقعو هيئن ٿيو ته بادشاهتن ۽ سلطنتن کي ڌاهي پٽ ڪيو ويو ۽ عام خلق پنهنجو عوامي راج قائم ڪيو. يعني جمهوريت جو دؤر آيو. يعني بادشاهي ۽ جاگيرداري دؤر کي ڌاهي، ختم ڪري، ڪنهن ايراضي ۾ رهندڙ ماڻهن، "هڪ وطن" جي حيثيت ۾، "هڪ ٻولي" جي ڳالهائيندڙن جي حيثيت ۾، گڏ ٿي، ڏرم کي قومي دائري کان ڪڍي، ان کي شخصي آزادين جي خاني ۾ رکي، پنهنجو راج، "پنهنجي مرضيءَ" سان لاڳو ڪيو. انهيءَ انقلاب کان پوءِ ڏرم جي انساني اتحاد، برابري ۽ برادريءَ ۾ ڪا گهٽي گهرج محسوس نه ڪئي ويئي. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو ته ڏرم هاڻي تفرقا پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي پيو هو. شروعات ۾ اهو، تاريخ هڪ جي هڪ زماني ۾، انساني تنظيم جو هڪ وسيلو ٿي رهيو هو، پر پوءِ ان پنهنجي اهڙي حيثيت وڃائي ڇڏي، يورپ ۾ عيسائيت جيڪي ظلم ڪيا، انهن کي اڄ به اونداهو دؤر(Dark ages) سڏيو وڃي ٿو، جيڪو لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن تائين جاري رهيو، جنهن مان نڪرڻ ۽ روشنيءَ ڏانهن وڌڻ لاءِ يورپي ماڻهن کي وڏو جُهد ڪرڻو پيو ۽ انهن گهڻيون ئي قربانيون ڏنيون.

يورپ ۾ هونءَ ڪيترائي ڏاها ۽ مفڪر پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجن پنهنجن زمانن تي گهرا ۽ اثر ڇڏيا. جن جي ڪر، عمل ۽ ڪردار هيڏن کي فائدو ڏنو، جن انساني شعور کي وڌڻ ويجهڻ لاءِ نوان ڏس ۽ گس ڏنا. اهڙا ڏاها، عقلمند ۽ عالم ماڻهو غلاميءَ واري دؤر ۾ به پيدا ٿيا، مذهبي برادرين واري دور ۾ به پيدا ٿيا. مختلف تحريڪن، تبديلين جي زماني ۾ به پيدا ٿيا ۽ انهن کان پوءِ به پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر هتي آءٌ خاص طرح ٽن ماڻهن جا ذڪر ڪرڻ ٿو.

انهن ٽنهي مان پهريون آهي ميٿيو آرنلڊ (1822ع کان 1888ع) ٻيو آهي جان رسڪن (1819ع کان 1900ع) ٽيون آهي ٿامس ڪارلائل (1785ع کان 1881ع) انهن ٽنهي کي علمي دنيا ۾ سماجي نقادن (Social Critics) جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. هونءَ ته علم جا اڪابر هئا، ڪيترن ئي علمن ۾ پڙ هئا، پر سندن سماجي نقاد واري حيثيت کي وڌيڪ مڃيو ۽ تسليم ڪيو ويو آهي.

انهن ٽنهي ڏاهن کي سماجي نقاد انڪري قرار ڏنو ويو آهي، جو انهن سماجي ارتقا جي بنيادي سوالن کي پنهنجي بحث جو موضوع بنايو، جهڙوڪ سماج ڇا آهي؟ سماج جي بناوت ڪيئن ٿيندي آهي؟ انسان سماجي ترقيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا ڏاڪا طئ ڪيا آهن؟ اڄتي ان کي ترقي ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ فرد ۽ سماج جو رشتو ڪهڙو آهي؟ سماجي تبديليون ڇا آهن ۽ ڪيئن ۽ ڇو ايندیون آهن؟ ۽ ٻيا اهڙا انيڪ سوال جن سان انهن ٽنهي ليڪڪن معاملو رکيو آهي. انهن سماج جي ترقي ڪري رياست تائين پهچڻ ۽ رياستي عملي اظهارحڪومت جي طريقيڪار تي به بحث ڪيو آهي ته ان سان گڏ، انهن سوالن تي به ويچاريو آهي ته بادشاهي راج کي ختم ڪرڻ جي خواهش ڇو پيدا ٿئي ٿي. انسان جيڪي پنهنجي طور تي حڪومتون قائم ڪيون آهن يا اڄتي به قائم ڪرڻ گهري ٿو، انهن کي ڪيئن هلائجي. انهن ڏاهن سماج جي خوبين ۽ خامين تي ڳالهايو. ان جون ڪمزوريون ڄاتيون، ڪمزوريون ڄاڻي انهن جا علاج تجويز ڪيا.

ميٿيو آرنلڊ هڪ ڪتاب لکيو "سماج ۽ انارڪي". انساني ارتقا ۽ ان جي قومر بنجڻ تائين ڳالهه ٿي چڪي. قومر جي خاص ۾ خاص معنيٰ بابت ڳالهه ڪٿي ٿي. اهو ذڪر به ٿي چڪو ته ڪيترا نه ڏڳها زمانا انهيءَ ارتقا ۾ لڳا ۽ اها ارتقا ڪهڙيءَ ريت مختلف لاهن چاڑهن مان گذري.

ميٿيو آرنلڊ پنهنجي ڪتاب "ڪلچر ۽ انارڪي" ۾ پنهي موضوع تي پرپور لکيو آهي.

'انارڪي' جي معنيٰ آهي 'نراج' "نہ + راج" جتي راج نالي ڪا شيءِ نہ هجي. اهو سياسي اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي. اهڙي رياست، جتي قانون نالي ڪا به شيءِ نہ هجي. جيئن اسين سنڌ ۾ چوندا آهيون: "ادا قانون نالي ڪا به شيءِ نہ آهي." "ملڪ ۾ ڪو داد فرياد ناهي." يا "مُلڪ ۾ قانون آهي ڪونہ." ان جو مطلب آهي تہ ملڪ ۾ 'نراج' آهي. قانون جي ڪابہ حڪمراني نہ آهي. ميٿيو آرنلڊ جو نقطو آهي تہ انسان لاءِ مهذب (Cultured) ٿي رهڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اهو ائين نہ ڪندو تہ پوءِ اهو جيڪو عمل ڪندو، اهو نراجيت جي ڪاتي ۾ ويندو. سندس چوڻ آهي تہ ماڻهوءَ کي سماج ۾ ڪن ضابطن ۽ اصولن سان رهڻو آهي. ميٿيو جيئن تہ انهيءَ زماني ۾ موجود هو، جڏهن بادشاهيون ڏهيون پئي ۽ عوامي راج قائم پئي ٿيا. انڪري هن عوامي راڄن جي مضبوطي ۽ انهن جي برقرار رهڻ لاءِ ڪن بنيادي سوالن ۽ پنهنجي انهيءَ دور جي حالتن پٽاندر ممڪن حل ڈيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي. هن جي خيال ۾ شهنشاهيون يا بادشاهيون به هڪ قسم جون نراجي حڪومتون هيون، جيڪي ماڻهوءَ کي ماري پاڻ ڪنديون هيون، پنهنجيءَ مرضيءَ جا فيصلا ۽ پروانا جاري ڪري رعيت مٿان مڙهيندیون هيون. ڏوهيءَ کي بيڏوهي ۽ بيڏوهيءَ کي ڏوهي قرار ڈيئي کين سخت ۽ سنگين سزائون ڈيندیون هيون. انڪري رعيت، ڊپ ڊاءَ ۽ جان جي امان لاءِ بادشاهي حڪم جي پوئواري پئي ڪندي هئي. اهو ساڳيو حال، رعيت جو، غلامداري دور۾ به هو. انڪري ميٿيو جو خيال هو تہ بادشاهن جي دؤر ۾ رعيت سان اختيار ڪيل غيرانساني، غيراخلاقي ۽ غير منصفاڻن روايتن، رواجن ۽ قانونن جو انت اچڻ کپي ۽ عوامي راڄن کي انهن جي پوئواري بلڪل به نہ ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ انهن کي ثقافت يا مهذب ٿيڻ مان ڪير روڪڻ گهرجي تہ جيئن رعيت جا صدين جا ٽڪ لهي سگهن. جيڪڏهن سڌريل سماجي رويي (Culture) کان ڪير نہ ورتو ويو تہ رعيت هڪ پيرو ٻيهر نراجيت تي لهي ايندي.

ميٿيو پنهنجي وقت جي حالتن پٽاندر هڪ معقول ۽ مائيدار ڳالهہ ڪري ٿو. هُو نراج ۽ ڪلچر جي اصطلاحن وسيلي ٻن زمانن ۾ فرق بيان ڪري ٿو. هو انهيءَ ڳالهہ جو وڪيل آهي تہ اهي سڀ برايون، جيڪي پراڻي بادشاهي نظام ۾ هيون، اهي عوامي راج ۾ نہ هئڻ کپن. هو انهيءَ مسئلي جو حل ڪلچر ۾ ڈسي ٿو، ۽ ڪلچر ۾ ٻن شين جي موجودگيءَ جي نشاندهي ڪري ٿو. هڪ روشني (light) ۽ ٻيو ميٺاج (Sweetness). روشنيءَ مان مراد، اهڙي شيءِ آهي، جيڪا اونداهيءَ جو وجود ختم ڪري سگهي. اها روشني جيڪڏهن اکين اڳيان هوندي آهي تہ هر شيءِ واضح ۽ چٽي هوندي آهي، ۽ اها روشني ذهن ۾ هوندي تہ اها انسان ۾ علم، ادراڪ ۽ فهم پيدا ڪندي آهي. جڏهن تہ ميٺاج کي به ميٿيو هڪ شيءِ نہ ٻڌائي اعليٰ قدر طور ڪتب آڻي ٿو. هو ميٺاج کي ماڻهپو قرار ڈئي ۽ هڪ انسان جي ٻئي انسان سان بهتر رويي کي قرار ڈئي ٿو. هن جو دليل آهي تہ جڏهن سلطان ويا، نواب ويا، بادشاهہ ويا، تہ هاڻي انسان آزاد آهي. انهن وٽ جمهوري راج آهي. پنهنجي حڪومت آهي. اُن کي ڪيس پاڻ ئي سنياڻو آهي. ان جي نگهباني ڪرڻي آهي؛ ۽ سڀ لاءِ وٽس رڳي اڪيلي چونڊ آهي ۽ اهو آهي ڪلچر، جنهن ۾ روشني آهي ۽ ميٺاج آهي. ياد رهي تہ روشني ۽ علم يا علم ۽ روشنيءَ جو پاڻ ۾ گهرو سنڌ آهي. "روشني" جو لفظ "علم" جو ۽ "علم" جو "روشني" جو متبادل رهيو آهي. اسان جي شاعر ايار به انهيءَ ڳالهہ کي پرکي ورتو هو، جنهن چيو:

"نہ ديپ دونهاڻجي ڪڏهن هي، للات جي لات شل جر
پرهہ پري آ پتو نہ آهي تہ رات ڪيسين ڈاهاڳ ڈيندي.

اتي "ديپ" جي معنيٰ آهي- دماغ. "للات جي لات" مان مطلب آهي "شعور". "پرهہ" مان مراد آهي، اها منزل يا اها گهڙي جتي "اونداهي" يعني "جهالت" ڪٽي. انڪري اسان جو شاعر چوي ٿو تہ دماغ جو ديپ نہ

وسامجي ۽ شعور جي وٽ برندي رهي، تان ته "رات" جو ڏاڪ (آزار، اهنج) ختر ٿئي. اسان وٽ به پنهنجي هولي۽ ۾ اهڙا اصطلاح موجود آهن، جيڪي روشني۽ جي معنيٰ چگائي، علم يا نيڪي ڏيندا آهن. مثال طور: چوندا آهن: "هي۽ ڏيا وارو ماڻهو آهي." ، "چهري ۾ روشني اٿس." وغيره، علم کي ڏيئو به چوندا آهن. هڪ کتاب ۾ ائين به آيل آهي ته "Knowledge with Beauty". علم ته علم ٿيندو آهي، پر وري مسئلو اهو ٿو سامهون اچي ته علم کهڙو؟ انسانذات لاءِ کهڙو علم چگائي۽ وارو ۽ قبولڻ جوڳو آهي. انهي۽ سوال جو جواب سونهن (Beauty) ڏئي ٿي. وري سوال اهو ٿو ايري ته سونهن يا حسن جي سجاڻپ کيئن ٿيندي؟ ها، اها ئي سونهن چئجي، جنهن ۾ اڪثريت جو فائدو هجي، هڪ حديث آهي ته: پلي ۾ پلو انسان اهو آهي، جيڪو سيني انسانن جو پلو ڪري ٿو. انهي۽ ڪري يورپ وارن به علم جي چگائي۽ ۾ وڏي ۾ وڏي ڪسوٽي به اها ئي بيهاري ته هڙو علم جنهن مان وڌ ۾ وڌ فائدو پوي ٿو- انسان کي ۽ اهو انهي۽ علم مان سک، خوشي، سکون ۽ آرام ڪيترو ماڻي ٿو. ميٽيو اسان سماج ۾ حقيقي چگائي۽ کي ڪلچر سان سلهاڙي ٿو، ۽ ڪلچر ۾ هو وري هو به شيون ڏسي ٿو. هڪ روشني يعني علم ۽ بي ميناج يعني انسان جو انسان سان برابري ۽ برادري۽ وارو رويو، نرم روي۽ واري روش. هو انهي۽ گالهه تي زور ڏئي ٿو ته ڪنهن سماج ۾ ڪنهن تبديلي۽ لاءِ ۽ جيڪڏهن تبديلي اچي چڪي آهي ته ان کي برقرار رکڻ لاءِ ڪلچر ئي اصل وسيلو آهي.

هاڻ هلون ٽاڙ ٽامس ڪارلائل ڏانهن. اهو ڪم جي اخلاقي قدر (Moral Value of Work) تي زور ڏئي ٿو. هو چوي ٿو ته اوهين بادشاهت مان چڻا آهيو، غلامي۽ جو طوق ڳچي۽ مان لاهي ڦٽو ڪيو اٽوَ ۽ ڏرمي برادرين جي پنڊتن، پادرين، پيرن ۽ مُلن مان جند ڇڏائي آزاد نڪتا هيو (پر اسان-سنڌ وارا اڃا انهن طوقن مان آجا نه ٿيا آهيون). هو چوي ٿو ته اوهان ڏگهي غلامي۽ مان رهندي، ظلم ۽ ڏاڍ سهندي، اڄ هن منزل (عوامي راڄ) تائين پهتا آهيو. پنهنجي پاڻ ۾ بالغ راءِ ٿيا آهيو ته پوءِ اوهان کي ڪم ڪرڻ کپي. ان کان لنوائڻ يا ڪيبائڻ نه کپي. اخلاقي (Moral work). مان مراد آهي، اهڙي ڪم جي آهي، جيڪو سماج ۾ اخلاقي قدرن کي هٿي ڏئي. اتي سهپ، رحم، همدردي، سهڪار ۽ درگذر جهڙا قدر اسري سگهن. پنهنجو فرض (Duty)نياڻيو. يعني اوهان جي حصي يا ذمي جيڪو به ڪم آهي، ان کي اهڙي نموني ڪريو جو اهو هر طرح سان مڪمل لڳي ۽ ڪم سان محبت ڪريو. ان کان ڊڄو نه، ان کان پڇو نه. ان حساب سان ڪارلائل ڪم جي اخلاقي قدر ۽ فرض جي اهميت (Importance of duty) تي زور ڏئي ٿو. هو چوي ٿو ته پنهنجي فرض جي اهميت کي سجاڻو ۽ ڪم جي اخلاقي قيمت ڪٽيو. ائين نه ڪندؤ ته پوءِ اوهان ارتقا جون منزلون طئ ڪري انسان ته ٿي پيا آهيو، پر پاڻ ۾ انسان واريون خوبيون، ماڻهپو پيدا نه ڪري سگهيا آهيو، ۽ ماڻهپو، انسان جي نئين سر پيدا ٿيڻ (Rebirth) جو نالو آهي. هون۽ به ڏاها سدائين اهو درس ڏيندا آيا آهن ته انسان کي انسان ٿيڻ ۾ اڃا به وقت لڳندو.اها گالهه انساني تهذيبي دور جي هر ڪنهن مرحلي تي چئي ويئي آهي ۽ اڄ به چئي ۽ ورجائي پئي وڃي. ان جو مطلب آهي ته ڪروڙن سالن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ماڻهو ماڻهپي ۾ نه اچي سگهيو آهي، ان ۾ کي ڪوٽون ۽ خاميون آهن، جيڪي ان جي مڪمل طرح ماڻهو ٿيڻ جي راهه ۾ رندڪ بڻيل آهن. انهي۽ سلسلي ۾ اها گالهه به چئي سگهجي ٿي ته ان اڃا پورهيي جي اخلاقي ملهه ۽ فرض جي اهميت کي نه سجاتو آهي،

ڪارلائل چوي ٿو ڪم جي اخلاقيات (Work ethics) هوندي آهي. ڪم سڌو آهي يا برو، مسئلو اهو ناهي. اها شيءِ پوءِ به ٿي طئ ٿي سگهي ٿي، پر ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ گهرجي. ان ۾ کا به کوتاهي نه ڪرڻ کپي. ڪم جي اخلاقيات اسان

کي سکڻ ۽ سمجھڻ کپي. جيڪو اوھان ڪر جي اخلاقيات کي نہ سمجھيو ۽ فرض جي اھميت کي نہ سمجھيو، تہ پوءِ ھينئر جيڪا اوھان ڪاميابي ماڻي آھي، بادشاھيءَ کي ڏاھي، پنھنجي حڪومت قائم ڪئي اٿوَ ۽ پاڻ کي جمھوريت پسند پيا سڏرايو تہ پوءِ ڪر جي اخلاقيات کي سمجھو، فرض شناس ٿيو، اھي عمل روحاني طرح اوھان ۾ روشني پيدا ڪندا، نہ تہ حيوانيت اوھان مٿان حاوي ٿي ويندي. اوھين ھڪبئي کي ڏک پھچائيندا، ھيڇ ۽ لوڀ جي ڏبڻ ۾ وڃي ڦاسندا، بي ايماني ڪندا، بداعماليءَ جي ور چڙھندا، ھڪبئي جا حق ڦھائيندا. انڪري ڪر جي اخلاقيات ۽ فرض جي اھميت ۾ اھڙيون شيون آھن، جيڪي اوھان کي ھنن بدليل حالتن ۾ ڪر ايندیون ۽ اوھان کي وڌ ۾ وڌ ماڻھپي ڏانھن وٺي ويندیون.

جان رسکن ڪتاب لکيو آھي "Unto this last" انھيءَ جي معنيٰ آھي تہ آءٌ پنھنجي پاران، پوءِ منھنجي جيتري ۾ سمجھ يا سمجھڻ جي قوت آھي، اوھان کي "حرف آخر" ڪري ٻڌايان ٿو تہ اوھان جي نجات يا پلائي ڇا ۾ آھي، انھيءَ ڪتاب جو ترجمو ٿيو آھي. جڏھن تہ ميٿيو آرنلڊ ۽ جان رسکن جا ڪتاب ايڏا ترجمو نہ ٿيا آھن، ٿي سگھي ٿو تہ ڪنھن علم دوست اھڙو ڪر ڪيو ھجي، پر اھو منھنجي ڄاڻ ۾ آيل نہ آھي. اھو ڪتاب "آرٽ" جي اھميت تي لکيل آھي. ڪنھن زماني ۾ 'آرٽ' ڪر کي چوندا ھئا. ايتري تائين جو آرٽِفيڪيٽ جي معنيٰ شاعري ۽ ادب ۾ ورتي ويندي ھئي. ھاڻي ان کي آرٽ نٿا چون، پر 'لٽريچر' چون ٿا. انڪري جان رسکن آرٽ لفظ کي ڪر يا محنت يا پورھيي جي معنا ۾ ڪتب آندو آھي، جيئن لفظ آرٽيزن (Artisan) آھي جنھن جي معنيٰ آھي، مستري، ڪنھن ڪر جو ڪندڙ، ۽ آرٽسٽري (Artistry) لفظ جي معنيٰ "ڪاريگري" آھي، ڪار معنيٰ ڪر يا ڪرت. ان ڪري جان رسکن ۾ لفظ آرٽ کي ڪر جي معنيٰ ۾ ڪتب آڻي ٿو. اھو ڪر ھر ڪنھن پنھنجي پنھنجي نموني ڪيو، ڪن جسماني پورھيو ڪيو، تہ ڪن ذھني. ڪن ماڻھن کي اخلاقي سبق ڏنا، ڪن شاعري ڪئي، ڪن ڪتاب لکيا، ڪن ايجادون ڪيون، ڪن انساني سھولتون پيدا ڪيون، جن پنھنجي اولاد کي سڌاريو، ڪن پاڙي وارن جي سڌ لڌي، ڪن قوم لاءِ تہ ڪن دنيا لاءِ ڪر ڪيو، ڪن پاڻ ڀلو ٿي ھين کي پنھنجي پوئواري ڪرڻ لاءِ ڇڪيو. ان حساب سان آرٽ يعني ڪر سان ڇڳائيءَ جو تصور ۽ جڙيو ۽ آخرين طرح آرٽ لفظ جي معنيٰ وڃي ٻيني ڪر ۽ ڪر جي عزت، ان جي عظمت، ان جي وڏائي.

جان رسکن چوي ٿو تہ پاڻ ڪر لازمي طرح سان اخلاق آھي. محنت ۽ پورھيو اخلاق آھي. جيڪي ماڻھو اپائٽھار (Producer) آھن يعني پيداوار يا اپت ڪن ٿا، اھي ڇڳا ۽ سڻا ماڻھو آھن، بااخلاق آھن. ھاري پيداوار ڪري ٿو، مزدور پيداوار ڪري ٿو، استاد پڙھائي ٿو، ھارن کي تيار ڪري ٿو، اھو ۽ اپائٽھار (Producer) آھي. اھڙيءَ ريت ھيءَ آرٽ يعني ڪر يا محنت پاڻ اخلاق آھي ۽ لازمي طرح اخلاقيات جي دائري ۾ اچي ٿو. پورھيي کان وڌي ۽ بھتر ڪابہ اخلاقيات ناھي.

مٿي ڪلچر جي باري ۾ ٽن عالمن ۽ ڏاھن جا خيال پيش ڪيا ويا، جيڪي سماجي نقاد (Social Critics) سڏجن ٿا. اھڙيون ڳالھيون رڳو انھن ٽن ڄڻن ۽ ناھن ڪيون، پر سيني مڊھبن ۽ اھڙي ڳالھہ ڪئي آھي. قدر (Values) انساني تھذيب سان گڏ پيدا ٿيا آھن. پورھيي وارو يا اخلاق يا حسن اخلاق وارو قدر ۽ اوائلي ۽ بنيادي قدر آھي. پر انسان پنھنجي اخلاق کان ڪريل مفادن لاءِ ۽ ڪر ڪنداآھن. گڏ ٿيندا آھن، خاص طرح صاحب اقتدار ماڻھن جو اھو رويو رھيو آھي تہ عوام کي ڪِريل ۽ فضيلت کان نڪتل ڄاڻائيندا آھن. چوندا آھن تہ ماڻھن مان اخلاق ھليو ويو آھي. ماڻھن خدا کي وساري ڇڏيو آھي. سوَ عيب عوام مان پيا ڪيندا، اھي جيڪي ڪر ڪندا آھن، ھر قسر جو ڪر ۽ سماج ۾ تھذيبي اوسر کي ھٿي وٺرائيندا آھن. پر اھي پوءِ ۽ صاحب اقتدار ماڻھن کي نہ وٽندا آھن، ان ڪري جو انھن لاءِ ڪر اھو آھي، جيڪو سندن فائدي ۽ خوشامد ۾ ڪيو ويو ھجي. ماڻھو پنھنجي سماجي حالتن ۾ جنھن ڪشمڪش مان گذري ٿو ۽

پاڻ لاءِ ۽ پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن جا جيئڻ جا سامان پيدا ڪري ٿو، اهو انهن کي ناهي وٺندو، اهي چاهيندا آهن، ماڻهو سندن مفاد لاءِ مثال بڻجن، پر اهي ماڻهو جي سماجي پورهيي جي مجتا جو مثال پاڻ نه بڻيا آهن. اهي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، انساني پورهيي کي نيچ ۽ ڪمتر ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي ڪوڙ کي ور ور ورجائيندا آهن. انڪري سچ جي پاسداري ڪندڙن تي ٻه اهو ٻه لازم آهي ته اهي سچ کي بار بار ورجائين، اها شيءِ جي ڪلچر ۽ اخلاق جي دائري ۾ اچي ٿي.

هاڻ اچون ٿا ان ڳالهه ڏانهن ته ڪلچر ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڪلچر انهن ئي شين مان اُپجي ٿو، جن جو ٻاڻ مٿي ذڪر ڪري آياسين. يعني انسان کي سماج ۾ ... پنهنجين ذميوارين جو احساس هجي، ان کي پنهنجا سڀ انساني، اخلاقي ۽ سماجي فرض پورا ڪرڻ گهرجن. گڏيل سماجي پورهيي مان ۽ هڪٻئي سان سهڪار سان هلڻ مان ڪلچر پيدا ٿئي ٿو. ڪلچر کا آسماني شيءِ ناهي، اهو زمين تي رهندڙ انسانن جي سماجي، ذهني ۽ جسماني پورهيي جو نتيجو آهي، ڪلچر لفظ انگريزي لفظ "Cultivate" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اپائڻ، اهو ڪم، اهو پورهيو، اهي رويا، تصور ۽ قدر جيڪي سماج کي اڳتي وڌي وڃن، ان کي متحرڪ رکن، انساني اصل ڪمائي، اصل موڙي ۽ اصل اپت اها آهي.

هاڻي سوال ڪجي ته اهڙي اپت جي خيال انسان ۾ ڪيئن واسو ڪيو؟ عالمن ۽ ڏاهن جو خيال آهي ته اهو سمورو انساني مغز جو ڪمال آهي. ان لاءِ مغز يا دماغ جي بناوت کي سمجهڻ لازمي آهي، مختصر نموني عرض ڪجي ٿو ته دماغ يا مغن اها شيءِ آهي، جنهن چمپنزيءَ کان انسان کي ڌار ڪيو. چمپنزيءَ جي ٻار جو جمڻ وقت مغز 350 ڪيوبڪ سينٽي ميٽر هوندو آهي، اهو وڌي وڌي وڃي 450 ڪيوبڪ سينٽي ميٽر ٿيندو آهي. ان جو ميڇالو ان کان ڪونه ٿو وڌي. ان جي ابتڙ انسان جو جمڻ وقت مغز 350 ڪيوبڪ سينٽي ميٽر هوندو آهي، انساني ٻار جو مغز ڇهن مهينن ۾ ٽيڻ تي وڌي وڃي ٿو. يعني هزار ڪيوبڪ سينٽي ميٽرن کان ٻه وڌيڪ ۽ ائين وڌي وڌي اهو 1400 ڪيوبڪ سينٽي ميٽرن تائين پهچي ٿو. حياتياتي لحاظ کان چمپنزيءَ جي انسان ۾ تبديل ٿيڻ مهل اهو واقعو پيش آيو ۽ انسانُ، حيوان کان ڌار ٿيو. نه ته چار عضوا حيوان توڙي انسان، ٻنهي کي آهن. رت جو رشتو، هاضمي جوسرشتو، تنتي سرشتو ۽ ٻيا سرشتا انسان ۽ حيوان ۾ ساڳيا ئي آهن. سندن بدني ڍانچو ۽ ان جون خصوصيتون ٻه ساڳيون آهن، جبلتون ٻه ساڳيون آهن — بک، ننڊ، ميلاپ جي چڪ، بچاءَ لاءِ خبرداري وغيره ان حساب سان انسان ۽ حيوان ۾ فرق رڳو مغز جي ڪري آهي ۽ انهيءَ مغز جي بهتر استعمال وسيلي انسان شعور پاتو ۽ شعور ان کي گڏ رهڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ جي واٽ ڏيکاري. ڪلچر انسان جي گڏجي رهڻ ۽ سندس گڏيل سماجي پورهيي جو نتيجو آهي، ان کي ٺهڻ ۾ هڪ يا ٻه سال نه پر هزارها ورهيه لڳا آهن.

هر اها ڳالهه، هر اهو ڪم، هر اها شيءِ، جيڪا انسان پنهنجي گڏيل سماجي جياپي لاءِ، سک لاءِ ۽ خوشيءَ لاءِ پيدا ڪئي آهي، ۽ قدرت جو جيڪو ٻه سامان پيو آهي، جيئن مٽي آهي، پاڻي آهي ۽ اهڙيون ٻيون شيون، جن کي انسان سماجي بهتري ۽ فائدي لاءِ ڪتب آندو، ائين ڪنهن ٻه حيوان يا ٻئي ساهواري نه آندو آهي. اهو سڀ ڪجهه انسان پنهنجي دماغ ۽ شعور وسيلي ڪري ڏيکاريو آهي، اهائي شيءِ، اهوئي عمل ۽ اهڙي عمل جو سلسلو ٻه ڪلچر آهي. يعني قدرت جي پيل سامان مان جيڪا ٻه شيءِ انسان، پنهنجي شعور، پورهيي ۽ گهرج جي نسبت ۾ ڪيڙي ڪنئي آهي ۽ جيڪا ٻه شيءِ انسان گهڙي ناهي آهي. اها ڪلچر آهي. پنهنجي دماغ جي استعمال سان پنهنجيءَ پلائيءَ جي ڳالهه پيدا ڪرڻ ڪلچر آهي. مثال طور اوهين جيڪا لکڻي پڙهيو پيا، اها ٻه پورهيي جي هڪ صورت آهي، اها لکڻي اوهان تائين پورهيي جي مختلف منظر مرحلن کان پوءِ اوهان تائين پهتي آهي. ٿوريءَ دير لاءِ، اوهين جنهن ٻه جاءِ تي آهيو، دفتر ۾ آهي، گهر ۾ آهيو، ٻنيءَ تي آهيو، بزار ۾ آهيو، اسڪول ۾ آهيو، يونيورسٽيءَ ۾ آهيو، مل يا ڪارخاني ۾ آهيو، اتي هڪ پل لاءِ پنهنجي چوڌاري رڳو اک ڪٽي ڏسو، ڪيترون ته گهڻيون شيون آهن،

هر پاسي پکڙيل ۽ پکڙيل، اصل ڳٽڻ کان ٻاهر، اهي سڀ شيون ۽ پڻ جنهن قلم ۽ ڪاڳر، جنهن کي آئون لکڻ لاءِ استعمال پيو ڪريان، اهي به شيون انساني پورهيي ۽ ان جي وڌائيءَ جون گواهه آهن ۽ اهي سڀ شيون انسان جي شعور جي پيداوار آهن. اهڙيءَ ريت هڪ قوم جي ايڪتا وارو مسئلو پڻ انهيءَ پورهيي ۽ انهيءَ شعور جهڙين عظيم وٽن سان ڳنڍيل آهي. ايڪتا جو بنياد واقعي به ڪلچر ئي آهي، پر ڪلچر جن بنيادي شين- پورهيي، شعور ۽ ارادي مان جنم ونڊي ٿو، انهن ئي شين مان، ڪلچر جي محابي، قومي ايڪتا پڻ جنم ونڊي ٿي. قومي ايڪتا تائين رسائيءَ لاءِ ڪلچر بنيادي وسيلو آهي.

ياد رکجي ته اسين گڏجي رهون ٿا، سماجي ڪم ڪار ڪريون ٿا، پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ۽ فرض نپايون ٿا، هڪٻئي سان گڏجي رهڻ ۾ ڪس ڪسر کان ڪم ونون ٿا، سماجي رشتن ناتن جي فرمانبرداري ڪريون ٿا، هڪٻئي جون سماجي گهرجون پوريون ڪريون ٿا. اهڙيءَ ريت اسان جي هڪ گڏيل سماجي زندگي جنم ونڊي ٿي، جنهن ۾ ڪم جي اخلاقيات جو احساس رکڻو پوي ٿو، ميناڄ ۽ محبت پيدا ڪرڻي پوي ٿي. اهي ۽ اهڙا ٻيا اڪيچار ڪم اسين ڪريون ٿا، پوءِ به اسان کي پنهنجي ڪلچر جي ڦهلاءَ لاءِ، ان جو شعوري اظهار لاءِ ڪنهن بنيادي ۽ اهم شيءِ جي گهرج بهرحال رهندي آهي. پلا اها شيءِ ڪهڙي آهي؟ اها شيءِ آهي ٻولي. اها ٻولي ئي آهي، جنهن وسيلي اسين هڪٻئي سان حالي احوالي ٿيون ٿا، ويچار ونڊيون ٿا، هڪٻئي کان ڳالهه سمجهي ۽ سمجهائي سگهون ٿا. اهائي ٻولي آهي، جيڪا اسان کي تعليم جي سلسلي ۾ ڪم اچي ٿي، ادب جي سلسلي ۾ ڪم اچي ٿي، هڪٻئي کان سکڻ ۽ سيکارڻ جي ڪم اچي ٿي. جيئن قومي ايڪتا لاءِ ڪلچر جو بنياد آهي، تيئن ڪلچر جو وڏي ۾ وڏو مڪ نشان ٻولي آهي ۽ ٻولي به اسان جي پنهنجي پيدا ڪيل آهي، انساني دماغ جي پيداوار آهي. هونءَ مختلف آواز ۽ اوناڙون جانور به ڪن ٿا، پر آواز کي باترتيب ۽ سنوت واري نموني بيهاري ٻوليءَ جو رنگ ڏيڻ ۽ انهيءَ ٻوليءَ کي وري لکت ۾ آڻڻ، سچ پچ به انساني دماغي صلاحيتن جو ڪمال آهي.

ٻوليءَ جي اوسر تي نظر وجهبي ته اها مختلف مرحلن مان گذري آهي. مختصر نموني ڳالهه ڪجي ته اوائلي پٿر واري زماني (10 لک کان هڪ لک ورهيه ق. م) ۾ انسان ڳالهائڻ سکيو. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ڳالهائڻ جي عمل جي ارتقا بنهه آهستي آهستي ٿي آهي. ڪيترائي جانور، ٻين جانورن کي خبردار ڪرڻ لاءِ مختلف آواز ڪڍندا هئا، انسان به انهن جي نقل ڪرڻ لڳو هوندو. شڪاري دور ۾ اهڙن مخصوص آوازن يا سرن کي پنهنجي فائدي ۾ ڪتب آڻيندو هوندو. اهڙن ئي آوازن ۽ سرن مان لفظ پيدا ٿيا ۽ نيٺ انسان روانيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. اڄ اسان وٽ ٻوليءَ جون مختلف صورتون موجود آهن، هڪڙيون ٻوليون رڳو ڳالهايون وڃن ٿيون، جن کي ڳالهائجندڙ ٻوليون (Spoken Languages) چئجي، انهن کي پنهنجي ڪا به الفابيٽ ناهي هوندي، ان ڪري اهي لکت ۾ آيل نه آهن. ان کان سواءِ ٻيون ٻوليون لکتي ٻوليون (Script Languages) آهن، جيڪي ڳالهائجن به ٿيون ته انهن کي پنهنجي لپي به آهي. جڏهن ته ٽيون ٻوليون لکتي ڇپجندڙ ٻوليون (Script Print Languages) آهن، جيڪي ڳالهائجن به پيون، لکجن به پيون ۽ ڇپجڻ ۾ به اچن ٿيون. اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي اهي ٽيئي امتياز ۽ اعزاز حاصل آهن، يعني اها ڳالهائجي پئي، لکجي به پئي ۽ ڇپجي به پئي.

مذهبي برادرين ۽ رومن شهنشاهت تائين توڙي زردشتي مذهبي اپار جي زماني تائين ٻولي لکجڻ ۾ اچي چڪي هئي، پر اها پرنٽ نه ٿيندي هئي، ڇپائي ايجادن واري زماني جي ڳالهه آهي ۽ تاريخ جي حساب سان ويجهڙ جي ڳالهه آهي. انهيءَ کان سواءِ ٻوليءَ جو استعمال پرنٽ ميڊيا ۾ ٿيو ته ٻوليءَ جو

سماجي ڪارج ايجا ٻه وڌيو. اخبارون اچڻ لڳيون. اسان وٽ ٻه انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي تيار ٿيڻ کان پوءِ اخبارون جاري ڪيون ويون ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو سلسلو هلندو آيو آهي ۽ سنڌي پرنٽ ميڊيا گهڻي ترقي ٻه ڪئي آهي، ان وسيلي ٻوليءَ جي گهرج ۽ اهميت جو دائرو اجا ٻه وڌيو آهي. اڄ معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان اسان جون اخبارون ملڪ جي ٻين، انگريزيءَ توڙي اردوءَ ۾ چپجندڙ اخبارن کان گهٽ نه آهن. انهيءَ پرنٽ ميڊيا اسان کي ڪيترائي فائدا ٻه ڏنا آهن. انهن وسيلي اسان جي قومي مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي، انهن وسيلي ماڻهن جا مسئلا پڻ عام ٿين ٿا، سنڌ جي رهندڙن کي هڪٻئي جي حالن احوالن کان واقفيت ملي ٿي ۽ اهي گهڻن مسئلن تي گڏجن ٻه ٿا. اڄ اسان جي پرنٽ ميڊيا اسان جي قومي، ثقافتي، سپيتائي، سياسي توڙي سماجي واقعن جو دستاويز آهي. اها پاڻ کي قوم جي پلائي ۽ گهٽگهرائيءَ جو اثرائتو ۽ سگهارو وسيلو ثابت ڪري رهي آهي. اسان پرنٽ ۽ پڻ اليڪٽرانڪ ميڊيا سنڌي قوم جي بي زباني ۽ بيوسيءَ لاءِ پرجهلو ثابت ٿئي. سو اها آهي ٻولي، جنهن جي اهميت بابت ٻه چار ڳالهيون ٿيون، ۽ ٻيو آهي وطن. اهي ٻئي شيون قوم جو اساس آهن.

انسان گهٽو ڏاهو آهي، اهو جيڪا ٻه ڳالهه ڪري ٿو، جيڪا ٻه وک کڻي ٿو ۽ جيڪو ٻه عمل ڪري ٿو، ان ۾ سمجهداريءَ کان ڪم وٺي ٿو، ان ڪري هن پنهنجي پاڻ کي ٻولي ۽ علائقي جي بنياد تي مضبوط ڪيو ۽ گڏيل سماجي رهڻي ڪهڻيءَ وسيلي، پنهنجي ڇڳائي ۽ فائدي خاطر، کي خاص هڪجهڙايون پيدا ڪيون ۽ پنهنجي گڏيل سماجي زندگيءَ جي حفاظت ۽ جٽاداريءَ لاءِ کي خاص ۽ گڏيل قدم کنيا ۽ انهن قدمن جو صدين تائين پيروڪار رهيو، جنهن سبب ماڻهن جي مزاج ۾، هلت ۾، عمل ۾، رد عمل ۾، رويي ۾، سوچڻ ۾ ۽ ڳالهائڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ يڪسرائي پيدا ٿي، ان جو نانءُ ئي ڪلچر آهي ۽ اهوئي ايڪتا جو اصل بنياد آهي.

جيستائين قوم هڻڻ جو معاملو آهي ته اسين سنڌي دعوا سان چئون ٿا ته اسين قوم آهيون، چاڪاڻ ته اسان وٽ پنهنجو علائقو آهي ۽ پنهنجي ٻولي آهي. اسان وٽ تاريخي روايتون آهن، گڏيل سماجي قدر آهن ۽ مشترڪ معاشي مفاد آهن، اسان کي پنهنجيون ٽئيل جاگرافيائي حدون آهن، جيڪي مڃيل آهن، انهن حدن جي معاملي تان اسين وڙهيا آهيون. وطن تي سر ڏيڻ ۽ ان تان جان قربان ڪرڻ ٻه فرض آهي ۽ لازمي فرض آهي. شروع ۾ ڪم جي اخلاقيات (work ethics) جي ڳالهه ڪئي سون. وطن جي حفاظت ۽ بچاءُ ٻه ڪم آهي، سنڌ اسان سنڌين جو گهر آهي. پنهنجي گهر ۾ گهربل سامان آڻڻ ٻه ڪم آهي، ان جي چنڊ ڦوڪ، ان جي ترتيب ۽ انتظام ٻه ڪم آهي. پنهنجي گهر لاءِ ڪاڏو پيتو يا رزق پيدا ڪري، گڏجي ڪائڻ پيئڻ ٻه ڪم آهي، ايجا ٻه لازمي ڪم يعني فرض آهي. جيڪڏهن ڪوبه اسان جي انهيءَ گهر ۾ گهڙي اچي ته ان کان اهو پڇڻ فرض آهي ته: تون ڪير آهين، ڇو آيو آهين. جيڪڏهن گهر ۾ گهڙي ايندڙ جي نيت ۾ کوٽ يا پليتائي آهي ته ان کي تڙي ڪڍڻ ٻه اسان جو فرض آهي. جيڪڏهن کابه طاقت اسان کي اهي فرض پورا ڪرڻ نٿي ڏئي، ته اها اسان جي دشمن آهي. ان سان پنهنجي گهر جي بچاءَ لاءِ مهاڏو انڪائڻو ئي آهي. نه ته اسان پنهنجو وطن وڃائي ويهي رهنداسين. سڀ ڳالهيون وطن جي هجڻ سان آهن. وطن پناهه آهي، اسان جي ڪلچر جي، اسان جي ٻوليءَ جي، اسان جي تاريخي روايتن جي. سڀ شيون علائقي جي هڻڻ سان آهن ۽ جيڪڏهن اهو ويو ته سڀ ويو. وطن جي بقا ۽ ترقيءَ ۾ ڪنهن قوم جي مضبوط ارادي، لڳاتار محنت، اٽڪڻ جستجو، مقصد ۾ ڇڻائي ۽ عمل ۾ سچائي ۽ ڪردار ۾ سورهيائپ جو وڏو عمل دخل هوندو آهي.

سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي جو اسان ۾، هڪ قوم طور، اهڙي وٽ موجود نه آهي. انهيءَ جو مطلب اهو بلڪل به نه آهي ته اسين قوم نه آهيون. اسين قوم بلڪل آهيون، پر ورهايل آهيون، چروچڙ آهيون، ان ڪري اسان هڪ قوم طور ورتاءُ نه پيا ڪريون، جنهن جي ڪري اسان جو قومي ڪردار نه جڙي سگهيو آهي. انهيءَ مامري تي، هونءَ گهڻو ئي لکيو ۽ بيان ڪيو ويو آهي، پر مختصر نموني اهوئي چئجي ته گڏيل هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام کان پوءِ، وڏيءَ رڀابنديءَ سان اسان جي قوم تي حملو ڪيو ويو. اهو حملو هن بنيادي شين کسڻ لاءِ ڪيو ويو. هڪ اسان جي ايراضي ۽ هي اسان جي هولي. هڪ منظر سازش طور هتان سنڌي هندن کي لڏايو ويو، ۽ هندستان مان لڏي آيل مهاجرن کي، وڏي پئماني تي، اسان جي وڏن وڏن شهرن ۾ آباد ڪيو ويو ۽ اسان کي پنهنجي ايراضي ۽ علاقي، جنهن تي صدين کان وڻي اسان جي دعوا قائم هئي، ۾ ئي سوڙهي ڪرڻ ۽ اسان کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهيءَ ڏس ۾ پهرين وڏي ڪاهه طور، پاڪستان جي قيام کان به سال پوءِ، اسان کان اسان جي راڄڌاني ڪراچي کسي، اها مرڪز جي حوالي ڪئي وئي. جڏهن ته هيو وڏو حملو اسان جي هوليءَ تي ڪيو ويو. 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان نيڪالي ڏيئي، ان جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪري، سنڌي هوليءَ کي يونيورسٽيءَ جي امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جي تسليم ٿيل ذريعي واري حيثيت ختم ڪئي ويئي، جنهن ڪانپوءِ 1959ع ۾ قومي تعليمي ڪميشن رپورٽ ۾ سنڌي هوليءَ کي پرائمريءَ جي پنجن درجن تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ اڄتي لاءِ مسلط ٿيل اردو قومي هوليءَ ۾ سنڌي شاگردن کي تعليم پرائڻ جي سفارش ڪئي ويئي. انهيءَ رپورٽ جي بنياد تي اردو هوليءَ کي اسان جي ايراضيءَ جي عام مقبول هولي ٽيڪو هو. انهيءَ رپورٽ خلاف سنڌ جي گهڻگهرن ۽ ساڃهوندن مزاحمت ڪئي ۽ نيٺ 1962ع ۾ اهو فيصلو، سرڪاري سطح تي، ڪيو ويو ته سنڌي هولي انٽرميڊيٽ جي سطح تائين تعليمي ذريعو رهندي، جيئن اها اڳ ۾، سنڌ ۾ رهندي پئي آئي آهي. انهيءَ کان پوءِ به سنڌي هولي، سنڌ ۾ محفوظ نه رهي ۽ نيٺ سرڪار 1972ع ۾ سنڌ کي به هوليائي صوبو قرار ڏيندي، اردو هوليءَ کي سنڌي هوليءَ جيتري برابري ۽ حيثيت ڏني.

چوڻ جو مطلب اهو آهي ته بنيادي مسئلي کي سمجهجي، جن ماڻهن ايتري وڏي رڀابنديءَ سان، اسان جي ايراضي ۽ اسان جي هوليءَ تي حملا ڪيا، اهي ڪي بيوقوف نه هئا، انهن جي تاريخ تي نظر هئي ۽ انهن ڄاتو پئي ته سنڌ کي هڪ قوم طور ختم ڪرڻو آهي ته ان جي بنيادن کي ختم ڪيو وڃي. اڄ جي معروضي صورتحال هيءَ آهي ته سنڌ ۾، سنڌي هوليءَ سان اردو ۽ انگريزي هولي مهاڏو اٽڪايو بيٺي آهي ۽ تعليمي سرشتي ۾ اها سنڌي هوليءَ سان برابر جي شريڪ آهي، جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ جي وڏن شهرن تي غيرسنڌين جو قبضو آهي. ان ڪري، جيڪڏهن حقيقت پسنديءَ سان پنهنجي هاڻوڪي قومي حالت جو جائزو وٺجي ته اسان جي مخالفن ڪاميابيءَ سان اڳيرائي ڪندي، ڪنهن حل تائين اسان جي هوليءَ ۽ ايراضيءَ کي نقصان رسائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. ان کان سواءِ، به ٻيون به ڳالهيون ٿيون آهن. هڪ هيءَ ته سنڌ مان سنڌي هوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هتي تعليمي سرشتي کي پوريءَ طرح غيرفعال بڻايو ويو آهي. وڏن شهرن کي ڇڏي، باقي بچيل سنڌ، جنهن کي گوناٽي سنڌ جي ايڊائيندڙ اصطلاح سان سڏيو وڃي ٿو، ۾ اسڪولن جي صورتحال رحم جوڳي بڻائي ويئي آهي. اها صورتحال به ڏاڍن پاران هيڻن مٽان حملي ڪرڻ ۽ انهن کي پستيءَ ۾ رکڻ واري وسيع رڀابنديءَ جو اهم حصو آهي. وقت جي واڳ

ڏٺين کڏهن به نه چاهيو آهي ته باقي بچيل سنڌ ۾ تعليم کي هٿي وٺرائجي، چاکاڻ ته انهيءَ کندائتي کيل سنڌ جا ماڻهو پڙهي پيا، انهن کي لکڻ ۽ پڙهڻ اچي ويو، ته اهي سوچڻ به شروع ڪري ڏيندا ۽ ائين انهن جو استحصال ڪرڻ ممڪن نه رهندو. ٻي شيءِ هيءَ آهي ته انهيءَ باقي بچيل سنڌ جي نمائندگي هڪ خاص طبقي، جنهن ۾ سردار، نواب، جاگيردار ۽ وڏيرا وغيره شامل آهن، جي هٿ ۾ ڏني ويئي آهي. اهي سنڌ جا ۽ سنڌي قوم جا عيوضي آهن. اهي عيوضي به سنڌ مٿان مسلط ڪيا ويا آهن. عيوضائپ واري جمهوريت جا ڪجهه بنيادي اصول هوندا آهن، اهو طبقو انهن اصولن تي پورو نٿو لهي، اهو سنڌ جي عيوضائپ بدران سنڌ مخالف ڏرين سان ويهي، سنڌ جو سودو ڪري ٿو. هاڻي اسان اڳيان ٻي تصوير چٽي ٿي بيني ته باقي بچيل ٻولي ۽ باقي بچيل علائقي تي به سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مرضي نه ٿي هلي. هيءَ هڪ مڪمل واڌار ۽ قبضي واري صورتحال آهي، جنهن مان سنڌي قوم کي نڪرڻو آهي ۽ ان کي ان مان عقل ۽ سمجهداري، همت ۽ سورهيائپ، ارادي ۽ حڪمت عمليءَ سان ٻاهر ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ايراضيءَ تي پنهنجي پوري دعو ابحال ڪرڻي آهي.

انهيءَ سڄي صورتحال ۾ اسان جي ڪامياب اڳيرائيءَ جو سڄو دارومدار اسان جي قومي ايڪتا تي آهي ۽ قومي ايڪتا انهن ئي ماڻهن کي يڪ مشت ڪرڻ وسيلي عمل ۾ ايندي، جيڪي انهيءَ باقي بچيل سنڌ ۾ رهن ٿا، انهن غريب، مسڪين، پنٺتي رکيل، وهمن جي ور چاڙهيل، غلام بڻايل، عوام کي جاڳائجي، خالص قومي جذبي جي بنياد تي، پلي اها خلق غير خوانده يعني اٺپڙهيل ئي هجي، پر ياد رکڻ ڪپي ته انهن وٽ هڪ شيءِ ايجا به محفوظ آهي. انسان جي حيثيت ۾ انهن وٽ انساني سمجهه جو هٿيار موجود آهي ۽ اهو گهٽو سگهارو هٿيار آهي. خواندگيءَ يا لکڻ پڙهڻ جي منظر سلسلي، انساني سمجهه کي پيدا نه ڪيو آهي، پر انساني سمجهه ئي خواندگيءَ جي خالق آهي، نه رڳو ايترو، پر اها انساني سمجهه (Human Intelligence) تهذيبن مٿان تهذيبن جي خلقٽهار رهي آهي، انهيءَ ئي ٻوليءَ جي ايجاد ڪئي آهي، انهيءَ ئي سائنس ۽ ايجادون پيدا ڪيون آهن ۽ اها پنهنجي پاڻ انسان جي جديد شعوري سرشتي جي خالق آهي. ان ڪري مايوس نه ٿيڻ ڪپي ته هيءَ غيرخوانده ۽ پٺتي پيل خلق چا ڪندي؟ اهائي سڀ ڪجهه ڪندي ۽ ڪري ڏيکاري، رڳو ئي رڳو انساني سمجهه جي آڏار تي، انهيءَ خلق کي هڪ قوم طور جاڳڻ ۽ هڪ قوم طور ورتاءِ ڪرڻ لاءِ اتساهجي، اهائي شيءِ انهن ۾ ايڪتا پيدا ڪندي ۽ انهن جي فخر لائق قومي ڪردار کي پورٽتا (Integration) بخشيندي.

ميائي به مهڪي مڇيءَ چٽ ۾،
مسافر اهو آهه منهنجو وطن.
نه خسرو ڏئو هو نه غالب ڏئو،
غزل در غزل آهه منهنجو چمن.
اها سنڌ ڪعبو به، ڪاشي به آ،
چوي چا به ڪو شيخ يا برهمن.
انهيءَ تي اسان جي خدائي ڪئي،
نه فردوس بهتر نه باغ عدن.
جڏهن سنڌ تي سرمئي راتڙيون،
ڪسي ننڊ نيڻان اسان جي گگن.
انهيءَ لاءِ بنواس پوگهيون پيا،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن.
(شيخ اياز)

(جويي صاحب جا لکيل چونڊ ايڊيٽوريل، مهاڳ ۽ مقدما)

"اڳتي قدم" سيپٽمبر 1947ع جو ايڊيٽوريل

"اڳتي قدم" جو پهريون پرچو ڏسي پڇيو ويو آهي ته ڇا، ترقي پسند ادب صرف افادي ادب (Utilitarian literature) آهي، يعني ترقي پسند ادب جو مقصد صرف عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻ ۽ مزدور هاري انقلاب جو بنياد وجهڻو آهي ڇا؟ جي ايئن آهي ته ترقي پسند ادب ۾ کهڙو لطف ۽ دلکشي رهي سگهندي، ۽ اهو انسان ذات جي ٽڪل، تنڪل دماغ کي کهڙي تراوت پهچائيندو؟

اسان جو جواب آهي، ته صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ادب، ترقي پسند ادب آهي، پر ترقي پسند ادب، صرف انقلابي ادب نه آهي، انقلابي ادب کي به پنهنجو معيار آهي ۽ اهو صرف "هاري مزدور انقلاب زندهه باد" جي نعري تائين محدود نه آهي. اسان کي ڏسڻو آهي، ته انقلابي اديب، پنهنجي کهاڻيءَ يا شعر ۾، کيتري دلکشي پيدا ڪري سگهيو آهي، ۽ کيتريقدر اسان جي جذبن ۽ احساسن کي اٿلائي پٿلائي، مزاح ۽ طنز، فطرت نگاري ۽ رومانيت، لکڻيءَ جي لڇڪ ۽ مضمون جي انفراديت ۽ نزاڪت رستي، اسان جي دل دماغ تي ڇانئجي، اسان کي انقلاب لاءِ آماده ڪري سگهيو آهي. ادب ۽ آرٽ، حسن پيدا ڪن ٿا، پر اهو حسن صرف ماحول جي خوبصورتيءَ تي نه آهي، صرف الف ليليٰ جي کهاڻي جي خوبصورتي نه آهي، پر اهو حسن آهي شاعر يا اديب جي رنگ، طرز انداز، ڦهلاءَ جدت.

پر جيئن اسان مٿي چيو آهي، ته ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نه آهي، ترقي پسند ادب، انسان جا نفيس جذبا ۽ لطيف احساس چٽي، هن جي روح کي راحت پهچائي ٿو، بشرطيڪ اهي جذبا ۽ احساس حقيقت تي ٻڌل آهن ۽ نه صرف تصور تي.

ان ڪري اسان اڳئين پرچي ۾ حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنو آهي، اياز جا 'ديهاتي گيت' ان جو مثال آهن، پر جي اڄ ڪوئي شاعر سسئي پنهون يا مومل راڻي جا بيت لکي، پنهنجي تصور جو تاڃي پيٽو پکيڙي، خوبصورت لفظن جو ڄار وڇائي، ته اُن ادب کي رجعت پسند چئبو، ڇو ته اهو ادب اسان کي پنهنجي زندگيءَ کان پاڇ ڪرائي، حال ۽ مستقبل کان بي نياز ڪري، ماضيءَ جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو ۽ ان لاءِ حب پيدا ڪري ٿو. ماضيءَ جو مطالعو ضروري آهي، پر ان جي حب سخت ضرر رسان. جديد تهذيب ۽ ان جي ترقيءَ ۾ مڪمل يقين ئي صحيح ترقي پسنديءَ آهي.

اچو ته هينئر هن پرچي جا ليک، ادب جي ڪسوٽيءَ تي لائي ڏسون:

"پونئرو" شعر فراري ادب (Escapist literature) جو مثال آهي. ان کان ته انڪار نه ڪري سگهبو، ته شعر جي ٽيڪنيڪ دلکش آهي ۽ ان ۾ روانيءَ جي ڪمي نه آهي. شعر پڙهندي، دل سچ پچ پونئري سان ڳائي، جهومي، موج لٽائي ٿي" ۽ "سڪ جي سندر ڦلواڙيءَ ۾ آنند ناچ نچي ٿي." پوئينءَ سٽ ۾، مرڪب لفظ آنند ناچ ۽ استعارو سڪ جي سندر ڦلواڙي" نهايت دلکشي پيدا ڪن ٿا، پر اسين، ترقي پسند اديب ۽ هري دلگير هڪ ڇوڙاتي تي بيٺا آهيون. دلگير ڪليو ڪليو رجعت پسنديءَ ڏانهن گهلي رهيو آهي. ڪيئن؟...

اهو ته ظاهر آهي ته شاعر کي پونئري سان تشبيهه ڏني ويئي ۽ سندس آدرش ڇاڻايو ويو آهي:

جڳ ۾ منهنجو سڪ سوڀيا جي گلشن سان ئي مطلب، ڪنبن کان مان پاڻ بچايان، ڦولن سان ئي مطلب: يعني ته شاعر صرف "رس جو لوبي" آهي، پر زندگي ڪوڙي زهر جو ڏڪ آهي، ان سان هن جو مطلب نه آهي، شاعر سڪ، سندرتا ۽ آنند آشا جو پياسي آهي، ۽ هن جو دنيا جي دک درد بدصورتيءَ، بدانتظاميءَ سان ڪوبه تعلق نه آهي. شاعر صرف "ڦولن جي هاڪ ڦهلايان" پنهنجو آدرش رکي

ٿو ۽ هو ڪنبن کان صفا منهن موڙي وڃي ٿو، پوءِ پل ته دنيا ان ٻاهري ڪنبن تي پئي چلائي ۽ چيچلائي. هري دلگير جي پونئري ۾ خود غرضي ۽ خود پرستي آهي. هن جي شعر جو آدرش، نهايت نڪمو آهي. شاعر حسن جو طالب بيشڪ آهي، پر ساڳئي وقت هن محسوس ڪيو آهي، ته هيءَ دنيا هڪ بدصورت ڏائڻ جيئن ڏند ڏيکاري، ڪيس للڪاري رهي آهي. شاعر حسن جي پرستش ڪري ٿو، پر جي هو هن بدصورت دنيا کان پاڇ کائيندو ته سندس آدرش يعني حسن هن دنيا ۾ ڪيئن اچي سگهندو؟ هو ته هر ممڪن ڪوشش ڪندو، ته هن دنيا مان بدانتظامي ۽ بي انصافي نهوڙي وڃي، جيئن اها هر ڪنهن لاءِ "سڪ جي سندر قلواڙي" ٿي پوي.

ايياز جا "ديهاتي ۽ برساتي گيت" سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ڳالهه آهي، ديهاتي زندگيءَ جي سادي جذبات، سڌيون تشبيهون، عام فهم ٻولي، مڪاني رنگ (Local colour) محبت جا هلڪا هلڪا، منا منا گيت، الهڙ جوانيءَ جا بي غم، بي پرواهه، نغما! ٽيڪنيڪ جي وڏي خوبي اها آهي، ته تقطيع جي ڇاٽوءَ کي لطف ڏيندا، پر عام ماڻهوءَ لاءِ به ساڳيءَ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندا.

سنڌي شعر ۾ گهٽيئي ڏينهن سنبل ۽ نرگس جا راڳ ڳايا ويا، ايراني اصطلاح ۽ تشبيهون ڪم آنديون ويون، وصل ۽ هجر، ناز نياز، شوخيءَ ۽ حيا، محبت ۽ نفرت جا جذبا، اردوءَ تان اڌارا ورتا ويا ۽ سنڌي شعر جي اصليت تي، ننڍولي ڪئي ويئي. هي گيت سنڌ جي ڏيهانوسي (Orthodox) شاعريءَ ۾ پٽي پراڻي غزل گوئيءَ کي للڪاري چئي رهيا آهن، ته سنڌ جو واريا سو وطن، ايران کان گهٽ خوبصورت نه آهي، هتان جي عوام جي جذبات، گهٽ لطيف نه آهي، احساس گهٽ شديد نه آهن! اردو شاعريءَ جون روايتون سنڌي شاعريءَ جي اصليت کي نهوڙي نيندیون. اسان کي پنهنجي محبوب شاعر شاهه جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي، جنهن نئون ادب ڏنو ۽ ڪنهن جي به پيروي نه ڪئي. پيروي ادب ۽ آرٽ لاءِ موت آهي. اصليت ۽ نواڻ سان ئي شعر جرڪي اٿندو آهي ۽ سندس تجليون غيرن جي اکين ۾ ترورا آڻي چڏيندیون آهن.

شيخ راز ۽ نارائڻ شيام، سنڌ جي بهترين نوجوان شاعرن مان آهن. شيام جي شخصيت ته ڪنهن به تعريف جي محتاج نه آهي. باقي راز هن مهل تائين گودڙيءَ ۾ لعل مثال ٿي رهيو آهي. جنس، داڻي مان پرکبي آهي، ته راز جي هڪ ئي نظر "اميري ۽ غريبي" مان پتو لڳي ويندو ته هن جا احساس ڪيترا نه گهرا آهن ۽ اظهار ڪيترو نه دلڪش آهي!

به تصويرون آهن، اوچا اوچا محل ۽ فٽ پاٽ، چمڪ دمڪ وارا لباس ۽ ليڙون ليڙون ڪٽا، وڏيون وڏيون ٽجوڙيون ۽ ننڍا ننڍا ڪشڪول نفرت آميز وڏائي ۽ حسن آميز خوداري! پوئين غريبيءَ جي ميراث، پهرئين اميريءَ جي سند، شاعر جي مصوري ته ڏسو!

هوءَ ڏسين ٿي؟ زرو زربفت ۾ ملبوس حسين يعني ساڙهيءَ جي دمڪ.

زرو زيور جي چمڪ
ترورا منهنجي اکين ۾ ٽا اچن
آهه هيرن جي ڪٽين جو هيءَ هار
ڪيئن نه ڇهڻي پيو آ گردن سان!

لفظن جو ڪهڙو نه خوبصورت انتخاب! ڇا نه جذبات جي تلخي ۽ الفاظ جي شيرينيءَ جي ملاوت! سنڌ ۾ هن مهل تائين، ٽي چار سٽا بي قافيه نظر لکيا ويا آهن ۽ انهن مان هيءَ به هڪ آهي، پر شاعر کي ٽيڪنڪ تي ضابطو البته گهٽ آهي.

شيام جو شعر "ڏاءِ ڏاءِ اي لال!" انساني فطرت جي هڪ دائمي احساس جي ترجماني آهي، پيريءَ جو احساس، گلريءَ جواني جي رنگين، ياد! شعر پڙهي سيسرات اُپريو وڃي، سٽ سٽ ۾ سوز، لفظ لفظ ۾ محبت ۽ مادري شفقت! شعر جو مرڪزي خيال، نهايت بلند آهي، شعر جي ماحول سان لفظ به خوب لهڪي ٽا اچن. چپن جون چڪڙون، لڪڙي، نهوڙينر وغيره (شعر ۾ شفقت جي جذبي جي گهرائي ڏيکارڻ لاءِ "ڙ" جو ڪم آڻڻ، شيام جي ٽيڪنڪ جو ڪمال ڏيکاري ٿو).

ڇا نه درد جي پڪار!
"جنهن جي ڇاتي به ۽ ٽرن پي سو ڪٽي...

چڏي سمهه گل، تہ وجئي ننڊ ڪجي."

باقي شعر ۾ رواني اصل نہ آهي. سٽن کي چڪي تاڻي وزن تي آندو ويو آهي. اها شيام جي شعر جي وڏي خامي آهي. ان جو سبب شايد اهو آهي تہ شيام تمام گهٽو غور ۽ فڪر ڪري ٿو.

مسٽر لطف الله بدوي، "نيڪي" جي تشريح ۾ خود لکي ٿو: "عمر خيام" ايران جي مشهور شاعر پنهنجي رباعي "ناکرده گناهه درجهان کيست بگو!" ۾ "نيڪيءَ جي احساس" تي هڪ فلسفي جي نڪتہ نظر کان پنهنجي راءِ ڏني آهي. مگر "خليل" پنهنجي غير فاني تصنيف "پيغمبر" ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تخليق تي پنهنجو رايو ڏنو آهي.

"بديءَ ۽ نيڪيءَ کي ماحول جو ممنون ٿو سمجهي. اهوئي سبب آهي، جو هو چوي ٿو تہ نيڪي رزق جي تلاش ۾ ٽڪرن ۾ پٽڪي ٿي، ۽ ان کي جو اُن حالت ۾ ميسر ٿئي ٿو، اهو ان جي پيٽ جي جهنر کي پرڻ لاءِ قبول ڪرٽو ٿو پوي. پياس جي منزل جڏهن موت جي درجي تي پهچي ٿي، تڏهن ايجايل کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي، جو هو پاڻيءَ جي متعلق ويهي بحث ڪري تہ هيءَ چگو آهي يا خراب! هن کي ان وقت هڪ ئي خيال رکڻو پوندو تہ پاڻي ڪهڙو به آهي، ميسر ٿي سگهي ٿو يا نہ؟ سچ تہ فطرت انسانيءَ جي حقيقي تقاضا به اها آهي، جو بديءَ جي فضا ۾ پليو هجي، ان غريب کي ڪهڙي خبر، تہ نيڪيءَ جي صورت ڪيئن ٿئي ٿي."

محترم لطف الله بدوي، "خليل" جي هن شاهڪار جو سنڌي نظر ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي، جو آسان ڪم نہ آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي غير فاني ڪتاب جي ترجمي جي سخت ضرورت آهي. مگر "نظر ۾ ترجمو"، پنهنجي جذبات تي "شاعر" جو قبضو ڪرڻ ۽ صحيح خيالن کي ٻيءَ زبان جي قالب ۾ وجهڻ، ڪيترو ڏکيو هوندو، ان جو احساس، هڪ اديب ڪري سگهي ٿو. بهرحال ڪتاب جي پوري ٿيڻ جو انتظار آهي، جو شايد سنڌي ادب ۾ هڪ گرانقدر اضافو ٿئي.

روشن جو شعر شاعره جي دل جي هڪ ڪيفيت جو ترجمو آهي. ترقي پسند ادب، صرف افاديت نہ آهي. اهو اسان کي "گهرو احساس" پڙهڻ مان معلوم ٿيندو.

دوري ۽ مجبوري چا کان؟
گڏجي پنهنجي دنيا ناهي
تارو ۽ مهتاب!

مٿيون سٽون سڄيءَ تشبيهه کي نهايت خوبصورتيءَ سان ختر ڪن ٿيون. لکندڙ جي سڄي ڪيفيت پڙهندڙ جي دل تي چانئجي وڃي ٿي.

"واچ جا کانتا" هڪ انقلابي رومانيت (Romanticism) جو مثال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اتفاق جي مدد ورتي ويئي آهي. جي تار، نظير کي نہ ملي، تہ ايترو ڪنراڳ ٿئي ئي نہ. اتفاق جي مدد ڪٽي سهڻي لڳندي آهي، ڪٽي نہ. اهو اتفاق ڪهاڻيءَ سان ڪيتري قدر ٺهڪي اچي ٿو، ان تي فتويٰ خود پڙهندڙ ڏين تہ بهتر ٿيندو؟

"مريم"، احسان بدوي جو سنڌي ادب ۾ هڪ اڻٽي قدم آهي. انسان جي ڪيتري نہ ذلت ٿي رهي آهي، هن جي خودداريءَ کي ڪچليو ويو آهي، هن جي محبت، نفرت جي جذبات کي نهوڙيو ويو آهي، اُهو آندو آهي احساس پنهنجي دردناڪ ڪهاڻي "مريم" ۾. انسان جي جسم جي بها، اشرف المخلوقات جي قيمت صرف ٻہ رپيا! عصمت هڪ دفعو لٽي ويندي آهي، خوداري هڪ دفعو لتاڙي ويندي آهي ۽ تنهن کان پوءِ عورت جو نفس مري ويندو آهي ۽ هن ۾ بغاوت جو جذبو نہ رهندو آهي. اجهي، انڌي ۽ لٽي جي تمنا ۾ سندس پيار پچتاءُ جو احساس، دفنائجي ويندو آهي. ان عورت جي، جا پنهنجي جسم کي دڪان تي وڪڻي، پنهنجي بي وسيلي زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهي آهي. سندس چاتيءَ جا گل مرجهائجي ويا آهن، سندس اکين تي ڪجل مُرڪي رهيو آهي تہ "هينئر جواني ويئي، حسن جي قدرداني وئي." جيئڻ جي تمنا، تمنا جي جيئڻ تي مراد رکي ٿي. نہ، نہ مريم ۾ تمنا تہ مري چڪي آهي، هينئر هوءَ جيئي ٿي، چاکاڻ جو جي رهي آهي. "ڪهاڻي گلو ڦاڙي پڪاري رهي آهي تہ هر عورت طوائف نہ آهي پر هر طوائف عورت آهي، پر ڇا هوءَ سچ پچ عورت آهي" يا "ڪتيءَ کان ٻہ وڌيڪ ذليل!"

جڏهن مون رامر پنجواڻيءَ جي کهاڻي "مڱڻو" پڙهي ختم ڪئي، تڏهن ڇڻ ته ڪنهن دل ۾ ڪتڪتائي ڪئي، ڇڻ ڪنهن ڇهنڊي پاتي، نہ نہ، ڇڻ ٽوڪر هنئي، دل ۾ عجيب احساس اٽيا ڇڻ ته "شو لنگ تان برهما، چمبيلي (چنبيلي) گل سوڌو ڦرندو گهرندو، قلابازيون کائيندو، اچي پٽ تي ڦهه ڪري ڪريو." (پ) جيئن وسامندڙ ڏيئي جي پوئين لاٽ ٻہ ٻہ ٽي وڌا پڙڪا کائي وسامي ويندي آهي، تيئن کهاڻي پوري ٿي ويئي. جيئن تلاءَ ۾ پٿر اڇلائبو آهي ۽ لهرون ڦهلنديون آهن، تيئن دل ۾ هڪ سوال ڦهلندو وڌو ٿيندو ويو. ان جو مطلب الاجي ڇا هو، پر سندس پهريان ۽ پويان اکر ها "اي ڪاش!..."

رامر خط ۾ لکيو آهي، ته هو مشهور فرانسيسي ادیب موپاسان (Maupassant) جو مطالعو ڪري رهيو آهي. شايد ان مطالعي جو کهاڻيءَ تي گهرو اثر ٿو ڏسجي. موپاسان جي هر کهاڻي دماغ ۾ چپٽي وڃائي، واڙو ڪري، ختم ٿي ويندي آهي.

ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي شايد هيءَ بهترين کهاڻي آهي. ان ۾ ڏنگ آهي، ڏينهوءَ جو، نہ ماکيءَ جي مک جو، ماکيءَ لڳل، منو منو ڏنگ!

کهاڻيءَ ۾ رجعت پسند عنصر، ذرا نمايان آهن. رامر کي خبر هئڻ گهرجي ته موپاسان يورپ جو هڪ زبردست رجعت پسند اديب آهي ۽ ان جو زياده اثر، اسان جي ترقي پسند ادب لاءِ زهريلو ٿيندو، ۽ رامر، خود ترقي پسند ادب جو حامي آهي. هندو ديومالا (Mythology) جي ڳالهه کي ايتري اهميت ڏني ويئي، جو اها ساري کهاڻيءَ تي چانئجي وئي آهي. کهاڻي، آهستي آهستي هڪ ڪوهيڙي ۾ چڊي ٿيندي، غائب ٿي وڃي ٿي. ان ڪوهيڙي (ڦ) ۾ ماضي اشارا ڪري رهيو آهي، خوبصورت وهم ڪيڪاري رهيو آهي!

ميمڻ غوث جي "شمع" کي، اسين پهريون دفعو سنڌي ادب سان واقف ڪرائي رهيا آهيون. "شمع" جي لکڻيءَ ۾ زور تمام گهٽو آهي. جهڙين سنگين حقيقتن جي ترجماني هو ڪري رهيو آهي، تهڙي تمام ٿورا نوجوان اديب ڪن ٿا. سندس طنز ۾ زهر جو اثر آهي، مثال طور پوئين سٽ "شيطان خدا تي مرکي رهيو آهي..." زهر مارينڊو آهي، دوا به ٽي لڳندو آهي. اڳتي ڏسجي.

(ڪتاب "مون ڏات انوکي آندي آ" م.ا.ب 2012ع ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، تان ورتل)

***

راڄ گهاٽ تي چنڊ:

اسان جي پياري دوست، شيخ ايار، جي شعر جو هيءُ تيرهون مجموعو آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. لڳ ڀڳ ست سال اڳ، 1980ع ۾، ايار جو ڇهون مجموعو، "لڙيو سج لکن ۾"، شايع ٿيو، جنهن ۾ ناشر طرفان ٻڌايل هو ته "شاعر شيخ ايازُ 1975ع جي شروع کان... خاموش رهيو"، ڇو ته فارسي شاعر ابو الفيض فيضيءَ جي بقول، اُن دور ۾ ايار جي ڇڻ اها ڪيفيت هئي، جو

باز گشتر از سخن زيراڪ نيست
در سخن معني و در معني سخن

يعني- "شعر چوڻ کان باز آيل آهيون، ڇو ته نہ شعر ۾ معنيٰ رهي هئي ۽ نہ معنيٰ ۾ شعر." ايار جي اُن ڪيفيت جو اشارو هُن جي اُن مجموعي جي نالي مان ئي پڌرو هو، جيڪو لطيف جي ساڳيءَ ڪنهن اهڙي ڪيفيت جي ترجماني ڪندڙ خود لطيف جي بيت مان هُن ڪنيو هو:

"لڙيو سجّ لکن ۾، راسِيون رَتائين،
مون کي ماريائين، اديون اونداهي ڪري!"

ايار جي اُن شعري مجموعي کي شاعر جي "انتهائي نراسائيءَ جو ترجمان" چوندي، ناشر کي اُن مان نراسائيءَ کان وڌ شاعر جي "ناخوشيءَ يا ناراضپي" جي ڪيفيت محسوس ٿي هئي.... "ناخوشي يا ناراضپو، شديد کان شديد ايترو شديد جو اُن کان وڌ ڪنهن وصال جي تانگهه، ڪنهن تبديل جو اُمنگ ۽ اُن وصال ۽ اُن تبديل لاءِ وڌيڪ هيءَ ڪنهن تيز آس جو اظهار شديد ٿي کو ٿي سگهيو ٿي."

اڄ، 1980ع کان پوء، بلڪ 1982ع ۾ "پٽڻ تو پُور

ڪري" جي اشاعت ڪان 1987ع جي سندس هِن تازي شعري مجموعي "راج گهاٽ تي چنڊ" تائين پنجن سالن ۾ اياز جي ستن شعري مجموعن جي تخليق ۽ اشاعت[1] مان پٽرو آهي، ته اياز جي اُها ڪيفيت ڪنهن شڪست قبولڻ ۽ فراريت ۾ پناهه وٺڻ واري ذهن جي ڪانه هئي، پر راهَ ۾ لهندڙ سج ۽ رات جي اوندهه ٿي وڃڻ تي "سسئيءَ" جي ناراضپي، ڏک ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت هئي، جن منزل ڏانهن هُن جي پَنڌ ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي. ايازَ پنهنجي اُن ڪتاب کي "ماضيءَ ۽ مستقبل" ڏانهن منسوب ڪيو هو. "حالَ ڏانهن" يا "حال ڏانهن ب" نہ: اُن مان ب ايازَ جي اُهڙيءَ ٿي پنهنجي "حال" کان بيزاريءَ ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت جو اظهار ٿيو ٿي ۽ نہ سندس هار کائي ڪنهن ڪنڊ پاسي ويهڻ يا ڪٽي پڄي پاڻُ محفوظ ڪرڻ جو.

وقت جو ڪرشمو واقعي ب، هڪ طرح، اهڙيءَ نوعيت جو لڳي ٿو، جڏ"حال" آهي ئي نہ. رڳو"ماضي" آهي ۽ "مستقبلُ" آهي، ۽ ماڻهو "حال" جو هر پَلُ "مستقبل" جي پَلَ لاءِ پيو گهاري. اِن معنيٰ ۾ ماڻهوءَ لاءِ آس ۽ نراس، خوشيءَ ۽ ڪاوڙ، شڪست ۽ فتح جي ب ڪا ڳالهه ڪانه ٿي اُٿي، هڪ لاڳيتي مجبوري هئي، جنهن ۾ ماڻهو ڦهنڊو ٿي رهيو، پر هيءُ جو لطيف چيو ته"ڪِنين"،"ماضي"مَنَ ۾ ڪِنين "استقبال"، حيفُ تِني جو حالُ، جن وساريو "حال" کي!". اِن جي معنيٰ ڇا؟ اِن مان ته اِئين ٿي لڳو جڏ "ماضيءَ ۽ مستقبل" جي ڳالهه ڪانه هئي، رڳو "حال" هو، ۽ "حال" ۾ ئي ماڻهو لڳاتار لوڙيندو ٿي رهيو!! برابر هيءَ وقت جي ڌارا، هيءُ وقت جو اُجهل سيلاب، ڪهڙيءَ ب طرح اُن تي نظر رکجي. اِن جي آڏو ماڻهو پاڻ کي مجبور ئي ڏسي ٿو. پر حقيقت ۾ اُن اٽل مجبوريءَ ۾ ب جيئڻ جي ضرورت آهي، جا ماڻهوءَ کي ارادو ڏئي ٿي. ارادو آزاديءَ سان رڪاوٽن کان آجي جيئڻ جو، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو، هيڪل توڙي گڏجي، پر جيئڻ جو، ۽ جيئڻ کي ماڻڻ جو. ائين ارادي سان روش "حال" جو رستو جڏهن، هلندي هلندي، لُڪن ۾ سجَ لهي وڃڻ سبب، اونداهجي ب ٿو، ته ماضيءَ جو تجربو ۽ ڏور "جبل مٿي باهڙي" مستقبل جو سدا چمڪندڙ پرانهون اُهو نشان ئي فردن توڙي قومن ۾ آڻ ميڙڻ ۽ جيئڻ تان هٽ ڪٽڻ بدران بهتر ۽ خوشتر جيئڻ جو، جيئڻ جي جس ڪٽڻ جو، اُمنگ ۽ ارادو تازو رکن ٿا.

وقتَ ۽ زندگيءَ جي جبر ۽ اختيار جو هيءُ وستار ائين ۽ اِن ئي منطق سان جاري رهندو آيو آهي.

- ۽ هولي ۽ ادب، وقت جي مقابلي ۾، قومن جي اِنهيءَ جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي امنگ ۽ ارادي جا امانتدار، تربيت ڪندڙ ۽ مسلسل روايت طور، اُمنگ ۽ ارادي کي نسل کان نسل تائين رسائڻ جا ثابت ۽ اڻ گُس وسيلا پئي رهيا آهن. اِن مان قومن ۽ انهن جي بامراد زندگين کي اَٽوٽ سلسلو ملي ٿو، هولي ۽ ادب، جنهن لاءِ تسبيح جي ڏاڪي جو ڪم ڏين ٿا.

هوليءَ ۽ ادب جي اِها حيثيت ۽ اِهو ڪارج تاريخي طور عام ميجل آهي. اوائلي مذهبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجودجڻ جون پهريون جماعت بنديون ليڪجن ٿيون) جي هولين جي سلسلي ۾، مثلاً اُنهن جون مقدس هوليون: سنسڪرت، هيبريو، اوستا، پالي، يوناني/ لاطيني ۽ عربي وغيره ۽ اُنهن کان پوءِ يا اُنهن سان شامل ۽ همعصر ملوڪيتي يا بادشاهي نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن علائقائي حد بندين ۽ علائقائي هولين هر هنڌ اُنهن مذهبي برادرين ۽ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ اُهي لکيت ۾ اچڻ ۽ ماڻهن جون ادبي ۽ علمي هوليون بڌجڻُ شروع ٿيون، ۽ سڀ کان وڌيڪ، جديد قومي جمهوري نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن قومي رياستون وجود ۾ آيون ۽ اُنهن جون قومي هوليون، پنهنجي سڃي فڪري ۽ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان بڌجي پيون، جيئن اڄ اُهي آهن.

قومي زندگيءَ ۾ قومي هوليءَ جي اِن اهميت ۽ اِن ڪارج جي ڳالهه ڪندي، تاريخ ۽ سماجيات جي هڪ عالم چيو آهي ته "جيئن محبوب جي ڏسڻ لاءِ عاشق جي اک آهي، هُن جي پنهنجي اک، اصلي اک،

---

(1) "پٽڻ ٿو پُور ڪري"، (1982ع)، "ٽڪرا ٽٽل صليب جا" (1984ع)، "پَنَ چَنَ ڪان پوءِ" (1985ع)، "چنڊ چنبيلي ول" (1985ع)، "رڻ تي رم جهر" (1986ع)، "پڄت سنگهه کي ڏاسي" (1986ع)، "راج گهاٽ تي چنڊ" (1987ع).

تيئن محب وطن لاءِ ٻولي آهي، سڃيءَ هُن جي قوم جي تاريخ کان هُن کي مليل، هن جي پنهنجي اصلي ٻولي، مادري ٻولي. اُن پنهنجي ٻوليءَ وسيلي، جا هو ڄمڻ سان ٻڌي ٿو، ماءُ جي هنج ۾ سِکي ٿو، ۽ قبر تائين ساڻ نِڀي ٿو، هو گذريل وقتَ ياد ڪري ٿو، سهيوگي سنگَ ۽ رفاقتون خيال ۾ آڻي ٿو، ۽ پنهنجا هو آئيندي جي وقتن جا خواب لهي ٿو."

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها زندگي بخش روح افزائي ۽ اِها اُنهن جي مسيحائي، هر محب وطن فرد ۽ خاص طرح محب وطن قومي شاعرن ۽ اديبن جي واسطي سان قوم لاءِ سدا موجود، سدا زندهه ۽ تر و تابنده رهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جو ادب به اِنهيءَ طرح سنڌي قوم جي پنهنجي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي اِرادِي جدوجهد جي تاريخ جا محفوظ طومار يا رکاردِ آهن، ۽ ائين ئي، خاص طور جديد قومي سنڌي ادب لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اُهو سڃي جو سڃو اڃوڪي دور جو، مخصوصاً 1947ع جي تقسيم برصغير ۽ اُن جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي ورهاڱي ۽ سنڌي قوم کي جنهن سياسي ۽ سماجي صورتحال سان دو چار ٿيڻو پيو، اُن جو اُهو شعوري رد عمل ۽ پورو ۽ سچو تفصيل آهي.

مون پنهنجي ڪتاب "شاهه، سچل، سامي" (1978ع) ۾ ارسطوءَ جو قول نقل ڪيو هو ته "شاعري، فلسفي کان وڌيڪ فڪر انگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي،" ۽ چيو هو ته اِها حقيقت اِن طرح هئي، جو شاعريءَ مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو ڏنو ٿي، اُن جي خصوصيت بلڪ اُن جي عظمت جو دليل ئي اِهو هو ته اُن اندر جي اسرار جي، ڳالهه جي اصل، "اڪرن" جي نه، پر "روح" جي صورتگري ڪئي ٿي: ۽ چيو ته اُن پنهنجي دور تي، ۽ اُن جي ماڻهن تي وڌيڪ حساس روشني وڌي ٿي ۽ انهيءَ ڪري اُنهن سان زياده يڪدل ٿي، اُنهن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح سمجهيو ٿي. ائين عظيم شاعريءَ جي توصيف ڪندي، مون وڌيڪ لکيو هو ته اُن ۾ وقت جي حقيقت جو سچو ۽ پورو عڪس موجود ٿئي ٿو، ۽ اُن خيال کان ان ۾ تاريخ جي جهلڪ موجود هوندي آهي؛ ۽ ساڳئي وقت اُن ۾ حقيقتن جو تعبير ۽ موجود هوندو آهي، ۽ اُن لحاظ کان اُن ۾ فلسفي يا حڪمت جي به جهلڪ هوندي آهي.

جڳ مشهور ادبي نقاد ٽي. ايس. اِليٽ، جو چوڻ آهي ته "شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهين ڪنهن جدتڪار (Innovator) جي ڪاوش کي تاريخوار ويهي جانچيندا، ته اوهين هن کي سندس من جي ڪنهن اجهل ڏُن ۾ مصروف ۽ قدم بقدم اُن جي پورائيءَ ۾ اڪتي وڌندي ڏسندا." جديد سنڌي ادب جو اڳرو ۽ جدت ڪار، اسان جو مهان اديب ۽ شاعر شيخ اياز، اسان کي سندس سڃيءَ اعليٰ تخليقي ڪاوش ۾ پنهنجي ضبط ٿيل مشهور پهرئين شعري مجموعي "پونئر پري آڪاس" (1964ع) کان وٺي، سيني سندس نثري تصنيفن سميت، پنهنجي شعر جي هن زير نظر شاهڪار، "راڄ گهاٽ تي چنڊ"، تائين اهڙيءَ ئي ڪنهن هڪ پنهنجي لازم ڏُن ۽ اُجهل جنبي جي تڪميل ۾ اڪتي وڌندو پئي معلوم ٿيو آهي. "پٽڻ ٽو پُور ڪري" جي مهاڳ ۾ يوسف شاهين لکيو آهي ته:

"نثري نظمن تي مشتمل هيءُ بي مثال ڪتاب، شيخ اياز جي سڃيءَ زندگيءَ جي تجربن، ڄاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي..."

دراصل اُهو اياز جي مطالعي جو نچوڙ به هُن جي پنهنجي اُن اندر جي جنبي، پنهنجي آئيندي جي هڪ خواب کي اڪتي نِڀي ٿو، جيڪو هن جي دل ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ موجود پئي رهيو آهي؛ ۽ جنهن ڏانهن هن جي سڃي شاعري ۽ بي هر ادبي ڪاوش مسلسل سفر ۾ رهي آهي. هن جي سڃي اعليٰ تخليقي ادبي اُپت، هن جا سڀ ادبي شاهڪار، زندگيءَ جي هم رنگ صورت جِي مصوري هوندي به، اهڙا آهن، جو اُنهن سيني ۾ هڪ يڪرنگي، هڪ يڪسوئي ملي ٿي. شاعر جي پنهنجي هڪ "ڏور نگاهه" (vision) هن جي هر نظر ۽ هر شعر ۾ موجود آهي، ۽ وچ ۾ ڪٿي، خاص طرح پنهنجي قومي حال ۾ مايوسيءَ جي خفيف عڪاسيءَ جي باوجود، جا حقيقت پسندانه ئي آهي، اُن ۾ هزارها سالن جي تاريخ، مستقبل جي اُن مثبت ۽ پُر اُميد تصور سان وڄي ملي ٿي:

اهڙي اڳ- ڳڻتي
ڪهڙيءَ ڪوتا کي ئي؟
ڪنهن هٿن دانهن ٻڌي هئي،
دکي ڏرتيءَ جي؟
چا اڳ ڏيهه ڏنا هيا
ڏاهپ هٿن ڏمري؟
من- پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪُرلائي؟
(وائي)

سهڙي جا سيکات تي، ڪنوڻ سان ڪاٽوت،
متان ڪائو موت، ساري سنڌ ٻري پئي.
(بيت)

هي جو ريٽو رَٽُ آ، ڪيسانو موريءَ،
اُٽي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُٽت ڪيتري!
(بيت)

اوشل ٻهي ٻوهه، ڪائي آڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رُڪ ڪري ڪو پترو!
(بيت)

اچي ٿو هيڪارَ، موٽ ته سيني جي مٽان،
مُئي ناهه ميارَ، جي تون جيئين جسُ سان.
(بيت)

هي سرءُ چاليهه سال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
سڄ اُپري ٿو، اُٽن ٽا سوڄ ۾ سڳا سوال،
سڄُ اُلهي ٿو، مُنهن تي ٽا مِلن ساڳا ملال،
ها فقط سَرها لڳن ٽا، اڄ ٻه ڏرتيءَ جا دلال،
هو وَسنتي ويس پائي، ٽا هٽن ڪوڙا ڳُلال،
ڪيترو تو لئه تکيان؟ هاڻي پَلائي آءٌ پال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا!
(وائي)

ٽي ٻري لينن گراد-
ٻر برسن ٽا پيا.
"اولگا" جي شاعريءَ ۾،
اڄ ٻه تازي آهه ياد،
ٻر برسن ٽا پيا.
اڄ ٻه منهنجا ديس تو ۾
جڙ ته نازي بدنهاد!
ٻر برسن ٽا پيا.
اي ڏکڻ! ڳهلندي ڪڏهن تون،
آءٌ اي بادِ مراد،
ٻر برسن ٽا پيا.
(وائي)

ڏرتي! بس توسان،
ماڻهوءَ ٻول نه پاڙيا!
آڏيءَ مانجهيءَ گيت ٽو، ڳايان آءٌ اجان...
سپني منجهه رڇي وڃي ماڻهو نيٺ متان!
(ماڻهو سپنا ٽو اُٽي، پنهنجي رُت پُنءِ مان)
رانئي جَرُ ٽرُ آئيو، ڳاڙهو سڄُ مٽان!
(وائي)

"تون" تي تون آهين
منهنجي پُون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
منهنجي ساري ذات تون،
منهنجي "مون" آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
تون ئي منهنجا بيت آن،
تون وايون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
اجان نڪتي چو نه ٿُون،
ڪاهيءَ ڪوڻ آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!
ويريءَ جي والارَ ۾،
ڏينهن ته ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

بادل ٿا برسن،
جيڏا، وري جهوڪُ تي.
شاهه عنايت اُڀ مان، چمڪي ٿو چَن چَن،
نہ تو سونگي سنڌڙي، نہ تو ڏاڍي ڏَن!
مٽن مڻي هٽڙا، سدا شهيدن،
آهن اَسان سان اجان، مري جي نہ مرن!
(وائي)

پير ڪوڙي رهو پهاڻن تي،
پٽَن جي ڪِرڻ جيان نہ پهچو!
رڻ روڪي وڙهو "اياز" اڃا،
ڪانڙن جي پهچڻ جيان نہ پهچو!
(غزل)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونہ آ،
مري ويو ٻيو ڪو.
(ڦِر سنڌو)

اکيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
اُتي جهٽيو ڙي!
(ڦِر سنڌو)

موت نہ ڪاڏي مات،
وري سج لهو لهان
راهوڪيءَ تي رات!
(ڦِر سنڌو)

چا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي جي رستن تان،
رڻ ڏوپي ڇڪو آهي،
۽ اُها رُتِ ويجهي آهي،
جنهن ۾ مالتيءَ جا آڇا پُشپ،
من جي پوترتا وانگر ڏڻي پوندا آهن...
(نثري نظم)

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري کو لوڙهو ناهي
يا ڪو وڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍوڏور ڏيائيون آهن
جي وسِمڻ مان مَنش ڏسن ٿا.

وِشوُ جيئن کو مندر آهي
چا اِن ۾ ڪوئي در آهي؟

مورتيون ۽ سپ پوڄاري
اِن کان ٻاهر چو نہ وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!
(نظم)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
چئِ، توکان کو مُلهه گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي اِئن لڳندا
اِندَ مان جي چانبوڪيءَ ۾
جڏ ڪي هڏڙا پکڙي آهن.

هڏڙا ڪنهن کان چا ٿا چاهِن
چا ڪوئي سوچي ٿو!
چا ڪوئي سوچي ٿو!
(نظم)

ڪنهن جو خون وهيو ٿوڙيءَ ۾،
او ڊائِر؟
توکي ڪيئي سال مُئي ٿيا،
رُومَ رُومَ مان تنهنجي نڪتا،

جيڪي ڪيڙا،
سي به منهنجي سان منهن ٿي ويا
ڪالهه مگر تو توڙي هر،
لڳ ڀڳ ساڳئي وردي هر،
ساڳي هولي ڪيڏي!...
(نظم، ص 113)

وَڻُ به ساڳو، واسُ به ساڳو،
مَڻُ به ساڳو، ماس به ساڳو،
.....
هڪڙي سان گڏ چو نه جيون ٿا؟
هڪڙي کي سَڏ چو نه ڏيون ٿا؟
هڪڙي جو مڙ چو نه ٿيون ٿا؟
(نظم)

هو سپ آڏي رات اچن ٿا،
مُگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

مُگرمان جي چمڙي هيڻان،
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪڙي پويان سيڙهيون آهن،
تن تي گڏجي هيڻ لهن ٿا،
دودي تائين، ٻاگهيءَ تائين،
ڪُنڊَ ڪُنڊَ هر ديپ جلن ٿا،
مُگرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اِنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي به اُتن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجن پيرن هيڻان
لاش چنيسر جو چيلاڻي،
چاتي کولي، اوچي ڳائي،
ڏاکولن سان نڪ نڪ ڪن ٿا،
مُگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.
(نظم)

... اِن طرح، آءٌ هوند هن ڪتاب تان اياز جا سڄي جا سڄا نظر "سارو عرش منور آهي/ چند ڳلي هر چمڪي ٿو..."، "ڪيڏو ياد ڪريان ٿو توکي/ تنهائيءَ هر/ تون جو جيئڻ جو جس آهين، ڪير چوي ٿو تون ڪس آهين!..."، "آزاديءَ لئه روز مرن ٿا/ ماڻهوئڙا..."، "موت مسئلو ناهي/ مسئلو حياتي آ..."، "هي شاعر جي لهرائن ٿا/ هي جيڪي آداب عرض ڪن/ جن کي ڪوبه ضمير نه آهي..."، پنهنجي جيئري يارو/ انقلاب اچڻو آ..."، "حڪمرانن کي ڪونه مجون ٿا/ پوءِ به اسان محڪوم نه آهيون!..."، "باک ڦُني جو روز هڏان ٿو/ "وڪٽر جارا" کي..."، "عمر گذري وئي/ دک هن ديس جا/ اڃ به ساڳا هئا..."، "رات جي سياهيءَ هر/ روشنيءَ جي جهرمر هر/ ڪيترا نوان ماڻهو/ سچ ڏي وڏن ٿا پيا..."، "جوت هرندي رهي.../ رات نرندي رهي..." پيش ڪريان بلڪ اياز جو ڪهڙو ڪهڙو بيت، ڪهڙو ڪهڙو شعر، ڪهڙو ڪهڙو نظم ۽ اُن جو ڪهڙو بند پيش نه ڪريان، جي پنن تي جاءِ جي گنجائش ڏسي سگهان، ۽ جي اِها خبر نه هجيم ته هيءُ سڄو ڪتاب پنهنجي واقعي هڪ ايڈيءَ امر شاعريءَ سان لاڳق پڙهندڙن جي آڏو پاڻ موجود آهي ۽ سندَ جا محڪوم ۽ مظلوم باشعور ماڻهو ضرور اُن جي سِٽ سِٽ پڙهندا ۽ اُن جي "ايجاز"، "ايما" ۽ علاماتي ادا هر جيڪي معنيٰ جي موتين جا انبار سندن آڏو آهن، اُهي هو پاڻ ئي ڏسندا ۽ گڏ ڪندا!

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چواڻيءَ، هُن جي "زندگيءَ جي پوئين پهر جي شاعري" آهي. اِنهيءَ ڪري اُن هر لاڳق پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوني جو اظهار به ملندو. جيئن هيئينءَ وائيءَ هر:

ويل آن ساهي پڻڻ جي،
موت، منهجي لاءِ تون،
آخري منزل نه آهين.

مان اُبن هر ڪيئن رهندس،
مون پُلائي نانهه پون!

هو وسي ٿو وڏ ڏڙو
سايون ٽين ٽر هر پٽون!

جي اُچان موتي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موٽ! منهنجي لاءِ تون،
آخري منزل نہ آهين!

يا، جيئن هن نظم ۾:
اڃا اُجهاڻل ڏيئو ناهيان
تون جو اچڻو آهين، آءٌ!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جَلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنيرکي تائين سانير تي!

ڇاڻ پرهہ جي پنڇي اُڏريا!
توڙي پوئين آهي ويرا،
منهنجي جوت اڃا بہ هري ٿي
اڃا تڪيان ٿو تنهنجا پيرا.

اڃا بہ ساڃيو ليئو آهيان،
اچڻو آهين، جي، تون آءٌ!

يا، "سارو عرش منوّر آهي" واري نظم ۾:
... چا، هي منهنجو بستر آهي،
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو؛
چي، "هي شعر اڌورو آهي،
"ويني ڪالهہ لکيائين ٿي جو،
"جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
"پانيان ٿو اڻپورو آهي!"...

يا، سندس نظم ۾:
عمر گذري وئي،
دکَ هن ديس جا،
اڄ بہ ساڃا هئا،
جي هئا مون ڏٺا،
سال چاليهہ اڳ،
ڪوبہ ڦيرو نہ آ
ديس جي دانهن ۾!....

1976ع کان 1979ع تائين جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽ اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهہ عرصي ۾ بہ، نہ لکڻ سبب، ايياز جي شعري آمد ۾ اُها روانيءَ نہ رهي هئي، تہ هن فقط نثري نظم "پٽڻ ٿو پوَ ڪري"، (1982ع) وارا لکيا هئا. جيئن گرديو ٽڪگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهہ ڪتاب نثري نظم جا لکيا، وري پنهنجي منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽڪگور وانگر ايياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ اُها ڳالهہ نہ هئي، جا شاعر مان متوقع هئي. اُن سلسلي ۾ ايياز مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هو، ۽ ٻئي هڪ هنڌ آءٌ اِئين لکيو بہ چڪو آهيان، تہ ڪيترو وقت هن جي تخليقي قوتن جا سرچشما بيئل رهيا؛ ۽ اُن ڪري هن ڪٽي ڪٽي (نثري نظمن ۾) پنهنجي مطالعي جو سهارو ورتو هو، پر اُن سان ايياز جي اُنهيءَ پيشڪش جي بہ مخصوص اهميت کان ڪنڌن بہ انڪار نٿي ٿي سگهيو.

يوسف شاهين، ايياز جي اُن مجموعي کي علم ۽ فلسفي جي دنيا جو "هڪ عظيم شاهڪار" چوندي، شاعر جي ڪن سالن جي لڳاتار ماڻ کان پوءِ جي پهرينءَ خوش آئند اشاعت طور "نئين نينهن جو نياپو"، "پرهہ ڦٽيءَ جو پيغام" ۽ "من اندر جون ڳالهيون" سڏيو آهي، جن کي ٻڌڻ لاءِ سچي دل ۽ اُجرو من گهربل هئا، ۽ جن جي مطالعي کان پوءِ شيخ ايياز جي سموري شاعري (پاڻ) وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ پڙهي ۽ پروڙجي سگهي ٿي. اڄ ايياز جي هن "پوئين پهر جي شاعري" ۾ بہ سندس ان وسيع مطالعي ۽ جهان، گرديءَ جون جهلڪيون ملن ٿيون. هن جي مطالعي ۾ اِن طرح ڪيترائي شاعر، اديب، فلسفي آيل آهن، جن جو ذڪر هن هنڌ هنڌ پنهجي "اندر" جي اظهار ۾ تمثيل (Allegory) طور ڪيو آهي. جيئن پٽائي، سچل، بيڪس، اولگا پرگال (لينن گراڊ جي شاعره)، ڪبير، فريد، بلي شاهہ، روحل، پاڪو پاڻ، وياس، گوتمي، بيٽوون، مولانا آزاد، اصغر گوندوي، مايو ڪووسڪي، ڪنفيوشس، فيض، سبط حسن، دارا، شيوسانگ (قديم چيني عالم)، آلندي، امير خسرو، مرزا "رسوا"، فيدرل ڪاسترو، وڪٽر جارا (هسپانوي راڳي ۽ شاعر)، وغيره ائين ٿو لڳي تہ شعر

۽ ادب جي ساري دنيا هن جي آغوش ۾ آهي، ۽ هن کي ديس، پوري برصغير ۽ ساري دنيا جو فڪر آهي، ۽ ٿنهي جي تقدير ۾ ڪوئي رشتو آهي، ۽ اُن رشتي جي بحاليءَ جي هن کي اڻ تڻ آهي. جيڪو رشتو هيڄ، غصي، خوف ۽ تاريڪ خياليءَ سبب ڇڄي، ڇيهون ڇيهون ٽيو پيو هو، ۽ جيسين اُن جا ٽُٽل ڦٽل ڏاڪا ڳولي، ڳنيي جوڙي، سلجهائي ۽ صاف ڪري نٿا سگهجن، تيسين هن جي پنهنجي قوم ۽ دنيا ۾ ٻئي مظلوم انسان جي نجات ممڪن نه هئي.

پُڇڻ تي ايياز مون کي ٻڌايو ته پاڻ سڃو هيءَ شعر، جيڪو هن مجموعي ۾ پيش ٿيل آهي، سواءِ اُن جي، ٻن ڇڻن نظمن جي، مارچ ۽ اپريل 1987ع ۾، روزانه علي الصبح ڇٽين وڳي کان ڇهين وڳي تائين ڪمپيوٽر جوڙيائون؛ ۽ پڻ ٻئي شعر جو سندس مجموعو، "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" ۾، اٽين آگسٽ- سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو تخليقيل، وٽن تيار آهي، جو عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو.

راتين جو جاڳي، صبح جي پهر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي پابزنجير ۽ ڏکاريءَ زندگيءَ تي اٽين ڪُرلائڻ جا آثار، اسين ايياز جي هن تخليق ۾ ڏسي ۽ پڙهي به سگهون ٿا:

رڻ- ٻارڻ باري ويا، آڏيءَ اُڀي جي،
ساري ٿي تن کي، اُپري باک بسنت جي.
(بيت)

رات پر ٽُنهنجي پڪار،
نند کي نيندي رهي.
آڏ ڏرتي سرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهار!
ڪويَلون ڪوڪن پيون، ڪوئي ته ناهي چپ يار!
چو اڃا گلنار ناهن، روءِ تنهنجي جا اَنار؟
ٿو چڪين چوهي جيان، مون کي پراهين پار يار!
(وائي)

اُڀي آڏيءَ رات جو،
تو لئه هولڙيون هولڙيون،
پکي ڪي پرڌيهه جا.
ڦڙا ڦڙا ماڪ جا،
جلهن ڦلن جهولڙيون،
تو لئه هولن هولڙيون،
پکي ڪي پرڌيهه جا.
جن تو لاءِ سڃڻ جون،
ڪيئي ڳلين ڳولڙيون،
تو لئه هولن هولڙيون
پکي ڪي پرڌيهه جا.
پنيرڪي جو پُڻ مٽان،
ريڪون نيٺ رتولڙيون،
تو لئه هولن هولڙيون،
پکي ڪي پرڌيهه جا.
(وائي)

باک ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سڄ اُهاڻ ڪري؛
رت اَپڙڪا ڪائي ٿو اِيئن
ڏينهن تتو جئن تاڻ ڪري!
سارو وقت ته رهندو ناهين،
ويندو آنهه سماڻ ڪري!
ڪيسين ڪُوءِ ڪلاڪن جي
ڀر
منهنجي ذات هڳاڻ ڪري؟
آڻ ته آدر پاڻ ڪري ڪو
تنهنجو آدرپاڻ ڪري!
(نظر، ص 172)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
"وِڪٽر جارا" کي.
هي جو چلي ۽ جو راڳي آ
منهنجي پاڻ جيان آ،
اُن جي دکياري ڏرتي جڙ
منهنجي ماڻ جيان آ...!
(نظر)

ايياز جي شعري فن تي لکندي "کي جو ٻيجل هوليو" (1970ع) جي مهاڪ ۾ مون چيو هو ته "ايياز پنهنجي ادبي تخليق جي فني اوچائيءَ جا سنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي انهن کان مٿي اُپري ٿو؛ ۽ پوءِ مون هن جي "سادن ۽ سهڻن لفظن ۽ اُنهن جي چوند ۽ پوري استعمال" جو ذڪر ڪيو هو ۽ لکيو هو هن

جي "شعر جي نغمگيءَ ۾ اُن جي دلبراڻ انداز" بابت، ۽ هن جي "نديڙن ۽ نزاڪت پرين وزنن ۽ بحرن" بابت، ۽ هوا کان هلڪن رديفن ۽ قافين، ۽ هندي چند جي بنهه معصومانه ۽ من موهيندڙ استعمال ۽ لوڪ گيتن جي ڌُنن ۽ انوکين علامتن ۽ اشارن، بابت، جن سان هن جا پڑهندڙ هن جي آڇيل معنائن جي موتين سان پنهنجا جهول پري ٿي سگهيا ۽ سندس دل ورائي ورائي هن جي شعرن ۾ڏ لاءِ آتي ۽ زبان اُنهن جي نغمن کي وري وري جهونگارڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اياز جي هن تازي ڪلام جي فني اوچاين لاءِ پڻ اُهڙ اِهو ئي ڪجهه چئي سگهان ٿو. اياز جي شعري اظهار ۾ مون هميشه هڪ ڳالهه ڏٺي آهي، جنهن کي آڳ جذبي جي ڌارا (Stream of Passion) ۾ چئي سگهان ٿو، شعور جي ڌارا (Stream of Consciousness) وانگر، ادب ۽ فن جي ڪاوش ۾ جڏهن اِهي ٻ ڌارائون گڏجن ٿيون، يعني جڏهن شعور جي ڌارا کي جذبي جي ڌارا اُمنگ، اُتساهه، عشق جي ڌارا ميسر اچي ٿي (جنهن کي ٽي. ايس. اِيلٽ "اندر جي ڌُڻ" ۽ اسان جي لطيفَ "اندر جي آگ" چيو آهي)، ۽ پوءِ جيتر اُهي ٻيئي ڌارائون ڪنهن اديب ۽ شاعر سان شامل حال هجن ٿيون، تيتر جيڪا تخليق وجودجي ٿي، اُها پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن خاص ڪوشش يا اڳ رٽا جي ٻ محتاج نٿي رهي. ائين ئي ايازجا ڪيترائي نظم آهن. جن جي ڪائي مقرر يا بدل صورت (Fixed Pattern) نه آهي، جي پوءِ ٻ پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا، ۽ پوري آب تاب سان پهچن ٿا؛ ۽ توڙي جو اُنهن جي وچ جون سٽون هر قافيه نه آهن ۽ انهن جا ڪي پڊ يا مصرعون ٻ ناتمام هجن ٿيون، تہ ٻ اُنهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان ٻ وڌي ملي ٿو؛ اُنهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهه نوان، جن جي نواڻ ٻ نئين کان نئين، کابه انهن جي سٽ آجائي ۽ پرتيءَ جي نه تہ ٻ معنيٰ جي ايتري اَولِيت، جو اُنهن جي هوليءَ جو حسن ۽ خوبي ثانوي ڳالهه پيئي پاسي. اِن طرح جي فطري شعر جي هر صنف بيت، گيت، وائي، ٽسٽي، نظم، نثري نظم تي شاعر جي ڇاپ ٽئي ٽي، ۽ شاعر جي نالي جي خبر نه هوندي ٻ ڏسي ۽ پڑهي، چئي سگهجي ٿو تہ اُهي ايازجا شعر آهن.

منهنجي تخليقيل مثالي ٻ نظر "ڪالهه ڪڏهن مون وارياسي ۾/.." ۽ "گيت ٻ جڏ گوريلا آهن،/..." هتي لائق پڑهندڙن جي آڏو آڻي ٻ سگهان ٿو. پهرئين نظر ۾ ۽، خاص طرح اُن جي آخري ڇهن سٽڙ جي بند ۾، شاعر ڏاڍي هڪ دلنواز انداز جو اندروني ترنم حاصل ڪري سگهيو آهي، جيئن بند جي ٽين سٽ جي لفظ "فلسطين" جو قافيو اُن جي مٽينءَ سٽ جي آخر ۾ "جيسين" آهي، پر ان کان پوءِ باقي بند ۾ قافيو ڪونه آهي، ۽ رڳو "حسرت"، "فلسطين"، "ياسر"، "سارا" ۽ "ڏي" لفظن ۾ آندل "سين" (س) جي آواز، ۽ ساڳيءَ طرح "حسرت"، "فلسطين"، "ياسر"، "عرفات"، "سارا" ۾ "رتورت" ۾ آندل "ر"، ۽ "حسرت"، "عرفات" ۽ "رتورت" ۾ "ت" / "ط" جي تڪرار (Repetition) سان ترنم پيدا ڪيو ويو آهي، ساڳيءَ طرح ٻئي ۾ آوازن "گ"، "ر"، "ج"، ۽ "ڙ" جي تڪرار ۽ پڙ انداروني هر قافيائيءَ لفظن "جاڙ"، "آڙ"، "پهاڙ"، "تاڙ"، "لاڙ"، ۽ "اکاڙ" سان نظم جي ترنم ۽ تاثر ڪي عروج تي پهچايو ويو آهي. اِهي تجربا ڪڏهن ڪڏهن مغربي شاعريءَ ۾ ملندا آهن، تہ اُنهن جا نقاد هوندا آهن، جي شاعر تان ٻلهار ويندا آهن. ايازجي سڃيءَ شاعريءَ ۾ اهڙا سوين مثال موجود ڏسي سگهجن ٿا.

ايازجي اِهي هيٺ ڏنل ٻ نظم، جتي هن جي شعري فن جا ۽ اُن جي تمثيلي انداز جا، ۽ هن جي شعرو ۽ جذبي، ذهن ۽ قلب جي فطري امتزاج جا نمائنده مثال آهن، اُتي اُهي سندس مجبور وطن ۽ محروم ۽ ستر رسيده قوم جي شانائتي ۽ جس پرئي جيئڙ لاءِ مٽن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه ٻ ڪن ٿا: اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اِهوئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا: ۽ اڄ اِهوئي فرض ادا ڪرڻ کان اُنهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هر تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:

(1)

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ڳاڳيون، ڳڙ ڳنيرَ ڏسي،

سج جي پاڇي ڏانهن ڏنو،
سونءُ وَرني ساواڻ هئي
منهن ڦيري جاڏنهن ڏنو.

تيسين ٽي تيڏانهن ڏنو
سارو سڄ ٻڏي ويو جيسين،
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چَپَ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رَڙو رڙُ لڳن!

(2)

گيت به ڇڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪرن ٿا.

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳ ۾
هو هوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا،
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موٽي منجهه پهاڙ ڇپن ٿا؛
ڪيڏي ترڇي تاڙ رکن ٿا،
اُتر اُپري، لاڙ ڇپن ٿا؛
سانوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٽي آکاڙ ڇپن ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جئن
اڇڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيت به ڇڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

محمد ابراهيم جويو
حيدرآباد، سنڌ
20 نومبر 1987ع

***

اياز ۽ اڳتي قدم

اياز سان منهنجي غائبانه ڄاڻ سال 1938ع ڌاري ۽ روبرو ملاقات 1941ع جي آخر ۾، منهنجي پياري دوست جمال صديقيءَ جي وسيلي، ڪراچيءَ ۾ ٿي. جمال ۽ اياز وڏي ۽ سترين شهر شڪارپور جا هئا، ۽ آءٌ ننڍي سادي شهر تيرٿ لڪيءَ جي لڳ سنڌوءَ جي ڪپ سان ڳوٺ "آباد" جو رهندڙ، ٽيٽ ٻهراڙيءَ جو هوس.

سال 1940-41ع ۾ آءٌ بمبئيءَ جي وڏي ننگر مان بي.ٽيءَ جي ٽريننگ پوري ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسته الاسلام ۾، جتي آءٌ پڙهيو به هوس ۽ پوءِ ماستر به مقرر ٿيو هوس، موٽي اچي دخلڪار ٿيو هوس. اياز ۽ جمال ڊي.جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ بي.اي لاءِ ادخل ٿيا هئا.

بمبئيءَ مان آءٌ ڪامريڊ ايم.اين.راءِ سان متعارف ۽ سندس ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان متاثر ٿي، موٽيو هوس. ڪراچيءَ ۾ ناگيندر ناٿ وياس نالي هڪ گجراتي برهمڻ نوجوان جي تحريڪ ۽ اڳواڻيءَ ۾ ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سنڌ شاخ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن سان آءٌ ۽ منهنجا دوست، گجر ڳالهائيندڙ بوهرا جماعت جو احمد اي. جيواجي، مزدور ليڊر ڪونڪني خطب ۽ اياز، جمال ۽ ٻيا ساٿي وڃي شامل ٿياسين. وياس هڪ وڏي سيٺ جو پٽ هو ۽ پيار جي شادي هڪ پڙهيل گڙهيل سُٻيل اڇوت چوڪريءَ سان ڪئي هئائين ۽ اُن سبب پيءُ جي گهر مان تڙجي نڪتل هو، احمد اي.جيواجيءَ کان ۾ سندس اعتقادي ۽ مذهبي پيءُ ڪجهه رُنل هو ۽ احمد پاڻ بوهرا جماعت جي هڪ روشن ذهن سڌارڪ حاتم علي علويءَ جي زير اثر پنهنجي "آگي قدم" نالي پريس مان "آگي قدم" جي ئي نالي سان ماهوار گجراتي رسالو ايڊٽ ڪندو، ڇاپيندو ۽ شايع ڪندو هو ۽ اياز ۽ جمال ٻئي پاڻ هن جي الهڙ جواني جي پهرئين پيار جا چپيٽ ڪاڏل هئا، شعر ۽ شاعريءَ سان دل هُئين ۽ علم جي نئين روشنيءَ جي ڪجهه سرسُ چُڪي پيتل ۽ وڌيڪ اُن جا پياسي هئا. ٻيا سڀ اسان جا ڪامريڊ ۾ ريڊيڪل پارٽيءَ ۾ اُهڙا ئي پنهنجي پنهنجي نوع ۾ "حال کان ناراض ۽ بهتر مستقبل لاءِ اُتساهيل"، جي اچي گڏ ٿيا هئا.

1941-41ع ۾ اسان ريڊيڪل پارٽيءَ جي آواز طور انگريزيءَ ۾ هفتيوار اخبار، "فريڊم ڪالنگ"

(Freedom Calling) جي نالي سان کڏي هئي سون، جنهن کي کامريڊ وياس ايبٽ کنڈو هو ۽ جنهن ۾ وقتي آڻ ۾ لکندو هوس، گمنام ٽي ۽ کڏهن پنهنجي نالي سان ب. بي مهاپاري لڙائي (1945ع-1939ع) کان ٽي اُها اُئنٽي فاشسٽ Anti Fascist جنگ هئي. اسين اُن لڙائيءَ ۾ سرڪار جي حمايت ۾ هئاسين ۽ سرڪار جي نئشنل وار فرنٽ ۾ شامل هئاسين. اسان جو آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ فڪري خواب ته طرفو هو: سيڪيولزم ۽ نئشنلزم، سوشلزم جنهن جي ساڀيان لاءِ اسان "هن دنيا ۾، هن ڌرتيءَ تي حق نيڪيءَ ۽ خير جي جنت" بنائڻ ٽي گهري.

کامريڊ ايم.اين.راءِ ان سياست جي فڪري سلسلي کي هيومنزم (Humanism) جو نالو ڏنو هو.

1946ع ۾ مون کي پهريون پٽ منور علي جائو، جنهن جو پهريون نالو لاڏ پئي "منور اختر" رکيوسين. مون سندس ماءُ کي شاديءَ جي نشانيءَ طور سونا ايرنگ ٺهرائي ڏنا هئا، جن تي پنهنجي سياسي ادا جي تسڪين لاءِ ڪميونزم جي عالمي نشان "ڏاتو ۽ مُترڪو" جڙيل هئا. منهنجي سياسي اعتقاد پٽي جو اُن دور ۾ اهو رنگ هو!

ان ئي سال مون ۾ ڪتاب لکيا: هڪ ايم.اين.راءِ جي ڪتابن Historical Role of Islam جو سنڌي ترجمو: "اسلام جو تاريخي ڪارنامو" ۽ ان هڪ ئي پنهنجي تحرير جي چپجڻ جو، بلڪ هٽان ئي نڪري وڃڻ جو، مون کي سڄي عمر بيحد افسوس رهيو.

ٻيو ڪتاب Save Sindh Save the Continent انگريزيءَ ۾ لکيم (جنهن جو ٻيو چاپو تازو جنوري 2001ع ۾ شايع ٿيو آهي) ان جي جزا طور مون کي سنڌ مدرسي جي ملازمت تان دستبردار ٿيڻو پيو هو.

1946ع ۾ ئي اسين (وياس، مائي سُشيلا، ايازَ ۽ ٻيا ڪجهه ساٿي) پراڻي هڪ بار بردار لاري، پاڙي ڪري، سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ريپبليڪل پارٽيءَ پاران بيهاريل اميدوار، ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهنديءَ جي ورڪ لاءِ عمرڪوٽ، ساماروَ، ڪپرو تڪ ۾ ويا هئاسون ۽ سڄو مهينو ٽر جي پٺن تي ايازَ جو گيت "او باغي، او راڄ دروهي، پارٽ ۾ بلوي جا باني." ڳائيندا رهياسون، جنهن لاءِ ايازَ پوءِ پنهنجي ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري" (1986ع) ۾ لکيو هو ته "ان ۾ ڪر آندل هولي ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي." ۽ ٻيو گيت، جو گڏجي اُتي اسان ڳايو ٽي، سو هو ڊاڪٽر اقبال جي "جس کيت سي دهکان کو..." جو سنڌي ترجمو، "جنهن کيت مان هاريءَ کي ميسر نه ٿئي داڻو، تنهن کيت جي هر ڪٽڪ جي تيلي کي جلايو!"

هن ئي 1946ع جي سال جي آخر ۾ اسان دوستن صلاح بيهاري ته سنڌيءَ ۾ ترقي پسند وطن دوست رسالو شايع ڪجي، ايازَ تيستائين ايل. ايل. بي پاس ڪري چڪو هو ۽ ڪراچيءَ کي چڏي، شڪارپور ۽ سکر ۾ پريڪٽس ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. فيصلو اهو ٿيو ته رسالي جو نالو ڪامريڊ احمد. اي جيواجيءَ جي گجراتي رسالي "اڳي قدم" جي پٺيان سنڌيءَ ۾ "اڳتي قدم" رکجي، ۽ پوءِ اهو رسالو شڪارپور مان جاري ٿيو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو ۽ مقبول ٿيو.

پنجونجاهه سالن کان پوءِ 2 مارچ 2001ع تي، شيخ ايازَ جي انهترئين جنم جي ڏينهن تي، "اڳتي قدم" جا نڪتل اُهي ٽئي پرچا گڏي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا.

- محمد ابراهيم جويو

***

ايازشناسي اڄ جي ضرورت

شيخ ايازَ جي شاعريءَ جو ٽيون جلد، ثقافت ۽ سياحت ڪاتي حڪومت سنڌ پاران چپجي پٽرو ٽي رهيو آهي، هن جلد ۾ شيخ ايازَ جا هيٺيان ڪتاب ترتيب وار شامل ڪيا ويا آهن:

1. لڙيو سج لکن ۾
2. پن چڻ پڇاڻان
3. چنڊ، چنبيلي ول
4. رڻ تي رڻ جهر
5. پڳٽ سنگهه کي ڦاسي

هنن ڪتابن مان پهريون ڪتاب "لڙيو سج لکن ۾"، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران مون 1980ع ۾ چپائي پٽرو ڪيو هو. ۽ ان بعد ان جا ٻه چاپا جنوري 1988ع ۾، ۽ سيپٽمبر 1995ع ۾ نيو

فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. هيءُ ڪتاب اصولي طور شيخ ايياز جي ڪتابن جي ٻئي جلد ۾ شامل ڪرڻو هو، پر پهريون ڇاپو دستياب نه ٿيڻ ڪري، ان جي ڇپائيءَ جي سال جي ترتيب، هيڊ مٽي ٽي وئي. هاڻي هن ٽئين جلد ۾ اهو ڪتاب پهرئين ڪتاب طور شامل ڪيو ويو آهي، ۽ ڪوشش ڪئي وئي آهي، ته ايياز جي ڪتابن جي ترتيب ڇپائيءَ وارن سالن جي حوالي سان رکي وڃي.

"لڙيو سج لکن ۾" ۽ ان کان پوءِ ڇپيل ڪتابن ۾ شيخ ايياز جي شخصيت ۽ ذهن جي نراسائي بلڪ ناخوشي ۽ ناراضپي واري ڪيفيت جي جهلڪ پسائين ٿيون. ڇو ته اهي سمورا ڪتاب هن وائيس چانسلريءَ واري قيد (سندس چواڻي) مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ لکيا هئا. پوءِ به انهن ۾ وصال جي تانگهه تبديليءَ جي امنگ ۽ آس جو اظهار، شدت سان ملي ٿو، جيڪا گهاڙهه ٻڌائي ٿي، ته تخليق ڪار هميشه هڪڙي ڪيفيت ۾ نٿو رهي ۽ ڪيفيتن جي تبديلي ئي سندس تخليق جي امرتا ۽ دائميت جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

شيخ ايياز، جديد سنڌي شاعريءَ جو ئي نه، پر اسان جو ئي فڪري ۽ تهذيبي تاريخ جو اهم شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي فڪري ۽ تهذيبي حسن جي جلوي سان گڏ اُن دور جي تخليقي ۽ سنڌي هولي جو ڪرشماتي اظهار به آهي.

شيخ ايياز جي شاعريءَ ۽ نثري تخليقن کي مختلف ادارن سهڻي نموني ڇپائي پئي پڙو ڪيو آهي، پر گذريل سال کان ثقافت ۽ سياحت کاتي، جنهن رٿابنديءَ ۽ خوبصورتيءَ سان ايياز جي ڪتابن کي مختلف جلدن جي صورت ۾، نئين سر ترتيب ڏيارائي، مارڪيٽ ۾ آندو آهي، ان نه رڳو هڪ طرف ايياز جي شاعريءَ جي افاديت ۽ اهم کي عيان ڪيو آهي، پر نئين نسل/ پڙهندڙن ۾ "ايياز شناسيءَ" جي شعور کي به پکيڙيو آهي.

ايياز جي ڪتابن کي سهڻي ترتيب ۽ تسلسل سان پيش ڪرڻ جو مقصد به اهو آهي ته نئين دور جو کوجنا کار ۽ متلاشي ذهن، ايياز جو اپياس، نئينءَ نظر سان ۽ همعصر دور جي تقاضائن موجب ڪري ۽ پنهنجي تاريخ، تهذيب ماضيءَ جي روايتن ۽ حال جي جاڻ ۽ حاصل ڪري، مستقبل طرف نئين عزم، حوصلي، ولولي ۽ وطنيت جي جديد احساس، اُتساهه ۽ ويساهه سان اڳتي وڌي.

آءٌ ثقافت کاتي سنڌ جي هن نيڪ قدم کي ساراهيندي، شيخ ايياز جي مختلف جلدن جي سهيڙ ۽ سنوار ڪندڙ کي به جس ڏيان ٿو، جنهن کي نه رڳو ايياز شناسيءَ جي ساڃاهه آهي، پر هن ايياز جي تخليقي پورهيي کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ، هنڌ هنڌ جيڪي وضاحتي نوٽ ڏنا آهن، تن ڪتابن جي اشاعت کي ويتر اهميت جوڳو بنائي ڇڏيو آهي.

محمد ابراهيم جويو

30 جولاءِ 2009ع

***

مون کان سنڌ نه وسري!

"شيخ ايياز- سنڌ جو آواز" اهو خطاب ۽ اعزاز، سنڌي قوم پنهنجي بي مثال قومي شاعر کي وڏي پيار ۽ پنهنجائپ منجهان ارپيو. شيخ ايياز، هڪ باڪمال ذات ڏاتي، هڪ محبت وطن ۽ سنڌ دوست شاعر طور، پنهنجي ڪل ڄمار قومي سجاڳي ۽ بيداريءَ واري ڪيفيت ۾ گذاري. سندس "لالا جي لات" ڪنهن نه اجهاڻي، سندس من ۾ ديس جي محبت جو ڏيئو ڪنهن به جهڪو نه ٿيو، سندس سياسي وابستگيءَ (Committment) جو مرڪز ۽ محور سنڌ ئي هئي ۽ سنڌي ماڻهو ئي هئا. انهيءَ وابستگيءَ ۽ پيوستگيءَ جي ڪيفيت ۾ ڪل ڄمار رهيو:

"توکي ڪهڙي ڪَلَ،
جيءَ اچي نه جهلَ،
مون کان سنڌ نه وسري!
اڌرن ٽا جنهن جوءِ تي،
پاريهر جان پَلَ،
مون کان سنڌ نه وسري!
ڪونجون ڪٽڪن روهه تي،
تارن هينان ٽَلَ،
مون کان سنڌ نه وسري!
باکون ساکون سُونهن جون،
راتيون روپَ رتل،
مون کان سنڌ نه وسري!

تون چا ڄاڻين اوپرا،
توکي کهڙي کَل،
مون کان سنڌ نہ وسري!

ههڙي شعر کان پوءِ، ايياز جي سنڌ سان سچي سڀنڌ ۽ سنڌ سان سندس سياسي وابستگيءَ تي ڪي به به رايا نٽا رکي سگهجن ۽ هئڻ به نہ گهرجن. ايياز، پنهنجي ڄمار جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ به ذات جا پلارا بادل برسايا. سندس شعر ۾ وڃ وراکا ساڳيا رهيا، سندس فن جا روپ سروپ تڏهن به ملوڪ ۽ من موهيندڙ رهيا، ۽ حقيقت هيءَ آهي ته انهيءَ پلارن بادلن جهڙي ذات، وڃ وراکن جهڙي شعر ۽ سدا ملوڪ فن وسيلي ئي هو پاڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ هو:

"پائي ڳل ڳراڙيون، پاڻ سڃاڻو پاڻ"

ايياز لاءِ، خاص طرح پچاڙڪن ڏينهن بابت گهڻو ڪجهه چيو ويو آهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته سندس ذات "جهيڻن اڳارن" وانگي نہ ٿي هئي. ان جي جَر ۽ جيءِ ۾ ڪابه گهٽتائي نہ آئي هئي. انهيءَ ڏس ۾، ثابتيءَ طور سندس ڪتاب "چوليون هوليون سمنڊ جون" خاص ڏيان لهڻي. اهو ڪتاب سندس نظمن جو مجموعو آهي. ان ۾ سندس شاعراڻي مشق ڪمال اوج تي پهتل آهي. ان مجموعي ۾ سندس شعر، بسنت رت جي باک وانگي، اڇو اجرو، من موهيندڙ ۽ فرحت بخش آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ جنهن تڙپ ۽ بيتابيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي، اها ائين آهي جيئن ماڪ جي ڪرشمي تي مڪڙي تڙي، فضائن کي مهڪائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪتاب جي پهرئين نظر ۾ ايياز پنهنجي پاڻ کي هڪ گهوڙي سوار سان پيٽيو آهي، جيڪو وڃي ٿو منزلن اڳيان منزلون لتاڙيندو، پر ڪٿي به ساهي نٽو ڪڍي، ڪٿي به ٽڪجي نٽو ٻيهي، ائين واقعي به آهي ته ايياز جي سڃي ڄمار، ائين ئي سرگرميءَ ۽ سرگرداني ۾ گذري، جيئن هن انهيءَ نظر ۾ چٽي آهي:

اوءِ گهوڙي سوار!
تنهنجي منزل ڪٽي آ ايجا
پير ڏرتيءَ لٽيو، ناهِ تنهنجو ايجا،
هنج ڪنهن جي مٽيو، ناهِ تنهنجو ايجا
روڪ هاڻي اڏارَ!
اوءِ گهوڙي سوار!
تنهنجي منزل ڪٽي آ ايجا؟

مٿئين شعر ۾ ايياز پنهنجي اندر جي بيچينيءَ جو ۽ پڻ پنهنجي لڳاتار شاعراڻي سفر ۽ جهد جو ذڪر بيحد اثرائتي تخليقي انداز ۾ ڪيو آهي. اهڙي بيچيني هر ڪنهن سچي ۽ وڏي شاعر ۾ ڏٺي ويئي آهي. ايجا به لطيف فنن سان لاڳاپيل هر وڏي تخليقڪار ۾ عام طرح ڏٺي ويئي آهي. خاص طرح اهي ديس، سماج ۽ قومون، جيڪي غلام هوندیون آهن، جيڪي پَروس هوندیون آهن، اتان جي تخليقڪارن ۾ اهڙي بيچينيءَ جو هئڻ هڪ لازمي عمل هوندو آهي. ايياز، هڪ غلام ديس جو شاعر هو ۽ ڪيس پنهنجي غلام هئڻ جو شديد احساس به هو، جنهن جو اظهار هن پنهنجي شعر ۾ هنڌين ماڳين ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو "نصب العين" به آزادي هئي. آزادي ئي سندس منزل مقصود هئي، جنهن کي پائڻ لاءِ هن پنهنجي شاعراڻي پورهئي وسيلي ڏڪهو ۽ گهٽن مرحلن تي تلخ سفر به ڪيو ۽ ان کري ئي هو پاڻ کي اهڙي گهوڙي سوار سان پيٽيندو پئي آيو، جيڪو ڪنهن جاءِ تي به نٽو رڪجي ۽ وڃي ٿو ڪاهيندو اڳتي، ۽ انهيءَ کان ايجا اڳتي. هڪ ٻئي شعر ۾ پاڻ چيو اٿائين:

شاعري جي روح گرمائي نٽي،
منزل مقصود کي پائي نٽي.

مٿئين شعر ۾ "روح گرمائڻ" وارو اصطلاح ڏيان لهڻي. ان روح گرمائڻ کي عام معنيٰ ۾ به ونڊي ٿو سگهجي. يعني شعر اهو، جنهن کي پڙهي يا ٻڌي هرڪو پيو وهوا ڪري ۽ مزو وٺي، پر آءٌ پانيان، ته اها شاعريءَ جي عام ۽ بنهه سادي تشريح وڃي بيهندي. جيڪڏهن اسين اجتماعي معنيٰ جي لڙهيءَ ۾ پويون ته ڪنهن چگي ۽ قبول پوندڙ تشريح تائين رسي سگهنداسين. روح رڳو ڪنهن فرد جو نہ ٿيندو آهي، روح ته قوم جو به ٿيندو آهي، جيڪو پنهنجيءَ گرميءَ ۽ سگهه سان ڪنهن قوم کي جياريندو رهندو آهي ۽ ان کي سدائين متحرڪ ۽ باعمل رکندو آهي.

ائين به ٿيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن تاريخي

حالتون ڪنهن قوم جي حق ۾ نہ هوندیون آهن تہ اها برفجڻ ۽ جمودجڻ لڳندي آهي. انهيءَ انتهائي نازڪ ۽ اهر موڙ تي شاعر پنهنجيءَ قوم جي روح کي برفجڻ کان بچائڻ لاءِ ۽ ان جي اڳوڻي حرارت جي بحاليءَ لاءِ شاعريءَ جو سڄ اُپارينداَ آهن ۽ پنهنجيءَ قوم ۾ ساڳي گرمي واپس آڻڻ لاءِ هر ممڪن وس هلائيندا آهن. ائين جڏهن ڪو شاعر "روح گرمائڻ" جو اصطلاح استعمال ڪري تہ ان جو مطلب قوم جيارڻ هوندو آهي. ياد رهي تہ جيستائين ڪنهن بہ شاعر جو شعر، منزل مقصود کي جيارڻ ۽ جاڳائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا نٿو ڪري، تيستائين سندس شعر، منزل مقصود (اهو ماڳ جنهن تائين اجتماعي طرح هر حال ۾ پهچڻو آهي) کي نٿو رسي. اسين اهو بہ ڏسي چڪا آهيون تہ شيخ ايياز پنهنجي شعر کي پنهنجيءَ قوم جي روح گرمائڻ لاءِ ئي ڪتب آندو.

ان حساب سان ڪنهن شعر جي مُهڙين ۽ ترجيحي ذميواري بہ اها آهي تہ هو وطن ۽ قوم لاءِ پنهنجي ذات ۽ ذاڻ کي وڏيءَ حد تائين وقف ڪري. ان کان سواءِ هڪ بي وڏي ذميواري بہ شاعر جي حصي ۽ ذمي ۾ اچي ٿي تہ هو پنهنجي شعر وسيلي پنهنجي هوليءَ جي خدمت ڪري. چاڪاڻ تہ ڪنهن قوم جي بنيادي سڃاڻپ هولي ئي آهي. هوليءَ کان سواءِ ڪنهن فردن جي گروهہ کي قوم قرار نٿو ڏيئي سگهجي. هولي قومن جي انفراديت کي اجاگر ڪري ٿي. اڄ بہ دنيا ۾ گهٽي پاڳي قومون پنهنجيءَ هوليءَ جي بنياد تي ئي سڃاڻجن ٿيون. وطن دوستيءَ يا حب الوطنيءَ جون ٻيون بہ ڪي ڪسوٽيون آهن، پر انهن مان اهم ۽ بنيادي ڪسوٽي هيءَ آهي تہ ڪير ڪيتريءَ حد تائين پنهنجي هوليءَ سان سچو ۽ وفادار آهي. ڪنهن شاعر جو مجموعي طور چگو يا لگو هڪ الڳ شيءِ آهي، پر جڏهن اسين ڪنهن شاعر کي "محب وطن" يا "وطن دوست" قرار ڏيون ٿا تہ انهيءَ پرک لاءِ مٿيان بہ پهلو ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجن.

انساني سماج ۾ آزاديءَ سان محبت واقعي بہ وڏو آدرش آهي، پر غلاميءَ کان نفرت اڃا بہ وڏو آدرش آهي. جيستائين غلاميءَ کان نفرت، شديد نفرت، نہ ڪبي، تيستائين حاصل ۽ موجود آزاديءَ کي برقرار ۽ بدستور رکي نہ سگهبو، پر جيڪڏهن آزادي ڪنهن سڃ نہ، پر ڪنهن خواب يا تصور جي روپ ۾ آهي تہ ان جو حقيقي طرح ماڻڻ بہ غلاميءَ سان نفرت سان مشروط آهي. محبت وانگي نفرت پڻ سگهارو ۽ فيصلائتو جذبو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ آزاديءَ ۽ اُن جي احساس سان محبت تہ رکون، پر ان سان گڏ غلاميءَ ۽ ان جي احساس کي شدت سان محسوس کريون ۽ ان کان هر وقت بيزاريءَ جو اظهار کريون.

ياد رکڻ گهرجي تہ اسان ويجهيءَ تاريخ جو وڏو زمانو غلاميءَ ۾ گذاريو آهي ۽ نہ وسارڻ گهرجي. هيءَ ڳالهہ تہ غلاميءَ جهڙي ٻي ڪا بہ بدعت يا برائي نہ ٿيندي آهي ۽ جڏهن اها بدعت لڳاتار صدين تائين هلندي تہ ٻين بہ کيترين ئي بدعتن، اڻڳاڻين، عيبن ۽ غلاظتن کي جنم ڏيندي آهي. غلامي پنهنجي ڏڳهي مدي ۾ هڪ قوم کان اڳ جي حوصلي جي سگهہ، ارادي جي پختگي، تبديليءَ جي خواهش، عمل جي افاديت ۽ سوچن ۽ تصورن جي بلنديءَ کسي وڃندي آهي. اسين گهٽا پاڳوند آهيون، جو اسان جي ادب ۽ ٻئي تخليقي پورهئي آزاديءَ جي پرهہ جهڙي احساس کي ترجيحاتي بنيادن تي ٻئي جاءِ ڏني آهي، ۽ غلاميءَ جهڙي ڏڳهي، گهگهہ انڌيري ۽ سرد رات جي ڪنڌ جا نياپا ٻئي ڏنا آهن. اسان جي تخليقي ادبَ آزاديءَ جي استقبال ۽ غلاميءَ کان بيزاريءَ جو اظهار ٻئي ڪيو آهي. ان مٿان سندس ڏنڪار وسندي ٻئي رهي آهي. خاص طرح اسان جي شاعرن پنهنجي ديس جي آجپي جي سلسلي ۾ گهٽو ڪليو ۽ چٽو اظهار ٻئي ڪيو آهي. اسان جي عظيم شاعر شيخ ايياز چيو:

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو،
سهندو ڪير ميار!
نيٺ تہ ڏهندي، ڪيسين رهندي،
دوکي جي ديوار،
جهول جهلي جنهن وقت ڏٺائي،
ڪرندا ڪنڌ هزار،
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏينڊو!؟

هن پنهنجي منظوم ڊرامي "ڏوڏي سومري جو موت" ۾ هڪ هنڌ هيئن بہ لکيو آهي:

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وسندي، تان واريو ويندين،
دودا! تنهن جو ساهه نه ويندو،
ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو!

جڏهن اسين حب الوطنيءَ جي ڳالهه ڪريون ٿا، تڏهن هڪ اهڙي وسيع ۽ ڪشادي احساس کي اظهاريون ٿا، جنهن جا لکها لک اهڃاڻ ۽ آثار آهن. وطن سان محبت جي معنيٰ ان جي هر شيءِ سان پيار، پيرن هيٺ ڌرتيءَ کان وٺي سِر مٿان آڪاس تائين ۽ چوڌاري ۾ پکڙيل هر شيءِ ۽ هر لقاءَ ان دائري ۾ اچي ٿو. ان ڪري جڏهن اسين وطن دوستيءَ جي ڳالهه ڪريون ٿا تہ اها رڳو هڪ رخ ۾ نہ هوندي گهرجي، پر ان تصور کي وسعتون ارپجن. وطن جي فطري نظارن، ان جي ڳلن، پکين، موسمن، اتهاسڪ واقعن ۽ سورمن، ان جي ماضيءَ جي قصن کهاڻين ۽ تاريخي اهڃاڻن جا ڳڻ ڳائجن ۽ ان سان گڏ نئين ۽ بهتر سماج جي تخليق جو پرچار ڪرڻ گهرجي. آئيندي جو اونو رکندي، پنهنجن ماڻهن جي تربيت لاءِ جديد اوچن انساني قدرن جي تبليغ ڪجي. پراڻن ۽ پنهنجو وقت چوڻي ويل خيالن، تصورن، عقيدن ۽ سرشتن جي خلاف ٿي بيهجي ۽ سماج دشمن ۽ انسان دشمن طبقن خلاف نفرت جو اظهار ڪجي. اهي مڙئي شيون به وطن دوستيءَ ۽ قوم دوستيءَ جي دائري ۾ اچن ٿيون. مٿي ڏنل مثالَ وطن جي حب جي وسيع پاڪر ۾ پرجي اچن ٿا، پر جيڪڏهن ايا به پڙهندڙن جي اُڃ نہ اُجهي هجي تہ انهن لاءِ وطن جي تصور ۽ ان جي وسعت جي سلسلي ۾ شيخ اياز جو هيءُ لازوال مسلسل غزل پيش ڪجي ٿو:

ڌرتي جي هوا ۾ گلابي بدن،
ڏکي ڪيئن اجرڪ سو واس ون!
ميائي به مهڪي مڃيءَ ڇٺ ۾،
مسافرَ اهو آهه منهنجو وطن،
نہ "خسرو" ڏنو هو، نہ غالب ڏنو،
غزل در غزل آهه منهنجو چمن!
اها سنڌ ڪعبو به ڪاشي به آ،
چري چا به ڪو شيخ يا برهمن!
انهيءَ تي اسان جي خدائي ڪئي،
نہ فردوس بهتر نہ باغ عدن،
جڏهن "ڪن" چيائون اسان کي ملي،
اها ئي تہ ڌرتي، اهو ئي تہ ڌن!
گوالي نہ گوپيءَ ڏئي هيئن ڪا،
ڏسي جي تہ ساري نہ بنسي نہ بن!
انهيءَ لاءِ بنواس پوڳيون پيا،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن،
جڏهن سنڌ تي سرمئي راڌڙيون،
ڪسي نند نيڻان اسان جي ڳگنُ،
ڏسي چيٽ جو چند آڪاسَ ۾،
اسان کي اچي ياد پنهنجو سجن،
هتي گيت جيتي ويو موت کي،
تنبورو هيو يا پٽائيءَ جو تن!
اُئي جي هوا آ، ڏڏا ساهه آ،
الا جُهڙ ٽيو مارئيءَ جو ڪفن،
چنيسر به دودو به منهنجو ميان!
چوان آءٌ ڪيسين انهن جو چلن.

هيءُ آهي اسان جو عظيم شاعر شيخ اياز ۽ هيءُ آهي وطن جو تصور ۽ اها حسن جي وسعت. هڪڙو شعر ان وقت تخليق ٿيندو آهي، جڏهن وطن کي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح جذب ڪري ڇڏجي يا پاڻ ان ۾ ڪُليءَ طرح جذب ٿي وڃجي. ڪنهن ذات ڏٺيءَ جي ذات ۾ اهڙو رنگ، اهڙو رچاءُ، زباني ڪلامي وطن سان سڪ ۽ سنيهه جي اظهار سان نہ ايندو آهي. جڏهن وطن کي من اندر پوريءَ طرح لاهبو آهي تہ اهو عجب رنگ پسائيندو آهي ۽ انيڪ روپ ۽ پانت پانت درسن ڪرائيندو آهي. وطن جو موهه جڏهن اندر ۾ وار ڪندو آهي تہ ٻيون مڙيئي وايون وسري ويندیون آهن ۽ ماڻهو سراپا سِڪَ ٻڌجي ويندو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪي،

...

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.
(شاهه)

جيڪي اڀاڻي ۽ مٽاچري نموني، يعني زباني ڪلامي سائيهه جي سڪ جو ورد پيا ڪندا آهن، اُهي

ڪڏهن به ان جا حقيقي جلوا ۽ ان جو نج نيار روپ پسي نه سگهندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن امتحان يا آزمائش جي گهڙي ايندي آهي ته اهي ڍڄي، هَڄي ۽ گهبرائجي پري ٿي ويندا آهن:

ڪنڌيءَ اُييون ڪيتريون، "ساهڙ ساهڙ" ڪن،
ڪنين سانگو ساهه جو، ڪي "گهوريس" ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي!

وطن دوستي، لڳاتار سرگرم ۽ باعمل رهڻ جو نالو آهي، اڳتي وڌڻ ۽ نون نون طريقن سوچڻ ۽ اُنهن کي پنهنجائڻ جو نالو آهي، ته جيئن وطن کي اهڙو گلزار بڻائي سگهجي، جنهن تي ڪنهن به سرءُ جو پاڇو نه پئجي سگهي. اسان کي به پنهنجي ڪم سان، عمل سان، لڪڻ ۽ پڙهڻ سان، محنت ۽ محبت سان، همت ۽ جذبي سان پنهنجي وطن کي هڪ محفوظ چمن بڻائڻو آهي. ان ڏي ڪهندڙ ميرين نظرن ۽ پليت پيرن کي روڪڻو ۽ انهن کي مهاڏو ڏيڻو آهي. وطن خلاف ٿيندڙ سازشن سان وجود جون سموريون توانايون ميڙي سميٽي مقابو ڪرڻو آهي. وطن جي تاريخ، ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت ڪرڻي آهي. ان جي هر ڪنهن شيءِ درياهن، سمنڊن، جبلن، پٽن، ڪيٽن، پکين، مال متاعن ۽ ان جي اسان لاءِ وقف ڪيل جيئڻ جي هين وسيلن تي پنهنجي وارثيءَ ۽ مالڪيءَ جو حق قائم رکڻو آهي. ان طريقي سان ئي اسان کي ان کي هڪ محفوظ چمن بڻائي سگهنداسين ۽ اهو ڪڏهن به نه وسارجي ته وطن دوستيءَ ئي روشنيءَ جو سفر آهي، جيڪو انڌيري ۽ ظلمتن کان پري رکندو.

آءٌ پچاڙي ۾ شيخ ايياز جي منظوم ڊرامي "رني ڪوٽ جا ڏاڙيل" مان ڪجهه بند ڏيڻ چاهيان ٿو. هن نظم ۾ هڪ پيغام آهي، جيڪو اسان سڀني کي وِهجائڻ کپي ۽ ان تي ويچارڻ کپي. هن نظم ۾ جيڪو سڏ آهي، انهيءَ کي لبيڪ چوڻ ۾ ئي اسان جي قومي مُڪتي ۽ چوٽڪارو آهي. هڪ قوم طور اسان مٿان سڀ کان وڏي ذميواري پنهنجي پوڻءِ ۽ پوڻءِ واسي بچائڻ آهي. هيءُ نظم جيڪڏهن "ڪورس" جي انداز ۾ گايو وڃي ته وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿيندو:

اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهور گهٽائون ٿي جهومو!
هر ڏونگر تي للڪار ڪيو
۽ اُپري ان تي وار ڪيو!
انڌير نه ڪوئي رهڻو آ،
۽ پير نه ڪوئي رهڻو آ...
ڪنهن پاپيءَ جو هن پاڙي ۾،
اڌ رات ڪنيسين ڏاڙي ۾،
هيءُ باقي رات به ڪٽڻي آ،
پر هاڻي بات به ڪٽڻي آ،
۽ ويريءَ پويان وڃڻو آ،
۽ تنهن جو ڳاڻو پڇڻو آ،
سو ماڻهو مور نه مرڻو آ،
جو ساهه ڏئي ٿو ننگن تي،
۽ جهانگين تي ۽ جهنگن تي،
۽ پنهنجيءَ ڪيتيءَ پوکيءَ تي،
۽ پنهنجي ريت انوکيءَ تي،
ڪو سورج ٻاري ايندو سين،
۽ ڏينهن اياري ايندو سين،
هيءُ جهنبو ڳاڙهيءَ مستيءَ ۾،
پل جهولي پنهنجي وستيءَ ۾!
هو ماري ماري ايندو سين،
هو ڏونگر ڏاري ايندو سين!

اياز، هن دور ۾، ايندڙ دور ۾، اسان جي سڃاڻپ آهي، اسان جي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ جو پاسبان آهي.

اياز شناسيءَ جو ادراڪ، نئين نسل لاءِ ائين ضروري آهي، جيئن لطيف شناسيءَ جو ادراڪ: جيڪو ادراڪ اسان جي زندگيءَ ۽ آڇپي لاءِ اشد ضروري آهي.

- محمد ابراهيم جويو

***

شيخ اياز: پنهنجي تحريرن جي آئيني ۾

ويهين صديءَ جي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي تقدير تي ٽن اول نمبر شخصيتن نهايت اُونها نقش رقم ڪيا آهن اُهي هي آهن:

محمد علي جناح، سيد اعظم جي. ايم. سيد ۽ صديءَ جو شاعر شيخ مبارڪ علي "اياز". سنڌ جي

جائي ۽ عالمي شهرت پاتل جناح صاحب جي سوچ ۽ ڪر بابت ڪتابن ۽ يادداشتن جي ڪمي ڪانهي. سنڌ جي عظيم ۽ سيد ۽ سنڌ جي شاعر "اياز"، پنهنجي فڪر ۽ سياسي/ ادبي ڪردار جا پنهنجا ئي ليکيل ڪيئي ڪتاب ۽ داستان اسان لاءِ ڇڏيا آهن. هنن ٻنهي جي زندگيءَ جو باخبر مطالعو، ان معنيٰ ۾ اسان لاءِ وڏي سبق ۽ آئيندي لاءِ بنيادي رهبريءَ جو ڪر ڏيڻ وارو آهي.

شيخ ايياز جو پهريون نثري ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ سندس پهريان اٺ شعري مجموعا منهنجن لکيل مهاڳن سان شايع ٿيا. اُنهن ۾ پويون مجموعو "بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" مئي 1988ع ۾ پٽرو ٿيو. ائين سندن چاليهارو ڪن شعري مجموعا ۽ ٽيهارو ڪن نثري ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ پنهنجو تيرهون شعري مجموعا 'اڪن نيرا ڦليا' مون ڏانهن منسوب ڪندي، آڪٽوبر 1988ع ۾ شايع ڪرايائون، ۽ لکيائون ته اُن مجموعي ۾ آيل سندن شعري تخليق بابت پاڻ پنهنجي نثري ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" (فيبروري 1989ع) ۾ ڪافي ذڪر ڪيو اٿن. اڄ، هِن موقعي تي، آخر ۾ آءٌ اُن سندن مجموعي "اڪن نيرا ڦليا" جا ڪجهه منتخب شعر، اوهان کي پڙهي ٻڌائڻ گهرندس، پر پهريائين اُن بابت ذڪر ڪيل سندن نثري ڪتاب ۾ جو ڪجهه لکيو اٿن، اُن جو اختصار سندن ئي عبارت ۾، لفظ لفظ، اوهان جي ملاحظي لاءِ پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان: چو ته شاعر ۽ سندس شعر ٻنهي جي مطالعي لاءِ سندس پنهنجي زباني، جو ڪجهه چيل هجي، اُن کان ٻيو ڪو بهتر بيان ٿي ئي نٿو سگهي.

"ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾، مهاڳ جي ٻن لفظن طور اياز لکيو: "مون هيءُ ڪتاب آگسٽ 1988ع جي وچ ڌاري پورو ڪيو هو. ٻه سال اڳ جڏهن مون حيدرآباد ۾، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سالياني ميڙ ۾ پهرين صدارت ڪئي هئي، ته مون من ۾ فيصلو ڪيو هو، ته پنهنجي صحت کي مدنظر رکي، هڪ سياستدان وانگر ته مان سياست ۾ ٻه بهرو نه ونندس، ۽ ون يونٽ واري دور وانگر ساريءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ ادبي مجلسن ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي ادب کي ڪاپيءَ ڏر جي سياست جو همرڪاب نه ٻڌائي سگهندس، پر ڏينهن رات پورهيو ڪري، ڪتاب لکي، اُنهن جي اشاعت سان هن دور جي ترقي پسند سياست کي هٿي ضرور ڏيندس... جي منهنجو ادب اُن وقت سنڌ کي ڪم اچي سگهي، جنهن وقت سنڌ جو وجود خطري ۾ هجي، ته مون کي اِن جي پرواهه نه آهي ته اُهو (سياست آميز ادب هڻڻ سبب) صدين تائين زندهه رهي يا نه..."

28 جولاءِ 1988ع جي تاريخ هيٺ اُن ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ لکن ٿا: "... لڳاتار برسات جون اوڙڪون وسي رهيون آهن، چاهيان ٿو ته روزنامچا (Journals) لکان... هاڻي ڪجهه ويسر ٿي پئي آهي، ۽ وقت پوي ٿو ته گهڻو ڪجهه وسري ٿو وڃي..."

ٻئي ڏينهن 29 جولاءِ 1988ع ۾ هيئن لکن ٿا:

"تازو فلسطين جي جلاوطن شاعر محمود درويش جي منتخب نظمن جو انگريزي ترجمو پڙهندي، مجموعي ۾ هن جي هڪ نظم جو هيئنيون بندُ (مون کي) ڏاڍو وٺيو:

'دنيا
'ڪنهن سنهڙيءَ چيلهه مان
'تلوار جي پار وڃڻ کان ٻه
'وڌيڪ ننڍي آهي
'۽ هڪ پيغمبر جي خيمي کان ٻه
'وڌيڪ ڪشادي آهي.
'مان پنهنجي پنڌيان ٻه ڪنهن کي نٿو ڏسان،
'پنهنجي اڳيان ٻه ڪنهن کي نٿو ڏسان،
'مان (ماڻهن جي) ميڙ ۾ اڪيلائي ٿو محسوس ڪريان
'منهنجو ديس منهنجو پويون ليکيل نظر آهي'.

'جڏ ته هُن پنهنجي ڪتاب 'بڙ جي ڇانوَ ۾ اڳي کان گهاٽي' کي هڪ سٽ ۾ سمايو هو. 'پنهنجو ديس منهنجو پويون ليکيل نظر آهي!...'

"... پنهنجي ديس سان بيحد محبت ۽ آزاديءَ جي اٽڪل جذبي مون کي (هڪ منزل تي) بچائي ورتو هو، ۽ ڪجهه سال فرار کان پوءِ وري حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيو هوس، ۽ پنهنجي آدرش جي ڪري پرپور

زندگي گذارڻ لڳو هوس... مون کي ايا تائين سولزي تسن جي ڪتاب The Witness and the Prophets جون هي سٽون ياد آهن: 'نہ، ماضيءَ تي اک نہ ڀڄُ! ماضيءَ لاءِ ائين سوچيندين تہ تنهنجي اک هلي ويندي... (بلڪ) ماضيءَ کي وساريندين تہ تنهنجون ٻئي اکيون هليون ويندیون.' نہ ڄاڻان مون سولزي تسن جا هيٺيان شعر ب پڙهيا هئا، جي مون ڊائريءَ ۾ ب نوٽ ڪري ڇڏيا هئا:

'ڇا، اديبن جو اِهو فرض نہ آهي تہ هو ڪجهہ سيکارين؟ ڇا، ائين ئي هميشہ نہ سوچيو ويو آهي؟ ڪنهن ملڪ ۾ هڪ وڏي ليکڪ جو هڪ هڪ ٻيءَ سرڪار جي هڪ برابر آهي. ان ڪري ئي حڪومتون وڏن ليکڪن سان نہ، فقط ننڍين ليکڪن سان پيار ڪنديون آهن.'

"مون کي روس جي اقتصادي ترقيءَ ۽ روسي عوام جي اقتصادي خوشحاليءَ جي باري ۾ تہ ڪوئي شڪ شبهو ڪونہ هو. مون پاڻ روس ۾ عوام جي خوشحالي اکين سان ڏٺي هئي. روسي ٻئي ڪنهن جي رت تي نڀا پلجن، ۽ پيداوار جا ذريعا هنن جا پنهنجا آهن، مون کي رڳو اِهو اعتراض هو تہ اُتي فن ۽ فڪر جي پوري آزادي نہ آهي ۽ خاص ڪري استالن جي دور ۾ تہ اُها بلڪ ڪسي ويئي هئي. هينئر گورباچوف ايترو فرق آندو آهي، جو منهنجو ڪميونزم سان ڪوئي اختلاف ئي نہ رهيو آهي... مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر تہ نہ ٿيندس... پر مان اُن ۾ همسفر ضرور آهيان...

"مون سراج کي (ب) چيو آهي تہ 'اِهو اسان جو وڙ نہ آهي تہ وڪالت ڪندي مري وڃون. اسين اِن کان بهتر ڪر لاءِ پيدا ٿيا آهيون. ائين نہ ٿئي تہ موت اوڇتو مٿان اچي بيهي ۽ دل جي دل ۾ رهجي وڃي. ايا اسان کي گهٽو ڪجهہ لکڻو آهي.' دراصل مان پنهنجو نئون ڪتاب ٻيهر نہ پڙهندو آهيان... ۽ ائين سوچيندو آهيان تہ مون کي ايا لکڻ جي شروعات ڪرڻي آهي. ايا ٻيو ڪجهہ ب لکڻو آهي، جو اڳي ڪان وڌيڪ پائدار هوندو... ٻيو تہ اسين ٻنهنءَ پرڻ لاءِ تہ نہ ٿا وڙهون، جيئڻ جي حق لاءِ ٿا وڙهون، ۽ بهتر ٿيندو تہ سارو ڏيان اُن ويڙهہ تي ڏيون...

".... مون 1977ع کان 1980ع تائين شاعري نہ ڪئي، چو تہ اُن دور ۾ مان وائيس چانسلر هوس ۽ شاعريءَ ۾ مون اڃا سچ نٿي چوڻ چاهيو. مون اِهو رڪارڊ نٿي رکڻ چاهيو تہ مون شعر ۾ هڪ سٽ ب اهڙي لکي آهي، جنهن ۾ مان پنهنجو پاڻ نہ آهيان، جنهن ۾ منهنجي نظرئي حيلت جو ڀرپور اظهار نہ آهي، جا سڄو سچ چئي نٿي سگهي ۽ منهنجي سياسي، سماجي ۽ فلسفيانہ تاجي پيٽي ۾ ڪُپي نہ ٿي اچي... نوڪريءَ واري عرصي منهنجي طبعيت جي اُها رواني ختر ڪري ڇڏي هئي، جا منظوم شاعريءَ جي تخليق لاءِ ضروري آهي... جڏهن ڪان شاعريءَ لاءِ ضروري روانيءَ موٽي آئي، تہ منظوم شاعري مون وٽ مينهن وانگر وسندي آئي ۽ نظر ائين ڪاغذ تي لکيا ويا، جيئن ننگرپارکر وٽان ندیون ارڙاٽا ڪري وهنديون آهن...

"مونکي فخر آهي تہ مون وٽ انقلاب جو ڀرپور نظريو آهي... ائين آهي تہ مون لاءِ طبقاتي جدوجهد ب ثانوي حيثيت رکي ٿي. قلب و نظريي جي انقلاب جي اولين حيثيت آهي، ۽ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ برصغير ۾ قلب و نظر جي انقلاب جو اهڙو ڀرپور تصور، ايتري جرئت مندیءَ سان اهڙيءَ وائکي هوليءَ ۾ ٻئي ڪنهن ب شاعر اڄ تائين نہ ڏنو آهي...

"... اردوءَ ۾... شاعري مون تڏهن ڪئي هئي، جڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌ اديب ۽ شاعر تتر بتر ٿي ويا هئا ۽ سنڌ ۾ مون لاءِ سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ ابراهيم جويي کان سواءِ ڪوئي اهڙو اديب نہ رهيو هو، جنهن سان مان ڳالهائڻ چاهيان ها...

"... (مان) پاڪستان جي حالتن ۾... مڃان ٿو تہ تصوف اسان جي تاريخ ۾ هڪ انقلابي حقيقت ٿي رهيو آهي. ان ڪري مون ب سال اڳ... واعدو ڪيو هو تہ مان جهوڪ واري شاهہ عنايت جي شهادت تي ڊرامو لکندس... پر ايا... لکي نہ سگهيو آهيان. مان ايا سوچيندو رهيو آهيان تہ اهڙا انسان جڏهن گهريءَ ڪڏ ۾ گهُوري ڏسن ٿا، تڏهن اُنهن کي ڇا ٿو نظر اچي؟ هو موت کي ڇا ٿا سمجهن ۽ جو اُن جو آڏر پاءُ ڪن ٿا. موت، جو هر ڏيئي کي وسائي ٿو ڇڏي ۽ انسان کي ڪنهن ڪاري ڪارونيار ۾ ڏکي ٿو ڇڏي! ڇا، اُن

ڪارونيار جو ڪوئي ساحل آهي؟ ڇا اُهي شهيد پنهنجي شهادت کان اڳ ۾ اُن ساحل جو شعوري احساس رکن ٿا يا... هو فقط تاريخ ۾ زندهه رهڻ چاهين ٿا، تاريخ، جا هن پوريءَ ڏرتيءَ يا ڏرتيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن حصي جي آهي. ڏرتي جا هن ڪائنات ۾ هڪ ٽهڪي برابر به نه آهي! انسان ڪيئن خوشيءَ سان جيئڻ تان آسرو پلي وڃن ٿا، درختن جي ڇانوَ تان، گلن جي سڱڌ تان، پکين جي اُڏار تان، اِهو ڇو نٿا سوچين ته جڏهن گهٽيءَ ۾ شرنايون وڄنديون، گيت گونجندا، ٽهڪڙا ايندا، تڏهن هو نه هوندا، هنن جو لاش قبر ۾ پيو هوندو. ڇا، اسين هميشه لاءِ مرون ٿا يا موت کان پوءِ به زندگي آهي؟ ڇا، اِهو جواب مون کي فقط موت جي آغوش ۾ وجي ملي سگهندو؟ ڇا زندگيءَ ۾ مان اِن حقيقت کي سمجهي نٿو سگهان، جا ڪن ڪن انسانن پنهنجي شهادت کان اڳ سمجهي آهي ۽ شاهه عنايت وانگر چئي سِرُ ڏنو اٽائون:

سر در قدمِ يار فداشد چه بجاشد
اين بار گران بود اداشد چه بجاشد

"مان ان تي سوچي رهيو آهيان، ايا سوچي رهيو آهيان... ۽ منهنجا واراچي ايا ٽيا آهن، منهنجي ديد ڪمزور ٿي رهي آهي ۽ ٽورو لکي ٽڪجي ٿو پوان!... مان هن زندگيءَ ۾ ڪائي اندروني معنيٰ ڳولي نه سگهيو آهيان، پر ادب جي مسلسل تخليق سان اُن کي پرپور معنيٰ ڏئي سگهيو آهيان ۽ پنهنجي جيئڻ لاءِ جواز پيدا ڪري رهيو آهيان. مان پانيان ٿو ته مان جيستائين دلچسپيءَ سان لکي سگهندس، مان نه مرندس، پر جنهن وقت اها دلچسپي ختم ٿي وئي، يا دلچسپي جي باوجود مون ۾ لکڻ جي سگهه ختم ٿي وئي، اُن وقت عزرائيل جا گهوڑا هٽڪارون ڪندا ايندا ۽ مون کي اُن جي رٽ تي ڪنيي ڪٽي ويندا.

"هن سال (1988ع) مئي جي مهيني ۾ مان چئين بجي صبح کان ڇهين بجي صبح تائين سانڌه هڪ مهينو شعر لکندو رهيس... مون نه رڳو ڪيترائي نظر لکيا، پر ٽر جي پس منظر سان پنج ڇهه سو بيت لکيا، جن ۾ مون انسان جي گونا گون جذبات کي سمايو، اُنهن بيتن ۾ پٽائيءَ جي لوڪ ڪهاڻين جو ڪوئي پس منظر نه آهي ۽ اُنهن ۾ ورلي ڪوئي اهڙو اهم لفظ ڪر آندل آهي، جو پٽائيءَ يا ڪنهن ٻئي شاعر اڳ ڪر آندو آهي. مون سوچيو آهي ته ائين سنڌ جي سمنڊ، ڪوهستان، لاڙ، وچولي، اتر جي پس منظر سان ٻيا بيت لکان، جن سان هن ڏرتيءَ سان "من تو شدم تو من شدي" واري ڪيفيت پيدا ڪريان. مون ڪتاب جو نالو "اڪن نيرا ڦليا" رکيو ۽ اُن جي هڪ ڪاپي حيدرآباد جويي صاحب کي ڏياري موڪلي. ابراهيم جويو، سنڌي شاعريءَ جو اَبو آهي. مان جڏهن به نئون شعر لکندو آهيان ته چاهيندو آهيان ته اُن تي پهرين نظر سنڌ جي هن عظيم دانشور جي پوي، ۽ اُهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي ته مون کي اُن جي امرتا جي پڪ ٿي ويندي آهي. منهنجي اڳئين ڪتاب 'بڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي' ۾ شامل هڪ نظر 'چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان، تون هئينءَ' جي شرح جنهن خوبصورتيءَ سان هُن ڪئي آهي، اهڙي ورلي ڪوئي ڪري سگهندو ۽ اُن ۾ آندل لفظن "ماڳ" ۽ "دڳ" جي پرک پروڙ جيئن هن وٽ آهي، ائين ٻيو عظيم دانشور رسول بخش پليجو ڪري ته ڪري، باقي ٻئي جي وس جي ڳالهه نه آهي...

"... اڄ جويي جو خط پهتو آهي، جنهن ۾ هُن لکيو آهي ته هن 'اڪن نيرا ڦليا' پڙهيو 'نهايت خوبصورت بيت آهي.' اُن خط سان گڏ جويي هندستان جي سنڌي اخبارن جا ڪجهه تراشا موڪليا آهن، جن ۾ اُتان جي اديبن ۾ هلندڙ واد وواد به آهي ۽ اُتم جي 'پڳٽ سنگهه ڪي ڦاسي' ۽ 'راج گهاٽ تي چنڊ' جي ساراهه به آهي... رات جو مان، سراج ۽ تاجل ڪي 'اڪن نيرا ڦليا' جا سياسي پس منظر وارا بيت، ڏهين بجي رات تائين پڙهي ٻڌايا، جو ته سراج جي اُنهن ۾ گهٽي دلچسپي هئي... ٻنهي جو رايو هو ته بيت بيمثال آهن ۽ اڳ اهڙا نه لکيا ويا آهن. هڪ بيت تي سراج چرڪ پري 'وهه واهه' ڪئي ۽ اهو هو:

هِت به اسرائيل جئن، رهندو نه رڻ پَٽُ،
جڏهن لاڙو ڳٽُ، سيڪجهه هوندو سُٽرو.

"... پهرين جولاءِ تي آرٽس ڪائونسل (ڪراچي) ۾ (منهنجي شعر جي موسيقي) ڪئيسٽ جو مهورت هو، جو وائسز گروپ (Voices Group) پريو هو. وائسز گروپ جو روح روان بيدل مسرور آهي، جو

شڪارپور جو آهي... اُن ڪئسيٽ ۾ منهنجا نظر 'سچ وڏو ڏوهاري آهي'، 'مان ڏوهي هان'، 'ڏيئا ڏيئا ڳالهه اسان'، 'هڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو'، 'همرچو'، 'جت لڪ لڳي، جت اک تپن' ۽ 'وجو ڪنويليو ويجو' ۽ منهنجي اردو نظر 'آج يه ڪهه دي' ۽ 'ميري ديده ورو ميري دانشورو' شامل هئا... مون لکيل تقرير پڙهي... اُن ۾ مون سامعين کي ٻڌايو ته شاعري منهنجي صليب به رهي آهي، ته تلوار به رهي آهي. تقرير جي آخر ۾... مون فيض صاحب سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو، جو منهنجي نظر ۾ ناظر حڪمت ۽ پبلو نرودا جي پايي جو شاعر آهي، اردوءَ جي لاءِ مون چيو ته روسي زار جي پايي جو شاعر آهي، ۽ اردوءَ جي لاءِ مون چيو ته روسي زار جي ٻولي به هئي، پشڪن جي ٻولي به هئي. زارن کي تاريخ مليا ميٽ ڪري ڇڏيو، پشڪن اڃا تائين روس جو عظيم شاعر آهي. مون سامعين کي پنهنجن ڪتابن 'راڄ گهاٽ تي چند' ۽ 'ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي' مان ڪيترائي نظر به ٻڌايا. مان نظر ٻڌائي چڪس ته موسيقيءَ جو دور شروع ٿيو. اسين اسٽيج تان لهي هيٺ اچي ويناسين. منهنجي هڪ پاسي پليجو ۽ ٻئي پاسي سراج ۽ سويو وينا هئا... مون پليجي کان پڇيو:

'سيد سان وقت ڪيئن ٿو گذري؟'

'ڏکيو ٿو گذري'، پليجي جواب ڏنو.

'هون' چئي، مون خاموشي اختيار ڪئي.

"مون سوچيو ته سنڌ جو ماڳ ڪيترو دور آهي؟ اُن ماڳ جي دڳ تي ڪير آهي؟ هو اُتي پاڻ پهچي سگهندو به يا نه؟ مستقبل جي ڪُک ۾ ڇا آهي؟ اُنهن سوالن جا جواب منهنجي شاعريءَ ۾ ته آهن، پر ڪيترا ته مبهم آهن! ڇا، مان ولاديمير مايڪوفسڪيءَ وانگر ڪجهه ڏوڻڪي جي چوٽ تي چئي سگهان ٿو؟

"صبح جو چئين بجي جاڳ ٿي. ڪنن ۾ پنهنجي سِٽ 'اٽ! اٽي لک! اٽ! اٽي! اٽ! اٽي لک!' جي به آهين ڏينهن چار- ٻُري رهي هئي. ڪمري ۾ اليومينر جي دريءَ مان رستي تي ويندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪار تي نظر پئي ۽ اُنهن جي بتين جون روشنيون رستي تي پيل برسات جي پاڻيءَ ۾ چمڪنديون ٿي گذري ويون. ٻاهران ته اڃين ٿو لڳي ته مان هِن دور جي سياست کان پري رهيو آهيان ۽ منهنجي ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان ڪمٽمينٽ نه آهي، پر مان پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ سياسي پارٽي آهيان، هڪ وطن آهيان، هڪ حڪومت آهيان، جنهن انسان جي دل کي پنهنجو تخت گاهه ٻڌايو آهي.

"مون کي يقين آهي ته تاريخ کي پنڌتي ڏکو نه ڏئي سگهجي ٿو، پر اُن جي شڪست ناممڪن آهي. سچ لڏندو آهي، ٻڏندو آهي. دراصل سچ نه لڏندو آهي، نه ٻڏندو آهي. چا، گليلو لڏي ويو هو؟ محاسبي وقت هن پنهنجي بچاءَ لاءِ زبان سان چا به چيو هجي، پر هن جو ذهن بلڪل صاف هو ۽ هن کي چئي رهيو هو: 'تون سچ تي آهين؛ هيءُ دور جنهن ۾ ڪوڙ پنهنجيءَ فتح تي ڪُڌي رهيو آهي، عبوري آهي ۽ نيٺ گذري وينڊو.'

"اڄ فقير محمد لاشاري... سنڌيءَ جو نوجوان اديب... جنهن جو مطالعو ڪافي وسيع ۽ سياسي شعور گهرو آهي ۽ هو ڪافي وقت محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ رهيو آهي... هو پيشه ور صحافي آهي... هُن چاهيو ٿي ته هڪ پوري ڪتاب جيترو منهنجو انٽرويو وٺي... سوءِ ان ٿي ته هو سؤ ڪن سوال مون کي ناهي ڏئي...

"[شاعر جي شعور ۽ لاشعور جي سوال تي] مون کيس ٻڌايو هو: 'اِهو ممڪن نه آهي ته شاعر جي لاشعور تي هن جي شعور جو اثر نه ٿئي... شعر جي تخليق ته هڪ پراسرار ڳالهه آهي، پر پوءِ به شاعري شاعر جي مشاهدي، مطالعي ۽ تجربي جو نتيجو ٿي آهي. ويهين صديءَ پنهنجي ديس ۾ ۽ عالمي سطح تي چا چا نه ڏنو آهي! ڪيڏا نه لاها چاڙها، ڪيڏي نه سماجي ڪشمڪش، ڪيڏيون نه جنگيون ۽ انقلاب، جواني ۾ انسان دوستيءَ جا ڪارناما، ڪيترون نه انسان دشمن ڪاروايون، جوهري بَمَ، ڏرتيءَ جي چوڌاري ڦرندڙ مصنوعي سَيارا، زندان جي سيخُن پٺيان ظلم جي زنجيرن ۾ جڪڙيل انسان ۽ خلا ۾ پرواز ڪندڙ پکين کان هزار ڀيرا وڌيڪ تيز خلاباز! چا، اِن مشاهدي جو شاعر جي شعور... تي اثر نه ٿيندو!

"چا جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿيو آهي، دلين جون جدايون، محبتن ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، خونريزيون،

زالن جا ڪپيل ٽڻ ۽ ڪوڙيل مٽا، ٻارن جا سنگينن تي اڇو اڏ بدن، ريل گاڏين تي حملا، سرحدن تي ننگا، بکايل، لُٽيل ڦريل قافلا، فوجي تاناشاهيون، ڪتابن تي بندشون، نظربنديون، قيد، سياسي قتل، مذهب جي آڙ ۾ هر آزاديءَ جي گهُٽ ٻوسٽ، ڏرتيءَ جي دلالن جي چهري تي سر خوشي، افسر شاهيءَ جي ڦرلٽ، لوٽ ڪسوٽ، ڇا اهو سڀ شاعريءَ تي اثر نه وجهندو؟ شاعر گونگا، ٻوڑا ۽ انڌا ته نه هوندا آهن! مون به فيض وانگر ڏٺو آهي ته مغرور حسينائن جا برف جهڙا جسر ڪيئن نه گرم هٿن جي حرارت ۾ پگهرجي ٽا وڃن، ۽ ڇا ذاتي زندگيءَ ۾ گر ٿي، انسانُ اهو دک درد وساري ٿو سگهي، جو هن جي چوڌاري چيخون ڪري رهيو آهي؟ نه ڏرتيءَ جون دانهون منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪيون آهن. ٻاهران ڏسجي ٿو ته منهنجي شاعري الهام وانگر لڳي ٿي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن شاعر ايتري دنيويءَ مصروفيت هوندي ايتريءَ تيزيءَ سان لکيو هوندو. پر پوءِ به منهنجي شعور ۽ تحت الشعور ۾ اُهي مشاهدا ۽ تجربا آهن، جي منهنجا اهن، جي مون کي پنهنجي ديس ۽ ڏرتيءَ کان مليا آهن ۽ جي سالها سال رڇي ريٽا ٽي اڏڪا ڪائي، ڪنهن حبشيءَ وانگر ظاهر ٽين ٽا ۽ گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾، هن صدين کان خشڪ ڏرتيءَ کي سر سبز ڪندا وڃن ٽا. مون وٽ آيتون نه آهن، بيت آهن، پر پوءِ به اِهي هِن ڏرتيءَ سان واڳيل آهن، اُن جي دک سک جو پڙلاءُ آهن، پنهنجي روحانيت جي باوجود مادي آهن، هِن ڏرتيءَ جي مِٽي آهن ۽ اُن وانگر امر آهن.

"جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته مون کي ابراهيم جويي ايراين.راءِ جو هڪ ڪتاب Revolutionary History پڙهڻ لاءِ ڏنو هو، جنهن ۾ اُنهن سڀني ڪتابن جي فهرست ڏني وئي هئي، جي هن پڙهيا هئا، نه رڳو انگريزيءَ ۾ پر روسيءَ، جرمن، فرينچ وغيره هولين ۾ به... مان چاهيان ٿو ته مان به اُنهن هزارن ڪتابن جي لسٽ ڪتابي صورت ۾ چپايان، جي مون پڙهيا آهن ۽ جن کي هر نوجوان سنڌي اديب ۽ شاعرڪي پڙهڻ گهرجي. نه رڳو اِهو، پر اُنهن سَوَن فلمن جي لسٽ به ٺاهيان، جي هنن کي ڏسڻ گهرجن. هيءُ وڊيو جو دور آهي. فلر ڪتاب کان وڌيڪ اثر ڇڏي ٿي. وڊيو جي اهميت تي مون يونيورسٽيءَ ۾ هڪ لنبي تقرير به ڪئي هئي...

"مون تازو حيدرآباد ۾ ٻين بجي رات تائين ابراهيم سان گڏ، ابراهيم جي جاءِ تي، "ناچ ميوري" فلم ڏٺي هئي. "مِيوري" هنديءَ ۾ مورٽيءَ کي چوندا آهن. فلم هڪ نرتڪيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ هئي، جنهن جا پير ڪپجي ويا هئا ۽ هن نقلي پير وجهائي، نهايت محنت سان نِرت لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، نيٺ ڪامياب ٿي هئي. مون هن جو ناچ ڏسي ساهه سان سوچيو هو ته 'اُسان ڇا ڇا نه وڃايو آهي!'

"منهنجي برصغير جي پوريءَ ثقافت سان ائين والهانه محبت آهي، جيئن يوناني شاعر کازان زاڪس کي يونان سان هئي. ڪيئي پيرا منهنجي دل چاهيو ته اردوءَ جي مشهور اديب ديوندر ستيارٽيءَ وانگر هن برصغير جو ڪوٽ ڪوٽ گهمان ۽ اُن جا لوڪ گيت ٻُڌان، اُن جا پهاڻ، نديون، محل، سرايون، مندر، مسجدون، گردئارا ڏسان ۽ اِن جي ساري ڏرتيءَ کي پنهنجي گيتن ۾ سميٽي اچان. مون کي اُها ديومالائي مورتي ڏاڍي وٺندي آهي. سرسوتي هنس تي وجي رهي آهي، هن کي هڪ هٿ ۾ بنسري ۽ ٻئي ۾ ڪوئي ڪتاب آهي. مان پانيان ٿو ته مان به گيت لکندي لکندي هِن پوساڳر مان پار تري ويندس ۽ پنهنجو موکش پائيندس.

"ڪيتري نه رنگا رنگي آهي هن ديس ۾! مون پنهنجي شعر و ادب کي هن برصغير جو آئينو بنائڻ چاهيو آهي، پر زندگي ڪيتري ته مختصر آهي!

"مون کي اُهو دور به ياد آيو، جڏهن مان ۽ حَشو ساريون راتيون سياست ۽ ادب تي گَالهائيندا هئاسين. ٽي شخص آهن، جن منهنجي نندياڻيءَ عمر ۾ تربيت ڪئي آهي، جي مان اُنهن سان نه ملان ها ته مان، مان نه هجان ها، ۽ اُهي آهن- حشو، سويو ۽ ابراهيم. اُنهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ائين رهي آهي، جيئن رومي، جي شمس تبريز سان رهي هئي. اِهي ٽي ماڻهو آهن، جي مون کان جيون جي ليکي چوکي وڃڻ جا حقدار آهن."

سندم سات ڏٽي، سائين جي. ايم. سيد

سائين جي.ايم.سيد سان منهنجو سڄيءَ زندگيءَ جو سنهنڌ رهيو آهي. مون کي پاليو ۽ نپايو منهنجن مائٽن، پر مون جو ڪجهه پرايو ۽ ان پراپت مان آءٌ جيڪي ڪجهه بنيس، تنهن لاءِ آءٌ سائين جي.ايم.سيد جو شڪر گذار آهيان.

سائين جي.ايم.سيد جو ڳوٺ سن آهي، ۽ آءٌ ان کان ويهارو ميل پري هڪڙي ننڍڙي واهڻ "آباد" ۾ ڄائو هوس. منهنجو پيءُ ته منهنجيءَ گهٽي سانيءَ کان اڳ ئي گذاري ويو هو، ۽ منهنجي ماءُ به پوءِ وڃڙي ويئي، پر منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي حيات هئا، جن مون کي ماءُ پيءُ جو پيار ڏنو. منهنجو ڏاڏو هڪ جامڙد، ڏاهو ۽ خوددار شخص هو، پنهنجو راڄ توڙي آسپاس جا راڄ، هن جو ڏاڏو لحاظ رکندا هئا. جڏهن مان 58 ورهين جو اڄي ٿيو آهيان. جڏهن ڳوٺ ويندو آهيان يا پنجاهه سٺ ڪوهن تي ته ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ پنهنجن ڪن مائٽاڻن واقفڪارن وٽ وڃڻ ٿيندو اٿم، ته اتي مون کي سپيئي منهنجي ڏاڏي مرهيات، آخوند محبوب جي نالي پٽيان سڃاڻندا ۽ سڏيندا آهن.

مون کي ياد آهي ته آءٌ جڏهن يارهين ورهين ڪن جو هوس ۽ سنڌي ڇهون درجو پڙهندو هوس، تڏهن اسان کي هر روز ٽي ميل پري، پاسي واري ڳوٺ، تيرٿ لکيءَ جي اسڪول ۾ سنڌي پڙهڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن ڏاڏو ڪنهن ڪم سان سن ويو ۽ موٽيو ته هڪ اهڙي ڳالهه ڪٽي آيو، جيڪا منهنجي نئين جنم جو سبب بڻي. جيڪڏهن اڄ مون کي اهو معلوم ٿي وڃي ته اهو ڪهڙو ڏينهن هو، جڏهن ڏاڏو سن مان موٽيو هو، ۽ منهنجي نئين جنم جي اها ڳالهه ڪٽي آيو هو، ته اهو ڏينهن آءٌ هوند پنهنجي اصلي جنم جو ڏينهن ڪري هر سال ملهايان.

ڳالهه هيءَ هئي ته سائين جي. ايم. سيد ان سال پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني تعليم جو مدرسو، بورڊنگ هائوس سميت، ۽ سنڌي اسڪول سان گڏ انگريزي تعليم لاءِ اي.وي ڪلاس کولايا هئا ۽ جڏهن خبر پيس ته ڏاڏو سن ۾ هو، تڏهن هن کي سڏائي، مدرسي ۽ انگريزي ڪلاسن ۾ پنهنجن چوڪرن کي داخل ڪرائڻ جو سخت تاڪيد ڪيائين، آءٌ ڏاڏو هڪ مانيٽو ۽ لڄارو چوڪرو هوس. پاڻ کي بنهه اڪيلو سمجهندو هوس. سنڌي پنجين ڪتاب ۾ هڪ آکاڻي "قرب ۽ همدردي" هوندي هئي، جنهن ۾ پاڻ ۽ پيٽ پنهنجي ماءُ جي قبر تي هڪٻئي کي آڻت ڏيندي ۽ روئندي ڏيکاريل هئا. اها آکاڻي مون کي ڏاڍي وٽيندي هئي ۽ جڏهن به پڙهندو هوس تڏهن پنهنجي منهن روئي ويهندو هوس. جڏهن ڏاڏي گهر ۾ سن جي نئين اسڪول جي ڳالهه ڪئي، تڏهن مان ڏاڍو خوش ٿيس، ۽ هونئن جو ڏاڏي کان ڊڄندو هوس، سو ڊوڙي وڃي پاڪر وڏومانس، ڏاڏي ۽ ڏاڏو ۽ ٻيا سڀ گهر جا پاڻي حيرت ۾ پئجي ويا. ڏاڏو مون کي پنهنجين ٻانهن ۾ جهلي هڪدم اڻي ٻينو، ۽ کيس ڳچيءَ ۾ جو منهنجو پاڪر پيل هو، سو آءٌ به مٽي لٽڪي پيس! مون کي ياد آهي ته ڏاڏي مون کي پوءِ نرڙ تي مٽيون ڏنيون، ۽ منهنجو پاڪر آهستي ڪري ڇڏائي، پنهنجي پاڪر ۾ مون کي جهلي، هيٺ لاٽائين، ۽ پوءِ مون کي انهيءَ مهل پاڻ سان لکيءَ وڻي ويو، جتي مون کي ڪپڙن جا به وڳا وڻي ڏنائين، درزيءَ کي هيءُ تاڪيد ڪيائين ته قميصون "انگريزي ڪٽ" جون هجن ۽ سٽڻ جا پانڇا "شهري سلائيءَ" وارا تيار ٿين!

هيءُ سال 1927ع جو هو. پوءِ آءٌ سن جي انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيس. سائين جي.ايم.سيد وٽ منهنجو ڏاڏو مون کي وڻي ويو، تڏهن مون کي ڏسي، سائينءَ، ڏاڏي کي چيو ته "هن کي بورڊنگ هائوس ۾ نه پر شهر ۾ پنهنجي ڪنهن واقفڪار جي گهر ۾ رهايو" اها صلاح شايد ان ڪري سائينءَ

مناسب سمجهي جو مون سان ۾ اکر جو ڳالهايائين تہ منهنجي ڪنن جون پاڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون، بنهہ روئڻهارڪو ٿي ويس. ڳالهائڻ ئي نہ اڪلي، مرڳو سرت کان ئي نڪري ويس. سو سمجهيائون تہ هن "چوڪرين جهڙي چوڪري" لاءِ ايڏا گهر جي سلامتي ۽ سک ۽ وڏن جو اجهو ۽ ڏيڻ ضروري آهي. آڏ سندن انهيءَ خيال ۽ انهيءَ فيصلي لاءِ، سندن ٻين هزارين مهربانين سان گڏ، سڄي عمر ٿورائتو رهيو آهيان. ڏاڏي مرحوم پوءِ مون کي پنهنجي سينڌ ساڄهہ واري سخي مرد، جمعدار اسماعيل خاصخيليءَ جي گهر ۾ رهايو، ۽ سڄا ٽي سال، جيسين ٽي درجا انگريزيءَ جا پڙهي پورا ڪيم، اُن گهر ۾ رهيس، سندس گهر واريءَ کي ڏاڏي، پٽن کي ماما، ۽ سڄي انهن جي ويڑهي ۾ ڪنهن کي چاچو، ڪنهن کي ادا، ڪنهن کي ماسي، چاچي ۽ نانو، ناني چوندو هوس. جڏ آڏ پنهنجي ڳوٺ "آباد" ۽ پنهنجي مائٽن جي ويڑهي مان الڳ ئي ڪونہ هوس. ايتريقدر پنهنجائپ ۽ پيار اتي مون کي مليو. اهي ٽي سال جڏ منهنجي تربيت جا مکيہ سال هئا، جن ۾ آڏ پنهنجن پيرن تي بيهي، ڪجهہ اڪيلي سر ٻاهرين دنيا کي منهن ڏيئي هلڻ جهڙو ٿيس.

سائين جي. ايم. سيد ان دؤر ۾ ڪراچي ضلعي اسڪول بورڊ جو ميمبر يا چيئرمين هوندو هو، ۽ پوءِ ضلعي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ بہ ٿيو. پاڻ ان سلسلي ۾ وقت بوقت ڪراچيءَ ويندو هو. جڏهن موٽندو هو، تڏهن گهڻو ڪري پاڻ سان اسان انگريزي پڙهندڙ چوڪرن خاص طرح اهي جيڪي مدرسي جي بورڊنگ هائوس ۾ رهندا هئا، تن لاءِ ڪراچيءَ مان ترڪي ٽوپيون، گرم ٽوپ ۽ ڪتاب، نوٽ بڪ، پينسلون ۽ انڊيپينون وٺي ايندو هو، ۽ اڇي اسان کي پنهنجن هٿن سان ورهائي ڏيندو هو. مون کي پاڻ هميشہ محمد ابراهيم ڪري سڏيندا هئا، ۽ اڄ تائين ان پوري نالي سان مون کي سڏيندا آهن. اسڪول ۾ آڏ هميشہ پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر بيهندو هوس، ۽ مدرسي جي فارسيءَ جي تحصيل ۾ مولوي صاحب منهنجي محنت ۽ هوشياريءَ جي ساراهہ ڪندو هو. سائين نہ رڳو منهنجي پڙهائيءَ بابت پڇندو هو، ۽ هر ڪلاس مان جنهن جنهن شاگرد جي هوشياريءَ ۽ سڻي نتيجي جي رپورٽ ڪين ملندي هئي، تنهن کي سڏي پنهنجي پاسي ۾ ويهارينداهئا. اهڙيءَ ريت گهٽو ڪري پنهنجي ڪلاس مان سدائين آڏ سندن انهيءَ مهرباڻيءَ جو حقدار بنيو هوس. مدرسي جي بورڊنگ هائوس ۾ هيءَ سندن مجلس هر انهيءَ جمعي نماز کان پوءِ ٿيندي هئي، جڏهن پاڻ سن ۾ موجود هوندا هئا. مدرسي سان گڏ جامع مسجد هئي، ۽ اتي پاڻ جمعي نماز کان پوءِ عام جماعتين جي اڳيان تقرير ڪندا هئا، ۽ پوءِ بورڊنگ هائوس جي هال ۾ اسان شاگردن سان گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئا، ۽ پوءِ بورڊنگ هائوس جي هال ۾ اسان شاگردن سان گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئا. پهرين اسان کان سوال پڇندا هئا ۽ پوءِ پاڻ اسان کي ڪراچيءَ جون، اخبارن جون، ۽ ڪتابن جون ڳالهيون ۽ انهن بابت پنهنجا خيال ۽ رايا ٻڌائيندا هئا.

مون ٽي درجا انگريزيءَ جا پاس ڪيا، تہ سائين جي.ايم.سيد مون کي ڪراچي لوڪل بورڊ جي اسڪالرشپ ونڊي ڏني، ۽ پوءِ آڏ ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ 1931ع ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏي مرحوم سان گڏجي ڪراچيءَ ويس تہ اتي بہ سائينءَ جن پهرئين ڏينهن مون کي ساڻ ونڊي مدرسو گهمائڻ ويا، ۽ ٻئي ڏينهن ڪاغذ ڏيئي پنهنجي خاص ماڻهوءَ سان مون کي مدرسي جي پرنسپال، مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب وٽ موڪليائون، جي ڏاڍي پيار ۽ شفقت سان مون سان مليا، ۽ ائين آڏ اتي اسڪول ۾ داخل ٿيس.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڏاڏي مرحوم جي زور پرڻ تي، دل تي پٿر رکي، سائين جي.ايم.سيد وٽ حاضر ٿيس تہ مون کي ڪا نوڪري ونڊائي ڏين. مون کي مئٽرڪ جي امتحان ۾ دادو ضلعي مان پهريون نمبر بيهڻ تي اسڪالرشپ ملي هئي، تنهن جي ڪين خبر هئي ۽ منهنجي دلي خواهش جي بہ ڪين سڌ هئي تہ مون نوڪري ڪرڻ نٿي گهري، پر وڌيڪ پڙهڻ ٿي گهريو. مون جڏهن پنهنجي مجبوري وٽن بيان ڪئي،

تڏهن پاڻ مون سان ان ڳالهه تي ڏينهن جا پورا ٻه پهر ويهي ڳالهايائون ۽ همت ڏياريائون ۽ چيائون ته نوڪري ڪنهن به صورت ۾ نه ڪجي، پر، ڪيئن به ڪري، پڙهڻ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ونجي. پوءِ مون کي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي پرنسپال بٽاٽي صاحب ڏانهن چٺي لکي ڏنائون، ۽ جيتوڻيڪ داخلا جون تاريخون گذري چڪيون هيون، پر ان الله جي نيڪ بندي، درويش صفت پرنسپال بٽاٽيءَ مون کي ڪاليج ۾ داخل ڪيو، ۽ اهڙيءَ زندگيءَ جي راهه ۾ اڇتي وڌڻ لاءِ وڏيڪ هڪ پيرو مون کي سائين جي.ايم.سيد جي رهبري ۽ مدد نصيب ٿي.

ادبي ۽ علمي دنيا ۾ منهنجو پير، سائين جي. ايم. سيد جي مهرباني ۽ وسيلي سان ئي پئجي سگهيو. انهيءَ صورت ۾ نه ته مون کي ڪو زور ڪري، پنهنجو سمجهي، ڪنهن وڏيءَ جاءِ تي، خواهه مخواهه معتبر ڪري آڻي ويهاريائون پر خالص انهيءَ معنيٰ ۾ ته ادب ۽ علم لاءِ اصلي ۽ اٻاهه شوق پاڻ منهنجي دل ۾ پيدا ڪيائون. پنهنجين لکڻين پڙهي ٻڌائڻ سان، سنڌي، انگريزي ۽ فارسي ڪاتبن مان ادبي شهڪار پڙهي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ سان، ۽ سڀ کان وڌيڪ، ادبي ۽ علمي مسئلن تي دل کولي ۽ تفصيلي طور مون سان ڳالهين ڪرڻ سان، ۽ جڏهن به پنهنجي منهن مون کجهه لکيو، ان کي ڏيان سان پڙهي، ان جي خوبين تي مون کي آفرين ڏيڻ ۽ همٿائڻ سان، ۽ ان جي خامين ۽ ڪمزورين لاءِ پوريءَ ريت سمجهائي ڏيئي، انهن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ سان. اهڙا شفيق ۽ سهاڄها بزرگ، استاد ۽ رهبر زندگيءَ ۾ وڏي ڪنهن نصيب سان ڪنهن کي ملي سگهن ٿا. دراصل آءٌ اها سائين جي. ايم. سيد جي پاڻ تي هڪ وڏي ۾ وڏي عنايت سمجهان ٿو، جو سندن نيڪ نصيحت، منهنجي طبعيت کي اهو رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي، جو فقط نيڪ ۽ لائق ماڻهو ئي مون سان سنگت ۾ ڳنڍيجي سگهن ٿا. ڪوتا ۽ نااهل هڪ پيري مون سان ملڻ بعد ازخود مون کان پري ڀڄي ويندا آهن ۽ ائين آءٌ انهن جي شر کان محفوظ ۽ آزار کان بچي ويندو آهيان.

سائين جي.ايم.سيد سان خيالن جي ڪنڍهن به منهنجي نااتفاقي نه ٿي آهي. سواءِ ٿورڙي وقت لاءِ هڪ مسئلي جي سلسلي ۾، اهو هو مسلم ليگ جي سياست جو مسئلو، مون کي جيڪا سڄ ۽ نيڪيءَ جي شناس ۽ اصل دوستي سندن ئي تربيت وسيلي نصيب ٿي هئي، ان ۾ آءٌ هندن جي خلاف نفرت ۽ دشمنيءَ جي ڪا جاءِ ڏسي نه سگهيس ۽ سائينءَ جي اها مسلم ليگي سياست به ڪجهه ٻه ٽي سال، ذريعن جي حد تائين مصلحتي سياست طور قائم رهي ۽ پاڻ ان کي ائين ڇڏيائون، جو سندن زندگيءَ جو سڄو ڪردار مسلم ليگي سياست جي خلاف ، جيڪا دراصل ڪوڙ جي، نفرت جي، پيائيءَ جي سياست هئي. "سر داد نه داد دست در دست يزيد" جي نوع جي جهاد اڪبر جي هڪ اجهل ۽ اٽموٽ اڳواڻ جي ڪردار طور ئي اڄ پوري برصغير ۾ عمل پيرا آهي ۽ ان ئي صورت ۽ حيثيت سان تاريخ ۾ سندن ڪردار ياد رهندو ۽ اهوئي ستيه پريم ۽ ايڪتا يعني حق، محبت ۽ وحدت جي پرورش ۽ علمبرداريءَ جو ڪردار آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو، سنڌ جي لافاني ادب ۽ تهذيب جو، سنڌ جي سنتن، اولیائن ۽ درويشن جو ۽ سنڌ جي سمورن صالح ۽ سرويچ سپوتن اڳين توڙي هاڻوڪن جو ڪردار آهي، ۽ سنڌ جي انهيءَ ئي آفاقي ڪردار جي پوئواريءَ ۾ آءٌ ۽ مون جهڙا ٻيا ڪيئي سنڌ ۽ سنڌ سان گڏ عالم انسانيءَ جا محب ۽ فدائي اڄ سائين جي. ايم. سيد جا ساٿي ۽ ٻانهن ٻيلي ٿيو ٻينا آهن، ۽ ان سندم ساٿ ڏئي سرواڻ ۽ سندس ساٿ تي اسان کي فخر آهي.

(ڪتاب: "سڌ پڙاڏو" تان ورتل)

سوپو گيانچنداڻي: سنڌ ۾ ترقي پسند فڪر جو ساکي ۽ سرواڻ!

اسان جي سائي ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ جي طبعيت اچلڪ ناساز آهي ۽ پاڻ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هيءَ اهو ئي سوپو آهي، جنهن ورهاڱي وقت چيو هو ته، "سنڌ منهنجي ڌرتي آهي، تنهن کي ڇڏي وڃڻ جو مان سوچي به نٿو سگهان."

جڏهن کان سندس اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي خبر پيئي آهي، تڏهن کان من تي هڪ عجيب اداسي ڇانيل آهي. ساڳئي وقت، هن سان گهاريل زندگيءَ جا ڪيترائي پل ۽ پهر پڻ ذهن تي ايري بيٺا آهن. اسان جو ڪامريڊ سوپو ڪنهن به شڪ کان سواءِ سنڌ جو املهه سرمايو آهي، جنهن سنڌ ۾ نئين تعمير ۾، ۽ سنڌ کي عقل تي آڌاريندڙ، وهمن، وسوسن توڙي هر قسم جي قرلٽ کان آجي سماج بنائڻ لاءِ بنهه بنيادي قسم جو ڪر ڪيو آهي. خاص طرح، سماج وادي فڪر جي پکيڙ ۽ پرچار ۾، هن نهايت اهم، مائيدار ۽ ڪٽيپ جوڳو ڪر ڪيو آهي.

سوپو سنڌ ۾ ٻڌيءَ جي علامت به آهي، جنهن پنهنجي فڪري صحبت سان سنڌ جي انيڪ ترقي پسندن ۽ وطن دوستن کي فيضياب ڪيو آهي. ملڪ ٺهڻ کان پوءِ جولاءِ 1948ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تي پابندي مڙهي ويئي. ان جي سمورن اڳواڻن توڙي سرگرم ڪارڪنن کي گرفتار ڪري جيل اماڙيو ويو. ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي به جيل پيڙو ڪيو ويو. گهرو معاملن واري تڏهوڪي وزير مسٽر شهاب الدين ڪامريڊ سوپي کي آڇ ڪئي ته "تون پارٽ ڇڏ، اسين توکي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون." ڪامريڊ سوپي ڌرتيءَ جائي (son of the soil) هئڻ جو ثبوت ڏيندي ڪيس چيو: "تون پاڪستان ۾ پناهگير آهين، مان ته سنڌ جائو ۽ صدين جي صدين کان هتي آباد آهيان. مان سنڌ ڪيئن ڇڏيندس؟ مان سنڌ نه ڇڏيندس."

هن پنهنجي ڪتاب ۾ "ساروٽيون" جي عنوان سان هڪ مضمون شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جو هيءَ سڃاڻ سپوت لکي ٿو:

"منهنجي لاءِ سنڌ ۽ امڙ ٻئي هڪ معنيٰ آهن. اڄ به مان پنهنجي امڙ جي ٽڇ پي، ٻارنهن ورهين جو جوان آهيان.... مان ميدانُ ڇڏي پڇندس ڪونه...."

ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ جو وقت جي حاڪمن کي ان ريت ڏنل جواب ڏيڻ پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان سچائيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. علي احمد بروهي لکي ٿو:

"(ڪامريڊ) جيل کان ستو پارت وڃڻ بدران، پيءُ هر قسم جي سزايابيءَ کي اکين تي رکيو...هُن پنهنجي جنر يومي، سنڌ مان لڏي وڃڻ کان بنهه نابري واري."

اسان جي سائي سوپي سنڌ ۾ رهي، ترقي پسند ۽ وطن دوست فڪر جي آبياري ڪرڻ کي ترجيح تي رکيو. سوپو هڪ هنڌ لکي ٿو: "....مان پهرين انقلابي آهيان، منهنجي خواهش آهي ته مون کي پڇاڙيءَ تائين انقلابي، دوستن جو دوست، سائين جو سائي ۽ مظلومن جو گهٽگهرو سمجهيو وڃي."

ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي 1939ع ۾ مهان ڪوي ٽئگور جي برپا ڪيل "شانتي نڪيتن" ۾ سُر ۽ سرود جي وديا پرائڻ ويو، جتي سندس حقيقي معنيٰ ۾ ذهني اوسر ٿي. هن اداري ۾ سکيا دوران جتي ٽئگور جهڙي ٻهڳڻي شخصيت موهن جي درِي وٽان آيل ماڻهوءَ، سوپي، کي پنهنجي خاص توجهه ۽ شفقت جي نظر سان نوازيو، اتي ڪيس ان دؤر جي ملڪ جي چوٽيءَ جي اڳواڻن ۽ انقلابين جهڙوڪ مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو، سپاش چندر بوس ۽ سوميندر ناٿ ٺاڪر جهڙين شخصيتن سان مُڪاميل ٿيڻ جو موقعو به مليو. هن ئي اداري ۾ نوجوان سوپي جي ملاقات پنالال

داس گپتا سان ٿي، جيڪو تن ڏينهن ۾ هڪ وڏو ڪميونسٽ اڳواڻ هو. هُن سوپي جي مَن ۾ ملڪ مان بک، بيماري، جهالت ختم ڪرڻ ۽ اميريءَ ۽ غريبيءَ جي فرق کي مٽائڻ يعني سوشلزم لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو جذبو جاڳايو. ڪامريڊ سوپي هن ڪتاب ۾ پنا لال داس گپتا سان ٿيل سندس ملاقات ۽ بعد ۾ سائنس لاڳاپن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي. لکي ٿو:

"مون کي سياست جي گهاٽي جهنگ مان پيچرو ڏسيندڙ سندس ذات ئي رهي آهي."

سوپو وڌيڪ آهي، جنهن کي شانتي نڪيتن جهڙي جڳ مشهور اداري مان وِديا پرائڻ جو موقعو مليو. هن اداري سچ پچ ته سوپي جي ذهن جي ڪايا پلٽي ڇڏي ۽ هُو هڪ سچي انقلابيءَ جي حيثيت ۾ "ڪجهه ڪري ڏيکارڻ" ۽ "انساني سماج جي تشڪيل نو" ۾ پنهنجي ڪردار نپائڻ لاءِ ميدانِ عمل ۾ لٿو.

ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي شانتي نڪيتن ۾ ٻه سال رهيو ۽ 1941ع ۾ اتان موٽي آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ وڪالت پڙهڻ لاءِ ڪالیج ۾ داخلا ورتائين، جتي تعليم دوران سندس ملاقات حَشو ڪيولراماڻيءَ ۽ ڪجهه ٻين انقلابي دوستن سان ٿي. هتي يعني لا ڪالیج ۾ سوپي شاگرد تحريڪ ۾ سرگرم حصو ورتو. حشوءَ سان ملاقات ۽ شاگرد تحريڪن ۾ پنهنجين سرگرمين جو احوال تفصيل سان بيان ڪندي، سوپو لکي ٿو:

"مون ڏٺو ته بهترين ڪر ڪندڙ، پرخلوص، اُورچ ۽ تربيت يافته ماڻهو ڪميونسٽ ئي هئا ۽ اڄ تائين منهنجو اِهو ئي رايو آهي ته بهترين پڙهندڙ، سوچيندڙ، محنتي ۽ انٽرنيشنل آئوٽ لُڪ رکندڙ ماڻهو ڪميونسٽ ئي آهن....مون ڪميونسٽ تحريڪ سان پنهنجي جيڪا وابستگي رکي، سا آءٌ اڄ ٻه رکندو پيو اچان، ڇو ته مون کي وڏ ۾ وڏ شائستگي، محبت ۽ وسيع النظري، قومن جي تڪليفن ۽ مسئلن جو حل، زباني ادب، چاهه ۽ فضيلت ان ئي فڪر جي طبقي وارن ماڻهن ۾ نظر اچي ٿي." شاگرد تحريڪن، ٽريڊ يونين سرگرمين ۽ انقلابي جدوجهد ۾ حصي وٺڻ ۽ خاص ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ سان وابستگيءَ سبب ڪامريڊ سوپي کي کيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. جيل ته ڪامريڊ لاءِ ٻيو گهر هو. انهن عذابن ۽ تڪليفن جي باوجود ٻه ڪامريڊ پنهنجي عظيم انقلابي جدوجهد تان هٽ نه ڪنيو، بلڪ انهن سبب سندس حوصلي ۾ بلندي ۽ خيالن ۾ پختگي آئي ۽ هو پنهنجن انقلابي نظرين تي اٽل ۽ اڏول رهيو. پاڻ اڄ ٻه انساني سماج جي ڪايا پلٽ لاءِ لوڪ هلچل جو پرچار ڪن ٿا، جيڪي ماڻهو ڪيس چون ٿا ته: "اوهان ماڻهن کي جنهن خواب ڏيکارڻ جا جتن ڪيا، سو خواب پڄي پورا پورا ٿي چڪو آهي." اهڙن مُورکن کي پاڻ جواب ۾ چون ٿا:

"ڪامورن جو ڪميونزم پڄي پورا پورا ٿيو آهي. اصل آدرش اڄ ٻه پنهنجي سمورن حيات بخش نظرين ۽ آدرشن سان موجود آهي. اهو خواب نه رڳو اسين ڏسندا رهنداسين پر اهو خواب ورهائيندا ٻه رهنداسين."

منهنجو محب، دوست ۽ ساٿي، ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي سنڌ جي انهن چند آگرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن منجهان آهي، جن جو مطالعو نهايت وسيع آهي. ڪيس دنيا جي ڪيترن ئي علمن، تاريخ، ادب، منطق، فلسفي، سائنس ۽ سماجي علمن تي چگي دسترس حاصل آهي. ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي سنڌ جي انهن اعليٰ پايي جي مفڪرن ۽ ڏاهن منجهان آهي، جن تي قوم بجا طور تي سدائين ناز ڪندي رهندي. پاڻ سموري زندگيءَ ۾ باعمل، باڪردار، اٽل ۽ اڏول، ڪميٽيڊ آدرشوادي ۽ سچا وطن پرست رهيا آهن. سنڌن سمورو جيون سنڌ ديس جي مظلوم ۽ محڪوم طبقن کي ظلم ۽ استحصال کان نجات ڏيارڻ لاءِ، انصاف ۽ مساوات تي ٻڌل، هڪ سماجوادي معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي خدمت ڪندي گذريو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ سنڌ ۾ سنڌن نانءُ هر زبان تي نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو. ڪامريڊ سوپو اٽڪ انقلابي جدوجهد جو روشن مينار ۽ مايوس ڪامريڊن لاءِ اتساهه جو سرچشمو ۽ اميد جو ڏيئو آهي.

("ڪاوش" 15- آڪٽوبر 2014ع تان ڪنيل)

جويي صاحب جي "سيتاسنڌو پيون" ۾ تقريرجو اقتباس

پياري پائرو،

اوهين مون، هڪ شخص کي نه به ڄاڻندا هجو، پر اوهان سنڌي قوم جي هڪ اهم ۽ جاندار حصي کي آڻ ڄاڻان ٿو، سڃاڻان ٿو. مذهب يا قدم انساني، سماجي ۽ قومي ناتن کي ڌار نٿو ڪري، پر محبت ۽ ماڻهپي ۾ گڏيل ٿو. مهذب دنيا سان گڏ اسين سنڌي به ائين ميجون ٿا. هتي هڪ پاڻ مون کان اڳ اوهان کي پنهنجي سنڌي ٻولي کي پاڻ وٽ قائم رکڻ لاءِ چيو. ائين ڪرڻ، هتي پنهنجي شان ۽ مان سان رهڻ لاءِ اوهان تي سچ پچ لازمي به آهي. پنهنجي وطن سنڌ کي ۽ پنهنجي ٻولي، سنڌي، کي، اسان سنڌين وساريو ته پوءِ اسان وٽ پنهنجي سڃاڻپ جي ٻي ڪهڙي ڳالهه باقي رهندي؟ اسين سنڌي ڪٿي به هجون انهن ٻن ڳالهين ڪري سدائين اڳرا آهيون، هندستان جي ڪنڊ ۾ سياسي دورين اسان سنڌين جون آندل نه آهن، اسين سنڌي دورين جا شڪار برابر آهيون، پر اسين سنڌي وري به جيئن ماروئن سان مارئي ۽ مارئي سان مارو، تيئن سدائين گڏ آهيون. ڪاهه هڪڙي سنڌي پاڻ ٽيليفون تي مون کي چيو، "اسان جي ڏرتيءَ تي پلي ڪري آيا!" مون هن کي ورندي ڏني: "پاڻ منهنجا هيءَ ڏرتي به ته منهنجي آهي، جيئن سنڌ به اسان جي اوهان جي آهي!" تاريخ پنهنجي ڪروڙ ۾ پري به ڪندي آهي ته ٻاجهائپ سان ويجهو به آڻيندي آهي. مفاصلا ڪا شيءِ ناهن، پار به ڪري سگهجن ٿا. اڄ جيڪڏهن يورپ پنهنجي ايجاد ۾ وڌيڪ ترقيءَ لاءِ ڪنهن مشترڪ ۽ گڏيل رستي جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو ته هندستان جي ڪنڊ کي به ترت ئي اهڙي ضرورت ڇو نه محسوس ٿيڻ کپي! هن بي ترس دنيا ۾ مشترڪ مفاد لاءِ فراق جي عيوض وصال ئي ته هڪ آزمايل ۽ بهتر رستو آهي.

عزيز پينرون ۽ پائرو هيءَ اوهان جو بمبئي شهر به مون لاءِ نئون نه آهي. آڻ هتي 1940ع -1941ع جو سڄو سال پڙهي به ويو آهيان، مون کي اڄ به منهنجا ٽڏهوڪا هتان جا استاد ياد آهن ڊاڪٽر مس پنديڪر، پروفيسر ٻتراڻي، پروفيسر سيد عبدالرؤف، پروفيسر ڪار، پروفيسر ٻٽنرجي ۽ ٻيا. ڏوهي ٽلاءِ وٽ اسان جو ايس.ٽي ڪاليج هوندو هو، ان جي هاسٽل ۾ انجمن هاءِ اسڪول جي پرسان، اسين مرهٽا، گجراتي ۽ سنڌي زير تربيت استاد گڏ رهندا هئاسين. سنڌ مان آيل اسين 14 سنڌي استاد هئاسين. اڄ به ڪيترا اهي منهنجا هم ڪلاسي مون کي ياد آهن ۽ انهن ڏينهن جون قرب ۾ اعتماد پريون ڪيئي يادگيريون دل تي نقش ٿيل آهن، ۽ هاڻي ته اوهين سڀ منهنجا هم قدم ۽ هم وطن به هتي آهيو، ته هيءُ بمبئي شهر ۽ هيءُ وشال هندستان، منهنجا پنهنجا، اسان جا پنهنجا ڪيئن نه ٿيا؟

اڄ 44 سالن کان پوءِ آڻ هتي آيو آهيان، ان جو هڪ خاص مقصد به آهي. منهنجو پنهنجو مرشد، منهنجو استاد دادا ڇيلمل پرسرام هتي 1947ع ۾ آيو ۽ هتي ئي دم ڏنائين. آڻ هتي هن جي سپتر رام گلراج جي دعوت تي آيو آهيان. دادا ڇيلمل سنڌيءَ جو وڏو عالم ۽ اديب، سنڌ جو وڏو صوفي بزرگ ۽ فقيرتن ماڻهو هو. هُو حضرت شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، ساميءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ پرچارڪ هو. سنڌ ۾ هن جا سنڌي ساهت ۾ پڻ سماج شيواڪاريءَ جي ڪيترن ۾ ڪيئي تاريخي نقش چڏيل آهن. پاڻ ڪئي املهه ڪتاب لکيائين جن مان ڪيترا اڃ ڇپيل پاڻ رام گلراج وٽ هتي پيل آهن. پاڻ رام جو آڻ نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن مون کي هتي سڏايو آهي ۽ دادا صاحب جا اهي قلمي ڪتاب ڏسڻ ۽ پڙهڻ، سهيڙيان ۽ سموهيان ۽ پڻ کي هر خيال دوست گڏجي ويهي سوچيون، انهن جي ڇپائي ۽ اشاعت جا هتي يا سنڌ ۾ ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪري سگهجن ٿا، ان ڪر جي سلسلي ۾ هتي آڻ ٽن مهينن ڪن لاءِ آيو آهيان.

آڻ اوهان جو بيحد ٿورائتو آهيان جو مون کي اوهان پاڻ موتيرام راموائي جي ڇپايل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب "ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون" ۽ لائق عالم ۽ منهنجي محترم استاد پيرومل مهرچند جي لکيل جڳ مشهور ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جي نئين ڇاپي جي مهورت ڪرڻ جو هيءُ مبارڪ موقعو ڏنو آهي. اوهان جي وڏي مهرباني، موڪلاڻي ڪانهي، اسين سنڌي سدائين گڏ

(هندواسي 24- مارچ 1991ع تان ورتل)

'جهولي لال سلور جوبلي' انڊيا ۾ جويي صاحب جا ونڊيل ويچار

گذريل 14- اپريل "جهولي لال سلور جوبلي جشن" ۾ اُتسو ۾ سنڌ مان آيل ڏاهي ودوان ۽ ساهتڪار بزرگ دوست محمد ابراهيم جويي چيو:

هفتيوار "جهولي لال" جا مانوارا ايڊيٽر، پاڻ ديالداس موٽواڻي! اُن جي سلور جوبليءَ جي "نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز" جي گڏيل خاص اشاعت جا مانوارا ايڊيٽر، پاڻ اُتر! پياريون پينرون، پيارا پائرو!

پهرئين ته آءٌ اوهان کي سڄيءَ سنڌ جا دلي سلام ۽ دعائون عرض ٿو رکان ۽ يقين ٿو ڏياريان ته اوهان جون دلي دعائون ۽ سلام، موٽ ۾، انهن کي به وڃي ڏيندس.

آءٌ اوهان جو بيحد ٿورائتو آهيان، جو خوشيءَ جي هن موقعي تي، مون کي ايترو مان ڏنو اٿوَ. "شيام- اياز" جي هن خاص نمبر ۾ منهنجو به هڪ مضمون شامل آهي، جيڪو پاڻ اُتر جي گهرڻ تي، هتي پهچڻ کان پوءِ تڙ تکڙ ۾ لکي، مون کين ڏنو. اهو به، ۽ هيا سڀ اعليٰ مضمون جيڪي هن خاص نمبر ۾ آيل آهن، اهي اوهين فرصت ۾ پڙهندا ۽ انهن مان لطف وٺندا ۽ انهن بابت پنهنجا پنهنجا قيمتي رايا پيش ڪندا. هن موقعي تي وڌيڪ گهٽو ڪجهه مون کي چوٽو ڪونهي، سواءِ ٿورن کن لفظن جي، جن لاءِ آءٌ اوهان جا پنج ست منٽ وٺندس.

عزيزو، هونئن ته اسان مان ۽ اوهان مان هر ڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ دنيا ۾ محدود رهي ٿو، بلڪ شايد مست به رهي ٿو، پر خاص طور اسين اهي جيڪي اديب، صحافي ۽ ڪلاڪار سڏجون ٿا، پنهنجي ادب ۽ ڪلا جي خاص دنيا ۾ رهون ٿا ۽ پانيون ٿا ته هيا اُن اسان جي خاص دنيا ۾ مشڪل پير ٿا پائي سگهن. جو ته ان خيال ۽ جذبي جي دنيا ۾ اُچاريل يا لکيل لفظ جي طاقت جو احساس ۽ پڻ تازي ڇپيل لفظ جي خوشبوءِ جو لطف، ۽ پڻ ڪلا جي ٻئي ڪنهن اظهار جي اُجل ۽ اُمنگ، گهٽي ۾ گهٽو اسين پاڻ ئي ماڻي سگهون ٿا؛ ۽ ان طرح ٻيءَ سڄيءَ دنيا کان ڪنجي ۽ مورثون الڳ ٿي وجون ٿا، پر وري به اهي اسان جا ساڳيا خيال ۽ جذبا ئي آهن، اُهي اسان جا ساڳيا لفظ ئي آهن، اُها اسان جي گڏيل ٻولي ئي آهي، جا هڪٻين جي اسين سمجهون ٿا، جيڪا اسان کي، اسان جي سڄيءَ قوم کي ڳنڍي ٿي ۽ ڳنڍيو ٻيئي آهي. مذهب ۽ ڏرم به ڳنڍيل ٿا، ۽ ڳنڍيڻ گهرجين به، پر اُهي برادريون، جاتيون ۽ فرقا ٿا ناهين، قومون کين ٿا ناهين.

صدين جي عالمي تاريخ جو اِهو ثابت ڪيل سبق آهي. قومون ۽ ٻوليون، وطنن جي آڌار تي وجود ۾ اچن ٿيون ۽ قائم رهن ٿيون. اِن طرح اسين سنڌي هڪ قوم آهيون. ڏرم ۽ مذهب جي بنيادن تي قومن جي ورهاڱن ۽ ورهاڱن کي اسين ڪونه ٿا مڃون. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا شاهه ۽ سچل ۽ سامي ۽ دلپت، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا شيام ۽ اياز، جذبي ۽ خيال جي هڪ ئي دنيا ۾ بيهاري اسان کي هڪ قوم بڻائين ٿا.

اسين اديب ۽ صحافي ۽ ڪلاڪار خاص طور آءٌ اڄ جي موقعي جي ناتي ڳالهه ٿو ڪريان. اها به دعويٰ ٿا ڪريون، ته اسين سڄيءَ پنهنجيءَ قوم جا آواز آهيون، اُن جا نمائندا يا ترجمان آهيون، ۽ ائين چئي، اسين اِها ڳالهه به ڪونه ٿا وساريون ته اسان جي قوم ۾، جيئن هين قومن ۾، ڪي هيٺا ۽ دکي به آهن، ڪي ڏريل ماريل ۽ ستايل به آهن، ۽ پوءِ اسين اُنهن جو پاسو ٿا ڪٽون، ۽ اسان کي چوٽو ٿو پوي ته اُهي هيٺا ۽ دکي، اُهي ڏريل ماريل ۽ ستايل ڪير آهن، ۽ چو اُهي دکي آهن، چو اُهي هيٺا آهن، ۽ چو اُهي ڏرجن ۽ مارجن ٿا، ۽ اِن طرح اسين پنهنجن لفظن ۾، پنهنجين لکڻين ۾، پنهنجي ڪلا وسيلي، ان جي ڏک سک

جي، ۽ ان سڄي حساب ڪتاب جي ڳالهه ٿا ڪريون، ته جيئن پوريل اکيون پٽجن، من ۾ جاڻ جاڳي ۽ جتي اونداهه آهي، اتي سوجهرو اچي. اسين پوءِ هڪ قدم اڳتي کڻي ائين ٻه چئون ٿا ته اِهو دڪ، اها هيٺائي ۽ اها ڦرمار بند ٿئي، سماج بدلجي ۽ بهتر ٿئي، ۽ ائين پوءِ انسان ۽ ادب، صحافت ۽ ڪلا جي فرض ۽ ذميواريءَ جي ناتي هڪڙو واد وواد ٻه اُڀي ٿو، ته ڇا اديب، صحافيءَ ۽ ڪلاڪار کي مقصد ٻه هئڻ کپي، ۽ جاڻ ڏيندڙ ۽ سوجهرو ڪندڙ ۽ پوءِ انقلابي يعني سماج کي بدلائيندڙ ٻه ٿيڻ کپي؟

بهرحال، دوستو، ادب ۽ صحافت ۽ ڪلا کي پنهنجي وطن تي ۽ ٻيءَ دنيا تي نظر وجهڻي ٿي پوي ٿي، ۽ پڙ ڪنهن نه ڪنهن سان مخاطب ٿيڻو ئي پوي ٿو، ڪنهن نه ڪنهن خطاب جي اشاري ۽ انداز سان، جاڻ ڏيڻ، منٽ ڪرڻ، ڪنهن نه ڪنهن ڏر کي پاڻ تي پاڙڻ لاءِ ۽ اُڀي اڳتي وڌڻ لاءِ.

دوستو، اِن طرح، جي اسين پنهنجي وطن تي ۽ قوم تي نگاهه وجهون ٿا ته ڏسون ته صدين تائين اسان جو سڄڻي سماج، زراعتي صورتحال ۾ گڏل هئڻ سبب، ٻن وڏين ڏرين جو جوڙ يا مرڪب رهيو آهي.

زميندارن جي ڏر يا هارين جي ڏر Gentry & Peasantry وچين ڏر سڄڻي سماج ۾، اهر ڏر ٻڌجي، خاص پنهنجيءَ ڳالهه ڳٽ سان پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ڪاڍ سگهي. البت انگريزن جي سؤ سالن جي راڄ ۾ اِها وچين ڏر سڄڻي سماج ۾ پنهنجي تاريخي شان سان ۽ پوريءَ سڃاڻپ سان ايري، پر اڃا سڄڻي قوم جو اُهو ثابت ٻوٽو، يعني ته ڏريائون اُهو پوُرو سڄڻي سماج، نئين صنعتي دنيا ڏانهن وک وڌائيندڙ ائين پاڙ ٻڌي اسري، چوڻڪ وِڍي يا گل ٻاڦيءَ جي درجي تائين پهتو ئي مس، ته تاريخ جي هڪ وڏيءَ ويڙهن جو شڪار ٿي ويو ۽ چوٽيءَ تان وڃي ويو. اڄ اوهين هتي پارت ۾، ان ويڙهن جا شڪار، ڪٽا ڪٽا ٻٽيل، الڳ الڳ اسٽيٽس ۾، هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ٽورائيءَ ۾ رهو ٿا، پر جتي رهو ٿا سلامتيءَ سان رهو ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي ميزبان وڏي سماج جي تجارت، صنعت ۽ سنسڪرتيءَ جا ڪارائتا جزا ٻڌجي رهو ٿا. هوڏانهن سڄڻي سماج جي مُڇيل باقي ٻوٽي ڪي پنهنجي زمين ۾ ڪتل ۽ اڪثريت جي صورت ۾ هئڻ سبب، نئين سر نسرڻو پوي ٿو ۽ گل ٻاڦيون ڇوڙڪ وِڍا ڪيڏا پون ٿا. اوهان جي جاءِ تي اُڀي آيل هِتان پارت مان ويل، هر مذهبيءَ جا دعويدار ماڻهو، اُڀي جي گهڻين ڪن حڪومتي نظرياتي ۽ سياسي پَهين ۽ پُشتين ڪري سڄڻي سماج جي اُن فطري طور اُسرڻ ۽ نسرڻ جي اُمنگ ۽ عمل کي نٿا سمجهن ۽ نٿا سهن، بلڪ اُن کي پنهنجي برتريءَ ۽ بالادستيءَ جي بار هيٺ نست ۽ نبل ڪري پنهنجو تابع بنائڻ گهرن ٿا. هِتي اوهان کي پنهنجي ٽورائيءَ جي عالمي طور تسليم ٿيل حقن ماڻڻ لاءِ ڪر ڪرڻو پوي ٿو ته جيئن اوهان جي قومي وجود جي سڃاڻپ، سڄڻيت قائم رهي ۽ هُتي اسان کي پنهنجي وطن ۾ پنهنجي تاريخي اڪثريتي قومي وجود کي بچائڻ، قائم رکڻ ۽ ان جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪر ڪرڻو پوي ٿو. اوهان جو ۽ اسان جو هيءُ ڪر دراصل هڪ ئي ڪر آهي ۽ ان جو پورو ڪرڻ، اسان ۽ اوهان جو فرض آهي. چو ته پاڻ ڏانهن ۽ سڄي عالم انساني ڏانهن اِن فرض جو ادا ڪرڻ اسان جي قومي ذميواري آهي.

اسان جي ٻن مهان قومي شاعرن: نارائڻ شيام ۽ شيخ ايياز، اِنهيءَ ئي فرض ادائيءَ طور، جيڪو پنهنجو امر ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جي هڪ نمائيءَ مجتا طور، هفتيوار جهولي لال پنهنجو سلور جوبليءَ جو هيءُ خاص نمبر، سندن گڏيل نالي، ڪين پيٽا طور پيش ڪيو آهي. مان اوهان سڀني جا، وري ٻه ٽورا ٿو مڃان.

(هفتيوار 'جهولي لال' احمد آباد 22- اپريل 1991ع تان ڪنيل)

سائين دادا رام پنجواڻي

استاد محترم سائين رام پنجواڻيءَ جي اڄ هيءَ چوٽين ورسي ملهائجي رهي آهي. اوهان هن سڳوري موقعي تي پاڻ وٽ مهمان طور مون کي ويهاريو اهي،اُن لاءِ آءٌ اوهان جو دليان ٿورائتو آهيان.

دادا رام پنجواڻي هڪ وڏو ماڻهو هو، مها پرش هو، بلڪ آهي، چو ته پنهنجن نيڪ عملن جي صورت ۾ هُو سدا حيات ۽ امر آهي. ماڻهوءَ کان وڌ ماڻهوءَ جا ڪم اهم ٿين ٿا، زندگيءَ ۾ ماڻهو پنهنجا فرض ڪيئن ٿو نياهي، ذميواريون پنهنجون ڪيئن ٿو پوريون ڪري، هُن جي سڃي ناموس ۽ اُن جو تيج ۽ هڳاءُ سندس جيئري ۽ پڻ چولي مٽائڻ کان پوءِ به اِنهيءَ تي مدار رکي ٿو.

استاد محترم جو هيءُ سيتا سنڌو پَوَنُ، جيڪو سندس ڪوشش سان قائم ٿيل آهي، سندن امر ياد کي تازي رکڻ لاءِ اِهو سندن هڪ ڪم ئي ڪافي آهي. سندن نالي تي هڪ ٽرسٽ قائم ٿيل آهي ۽ پڻ هڪ ہيو اِدارو "رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سينٽر" ٻه ڪم ڪري رهيو آهي، ۽ اُن سينٽر جي سهاري هيٺ هڪ معياري ادبي ٽماهي رسالو "سپون" پاڻ ڪاڍي چاولا جي لائق هٿن ۾، ٻه باقاعدي شايع ٿي رهيو آهي. اِن کان سواءِ سندن ڪيئي ٽنا خوان، شاگرد، وڏو حلقو دوستن جو، ۽ ٻيا سوين هزارين سندن عام پلاڻيءَ جي ڪمن کي جاڻندڙ ذاتي طور سندن واقف ۽ اڻ واقف ماڻهو هتي توڙي سنڌ (پاڪستان) ۾ ۽ دنيا ۾ موجود آهن.

پاڻ، خاص طرح ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان هتي لڏي آيل سنڌي ماڻهن سان ڏاڍا گهٽا وڻ ڪيائون ۽ پلاڻيءَ جا وڏا پير پريائون، خاص طرح جهولي لال ۽ چيٽي چند تحريڪ کي جاڳائڻ ۽ زور وڌائڻ جي سلسلي ۾، جنهن تحريڪ سنڌي ماڻهن کي هتي پنهنجي سڃاڻپ ڏيڻ، همت وڌائڻ ۽ سندن سماجي ايڪي کي مضبوطي ڏيڻ ۾ بيحد وڏو ڪم ڪيو، بلڪ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين ۽ سنڌ مان نڪتل ۽ هتي پارت توڙي دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌين جي قومي سڃڻ ۽ ايڪتا جي احساس کي جاڳائڻ ۽ قائم رکڻ ۾ دادا رام پنجواڻيءَ جي پنهنجائپ جي پيغام ۽ راڳ رس جو وڏو هٿ رهيو آهي.

استاد محترم سائين رام پنجواڻيءَ جي ياد منهنجي من ۾، سندن شاگرد هجڻ جي ناتي ٻه اَٽ مٺجندڙ نقش طور قائم آهي. 1938ع جي تعليمي سال ۾، ڪراچيءَ جي ڊيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ آءٌ بي.اي جي آخري سال ۾ هوس ۽ اسان جي جڳ مشهور استاد ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ رٽائر ڪيو هو، ۽ سندن جاءِ تي سائين رام پنجواڻي مقرر ٿي آيا هئا. مون کي اڄ ٻه اُهو ڏينهن اِئين ياد آهي، جڏ ته ڪالهوڪي ڳالهه هجي. پاڻ ڳيرو جوان هئا، ۽ هر طرح ٽپ ٽاپ ٿي، اسان جي ڪلاس ۾ آيا هئا ۽ اسان کي شاهه جي شعر تي ٻه ليڪچر ڏنا هئائون، ۽ ہيئي پيرا، پيرڊ جي پچاڙيءَ ۽ اسان جي زور پرڻ تي، دل کولي، اسان کي شاهه جو ڪلام ڳائي ٻه ٻڌايو هئائون، اُن ڪاليج جا منهنجا ٻيا استاد ٻه سپ محبتي ۽ ماهر، هڪيين کان وڌ ناميارا ۽ باوقار شخص هئا، جيئن ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي، پروفيسر ايل. ايڇ اجواڻي، پروفيسر ٽي.ايم.آڏواڻي، پروفيسر ايم. يو ملڪاڻي ۽ ٻيا پڻ قابل صد احترام اسان جو پرنسپال صاحب جناب اين.بي پٽاڻي.

دراصل سنڌي قوم جي هندو جاتيءَ خاص طرح، انگريزن جي هڪ سؤ سالن جي راڄ ۾ مغربي تعليم جي اثر ۽ تربيت هيٺ، وٽج واپار،

تعليم، ادب انساني تهذيب ۽ تمدن جي هر ڪيتر ۾، ڏاڍا وڏا ماڻهو پيدا ڪيا، جيڪي دنيا جي پهرئين۽ صف جي عظيم ماڻهن ۾ فخر سان بيهڻ جي لائق هئا، اِهو اُنهن عظيم شخصن جي برڪت ۽ عمل جو ئي نتيجو هو، جو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي وطن مان نڪتل لکين سنڌي ماڻهو هِتي توڙي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي محنت، لائقيءَ، حوصلي ۽ تجربي جي آڌار تي، تمام گهٽين تڪليفن ۽ ناسازگار حالتن کي ڪاميابيءَ سان مُنهن ڏيئي، ڪنهن به ٻيءَ قوم جي ماڻهن جي حقن ۽ مفادن کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، بلڪ سيني سان مُڙ محبت ۾ رهي ۽ اُنهن جي سهائتا ۽ وڌ ۾ وڌ خدمت چاڪري ڪندا، پاڻ پنهنجن پيرن تي پختا ٿي بيهي سگهيا. سنڌي قوم جي هندو جاتيءَ جو اِهو گذريل ڏيڍ سؤ سالن جو، سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر جي دنيا ۾، پنهنجي لياقت، همت، ديانتداريءَ، محنت ۽ دانشمنديءَ جو ڪردار، تاريخ ۾ هڪ عظيم ۽ بي مثل ڪردار آهي، جنهن جو علمي ۽ تاريخي جائزو وٺڻ ۽ اُن جو پورو قدر ڪرڻ، اڄ جي سيني عالمن، اديبن، تاريخ نويسن ۽ سياسيات ۽ سماجيات جي ڄاڻن ۽ ڪارڪنن جو فرض آهي.

هندو مسلم مسئلو، ورهاڱي کان پوءِ ٻه، پاڪستان ۾ توڙي هِتي پارت ۾، حل ٿي نه سگهيو آهي. ورهاڱو جنهن کي اِن مسئلي جو واحد حل چيو ويو هو ۽ اُن ئي خيال کان اُهو قبوليو ويو هو، سو اُن مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي چڪو آهي. هاڻي ٻنهي ملڪن ۽ پڻ دنيا جي پالٽڪس ۽ اسٽيٽسمنشپ جي اِها ذميداري آهي ته اِن مسئلي جو نئين سر جائزو ورتو وڃي ۽ علحدگيءَ جي بدران ايڪي، نفرت بدران محبت ۽ اُٽسهپ بدران سهپ جي بنياد تي اُن جو هيو ڪو بنيادي ۽ حقيقي حل ڳوليو وڃي. قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ "ڪليل دل، جمهوري انداز ۽ نئين جوڙ جڪ"، جنهن روشني کي گورباچيف جي اصطلاح ۾ "پيريسترائيڪا" جي صورت ۾ دنيا جي آڏو آندو ويو آهي، اُن روش جي اڄ جيتري ضرورت براعظم هندو پاڪ جي ماڻهن کي درپيش آهي اوتري شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنهن خِطي جي ماڻهن کي هوندي.

هيءَ آخري ڳالهه چئي، مون اديب جي حيثيت ۾ هڪ لِبرٽي وٺڻ جي جرئت ڪئي آهي، جنهن لاءِ اوهان کان ۽ ٻين پنهنجن ۽ پراون سيني کان معافي وٺان ٿو.

آءٌ وري به اوهان پيارن پينرن ۽ پائرن جي دليان مهرباني مڃان ٿو، جو مون کي استاد محترم سائين رام پنجواڻيءَ جي هن چوٽين۽ ورسيءَ جي سڳوري موقعي تي اوهان مهمان طور پنهنجي آڏو ويهڻ جي عزت ڏني آهي.

استاد محترم سائين رام پنجواڻيءَ جي نالي تي قائم ٽيل "رام پنجواڻي ميمورئل ٽرسٽ" جي سڏ تي گذريل سال جي آڪٽوبر مهيني ۾، هتي بمبئيءَ ۾ پاءُ ٽاڪر چاولا ۽ سندس ساٿين جي ڪوششن سان "شاهه، سچل، سامي" سيمينار سڏايو ويو هو. اُنهيءَ سيمينار، سنڌ ۽ هتان جي سنڌي عالمن، اديبن ۽ سيني ٻين نيڪدل ۽ خير طلب سنڌي ماڻهن جي ميل ميلاپ ۽ اڇ وڇ تي موجود رڪاوٽن کي بنهه نه، ته به گهٽي قدر لاٿو آهي.

اميد ته هاڻي وڌيڪ دلين جا در ڪلندا ۽ پردا هٽندا، ۽ ٻنهي طرفن کان علمي، ادبي ۽ انساني لاڳاپن جي قائم ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ روشن ٿيندا. اهڙيون اوهان ۽ اسان سيني جون مهربان دوستو، دلي دعائون آهن. شال اسان جون اهي اميدون ۽ دعائون ساب پون! مهرباني.

(ٽماهي "سپون"، بمبئي 1991ع)

'سپوُن' جي خاص شيخ ايياز نمبر ظاهر ڪرڻ وقت
ابراهيم جويي جي ڪيل تقرير

اسين سنڌي اڄ ٻه تاريخ جي ڪر از ڪر هڪ بي مثل ۽ بي بدل انعام جا وارث آهيون، جو نالي ۽ ٿي سهي پر پنهنجي قدامت ۽ اصليت جا ڏڻي آهيون، سنڌ جا، سنڌي ٻولي، جا، سنڌيت جا، هند اِنڊ اِنڊيا وغيره، اسان جي ٿي انهن نالن جا بدليل ۽ وڏيل روپ آهن.

اسان جي موهن جي ڏڙي جي لڏل هزارين سالن جي پراڻي لِپي پڙهجي نه سگهي آهي، پر جيتري ڪجهه ٽُڪي ٽُڪي پڙهي ويئي آهي، ان ۾ اسان جي سنڌي ٻولي، جا لفظ ٿي پڙهيا ويا آهن.

اسين پنهنجي ٻولي، جا اديب ۽ شاعر ۽ اسان جون سڳوريون ماڻرون ٿي سڀ ڪان وڌيڪ پنهنجي ايندڙ پيڙهين لاءِ پنهنجي ٻولي، پنهنجي، ماتر ٻاشا جي رکوالي، جا ذميوار آهيون، اُن جي لوڪ ڏاهپ، اُن جي ادبي ۽ علمي عظمت ۽ ان جي صحت ۽ سالميت جا، جيڪڏهن اسان جي ٻولي اسان ڪان ويئي، ته سيڪڙهه اسان جو ويو، اسان جي سڃاڻپ اسان ڪان ويئي ۽ پنهنجي ماتر پوميءَ سان اسان جو ناتو ويو، ۽ تاريخ آڏو اُن تان اسان جي دعويٰ به ويئي. ٻين ٻولين جي لاڪاپن سان اسين پنهنجي ٻولي، کي مالوَند نه ڪري سگهون ٿا، پر اُن جو مُول، اُن جو اُچار، اُن جي ڏسجندڙ صورت ۽ اُن جو ويڪرڻ اسين وڃائي نٿا سگهون.

اسان جي آڏو اسان جي ادب جا آدي بنياد ۽ ٻڌ ڪيئي نوان وشڪ جتي به آهيون، اسان لاءِ موجود آهن، اسان جون ديومالائي ڪٿائون، اسان جا تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا، اسان جون گاٿائي ڪان ٻاهر پنهنجون لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ گيت، اسان جا رومانوي داستان ۽ اسان جي پنهنجي سماج ۽ پنگت جون ۽ ٻڌي سڃي آسپاس جون اَنيڪ ڳالهيون، واقعا، تجربا ۽ مشاهدا. ماڻهن جي ڏاڍي اونهي دک، ۽ پيڙا جا، غريبيءَ جا، اوچي انساني اُمنگ ۽ اُتساهه جا، ۽ وڏي ڳالهه ته خاص اسان تي آيل پنهنجي تاريخي آپدا جا. اسان جي آڏو پنهنجي ساهت جو قومي ۽ عالمي ڪارج به ائين ٿي موجود آهي جيئن دنيا جي ٻين ٻولين جي ساهت آڏو قومي سڳهه ۽ شان وڌائڻ ۽ قومي سوڀ پائڻ جو، عالمي امنُ، عالمي پيار، عالمي آزاديءَ ۽ ايڪي جي وڌائڻ ۽ زور وڌائڻ جو.

شاعري، ادب جي سڀ کان وڌي جاندار ۽ ساهس ڏيندڙ صنف آهي، اسان جي سدا حيات شاعرن، شاهه، ۽ سامي، ۽ اسان کان تازو وڇڙي ويل پر اسان وٽ سدا موجود نارائڻ شيام ۽ اسان جي حال حيات سنڌ ۽ هند جي شاعرن، جن جو سَرَ موڙ ايياز آهي، اسان کي دنيا جي قومن سان وک ۾ وک ملائي، ڪنڌ اوچو ڪري هلڻ جو سليقو ۽ حق بخشي آهي. اسان وٽ پنهنجي ماتر ٻاشائي اصطلاح ۾ پنهنجي قدر ۽ مذهب جي تعليم موجود آهي، جيڪا ٻڌ اسان لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي قومي وجود جي سڃاڻپ ۽ بقا جي ضمانت آهي.

1937ع کان پوءِ هتي ٻارت ۾ پانت پانت جا سنڌي ڪتاب ڇپيا آهن، هر موضوع ۽ مضمون تي ڇپيا آهن. انهن جو تعداد ۽ معيار ڏسي، اسان جي دل فخر ۽ خوشيءَ سان پرجيو ٿي وڃي، اصل ائين ٿڻ اسان جي ادب لاءِ ڪو ورهاڪو ٽيهر ٿي نه هو، ۽ هوڏانهن سنڌ ۾ ٻڌ اسان جي ادب جي گوناگون اشاعت اڳي کان اڳري آهي.

گذريل هفتي، هفتيوار "جهولي لال"، پنهنجي سلور جوبليءَ جي موقعي تي، احمدآباد مان "نارائڻ شيام ۽ شيخ ايياز" جو خاص نمبر شايع

ڪيو. هڪ سال اڳ 1989ع جي آخر ۾، نارائڻ شيام جي نڪور غزلن جو مجموعو "بوند لهرون، سمنڊ" جي نالي سان، سنڌ ۾ وڏي آب تاب سان پٽرو ٿيو هو. اڄ ٽماهي رسالي "سپوُن" جنهن جولاءِ هڪ حقيقت طور ائين چئي ٿو سگهجي ته اهو سنڌ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" جون هتي سڪون ٿو لاهي، اُن جي "اياز نمبر" جي خاص اشاعت جو مهورت ٿيو. اِهي سڀ ڳالهيون اسان جي ادب ۽ قومي زندگيءَ جي روشن مستقبل لاءِ، تحقيق، وڏي هڪ نيڪ فال آهي.

اسين اديب ۽ شاعر، پيار جي اُٽت جا ڪوُري آهيون. اسان جي پلاري پٽائي گهوٽ چيو آهي:

هلو هلو ڪورئين جتي نپجي نينهن،
ڳڻين سارو ڏينهن، چنڊ مُور نه سڪيا.

هيءَ وشال ڌرتي، جنهن کي Mother Earth ٿا چئون، "ڌرتي ماتا" ٿا چئون، هڪ آهي، ويس ۽ روپ اُن جا گهڻا آهن، وڌجن ۽ گهٽجن به ٿا. اسان جي لالڻ لال لطيف ڌرتيءَ جي اِن هيڪڙائيءَ لاءِ، ۽ رنگ بدل لاءِ، ۽ اُن جي سلامتيءَ، ۽ سيني اُن جي واسين جي آزاديءَ، خير ۽ خوشحاليءَ لاءِ پنهنجي اوچي اُتمي جو اظهار ڪندي، چيو آهي:

موٽي مانڊاڻ جي واري ڪيائين وارَ،
وِڇون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌارَ،
ڪي آٽي ويون اِستنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پارُ.
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سارُ،
ڪي رسي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي، قندارَ،
ڪي دهليءَ، ڪي دڪن، ڪي ڳڻ مٽي گرنارَ،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏٺا بيڪانير بڪارَ،
ڪنهين پُڄ پڄائيو، ڪنهين ڏٺ مٽي ڌارَ،
ڪنهين اڇي اَمرڪوٽ تان، وسايا ولهارَ،
سائڻيرا! سدائين ڪريان، مٽي سنڌ سڪارَ،
دوس! منا دلدارا! عالمَ سڀ آباد ڪرين!

اسين سنڌي اديب ۽ شاعر، هند جا ۽ سنڌ جا، پنهنجو مرشد لطيف جي انهيءَ ڏَسَ جا، ۽ اِنهيءَ پد جا پانڌي آهيون ۽ اِنهيءَ جڳ ايڪتا ۽ عالمي خير جا دعاگو آهيون.

۽ هاڻي ان سلسلي ۾ دوستو، موقعي سارو، اياز جون ٻه وايون پڙهي، اوهان کي ٻڌائيندس، ۽ پوءِ اوهان کان اجازت ونندس. اياز جون هي ٻه وايون، سندس تازي هڪ شعري مجموعي، جنهن کي هُن پنهنجي دوست نارائڻ شيام جي وچوڑي تي، لطيف جي ٽي هڪ اَمر سٽ تان ڪٽي، "جهوَ نيٽان نه لهي!" جو دل پهچائيندڙ نالو ڏنو، اُن جي صفحن 130 ۽ 131 تي آيل آهن. هڪ وائيءَ ۾ اياز پنهنجي آدرش کي، پنهنجي محبوب طور، من جي پوريءَ آشا سان، مخاطب ٿيندي، ۽ بيءَ ۾ اُن جي ساڃيان واريءَ صورت کي سامهون ڏسندي، ڳايو آهي:

مان پانيان مون جيئري اچڻي آهين تون،
آڌ نه مرندس اڃ ۾.
اُرهه اپاري گج مان، واسي واسَ چڳون،
اچڻي آهين تون،
سُرهاڻيون ٿيندي سوين، مان پانيان هيءَ پوُن،
اچڻي آهين تون،
آڌ نه مرندس اڃ ۾.

بي وائي:

ڪوُنجن قطارون، آڌ ڏسان ٿو اُڀ ۾،
مون تائين پهچي ويون، مَين مَهارون،
آڌ ڏسان ٿو اُڀ ۾.
ساڃيا سان سرچي ويون، سپنن جون سارون،
آڌ ڏسان ٿو اُڀ ۾.
ڌرتيءَ منهنجي ديس جيءَ، لاٽيون ميارون،
آڌ ڏسان ٿو اُڀ ۾
ڪونجن قطارون،
ڪونجن قطارون،
آڌ ڏسان ٿو اُڀ ۾.

(ٽماهي "سپون" بمبئي ..... تان ورتل)

محمد ابراهيم جويو جا كجهم انترويو

اڃان پنڌَ پھاڙ جا، اڃا آيرو واءُ،
ڪُونجن جو ڪُرلاءُ، توڙي ساڃو ڏيھَ ۾.

(شيخ اياز)

صدين جو سفر

(انٽرويو)

(سائين محمد ابراهيم جويو جو هيءُ تفصيلي انٽرويو 2012ع ۾ سافڪو ست پاران ڪيو ويو.)

زندگيءَ جو معمول

س: اسين ٽورائتا آهيون جو اوهان سان ڪي وقت ڏنو. پنهنجي هن ڳالهه ٻولهه جي شروعات ان سوال سان ٿا ڪريون ته اوهان جي زندگيءَ جو معمول جيئن اڃڪلهه آهي، ائين ئي رهيو آهي يا ان ۾ فرق آيو آهي؟

ج: هن وقت آءٌ 97 ورهين جي عمر ۾ آهيان، 13 آگسٽ 2012ع تي عمر جي 98 ورهين ۾ پير پائيندس. نوڪريون ڪافي ڪيون سين، ڪم ڪار اڪلي ويا، جواني گذري وئي. هن وهيءَ ۾ مون ڪي رڳو گهر ۾ ويهي دوستن سان ڪچهريون ڪرٽيون آهن (ڪلندي) ۽ ڪتاب پڙهٽا آهن. جيترو ٿي سگهي ٿو اوترو ڪمائتي انداز سان وقت گذاريان ٿو.

س: اوهان جي عمر وارن ماڻهن جو روزمره وارو وقت گذارڻ جو هڪ الڳ انداز رهيو آهي، ان حوالي سان اوهان جون مصروفيتون ڪيئن آهن؟

ج: جيئن ته مون ڪي وڌيڪ واندڪائي آهي، ٻيو ڪار آهي ڪونه، انڪري سمورو وقت پڙهڻ لکڻ ڪي ڏيندو آهيان.

س: اخبارون ڪهڙيون پڙهندا آهيو؟

ج: مون وٽ روزانو ٽي اخبارون اچن ٿيون، ڊان، عبرت ۽ جنگ. اهي ٽئي اخبارون باقاعدگيءَ سان پڙهندو آهيان. اخبارون پڙهڻ کان پوءِ آءٌ ڪونه ڪو ڪتاب کڻي پڙهندو آهيان.

س: روز جي معمول ۾ اوهان ملڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن لاءِ ٻه وقت ڪيندا هوندؤ؟

ج: ملڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن لاءِ ڪو خاص وقت مقرر ناهي. مون وٽ جيڪو دوست جنهن مهل ٻه ايندو آهي، ان سان ڪچهري ٿيندي آهي. ان لاءِ ڪو خاص وقت مقرر ناهي.

س: اڃڪلهه ڪهڙو ڪتاب اوهان جي مطالعي هيٺ آهي؟

ج: ڪجهه ڪِت کان آءٌ ساڌو واسواڻيءَ جي پاءُ درشن واسواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "آءِ.ايم.اي سنڌي" پڙهان پيو.

س: ان ڪتاب جو ليکڪ چا ٿو چوڻ چاهي؟

ج: هن انهيءَ ۾ پنهنجي سنڌ وطن، سنڌي ٻولي، ادب ۽ جڏهن سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ نه ٿي هئي، انهيءَ دور جون ڳالهيون ڪيون آهن. ان کان سواءِ، ان وقت جيڪي هندو انڊيا ويا، اتي هنن جو گذر سفر ڪيئن ٿو ٿئي، اهي سڀ ڳالهيون هن لکيون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا

س: اوهان هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ڏارين لفظن کي پنهنجن شرطن تي قبول ڪيو آهي، جڏهن ته مختلف اخبارون ۽ ٽي.وي چئنل سنڌيءَ ۾ ضم ٿيل انگريزي لفظن جو جمع ۾

استعمال سنڌيءَ بدران انگريزيءَ ۾ ئي ڪن ٿا. مثال طور: اسڪول جو جمع اسڪولس، بس جو بسز وغيره جي طريقي سان. ڇا اهو سنڌي هوليءَ جي گرامر ۾ صرف و نحوَ جي اصولن مطابق آهي؟ ڇا انهيءَ سان سنڌي هولي شاهوڪار ٿيندي يا اهو عمل هوليءَ جي بگاڙ جو سبب بڻجندو؟

ج: ارهان جي سوال جا جواب تمام گهڻا ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن مختصر جواب ڏجي تہ آءٌ اهو چوندس تہ سنڌي هولي ڪنهن بہ ڌاري هوليءَ جو ڪوبہ لفظ تيستائين پنهنجي استعمال ۾ نہ آڻيندي آهي ۽ نہ ئي قبول ڪندي آهي، جيستائين انهيءَ لفظ تي سنڌي گرامر جو قاعدو لاڳو نہ ٿيندو آهي. مثلاً اسر جا جمع ۽ اسمن جو گردان، جيڪو سنڌي هوليءَ ۾ ٿئي ٿو.

سنڌي هولي عجيب قسر جي هولي آهي، جنهن جهڙي هولي آءٌ يانيان ٿو تہ دنيا ۾ اتفاق سان ڪا هجي تہ هجي. سنڌي هوليءَ ۾ سموري لفظن جا گردان ٿين ٿا. اسر جو عدد، جنس ۽ زمان ۾ بہ گردان ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح سان صفت جو، فعل جو ۽ ڪجهہ ضميرن جو بہ گردان ٿئي ٿو. سنڌي هولي پنهنجي لفظن جي گردانن تي ڪم ڪري ٿي، ۽ گرامر ۾ گردانن جو اهڙو لاڳاپو رکو سنڌيءَ ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي هوليءَ ڪي سادي سهڻي ۽ مٺي زبان چيو وڃي ٿو.

س: درستگيءَ لاءِ سوال ورجايون ٿا تہ "اسڪول" جو جمع "اسڪولن" وڌيڪ بهتر آهي يا "اسڪولز"؟

ج: اسڪول جو جمع اسڪولَ (لام تي زبر سان) ٿيندو. وري جيڪڏهن ان کي حالتن ۾ ڦيرائبو تہ "اسڪولن ۾"، "اسڪول کان" هلندو رهندو، لفظ ڦرندو رهندو. هي هوليءَ جا گهڻو ڪري فقط اسر ونڊا آهن. ڪنهن بہ هوليءَ جا فعل، صفتون يا ضمير نہ ونڊا آهن.

س: سنڌي اليڪٽرانڪ ميديا هن ريت بيان ڪري ٿي، "مورو ۾ حادثو"، "بنورو ۾ هيئن ٿيو" جا اهو درست آهي؟

ج: نہ. قاعدو اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪوبہ اسر مذڪر هجي، مثال طور مورو، تہ ان کي چئبو تہ مورو نالو آهي هڪ شهر جو، آءٌ موري ويس، آءٌ موري مان پيو اچان، هي ماڻهو موري جو رهندڙ آهي. اهڙيءَ ريت لفظ "مورو" ۾ گرامر جي اصول مطابق ڦيرو ايندو رهندو. حرف جر جي صورت ۾، فعل جي صورت ۾، عدد جي صورت ۾. جيئن صفت عربي لفظ آهي پر ان کي جمع ۾ صفتون چونداسين. ان کي حالت ۾ بدلائبو تہ چونداسين تہ ادا هن ماڻهوءَ ۾ تمام گهڻيون صفتون آهن. هي وڌيڪ صفتن وارو ماڻهو آهي. ڪنهن هي هوليءَ جو جيڪو بہ لفظ ڪٽبو تہ ان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ اسين انهيءَ هوليءَ جو گردان سنڌي هوليءَ جي گرامر مطابق ڪنداسين.

س: سنڌي هوليءَ ۾ گهڻي ترقي ٿي آهي ۽ ڪيترن ئي سوالن جا جواب بہ اچي ويا آهن، مثال طور جيئن چيو ويندو هو تہ "سنڌي هولي مارڪيٽ جي هولي ڪانهي." جنهن جي جواب ۾ سنڌي هوليءَ اهڙا اصطلاح ڏنا، جيڪي مارڪيٽ جا ٿي ويا. سنڌي هولي جديد طريقن سان ڪمپيوٽر جي هولي بہ ٿي وئي، پر هاڻي اوهين چا ٿا سمجهو تہ سنڌي هوليءَ کي ڪي داخلي خطرا يا للڪارون درپيش نہ آهن؟

ج: هوليءَ جي استعمال بابت جڏهن ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ان جو مطلب آهي تہ اها هولي جنهن قوم جي آهي، جنهن ملڪ جي آهي، جنهن سماج ۾ (هولي) هلي چلي ٿي، اتي ان هوليءَ جو استعمال، ڪم يا ڪاروڪيتري قدر ٿئي ٿو. سنڌي هولي انگريزن جي دؤر ۾ بہ انگريزيءَ جي محتاج ڪانہ هئي. تڏهن بہ سنڌ ۾ سنڌي هولي ڳالهائي ويندي هئي، بازارن ۽ مارڪيٽ ۾ سنڌي هولي ڳالهائي ۽ درسگاهن ۾ پڙهائي ويندي هئي. پهرئين درجي پرائمري کان ويندي بي.اي ۽ ايم.اي تائين بہ سنڌي هولي پڙهائي ويندي هئي.

جيڪڏهن کا ڌاري هولي پڙهڻي يا سکڻي هجي، جيڪڏهن ان جي ضرورت هجي تہ پوءِ اها خاص

انداز سان سيکاري وڃي، ڇاکاڻ ته هر ٻولي پنهنجي وطن ۾، سڃي ڪارج ۾ ڪم اچي ٿي.

س: ٻوليءَ جي حوالي سان اها ڳالهه به بحث هيٺ ايندي رهي ٿي ته جيڪي ٻوليون سڃي پاسي لکيون وڃن ٿيون، اهي اڇڪلهه وڏي دٻاءَ هيٺ آهن. جهڙيءَ ريت ماضي قريب ۾ بحث هليو هو ته "سنڌي رومن طريقي سان لکي وڃي يا نه؟" انهيءَ صورتحال جو اوهان کي ڪهڙو حل يا مستقبل نظر اچي ٿو؟

ج: سنڌي ٻولي اهڙي جبر يا مجبوريءَ ۾ ڪڏهن به نه آئي آهي. ڪا به ٻولي جيڪڏهن ڳالهائجي ٿي ته اها پنهنجي انداز سان ڳالهائجي ٿي. مادري ٻولي به پنهنجي انداز سان ڳالهائبي رهجي ٿي. ائين آهي ئي نه ته ڪو سنڌي ٻولي ڪنهن ٻوليءَ جي محتاج آهي. انگريزيءَ جي محتاج ڪانه ٿي، عربي ۽ فارسيءَ جو محتاج ڪانه ٿي. جڏهن ته اهي ٽيئي ٻوليون سنڌ ۾ مختلف وقتن تي حڪمرانيءَ جي انداز ۾ موجود هيون. سنڌ ۾، سنڌي ٻولي شروعات کان وٺي هيستائين ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي محتاج نه رهي آهي.

س: سنڌي ٻوليءَ لاءِ چون ٿا ته ڪمپيوٽر جي ٻولي بنجي چڪي آهي، اي- ميل ۽ چئٽنگ سميت گهڻا ڪم سنڌيءَ ۾ ڪري سگهجن ٿا، پر عملي طور اسان جا ماڻهو ان جو استعمال نٿا ڪن، ان بابت ڇا چوندؤ؟

ج: سنڌي ٻوليءَ کي ان مان ڪوبه نقصان نه ٿيندو. اسين ڪڏهن به نه چاهينداسين ته پنهنجي رسم الخط يا اسڪرپٽ تان هٽ ڪٽي، انگريزي اسڪرپٽ يا ڪو ٻيو رسم الخط استعمال ڪيون. سنڌي ٻولي جيئن لکجي ٿي، ساڃي ڪان ڪاپي پاسي، تيئن ئي لکبي رهجندي. جيڪڏهن انگريزي ٻولي ڪاپي ڪان ساڃي پاسي لکجندي رهي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ کي ساڃي پاسي ڪان لکجندي هڪ سؤ سال گذرڻ باوجود ڪوبه نقصان نه پهتو آهي، ۽ نه ئي ڪاپي ۽ ساڃي جو ڪو تصور پيدا ٿيو آهي.

س: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي پلائيءَ لاءِ اسٽيجن تي ڳالهائيندڙ ڪيترن ئي ماڻهن جا ٻار اردو ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، ڇا اهو ٻٽو معيار ناهي؟

ج: اها عام ڳالهه آهي. هر ٻوليءَ جي لاءِ احساس هجڻ گهرجي پر ڏاريءَ ٻوليءَ جي استعمال ۾ ماڻهو اهڙو نه ڦاسي جو پنهنجي ٻوليءَ جو استعمال وسري وڃي.

اسان کي ڳڻتي ان ڳالهه تي ٿيڻ گهرجي ته سنڌي اسڪولن ۾ هاڻي جيڪا انگريزي ٻولي زوريءَ مڙهي وئي آهي، اها ڪيترو نقصان پهچائيندي يا اردو ٻولي اسان کي ڪيترو نقصان پهچائيندي، سنڌي ٻوليءَ کي نه انگريزيءَ مان ۽ نه اردوءَ مان ڊپ آهي. جيڪڏهن اوهان جا اسڪول سنڌي ٻولي پڙهائيندا ته اها پڙهبي رهبي. ايراي تائين سنڌي پڙهجي ٿي. جيڪڏهن ڪاب حڪومت، چاهي اها پ پ يا مسلم ليگ يا ڪنهن ٻي جماعت جي هجي، انهيءَ جي دل ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نقصان پهچائڻ جي نيت پيدا ٿي پوي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پهرئين درجي کان ختم ڪري، اعلان ڪري ته فقط انگريزي پڙهو، ته پوءِ اها نقصان ڪار ڳالهه آهي، جنهن تي سموري قوم اٿي ڪڙي ٿيندي، ۽ جيڪي اهڙو حڪم جاري ڪندا، انهن جي حڪمرانيءَ کي ڪير مجيندو ئي ڪونه. حڪومت جي هٽ ۾ رڳو اها ڳالهه آهي ته اها پنهنجي ٻوليءَ کي يا پرائي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي ۾ ڪيتري قدر اهميت ڏئي ٿي. جڏهن ته پرائي ٻوليءَ کي اهميت نه ڏيڻ گهرجي.

س: سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ سنڌ ۾ جيڪي به ادارا سنڌي ٻولي اٿارٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ مان اوهان کي ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

ج: آڪ انهن جي ڪم مان بلڪل خوش آهيان. هو پنهنجي وس آهر سنڌي ٻوليءَ جي پلائي ۽ ترقيءَ لاءِ تسلي بخش طريقي سان ڪم ڪري رهيا آهن.

س: سنڌ حڪومت چيني هولي پڙهائڻ جي حوالي سان جيڪو اعلان ڪيو آهي، اهو ڪيتري قدر اسان جي فائدي ۾ آهي؟

ج: چيني هولي واري معاملي کي ماڻهن چرچي طور ورتو آهي. ڪنهن سرڪاري وزير يا صاحبِ اقتدار جي ذهن ۾ ڳالهه اچي وئي ته انهيءَ کي ڪٽي اتاريو ويو ته هاڻي چيني هولي به سنڌي اسڪولن ۾ سيکاري ويندي. هو ته ڳالهه ڪري چڪو، پر ڳالهه ڪرڻ ۽ انهيءَ تي عمل ٿيڻ ۾ وڏو فرق هوندو آهي. اهي سياسي ماڻهو ڳالهيون ڪندا رهندا آهن. جيڪي قومي اهميت وارا معاملا هوندا آهن، انهن بابت اهي بغير ذميواريءَ جي ڳالهه کي اڇلايو چڏين ٿا. اهڙيءَ طرح هيءَ به سنڌ جي وزيراعليٰ جي (چيني سيکارڻ واري) هڪڙي ڳالهه هئي، جنهن جو سنڌ جي ماڻهن نوٽيس ورتو آهي. جيڪڏهن ٻين هولين سان گڏ چيني هولي به اوهان کي سيکارڻي آهي اهڙو بندوبست به ڪرڻو پوندو. فقط ان طريقي سان ٿي اها عمل ۾ ايندي ۽ سيکاري ويندي. سنڌي هوليءَ کي ان مان نقصان ڪهڙو؟ اها (چيني) به سکي پوندا سين يا کي ماڻهو سکي پوندا. سيئي ماڻهو ته ڪونه سکندا ۽ نه ئي کنهن کي ضرورت آهي. اردو هولي سيني ماڻهن کا سکي يا پڙهي آهي چا پر ڳالهائين ٿا، سنڌي هولي به ڳالهائين ٿا. چاڪاڻ ته اهي ٻئي هوليون هندستان جون آهن. انگريزي هولي سيئي ماڻهو ڪونه ٿا ڳالهائين. فارسي جڏهن حڪمرانن جي هولي هئي، تڏهن اها فقط حڪمرانن وٽ لکپڙهه جي هولي (فارسي) هئي. باقي ڳالهائڻ ۽ روزمرهه جي استعمال ۾ سنڌي هئي.

س: ڪابه هولي، ڪنهن ٻي هوليءَ جو استحصال ڪري ٿي يا ان کي مدد ۽ ترقي ڏياري ٿي؟

ج: هولي ڪنهن هوليءَ جو استحصال نٿي ڪري. هولي ڳالهائڻ وارا جيڪڏهن نٿين هولي استعمال ۾ آڻين ٿا يا ضرورت محسوس ڪن ٿا ته ان جو مدار ان ڳالهه تي آهي ته اهي ڪيتري حد تائين سنڌي هوليءَ کي پنهنجي روزمرهه جي گفتگوءَ يا استعمال ۾ آڻين ٿا. جيڪڏهن ٻي هولي/ ڏاري هولي گهٽي ڳالهائيبي، گهٽي ڳالهائڻ جو مطلب آهي ته اڪثريت ۾ ڳالهائيبي يا ڪو ماڻهو سڄي زندگي انگريزي پڙهي ته رڳو انگريزي پيو ڳالهائيندو، ائين ڪڏهن ٿيو ئي ناهي. تنهنڪري ڪابه هولي ڪنهن ٻي هوليءَ جو استحصال نٿي ڪري، پر ٻي هوليءَ جي پاڻ مدگار ٿئي ٿي، لفظ ۽ محاورا ڏئي ٿي. انهن جي معنيٰ ۽ فڪر کي ڪڏهن ڪڏهن قبولڻو پوي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هوليءَ جو فڪر، محاورا ۽ ڳالهيون ٻي هوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻيون پون ٿيون. اهڙي طرح هوليون هڪ ٻئي کي مدد ڪن ٿيون.

س: چا هوليءَ جي حوالي سان ڪو اهڙو عالمي ادارو به آهي، جيڪو ڪنهن هوليءَ کي محدود، گر يا ختم ٿيڻ جي صورت ۾، ان جي بچاءَ يا تحفظ لاءِ ڪم ڪري؟

ج: عالمي سطح تي اهڙو ادارو، گڏيل قومن جو ادارو يونيسڪو آهي. اها جماعت هولين جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪري ٿي. آڻ پانيان ٿو ته ٻي ڪنهن قوم جي جماعت يا ادارو اسان جي هوليءَ ۾ ايتري دلچسپي چو رکندو جو اسان جي هوليءَ جي باري ۾ سوچيندو!

*

سنڌي ڪلچر جو عالمگير ڪردار

س: ڪلچر جي حوالي سان اوهان کان سوال ڪنداسين ته سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب "سنڌي ڪلچر" ۾ لکيو آهي ته سنڌي ڪلچر ۾ اهڙا سڳهارا عنصر موجود آهن، جيڪي دنيا ۾ هاڻي اٽلي ٽيندا پيا وڃن، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ڪلچر دنيا جو نهايت شاهوڪار ڪلچر آهي. چا اوهان ان خيال سان متفق آهيو؟

ج: ها. زنده قوم جو ڪلچر هميشه زنده رهي ٿو ۽ هميشه زنده اهو ڪلچر رهندو، جيڪو ترقي ڏانهن وڌندو رهندو. جيڪڏهن ڪوبه ادب توڙي ڪلچر ترقي نٿو ڪري ۽ پنهنجي قدامت واري

سلسلي ۾ رکجي وجي ٿو تہ اهو جڻاءُ نہ ڪري سگهندو. اها حقيقت آهي تہ جيترو سنڌي ڪلچر شاهوڪار آهي، ائين تمام ٿورڙيون قومون آهن جن جو ڪلچر اوچائي تي پهتل آهي. شعر و شاعري توڙي نثر نويسيءَ ۾، ۽ ڪتابي دنيا ۾ بہ سنڌي ڪلچر اوچائي تي پهتل آهي.

آءٌ اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ انگريزن جي زماني ۾، صحافتي ادب جي ترقيءَ لاءِ بہ اسان قدم کنيا. جيڪا سنڌي ٽائيپ استعمال ۾ رهي، اها منهنجي ٺهرايل هئي. اڳي انهيءَ جي شڪل ئي ڪجهہ ٻي هئي، جڏهن تہ الف ب ساڳي هئي. هي جديد فارسي واري شڪل کي نستعلق نہ پر نسخ چئجي ٿو، ۽ جديد کان جديد نسخ جي ٽائيپ مون ٺهرائي هئي. ادبي بورڊ ۾ جيڪي ٽائيپ ٺهرائڻ وارا هئا، مون انهن وٽ وڃي اهو ڪم ڪيو.

مون هڪ تجربو پڻ ڪيو هو ۽ اهو هيءُ تہ هر اکر جون جيڪي ٻي صورتون ٿيون- شروعات، وچ ۽ آخر، انهن مان جند ڇڻي وڃي، ۽ جيئن انگريزيءَ ۾ هڪ ئي قسم آهي، جنهن کي يونيورسل اسڪرپٽ چئجي ٿو، اهڙيءَ طرح سان الف کي قائم ڪجي. مون اهو هن ريت ناهيو هو. مثال طور، "ب" آهي، جيڪو آخر وچ توڙي شروع ۾ ساڳي صورت اچي ۽ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ هجي جيئن انگريزي ٽائيپ آهي. سنڌي ٽائيپ رائيٽر بہ مون ٺهرايو هو. سنڌي ٽائيپ رائيٽر پراڻو ٺهيل هو جيڪو بہ تڏهن گر ٿي ويو هو. نئون (سنڌي ٽائيپ رائيٽر) ٺهرائڻ لاءِ آءٌ لاهور ويس ۽ ٽائيپ رائيٽر جي ڪارخاني ۾ ويهي اسان ڪم ڪيو. ٽائيپ ٺهرائڻ بعد مون ان تي هڪ پمفليٽ ڪڍيو ۽ ماڻهن کان راءِ بہ ورتي، پر پوءِ اها ڳالهہ مون کي پاڻ نہ وٺي، ۽ پوءِ اصلوڪي لکت تي نئين ٽائيپ ٺهي. اردوءَ واري ٽائيپ بہ مون ٺهرائي.

س: اردوءَ واري ٽائيپ اوهان ڪڏهن ٺهرائي؟

ج: آءٌ جڏهن ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ اسپيشل ڊيوٽي آفيسر هئس تہ مون اهو فيصلو ڪرايو هو تہ اردوءَ جو رسم الخط بہ نسخ ۾ ٿئي. ان ۾ پڻ ڪتاب ڇپيو هو، تنهن کان پوءِ نسخ وارا زور ٿي ويا.

س: اوهان سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جا باني رهيا آهيو، ان جو قيام جو ٿورو پس منظر ٻڌائيندا؟

ج: آءٌ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو باني آهيان ۽ اٺ ڏهہ سال انَ جو سيڪريٽري ۽ چيئرمين بہ رهيو آهيان. بورڊ جي اها عمارت پڻ مون ٺهرائي هئي. جيئن تہ ون يونٽ جي زماني ۾، اولهہ پاڪستان جو ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جيڪو لاهور ۾ هو، اتي سنڌ حڪومت مون کي پنهنجو اسپيشل ڊيوٽي آفيسر ڪري ڇڏيو. اهو "بلوچستان" لفظ مون هنن کي شامل ڪرايو تہ بلوچي ٻولي بہ شروعات کان پڙهائي وڃي جيئن سنڌ ۾ سنڌي ٻولي شروعات کان پڙهائي وڃي ٿي. بلوچستان ۾ بلوچي ۽ پختونخواه ۾ پشتو ٻولي پڙهائي وڃي. پچاڙيءَ جو آءٌ پرنسپال ٿي ويو هئس. مون کي سيڪريٽريءَ مان بدلي ڪري جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڪيائون. وري مون سان ڪاوڙيا تہ اتان بدلي ڪري لاهور رکيائون. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو مون تي ٽهپ لڳل هو. انهيءَ ڪري هنن مون کي آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي فار سنڌ رکيو. پوءِ هتي آيس ۽ جڏهن ون يونٽ ٽٽو تہ مون سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ٺهرايو. مون باقاعدگيءَ سان خط و ڪتابت ڪري سنڌ حڪومت کي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي قيام واري ڳالهہ قبول ڪرائي. انهيءَ زماني ۾ غلام مصطفيٰ شاهہ منهنجو دوست هو، جنهن منهنجي مدد ڪئي. اسين ٻئي ڇٽا ڪڏجي وزير اعليٰ رسول بخش تالپر وٽ وياسين، جنهنڪري اسان کي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ لاءِ پئسا مليا، جن مان مون اها بلڊنگ ٺهرائي ۽ آءٌ ئي سيڪريٽري ٿيس.

س: اوهان سان چو ڪاوڙيا جو اوهان کي سيڪريٽريءَ مان هيڊ ماسٽر ڪري ڇڏيائون؟

ج: 1947ع ۾، مون 'سَيو سنڌ سَيو دي ڪانٽينٽ' ڪتاب لکيو هو، جنهنڪري ڪاوڙيل هئا.

س: اوهان جيڪڏهن سائين جي.ايم.سيد جي ان راءِ سان متفق آهيو تہ اسان جو ڪلچر انتهائي سگهارو آهي تہ پوءِ ڪهڙا ڪارڻ آهن جو اسان سنڌي پوئتي رهجي ويا آهيون؟

ج: اسان پوئتي سياست جي ڪري رهجي ويا آهيون. اسان جي سياست حڪمران طبقي کي هٿ اچي وئي آهي. درحقيقت، سياست قوم جي بهتريءَ جي ضمانت هوندي آهي. سياسي ماڻهو قوم جي ترقيءَ جا ضامن هوندا آهن. اسان وٽ مسلم ليگي سياست غلط، مذهب زده ۽ رجعت پسنديءَ واري سياست رهي آهي، ترقي پسند سياست پاڪستان کي ايجا ملي ئي ناهي. سياست ستر ندي تہ قوم جي تقدير بدلجندي. اسان وٽ سياست پراٽي ۽ پراٽن (خيالن وارن) ماڻهن جي هٿن ۾ آهي. حاڪم طبقو، سياست جو وارث بڻيو وينو آهي. حڪمرانُ، سنڌ ۾ توڙي ٻئي هنڌ زميندار طبقو آهي. حڪمرانَ اسان کي پوئتي رکڻ جا ڏمیوار آهن. اهي چاهين ٿا تہ اسين جتي آهيون، اتي ئي هجون بلڪ اڳتي بہ پوئتي هجون تہ چڱو. اهي ننڍي هوندي ڳالهہ تي پنهنجن پروگرامن ۾ مذهب کي ۽ پراٽين ڳالهين کي آڻين ٿا. هر هنڌ مذهب مذهب ڪن ٿا، جنهن اسان کي اڳتي ڳچيءَ مان ورتو آهي. رجعت پسند طالبان کي ڏسو، جيڪي ماڻهن کي مارين ٿا ۽ چوڪرين جي تعليم ختم ڪرڻ چاهين ٿا. چوڻ جو مقصد تہ اسان جي پوئتي رهڻ جي ڏمیوار سياست آهي. جنهن قوم جي سياست جيتري انقلابي، ترقي پسندي ۽ سڃاڻپ واري هوندي، اها قوم اوترو اڳتي وڌندي.

س: ڪلچر کي صحيح معنيٰ ۾ ترقي ڪيئن ڏياري سگهجي ٿي؟

ج: ڪلچر جي ترقيءَ ۾ هوليءَ جي ترقيءَ يا هوليءَ جي ادب جي ترقي، تعليم ۽ تدريس جي ترقي، اشاعت جي جدت ۽ اطلاعات جي ذريعن جي ترقي، هوليءَ کي ملهيل نيون راهون ۽ انهن مان فائدو وٺڻ جي اهليت، تخليقي ادب ۽ ترقي پسنديءَ واري تعليم شامل آهن. درحقيقت حڪمران طبقو نٽو چاهي تہ اسين ترقي ڪريون، انڪري هو قدامت پسنديءَ کي هٿي ڏئي رهيا آهن. جڏهن تہ محنت ڪندڙ طبقي جو فائدو ادب ۽ تعليم جي واڌاري، نواڻ ۽ تبديليءَ ۾ آهي. تبديليءَ کي پسند ڪندڙن جو تعداد وڌندو تہ تبديلي ايندي. جيڪڏهن قدامت پسند قائم رهندا تہ ماڻهو اتي بيٺو هوندو. اهوئي سبب آهي جو تعليم ۽ سياست ۾ اسان جو واڌارو ڪو نٽو ٿئي. اسان جي ڪلچر کي ايترو واڌارو ڪو نٽو ملي جيترو ملڻ گهرجي. باغي يا اختلاف رکندڙ ماڻهو پنهنجي اختلاف ۽ ترقي پسنديءَ جي زور تي جيڪو نئون نئون ڪم ڪندا رهن ٿا، ان جي بنياد تي ادب وڌي ٿو.

س: ڇا ثقافتي ڏاڑا ملهائڻ سان ثقافت کي هٿي ملي ٿي؟

ج: سنڌي ڪلچر جي باري ۾ جيترا گهٽا سنا ڏاڑا ملهائبا، ڪلچر کي اوتري هٿي ملندي، ڇاڪاڻ تہ جنهن ڳالهہ لاءِ ڏينهن ملهائجي ٿو، انهيءَ عمل سان پابندي پيدا ٿئي ٿي، ۽ ترقي، واڌارو ۽ سڌارو اچي ٿو.

*

سنڌي شاعريءَ ۾ ادب جو معيار

س: ورهاڱي کان پوءِ جيڪا سنڌي شاعري سرجي آهي، ان کي معيار جي حوالي سان ڪهڙي سطح تي بيهاري سگهجي ٿو؟

ج: ڪنهن بہ زندهہ ٻوليءَ جي شاعري ڪڏهن بہ ختم ٿيڻي ڪانهي. جيستائين ٻولي زندهہ آهي تيستائين ان جي شاعري ۽ ادب قائم رهڻو آهي. ان جي معيار واري سوال تي آءٌ اهو چوندس تہ هر دؤر جي شاعري پنهنجي دؤر جي ترجماني، طور سرجي ٿي ۽ ادب چئبو ئي انهيءَ کي آهي. هڪڙو ادب قديم ادب، ڪلاسيڪل ادب ۽ ٻيو جديد ادب آهي. جيئن جيئن دؤر گذرندو ويندو تيئن تيئن نئين نئين قسم جو ادب شايع ٿيندو رهندو.

س: شيخ ايار کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي ڪهڙي صورتحال آهي؟

ج: شيخ ايار پنهنجي دؤر جو يڪتا شاعر هو، جنهن کي Unique Poet چئي سگهجي ٿو. تنهن جي معنيٰ اها ناهي ته شيخ ايار جي دؤر ۾ جيڪي ٻيا شاعر هئا سي شاعر ئي نه هئا يا بهتر شاعر نه هئا يا بهترين شاعر نه هئا، پر ايار پنهنجو خاص درجو رکندڙ شاعر هو. انهيءَ دؤر ۾، انهيءَ درجي کي ٻيا شاعر پهتل نه هئا، تنهنڪري شيخ ايار جي تدفين اتي (ٽٺ شاهه ۾) انهيءَ لحاظ سان ڪرائي وئي هئي.

س: ابراهيم منشي، نياز همايوني، محمد خان مجيدي ۽ ٻيا جيڪي شيخ ايار جا همعصر شاعر هئا، انهن کي هاڻي آهستي آهستي وساريو پيو وڃي. جڏهن ته پنهنجي دؤر ۾ انهن جو وڏو پڙاڏو هوندو هو. انهيءَ جا کهڙا ڪارڻ آهن؟

ج: سنڌ ۾ اسڪولن کان وٺي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي سطح تائين جيڪو تدريسي ڪم ٿيندو رهي ٿو، انهن (ڏميوار اختيارين) جو ڪم آهي ته پنهنجن سنڌي شاعريءَ جي سبجيڪٽ وارن درسي ڪتابن ۾ قديم ۽ جديد شاعرن جو ڪلام ڏين. هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ايتري وسيع ۽ اثرائتي نه رهي آهي ۽ فقط پهرئين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين ڏني وڃي ٿي. اڳي ستين درجي تائين سنڌيءَ جي جيڪا تعليم هلندي هئي. هاڻي اها ڪٽي ۽ نٽي هلي. ڪٽي ۽ ستن درجن وارو ڪو سنڌي اسڪول ناهي! جڏهن ته اسان جي زماني ۾ سنڌي ست درجا هئا. ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وارن کي درسي ڪتابن ۾ ٻين شاعرن بابت سبق ڏيڻ کان روڪڻ وارو ڪير به ناهي.

س: اوهان پنهنجي دؤر جي اعليٰ شاعريءَ کي ايڊٽ ڪيو آهي. ٻِماهي "مهراڻ" رسالي جا ايڊيٽر ۽ شيخ ايار جا شارح رهيا آهيو، سندس شاعريءَ جا مهاڳ لکيا اٿو. شاعريءَ سان اوهان جو ايترو گهرو تعلق رهيو آهي، ته ڇا اوهان پاڻ ڪڏهن شاعري ڪئي؟

ج: جڏهن آءٌ مئٽرڪ جو امتحان ڏئي ڳوٺ ويو هيس ته ديري تي جهار هڪليندا هئاسين. اتي مون کي شاعري ڪرڻ جو موقعو مليو. منهنجا ٻه ٽي شعر پهرئين درجي واري سنڌي ڪتاب ۾ ڇپيا ٻه هئا، پر پوءِ مون شاعري ڇڏي ڏني.

س: اوهان شاعري ڇو ڇڏي؟

ج: شاعري ان ڪري ڇڏيم جو ايار منهنجو دوست هو. مون سوچيو ته سنڌي ٻوليءَ کي وڏو شاعر ملڻ گهرجي، تنهنڪري مون هن کي همٿايو.

س: سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي ۽ ناول جي حوالي سان هن وقت ڇا صورتحال آهي؟ ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا تائين اهڙو ناول نه ڇپيو آهي، جنهن کي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي يا حوالو ڏئي سگهجي. اوهان ڇا چوندؤ ان بابت؟

ج: مرزا قليچ بيگ جي دؤر ۾ ناول شروع ٿيا ۽ مختصر ڪهاڻيون به تڏهن شروع ٿيون.

س: ترجمو ٿيون يا لکجڻ شروع ٿيون؟

ج: لکجڻ شروع ٿيون. تنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ان سلسلي کي اڳتي وڌايو ۽ اڃا سنڌي ۾ ناول لکجن پيا پر "زينت" پهريون پهريون ناول شمار ڪيو وڃي ٿو.

س: پڙهڻ جو لکڻ سان ڪيترو تعلق آهي؟ ائين ته ناهي ته سنڌي اديبن ۾ مطالعي جو رجحان گهٽ آهي، انڪري ڪو معياري ڪم سامهون نه اچي سگهيو آهي؟

ج: مون کي معاف ڪيو وڃي جو آءٌ انهيءَ راءِ سان متفق نه آهيان ته ڪو هن وقت معياري سنڌي ادب ڪو نه ٿو. چوڃي. بلڪ سنڌي ادب جيئن پوءِ تيئن وڌندو وڃي ٿو ۽ ان ۾ بهتري ايندي وڃي ٿي. ان عمل ۾ ڪنهن به قسر جي ڪا رندڪ نه آهي. ٻولي جيڪڏهن جيئري آهي ۽ پڙهائي وڃي ٿي ۽ ان جي تعليم کي عام ڪيو وڃي ٿو ته اها انهيءَ معيار جي آهي جو اعليٰ درجي تائين ان

ٻوليءَ ۾ تعليم ڏئي سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جو ادب انهيءَ لائق آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي اعليٰ کان اعليٰ تعليم جي حد تائين مضمون طور قائم رکيو وڃي.

حسام الدي راشدي، پير علي محمد راشدي، جي.ايم.سيد ۽ مون مسڪين گڏجي سنڌي ادبي بورڊ کي قائم ڪرايو ۽ سنڌي ادب جي خدمت ۽ واڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي، ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ جي تعليم واري صورت ۾ اهو سلسلو هلندو رهي ٿو.

*

اياز جي شاعريءَ جي ڪٿ، وصيت ۽ سيد سان رسامي وارو معاملو

س: اوهان ان راءِ بابت ڇا چوندا ته شيخ اياز جي اردو شاعري فيض احمد فيض جي شاعريءَ کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي؟

ج: اردو ٻوليءَ کي آڏ ايترو ڇاڻان ئي نٿو، جنهن جي باري ۾ ڪا راءِ رکان، ۽ نه ئي مون اردوءَ جا ترجما پڙهيا آهن. ترجمي جي باري ۾ منهنجي راءِ ئي جدا آهي ته اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جو ترجمو ٻي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ جو دل ۾ ارمان، دک ۽ شوق ڇو ٿو پيدا ٿئي. جيڪڏهن اسان جي ٻوليءَ جو ترجمو ڪنهن کي وٽي ٿو ته پنهنجي انهيءَ ٻوليءَ ۾ پاڻ ڪن. غلام ٻولي يا هڪ ننڍڙي ٻولي ڳالهائڻ وارا پاڻ کي ننڍڙو قد و قامت وارو سمجهي، پاڻ وٽائڻ لاءِ پنهنجي ادب ۽ ٻوليءَ جو ترجمو ڪندا آهن. جڏهن ته دنيا ۾ ڪيتري به ڪا مشهور ٻولي هجي، ان جي ڳالهائڻ وارن پاڻ ڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ جو ترجمو ڪري، ٻي ٻوليءَ ۾ ڏنو هجي، اهڙو ڪو مثال نٿو ملي.

اسان کي پنهنجي ادب جي ترجمي جي سلسلي ۾ اها پريشاني غلاميءَ واري ڪمزوريءَ جي ڪري آهي. هر ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جا درجا هوندا آهن ۽ لاڳاپيل قوم پنهنجي ٻوليءَ واري پنهنجي ادب کي درجو بَہ درجو ڏيندي اهي. انگريزن ڪڏهن به ائين ناهي چيو ته شيڪسپيئر کي جرمنيءَ وارن وڌيڪ ترجمو ڪيو يا پسند ڪيو آهي.

س: شيخ اياز کي سنڌ کان ٻاهر گهربل پذيرائي نه ملڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟

ج: حڪمرانن کي محڪوم ماڻهن جي ٻوليءَ سان ڪهڙي دلچسپي ته انهن جي ٻوليءَ جو واڌارو ٿئي، هو ته چاهيندا، ته محروم ۽ محڪوم ماڻهو جيڪي اسان جا هونئن ئي غلام آهن، وڌيڪ غلام ٿين.

س: شيخ اياز تي تاجل بيوس، آدرش ۽ ٻين تنقيد ڪئي ۽ هڪ وڏو تنقيدي دؤر هليو. اها تنقيد اوهان سمجهو ٿا ته ڪيتري قدر جائز ۽ ڪيتري قدر اجائي هئي؟

ج: ٿورو دلجمعيءَ سان سوچيو ته دنيا ۾ ڪهڙي ٻولي آهي، جنهن جي ڳالهائڻ وارا، پنهنجي ادب دنيا ۾ هڪ ٻئي سان کو اختلاف نٿا رکن ۽ پنهنجو پاڻ ۾ تنقيد ۽ پيٽا پيٽي نٿا ڪن. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ لطيف، سچل ۽ سامي پنهنجي جاءِ تي قابلِ قبول آهن. باقي پنهنجي دؤر ۾ پيدا ٿيندڙ جديد شاعرن تي سندن دؤر جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي راءِ رکن ٿا. جيئرا جاڳندا ماڻهو پنهنجي دؤر جي زندهه شاعرن بابت راءِ رکن ٿا ته اهو انهن جو حق آهي ته ڪهڙي شاعر کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا ۽ ڪهڙي شاعر کي نٿا پسند ڪن. تنهنڪري ائين نه ٿيڻ گهرجي ته جيڪي پسند ڪن، انهن کي اکين تي رکون، ۽ جيڪڏهن کو وڌي شاعر جي باري ۾ ڪا ڳالهه ڪري ته هيسجي ۽ سُسي وجون.

س: جيئن ته اوهان پنهنجي دؤر جي ٻن وڏين شخصيتن سائين جي.ايم.سيد ۽ شيخ اياز جي گهٽو ويجها رهيا آهيو. انهن ٻنهي شخصيتن جي وچ ۾ جڏهن رسامو ٿيو ته اوهان ڪنهن کي حق بجانب سمجهيو ٿي؟

ج: ڳالهه سنئين سڌي ٻڌي آهي ته شيخ اياز شاعر هو، جي.ايم.سيد شاعر نه هو. جي.ايم.سيد سياست جي ميدان ۾ اپريو، جنهن ۾ هن جي مهارت هئي. انهيءَ ميدان ۾ سنڌي ماڻهن کي رهبري ملي. جڏهن ته شيخ اياز جي شاعر ۽ ادبي ماڻهو هئڻ

مان ماڻهن کي فائدو مليو آهي، انڪري ٻنهي جي پيٽ تہ ٿي ڪانہ ٿي سگهي. اهو بہ اسان جي لاءِ اکين جو نور هو تہ هو بہ اسان جي لاءِ اکين جو نور هو. ٻئي اسان کي قبول قبول آهن بشرطيڪ اسان ٻنهي کي هڪجهڙو سمجهون، پر هڪجهڙائيءَ لاءِ ماڻهن جي وچ ۾ پيٽا پيٽي ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. اهو سوال ئي ابتو ٿِي ٿو وڃي تہ آءٌ ٻن، ٽن يا اٽ، ڏهہ پندرنهن دوستن وچ ۾ ويهي فيصلو ڪرڻ لاءِ پريشان ٿيان تہ هڪ ٻئي جي باري ۾ منهنجا دوست چا ٿا سوچين، چا ٿا سمجهن. اهڙي صورت ۾ منهنجي دوستي انهن سان ڪيئن بحال رهندي ۽ ڪيئن قدر واري ڇڻي سگهبي.

س: سائين جي.ايم.سيد ۽ شيخ ايياز ۾ اختلاف کو ذاتي نہ پر سياسي نُڪتي تي ٿيو هو. ايياز جي هڪ بيان تي سيد اعتراض ڪيو هو ۽ سندس لکيل تراني جي بائيڪاٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ان حوالي سان اوهان جي ڪا راءِ آهي؟

ج: خير، وري بہ آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ جي.ايم.سيد سياسي اڳواڻ هو ۽ هن جي سياست سنڌ جي فائدي ۾ هئي. سندن شيخ ايياز سان حجت هئي تہ هي بہ شاعر ماڻهو آهي، پر جيڪڏهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪا غلط فهمي ٿي پوي ٿي تہ انهيءَ خيال کي انهيءَ سطح تي رکبو جنهن سطح تي اهو (اختلاف) ٿيل آهي. انهيءَ جي باري ۾ وڌيڪ ڪٽ ڪرڻ، جنهن سان غلطان رهجي وجي، غير مفيد شيءِ آهي.

س: ڪجهہ ماڻهن جو اجا تائين اهو خيال آهي تہ شيخ ايياز کي پنهنجي ابدي آرام لاءِ پٽ شاهہ بدران ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪناري يا سنڌ يونيورسٽي جي چوند ڪرڻ گهرجي ها. چا اوهان ايياز جي وصيت واري فيصلي سان سهمت هئا؟

ج: شيخ ايياز جو مقبرو پٽ شاهہ ۾ ضرور آهي، پر شاهہ عبداللطيف جو مقبرو پنهنجي جڳهہ تي قائم دائم آهي. جيڪو ماڻهو گذاري وڃي ٿو، هڪ تہ انهيءَ جي پسند ناپسند جيڪڏهن کا ظاهر ٿيل آهي تہ ان کي اهميت ڏبي. جيڪڏهن پٺهنجي زندگيءَ ۾ هن انهيءَ جو اظهار نہ ڪيو آهي تہ پوءِ "مئو ٿيو جيئرن جي وس". جيئرن ڪٽي بہ دفن ڪٽي ڪيو تہ اهي پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهن. انهيءَ ۾ ويهي ڪهڙا فيصلا ڪجن تہ هِتي هجي ها يا هُتي نہ هجي ها.

س: چا ايياز جي وصيت هئي سهي؟ چو تہ شيخ ايياز پنهنجن شعرن ۾ مختلف هنڌن تي ڏس ڏنو آهي تہ "جتي نہ جو وڃ هجي ۽ پڪي لات لنوي"، اتي مون کي پورجو، تہ چا شيخ ايياز وصيت ڪئي هئي، جنهن مطابق پٽ شاهہ ۾ سندس تدفين ڪئي وئي؟

ج: هن کا بہ وصيت نہ ڪئي هئي. هن جڏهن وفات ڪئي، آءٌ پاڻ اتي ويو هيس. هو شڪارپور جو رهاڪو هو، پر شڪارپور کي ڇڏي کي سال ٿيا هيس، پر سموري سنڌ هن جو وطن هو. شيخ ايياز پنهنجي تدفين بابت ڪڏهن خيال ظاهر نہ ڪيو هو، پر مون سان هن ذڪر ضرور ڪيو هو. جڏهن فوت ٿيو تہ مون اها ڳالهہ اتي ئي ڪئي هئي تہ هن مون سان پٽ شاهہ ۾ تدفين جو ذڪر ڪيو هو. هن پنهنجي گهرواريءَ سان بہ ذڪر ڪيو هو تہ "آءٌ گذاري وڃان تہ منهنجو مدفون شاهہ جي احاطي ۾ ٿيڻ گهرجي." چوڻ جو مطلب تہ شيخ ايياز جي گهرواري ۽ آءٌ، اسان ٻئي ان لاءِ ذميوار هئاسين. ٻنهي کي خبر هئي تہ هن اها ڳالهہ اسان سان ڪئي هئي. پوءِ اهو سوال پيدا ٿيو تہ ڪيس شاهہ جي ميدان تي دفن ڪيو وجي يا ڪنهن ٻئي هنڌ؟ هڪڙن ماڻهن چيو تہ شاهہ لطيف جي احاطي ۾ دفن ٿئي. تڏهن ثقافت کاتي جي سيڪريٽري حميد آخوند اسان جي فيصلي کي وڌيڪ پختگي ڏني تہ شاهہ جي پٽ تي جيڪڏهن تدفين ٿئي تہ پوءِ ڪراڙ جي ٻئي ڪناري مهمانن جي آمد واري جاءِ تي ٿئي، جتي جلسا وغيره ٿيندا آهن. حميد آخوند جي صلاح سان اسان سڀ متفق ۽ خوش ٿياسين.

هاڻي بہ جيڪڏهن ڪو شاعر پنهنجي تدفين شاهہ جي مقبري جي آس پاس يا شيخ ايياز جي پر ۾

ڪرائڻ بابت ڪو اظهار ڪري ۽ هو گذاري وڃي ته سندس پونيرن کي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

*

شاهه لطيف جو ڪلام ۽ اڪيرايون

س: ڇا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي ٻيهر شرح لکڻ جي ضرورت آهي؟

ج: اسڪولن اندر تعليمي سرشتي ۾ مادري ٻولي سيکاري وڃي ٿي. مادري ٻولي تعليم جو ذريعو آهي ۽ تعليم واري ذريعي جو مطلب آهي ته انهيءَ ٻوليءَ جي شاعري ۽ ادب نصاب ۾ پڙهايو وڃي. شاعري هر دور ۾ نئين نئين قسم جي ٿئي ٿي، جنهن ۾ ضرورت مطابق وقت جي ترجماني ٿيل هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم کي خطرا پيدا ٿين ٿا ته انهن خطرن جي بچاءَ لاءِ شاعريءَ ۾ پنهنجن خيالن کي ٻين تائين پهچائيو آهي.

س: ڇا شاهه جي ڪلام تي گهربل تنقيد ٿي آهي يا موروڳو عقيدت سبب ٿي ئي نه سگهي آهي؟

ج: تنقيد لفظن جون ٻه معنائون آهن. هڪ معنيٰ اها آهي ته ڪنهن ادب يا ٻوليءَ جون ڪمزوريون ڪڍي ظاهر ڪجن ۽ ٻي معنيٰ اها آهي ته ٻوليءَ جون خوبيون ۽ فڪري قدر نڪري ٻاهر ٿين. سنڌي ٻوليءَ ۾ تنقيد جو ڪم شروع کان وٺي جاري آهي. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري، لطيف، سچل، سامي روحل ۽ ٻين اهڙن شاعرن جو ڪلام قديم ڪلاسيڪل شاعري آهي. جڏهن ته جديد شاعري جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيدا ٿئي ٿي، جيڪا پڻ اڳتي وڌندي رهي ٿي. شاعريءَ جو قدر ڪبو ۽ هڪ ٻئي کي سمجهائڻ ڏٻي رهبي ته بهتر ٿيندو. شاهه جو شعر ادب جو تمام اونهو اظهار آهي. هر ٻوليءَ جو ڪو نه ڪو ڪلاسيڪل ادب ان لائق هوندو آهي ته انهيءَ کي قائم رکيو وڃي ته جيئن انهيءَ کي هميشه پڙهبو ۽ سمجهبو رهجي. جيڪڏهن شاهه جي شاعريءَ کي سمجهڻ جي لاءِ ڪير ان بابت ڳالهائي ٻولهائي ٿو، ته ان کي خامين ڪيڏ واري معنيٰ ۾ تنقيد نه پر شعر جي فڪر ۽ رهبريءَ کي پڙهندڙن لاءِ اجاگر ڪرڻ چئبو، ۽ اهو عمل جاري رهندو.

س: شاهه جي رسالي ۾ موجود ڪجهه سُرن جهڙوڪ ڪيڏارو وغيره بابت متضاد رايا آهن. هڪڙن جو چوڻ آهي ته اهو (ڪيڏارو) شاهه صاحب جو ناهي. اوهان جي ان حوالي سان ڪهڙي راءِ آهي؟

ج: شاهه جو رسالو اڄ به ميدان ۾ آهي، جنهن جا ڪيترائي ڇاپا ۽ ايڊيشن شايع ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا. ڪنهن ڇاپي ۾ ڪيڏارو موجود آهي ۽ ڪنهن ۾ ناهي، ائين شروع کان وٺي آهي. ڪيڏارو فقط ڪربلا جي شهيدن جي باري ۾ آهي. اهو وري مذهبي سوال ٿيو ٿو وڃي سو انهيءَ انداز سان اها ڳالهه شروع کان ئي رهي آهي. شاهه جي رسالي ۾ سر ڪيڏارو شروعات واري دؤر ۾ شايع ناهي ٿيو. اڳتي هلي پوءِ ڪن ڪن مرتبن ان ۾ ٿورو گهڻو شعر شامل ڪيو آهي، ته شاهه جو ڪيڏارو آهي. هن وقت به شاهه جا جيڪي رسالا آهن، انهن مان ڪنهن ايڊيشن ۾ سر ڪيڏارو آهي ته اهو تمام ٿورو آهي، پر اهو قائم دائم آهي. انهيءَ کان ڪير انڪار ڪري ئي نٿو سگهي. اهو (ڪيڏارو) موجود آهي ته سڀني ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن موجود ناهي ته ٻيا به سُر آهن، سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي ۽ ٻيا، جن لاءِ ڇا ڪڏهن ڪنهن ائين چيو آهي ته رسالي ۾ فلاڻو (سُر) موجود هجي يا نه هجي. جيڪڏهن ڪيڏارو شاهه جو چيل آهي ته اهو چپجڻ ۽ پڙهڻ سڀني ڳالهه آهي.

س: شاهه جو ڪلام ڪيترن ئي مرتبن ترتيب ڏنو آهي. انهن مان ڪنهن جو ترتيب ڏنل رسالو وڌيڪ معياري ۽ مستند سمجهو ٿا؟

ج: ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو معياري ۽ مستند آهي. ان کان پوءِ شاهه جا ٻيا به مجموعا آيا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ الڻ ڏهن جلدن ۾ شاهه جي رسالي جي تشريح ۽ اشاعت ڪئي آهي، پر شاهه جو رسالو بذات خود هڪڙي ئي ڪتاب ۾ موجود آهي ۽ عام طرح سان اهو ئي پڙهيو وڃي ٿو. باقي شاهه جي ٻولي قدامت

واري هئڻ ڪري هر رسالي ۾ معنيٰ ڏنل آهي، جنهن کي ڏسي ماڻهو اهو پڙهي سگهي ٿو.

س: شاهه جي رسالي تي انگريزيءَ ۾ مشتاق علي شاهه جو ڪيل ڪم اوهان جي نظر مان گذريو آهي؟

ج: ادب بابت منهنجو سدائين رايو رهيو آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جو ترجمو جيڪڏهن ٿئي ته ترجمو ڪندڙ شخص اها ٻولي ڄاڻندڙ هجي، بلڪ مادري زبان ان جي هجي. سنڌي ماڻهو جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ کي فارسي، عربي يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندا ته انهيءَ جو ايترو قدر نه ٿيندو ۽ نه ئي ان کي مستند سمجهيو ويندو، پر مستند سَنڌِي تڏهن ٿيندو، جڏن ادب جو ترجمو جنهن ٻوليءَ ۾ ٿئي، انهيءَ (ٻوليءَ) جو ڳالهائيندڙ ترجمو پاڻ ڪري. انگريزي ٻوليءَ جي ادب جو، ڪنهن به انگريز فرينچ ٻوليءَ ۾ ترجمو نه ڪيو آهي. فرينچ ٻوليءَ جي ڪتاب جو ترجمو ڪنهن فرينچ نه ڪيو آهي. هي ته پنهنجي غلاميءَ جي ڪمزوري آهي جو اسين ماڻهو ڏاري ٻوليءَ کي ايتري اهميت ڏيون ٿا جو چئون ٿا ته ان جو ترجمو به اسين پاڻ ڪريون. جيئن شاهه عبداللطيف جي ڪلام جو اردو ترجمو شيخ ايياز ڪيو هو، جيڪو ڏاڍي محنت سان ۽ ڏاڍو سهڻي نموني ڪيو هئائين، پر تڏهن به انهيءَ جو ايترو گهڻو استعمال نه رهيو آهي، جيترو هجڻ گهرجي. جيڪڏهن شاهه جي رسالي جو ترجمو اردوءَ وارا ڪندا ته پوءِ انهيءَ جو قدر به اهي ئي ڄاڻندا. ساڳيءَ طرح فارسيءَ ۾ شاهه جي ڪلام جو ترجمو فارسي ڳالهائيندڙ ترجمو ڪندا ته پوءِ انهيءَ جو قدر سمجهيو ويندو. تنهنڪري اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جو ترجمو ٻي ٻوليءَ ۾ ڪري، کي ڪتاب پيش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي.

س: جيئن اوهان شيخ ايياز جي ڳالهه ڪئي ته هن پنهنجي شاعريءَ جو ترجمو اردوءَ ۾ نهايت سهڻي انداز ۾ ڪيو آهي. فهميده رياض يا ڪنهن ٻئي ادیب چيو آهي ته "ايياز اردوءَ جو به وڏو شاعر آهي." ان حوالي سان اسين پڇڻ چاهيون ٿا ته ايياز جو ترجمو ڪيل پنهنجي جو ڪلام ڇا تعصب جي ڪري گهڻو استعمال ۾ نه آندو ويو آهي ته اهو هڪ سنڌيءَ ترجمو ڪيو آهي؟

ج: ترجمو استعمال ۾ آيو آهي يا نه آيو آهي، ان تي اسان کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو اسان ويهي پاڻ کي پريشان ڪريون.

*

مڪمل ڪتاب ۽ سنڌي ڪتابن جو معيار

س: اوهان پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ايم.اين.راڻي جي ڪتاب "هسٽاريڪل رول آف اسلام" جو ترجمو ڪيو ۽ بقول اوهان جي ته ان جو مسودو گم ٿي ويو هو. اهو ٻيهر مليو ۽ شايع ٿيو يا نه؟

ج: مون اهو ترجمو ڪري اي.ڪي بروهيءَ کي ڏنو هو. اي.ڪي بروهي مدرسي ۾ مون سان گڏ پڙهندو هو ۽ مون کان به سال مٿي هو. مون کان به سال اڳ مئٽرڪ پاس ڪري ويو هو. پوءِ وڪيل وڄي ٿيو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏي ترقي ڪيائين. منهنجو دوست هو، انڪري مون ڪيس ايم.اين.راڻي جو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائڻ لاءِ ڏنو پر ان کي هو ڇپائي نه سگهيو ۽ نه وري ان جو ترجمو مون کي موٽائي ڏنائين. انهيءَ ڪري اهو ترجمو منهنجي هٿان هليو ويو، جنهن جو مون کي تمام گهڻو ڏک آهي. ان ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پوءِ ٻين ڪيو، جيڪو ڇپيو به.

س: اوهان جو ڪتاب 'سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽينينٽ' 1967ع ۾ شايع ٿيو هو. ڇا ان وقت به سنڌ کي بچائڻ جو سوال هو؟

ج: 'سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽينينٽ' "ڪانٽينينٽ" مان منهنجو مطلب رڳو اندين سب ڪانٽينينٽ نه پر ايشيا جو سمورو ڪنڊ هو، جنهن ۾ سوويت يونين به شامل هئي، جنهن جو يورپ سان به واسطو هو. مطلب ته خود يورپ ۾ به اوهان سنڌي ٻوليءَ کي بچائيندؤ ته اوهان جڏ ڪنڊ کي بچايو

يعني اوهان سوشلزم جي سرشتي جو تحفظ ڪيو. اهو ڪتاب (سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽيننٽ) مون ننڍي کنڊ جي ورهاڱي خلاف لکيو هو. آڻ هندستان جي ورهاڱي جو سخت مخالف هيس، ۽ 1947ع ۾، مسلم ليگ قائد ٿيڻ کان وٺي ان جي نعري خلاف هيس.

دراصل، پاڪستان ۽ هندستان جون حڪومتون ڳڏجي ۽ سگهن ٿيون ۽ فيڊريشن ۽ قائم ٿي سگهي ٿي. 'سيو سنڌ، سيو دي ڪانٽيننٽ' ڪتاب ۾ انهيءَ خيال کان لکيل آهي، جيڪو هاڻي وري چپجي رهيو آهي. اميد آهي ته منهنجي جنر ڏهاڙي تي اهو انگريزيءَ ۾، ۽ سنڌي ترجمي ۾ شايع ٿيندو.

س: پلا اهو ٻڌايو ته 'سيو سنڌ، سيو دي ڪانٽيننٽ' ڪتاب لکڻ جا اصل محرڪ ڪهڙا هئا؟

ج: آڻ ورهاڱي جي خلاف هيس. چاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته ائين ٿيڻ سان سنڌي ٻولي، سنڌ جي تعليم کي ۽ سنڌي قوم کي نقصان پهچندو. انهي ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي مون اهو ڪتاب لکيو هو ته اوهان پاڪستان ناهيو ئي انڪري آهي ته سوويت يونين کي ختم ڪرائجي. انگريزن چاهيو پئي ته پاڪستان نهي وجي ۽ سوويت يونين جي هتي اچڻ کي روڪي. ڊاڪٽر اقبال پنهنجين تقريرن ۾ چيو آهي ته "پاڪستان اسان کي انهيءَ ڪري گهرجي جو افغانستان جي طرف کان سوويت يونين کان اسان تي جيڪا فڪري ڪاهه ٿيڻي آهي، ان کي روڪي سگهون. اسين سوويت يونين جي ڪاهه خلاف پاڪستان ۽ پارت جو دفاع ڪنداسين ۽ پاڪستان کي سوشلزم کان بچائينداسين." اقبال جون اهي تقريرون لکت ۾ موجود آهن. انهن ڳالهين جي ڪري مون لکيو هو، "سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽيننٽ"، جنهن تي سرڪار نارض ٿي مون کي سنڌ مدرسي مان ڪڍيو. اهو ڪم پير الاهي بخش ڪيو، جيڪو انهيءَ زماني ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جي بورڊ جو صدر هو ۽ ڳڙوگڏ هو تعليم جو وزير هو، جيڪو گشت تي اندبيا ويل هو. حيدرآباد دکن پهچي، هن اتي بيان ڏنو ته "آڻ سنڌ ۾ وجي اتي اردو شروع ڪندس. اسين اردوءَ کي متعارف ڪرائينداسين" جڏهن هو واپس آيو ته مون اهو ڪتاب 'سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽيننٽ' لکيو، جنهن ۾ مون لکيو ته اسان جا ماڻهو ڪانوَ وانگر "ڪان ڪان" ڪن ٿا! هينان جيڪو ٻلو آهي سو چوي ٿو ته "اي ڪانوَ! ڪيڏي نه سني ڪان ڪان ٿو ڪرين"، ته ڪانءُ خوشامد ۾ اچي، چهنب ڪٽي ڪولي ٿو ته ان ۾ جيڪو ڪاڏو هجي ٿو سو هيٺ ڪري ٿو پوي، ۽ ٻلي جو ڪم آهي اهو ڪٽي پڃڻ.

اها ڳالهه پير الاهي بخش لاءِ هئي. ڪيس انهيءَ ڳالهه تي ڪاوڙ آئي ۽ مون کي سنڌ مدرسي مان ڪڍي ڇڏيائين.

س: اهو ڪهڙو زمانو هو؟

ج: اهو 1946ع-1947ع جو زمانو هو.

س: اوهان سوير جيڪا ڳالهه ڪئي، اها اقبال احمد خان جي ڪئي يا علامه اقبال جي؟

ج: علامه اقبال جي. پٽنا ۾، هن مسلم ليگ جي سيشن جو صدر ٿيڻ واري موقعي تي خطبو ڏنو هو. علامه اقبال مسلم ليگ جو ميمبر نه هو پر هن کي وڏو ماڻهو سمجهي، مسلم ليگ وارن صدر ڪري بيهاريو هو. پهرئين خطاب ۾ هن اهي ڳالهيون چيون هيون، جيڪا ڳالهه مون 'سيو سنڌ- سيو دي ڪانٽيننٽ' ۾ ڪئي آهي.

س: هڪ طرف اوهان جو اهو ڪتاب هو ته ٻئي طرف علي محمد راشديءَ ۽ "فريادِ سنڌ" ڪتاب لکيو هو. ان جي باوجود اوهان ٻنهي جي ڳالهه نه ٻڌي وئي، ان جو ڪهڙو سبب هو؟

ج: علي محمد شاهه راشديءَ جڏهن 'فريادِ سنڌ' لکيو هو، تڏهن هُو مسلم ليگي نه هو. انهي زماني ۾ هو جي.ايم.سيد سان گڏ هو. 46-1945ع ۾، جڏهن جي.ايم.سيد کي مسلم ليگ مان ڪڍيائون ته هي (علي محمد) جي.ايم.سيد کي ڇڏي وجي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. جڏهن هو مسلم ليگ جي

خلاف هو تڏهن 'فريادِ سنڌ' لکيائين. هن اهو (فريادِ سنڌ) منهنجي ڪتاب کان پوءِ لکيو هو.

س: ڇا پاڪستان جو نالو علامہ اقبال جي زندگيءَ ۾ ئي طئه ٿيو هو يا نالو ڪٽڻ کان سواءِ ئي هن ڇيو هو ته جيڪو اسان جو ملڪ ٺهندو، اهو سوويت يونين ۽ سوشلزم کي روڪيندو؟

ج: مسلم ليگ ته ورهاڱي لاءِ هئي نه. ان جو نظريو هو ته هندستان ۾ ٻه قومون آهن- هڪ هندو قوم ۽ ٻي مسلمان قوم. آڏاڻي طور انهيءَ ڳالهه جي سخت خلاف هيس ته ڪو مذهب جي بنياد تي قومون ٺهنديون آهن. پنهنجي ڪتاب ۾، مون ڳالهه ئي اها ڪئي ته مذهب قوم نه ٺاهيندو آهي. جيڪڏهن مذهب جي بنياد تي قومون ٺهن ها ته عرب قوم هجي ئي ڪانه ها. بنگالي، مصري، ترڪي ۽ ٻيون قومون هجن ئي نه ها، پر مسلم ليگ ورهاڱي لاءِ ٻه اسلام جو نالو استعمال ڪري، هڪڙو نعرو هٽڻ کٽي شروع ڪيو هو.

س: اوهان تقريباً فڪري ڪتابن تي ڪر ڪيو آهي، ڪڏهن افسانوي ادب تي طبع آزمائي ڪئي؟

ج: آڏاڻي سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهيس، اهو ٻه ته ادبي ڪم هو نه.

س: هن وقت سنڌيءَ ۾ چپجندڙ ڪتابن جي معيار بابت ڇا چوندا؟

ج: مختلف موضوعن تي ڪتاب چپجندا رهن ٿا، جن ۾ ڪي معيار جا آهن ته ڪي غير معياري آهن. تمام اوچي معيار جو ادب تخليق ٿي رهيو آهي ته گڏوگڏ جهڙو تهڙو ادب پڻ سرجي رهيو آهي.

س: اهڙو ڪو ڪتاب، جنهن اوهان تي گهرو اثر ڇڏيو هجي؟

ج: جيترو "هسٽاريڪل رول آف اسلام"، مون تي اثر ڪيو، ايترو ڪنهن ٻه نه ڪيو. ايم.اين.راءِ جا سمورا ڪتاب اڄا ٻه مون وٽ پيل آهن، جيڪي سيئي پڙهيا اٿم.

س: نوجوان نسل کي ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟

ج: نوجوان نسل کي ترقي پسند ادب پڙهڻ گهرجي، ڇو ته قدامت زده ۽ رجعت پسند ادب، جيڪو ردِ عمل ۾ لکيل (Reactionary) ادب آهي، اهو نئين زماني ۾ قابلِ قبول نه آهي.

س: ڏِ ماهي "مهراڻ" رسالي ۾ ڪر ڪرڻ جي حوالي سان اسان کي ڪجهه ٻڌائيندا؟

ج: ادب لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي خيال کان "مهراڻ" رسالو ڪڍيو ويو هو. پوءِ سوال پيدا ٿيو ته ڪير شايع ڪري. مون چيو ته اها ذميواري آڏاڻي پنهنجي سر تي کڻان ٿو. پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ منهنجي خلاف وڏو گوڙ ٿيو ته هي فقط سيڪريٽري آهي، "مهراڻ" جو ايڊيٽر ڇو ٿئي؟ ان وقت، "مهراڻ" پاڪستان کان ٻه اڳ جو شايع ٿيل هو پر وچ ۾ بند ٿي ويو هو. تنهن ڪانپوءِ مون اڇي اهو نئين سر شروع ڪيو. ان جي پهرين اشاعت ۾ پيش لفظ مون ساڻيا ڏنا، جيڪي شروعات واري "مهراڻ" لاءِ علامہ دائود پوٽي لکيا هئا.

س: اوهان ڪا ڪهاڻي يا ناول وغيره لکيو؟

ج: اوهان کي عجب لڳندو ته "مهراڻ" رسالي جي پهرين پهرين آڪاڻي مون لکي هئي. جنهن کان پوءِ ان کي ڏسي ٻين ٻه لکڻ شروع ڪيون. ان کان پوءِ اسان شارٽ اسٽوريز ۽ ناولن تي انعام ڏيڻ شروع ڪيا. اهڙي طريقي سان اسان سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ وطن جي حب ۾ ظاهر ڪرڻ واري تحريڪ هلائي. انهي تحريڪ جي اڳواڻي، شرڪت يا پيشقدمي گهڻي قدر منهنجي هئي پر حسام الدين راشدي، دائودپوٽو ۽ ٻيا ٻه مون سان گڏ هئا.

س: اوهان ڪنهن اخبار ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان ملازمت ڪئي؟

ج: ايڊيٽر جي حيثيت سان ڏِ ماهي "مهراڻ" کان سواءِ مون ڪٽي ڪر نه ڪيو.

س: "مهراڻ" هن وقت هڪ بحران جي وَر چڙهيل آهي. هڪ ته وڏي پگهار تي ٻاهريان ماڻهو رکن ٿا، جنهن سان بجيٽ جو نقصان ٿئي پيو، ٻيو ته ان کي ايڊيٽر ڪونه پيو ملي. ان مسئلي کي

اوهان کيئن ٿا ڏسو؟

ج: جيتوڻيڪ معياري رسالا شروعات ۾ هڪڙي بهتر انداز ۾ نڪرن ٿا پر وچ ۾ وري ڪمزوريون اچي وجن ٿيون. جيڪڏهن انهن کي ڪو چگو ايڊيٽر ملي ٿو وڃي ته سڌرن به ٿا يا وري ختم به ٿيو وڃن. سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" سان پڻ ساڳي صورتحال آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ان ۾ هندو به ليک لکندا هئا. "مهراڻ" کافي وقت پنهنجي معيار تي قائم رهيو. ايڊيٽر بدلجي ٿو ته ظاهر آهي ته فرق پوي ٿو. هن وقت جيڪو تازو "مهراڻ" نڪتو آهي، مون کي ڏاڍو وٺيو آهي. "مهراڻ" رسالي جو معيار تمام ٿوري وقت لاءِ گهٽيو ضرور هو، پر ان ۾ سڌارو ايندو رهيو آهي.

س: ڇا ماهي "مهراڻ" جو کڻڻ ڏور ۽ کڻڻ ايڊيٽر اوهان کي پسند آهي؟

ج: (کلندي) پسند جو جيڪو مسئلو آهي، جيئن چئجي ته شروعات ۾، پهرين مون کي ايڊيٽر نٽي ڪيائون. علامہ دائود پوٽي چيو ته آءٌ ٿو ٿيان، اسان قبول ڪيو. سائينءَ (دائودپوتي) هڪ پرچي جو ايڊيٽوريل لکيو، باقي ايڊيٽنگ ۽ مواد مون پاڻ گڏ ڪيو. عثمان علي انصاري، جيڪو ڊائريڪٽر آف پبلڪ ايڊمنسٽريشن هو، انهيءَ به همت ڪئي ته آءٌ ٿو ايڊيٽر ٿيان. پوءِ انهيءَ به هڪ دفعو هڪ شمارو ڪڍيو. شروعات کان وٺي 10 سال جيستائين اتي هيس، آءٌ ايڊيٽر رهيس، رسالي پنهنجو معيار قائم رکيو. ان کان پوءِ، نفيس احمد ناشاد واري دور ۾ به رسالي سٺو معيار قائم رکيو.

س: "مهراڻ" جا کي اهڙا شمارا آهن، جيڪي اوهان جي هٿان نڪتا هجن ۽ نوجوان نسل کي ضرور پڙهڻ گهرجن؟

ج: خاص نمبر نڪتا هئا. وڌ ۾ وڌ جيڪو سٺو ڪر ٿيو، مولوي صاحب جي دور ۾ ٿيو، جنهن جو نالو مون کان وسري ويو آهي. هو منهنجو اسسٽنٽ مقرر ٿيو هو.

*

سياست، اردو ۽ گالهائيندڙ، الڳ صوبي جي گالهه ۽ هندن جي لڏپلاڻ

س: اوهين سائين جي.ايم.سيد سان ويجها رهيا ۽ رسول بخش پليجو به اوهان جو شاگرد رهيو. پوءِ ڪهڙا سبب هئا جو اوهان جو سياست ڏانهن لاڙو نه ٿيو؟

ج: هڪ ته ترقي پسنديءَ جو سوداءُ شل نه اچي ڪنهن جي دل ۾ گهر ڪري ويهي، پوءِ اهو وڃ ئي ڪونہ ڏيندو، ٽڪڻ ئي ڪونہ ڏيندو. اهو پروگريسو ازم منهنجي دل ۾ به پيدا ٿيو. ورهاڱي جي مون جيڪا مخالفت ڪئي هئي، انهي منهنجي دل ۾ بغاوت ۽ تبديلي پسندي پيدا ڪئي، جيڪا اڃا تائين آهي ۽ هلندي رهي ٿي. تبديليءَ جو شوق ۽ ذوق، ۽ ان جو فائدو شل نه ڪنهن جي دماغ ۾ اچي، پوءِ هو پاڻ کي، جتي آهي اتي چپ ڪري ويهڻ نه ڏيندو. هو پاڻ کي تبديل ڪندو، نوان نوان خيال قبول ڪندو، ڦير گهير، سڌاري ۽ ترقيءَ جون نيون نيون تجويزون رڦيندو رهندو. جيڪي آهي سو آهي، تي هو راضي نه رهندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو استيٽسڪو ۾ ناهي ته پوءِ اهو پنهنجن پيرن ج سنگهر ٽوڙي اڇتي وڌڻ لاءِ اٿندو ۽ پنڌ ڪرڻ کار سواءِ رهندو ئي ڪونہ. قومون به ائين ئي ڪنديون آهن ته جيستائين قومي سڌارو نه اچي ۽ طاقت جو نشو نه چڙهي، اهي تبديلي به آڻيندیون ۽ اڇتي به وڌنديون. جڏهن ته قدامت پسند قوم جو حڪمران طبقو انهيءَ ارادي ۾ پکو هوندو آهي ته ماڻهن ۾ تبديلي نه اچي، رڳو اسان جي حڪماني ۽ استعمالِ غرضي ۽ استحصاليءَ وارو ڪنهن قوم جي حڪمران طبقي ۾ پيدا ٿيل آهي ته اهو ترقي دشمن ٽي پوندو ۽ پوءِ انهيءَ مان جند ڇڏائڻي پوندي.

س: سنڌ ۾ ٽلهي ليکي ٽي ڪئمپون آهن. هڪ سائين جي.ايم.سيد جي ڪئمپ، جنهن جو بنياد قومپرستي آهي. ٻئي طرف سوشلسٽ ڪئمپ هئي، جنهن جو اثر سوويت يونين ٽٽڻ کان پوءِ

گهٽجي ويو، ۽ ٽين ڪئمپ جمهوريت جي نعري واري رهي، جنهن جي اڳواڻي پٽو خاندان ڪئي. اوهان چا ٿا سمجهو ته سنڌ جي پلائي ڪهڙي ڏر جي فڪر ۾ آهي؟ چا سنڌ، پيپلز پارٽي جي وفاقي نظام واري سياسي تصور ۾ رهي ترقي ڪري سگهي ٿي يا سائين جي.ايم.سيد جي فڪر تحت مڪمل خود اختياري ملڪ سان ترقي ڪندي؟

ج: پاڪستان ۾ اڪثريت واري قوم چاهي ٿي ته ان جو اقتدار ۽ اختيار قائم رهي. جڏهن ته مظلوم قومن مان ڪي ماڻهو نجات چاهين ٿا ۽ تبديلي گهرن ٿا. سنڌ بابت هڪڙا ماڻهو چاهين ٿا ته سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن رهي. اسين جتي آهيون، اتي خوش آهيون ۽ ٻيا پنهنجي حالت مان خوش ناهن، ناراض آهن، مطمئن ناهن، ۽ اهي چاهين ٿا ته اسين پنهنجي حالت سڌاريون. جيستائين اهي ٻه حالتون يعني تبديليءَ کي روڪڻ ۽ تبديليءَ کي چاهڻ، موجود آهن ته پوءِ تبديليءَ جو عمل رڪبو يا هلندو، يا ٻئي ڳالهيون گڏ ٻه هلنديون. ڪا تبديلي آهستگيءَ سان ٿيندي آهي ته ڪا انقلابي انداز سان وڏيڪ تڪڙي ۽ بنيادي ٿيندي آهي. ڪي چاهيندا آهن ته تبديلي پلي اچي پر آهستگيءَ سان، مرحليوار نموني اچي. جڏهن ته آهستگيءَ سان مرحليوار تبديلي ۽ ترقي پسنديءَ واري اوچتي تبديليءَ ۾ وڏو ٽڪر آهي. ترقي پسنديءَ واري اوچتي تبديليءَ کي چاهڻ وارا غريب آهن. محروم ۽ مظلوم طبقي وارا آهن. ڳالهه جتي هجي، ان کي اتي قائم رکڻ جي عمل ۾ زميندار ۽ شاهوڪار ۽ پير مريد شامل آهن. جيئن آءٌ وڏيرپ، سڳورپ ۽ ڪامورپ وارا اصطلاح استعمال ڪندو آهيان. وڏيرو پنهنجي طبقاتي برتريءَ جو قائل آهي، سڳورپ يعني پيري مريدي، مُلو، مولوي اهي سڳورا آهن ۽ وڏيرپ جا مددگار آهن. ٻيا ڪامورا ڳهاردار آهن، جيڪي پگهار ٿي انهيءَ (وڏيري) جي هٿان کٽن ٿا. اهي ٽيئي گروهه، صورتحال ۾ تبديلي نٿا چاهين، جڏهن ته باقي ماڻهو انهن ٽنهي ڳالهين کان ڏار آهن. پوءِ ائين ٿيندو آهي ته دنيا ۾ جڏهن به ڪا تبديلي ايندي آهي ته حاڪر طبقي، وچولي طبقي ۽ عام ماڻهن منجهان ڪي ماڻهو پيدا ٿي اڳيان ايندا آهن. حاڪر طبقي منجهان ٿورڙا، وچولي طبقي مان ان کان وڏيڪ بهتر ۽ عوام مان اڪثريت. اهڙيءَ طرح طبقاتي برتري ۽ طبقاتي برتريءَ کان نجات جو پاڻ ۾ ٽڪر آهي. چوندا آهن ته "جنڊ ڪيندي سسئي" سو هاڻي سسئيءَ کي جيڪڏهن جنڊ کاهڻو پيو آهي ته پلي پئي کاهي. باقي جيڪڏهن انهيءَ کان بچي سگهي ته پوءِ اٿي ٿي ۽ پنهنجا حق گهري ٿي، پنهنجي مقصد جي لاءِ پاڻ ڪوشش ڪري ٿي، پنهل لاءِ دوڙي ٿي، پوءِ لطيف جي چواڻي:

پيرين پير پرڪٽا، رهه ۾ رت رنوم،
پاراتو پرينءَ کي، تپي تان نه ڏنوم،
چُڪي ٿي چيوم، سو اهَڙو سڃٽين.

س: الڳ صوبي واري مطالبي جي پويان بنيادي مقصد ڪهڙو آهي؟ ڪا سنجيده رٽابندي آهي يا حڪمرانن جي ڪا چال آهي يا ٻي ڳالهه آهي؟

ج: انهيءَ ۾ ڏسڻو اهو آهي ته نئين صوبي جي سلسلي ۾ چاهت ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي. باقي جيڪي ماڻهو ان ۾ ملوث آهن سي ته پنهنجي بچاءَ ۾ ڪهڙيون به ڳالهيون ڪن. پر اسان کي ڏسڻو آهي ته سنڌ ۾ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجو مفاد الڳ صوبو قائم ڪرڻ ۾ سمجهن ٿا، ۽ ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي انهن جي خلاف ٿي سگهن ٿا. ظاهر آهي ته اردو ڳالهائيندڙ طبقو، جيڪو زورا زوري قبضاگير ٿيو ويٺو آهي، تنهن جو مفادُ خاص طرح شهرن ۾ آهي. هو چاهين ٿا ته سندن اهو اثر ۽ سندن ٻولي قائم رهي. معنيٰ ٻي ٻولي ختم ٿئي. جيڪڏهن ٻي ٻوليءَ کي قبول ڪرڻ ۽ برداشت ڪرڻ جو مادو هجين ته ٽڪر ٿئي ئي ڪونه. هنن کي ڪپي "آزادي" جيڪا هو ولي چڪا آهن. شهرن جا اردو آبادي، وارا ماڻهو جيتري قدر اڄ آزاد ۽ خوشحال آهن، ايتري قدر سنڌي خوش ۽ آزاد

ناهن. هو (اردو طبقي وارا) تنهن هوندي به وڏيڪ حڪمراني قائم رکڻ گهرن ٿا. انڪري اهو ٻن طبقن جي وچ ۾ ٽڪر آهي. اهي سڄي سنڌ تي قابض ٿيڻ گهرن ٿا، پر انڪري مجبور آهن جو اڪثريت سنڌين جي آهي. جيستائين اڪثريت ۽ اقليت جي ڳالهه آهي ته اها اقليت چاهي ٿي ته اڪثريت جو زور ختم ٿئي، تنهنڪري اقليت اردو دان طبقي وارا چاهين ٿا ته سنڌ تي سنڌن قبضو هجي. هي سمورو معاملو غلاميءَ ۽ حاڪميت جي وچ ۾ ٽڪر جو معاملو آهي.

س: چا ذوالفقار آباد رٽا به ان سلسلي جي ڪڙي آهي؟

ج: اوهان ڪراچيءَ کان نڪرندؤ ته مين روڊ (سپر هاءِ وي) تي "ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي" جا بورڊ لڳل نظر ايندا يا وري اهڙي طرح بحريه ٽائون به آهي. انهيءَ کي چئبو آهي لينڊ مافيا ذوالفقار آباد به انهن جي آهي. جيڪي سنڌي ماڻهن جا حاڪر ٿيو وينا آهن سي اصل ۾ دشمن آهن. پيپلز پارٽيءَ جهڙو دشمن سنڌي قوم جو نه اڳي ڪڏهن ٿيو، نه وري ڪو ٿيندو. اهي دشمن لينڊ مافيا ۾ شامل آهن. لينڊ مافيا جو اصول آهي ته زمين ڪيئن ڦهائجي، زمين سستي هٿ ڪري، ان کي ترقي ڏئي، ڏهين روپئي بدران ٻن هزار روپين ۾ وڪڻجي. ساڳي طرح ذوالفقار آباد به هڪ وڏو منصوبو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي هيڇي ۽ بکي قيادت، جن کي ڪروڙين روپيا هجن ته به چوندا اربين روپيا هجن، انهن جي سنڌ جي زمينن تي اک آهي. هنن انهيءَ منصوبي جو نالو "ذوالفقار آباد" رکيو آهي. پهريان شروع ڪيائون بينظير آباد، انهي ۾ خواري ٿين ۽ ڪجهه نه ڪري سگهيا. اهي سيئي انهيءَ لينڊ مافيا جا ماڻهو آهن، جيڪي ذوالفقار آباد جي نالي ۾ پندرهن ويهه لک ايڪڙ زمين هٿ ڪري، ان کي بهتر ڪري، پنهنجو وڏو حصو رکي، پوءِ ڏهن روپين بدران ڏهن هزارن ۾ وڪڻڻ گهرن ٿا. ذوالفقار آباد دراصل لينڊ مافيا جو منصوبو آهي. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته دنيا جو ڪهڙو ملڪ آهي، جيڪو ڏارئي ملڪ جي ماڻهن کي چوي ته اچي ڪالوني ناهيو. چو چين اچي؟ چين چاجي لاءِ اسان جو دوست ٿي پيو؟ جيڪو چين سوشلزم جي ڳالهه ڪري سا اوهان کي قبول ناهي، باقي هوننئن اسان جو دوست آهي!

هر ڪنن ڏنو هوندو ته زرداري جڏهن اقتدار سنڀاليو ته ان وقت هن ذوالفقار آباد جي ڳالهه ڪئي. پوءِ هن اها ڳالهه بند ڪري، پنهنجا ماڻهو هٽ ڪيا، جن مان هُن هڪڙي کي ڊائريڪٽر ۽ ٻين کي ٻين عهدن تي مقرر ڪيو. ٽن سالن کان پوءِ هاڻي جڏهن لهڻ وارو ٿيو آهي ته ذوالفقار آباد منظور ڪرائڻ ۽ انهيءَ ۾ چين جو نالو شامل ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، پر چين هنن کي ڪنگهي به ڪونه. چين وارا چوندا ته "هي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي ملڪ جي زمين اسان کي ٽا آڇين! هي اسان وٽ اچن ته ڪين ڏوڙائي ڪيون. اجايو اسان جو نالو ٽا بدنام ڪن." سو هي منصوبو حڪمران طبقي پنهنجي مفاد لاءِ جوڙيو آهي.

س: اوهان ڪجهه ديرِ اڳ جيئن چيو ته ٻنهي پاسي حڪمران ٽولا آهن، جن جا مفاد آهن. اسان جو سوال اردو آبادي‌ءَ جي حوالي سان آهي، جيڪا سنڌ جي مستقل آبادي ٿي وئي آهي. چا اها انهن منصوبن تي اثر انداز نه ٿي آهي؟

ج: انهن جا ماڻهو آهن، حڪمران ٽولي ۾، پيپلز پارٽي اردوءَ واري ٽولي جي ساٿاري آهي. ماحول اهڙو رکيو اٿن ته "طاقت ۾ اسين هجون ۽ خوشفهمي فقط سنڌين کي هجي."

س: ٻنهي پاسي عام ماڻهن جو ڪهڙو رايو آهي؟

ج: عام خلق، ٻنهي پاسي هنن جي ناهي.

س: سائين، اتر سنڌ مان هندو وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ڪري انديا وڃي رهيا آهن. ان عمل کي روڪڻ لاءِ حڪومت جوڳا قدم کڻندي نظر نٿي اچي. هاڻي چا ٿيڻ گهرجي؟

ج: مخالف ڏر جون پارٽيون مثال طور جلال محمود شاهه وارا، هنن جي لڏپلاڻ ۾ خوش ناهن، بلڪ انهن کي روڪڻ گهرن ٿا. اها لڏپلاڻ به هڪ جنگ جو حصو آهي، جنهن ۾ پيپلز پارٽي هڪڙي

پاسي آهي، جيڪا ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر کان وٺي اسان جي مفاد ۾ ناهي. ڇو ته اها قومپرست نه پر وفاق پرست پارٽي آهي پر سنڌي ماڻهن کي پنهنجي نعريبازيءَ ۽ ڏيک ويک ۾ جڪڙي وئي آهي. اهو ڏيک ويک اجا زرداريءَ کي ڪم اچي پيو. ياد رکڻ گهرجي ته پيپلز پارٽيءَ ۾ وڏيرن جو زور آهي ۽ وڏيرو اسان جي ماڻهن تي اجا ظلم ڪيو وينو آهي. اهي (وڏيرا) عام ماڻهن کان زوريءَ ووٽ وٺي، پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪن ٿا.

س: انهن وڏيرن مان جان ڪيئن ڇڏندي؟

ج: جڏهن انقلاب ايندو.

س: انقلاب ڪير آڻيندو؟

ج: انقلاب هاري آڻين، عوام آڻي، عوامي جماعتون ماڻهن ووٽ وجن، خلق خدا ووٽ وجن. اهي سڀ جا سڀ وڏيرن ووٽ وڪاڻيل ناهن. وڏيرن ووٽ غلام (موجود) آهن، وٽن پوليس آهي، ۽ عام سنڌي ماڻهن پوليس ۽ وڏيرن کان ڊجي ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن چوندڙ ڪٽڻي آهي ته پيپلز پارٽيءَ کي ڏڪا ڏئي ٻاهر ڪيو. جيستائين اها موجود آهي تيستائين سنڌ جا مفاد متاثر ٿيندا رهندا.

*

تازي صورتحال، چوندڙن ۽ قومپرستن جو ڪردار

س: هن وقت صورتحال ۾ تبديلي اچي رهي آهي جو هتان جا قومپرست مسلم ليگ ڏانهن وڃي رهيا آهن؟

ج: اسي چاهيون ٿا ته ايندڙ چوندن ۾ نالائق پ پ ناڪام ٿئي.

س: جيڪڏهن نواز شريف آيو ته پوءِ؟

ج: جيڪڏهن نواز شريف هنن نالائقن سان گڏ نٽو بيهي ته پوءِ اسان کي قبول آهي. حال في الحال ته اسان هنن کي سندن حيثيت ته ڏيکاريون. ذاتي طور آءٌ سمجهان ٿو ته اهو ڪو صحيح رستو ناهي. سياسي لحاظ سان به اهو غلط طريقو آهي پر ماڻهو اهڙو قدم کڻڻ لاءِ به مجبور ٿي پون ٿا.

س: قومپرستن جي پارليماني سياست کان پري رهڻ ۾ سنڌ کي فائدو پهتو آهي يا نقصان؟

ج: ظاهر آهي نقصان پهتو آهي، ڪو فائدو نه پهتو آهي، چاڪاڻ ته هنن جارحاڻي سياست ڪئي آهي. ايگريسو پاليٽڪس معنيٰ ايڪٽو پاليٽڪس. جي.ايم.سيد جو پاڻ اهو خيال هو ته "مون کي ڪير ٻڌي ڪونه ٿو، تنهنڪري آءٌ اهو رستو اختيار ٿو ڪريان." انهيءَ دؤر ۾، اهو هڪڙو طريقي ڪار هو. هاڻي اهو زمانو گذري ويو پر جي.ايم.سيد جا پوئلڳ اجا تائين چوندا رهن ٿا ته "اسين ڊفينس ۾ رهنداسين، چوندن ۾ نه بيهنداسين. ماڻهن ڏانهن (ووٽ لاءِ) نه ويندا سين." اڙي! اوهان ماڻهن وٽ وجو ته سهي. زميندارن کي پنهنجي ڳالهه تي بيهاريو، سندن ڪمدارن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪريو، سياست ڪريو. ڪوشش ڪريو ته پيپلز پارٽي ناڪام ٿئي ۽ ان کان نجات ملي. باقي گهر وينِي ڳالهيون ڪرڻ سان ڪم نه ٿيندو. جي.ايم.سيد جي سياست هاڻي ناڪام آهي، اسان کي قبول ناهي پر ان جو مقصد اسان کي قبول آهي. جي.ايم.سيد جنهن مقصد جي ڳالهه ڪئي آهي، اهو قبول آهي. سندس طريقي ڪار ۽ حڪمت، جيڪا ان وقت مطابق هئي، هاڻي قومپرستن کي اها بدلائڻ گهرجي. هيءُ موقعو آهي ته هو هڪدم ميدان ۾ نڪري پون ۽ پيپلز پارٽيءَ کي ڪيرائي وجهن. ان لاءِ هو ماڻهن وٽ وجن ۽ پ پ مخالف زميندار طبقي کي پنهنجو ڪن. چاڪاڻ ته هيءَ جنگ آهي، جيڪا ڪين ڪٽڻي آهي يا هارائڻي آهي.

س: هوڏ ۽ هين سببن جي ڪري شهرن ڏانهن لڏپلاڻ وڌي آهي. ڇا قومپرست پارٽين ۾ ايتري صلاحيت آهي جو اهي ماڻهن کي منظم ڪن ۽ ڪانئن ووٽ وٺن؟

ج: وڏا شهر ته حيدرآباد ۽ ڪراچي آهن. جيڪڏهن اوهان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ووٽ تي اثر انداز ٿي سگهو ٿا ته اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪريو. جيڪي ماڻهو اچي شهرن ۾ وينا آهن، انهن کي پنهنجو ڪريو ته چوندن ۾ وڌيڪ تڪ

اوهان جي پاسي اچن. پنهنجا وڌ ۾ وڌ ميمبر شهرن مان آڻيو.

س: پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ هيءَ جيڪا بي چٽي ذڪر هيٺ آئي آهي، اوهان چا ٿا سمجهو ته ان کي عام ماڻهو ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ چا ان جا چونڊ تي اثر پوندا؟

ج: پوڻ گهرجن، جو ته پيپلز پارٽيءَ پاڻ کي گهٽو وائکو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اهڙي صورتحال باوجود سنڌي ماڻهو پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڏين ٿا ته کين حيف هجي، صد حيف هجي! پر هو (حڪمران) زميندار طبقي تي پاڙين ٿا. کين پتو آهي ته ووٽ وڏيرن جا آهن ۽ وڏيرا سندن قبضي ۾ آهن. پ پ وارا سمجهن ٿا ته هو وري به سنڌي ماڻهن جا حق ماري، سنڌي قوم کي ختم ڪري، سنڌي قوم جي بنيادي مفادن کي تين وال ڪري، ڪامياب ٿيندا ۽ بچي ويندا.

*

سنڌ جو آئيندو

س: اوهان کي سنڌ جو مستقبل ڪيئن ٿو نظر اچي؟

ج: سنڌ جي مستقبل ۾ جيڪڏهن مون کي ايمان نه هجي ته آءٌ جيئان ڇو؟ سنڌ جو مستقبل تمام روشن آهي ۽ اهو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪندڙ طبقي، هاري ۽ مزدور طبقي تي مدار رکي ٿو.

س: اوهان سموري ويهين صديءَ کي اکين سان ڏنو آهي. هاڻي اوهان جون خواهشون ڪهڙيون آهن؟ سنڌ کي ڪيئن ڏسڻ چاهيو ٿا؟ سنڌ جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خواب آهي؟

ج: پهرين پهرين ڳالهه ته آءٌ چاهيان ٿو ته منهنجو وطن آزاد ٿئي. معنيٰ سنڌي قوم جي آزادي. سنڌ ۾ جيڪي رهڻ وارا آهن ۽ پاڻ کي دليان جانيان سنڌي سمجهن ٿا ته آءٌ به انهن کي دليان جانيان سنڌي سمجهان ٿو. جيڪڏهن اتفاق سان کو ماڻهو انهيءَ ۾ خدشا رکي ٿو ۽ انهيءَ ۾ ڪجهه گهٽ وڌايون ڪري ٿو ته آءٌ چاهيندس ته هو گهٽ وڌايون پلي ڪري پر جيستائين هو اسان جا آهن، اوستائين اسان کي کين پنهنجو ڪرڻ گهرجي. جيڪي به ماڻهو سنڌ ۾ رهن ٿا، پاڻ کي سنڌي سڏرائين ٿا، انهن کي سنڌي سمجهجي. اوهان کي عجب لڳندو ته آءٌ پهريون سنڌي ماڻهو آهيان، جنهن جي جيون ڪٿا هڪ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي سيد مظهر جميل اردوءَ ۾ لکي آهي. ان جي معنيٰ تي اردو ڳالهائڻ وارا سيئي هڪجهڙا نه آهن. جيڪڏهن کين دوست سمجهبو ته فائدو پوندو.

ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ جي ڪنڊ تي هڪ ميڊيڪل هال آهي، جتي اسان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ڏيڍ به سال گڏجاڻيون ڪيون ۽ پوءِ گڏيل پيغام ناهيوسين، جيڪو اردو، سنڌي ۽ بنگاليءَ ۾ چپيو. جنهن جو مقصد باهمي تعاون هو. ان ۾ ايم.ڪيو.ايم وارا به گڏ هئا. اوهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته ايم.ڪيو.ايم جو نالو اسان تبديل ڪرايو. اسان چيو ته اوهان مهاجر قومي موومينٽ کي بدلائي عوامي موومينٽ يا متحده يا ڪو ٻيو نالو رکو. پوءِ هنن اسان جي چوڻ تي نالو تبديل ڪيو.

*

سنڌ ۽ قدرتي آفتون

س: سنڌ ۾ ڪجهه سالن کان ٻوڏون، برساتون، سوڪهڙو، ڏڪار وغيره جهڙيون قدرتي آفتون آيون آهن ۽ مستقبل ۾ اڃا به اهڙين آفتن جون اڳڪٿيون ٿي رهيون آهن. اهڙي حالت کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان سنڌي ماڻهن ۾ ڪيتري سگهه آهي؟

ج: سنڌي معاشرو به اسان جي سڄي آسري جو بنياد آهي، پر گهٽو دارومدار سياسي جماعتن تي آهي، جن ۾ آءٌ پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ کي سنڌي قوم جو دشمن نمبر- ون پارٽيون سمجهان ٿو. آءٌ ڪڏهن به مسلم ليگ ۾ شامل نه ٿيس. مون مسلم ليگ خلاف 'سيو سنڌ، سيو دي ڪانٽينينٽ' ڪتاب لکيو. منهنجو اهو ڪتاب هاڻي انگريزيءَ ۾ ۽ سنڌي ترجمي سان گڏ چپجندو، جيڪو ضرور پڙهجو. مون کي مسلم

ليگ کان نفرت آهي.ا ن کي نفرت ته نه پر سياسي اختلاف ڇئجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. سائين جي.ايم.سيد واري عادت مون ۾ به پئي آهي (کلندي) ڪڏهن ڪڏهن ٻڌيهي گڏ ڪري، ڏند پيهي ڳالهائڻ، پيپلز پارٽي اسان جي پهريون نمبر دشمن آهي، جنهن شروعات کان وٺي سمورا ڪم سنڌ جي خلاف ڪيا آهن. هن وقت جيڪڏهن ڪا سياسي پارٽي مون کي وٺي ٿي ته اها جلال محمود شاهه جي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي آهي. اوهان کي اهو ٻڌي عجب لڳندو ته جي.ايم.سيد پهرين پهرين جيڪا پارٽي ناهي، ان جو نالو "سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي" هو. اڄ انهيءَ جي پوٽي جلال محمود شاهه ان جو نالو رکيو آهي.

س: اوهان ڳالهه پئي ڪئي ته اهو سياسي پارٽين جي سگهه تي دارومدار ٿو رکي ته اهي بحرانن جي ور چڙهيل سنڌي معاشري جي ڪيئن قيادت ڪن ٿيون؟

ج: ها، پر بدقسمتيءَ سان پارٽيون فقط مٿئين طبقي جي ماڻهن جون آهن. هر پارٽيءَ جا خالق شاهوڪار، زميندار ۽ پئسي وارا ماڻهو آهن، جنهنڪري اهي قوم جون نمائنده پارٽيون نه پر حڪمران طبقي جون پارٽيون آهن. پيپلز پارٽي سنڌ جي زميندارن جي پارٽي آهي ۽ زميندار طبقي کان جيڪڏهن سنڌي قوم کي نجات ملندي ته ان جو هڪ قدم انساني سڌاري جي ڏاڪڻ تي اڇڻي وڌندو. ان کان سواءِ شاهوڪار سرمائيدار آهن. منهنجو سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان، ۽ پوءِ سائين جي.ايم.سيد مسلم ليگ کان پوءِ جيڪا "سنڌ پيپلز پارٽي" ناهي هئي، انهيءَ سان واسطو رهيو. ان پارٽيءَ جو نالو پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي کي هٿ آيو. ان جو نالو ته پيپلز پارٽي آهي پر حقيقت ۾ اها اينٽي پيپلز پارٽي آهي. ڀٽي جي ڏيءُ پنهنجي زندگيءَ جي مختصر عرصي ۾ عوام ڏانهن رخ رکيو پر ان کي موقعو نه مليو.

*

وڏندڙ بنياد پرستي

س: سنڌ اندر وڌندڙ مذهبي عنصر ترقيءَ جي عمل ۾ ڪيتري قدر رندڪ بڻجي رهيو آهي؟

ج: مذهب ترقيءَ جي آڏو اڄ وڏي ۾ وڏي رندڪ آهي. سياست ۽ مذهب جيستائين پاڻ ۾ گڏ آهن، تيستائين ترقي رکيل ۽ بينل آهي. سياست کي مذهب کان ڌار ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت سياست مذهب سان گڏ هلي رهي آهي. يورپ، فرينچ انقلاب کان پوءِ رڳو انڪري سڌريو ۽ تبديل ٿيو جو هن (يورپ) انهيءَ ڳالهه مان سبق پرائي ورتو ته مذهب کي سياست کان ڌار ڪيو وڃي، ۽ پوپ يا پاپائيت جي حڪمرانَ واري درجي کي ڏڪ لڳي ۽ ماڻهو انهيءَ جي بندش کان آزاد ٿي سياست ۾ اڳتي وڌن.

قومپرستي يورپ جي پيداوار آهي. فرينچ انقلاب کان پوءِ هر هولي‌ءَ جي ڳالهائيندڙ پاڻ کي قوم سمجهيو. ان کان اڳ ۾ جرمن، پولش، فرينچ، رشين، اسپينش ۽ پورچوگال قومون نه هيون، شهنشاهتون هيون، جن ۾ قومن کي غلام رکيو ويو. شهنشاهت ختر ٿيڻ بعد قومپرستي شروع ٿي، ۽ پوءِ جمهوريت آئي، جيڪا قومپرستيءَ جي پيداوار آهي. حڪمران طبقي کان جيترو بچجي ايترو چگو آهي. جيڪڏهن اهو (حڪمران طبقو) اوهان تي قابض رهيو ته اوهان جي ترقيءَ آڏو رندڪ بڻيل رهندو. انڪري حڪمران طبقي جي جاءِ پورهيت ۽ وچولي طبقي کي وٺڻ گهرجي. انهيءَ جي لاءِ وڏي ۾ وڏو مثال سوويت يونين جي، خلاف سمورو آمريڪا اٿي بيٺو، ۽ سرمائيداري نظام وارا، انگلينڊ ۽ فرانس وارا، اٿي بيٺا. اڄ دنيا جي قومن ۾ ترقي نه اچڻ جو ذمو آمريڪا ڪنيو بيٺي آهي. جمهوريت وارا ٿي جمهوريت جو قتل ڪن ٿا. شاهوڪار طبقو ووٽ وٺي طاقت ۾ اچي ٿو. جيستائين وچولو ۽ محنت ڪندڙ طبقو اڳتي وڌي، حڪمرانيءَ جو درجو حاصل نه ڪندو، تيستائين قوم نه سڌرندي.

س: سنڌ ۾ مذهبي رواداري ۽ عدم فرقيواريت وارو

ڪلچر رهيو آهي پر هاڻي مذهبي شدت وڌي رهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هندو نارين کي زوريءَ مسلمان ڪيو ٿو وڃي. سڪر ڊويزن مان هندن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي رهي آهي. اهڙين تڪليفن مان جان ڪيئن ڇڏائي سگهجي ٿي؟

ج: جيئن مون ٻڌايو ته منهنجي ڪتاب جو سڄو نالو ئي 'سيو سنڌ، سيو دي ڪاسٽيننٽ فرامدي فيوڊل لارڊس، ڪيپيٽلسٽس اينڊ ديئر ڪميونزلمس' آهي. سنڌ کي زمينداران، سرمائيدارن ۽ سندن فرقيواريت کان بچايو. هي جيڪو هندستان کي ورهايو ويو، اهو به انهيءَ لاءِ پنهنجي سماج کي سوشلزم ۽ پروگريسو ازم کان ڪيئن بچايون، پر سماج جتي هو، اتي ئي بينو آهي. شاهوڪار شاهوڪاريءَ ۾، غريب غربت ۾، ۽ مسڪين مسڪينيءَ ۾ رهي ٿو، بکيو بکيو رهي ٿو، پيٽ ڀائو پيٽ ڀائو رهي ٿو، بلڪ اوڳرايون ڏئي ۽ اڻيون ڪري ٿو! انسان ذات ۾ ان حد تائين اڻ برابري قائم آهي. اهو فقط انڪري آهي جو حڪمرانُ طبقو شاهوڪار آهي. اسان وٽ زميناري اڃا به قائم آهي. يورپ ۾ فرينچ انقلاب آيو ئي انهي ڪري هو ته جاگيرداري نظام ختم ٿئي. جاگيرداري نظام کان پوءِ هنن سرمائيدارن نظام کي هٿي ڏني. هاڻي سرمائيداري نظام يورپ ۾ ته قائم آهي، جتي جاگيرداري ختم ڪري ڇڏيائون، پر اها (سرمائيداري) اسان ڪمزور قومن جي لاءِ مصيبتن جو سبب بڻي بيٺي آهي. آمريڪا نٿو چاهي ته پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ ڪو انقلاب اچي ۽ هتي حڪمران جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقو تبديل ٿئي ۽ عوامي حڪومت قائم ٿئي. هو تبديليءَ جون ڳالهيون ڪندا پر عملي طرح سان جاگيردارن جي مدد ڪندا. هندستان ۾ هڪ طرح سان نيشنل ڪانگريس جي حڪومت اڏوگابري ترقي پسنديءَ ۽ جدت پسنديءَ ۾ ويساهه رکي ٿي، پر اسان جي حڪومت چاهي ٿي ته جتي اڄي هئاسون، اتي ئي هجون، ۽ ان مقصد لاءِ مذهب کي به استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪوبه مذهب جيستائين سڌاري ڏانهن مائل هوندو، تيستائين قابل قبول هوندو آهي. هر مذهب سڌاري جو دؤر مڪمل ڪري ٿو. جيڪو به سماجي سرشتو پنهنجي ترقي ڪرڻ واري قوت وڃائي ويهندو، انهيءَ جڙ ته پنهنجو دؤر ختم ڪيو. مفاد پرست ماڻهو مدي خارج ٿي ويل سماجي سرشتي کي قائم رکڻ گهرندو آهي ته جيئن ان جا مفاد قائم رهن. شاهوڪار پنهنجي شاهوڪاري، زميندار، زميناري ۽ جاگيردار جاگيرداريءَ کي قائم رکڻ گهري ٿو. جڏهن ته هاري گهري ٿو ته مون کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري ته زمين ڏيو جو آءٌ پاڻ کيڙيان ۽ کاوان، ته ڪيس جواب ڏنو ويندو ته "مذهب ۾ زميناري ختم ڪرڻ جائز ناهي." دراصل، مذهب جيڪو ڪارج ادا ڪري رهيو آهي سو آهي ته جيڪو جتي آهي، اهو اتي ئي هجي، جنهن کي اسٽيٽسڪو يعني "موجود سدا موجود" چئجي ٿو. هو چوندا ته الله کي به سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪريو، ائين ڪندؤ ته معنيٰ اوهان جو الله ۾ ايمان گهٽجي ويو. جڏهن ته الله جي باري ۾ ماڻهن کي اختيار حاصل آهي ته ويچار ڪن ته قدرت ڪيئن ٿي هلي. جيڪڏهن نيچر کي قدرت چئو ٿا ته اسان جي اکين تي، باقي جيڪڏهن ائين چئو ته نيچر چُپ آهي، وڻ وڻ آهي، پکي پکي آهي ۽ جيئن پکي اڏامن ٿا تيئن اوهان ڊوڙندا رهو موٽر پيدا نه ڪريون، هوائي جهاز پيدا نه ڪريون، مٿي اڏامڻ جي ڪوشش نه ڪريون، ته پوءِ اها ڳالهه اسان کي قبول نه آهي. اهي چاهين ٿا ته ترقي پسندي ختم ۽ رجعت پسندي قائم ٿئي. اسلام کان سواءِ ٻين مذهبن جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي مذهب لاءِ ڪو نٿا ڪڙهن جيترو مسلمان ڪڙهن ٿا. اسين اصولن جي ڳالهه ڪنداسين ته چوندا ته اهو زمانو ٻيو هو ۽ هي زمانو ٻيو آهي. هزار دليل ڪيڊي وٺندا. جيڪڏهن اسلام جي نالي ۾ ڪا تبديلي گهرندؤ ته اها به قابلِ قبول نه آهي. اسلام اهو مجيندا جيڪو مُلان ٿا چون. جيڪي پاڻ عمل نٿا ڪن، پر ٻين تي زور پريندا رهن ٿا.

ملان اسلام جا نيڪيدار ۽ محافظ آهن! اڙي، اسلام کي وَڌايو ۽ ان جي بهتري اجاگر ڪريو. اسلام خود بہ تبديلي گهري ٿو، ماڻهن جي تبديلي گهري ٿو. سماج جا رسم ۽ رواج بدلايو، نوان آڻيو، پاڻ کي تبديل ڪريو.

*

سنڌي ميڊيا جو ڪردار

س: اوهان سنڌي ميڊيا جي ڪردار تي ڪهڙو تبصرو ڪندا؟

ج: اوهان کي عجب لڳندو تہ آءٌ خواب لهندو هيس تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ "ڊان" يا "جنگ" اخبار جي معيار جهڙيون اخبارون نڪرن ٿيون. ان زماني ۾ "الوحيد" هوندي هئي سا بند ٿي وئي. ان کان سواءِ "سنسار سماچار" ۽ "هندو اخبار" پڻ هوندي هئي. "الوحيد" ۾ تڏهن مون اڪائونٽس ڪلارڪ طور ڪم ڪيو، چو تہ آءٌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو هيس ۽ مون کي پئسن جي ضرورت هئي.

س: تڏهن ان جو ايڊيٽر ڪير هو؟

ج: دين محمد وفائي.

س: پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ دوران جن مسئلن جو ذڪر ڪري آيا آهيو، انهن کي اجاگر ڪرڻ ۾ سنڌي ميڊيا جو ڪردار ڪيتري قدر رهيو آهي؟

ج: سنڌي اخباري دنيا اسان جي فائدي ۾ آهي. "عبرت"، "ڪاوش"، "عوامي آواز" ۽ ٻيون سنڌي اخبارون سنڌ جي عوام جي فائدي ۾ آهن. اخبارن جو ايڊيٽوريل اسٽاف يا اخبارن جا مالڪ سنڌ جي مفاد ۾ ڪم ڪن ٿا.

س: ڇا سنڌي ميڊيا اسان جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جي حوالي سان گهربل ڪردار ادا ڪري رهي آهي؟

ج: سنڌي ميڊيا سنڌ جي پلائيءَ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، اهو ڪافي فائدو وارو ۽ خوشي ڏيندڙ آهي. ڪابہ اخبار سنڌي قوم جي نقصان ۾ نہ آهي.

*

شخصيتن جا اثر

س: اوهان تي ڪهڙين شخصيتن جا اثر آهن؟

ج: منهنجو پهريون استاد ٽيڪن مل هو، پوءِ سائين محمد صالح ڀگهيو ۽ سائين پرسرام، هيڊ ماستر سن اسڪول. اتي ٻيا الاهي ماستر هئا، جهڙوڪ: حسين فيض احمد ۽ سندس ٻيو پاءُ حامد احمد، جيڪو سائين جي.ايم.سيد جو استاد هو. ڪاليج ۾ منهنجا استاد هئا ايم.يو ملڪاڻي، جي.ايم جهانگياڻي، ايس.ايم اجواڻي ۽ ايم.بي پوتاڻي، جن سڀني مون تي وڏا اثر ڇڏيا.

س: ادب، سياست ۽ قومپرستيءَ ۾ ڪهڙين شخصيتن کان متاثر رهيا آهيو؟

ج: منهنجو وڏي ۾ وڏو استاد جي.ايم.سيد هو، جنهن کي آءٌ پنهنجو روحاني پير سمجهندو ۽ مڃيندو آهيان. سائين مون تي وڏو مهربان رهيو. هڪ پيري، منهنجو ڏاڏو سن ويو، جتي اسان جا عزيز دوست جي.ايم.سيد جي پاسي ۾ رهندا هئا. سائين جي.ايم.سيد منهنجي ڏاڏي کي منهنجي داخلا لاءِ چيو هو. جنهن کان پوءِ آءٌ سن جي اسڪول ۾ داخل ٿيس. سائين ان کان اڳ منهنجو واقف ڪونہ هو.

س: ايم.اين.راءِ کان بہ اوهان متاثر رهيا؟

ج: منهنجو پهريون استاد ٽيو سائين جي.ايم.سيد، جنهن کان پوءِ ايم.اين.راءِ منهنجو استاد ٽيو. ايم.اين.راءِ سان رڳو هڪ پيرو مليس. اها هڪ ملاقات ئي ڪافي هئي. ٻيو منهنجو استاد ٻتراڻي هو، جيڪو سنڌي هو ۽ بمبئيءَ ۾ رهندو هو ۽ بمبئي ۾ منهنجي استادياڻي پروفيسر پنن ديڪر جي شخصيتن بہ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

س: سائين جي.ايم.سيد سڃي عمر اڇي رنگ جا ڪپڙا پائيندا هئا. بقول سيد جي تہ اها عادت ڪيس مهاتما گانڌيءَ کان پئي هئي. اوهان ڪڏهن کان اڇا ڪپڙا پهرڻ شروع ڪيا ۽ ان حوالي اوهان تي ڪنهن جو اثر پئي رهيو آهي؟

ج: خبر ناهي چو، پر آءٌ جڏهن مدرسي ۾ ماستر هيس تہ اسان کي سوٽ بوٽ پائڻو پوندو هو. تڏهن

مون جيڪي پتلونون ٺهرايون هيون سي به اڇي رنگ جون هيون. ها مون کي ياد آيو ته منهنجو دوست استاد ٽيڪن مل سدائين اڇا ڪپڙا پائيندو هو ۽ آءٌ به ان کان متاثر ٿي، اڇا ڪپڑا پائڻ لڳس. ننڍي هوندي کان وٺي، مون کي ياد به ناهي ته مون ڪڏهن ڪا رنگين قميص به پاتي هجي، هميشہ اڇي شلوار، اڇي قميص.

*

شوق ۽ دلچسپيون

س: اوهان کي گهمڻ ڦرڻ جو شوق رهيو؟

ج: آءٌ پنڌ جو تمام گهڻو شوقين رهيو آهيان. ڳوٺ آباد ۾ اسڪول هوندو هو، جنهن کان پوءِ درياءَ پائي ويو. ان کان پوءِ اسين شاگرد باقاعده ٽي ميل پري لڪيءَ واري اسڪول داخل ٿياسين. روز صبح جو پنڌ ئي پنڌ ويندا هئاسين. ماني پڻ ڪٽي ويندا هئاسين، ڪو بصر هڙ ۾ ٻڌي هلندو هو ته ڪو ٻيو ڪجهہ ڪٽي هلندو هو. اتي اسان جو استاد هو محمد صالح ٻگهيو. سائين ٽيڪن مل منهنجو پهريون استاد هو، جنهن آباد ۾ چارئي سال مون کي پڑهايو هو. هو اسان کان ويهہ ميل پري آراضيءَ جو ويٺل هو. ان زماني ۾ جيڪڏهن ڪو استاد، ڪنهن اسڪول ۾ نهي ويندو هو ته سڄي عمر ان اسڪول کي ڏئي ڇڏيندو هو. ساڳيءَ طرح سان محمد صالح ٻگهيو بوبڪن پرسان شاهہ مسڻ جو ويٺل هو، جتي هن هڪڙي ئي اسڪول ۾ سترهن ارڙهن سال نوڪري ڪئي. اسين آباد جا ڇوڪرا پنڌ ئي پنڌ اتي پڑهڻ ويندا هئاسين. ٻه سال آءٌ پنڌ ڪري اسڪول ويندو رهيس. پنجون ۽ ڇهون درجو به مون اتي ئي پڑهيا.

س: پنڌ کان سواءِ ٻين کيڏين شين ۾ دلچسپي رهي؟

ج: راند مون گهڻي کانہ ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن رڳو بورڊنگ هائوس جي ميدان تي ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين. مون کي راند کيڏڻ کان وڌيڪ ڏسڻ جو شوق هوندو هو. اسان جي، سنڌ مدرسي جي ڪرڪيٽ ٽيم هوندي هئي، جيڪا ڪراچيءَ جي اسڪولن سان ٽورنامينٽ کيڏندي هئي، ۽ اسين سڀائين پهريون نمبر ايندا هئاسين.

س: اوهان ڪرڪيٽ جي کيڏڻ شعبي ۾ بهتر راند کيڏندا هئا، بيٽنگ ۾ يا بالنگ ۾؟

ج: آءٌ ماهر ڪنهن ۾ ڪونہ هئس.

س: مطلب پنڌ ڪرڻ ۽ هلچل ئي اوهان جي صحت جو راز آهي؟

ج: ها، اها ڳالهہ صحيح آهي. جڏهن اسان هي گهر (حيدرآباد وارو) ٺهرايو ته آءٌ حيدرآباد جي ڪنهن به حصي ۾، ڪڏهن به سواريءَ تي نہ پر پيادل ويندو هيس ۽ پيادل ايندو هيس. آءٌ جڏهن سنڌ مدرسي ۾ ماستر هيس ته پهرين سعيد منزل ۾ رهندو هيس، جتان ڏيڍ ميل پنڌ ايندو ويندو هيس. شوق ڪري مون سائيڪل ورتي هئي. نئين نئين سکي هئي سو هڪ پيري هڪ مائيءَ کي وڃي لڳس، جيڪا وڃي ڪري. اهو ڏينهن آخري ڏينهن ٿيو ۽ سائيڪل چڏي ڏنر. پوءِ وري سولجر بازار پرسان سنڌي ڪالونيءَ ۾ رهيس، جتان پڻ مدرسي ۾ پنڌ ايندو ويندو هيس.

*

موسيقيءَ سان لڳاءُ

س: موسيقيءَ سان اوهان کي ڪيترو لڳاءُ آهي؟

ج: موسيقيءَ سان مون کي عشق آهي. سچ پچو ته مون تمام گهڻو موسيقي ٻڌي آهي ۽ تمام گهڻي ڳاتي آهي. هر ماٹهو بات روم سنگر آهي، پر آءٌ باقاعده سنگر رهيو آهيان. ننڍي هوندي مون کافيون ڳايون ۽ ٻڌيون. کافين کي نقل ڪندو هيس. آءٌ سنڌي نہ پر علائقائي بلڪ هندستاني ڪلاسيڪي راڳ جو عاشق رهيو آهيان.

س: اڃا تائين ٻڌو ٿا؟

ج: ها اڃا تائين. هي جيڪي آهن نہ (آڊيو ڪيسٽن جي قطار ڏانهن اشارو ڪندي)، سڀ ڪلاسيڪي راڳ جون آهن، پر هاڻي مون کي پنهنجن ڪتابن ۾ ايڏو مزو ٿو اچي جو آءٌ سمجهان ٿو ته راڳ رڳو ذاتي مفاد ۽ ذاتي خوشيءَ لاءِ ٻڌي وقت وڃايان ٿو.

س: موسيقيءَ ۾ اوهان کي کهڙو مڪتب فڪر، کهڙا ڳائڻا ۽ گويا پسند رهيا آهن؟

ج: مون تي ڪلاسيڪي موسيقي جو اثر پئي رهيو آهي. مون کي انڊيا جي سموري ڪلاسيڪي موسيقي وڻي ٿي. انهيءَ موسيقي جي ڏنن تي اسان جون ڪافيون ٻڌل آهن، جنهن کي اسان علائقائي راڳ چئون ٿا، جهڙوڪ گجراتي، مرهٽي، سنڌي ۽ پنجابي علائقائي راڳ.

س: نوجوانيءَ واري دور ۾ اوهان کي کهڙو راڳ وڻندو هو؟

ج: پڪو راڳ. مون کي علائقائي راڳ وڻندا هئا، مثلاً پنجاب جو علائقائي راڳ، گجرات جو علائقائي راڳ ۽ سنڌ جو علائقائي راڳ. جاگرافيائي طور تي گڏ هئڻ ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي ريجنل ميوزم ۾ گهڻي مشابهت آهي. سنڌيءَ جون ڪافيون اڄ به سنڌي بزرگن جي درگاهن تي ڳايون وجن ٿيون. مون ثقافت ڪاتي وارن کي ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو آهي ته لطيف جون جيڪي 110 وايون آهن، مهرباني ڪري اهي رڪارڊ ڪيون وجن. هر وائيءَ جو سُر پنهنجو آهي. استاد امير علي منهنجو دوست آهي. مون کيس چئي چئي ايترو ته ان ۾ محوَ ڪري ڇڏيو جو اسان هڪ اسڪيم ناهي ثقافت ڪاتي کي موڪلي، جنهن آڏار ثقافت ڪاتي "سر يمن ڪلياڻ" جون ارڙهن اٽويهه وايون رڪارڊ ڪيون. هر ڪنهن سُر جي وائيءَ جو راڳ لاڳاپيل سُر سان ٻڌل آهي. مون سسئي پليجو کي به چيو آهي، جنهن سان منهنجي تمام گهڻي پائپي آهي. ائين سمجهو ته هن سان منهنجي مٽي مائٽي آهي. چو ته (ڪلندي) پليجو منهنجو مائٽ آهي. مون کيس ٻانهون ٻڌي چيو آهي ته بابا، مهرباني ڪري شاهه جون سموريون وايون هن ماٺهوءَ (استاد امير علي) کان رڪارڊ ڪرايو، ۽ جيڪي درگاهن تي دفن ٿيل درويشن جون ڪافيون گهائجن ٿيون، اهي به رڪارڊ ڪرايو. سُر کي قائم رکڻ لاءِ ۽ پنهنجي وطن کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته هر درگاهه جون سموريون ڪافيون رڪارڊ ڪرايون وڃن.

س: راڳ جي گهاڙ نڪتي آهي ته اوهان کان سوال ڪنداسين ته اوهين چا ٿا سمجهو ته اها صحيح گهاڙ آهي يا وڌاءُ آهي جو چونڊندا آهن ته تان سين گهائيندو هو ته باهه لهڳي ويندي هئي؟

ج: (ڪلندي) اهو وڌاءُ انسان جي فطرت جي نشاني آهي. انسان جيڪا شيءِ پسند ڪندو آهي، انهيءَ بابت وڌاءُ ڪندو آهي. هو پائيندو آهي ته اها وڌيڪ سڻي ٿئي ۽ ٻيا به ان کي پسند ڪن. اهڙي طرح هر گهاڙ جيڪا پيار ۾ اچي ٿي، انهي کي عشق چئجي ٿو.

*

پيار ۽ فطرت جي حساڪي

س: هاڻي اوهان کان ڪجهه ذاتي نوعيت جا سوال ڪنداسين. اسان جو پهريون سوال آهي ته اوهان وٽ پيار جو تصور ڪيئن رهيو آهي؟

ج: هڪ ته انسان جي حيثيت ۾، مون کي انسانذات سان پيار آهي. قوم جي لحاظ کان سنڌي قوم سان پيار آهي. ذاتي طرح سان دوست آهن، مِٽ مائٽ آهن. دوست ۽ مٽ مائٽ منهنجي عزت ۽ همت افزائي ڪندا رهيا آهن. آءٌ سندن عزت ڪريان ٿو ۽ خوش آهيان ته مون کي تمام ڏاڍا سٺا دوست مليا آهن. سندن هر خيالي منهنجي مدد ۽ فائدي ۾ رهي آهي. ان حوالي سان آءٌ به انهن جي فائدي ۾ رهيو آهيان. هر خيال دوستيءَ کي آءٌ حقيقي پيار سمجهان ٿو. پوءِ وري مٽي مائٽي آهي. پائر، چاچا، ماما، ڏاڏا، پائٽيا آهن. منهنجو هڪ وڏو خاندان آهي، جنهن جا سڀ فرد مون کي ڏاڍا پيارا آهن ۽ هو به مون کي پيار ڪن ٿا. آءٌ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جو دشمن نٿو سمجهان، نڪو هو مون کي پنهنجو بدخواهه سمجهن ٿا. اسين هڪ ٻئي جا هڏ ڏوکي ۽ گهڻ گهرا آهيون. اها گهڻ گهرائي منهنجي دل ۾ پيار جي نشاني آهي. پيار جو مطلب ئي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ، هڪ ٻئي کي پائڻ، هڪ ٻئي جي سک کي چاهڻ، هڪ ٻئي جي ڏک کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي.

س: پيار جو زندگيءَ سان ڪيتري قدر ڳانڍاپو آهي؟

ج: پيار کان سواءِ زندگي هلي ئي نٿ سگهندي. زندگيءَ جو دارومدار آهي ئي پيار تي، انسان پيار کان سواءِ گذارو ڪري ئي نٿو سگهي. جڏهن ماڻهو جمي ٿو تہ پهرين پهرين هن کي ماءُ پيءُ ۽ گهر جي ياتين جو پيار ملي ٿو. ماڻهو ڪٿي نہ ڪٿي انهيءَ پيار ۾ محوَ آهي، انهيءَ کان ٻاهر نڪري ئي ڪو نٿو. پوءِ جڏهن ٿورو سمجهدار ٿو ٿئي تہ هو پنهنجن منڊ مائٽن کان ٻاهر وارن لاڳاپن سان ويجهو ٿئي ٿو، تجربا ڪري ٿو، مطالعو ڪري ٿو، هڪ ٻئي جي مدد ڪري ٿو. ڪيتري تائين ڪيس باهمي سهڪار ملي ٿو، پاڻ ڪيتري حد تائين پنهنجن سان سهڪار ڪرڻ ۾ فائدو حاصل ڪري ٿو، اهي سيئي آزمودا ۽ تجربا آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي سيکارين ٿا. تنهنڪري آءٌ چوان ٿو تہ سڄي زندگيءَ جو لب و لباب يا جوهر پيار آهي.

س: پلا اوهان کي راند روند سان ڪو لڳاءُ رهيو؟

ج: ڏسڻ ۾ توڙي کيڏڻ ۾، مون کي وڏ ۾ وڏ ڪرڪيٽ وٺندي هئي. فٽ بال توڙي ٻين راندين سان ڪو لڳاءُ نہ رهيو. اسان سنڌ مدرسي جي جنهن گرائونڊ تي ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين، ان جي هڪ حصي ۾ هاڪي ٻہ کيڏي ويندي هئي، اتي ڪوٽڙيءَ جو چوڪرو هو عبدالقدير، جنهن جي هاڪي راند دوران اي.ڪي بروهيءَ جي اک ۾ لڳي هئي.

س: اڃا! اي.ڪي بروهيءَ جي اک تڏهن ضايع ٿي هئي؟

ج: ها. هو (اي.ڪي بروهي) پڙهائيءَ ۾ اسان کان ٻہ سال مٿي هوندو هو.

س: فطرت جا رنگارنگي ۽ حسن اوهان لاءِ ڪيتري قدر پُرڪشش پئي رهيا آهن؟

ج: فطرت ۽ انسان حسين آهن. جانورن جي زندگي خوبصورت آهي. هي جيڪي جيت جڻيا آهن، هر هڪ جي پنهنجي پنهنجي سونهن آهي. رڳو سوچ جي ڳالهہ آهي، ڪوبہ جيت سُري ٿو تہ ان کي ڏسو تہ ڪيئن ٿو چرپر ڪري! اوهان ان جي چرپر ۾ ايترو تہ محوَ ٿي وينڊ جو چوندڙ تہ سمورو طلسم آهي ئي انهن ڪِيلين، ماڪوڙن، جيتن، پکين، حيوانن ۽ ماڻهن ۾!

*

اداسيءَ ۽ اطمينان

س: توهان پنهنجي زندگيءَ مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

ج: (مرڪندي) هن وهيءَ ۾، ڪجهري ڪندي پاڻ گهڻو وقت وينا آهيون؟ شايد اڌائي ٽي ڪلاڪ، انهيءَ دوران اوهان مون کي ٽڪل محسوس ڪيو؟

نہ سائين.

زندگيءَ ۾ مون جڏهن بہ ڪو ڪم هٿن ۾ کنيو آهي تہ انهيءَ انداز سان اهو ڪري پورو ڪيو آهي. ڪڏهن بہ ڪم مان آءٌ ٽڪو نہ آهيان جيڪڏهن وقت سر ڪرٽو آهي تہ ان کي رهائيندو ناهيان. سياڻي جو ڪم سياڻي سان.

س: ڪو پڇتاءُ، ڪو افسوس جيڪو اڄ بہ هانءَ ۾ هُرندو هجي؟ ڪجهہ حاصل نہ ٿيڻ جو ارمان؟

ج: مون پنهنجي خوشيءَ لاءِ خواهش تي سدائين ضابطو پئي رکيو آهي. انهيءَ ڳالهہ لاءِ خواهش رکجي، جيڪا حاصل ٿيڻ جهڙي هجي. اها ڳالهہ جيڪا مون کي وٽي ٿي پر منهنجي حاصل ڪرڻ کان مٿي آهي، مون اها پنهنجي يادگيريءَ تان ئي لاهي ڇڏڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙي اميد ۽ تفريح حاصل ڪرڻ نہ چاهي آهي، جيڪا مون لاءِ ناممڪن هجي.

س: اوهان جي سياءَ ۾ اداسي، ۽ چهري تي سنجيدگي ۽ نماڻائيءَ پويان ڪهڙو راز آهي؟

ج: ہ ڳالهيون آهن، هڪ تہ آءٌ زندگيءَ ۾ اڪيلو رهجي ويو هيس. منهنجو پيءُ، منهنجي ڏني کان اڳ ۾ گذاري ويو. منهنجي ماءُ مون کي ننڍپڻ ۾ ئي ڇڏيو، جو منهنجي ڏاڏي ان جي ٻي شادي ڪرائي ڇڏي. منهنجو ڏاڏو ٿورو مُلي قسمر جو ماڻهو هو. مطلب تہ مون کي نہ منهنجي ماءُ گهڻو پاليو ۽ نہ پيءُ گهڻو پاليو. منهنجي پرورش ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ ڪئي. ڏاڏو هميشہ منهنجي پلائيءَ ۾ رهندو هو.

ڪراچيءَ ۾ اسڪول تائين مون کي گڏ وڃي هليو هو، سن به ڏاڏو ئي وڃي هليو هو، جتي هن مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. جڏهن ته منهنجو نانو رانجهو نندي هوندي ئي گذاري ويو هو، پر مون هن کي ڏٺو. نانو سعيدان، مامو سليمان، مامو دائود اهي منهنجا نانائا هئا. اسان جوين جو جيڪو پاڙو هو، ان ۾ اسان جو ڏاڏو هڪڙو ئي هوندو هو. آءٌ ڏاڏو چوندو هيس فقط ڏاڏي محبوب کي، مون کنهن ٻئي کي ڏاڏو نه چيو. ٻيا سڀ نانا ۽ ماما نانو بادل، نانو فقيرو، نانو رزاق، نانو جميل، نانو مريد علي، نانو فلاڻو ائين مون کوڙ نانا ڪيا. مون ڏاڏو ۽ چاچو کنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪڏهن نه چيو. منهنجو هڪڙو چاچو هوندو هو. چاچو اسماعيل، جيڪو اڪيلو هو. ڏاڏو ۽ چاچا ٻنيءَ تي پورهيو ڪندا هئا. آءٌ جڏهن اسڪول ڪان پڙهي ايندو هيس ته ديري يا ڪري تي ڳاهڻ ڳاهڻ يا جهار هڪلڻ ۾ انهن سان شامل ٿيندو هيس. اسان ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجهري ڪاهيندا هئاسين.

س: جيئن اوهان چيو ته ٻئي کنهن ماڻهوءَ کي اوهان ڏاڏو يا چاچو نه چيو، ان جو سبب ڏاڏي ۽ چاچي سان محبت هئي يا ٻيو ڪارڻ هو؟

ج: ٻيءُ ڪوبه هو نه، ان ڪري چاچي ۽ ڏاڏي جي جاءِ تي ٻئي کنهن کي چاچو ۽ ڏاڏو نه چئي سگهيس.

*

چراغ سحريءَ جا احساس ۽ ڏکن جا سبق

س: ڪوبه ماڻهو جڏهن عمر جي چراغ سحريءَ ۾ هوندو آهي ته ان جا احساس ڪهڙا هوندا آهن؟ شين کي ڪيئن ڏسندو آهي؟ ۽ ڪهڙي شيءِ کي گهٽي اهميت ڏيندو آهي؟

ج: اهو عمر تي مدار آهي. جيترن جيترن ماڻهن سان ويجهڙائپ آهي، ماڻهو اوترن سان پنهنجائپ قائم ڪري ٿو.

س: سوال هن ريت آهي ته ڪو ماڻهو جيڪڏهن عمر جي آخري حصي ۾ آهي ۽ هو سمجهي ٿو ته ڪيس هاڻي وڃڻو آهي ته انهي ماڻهوءَ جا احساس ڪهڙا هوندا آهن؟ هو رشتن ناتن سميت هر شيءِ کي ڪيئن ڏسندو آهي؟

ج: جيئن ته اوهان مون کان سوال ڪيو آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجي حوالي سان ڳالهه ڪريان ته حقيقت هيءَ آهي ته نندي هوندي کان وڏي مون ماڻهن جو پيار ماڻيو آهي، ۽ ماڻهن کي پيار ڪيو آهي. مون ڪنهن سان نفرت يا دشمني نه ڪئي آهي. مون سڀني کي پنهنجو پئي سمجهيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون سان اڻڪنگو هليو آهي، تڏهن به آءٌ هن سان اڻڪنگو نه هليو آهيان، ۽ نه منهنجي دل ۾ اها ڳالهه رهي آهي ته هن ماڻهوءَ مون کي هي نقصان پهچايو آهي، تنهنڪري آءٌ به هن کي هي نقصان پهچايان. اهو انتقام ۽ بدلو منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن به نه آيو آهي. منهنجو جيڪو نيپاج آهي، ۽ نندپڻ کان وڏي هيستائين اهڙي قسم جو تجربو ٿيو آهي، جنهن ۾ مون محسوس ڪيو آهي ته پنهنجائپ ۾ فائدو آهي ۽ پنهنجائپ کي ڇڏڻ ۽ پنهنجن ماڻهن کان پري ٿيڻ ۾ نقصان آهي. آخر تائين آءٌ انهيءَ اصول تي بيٺل آهيان ته هر انسان ٻين انسانن جي آڌار تي جيئي ٿو. ڪوبه انسان ٻين انسانن جي آڌار کان سواءِ نٿو جيئي، ۽ ٻيا به هر انسان جو آڌر چاهين ٿا. اوهان ٻين ۾ جيئو ۽ ٻيا اوهان لاءِ جيئن جيئو ۽ جيئڻ ڏيو، نه فقط جيئڻ ڏيو، پر جيئڻ ۾ مدد ڪريو. جيتري اها ڏي وٺ هڪ ٻئي سان قائم رهندي ۽ تازي تواني رهندي، ايترو فائدو ئي فائدو رهندو.

س: ڏک زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي حقيقت آهي ۽ فنونِ لطيفه ۾ ان جي احساس کي بنيادي حيثيت مليل آهي. اوهان ان کي ڪيئن پئي محسوس ڪيو آهي؟

ج: ڏک ماڻهوءَ جو وڏو استاد آهي. ماڻهوءَ کي ڏک جي استاديءَ ۾ جيڪي سبق ملن ٿا، ڏک جيڪو ڪجهه سيکاري ٿو، اهو سڪ به ڪو نٿو سيکاري. سڪ ۾ گهٽيون ڳالهيون وسري وڃن ٿيون. ڏک ۾ جيڪا ڳالهه سامهون اچي ٿي، اها اوهان وٽ قائم رهي ٿي. ڏک جو سبق اوهان کي هميشه ياد رهندو. ماڻهو تعليم پرائي يا ڪجهه سکي ٿو، تنهن لاءِ به ڪا نه ڪا سزا پوڳٽي پوي ٿي. ڏک به ائين آهي. ا هو عظيم استاد آهي،

جيڪو زندگيءَ جا هيڪاندا سبق سيکاري ٿو. ٻي ڳالهه ته جيڪڏهن اوهان کي ڏک آهي ته ٻين کي به ڏک آهي نه. جيستائين اوهان ٻئي جي ڏک جو احساس نه ڪندؤ ۽ پنهنجي ئي ڏک جي احساس ۾ گم رهندؤ ته انهيءَ مان اوهان ڪجهه نه سکندؤ، سواءِ خود غرضيءَ ۽ لالچ جي. جڏهن ته ٻين جي ڏک کي پنهنجي سامهون رکندؤ ته اوهان ٻي لوٽ ٿي سگهو ٿا، تنهنڪري ٻين سان سهکار ڪرڻ سکو- باهمي سهکار.

س: اوهان به ته ڏک ڏٺا هوندا؟

ج: ڏک جي ڳالهه نڪتي آهي ته اوهان کي ٻڌايان ته زندگيءَ کي گهٽو سڌاريو آهي، پر زندگيءَ جي ڏک مون کي پاڙي اصل کونه ڪيو. (ڪلندي) ڏکن کان آءٌ پاسو ڪندو رهندو هيس پر ڏک ۽ سور اگر آيو ته قبول ڪيو ۽ ان کي سَنئو. اوهان منهنجي جيون ڪتا پڙهي ڏسندؤ ته اوهان کي (ڏکن بابت پڙهي) ڏک لڳندو. جيڪي ماڻهو پڙهندا آهن، سي چوندا آهن ته اسان جي اکين مان گوڙها وهي ٿا اچن.

*

موت جي حقيقت ۽ وصيت

س: جيئن ته موت برحق آهي ۽ هر ڪنهن کي هلڻو آهي. عمر جي هن حصي ۾ موت جي حوالي سان اوهان جا ڪهڙا احساس آهن؟

ج: آءٌ موت کان پوءِ واري زندگيءَ واري تصور ۾ يقين نٿو رکان. موت اٽل آهي، هر ڪنهن کي مرڻو آهي پر موت کان پوءِ زندگي ناهي. هيءَ قبوليت مون رڳو اوهان سان ڪئي آهي. آءٌ موت کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ يقين نٿو رکان. ماڻهو جيڪو آهي سو آهي، جيئن زندگي مسلسل آهي تيئن موت به مسلسل آهي. ٻنهي جو ڪار وهنوار روان دوان آهي. جيڪو ماڻهو جيئرو آهي، ان کي زندگيءَ جو موقعو آهي. زندگي عظيم سبق آهي، عظيم نعمت آهي.

س: ڪجهه ماڻهو ته موت جي خوف ۾ اچي ويندا آهن؟

ج: موت کي خوف ڪ[illegible]نهي. آءٌ موت کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ يقين ئي نٿو رکان. موت ضرور ٿيندو، پر موت کان پوءِ ٻي زندگي ڪانهي، نڪا آخرت آهي.

س: جيئن ته دنيا جا وڏا توڙي عام ماڻهو به وصيت ڪندا آهن ته موت کان پوءِ سندن ابدي بستر فلاڻي هنڌ وڇايو وڃي. ان حوالي سان اوهان جي به ڪا اهڙي خواهش آهي.

ج: منهنجي ڏيءُ نيلوفر گذاري وئي ۽ ٻي ڏيءُ نرگس حالِ حيات آهي. مون کي سڳو پاءُ نه ٿيو، نه ئي پيٽ. منهنجي ماءُ جڏهن ٻي شادي ڪئي ته انهيءَ کي پٽ ڄائو حُسين. اهو وڏو ٿيو. انهيءَ کي نوڪري به مون ونئي ڏني. هو ڳالهائڻ جو ايڏو هوشيار هو جو سنڌي آڪاڈين وارو جيڪو پهريون ڪتاب هو، ان ۾ شامل سيئي آڪاڈيون مون کي هن (حسين) ٻڌايون هيون، ۽ جنهن لاءِ مون لکيو آهي ته "منهنجو حُسين پاءُ، ڳالهين جو ڳهير".

منهنجي وصيت جي حوالي سان منهنجي پٽ مظفر به مون کان ائين پڇيو آهي ۽ مون کيس وصيت ڪئي آهي ته جڏهن موت ٿئي ته نيلوفر جي قبر پرسان منهنجي قبر ٺهي.

س: توهان جي ان نياڻيءَ جي قبر ڪٿي آهي؟ جنهن پرسان اوهان تدفين جي خواهش ظاهر ڪئي آهي؟

ج: منهنجي ڏيءُ نيلوفر جي قبر سنڌ يونيورسٽيءَ جي قبرستان ۾ آهي. باقي ٻين گهٽن مون کي چيو آهي، بلڪ (ڪلندي) دهمان ڪيو اٽن، ڪنهن چيو ته "مري ڏس ته خبر پوَئي." مون چيو ته مرڻ کان پوءِ خبر پئي ته اها ڪهڙي ڪر ايندي. مون کان تڏهن ٿو پڇين جو آءٌ جيئرو وينو آهيان، ته آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته آءٌ پنهنجي ڏيءُ نيلوفر جي پرسان...

س: ان ڏيءَ سان گهٽي انسيت جي ڪري؟

ج: ها، انسيت جي ڪري، پاءُ حسين هو، پر ٻئي گهر جو ماڻهو هو. آخر ڏيئر ڏاڏيون پياريون آهن. نيلوفر مان محسن (جويو) ٿيو، جيڪو منهنجي سڄي سنيار پٽ ڪندو آهي.

(ڪتاب: 'صديءَ جو سفر' تان ورتل)

انٽرويو وٺندڙ: نياز پنهور

[سائين محمد ابراهيم جويو هڪ سؤ سال جو ٻنهه بزرگ هئڻ باوجود اسان جي اڄ جي جديد سنڌ جو اهو رهبر ۽ رهنما آهي، جنهن جي تربيت ۽ سکيا ۽ ايندڙ هر نوجوان پاڻ کي خوشنصيب سمجهي ٿو شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي جهڙين عالمي ميتا رکندڙ شخصيتن جي استاد جي حيثيت رکندڙ محمد ابراهيم جويو پنهنجي ذات ۾ علم جو اٿاهه سمنڊ هئڻ باوجود انتهائي سادو سڀاجهو محبت کندڙ هر ماڻهوءَ جي ڀالهه ڏيان سان ٻڌندڙ ۽ هر تحرير پوري سنجيدگيءَ سان پڙهندڙ شخصيت رهيو آهي. محمد ابراهيم جويو هڪ آهي، پر سائنس محبت کندڙ هزارين ۽ لکين ماڻهو آهن. اهي جڏهن به چاهين ٿا تڏهن هن جوئي صاحب جو در کڙڪائي سائنس ملاقات لاءِ پهچي وڃن ٿا. پوءِ صبح هجي، منجهند هجي يا شام، جويو صاحب کجهه لکندو هجي يا پڙهندو هجي يا آرامي هجي، جوئي صاحب سدائين انهن کي دل ۾ جايون ڏيون آهن. منهنجي اها خوشنصيبي رهي آهي ته آءٌ جوئي صاحب جي انهن عقيدتمندن ۾ شامل آهيان، جنهن لاءِ جوئي صاحب جون ٻانهون ۽ دروازا سدائين کليل رهيا آهن. هن سدائين منهنجي سکيا ۽ رهنمائي پئي کيئي آهي. جوئي صاحب سان هيءَ انٽرويو ان ڏينهن ۾ ورتو ويو هو جڏهن کافي سردي هئي، جوئي صاحب جي طبعيت به صحيح نه هئي پر پاڻ مون سان کيل واعدي مطابق ڪي.ٽي.اين جي اسٽوڊيوز تائين هلي آيا ۽ سائنس تاريخي کيل ڀالهه ٻولهه منهنجي رهيل زندگيءَ لاءِ هڪ اعزاز رهندو.]

سنڌ جي نالياري دانشور ۽ ڏاهي محمد ابراهيم جويي ڇيو آهي ته اها ڀالهه حقيقت آهي ته سنڌوءَ جي تهذيب، قديم تهذيب آهي، جنهن جو ثبوت موهن جو دڙو آهي، دنيا جي قديم تاريخي ڪتابن ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي لکيو ويو آهي. قومون ۽ تهذيبون تاريخ جي دائري ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڏکيائين ۾ ايندڙ آهن، اسين هن وقت پاڪستان جو حصو آهيون. پاڪستان جنهن طريقي سان وجود ۾ آيو، انهيءَ کان پاڻ سڀ واقف آهيون. 1940ع واري ڏهاڪي ۾ مسلمانن لاءِ ڌرتيءَ الڳ رياست (رياستن) جي الحاق ۾ ايندڙ اڪاين سان آزادي ۽ خودمختياريءَ جو واعدو ڪيو ويو هو، اهو سبب هو جو 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ، انهيءَ ڏهاڪي جي توثيق ڪئي. بهرحال، انهيءَ جو مطلب اهو هو ته پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن کي مڪمل سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ثقافتي ترقيءَ جا سڀ موقعا بنا ڪنهن روڪ رنڌڪ کان سواءِ فراهم ڪيا ويندا ۽ افسوس جو اسان جن اميدن تحت پاڪستان ۾ شامل ٿياسين، اهي پوريون نه ٿيون. هن ڇيو ته قومون پنهنجي تهذيبي سفر ۾ لاهن چاڑهن مان گذرنديون آهن، جڏهن ڪنهن قوم تي ڏکيا ڏينهن ايندا آهن. انهن مان نڪرڻ لاءِ ان قوم جي داخلي سگهه وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. اها سگهه ان کي هڪ قوم طور ورتاءِ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي ۽ انهيءَ سان گڏ، ان قوم جا ڪي خاص ۽ غير معمولي فرد پڻ، انهيءَ قوم کي انهن ڏکين ڏينهن مان ڪڍڻ جا جتن ڪندا آهن. جڏهن پاڪستان ٺهيو ته سنڌ هڪ قوم طور ورتاءِ رکڻ يا رد عمل ڏيکارڻ جي حالت ۾ ان کي نه اچي سگهي، جو ان کي واضح طرح ٻن پاڻن ۾ ورهايو ويو. سنڌي هندو جيڪي سنڌ جي تعليم، ترقي ۽ خاص طرح سنڌ جي معيشيت کي سنيالیو پئي آيا، انهن کي هتان لڏايو ويو ۽ انهن جي جاءِ تي جيڪي ماڻهو هتي آيا، انهن سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي چٽرون ڪيون ۽ انهي سان نفرت ۽ ڏڪار جو اظهار ڪيو ۽ اسان جي سنڌي وڏيرن جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ نوابن به گهٽ ڪاڪ ڪئي ۽ ڏاڙين جا پُرزا ۽ پرجهلا ٿي بينا، اهڙيءَ ريت سنڌ هڪ قوم طور اپري نه سگهي. اسين پاڻ به گهٽو ڪجهه نه ڪري سگهياسين. ان موقعي تي هن قرآن شريف جي هڪ آيت ٻڌائڻ بعد ترجمو ڪري ٻڌايو ته "ڪنهن به قوم جي حالت ايستائين نٿي بدلجي سگهجي، جيستائين اها پاڻ بدلجڻ جي ڪوشش نٿي

ڪري". "ڪاوش عوام آڏو" پروگرام ۾ ڳالهائيندي ۽ مختلف سوالن جا جواب ڏيندي محمد ابراهيم جويي صاحب وڌيڪ چيو ته: قوم جي فردن کي مذهبي ۽ تهذيبي هدايتون مليل آهن، پر جنهن طريقي سان گذريل 65 سالن جي تاريخ ۾ مذهبي سوچ مڙهي وئي آهي، انهيءَ ۾ چا ٿيو آهي، انهيءَ تي هاڻ سوچڻ کپي ۽ اسين ڪيتري جدوجهد ڪريون ٿا، اهو هڪ اهم سوال آهي. هن چيو ته قومن جي پلائي انهن جي سڃاڪيءَ تي انحصار ڪري ٿي، سڃاڪيءَ لاءِ تعليم بنياد آهي، تعليم لاءِ هولي ضروري آهي، منهنجن ڪتابن ۾ ادب، سياست ۽ هولي جي باري ۾ ڪافي ڳالهيون مون ڪوشش ڪري پڙهيل لکيل طبقي جي سامهون رکيون آهن جن جي ضرورت هئي، انهيءَ لاءِ منهنجو هڪ ڪتاب 'هو جا ٽمڪي باهڙي' جو پهريون جلد پڙهڻ کپي. هن چيو ته سياست ، تعليم ۽ ادب لاءِ هولي ضروري آهي، جيترو هولي ۾ سڌارو ايندو اوترو ئي قسمت ۾ سڌارو ايندو ۽ پنهنجي قومي عمل سان ڪوشش ڪري پنهنجي قوم جي قسمت حاصل ڪري سگهبي آهي. حيدرآباد مان نامياري ڪمپيئر ۽ شاعر بخشڻ مهراڻوي فون ذريعي سوال پڇيو ته هڪڙو دور هو، جڏهن ادبي ۽ سياسي تحريڪن جون محفلون ٿيندڙيون هيون ۽ تعليمي ادارن ۾ پڻ اهڙيون سرگرميون ٿيندڙيون هيون ۽ انهن ۾ قومي شعور بابت ڳالهيون ٿيندڙيون هيون جيڪي اسان تائين ته منتقل ٿيون آهن، پر اهي ڳالهيون هاڻي نٿيون ٿين. اسان جو ايندڙ نسل قومي شعور کان ڪنجي رهيو آهي، انهن تائين اهو شعور ڪيئن منتقل ڪجي؟ محمد ابراهيم جويي صاحب چيو ته تعليمي ادارن جي باري ۾ ماڻهن کي گهڻو اعتماد ناهي رهيو، پر ان هوندي به ادارا پنهنجو ڪم ڪن پيا ۽ ڪتاب نڪرندا رهن ٿا. مون وٽ روزاني به تي ڪتاب اچن ٿا ۽ ڪجهه ڪتاب پڙهي ان جي معيار کي ڏسي اطمينان ٿئي ٿو. اسان کي رڳو ماضي تي اطمينان نه ڪرڻ گهرجي، حال تي به نظر رکڻ کپي، حال تي نظر نه رکڻ اسان جي ڪمزوري آهي. هر دور جو پنهنجو پنهنجو رنگ هوندو آهي، اڄڪي ادبي ۽ سياسي معاملن تي رٽابندي ڪئي ويندي هئي، ۽ ڪو لائحہ عمل تيار ڪري عوام تائين پهچائبو هو. ان وقت عوام تائين رسائي جا وسيلا هڪڙا هئا ۽ ٿورا هئا. اڄڪي اخبار ۽ ٽي.وي چئنل موجود نه هئا، ان کان سواءِ ڪمپيوٽر ذريعي ماڻهو اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪتاب پڻ روزاني شايع ٿي رهيا آهن، انهن کي پڙهڻ گهرجي، اسان کي حال کي ڏسي مستقبل ڏانهن وڌڻ گهرجي. پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ پروفيسر اعجاز قريشي سوال پڇيو ته: ورهاڱي بعد سنڌ مان وڏي تعداد ۾ هندو پارٽ لڏپلاڻ ڪري ويا، پر هن وقت تائين چا اهڙو ڪو ڪتاب آيو آهي، جنهن ۾ ورهاڱي بعد لڏپلاڻ ڪري ويلن بابت کي انگ اکر هجن ته ڪيترا ماڻهو ايندا ۽ ڪيترا ماڻهو هتان کان لڏي پارت ويندا. محمد ابراهيم جويو چيو ته اهڙو ڪوبہ ڪتاب هن وقت تائين موجود ناهي، پر ڏار ڏار پيرائتا مضمون ۽ مقالا چپيل ۽ موجود آهن، جن ۾ انهيءَ ورهاڱي بابت ڪافي ڳالهيون آيل آهن. هن چيو ته سندس هاڻي ايندڙ ڪتاب 'اوريم کي احوال' ۾ جيڪي بہ مضمون آهن، اهي انهيءَ سوال جي روشني ۾ ئي آهن. نامياري اديب حميد سنڌي سوال پڇيو ته چا موجوده حال ۾ سنڌ ۾ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تبديلي آئي آهي؟ محمد ابراهيم جويي جواب ڏيندي چيو ته: 65 سالن ۾ پاڪستان جي سياسي صورتحال اعتماد جوڳي ناهي رهي. هن وقت جي سياست کان خاص طرح پاڪستان ۾ شامل ٽيل قومون يا وطن جن ۾ خيبرپختونخوا، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سخت ناراضگي آهي. هن چيو ته پاڪستان جي وفاق جي نئين سر جوڙ جڪ عمل ۾ اچڻ گهرجي ۽ اڪائين سان نئون سماجي معاهدو ٿي سمورن مسئلن جو حل آهي. هُن چيو ته هِن وقت افغانستان اندر چڪتاڻ طالبانائيزيشن ۽ دهشتگردي ملڪ جا ننڍڙا مسئلا ناهن، انهن کي بہ اڃوڪي سياست منهن ڏئي رهي آهي، باقي اسان وٽ شروعات کان سياست ۾ فيصلاڪن همت ناهي رهي، جيڪا اڄ بہ موجود ناهي، اسان جي ملڪ کي انهيءَ حد تائين پهچائڻ جي ذميوار مسلم ليگ آهي، باقي جيڪي عوامي خدمت جو جذبو رکندڙ وفاقي جماعتون آهن، اهي پنهنجن قومي مفادن کي نظر ۾ رکي فيصلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. نذير

كي. ٽي. اين نيوز چئنل "عوام آڏو" پروگرام ۾
سائين محمد ابراهيم جويو ۽ ميزبان نياز پنهور



پروگرام ۾ شريڪ مهمان اديبن سان سائين محمد ابراهيم جويو جو نڪتل گروپ فوٽو

ميمڻ سوال ڪندي پڇيو تہ توهان پاڪستان جي ٺهڻ کان اڳ 'سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو' (Save Sindh Save the Continent) ڪتاب لکي اها اڳڪٿي ڪئي هئي تہ پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ سان انصاف نہ ٿيندو ۽ اسان کي 23 سالن بعد اها حقيقت معلوم ٿي وئي هئي، ڇا توهان هن وقت کا اهڙي اڳڪٿي ڪري سگهو ٿا تہ هن ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ محمد ابراهيم جويي چيو تہ اڳڪٿيون ڪميوارين گهرن ٿيون، اهي گهٽ ڪجن تہ بهتر آهي. هن چيو تہ منهنجن ڪتابن ۽ سائين جي.ايم.سيد جي ڪتابن ۽ گنريل حالتن کي نظر ۾ رکو، هن وقت کابہ بهتريءَ جي اميد ناهي، انهيءَ جو حل هڪڙو ئي آهي، قوم جي نجات، تهذيب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ جيڪو پُڄي، اهو نئين فڪر ۽ نئين خيال سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پراڻي فڪر سان مسئلا پيدا ٿيا آهن، جديد فڪر ۽ سيڪيولر فڪر جي ضرورت آهي. مذهب کي سياست کان الڳ ۽ سياست کي مذهب کان الڳ ڪيو وڃي. جيڪي چون ٿا تہ اسان کي اهو قبول ناهي تن کي اڃاڻائي تي مذهب ۾ سياست ۽ سياست ۾ مذهب مبارڪ هجي. هن چيو تہ هن وقت سڄي دنيا سيڪيولر آهي، دنيا کي سڌارڻ ۽ زندهہ ماڻهن جي خدمت انسانيت، نيڪي، سچائي ۽ پائيپي لاءِ دنيا ۾ اهو قابلِ قبول آهي تہ رياستي معاملن ۾ مذهب جو ڪوبہ دخل نہ هجي ۽ رياست پنهنجي مزاج ۾ سيڪيولر هئڻ کپي، نہ تہ اها پنهنجي شهرين سان انصاف نہ ڪري سگهندي مذهب کي شهرين جو ذاتي مسئلو ڄاڻائي، انهن کي انفرادي سطح تي آزادي ڏني وڃي جيئن يورپ اهڙو مثال قائم ڪري ڏيکاريو آهي. مذهب کي سياست کان الڳ ڪرڻ سان مدرسا، مسجدون ۽ عبادتگاهون توڙي مذهب قائم رهندا، پر اهي تنگ نہ اڙائين، مذهب جي آڙ ۾ سياست جي ڪري اڄ ڏينهن تائين اسين پوڳي رهيا آهيون. پروفيسر مهرالنساہ لاڙڪ سوال ڪندي چيو تہ سنڌ جي تعليم ۾ سنڌي ٻوليءَ جو فقدان ڇو آهي؟ محمد ابراهيم جويي چيو تہ آءٌ انهيءَ ڳالهہ سان سورنهن آنا سهمت آهيان. قوم جي تعليم تڏهن سڌرندي آهي جڏهن اها مادري ٻوليءَ ۾ پڙهائي وڃي، اسان جي تعليم جيڪا تباهہ ٿي آهي انهيءَ ۾ اردو جو اسان مٿان قومي ٻولي طور نازل ٿيڻ ۽ انگريزي کي دل ۾ عالمي ٻولي جو درجو ڏيندي پڙهائڻ اهم سبب آهن. هن چيو تہ اردو کي جيڪا برتري ملي، انهيءَ سڄي سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو، جيستائين سنڌي ٻولي کي برتري نہ ملندي ۽ ٻولي ذريعي تعليم جي آزادي جو حق نہ ملندو، پرائمري کان وٺي يونيورسٽي تائين، سنڌي ٻولي نہ ترجيحي نمونو پڙهائي ويندي، تيستائين تعليم بهتر نہ ٿيندي. هن چيو تہ اسان جو انگريزي سان ڪوبہ عذر ڪونهي، پر انگريزي، انگريزن جي دور جيان پڙهائي وڃي، اردو کي لنڪ لئنگويج طور پڙهايو وڃي. هن چيو تہ انگريزن جي دور ۾ انگريزي اسان تي ايتري زوريءَ نہ مڙهي وئي هئي جيتري هاڻي زوريءَ مڙهي پئي وڃي. هن چيو تہ انگلينڊ، آسٽريليا، ڪئناڈا ۽ ٻيا ملڪ پٺسا آڇي رهيا آهن، تہ انگريزي وڌ کان وڌ پڙهايو، جيستائين انگريزي ۽ اردو اسان جي تعليمي سرشتي تي حاوي رهندیون، تيستائين تعليمي سرشتو سڌرڻ جو امڪان ناهي. محمد علي ڊيپلائي سوال ڪندي پڇيو تہ 1937ع ۾ جڏهن پاڪستان ۽ هندستان هڪڙو ئي ملڪ هو تڏهن سروجني نائيڊو زور پريو هو تہ سيني کي هندي ٻولي سڪڻ گهرجي تہ ڇا جيڪڏهن پاڪستان نہ ٺهي ها تہ اڄ تائين سنڌي ٻولي جي شڪل موجود هجي ها؟ محمد ابراهيم جويو چيو تہ: هن اها ڳالهہ ڪئي ٻہ يا نہ اها اوهان ٿا ڪيو، اوهان جو سوال مفروضي تي ٻڌل هجي، پر جيڪڏهن ائين مڃجي ٻہ تہ سروجني نائيڊو جي اها ڳالهہ بلڪل غلط هئي، انهيءَ وقت ٻہ سندس اهڙو فيصلو قبول نہ هو. ان وقت سنڌي ڳالهائيندڙ خود هندو ٻہ انهيءَ سان گڏ نہ هئا، هاڻي گڏيل هندوستان نہ رهيو آهي جو ان تي ويهي مٿي ڪُٽ ڪجي سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ جو درجو پاڻ انگريزن ڏنو هو، سنڌي هندن سنڌي ٻولي ۽ تعليم سان تمام گهڻو پيار ڪيو، اهو اوهان سيني جي سامهون آهي، سنڌي ٻولي هاڻوڪي شڪل ۾ هجي ها يا نہ يا هندو اڪثريت ان کي اوسرڻ نہ ڏي ها، پر اڄوڪي پاڪستاني تناظر ۾ پنهنجي ئي صوبي ۾ ورهائي پئي

آهي ۽ اردو هن وقت قومي ٻولي آهي، اها سنڌي ٻولي سان ويڙهن گهٽ آهي جو ويهي مفروضن تي ڳالهائجي، ان موقعي تي هن شاهه ٻڌائي جون هيءُ سٽون پڙهي ٻڌايون:

مُون مُونهين ۾ سڀجي، مون کي مون جُڳاءِ،
مُونهينءَ مان مون کي ٽئي، مُونهينءَ جي ساڃاهه،
ڪُڇڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪيان پنڌ ڏيو.

هن چيو ته خود اعتمادي فرد توڙي قوم لاءِ ضروري آهي. سنڌي ٻولي اٿارٽي جي سيڪريٽري تاج جويي محمد ابراهيم جويي کي 96 سالن جو نوجوان سڏيندي سائٽس مخاطب ٿيندي پڇيو ته: سندس هٿ ۾ 1946ع ڏاري 'سنڌ بچايو- ڪنڊ بچايو' جو جهنڊو هو، جيڪو اڄ تائين توهان جي هٿن ۾ آهي، ايترا ڏينهن ڪيئن محفوظ رهيو؟ محمد ابراهيم جويي چيو ته: سندس ڏاڏو ڪنهن مسجد جو پيش امام ڪونه هو، پر هُو فجر جو اڏي ذڪر ڪندو هو ۽ الله تعاليٰ کان دعائون ڪندو هو، نعتون پڙهندو هو جيڪي مون کي وٺنديون هيون ۽ دل ۾ چوندو هئس ته منهنجي ڏاڏي کي ڪنهن ايترا ڏک ڏنا آهن جو هو اهڙيون دانهون ڪندو آهي ۽ آءٌ دل ۾ سوچيندو هئس ته وڏو ٿي انهن سان وڙهندس جنهن ڏاڏي کي ڏک ڏنا آهن، اهو ارادو منهنجو ننڍي هوندي کان دل ۾ سمايل هو. هن چيو ته آءٌ جڏهن به پڙهڻ ويندو هيس ۽ امتحانن مان پاس ٿيڻ بعد واپس موٽندو هيس ته ڏاڏو مون کي پير نظر محمد کان دعا وٺڻ لاءِ گڏ وٺي ويندو هيو، آءٌ دل ۾ سوچيندو هيس ته محنت آءٌ ڪريان ۽ پڙهائين ماستر، دعا وري پير کان، اهو ڪيئن؟ پر ڏاڏي سان گڏ نه چاهيندي به ويندو هيس، هن چيو ته سندس اهڙي سوچ کا بي ادبي نه هئي، پر جيڪڏهن کو انهيءَ کي بي ادبي محسوس ڪري ٿو ته آءٌ انهن کان معافي گهران ٿو. هن چيو ته مون ڪتاب تمام گهٽا پڙهيا، مدرسي ۾ نوڪري ملڻ بعد ٽيچرس لائبريري ۾ ڪتاب پڙهندو هيس، ان کان سواءِ بمبئي ۾ بي.ٽي دوران ٽنڪرس لائبريريءَ جا ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليا جن منهنجي فڪري رهنمائي ڪئي. هن چيو ته علم دوست ماڻهن لاءِ ڪتاب کان وڌيڪ ڪوبه بهتر دوست نه آهي. نامياري مترجم ۽ اديب ولي رام ولپ سوال ڪندي پڇيو ته: توهان سنڌ لوَر، بڪ لوَر، هيومن لوَر ۽ مختلف هاڪاري شين جا لوَر رهيا آهيو؟ توهان جيڪي يورپ جي فلسفي بابت ڪتاب ترجمو ڪيا ۽ پيا ڪتاب ترجمو ڪرائڻ لاءِ شيخ ايازجي.وي.سي شپ واري دور ۾ ٽرانسليشن بيورو ناهيو هو انهيءَ جو چا ٿيو، موجوده وقت سنڌي ادبي بورڊ جي چيپل ڪتابن تي تنقيد ڪي ڪيئن ٿا ڏسو؟ جواب ۾ هن چيو ته آءٌ اڄ به ان ڳالهه تي قائم آهيان ته سنڌي ادبي بورڊ سميت سنڌ جي علمي ادارن ۾ بيورو آف ٽرانسليشن قائم ٿيڻ گهرجي جنهن لاءِ مان وقت به وقت حڪومت سان واسطو رکندڙ ڏُرين کي رٽائون موڪلينڈو رهيو آهيان ۽ افسوس جي ڳالهه آهي جو جيڪو تنقيد طور لکجي ٿو واقعي ائين ٿئي پيو. هن چيو ته مون ڊاڪٽر اياز بٽسنت جو هڪڙو مضمون هاٿي ترجمو ڪرايو آهي، جنهن جو ٽائيٽل آهي "پبلڪ اسپرٽ/ عوامي جنبو"، جنهن ۾ هن هندستان جي ماڻهن کي عوام جي پلائي جي تلقين ڪئي آهي. ڪنهن به سٽريل سماج ۾ انفرادي طرح هر فرد جو سٽرڻ لازمي آهي ۽ ان فرد تي کي ذميواريون عائد ٿين ٿيون جن جو ذڪر انهيءَ مضمون ۾ ٿيل آهي. هن چيو ته ڏک جي ڳالهه آهي ته اسان جي وڏيرن ۽ سڳورائپ وارن توڙي ليڊرن ۾ عوامي خدمت جو جذبو ناهي. ان موقعي تي هن شاهه جو شعر پڙهيو:

آءٌ آسين، تون ٿوهين، چارئي چٽان لاهِ، سندي دوزخ باهِ، تو اوڏائي نه اچي.

هن چيو ته رڳو پنهنجي ذاتي دلچسپي وارن ڪمن يا پنهنجن کي نوازڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا آهن. اسان جي ڪامورن ، ادبين ۽ سياستدانن ۾ پبلڪ اسپرٽ ناهي، چند ماڻهو هوندا آهن جن ۾ پبلڪ اسپرٽ موجود هوندو آهي. هن چيو ته جيترو پاڻ ۾ پبلڪ اسپرٽ پيدا ڪبو ايترو ئي وڌيڪ پلائي ملندي. "ڪاوش عوام آڏو" ۾ سنڌ جي نامياري دانشور غلام نبي مغل، حميد سنڌي، تاج جويو، نذير ميمڻ، ولي رام ولپ، محمد علي ڊيپلائي، گل محمد عمراڻي، نور ڪهلو، پروفيسر اعجاز قريشي، محسن علي جويو، سيد محسن رضا شاهه، عثمان منگي، عثمان ميمڻ، نصير مرزا، ادريس

جتوئي، سعيد خان اچڻ، سليم چنا، تولا رام سوڻهڻ، نعيم احمد ببر، سرور سهتو، غلام مصطفيٰ نانگراج، سنگرام، منظور ابڙو، روشن جويو، نثار ابڙو، سرور سميجو، صادق ڪپر، ڪاشف، ثاقب، شفيع چانڊيو، علي اڪبر نوحاڻي، عمران علي شاهاڻي، پرويز اقبال، دليپ هميراڻي، نثار جوڪيو، فوزيه جوڪيو، پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ، شوڪت چاچڙ، صادق جويو، فقير عثمان پنهور۽ سيد وارث شاهه شرڪت ڪئي. جڏهن ته محمد ابراهيم جويي ڪان خيرپور مان سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل، حيدرآباد مان فيصل نذير قاسمي، پڪا چانگ مان وحيد قريشي، حيدرآباد مان بخشڻ مهراڻوي ٽيليفون ذريعي سوال پڇيا جڏهن ته آڊينس مان پروفيسر اعجاز قريشي، پاڻي ماهر نذير ميمڻ، پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ، سرور سميجو، گل محمد عمراڻي، محمد علي ڊيپلائي، تاج جويو، ولي رام ولپ، نصير مرزا ۽ ٻين سوال پڇيا.

نامياري شاعر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا، امداد حسيني جي سڏن "توکي چاهيون ٿا، توکي چاهيون ٿا" سان مخاطب ٿيندي محمد ابراهيم جويي صاحب کان پڇيو ته توهان اڪيلائي ۾ چا سوچيندا آهيو؟ محمد ابراهيم جويو چيو ته: عشق جو ڪو ملهه ئي ڪونهي، مون کي ڪتابن سان عشق آهي، جن سان روزاني ڪچهري ڪريان ٿو، ٻيو ته مون کي اطمينان آهي ته مونسان واسطي ۾ رهندڙ ماڻهو مخلص آهن، آءٌ انهن جي ڪم مان مطمئن آهيان، انهيءَ ڪري ٻي ڪا به سوچ پريشان ناهي ڪندي، مون کي صرف سنڌ جي بي زمين هارين، مزدورن ۽ پورهيت طبقي جي سوچ ستائيندي آهي ته انهن ۾ سڌارو ۽ انهن کي عزت ڪيئن ملي، هن چيو ته هِن وقت ڪيڏي مهانگائي آهي، انهيءَ مهانگائي جي حالت ۾ اهي هڪ ويلي جي مانيَ لاءِ به پريشان آهن. جويي صاحب آخر ۾ گفتگو دوران شاهه جي هن بيت سان پنهنجي ڳالهه مڪمل ڪئي.

جان تون ساڻي آهيين، وَٽي وچ مَ وِجهُ،
جوُڊُ تنهنجو جَڪرا، آهي ثاني سِجُ،
نِيهَن پيالو نِجُ، ڪاس ڏج ڪُهيَن کي.

حيدرآباد مان فيصل نذير قاسمي سوال پڇيو ته: سنڌ جي هولي ۽ ادب سان لاڳاپيل ادارن جي ڪم مان ڪيترا مطمئن آهيو ۽ انهن جي سڌارن لاءِ ڪا تجويز ڏيڻ پسند ڪندا؟ محمد ابراهيم جويي جواب ڏنو ته: ڪنهن به اداري تي مڪمل اعتماد يا خوشيءَ جو اظهار مشڪل ڳالهه آهي پر چگي ڪان پوءِ بهتر ۽ بهتر ڪان پوءِ بهترين جي گنجائش رهندي آهي، خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته اڃڪلهه آڪسفورڊ وارا پڻ "بيسٽ" بجاءِ "بيٽر" لفظ جو استعمال ڪري رهيا آهن، هن چيو ته اسان کي اميد آهي ته اسان جا ادارا سڌا ڪم ڪندا. پڪا چانگ مان وحيد قريشي سوال ڪندي پڇيو ته هن وقت سنڌي قومپرست تنظيمن جي ڪم مان ڪيترو مطمئن آهيو؟ جواب ۾ ابراهيم جويي چيو ته اسان جون قومي جماعتون جيڪي پنهنجي وس ۽ وسيلن آهر ڪم ڪنديون آيون آهن، ڪن ميدانن ۾ ڪاميابيون به ماڻيون آهن. سنڌ جي مسئلن تي قومي جماعتن احتجاجن جي ميدانن ۾ چگي اڪيرائي ڪئي آهي پر اُن هوندي به اصلاح جي گنجائش بهرحال آهي. انهن جي تنظيمي پٽرن ۾ سڌارن جي گهُرج آهي ۽ ڪين عوام ۾ وڃي انهن ۾ پنهنجو نقطئه نظر پهچائڻ گهرجي، رڳو چوديواري ۾ ويهي ڳالهيون نه ڪجن، پريس رليز جاري ڪن ته ان ۾ پڻ دور انديشي، عقل ۽ ڏاهپ واريون ڳالهيون هجن، قومي جماعتون هجن يا وفاقي جماعتون هجن، اهي ڳالهيون سامهون رکن ته انهيءَ سان نه رڳو سنڌ پر پاڪستان جي پلائي آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل: خيرپور مان فون ڪري محمد ابراهيم جويو کان سوال پڇيو ته سڄي دنيا ۾ علمي ۽ ادبي ادارا مضبوط نيٽ ورڪ طور ڪم ڪن پيا، اسان جا جيڪي ادارا آهن، انهن جي ڪارڪردگيءَ مان اوهان ڪيترو مطمئن آهيو ۽ سنڌ سنڌي ڪتاب چپجن ٿا ته اهي گهٽ وڪرو چو ٿين ٿا؟ جواب ۾ محمد ابراهيم جويو چيو ته اها اسان جي خوشقسمتي آهي ته اسان تڪليفن ۾ آهيون پر سنڌ ۾ سڌا ادارا موجود آهن. سنڌ حڪومت هڪ وڏو ادارو آهي، قوم جي سجاڳي ۽ تبديلي لاءِ اتي ثقافت ڪاتو پڻ موجود آهي، جيڪو

پنهنجي وس آهر ڪر ۾ رڌل آهي. ان کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي توڙي ٻيون يونيورسٽيون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌالاجي ۽ ٻيا به ڪيترائي خانگي ادارا آهن جن پنهنجن ڪوشش مان گهٽايو ناهي، اهي پنهنجي وسيلن آهر ڪر ڪري رهيا آهن. ڪتاب سڻا به نڪرن ٿا ته رسالا به شايع ٿين ٿا پر اهو معاملو رڳو سنڌي سان لاڳو نٿو ٿئي، ٻين ستريل هولين جا پڻ رسالا ۽ ڪتاب نڪرن ٿا، انهن ۾ به ڪي سڻا ته ڪي اڻيا هوندا آهن، هن چيو ته سنڌي ۾ روزانو هڪ ڪتاب نڪري ٿو، اسان جي ماڻهن کي فراخدليءَ کان ڪر ونڊ گهرجي. تنقيد جو هر ڪنهن کي حق آهي پر هڪ ٻئي پٺيان نہ پوڻ کپي. تنقيد مان پڙهندڙن کي عملي طور موقعو ملي ٿو. ڪتاب اهڙا به موجود آهن جن جا 8-8 ايڊيشن به شايع ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن ڪتابن جو وڪرو نہ هجي، ته اهي چپچڻ بند ٿي وڃن، تعليم جون اوٽايون گهٽيون آهن پر ان باوجود اخبارون، رسالا ۽ ٽي.وي چينلز به موجود آهن، اسان وٽ سياسي طور ڪيترين به ڪمزوريون هجن، پر ثقافتي لحاظ کان اسان سجاڳ آهيون، جنهن تي اسان کي فخر آهي.

سرور سميجي سوال کندي پڇيو ته: ڇا اسان کي هن وقت تائين قوم تسليم ڪيو ويو آهي؟ محمد ابراهيم جويي چيو ته جيستائين اسان جي سنڌ جي سياست آزاد ناهي، قوم پسند ۽ عوام پسند سياست نہ ايندي، تيستائين اسان کي موجوده صورتحال مان نجات نہ ملندي. اسان جي ڪمزوري اها آهي جو اسين ٻن ڳالهين جا پابند آهيون، هڪ ته وڏيرائپ ۽ ٻيو سڳورائپ ۾ قائل آهيون. سڳورائپ چاهي ٿي ته اسين ماضي ۾ رهون ۽ وڏيرائپ چاهي ٿي ته اسين حال ۾ خوش رهون. اسان پاڻ ڪجهه به نہ ڪريون جيڪو ڪري سو الله پاڪ ڪري. هن شاعرن جي سرتاج شاهه پٽائيؒ جو شعر پڙهي ٻڌايو ته: لطيف چيو ته "محبت نج هجي".

جيستائين وڏيرائپ ۽ سڳورائپ مان آزاد نہ ٿيندا سين تيستائين سياست بي فائدہ ٻڌيل آهي ۽ اسين هرو پرو پنهنجو وقت وڃائي رهيا آهيون، اسان کي پنهنجي انهيءَ سوچ مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. گل محمد عمراڻي پڇيو ته: توهان ايم.اين.اي ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙي شخص کان متاثر آهيو ۽ ڪهڙو ڪتاب وڌ کان وڌ پڙهيو؟ محمد ابراهيم جويي چيو ته آءٌ ايم.اين.اي ڪان سواءِ سائين جي.ايم.سيد، سائين ٽيڪن مل ۽ پوءِ جيڪي به مون کي استاد مليا، انهن مان مطمئن آهيان. هن چيو ته مون کي جيڪي به استاد مليا، زندگيءَ ۾ انهن مون کي ڪنڌن به چڙهه ڪانه ڏني، مون کي ڪيترائي هندو ۽ مسلمان استاد مليا، مون جڏهن بمبئي مان بي.ٽي پئي ڪئي، تڏهن سيد عبدالرسول شاهه منهنجي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي. باقي ڪتابن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي. مون ٻين مذهبن جا مقدس ڪتاب ۽ صحيفا پڙهيا آهن. انهيءَ سان گڏ قرآن شريف به پڙهيو آهي. انهيءَ جو سنڌي ۾ ۽ انگريزي ۾ پڻ ترجمو پڙهيو آهي. انهيءَ کان پوءِ شاهه سائين جو رسالو پڻ مون کي سڳورو ڪتاب محسوس ٿيو آهي. هن چيو ته آءٌ سڳورائپ جي خلاف آهيان پر انهيءَ جي باوجود سڳورائپ هن وقت مضبوط بينل آهي ته انهي کي توڙڻ لاءِ ثقافتي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. جڏهن ڪنهن سماج جي معاشي ۽ ثقافتي اوسر هموار ۽ متوازن هلندي، ته انهي کان پوءِ سڳورائپ ثقافت جي وسيع دائري جو هڪ ننڍڙو ڄڙ ٻڌجي پوندي آهي، هن چيو ته جديد فلسفو، سيڪيولرزم ، اخلاقيات ۽ جماليات بابت انگريزي جا ڪتاب تمام گهڻو متاثر ڪن ٿا. هن چيو ته يورپ کنڊ جي احتجاجي تحريڪ بابت ڪتاب آهي جيڪو چاهيان ٿو ته ترجمو ٿيڻ کپي، ان ۾ مارٽر لوٿر جي حياتي بابت لکيل آهي. هن وقت به اهڙي ئي تحريڪ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سيڪيولرزم مذهب جي خلاف ناهي، اهو اجايو قدامت جو ڳڇيءَ ۾ نوڙ قائم رکڻ لاءِ غلط بياني کندي ٻڌايو پيو وڃي.

[سنڌ جي عظيم ڏاهي محترم محمد ابراهيم جوئي کان هيءُ انٽرويو سنڌي ٽي.وي چئنل "ڪي.ٽي.اين نيوز" جي مشهور پروگرام "عوام آڏو" لاءِ ورتو ويو، جيڪو تاريخ 20_ نومبر 2012ع تي ٽيليڪاسٽ ٿيو.]

هڪ دور سان رهاڻ

محمد ابراهيم جويي صاحب سان ڪچهري

نصير مرزا

س: ادب ۾ خاص طور سنڌي ادب جو ڪهڙو ڪارج آهي، اوهان جي نظر ۾؟

ج: جيڪڏهن ادب کي، ڪنهن به ادب کي، ڪو ڪارج ناهي ته آڻ ان کي ادب مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان، البت ادب جي جيڪا فني خصوصيت ۽ تقاضا آهي، اها پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿي ۽ هڪ ادیب لاءِ اهو ضروري به آهي ته هُو ان جو پورو خيال رکي ۽ پوري تڪميل ڪري. باقي جيڪي ڪجهه به ادیب ادب جي معرفت چوي ٿو، اهو يقيناً بامقصد آهي.

ادیب سمجهي ٿو ته جيڪي ڪجهه هن چيو آهي، ان کي هن جا پڙهندڙ سمجهندا ۽ ائين هن جي ڳالهه ٻين تائين رسندي، ادیب ان لاءِ ئي ته لکي ٿو. ان کري ادب جو ڪارج بهرحال موجود رهي ٿو، جنهن کي "سماجي ڪارج" به چئجي ٿو. دراصل انسان ۾ انفرادي توڙي اجتماعي طرح گهٽيون ڪمزوريون آهن. اصلاح لاءِ جيڪڏهن انهن ڪمزورين جي نشاندهي جذباتي نوع ۾ هجي، نصيحتن واري انداز يا واعظ وانگر، اهي ادب جي پيشڪش جا هڪڙا رُخ آهن، پوءِ چاهي اهڙو ڪو رُخ شاعريءَ جي صنف ۾ اختيار ڪيو ويو هجي، يا نثر ۾. خود مختلف صنفن کي پنهنجي لکت واريءَ طرز طور دفعن ۾ ورهايو ويو آهي، پوءِ اُنهن رُخن کي رومانوي چئو، اصلاحي چئو، اخلاقي چئو يا تاريخي چئو. اهي سڀ "علمي" ڀاڪ جا مختلف ذريعا ۽ انداز آهن، جن کي استعمال ڪري ادیب پنهنجي ڳالهه پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو.

اصل ۾ ادب ان کي ئي چئجي ٿو، جيڪي لکندڙ، قلم ذريعي، يا خود زباني طور ماڻهن تائين پهچائڻ گهري ٿو. سو ان کري ادیب جي ادب جو ڪارج ضرور ٿئي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ هو چوي ڇو، لکي ڇو؟ ۽ ان طرح سنڌي ادیب وٽ، سنڌي ادب وسيلي سنڌي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ قدردان کي سڌيءَ طرح ۽ پڻ ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي پڙهندڙ کي، ان جي ترجمي وسيلي گهٽو ڪجهه ڏيڻ لاءِ مواد موجود آهي.

س: توهين جڏهن ادب جي تشريح يا وضاحت ڪريو ٿا، ته شاهه لطيف کان شيخ ايازَ ۽ ڪلاسيڪل کان جديد ادب تائين جو سمورو دور توهان جي سامهون آهي، اوهين ڇا چوندو، ته اهو سڀ سنڌي سماج لاءِ ڪيتريءَ حد تائين ڪارگر ثابت ٿي سگهيو آهي؟

ج: جڏهن سنڌي تربيت ۽ تعليم جي تاريخ، اڄ لکيل يا لکيل ادب جي حوالي سان، اسان تائين يعني سنڌي ماڻهن تائين پهتي آهي، تڏهن کان ان سلسلي ۾ سنڌي سماج جي ڪهڙي ڪيفيت ۽ صورتحال رهي آهي، ان بابت ئي چئي سگهبو ته ان صورتحال جو خيال سنڌي اديبن ڪيو يا نه ڪيو. اهو ڏسڻ ضروري آهي ته اها تاريخ جي ڪهڙي نمايان صورتحال هئي، جيڪا ڪنهن سنڌي ڏاهي ماڻهوءَ،

سوچيندڙ ماڻهوءَ، مفڪر يا حساس ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ضرور آئي هوندي، ۽ ان جو نوٽيس ورتو ويو هوندو. جڏهن ان سوال کي ذهن ۾ رکبو ته پوءِ ئي چئي سگهبو ته ان دور جي ليکڪن، اديبن پوءِ اهي شاعر هئا، سگهڙ هئا يا نثرنويس هئا، تن پنهنجو فرض نپايو يا نه نپايو يا جيڪا ڳالهه انهن ڪرڻ گهري ٿي، سا واقعي سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي سماج جي فائدي، اصلاح، خدمت ۽ جاڳرتا ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي يا نه، مطلب ته پهرئين ان سلسلي جي مرحلي واري صورتحال کي واضح هجڻ گهرجي.

س: توهين پاڻ هينئر اسان جي جديد سنڌي ٻوليءَ جا سنواريندڙ سڏاريندڙ آهيون، ته ان سنواريندڙ ۽ سڏاريندڙ ۾ ڪٿهن هٽ ۾ ڦرهي ڪنئي، ان کي ميٽ مکيو، ڪلڪ ڪنئي يا مس ڪپڙي ڪنئي مڪتب تائين ويو؟ ڇا اهو احوال ڏيندوَ؟

ج: ها، هئي ڦرهي، اسين ان کي "پٽي" چوندا هئاسين، ميٽ ۾ هوندو هو، اسين ٻئي يا ٽئين درجي ۾ هوندا هئاسين ته اسان کي استاد ڪاري مس ناهڻ ۾ سيکاري. ڪانهن جي صاف تيلن تي چوندا هئا ته گهر ۾ ڏيئو ٻري ٿو، اُن جي ڪارڪ گڏ ڪيو. انهن ڏينهن ۾ عام ڏيئا ٻرندا هئا. ٻهراڙيءَ ۾ اسان وٽ تڏهن لالٽين ورلي هوندا هئا، ڏيئن جي وٽ جي لاٽ مان نڪرندڙ ڪارڪ گڏ ٽيندي هئي. ان ۾ ٿورو تيل ملائي، گهمائي گهاٽو ڪري، تيلن تي مکي، اُهي ڇانوَ ۾ سڪائي ۽ پوءِ ڇميل ڪارڪ ڪرڙي، لاهي، مس ڪُپڙيءَ ۾ ٿورو پاڻي ملائي مس ناهيندا هئاسين. اڪر سڃاڻڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ پٽيءَ تان ۽ ٻارائي ڪتاب تان سکياسين. ظاهر آهي ته پٽيءَ تي ميٽ ملڻ ۽ اهو وري لاهڻ ۾ سکياسين، پڙهڻ تي ڇاهه هو، استاد جو چوڻ مڃبو هو. ائين مس ناهڻ ڪجهه ڪاريگريءَ جو ۾ ڪم هو. استاد اسان کي ٻيون سئيون ڳالهيون سيکارينڊو هو، جيئن "هلجي چلجي ڪيئن، پاڻ ۾ نه وڙهجي، ڪوڙ نه ڳالهائجي، چغلي نه هڻجي، ڪنهن جي شيءِ بنا گهري ونڊ جي نه کڻجي، مُنهن هٽ ڏوئي صاف رکجن، ننهن وڏن ته ماڻ ڪان يا ڪنهن وڏيءَ ڪان ڪترائي چڏجن، ماني کائي، گرڙيون ڪري، وات صاف ڪرڻ وغيره وغيره.

س: توهين سمجهون ٿا ته سنڌ جي ماڻهن توهان جي هن وقت تائين ڪيل پورهئي جو پورو قدر ڪيو آهي؟ يا توهان کي ڪا ڪسڪ يا روزرويشن آهي ته سنڌي قوم منهنجو قدر نه ڪيو؟

ج: سچ پچو ته سڃي زندگيءَ ۾ انهي قدر ۽ ناقدريءَ جي خيال يا سوچ رکڻ ۽ ڏيان ڏيڻ کي مون اجايو سمجهيو آهي. ڳالهه رڳي اها آهي ته اُڏمو جاڳي ٿو، ڪنهن مسئلي جي سلسلي ۾ ته لکجي ٿو، ماڻهو پڙهن ٿا. جيڪڏهن منهنجي لکيل ڳالهه ۾ جان آهي، ان ۾ تاثر آهي، ته ظاهر آهي پڙهندڙ تي به اثر پوندو. باقي کي پڙهندڙ قدر ڪن ٿا يا نٿا ڪن، ان جو خيال دل ۾ رکي پوءِ ڪو ٻيو مضمون لکان، ائين ٽيون مضمون لکان، ته اهڙو خيال ڪڏهن به مون دل ۾ نه آندو آهي.

ها، باقي مان مطمئن آهيان ته منهنجي سڃيءَ تحريري ڪاوش جو قدر ڪافي ٿيو آهي، منهنجي عزت، مون سان محبت سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ جيڪا به آهي سا منهنجي ڪم جي طفيل ئي آهي. جيڪڏهن منهنجو ڪم قدر لائق ئي نه هجي، ته منهنجو قدر ٿيڻ به ڇو گهرجي؟ هي جيڪي مون کي زندگيءَ ۾ سهوليتون ۽ سک، رهڻ جا، کائڻ پيئڻ جا، جيئڻ جا، هيستائين مليا آهن، سي مون کي منهنجي ڪم کان سواءِ ئي ملڻ کپندا هئا ڇا! هينئر مان 87ورهين جو آهيان، هيتريءَ عمر تائين آخر مون کي ڪنهن ته پاليو، ڪنهن ته مون کي معاوضو ڏنو پنهنجي ڪم ڪار جو، پوءِ مالي صورت يا سماج ۾ عزت يا ڪنهن رتبي جي صورت ۾، اهو مون کي ڪافي مليو آهي. شايد موٽ ۾ منهنجي پيش ڪيل يا فرض طور ادا ڪيل ڪم کان وڌيڪ ئي مون کي مليو آهي، آءٌ بيحد شڪرگذار آهيان پنهنجي سماج جو، پنهنجي قوم جو، پنهنجي ملڪ جو، بلڪ سڃي

بي پايان فطرتي ماندڻ جو، جت مون زندگي گذاري آهي ۽ جي رهيو آهيان ۽ ايڏي سڪ سانت ۾ جي رهيو آهيان.

س: توهان ٻڌايو ته توهان جو جيڪو سياسي شعور آهي، اُنهيءَ ۾ سائين جي.ايم.سيد جي مجلسن جو به حصو آهي، ايم.اين.راءِ کان به اوهين متاثر آهيو. پر اسين جڏهن توهان جي فڪري تحريرن کي ڏسون ٿا ته انهن جو ڊڪشن يورپين ۽ انگريزيءَ ۾ لکندڙ رائيٽرس کان انسپائر لڳو ٿا. اهي انگريزيءَ جا ڪهڙا رائيٽر آهن، جن کان اوهين متاثر آهيو، چو ته لڳي ٿو ته توهين لکڻ وقت انگريزيءَ ۾ سوچيو ٿا، ڇا اهو صحيح آهي؟

ج: جڏهن مان پڙهندو هوس تڏهن انگريزيءَ جي تعليم ۽ تدريس ڏاڍي اثرائتي هوندي هئي. پنجين درجي کان انگريزيءَ جي پڙهائي شروع ٿيندي هئي. ان دور ۾ انگريزي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ تي خاص ڌيان هوندو هو. هڪ ئي ان جو سبب هو ته اها حاڪمن جي ٻولي هئي. اسان جي عادت هوندي هئي ته ڪتابن ۾ ڪو سٺو جملو آيو ٿي، ته استاد جي چوڻ تي يا اسان کي جيڪو وٺندو هو، سو نوٽبڪ ۾ لکي ڇڏيندا هئاسون، جيئن ٻيو ڪو مضمون لکون ته اهو ان ۾ استعمال ڪريون. نئون ڪو اصطلاح هجي، ڪو پهاڪو هجي، ڪو ٻوليءَ جو خاص فقرو هجي، اهو اسين ياد ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين.

ائين پوءِ مان بمبئي پڙهڻ ويس ته اتي به انگريزي ڪيئن پاڙهجي، ۽ فارسي ڪيئن پاڙهجي، انهن ٻنهي زبانن جي پڙهائڻ جي مون خاص تربيت ورتي. اُتي مون کي ايم.اين.راءِ جي پارٽيءَ وارن سان ملڻ جو موقعو مليو. انگريزي اخبار "ٽائمس آف انڊيا" ۾ ايم.اين.راءِ جا مضمون هلندڙ عالمي جنگ بابت ايندا هئا. اهي مان وري وري پڙهندو هوس. ائين انگريزي ٻوليءَ جي ادب جو ۽ ان جي شان ۽ شوڪت جو اثر اسان جي دماغ تي قائم ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ به نوان خيال، نيون ڳالهيون، ۽ نيون ترڪيبون هجڻ کپن، اهو خيال اسان کي تڏهن ئي آيو. پوءِ سياست جون ڳالهيون، تاريخ جون، فلسفي جون، اعليٰ ادب جون، سائنس جون، انگريزيءَ ۾ آهن، سنڌيءَ ۾ به ڇو نه هجن! ڪميونزم، سوشلزم، مارڪسزم ۽ ٻين ڪيترن نون نظرين جون ڳالهيون انگريزيءَ ۾ اسان جي سامهون آيون. اسان اُهي پڙهيون ۽ ائين سمجهڻ تي آماده ٿياسون ته انگريزي ئي علمي ٻولي آهي.

مون کي خاص طرح ايم.اين.راءِ جي انگريزي تحرير ۾ زور، اثر ۽ پيشڪش جي علمي انداز گهڻو متاثر ڪيو. اتي ايس.ٽي ڪاليج ۾ هر مهيني اسان کي انگريزيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن علمي ۽ تعليمي موضوع تي مضمون لکڻو پوندو هو، جنهن لاءِ استاد اسان کي چئن پنجن ڪتابن جا نالا لکائيندا هئا. پنهنجي مليل مضمون لاءِ اسان کي اهي ڪتاب هر مهيني پڙهڻا پوندا هئا ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ اهو مضمون لکڻو پوندو هو. سو اوهان کي پلي منهنجي سنڌي لکڻي ۾ لڳندو هجي ته آءٌ انگريزيءَ ۾ سوچيان ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ لکان ٿو: ترجمن جي حالت ۾ ته وڌيڪ ائين لڳندو ۽ مون گهڻي تعداد ۾ ته انگريزيءَ جا ڪتاب ئي ترجمو ڪيا آهن. علامه آءِ.آءِ.قاضيءَ جو چوڻ هو ته: "سنڌي ٻولي اوهين بچائي تڏهن سگهندا جڏهن ان کي معنيٰ ۽ فڪر جي قوت سان مضبوط ۽ سگهارو ڪندا." پر باوجود اوهان جي ان چوڻ يا سمجهڻ جي، لسانيات جي بنيادي حقائق کي سامهون رکندي، بهرحال، ائين ممڪن ئي ڪونهي ته ماڻهو سوچي هلڪيءَ ٻوليءَ ۾ لکي ٻيءَ ٻوليءَ ۾! سچ هيءَ آهي ته انگريزي لکندڙ انگريزي ۾ ئي سوچي ٿو ۽ لکي ٿو، ۽ سنڌي لکڻ وارو سنڌيءَ ۾ ئي سوچي ٿو ۽ لکي ٿو. جنهن ٻوليءَ جا لفظ لکجن ٿا اُهي ئي لفظ لکندڙن جي سوچ ۾ هوندا آهن. ائين هرگز ممڪن نٿو ٿي سگهي ته ماڻهو سوچي "Apple" ۽ لکي "صوف" يا سوچي صوف ۽ لکي "Apple"!

س: پنهنجي زندگيءَ جو قابلِ فخر دوست ڪنهن کي سڏيندؤ؟

ج: (ڪلندي) قابلِ فخر دوست (وڇ ۾ نصير) جنهن تي توهان کي فخر هجي ته اوهان سان دوستيءَ ۾ هُن وفا ڪئي؟ مون سان وڏي وفا جمال صديقيءَ ڪئي، ايئر به مون سان وفا ڪئي. اهي منهنجا جگري يار هئا. حسام الدين به وفا ڪئي. دراصل منهنجو ڪوبہ دوست جنهن کي مان ائين شمار ڪيان، سچ پچ انهيءَ لاءِ چئي نہ سگهندس ته ان مون سان وفا نہ ڪئي. مون ڪئي لکيو به آهي ته مان خوشقسمت آهيان، جو مون کي چڱن ماڻهن ۾ صاف دل ماڻهن سان دوستيءَ جو موقعو مليو آهي. جيڪي مون سان سدا وفادار رهيا ۽ جن جي دوستيءَ تي مون کي فخر هو ۽ آهي.

س: اسڪرپٽ جي سلسلي ۾ جيڪو هڪ خيال آهي ته موجوده رسم الخط ختم ڪري ان کي رومن ڪجي ته توهين ڇا چوندؤ؟

ج: آءٌ ته رومن اسڪرپٽ جي بلڪل خلاف آهيان. آءٌ شدت سان انهي ڳالهہ جي حق ۾ آهيان ته اسان جو جيڪو موجوده رسم الخط آهي، سو اسان لاءِ بلڪل پورو ۽ ڪافي آهي ۽ ان ۾ ردوبدل جي ڪا ضرورت نہ آهي. بلڪ اسان جي انهي رسم الخط ۾ ايڏيون ته خوبيون آهن، جيڪي تمام ٿورن رسم الخطن ۾ ئي سگهن ٿيون، رسم الخط ۾ جيڪي سهوليتن جا امڪانات هجڻ ڪپن، انهن کي ڏسي ۽ سمجهي ڪري، وڏيءَ ذميداريءَ سان، مان چوان ٿو ته اسان جو جيڪو سنڌي رسم الخط آهي جنهن کي سنڌي عربي رسم الخط چئجي ٿو، ان ۾ جيڪي لکڻ جي آسانيءَ جون سهوليتون ۽ حسن آفرينيءَ جا ممڪنات موجود آهن، سي شايد دنيا جي اڪثر رسم الخطن ۾ نہ هجن ۽ هاڻي تہ انهي مسئلي تي بحث آهي به ڪونہ.

س: پلا سنڌي ادب جي جيڪا لکيل تاريخ آهي، ان کان ڪيتريقدر مطمئن آهيو؟ اسان جي محققن يا تاريخدانن، تاريخ سان ڪيترو انصاف ڪيو آهي؟

ج: سنڌي شعر جي تاريخ جو جيڪو پهريون ڪتاب مون پڙهيو هو سو لطف الله بدويءَ جو هو. مان ان ڪتاب کان ڏاڍو متاثر ٿيس. تنهن کان پوءِ اسان جي ادب جون ڪيئي تاريخون لکيون ويون آهن، سي به مون پڙهيون آهن. سنڌي ادب جي تاريخ جنهن طريقي سان لکڻ گهرجي، سا منهنجي نظر ۾ ايجا نہ لکي وئي آهي. ڊاڪٽر الهداد هوهئي سان مون صلاح ڪئي هئي ته ڪو ادارو سنڌي ادب جي تاريخ جديد روپ ۽ رُخ واري انداز ۾ لکرائي، جيئن جيڪي ترقي يافتہ هوليون آهن جن جو سڪو هينئر دنيا ۾ هلي ٿو، جيئن انگريزي آهي، جرمن آهي يا فرينچ آهي، انهي انداز سان سنڌي ادب جي تاريخ لکي وجي. ڊاڪٽر هوهئي جا ٻئي ڪتاب به مون ئي ڇپايا هئا- "سنڌي هوليءَ جو سماجي ڪارج"، تنهن کان پوءِ منهنجي چوڻ تي "تنقيدون" لکيائين. افسوس، هن جي عمر بقا نہ ڪئي. نہ ته ارادو اهو ته سندن رٽائر ٿيڻ کان پوءِ گڏجي سنڌي اديب جي تاريخ لکنداسون. سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ لاءِ منهنجو ڏيان ۽ سوچ آهي ۽ اها سنڌي قوم جي فڪر، ڪيئن سنڌي قوم باشعور ٿي، ان فڪر ۽ شعور جي خبر ان جي سنڌي هوليءَ ۽ ادب جي تاريخ مان پوڻ ڪپي، ۽ اها تڏهن ئي لکي سگهبي، جڏهن سنڌي ادب ۽ هوليءَ جي تاريخ ان معياري انداز سان لکي وجي.

(ماهوار "نئين زندگي" حيدرآباد جنوري 2002ع تان ورتل- ادارو)

سنڌ جي ڏاهي اديب، دانشور ۽ مفڪر محمد ابراهيم جوئي سان ڪيل ڳالهه ٻولهه

(پئنل انٽرويو)

س: صلاحڪاري بورڊ جو قيام ڪڏهن ٿيو ۽ ان جي قيام ٿيڻ جو پسمنظر ڇا هو؟

ج: 1940ع ۾ سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ هڪ صلاحڪاري بورڊ قائم ڪيو ويو، ان بورڊ جو پورو نالو هو. High power Executive Committee for Sindhi literature يعني "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ" ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ 1951ع ۾ جڙيو ۽ مون کي ان بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو هو. ۽ اها مقرري منهنجي گهر مطابق سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي معرفت ڪئي وئي چو ته ان وقت صلاحڪاري بورڊ جي قيام جي سرپرستي سائين جي.ايم.سيد ڪري رهيو هو. هاڻي اچجي اوهان جي اصل سوال طرف. 1940ع وارو دور هن خطي ۾ عجيب ويڀاٽپ ۽ انتشار جو دور هو. 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ جا ڦٽ تازا هئا، هندستان ۾ مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ جي گهر سامهون آئي. ٻه قومي نظريو پيش ٿي چڪو هو، جيڪو خاص مذهب جي بنياد تي ناهيو ويو، جيڪو غلط هو. اُن جي اسان سخت مخالفت ڪئي، ان دور ۾ هڪ اهڙي پليٽفارم جي ضرورت هئي، جنهن ذريعي سنڌ ۾ سياسي ۽ ادبي شعور جي جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي. هن صلاحڪاري بورڊ جو قائم ٿيڻ جو اصل پسمنظر اهو ئي هو.

س: بورڊ قائم ٿيڻ کان اڳ سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ صلاحڪاري بورڊ ڪهڙيون حاصلاتون ڪيون؟

ج: جيئن مون عرض ڪيو ته هن بورڊ سنڌ جي شعور کي گڏ ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. سنڌي اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻي بيهاريو ۽ سنڌي ادب ۾ نئين فڪري شعوري سجاڳي آئي ۽ اُن جو اثر ادب تي پيو صلاحڪاري بورڊ اڳتي هلي 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي جنم ڏنو. اها سندس وڏي حاصلات آهي.

س: هن ۾ بورڊ جي بنياد رکڻ ۾ ڪنهن ڪنهن جو هٿ هو؟

ج: سنڌي ادب ۽ ٻولي جي واڌ ويجهه لاءِ صلاحڪاري بورڊ قائم ڪرڻ ۾ سائين جي.ايم.سيد جو وڏو هٿ هو. ان وقت ٻيا به اسان جا معتبر بزرگ دوست ۽ سڄڻ اسان سان گڏ هئا. جن ۾ سيد ميران محمد شاهه جيڪو صلاحڪاري بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر عمربن محمد داؤد پوٽو هو، لعل چند امر ڏنومل هو. ڊاڪٽر هرومل سندارنگاڻي هو. ڊين محمد وفائي هو. عثمان علي انصاري، پيرحسام الدين راشدي، پيرعلي محمد راشدي وغيره دوست هئا.

س: جناب جي.ايم.سيد اوهان ۽ بورڊ لاءِ چيو هو ته بورڊ معنيٰ جويو صاحب، جويو معنيٰ بورڊ، اُن جي اصل حقيقت ڇا هئي؟

ج: 1951ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جڙيو، تڏهن مون کي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1955ع ۾ پير حسام الدين راشدي جي تحرڪ سان بورڊ کي چئن سالن لاءِ قومي تاريخ ۽ ادب جي فروغ جي اسڪيم لاءِ گرانٽ مليو، انهن ڏينهن ۾ مون هڪ اسڪيم ناهي ته بورڊ ۾ جيڪي سنڌ جي تاريخ تي فارسي ۽ عربيءَ ۾ لکيل نسخا آهن، تن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائجي، پر منهنجي هڪ محقق دوست کي اعتراض هو ته انهن کي اصلي حالت ۾ ڇپائجي، پر جيئن حسام الدين راشدي صاحب کي تاريخ سان بيحد دلچسپي هئي ۽ هو تاريخ جي سچ

کي پنهنجو آدرش مڃيندا هئا ۽ منهنجي راءِ اها هئي ته هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ايڊٽ ٿي ترجمو ٿين، ڇو جو انهن جو لاڳاپو سنڌ جي ادب ۽ تاريخ سان هو، اها ڳالهه وڃي سائين جي.ايم.سيد تائين پهتي جيئن ته اسان هر خيال هٿاسين، هن جو مون تي پروسو هو، اعتماد هو، تڏهن سائين اها ڳالهه چئي ته بورڊ معنيٰ جويو، جويو معنيٰ بورڊ، پوءِ ترجمن واري اسڪيم پير حسام الدين راشدي صاحب جي حوالي ڪئي وئي. آءٌ پير حسام الدين راشدي صاحب جو ٽورائتو آهيان، جو انهن فارسي ۽ عربي مخطوطات کي سنڌيءَ ۾ ايڊٽ ڪري ۽ ترجمو ڪيو آهي.

س: جن مقصدن لاءِ بورڊ جوڙيو ويو ڇا اُهي مقصد حاصل ٿيا؟

ج: ماڻهو ته پنهنجي ذهن ۾ تمام وڏا خواب ۽ خيال ناهيندو آهي، پوءِ اُن مان کي ساڀيان ٿيندا آهن ۽ کي نه به ٿيندا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جن مقصدن لاءِ جوڙيو ويو. انهن مان ڪافي حاصل ٿيا. مثال طور: سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻو هو. اهو ڪافي حد تائين ٿيو. لغت اسڪيم تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان ڪم ورتوسين. لوڪ ادب اسڪيم نهي، جنهن تي به سنڌ تي نامور اديب ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان ڪم ورتو ويو. جيڪو 40 جلدن تي سهيڙيو ويو. بورڊ کي پنهنجي عمارتون نه هيون، اهي حاصل ڪيون ويون. اڳتي هلي پريسون به پنهنجون خريد ڪيون ويون، . 1946ع ۾ برڪ رسالو "مهراڻ" جاري ٿيو. جيڪو پنهنجو آب وتاب سان اڄ به ڇپجي پيو. ٻارڻن جو رسالو "گل ڦل" ۽ عورتن جو رسالو "سرتيون" جو اڳتي هلي اجراء ٿيو. سڀ کان اهم جيڪو بهتر حاصلات ٿي آهي اُها هيءَ ته سنڌي ڪلچر ۾ واڌارو ٿيو. سنڌي ٻولي ذريعي سنڌي ادب جي مختلف موضوعن کي متعارف ڪرايو ويو. تخليقي ادب سان گڏوگڏ ترجمن ڏانهن پڻ ڌيان ڏنو ويو. سنڌي ادب بورڊ جي قيام جو اصل مقصد قومي شعور کي اجاگر ڪرڻ هو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم ۾ هڪ ويڇاڻپ جو دور شروع ٿي چڪو هو، ان ويڇاڻپ ۽ مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ هن اداري جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن سان علمي ادبي جاڳرتا وڌي آهي سوچ جي سطح وڌي آهي، قومي شعور به وڌيو آهي. اهو سمورو ڪريڊٽ سنڌي ادبي بورڊ ڏانهن وڃي ٿو.

س: مهراڻ رسالي تي "مهراڻ" نالو ڪنهن تجويز ڪيو؟

ج: اها تجويز، سنڌ جي نامور عالم ڊاڪٽر عمربن محمد دائود پوٽي ڏني هئي. پاڻ 31- آگسٽ 1945ع ۾ هڪ خط لکيو هئائون، جنهن ۾ لکيو هئائون ته: "مهراڻ" سنڌوندي، جو قديم نالو آهي. اها پياري ندي جنهن جو لڙائيل پوتر پاڻي سنڌ جا سڀ رهواسي هندو خواه مسلمان پي پنهنجي اُڃ لاهي اندر ٺا ٺارين." تنهنڪري ادب جي اُڃ هن رسالي ذريعي لاهي سگهجي ٿي. جنهن کان پوءِ 1946ع ۾ "مهراڻ" رسالو جاري ٿيو.

س: اسان پڙهيو آهي ۽ ٻڌو آهي ته تماهي "مهراڻ" جا به دور رهيا آهن، پهريون دور ورهاڱي کان 3/2 سال اڳ ۽ ٻيو دور ورهاڱي کان 3/2 سال پوءِ يعني 1955ع کان هاڻي تائين، اوهان جيئن ته مهراڻ جا باني رهيا آهيو، اوهان ئي صحيح ٻڌائي سگهو ٿا ته پهريون دور ڪڏهن کان شروع ٿيو ۽ ان ۾ مهراڻ جا ڪيترا شمارا ڇپجي پڌرا ٿيا ۽ ٻيو دور درست ڪهڙي سال کان شروع ٿيو ۽ انهن جا ابتدائي ايڊيٽر ڪير هئا؟

ج: ادا جيئن مون عرض ڪيو ته "مهراڻ" 1946ع ۾ جاري ٿيو ۽ 1947ع يعني ورهاڱي تائين ڇپيو، پر ان دوران کي 10، 8 شمارا ڇپيا هوندا صحيح انگ ياد نه آهي. پوءِ ورهاڱي سبب "مهراڻ" بند ٿي ويو بلڪ صلاحڪاري بورڊ جون سرگرميون به ٽٽيون ٿي ويون، وري جڏهن پاڪستان جڙڻ کان پوءِ لڏپلاڻ وارو دور ويندي 52- 1950ع تائين اهو سمورو دور انتشار ۽ ويڇاڻپ وارو دور هو. نيٺ اسان 1951ع

ھر صلاحڪاري بورڊ کي ختم ڪري سنڌي ادبي بورڊ کي جوڙيوسين. ان دوران "مهراڻ" ڪونہ نڪتو، 1955ع ھر بورڊ جي سرگرمين تي ڏيان ڏنو ويو ۽ پھريون ڪم "مهراڻ" جو نئين سراجراءِ ڪيو ويو ۽ مون کي اُن جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. گڏوگڏ مان بورڊ جو سيڪريٽري بہ ھوس، ايڊيٽرشپ منھنجي اضافي چارج ھئي. پھرئين دور ھر ڪميٽي قائم ڪئي وئي ھئي. جيڪا عثمان علي انصاري، دين محمد وفائي، لعل چند امرڈنو مل ۽ ڊاڪٽر ھرومل سدارنگاڻي تي مشتمل ھئي. ڊاڪٽر ھرومل ايڊيٽر ھو. ٻئين دور ھر مان ايڊيٽر ھوس پوءِ دائود پوٽو بہ ٿيو. پير حسام الدين بہ ٿيو. عثمان علي انصاري ۽ غلام محمد گرامي بہ ايڊيٽر مقرر ٿيا، جيڪي "مهراڻ" کي عروج تي کڻي ويا.

س: اوھان کان پوءِ جي ايڊيٽرن "مهراڻ" کي سنياليو، انھن مان ڪھڙن ايڊيٽرن جي دور ھر "مهراڻ" پنھنجو عروج ماڻيو؟

ج: سڀني پنھنجي پنھنجي حصي جو ڪم ذميداريءَ سان ڪيو. پر ھر دور جي پنھنجي گھرج ھوندي آھي. پوءِ اُھا ڪنھن جي نصيب ھر اچي منھنجي خيال ھر گرامي صاحب "مهراڻ" کي عروج تي وٺي ويو ۽ ھن تمام سڻا ليکڪ "مهراڻ" جي محاذ تان تيار ڪيا. ان کان پوءِ شمشيرالحيدريءَ، امداد حسينيءَ پڻ "مهراڻ" کي پنھنجي انھيءَ اوج تي رسايو ۽ ويجھڑائي ھر منھنجي نظر مان ڪجھ "مهراڻ" جا خاص نمبر جن ھر مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، شمشيرالحيدري نمبر، محمد عثمان ڊيپلائي نمبر گڻريا آھن، جن ھر ايڊيٽر جي محنت نظر اچي ٿي.

س: اوھان بورڊ يا ٻين ادارن ھر ايڊيٽنگ ايند ٽرانسليشن بيورو جي ڪالھ ڪندا رھيا آھيو، اوھان وڏا ادارا ڪوليا، پوءِ ڪھڙيون رڪاوٽون ھيون، جنھن سبب ٽرانسليشن بيورو قائم نہ ٿي سگھيو؟

ج: بورڊ ھر ان قسم جون ڪوششون ورتيون ويون ھيون، پر اُھي ڪامياب نہ ٿيون. ضروري ناھي تہ سڀئي ڪم ھڪ ئي وقت ھر ٿي وڃن. ھر ڪم جو پنھنجو وقت مقرر آھي. اسان بہ ان سلسلي ھر جاکوڙيو. تازو سنڌي ادب جي برڪ ليکڪا ميبر مهتاب اڪبر راشديءَ جي توسط سان سنڌ اسيمبليءَ مان اھو بل پاس ڪرايو ويو آھي تہ منھنجي نالي سان سنڌ ھر بيورو آف ٽرانسليشن قائم ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ھر مون وڏيڪ ھٿو آھي تہ ھڪ سمري بہ مٿي اُماڻي ويئي آھي، جيڪڏھن اھڙو ادارو قائم ٿي وڃي ٿو تہ اسان لاءِ چڱائي ٿيندي.

س: عام طور تي ٻڌندا آھيون: ھيءُ ترقي پسند ادب آھي، ھيءُ ترقي پسند سوچ آھي، ھيءُ ترقي پسند تحريڪ آھي، ھيءُ ترقي پسندي آھي. وغيرہ وغيرہ تہ اسان، اوھان کان ترقي پسنديءَ جو مطلب ۽ معنيٰ معلوم ڪرڻ ڪھڙن ٿا؟

ج: ڪنھن بہ رنگ، نسل، ذات، مذھب جي مت پيد کان بالاتر رھي ماڻھن ۽ انھن جي مسئلن کي اوليت ڏني ۽ انھن جو عقلي بنيادن تي حل ڳولڻ، ان کي ترقي پسندي چئجي ٿو. سياسي، سماجي ۽ معاشي طرح جامد خيالن کي رد ڪري ڪا نئين ڳالھ يا ڪو نئون خيال پيش ڪرڻ کي ترقي پسندي چئبو آھي. اھا ترقي پسندي مثبت ھجي، ماڻھن کي ڳلرندڙ وقت جي حالات سان ھم آھنگ ڪري لاءِ ڏيئي. مطلب تہ پوئين جي پيٺ ھر اڳتي وڪ کي ترقي پسندي چئون ٿا.

س: آرٽ ۽ ٽيڪنڪ بہ ڏار ڏار ٽرم استعمال ٿين ٿا، ڇا انھن جي معنيٰ ماحول ۽ پسمنظر ھر فرق آھي؟

ج: آرٽ ھڪ وسيع اصطلاح آھي، پر ٽيڪنڪ گھٽو ڪري ادبي اصطلاح آھي. ادب ھر اظھار جا ذريعا مختلف ٿين ٿا. ۽ ھر اظھار جو پنھنجو انداز بيان ھوندو آھي. ڪھاڻي ھجي يا شاعري جي ڪا صنف ھجي. ان ھر جيڪو اصطلاح استعمال ٿئي ٿو اھي "ٽيڪنڪ" جو لفظ آھي.

س: ادب ھر فن جي ڪھڙي اھميت آھي؟

ج: فن، ادب جو خوبصورت لباس آھي

خالص ادب، فن کان سواءِ ڪجھ به نہ آھي.

س: اوھان شروع ۾ شاعري به تخليق ڪئي ۽ ڪھاڻيءَ جي صنف تي به طبع آزمائي ڪئي، پر پوءِ اڇتي ھلي، ان کي Continue نہ ڪري سگھيا، ان جا ڇا سبب ھئا؟

ج: بيشڪ شاعري ماڻھوءَ جي حواسن تي اثرانداز ٿئي ٿي. شاعريءَ جي سماجي، علمي ادبي اھميت کي نظر ۾ رکندي مون به شروع ۾ شاعري ڪئي ۽ شروع ۾ انگريزي شاعريءَ جا ڪجھ ترجما به ڪيا، پر منھنجو گھٽو ڌھني لاڙو اُن وقت ترجمن ڏانھن ھو، تنھنڪري، شاعريءَ کي ٽائيم نہ ڏئي سگھيم ۽ شاعري گھٽو ٽائيم وٺندي آھي ۽ مون وٽ ان لاءِ ايترو ٽائيم نہ ھو، مون کي ٻيا به اھم ڪم ڪرڻا ھئا، جنھن ڪري شاعريءَ کي Continue نہ ڪيم.

س: افساني ۽ ڪھاڻيءَ ۾ ڪو فرق آھي يا اھا ھڪ ئي صنف آھي؟

ج: افساني ۽ ڪھاڻيءَ ۾ فرق آھي. ھونءَ تہ ڪھاڻي، افساني مان ڦٽي آھي، اڳ افسانو، 'آکاڻي'، ڳالھ يا 'ڪٿا' جي روپ ۾ موجود ھو. پوءِ ھُن شڪليون بدلايون ۽ پاڻ مان نيون سنفون پيدا ڪيون. اھڙي ڪھاڻي، جنھن ۾ ڪا غير معمولي صورتحال پيدا ڪئي وڃي، اھا حقيقت کان پري ھجي، انھيءَ مان پوءِ به ڪنھن نہ ڪنھن حوالي سان، زندگيءَ ۽ انساني سماج سان ڳنڍيل ھجي، ان کي 'افسانو' چئجي. امرجليل جون لکيل ڪھاڻيون. Sachal in Trouble- most dangerous man in Pakistan ۽ جمال ابڑي جو "پشو پاشا" اھي اصل ۾ افسانا آھن ڪھاڻي ان کي چئجي جيڪا حالتن سان ٺھکندڙ وارتائن تي لکي وڃي، ۽ ان جا موضوع ۽ ڪردار سماج مان کنيا وڃن.

س: رجعت پرستي ڇا آھي؟

ج: جيڪي خيال، نظريا، سوچون ۽ عمل ماڻھن کي زندگيءَ کان پوئتي وٺي وڃن، جن جو لاڙو سائنسي سوچ ڏانھن وڃڻ بجاءِ مدي خارج، جامد ۽ قدامت پرستيءَ جي بنيادن تي ٻڌل ھجي، ان کي رجعت پرستي چئبو.

س: تنقيد جا معيار ڪھڙا ھئڻ گھرجن؟

ج: تنقيد، ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ خاص اوزار (Tool) طور ڪم ڪري ٿي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان جي ڪوٺ ۾ اضافو ٿيو آھي. معياري توٽي مقداري ادب جي پرک ۾ تنقيد جو وڏو ڪردار ٿئي ٿو. تنقيد رڳو مثبت يا منفي پھلوئن کي ظاھر ڪرڻ نہ ھوندو آھي. پر اُنھن ٻنھي پھلوئن تي غير جانبدارانہ اک سان ڏسڻ ۽ ان تي غور ڪري پنھنجي اڻ ڏري راءِ ڏيڻ ضروري ھوندو آھي. تنقيد ۾ ذاتي پسند يا ناپسند جو عنصر نہ ھوندو آھي. جيڪڏھن اُھي رويا ۽ قدر استعمال نہ ڪيا تہ صحتمند ۽ معياري "تنقيد" پيدا نہ ٿيندي.

س: دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن ۾ علائقائي ٻولين جو ڪو تصور نہ آھي، بلڪ اُتي ٻولين کي قومي حيثيت حاصل آھي، جڏھن تہ اسان وٽ سنڌي ٻولي جي تاريخ ھزارن سالن تي پکڙيل آھي پر پوءِ به اُن کي قومي حيثيت نہ ملي سگھي آھي، سنڌيءَ کي پنھنجي جائز ۽ اصلي قومي حيثيت نہ ملڻ جا اصل ڪارڻ ڪھڙا آھن؟

ج: "سنڌي ٻوليءَ جو ڪيس" منھنجو نئون ڪتاب ڇپائيءَ ھيٺ آھي، ان ۾ ھن سوال جو تفصيلي جواب ڏنل آھي.

[ھيءَ انٽرويو سائين محمد ابراھيم جويي صاحب جي گھر تي تاريخ 21_نومبر 2014ع تي رکارڊ ڪيو ويو. _ ادارو]

ثمينہ ميمڻ (ايڈيٽر مهراڻ) سائين محمد ابراهيم جويي صاحب سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي

سائين محمد ابراهيم جويو، نسيم خان محمد پنهور، ثمينہ ميمڻ،
عبدالمجيد پنهور ۽ دين محمد ڪلهوڙو ڳالهہ ٻولهہ ڪندي

سائين محمد ابراهيم جويي سان انٽرويو دوران نڪتل گروپ ۾:
نسيم خان محمد پنهور، ثمينہ ميمڻ(ايڊيٽر مهراڻ)
بيٺل: دين محمد ڪلهوڙو ۽ عبدالمجيد پنهور



ثمينہ ميمڻ، نسيم خان محمد پنهور، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ محسن جويو

ڪراچيءَ ۾ محترم محمد ابراهيم جويي جي 99 هين سالگرهه جي ٽيل مرڪزي تقريب

هڪ صديءَ جي سنڌ بابت منعقد ٿيل تاريخي تقريب

13- آگسٽ 2014ع تي ڪراچي شهر جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ جي عظيم ڏاهي، ليکڪ ۽ فڪري رهنما سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي 99 هين سالگرهه جي مرڪزي تقريب منعقد ٿي، جنهن سان جويو صاحب جي زندگيءَ جو "100 سالہ جشن واري سال" جي شروعات ٿي وئي.

جويي صاحب جي جمار جا هڪ سؤ سال ملهائڻ جي لاءِ جوڙيل ڪميٽيءَ، سنڌ جي ثقافت واري ڪاتي جي سهڪار سان اِها تقريب منعقد ڪئي هئي.

تقريب جي صدارت سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت واري ڪاتي جي وزير شرميلا فاروقي ڪئي، جڏهن ته اِن تقريب کي شرميلا فاروقيءَ سميت سنڌ جي نوجوان ۽ باشعور ليکڪ جامي چانڊيي، مظهر الحق صديقي، مهتاب اڪبر راشدي، مظهر جميل ۽ ثقافت ڪاتي جي سيڪريٽريءَ خطاب ڪيو، امداد حسيني (سنڌيءَ ۾) ۽ مسلم شميم (اردوءَ ۾) جويي صاحب کي منظوم خراج تحسين پيش ڪيو.

انهن سيني مقررن مان جامي چانڊيي جي تقرير تمام گهڻي متاثر ڪندڙ ۽ جويو صاحب جي زندگي، فڪر ۽ جدوجهد جو صحيح احاطو ڪندڙ هئي. جاميءَ روايتي انداز کان هٽي ڪري، جويي صاحب جي سياسي ۽ نظرياتي سوچ بابت ڏاڍيون اهم ڳالهيون ڪيون، انگريزيءَ ۾ ڪيل پنهنجي تقرير ۾ هِن چيو تہ: "1940ع جي ڏهاڪي ۾ جويي صاحب جنهن نيشنلزم جي ڳالهہ ڪئي هئي، ان ۾ انتهاپسندي نہ، پر سيڪيولرزم ۽ انسان دوستي شامل هئي." هِن چيو تہ، "جويي صاحب جي عظيم حيثيت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ، هيءُ رسول بخش پليجي، شمشير الحيدري، سراج الحق ميمڻ ۽اهڙن ٻين نسلن جو استاد رهيو آهي." جامي چانڊيي چيو تہ، "جويو صاحب جڏهن ويهن ٻاويهن سالن جي عمر جو هو تہ، هيءُ هِن خطي جو پهريون شخص هو، جيڪو ايم.اين.راءِ جي فڪر جو پوئلڳ بڻيو هو." جامي چانڊيي وڌيڪ چيو تہ، "جويي صاحب سنڌ جي ڪيترن ئي نسلن جي ذهني تربيت ڪئي آهي."

هِن تقريب جي ڪاروائي پروفيسر سليم ميمڻ هلائي، جنهن ٻڌايو تہ، "هِن وقت لاهور ۾ پڙهندڙ پنجابي ادبي بورڊ پاران جويي صاحب جي سالگرهه جي تقريب منعقد ٿي رهي آهي."

بعد ۾ سائين جويي صاحب جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، اِن موقعي تي ڪيس سنڌ جي مختلف يونيورسٽين سميت مختلف علمي ۽ ادبي ادارن جهڙوڪ: ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ مدرستہ السلام يونيورسٽي، اردو يونيورسٽي، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، سنڌالاجي، اڪيڊمي آف ليٽرس، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ۽ ٻين پاران ڪيس مجتا طور شيلڊس ۽ ٻيا تحفا پيش ڪيا ويا.

اِن موقعي تي جويي صاحب تقرير تہ نہ ڪئي،

پر هر مقرر جي ڳالهين تي، هِن جي معصوم مرڪ ۽ ڪنهن ڪنهن وقت شفاف ڪِل جڙ تہ گهٽو ڪجهه ٻڌائي ٿي ويئي، پر آخر ۾ هِن صحافين سان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪندي پنهنجن ڪان مليل پيار جو ذڪر ڪندي چيو تہ، "هيءُ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به مايوس ناهي ٿيو." هِن سنڌي ماڻهن کي متحد ٿي، پنهنجن حقن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي صلاح ڏني.

مقررن پڻ اِهو چيو هو تہ، "جويي صاحب جي لاءِ بهترين خراج تحسين اهو هوندو تہ، سندن خوابن جي ساڀيا جي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي."

هِن تقريب ۾ ڪراچي شهر کان علاوه سنڌ جي مختلف علائقن کان آيل اديبن ۽ ليکڪن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ امداد حسيني، سحر امداد، مدد علي سنڌي، شوڪت حسين شورو، تاج جويو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، نصير مرزا، محمود مغل، شيخ مونس اياز، نصير اعجاز، سحر انصاري، مشتاق قل، اشتياق انصاري، امر سنڌو، عرفانہ ملاح، يونس مهر، آغا نور محمد پٹاڻ، مسز آزاد جتوئي، ڊاڪٽر مخمور بخاري، سلطانہ صديقي، شاهه محمد پيرزادو، ڊاڪٽر ايوب شيخ، قاضي آصف، آصف بالادي، ڊاڪٽر دودو مهيري، رخسانہ پريت، رڪيل مورائي، دين محمد ڪلهوڙو، زرار پيرزادو، اسحاق سميجو، الطاف ميمڻ، حميد سبزوئي، ماهين هيسباڻي، آفتاب ابڙو، ستار پيرزادو، رحمت الله پيرزادو، ڪمال جامڙو، اي حميد پٹو، ضياءُ ابڙو ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

هيءَ تقريب، اِنڪري به تمام گهٽي اهميت واري هئي، جو هِن ۾ هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهوءَ، خاص طور ڪراچي شهر ۾ رهندڙ اديبن، دانشورن ۽ صحافين جي هڪ وڏي تعداد، شرڪت ڪئي هئي. هيءَ تقريب، محمد ابراهيم جويي نہ پر هڪ صديءَ جي سنڌ جي جدوجهد ۽ حاصلات بابت منعقد ٿيل تاريخي تقريب هئي.

محمد ابراهيم جويي جا ڇپيل ڪتاب

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي سؤ سال سالگرهہ جو کيڪ ڪٽيندي،
ثقافت کاتي جي صلاحڪار ميڊم شرميلا فاروقي، مظهر الحق صديقي،
ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ محسن جويو پڻ موجود آهن(ڪراچي 13- آگسٽ 2014ع)

محترم الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، سائين محمد ابراهيم جويي
کي شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي، مظهر الحق صديقي به موجود آهي(ڪراچي:13- آگسٽ 2014ع)

قومي جذبي سان اڳيرو ڪردار

ندیم پنهور

سنڌ جي ادیبن لیککن، دانشورن ۽ قوم پرستن سمیت زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ سڃاڻ ڏرین پاران سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ بي مثالي علمي ادبي خدمتن ۽ اتساھ ڏیندڙ شخصیت هجڻ تي مها ڏاهي محمد ابراهیم جویو کي شاندار پیڙاپیش ڪئي وئي. اڄ ب سج واري راھ تي اٽل سڃاڻ ساڻئي قومي جذبي سان اڳیرو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ پوري زندگي سماج اندر شعور اجاگر ڪرڻ وارو ڪردار سمیت سندس بي انتها محنتن تي کیس فخر سنڌ جو لقب ڏنو ویو، سندس سمیت سمورن قومي هیروز کي ٻیهر بهترنموني ترتیب ڏئي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جو ب مطالبو ڪیو ویو.

سنڌ یونیورسٽي سوسائٽي ۾ "سنڌو منزل" تي سائین جي.ایر.سید جي ویجهي ساڻي انجنیئر غلام عباس لغاري جي میزباني هیٺ تاریخ 24- آڪٽوبر 2014ع تي مها ڏاهي محمد ابراهیم جویو جي 100هین سالگرهه جي جشن ملهائڻ واري تقریب ۾ مڙني سڃاڻ اهل علم ڏرین اهڙن خیالن جو اظهار ڪیو، مها ڏاهي محمد ابراهیم جویو خطاب ڪندي چیو ت سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ علمي ادبي خدمتون ڪرڻ منهنجي لاءِ قابل فخر آهن. سماج اندر علم عام ڪرڻ سان بهتر ۽ اثرائتیون تبدیلیون اچي سگهن ٿیون، اسان انتهائي گهٽ وسیلن واري دور ۾ علم حاصل کیو، بنیادي تعلیم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪشالا کائیا، اسڪول وڃڻ لاءِ روزانو 2 میل پیادل سفر ڪرڻو پوندو هو، استاد کان وڏي ڪابه شخصیت نه آهي. استاد جو وڏو رتبو آهي. ننڍپڻ ۾ مون کان پڇیو ویندو هو وڏو ٿي چا ٿیندین ت استاد ٿیڻ واري خواهش ظاهر ڪندو هئس.

هن وڏیڪ چیو ت سنڌي قوم کي علم ۽ تربیت کي ترجیح ڏیڻ گهرجي. انهن ٻنهي جي حاصلات سان قوم جي قسمت ۽ مستقبل بدلجي سگهي ٿو. تعلیم حاصل ڪرڻ جو مقصد انفرادي نه پر اجتماعي سوچ وارو هجڻ سان انقلابي تبدیلي اچي سگهي ٿي. تعلیم وسیلي ٻین جي خدمتن وارو جذبو هجڻ گهرجي. سڌرو ۽ سڌاریو وارو ماحول جڙڻ گهرجي. سائین جي.ایر. سید جي پڳدار پٽ سائین امیر حیدر شاهه چیو ت محمد ابراهیم جویو هڪ اعليٰ شخصیت جو مالڪ آهي، جیڪو سنڌ جو وڏو ڏاهو هجڻ سان گڏ گهمندڙ ڦرندڙ یونیورسٽي مثل آهي، جنهن سنڌ ۽ سنڌي قوم جي همیشه خدمت ڪئي. هن وڏیڪ چیو ت محمد ابراهیم جویو جهڙا انسان صدین ۾ تمام گهٽ پیدا ٿیندا آهن، جیڪي

پنهنجو پاڻ کي ٻين لاءِ وقف ڪري مثالي ڪردار ادا ڪري ڇڏيندا آهن.

قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجو چيو ته آءٌ محمد ابراهيم جويو جو شاگرد آهيان ۽ ڪيس مثالي استاد هجڻ جي حوالي سان پيٽا پيش ڪيان ٿو. نئين سنڌ ۽ نئين نسل جي واسطي سندس اُميد پريون ڳالهين سان گڏ اڻ سڌي ريت اڳواڻ هجڻ وارو سلسلو جاري آهي، پر موجوده حالتن ۾ نئين سنڌ آڏڻ لاءِ سندس شفقت کي سڌي ريت ۽ عملي طور ڳنڍڻ جي ضرورت آهي. هن وڏيڪ چيو ته سنڌ مدرسي ۾ محمد ابراهيم جويو هڪ استاد جي حيثيت سان مون سميت سمورن شاگردن سان اُتساهه ڏيندڙ رويو ۽ چٽاپيٽي وارو منفرد انداز ڏهني شعور کي وڏيڪ اجاگر ڪرڻ وارو رهيو، هن وڏيڪ چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري مان انقلابي بيتن عام ڪرڻ ۾ سندس وڏو ڪردار رهيو، هو پاڻ به انقلابي ۽ قومي گيت جهونگارينڊو هو ۽ جيجي زرينه سميت نئين ٽهي راڳين کان اهي بيت ڳارائي شعور بيدار ڪرڻ وارو ماحول جوڙڻ ۾ جوڙيو.

ايس.يو.پي سربراهه سيد جلال محمود شاهه چيو ته سائين جي ايم سيد اڪيڈمي ڪتاب نظربندي واري دوري ۾ لکيا. گهڻ رخي تحقيق ۽ هٿن ذريعي ڪتابن جي لکت سميت ڪتابن جي مجموعي جوڙجڪ وارن انتهائي ڏکين مرحلن ۾ 2 شخصيتون سندس ٻانهن ٻيلي رهيون، جن ۾ محمد ابراهيم جويو ۽ پروفيسر غلام مرتضيٰ قاسمي شامل هئا، محمد ابراهيم جويو هڪ استاد وارو ڪردار ادا ڪيو، جنهن ۾ ادب، دانش، ڏاهپ، رهنمائي ۽ اتساهه ڏيڻ واري شفيق طبيعت شامل آهي، هر ماڻهو کي انڪريج ڪرڻ وارو ڪردار ڏسڻ وٽان آهي.

هن وڏيڪ چيو ته سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ سنڌي نصاب ۾ عملي ادبي شخصيتن ۽ قومي هيروز جا سبق شامل ڪرڻ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو، بيورو آف ڪرڪيولم ۾ ان دور ۾ سندس محنتن سان نصاب جڙيو پر وقت گذرڻ سان گهٽي ياڳي اهم شخصيتن جا سبق خارج ڪيا ويا،جيڪو قومي المیو آهي. اوليت جي بنياد تي محمد ابراهيم جويو سميت قومي خدمتون ڏيندڙ علمي ادبي قومي هيروز کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي.

ان موقعي تي مها ڏاهي جي 100 سالا جشن ڪرائيندڙ ڪاميٽي جي سيڪريٽري پروفيسر سليم ميمڻ، تاج جويو، مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، امر سنڌو، ديسي ڇام شورو سهيل اديب ڀٽائي، مير مولا بخش لغاري، ذوالفقار هاليپوٽو ۽ ٻين خيالن جو اظهار ڪيو. سگهڙ محمد ايوب جوٽيجو ۽ حفيظ قريشي بيتن ذريعي ڪيس پيٽا پيش ڪئي. ان کان اڳ مها ڏاهي محمد ابراهيم جويو،سائين امير حيدر شاهه ۽ ٻين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو. تقريب ۾ غلام سرور ڪنڌر، جاويد جوٽيجو، ڪيهر انصاري، منير حيدر شاهه، پير منور، نثار لغاري سميت وڏي تعداد ۾زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڏرين شرڪت ڪئي.

چام شورو: "سنڌو منزل" تي سائين محمد ابراهيم جويو، محسن جويو ۽ سائين امير حيدر شاهه

اديب، دانشور محترمہ امر سنڌو، سائين محمد ابراهيم جويو ۽ سائين امير حيدر شاهه

خط

تون چانڊوڪي چيٽ جي، منهنجو من چڪور،
اچي ڪڍهن اور، مون سان ڳالهيون ڳجهه جون.
(شيخ ايار)

1945ع ۾ وڏيرن ۽ شاهوڪار سينئين (مسلم ليگ ۽ ڪانفرنس) خلاف عمرڪوٽ مان اليڪشن وڙهڻ دوران

جوئي صاحب جو پنهنجي ونيءَ ڏانهن لکيل هڪ يادگار خط

عمرڪوٽ

15-12-1945ع

منهنجا مَنَ

توکان موڪلائي هتي اچي خير سان پهتو آهيان، واٽ جي مسافريءَ جون کڻيون ٿي تڪليفون پچين! ڏورو نارو اسٽيشن تي لهي، لاريءَ تي سوار ٿياسون، لاريءَ ۾ اندر جاءِ ڪينَ ملي. تنهنڪري مٿس چت تي چڙهي ويناسين. رات جا 12 وڳا هئا، ٺڏي هوا پئي ٿي لڳي، رستو خراب سيءُ ۽ ٽڏ مصيبت جي، 14 ميل مفاصلو، بس جيئن تيئن ڪري مارئيءَ جي ملڪ عمرڪوٽ ۾ اٽڪل ڏيڍ بجي پهتاسون، وڏي گرم ڪوٽ ڏاڍو سنو ڪر ڏنو ۽ جي اهو ڪوٽ نه هجي ها ته، الائي ڪهڙو حال ٿئي ها، پر اهي سيئي تڪيلفون اڪين تي آهن، چاڪاڻ ته هن غريبن جي لڙائيءَ ۾ سُڪَ جي اميد رکڻ اجائي ۽ ڪر همتيءَ جي برابر آهي.

شاهوڪار وڏيرا اسان جا اصل کان دشمن آهن. اسان جي عزت جا دشمن، اسان جي جان جا دشمن، اسان جي سک جا دشمن، اسان جي آزاديءَ جا دشمن، انهن ظالم، بدمعاش، شاهوڪار وڏيرن سان اليڪشن وڙهڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي.

هزار ۽ لک ويچارا غريب هاري ۽ مزدور هنن سُوئرن جي ظلم ۽ ڏاڍ جا شڪار آهن، هن ظلم ۽ ڏاڍ جو مقابلو ڪرڻ ۽ هن اوندهه انڌڪار کي ٽارڻ، هر ڪنهن سچي انسان جو فرض آهي، آءٌ به فقط پنهنجو انساني فرض پورو ڪري رهيو آهيان، مون کي رڳو زندگيءَ ۾ تنهنجو ساٿ گهرجي، تنهنجي همت گهرجي، تنهنجي سچائي گهرجي. جيڪڏهن تون هِڪ مون سان وفادار آهين، ته پوءِ مون کي دنيا جي ڪابه پرواهه ڪانهي.

مَنَ، آءٌ اڪيلو به رهجي ويان، ته به انهن سان جهيڙيندس، دل کي صدما ۽ ڏک گهٽائي اڻر، پر سيني کي وساري پيو ٿو هلان چلان. آءٌ چا ڪريان، منهنجو ڪو وَسُ ڪونهي، ممڪن آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن منهنجي دل جا داغ ميٽجي ۽ ميسارجي وڃن. دل کي وري آرام ۽ فرحت نصيب ٿئيم.

هتان جي ماڻهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، ويچارا مارو ماڻهو آهن، ڏسڻ ۾ سچا. "ڏٺ ڏهاڙي سومرا" نهايت غيرتمند، مٽن تمام گهٽا ڏک ۽ ظلم ٽيل آهن، پيل، ميگهواڙ، مالهي، ڪولهي، راجپوت ۽ اهڙيون ٻيون گهٽيون ئي ذاتيون هندن جون آهن. مسلمان ته گهٽو ڪري سيني ذاتين جا آهن، پر سواءِ ٿورن وڏيرن ۽ شاهوڪار سينئين جي، ٻيا سيئي مفلس ۽ غريب آهن. هن پوهه سياري ۾ سندن بدن تي سڄو ڪپڙو ڪونهي. اڄ چوٽون ڏينهن هتي عمرڪوٽ ۾ هارين ۽ ٻين پورهيتن جي هڪ وڏي ميٽنگ سڏائي هُئي سون، جنهن ۾ تمام جوشيليون تقريرون ڪيونسين، هارين ۽ غريب پورهيتن اسان جي عيوضيءَ کي ووٽ ڏيڻ جو وعدو ڪيو.

ڏينهن ٻن ۾ لاريءَ ۾ لائوڊ اسپيڪر سميت ٻاهراڙيءَ ۾ ويندا سون ۽ ڏينهن ۾ 6-7 جلسا ڪنداسون ۽ ماڻهن کي تقريرون ڪري هاري مزدور پارٽيءَ جا اصول سمجهائيندا سون، اميد جهجهي آهي ته اسان جي ڪاميابي ٿيندي.

ويچارا هاري ۽ غريب پورهيت زميندارن ۽ شاهوڪارن جي قبضي ۾ آهن، ڏاڍا ڏنل ۽ هيسايل

آهن، زميندارن ۽ شاهوڪارن جي چنبي مان نڪرڻ هنن لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي. ڏسجي ته آخر ڇا ٿو ٿئي.

مَنَ، جي اسان انهن لاءِ ڪجهہ نہ ڪيوسين ته اسان جا ايندڙ نسل غلاميءَ جي حياتي گذارينداا!

عمرڪوٽ شهر تي اهو نالو ان ڪري پيو آهي جو شهر جي پرسان هڪ ڪوٽ آهي، جتي چون ٿا ته عمر، مارئيءَ کي وٺي اچي، بند ڪيو هو. جنهن جاءِ تي ويچاري مارئي بند هئي سا ہہ ڏنر، جايون قطعي ڊٽل آهن، رڳو ٽورا گهٽا نشان بيٺا آهن. عمرڪوٽ شهر کان اٽڪل ہہ ميل پري مومل جي ماڙيءَ جا نشان پڻ بيٺا آهن. جڏهن راڻو، مومل کان رُسي آيو هو، تڏهن چيو وجي ٿو ته سورٺ اتي اچي، اها ماڙي اڏائي ۽ راڻي جي پرسان ويٺي... اها ماڙي ہہ وجي ڏنر. عمرڪوٽ شهر کان اٽڪل ڏيڍ ميل ڪن پري هڪ جاءِ آهي، جتي چون ٿا ته اڪبر بادشاهہ جائو هو، اها جاءِ ته جهنگ ۾ آهي، پر اتي هڪ ٿُبو اڏيل آهي، جنهن تي لکيو پيو آهي، ته، "هتي اڪبر بادشاهہ جائو هو".

عمرڪوٽ جو شهر اهڙي طرح ٺهيل آهي، جو سندس هڪ پاسي پاڻي، وڻڪار، آبادي ساوڪ لڳي پيئي آهي، ته ٻئي پاسي واريءَ جا ڏڙا ۽ رڳو رڻ پٽ ٻيٺو آهي. مٿي ۽ ڏَز هتي ڏاڍي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته مٿي ۽ ڏَز ۾ ساهہ ٿو گهُٽجي.

زالون هتان جون ڏاڍيون سهڻيون ۽ ملوڪ آهن، آءٌ ته جڏهن ہہ ڪا مائي ٿو ڏسان ته مون کي ويچاري مارئي ۽ مومل ٽيون ياد پون. انهيءَ ڳالهہ تان توکي ڪا خار نہ لڳڻ گهرجي. مان ته فقط ڳالهہ ڪري رهيو آهيان.

مون کي تنهنجي چڱيلائيءَ جو ڏاڍو انتظار ٿو رهي، جيترو جلد ٿي سگهئي اوترو جلد مون ڏانهن خيريت جو احوال لکي موڪل، پنهنجي ماءُ، پيءُ، پاءُ ۽ پينرن اڇيان منهنجا سلام عرض رکج.

خط

(جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا هڪٻئي ڏانهن لکيل خط)

سن
20-11-41

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

ڪجهه ڏينهن اڳ تنهنجو خط مليو. تو اهو نه لکيو آهي، ته اوهين هن طرف ڪڏهن ٽا اچو. جڏهن اچو ته مهرباني ڪري منهنجي ٻڌري آڻيندا، جيڪا منهنجي گهر ۾ رکيل آهي.[1] اها پهرين چارج ڪرائيندا جيڪا صرف 2 روپين ۾ ٿيندي.

2. ٿي سگهي ته سيٺ آسرداس ورندمل M.L.A سان ملندا، جيڪو الوحيد پريس پرسان رهي ٿو. هُن کان پڇبو ته آءٌ پنهنجي قُبِن جي رقم ڪڏهن نوابشاهه ڪٽن مرچنٽ وٽان ونان! ان ڳالهه کان سيٺ خود پورو واقف آهي. نيڪ تمنائن سان

تنهنجو مخلص
جي. ايم. سيد

سن
24-11-1941

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

تنهنجو خط مليو، بورچيءَ متعلق واقف نه ڪيو اٿوَ ته پگهار ڪيترو ونندو. چا، هو ڊبل روٽي ۽ ڪيڪ به ٺاهڻ ڄاڻي ٿو؟ جيڪڏهن اِهي ٻيئي تيار ڪري سگهي ٿو، معقول پگهار گهري ٿو، ته پوءِ پهرين ڊسمبر 1941ع کان هن کي ڪر لاءِ موڪلي ڇڏيندا. ٻڌري ته پاڻ سان به آڻي سگهو ٿا، يا ڪو هٽيڪو ماڻهو ايندو هجي ته اُن سان ڏياري موڪليندا.

نيڪ تمنائن سان
مخلص
جي. ايم. سيد

8- حاجي چانڊوبلڊنگ،
برنيس اسٽريٽ، ڪراچي-3
14- مئي، 1947ع

عزيز و محترم شاهه صاحب!

السلام عليڪم: قريب قريب 16 مهينن جي مدت گذري چڪي آهي ته اوهان جي ملاقات جو شرف حاصل نه ڪري سگهيو آهيان.

انهيءَ مدت ۾ اسان جي ديس ۾ چا ٿي ۽ چا نه ٿي گذريو آهي، تنهن جي ڄاڻ ۽ تنهن جو احساس اوهان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن کي ٿيو هوندو؟

اڄ جيڪا وقت جي تقاضا آهي، سا، منهنجي ناچيز خيال ۾، هيءَ آهي ته اسين هيءَ گهُر ڪريون ته اسان کي ۽ اسان جي وطن کي هندستان يا پنجاب جي ماتحت سياسي ۽ اقتصادي غلاميءَ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، تنهن کان اڳ اهو سوال اسان جي سڀني ماڻهن ڏانَ سوالنامي (Referendum) ذريعي فيصلو ڪرايو وڃي. اهڙو سوالنامو سڀني بالغن، مردن توڙي عورتن، جي سامهون رکيو وڃي ته هو پنهنجي راءِ کان دنيا کي واقف ڪن ته هو (1) هندستان سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، (2) پنجاب سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، يا (3) آزاد ۽ خودمختيار رهڻ گهرن ٿا.

اهڙيءَ گهُرَ کي عام ماڻهن جي گهُر بنائڻ لاءِ نهايت لازمي آهي ته فوراً هلچل چالو ڪجي ۽ ايندڙ سال ڪن جي عرصي ۾ ٻيا سڀ ڪر ڪاريون ڦٽا ڪري، بکون، تڪليفون ۽ ڏُک سر تي سهائي، فقط ان فرض ادائيءَ کي لڳي وڃجي.

حالتون نهايت سازگار آهن. نه فقط اسان جي پنهنجي ديس جي چؤديواريءَ، پر خود هندستان جي سياسي انتشار ۽ انگريزن جي هندستان جي سياسي مسئلي متعلق پريشانيءَ واري ماحول ۾، اسان جي اها گهُرَ عوام ۾ نهايت تيزيءَ سان ۽ موثر نموني ۾

---

[1] ان زماني ۾ سن ۾ لائيٽ جو بندوبست نه هئڻ ڪري پڙهڻ لاءِ ٻيٽري جي روشني ڪئي ويندي هئي.

قبول پوندي.

منهنجو اندازو هيءُ آهي تہ ايندڙ مهيني جي 2 تاريخ جيڪا تجويز انگريزن جي طرفان، اسان جي اڳيان پيش ڪئي ويندي، سا پڻ انهيءَ ئي نوعيت واري هوندي.

اڄڪلهہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ پنجاب جي خلاف ڪافي ناراضپو ڦهلجي چڪو آهي. خود ڪامورن ۾ منشين ۾ پڻ ان ڳالهہ جو خاص احساس پيدا ٿي چڪو آهي. شاگردن ۾ هيءَ هلچل شدت واريءَ منزل کي پهچي چڪي آهي. خود زميندار طبقو بہ منهنجي خيال ۾ ان ڳالهہ ۽ ان گهُرَ جي خوش آمديد ڪندو.

انهن سيني ڳالهين کي خيال ۾ رکي، آءٌ سمجهان ٿو تہ هيءَ نهايت ضروري آهي تہ جڏهن اهو وقت اچي، تڏهن اهڙي تحريڪ ۽ اهڙي جماعت ضرور وجود ۾ هجي، جيڪا اسان جي ديس پاءَ ڪي صحيح صلاح ۽ سنڌن سچي رهنمائيءَ جا فرض سرانجام ڏيئي سگهي. تنهنڪري چو نہ "سنڌ جي عوام جي پارٽي" يا "سنڌ سجاڳ جماعت" جي نالي سان هڪ پارٽي قائم ڪجي، جنهن جي سامهون هڪ خاص انقلابي پروگرام پڻ هجي ۽ جا سنڌ جي آزاديءَ ۽ مطلق خودمختياريءَ جو نعرو بلند ڪري، اسان جي عوام کي پنهنجي طرف جذب ۽ ڪشش ڪندي رهي، تان تہ موقعي اچڻ تي اسين پنهنجي ديس کي ايندڙ آفت کان بچائي سگهون.

آءٌ پنهنجي سر هاڻي بلڪل تيار آهيان. پين سيني ڪمن ڪارين کي ڦٽو ڪري، انهيءَ ڪر کي لڳي وڃڻ لاءِ. منهنجي راءِ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ مهينن جي ٿوريءَ مهلت ۾ اسان سنڌين کجهہ نہ ڪيو، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ صدا سالن تائين، اسان جي گردنن ۾ غلاميءَ جو طوق جڙجي ۽ مڙهجي وينڊو.

زياده خير والسلام

اوهان جو خير انديش

محمد ابراهيم

- اوهان کي هيءَ هڏي خوشي ٿيندي تہ:

1. مون هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مطلق آزاد ۽ خودمختيار درجي جي ماڻڻ لاءِ، پنهنجي سمجهہ آهر، تبصرو درج ڪيو اٿر.[1] هيءُ ڪتاب پريس ۾ چپجي رهيو آهي ۽ هن مهيني جي آخر تائين ظاهر ٿي ويندو.

۽ 2. مون کي پُٺ جائو آهي، جنهن جو نالو منور رکيو اٿر. الله جي فضل ۽ ڪرم سان هُو نهايت خوش چگو پلو آهي. اڄ کان سندس عمر جو ڇهون مهينو شروع ٿيو.

محمد ابراهيم

*

حيدرآباد سنڌ

23- فيبروري 1950ع

عزيز و محترم سيد صاحب

اوهان جو نوازش نامو ڪالهہ مليو. منهنجي حوالي ڪيل ڪر، جو مون کان اڄ تائين پورو ٿي نہ سگهيو آهي، تنهن جو رڳو اهو سبب نہ آهي تہ واندڪائي ڪانہ اٿر. حقيقت ۾ اهو ڪو سبب ئي ڪونهي. پر وڏو سبب هيءُ آهي، جو هن وقت انهيءَ مضمون تي ڪجهہ پروسي سان لکڻ جي پاڻ ۾ اهليت ڪين ٿو ساري سگهان. هيءُ مسئلو هن وقت ڪهڙيءَ صورت ۾ اسان جي اڳيان آهي، روز بروز نوان ۽ تازا واقعات، جي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پيا ٿا ٿين ۽ جي هن سوال کي زياده نازڪ ۽ پيچيده بنائيندا ٿا وڃن. تن کان آءٌ بنهہ غير واقف آهيان. صحيح ۽ اثرائتي نموني ۾ ڪو ويهي ڪيس تيار ڪجي، تنهن لاءِ جيڪي حقيقتون گهربل آهن ۽ انگ اکر ضروري آهن، سي بہ مون وٽ ڪين آهن، ۽ گذريل چئن پنجن مهينن کان اخبارن جي بنهہ مطالعي نہ ڪرڻ ڪري، منهنجي موجوده صورتحال سان ڪابہ پروسي جهڙي واقفيت نہ رهي آهي. نہ فقط ايترو پر منهنجو هاڻي هيءُ پختو عقيدو آهي تہ سنڌ جي قوميت جو سوال

[1] اهو اشارو جويي صاحب پنهنجي ڪتاب Save Sindh, Save the continent ڏانهن آهي.

اڄ محض قومي سطح تي نہ پر طبقاتي سطح تي ئي حل ٿي سگھندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ توڙي پاڪستان، توڙي هندستان، دنيا جي سياست کان پاڻ کي الڳ سمجھي، هڪ قدم بہ اڳتي يا پوئتي نٽا ڪٽي سگھن. سنڌ جي مستقل قومي وجود جي فنا يا بقا جو سوال، اصولي طرح اڄ بين الاقوامي سياست جو حصو ٿي چڪو آهي. دنيا جي سياست ۾ اڄ جيڪا بہ نظرين جي وچ ۾ حياتيءَ ۽ موت جي چڪري آهي، تنهن ۾ هڪ نظريي جو مفاد هن ۾ آهي تہ سنڌ جي قومي وجود کي ختم ڪيو وڃي، ۽ ٻئي نظريي جو مفاد هن ۾ آهي تہ سنڌ جي قومي وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هيءُ ٻيو نظريو اسان کان اڄ هيءَ تقاضا ٿو ڪري تہ پنهنجي قوميت کي طبقاتي ڪشمڪش، عوامي سياست ۽ انقلابي دستور العمل معرفت ئي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪريون. ٻئي ڪنهن طريقي سان اها محفوظ هرگز رهي ڪين سگھندي.

The National spirit of Sindh can today realize itself not through "nationalism", but only through militant revolutionary people's democracy functioning in close and firm alliance with people's world revolution i.e. with communism.

منهنجي خيال ۾ اوهان جو رايو بہ اهوئي آهي، ۽ فرق جيڪڏهن آهي تہ فقط هيءُ تہ اوهين قوميت معرفت انقلاب تائين پهچڻ گهرو ٿا، ۽ آءٌ انقلاب معرفت قوميت کي پائڻ ممڪن ٿو ڄاڻان.

تازو روسي جي "ايميلي" ڪتاب جي چوند ۽ ختصار ڪري، مون سنڌيءَ ۾ ڇپايو آهي. هڪ ڪاپي اوهان ڏانهن ڪراچيءَ موڪلي هيم، جا اميد تہ اوهان ڏي ملي هوندي.

مولانا احمد حسين مدنيءَ جو ڪتاب[1] بہ مون ڏٺ آهي، جو اميد تہ ڪنهن هٿيڪي ماڻهوءَ هٿ جلد ي اوهان ڏانهن روانو ڪندس. اوهان پنهنجي انگريزي ڪتاب جو هڪ نسخو مون ڏانهن مهرباني ڪري موڪليو.[2]

زياده خير والسلام

اوهان جو

محمد ابراهيم

*

ٽريننگ ڪاليج فارمين،

حيدرآباد، سنڌ.

6- جون، 1950ع

عزيز و محترم سيد صاحب

اوهان جي حڪم موجب، ڊيپلائي صاحب سان مليس. هُو صاحب ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار آهي. البت پني جي اٽاڪ سبب، في الحال فقط 1000 يا گھٽي ۾ گھٽيون 2000 ڪاپيون ئي ڇپجي سگھنديون. جنهن کان اوهان کي واقف ڪرڻ مون ضروري سمجھيو. اوهين هاڻي ڪتاب جو قلمي نسخو جڏهن ممڪن ٿي سگھيو، تڏهن مون ڏانهن ڊيڪاري موڪلينداً، تہ اُن جي ڇپائڻ وغيره جو ڪم جلد شروع ٿي سگھي. ڇپائيءَ جي بيهڪ، نزاڪت، پروف ريڊنگ وغيره تي ڊيپلائي صاحب پاڻ بہ خاطر خواهہ ڏيان ڏيندو، تنهن هوندي بہ آءٌ پاڻ بہ انهن ڳالهين کي بلڪل پنهنجو ڪم سمجھي پوري ڪرڻ جو نمو ڪٹان ٿو.[3]

اوهين ڪراچيءَ مان ڪٿو اٿر تہ ٿورائي ڏينهن ٽيا تہ واپس وريا آهيو. تنهن جي معنيٰ تہ اُتي اوهين بہ چار ڏينهن رهيا هئا. اميد اٿر تہ منهنجي ڪيل عرض جي پوئواري اوهان ضرور ڪئي هوندي.

آءٌ پاڻ بہ اميد تہ 15- تاريخ ڪراچيءَ ويندس، ۽ آغا صاحب سان روبرو ملندس. اميد تہ تسلي بخش نتيجو نڪرندو.

ٻيو سڀ خير والسلام

اوهان جو

محمد ابراهيم

---

[1] اهو اشارو مولانا حسين احمد مَدنيءَ جي مشهور ڪتاب 'مسئلہ قوميت اور اسلام" طرف آهي. جيڪو 1980ع کان ءِ "متحده قوميت اور اسلام" عنوان سان بہ شايع ٿيو.

[2] سيد صاحب جي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" جو انگريزي ترجمو Struggle for New Sindh.

[3] اهو اشارو سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "پيغام لطيف" طرف آهي جيڪو محمد عثمان ڊيپلائي صاحب 1953ع ۾ شايع ڪيو هو.

حيدرآباد سنڌ
21- مئي، 1951ع

عزيز و محترم جناب شاهه صاحب

اوهان جي ڪتاب جو مسودو، پنهنجي سمجهه ۽ لياقت موجب، نظر مان ڪيو، ۽ ان ۾ واجبي درستيون وغيره ڪري، اڄ اوهان ڏانهن واپس موڪلي رهيو آهيان.

فقرن (Paragraphs) جي ٻيهڪ لاءِ] نشاني استعمال ڪئي آهي؛ ۽ جيڪڏهن فقير جي وچ ۾ اوهان جو لکيل جملو اهڙيءَ طرح بند ڪيو ويو آهي، جنهن مان ائين پاڻجي تہ اُتي فقرو پورو ٿيو آهي ۽ نئون فقرو شروع، تہ اهڙيءَ جاءِ تي نشاني ڏيئي ڇڏي اٿر، تہ اُن جاءِ تي فقرو پورو ٿيل نہ سمجهڻ گهرجي، بلڪ ان کي ايجا جاري سمجهڻ گهرجي.

اوهان جي مسودي ۾ خاص طرح دمن جي نشانين ۽ ٻوليءَ جي صحت ۽ چستيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو اٿر. ڪٿي ڪٿي، مطلب کي واضح ڪرڻ خاطر پنهنجي طرفان مناسب فقرا يا جملا وڌائي ۽ جيڪي بنهہ غير ضروري هئا، يا هر هر ٿي استعمال ڪيا ويا، تن کي ترڪي ڇڏيو اٿر.

لفظ "هئڻ" کي اوهان "هوڻ"، "ٿئي" کي "ٻي"، "هئا" کي "هوا" وغيره، ٻين چند لفظن کي ٻہ اوهان صحيح صورتخطي نہ ٿا ڏيو. انهن لفظن کي ٻہ درست ڪيو اٿر.

هاي ساکت وارا لفظ مثلاً: عمل، معاهدو، ضابطو، اوهان اهڙيءَ طرح ٿا استعمال ڪيو، جو اُنهن جون مختلف صورتون منجهائيندڙ ٿيو ٿيون پون. مثلاً: "ضابطي لاءِ"، "ضابطو رکڻ"، "ضابطا قائم ڪرڻ"، اوهان مڙيئي اهڙيءَ طرح لکو ٿا، جن ۾ لفظ "ضابطي" جي صورت هڪ ئي ٿي رهي، يعني "ضابطہ".

ظاهر آهي ائين لکڻ ڪري سنڌي جملي پڙهڻ ۾ ڪافي دقت ٿي ٿئي.

اميد اٿر تہ اوهين هاڻي جڏهن ٻيهر مسودو پڙهندا تہ اُن تي منهنجي طرفان ٻہ خاص محنت ڪيل ڏسندا. باقي اها اوهان کي پسند پوي يا نہ پوي، سو چئي نٿو سگهان.

اميد اها ئي اٿر تہ اوهان کي ڪٿي ٻہ ڪا اڻ سهائيندڙ دست درازي مسودي ۾ منهنجي طرفان ٿيل ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي.

اوهان جو
محمد ابراهيم

*

8-7-1952
سنڌي ادبي بورڊ آفيس
ڪراچي

منهنجا پيارا سيد صاحب

هيءُ خط اوهان جي چوڻ موجب اهو معلوم ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان تہ اوهان کهڙيءَ تاريخ تي ڪراچيءَ اچي رهيا آهيو، تہ جيئن بورڊ پاران ان جي گذريل ميٽنگ ۾ "سنڌ جي تاريخ جي رٿا" کي آخري شڪل ڏيڻ بابت جوڙيل سب ڪميٽيءَ جي ميٽنگ رکي سگهجي، جنهن جا اوهين ڪنوينر آهيو. هونئن تہ سب ڪميٽيءَ تي وڌيڪ ٻہ ميمبر ئي رکيل آهن، پر جيئن تہ محترم سيد سليمان ندوي، ۽ سيد نواب عليءَ جي مشوري سان مڪمل ڪرٽي آهي، شايد اهو بهتر ٿئي تہ انهن کي سب ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ خاص مدعو ڪيو وڃي. ان ڪري گذارش ٿي ڪجي تہ اوهان مهرباني ڪري ان سلسلي ۾ منهنجي وڌيڪ رهنمائي ڪندا.

اوهان جو مخلص
محمد ابراهيم جويو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي-1

*

سن
15-6-1953

محترم جويو

گذريل پيري جڏهن مان توهان سان آفيس ۾ ملڻ آيو هوس. تڏهن توهان مون کي ٻيو سنڌي پرائمري ڪتاب ڏيکاريو هو ۽ ان ۾ چپائيءَ جي خامين، ٻني جي بيڪار نمونن، ناڪاره بائينڊنگ ۽ عام گيٽ اپ

طرف ڏيان چڪايو هو، جيڪو واقعي غير معياري هو. سچ پچ اهو معلوم ڪري مايوسي ٿئي ٿي ته ان قسم جي معياري وارو ريڊر اسين پنهنجي صوبي جي پرائمري اسڪول وارن ٻارن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيا آهيون.

اهو ظاهر آهي ته پرائمري هوليءَ وارن ڪورسن جي ڪتابن جي هيءَ افسوسناڪ حالت گهٽو ڪري، ٻاهرين خانگي پبلشرن جي سبب ٿي آهي، جيڪي رڳو گورنمينٽ کان سالياني معاوضي وٺڻ ۾ ئي دلچسپي رکن ٿا. عام راءِ اها آهي ته جيترو ممڪن ٿي سگهي اهي ڪانٽريڪٽر ڪتاب تڪڙا ۽ سستا مهيا ڪن ٿا ۽ اسٽور ڪرڻ رستي ڪتابن جي بليڪ مارڪيٽنگ ڪن ٿا. مون کي ياد ٿو اچي ته بورڊ اڳئين سال سرڪار کي لکيو هو ته اهي ريڊرز گورنمينٽ پاڻ پنهنجي پريس منجهان شايع ڪرائي. مون کي خبر ناهي ته بورڊ جي ڪتابن بابت بورڊ جي اها سفارش سرڪار تائين پهتي يا نه؟ هاڻ ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته اهو مسئلو وري به بورڊ پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي.

آءٌ چاهيان ٿو ته هيءَ خط بورڊ جي ايندڙ ميٽنگ ۾ ان مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ رکيو وڃي. مان ان راءِ جو آهيان ته جڏهن ته بورڊ کي پنهنجي پريس ۽ بڪ اسٽال به آهي ته جيڪڏهن اهو ڪر بورڊ پنهنجي هٿ ۾ کڻي سگهي، ته اهو اُتي وڌيڪ بهتر نموني سان ٿي سگهي ٿو.

توهان جو مخلص
جي. ايم. سيد

*

ڪراچي
15-6-1953ع

محترم جناب شاهه صاحب

السلام عليڪم:

سنڌي پرائمري اسڪولن جي سنڌي ڪتابن جي طباعت ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ٿيل خط جون به ڪاپيون خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان. مهرباني ڪري هن خط کي پڙهڻ کان پوءِ جي مناسب سمجهو ته ان جي هڪ ڪاپي صحيح ڪري مون ڏانهن ترت رواني ڪندا ته جيئن هن سوال کي بورڊ جي آئينده ميٽنگ ۾ پيش ڪري سگهجي.

ڪلهوڙن جي تاريخ متعلق فارسي ۽ قلمي ڪتاب جي باري ۾ خوشخبري هيءَ آهي ته ڪنهن خاص ذريعي معرفت ان جي نقل ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو اٿر ۽ اميد آهي ته اهو سمورو ڪتاب 15 ڏينهن کن جي عرصي ۾ آسان کي نقل ملي ويندو. اهڙيءَ صورتحال پيدا ٿيڻ ڪري مناسب نه ڄاتم ته انهيءَ معاملي ۾ ڪو ٻيو وڌيڪ قدم کڻجي.

بورڊ جي ميٽنگ اميد آهي ته جولاءِ جي پهرئين هفتي ۾ ٿي رهي آهي.

زياده خير- والسلام
اوهان جو
محمد ابراهيم جويو

*

16-6-53

محبير ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم: خط پهتو، ليٽر صحيح ڪري موڪليان ٿو، ڪتاب "سنڌ جا مسائل ۽ عوامي محاذ" ڏسي پورو ڪيو هجيئي ته ڪنهن جي هٿان موڪلي ڏي.

بورڊ جي ميٽنگ ٿي سگهي ته جولاءِ جي ٻئي هفتي ۾ ڪوٺائج.
اميد ته خوش هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

شامل ليٽر جو جواب ٽائپ ڪري، صحيح ڪري، اسيمبلي آفيس ۾ ڏيئي ڇڏج. اسيمبلي ميمبرن وٽ سنڌ آفيشل گزيٽ ايندڙ آهي. ٻين سهڻي وٽ اڇي ٿي، مون وٽ ڪانه ٿي اڇي، سو اِتي آفيس ۾ چئج ته موڪلڻ جو انتظام ڪن.

*

ڪراچي
1-11-1955

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم: 12 پائنٽ ٽائيپ جي ٻدران ڪتاب جي ڇپائي 14 پائنٽ ۾ ٿيندي، تنهنڪري 200

صفحن تي تخمينو شايد وڌي 230 صفحن تائين وڃي پهچي. هونئن به کجهه کاغذ وڌيڪ ونڊو ٿي هو. سو 23x18 سائيز (سنگل) ريم 60 خريد ڪجن ته بهتر. سڀ ريمن تي في ريم 6-2-17 روپين جي حساب سان جملي رقم 60-1029 روپيا مون وٽ آهي، باقي 0-6-129 هن بل بابت ۽ پنج روپيا وڌيڪ گدام مان کاغذ کڻائي الوحيد تائين آڻڻ لاءِ مزوريءَ جا، جملي 0-6-134، مهرباني ڪري ڏياري امائيو. 0-6-134 مان به 56 روپيا مون وٽ آهن، باقي 0-6-78 روپيا مهرباني ڪري موڪليندا ته سياڻي کاغذ واپاريءَ کان کنيو وڃي.

کاغذ جيڪو خريد ٿا ڪريون تنهن جو نمونو به هن سان گڏ موڪليان ٿو. اوهين ڏسندا ته اهو نمونو انهيءَ اڇي کاغذ جو آهي، جو ميرانجهڙي کاغذ کان وڌيڪ پسند ڪيو هوسين.

اوهان جو
ابراهيم جويو

*

سن
30-12-55

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

امير حيدر شاهه جي شادي آچر 8 جنوري 1956ع تي مقرر ڪئي ويئي آهي. ان موقعي ۾ شرڪت ڪندا ته آءٌ ٿورائتو رهندس.

اوهان جو پرخلوص
جي. ايم. سيد

حاجي عبدالڪريم ماسٽر انڙ پور جي نوڪريءَ جي ايڪسٽينشن لاءِ ڪاغذ هيٺان سفارش سان آيل آهن. اڳوٽي لاڪ استادن مان آهي. ان ڪري ان جي مدي وڌائڻ لاءِ اتي انتظام ڪرائيندا.[1]

*

سن
24-6-56

محبيم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

اينڊ سيپٽمبر يا آڪٽوبر ڌاري ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ گڏيل ۽ ڌار چونڊن جي فيصلي لاءِ تجويز اينديءَ، ان بابت هڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ (انگريزي ۽ اردو ۾ ترجمو ٻه ٽيندو) گڏيل چونڊن جي فائدي ۾ لکي رهيو آهيان[2] ان لاءِ مون کي هيٺيان ڪتاب گهربل آهن سي ڪيئن ٻه ڪري هٽ ڪري يڪلم مون کي سن جي ائبريس تي موڪليندا ته مهرباني.

1. پنجاب فسادن جي انڪوائريءَ بابت جسٽس منير جي رپورٽ.
2. پريندرا ڪمار دت جو آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مقاصد ٺهراءُ جي سلسلي ۾ گڏيل چونڊن تي ٻه مکيه تقريرون (آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪاروبار مان رپورٽون)
3. جماعت اسلاميءَ طرفان تازو جدا چونڊن جي فائدي ۾ چپايل چوپڙي.

اميد ته خوش و خورم هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

*

سن
22-10-56

محبيم محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

معاف ڪجئين توکي وقت ٻه وقت تڪليف ٿي ڏجي. لاهور مان آزاد پاڪستان پارٽيءَ وارن نئين نيشنل پارٽيءَ جي مجوزه دستور العمل جون 50 ڪاپيون موڪلڻ جو واعدو ڪيو هو. ليڪن اڄ تائين هڪ ڪاپي ٻه ڪاڏ موڪلي اٽن. سرڪيءَ ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمي جو ڏمو ڪنيو هو، اهو ٻه پورو ڪونه

---

(1) مٿيان جملا انگريزي ۾ موڪليل خط نما دعوت نامي جي هيٺان سنڌيءَ ۾ لکيل آهن.

(2) مٿي ذڪر ڪيل موضوع تي سيد صاحب هڪ چوپڙي "مخلوط و جداگانه انتخاب کا مسئله" لکي، جيڪا پوءِ "چونڊ سياسي مضمون" ڪتاب ۾ شامل ڪئي ويئي.

ٿيو. 27 تاريخ پارٽيءَ جي ميٽنگ آهي. آءٌ گهر ۾ بي چاڪائي هئڻ ڪري 27 تاريخ ٻاهران ئي حيدرآباد وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. هتي مون وٽ هڪ به ڪاپي دستور العمل جي ڪانهي. مهرباني ڪري گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪاپيون ساري دستور العمل جون ڪرائي، ڪنهن ميٽنگ تي ايندڙ ماڻهو هٿ اهي ڪاپيون ڏياري موڪليندا، نه ته جيتوڻيڪ دستور العمل تي غور ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندا سون پر هڪ ڪاپي به سامهون نه هوندي.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

*

2-12-1956
آفيس سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ (انگريزي)
ڪراچي

منهنجا پيارا سيد صاحب

اوهان کي معلوم آهي ته مولانا غلام رسول مهر اڄ ڪلهه بورڊ جي "تاريخ سنڌ رتا" جي ٻن حصن (ڪلهوڑا ۽ تالپر دور) لکڻ ۾ مصروف آهي. مولانا صاحب پاران ڪلهوڑا دور تي ڪم اڳ ئي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ اهو سندن نظرثانيءَ هيٺ آهي. انهن ڪتابن تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾، بورڊ مولانا مهر کي حوالن طور ڪتاب ۽ قلمي نسخا ڏنا هئا. اهو مواد وٺائڻ واپس نه ٿيو آهي. مون مولانا کي اڳواٽ ئي لکيو آهي ته هو، اوهان جي هن پيري لاهور جي دوري وقت، اهو مواد اوهان جي حوالي ڪري. اوهان کي گذارش ٿي ڪجي ته مهرباني ڪري مولانا صاحب سان رابطو ڪندا ۽ بورڊ طرفان اهو عملي مخطوطن وارو مواد حاصل ڪري ڪراچيءَ ڪنيو اڇجو. مواد جي اهميت پريي ۽ نايابَ هئڻ جي مدنظر ان جي حفاظت کي يقيني بنائڻ لاءِ، اهو طريقئه ڪار، مولانا مهر پاران سڌيءَ طرح ٽپال ۾ يا ريل پارسل رستي موڪلڻ کان وڌيڪ بهتر سمجهجي ٿو.

نيڪ تمنائن سان
اوهان جو مخلص
محمد ابراهيم جويو
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ

24 جنوري 1957ع
محترم سيد صاحب
السلام عليڪم:

بورڊ جي گرانٽن متعلق جيڪي ڪاغذ لاهور موڪليل آهن، تن جون ڪاپيون هن لفافي ۾ موڪليان ٿو. گرانٽ ٻن قسمن جو آهي: سالياني گرانٽ هڪ لک روپين جو، ۽ ٻيو هڪ سماهي گرانٽ ڏهن لکن جو، مهرباني ڪري انهن گرانٽن جي پوئواري ڪندا.

اميد ته اوهين هر طرح خيريت سان هوندا.

اوهان جو،
محمد ابراهيم

*

سن
20-4-57
محبيبر ميان محمد ابراهيم
السلام عليڪم:

هڪ خط حيدرآباد ائبريس تي موڪليو اٿر جو اميد ته پهتو هوندو، جنهن ۾ دنيا جي امن ڪانفرنس لاءِ نالا ڏنل آهن جي اهو خط اڃا نه موڪليو هجيئي ته ان ۾ وڌيڪ ميران محمد شاهه ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جا نالا هنن کان پڇي ڏيئي ڇڏج.

اميد ته خوش و خورم هوندين.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

*

23 اپريل 1957ع
محترم سيد صاحب

اوهان جو حيدرآباد جي ائبريس تي موڪليل خط ۽ پٽ هتي ڪراچيءَ جي ائبريس تي موڪليل نوازش نامو، ٻيئي مليم.

اڄ حڪم مطابق خط ٽائيپ ڪرائي، ايئرميل ذريعي برلن روانو ڪيو اٿر. ان جي ڪاپي، ۽ اُتان آيل اصل خط هن سان گڏ موڪليان ٿو.

اسين پنهنجي آفيس سپاٽي 24- تاريخ هن بلڊنگ مان ڪٽي، 'آگي قلم پريس' ۾ ڏيڍ مهيني لاءِ وڃي ويهنداسين. گهٽو فرنيچر، ڪتاب ۽ ٻيو سامان هتي

ئي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري رکي چڏيو اٿئون. وري شايد 15 جون جي موڪي هن بلڊنگ ۾ اچڻ ٿيندو.[1]

آءٌ پهرين تاريخ مئي جي حيدرآباد ويندس، جتان اٺين تاريخ واپس موٽندس. ڏهين مئي جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکي اٿر. اميد ته اها تاريخ اوهان کي سهوليت پري معلوم ٿيندي.

حسام الدين اڃ ڳوڻان هتي پهتو آهي، ايا مون سان مليو نه آهي. البت ڳوڻان لکي موڪليو هئائين ته هاڻ اسان کي پنهنجي آفيس لاءِ هڪ سرڪاري بلڊنگ تي پاڙڻ نه گهرجي. پنهنجي ڪا جڳهه مسواڙ تي هٽ ڪري، اُتي پنهنجو ڪو ڪاٽو قائم ڪرڻ گهرجي.

ميٽنگ ۾ اُن سلسلي تي به پاڻيهي ڪاميٽي ويچار ڪندي، آءٌ نهايت خيريت سان آهيان.

اميد ته اوهان جي صحت بحال هوندي، ۽ هر طرح خيريت سان آهيو.

اوهان جو

محمد ابراهيم

14- جنوري 1958ع *

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم:

روبرو عرض ڪيو هوم ۽ اوهان واعدو ڪيو هو ته سن پهچي، پنهنجي سوانح تي لکيل اردو ڪتابڙي[2] جي ڪاپي ڏياري موڪليندا. "مهراڻ" جو سوانح نمبر شايع ٿيڻ تي اچي ٻيٺو آهي؛ ان ۾ اوهان جي سوانح جو شامل ٿيڻ نهايت مناسب ۽ ضروري آهي. مهرباني ڪري انهيءَ ڪتابڙي جي هڪ ڪاپي ٻيءَ سموريءَ معلومات سميت جيڪا انهيءَ سلسلي ۾ اوهان ڏيڻ گهرو، ڏينهن ٻن ۾ ڏياري موڪلينداً ته انهيءَ مواد جي بنياد تي مضمون تيار ڪري "سوانح نمبر" ۾ شامل ڪرائي سگهان.

اميد ته اوهين هر طرح بخيريت هوندا.

اوهان جو

محمد ابراهيم

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي

*

13- مارچ، 1958ع

محترم سائين،

السلام عليڪم:

هن سان گڏ بورڊ جي عمارتن جي سلسلي ۾ جيڪو خط ڊي.پي.آءِ، لاهور، ڏانهن لکيو اٿر، تنهن جو نقل اوهان جي مطالعي لاءِ موڪليان ٿو.

هن خط ۾ هيٺيون ڳالهيون لکيون اٿر:

1. بورڊ ڏهن ايڪڙن جي زمين، سنڌ يونيورسٽيءَ کان حاصل ڪئي آهي.

2. عمارتن جي ڪل خرچ 20 لک روپيا لڳندو.

3. تعمير جملي 3 سال ڪائيندي.

4. تعمير جي پهرئين مرحلي لاءِ گورنمينٽ بورڊ کي ڏهه لک روپيا هن سال ڏئي، ۽ باقي رقم ٻن سالن ۾ منظور ڪري.

5. ڪهڙيون ڪهڙيون عمارتون ۽ ڪهڙن ڪهڙن مقصدن لاءِ، ۽ ڪيتريءَ وسعت واريون، بورڊ کي تعمير ڪرائڻيون آهن، انهن جو مختصر تفصيل.

مهرباني ڪري، هن ڪم جي مناسب پوئواري ڪندا. واجب ڄاڻو ته هيءُ خط پنهنجي صحيح سان، وڏي وزير کي ڏيندا.

اوهان جو،

محمد ابراهيم

*

---

[1] بغداد پئڪٽ (جنهن ۾ برطانيه، فرانس پاڪستان ۽ آمريڪا شامل هئا) جي سلسلي ۾ فارين منسٽرس جي ميٽنگ سنڌ اسيمبلي بلڊنگ (اين.جي.وي هاءِ اسڪول ڪراچي، جتي ڊائريڪٽر آف ايجيوڪيشن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون پڻ هُيون) ۾ ٿيڻي هئي. ان ميٽنگ جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي جي خيال کان جويي صاحب جي اتي (بورڊ جي آفيس ۾) موجودگيءَ تي، وقت جي CID وارن کي اعتراض هئا. جن کين منع نامو ڏنو ته ميٽنگ وارا ڏينهن اتي آفيس ۾ نه اچي. ان مسئلي جي حل طور، اهو فيصلو ڪيو ويو ته ان عرصي لاءِ بورڊ جي آفيس ٻئي هنڌ منتقل ڪئي وڃي. ان سلسلي جي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻ سيد صاحب تائين پهچائي ويئي.

[2] اهو اشارو ظهير السلام جي لکيل ڪتاب "جي.ايم.سيد اور مسلم ليگ قيادت" طرف آهي. جيڪو مسلم ليگ سان اختلاف کان پوءِ لکيو ويو هو.

خط | سمراڻ

سنڌ ۽ هند جي نالیوارن ادیبن جا محترم جویي صاحب ڏانهن لکیل خطن جا عکس

J. K. BHAVNANI
B.A., LL.B.,
ADVOCATE

653A, KARANJIA HOUSE,
1ST FLOOR,
DHOBI TALAO,
BOMBAY-2.

۲۳ مئي ۱۹۵۸ع

پاڻ پیارا!

جنرل آفيس ۾ کوڙيءَ جاوڙ لڳي اٿو جو حڪيل وساري ڇڏيو اٿو. توهان مڪلي اسڪالي ڪيڙهن ۾ ڪتابن جي ڏي وٺ هلي ۽ موڪو سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ هن ڪتابن جو لطف پرايو. معراڻ مڙني جو شروعاتي نمبر پڙهي لطف پرايو. هاڻ اوهان وٽان ٻي معرباني نه ٿيندي. فقط معراڻ جو ٻيون نمبر سوڀڻ کان ۽ محروم ڪيو اٿو مزو مرون جو سبب ڏسو ڏوڪڙ، جيڏو ٽيڪ چاڙ واڙ، ليڪن اڳيئي ڪاڪ واقف ٿيڻ جو حقدار نه آهيان، جو محسوس ڪريو مناسب قدر ڪندس.

هتي ويجهراڙي ۾ پيو هو احترو سنڌي ڪتاب نه لڌو آهي سوا ۽ "چنتامڻ ڪاڻ" جيڪو ڇپيل ۽ پيوٽ جو آنند مائيي" جو ڊيل ڪارنيگي جي ڪتاب جو ترجمو نالائق پسپائي" جو ڪيو آهي. اڃا اوهان کي نه ڇڏيل جيئي نه مان ويئي مرجيان.

تاريخ ۲۵-۲۶ تي جوڻ سنڌي ساهيڙن سميلن هتي ٿي گذريو. آکل پارت سنڌ جا ساهيڙ سميلن جو تڙ جو ڏٺون. سڀڪو ڪهڙ خلاف لاڙ ڪيو ويو حاميلون جو ڏيون ويون آهن. هند-پاڪستان سنڌي ادبي سنڌيارن ساهيڙن جو چيئرمن مڪلي ڪيو ڏٺن سڀڪو ڪارڪردگي جو اسوال جلد اوهان ڏانهن

موڪليو ويندو. تنهنڪري وڃ ۾ موڪلي معرفت سري جنر ڏيندا تہ موڪلي جي هلتي ۾
ٿن سنڌي ڪاليجن لاءِ، مهراڻ جون ٻي ڪاپيون سال سال گهربيون
هجن تہ هن سال جوت پراڊڪيٽ چاهڻ لاءِ تيار آهيو. هتي جيئن
ناول ۽ ڪهاڻي مجموعن جي ڇپائي ۾ ڪافي خرچ ٿو اچي، انڪري قيمت
جيترين ڪاپيون وڌي سگهيان تہ اوڏاڪي قبول ڪندين يا ٻيو ڪجهہ.

سرڪاري سطح تي هن بابت ڪجهہ ڪيترو هلائي ويندي.
اوڏاڪي ڪجهہ خرچي تہ ٻاڻ هٿڪ ۾ ڪي موڪليندا.

وڌيڪ سلام

حسن



Book Lovers' Corner,
Dhobi Talao,
Bombay-2
30/7/1955.

پیارا دوست۔

کجھ وقت ٿیو تہ مون
اوھان ڏانھن خط لکیو ھو جنھن ۾ عرض ڪیو
ھو تہ جوتین سنڌي ساھتيہ سمیلن لاءِ" ورڪاڪي
بدپاڪستان ۾ شائع ٿيل سنڌي ادب "ڏي
ھو چگو خاصو پيپر ٿکي موڪلينداءِ۔ اميد تہ
خط اوھان کي پھتو ھوندو ۽ اوھان ان پيپر
ڪلڪ ۾ مصروف ھوندا۔

اھو پيپر جيترو جلد موڪلي
سگھيو اوترو جلد موڪلينداءِ۔ ٿورو ڪلڪ ڪھڙو
ڪري پائيندا۔

ٻيا ڪي ڪم ۽ اوھان جو احسان بدو ڪي ۽
بين ادبين کي سلام پھچائيندا۔

نياز مند
ڪوبند ماڪھن
سيڪريٽري سنڌي ساھتيہ
سمیلن ڪاميٽي، ٻمبئي۔

Book Lovers' Corner,
Dhobi Talao,
Bombay-2
2/5/1955

پیارے دوست

معافی مانگتا ہوں

اسلئے کہ فی الحال میں ایک مقدمہ میں پھنسا ہوا ہوں جس کی سنوائی ۱۰ مئی کو ہوگی اور تب تک میں بالکل فارغ ہو جاؤں گا۔ اسلئے میں آپ کی خدمت میں حاضر ہو کر آپ کے کام کو پورا کر دوں گا۔ اس وقت میں آپ کا کام کرنے سے معذور ہوں۔ اسلئے کہ مقدمہ کی تیاری میں بہت وقت صرف ہو رہا ہے۔ اور میں آپ کا کام کرنے سے قاصر ہوں۔ امید ہے کہ آپ میری مجبوری کو سمجھ کر مجھے معاف کر دیں گے۔

[illegible] میں آپ کی خدمت میں حاضر ہو جاؤں گا۔ اور آپ کا کام پورا کر دوں گا۔ اس وقت میں آپ کا کام کرنے سے معذور ہوں۔ اسلئے کہ مقدمہ کی تیاری میں بہت وقت صرف ہو رہا ہے۔ اور میں آپ کا کام کرنے سے قاصر ہوں۔ امید ہے کہ آپ میری مجبوری کو سمجھ کر مجھے معاف کر دیں گے۔



Hyderabad Sind.

20/8/1953.

محترم جناب استاد گرامی

تسلیم مزاج شریف - واضح باد کہ حسن اوکاڑوی سلام
ہوتہ ڈے ہلال پاکستان میں اسسٹنٹ ایڈیٹر ہے
حیدرآباد سے شائع ہوتا ہے۔ ہر اتوار ۱۰-۱۲
بجے دن ماہنامہ علمی بیٹھک ہوتی ہے۔ اخبار میں وقت
گھٹائے چار صفحے کئے ہوئے ہے کاغذ علمی گھٹا ہوا ہے
زیادہ تفصیل پھر دیکھ کر لکھوں گا۔

بہرحال ہر وقت [redacted] میں بے روزگاری
جو مسئلہ درپیش ہے وہ کبھی نہ کبھی رہی ہے
رہے گا۔ ہم لوگوں دن بدن تنگ ہی رہے ہیں۔
ہے وہ سخت پریشان ہی رہے ہیں۔
باوجود صلاحیتوں کے مجھے ایسا کوئی موقع میسر
نہیں آیا جس سے میں اپنی معاشی حالت
کو دو چار سال تک گذر گذ الفن صلاحیتوں کی بنا پر
بقصد پروگرام کے طور پر استعمال کر سکتا
جیسے حسن اصلاحی صورت حال ایسا زیادہ دیرینہ
ہی ہے شاید اسی لیے صلاحیتوں ہمیشہ لاوارث رہی ہے

وقت ۔ سندی کتاب گھر ہے وقت ہے۔

Sindhu Samaj, Delhi

(Regd. Under the Indian Societies Act XXI of 1860)

15, Janpath Barracks

Ref. No._____ New Delhi 21/9/ 1958

F-38, Bhagat Singh Market,
New Delhi, September 21, 1958

پيارا ابراهيم -

تنهنجي قرباڻي خط لاءِ مهرباني - "چچ نامو" پرت ڇپڻ گهڻي مدد ڪندو.
اميد ته مهراڻ جو ٻارهون پرچو جلدئي ملندم - آگسٽ پرچو 1987ع ۾ ڇپيو
صورت ۾ شايد ڪتابي پرت موڪلي سگهان - اسان ماڻهو اڳرا جلدئي ڏسڻ چاهيون ٿا
[illegible] ڪرڻ ۾ گهڻا ڏينهن لڳي ويندا - مگر سڀئين مٽ ضرور نه ڪجن
[illegible] ڪي اميد -

ستر خطيب ڪي سچا ٿاڻ - بهتي سال ٿيا ته سائٽس خط ڪتابت
ڪري هئي - ڪيس خط ڪيو اٿم ته ڪجهه قسم جو مواد ڪيسيس ۽ ڪيس تا ڇپيو
ڇيو اٿم ته سندي ادب کي سنڌس انتخاب ۾ مناسب جڳهه ملڻ گهرجي -
سنڌس جواب اڃا ڪين ڏنو آهي ڪهاڻين (انهي طرف جون) جو ترجمو
موڪلي ڏيندس - دلچسپ هوندو -

ڪهاڻين جو ڪتاب اميد ته جلدئي شايع ڪرائيو - به هزار ڇاپيون
ڇپرائڻ ڇاپي ڏيو - انهي طرف جي انتخاب بابت پنهنجي راءِ ڪاڻ واقف ڪجو -
اڃا ڪل پنج ڇهه ڪهاڻيون اتان جون شامل ڪندس - ڪتاب انهي طرف هلندو؟

لوڪي اخبارن ۾ چيلي ڇپائين جي ڪاپي ملي موڪلينڊس ۽ اڪثر ٻڌ
شايع ٿيندڙ ڇاپيون موڪلينڊس. دلچسپ ڳالهه. ڪهڙي به ادبي مرڪز ۾
اهڙن ڇاپين جهڙي دلچسپي پيدا ٿي آهي - ڪهڙي به ڪنهن ڪتاب ٻڌ
چاپي رهيو آهي - اميد اٿم ته بنگالي ڪهڙ ٻڌ چاپيندس -

منهنجي ٻڌي ڪتاب بنسبت تنهنجي صالح مسلڪ جي ڪوڏي ضرورت
آهي - موڪلڻ ۾ دير نه ڪج - اهڙي لسٽ Bibliography
چاڙهڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳندا - ماڻ ڪٽڻ ڪمن ۾ مشغول رهڻ ڪري ڏينهن ڏينهن
مرڻ پيو ٿري - زماني تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي - هڪڙو ڪتاب ٻڌڻ
جو ڏوهه ٻڌو اٿم - هن ملڪ [illegible]
ٽيندا ۽ ٽئين درجي جي نيشنل ورڻ ۾ ٻڌڻ [illegible]
وڏو اٿم مگر البت سست آهيان ۽ مجبوريون ٻڌڻ آهن -

تنهنجي جوشمر دل لائي پڙهندس ميٽ ڪي ڏيئي شعر
سمجهڻ ۾ البت ڏڍ آهيان - مگر اڳتي جوان ڏينهن ۾ جو
شاعرانه پيغام موڪلين ته سمجهڻ منهنجو فرض آهي - ڪهڙ جيلي جي
تواريخ باب ٻڌي اول موڪلينڊس - موڪلي آهي ڪتاب باب
ٻڌو آهي - شيخ ايازڪٽ آهي - سوڀي جي ٻهرين ڇاپي ڏاڍي
ضرورت آهي - سنڌس ڇاپي ڪان سواءِ هي ڪتاب ٻسو ڪٿي ٻڌو -
اميد ته مزي ۾ آهين - وڌيڪ والسلام -

حشو



محترم بوبو صاحب.

پيار ۽ عقيدن کان.

اڄ منجهن تاري ڏوهانءُ شفقت ۾ ڀريو خط ملیو.
"تو بنھ منھن متائي ڇڏيو." ڏوهان جي اهڙن اکرن موڪي پنھنجي غلطي محسوس ڪرائي ـ ته مون هي چاهيو ڇڏيو، روشنيءَ کان منھن موڙي ڇڏيم. پاڻي ڇڏيم ته منھنجي منزل ڪٿي آهي ۽ رستا ڪيڏيم ته سون کي وسيع مطالعي جي بيحد ضرورت آهي. ديپ مان ديپ جڳي. جاڻڻ ڏ ته ڪٿي لاءِ پڙهڻ سکڻ ۽ حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي. ته پوءِ ڇو سون اڏري ماداني ڪٽي ۽ پاڻ کي ڏوهان جي رهبريءَ کان محروم ڪري ڇڏيم. غفلت جي احساس بيچين ڪري ڇڏيو. سوچيم ته سڀاڻي پنھنجي گناهن جي تلافي ڪندس ۽ هزارين ارمان ڪٽي ڏوهان ڏانهن بوڙڻ لڳس. پر ڪمزور انسان هميشه پنھنجي تمنائن کي پورو به ته ڪري نه ڏو سگھي!

ڪٿي ڏينھن ڀيا ۽ زمين جي خاڪ آسمان کان
ڏوڪ ۾ هڻي.

ٻه نه آهيان. ڪجهه به نه. فقط زندگيءَ جي ڪٿن راهن ۾ پنهنجين بيپينين ڪلي پنڪ واري ڪاليجي شاگرد! پنهنجي سڄڻن فقط ٻه ڪاٽين ڪاڻ ۾ ملندڙ آهي.

توهان گذريل سال مون ڪان پيپو هو تہ ڇا مان ڪي آهيان يا مون کي گهرو افتلاف آهي؟ ان وقت مان اڃنيت جي احسان ۾ خاموش رهيو هيس. پر اڄ مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ منهنجي والدين کي ادب سان کان به دلچسپي ڪو نهي. هو نٿا چاهين تہ مان مطالبو ڪيان يا ڪجهه ڪٽان. پس سمجهو تہ لکي لکي ٻه ڪاٽين ۾ مضمون لکندڙ آهيان. ٻوجهو مون کي فخر آهي تہ ٻه ڪاٽين ۾ افسانن کان سواءِ مان مري ويندس ۽ جي نہ لکندس تہ منهنجو ساهه گهٽجي ويندو.

وري ٻڌجي رهيو آهيان لکڻ کان ٻي ڇا هيم ۽ ڪي ويندس پنهنجي ڪٿا.

مان توهان کان پنهنجي ٻه ڪاٽين ۽ اڌ رهيل ناول لاءِ هڪ ٻيٽن وٽ ٿو چاهيان. مان گهڻن ٿو تہ توهان منهنجي ادبي زندگيءَ جي تاهم رهبري ڪندا رهو

ساريان کان سريرهم، طاقت توهان ڏاري.

ساهڙ ڀام! ستارا! سڳهو ۽ سڄم سيبر ۾.

مون ڪنهن فرصت جي لمحي ۾ پاڻ وٽ اچڻ جي اجازت ڏيو.

توهانجو

جليل قاضي.

11 اپريل 6



محترم بلوچ صاحب.

نياز ۽ عقيدتون.

اهم منجهن ڪري توهانکي شفقت ڀريو خط ملیو.

"تو بنھ منھن مٺائي پٺايو" توهان جي انھن اکرن موڪي پنھنجي ننڍپي
محسوس ڪرائي ـ ته مون هي چاهريو پڙهي، روشنيءَ ڪان منھن موڙي
ڇڏيم. پڙائي پڙهيم ته منھنجي منزل ڪٿي آهي ۽ وسارو ڇڏيم ته
مون کي وسيع مطالعي جي بيحد ضرورت آهي. ديپ مان ديپ جڳي.
جاڻڻ ته ڪٿ لاءِ پڙهڻ ٻيڪڻ ۽ حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي. ته
ڀلا ڇو مون اهڙي ناداني ڪئي ۽ پاڻ کي توهان جي رهبريءَ ڪان
محروم ڪري ڇڏيم. غلطيءَ جي احساس ٻيهڻ ڪري پڙيو. سوچيم
ته سڀاڻي پنھنجي گناهن جي تلافي ڪندس ۽ هزارين ارمان ڪٿي توهان
ڏانهن دوڙندا ايندس. پر ڪمزور انسان هميشه پنھنجي تمنائن
کي پورو ڪري نه ٿو سگھي!

ڪجھ ڏينھن پيا ۽ زمين جي خاڪ آسمان ڪان
ڏور ٿي هلي.

مان سنڌ يونيورسٽي جي ڪنووڪيشن ۾ شرڪت ڪرڻ
لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو آهيان ـ ۽ پوءِ ٻڌائيندس
ته ـ

ڪجھ ات ڪيمي. ڪاڪ پرهان جي ڪجھ ٻي.

توهان جو
بلال قاضي.

۳ اپريل ۶۰ء

Muhammad Yakoob Hyderbakhsh Memon,
U.P.

MEMON MAHLA

Hyderabad ~~Sind~~ 1-10- 1951.

برادر جناب خانصاحب سید ابراهیم صاحب سلسلامت

السلام علیکم - آپ جو اتم تہ وڏي سڳوري جي کير پاڻ سان اوهان بلکل خوشي آهيو - آمين -

عرضداشت هن وقتي عرض پاڻ کي منسبي ياد گيري ڪجو -

وڌيڪ عرضداشت منسبي معنا پاڻ گيري ڏياري ڪجو اوهان بنا اڪرڻ ڪاڄ نه ڪجو -

فقط والسلام -

اوهان جو مڙني فرمانبردار خيراندیش

سيد محمد يعقوب

Bedil Masroor Badvi
B. A.
ASST: DEVELOPMENT OFFICER,
STANDARD INSURANCE CO. LTD.

Standard Bank Ltd.
JACOBABAD

Date 31-10-71

سائين

16/11/71

گذريل مهيني ، جڏهن اسانجو امتحان پڻي هليو، تڏهن خالي ڪان
موندي گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ڏکڻ سب اچڻو پيو ، اها منهنجي خوشقسمتي
هڻي جو اوهان به اڃي موجود هڻا پر افسوس اهو ٿيو جو اوهان ميٽنگ ۾ مصروف
هڻا . سڏڪري ڳالهائڻ جي گستاخي مون کان ٿي نه سگهي - آخرڪار سڪ
ساهه سان سانڊي ، ڪجهه انتظار ڪيم پر پوءِ سوچيم ، اهڙي ماحول ۾
اوهان جا پير ڇڻڻ لاءِ ڪو موقع ئي نه ملندو.

ان بعد صبح ڀيرو ڪنڊيارو اوهان جي قدمبوسي ڪرڻ آيس
پر بد قسمتيءَ سان اوهان نه ملي سگهيا. مان به چريو کي اطلاع به نه ڪري
آيس - تازو محترم شيخ حفيظ ٻڌايو ته اوهان جيڪب آباد اچو ٿا. مون
سارو ڏينهن جيڪب آباد ۾ انتظار ڪيو پر اوهان جي آمد نه ٿي، تڏهن
مان شڪارپور هليو آيس - پڻي ڏينهن دوست محمد عثمان چانڊيو ٻڌايو
ته اوهان آيا هڻا - بس هٿ مهٽيندو رهجي ويس .

قسمت ۾ ملڻ هوندو ته جلد ئي اچي نياڻ ڪندس - هن وقت
ته رمضان جو به مهينو ٿو هلي ، شايد اوهان آفيس لاءِ مقرر ٽيل ٿوري
عرصي ۾ مصروف هجو - تڏهن ئي اوهان کي عرض ڪريان ٿو ته پنهنجي
پروگرام جي ڪجهه خبر ڏيندا ته جيئن - مان سائينءَ جن وٽ اچي به سگهان .
ڪجهه ڏينهن آڳ ارباب سنڊي به آيو هو . تنهن سان پروگرام هو پر
مون کي صحت ضروري ڪم ٿي پيو . نه اچي سگهيس - اميد ته هاڻي
جلد ئي اچي قدمبوسي ڪري ويندس-

فقط-
" بيدل "

STANDARD SERVICE BY STANDARD INSURANCE

شڪارپور سنڌ
۱۹- آڪٽوبر ۲۰۰۲ع

سائين -

اوهانجو خط مليو ، احوال معلوم ڪري ڪجھ آٽٿ محسوس ٿيم . اميد ته آئندي ۾ اهڙي مهرباني ۽ جي نظر قائم رکيو ايندا.

سائين - پنهنجي سمجھ آهر درخواست ناهي موڪليان ٿو - مان سمجھان ٿو اوهان هي ڪم ضرور ڪرائي ڏيندا. منهنجي زندگي ۾ هميشه لاءِ هي احسان ڪندا. مان واقعي پاڻ ڪي حيران آهيان ته ايترو دل شڪستو ڪيئن ٿي پيو آهيان! اوهانجي خط ڪجھ ڏير ۾ ڏنو آهي . وڏي ڪجھ آرام ته هن محسوس ڪندس جڏهن اوهان هي ۽ مهرباني ڪندا .

اسانجي پبليڪيشن جي ڪتاب جو مواد ميدرآباد ويل آهي . مان پاڻ ڪتاب جي آخري مرحلن تائين پهچندس . اميد ته هن پيري ۾ جو اهڙو مون لاءِ ، هن نوڪري ۽ جي سلسلي ۾ ڇڪتو ثابت ٿيندو.

سائين مان هن دنيا ۾ اڪيلو آهيان . منهنجي پارٽ اٿو. اوهان جي شخصيت مان مون کي زندگي ۾ نڊهر رهڻ جي اميد ملندي اٿم .

اوهانجو خادم

بيدل مسروري بدوي

استاد بخاری
غریب آباد — دادو
۱۳ — ۴ — ۱۹۷۶ء

سجنی سائیں!

السلام علیکم —
امید تہ ٹیک هوندا.

تنهنجو خط پڑهي عرض ڪرڻو آهي تہ، توهان وارا پارٽي بول الائي
ڪيڏانهن ويا ڏيا؟ — جڏهن هڪ ڀيڪن ٻيا ڀيڪ ڇڏيا تہ
ان جي ڪالي آءٌ عرض ڪريان تو — جو ڏينهن ڏسي ڇڏيو.

گيت
گلابي
پارن
جا

(هن جي ڪالي ۾ لفظ گلابي هنجي طرف سان لڳي تو. يعني تہ گيت به گلابي سٽ
پارين گلابي — ۽ ڏينهن به آڳر جي آڳر تہ، به اڪر لکي احوال ڏجو ٿا
ڪٽ ڪري ڇڏيو. ڀي سال پارن جو آهين — سيئڙا ڀي ڏسي نہ سگهيو.
سڀ ڪجهہ سلامت هوندو

Qamar Zaman Rajpar
M. A. (Economics)

Phone; 68

ADDRESS:
P. O. Padidan
Disst; Nawab Shah

Date 13-11-198٥

محترمو محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سينٽرل جيل

امبيڊڪر هوسٽل لموندا

اصل عرض ته

منهنجي جيل ۾ اوهانجي طرفان ڇپايل ڪتابن پڙهڻ جو ڪافي موقعو ملي رهيو آهي جيل جي محدود وسيلن آهي علم دوست قيدين هميشه ڪوشش ڪري اوهانجي طرفان ڇپايل ڪتاب اهي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجن يا سنڌي ادبين جي ڪوپريٽو سوسائٽي طرفان منهنجي ڪري وڏي جاڳ سان شوق سان سنڌ نه مطالعو ڪيو آهي. اوهان جيڪا علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي آهي سا هميشه ياد رهندي ۽ ان لاءِ اوهين مبارڪ باد مستحق آهيو. منهنجي مٽين سياسي قيدين جو ڪافيل خيال ۽ رايو آهي ته اوهان پنهنجي سڀني ڪتابن جو هڪ هڪ سيٽ جيل جي لائبريري ۾ جمع ڪرايو ۽ هڪ سيٽ اسان قيدين جي حوالي ڪريو ته جيئن وڌ ۾ وڌ اوهان جي علم دوستي مان مستفيد ٿي سگهون ۽ ٻيا به ڪيترا ئي فيضياب ٿين.

وڌيڪ هيٺ

دعاگو

1 محمد فاضل راهو
2 قمر الزمان راجپر
3 اسلم پرويز
4 ابوبڪر زرداري
5 ٻيا —

محترم ابراهيم جويو صاحب !!

اميد ته خوشي رهندا -

تاريخ پبليڪيشن جي بهتر سالن ڏوانهن - ان الاء جڏهن هيءُ اوهان ڏانهن اوهان اسان جا بزرگ تيڪ آهيو ۽ اوهان جا ساروڻا اسان جي ادب جو اثاثو ٿيڻ گهرجي آهن - اسان تاريخ" يا اهڙوئي ڪو سلسلو شروع ڪرڻ پيا - اوهان ڀيڙهڪ ڀنڀادي ۽ اهم ساروڻا يا اوهان جي ويجهڙ رهيل عظيم ادبي شخصيت جي اسڪيچ (خاڪو) اسان جي تاريخ" جي اينڊر ۾ پڙهي ڏاڍا عنايتي ٿيندا - هڪ ويساهه آهي ته اوهان ڪاسه نه ڪنداسون جي - سواد سڌڻ ڪري ڏوهي ڏوهيئن ۾ پڙهڻ جي آس ڪري اسان ڪيڏانهن ڪاهون - اوهان جي ويجهڪ اسان جي سواد عنايت ڪري ڪاهه ته اطلاع آپ وات ڏيندا جيئن اسين اوهان جي ڪلڻ" جي ڪم سڪ ۾ ڪجهه ڪي ڪاڇون -

مياڻو هند

لوڪ لکهڪ ۽ شاعر

25.11.80

10-Secretaries Building
G.O.R-Bathisland
Quetta. Sind-

MOTI PRAKASH
Principal
THE INDIAN HIGH SCHOOL,
P. O. BOX 106, DUBAI (U. A. E.)
TEL : 470711-471004 RES : 432137

۴ ، جنوري ۔ ۸۰ع

سائين منصبا،

۽ ٻئين-ڄاڻ پيو سيڪاريا ۽ ڪوشش ڪري رهيا آهيو. ٻيهر ڪتابن جي ڇپائي ۽ سائين هدايت ڪئي هئيا؛ ڪوشش ڪجي ته ڪتاب ڇپجي ويا. ڪتابن جي ڇپائي ۾ ڪيتري دير لڳندي؟ ڪتابن جي ڇپائي جي خبر پوڻ کان پوءِ ڪتاب ڪيترن ڏينهن ۾ ڇپجي ويندا؟ ڪتابن جي ڇپائي جي خبر پوڻ کان پوءِ ڪتاب ڪيترن ڏينهن ۾ ڇپجي ويندا؟ ڪتابن جي ڇپائي جي خبر پوڻ کان پوءِ ڪتاب ڪيترن ڏينهن ۾ ڇپجي ويندا؟

- ڪتابن جي ڇپائي جي خبر پوڻ کان پوءِ ڪتاب ڪيترن ڏينهن ۾ ڇپجي ويندا؟

بمبئي، ٢-٣-٨٢ء

پيارا ابا،

ڀلي ٻڌندا سڀاڻ سڀاڻي شاديانو ٿيو. هتان اڄ صبح خط لکي ڏنائين
ڪليو هو. ڪتاب ۽ ڏوڪڙ، جيڪي ڪتاب ۾ لڪل هو، تن جا ٻڌائي
هو. سڀ خير ۽ سلامتي ۾ پهتا.

هن سال ڪنوار ۽ ڪنوار جي ٻئي ڀيڻ (ڀاءُ ٻڌندا جي ڌيءُ) صبيحه
مرڪي، اسماعيل، محرم الحرام ٻڌايا ته سڀ ڪجهه خير خوبي سان
ٿي ڪيو. ڪتاب ۾ لڪل هو، تن جا ٻڌائي هو. سڀ خير ۽ سلامتي
جيل ۾ مرڪي (١٣ جولائي) ۾ ملڻ ڪندي ٿا هلن. ڏينهن ٻارهين
(١٢) جولائي ۾ ڪنوار ۽ ڪنوار جي ٻئي ڀيڻ (ڀاءُ ٻڌندا جي ڌيءُ)
صبيحه

THE TIMES OF INDIA
TIMES HOUSE
7, BAHADURSHAH ZAFAR MARG
NEW DELHI-110002

سائين

هي خط ماڻ لچمڻ کي ملڻ ڏهاڻي ڏهاڙي ماڻ لکي رهيو آهيان. اتي اچي به ڏهاڻ سان ملي نه سگهيس ان احساس مون کي نه ڪڏهن سمهڻ ڏنو آهي، نه جاڳڻ. ڏهاڻ سان نه ڳنڍجڻ سندو نه ڏسڻ جي برابر هئو پر سائين حقيقت اها هئي جو ڏاهي طور ماڻ اڃا سڻ ادبي ۽ غير ادبي دوستن جي هٿ وس هوس ۽ منهنجي لور اتان جي خبرون ڪاڻي جي نگاهن جو نشانو هوس جيڪي پاڇي جيان منهنجو پيڇو ڪري رهيو هئو. پوءِ به مون رات پاڻ اکائي. ظفر حسن سان ڳڏ ڏهاڻ جي در جي چانڊ تائين پهتو هوس پر نصيب سان نه ڏنو.

ڏهاڻ جا تحفا مون کي ملندا رهيا آهن. ڏهاڻ مون کي ياد ڪيو ٿا اسان لاءِ ايترو سنڌو ئي ڪافي آهي. ۽ جڏهن حياتيءَ جو آخري عمر حصو ڪيان ٿو. هتان جو مفصل احوال اوهان کي ڏسڻ لاءِ احمد ۽ عمر ڪاهي رهيو آهي. آئيندي رات منهنجي گهر ياڻ جي يادگار ڪچهري رهي. نثر ۽ نظم ۾ ڪجهه نيڻهن ۾ ريڙهه نياپا ڏهاڻ لاءِ ٽيپ ڪري موڪلي رهيا آهيون. ڏهاڻ اميد ته بلڪل بهار هوندا. ڏهاڻي ڪچهري

۱۸ مولائي ۸۲ع

مڑهبيد صاحب!

تنهنجي پبليڪيشنس جي پڙهڻ لاءِ اوهان جو انتظار ڪرڻ ۾ خواهش سان گڏ گهڻو وقت گذري ويو آهي. اوهان سان ملڻ، اوهان جا خيالات ٻڌڻ، اسان لاءِ يقيناً فخر جهڙي ڳالهه آهي. مان ڪنهن ڪم سبب اوهان جي ميزبان شاهه جي ۱۹ اپريل جي تاريخ کي صوبا تائين ڏيهه. انتظار ڪرڻ لاءِ آڏن ۽ تنهنجي پبليڪيشنس جي ايندڙ ڪنهن ڀيري جا ميجر حاصل ڪرڻ سون.

نياز مند
نور الحق شاهه

5/4/84

28/5/84

قابل احترام جويو صاحب

اسلام عليڪم - وڏي افسوس سان
مان اطلاع ڪرڻ گهران ٿي ته جئين
مان اڄ صبح جو ڪراچيءَ مان موٽيس
ته اچانڪ منهنجي طبيعت خراب
ٿي وئي ان ڪري جو مون آلوءَ ن
حاصله آهيان ۽ ڊاڪٽر هدايت
ڪئي آهي ته فلاڻل سفر نه ڪر-
ان ڪري مان اجوڪي محفل
۾ مان حاضري نٿي ڏيئي سگهان-
سائين کي هٿ بڏي منهنجي
غير حاضريءَ لاءِ معافي ونڊا-
حياتي آهي ته ڪنڊن جي صوبي جي
ضرور حاضري ڏينداسين -
مونکي اجوڪي پروگرام جي نه ڏيڪاريو
جو وڏو افسوس آهي - جاڪرياڻ
طبيعت سان نه ڏيو -

ادهاڻي خادم
عائده مدوتن

ڪنڊن ۾ ڪانفرنس ۽ مشاعرو ٿيڻو هو جنهن ۾ مون کي به شرڪت ڪرڻي هئي پر طبيعت خراب ٿيڻ ڪري نه وڃي سگهيس ۽ ان لاءِ معافي گهري هئي.

THE TIMES OF INDIA

سائين

هن ڪر پنهنجي فني جي نيائين سنڌو ۽
جي شاکي ۽ جو دعوت نامو موڪلي رهيو آهيان
هوڻ ڪري نٽا اچو من هيئن اچو .
منهنجو پاڻي نيارو سنڌي اسٽيج جو
برجستو فنڪار آهي ۽ آڪاسليم جي .
پن ناڪٽن - ڊوڊو-چيسر ۽ ڊولي درياڻن
۽ منهنجي ناڊڪ جلوس ۾ ادا ڪاري ۽
جو بهترين اوارڊ حاصل ڪري چڪو آهي .
ڪلاڪار ائين به حساس انسان هوندا آهن .
(شاعرن ساڻ الائي ڇو اهو ڳالهه ناهي) .
دعا ڪريو ته نيائين محفوظ هٿن ۾ رهجي .
وڏي نيائين رجني ۽ جي شادي ته
پنجن مهٿن ۾ ئي خانه آبادي ۽ مان
بدلجي خانه بربادي ٿيڻ وسئي .
ڇا ڪجي ؟ هي ۽ اسانجي عمر هاڻي روئڻ

جي ناهي، چپ چاپ سهڙ جهي آهي.
بهرحال توهان هن شاعري جي شريڪ ٿي
پاڻ کي اڇي آسيس ڪنداڻ يقين پاڻ
کي ڪ هر لوڏڻ نه ايندو.
جام ساقي جهڙي توهان ڏاڍي M.N. Roy
ٿي هڪ ڪتاب ٿو ڪيو هجي. ليو هوندو.
توهان جا پيار ڪتاب به مون وٽ محفوظ
آهن پر هر ڪي آهي ڪٽ ڪان لڳائي رهيو
آهي. مان ٿي ڪٽي ايندس، اڇي ٽيوٽ.
اڄ ماهتاب غرب ڪري توهان جي پاڻ
شيخ الياز جي تصوير موڪلي آهي،
شايد ساڻ هڪ شام "هاري ويبو" ڏسندي.
مون اها ساڻ ساڻي رکي آهي.
پاڻ ڪنداڻ پاڻ کي خوشنصيب پاڻندس
توهان لاءِ عزت ۽ ادب -
توهان جو ئي
اڇي ڪول
۲۲ نومبر ۷۹ع.

چنڊ ماڻهو ۽ اهڙي آهي جيڪي سنڌيءَ کي پنهنجي ٻولي سڏائن ٿا ۽
چئن ٿا آءُ جاڻان ۽ سمجهان ٿو، جڏهن ته حقيقت ۾ آءُ نٿو ڄاڻان.

Dept. of Lang/Ling
University of Essex
COLCHESTER CO4 3SQ
Phone (0206) 873333/
Dated 2-9-

محترم ۽ پيارا ساڻيءَ محمد ابراهيم جويو صاحب
السلام عليڪم ورحمة الله

سمجهائيندڙ هميشه وانگر پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمت ۾ رڌل
هوندا. رضيه (پنهنجي گهرواري) کي هن ۽ اهڙائي سلام آءُ آڳاه
چيڙجي چڪي پر سين ٻڌايو اٿن. ذاتي طرح آءُ سمجهائيندڙ انسان جي
سڀيبر جي باهه ۾ ٻاڦ ٿيڻ جا ڪيئي ڀيرا ڏٺل ڪوڪي جو اوهان کي
سڀاڳو ڪيف ٿو ڏين. پر اسڙي ڪا ضرورائي ڪونهي ته اوهان جي سروائي ۾ جيڪي ڪي ٿئن
اهي نهايت اهميت واري ۽ ترقي پسند فيڪر وارا هجن ۽ تنهن ڪري انسان جهڙ
سڀڙين ماڻهن کي اهائي وڏي آهي ته اوهان ان جا سروان هجندا،
تنهن ڪري خوشيءَ جو اظهار اوهائي سڀاڪ ڏيئي ڪيائين.

خبر آهي ته سنڌي ڪيبورڊ انٽرني واري منصوبي جو ڇا
ٿيو؟ پنهنجي خيال مطابق اهو وقت ڪي مناسب هٿ ۾ جهڪ اوهائي
ان انٽرني جو سروان ٻڌايو ويو هو؛ پر خبر ڪونهي ته ان تي عمل ڪرڻ جو
ايلان ڪڏهن ٿيندو يا ڪو اعلان آهي ڪ؟

آءُ هن بلڪل ٽيڪ آهيان ۽ برطانيه جي هر وقت بدلجندڙ موسم ۾
سنڌي پڙهائي جاري رکڻ آهستي آهستي پنهنجي ڪم اهميت حاصل
ڪندي رهي آهي. پر سنڌ ۾ ٽيڪنالاجي واري ٽائپ جي سنڌي ماڻهن سان
ڪيترن عقيدتن ۽ تڪراين تڪراين تبديل ٿيندڙ حالتن کان ڪاهن ڪاهن
ڪتابن کان آهن. پر لڳ ڀڳ پڙهائي ۾ تي ياڻ ٿيندڙ اڪيلائي
پنهنجي ٿ پنهنجي بنيادي پڙهائي لساني ۾ ٽيل هڻ هڻي تنهن کي ئي ايجوڊي
ڪري داخل سان گڏ ڪم بنيادي هجڻ Phonology, Syntax ۽

Socialism ۽ سڌارا ۽ سماج جي ڪنارن ڏانهن جهڪي سمت جو ياسر هميد ۽ ريپورٽ تيار
ڪئي آهي. انهن ڪمپنين دوران مون ۽ پيپر به سبوائيزر جي سربراهي ۾ مڪمل ڪيا آهن.
هڪ ليڪچرر ۽ لساني تبديلين جي ماهر آهيو، جنهن ۽ مون پاڻ سان ۽ لساني تبديلين ۽
سنڌ مسئلن بابت ۽ بحث ڪيو. هيو مضمون لساني تبديلين بابت هو. جنهن آمريڪا ۽
انگريزي لهجن ۾ ايندڙ تبديلين بابت بحث ڪيل هو. ان ۾ به مون سنڌي لهجن ۽ مختلف
آجاڙي تبديلين، لهجن ۽ ڳالهائيندڙن ۽ لکت ۾ ايندڙ گرامر تي پڻ بحث ڪيو. پهرين
مضمون کي ٻئي سوٽ ملي ۽ پوءِ ڊي جي اصل مضمون يعني سماجي لسانيات جي اصولن مطابق
مضمون ۽ لهجن ۽ ڳالهائيندڙ سنڌي ۽ جو مطالعو. ان بنياد تي هڪ ڪتاب لکڻ جو ڪم لاءِ مونکي سنڌ
اچڻ پوندو. پر ان کان اڳ مضمون پروفيسر سنڌي لهجن جي حيثيت ۽ اهميت کي سمجهندي
مونکي پاڻ سان ۽ لهجن ۽ تي ڳالهائيندڙ ۽ بالبي تي هڪ چيپٽر لکڻ جي اجازت ڏني آهي. جيڪو

۽ مونکي ڪجهه پراڻو مضمون آهي. هن تحت مان پاڻ سان ۽ اصل ڪوشي لهجن کي نظر انداز
ڪيو، پاڻ ان آڏال لهجن کي ڪهي لهجي جي حيثيت ڏني اصل لهجن جي وڏاءَ ۽ ترقي ۽ ۾ جيڪي
رڪاوٽون وڌيون هليون ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل مسئلن ۽ حل تي بحث ڪيو آهي. پر اها ۽
حقيقت آهي ته ان موضوع تي هڪ عام ڏاڍو مشڪل ٿي پر سا معلن لڳي ٿا ڪا هو هڪ سموري مواد
سهڙ ۽ آهي. اڏو ڪاپيون جيڪي ملي ٿا ان لاءِ ۽ هڪ ڪتاب جو هڪ حصو ٻاڏي انتظار ڪري رهيو آهي.
سنڌي لهجن جي تفصيلي بابت، اوهان هڪ دفعي ٻيهر ڪري سموري مواد کي ڪري ڇپائڻ جو
ارادو ڪيو. مونکي شڪ ۽ آهي ته اوها ڪو اهو ڪم ڪري سگهندا، پر مونکي هڻڙان سموري مواد
جي مطالعي جي ضرورت آهي جيڪو مضمون ڪم ڪرڻ لاءِ ڇپائيندو. مونکي خاطري آهي ته اوهان
ان سلسلي ۾ مضمون ڪم ڪندا. ان سلسلي ۾ آءُ ڊينس ڪوءِ سنڌ الاڻي اهتمام
واري کي ۽ آهي رهيو آهيان ته اوهان کي گذارش ڪري اهو سموري مواد فوٽو ڪاپي ڪرائي
موڪلي، پر مونکي اها ڄاڻ آهي ته اختياري واري مضمون ان ڪم گذارش کي ضروري اهميت
نه ڏيندا. مونکي اوهان ۾ اسا آهي جو ته اوهان اڄ تائين هميشه کي ۽ آهيو ته مونکي
هر هڪ ڪم ۾ علمي مدد ڪئي آهي. جنهن مضمون ۽ جهت اضافي ڪندي اهم مواد هن
فوٽو ڪاپيون ڪري موڪلينداٿ ته نهايت لفافي ٿيندس. جيڪڏهن اهو مواد سنڌ الاڻي
۾ رهيه ٻڌيو ته ڪو ٻيو ته اوهاني مونکي ڪري موڪلندي.
وڌيڪ عرض ته لهجن ۽ بالبي بابت مونکي اوهان جو انتظار رهندو
۽ تيز لاءِ ڪيڏ آهي. جيڪڏهن فلپ ورڪ لاءِ سنڌ اينديس، تڏهن اسا آهي ته هڪ
وقت مونکي ڏيندا ۽ اوهان جيڪي سنڌي لهجن ۽ جي بقاء جي جنگ جا آڪٿ ڪوٽا ڪاڻ
۽ سبزوار رهيا آهيو، اوهان جي ياد ۾ پاڻ کي ڪيترائي ڀاڪا ملي ويندا جيڪي هن ڪم
ڪم اهم ڪاڻي نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا.
شڪر گذار صاحب جن کي ڪجهه وقت آڳ فون ڪيو هو، جواب ڏنو ته آڪٽوبر
سنڌي جهت بابت ورڪشاپ رکيندي آهي. اسين ته ٽورسٽ هوندا. ملاقات ٿي ته
ڪيئن سلام چوندا.
اسين آهي ته پنهنجي مصروف زندگيءَ ۾ ماڻ ڪجهه وقت ڪيڏي جلدي
هوت ڏيندا.

اوهاني محبت ۽ تمنائن لاءِ دعاگو اوهاڻو پنهنجو قاسم ڪهيڙ

Phone: 479001/2376
Res: 718654

SHAH ABDUL LATIF BHITAI CHAIR
UNIVERSITY OF KARACHI

Dr. Durre-Shahwar Sayed
Director

University Road
Karachi-75270

Ref: _____ معترم چاچا ابراهيم جويو صاحب،

Date 3/3/1985

اسلام عليڪم،

عرض ته اسان لطيف چيئر طرفان هڪ Research Series جو هڪ سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون.
انهي لاءِ گذارش آهي جو تون انگريزيءَ ۾ لطيف
تي هڪ مضمون مهرباني ڪري ڪلي موڪلينداءِ.
الله بخشي لاجپر لطيف چيئر ۾ ريسرچ آفيسر
آهي، انهيءَ کي ڪم لاءِ موڪلي رهيو آهيان.
مهرباني ڪري اسانکي مايوس نه ڪندا.
مهرباني.

وسلام

درشهوار

محمد ابراهيم جوئي جو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ 5_جون 1947ع انگريزي ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ڇپائي ورهايل ڪُليل خط

مانوارا سائين!

هندستان جي ماڻهن کي، حتمي طرح، اختيارن منتقل ڪرڻ جي ڏس ۾، سرڪار نامدار جي تازي رٽا، اوهان جي اڳيان پيش ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ٻه چونڊ جا اسر اوهان جي اڳيان رکيا ويا آهن ته سنڌ جي آئيندي رياست جو آئين:

(الف) هاڻوڪي (هندستاني) آئين ساز اسيمبليءَ اندر جوڙيو وڃي، يا (ب) (پاڪستان واري) نئين ۽ الڳ رياست جي آئين ساز اسيمبليءَ اندر جوڙيو وڃي.

اوهين هينئر، قانون ساز اسيمبليءَ ۾، پوين چونڊن جي نتيجي ۾ وينا آهيو، جيڪي اٽلانٽيءَ طرح، ان بنياد تي وڙهيون ويون هيون ته پارت هڪ ڪُليل رياست (اکنڊ هندستان) هوندو يا ان ۾ هڪ ٿي وقت ۾ رياستون (پاڪستان ۽ هندستان) هونديون.

ڪانگريس يا (مسلم) ليگ، جنهن جا اوهين ڇڻ ڳايو ٿا ۽ جنهن سان اوهان جي وفاداري آهي، انهن ٻئي، پوئين تجويز (يعني هندستان کي ورهائي ۾ رياستون ٺاهيون وڃن) تي سهمت ٿيون آهن. اوهان سميت، ٻين مسلمان رياستن جي نمائندن کي هاڻي هندستاني اسيمبليءَ ۾ ڇڻي اڪثريت حاصل هوندي، انڪري، اوهان جي فيصلي کي سرڪار نامدار جي رٽا ۾ حتمي نتيجي طور شامل ڪيو ويندو.

ساڳئي وقت، جئين ته آهيو ئي آئين پسند ۽ جمهوريت پسند انڪري، اوهين پاڪستان جي تجويز جي حق ۾ فيصلو ڏيندا ئي، پر هتي سڀ کان اهم ۽ بنيادي سوال هي آهن ته پاڪستان جي تجويز ڪيل سيٽ اپ ۾، سنڌ جي سياسي حيثيت (Status) جو تعين اوهان کي ڪيئن ڪرڻ ڪپي ۽ سنڌ جي آئيندي جي رياست لاءِ آئين ڪهڙيءَ نوعيت جو هوندو جنهن جو هندستان جي اسيمبليءَ ۾، اوهان منجهان سنڌ جي چئن نمائندن کي سفارش به ڪرڻ ڪپي ۽ ان جي گهر به ڪرڻ ڪپي. سنڌ بابت اهي اهڙا سوال آهن، جن جو ڪوبه وجود ئي نه آهي ۽ جيڪي عام منظر تي آندا ئي نه ويا آهن. اها ڳالهه ڪنهن الميي کان گهٽ نه آهي ته گذريل چونڊن ۾ اهي سوال عام سنڌي ماڻهن اڳيان رکيا ئي نه ويا هئا، جنهن جي ڪري، انهن جي وضاحت جي اڄ گهرج پيش آئي آهي.

تنهنڪري، اها ڳالهه چٽي آهي ته جڏهن اهي سوال اوهان پيش ڪندا ته اهي اوهان کي ماڻهن پاران ڏنل مئنڈيٽ جي بنياد تي ملهل اختيار ۾ شامل نه هئا ۽ نه ئي وري برطانوي پارليامينٽ پاران ڏنل اوهان کي اختيار پٽاڻدر هوندا، (ڇو، اهي ڏکتا اهم ۽ بنيادي نوعيت جا ضرور آهن ته جيئن اوهين سنڌ جي آئيندي جي باري ۾ سوال اٽاريو).

اوهين نمائندا آهيو، جيتوڻيڪ 13 سيڪڙو ماڻهن جي ڏنل ووٽن جي بنياد تي ئي، انڪري اوهان منجهان اها اميد رکي سگهجي ته اوهان جو جيترو به وس آهي، اوهين انهيءَ نئين سيٽ اپ ۾، پنهنجي ماتر پومي ۽ پوڻءِ واسين جي جنمي حقن ۽ مفادن تان نه هٽ ڪندا ۽ نه ئي وري انهن ۾ ڪا گهٽتائي آڻڻ ڏيندا.

انهيءَ سلسلي ۾، گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ڪريو، جيڪا ڳالهه اوهان جي پنهنجي ماتريوميءَ ۽ پونءِ واسين لاءِ وڏيءَ اهميت واري آهي تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي هٿن تائين پهچندڙ آئين جي مسودي ۾ اهڙي شق لازمي طرح شامل ڪرايو تہ متي پيش ڪيل سوالن جي سلسلي ۾ فيصلا سڄي قوم جي منظوري ۽ توثيق سان مشروط هوندا. ساڳئي وقت، اوهان اسان کي معاف ڪجو، جي، اسين، اوهان جو ڏيان هيٺين ٽن بنيادي شين ڏانهن چڪايون:

(1) تہ تاريخي طرح، اسين، سنڌي قوم، بلڪل حق تي هونداسين، جي، هينئر ڪان ئي، اسين پنهنجيءَ خودمختيار حيثيت ۽ آزاد هستيءَ جو سفر ٻيهر شروع ڪريون، جيڪا، هڪ قوم جي حيثيت ۾، اسان رڳو هڪ صديءَ اڳ انگريزن هٿان وڃائي هئي. انکري، ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ، پاڪستان جي سڀني آئيني عضون جهڙوڪ: قانون ساز اداري ۽ ڪابينا وغيره ۾ نمائندگيءَ جي ڏس ۾، اسان کي مڙني شريڪ اڪاين جهڙو ۽ جيترو برابريءَ وارو درجو تہ ملڻ کپي. اهو ئي اهڙو اڪيلو بنياد آهي، جنهن ۾ برابريءَ ۽ آزاديءَ جا اصول سمايل آهن، جن تي هلندي، مختلف (هندستاني) مسلمان اڪاين وچ ۾ برادري ۽ پائيچارو پيدا ڪري سگهجي ٿو.

(2) تہ اسان جي ماتريوميءَ جي قدرتي ۽ اقتصادي وسيلن تي، رڳو ئي رڳو، اسان سنڌي قوم جو حق آهي؛ ۽ پنهنجيءَ ماتريوميءَ (Motherland) اندر، پنهنجيءَ رياست جي قانون سازيءَ ۽ ان جي ڪاروهنوار واريءَ مشينريءَ جي ننڍي کان ننڍي معاملي کي هلائڻ جي اسان کي مڪمل آزادي هئڻ کپي.

(3) تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي، جڏهن اسان کي، هڪ قوم طور، مجموعي طرح، آزاد زندگيءَ جي ميون کي چکڻ ۽ انهن مان مزي ماڻڻ جو موقعو ڏنو وڃي، ۽ ڏارئين استحصال کان ڇوٽڪارو ماڻيو ٿو وڃي تہ پوءِ ان کي پاڻ سان گڏ اسان جي ماڻهن لاءِ اهڙي خوشحالي آڻڻ کپي، جيڪا سندن زندگين مان هر ڪنهن گهرج، جهالت ۽ ڏپ ڏاءَ کي تڙي ڪيڙي. پهرين ٻن ڳالهين جو، پنهنجو اصلوڪو جواز [۽ پس منظر] بہ آهي، پر اهي مسلم ليگ جي پاڪستان واري ٺهراءَ مان بہ پنهنجو منطق ۽ وزن ماڻين ٿا، اوهان جي اڪثريت، ان سان، هاڻوڪي مقصد (پاڪستان جي قيام) لاءِ، پنهنجي وفاداري ظاهر ڪري ٿي. اهو ٺهراءُ آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين ۽ ضابطن واري دستاويز ۾ هن طرح بيان ڪيل آهي: "مڪمل طرح، آزاد (Independent) رياستن جي قيام لاءِ، جاگرافيائي طور هڪ ٻئي سان ڳنڊيل اڪاين ڪي، ضروري زميني ڦيرڦار وسيلي، علائقن/خطن (Regions) جي صورت، اهڙي نموني، ڏني ويندي، جو اهي علائقا، جتي مسلمان عددي اڪثريت ۾ آهن، جيئن هندستان جا اتر اولهه وارا علائقا، هڪ ٻئي سان گڏجي، مسلمانن جي آزاد قومي ماتريومين طور، آزاد رياستن جي شڪل ونڊي بيهندا، جن ۾ شامل ٿيندڙ اڪايون مڪمل طرح آزاد ۽ خودمختيار هونديون." انکري، اوهين ڏسي سگهندا تہ اهو ٺهراءُ، جنهن سان اوهين لاڳاپيل آهيو ۽ جيڪو پاڪستان جي جدوجهد جو اڪيلو بنياد رهندو پئي آيو، اهو واضح نموني ڄاڻائي ٿو تہ پاڪستان جون شريڪ اڪايون آزاد ۽ خودمختيار هونديون. اڳتي هلي، پهرين اپريل 1940ع تي هڪ اخباري بيان وسيلي، مسٽر جناح، ٺهراءَ جي انهيءَ پهلوءَ جي وڌيڪ ڇڻائي هن نموني ڪئي هئي تہ:

(الف) شريڪ اڪايون ان نموني آزاد ۽ خودمختيار هونديون] جيئن پنجاب هڪ آزاد ۽ خودمختيار اڪائي هوندي."

هرهڪ شريڪ اڪاين جي آزادي ۽ خودمختياري بہ ٽن بنيادي ڳڪتن تي ٻڌل آهي، جيڪي آهن:

(الف) سڀ شريڪ اڪايون برابر حيثيت سان وفاقيون ويندیون، جنهن جو مطلب آهي، تہ وفاقي قانونساز اداري ۽ ڪابينا وغيره ۾ سڀني شريڪ اڪاين جي هڪ جهڙي ۽ هڪ جيتري نمائندي هوندي.

(ب) هر هڪ اڪائي، پنهنجي طريقي سان ۽ پنهنجن ماڻهن لاءِ، پنهنجن قدرتي اقتصادي وسيلن کي وڌائيندي ۽ ان مان فائدو ڪڍندي؛ ۽ هر هڪ اڪائي، پنهنجن ماڻهن وسيلي، پنهنجا داخلي رياستي معاملا هلائيندي؛ ۽ اها وفاقي مرڪز جي فيصلن سان رڳو دفاع، مواصلات ۽ پرڏيهي معاملن (جي اسمن) جي ڏس

ہر پابند هوندي؛ اهو به ان حالت ۾ جڏهن، سيئي اکاين، برابريءَ جي بنياد تي، اهڙا اسر، رضاکاراڻي ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ واري انداز ۾، پنهنجن فائدن (Benefits) ۽ گڏيل مفاد (Common advantage) کي نظر ۾ رکندي، وفاق جي گڏيل انتظام ۾ ڏينديون هجن.

(ت) هر هڪ شريڪ يا وفاق ناهيندڙ اکائيءَ کي، ڪنهن به وقت، وفاق کي چڏي، ان مان ٻاهر اچڻ جو حق حاصل هوندو. ان ڏس ۾، اهڙي چونڊ لاءِ وقت جو تعين، هر هڪ شريڪ اکائيءَ جي قانون ساز اداري، شروعاتي طرح، نئين سيٽ اپ جي آغاز مهل ۽ ان کان پوءِ پهرين پنجن سالن جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ۽ پڄاڙيءَ ۾، هر ڏهن سالن کان پوءِ ڪندو رهندو. ٽين اهر ڳالهه هيءَ آهي ته ڏارين جي غلاميءَ مان چوٽڪاري وارو اعلان عام ماڻهن جي دڪ پريءَ روزاني زندگيءَ ۾ سک ۽ سلامتيءَ جو سنيهو ٿي ظاهر ٿئي. تڏهن عملي صورت ۾ پيش ٿيندي، جڏهن هينيان بنيادي جمهوري اصول، جيڪي اسلامي سياست، معاشيات ۽ اقتصاديات جي انقلابي نظرين جا مرڪزي ۽ بنيادي اصول آهن، سندن جي ايندڙ حڪومتي نظام جي آئين ۾ نمايان طرح ۽ سڌيءَ ريت داخل ڪيا ويندا:

1. اقتدار اعليٰ جا اختيار الله تعالیٰ جي منشا ۽ مرضيءَ پٽاندر ساري عوام جي هٿ ۾ آهن، اهو اختيار هو حڪومت جي سمورن قانون ساز ۽ قانون پرداز پرزن تي پنهنجي سڌيءَ طرح چونڊيل عيوضين وسيلي هلائيندا ۽ استعمال ڪندا.

2. عوام کي هيءُ دائمي ۽ ذاتي حق آهي ته اهي گڏيل فائدي خاطر سماج جو آئيني ڍانچو ڪنهن به وقت بدلائي سگهن.

3. ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت ڪرڻ انسان جو ابدي ۽ جنمي حق آهي.

4. حڪومت سماج جي هڪ سياسي نظام هئڻ جي حيثيت ۾ هر حالت ۾ هر صورت ۾ سموري عوام جي فائدي ۽ آواز تي ٻڌل هوندي.

5. زمين ۽ زمين مان پيدا ٿيندڙ دولت ۽ پاڻي بلڪل اهڙيءَ طرح عوام جي گڏيل ملڪيت آهن، جهڙيءَ طرح هوا، آس يا ٻيون اهڙيون نعمتون، جيڪي قدرت سيني جي پلي ۽ استعمال لاءِ مفت موجود ڪيون آهن، جن کي استعمال ڪرڻ ۽ جن جي مفيد ميون مان لاپ ماڻڻ لاءِ رڳو هڪ ئي برابريءَ وارو شرط آهي ته جيڪو به انهن نعمتن کي استعمال ڪرڻ ۽ منجهائن لاپ ماڻڻ لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪري، سو ئي منجهائن فيض حاصل ڪري.

6. ڪارخانن، واپار ۽ تجارت، ۽ قرض ۽ اوتر ڏيڻ جي سمورن ذريعن ۽ ادارن کي قائم ڪرڻ، هلائڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ حڪومت جي ذميواري آهي.

7. پوڙهن، معذورن ۽ بيمارن جي گذران جو بندوبست ڪرڻ، ۽ انهن تندرست شهرين کي روزگار ڏيڻ يا ٻيءَ صورت ۾ سندن گذران جو بندوبست ڪرڻ، حڪومت جو فرض آهي، ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي ته حڪومت کان اهڙي قسر جي گهر ڪري.

8. دولت ۽ فرصت ۾ اهڙيون شيون آهن، جن جي ماڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو حق رڳو محنت ۽ خدمت جي آڌار ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

9. 9 کان 14 سالن جي ڇمار تائين ٻارن جي مفت تعليم، ۽ وڌيڪ چئن سالن لاءِ مفت تعليم جو بندوبست ڪرڻ حڪومت جو فرض آهي، ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي ته هو حڪومت کان اهڙي قسر جي گهر ڪري.

10. صفائيءَ ۽ صحت جي پوري بندوبست ڪرڻ جو فرض حڪومت جي ذمي آهي.

11. سرڪاري ملازم ۽ ڪامورا عوام جا غلام ۽ خادم آهن ۽ نه انهن جا آقا ۽ مالڪ.

12. قانون جي نظر ۾ سڀ شهري برابر ۽ هڪجهڙو درجو رکن ٿا ۽ هر هڪ شهريءَ جو هيءُ حق آهي ته قانون هيٺ قائم ڪيل عدالتون ڪيس مفت، پورو ۽ ترت انصاف ڏين.

13. ٻاهرين ملڪن ۽ ڏارين قومن جي حملن کان پنهنجي ديس کي بچائڻ هر هڪ شهريءَ جو نه رڳو فرض آهي، پر هڪ بنيادي ۽ پيدائشي حق پڻ آهي.

14. تحرير ۽ تقرير جي آزادي هر هڪ شهريءَ جو بنيادي حق آهي.

15. مزدورن، پگهاردارن، خادمن ۽ هارين جي سياسي رتبي ۽ اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ ترقي

ڏيارڻ لاءِ تنظيم پيدا ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي هر حالت ۾ اجازت هوندي آهي.

16. سيني شهرين کي حڪومت پاران شخصي سلامتيءَ ۽ جسماني ايذاءَ کان حفاظت جي خاطري ۽ تسلي هئڻ گهرجي. ڪنهن به شهريءَ کي قانوني عدالت جي حڪم کان سواءِ حراست ۾ نہ رکيو ويندو.

17. هر هڪ شهريءَ لاءِ سندس گهر جي چوديواري هڪ سلامتيءَ جو قلعو آهي، جتي ڪيس کي به هيسائي يا ايذائي نٿو سگهي ۽ هر هڪ شهريءَ جي لکپڙهه ڳجهي رهندي ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي هٽ چراند نہ ڪئي ويندي.

18. سيني شهرين، عورتن توڙي مردن لاءِ، ذات پات ۽ عقيدن جي فرق کان سواءِ، شهريت جا حق به هڪجهڙا هوندا ۽ ذميوارين ۾ هڪجيترين رهنديون.

محترم صاحبو!

هيءَ حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي نہ آهي تہ ڏارين جي غلاميءَ مان چوٽڪاري ماڻڻ جو، جيڪو اٺاهه جدوجهد اسان جي عوام جي دلين ۾ هو ۽ آهي، هن اڻ مئي ۽ اجهاڳ اميد سان سلهاڙيل تہ ڪين ان حالت ۾ هڪ اهڙو وسيع ۽ موزون موقعو ملي تہ جيئن اهي هڪ بهتر، وڌيڪ سک پري ۽ وڌيڪ عزت ۽ آبروءَ واريءَ زندگيءَ گذاري سگهن. هن وقت تائين ڪين ايئن پئي ٻڌايو ويو ۽ سمجهايو ويو تہ سکي ۽ عزت واري زندگي ڪين نہ ملي سگهي ۽ ڪين غربت جي پيڙا ۽ بي عزتيءَ ۽ ذلت جي بي انت مصيبت ۾ گرفتار رکيو پئي ويو، تنهن لاءِ جوابدار يا انگريز سرڪار آهي يا مسلمانن جي حالت ۾ "ڪافر" هندو ۽ هندن جي حالت ۾ "ملينچ" مسلمان هئا. اهڙا سهنجا سولا خيالي بوتا ۽ پتلا جن تي هيل تائين سمورا ڏوهه پئي مڙهيا ويا ۽ جن ڪي هر وقت ۽ هر حالت ۾ پئي ننديو ويو، اڄ ڪان پوءِ ڪٽي ٻ آساني سان ۽ ترت هٽ نہ ايندا، جو عام ماڻهن، مسڪينن ۽ مظلومن جو ڏيان سندن ڏکن ۽ تڪليفن جي اصلي ۽ سچن پچن جوابدارن کان موڙي ڪن خيالي دشمنن تي ٽِڪائي سگهجي. انگريز اڄ وڃڻ لاءِ تيار وينو آهي. رڳو انتظار ۾ آهي تہ ڪڏهن ٿا اوهين پنهنجي ان ۾ سلامتي سمجهو تہ ڪين اهڙو اشارو ۽ اهڙي اجازت ڏيو.

هندو مسلم سوال گهٽ ۾ گهٽ هاڻي تہ ختم ٿيڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ جيڪو ان جي خاتمي جو حل پيش ڪيو پئي ويو، سو حل خود عمل ۾ اچي چڪو آهي. اڄ ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪٽي ٻ هتي نهندڙ پاڪستان ۾ يا هُتي هندستان ۾، ايجا ٻ اها ڪوشش ڪئي ويئي تہ هندوءَ کي مسلمان خلاف ۽ مسلمان کي هندوءَ خلاف اپاريو ۽ استعمال ڪيو وڃي، تہ اهو هنن ٻنهين ايجا مَس جنم ونڊڙ حڪومتن مٿان هڪ دل ڏوڏيندڙ مصيبت کي ڪليل دعوت ڏيڻ ٿيندو. هن وقت نہ رڳو ان ڳالهه جي گهرج آهي تہ هن ڪان اڳ جيڪي رڳو زباني دعوائون هيون تن کي عملي صورت ڏيئي پنهنجي اخلاص ۽ نيڪ نيتيءَ جي ثابتي پيش ڪئي وڃي، پر ساڳئي وقت اُهي سيئي جن جي هٿن ۾ اسان جي وطن ۽ غريب عوام جي قسمت جون هاڻي واڳون آهن، سي گهٽي بصيرت ۽ صحيح سياسي سمجهه ڪان ڪم وٺن ۽ اسان جي سک، سلامتيءَ ۽ امن امان لاءِ پچاڙڪي منزل ڏانهن صحيح رهبري ڪن.

محترم صاحبو!

اوهان جا غريب بي"زبان" عوامَ هنن حالتن هيٺ اوهان ۾ اهائي اميد رکن ٿا تہ اوهين پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ تي پنهنجن چئن عيوضين کي مٿين ڳالهين جي بنياد تي ڪليل لفظن ۾ فرمان (Mandate) ڏيڻ فرمائيندا، تہ جيئن جيڪي آسرا ۽ آسون اهي پاڪستان ۾ لڳايو وينا آهن، سي سندن اميدون پوريون ٿين. آسمانن وارو اوهان جي دلين ۾ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي غريب هر وطن پائرن لاءِ سندن پروسي ۽ اميدن جي عيوض، جي اهي اوهان ۾ رکيو وينا آهن، ڪا سچي خير خواهي ۽ همدردي پيدا ڪري. آمين!

- محمد ابراهيم جويو

محمد ابراهيم جويو کي منظوم پيٽا

اهڙي کا گجگوڙ اڄ، اوچا ڪکر ڪر،
جيئين ڏُٻي ڏَرِ، ڪِرن ڪوٽ ڪَلُور جا.
(شيخ اياز)

محمد ابراهيم جوئي کي منظوم پيغام

امداد حسيني

نظم

لکيو آهي هڪ ليک ليکڪ
انهيءَ ليک ۾ هُو لکي ٿو:
"مترجم محمد ابراهيم جويو"
'مترجم' چئي هُو
محمد براهيم جوئي جي ڳڻ کي به اوڳڻ ڪري ٿو
ائين جڏ ته پارس کي پٿر ڪري ٿو
ته پوءِ
اها صورتِ حال گنڀير آهي نهايت!

هتي ڳالهه ناهي
ننڍي يا وڏي جي
وڏي يا ننڍي جي
نه ڪا جونيئر جي
نه ڪا سينئر جي
اها ڳالهه آ ڳڻ اوڳڻ ڪرڻ جي
اها صورتِ حال گنڀير آهي نهايت!

'محمد براهيم جويو'
اهو شخص جنهن
هزارين لکيا لفظ آهن
لکين لفظ آهن پڙهيا
پڙهيا ۽ ڪڙهيا
۽ نه صرف
لکين لفظ آهن پڙهيا ۽ ڪڙهيا
پر انهن کي ڪيو آ دُرست
سوين ليک، آڪاڻيون، نظر جن کي
محمد براهيم جوئي ڏنو آهه روپ ۽ سروپ
ڏسڻ جي گهُري ڪو ته
'سين. الف. ب'[1] جي انهيءَ دور جا
ڪتاب ۽ رسالا ڏِسي ٿو سگهي!
انهيءَ دور ۾
جي مُهڙ ۾ رهيا
واجب القتل جيڪي ڏنا ويا قرار
۽ رهيا پو به ثابت قلم
نه ڪنهن واڪ تي خود وِڪيائون
نه گروي رکيائون قلم
انهيءَ ڏوهه ۾ جو به سَهڻو پِين سو سَنائون
انهن ۾ 'محمد براهيم جويو' به آهي!

اُهو دور جنهن ۾
اسان لاءِ ڪجهه ڪونه هو
جيڪڏهن ڪجهه به هِو
ته الزام، بهتان، دشنام هو!
سو به ڳجهه ڳوهه ۾ ڪونه هو، پر سرِعام هو!
ڳچيءَ منجهه هو طوق تعزير جو
۽ متي تي هيو چَٽُ ڪنبن سندو
پوءِ به جاري رهيو
صليبن ڏي پنهنجو سفر!

'سيو سنڌ
سيو ڊ ڪانٽينينٽ'[2]
لکيو آهه جن آگرين

---

[1] سنڌي ادبي بورڊ
[2] Save Sindh- Save the Continent.

انهن آڳرين کي چُمڻ جيڪڏهن ڪونہ چاهي
نہ چاهي پلي،
مگر
اُنهن آڳرين
کي ڪَپڻ جي گهُري ڪو
ڏئي ڪاب فتوا،
ع تهمت ڏري ڪو
ع پارس کي پٿر ڪري ڪو
تہ پوءِ
اها صورتِ حال گنڀير آهي نهايت!

لکيو آهہ هڪ ليک 'ليکڪ'
انهيءَ ليک ۾ هُو لکي ٿو:
مترجم 'محمد براهيم جويو'
اها ٿوڪ چالاءِ؟
ان لاءِ صرف
تہ 'سائين محمد براهيم جوئي'
پڙهي ع ڪڙهي
لفظ لفظ آهہ سنڌي زبان ۾ ڪيو ترجمو
ع اُن جي صِلي ۾ ڪڏهن ڪجهہ نہ چاهيو
نہ عهدو، نہ ڪرسي، نہ ڪائي رعايت
نہ دولت، نہ شهرت
اِهائي تہ ان شخص جي آهہ عظمت!
انهيءَ کان اڳر ڪنهن کي انڪار آهي
تہ پوءِ
اها صورتِ حال گنڀير آهي نهايت!

ع 'سنڌي ادبين جي سهڪاري سوسائٽي'
(اڪيلي ڇڪي جي بن اکين جو خواب سڀيان شل ٿئي!)
ع ان جا ڇپايل ڪتاب
پڙهيا ڪنهن نہ آهن
ڪڙهيا ڪنهن نہ آهن
تہ ان ڏوهہ جو پڻ ڏوهاري
'محمد براهيم جويو'
اهو ڏهن جو پورهيو
جيڪو هر دور ۾ عين آهي عبادت

اُهو جيڪڏهن ٿي وڃي 'يار امداد' تهمت،
تہ پوءِ
اها صورتِ حال گنڀير آهي نهايت!

'ع ميوزڪ لورس ڪلب'[1]
اها سنڌ جي سُر ع سنگيت کي
بچائڻ جي ڪوشش
مخالف هوا ۾
ڏِيئي مان ڏِيئي کي جلائڻ جي ڪوشش
ڏسڻ ۾ اگر لاٽ اُن جي نہ ڪنهن کي اچي ٿي
تہ اُن جرم جو آهہ مجرم
'محمد براهيم جويو'
چڏيو سڀ چڏيو، پر انهيءَ کي نہ چڏيو
انهيءَ کي لکي ليک لويو!
ع اچرج تہ اُن تي ٿئي ٿو
تہ 'سائين محمد براهيم جوئي'
ڏِيئي سان سڄي رات جاڳي جلي
نُور جن لاءِ پنهنجو نچويو
ع سِڪ جي سڳي ۾
پُسيءَ جو چندن هار پويو
پُسيءَ جو چندن هار انهن کي ئي ڳڻ ٿو ڳڇيءَ ۾ جو لڳي!

(ٻلو شل ڪري "اسلم اڪبر" جو مولا
لکيو آهہ ان ليک جو جنهن جواب
ويل بئلينسڊ[2] ع لاجواب!
محمد براهيم جويو
جڏهن سنڌ جو ڪيس اسلام آباد ۾ ٿو وڙهي
تڏهن ليک اهڙي لکڻ مان
الائي تہ کهڙو اي 'امداد'! ڪارج سَري ٿو؟
ٻيو ڪجهہ بہ اُن دوست کي آهہ ورٿو نہ سرٿو
انهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ان دوست کي ناهہ ڪرٿو
مڙئي آهہ اخبار جو پيٽ پرٿو!

---

(1) Music Lovers Club

(2) Well- balanced

زيب نظاماڻي

نظم

ڏانوڻ، ذات ۽ ڏاهو

اي ڏاها! تنهنجيءَ ڏات تي ڪانئر،
نيئر نوان ڪي وجهڻ ٿا چاهن،
تاريخ جي هڪڙيءَ اونداهيءَ ڪي،
تنهنجي نانءِ ڪرڻ ٿا چاهن،
تنهنجيءَ پريت ۽ پورهئي ڪي،
چا هي هِئن ڳڙڪائي سگهندا؟
عَلم عِلم جا ڌاهي سگهندا؟؟
تنهنجي ڏات مٽائي سگهندا؟
تنهنجو پورهيو سچ- علم آ،
تنهنجو مجرم ڪوڙ- ظلم آ،
ڏاهن جي تو ذات ڪي ڏاها!
پنهنجي قلم سان نڪاريو آ،
ڇڻ ڪنهن سنگ تراش جيان تو،
پٿر تراشي سينگاريو آ.
هڪ هاريءَ جي گهر ۾ جائين،
قلم جي هَر ڪي ڏهن سان جوڙي،
ڏاهپ جي ڏرتيءَ ڪي ڪيڙي،
بيداريءَ جا سنگَ اُپايئي،
آزاديءَ جا رنگ رچايئي!
تنهنجي هن سچ ڪي او سائين!
جنهن به سجاتو، تڏهن چيائين،
"جيئي ماتا، جيئي سنڌڙي"،
جنهن سان جڙيل سڀ جي جندڙي،
دنيا سجاڻي ها جي سچ ڪي،
مُور نه يوڳي ها هوءَ ڪچ ڪي،
تو ته نسورو سچ چيو هو،
نعرو نينهن جو خوب هنيو هو،
پنهنجي گهر ۽ ڌر لئه گڏجي،
تو اي ڏاها! هيئن چيو هو:
رنگ نئون ڪو هاڻ بچايون،
سونهن بچايون، سونهن بچايون،
من مندر ۾ منڊ مچايون،
"سنڌ بچايون، ڪنڊ بچايون!"
هاءِ اسان نه تڏهن سمجهيو هو،
جيڪو سائين اوهان چيو هو:
سنڌ تڏهن ڪان جلي رهي آ،
ڪنڊ ۾ آڳ به ٻري رهي آ.
سنڌ ۾ ڏاڙا، ڪاروڪاري،
اغوائون ۽ مارو ماري،
سينڌ سنڌوءَ جي لڏڻ واري:
واري واري، زاري زاري!
سنڌ سُڪي پئي، سنڌ اُجي آ،
ڳالهه اهائي تو ته لکي آ.
ترقيءَ جي اڄ اوڙ ۾ آمر
سنڌ سُڪائي، سنڌ جلائي،
ٻئمن جا راڪاس اُڏائي،
سنڌ جا سڀ آثار مٽائي،
ٺڪر پٽر جا ڊير بنائي،
ڏاڏا ڏک ڏين ٿا توکي:
تنهنجا سانگي جهانگي ماروں،
بک وگهي بي موت مرن ٿا،
پنهنجا پنهنجا ڏس پچن ٿا.
آمريءَ جي دڙي مٽان ڏس،
اڇڙي ٽر جي ڇڙي مٽان ڏس!
مڪيءَ جي ڊنڊ مُنهن پٽيو ٿي،
جمڙائوءَ جي جيءُ جليو ٿي،
منچر ڪينجهر روئي روئي،
دنيا ڪي ٿي روز ٻڌايو:
تو به اهوئي سور سٽايو،
تنهنجو ڀر آواز تڏهن ڪان،
ڪنهن نه ڪنايو، ڪنهن نه ڪنايو.
هي ڪنڊ تڏهن ڪان اڄ تائين،
جنگ جي اوڙ ۾ جليو آهي،



غلام محمد "غازي"

محمد ابراهيم جويي لاءِ

سَو سالن جو پوڙهو ماڻهو آهي اڄ ٻه جَوان،
سوچي وينو لوچي وينو هي ڏاهو انسان.

هٿڙا جوڙي عرض ڪري ٿو لکجو پڙهجو اوهان
علم سنري جنهن واٽ ورتي آ، تنهن جو وڏيو مَانُ

ڪيئي ڪتابن جو هي ليکڪ، جوڙيا جام ادارا،
ڪهڙي ڳالهه ڪيان مان هن جي، اعليٰ آهي شان.

هن جو ڪل مڪي چهرو سَچ پچ مرڪي وينو سڀ سان،
مون ٻه ڏٺو آ وينو ورهائي، هي خوشين جو دان.

ڪين رکي ٿو ڪلفت ڪنهن سان، پل جان جاچي ڪوئي
هن جي سامهون هوندو آهي، الفت جو گل دان

جيئي شال صديون ير"غازي" کوڙ خوشيون هي ماڻي،
قوم جي خاطر چا ته گڏي ٿو سهڻو هي سامان.

قرتيءَ کي مانيءَ جي بدران،
بُکَ بارود جو ملیو آهي-
روز ٿا ميزائيل بنائن،
انسانيت جو نانءُ مٽائن،
ڪنڌ سڄي کي ڏاهڻ چاهن،
ماڻهوءَ- امن اڏائڻ چاهن.
تنهنجو سڄ سگهارو سائين،
اڄ جو آهي، ڪاله ٻه سو هو،
پر ڪنهن ڪونہ اُهو پرکيو هو!
ڪوڙا پاڻ لڄائن وينا-
تنهنجو نانءُ گهٽائن وينا،
تولا تولا پاڻ ۾ ناهي،
ڪوڙا ڪالم توتي لکائي،
ڪيڏا قلم ڪار وڪامن،
انعامي اڪرامي سڏجن.
پاڻ کي ڪوٺن ادبي جوڌا،
پر هو ناهن ادبي جوڌا،
انهن جو ڪرتب ٻه اهو آ،
قلمَ کي بازار ۾ آڻي،
واڪ لڳائي، سينو تاڻي،
سڄ کي ڪوڙ بنائڻ وارا،
حق کي باطل ڪوٺڻ وارا،
وقت جي حاڪم جي هي نوڪر-
وقت انهن کي هٽندو ٽوڪر،
وڄي ويندا، ڪپجي ويندا،
پيرا تن جا لٽجي ويندا.
پر اي ڏاها، تنهنجي جوتي،
جلي رهي آ، جلندي رهندي،
جلندي رهندي، هلندي رهندي!
تو جو سڄ چيو هو ڏاها!
سڄ اهو سيني لڳ سڄ آ،
سڄ انهيءَ جو ٻارڻ مڄ آ...!
منهنجي قرتيءَ واسي سارا،
ننڍ اکهور مان جاڳي چوندا،
"سنڌ بچايو، ڪنڌ بچايو...!"
"ڪنڌ بچايو، سنڌ بچايو!"

علي آڪاش

نظم

(محمد ابراهيم جوئي لاءِ)

نولڪ موت ته ڪا شيءِ ناهي
تون ڄاڻين ٿو:
ساهن جي هيءَ مالهه ڪڏهن پي،
قِرندي رُکجي ويندي آهي،
توکي ڪا پرواهه به ناهي،
ان کان اڳ
پر،
هڪ هڪ ڪافر،
رُسي ويل هن 'محبوبا' جي
آس اويڙي،
ٽي وڻ- ويڑهي،
تنهنجو جيءَ وکوڙيو آهي.
تون چاهين ٿو هن جا هيڪر،
اگڻ اُساري،
پوجا جهڙا پير ڏسين!
هوءَ ڪٽي آ اُهو نه ڄاڻين،
ها پر جڏهن به جيءَ جهروکي،
جهاتي پائين،
ائين تون پائڻين،
بسنت رُت جي برکا وانگي،
تو ۾ ويرڻ تار وسي ٽي،
تون ته سراپا سار انهيءَ جي،
هوءَ چَوي جان آهي ۽ تون،
لار انهيءَ جي،
ڏار انهيءَ کان،
توکي ڪوبه قرار نه سائين!
نوَ ڏهاڪا هجر جي رستي،
وصل جي لال اُميد جو گهوڙو،
بنجي ڪو طوفان ڏُکيو آ،
کين رُکيو آ.
ٿر ۾ سنبران،
تو جئن ڪوبه سوار نه، جهونا!
هن وهيءَ ۾ هيءَ ڪشالو،
ڪَنڊ ڇڏين ها،
تنهائيءَ ۾ جُهڪي اڏين ها،
ڪري چوي ها:
سندءِ ڪمائي،
وئي اجائي!
پر ڪجهه آهي جنهن جي خاطر،
ويهڻ جو نه وَڙاءُ ونين ٿو،
وهر- وسوڙ هن ڏرتيءَ سان،
پنهنجو پورو وَسُ واڳين ٿو،
تون جاڳين ٿو،
سارو لوڪ سُتو پيو آهي،
جِندُ ۾ توکي ڪنهن خنجر جو،
چا لئه پاند ڪُتو پيو آهي!
وسري ويو آ،
سپ کان ڳُڻ غلاميءَ وارو،
پر ڏئي سَڻ چنڻ ٿو چاهين.
ڏاها! تنهنجو ڏيُ غضب جو،
۽ هيءُ تنهنجو وَيُ به گهرو،
هن پيريءَ ۾
سون سريکي زنجيريءَ ۾
آزاديءَ جي نالي وارو
پُتلو چاهين-
چئه تون چاهين!؟

محمد يوسف جويو

محمد ابراهيم جويو جي نانءِ

آزاد نظم

هي سڀاجهو سانجهه وند سائين
سوچي پيو:
شاهه، سچل، سامي لکي پيو
سنڌ بچايو وڏو ڪنڌ بچايو
هُو چوي پيو ۽
اسان کي دڳ لائي پيو
ٻوليءَ تي سوچي پيو
ادب تي سوچي پيو
تعليم تي سوچي پيو
۽ پوءِ ڳالهائي ٿو
سنڌي ٻوليءَ ۾
هوڪو ڏيئي ٻڌائي پيو
سنڌ بچايو، سنڌ بچايو.

اهو وڏي واکي چوي پيو
هي لکي ٿو
فلسفي تي
شاهه جي رسالي تي
سيد جي فڪر تي
سنڌ جي ذڪر تي
سوچي پيو، لکي پيو
ٽر تي، بر تي
سنڌوءَ جي سوکڙي تي
رني ڪوٽ جي ڪور تي
مور جي ٽور تي
لکي ڏارا تي
سنڌ جي تيرٿ تي
اوچي ڪيرٿر تي
هو سوچي پيو
۽ ڏاهو ڏس ڏئي پيو
سنڌ بچايو، دنيا بچايو
هن تي لکيو ماڻهن
هن کي پڙهيو ماڻهن
هن ڏک ڏٺا ۽ سور سٺا
پنهنجن جا، پراون جا
ڪونہ ڪُچيو
ڪونہ لُڇيو
هو خاموش رهيو
سوچيندو رهيو
۽ لکندو رهيو
صاف سوچ تي
سنڌ جي لوچ تي
سنڌوءَ جي موج تي
ڌرتي جي اوج تي
هُو ڳاهي پيو
ادارن کي، رسالن کي
ڪتابن کي
علم جي اڪابرن کي
سنڌ جي شاعرن کي
سگهڙن ۽ کهاڙيڪارن کي
ماڻهن جي سوچن کي
هُو بدلائي پيو
هُو ڳاهي پيو
نئون نسل، تيار ڪري پيو
هُو سوچي پيو، هُو جاڳي پيو
سيد کان پوءِ، اياز کان پوءِ
شاهه، سچل، سامي کان پوءِ
هُو لکي پيو
سنڌ منهنجي خوابن جي
آهي صدين جو آواز

اهو راز سنڌين سان سلي پيو
۽ چوي پيو
سنڌ بچايو، دنيا بچايو.

هي سؤ سالن جو پوڙهو
ايا وڙهي پيو
انتها پسندن سان
رجعت پسندن سان
ديس دروهين سان
"ڏکاريل ڏارين" سان
پيرن ۽ وڏيرن سان
صاحب لوڪن سان
خواهشن سان، مفادن سان
هُو ايا وڙهي پيو
۽ پوءِ قلم ڪٽي لکي ٿو
ڪتابن ۾
اخبارن ۾
رسالن ۾
۽ خط جي ڪاغذن تي!!
هو لکي پيو
مائٽن لاءِ، نسلن لاءِ
ايندڙ وقت لاءِ
هو ڳالهائي پيو
ملاقاتن ۾
ڪچهرين ۾
جلسن جلوسن ۾
ڪتابي ميلن تي
ڏک ڏاکڻن تي
عيد ڏهاڙن تي
سالن جي آمدن تي
وڃڻ جي آمدن تي
هو منهن ڏئي وڙهي پيو
حڪمرانن سان
فتويٰ بازن سان
"ملحد" ملن سان
...ايا وڙهي پيو

هي لکي پيو
سنڌي ٻوليءَ تي
ماءُ جي لوليءَ تي
قيد جي کوليءَ تي
هليل گوليءَ تي
هو سوچي ٿو
غريب جي بک تي
ماءُ جي ڏک تي
سوچ جي اک تي
علم جي ڏِکَ تي
سائنس جي وِکَ تي
هُو وڙهي پيو
سنڌ جي جياپي لاءِ
۽ هوڪو ڏئي چوي پيو
سنڌ بچايو، وڏو ڪنڌ بچايو.

دنيا بچايو، سنڌ بچايو
اهو وڏي واکي چوي پيو
۽ هي سڏي پيو
هنڌ سنڌ ڪي
جاڻ جند کي
ماڻڪ تي گڏ ٽيو هڪ هنڌ تي
هن آڏو دنيا بدلجي پئي
نظريا، سوچون بدلجن پيون
پر پوءِ به هي اٽل آهي
ڪالهه جيان
ڪيرٽر جبل وانگر
جهڪيو ناهي
ٽُٽو ناهي
هي پوڙهو جهور
وڙهي پيو ۽ لکي پيو
هوڪو ڏئي چوي پيو
سنڌ بچايو، دنيا بچايو
سنڌ بچايو، ڪنڌ بچايو.



محمد ايوب جوٽيجو

(سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي شان ۾)

نظم

سنڌ جو ڏاهو، سنڌ جو سائين،
جويو سائين، جويو سائين.
ناڻي تي ڪونہ وڪاڻو،
آ منڙو ماڻهو سڀ سڃاڻو،
سڄ چيو ۽ سڄ لکيائين،
جويو سائين، جويو سائين.
ڏاڍ جي آڏو ڪونہ جهڪيو،
سختين سامهون ڪونہ رُکيو،
سنڌ سان ناتو جوڙي رکيائين،
جويو سائين، جويو سائين.
ڏونگر جهڙو اٽل ماڻهو،
سنڌ تي صفا ڪنل ماڻهو،
سڄ وڏي واکي چيائين،
جويو سائين، جويو سائين.
سدائين پنهنجي موقف تي قائم،
خوش رهي سائين محمد ابراهيم،
سختيون سر تي خوب سنائين،
جويو سائين، جويو سائين.
ماڻهو منڙو سچو ماڻهو،
واعدي قول جو پڪو ماڻهو،
حق ڪڏهن ڪونہ لکايائين،
جويو سائين، جويو سائين.
علم ادب جو وڏو اکابر،
شخصيت اعليٰ ماڻهو معتبر،
"ايوب" جي آ سر جو سائين،
جويو سائين، جويو سائين.

غزل

جويو جيءَ جو جاني آ،
لکڻي جنهن جي لاثاني آ.
عمر جنهن جي وڏڙي وڏڙي،
اندر سارو جوت جواني آ.
علم ادب جو پارکو ڄاڻي،
سنڌ لاءِ ڏني جنهن قرباني آ.
تعليم کاتي ۾ به آفيسر رهيو،
خدمت خوب ڪئي انساني آ.
جويي جهڙو ڪونہ ڏسان ٿو،
ابراهيم جي ادب تي احساني آ.
سنڌ جو عاشق سيد جو ساڻي،
ناتو ٻنهين جو لافاني آ.
"ايوب" جويي جهڙا مرد ڪٽي!
اها مولا جي ته مهرباني آ.

غزل

هيرن سنلو هار آهين،
سنڌڙيءَ جو سينگار آهين.
دل ۾ اوهان کي سنڌ جي محبت،
قومپرست ڪردار آهين.
ڏرتيءَ سان ناتو اوهان جو ازلي،
ادبي محفل جو وينجهار آهين.
سنڌ دوستيءَ جو ٿبوت ڏنو تو،
سنڌين جو سدا پيار آهين.
علم ادب سان اوهان جو ناتو،
ادب جو اعليٰ شاهڪار آهين.
سنڌ سڃيءَ جو پيار اوهان سان،
"ايوب" جي دل جو دلدار آهين.

محبوب علي "محبوب" ڈيپر

محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جي شان ۾

نظم

ليکڪ ڏاهو ماڻهو مهان،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

اديب ليکڪ قوم پرستي،
جيڏي عمر تيڏي هستي،
هاڪ جنهن جي آ بستي بستي،
طبعيت هن جي عجيب الستي،
جوانن کان پي ڏس تہ جوانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

ليکڪ، اديب ڏيهي ڏاهو،
غير غاضب لاءِ بڌيو ڦاهو،
ڪندو هردم سڏ سان پيار آ هو،
اڄ تہ ٻڌايان جويو ڇا هو،
ڏاتر ڏنو ٽس اڻ ڪٽ دانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

پارکو سنڌي ٻوليءَ جو آ،
اثر امڙ جي لوليءَ جو آ،
درد چيهاڙيون چوليءَ جو آ،
شيدائي سنڌوءَ چوليءَ جو آ،
غير غاصب لاءِ بڌيو کانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

پنهنجو مٽ آ، بيشڪ پاڻ،
ڏاتر ڏني ٽس اهڙي جاڻ،
پنهنجي پرائي جي رکي سجاڻ،
ڪنهن جي نہ جيڪو ڪيي کاڻ،
شاهي ڪيو ٽس ملڪ شانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

اهو سائين ابراهيم جويو پياروں
هڪ صديءَ کي پهچڻ وارو،
ٿو پاڻ ملهائيندو اچي ياروں
دعاگو جنهن جو جڳ آ سارو،
نٿو ليي لکڻ ۾ اهڙو انسانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

ڪتاب اهڙا ڪي ٻيا پي آڻي،
ويو دنيا ۾ مانُ آ ماڻي،
هر ٻولي جي صنف خوب جاڻي،
"محبوب" پوئتي پير نہ تاڻي،
بيشڪ اهڙا ڏيپر ماڻن مانُ،
ملهايون وينو آهي ميدانُ.

كامل امداد جتوئي

ماڻهو پيارو

مالڪُ خوبين جو آ سارو،
ماڻهو سائين "جويو" پيارو،
ڏاهو سنڌ جو آهي سراسر، علم و ادب ۾ آهي قلزم،
ڪو به نہ ٿيندو هن جي برابر، ساريءَ سنڌ جو سهڻو همدم،
مهمانن کي پاڪر پائي، هن جي فطرت ۾ آ سچائي،
مهمانُ نوازي پاڻ ملهائي، تڏهن ڪندو آسپ سان چڱائي،
سنڌ جي بقا لئہ وينو سوچي، پنهنجو مَٹُ آ پنهنجو پاڻ،
ٻين جي خاطر هر دم لوچي، ڏاهپ جي آ اٽڪُٹ کاڻ،
پيار، امن آ، هِنَ جو نعرو، اَخلاقن ۾ روشن تارو.
ماڻهو سائين "جويو" پيارو، ماڻهو سائين جويو پيارو.

*

خوبيون پليون هن سائينءَ ۾ سڀ، علم جي، جا سوغات مِلي ٿس،
ماڻهو ملندا اهڙا اٽلي، ڏاڙ ڪان سا ڏات مِلي ٿس
ڏرتي، ٻولي هن کي پياري، شاد رهي آباد رهي شل،
شاهہ پٽائيءَ جي سنڌ ساري، پنهنجي ڪندو "امداد" رهي شل،
سَو سال جو آهي "جويو" جَوان، مولا ڏيندس ڏينهن اڃا پي،
سيڪو چوي ٿو ماڻهو مَهان، سين جي ٿس دعا اها پي،
پيار، محبت، الفت وارو، نينهن ۾ آهي نِٹُ نيارو،
ماڻهو سائين "جويو" پيارو. ماڻهو سائين "جويو" پيارو.

جيئون تنهنجي جند سان، مرون توسان ماءُ،
ڳوڙها ڳاڙ نہ سنڊڙي، وري ورندو واءُ،
جرکن پيون ڇنڊڙيون، تن من آهه تاءُ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءُ، سپ کي آ ساڻيهه جو.
"شيخ اياز"

سنڌ جي ثقافت ڈهاڙي تي سائين محمد ابراهيم جويو جوانن، پوڙهن ۽ ٻارڙن سان خوشيون ملهائيندي يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهي